بسم اللہ الرحمن الرحیم

احسن البیان فی تفسیر القرآن

حضرت العلام مولانا محمد ادریس ناصری

ناشر
ادارۂ خدمۃ القرآن والسنۃ
[illegible]


www.maktabah.org



بسم الله الرحمن الرحيم

إِنَّ هَٰذَا الْقُرْآنَ يَهْدِي لِلَّتِي هِيَ أَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِينَ (الاسراء)

تحقيق ۾ قرآن هدايت ڪري ٿو ان (واٽ) لاءِ جيڪا صفا سڌي آهي ۽ ايمان وارن

کي خوشخبري ڏي ٿو.

احسن البيان في تفسير القرآن

حضرت الحاج مولانا محمد ادريس ڏاهري

ناشر:
ادارهٔ خدمة القرآن والسنة
شاهپور جهانيان ضلع نوابشاهه

نالو : احسن البيان في تفسير القرآن

مفسّر: شيخ التفسير والحديث
حضرت الحاج مولانا محمّد ادريس ڏاهري
مهتمم جامعه مُحمّديه مدير ادارهٔ خدمة القران والسُنّة - شاهپور جهانيان
0244-314244 - 0300-3028840
0301-3814120 - 03342822660

تاريخ اشاعت : 2006

ڇپائيندڙ : ادارهٔ خدمة القرآن والسنّة
شاهپور جهانيان ضلع نواب شاهه سنڌ

پريس : ضياء القرآن پبليڪيشنز لاهور

زيرنگراني : صاحبزاده عاشق حسين ڏاهري
صاحبزاده حافظ احسانُ الله ڏاهري
صاحبزاده قاري محمّد اسد الله ڏاهري


ملڻ جو هنڌ

جامعه محمديه
شاهپور جهانيان ضلع نواب شاهه سنڌ

اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ (الاسراءِ)

تحقيق هيءُ قرآن هدايت ڪري ٿو ان (واٽ) لاء جيڪا صفا سڌي آهي

۽ ايمان وارن کي خوشخبري ڏي ٿو



احسن البيان

في

تفسير القرآن

مفسر:

حضرت الحاج مولانا محمد ادريس ڏاهري نقشبندي

ناشر:

اداره خدمت القرآن والسنت شاهپور جهانيان ضلع نوابشاه

Sajjad Sunder Khaskheli

کتاب جو نالو:.......... احسن البیان في التفسیر القرآن

مفسر:............... شیخ التفسیر والحدیث حضرت علامہ الحاج مولان

محمد ادریس ڈامري نقشبندي

فون:0244-314244موبائل:0334-2822660...0301-3814120

سرپرست اعلي: جامعه محمدیه

و مدیر

ادارہ خدمة القرآن والسنة شاهپور جهانیان

ناشر:............... ادارہ خدمة القرآن والسنة شاهپور جهانیان نوابشاہ

تعداد:............... هڪ هزار


هدیو:...........

ملڻ جو هنڌ:

جامعه محمدیه شاهپور جهانیان تعلقع دولت پور

ضلع نواب شاهہ

مضمونن جي فهرست


www.maktabah.org

سورة "اَلْمُمْتَحِنَةُ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن ۾ وهارڻيون آهن.

نالومبارڪ: هن سورة جو نالو هن جي آيت ع-١٠ـ جي جملـــة "فَامْتَحِنُوْهُنَّ" مان ورتل آهي ۽ ممتحنـة حَ جي زير سان ممتحنـة ح جي زبر سان ٻنهي نموني پڙهيو ويو آهي. پهرئين نموني سان پڙهڻ جي ڪري ان جي معنيٰ آهي امتحان وٺندڙ سورت، ۽ ٻئي نموني سان پڙهڻ جي ڪري ان جي معنيٰ ٿيندي امتحان ورتل سورت . (١)

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة ۾ ٻه رڪوع، تيرهن آيتون، ٽي سوءِ اٺيتاليهه "٣٤٨" ڪلما ۽ هڪ هزار پنج سوءِ ڏهه "١٥١٠" حرف آهن. (٢)

مڪيـــه آهي يا مدنيـــه؟ ابن الضريس، نحاس، ابن مردويـــه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس ڪان ۽ ابن مردويـــه حضرت ابن زبير رضي الله عنهم ڪان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مدينه منوره ۾ نازل ٿي هئي. (٣)

نزول جو زمانو: هن سورة ۾ ذڪر ڪيل واقعات ۾ چڱي طرح سمجهه ۾ اچي ٿو ته هيءَ حديبيه جي صلح ۽ مڪه مڪرمـــه جي فتح جي وچ واري عرصـــه ۾ نازل ٿي هئي.

مضمون: نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام جن جڏهن ڪنهن اهم ڪم جي لاءِ وڃڻ جو ارادو ڪندا هئا ته ان کي راز ۾ رکندا هئا ته دشمن وقت ڪان اڳي خبردار ٿي نه وڃي. پاڻ جڏهن الهي اذن جي مطابق مڪـــه مڪرمـــه کي فتح ڪرڻ جو ارادو فرمايائون ته پنهنجي معمول جي مطابق نهايت رازداريءَ ڪان ڪم ورتائون تانت مڪه مڪرمـــه جا رهاڪو ڪافر ان منصوبـه ڪان واقف ٿي ڪا جوابي ڪاروائي نه ڪري ويهن. حضرت حاطب بن ابي بلتعـــة ڪان هڪ سنگين غلطي سرزد ٿي جو ان جا ٻار ٻچا مڪـــه مڪرمـــه ۾ رهندا هئا ۽ اتي ان جو ڪو اهڙو قريبي مائٽ نه هو جيڪو انهن جي سارسنڀال لهي ها. ان جي ڪري ان مڪـــه مڪرمـــه جي رهاڪو سردارن مان هڪ سردار ڏانهن خط لکيو ۽ ان کي نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن جي ان ارادي ڪان آگاهه ڪيائين تانت اهو ان احسان جي بدلي ۾ سندس ٻارن ٻچن جو خيال رکي ان جي ان ڪردار جي ڪري الله عزوجل مومنن کي سخت تنبيـــه ڪئي آهي ته ايمان آڻڻ ڪان پوءِ اوهان جو ڪافرن سان اهڙو سلوڪ رکڻ الله عزوجل کي سخت ناپسنديده آهي اوهان پنهنجي دل جي صاف هجڻ جي ڪري انهن کي ٻه

(١) ضياءُ القرآن صـ١٨٩ـ جلد ٥ (٢) خازن صـ٥٥ـ جلد ٤ (٣) الدرالمثور صـ١٢٤ـ

صاف دل سمجهو تا پر انهن جي ڪفر انهن ڪي سهڻين صفتن ڪان صفا خالي رکيو آهي انهن جي سيني ۾ اوهان جي خلاف بغض ۽ حسد جا شعلا اڀري رهيا آهن جيڪڏهن اوهان احتياط ڪان ڪم نہ ورتو تہ اوهان پاڻ تہ تڪليف ۾ پوندؤ پر ٻين مسلمانن جي لاءِ بہ تڪليف جو باعث بڻجندؤ جيڪڏهن ڪافر اوهان تي قابض ٿي ويا تہ اوهان تي ذره برابر بہ رحم نہ ڪندا ۽ هر ممڪن ذريعي سان اوهان کي نقصان پهچائيندا. حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو اسوه حسنہ اوهان جي سامهون آهي جڏهن ان جي قريبي رشتيدارن ان جي طرفان ڏنل توحيد جي عقيدي واري دعوت کي قبول نہ ڪيو تہ پاڻ انهن ڪان مڪمل بائيڪاٽ ڪيائون اوهان کي بہ گهرجي تہ ان جي سهڻي طريقي جي پيروي ڪيو. هتي ان نڪتہ جي بہ وضاحت ڪيل آهي تہ تعلقات ڪٽڻ جو سلسلو صرف انهن ڪافرن سان آهي جيڪي اوهان سان لڙن ۽ وڙهن تا جن اوهان کي جلاوطن ڪيو آهي پر جيڪي ڪافر اوهان جي خلاف جارحيت جا مرتڪب ناهن انهن سان اهڙو مڪمل بائيڪاٽ جو حڪم ناهي. حديبيہ جي صلح ڪان پوءِ هڪ نئين صورت پيدا ٿي. حديبيہ جي صلح ۾ اهو طيءِ ٿيو تہ جيڪڏهن ڪو مسلمان مرد مڪہ مڪرمہ مان هجرت ڪري مدينہ منوره ۾ ايندو تہ ان کي واپس ڪيو ويندو پر عورتن جي متعلق ڪا صراحت نہ هئي حديبيہ جي صلح ڪان پوءِ ڪيتريون عورتون مسلمان ٿي پنهنجن ڪافرن مڙسن کي مڪہ مڪرمہ ۾ ڇڏي مدينہ منوره پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون هيون. صلح جي شرطن جي لحاظ سان ڇا انهن کي بہ واپس ڪرڻ جو حڪم هو؟ الله عزوجل ٻڌايو تہ "جڏهن ڪا عورت هجرت ڪري اوهان وٽ اچي تہ اوهان ان جي ايمان جو امتحان وٺو جيڪڏهن اها سچيءَ دل سان مومن آهي تہ ان کي واپس نہ ڪيو ڇو تہ اڄ ڪان پوءِ ڪا بہ مومن عورت ڪنهن ڪافر مرد جي نڪاح ۾ رهي نہ سگهندي اهڙي طرح ڪيترا مسلمان مومن مرد پنهنجون ڪافر عورتون مڪہ مڪرمہ ۾ ڇڏي آيا هئا انهن جي باري ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪافر عورتون بہ مسلمان مردن جي نڪاح ۾ نہ رهنديون اهي هاڻي آزاد آهن جنهن سان گهرن شادي ڪن. مڪہ مڪرمہ فتح ٿيڻ وارو هو اهو ڏينهن ظهور پذير ٿيڻ جي قريب هو جڏهن مردن وانگر عورتون ٽولن جي صورت ۾ اسلام قبول ڪنديون. ان جي ڪري الله عزوجل پنهنجي حبيب عليہ الصلواة والسلام جن کي وقت ڪان اڳي ٻڌايو تہ جڏهن مشرڪ عورتون اسلام قبول ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿين تہ هنن شرطن تي انهن جي بيعت ورتي وڃي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ اهل ڪتاب سان معاهدي جو ذڪر هو ۽ هن ۾ مشرڪن سان معاهدي جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

پڙهڻ جون برڪتون: ثعلبي پنهنجي تفسير ۾ ابن مردويه ۽ واحدي ابي بن ڪعب تائين پنهنجين سندن سان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو جنهن سورة الممتحنة پڙهي ته سڀ مومن مرد ۽ مومن عورتون قيامت جي ڏينهن ان جي لاءِ شفاعت ڪندڙ هوندا. (١)



(١) اللباب في علوم الڪتاب صـ٤٢ـ جلد ١٩

وَهِيَ ثَلَاثٌ وَّعَشْرَةُ آيَةٍ	سُوْرَةُ الْمُمْتَحِنَةِ مَدَنِيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ١٣ آيتون آهي	سورة الممتحنة مدنيه آهي	۽ ان ۾ ٻه رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪرڻ وارو آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّيْ وَعَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ تُلْقُوْنَ اِلَيْهِمْ

اي ايمان وارا! نه وٺو منهنجي دشمن ۽ پنهنجي دشمنن کي دوست اظهار ڪيو ٿا انهن ڏانهن

بِالْمَوَدَّةِ وَقَدْ كَفَرُوْا بِمَا جَآءَكُمْ مِّنَ الْحَقِّ يُخْرِجُوْنَ الرَّسُوْلَ

دوستي حالانڪ تحقيق انڪار ڪيائون ان جو جيڪو آيو اوهان وٽ حق ڪڍن پيا رسول کي

وَاِيَّاكُمْ اَنْ تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ رَبِّكُمْ ؕ اِنْ كُنْتُمْ خَرَجْتُمْ جِهَادًا فِيْ

۽ اوهان کي هن سببان جو ايمان آڻيو پيا الله، پنهنجي رب تي جيڪڏهن نڪتا آهيو اوهان جهاد لاءِ

سَبِيْلِيْ وَابْتِغَآءَ مَرْضَاتِيْ ۖ تُسِرُّوْنَ اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ

منهنجي واٽ ۾ ۽ منهنجي رضا طلب ڪرڻ جي لاءِ لڪ ۾ پيغام موڪليو پيا انهن ڏانهن دوستيءَ جو

وَاَنَا اَعْلَمُ بِمَآ اَخْفَيْتُمْ وَمَآ اَعْلَنْتُمْ ؕ وَمَنْ يَّفْعَلْهُ مِنْكُمْ

۽ مان وڌيڪ ڄاڻان ٿو جيڪي لڪايو پيا ۽ جيڪي ظاهر ڪيو پيا ۽ جيڪو ٻه ڪري ٿو اهو اوهان مان

فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ (١) اِنْ يَّثْقَفُوْكُمْ يَكُوْنُوْا لَكُمْ اَعْدَآءً

پوءِ تحقيق گمراهه ٿيو سڌي واٽ کان جيڪڏهن لهندا اوهان کي ته هوندا اوهان جا دشمن

وَّيَبْسُطُوْٓا اِلَيْكُمْ اَيْدِيَهُمْ وَاَلْسِنَتَهُمْ بِالسُّوْٓءِ وَوَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ (٢)

۽ وڌائيندا اوهان ڏانهن پنهنجا هٿ ۽ پنهنجون زبانون برائيءَ سان ۽ محبت رکن ٿا جيڪڏهن ڪافر ٿيو اوهان

لَنْ تَنْفَعَكُمْ اَرْحَامُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ ۚ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ

هر گز نفعو نه ڏينديون اوهان کي اوهان جون مائٽيون ۽ نه اوهان جو اولاد قيامت جي ڏينهن

يَفۡصِلُ بَيۡنَكُمۡ ۚ وَاللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ بَصِيۡرٌ (٣)

جدائي ڪندو اوهان ۾ ۽ الله جيڪي ڪيو ٿا ڏسندڙ آهي

تفسير

هن ڪان اڳيئن سورة ۾ اهل ڪتاب ڪافرن سان دوستيءَ جي اظهار جو بيان هو هتي مومنن کي ڪافرن سان دوستي رکڻ کان روڪيو ويو آهي.

شان نزول: هنن آيتن جي شان نزول جي متعلق مفسرن ڀلارن لکيو آهي ته بني هاشم جي خاندان مان ساره نالي هڪ عورت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت عاليه ۾ حاضر ٿي ان وقت حضور عليه الصلواة والسلام جن مڪه مڪرمه جي فتح ڪرڻ جي تياري فرمائي رهيا هئا. حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن ان کي فرمايو ته: "ڇا تون مسلمان ٿي آئي آهين؟" ان عرض ڪيو ته نه. پاڻ فرمايائونس ته "ڇا هجرت ڪري آئي آهين؟" عرض ڪيائين ته نه. پاڻ فرمايائونس ته "پوءِ ڇو آئي آهين؟" ان عرض ڪيو ته محتاجيءَ کان تنگ ٿي. پوءِ حضرت عبدالمطلب جي اولاد وارن ان جي مدد ڪئي ان کي نوان ڪپڙا پارايا ان کي سامان ڏنو. حاطب بن ابي بلتعة صحابي رضي الله ان سان مليو ان کي ڏهه دينار ۽ هڪ چادر ڏنائين ۽ ان جي معرفت مڪه مڪرمه وارن ڏانهن هڪ خط روانو ڪيائين جنهن جو مضمون هي هو ته نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن اوهان تي حملي ڪرڻ جو پروگرام بنائي رهيا آهن اوهان کان پنهنجي بچاءَ جي لاءِ جيڪا تدبير ٿي سگهي ڪري وٺو. اها ساره اهو خط کڻي رواني ٿي. الله عزوجل پنهنجي حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کي ان کان باخبر رکيو پاڻ ڪجهه اصحابن کي جن ۾ حضرت علي رضي الله عنه به شامل هو ان جي پويان موڪليائون ۽ فرمايائون ته روضه خاخ نالي مقام تي اوهان کي هڪ عورت ملندي ان وٽ اهل مڪه ڏانهن حاطب بن ابي بلتعة جو هڪ خط آهي ان کان اهو خط کسي پوءِ ان کي ڇڏي ڏيو پر جيڪڏهن ضد ڪري نه ٿي ڏي ته پوءِ ان جو ڪنڌ ڪٽي ڇڏجو اهي ڀلارا روانا ٿيا ۽ عين ان جاءِ تي ان کي پهتا جيڪا حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن ٻڌائي هئي ان کان خط گهريائون ان انڪار ڪيو ۽ قسم کڻي وئي. اصحابن سڀورن واپس ورڻ جو ارادو ڪيو پر حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه قسم کڻي فرمايو ته نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي خبر واقعي جي خلاف ٿي نه سگهندي. ائين چوڻ کان پوءِ تلوار ڪڍي ان عورت کي فرمايائين ته "يا خط ڪڍي ڏي يا ڪنڌ ڪٽائڻ قبول ڪر" جڏهن ان ڏٺو ته حضرت علي رضي الله عنه هاڻي نه مڙندو

تڏهن پنهنجن وارن جي گرن مان خط ڪڍي ڏنائين ۽ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن حاطب بن ابي بلتعــه کان پڇيو ته "اهو خط ڇو لکيو هئي؟" ان عرض ڪيو ته: يارسول الله! مون جڏهن کان ايمان آندو آهي تڏهن کان مون کو به ڪفر جو ڪم نه ڪيو آهي ۽ جڏهن کان اوهان جي نيازمندي حاصل ٿي آهي ته ڪڏهن به ڪا خيانت نه ڪئي اٿم ۽ جڏهن کان مکه مڪرمه کي ڇڏيو اٿم تڏهن کان اهل مڪه جي محبت ذهن ۾ به نه آهي پر واقعه هي آهي ته مان قريشين ۾ رهندو ته هوس پر انهن جي قوم مان نه هوس ۽ مون سان گڏ ٻيا جيڪي مهاجر آهن انهن جا مڪه مڪرمـــه ۾ مٽ مائٽ آهن جيڪي انهن جي گهر ٻار جي نگهباني ۽ نگراني ڪن ٿا مون کي پنهنجن گهر جي ڀاتين جو انديشو هو ان جي ڪري مون هي سوچيو ته مڪه مڪرمه وارن تي ڪو احسان ڪيان ته اهي منهنجي گهر جي ڀاتين کي تنگ نه ڪن ۽ مون کي اهو به يقين آهي ته الله عزوجل مڪه مڪرمه وارن تي عذاب نازل ڪرڻ وارو آهي ۽ منهنجو هي خط انهن کي بچائي نه سگهندو. نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن ان جو اهو عذر قبول ڪندي ان جي تصديق ڪرڻ فرمائي حضرت عمر رضي الله عنـه اتي عرض ڪيو ته يارسول الله! صلي الله عليـه وسلم مون کي اجازت ڏيو ته هن منافق جي سر کي ڌڙ کان ڌار ڪيان پاڻ ان کي فرمايائون ته "اي عمر! الله عزوجل هر خبر رکندڙ آهي ان تڏهن ته بدر جي جنگ ڪندڙن (اصحابن ڀلارن رضي الله عنهم) لاءِ فرمايو جيڪي وڻيوَ ڪيو مون اوهان کي بخش ڪري ڇڏيو آهي" اهو ٻڌي حضرت عمر رضي الله عنـــه جي اکين مان پاڻي وهي پيو ۽ هي آيتون نازل ٿيون. (١) مذڪوره آيتون جيتوڻيڪ حضرت حاطب بن ابي بلتعـــة رضي الله عنـــه جي متعلق نازل ٿيون پر انهن ۾ ڳالهائڻ جو رخ صرف ان ڏانهن ناهي سيني کي نصيحت ڪري اهڙي غلطي ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي جنهن سان اسلام ۽ اهل اسلام کي نقصان پهچڻ جو انديشو هجي پوءِ ان ۾ نيت ڪهڙي به هجي. رب العزة جل وعلا جو فرمان آهي "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّيْ وَعَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ" (اي ايمان وارا! منهنجي دشمنن ۽ پنهنجي دشمنن کي دوست ڪري نه وٺو) مطلب ته ڪافرن کي پنهنجو خيرخواهه ۽ دوست نه سمجهو. "تُلْقُوْنَ اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ" (انهن ڏانهن دوستيءَ جو اظهار ڪيو ٿا) مطلب ته انهن تائين انهن کي دوست بنائڻ جي لاءِ حضرت نبي ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جون راز ۾ رکڻ جهڙيون ڳالهيون پهچايو ٿا. "وَقَدْ كَفَرُوْا بِمَا جَآءَكُمْ مِّنَ الْحَقِّ" (حالانڪ تحقيق جيڪو اوهان وٽ حق آيو آهي اهي ان جو ڪفر ڪن ٿا) يعني الله جل وعلا ۽ ان جي رسول عليـــــه الصلواة والسلام ۽ ان تي نازل ڪيل

(١) خزائن العرفان سنڌي صـ٦٦١ـــ تفسير ابن ڪثير صـ٣٤٥ــ جلد ٤

ڪتاب جا اهي منڪر آهن تہ پوءِ انهن ڳالهين جي هوندي انهن کي ڪيئن تا دوست بنايوءِ انهن سان اهي راز جون ڳالهيون ڪيئن ڪيو تاجيڪي انهن کي نفعو ڏين ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي آندل دين کي نقصان ڏين. "يُخْرِجُوْنَ الرَّسُوْلَ وَاِيَّاكُمْ اَنْ تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ رَبِّكُمْ" (رسول ۽ اوهان کي ان جي ڪري ڪڍن پيا جو پنهنجي رب، الله تي ايمان آڻيو پيا) مطلب الله عزوجل جي رسول عليـــه الصلواة والسلام ۽ اوهان مومنن کي توحيد جي عقيدي ۽ الله وحده لاشريڪ لـه جي اخلاص سان عبادت ڪرڻ جي ڪري ٻئي ڪنهن ڏوهہ ۽ جرم کان سواءِ نفرت ڪندي مڪـه مڪرمـه مان ڪڍن پيا اهڙا اسباب پيدا ڪن پيا جو اتي اوهان جو رهڻ مشڪل يا ناممڪن ٿي پوي. هن ۾ انهن مومنن کي غيرت ڏياري وئي آهي جيئن اڳتي ارشاد ٿي رهيو آهي. "اِنْ كُنْتُمْ خَرَجْتُمْ جِهَادًا فِيْ سَبِيْلِيْ وَابْتِغَاءَ مَرْضَاتِيْ" (جيڪڏهن اوهان منهنجي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ ۽ منهنجي رضا جي طلب ڪرڻ لاءِ نڪتا آهيو) مطلب تہ جيڪڏهن اوهان مجاهد بنجي مون الله عزوجل جي رضا طلبيءَ لاءِ نڪتا آهيو تہ پوءِ انهن ڪافرن سان بالڪل دوستي نہ رکو. "وَمَنْ يَّفْعَلْهُ مِنْكُمْ فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ" (۽ اوهان مان جيڪو ائين ڪري ٿو پوءِ بلاشڪ اهو سڌي واٽ کان گمراهہ ٿيو آهي) مطلب تہ جيڪو ڪافرن سان دوستي رکي ٿو ۽ انهن کي راضي ڪرڻ جي لاءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جا راز انهن تائين پهچائي ٿو پوءِ اهو بالڪل حق جي واٽ، سڌي واٽ کان ڀلجي ويو آهي. ان کي الله عزوجل جي راضي ڪرڻ ۽ جنت ۾ پهچائڻ واري واٽ نہ ملي آهي. "تُسِرُّوْنَ اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ وَاَنَا اَعْلَمُ بِمَا اَخْفَيْتُمْ وَمَا اَعْلَنْتُمْ" (اوهان انهن ڏانهن لڪ ۾ دوستيءَ جو پيغام موڪليو تا حالانڪ اوهان جيڪي لڪايو تا ۽ جيڪي ظاهر ڪيو تا مان وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيان) يعني اوهان ڪيترو بہ ڳالهيون لڪايو پر مان الله عزوجل اوهان جي هر لڪل ۽ ظاهر ڳالهہ کي چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو اوهان جا ظاهر ۽ باطن سڀ منهنجي اڳيان روشن آهن. (١) "وَمَنْ يَّفْعَلْهُ مِنْكُمْ فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ" (۽ اوهان مان جيڪو بہ اهو ڪندو اهو يقينا سڌي واٽ کان گمراهہ ٿيو) ان جي گمراهہ هجڻ ۾ ڪو شڪ ناهي. "اِنْ يَّثْقَفُوْكُمْ يَكُوْنُوْا لَكُمْ اَعْدَآءً وَّيَبْسُطُوْا اِلَيْكُمْ اَيْدِيَهُمْ وَاَلْسِنَتَهُمْ بِالسُّوْءِ وَوَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ" (جيڪڏهن اوهان تي ڪنٽرول ڪري ويا تہ اوهان جا دشمن ٿيندا ۽ برائيءَ سان اوهان ڏانهن پنهنجا هٿ ۽ زبانون وڌائيندا ۽ پسند ڪن ٿا تہ اوهان ڪافر بنجو) مطلب تہ جن ڏانهن اوهان دوستيءَ جو هٿ وڌائيندي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي لڪل ۽ راز وارين ڳالهين کان انهن کي باخبر رکو ٿا انهن جي حالت اها آهي جو جيڪڏهن اهي اوهان

(١) تفسير ابن ڪثير صـ٣٣٧ـ جلد ۴

جي مٿان قابض ٿي ويندا تہ اوهان سان دوستي نباهڻ جي بجاءِ اوهان جا کليل دشمن ٿي بيهندا ۽ هٿن ۽ زبانن سان اوهان کي ايذائڻ ۾ کا بہ گهٽتائي نہ ڪندا هٿن سان اوهان تي تلوارون ۽ تير هلائيندا، زبانن سان اوهان کي گاريون ڏئي ڏؤ ڪندا اهي اصل ۾ اها ڪوشش ڪندا تہ اوهان کي ڪنهن بہ نموني ڪافر بنائي جهنم ڏانهن واصل ڪن. "لَنْ تَنْفَعَكُمْ اَرْحَامُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ" (اوهان جون مائٽيون ۽ اوهان جو اولاد (قيامت جي ڏينهن) اوهان کي هرگز فائدو نہ ڏيندا) يعني جن قرابتن ۽ مڪہ مڪرمہ ۾ رهندڙ اولاد جي ڪري اوهان ڪافرن سان محبت رکڻ جي ڪوشش ڪيو تا اهي اوهان کي ڪو بہ فائدو نہ ڏيندا. "يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَفْصِلُ بَيْنَكُمْ" (قيامت جي ڏينهن اوهان ۾ جدائي وجهندو) يعني قيامت جي ڏينهن اوهان جا اهي مائٽ مٽ اوهان کان جدا هوندا هر هڪ ٻئي کان ڀڄندڙ هوندو پوءِ انهن جي ڪري الله عزوجل کي ناراض ڇو تا ڪيو؟ (١) "وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ" (۽ جيڪي ڪيو تا الله ڏسندڙ آهي) ان کان اوهان جو ڪو بہ عمل لڪل ناهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. آيت ع ١ ـ مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل جو منڪر ۽ دشمن هر مومن جو دشمن آهي ۽ جيئن پنهنجي ذاتي ۽ مالي دشمن سان دلي دوستي ۽ محبت نہ هوندي آهي ٿيئن ڪافر سان بہ دوستي ۽ دلي تعلق رکڻ منع آهي ايمان جو دشمن ساهہ ۽ مال جي دشمن کان وڌيڪ خطرناڪ آهي مڪہ مڪرمہ جي رهاڪن حضور عليہ الصلواة والسلام جن ۽ اصحابن سڀورن رضي الله عنهم کي صرف ايمان جي ڪري اتاهين ڪڍيو هو. ٢. اهو بہ معلوم ٿيو تہ مجاهد اهو آهي جيڪو الله عزوجل جي واٽ ۾ ان جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ نڪتو هجي ان جي دل ۾ ايمان ۽ مومن سان محبت، ڪافرن ۽ ڪفر جي لاءِ دل ۾ نفرت هجي. ٣. "فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ" (پوءِ تحقيق سڌي واٽ کان گمراهہ ٿيو) هن ۾ حضرت حاطب، خط لکڻ واري کي اڻ سڌي طرح عتاب ۽ ڏوراپو آهي خيال ۾ رهي تہ ڪافر سان ان جي ڪفر واري دين جي ڪري محبت رکڻ ڪفر آهي هڪ قوم مان هجڻ جي ڪري محبت رکڻ گمراهي ۽ شخصي محبت رکڻ گناهہ آهي مذڪور لفظ "ضل" سيني کي شامل آهي. ها ڪافر اولاد سان غير اختياري ميلان قلبي جرم ناهي سيدنا حضرت نوح نبي علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جو پنهنجي پٽ ڪنعان جي لاءِ عرض ڪرڻ "اِنَّ ابْنِيْ مِنْ اَهْلِيْ" (بلاشڪ منهنجو پٽ منهنجي اهل مان آهي) ان چوٿين قسم مان هو ان جي ڪري ان تي ڪو اعتراض نہ آهي. ۴. "اِنْ يَّثْقَفُوْكُمْ

(١) الکشاف ص ـ ٩٠ ـ جلد ۴

يَكُوْنُوْا لَكُمْ اَعْدَآءً" (جيكڏهن اوهان کي لهندا ته اوهان جي لاءِ دشمن هوندا) مان معلوم ٿيو ته ڪافر مومن جا ڪڏهن به دلي دوست نه ٿيندا جڏهن به کين موقعو مليو ته مومن کي ائين هلاڪ ڪندا جيئن هٿ جو ڪير پياري پاليل نانگ کير پيارينڌ کي ڏنگ هڻي زهر سان هلاڪ ڪرڻ ۾ دير نه ڪندو آهي. (١)

قَدْ كَانَتْ لَكُمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فِيْٓ اِبْرَاهِيْمَ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ ۚ اِذْ قَالُوْا

تحقيق آهي اوهان جي لاءِ نمونو سهڻو ابراهيم ۽ انهن ۾ جيڪي ان سان گڏ هئا جڏهن چيائون

لِقَوْمِهِمْ اِنَّا بُرَآءُ مِنْكُمْ وَمِمَّا تَعْبُدُوْنَ

پنهنجي قوم کي ته بيشڪ اسين بيزار آهيون اوهان کان ۽ انهن کان جن جي عبادت ڪيو ٿا

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ كَفَرْنَا بِكُمْ وَبَدَا بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةُ وَالْبَغْضَآءُ اَبَدًا حَتّٰى

الله کان سواءِ انڪارڪيو اسان اوهان جوءِ ظاهر ٿي اسان ۽اوهان جي وچ ۾ عداوت ۽بغض هميشه تانجو

تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗٓ اِلَّا قَوْلَ اِبْرَاهِيْمَ لِاَبِيْهِ لَاَسْتَغْفِرَنَّ

ايمان آڻيوالله تي اڪيلواهو مگر ابراهيم جو چوڻ پنهنجي پيءُ لاءِ ته البت ضرورمغفرت طلب ڪندس

لَكَ وَمَآ اَمْلِكُ لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۭ رَبَّنَا عَلَيْكَ تَوَكَّلْنَا

تنهنجي لاءِ۽ نه تو مالڪ ٿيان تنهنجي لاءِ الله وٽ ڪجهه به اي اسان جا رب! توتي توڪل ڪئي اسان

وَاِلَيْكَ اَنَبْنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ (۴) رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ

۽توڏانهن موٽياسون اسان۽ توڏانهن ئي موٽڻو آهي اي اسان جا رب! نه بناءِاسان کي فتنه انهن جي لاءِ

كَفَرُوْا وَاغْفِرْ لَنَا رَبَّنَا ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ (۵)

جن ڪفر ڪيو ۽ بخش فرماءِاسان کي اي اسان جا رب! بيشڪ تون ئي غالب، حڪمت وارو آهين

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْهِمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ

البت تحقيق آهي اوهان جي لاءِ انهن ۾ نمونو سهڻو ان جي لاءِ جيڪو اميد رکي ٿو الله ۾

وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ ۭ وَمَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ (٦) ع ١/٧

۽ قيامت جي ڏينهن ۾ ۽ جيڪو منهن موڙيندو پوءِ بيشڪ الله اهو ئي شاهوڪار، ساراهيل آهي.

(١) نورالعرفان ص-٨٧٧-

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن سان محبت رکڻ کان منع ڪيل هئي ۽ هنن آيتن ۾ مومنن کي سيدنا حضرت ابراهيم عليٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام ۽ سندس صحبت ۾ رهندڙن جي اسوه حسنـه کي مشعل راه بنائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. فرمان عالي شان آهي "قَدْ كَانَتْ لَكُمْ اُسْوَةٌ حَسَنَـةٌ فِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَالَّذِيْنَ مَعَـهٗ اِذْقَالُوْا لِقَوْمِهِمْ اِنَّابُرَءٰٓؤُا مِنْكُمْ وَمِمَّا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ" (تحقيق اوهان جي لاءِ ابراهيم ۽ انهن ۾ جيڪي ان سان گڏ هئا سهڻو نمونو آهي جڏهن پنهنجي قوم کي چيائون تہ بيشڪ اسين اوهان کان ۽ جن جي الله کان سواءِ عبادت ڪيو تا بيزار آهيون) يعني اي مومنو!! اوهان جي لاءِ حضرت ابراهيم خليل عليٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام ۽ ان جي مڃڻ وارا مومن بي دينن کان دور رهڻ ۽ انهن سان محبت نـہ رکڻ ۾ نهايت سهڻو نمونو آهن جيئن انهن پنهنجن مٿن مائٽن، دوستن ۽ قوم وارن کي فرمايو هو تـہ اسين اوهان ۽ اوهان جي باطل معبودن کان بيزار آهيون تيئن اوهان بہ پنهنجن مشرڪن ۽ ڪافرن مٽن، مائٽن ۽ دوستن کان بيزاريءَ جو اعلان ڪيو ۽ انهن سان ڪا بہ محبت ۽ دلي دوستي نـہ رکو. "كَفَرْنَا بِكُمْ وَبَدَا بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةُ وَالْبَغْضَآءُ اَبَدًا حَتّٰى تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗٓ" (اسان اوهان جو انڪار ڪيو آهي ۽ اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ عداوت ۽ بغض هميشـه لاءِ ظاهر ٿيو آهي تانجو اوهان الله وحده تي ايمان آڻيو) مطلب تـہ اوهان جنهن ڪفر تي آهيو اسان اوهان جو انڪار ڪندي ان اوهان جي باطل دين جو بہ انڪار ڪيون ٿا جنهن تي اوهان هلي رهيا آهيو اسان اوهان جي ڪوڙن معبودن جا بہ نـہ صرف انڪار ڪندڙ پر انهن ۽ اوهان جا دشمن آهيون جيستائين اوهان الله جل شانـه کي هڪ سچو معبود مڃي ان جي عبادت نـہ ڪندؤ تيستائين اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ عداوت ۽ دلي بغض قائم ۽ دائم رهندو. پر جيڪڏهن اوهان ايمان آندو ڪفر ڇڏيو تـہ پوءِ اوهان سان دوستي بہ آهي تـہ محبت بہ رهندي. "اِلَّا قَوْلَ اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْـهِ لَاَسْتَغْفِرَنَّ لَكَ" (مگر ابراهيم جو پنهنجي پيءُ لاءِ چوڻ تـہ مان تنهنجي لاءِ ضرور مغفرت طلب ڪندس) يعني حضرت ابراهيم عليٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام جي ذات کي پنهنجو اڳواڻ بنائي ان جي اقتداءَ ڪيو پر ان جيڪو پنهنجي پيءُ (هتي پيءُ مان مراد سندن چاچو آهي ڇو تـہ سندن پيءُ مشرڪ نـہ هو جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون) کي چيو هو تـہ مان تنهنجي لاءِ الله عزوجل کان ضرور مغفرت طلب ڪندس. ان ڳالهہ ۾ ان جي تابعداري نـہ ڪيو ۽ ڪافرن والدين وغيرهما لاءِ مغفرت جي دعا نـہ گهرو.

ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ ڪي ڪي مومن پنهنجي ڪافرن ابن، ڏاڏن جي لاءِ مغفرت جي دعا گهرندا هئا ۽ دليل ڏيندا هئا تہ حضرت ابراهيم خليل علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جن بہ پنهنجي ڪافر پيءُ (چاچي) کي فرمايو هو تہ "مان تنهنجي لاءِ مغفرت جي دعا ضرور گهرندس" انهن جي سمجهائڻ لاءِ حڪم ثيو آهي تہ ان جي ان ڳالهہ ۾ اقتداءُ نہ ڪيو. ٻيءِ آيت ۾ ارشاد آهي تہ "ان اهو پنهنجي پيءُ (چاچي) جي ڪفر جي اظهار کان اڳي فرمايو هو جڏهن کيس خبر پئي تہ اهو الله عزوجل جو دشمن آهي تہ ان جي لاءِ دعا نہ گهريائين. (١) "وَمَآ اَمْلِكُ لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ" (۽ مان تنهنجي لاءِ الله وٽ ڪنهن بہ شيءِ جو مالڪ نہ آهيان) هي بہ حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قول جو بيان آهي جيڪو ان پنهنجي چاچي آزر کي فرمايو هو يعني منهنجي وس ۾ صرف تنهنجي لاءِ مغفرت طلب ڪرڻ آهي هر شيءِ جو حقيقي مالڪ تہ الله جل شانہ آهي مان ناهيان. (٢) "رَبَّنَا عَلَيْكَ تَوَكَّلْنَا وَإِلَيْكَ أَنَبْنَا وَإِلَيْكَ الْمَصِيْرُ" (اي اسان جا رب! اسان توتي توڪل ڪئي آهي ۽ توڏانهن موٽون ٿا ۽ توڏانهن ئي موٽڻ جي جاءِ آهي) حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ۽ سندس ساٿين پنهنجي قوم جي ڪافرن سان تعلقات قطع ڪرڻ جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ الله عزوجل جي دربار ۾ اها دعا گهري هئي تہ: اي اسان جا رب! اسان تو تي توڪل ڪئي آهي ٻيا سڀ سهارا ختم ڪيا هاڻي اسان جو ڀروسو تنهنجي پاڪ ذات تي آهي سيني مشرڪن ۽ ڪافرن کان منهن موڙي اسان هاڻي تو رب ڪريم ڏانهن رجوع ڪيو آهي ۽ صرف توڏانهن ئي موٽڻو آهي. "رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا" (اي اسان جا رب! اسان کي ڪافرن جي لاءِ فتنو نہ بناءِ) فتنة مصدر جو صيغو مفعول جي معنیٰ ۾ آيل آهي. (٣) مجاهد ان جي معنیٰ ۾ فرمايو تہ: اسان کي ڪافرن جي هٿان ۽ پنهنجي قدرتي عذاب کان بچاءِ اهو ڪافرن جي لاءِ فتني جو سبب بنجندو پوءِ چوندا تہ جيڪڏهن هي حق تي هجن ها تہ هن عذاب ۾ مبتلا نہ ٿين ها. مفسر ضحاڪ بہ ائين فرمايو آهي ۽ قتادة ان جي معنیٰ ڪئي آهي تہ: اسان جي مٿان ڪافرن کي غالب نہ بناءِ پوءِ اهي فتني ۾ پوندا ۽ سمجهندا تہ اهي حق تي هجڻ جي ڪري مسلمانن تي غالب ٿيا آهن ابن جرير جو مختار بہ اهو آهي علي بن طلحة حضرت ابن عباس رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي تہ ان جي معنیٰ آهي ڪافرن کي اسان تي غالب نہ بناءِ پوءِ اسان کي فتني ۾ وجهي ڇڏيندا. (۴) "وَاغْفِرْ لَنَا رَبَّنَا إِنَّكَ أَنْتَ

(١) المراغي ص-٦٦- جزءُ ٢٨ جلد ١٠ (٢) روح البيان ص-٤٧٨- جلد ١٠ (٣) ضياءُ القرآن ص-١٩٧- جلد ۵ (۴) ابن ڪثير ص-٣۴٨- جلد ۴

"الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ" (۽ اي سان جا رب! اسان کي بخش فرماءِ بيشڪ تون ئي غالب، حڪمت وارو آهين) يعني پنهنجي خصوصي ڪرم سان اسان کي هر قسم جي ڪوتاهي بخش ڪرڻ فرماءِ تون ئي غالب آهين جو جيڪو تنهنجي دربار ۾ آيو نااميد نہ ٿيو، حڪمت وارو آهين جو پنهنجي مخلوق کي تدبير سان هلائين ٿو ۽ انهن جي ڀلائي جا فيصلا ڪرين ٿو. "لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيهِمْ أُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَن كَانَ يَرْجُوا اللَّهَ وَالْيَوْمَ الْآخِرَ" (البت تحقيق آهي اوهان جي لاءِ انهن ۾ سهڻو نمونو، ان جي لاءِ جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن ۾ اميد رکي ٿو) يعني حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ۽ ان جي مومنن، مطيعن، امتين ۾ اوهان جي لاءِ جيڪي الله جي دربار ۾ پيش ٿيڻ ۽ قيامت جي ڏينهن اچڻ جي اميد "يقين" رکن ٿا. سهڻو نمونو ۽ ڀلي پيشوائي آهي. هن ۾ الله عزوجل ۽ قيامت تي ايمان آڻڻ جي لاءِ شوق ڏياريو ويو آهي ۽ ان تي مضبوط رهڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي. "وَمَن يَتَوَلَّ فَإِنَّ اللَّهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيدُ" (۽ جيڪو منهن موڙيندو پوءِ بلاشڪ الله اهوئي شاهوڪار، ساراهيل آهي) يعني جنهن الله جلت صفاته جي فرمان ۽ هدايت کان منهن موڙيو الله عزوجل جي دشمنن سان دوستي رکي اهو پاڻ کي نقصان ڏئي رهيو آهي. الله غني آهي ان کي سندن ايمان ۽ اطاعت جي محتاجي ناهي ساراهيل ۽ حمد ڪيل آهي ان جون پنهنجي مخلوق تي بي حساب ڀلايون آهن.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. آيت ع-۴- مان معلوم ٿيو تہ ڪافر ۽ مشرڪ ڪيترا بہ ويجها مائٽ هجن انهن سان تعلقات کي ٽوڙيو وڃي جيئن حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جن ان جي باوجود جو سندس پورو خاندان مشرڪ هو نہ صرف انهن کان بيزار رهڻ جو اظهار فرمايو بلڪ انهن سان عداوت ۽ دشمنيءَ جو بہ اعلان ڪيو. ٢. ان مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ جيتري مسلمانن سان محبت رکڻ ضروري آهي ايتري ڪافرن سان دشمني رکڻ بہ ضروري آهي. ٣. "حَتَّىٰ تُؤْمِنُوا بِاللَّهِ وَحْدَهُ" (تانجو الله وحده تي ايمان آڻيو) مان صرف الله کي هڪ مڃڻ مراد ناهي جيئن سِکَ ۽ آريا بہ هڪ مڃيندا آهن پر ان جي رسولن عليهم الصلواة والسلام، ملائڪن، ڪتابن، جنت، دوزخ، حشر، نشر وغيره سڀني ايمانيات تي ايمان آڻڻ فرض آهي. پين ايمان وارين شين تي ايمان نہ آڻي صرف الله کي هڪ چوڻ واري سان بہ دوستي حرام آهي. ۴. "وَمَا أَمْلِكُ لَكَ مِنَ اللَّهِ مِن شَيْءٍ" (۽ مان تنهنجي لاءِ الله وٽ ڪنهن شيءِ جو مالڪ نہ آهيان) مان مراد آهي تہ جيڪڏهن تون ڪفر جي حالت ۾ هوندين ۽ ان ئي حالت ۾ مرندين تہ مان ڪنهن بہ صورت ۾

شفاعت وغيره جي ذريعي الهي عذاب دفع ڪري نہ سگهندس. جنهن جو نتيجو هي آهي تہ الله عزوجل جا نبي سڳورا عليهم الصلواة والسلام مومنن مسلمانن گنهگارن تان شفاعت وغيره جي ذريعي عذاب دفع ڪري سگهندا. (١)

عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّجْعَلَ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَ الَّذِيْنَ عَادَيْتُمْ مِّنْهُمْ

ويجهو آهي تہ الله پيدا ڪري اوهان جي وچ ۾ ۽ انهن جي وچ ۾ جن سان دشمني رکي آٿوَ

مَوَدَّةً ۚ وَاللّٰهُ قَدِيْرٌ ۚ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (٧) لَا يَنْهٰكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيْنَ لَمْ

دوستي ۽ الله قادر آهي ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي نہ تورو ڪي اوهان کي الله انهن کان جو نہ

يُقَاتِلُوْكُمْ فِى الدِّيْنِ وَلَمْ يُخْرِجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ اَنْ تَبَرُّوْهُمْ

جنگ ڪيائون اوهان سان دين ۾ ۽نہ ڪڍيائون اوهان کي اوهان جي گهرن مان تہ نيڪي ڪيوانهن سان

وَتُقْسِطُوْا اِلَيْهِمْ ۚ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ (٨) اِنَّمَا

۽ انصاف ڪيو انهن سان بيشڪ الله محبت رکي ٿو انصاف ڪندڙن سان بيشڪ

يَنْهٰكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيْنَ قَاتَلُوْكُمْ فِى الدِّيْنِ وَاَخْرَجُوْكُمْ

روڪي ٿواوهان کي الله انهن کان جن جنگ ڪئي اوهان سان دين(جي معاملي) ۾ ۽ ڪڍيائون اوهان کي

مِنْ دِيَارِكُمْ وَظَاهَرُوْا عَلٰٓى اِخْرَاجِكُمْ اَنْ تَوَلَّوْهُمْ ۚ

اوهان جي گهرن مان ۽ مدد ڪيائون اوهان جي ڪڍڻ تي تہ دوستي رکو انهن سان

وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ (٩)

۽ جيڪو دوستي رکندو انهن سان پوءِ اهيئي ظالم آهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن سان تعلقات ٽوڙڻ جو حڪم ڪندي سيدنا حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي عمل کي مثال طور پيش ڪيو ويو ۽ مسلمانن بہ ان تي عمل ڪيو پر انهن جي خواهش هئي تہ ڪو اهڙو رستو کلي جنهن سان آساني ٿئي ان جي متعلق ارشاد ٿي رهيو آهي "عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّجْعَلَ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَ الَّذِيْنَ عَادَيْتُمْ مِّنْهُمْ مَّوَدَّةً وَاللّٰهُ قَدِيْرٌ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" (ويجهو آهي جو الله اوهان ۾ ۽ انهن ۾ جن سان اوهان انهن مان عداوت رکي آهي محبت پيدا ڪري ۽ الله قادر آهي ۽ الله بخشڻهار، مهربان

(١) نورالعرفان صـ٨٧٨ـ

آهي) مطلب تہ اهو دور پري ناهي جو اهي اوهان جي دين جا دشمن اسلام قبول ڪري اوهان جا گهاٽا دوست ٿيندا ۽ اوهان جون هڪ ٻئي سان محبتون مضبوط ٿينديون.

شان نزول: مفسرن ڀلارن هن آيت جي شان نزول متعلق هي اقوال آندا آهن "١" ابن ابي حاتم شهاب کان آندو آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن حضرت معاويہ رضي الله عنه جي والد حضرت ابوسفيان بن حرب رضي الله عنه کي جيڪو مسلمان ٿيڻ کان اڳي مسلمانن جو سخت دشمن هو يمن جي ڪجهہ علائقن تي حاڪم ڪري رکيو هو جڏهن حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي ظاهري رحلت ٿي تہ اهو اتاهين واپس ٿيو ۽ رستي ۾ ذالحمار نالي مرتد کي مليو تہ ان کي قتل ڪري ڇڏيائين پوءِ اهو مرتدن سان جنگ ڪندڙ پهريون هو ۽ (نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي رحلت کان پوءِ) دين جو مجاهد ٿيو. ابن شهاب فرمايو تہ مذڪوره آيت ۾ اهو داخل آهي اهڙي طرح ابن مردويہ بہ آندو آهي. "٢" عبد بن حميد، ابن المنذر، ابن عدي، ابن مردويہ الدلائل ۾ بيهقيءَ ۽ ابن عساڪر حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ مذڪوره آيت ۾ جنهن محبت جو بيان آهي حضرت ابو سفيان بن حرب جي نياڻيءَ ام المومنين سيده ام حبيبہ رضي الله عنها سان حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي شادي ڪرڻ سان ثابت ۽ واضح ٿي. سيده ام المومنين "مومنن جي ماءُ" ٿي ۽ حضرت معاويہ مومنن جو مامو ٿيو. ابن مردويہ ٻي سند سان بہ اهڙي روايت حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان آندي آهي. "٣" طيالسي، احمد، بزار، ابو يعلیٰ، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، نحاس پنهنجي تاريخ ۾ حاڪم صحيح چوندي طبراني ۽ ابن مردويہ حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: عبدالعزیٰ جي ڌيءَ قتيلہ نالي پنهنجي "مائيتي" ڀيڻ اسماءَ بنت ابي بڪر رضي الله عنہ وٽ گيهہ، پنير وغيره هديا کڻي آئي ۽ اها هئي مشرڪياڻي. پوءِ حضرت بيبي اسماءَ بنت ابي بڪر رضي الله عنها ان کان اهي هديا قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو بلڪ پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيڻ بہ نہ ڏنو ۽ سيده عائشہ رضي الله عنها ڏانهن ماڻهو موڪليائين تہ هن ڳالهہ بابت حضور عليہ الصلواة والسلام جن کان پڇي ٻڌايو پوءِ سيده عائشہ رضي الله عنها نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن کان ان جي متعلق عرض ڪري پڇيو تہ آيت "لَا يَنْهٰكُمُ اللّٰهُ" پڇاڙيءَ تائين نازل ٿي ۽ پاڻ اسماءَ سڳوريءَ کي امر ڪيائون تہ ان جا هديا ڀلي قبول ڪري وٺي ان کي گهر ۾ اچڻ کان بہ نہ روڪي. "۴" بخاري، ابن المنذر، نحاس ۽ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ اسماءَ بنت ابي بڪر رضي الله عنها کان سندس ماءُ راغبہ نالي سان بہ اهڙي روايي جو ذڪر آندو

آهي. (١) هنن واقعن مان حضرت ابوسفيان ۽ ان جي پٽ حضرت معاويـه رضي الله عنهما جو پڪو مومن هجڻ ثابت آهي ۽ حضرت اسماءَ بنت ابي بڪر رضي الله عنها جي ايمان جو ڪمال بہ واضح آهي.

"لَا يَنْهٰكُمُ اللهُ عَنِ الَّذِيْنَ لَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ فِى الدِّيْنِ وَلَمْ يُخْرِجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ اَنْ تَبَرُّوْهُمْ وَتُقْسِطُوْا اِلَيْهِمْ اِنَّ اللهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ" (الله اوهان کي انهن کان نہ ٿو روڪي جن اوهان سان دين جي باري ۾ جنگ نہ ڪئي ۽ نہ اوهان کي اوهان جن گهرن مان ڪڍيائون تہ انهن سان نيڪي ڪيو ۽ انهن سان انصاف ڪيو بلاشڪ الله انصاف ڪندڙن سان محبت رکي ٿو) مطلب تہ جن ڪافرن اوهان سان جنگ ڪئي ۽ اوهان کي پنهنجن گهرن مان نڙي نہ ڪڍيو تہ انصاف جي تقاضا هيءَ آهي تہ اوهان بہ انهن سان نيڪي ۽ احسان جو رويو رکو جيڪڏهن اوهان نہ وڙهندڙن سان بہ وڙهندڙن ڪافرن وانگر پيش ايندؤ تہ اهو عدل جي تقاضا جي خلاف هوندو پر انهن سان نيڪي ڪيو، عدل ڪيو، الله عزوجل عدل ڪندڙن ۽ منصفن سان محبت رکندو آهي. "اِنَّمَا يَنْهٰكُمُ اللهُ عَنِ الَّذِيْنَ قَاتَلُوْكُمْ فِى الدِّيْنِ وَاَخْرَجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ وَظَاهَرُوْا عَلٰى اِخْرَاجِكُمْ اَنْ تَوَلَّوْهُمْ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ" (الله تہ اوهان کي انهن کان روڪي ٿو جن اوهان سان دين "جي باري" ۾ جنگ ڪئي ۽ اوهان کي اوهان جن گهرن مان ڪڍيائون ۽ اوهان جي ڪڍڻ تي مدد ڪيائون (اوهان کي ان کان روڪي ٿو) تہ انهن سان دوستي رکو ۽ جيڪو انهن سان دوستي رکي ٿو پوءِ اهيئي ظالم آهن) يعني الله عزوجل اوهان کي انهن ڪافرن جي دوستيءَ کان روڪي ٿو جن اوهان سان دين اسلام قبول ڪرڻ جي ڪري جنگيون ڪيون. اوهان کي اوهان جن گهرن مان ڪڍي ڇڏيائون، اوهان کي گهرن مان ڪڍندڙن جي مدد ڪيائون جيڪي مسلمان اهڙي ڪافرن سان دوستي رکندا اهيئي ظالم آهن.

فائدو: مذڪوره آيت مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل جيڪڏهن ڪنهن سخت مخالف ۽ دشمن کي موافق ۽ محبت وارو بنائي تہ دير ناهي ان حضرت ابو سفيان بن حرب رضي الله عنـه جهڙي دين جي سخت دشمن ۽ مخالف کي دين جو مجاهد بنائي ڇڏيو ان جي نياڻي حضرت نبي ڪريم عليـه الصلواة والسلام جي اهليـه مومنن جي ماءُ ٿي ۽ ان جو پٽ حضرت امير معاويـه رضي الله عنـه نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام جن جو صحابي، سالو، وحي جو ڪاتب ۽ مومنن جو مامو بڻيو.

يٰٓاَيُّهَاالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا	اِذَا جَآءَكُمُ	الْمُؤْمِنٰتُ	مُهٰجِرٰتٍ	فَامْتَحِنُوْهُنَّ
اي ايمان وارا!	جڏهن اچن اوهان وٽ	مومن عورتون	هجرت ڪندڙ	پوءِ آزمايو انهن کي

(١) الدرالمنثور صـ١٣٠ـ جلد ٨

اَللّٰهُ اَعْلَمُ بِاِيْمَانِهِنَّ ج فَاِنْ عَلِمْتُمُوْهُنَّ مُؤْمِنٰتٍ فَلَا تَرْجِعُوْهُنَّ

الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي انهن جي ايمان کي پوءِ جيڪڏهن ڄاڻوانهن کي مومنياڻيون پوءِ نه موٽايوانهن کي

اِلَى الْكُفَّارِ ط لَا هُنَّ حِلٌّ لَّهُمْ وَلَا هُمْ يَحِلُّوْنَ لَهُنَّ ط

ڪافرن ڏانهن نه اهي حلال آهن انهن جي لاءِ ۽ نه اهي (مرد) حلال آهن انهن (عورتن) جي لاءِ

وَاٰتُوْهُمْ مَّآ اَنْفَقُوْا وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ

۽ ڏيو انهن کي جيڪي خرچ ڪيائون ۽ ناهي ڪو گناهه اوهان تي هي ته نڪاح ڪيو انهن سان

اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ط وَلَا تُمْسِكُوْا بِعِصَمِ الْكَوَافِرِ

جڏهن ڏنا اوهان انهن کي مهر انهن جا ۽ نه ڇنبڙي پئو ڪافرياڻين جي نڪاح سان

وَاسْئَلُوْا مَا اَنْفَقْتُمْ وَلْيَسْئَلُوْا مَآ اَنْفَقُوْا ط ذٰلِكُمْ حُكْمُ اللّٰهِ ط

۽ گهرو جيڪي خرچ ڪيو اوهان ۽ پلي گهرن جيڪو خرچ ڪيائون اهو الله جو حڪم آهي

يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ ط وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ (١٠) وَاِنْ فَاتَكُمْ شَيْءٌ

حڪم ڪري ٿو اوهان ۾ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي ۽ جيڪڏهن ويون اوهان کان ڪجهه

مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ اِلَى الْكُفَّارِ فَعَاقَبْتُمْ فَاٰتُوا الَّذِيْنَ ذَهَبَتْ اَزْوَاجُهُمْ مِّثْلَ

اوهان جي زالن مان ڪافرن ڏانهن پوءِ سزاڏيو پوءِ ادا ڪيو انهن کي جو ويون زالون انهن جون ان جيترو

مَآ اَنْفَقُوْا ط وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ (١١) يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا جَآءَكَ

جيڪو خرچ ڪيائون۽ ڊڄو الله کان جو اوهان ان تي ايمان آڻيندڙآهيو اي نبي! جڏهن اچن تو وٽ

الْمُؤْمِنٰتُ يُبَايِعْنَكَ عَلٰٓى اَنْ لَّا يُشْرِكْنَ بِاللّٰهِ شَيْئًا

ايمان آڻڻ واريون بيعت ڪن تيون تنهنجي هن تي ته نه شريڪ ڪنديون الله سان ڪا شيءِ

وَّلَا يَسْرِقْنَ وَلَا يَزْنِيْنَ وَلَا يَقْتُلْنَ اَوْلَادَهُنَّ وَلَا يَاْتِيْنَ بِبُهْتَانٍ

۽ نه چوري ڪنديون ۽ نه زنا ڪنديون ۽ نه قتل ڪنديون پنهنجو اولاد ۽ نه آڻينديون بهتان

يَّفْتَرِيْنَهٗ بَيْنَ اَيْدِيْهِنَّ وَاَرْجُلِهِنَّ وَلَا يَعْصِيْنَكَ فِيْ مَعْرُوْفٍ

جو ٺاهين ان کي پنهنجن هٿن ۽ پنهنجن پيرن ۾ ۽ نه بي فرماني ڪنديون تنهنجي پلي ڪم ۾

فَبَايِعْهُنَّ وَاسْتَغْفِرْلَهُنَّ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (١٢)

پوءِ بيعت وٺ انهن کان ۽ مغفرت طلب ڪر انهن لاءِ الله کان بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَاتَتَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ قَدْ يَئِسُوْا مِنَ الْاٰخِرَةِ

اي ايمان وارا! نه دوستي رکو ان قوم سان جو ڪاوڙيو الله انهن تي تحقيق نا اميد ٿيا آخرت کان

كَمَا يَئِسَ الْكُفَّارُ مِنْ اَصْحٰبِ الْقُبُوْرِ (١٣)

جيئن نااميد ٿيا ڪافر قبرن وارن کان

۲۸ع۲ الصف

تفسير

اڳين آيتن ۾ مردن جي متعلق احڪام جو بيان هو ۽ هتي عورتن جي متعلق احڪام جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا جَآءَكُمُ الْمُؤْمِنٰتُ مُهٰجِرٰتٍ فَامْتَحِنُوْهُنَّ" (اي ايمان وارا! جڏهن اوهان وٽ مومن عورتون هجرت ڪندڙ ٿي اچن پوءِ انهن کي آزمايو).

شان نزول: حديبيه جي صلح جي موقعي تي مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن سان معاهدو طيءِ ٿيو هو ته جيڪڏهن ڪافرن جو ڪو ماڻهو مسلمان ٿي مدينه منوره ۾ پهچندو ته ڪافر ان کي واپس وٺي سگهندا ۽ پر جيڪڏهن ڪو مسلمان سڏائڻ وارو مدينه منوره مان نڪري مڪه مڪرمه ۾ پهتو ته مسلمان ان کي واپس ڪرڻ جو مطالبو ڪري نه سگهندا. حضرت ابو بصير صحابي رضي الله عنه جيڪو مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن جي ظلم کان تنگ هو حديبيه ۾ پهچي به ويو هو پر ان معاهدي جي ڪري نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن ان کي واپس ڪيو ان کان بعد مسلمان عورتون به مڪه مڪرمه کي ڇڏي ڪنهن طريقي سان مدينه طيبه ۾ اچڻ لڳيون عتبه بن ابي معيط اسلام جي بدترين دشمن جي ڌيءَ ام ڪلثوم به ڪشالا ڪندي مدينه منوره ۾ پهتي هئي ان کان علاوه حارث جي ڌيءَ سبيعه، بشر جي ڌيءَ اميمه به پنهنجي شاديءَ واري زندگي جا تعلقات ٽوڙي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي دربار ۾ پهتيون هيون ۽ جڏهن اهو سلسلو هلي پيو ڪنهن جو پاءُ، ڪنهن جو مڙس ته ڪنهن جو ڪو پيو وارث انهن کي واپس ڪرڻ جي لاءِ مدينه منوره ۾ پهتا ته هن پيچيده مسئلي کي حل ڪرڻ جي لاءِ هيءَ آيت نازل ٿي. (١) جنهن ۾ ارشاد ٿيو ته "جڏهن اوهان وٽ ايمان واريون عورتون هجرت

(١) المظهري ص-٢٦٣- جلد ١٠، ضياءُ القرآن ص-٢٠٠- جلد ٥

ڪري اچن تہ انهن کي آزمايو جيڪڏهن انهن جي اچڻ جو مقصد صرف ايمان جو تحفظ آهي تہ پوءِ انهن کي واپس نہ ڪيو.

اعتراض: جڏهن مڪہ مڪرمہ مان اچڻ وارن کي واپس ڪرڻ جو معاهدو طيءِ ٿيو هو تہ پوءِ انهن عورتن کي واپس ڇو نہ ڇڏيو ويو؟ حالانڪ معاهدي تي عمل ڪرڻ اسلام ۾ اهم شيءِ آهي؟

جواب: ان اعتراض جو جواب بخاري شريف جي روايت ۾ صراحت سان مذڪور آهي محدث بخاري پنهنجي ڪتاب "الجامع الصحيح" جي ڪتاب "الشروط باب الشرط في الجهاد والمصالحة" ۾ هي الفاظ روايت ڪيا آهن تہ سهيل بن عمرو جيڪي الفاظ صلحنامي ۾ لکرايا هئا اهي هي هئا "لاياتيك منارجل وان كان علي دينك الارددته علينا" (اسان مان ڪو بہ مرد ڀلي ڪٽي اوهان جي دين تي هجي اوهان وٽ ايندو تہ ان کي اسان ڏانهن واپس ڪندؤ) هن مان معلوم ٿيو تہ مرد کي واپس ڪرڻ جو شرط هو عورت جي واپس ڪرڻ جو ان ۾ ڪو بہ ذڪر نہ هو. الله عزوجل جي حڪمت ڏسو تہ ان ڪافرن کان اهڙا الفاظ لکايا جن ۾ عورتن جو ڪو ذڪر نہ هو ۽ انهن جو معاملو عهد ٽوڙڻ يا منسوخ ڪرڻ کان سواءِ ئي حل ٿي ويو جڏهن ڪافرن انهن عورتن کي واپس ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ۽ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن انهن کي صلحنامي جا الفاظ پڙهايا تہ اهي پاڻ خاموش ٿي واپس هليا ويا آيت ۾ ان مسئلي جي ڪولي وضاحت ڪئي وئي آهي.

"اَللّٰهُ اَعۡلَمُ بِاِيۡمَانِهِنَّ" (الله انهن جي ايمان کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي) يعني اوهان ڪان انهن جي دلي راز ۽ ايمان کي الله عزوجل وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي اوهان صرف آزمائي انهن جي ايمان جي ڪيفيت محسوس ڪيو. "فَاِنۡ عَلِمۡتُمُوۡهُنَّ مُؤۡمِنٰتٍ فَلَا تَرۡجِعُوۡهُنَّ اِلَى الۡكُفَّارِ" (پوءِ جيڪڏهن اوهان انهن کي ايمان وارو سمجهو تہ پوءِ انهن کي ڪافرن ڏانهن نہ موٽايو) هتي ڄاڻڻ مان مراد، غالب گمان ۽ قلبي اطمينان حاصل ڪرڻ آهي باقي انهن جي دل جي يقين تائين پهچڻ تہ الله عزوجل جو شان آهي. مقصد تہ جيڪڏهن اوهان مطمئن آهيو تہ اهي ايمان ۾ پڪيون ۽ سچيون آهن تہ پوءِ انهن کي ڪافرن ڏانهن واپس نہ ڪيو. "لَا هُنَّ حِلٌّ لَّهُمۡ وَلَا هُمۡ يَحِلُّوۡنَ لَهُنَّ" (نہ اهي "عورتون" انهن "مردن" جي لاءِ حلال آهن ۽ نہ اهي "مرد" انهن "عورتن" جي لاءِ حلال آهن) مطلب تہ مسلمان عورتون ۽ ڪافر مرد هڪ ٻئي جي لاءِ حلال ناهن. "وَاٰتُوۡهُمۡ مَّاۤ اَنۡفَقُوۡا" (۽ انهن کي اهو ڏيو جيڪو خرچ ڪيائون) هتي حڪم ڪيو ويو آهي تہ جيڪي مسلمان عورتون هجرت ڪري دارالاسلام ۾ اچن تہ مسلمان حڪومت تي

لازم آهي تہ انهن جي ڪافرن مڙسن جيڪي مهر انهن کي ڏنا هئا اهي بيت المال مان کين واپس ڪيا وڃن ۽ پوءِ اهي عورتون جيڪڏهن ڪنهن مسلمان مرد سان نڪاح ڪن تہ اها کين اجازت آهي ۽ سندن نئين مڙس تي لازم آهي تہ کين مهر ادا ڪري تانت انهن کي بہ نقصان نہ پوي هڪ زال جي وڃڻ جو ٻيو مهر واري مال جي ضايع ٿيڻ جو. (١) "وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ اِذَاۤ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ وَلَا تُمْسِكُوْا بِعِصَمِ الْكَوَافِرِ" (۽ اوهان تي ان ۾ گناهہ ناهي جو جڏهن انهن کي سندن مهر ڏيو تہ انهن سان نڪاح ڪيو ۽ نہ چنبڙي پئو ڪافرياڻين جي نڪاح سان) مطلب تہ جن عورتن هجرت ڪئي پڪي ايمان واريون آهن انهن کي مهر ادا ڪري انهن سان نڪاح ڪيو تہ اوهان تي ڪو گناهہ ناهي ۽ اوهان وٽ جيڪي ڪافر عورتون نڪاح ۾ آهن هروڀرو انهن کي چنبڙي نہ پئو انهن کي ڇڏي ڏيو. جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي تہ جنهن اصحابي رضي الله عنــــه جي نڪاح ۾ ڪا ڪافر عورت هئي ان انهيءَ کي طلاق ڏئي ڇڏي هئي سيدنا فاروق اعظم رضي الله عنــــه جي نڪاح ۾ بہ ڪافر عورتون هيون جيڪي اجان مڪہ مڪرمہ مان هجرت ڪري نہ آيون هيون پاڻ انهن کي طلاق ڏئي ڇڏيائون. (٢) "وَاسْـَٔلُوْا مَاۤ اَنْفَقْتُمْ وَلْيَسْـَٔلُوْا مَاۤ اَنْفَقُوْا ذٰلِكُمْ حُكْمُ اللّٰهِ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ" (۽ جيڪي اوهان خرچ ڪيو اوهان گهرو ۽ جيڪي انهن خرچ ڪيو اهي گهرن اهو الله جو حڪم آهي جنهن سان اوهان ۾ فيصلو ڪري ٿو ۽ الله ڄاڻندڙ، حڪمت وارو آهي) مطلب تہ جيڪي اوهان مسلمانن جون عورتون ڪافرن ڏانهن وڃن تہ اوهان ڪافرن کان انهن کي عطا ڪيل مهر واپس وٺو ۽ جيڪي انهن جون عورتون اوهان مسلمانن وٽ اچن تہ اوهان انهن کي مهر واپس ڪيو الله عزوجل جو حڪم اهو آهي ان سان ٿي اوهان ۾ فيصلو ڪري ٿو. الله عزوجل ان ۾ جيڪي راز آهن ڄاڻندڙ آهي ۽ ان جي هر فيصلي ۾ حڪمت آهي. "وَاِنْ فَاتَكُمْ شَيْءٌ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ اِلَى الْكُفَّارِ فَعَاقَبْتُمْ فَاٰتُوا الَّذِيْنَ ذَهَبَتْ اَزْوَاجُهُمْ مِّثْلَ مَاۤ اَنْفَقُوْا وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْۤ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ" (۽ جيڪڏهن هٿن مان نڪري وڃي ڪا اوهان جي زالن مان ڪافرن وٽ پوءِ سزا ڏيو پوءِ جن ڪافرن جون زالون سندن قبضي مان نڪري ويون انهن کي اوترو ڏيو جيترو انهن خرچ ڪيو ۽ ان الله کان ڊڄو جنهن تي اوهان ايمان آڻيندڙ آهيو) يعني جيڪڏهن ڪو شخص اسلام قبول ڪري مهاجر ٿي اچي ۽ ان جي زال اتي رهجي وڃي تہ قاعده جي مطابق ڪافرن کي گهرجي تہ اهي ان عورت کي مليل مهر سندس مسلمان مڙس کي واپس ڪن ڇو تہ هاڻي انهن جو زال ۽ مڙس وارو تعلق ڪٽجي ويو

(١) القرطبي صـ٦٤ـ جلد ١٨ (٢) معارف القرآن صـ٤١٥ـ جلد ٨

پر جيڪڏهن ڪافر ائين نہ ڪن تہ مسلمان غنيمت جي مال ڪي تقسيم ڪرڻ کان پهريان ان مسلمان مرد کي ان مهر جي رقم ادا ڪن ان کان پوءِ غنيمت جو باقي مال قانون مطابق تقسيم ڪن بعض علماءَ وٽ "فيءِ" جي مال مان بہ اهو مهر ڪڍيو ويندو ۽ جيڪڏهن اهو بہ ممڪن نہ هجي تہ مسلمان تي هجرت ڪري ايندڙ عورتن جو مهر جيڪو مسلمانن جي ذمي آهي ڪافرن ڏانهن نہ موٽايو وڃي پر ان طريقي سان جيڪو مال گڏ ٿئي ان سان اهڙن ماڻهن جي زالن جو مهر ادا ڪيو وڃي ۽ ان الله کان ڊڄو جنهن تي اوهان ايمان آڻيندڙ آهيو ايمان سان گڏ تقويٰ ۽ الله عزوجل جو خوف بہ نهايت ضروري آهي. "يَآ اَيُّهَاالنَّبِيُّ اِذَا جَآءَكَ الْمُؤْمِنٰتُ يُبَايِعْنَكَ عَلٰٓى اَنْ لَّا يُشْرِكْنَ بِاللهِ شَيْئًا وَّلَا يَسْرِقْنَ وَلَا يَزْنِيْنَ وَلَا يَقْتُلْنَ اَوْلَادَ هُنَّ وَلَا يَاْتِيْنَ بِبُهْتَانٍ يَّفْتَرِيْنَهٗ بَيْنَ اَيْدِيْهِنَّ وَاَرْجُلِهِنَّ وَلَا يَعْصِيْنَكَ فِيْ مَعْرُوْفٍ فَبَايِعْهُنَّ وَاسْتَغْفِرْلَهُنَّ اللهَ اِنَّ اللهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" (اي نبي! جڏهن تو وٽ مومن عورتون اچن تنهنجي بيعت ڪن ٿيون ان شرط تي تہ الله سان ڪنهن کي شريڪ نہ بنائينديون ۽ نہ چوري ڪنديون ۽ نہ زنا ڪنديون ۽ نہ پنهنجي اولاد کي قتل ڪنديون ۽ نہ بهتان آڻينديون جيڪو پنهنجن هٿن ۽ پيرن جي اڳيان ٺاهينديون ۽ نيڪيءَ جي ڪم ۾ تنهنجي بي فرماني نہ ڪنديون پوءِ انهن کان بيعت ڪراءِ ۽ انهن جي لاءِ الله کان مغفرت طلب ڪر بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي) جڏهن مڪه مڪرمه فتح ٿيو ۽ ماڻهو ٽولن جي صورت ۾ اسلام ۾ داخلا ٿيڻ لڳا تہ مڪه مڪرمه جون عورتون بہ بيعت جي لاءِ حاضر ٿيون نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن حضرت فاروق اعظم رضي الله عنه کي عورتن کان بيعت وٺڻ جي لاءِ مقرر ڪرڻ فرمايو ۽ جن ڳالهين جو هن آيت ۾ ذڪر آهي ان تي پڪو رهڻ جي لاءِ انهن کان وعدو ورتايو نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام ڪيترا ڀيرا عورتن کان بيعت ورتي پر ڪنهن سان هٿ نہ ملايو ڪڏهن بہ زباني طور انهن کان انهن امرن جو پڪو عهد ورتائون ڪڏهن پاڻيءَ جي ڀريل پيالي ۾ پنهنجو هٿ مبارڪ وجهي ٻاهر ڪڍي بعد ۾ بيعت ڪرڻ وارين عورتن کي ان ۾ هٿ رکڻ جو حڪم فرمايائون ڪڏهن ڪپڙو هٿ ۾ رکي پوءِ عورتن کان بيعت ورتائون جن امرن جي عورتن کان بيعت ورتي وئي انهن ۾ خاص هي امر آهن. ١. اهي الله عزوجل سان ڪنهن کي شريڪ نہ بنائينديون. ٢. چوري نہ ڪنديون. ٣. زنا نہ ڪنديون. ٤. پنهنجي اولاد کي قتل نہ ڪنديون. عرب ۾ رواج هو تہ اهي جيڪا نياڻي ڄمندي هئي ڪڏ ڪٽي ان جيئري کي ان ۾ پوري ڇڏيندا هئا ڪيترا وري بک جي تنگيءَ جي ڪري اولاد کي قتل ڪندا هئا. ان حڪم ۾ ساهم پيل ٻار جو ڪيرائڻ بہ داخل آهي جائز ۽

ناجائز ٻنهي حملن جي ڪيرائڻ جو حڪم هڪ آهي اسلامي شريعت ۾ ان کي حمل ڪيرائڻ شمار ڪيو ويندو آهي. ٥. اهي ٻنهنجن هٿن ۽ پيرن جي اڳيان ڪو الزام نہ ٺاهين ۽ ان جون مختلف صورتون ٿي سگهن ٿيون "١" ڪنهن جي نئين ڄاول ٻار کي جهڙپي پنهنجي هنج ۾ رکي دعويٰ ڪرڻ تہ اهو منهنجو ٻچو آهي. "٢" زنا مان پيدا ٿيل ٻار کي مؤمن ڏانهن نسبت ڪرڻ. "٣" ڪنهن ٻي عورت تي بري فعل جو الزام هڻڻ. اهي سڀئي صورتون هن آيت ۾ داخل آهن ۽ اسلام انهن سڀني صورتن کان پاڻ کي روڪڻ جي لاءِ تاڪيدي حڪم ڪيو آهي. ٦. جنهن بہ ڪم جو حضور عليه الصلواة والسلام حڪم فرمائي ان نيڪ ڪم جي ڪرڻ ۾ بي فرمان نہ ٻنجنديون. صحيح نموني سان ادا ڪنديون مسلمان فقهاءَ هن آيت مان دليل وٺي اهو مسئلو ثابت ڪيو آهي تہ وقت جي حاڪم کي ان ڳالهہ جي اجازت ناهي تہ اهو اسلامي شريعت جي قانون جي خلاف ڪو حڪم صادر ڪري اهڙي طرح ڪنهن بہ مسلمان جي لاءِ اهو جائز ناهي تہ ڪنهن حاڪم جي فرمانبرداريءَ ۾ الله عزوجل ۽ ان جي رسول مقبول عليه الصلواة والسلام جي حڪم جو بي فرمان نہ ٿئي الله فرمايو تہ "انهن شرطن کي دل سان قبول ڪندڙ عورتن کان بيعت وٺو ۽ انهن جي اڳ ۾ ڪيل گناهن جي لاءِ الله عزوجل کان مغفرت بہ طلب ڪيو بلاشڪ الله اهڙي سچي محبت رکندڙ مومن عورتن لاءِ بخشڻهار ۽ انهن تي مهربان آهي". "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ" (اي ايمان وارا! ان قوم سان دوستي نہ رکو جن تي الله غضب ڪيو آهي) جنهن مضمون کي سورة جي شروعات ۾ آندو ويو هو سورة جي آخر ۾ بہ اهو ياد ڏياريو ويو آهي يعني مومن جو شان ناهي جو جنهن قوم تي الله عزوجل غضب ڪيو آهي انهن سان دوستي رکي. بلڪ جيئن الله عزوجل انهن تي غضب ڪيو آهي تيئن پاڻ بہ انهن تي ناراض رهي. (١) "قَدْ يَئِسُوْا مِنَ الْاٰخِرَةِ كَمَا يَئِسَ الْكُفَّارُ مِنْ اَصْحٰبِ الْقُبُوْرِ" (تحقيق آخرت کان اهين نااميد ٿيا جيئن قبرن وارا ڪافر نااميد ٿيا) مطلب تہ انهن کي آخرت ۾ ڪنهن ثواب ۽ خير جي ڪا بہ اميد ناهي اهي اهڙي طرح مايوس ٿي چڪا آهن جيئن قبرن ۾ پيل ڪافر پنهنجي بخشش ۽ ڇوٽڪاري کان نااميد ۽ مايوس ۽ نااميد آهن. "من اصحب القبور" ۾ من بيانيہ آهي (٢) يا مراد آهي تہ جيئن جيئرا ڪافر مري ويلن ڪافرن جي موٽي اچڻ کان مايوس آهن تيئن هي بہ آخرت ۾ ڀلائيءَ کان مايوس آهن. (٣)

(١) حاشيه عثمانيه ص ٧٣١ـ (٢) ضياءُ القرآن ص ٢٠٦ـ جلد ٥ (٣) القرطبي ص ٧٦ـ جلد ١٨

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "يُبَايِعْنَكَ" (اوهان جي بيعت ڪن ٿيون) ۾ مردن کان بعد عورتن جي بيعت جو بيان آهي ۽ ان کي بيعت ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو بيعة ڪندڙ پنهنجي جان جنت جي بدلي ۾ وڪڻي ٿو امت جي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي بيعت ڪرڻ مان مراد سندن اطاعت کي لازم ڪرڻ آهي ۽ وس آهر سندن امر جي پورائي ڪرڻ آهي ۽ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي هٿ رکڻ مان مقصد انهن کي ثواب جو وعدو ڏيڻ، سندن امور جي تدبير ڪرڻ، سندن ظاهري ۽ باطني دشمنن تي غالب ڪرڻ جي لاءِ مصلحتون سوچڻ ۽ قيامت جي ڏينهن انهن جي لاءِ شفاعت ڪرڻ آهي جيڪڏهن ان بيعت واري معاهدي تي قائم رهيا. (١) ٢. هتي صرف بيعت ڪرڻ جو ذڪر ٿيو ڇو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن عورتن کي بيعت ۾ هٿ نہ ملائيندا هئا پر مردن جي لاءِ ارشاد ٿيو.

"يَدُاللهَ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ" نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن انهن جي هٿن تي هٿ رکيو جنهن کي الله عزوجل پنهنجو هٿ قرار ڏيندي فرمايو تہ انهن جي هٿن جي مٿان الله عزوجل جو هٿ آهي. ٣. مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ مذڪوره آيت جي لفظ "يُبَايِعْنَكَ" مان معلوم ٿيو تہ مشائخ ۽ پيران ڪرام جي هٿ تي بيعت ڪرڻ سنت آهي ان بيعت جو اصل بہ اهو آهي ڇو تہ اهي مومن عورتون نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي اها بيعت ڪري رهيون هيون تہ آئينده جي لاءِ اهي گناهہ نہ ڪنديون پيران ڪبار جي بيعت ڪرڻ جي بہ اها منشا آهي ڇاڻڻ گهرجي تہ بيعت چار قسم آهي "١" مسلمان ٿيڻ جي لاءِ، "٢" ڪنهن کي مسلمانن جو امير ۽ خليفو منتخب ڪرڻ جي لاءِ، "٣" تقويٰ حاصل ڪرڻ جي لاءِ، "٤" گناهن کان توبہ ڪرڻ جي لاءِ. ان بيعت جو دليل هيءَ آيت ۽ ٻيون آيتون آهن. (٢)

الحمدلله جو مون گنهگار اڄ جمعة المبارڪه جي ڏينهن منجهند جو ٣ بجي بمؤرخه ١٨ ربيع الثاني ١٤٢٦هہ هجري الموافق ٢٠٠٥.٥.٢٨ع تي پنهنجي گهرجي ڪمره ۾ هن سورة پاڪ جو تفسير لکي پورو ڪيو ۽ ان ڪريم جي بارگاهہ ۾ نهايت عاجزانه التجا ۽ دلي دعا آهي تہ اهو ڪريم باقي رهيل تفسير بہ جلد کان جلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪرڻ فرمائي. آمين يا رب العلمين بحرمة حبيبك الڪريم عليه وعلي آله واصحابه الصلواة والسلام الي يوم الدين. الداعي من ا لله المغيث محمد ادريس الداهري عفي عنه ماڪان اويڪون منه.

دعا جو طالب
محمد ادريس ڏاهري
نقشبندي عفي عنه

(١) روح البيان صـ٤٨٨ـ جلد ٩ (٢) نورالعرفان صـ٨٨٠ـ

سورة "اَلصَّفِّ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ ھي ڇھ ڳالھيون ذھن نشين ڪرڻ اھم آھن.

نالومبارڪ: ھن جو نالو "الصف" آھي ھي ھن جي آيت ع ۴ـ ۾ مذڪور آھي.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جوتعداد: ھن سورة ۾ ٻہ رڪوع، چوڏھن آيتون، ٻہ سوء ايڪيھہ "٢٢١" ڪلما ۽ نو سوء "٩٠٠" حرف آھن. (١)

مڪيہ آھي يا مدنيہ؟ جمھور مفسرن وٽ ھيءَ سورة پاڪ مدينہ منوره ۾ نازل ٿي ھئي. (٢)

مضمون: محبوب ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن کي مڪي زندگيءَ ۾ پيش اچڻ وارين مشڪلاتن جي نوعيت جدا ھئي تہ مدينہ منوره ۾ پيش اچڻ وارين مشڪلاتن جو رنگ جدا ھو. ھتي مسلمانن کي جھاد جو اذن ملي چڪو ھو ۽ ڪافرن سان ڪليل ٽڪر جي عھد جو آغاز ٿي چڪو ھو ھاڻي اھڙن ھمت ڀرين، سرجي سودي ڪندڙن مجاھدن جي ضرورت ھئي جن جي قول ۽ عمل ۾ مڪمل ھم آھنگي ھجي جيڪو ڪجھہ اھي زبان سان چون نيڪ نيڪ ان تي عمل بہ ڪري ڏيکارين جن ماڻھن جي قول ۽ عمل ۾ تضاد ھوندو آھي اھي پنھنجي قوم لاءِ ڪڏھن بہ شرف جو باعث نہ بنجندا آھن الله عزوجل مسلمانن کي ھتي تنبيہ ڪئي آھي تہ اھي اھڙيون ڳالھيون نہ ڪن جن تي اھي عمل ڪري نہ ٿا سگھن اھو طريقو الله عزوجل کي سخت ناپسند آھي بلڪ ان جي غضب ۽ ناراض ھجڻ جو باعث آھي گڏوگڏ اھو بہ بيانُ فرمايو اٿس تہ جڏھن ڪافرن سان جنگ ڪرڻ جي لاءِ ميدان ۾ لھو تہ صفون ٻڌي، پاڙن ۾ سيھي پلٽايل ٽين وانگر ٿي بيھو تانت ڪفر ۽ گمراھيءَ جا طوفان انھن سان ٽڪرائجي واپس ٿي وڃن حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ علىٰ نبينا وعليھما الصلواة والسلام کي بني اسرائيل ڏانھن موڪليو ويو پر انھن سندن قدر نہ ڪيو ڪلي طرح انھن کي ڪوڙو چيو انھن کي ايذايو ھن سورة ۾ مسلمانن کي تنبيہ ڪئي وئي آھي تہ اھي پنھنجي نبي عليہ الصلواة والسلام سان اھڙو سلوڪ نہ رکن آيت ع ٨ـ ع ٩ـ ۾ اسلام جي مڪمل غلبي جي بشارت ڏني وئي آھي تہ طوفان ڪيترا بہ تکا ۽ تيز ڇو نہ ھجن الله عزوجل جي روشن ڪيل ھن ڏيي کي وسائي نہ سگھندا جيڪو سچو دين ۽ حق جو پيغام الله عزوجل جو محبوب عليہ الصلواة والسلام ڪٺي آيو آھي اھو دنيا ۾ موجود ٻين سيني دينن تي غالب ٿيندو زمين جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ ان جو پيغام

(١) الخازن صـ٢٦١ـ جلد ۴ (٢) ساڳيو حوالو

پهچندو. ٻئي رڪوع ۾ مسلمانن ڪي اهڙي ڪاروبار ڪان آگاهہ ڪيو ويو آهي جنهن ۾ نفعو ئي نفعو آهي اهو هي تہ الله جل جلالہ ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ الله جل وعلا جي دين کي بلند ڪرڻ جي لاءِ مالي ۽ جاني جهاد ڪيو. ان جي بدلي ۾ اوهان کي جنتي نعمتن سان گڏوگڏ دنيا ۾ فتح، نصرت ۽ مدد سان سرفراز ڪيو ويندو. آخري آيت ۾ مومنن کي دعوت ڏني وئي آهي تہ اهي اڳتي وڌن ۽ الله جل شانـــہ جي دين جي تائيد ۽ مدد جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي اڳيان آڻين الله عزوجل سندن مدد ڪندو ۽ اهي ڪامياب ۽ ڪامران رهندا.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ "اِنْ كُنْتُمْ خَرَجْتُمْ جِهَادًا فِيْ سَبِيْلِيْ وَابْتِغَآءَ مَرْضَاتِيْ" (جيڪڏهن منهنجي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ ۽ منهنجي رضا طلب ڪرڻ جي لاءِ نڪتا آهيو) فرمائي الله عزوجل جي رضا حاصل ڪرڻ جي خاطر جهاد ۾ نڪرڻ جو بيان هو ۽ هن سورة ۾ "اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِهٖ صَفًّا" (بيشڪ الله انهن سان محبت رکي ٿو جيڪي سندس واٽ ۾ صفون ٻڌي جهاد ڪن ٿا)سان مجاهدن جي محبوبيت بيان ڪري ڪين جهاد جو حرص ڏياريو ويو آهي. (١)

پلايون ۽ برڪتون: مفسرن لکيو آهي تہ هن سورة جي تلاوت ڪندڙ جي لاءِ حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام مغفرت جي دعا ڪندو ۽ قيامت ۾ ان سان گڏ جنت ۾ هوندو. (٢)



(١) اللباب صـ٤٣ـ جلد ١٩ (٢) اللباب في علوم الكتاب صـ٦٧ـ جلد ١٩

وَهِيَ اَرْبَعَ عَشْرَةَ آيَةً	سُوْرَةُ الصَّفِّ مَدَنِيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوعَانِ
۽ اها ١۴ آيتون آهي	سورة الصف مدنيه آهي	۽ ان ۾ ٻہ رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَافِي السَّمٰوٰتِ وَمَافِي الْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ

پاڪائي بيان ڪري ٿي الله جي هراها شيءِ جيڪا آسمانن ۾ ۽ جيڪا زمين ۾ آهي ۽ اهو ئي غالب،

الْحَكِيْمُ (١) يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَالَا تَفْعَلُوْنَ (٢) كَبُرَ مَقْتًا

حڪمت وارو آهي اي ايمان وارا! ڇو ٿا چئو جيڪي نہ ٿا ڪيو وڏي ڪاوڙ "جوسبب آهي"

عِنْدَاللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَالَا تَفْعَلُوْنَ (٣) اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَ

الله وٽ تہ چئو اهو جيڪو نہ ٿا ڪيو بيشڪ الله محبت ٿو رکي انهن سان جيڪي جنگ ڪن ٿا

فِيْ سَبِيْلِهٖ صَفًّا كَاَنَّهُمْ بُنْيَانٌ مَّرْصُوْصٌ (۴)

ان جي واٽ ۾ صفون ٻڌي ڄڻ تہ اهي عمارتون (پاڙن ۾) سيهو پلٽايل آهن

تفسير

اڳيئن سورة جي آخر ۾ ڪافرن جي مايوسيءَ جو ذڪر هو ۽ هتي مومنن کي مايوسيءَ کان آزاد رهندڙ مومنن لاءِ الله عزوجل جي تسبيح پڙهندڙ شين جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "سَبَّحَ لله مَافِي السَّمٰوٰتِ وَمَافِي الْاَرْضِ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" (جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهن اهي سڀئي الله جي پاڪائي بيان ڪن ٿا ۽ اهو غالب، حڪمت وارو آهي) هن آيت جي سمجهاڻي ڪئين ڀيرا اڳ ۾ بيان ٿي چڪي آهي هن آيت سان هن سورة جي ابتداءَ ڪرڻ ۾ هيءَ حڪمت آهي تہ اڳيئن سورة جي پڇاڙيءَ ۾ ماڻهن کي الله عزوجل جي دين جي مدد ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني وئي هئي ان مان ڪو نادان ان غلط فهميءَ ۾ مبتلا نہ ٿئي تہ الله تعاليٰ پاڻهن جي مدد جو محتاج آهي ۽ جيڪڏهن پاڻها پنهنجون جانيون ۽ مال قربان نہ ڪندا تہ (معاذ الله) الله عزوجل جي الوهيت ۾ فرق پئجي ويندو. هن سورة جي ابتداءَ ۾ ئي هن حقيقت کي واضح ڪيو ويو آهي تہ آسمانن ۽ زمين ۾ رهندڙ هر شيءِ ان جي تسبيح پڙهي رهي آهي اهو

غالب، حڪمت وارو آهي ان اوهان ڪي جيڪو جهاد جو حڪم ڏنو آهي ان ۾ اوهان جو فائدو آهي ان سان حق جو ڪلمو تہ مٿي ٿيندو پر اوهان جا مال، گهر، وطن ۽ سر بہ سلامت رهندا ڪو طوفان بہ اوهان جي ايمان واري شمع کي وسائي نہ سگهندو. جيڪڏهن اوهان جهاد ۾ بزدلي جو مظاهرو ڪيو تہ باطل غالب ٿي اوهان جي لاءِ باهيون ٻاري ڇڏيندو.

شان نزول: مفسرن ڀلارن مختلف سَنَدُن ۽ حوالن سان حضرت عبدالله بن سلام رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ اسان پاڻ ۾ ويٺي ذڪر ڪيو تہ "اوهان مان ڪير رسول الله صلي الله عليه وسلم جن وٽ وڃي پڇي ايندو تہ "اي الاعمال احب الي الله" عملن مان ڪهڙو عمل الله وٽ وڌيڪ پيارو آهي؟ پوءِ اسان مان ڪير بہ نہ ويو تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن اسان مان هڪ هڪ مرد ڏانهن ماڻهو موڪلي اسان کي گڏ ڪري هيءَ سورة "الصف" پڙهي ٻڌائي." (١)

"يَاَيُّهَا الذِين امنوالِمَ تَقُولُوْنَ مَالَا تَفْعَلُوْنَ" (اي ايمان وارا! اهو ڇو ٿا چئو جيڪو نہ ٿا ڪيو) مطلب تہ جنهن ڳالهہ تي پاڻ عمل نہ ٿا ڪيو اهو ٻين کي ڇو ٿا چئو جيڪو اوهان ڪيو ناهي ان جي ڪرڻ جي دعوي ڪندؤ تہ ڪوڙ ٿي پوندو ۽ جيڪڏهن آئينده عمل ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري نہ ڪندؤ تہ بہ وعدي برخلافي ٿي پوندي ۽ اهي ٻئي ڳالهيون مذمت ڪيل آهن. (٢) "كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَاللهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَالَا تَفْعَلُوْنَ" (الله وٽ وڏي ڪاوڙ (جو سبب هي آهي) جو جيڪي پاڻ ڪيو نہ ٿا ٻين کي چئو ٿا) يعني اهڙي ڪم جي دعوي ڪرڻ جنهن جي ڪرڻ جو ارادو ئي نہ هجي وڏو گناهہ ۽ الله عزوجل جي ناراض ڪرڻ جو ذريعو ۽ سبب آهي. "اِنَّ اللهَ يُحِبُّ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِهٖ صَفًّا كَاَنَّهُمْ بُنْيَانٌ مَّرْصُوْصٌ" (بيشڪ الله انهن سان محبت ڪري ٿو جيڪي ان جي واٽ ۾ صفون ٻڌي جهاد ڪن ٿا ڄڻ تہ اهي (پاڙن ۾) سيهي پلٽايل عمارتون آهن) ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ اسلام امن پسند دين آهي خونريزي، فرماو، ان جي فطرت جي خلاف آهي. ان جڏهن بہ جنگ جي اجازت ڏني تہ ان بہ ٽي شرط بہ لڳايا آهن جن جو پورو ڪرڻ نهايت اهم آهي. "١" اها خالص الله جل شانه جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ حق کي بلند ڪرڻ جي لاءِ هجي. "٢" باطل جي قوتن کي ابرڻ کان روڪڻ جي لاءِ ۽ انهن جي اڳواڻن کي برائيءَ کان روڪڻ جي لاءِ هجي. جنهن قوم جي اڳيان ايڏو عظيم ۽ اعلي مقصد هوندو جيڪڏهن اها متحد ۽ منظم ٿي باطل قوتن سان جنگ نہ ڪندي تہ اهي قوتون انهن کي ختم ڪري ڇڏينديون. ان قوم جي شڪست صرف

(١) ابن ڪثير ص-٣٥٦ـ، الدرالمنثور ص-١٤٦ـ جلد ٨ (٢) القرطبي ص-٨٠ـ جلد ١٨

ان جي ذات تائين محدود نہ رهندي بلڪ اهي بلند نظريا جن تي ساري انسانيت جي فلاح ۽ ڪاميابي جو مدار آهي اهي شڪست کائي ويندا ۽ اها ايتري وڏي دردناڪ ڳالهہ هوندي جنهن جي تلافيءَ لاءِ تمام ڊگهي مدت جي ضرورت هوندي ان جي ڪري هن آيت ۾ الله عزوجل جي طرفان مجاهدن سان محبت رکڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

نماز ۾ صفون درست رکڻ
جڻ جهاد ۾ صفون درست رکڻ آهن!

ابن مردويہ حضرت براءَ بن عازب رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت آندي آهي تہ جڏهن نماز جي لاءِ اقامت (تڪبير) چئي ويندي هئي تہ "سيدنا" رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن صفون سڌيون ڪرائڻ جي لاءِ اسان جي ڪلهن ۽ سينن تي پنهنجو هٿ (مبارڪ) رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ صفن ۾ اڳتي پوئتي ٿي اختلاف نہ ڪيو پوءِ اوهان جي دلين ۾ اختلاف پيدا ٿيندا. بلاشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ نماز ۾ بيهندڙن جي پهرين صفن تي درود موڪلين ٿا. ڪلها ڪلهن سان ۽ پيرن سان پير ملايو بلاشڪ الله جنهن ڳالهہ سان جنگ ۾ محبت رکي ٿو ان سان نماز ۾ بہ محبت رکي ٿو. "صَفًّا كَأَنَّهُمْ بُنْيَانٌ مَّرْصُوصٌ" (صفون ٻڌندڙ جڻ تہ اهي (پاڙن ۾) سيهو پلٽايل پتيون آهن) احمد، ابن ماجہ ۽ الاسماءَ والصفات ۾ بيهقيءَ حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو "ثَلَاثَةٌ يَضْحَكُ اللهُ اِلَيْهِمُ الْقَوْمُ اِذَا اصْطَفُّوا لِلصَّلٰوةِ وَالْقَوْمُ اِذَا اصْطَفُّوا لِقِتَالِ الْمُشْرِكِيْنَ وَرَجُلٌ يَقُوْمُ اِلَى الصَّلٰوةِ فِيْ جَوْفِ اللَّيْلِ" (۱) ٽن ڏانهن نهاري الله (خوش ٿي) ڪلندو آهي. "۱" اها قوم جن نماز جي لاءِ صف لڳائي. "۲" ۽ اها قوم جن مشرڪن سان جهاد جي لاءِ صف لڳائي. "۳" ۽ اهو مرد جيڪو رات جي وچ ۾ نماز جي لاءِ اٿي ٿو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ حاصل ٿين ٿا. ۱. آيت ع-۳ـ مان معلوم ٿيو جيڪو جائز وعدو يا ڳالهہ ڪجي تہ اها پوري ڪرڻ ضروري آهي نہ تہ اهو ماڻهو انهن ۾ شمار ڪيو ويندو جيڪي جو ڪجهہ چون ٿا اهو ڪن نہ ٿا. ۲. "كَأَنَّهُمْ بُنْيَانٌ مَّرْصُوصٌ" (جڻ تہ اهي (پاڙن ۾) سيهو پلٽايل عمارتون آهن) مان معلوم ٿيو تہ مجاهدن جي ادا بہ الله عزوجل کي پسند ۽ پياري آهي اهي ان دور ۾ تلوار سان جهاد جي لاءِ صفون ٻڌي بيهندا هئا ۽ هاڻي جڏهن تہ تلوار نہ ٿي هلي تہ هاڻ جنهن بہ ادا سان جهاد ڪن ٿا ها الله عزوجل کي محبوب آهي.

(۱) الدرالمنثور ص-۱۴۷ـ

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ لِمَ تُؤْذُوْنَنِيْ وَقَدْ

۽ ياد فرماءِ جڏهن چيو موسىٰ پنهنجي قوم کي تہ اي منهنجي قوم وارا ڇو تا ايذايو مون کي ۽ تحقيق

تَّعْلَمُوْنَ اَنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ فَلَمَّا زَاغُوْٓا اَزَاغَ اللّٰهُ

ڄاڻو ٿا تہ بيشڪ مان الله جو رسول آهيان اوهان ڏانهن پوءِ جڏهن ڏنگائي ڪيائون تہ ڏنگو بڻايو الله

قُلُوْبَهُمْ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ (٥) وَاِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ

انهن جي دلين کي ۽ الله نہ ٿو هدايت ڪري فاسق قوم کي ۽ جڏهن چيو عيسىٰ ابن مريم

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ

اي بني اسرائيل! بيشڪ مان الله جو رسول آهيان اوهان ڏانهن تصديق ڪندڙ ان جي جو اڳي مون کان

مِنَ التَّوْرٰىةِ وَمُبَشِّرًا بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗٓ اَحْمَدُ ؕ

هو توراة ۽ خوشخبري ڏيندڙ ان رسول جي جيڪو ايندو مون کان پوءِ نالو ان جو احمد آهي

فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ (٦) وَمَنْ اَظْلَمُ

پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ دليلن سان تہ چيائون هي جادو چٽو آهي ۽ ڪير وڌيڪ ظالم آهي

مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ وَهُوَ يُدْعٰٓى اِلَى الْاِسْلَامِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي

ان کان جنهن ٺاهيو الله تي ڪوڙ ۽ اهو سڏيو وڃي ٿو اسلام ڏانهن ۽ الله نہ ٿو هدايت ڪري

الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ (٧) يُرِيْدُوْنَ لِيُطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ وَاللّٰهُ مُتِمُّ

ظالم قوم کي ارادو ڪن ٿا تہ اُجهائين الله جي نور کي پنهنجن واتن سان ۽ الله پورو ڪندڙ آهي

نُوْرِهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ (٨) هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ

پنهنجي نور کي جيتوڻيڪ نہ پسند ڪيو ڪافرن اهو الله اهو آهي جنهن موڪليو پنهنجي رسول کي

ع ١ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ (٩) ع

هدايت سان ۽ سچي دين سان تانتہ غالب ڪري ان کي دينن سڀني تي جيتوڻيڪ نہ پسند ڪيو مشرڪن

تفسير

اڳين آيتن ۾ جهاد کي ڇڏيندڙن، ان کان ڀڄندڙن کي تنبيہ ڪيل هئي ۽ هتي بيان ڪيو ويو آهي تہ انهن جو حال انهن بني اسرائيلن جهڙو آهي جن کي حضرت موسىٰ

عليٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام جبارين سان جنگ ڪرڻ جي لاءِ حڪم فرمايو هو پر سندس چوڻ نـ ڪيائون بلڪ ڪيس ايذاياڻون. فرمان مبارڪ آهي "وَإِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ لِمَ تُؤْذُوْنَنِيْ وَقَدْ تَّعْلَمُوْنَ اَنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ" (ياد فرمايو جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو تـ اي منهنجي قوم! مون کي ڇو ٿا ايذايو حالانڪ تحقيق اوهان ڄاڻو ٿا تـ مان اوهان ڏانهن الله جو رسول آهيان) يعني اي منهنجا پيارا حبيب! عليـه الصلواة والسلام اوهان پنهنجن، جهاد کان منهن موڙيندڙن قوم وارن کي حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام جي قوم وارو بيان ٻڌايو جڏهن حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام بني اسرائيل کي فرمايو تـ اهڙا ڪم ڇو ٿا ڪيو؟ جن سان منهنجي دل آزاري ٿئي ٿي حالانڪ اوهان کي منهنجي تائيد ڪندڙ، منهنجي هٿان ظاهر ٿيندڙ معجزا ڏسي يقيني علم آهي تـ مان اوهان ڏانهن الله جل شانـه جو رسول آهيان. (١) "فَلَمَّا زَاغُوْٓا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ" (پوءِ جڏهن ڏنگا ٿيا تـ الله سندن دلين کي ڏنگو ڪيو ۽ الله فاسق قوم کي هدايت نـ ٿو ڪري) يعني جڏهن حق کان ٽڙي پري ٿيا تـ الله جل وعلا سندن دليون هدايت کان ڦيرايون ۽ الله پاڪ سندس فرمانبرداريءَ کان نڪرندڙن، فاسقن کي چڱي ڪم جي توفيق نـ ڏيندو آهي. "وَاِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَمُبَشِّرًاۢ بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِى اسْمُهٗٓ اَحْمَدُ فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ" (۽ "ياد فرمايو" جڏهن مريم جي پٽ عيسيٰ فرمايو تـ اي بني اسرائيلو! مان اوهان ڏانهن الله جو رسول آهيان ان توراة جي تصديق ڪندڙ آهيان جيڪو مون کان اڳي هو ۽ ان رسول جي بشارت ڏيندڙ آهيان جيڪو مون کان بعد ايندو ان جو نالو احمد هوندو پوءِ جڏهن انهن وٽ روشن دليلن سان آيو تـ چيائون هي ڇٽو جادو آهي) يعني اي محبوب پاڪ! عليك الصلواة والسلام اوهان پنهنجي قوم وارن کي حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام جي ڳالهہ ٻڌايو ان بني اسرائيلين کي فرمايو هو تـ بلاشڪ مان اوهان ڏانهن الله جو رسول آهيان مان مون کان اڳي نازل ڪيل ڪتاب توراة ۾ لکيل احڪام جي تصديق ڪندڙ آهيان مون اهڙي ڪا بہ شيءِ نـ آندي آهي جيڪا توراة جي خلاف هجي ۽ مان اهو اوهان کي بشارت ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهيان جنهن جو نالو احمد آهي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تـ اهو خاتم الانبياءَ اسان جو رسول آهي جنهن جو هڪ نالو مبارڪ احمد آهي. صحيح حديث ۾ آهي تـ "منهنجا پنج نالا آهن "١" مان محمد آهيان. "٢" مان احمد آهيان. "٣" مان حاشر آهيان

(١) التفسير الواضح الميسر صـ١۴٠٦ـ

جو منهنجي قدم تي ماڻهو اتاريا ويندا. "۴" مان ماحي (ميٽيندڙ) آهيان جو الله مون سان ڪفر کي ميٽيندو. "۵" مان عاقب (پويان ايندڙ) آهيان. العاقب جي معنيٰ جنهن کان پوءِ ڪو ٻيو ڪنهن قسم جو نبي نہ ايندو. يعني خاتم الانبياءَ. (١) يعني آخري نبي مبارڪ احمد آهي اهو جڏهن روشن دليلن ۽ چٽن معجزن سان تشريف فرما ٿيو تہ چوڻ لڳا تہ هي پيغمبر يا جيڪو قرآن ڪريم اُن آندو آهي چٽو ۽ روشن جادو آهي. حضور عليہ الصلواة والسلام کي سحر، جادو چوڻ، مبالغي ۽واڌاري جي لاءِ هو. (٢) "وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ" (۽ ان کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي جنهن الله تي ڪوڙ هنيو) مطلب تہ الله عزوجل تي ڪوڙ هڻندڙ وڏو ظالم آهي. "وَهُوَ يُدْعٰى اِلَى الْاِسْلَامِ" (حالانڪ اهو اسلام ڏانهن سڏيو وڃي ٿو) مطلب تہ جڏهن ان کي ان اسلام ڏانهن رسول پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي پاڪ زبان سان سڏيو وڃي ٿو جنهن ۾ سندس ٻنهي جهانن جي سلامتي ۽ ڀلائي آهي تہ ان هوندي بہ ان کي نہ مڃڻ نهايت وڏو ظلم آهي. "وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ" (۽ الله ظالم قوم کي هدايت نصيب نہ ٿو ڪري) يعني ظالم جڏهن الله جلت صفاتہ جي طرفان موڪليلن نبين عليهم الصلواة والسلام ڏانهن متوجہ نہ ٿا رهن تہ اهو بہ ڪين هدايت نصيب نہ ٿو فرمائي ڀانها محتاج آهن الله جل مجده محتاجيءَ کان پاڪ آهي. "يُرِيْدُوْنَ لِيُطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ" (ارادو ڪن ٿا تہ الله جي نور کي وسائي ڇڏين) مطلب تہ ڪافرن جي ان سموري حرڪت جو مقصد الله جل شانہ جي نور کي وسائي ختم ڪرڻ آهي.

نورالله مان مراد ڪير آهي؟ مفسرن ڀلارن ان ۾ مختلف قول لکيا آهن "١" ان مان مراد الله عزوجل جو دين آهي. "٢" ان مان مراد الله جو ڪتاب آهي. "٣" ان مان مراد الله عزوجل جي روشن حجت آهي. "۴" ان مان مراد سيدنا رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن آهن. (٣) جن کي ڪافرن شهيد ڪرڻ جو پروگرام بنايو هو علامہ آلوسي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ ان مان مراد نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن کي شهيد ڪرڻ ۽ سندن شان کي باطل ڪرڻ آهي. (۴)

"وَاللّٰهُ مُتِمُّ نُوْرِهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ" (۽ الله پنهنجي نور کي پورو ڪندڙ آهي جيتوڻيڪ ڪافرن پسند نہ ڪيو) مطلب تہ ڪافر نہ پسند ڪندي ڪيتري بہ ڪوشش ڪن پر سندن ڪوشش ناڪام رهندي ۽ الله عزوجل پنهنجي هن پياري نور کي ڪمال تائين

(١) التفسير الواضح الميسر ص-١۴٠٦- (٢) تنوير الاذهان ص-٣٠۴- جلد ۴
(٣) اللباب ص-٥٦- جلد ١٩، تنوير الاذهان ص-٣٠۴- جلد ۴، القرطبي ص-٨٥- جلد ٨
(۴) روح المعاني ص-٨٨- جزءٔ ٢٨ جلد ١٠

پهچائيندو. هيءَ آيت احد جي جنگ کان پوءِ نازل ٿي هئي جڏهن مسلمانن کي سخت مشڪلات سامهون هئا جنگ جي ميدان ۾ انهن جو سخت جاني نقصان ٿيو هو حضرت حمزه ۽ حضرت مصعب رضي الله عنهما جهڙا عظيم بهادر شهادت ماڻي چڪا هئا ويجهو رهندڙن بدوي قبائل جي دلين ۾ مسلمانن جو رعب باقي نہ رهيو هو اهڙين غير يقيني حالتن ۾ الله عزوجل هيءَ آيت نازل فرمائي ۽ سچي دنيا ڏٺو تہ الله عزوجل جو فرمان حرف بہ حرف پورو ثابت ٿيو. "هُوَالَّذِيْ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ وَلَوْكَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ" (اهو الله اهو آهي جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو تانت ان کي سڀني دينن تي غالب بنائي جيتوڻيڪ ڪافر پسند نہ ڪن) رسولن مان مراد حضرت محمد عليــــه الصلواة والسلام جن آهن، هدايت مان مراد قرآن ڪريم يا ڪين عطا ڪيل معجزا آهن. پوءِ هدايت جي معنيٰ جنهن سان صراط مستقيم ڏانهن رهنمائي حاصل ٿئي ۽ سچي دين مان مراد دين حنيفي آهي جنهن کي الله عزوجل پنهنجي رسول عليــه الصلواة والسلام ۽ ان جي امت لاءِ پسند ۽ اختيار فرمايو آهي. (١) مطلب تہ الله عزوجل ئي آهي جنهن پنهنجي محبوب حضرت محمد عليــه الصلواة والسلام کي قرآن ڪريم، معجزا ۽ سچو دين اسلام ڏئي پانهن ڏانهن موڪليو تانت ان کي دنيا ۾ رائج ٻين دينن تي غلبو ۽ قوت عطا ڪرڻ فرمائي ان ڳالهہ کي ڪافر ڀلي پسند نہ ڪن پر ائين اڳي يا پوءِ ٿيڻو ضرور آهي. "١" تہ الله عزوجل ان کي غلبو ڏنو جو خلافت راشده جي دور ۾ دنيا جي مشرق ۽ مغرب ۾ اهو پهتو. (٢) ۽ وري ان کي امام مهدي ۽ حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام جي دور ۾ غلبو ملندو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "فَلَمَّازَاغُوْٓا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ" (پوءِ جڏهن ڏنگا ٿيا تہ الله بہ انهن جي دلين کي ڏنگو ڪري ڇڏيو) هتي ڏنگي ٿيڻ مان مراد نبين عليهم الصلواة والسلام جي بي فرماني آهي. انهن جي دلين کي ڏنگي ڪرڻ مان مراد ڪين توفيق نہ ڏيڻ آهي هن مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل جي پيارن پيغمبرن جي مخالفت ڪرڻ بي نصيبي ۽ محروم هجڻ جو باعث ۽ دلين تي مهر لڳڻ جو باعث آهي. ٢. "وَاِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ" (۽ "ياد فرمايو" جڏهن مريم جي پٽ عيسيٰ فرمايو هتي حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام کي سنيده مريم سلام الله عليها جي پٽ سڏڻ مان ثابت ٿيو تہ پاڻ پيءُ کان سواءِ پيدا ٿيا هئا جيڪڏهن سندن پيءَ هجي ها تہ ان ڏانهن نسبت ڪيو وڃي ها. ٣. "يٰبَنِيْٓ اِسْرَآئِيْلَ" کان "اسْمُهٗ

(١) تنوير الاذهان صــ٣٠٥ــ جلد ۴ (٢) التفسير الواضح الميسر صــ١۴٠٨ــ

اَحْمَدُ" تائين آيت جي حصي ۾ حضرت عيسى علىٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام جا ٽي ارشاد بيان ٿيا آهن "١" مان الله جو رسول آهيان هن سان انهن ماڻهن جي ترديد ٿي جيڪي کيس الله يا الله جو پٽ چوندا آهن ۽ انهن يهودين جي بہ ترديد ٿي جيڪي سندس بي اُدبي ڪندي سندس والده ماجده تي بهتان هڻندا آهن. "٢" "اِلَيْكُمْ" (اوهان ڏانهن) چوڻ سان پاڻ ٻڌايائون تہ مان صرف اوهان ڏانهن رسول آهيان منهنجي رسالت جو دائره بني اسرائيل تائين محدود آهي. ان ارشاد تي اهي عيسائي مشنريون غور ڪن جيڪي هر جاءِ تي عيسائيت جي پرچار ڪن ٿيون. قرآن ڪريم جي ان فرمان جي تائيد انجيل سان بہ ٿيئي ٿي. ڏسو انجيل متي باب ١۵ آيت عـ٢۴ـ ان ۾ فرمان آهي تہ مان بني اسرائيل جي وڃايلن ڍڳن کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڏانهن رسول ڪري نہ موڪليو ويو آهيان. پهرين آيتن ۾ انهن ٻارهن رسولن جا نالا ٻڌايا ويا آهن جن کي پاڻ تبليغ جي لاءِ موڪليو هيائون ۽ انهن کي حڪم فرمايو هيائون تہ پنهنجي قوم کان سواءِ ٻين قومن ڏانهن نہ وڃجو ۽ سامري قوم جي ڪنهن بہ شهر ۾ داخل نہ ٿجو بلڪ اسرائيل جي گهراڻي مان گمراهن ٿيلن کي هدايت ڪجو. جڏهن عيسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام پنهنجن شاگردن ۽ رسولن کي ٻين قومن ڏانهن وڃڻ کان روڪيو آهي ۽ پنهنجي پيغام جي پهچائڻ کي بني اسرائيل جي خاندان جي خاندان ۾ محدود ڪري ڇڏيو آهي تہ هاڻي ڪنهن بہ عيسائي مبلغ کي حق نہ ٿو پهچي تہ اهو بني اسرائيل کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي عيسائيت جي دعوت ڏي. "٣" پاڻ فرمايائون تہ مان حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام کي ڪوڙو نہ ٿو چوان بلڪ ان تي جيڪو آسماني ڪتاب نازل ٿيو هو مان ان جي تصديق ڪيان ٿو. حضرت موسىٰ سچو رسول هو ۽ توراة الله عزوجل جو سچو ڪتاب آهي سيئي رسول عليهم الصلواة والسلام جڏهن تہ الله عزوجل جا موڪليل آهن ان جي ڪري اهو ٿي نہ ٿو سگهي تہ اهي هڪ ٻئي کي ڪوڙو چون انهن جو ڪم تہ سيني جي تصديق ڪرڻ آهي. "۴" پاڻ فرمايائون تہ مان اوهان کي هڪ روح کي راحت ڏيندڙ ڳالهہ ٻڌايان ٿو اها هيءَ آهي تہ مون کان پوءِ هڪ جليل القدر، عظيم المرتبت رسول عليـه الصلواة والسلام تشريف فرمائيندو ان جو نالو مبارڪ "احمد" هوندو.

هتي بہ ٽي سوال جواب طلب آهن. ١. ڇا حضور پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن جو نالو مبارڪ "احمد" آهي؟ ٢. ڇا ان بشارت مان مراد حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جي ذات عالي صفات آهي؟ ٣. ڇا موجوده انجيل ۾ اها بشارت موجود آهي؟ ۴. ڇا اهو شخص جنهن جو نالو غلام احمد آهي انهيءَ پيشين گوئي جو مصداق

آهي؟ سوال ع١ـ جي جواب ۾ گذارش آهي تہ نبي پاک عليہ الصلواة والسلام جن جا نالا مبارک جيکي حديث ۾ آهن انهن ۾ هي اسم مبارک بہ مذکور آهي. حضرت جبير بن مطعم رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ سيدنا رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "اِنَّ لِيْ اَسْمَاءَ اَنَا مُحَمَّدٌ وَاَنَا اَحْمَدُ وَاَنَا الْحَاشِرُالَّذِيْ يُحْشَرُ النَّاسُ عَلٰى قَدَمِيْ الحديث" منهنجا نالا مبارک آهن "١" مان محمد آهيان. "٢" ۽ مان احمد آهيان. "٣" ۽ مان حاشر آهيان ماڻهو منهنجي قدم (مزار مان اٿڻ) تي اٿاريا ويندا. امام مالک، بخاري مسلم، دارمي، ترمذي ۽ نسائي جبير بن مطعم رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "اِنَّ لِيْ خَمْسَةَ اَسْمَاءَ اَنَا مُحَمَّدٌ، وَاَنَا اَحْمَدُ وَاَنَا الْحَاشِرُ الَّذِيْ يُحْشَرُ النَّاسُ عَلٰى قَدَمِيْ وَاَنَا الْمَاحِي الَّذِيْ يَمْحُو اللهُ بِيَ الْكُفْرَ وَاَنَا الْعَاقِبُ وَالْعَاقِبُ الَّذِيْ لَيْسَ بَعْدَهٗ نَبِيٌّ" (١) مراد ساڳي آهي. وڌيک الفاظن جي معنیٰ آهي مان ماحي آهيان جو الله مون سان کفر کي ميٽيندو ۽ مان عاقب آهيان جنهن کان پوءِ کو بہ نبي نہ آهي. حضرت حسان رضي الله عنہ بہ اهو ئي نالو مبارک وٺي بارگاه رسالت ۾ سلام عرض کيو آهي.

صَلَّى الالٰهُ وَمَنْ يَّحُفُّ بِعَرْشِهٖ وَالطَّيِّبُوْنَ عَلَى الْمُبَارَكِ اَحْمَدِ

الله تعالیٰ ۽ عرش جي کڻندڙن ۽ سڀني پاڪيزه انسانن ان مبارک هستيءَ تي درود موڪليا آهن جنهن جو اسم گرامي احمد آهي احمد جي معنیٰ آهي پنهنجي رب جي حمد کندڙن مان وڌيک حمد کندڙ. پنهنجي رب جي گهڻي حمد ڪرڻ جي ڪري ئي پاڻ محمد (عليہ الصلواة والسلام) بڻيا آهن. محمد اهو آهي جنهن جو هر هر حمد کيو وڃي پنهنجي رب جي حمد ڪرڻ ۾ سندن کو مثال ناهي، الله عزوجل جي حمد ڪرڻ جي مقام ۾ ان منزل تي نہ کو نبي ۽ نہ کو ملائک پهتل آهي ۽ نہ پهچي سگهي ٿو. اهڙي طرح مخلوق ۾ جيترو حمد ۽ جيتري ثنا هن محبوب جي هلي رهي آهي ۽ هلندي کنهن ٻئي کي نصيب نہ آهي جن ۽ انسان ان جا ثنا خوان آهن هر شيءِ ان جي توصيف ۾ رطب اللسان آهي ۽ خود رب ڪريم جل وعلا بہ ان جي ثنا کندڙ آهي. صرف دنيا ۾ نہ بلک عالم اخریٰ ۾ بہ حضور ڪريم عليہ انصلواة والسلام جن جو شان نرالو هوندو حقيقت هيءَ آهي تہ ان محمدي شان جي چمڪارن جو صحيح انداز ان وقت ٿيندو جڏهن سندن هٿ مبارک ۾ حمد جو جهنڊو هوندو ۽ الله تعالیٰ جو هي حبيب عليہ الصلواة والسلام مقام محمود تي جلوي افروز هوندو. الله تعالیٰ جي لطف وڪرم جو هي انداز بہ نهايت نرالو آهي جو سهڻي نبي پاک عليہ

(١) الدرالمنثور ص١٤٨ـ جلد ٨

الصلواة والسلام کان اڳي ڪنهن جو بہ احمد نالو نہ هو تانت ان بشارت ڏنل جي باري ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪنهن کي شبهو نہ رهي پر جڏهن ان اسم مبارڪ جي نسبت حضور عليه الصلواة والسلام جن سان ٿي تہ هي پاڪ نالو ايترو تہ مقبول بڻيو جو هاڻي ان نالي وارن جو تعداد ڳڻڻ کان مٿي آهي. نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي ظاهري تشريف آوريءَ کان پهريان سندن بعثت جو ذڪر عام ٿي چڪو هو تہ هڪ نبي عليه الصلواة تشريف فرما ٿيڻ وارو آهي جنهن جو پاڪ نالو "محمد" عليه الصلواة والسلام هوندو پوءِ ان اميد تي بعضي والدين پنهنجن پٽن جو نالو محمد تجويز ڪيو تہ شايد هيءَ سعادت انهن جي حصي ۾ اچي. نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کان پهريان ست اهڙا ماڻهو ملن ٿا جن جو نالو محمد هو پر انهن مان ڪنهن بہ نبوت جي دعويٰ نہ ڪئي اهڙي طرح الله عزوجل پنهنجي خاص حڪمت سان پنهنجي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام جي انهن ٻنهي نالن کي هر شڪ ۽ شبهي کان پاڪ رکيو. ٻئي سوال جي جواب ۾ عرض آهي تہ حضرت عيسيٰ عليه الصلواة والسلام جي ان بشارت جو مصداق صرف نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي ذات عالي صفات آهي ڇو تہ بشارت جا الفاظ "يَأۡتِيۡ مِنۡۢ بَعۡدِيۡ" (مون کان بعد ايندو) آهن ۽ تاريخ هن ڳالھ تي شاهد آهي تہ حضرت عيسيٰ کان بعد حضور عليهما الصلواة والسلام جن کان سواءِ ڪنهن بہ رسالت جي دعويٰ نہ ڪئي هئي، ٻي نشاني هي ذڪر فرمايائين تہ ان جو نالو احمد هوندو هي الله عزوجل جو خاص لطف آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن کان پهريان ڪنهن بہ نبي يا رسول جو نالو احمد تہ نہ هو پر ڪنهن فرد بشر جو بہ اهو نالو نہ هو ڇو تہ حضرت عيسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جن کان بعد صرف سندن ئي نالو احمد هو ۽ صرف پاڻ ئي رسالت جي دعويٰ ڪئي هيائون ان جي ڪري ان ڳالھ ۾ ڪو بہ شڪ نہ رهيو تہ صرف سندن ئي ذات جي بشارت ڏني وئي هئي. رهيو ٽيون سوال تہ ڇا موجوده انجيل ۾ هيءَ بشارت بعينه موجود آهي تہ ان جي لاءِ ذراتفصيل درڪار آهي هن وقت عيسائين وٽ صرف چار انجيل آهن جيڪي مستند قرار ڏنا ويا آهن انجيل متي، انجيل مرقس، انجيل لوقا، انجيل يوحنا انهن مان ڪو بہ انجيل سنه ٧٠ عيسوي کان پهريان ناهيل نہ هو انسائيڪلو پيڊيا بريٽانيڪا جا هي الفاظ غور طلب آهن.

ITS EXACT DATE AND ITS EXACT PLACE OF ORIGIN ARE UNCERTAIN, BUT IT APPEARS TO DATE FROM THE LATER YEARS OF THE 1st CENTURY. (P.513-VOL 3)

يعني ان جي متعين تاريخ ۽ ان جي وجود ۾ اچڻ جو صحيح مقام متعين ناهي پر اهڙو ظاهر ٿئي ٿو ته ان جو تعلق پهرين ۽ ٻي صديءَ جي آخري سالن سان آهي. جلد ٣ صـ٥١٣ـ ان کان پوءِ ٿي ستون پوءِ ان ئي ڪالم ۾ لکي ٿو.

WE HAVE NO CERTAIN KNOWLEDGE AS TO HOW OR WHERE THE FOURFOLD GOSPEL CANON CAME TO BE FORMED.

يعني اسان وٽ ڪو به يقيني علم ناهي ته هي چار مستند انجيل ڪيئن ۽ ڪٿي معرض وجود ۾ آيا وري جن ماڻهن انهن کي مرتب ڪيو اهي حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي صحابه مان نه هئا بلڪ ان وقت انهن نصرانيت کي قبول ئي نه ڪيو هو ۽ نه انهن مرتب ڪرڻ وارن انهن ماڻهن جا نالا لکيا آهن جن جي واسطي سان هي انجيل انهن وٽ پهتا وڏي عرصي کان پوءِ مرتب ڪرڻ وارن اها زحمت گوارا نه ڪئي ڪين اهي ڪٿان ۽ ڪنهن وٽان مليا تانته انهن جي باري ۾ جاچ پڙتال ڪئي وڃي ته اهڙن مجموعن تي ڪهڙي طرح اعتماد ڪري ٿو سگهجي؟ ان کان وڌيڪ ڏک جي ڳالهه اها ته اهي اصلي نسخا جيڪي سرياني زبان ۾ هئا اهي بلڪل غائب آهن انهن جو ڪو نشان نه ٿو ملي تانته انهن جي ترجمن جو اصل سان موازنو ڪري سگهجي انهن سرياني زبان ۾ لکيل انجيلن جو ترجمــــه بعد ۾ يوناني زبان ۾ ڪيو ويو پر انهن ترجمن جو به ڪو اصلي نسخو نه ٿو ملي انجيلن جو جيڪو سڀ کان قديم يوناني ترجمو ملي ٿو اهو چوٿينءَ صديءَ جو آهي ۽ وڏو ظلم ته اهو آهي جو عيسائي علماءَ انجيلن ۾ تحريف کي هرگز برو نه ٿا سمجهن جيڪڏهن اهي انجيلن ۾ ڪنهن ڳالهه کي وڌائڻ مناسب سمجهن ٿا ته بنا فڪر جي ڪري ڇڏين ٿا جتي هيءَ صورتحال هجي اتي اوهان آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته انجيل ڇا مان ڇا ٿي ويا هوندا ۽ انهن ۾ ڪهڙي طرح تصرفات ٿي چڪا آهن ان جي ڪري جيڪڏهن اهڙن انجيلن ۾ بشارت نه ملي ته قرآن ڪريم تي اعتراض نه ٿو ڪري سگهجي پر انهن سيني ڳالهين جي هوندي الله عزوجل جو شان ڏسو ته سوين سالن کان موجود تحريف ۽ قيرقار جي باوجود هاڻي به وڏي صراحت سان عبارتون موجود آهن جن ۾ حضور عليــــه الصلواة والسلام جن جي تشريف فرما ٿيڻ جي باري ۾ پيشين گوئيون ڪيون ويون آهن. مفسرن پلارن پنهنجن تفسيرن ۾ مختلف مقامن تي بيان ڪيون آهن اتي ڏسي سگهجن ٿيون. (١) علامــه احمد مصطفيٰ مراغي لکيو آهي "توراة جي پنجين دفترجي ويهين فصل ۾ آهي ته الله سينا کان آيو. ساعير کان تجلي

(١) ضياءُ القرآن صـ٢١٥ـ کان صـ٢٢٢ـ جلد ٥ حاشيه ماجديه صـ١١٠٤ـ تفهيم القرآن صـ٤٦١ـ جلد ٥

فرمايائين فاران جي جبلن کان ظاهر ٿيو ان سان گڏ پاڪ سچي پاسي کان هوندا. سينا حضرت موسىٰ تي وحي لهڻ جي جاءِ آهي، سامير حضرت عيسىٰ تي وحي لهڻ جي جاءِ آهي ۽ فاران مڪه مڪرمه جا جبل حضرت محمد صلي الله عليه وسلم تي وحي جي نزول جي جاءِ آهن علامه صاحب اهڙيون ڪيتريون ئي عبارتون به لکيون آهن. (١)

يَآيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰى تِجَارَةٍ تُنْجِيْكُمْ مِّنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ (١٠)

اي ايمان وارا!ڇاڏس ڏيان مان اوهان کي اهڙي تجارت جوجيڪاڇڏائي اوهان کي عذاب دردناڪ کان

تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَ تُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِكُمْ

ايمان آڻيو اوهان الله تي ۽ ان جي رسول تي ۽ جهاد ڪيو الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن

وَاَنْفُسِكُمْ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ (١١) يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ

۽ پنهنجن سرن سان اهو ڀلو آهي اوهان لاءِ جيڪڏهن ڄاڻو ٿا ته بخشيندو اوهان لاءِ اوهان جا گناه

وَيُدْخِلْكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ وَمَسٰكِنَ طَيِّبَةً

۽ داخل ڪندو اوهان کي بهشتن ۾ جو وهن پيون هيٺان انهن جي نهرون ۽ پاڪ جاين ۾

فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ (١٢) وَاُخْرٰى تُحِبُّوْنَهَا نَصْرٌ مِّنَ اللّٰهِ

رهڻ وارن بهشتن ۾ اها وڏي ڪاميابي آهي ۽ ٻي شيءِ جو محبت رکو ٿا ان سان مدد الله وٽان

وَفَتْحٌ قَرِيْبٌ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ (١٣) يَآيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا كُوْنُوْا اَنْصَارَ اللّٰهِ

۽ فتح ويجهي ۽ بشارت ڏي مومنن کي اي ايمان وارا! ٿي پئو الله (جي دين) جا مددگار

كَمَا قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ لِلْحَوَارِيّٖنَ مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللّٰهِ قَالَ

جيئن چيو عيسىٰ مريم جي پٽ حوارين کي ته ڪير مددگار منهنجا آهن الله جي طرف چيو

الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ فَاٰمَنَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْ بَنِيْٓ اِسْرَآئِيْلَ وَكَفَرَتْ

حوارين ته اسين الله جا مددگار آهيون پوءِ ايمان آندو هڪ جماعت بني اسرائيلين مان ۽ ڪفر ڪيو

طَّآئِفَةٌ ج فَاَيَّدْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلٰى عَدُوِّهِمْ فَاَصْبَحُوْا ظٰهِرِيْنَ (١٤) ع ٢

ٻي جماعت پوءِ تائيد ڪئي اسان انهن جي جن ايمان آندو سندن دشمن تي پوءِ ٿي ويا غالب

(١) المراغي ص۔٧٤، ٨٥۔ جزءِ ٢٨ جل ١٠

تفسير

اڳين آيتن ۾ مومنن کي حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قومن جهڙو هجڻ کان روڪيندي انهن جي جهاد کان سُستي بيان ڪئي وئي ۽ هتي ايمان وارن کي جهاد جي ترغيب ڏياريندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰى تِجَارَةٍ تُنْجِيْكُمْ مِّنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ" (اي ايمان وارا! ڇا مان اوهان کي اهڙي تجارت جو ڏس ڏيان جيڪا اوهان کي دردناڪ عذاب کان ڇڏائي) يعني الله جل شانه جا اهي ٻانها جن الله مٿي تي ايمان آٿي ان جي پياري رسول کي سچو چيو آهي ڇا مان اوهان کي اهڙو ڪاروبار، واپار ۽ تجارت جو ڏس ڏيان جنهن سان اوهان (دنيا ۾ نفعو حاصل ڪيو) ۽ آخرت جي دردناڪ عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو. هي اندازِ بيان ٻڌندڙ کي شوق ڏيارڻ ۽ همت وارو بنائڻ جي لاءِ آهي ان سان ان جو ذهن هڪدم متوجه ٿيندو ۽ ان ارشاد تي عمل ڪرڻ ان کي آسان لڳندو. "تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَتُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ" (الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آٿيو ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن سرن سان جهاد ڪيو. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته مٿي "يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" ۾ ايمان جو ذڪر ته اڳي ويو پر وري "تُؤْمِنُوْنَ" ايمان آٿيو چوڻ مان مراد ايمان تي ثابت رهڻ ۽ الله عزوجل جي لاءِ اخلاص سان عمل ڪرڻ آهي. مطلب ته ايمان تي پڪا ۽ عمل ۾ مخلص رهو ۽ الله جلت صفاته جي دين کي پکيڙڻ ۽ ان جي ڪلمي بلند ڪرڻ جي لاءِ پنهنجن مالن ۽ سرن سان الله جل وعلا جي واٽ ۾ جهاد ۽ قرباني ڪيو. "ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ" (اهو اوهان جي لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن اوهان ڄاڻو ٿا) يعني اوهان جي مالن ۽ سرن کان اوهان جي لاءِ وڌيڪ ڀلو الله جل جلاله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ آهي.

شان نزول: مفسرن ڀلارن لکيو آهي ته حضرت عثمان بن مظعون رضي الله عنه نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت عاليه ۾ عرض ڪيو ته "جيڪڏهن اوهان مون کي اجازت ڏيو ته مان (پنهنجي زال) خوله کي طلاق ڏئي رهبانيت اختيار ڪري پاڻ کي خصي ڪرائي ڇڏيان ۽ پاڻ تي گوشت کائڻ حرام ڪري، رات جو ننڊ نه ڪيان، ڏينهن جو روزي ۾ رهي زندگي گذاريان" نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ان کي فرمايو "منهنجي سنت مان نڪاح ڪرڻ آهي ۽ اسلام ۾ رهبانيت (دنيا کان هر طرح لاتعلق رهڻ) ناهي منهنجي امت جي رهبانيت الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ آهي ۽ منهنجي امت جو خصي ٿيڻ (شهوت تي ڪنٽرول ڪرڻ) روزو رکڻ آهي ۽ جيڪي پاڪ شيون الله اوهان جي لاءِ حلال ڪيون آهن اهي حرام نه ڪيو ۽ منهنجيءَ

سنت مان آهي تہ مان ننڊ ڪيان ٿو ۽ (رات جو) اٿان ٿو ۽ (نفلي) روزو ڇڏيان ٿو ۽ روزو رکان ٿو پوءِ جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو اهو مون مان ناهي" پوءِ حضرت عثمان بن مظعون عرض ڪيو الله جو قسم آهي تہ اي الله جا نبي! مان چاهيان ٿو خبر پوي تہ تجارت ڪهڙي آهي؟ تہ ان ۾ ڪاروبار ڪيان؟ تڏهن اها آيت نازل ٿي.(۱) "يَغْفِرْلَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ وَيُدْخِلْكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ وَمَسَاكِنَ طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ذٰلِكَ الْفَوْزُالْعَظِيْمُ وَاُخْرٰى تُحِبُّوْنَهَا نَصْرٌمِّنَ اللهِ وَفَتْحٌ قَرِيْبٌ" (تہ اوهان لاءِ اوهان جا گناهہ بخش ڪندو ۽ اوهان کي اهڙن بهشتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن پيون ۽ جنت عدن جي پاڪ جاين ۾ اها وڏي ڪاميابي آهي ۽ ٻي شيءِ جنهن سان اوهان محبت رکو ٿا الله وٽ مدد ۽ ويجهي فتح) چاڻ گهرجي تہ هي "تُؤْمِنُوْا بِاللهِ وَرَسُوْلِهٖ الآيـة" جو جواب آهي جو تہ اهو امر جي معنيٰ ۾ آهي پوءِ چڻ تہ الله عزوجل فرمايو اوهان ايمان آڻي جهاد ڪيو تہ اوهان کي هي نعمتون ملنديون. "۱" الله عزوجل اوهان جا گناهہ بخش فرمائيندو. "۲" اوهان کي پنهنجين بلند شان وارين انهن جنتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺيان نهرون وهن پيون. "۳" اوهان کي عدن بهشت جي پاڪ جاين ۾ رهائيندو جن ۾ رهڻ سان دليون مطمئن ٿينديون ۽ اکيون ٺري پونديون ۽ اها وڏي ڪاميابي آهي ان جهڙي ٻي ڪا بہ شيءِ ناهي ۽ اوهان کي ٻي اوهان جي پسند ڪيل شيءِ بہ ملندي. الله عزوجل اوهان جي مدد ڪندو ۽ اوهان کي ويجهي فتح نصيب ٿيندي. الله عزوجل اهو وعدو پورو ڪيو اسلام سڄي دنيا ۾ پکڙيو ۽ هر جاءِ تي قرآن پاڪ پڙهڻ ۾ آيو. (۲) "وَبَشِّرِالْمُؤْمِنِيْنَ" (۽ ايمان وارن کي بشارت ڏي) يعني الله عزوجل جي مدد ۽ فتح ملڻ جي مومنن کي بشارت ڏيو. (۳) "يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا اَنْصَارَ اللهِ" (اي ايمان وارا الله جا مددگار بنجو) يعني الله عزوجل جي دين جا مددگار بنجو مراد هيءَ آهي تہ اي محبوب عليہ الصلواة والسلام پنهنجي قوم کان الله عزوجل جي دين لاءِ مدد ڪرڻ جي گهر ڪيو. (۴) "كَمَا قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ لِلْحَوَارِيّٖنَ مَنْ اَنْصَارِيْٓ اِلَى اللهِ" جيئن عيسىٰ بن مريم حوارين کي فرمايو تہ الله ڏانهن منهنجا مددگار ڪير آهن؟ حوارين جي معنىٰ ميرن ڪپڙن کي ڌوئي اڇو اجرو بنائيندڙ هتي مراد حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جا اهي محب هن جيڪي ڌوٻي هئا. (۵) "قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ اللهِ" (حوارين چيو تہ اسين الله جا مددگار آهيون) يعني الله عزوجل جي دين جي مدد ڪرڻ لاءِ حاضر آهيون. اهي حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جا خالص

(۱) القرطبي ص۸۷ــ جلد ۱۸ (۲) التفسير الكبيرص۳۱۷ــ جزءِ ۲۹. المراغي ص۹۱ــ جزءِ ۲۸ جلد ۱۰ (۳) القاسمي ص۱۵۳ــ جزءِ ۱۶ (۴) تفسير حسيني فارسي ص۸۸۶ــ (۵) تفسير غريب القرآن ص۴۶۴ــ

اصحابي، مددگار ۽ ان تي پهريان ايمان آڻيندڙ هئا. (١) سمجهڻ گهرجي ته الله عزوجل
کي ڪنهن مددگار جي ضرورت ناهي نه ان جو ڪو ڪم اسان جي مدد جو محتاج آهي
جيڪي ماڻهو دين جي سربلنديءَ جي لاءِ ڪوشش ڪندا رهندا آهن اهي قسمين قسمين
برڪتن سان پنهنجيءَ زندگيءَ ڪي مالا مال ڪندا آهن ۽ ان سان اهي صرف پنهنجي ۽
پنهنجي نسلن جي ڀلائي ڪندا آهن پر الله عزوجل ڪريم آهي ان پنهنجي ٻانهن جي
اخلاص واري جذبي جو قدر ڪندي ڪين "انصار الله" جي لقب سان ذڪر فرمايو آهي هيءُ
ان جي مهربانيءَ جو ڪمال، ان جي بنده پروريءَ جو شان ۽ ذره نوازي آهي. "فَآمَنَتْ
طَّآئِفَةٌ مِّنْ بَنِيْ إِسْرَآئِيْلَ وَكَفَرَتْ طَّآئِفَةٌ" (پوءِ بني اسرائيل مان هڪ جماعت ايمان آندو
۽ هڪ جماعت ڪفر ڪيو) يعني جڏهن حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام
پنهنجي قوم ڪي الله عزوجل جو پيغام پهچايو ۽ حوارين مان هڪ جماعت ان سان
همدردي ڪئي ته بني اسرائيل مان هڪ جماعت ان جي هدايت ڪي قبول ڪندي ايمان
آندو ۽ هڪ جماعت انڪار ڪندي ڪفر ڪيو. "فَأَيَّدْنَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا عَلٰى عَدُوِّهِمْ فَأَصْبَحُوْا
ظَاهِرِيْنَ" (پوءِ اسان انهن جي جن پنهنجي رب تي ايمان آندو سندن دشمن تي مدد ڪئي
پوءِ غالب بنجي ويا) يعني اسان پنهنجي سنت قديمه جي مطابق پنهنجي طرفان ايمان
وارن جي اهڙي مدد ۽ تائيد ڪئي جو پنهنجن دشمنن تي غالب تي ويا. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل تين تا. ١. "وَتُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" (۽ الله
جي واٽ ۾ جهاد ڪيو) هتي ايمان کان پوءِ جهاد ان جي ڪري ذڪر ڪيل آهي جو ان
وقت جهاد جي وڏيڪ ضرورت هئي نه ته ايمان کان پوءِ اهم عبادت نماز آهي ۽ ان جو
ئي درجو بلند آهي. ٢. "يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ" (اوهان ڪي اوهان جا گناهه بخش ڪندو) هن
مان معلوم ٿيو ته مجاهد جا سڀ گناهه بخشيا وڃن تا. جهاد ڪرڻ ايڏو وڏو ثواب آهي
مجاهد ڏانهن جيڪڏهن ٻانهن جا حقوق رهيل هوندا ته الله عزوجل انهن ٻانهن ڪي جنت
۾ سندن حقن جو نعم البدل به عطا ڪري مجاهدن ڪي بخش ڪندو.

الحمدلله جو مون عاجز رب ڪريم جي فضل سان اڄ بموٌرخه ٢ جمادي الاوليٰ ١٤٢٦هـ
الموافق ١٠جون ٢٠٠٥ع جمعه جي ڏينهن صبح جو پوڻين ڏهين بجه پنهنجي لائبريريءَ
۾ ويٺي سورة الصف جو تفسير لکي پورو ڪيو رب ڪريم کان دعا آهي ته باقي رهيل
تفسير به جلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪري. آمين يارب العلمين بحرمة
النبي الامين عليه وعليٰ آله واصحابه الصلواة والسلام الي يوم الدين.

دعا جو طالب
محمد ادريس ڏاهري نقشبندي عفي عنه

(١) فتح القدير صـ٢٢٢ـ جلد ٥
(٢) نورالعرفان صـ٨٨٣ـ

سورة "اَلْجُمُعَةُ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.

نالومبارڪ: هن جو نالو "الجمعة" آهي جيڪو هن جي آيت ع٩ـ جو هڪ ڪلمو آهي.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٻه رڪوع، يارهن آيتون، هڪ سؤ اسي (١٨٠) ڪلما ۽ ست سؤ ويهه (٧٢٠) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ الدلائل ۾ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت ابن الزبير رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته سورة "الجمعة" المدينة المنوره ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول جو زمانو: بخاري شريف ۾ حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته مان ان ڏينهن نبوي بارگاهه ۾ حاضر ٿيو هوس جنهن ڏينهن سورة الجمعة نازل ٿي هئي ۽ اها ڳالهه واضح آهي ته حضرت ابوهريرة رضي الله عنه حديبيه جي صلح کان پوءِ خيبر جي جنگ کان پهريان اسلام سان مشرف ٿيو هو ۽ خيبر جي جنگ سن٧هه ۾ ٿي هئي ابن هشام وٽ اهو محرم جو مهينو هو ۽ ابن سعد وٽ جمادي الاوليٰ هو ۽ هن جا مضمون به هن جي مدني هجڻ جي تائيد ڪن ٿا هن ۾ يهودين کي خطاب ڪيو ويو آهي ۽ هن ۾ جمعه جي نماز ادا ڪرڻ جو تاڪيدي حڪم به آهي ۽ انهن ٻنهي جو تعلق مدني عهد سان آهي نزول جو زمانو به مذڪور روايت مان واضح آهي.

مضمون: الله عزوجل جي تسبيح ۽ ان جي سهڻين صفتن جي بيان سان هن سورة مبارڪه جي شروعات ڪئي وئي آهي الله جل جلاله پنهنجي بلند شان بيان ڪرڻ کان بعد پنهنجي محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام جي ساراهه ۽ ڪمال بيان فرمايو آهي ۽ اُميين جو ذڪر ڪري يهودين جي ان باطل گمان جي ترديد فرمائي آهي جيڪي هي چيو وٺا هئا ته نبوت صرف اسرائيلي خاندان ۾ بند آهي ڪو به غير اسرائيلي نبي ٿي نه سگهندو هن سورة ۾ ٻڌايو ويو آهي ته نبوت الله تعاليٰ جو فضل آهي ۽ اهو الله جلت صفاته قادر ۽ مختار آهي جنهن کي گهري پنهنجي فضل سان سرفراز فرمائي ڪير به ان کي ائين ڪرڻ کان نه منع ڪري سگهي ٿو ۽ نه ڪنهن کي ان جي ان عطا تي اعتراض ڪرڻ جو حق آهي ان پنهنجيءَ مهربانيءَ سان اُميين ۾ اهڙو جليل القدر، رفيع الشان رسول عليه الصلواة والسلام مبعوث فرمايو جنهن جي خيرات ۽ برڪات جو هتي ذڪر ٿي رهيو آهي جيڪو رباني آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو

(١) ضياءُ القرآن صـ٢٢٧ـ جلد ۵ (٢) الدرالمنثور صـ١۵١ـ جلد ٨

الصلواة والسلام ۾ سندس امت جو حال بيان ڪيو ويو آهي تانت پڙهندڙ ٻنهي ۾ فضل ۾ شان جو فرق محسوس ڪري. (١)

پڙهڻ ۾ برڪتون: ثعلبي حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنــه کان مرفوع روايت آندي آهي ته: "جنهن سورة "الجمعة" تلاوت ڪئي ته ان جي لاءِ مسلمانن جي شهرن مان ڪنهن به شهر جا جيترا ماڻهو جمعــه نماز تي ويا يا نه ويا انهن جي تعداد کان ڏهه حصا وڌيڪ نيڪيون لکيون وينديون" (٢) ۾ مختلف محدثن مختلف روايتن سان آندو آهي ته "سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جمعه جي نماز ۾ ۽ سانجهي نماز ۾ سورة الجمعة تلاوت فرمائي". (٣)

(١) روح المعاني صـ٩٢ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠ (٢) اللباب في علوم الڪتب صـ٩٩ـ جلد ١٩ (٣) الدرالمنثور صـ١٥١ـ جلد ٨

وَفِيهَا رُكُوعَانِ	سُوْرَةُ الْجُمُعَةِ مَدَنِيَّةٌ	وَهِيَ احْدٰى عَشَرَةَ آيَةً
۽ ان ۾ ٻہ رڪوع آهن	سورة الجمعة مدنيه آهي	۽ اها ١١ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو ئي مهربان هميشه رحم ڪرڻ وارو آهي.

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَافِى السَّمٰوٰتِ وَمَافِى الْاَرْضِ الْمَلِكِ

پاڪائي بيان ڪري ٿي الله جي لاءِ هر اها شيءِ جيڪا آسمانن ۾ آهي ۽ اها جيڪا زمين ۾ آهي

الْقُدُّوْسِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ (١) هُوَالَّذِيْ بَعَثَ فِى الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا

بادشاه، پاڪ، غالب، حڪمت وارو اهو (الله) اهو آهي جنهن موڪليو اڻ پڙهيلن ۾(شان وارو) رسول

مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ

انهن مان تلاوت ڪري ٿو انهن تي ان جون آيتون ۽ پاڪ ڪري ٿو انهن کي ۽ پڙهائي ٿو

الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَاِنْ كَانُوْامِنْ قَبْلُ لَفِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ (٢) وَآخَرِيْنَ مِنْهُمْ

انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جيتوڻيڪ هئا اڳي البت کليل گمراهيءَ ۾ ۽ ٻين جو انهن مان جيڪي

لَمَّا يَلْحَقُوْا بِهِمْ وَهُوَالْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ (٣) ذٰالِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ

اڃان نہ مليا انهن سان اهوئي غالب، حڪمت وارو آهي اهو الله جو فضل آهي ڏي ٿو اهو

مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ (٤)

جنهن کي گهري ۽ الله وڏي فضل جو صاحب آهي

تفسير

اڳيئن سورة جي آيتن ۾ حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو قول "وَمُبَشِّرًا بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْ بَعْدِى اسْمُهٗ اَحْمَدُ" (۽ ان رسول جي بشارت ڏيندڙ آهيان جيڪو مون کان بعد ايندو ان جو نالو احمد آهي) ذڪر ڪيو ويو ۽ هن سورة جي هنن آيتن ۾ الله عزوجل جي تسبيح جو ذڪر ڪندي ان پاڪ رسول عليه الصلواة والسلام جي بعثت بيان ڪيل آهي فرمان مبارڪ آهي. "يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَافِى السَّمٰوٰتِ وَمَافِى الْاَرْضِ" (جيڪي بہ شيون آسمانن ۽ زمين ۾ آهن الله جي لاءِ پاڪائي بيان ڪن ٿيون) يعني

جڏهن بہ اوهان غور سان ڏسندؤ تہ آسمانن ۽ زمين ۾ هر موجود شيءِ اوهان کي الله عزوجل جي وحدانيت، عظيم قدرت تي دلالت ڪندڙ نظر ايندي "الْمَلِكِ الْقُدُّوسِ" (بادشاهہ، پاڪ) يعني اهو الله جل جلالـــه هر شيءِ جو مالڪ، ان ۾ تصرف ڪندڙ، هر ان ڳالهہ کان پاڪ آهي جيڪا سندس شان جلال ۽ ڪمال جي لائق ناهي. "الْعَزِيزِ الْحَكِيمِ" (غالب، حڪمت وارو آهي) يعني ان جو امر غالب آهي ان جي هر شان ۾ حڪمت آهي اهو ئي پنهنجن ٻانهن جون ڀلايون ۽ سندن مصلحتون ڄاڻي ٿو. (١) "هُوَ الَّذِي بَعَثَ فِي الْأُمِّيِّينَ رَسُولًا مِّنْهُمْ يَتْلُوا عَلَيْهِمْ آيَاتِهِ وَيُزَكِّيهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ" (اهو (الله) اهو آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن مان رسول موڪليو جيڪو انهن تي ان جون آيتون پڙهي ٿو ۽ انهن کي پاڪ بنائي ٿو ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت پڙهائي ٿو) يعني الله عزوجل ئي آهي جنهن "اميين" ("اڻ پڙهيل" جيڪي نہ لکي سگهن ٿا ۽ نہ پڙهي سگهن ٿا) ۾ انهن مان رسول مبعوث فرمايو هن مان مراد آهي تہ انهن مان گهڻا پڙهيل ناهن. هڪ قول مطابق عربن ۾ لکڻ جي شروعات طائف وارن کان ٿي. (٢) بخاري، مسلم، ابو داؤد ۽ نسائي حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ (سيدنا) رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "إِنَّا أُمَّةٌ أُمِّيَّةٌ لَا نَكْتُبُ وَلَا نَحْسُبُ" (٣) (اسين اڻ پڙهيل امت آهيون نہ لکون ٿا ۽ نہ حساب ڪيون ٿا) ۽ هي رسول عليه الصلواة والسلام بہ (ظاهر ۾) ڪنهن وٽ پڙهيو ناهي پر ان هوندي بہ انهن جي اڳيان الله عزوجل جون نازل ڪيل آيتون پڙهي ٿو تانت انهن کي خبيث عقيدن ۽ برن عملن کان پاڪ ڪري ۽ انهن کي شريعت ۽ اهي عقلي امور پڙهائي جن سان نفس ڪامل ۽ مهذب بنجن ٿا ۽ ان ڏانهن ئي علامـــہ شرف الدين بوصيري عليه الرحمة پنهنجي جڳ مشهور قصيدي ۾ اشارو ڪندي فرمايو

"كَفَاكَ بِالْعِلْمِ فِي الْأُمِّيِّ مُعْجِزَةً"

"فِي الْجَاهِلِيَّةِ وَالتَّادِيبِ فِي الْيُتْمِ" (٤)

جاهليت جي دور ۽ يتيمي جي حالت ۾ اڻ پڙهيل ۾ علم ۽ ادب جو هجڻ تنهنجي لاءِ معجزه جي لحاظ سان ڪافي آهي حضرت حسن بصري فرمايو تہ هتي مذڪور ڪتاب مان مراد قرآن ڪريم ۽ حڪمت مان مراد حديث آهي ۽ مالڪ بن انس فرمايو تہ "الڪتاب" مان مراد قلم سان لکڻ ۽ "الحڪمـــة" مان مراد دين ۾ فقــه آهي.(٥) "وَإِنْ

(١) المراغي صـ٩٤ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠ (٢) تفسير ابي السعود صـ٢٤٧ـ جزءُ ٨ (٣) المراغي صـ٩٥ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠ (۴) فتح القدير صـ٢٢٥ـ جلد ٥ (٥) صفوة التفاسير صـ٣٧٨ـ جلد ٣

كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلَالٍ مُّبِيْنٍ" (جيتوڻيڪ اهي اڳ ۾ گمراهيءَ ۾ هئا) يعني حال هي آهي تہ اهي حضرت محمد عليہ الصلواة والسلام جي سندن ڏانهن موڪلڻ کان اڳي کليل گمراهيءَ ۾ سڌي واٽ کان گهڻو پري هئا. (١) "وَآخَرِيْنَ مِنْهُمْ لَمَّا يَلْحَقُوْا بِهِمْ" (۽ انهن مان ٻيا جيڪي اجان انهن سان شامل نہ ٿيا هئا) "آخرين" "اميين" تي عطف آهي ۽ "لَمَّا يَلْحَقُوْا بِهِمْ" "آخَرِيْنَ" جي صفت آهي مطلب تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن آخر زماني تائين سندن شريعت پڙهندڙ ۽ چاهيندڙ جي لاءِ رسول معلم ۽ پاڪ ڪندڙ آهن ڇو تہ پاڻ ئي هر عظيم ڀلائي ۽ وڏي فضل جا اصل آهن. "وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" (۽ اهو ئي غالب، حڪمت وارو آهي) يعني الله عزوجل جنهن معجزانہ طور هڪ امي کي معلم، مزڪي بنائي موڪليو ان کي ئي ان شان سان منتخب ڪرڻ ۾ حڪمت وارو آهي. (٢) "ذَالِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللهُ ذُوالْفَضْلِ الْعَظِيْمِ" (اهو الله جو فضل آهي جنهن کي گهري ٿو ان کي ڏي ٿو ۽ الله وڏي فضل جو صاحب آهي) يعني نبوت عطا ڪري نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن کي پنهنجي ۽ مخلوق جي وچ ۾ واسطو بنائڻ الله عزوجل جو فضل آهي (٣) ۽ الله جل شانہ ئي وڏي فضل جو صاحب آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "يُسَبِّحُ" (پاڪائي بيان ڪري ٿي هر شيءِ) هن کان پهرين سورة ۾ "سَبَّحَ" ماضيءَ جو صيغو آندو ويو ۽ هتي مضارع جو صيغو جيڪو حال ۽ مستقبل کي شامل آندو ويو آهي ان جي ڪري ٽانت ذهن ۾ رهي تہ ان جي تسبيح زماني جي حدود جي پابند ناهي ازل کان ئي ڪائنات جي هر شيءِ ان جي تسبيح پڙهي رهي آهي ۽ ابد تائين ائين ئي ٿيندو رهندو. آسمانن ۽ زمين ۾ رهندڙ هر شي پنهنجي استعداد، مخصوص زندگي ۽ شعور جي مطابق ان جي تسبيح بيان ڪرڻ ۾ مشغول آهي. ٢. تسبيح جي بيان ڪرڻ کان پوءِ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي ذات عالي صفات جي بعثت کي بيان ڪرڻ مان معلوم ٿيو تہ ڪو بہ گهڻ سمجهہ وارو ان رسول جي رحمة للعالمين هجڻ وارين وسعتن جو انڪار ڪري نہ ٿو سگهي ڇو تہ ان کي موڪلڻ وارو ملڪ، قدوس، عزيز، حڪيم، آهي. ٣. علامہ آلوسي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي اُمي مبعوث ڪرڻ ۾ الله تعاليٰ جي عظيم قدرت ڏانهن اشارو آهي تہ جڏهن اهو ڪنهن جي سيني کي علوم ۽ معارف جو مرڪز بنائي ٿو تہ ان کي علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ

(١) جمل صـ٣٤١ـ جلد ٤ (٢) البيضاوي ڪامل صـ٧٣٥ـ (٣) البحرالمحيط صـ٢٦٦ـ جلد ٨

مروجــه طريقن جي ضرورت ناهي. ولي بہ امي تي سگهي ٿو ۽ جيڪو شخص الله عزوجل جي ذڪر ۽ ياد ڏانهن متوجــه ٿئي ٿو ۽ ان جو روح هر قسم جي گند گين کان پاڪ ٿئي ٿو تہ ان جي دل تي الهي انوار جي تجليات جو القاءَ ڪيو وڃي ٿو ۽ ان ئي انوار سان اهو رباني علوم ۽ معارف لدنيــه جو ادراڪ ڪري سگهي ٿو. (١) علامہ اسماعيل حقي عليــه الرحمــة لکيو آهي تہ "قلم اعلي جنهن جو خادم هجي ۽ لوح محفوظ جنهن جي نگاهن ۾ هجي اهو لکڻ ۽ پڙهڻ جو محتاج ناهي ۽ ڄاڻ هوندي نہ لکڻ هي بہ نبي پاڪ عليــه الصلواة والسلام جن جو معجزو آهي." (٢) نبي ڪريم عليــه الصلواة والسلام جن کي اُمي موکلڻ ۾ هيءَ بہ حڪمت آهي تہ ڪو بہ شخص سندن مٿان اعتراض نہ لڳائي سگهي تہ جيڪي حڪيمانــــه ڪلمات ۽ پاڪيزه ارشادات پاڻ سيکاري رهيا آهن اهي حڪيمن، دانشورن ۽ دانائن جي ڪتابن کي مطالعي ڪرڻ جو نتيجو آهن. اهلِ نظر و فهم جڏهن ڏسندا تہ هن هستيءَ جڏهن ڪنهن استاد وٽ شاگردي نہ ڪئي آهي نہ ڪجهہ لکيو آهي ۽ نہ ڪجهہ پڙهيو آهي تہ پوءِ جيڪو حڪيمانــه ڪلام پاڻ ٻڌائي رهيا آهن اهو سندن ناهي رب العلمين جل جلالــه جو آهي. ۴. علامہ آلوسي عليــه الرحمــة لکيو آهي تہ "يَتۡلُوۡا عَلَيۡهِمۡ" سان ان استفادي جي طرف اشارو ڪيو ويو جيڪو قال واري زبان سان اصحابن سڳورن کي حاصل ٿيو ۽ "يُزَكِّيۡهِمۡ" سان ان قلبي فيضان ڏانهن اشارو ڪيل آهي جيڪو نبوت جي فيض واري نگاهہ سان ڪين ميسر ٿيو هو اولياءَ ڪرام بہ پنهنجن مريدن تي ان سنت نبوي علي صاحبها الصلواة والسلام جي مطابق انوار جو القاءَ ڪندا آهن تانجو انهن جون دليون ۽ انهن جا وجود پاڪ ۽ صاف بنجندا آهن. علامہ مذڪور نظر جي فيض جو ذڪر ڪندي لکيو آهي "لا انكر بركــة كل من الامرين التوجــه والرابطــة وقد شاهدت ذالك من فضل الله عزوجل" (٣) (مان (مرشد ڪامل جي) توجــه ۽ رابطي (قلبي تعلق) جي برڪت جو انڪار نہ ٿو ڪيان اها الله عزوجل جي فضل سان مون خود مشاهدو ڪئي آهي).

سوال: بعضي يهودين "الۡاُمِّيّٖنَ" لفظ مان دليل ورتو آهي تہ حضرت محمد عليــه الصلواة والسلام جن صرف اُميين، اهل عرب ڏانهن مبعوث ڪيا ويا هئا؟

جواب: اهو دليل وٽڻ نهايت باطل آهي قرآن ڪريم ۾ "الي الاميين" ناهي جو سندن قول کي ڪجهہ اهميت هجي ها هتي تہ "فِي الۡاُمِّيّٖنَ" آهي جنهن مان واضح آهي تہ سندن

(١) روح المعــاني صـ١٠٧ـــ جــزءُ ٢٨ جلــد ١٠ (٢) روح البيــان صـ٣١٥ـــ جلــد ١٠
(٣) روح المعاني صـ١٠٧ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠

بعثت اُميين مان تي ٿي پر صرف اُميين ڏانهن نہ ٿي هئي نہ انهن تائين محدود هئي جيئن قرآن ڪريم جي ٻين آيتن "١" "كَافَّـةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا" (سڀني ماڻهن جي لاءِ ڪافي ٿيندڙ، بشارت ڏيندڙ ۽ ڊپ ڏياريندڙ) "٢" "وَمَا اَرْسَلْنَاكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ" (۽ اسان اوهان کي سڀني جهانن جي لاءِ رحمت بنائي موڪليو آهي) مان واضح آهي.

٥. "وَاٰخَرِيْنَ مِنْهُمْ لَمَّا يَلْحَقُوْا بِهِمْ" (۽ انهن مان ٻين ڏانهن جيڪي اڃان انهن سان شامل نہ ٿيا) مان واضح ٿيو تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن قيامت تائين اچڻ وارن سڀني جا رسول آهن جيڪي اڃان نہ آيا ۽ بعد ۾ ايندا. (١) هن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ نبي ڪريم عليـــہ الصلواة والسلام جن الله عزوجل جا آخري نبي آهن ڪانئن بعد ڪنهن بہ قسم جو نبي نہ ايندو. اهو ئي وجـــہ هو جو نبي پاڪ عليـــہ الصلواة والسلام جن ڪان سواءِ سندن ئي دور ۾ جن نبوت جي دعويٰ ڪئي پاڻ انهن کي ڪوڙو سڏيائون ۽ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم انهن سان جنگيون ڪري انهن کي ختم ڪري ڇڏيو.

حضرت امام اعظم ابوحنيفہ نعمان بن ثابت رضي الله عنہ جي فضيلت ۽ منقبت

مفسرن سڳورن مذڪوره آيت جي تفسير ۾ حضرت ابوهريرة رضي الله عنـــہ ڪان روايت آندي آهي تہ "اسين رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ ويٺا هئاسون تہ سندن مٿان سورة "الجمعـــة" نازل ٿي پوءِ جڏهن "وَاٰخَرِيْنَ مِنْهُمْ لَمَّا يَلْحَقُوْا بِهِمْ" پڙهيائون تہ هڪ مرد عرض ڪيو يارسول الله! اهي ڪير آهن؟ نبي پاڪ عليـــہ الصلواة والسلام جن ان کي ان جي موٽ نہ ڏني تانجو بہ ٽي ڀيرا عرض ڪيائين ۽ اسان ۾ ان وقت سلمان فارسي رضي الله عنـــہ بہ موجود هو. نبي پاڪ عليـــہ الصلواة والسلام جن ان تي پنهنجو هٿ "مبارڪ" رکي فرمايو "جيڪڏهن ايمان آسمان جي تارن وٽ هجي ها تہ هنن مان ڪي مڙس ان کي اتي بہ پهچن ها" (٢) مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ علامـــہ جلال الدين سيوطي عليـــہ الرحمـــة ۽ ٻين ان ڳالهہ کي تسليم ڪيو آهي تہ ان مان مراد امام اعظم امام ابوحنيفـة عليـہ الرحمـة آهي جيڪو فارسي نسل جو هو. (٣)

(١) صفوة التفاسير صـ٣٧٩ـ جلد ٣، الصاوي صـ١٩٤ـ جزءُ ٤ (٢) القرطبي صـ٩٣ـ جلـد ١٨، المراغـي صـ٩٦ـ جـزءُ ٢٨ جلـد ١٠، صفـوة التفاسـير صـ٣٧٩ـ جلـد ٣ (٣) ڪمالين شرح اردو جلالين صـ٥٢ـ جلد ٦ تفسير حقاني صـ٢٢ـ جلد ٧

حضرت ابوبكر صديق رضي الله عنه جي جبريل عليه السلام سان موافقت

حضرت علي بن ابي طالب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "مون خواب ۾ ڏٺو تہ مان ڪارين ٻڪرين کي پاڻي پياري رهيو آهيان ان کان پوءِ اڇي ۽ ڳاڙهي رنگ تي مائل ٻڪرين کي پاڻي پياري رهيو آهيان اي ابابڪر ان جو تاويل ڪري ٻڌاءِ" ان عرض ڪيو تہ "يارسول الله! ڪاريون ٻڪريون عرب آهن ۽ اڇي ڳاڙهي رنگ تي مائل عجمي (غير عرب) آهن" نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "ان جو تاويل ملائڪ "جبريل" بہ اهڙي طرح ڪيو آهي" (١)
٦. مذڪوره آيت جي وضاحت ڪندي علامہ آلوسي عليہ الرحمة لکيو تہ ان ۾ هي بہ اشارو آهي تہ رسول الله عليه وسلم جن جو فيض سندن امت کان قيامت تائين نہ کٽبو ۽ ولي جو فيض بہ دارالڪثافت ۽ دارالفناءَ کان دارالتجرد والبقاءَ ڏانهن وڃڻ سان نہ کٽبو. (٢) ٧. "الاميين" جي تفسير ۾ مفسرن علامہ بوصيري جي قصيدي برده شريف جو شعر "كفاك بالعلم في الامي معجزة. في الجاهليه والتاديب في اليتم" (معنيٰ اڳ ۾ لکي آيا آهيون) آندو آهي (٣) جنهن مان معلوم ٿيو تہ مفسرن سڳورن وٽ قصيده شريف سٺي شيءِ آهي ڪي ڪي مولوي هرويرو ان تي اعتراض ڪندا آهن اهو اعتراض غلط آهي قصيده برده شريف امت مسلمہ جي وڏن مفسرن، محدثن ۽ الله عزوجل جي ولين وٽ محبوب، مقبول ۽ سندن ورد ۾ رهيو آهي. ٨. علامہ جمال الدين القاسمي لکيو آهي تہ هن آيت ۾ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي ذات کي غيب جي خبر ڏيڻ واري معجزي جو ذڪر آهي ڪين اهو ٻڌايو ويو آهي تہ اوهان کان بعد اچڻ وارا بہ اوهان تي ايمان آڻيندا ۽ ان جي ڪري جنت ۾ داخل ٿيندا. (٤)

مَثَلُ الَّذِيْنَ	حُمِّلُوا التَّوْرٰىةَ	ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوْهَا	كَمَثَلِ الْحِمَارِ
انهن جو مثال جيڪي	کڻايا ويا توراة	ان کان پوءِ نہ کڻيائون	ان کي مثل گڏهہ جي آهي
يَحْمِلُ اَسْفَارًا ؕ	بِئْسَ مَثَلُ الْقَوْمِ	الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا	بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ
جيڪو کڻي پيو ڪتاب	برو آهي مثال ان قوم جو	جن ڪوڙو ڄيو	الله جي آيتن کي ۽ الله

(١) القرطبي ص ٩٣ جلد ١٨ (٢) روح المعاني ص ١٠٧ جزءِ ٢٨ جلد ١٠
(٣) المراغي ص ٩٥ جزءِ ٢٨ جلد ١٠ (٤) تفسير القاسمي ص ١٥٩ جزءِ ١٦

لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ (٥). قُلْ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ هَادُوْۤا اِنْ زَعَمْتُمْ اَنَّكُمْ

نہ ٿو هدايت ڪري قوم ظالم کي فرماءِ تہ اي يهوديو! جيڪڏهن گمان ڪيو اوهان تہ بيشڪ اوهان

اَوْلِيَآءُ لِلّٰهِ مِنْ دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ (٦) وَلَا يَتَمَنَّوْنَهٗ

الله جا دوست آهيو ماڻهن کان سواءِ پوءِ موت جي خواهش ڪيو جيڪڏهن سچا آهيو ۽ نہ خواهش

اَبَدًا بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ (٧)

ڪندا ان جي هميشہ ان سببان جو اڳي ڪري موڪليو هٿن انهن جي ۽ الله ڄاڻندڙ آهي ظالمن کي

قُلْ اِنَّ الْمَوْتَ الَّذِيْ تَفِرُّوْنَ مِنْهُ فَاِنَّهٗ مُلٰقِيْكُمْ ثُمَّ

فرماءِ تہ بيشڪ موت جنهن کان ڀڄو ٿا پوءِ بيشڪ اهو ملندڙ اوهان جو آهي ان کان پوءِ

تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ (٨) ع ١ / ١١

موٽايا ويندؤ ڳجهہ ۽ ظاهر جي ڄاڻندڙ ڏانهن پوءِ خبر ڪندو اوهان کي ان جي جيڪي ڪندا هيئو

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله عزوجل پنهنجي توحيد ۽ نبين عليهم الصلواة والسلام جي نبوت ثابت ڪندي اُميين ۾ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي بعثت جو ذڪر فرمايو يهودين چيو تہ پاڻ اسان جي لاءِ مبعوث ناهن هتي الله عزوجل انهن جي ترديد ڪندي فرمايو تہ جيڪڏهن اهي توراة کي ائين سمجهن ها جئين سمجهڻ جو حق آهي ۽ ان تي عمل ڪن ها تہ ان ۾ منهنجي پياري رسول عليہ الصلواة والسلام جي بعثت جو ذڪر ۽ سندن تشريف آوريءَ جي بشارت لهن ها پر انهن جون تقاضائون پوريون نہ ڪرڻ جي ڪري سندن مثال هي آهي "مَثَلُ الَّذِيْنَ حُمِّلُوا التَّوْرٰىةَ ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوْهَا كَمَثَلِ الْحِمَارِ يَحْمِلُ اَسْفَارًا" (انهن جو مثال جيڪي توراة کڻايا ويا ان کان پوءِ ان کي نہ کنيائون ان گڏهہ وانگر آهي جيڪو ڪتاب کنيو پيو هلي) هتي الله عزوجل انهن يهودين جي جن توراة جي حڪم تي عمل نہ ڪيو مذمت ڪندي فرمايو تہ انهن جو مثال ڪتاب لڏيل گڏهہ وانگر آهي جنهن کي خبر ناهي تہ ان تي ڇا لڏيل آهي ۽ ان ۾ ڇا آهي؟ بلڪ اهي گڏهن کان زياده بري حال ۾ آهن ڇو تہ گڏهہ سمجهہ کان خالي آهن ۽ هي سمجهہ هوندي بہ نہ سمجهن ٿا نہ عمل ڪن ٿا. "بِئْسَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ" (ان قوم جو مثال برو آهي جن الله جي

آيتن کي کوڙو چيو ۽ الله ظالم قوم کي هدايت نہ تو ڪري) يعني جن ماڻهن الله عزوجل جي آيتن کي ڪوڙو چيو اهي گڏهن کان بہ بيڙا آهن ڇو تہ گڏهہ فهم کان خالي آهن هي فهم هوندي بہ نہ تا عمل ڪن ۽ الله ان ظالم قوم کي هدايت نصيب نہ تو ڪري جيڪي پنهنجن نفسن تي پاڻ ظلم ڪندي انهن کي تباهہ ڪن تا الله عزوجل جي احڪام تي عمل نہ ڪندا آهن. "قُلۡ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ هَادُوۡۤا اِنۡ زَعَمۡتُمۡ اَنَّكُمۡ اَوۡلِيَآءُ لِلّٰهِ مِنۡ دُوۡنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الۡمَوۡتَ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ" (فرماءِ تہ اي يهوديو! جيڪڏهن گمان ڪيو تا تہ اوهان ئي ماڻهن کان سواءِ الله جا دوست آهيو پوءِ جيڪڏهن سچا آهيو تہ موت جي تمنا ڪيو) مطلب تہ اي يهوديو! جيڪڏهن اوهان اهو خيال رکو تا تہ اوهان ئي هدايت وارا، الله عزوجل جا پيارا آهيو ۽ حضرت محمد عليه الصلواة والسلام ۽ ان جا اصحاب سڳورا رضي الله عنهم (معاذ الله ثم معاذ الله) غلط رستي تي آهن پوءِ دعا گهرو تہ اوهان ۽ انهن مان جيڪو غلط آهي اهو مري، ختم ٿي وڃي "وَلَا يَتَمَنَّوۡنَهٗۤ اَبَدًۢا بِمَا قَدَّمَتۡ اَيۡدِيۡهِمۡ‌ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌۢ بِالظّٰلِمِيۡنَ" (۽ هميشہ لاءِ اها تمنا نہ ڪندا ان سببان جيڪو سندن هٿن اڳي ڪري موڪليو آهي ۽ الله ظالمن کي وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي) مطلب تہ اهي موت جي لاءِ ڪڏهن بہ دعا نہ گهرندا اهي پنهنجي برن عقيدن ۽ بڇڙن عملن جي ڪري موت کان ڊڄن تا ۽ ان جو نالو ٻڌي گهبرائن تا سندن پيٽ دنيوي حرص کان پرجي ئي نہ تو ۽ ممڪن هو تہ ان زماني جا يهودي قرآن ڪريم جي ان دعوىٰ کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ جي لاءِ دل سان نہ تہ زبان سان ئي موت جي تمنا ڪن ها پر الله جل جلالہ انهن کي ايتري جرئت بہ نہ ڏني روايتن ۾ آهي تہ جيڪڏهن انهن مان ڪو يهودي موت جي تمنا ڪري ها تہ اتي جو اتي هلاڪ ٿي وڃي ها. (١) ۽ الله جل وعلا کان اهي ظالم لڪل ناهن اهو ظالمن کي وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي. "قُلۡ اِنَّ الۡمَوۡتَ الَّذِىۡ تَفِرُّوۡنَ مِنۡهُ فَاِنَّهٗ مُلٰقِيۡكُمۡ‌ ثُمَّ تُرَدُّوۡنَ اِلٰى عٰلِمِ الۡغَيۡبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمۡ بِمَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ" (فرماءِ تہ بلاشڪ موت جنهن کان اوهان ڀڄو تا يقينا اهو اوهان سان ملندڙ آهي ان کان پوءِ اوهان ڳجهہ ۽ ظاهر ڄاڻندڙ ڏانهن موٽايا ويندؤ پوءِ جيڪو اوهان ڪيو ٿي ان جي اوهان کي خبر ڏيندو) موت کان ڊڄي ڪيڏانهن ڀڄي سگهندؤ موت هر صورت ۾ ايندو ۽ موت کان پوءِ وري ان الله عزوعلا جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيا ويندؤ جيڪو ڳجهہ ۽ ظاهر ڄاڻندڙ آهي اهو اوهان کي اوهان جي هر عمل جي خبر ڏيندو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ حاصل ٿين تا. ١. "مَثَلُ الَّذِيۡنَ حُمِّلُوا التَّوۡرٰٮةَ"

(١) حاشيہ عثمانيہ صـ٧٣٦ـ

"الآيــة" (انهن جو مثال جيكي توراة کڻايا ويا) هن مان معلوم ٿيو تہ جيڪو عالم علم تي عمل نہ ٿو ڪري ان جو حال بہ ان گڏهہ وارو آهي جيئن علامہ ابن جوزي ۽ ٻين مفسرن عليهم الرحمة لکيو آهي. (١) ٢. "وَلَا يَتَمَنَّوْنَهٗٓ اَبَدًا" (۽ ان جي هميشہ تمنا نہ رکندا) مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام کي اهو علم ڏنو هو تہ اهي موت جي تمنا بالکل نہ رکندا ۽ اهو سندن معجزو هو پاڻ فرمايائون تہ مون کي ان ذات جو قسم آهي جنهن جي قدرتي هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ جيڪڏهن موت جي تمنا ڪن ها تہ زمين جي پٺيءَ تي موجود هر يهودي مري وڃي ها. (٢) اهو بہ معلوم ٿيو تہ سچا عاشق پنهنجي يار جي ديدار جي تمنا ۾ موت جا مشتاق رهندا آهن جيئن اصحاب سڳورا رضي الله عنهم ۽ اولياءَ الله رهيا. (٣)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَّوْمِ الْجُمُعَةِ فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ

اي ايمان وارا! جڏهن سڏيو وڃي نماز لاءِ جمعي جي ڏينهن پوءِ ڊوڙي وڃو الله جي ذڪر ڏانهن

وَذَرُوا الْبَيْعَ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ (٩) فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ

۽ ڇڏيو خريد فروخت اهو ڀلو آهي اوهان جي لاءِ جيڪڏهن ڄاڻو ٿا پوءِ جڏهن پوري ڪئي وڃي نماز

فَانْتَشِرُوْا فِى الْاَرْضِ وَابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ

پوءِ پکڙجي وڃو زمين ۾ ۽ طلب ڪيو الله جي فضل مان ۽ ياد ڪيو الله کي گهڻو تانتہ اوهان

تُفْلِحُوْنَ (١٠) وَاِذَا رَاَوْا تِجَارَةً اَوْ لَهْوَا ۨانْفَضُّوْٓا اِلَيْهَا وَتَرَكُوْكَ قَآئِمًا ؕ

ڪامياب رهو۽ جڏهن ڏسن ٿا واپار يا ڪا راندروند تہ پکڙجي وڃن ٿا ان ڏانهن ۽ ڇڏين ٿا توکي بيهندڙ

قُلْ مَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ مِّنَ اللَّهْوِ وَمِنَ التِّجَارَةِ ؕ وَاللّٰهُ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ع (١١) ٢ ١٢

فرماءِ تہ جيڪي الله وٽ آهي ڀلو آهي راندروند کان ۽ واپار کان ۽ الله رزق ڏيندڙن مان ڀلو آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ يهودين جي ان حال کي بيان ڪيو ويو تہ اهي الله عزوجل جي محبت ۾ ڪوڙا آهن ۽ هتي مومنن کي ان محبت جي ثبوت ڏيڻ لاءِ جمعي جي نماز لاءِ بانگ ٻڌي ڊوڙي پهچڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي فرمان ايزدي آهي. "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا

(٢) زادالمسير صـ٢٦٠ـ جلد ٨ (٢) صفوة التفاسير صـ٣٨٠ـ جلد ٣ (٣) ڪمالين صـ٥٢٦ـ جلد ٦

نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَّوْمِ الْجُمُعَةِ فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ" (اي ايمان وارا! جڏهن جمعي جي ڏينهن نماز جي لاءِ سڏيو وڃي تہ پوءِ الله جي ذڪر ڏانهن ڊوڙو) هن رڪوع ۾ جمعي جي نماز جا احڪام بيان ڪيا ويا آهن هن ۾ مخاطب صرف مومن آهن ۽ "نُوْدِيَ" مان مراد جمعي جي نماز لاءِ بانگ آهي ۽ ڊوڙڻ مان مراد ڪوشش ڪرڻ آهي معروف ۽ مشهور ڊوڙڻ ناهي ڇو تہ نماز لاءِ ڊوڙڻ کان نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن منع فرمايو آهي. بانگ ٻڌي نماز ۽ خطبه لاءِ پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ ضروري آهي ۽ جيئن ڊوڙڻ وارو خاص مقصود کان سواءِ ٻئي ڏانهن متوجه نہ هوندو آهي اوهان بہ صرف نماز ۽ خطبه ڏانهن متوجه رهو ۽ "ذِكْرِ اللّٰهِ" مان مراد ۾ پلو آهي تہ جمعي جي نماز ۽ خطبه ٻئي داخل سمجهيا وڃن. (١) "وَذَرُوا الْبَيْعَ" (۽ خريد ۽ فروخت ڇڏيو) "بيع" صرف وڪڻڻ کي چيو ويندو آهي پر هتي ان مان مراد وڪڻڻ ۽ خريد ڪرڻ ٻئي آهي صرف هڪ جي ذڪر تي اڪتفا ڪرڻ جو وجه هي آهي جو وڪڻڻ جي ڇڏڻ سان خريد ڪرڻ جو سلسلو ازخود ختم ٿي ويندو. جڏهن ڪو وڪڻڻ وارو نہ هوندو تہ خريداري ڪٿان ٿيندي. "ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ" (اهو اوهان جي لاءِ پلو آهي جيڪڏهن اوهان ڄاڻو ٿا) يعني وڪڻڻ، خريد ڪرڻ ۽ ٻين مشغولين کي ڇڏي ڪري مڪمل تياريءَ سان جمعي جي نماز ۾ حاضر ٿيو اهو جيڪڏهن ڄاڻو تہ ۽ اوهان جي لاءِ نهايت پلو آهي. "فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانْتَشِرُوْا فِى الْاَرْضِ وَابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ" (پوءِ جڏهن نماز پوري ڪئي وڃي پوءِ زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ الله جي فضل مان طلب ڪيو. فضل مان مراد رزق آهي، ارشاد آهي تہ جڏهن جمعي جي نماز کان فارغ ٿيو تہ زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ الله عزوجل جو فضل رزق روزي تلاش ڪيو هي امر وجوب جي لاءِ ناهي اباحت (جائز هجڻ) جي لاءِ آهي (٢) جڏهن تہ جمعي جي بانگ ٻڌڻ کان پوءِ ڪاروبار کان منع ڪيو ويو هو تڏهن هتي نماز کان پوءِ ان جي اجازت ڏني وئي آهي. "وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ" (۽ الله کي گهڻو ياد ڪيو تانت اوهان ڪامياب رهو) يعني هر حالت ۾ الله جو ذڪر ڪندا رهو ان سان اوهان ڪاميابي حاصل ڪندؤ. صرف نماز تي اڪتفا نہ ڪيو. "وَاِذَا رَاَوْا تِجَارَةً اَوْ لَهْوًا انْفَضُّوْا اِلَيْهَا وَتَرَكُوْكَ قَآئِمًا" (۽ جڏهن تجارت يا راند روند ڏٺائون تہ ان ڏانهن پکڙجي ويا ۽ اوهان کي بيٺل ڇڏي ڏنائون) هن آيت ۾ هڪ واقعه جو بيان آهي جيڪو هجرت کان بعد فورا پيش آيو هو ۽ ان جي ذڪر سان مسلمانن کي تربيت ڏني وئي آهي تہ اهي آينده جي لاءِ ائين نہ ڪن. واقعو هيئن آهي تہ مدينه طيبه ۾ سخت ڏڪار پيو هو ڪاڌي جون شيون ناياب ۽ نهايت مهانگيون ٿي ويون هيون ۽

(١) معارف القرآن صـ٤٤١ـ جلد ٨ (٢) المظهري صـ٢٩٧ـ جلد ١٠

ماڻهو ان سلسلي ۾ نهايت پريشان هئا اوچتو جمعي جي ڏينهن عين ان وقت جو حضور عليه الصلواة والسلام جن خطبي ۾ ارشاد فرمائي رهيا هئا دحية كلبي تجارت جو سامان شام ملڪ کان ڪٺي مدينه منوره ۾ پهتو اهو اچاڻ ان وقت تائين مسلمان نہ ٿيو هو ان شهر وارن کي پنهنجي پهچڻ جي اطلاع ڏيڻ لاءِ اعلان ڪرايو پڙهو ڏياريو نبوي مسجد ۾ موجود ماڻهن جڏهن اهو ٻڌو تہ ان ڊپ کان متان ڪاڏي جو سامان ڪپي وڃي اوڏانهن نڪري ويا ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ صرف ٻارهن "١٢" ڄڻا رهيا جن ۾ خلفاءِ راشدين رضي الله عنهم بہ شامل هئا الله عزوجل هن آيت ۾ انهن جي ان حالت جي قباحت بيان ڪرڻ فرمائي ۽ انهن کي آينده اهڙين حرڪتن کان روڪيو. (١) "قُلْ مَا عِنْدَاللهِ خَيْرٌمِّنَ اللَّهْوِ وَمِنَ التِّجَارَةِ وَاللهُ خَيْرُالرَّازِقِيْنَ" (فرماءِ تہ جيڪو الله وٽ آهي اهو راند، روند ۽ تجارت کان ڀلو آهي ۽ الله رزق ڏيندڙن مان ڀلو آهي) يعني روزي ۽ رزق جي ڊپ ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي خطاب ٻڌڻ کي نہ ڇڏيو اوهان رزق جا اسباب اختيار ڪيو پر يقين رکو تہ حقيقي رزاق الله آهي جيڪو ان وٽ آهي اهو تجارت ۽ راند روند کان ڀلو آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن جي متعلق ڪجهہ هي فائدا بہ ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

١. "نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ" (نماز جي لاءِ سڏيو وڃي) هن مان مراد اذان آهي جمعي جي ڏينهن ٻہ اذانون ڏنيون وينديون آهن هڪ پهريان، ٻي خطيب جي منبر تي ويهڻ وقت. حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما جي خلافت واري دور ۾ اذان صرف خطيب جي خطبه پڙهڻ لاءِ منبر تي ويهڻ وقت ڏني ويندي هئي پر جڏهن مسلمانن جو تعداد وڌيو ۽ انهن جو خطبه جي اذان ٻڌڻ سان هڪدم گڏ ٿي ويهڻ دشوار لڳو تہ سيدنا عثمان غني رضي الله عنه هڪ اذان اڳ ۾ ڏيارڻ شروع ڪئي جيڪا زوراءِ نالي سندن جاءِ جي متان ڏني ويندي هئي ۽ ان تي ڪو بہ اعتراض ڪرڻ صحيح ناهي ڇو تہ حضرت عثمان جي ان ڳالهہ تي حضرت علي رضي الله عنهما سميت ڪنهن اصحابي اعتراض نہ ڪيو ان جي ڪري جو سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "عَلَيْكُمْ بِسُنَّتِيْ وَسُنَّةِ الْخُلَفَاءِ الرَّاشِدِيْنَ مِنْ بَعْدِيْ" (٢) (منهنجي سنت ۽ مون کان پوءِ خلفاءِ راشدين جي سنت کي لازم ڪري وٺو) ٢. يوم الجمعة (جمعي جي ڏينهن) جمعي جي معنیٰ المجموع اي يوم الفوج المجموع يعني جنهن ڏينهن ۾ فوج گڏ ڪئي وڃي ۽ هاڻي هفتي جي ستن ڏينهن مان هڪ ڏينهن جي نالي طور مشهور آهي. (٣) ۽ هن

(١) ضياءُ القرآن صـ٢٤ـ جلد ٥ (٢) تفسير جمل صـ٣٤٣ـ جلد ٤. الصاوي صـ١٩٥ـ جزءُ ٤ (٣) روح المعاني صـ٩٩ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠

۾ ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي ڪري ان نالي سان سڏيو ويو ۽ آسمان، زمينون، ساري ڪائنات جي تخليق جيڪا ڇهن ڏينهن ۾ ٿي انهن مان آخري ڏينهن جمعي جو ڏينهن آهي جنهن ۾ تخليق جي تڪميل ٿي ان ڏينهن ۾ حضرت آدم عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي تخليق ٿي ۽ ان ئي ڏينهن ۾ ان کي جنت ۾ داخل ڪيو ويو ان ئي ڏينهن ۾ ان کي زمين تي لاٿو ويو ان ئي ڏينهن ۾ قيامت قائم ٿيندي ۽ ان ئي ڏينهن ۾ هڪ اهڙي گهڙي اچي ٿي جو ان ۾ انسان ڪهڙي به دعا گهري ته قبول ٿيندي آهي اهي ڳالهيون صحيح حديثن مان ثابت آهن قديم ٻوليءَ ۾ هن کي "يوم العروبة" سڏيندا هئا ۽ اها ڳالهه ثابت آهي ته اڳيون امتون ان جي لاءِ امر ڪيل هيون پر انهن کي اهو ڏينهن نصيب نه ٿيو. (١) اها سعادت هن امت کي ملي. عرب مان سڀ کان پهريان هن جو نالو "الجمعة" نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي نسب جي سلسلي ۾ ايندڙ سندن ڏاڏي ڪعب بن لوئي رکيو. قريش ان ڏينهن گڏ ٿيندا هئا ۽ حضرت ڪعب بن لوئي کين خطاب ڪندو هو. هن حضرت ڪعب کي الله عزوجل جاهليت جي زماني ۾ به توحيد جو عقيدو نصيب ڪري بت پرستيءَ کان بچايو هو ان ماڻهن کي نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي تشريف آوريءَ جي خوشخبري به ٻڌائي هئي اها ڳالهه حضور صلى الله عليه وسلم جن جي تشريف آوريءَ کان پنج سؤ سٺ (٥٦٠) سال پهريان جي آهي حضرت ڪعب بن لوئي جي (حضور عليه الصلواة والسلام جي ذڪر جي برڪت سان) ايتري عظمت هئي جو ان جي وفات کان پوءِ عربن پنهنجي تاريخ، سالن ۽ مهينن جو مدار ان جي وفات واري تاريخ تي قائم ڪيو جيڪو پهريان ڪعبة الله جي ٺهڻ واري تاريخ تي رکيل هو وري جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ولادت واري سال "اَصۡحٰبِ الۡفِيۡلِ" وارو واقعو پيش آيو ته عربن ان جي تاريخ تي تاريخ رکي. ڳالهه جو خلاصو هي آهي ته جمعي جي ڏينهن جو اهتمام اسلام کان اڳي به حضرت ڪعب بن لوئي جي زماني ۾ ٿي چڪو هو ۽ هن ڏينهن جو اهو نالو رکڻ به ان ڏانهن ئي منسوب آهي ۽ بعض روايات ۾ آهي ته مدينه منوره جي رهاڪو انصارن نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي هجرت کان پهريان پنهنجي اجتهاد سان جمعي جي ڏينهن گڏ ٿي عبادت ڪرڻ جو اهتمام ڪيو هو. "يوم عروبه" جي معنىٰ (تعظيم ڪيل روشن ڏينهن آهي). (٢) "اما بعد" جو لفظ به اول حضرت ڪعب بن لوئي ڳالهايو هو. (٣)

(١) تفسير ابن ڪثير ص ـ ٣٦٥ ـ جلد ۴ (٢) المظهري ص ـ ٣٧٨ ـ جلد ١٠
(٣) القرطبي ص ـ ٩٧ ـ جلد ١٨

۽ اهو اهڙو مينار آهي جنهن مان هميشه هميشه رشد ۽ هدايت جا شعاع نڪرندا رهندا جيڪو به خوشنصيب ان جي بارگاهه ۾ طلب جي دامن وڇائيندو اهو مُرادون ماٽي جهولي ڀري واپس ٿيندو. عرب جي مشرڪن کان سواءِ يهودي به اسلام جي عداوت ۾ اڳيان اڳيان هئا اهي هميشه ان فڪر ۾ مصروف هئا ته اسلام جي وڌڻ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪن بلڪ ان جو وس هلي ته ڪائنات جي ايجاد جي باعث، رب العلمين جي محبوب صلي الله عليه وسلم جي حياتي پاڪ جي شمع کي وسائي ڇڏين انهن جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي ته انهن جي دعويٰ اها آهي ته اهي حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جا امتي آهن انهن وٽ توراة جهڙو آسماني صحيفه موجود آهي پر نهايت افسوس جي ڳالهه هيءَ آهي ته انهن کي ان مان استفادي جي توفيق ڪڏهن نصيب نه ٿي اهي توراة شريف جون آيتون وڪڻي دنيوي سامان گڏ ڪرڻ ۾ لڳا رهن ٿا انهن جو مثال ان گڏهه وارو آهي جنهن تي قيمتي علمي ڪتابن جو بار لڏيل هجي پر ان کي ڪا به خبر نه هوندي آهي ته ان بار وارن ڪتابن جي ڪيتري اهميت آهي انهن جي بدنصيبيءَ جو باعث هڪ ٻي غلطي به هئي اها هيءَ ته اهي پاڻ کي الله عزوجل جو دربار جو دادلو سمجهندا هئا. اسرائيليءَ کان سواءِ ڪنهن به ٻئي جي اتباع انهن وٽ انهن جي توهين ۽ بي عزتيءَ جو باعث هو. هن سورة پاڪ ۾ انهن کي ٻڌايو ويو آهي ته اوهان جو اهو خيال به سراسر غلط آهي ۽ دل ۾ اوهان به ان کي غلط سمجهو ٿا نه ته اوهان موت کان نه ڊڄو ها اوهان جي خيال جي مطابق ته هيئن هجي ها ته اوهان موت کي پسند ڪيو ها تانت اوهان الله عزوجل جي دربار جا دادلا سندس اخروي نعمتن سان مالا مال ٿيو ها پر ان جي برخلاف اوهان موت کان ايترو ڊڄو ٿا جو خيبر جهڙي مضبوط قلعي ۾ اتي موجود اوهان جي هٿيارن جا ڍير به اوهان کي ميدان جو مرد بنائي نه سگهيا. هن سورة ۾ مسلمانن کي جمعه نماز جا آداب به سيکاريا ويا آهن ۽ تاڪيد ڪيو ويو آهي ته جڏهن الله عزوجل جو حبيب عليه الصلواة والسلام خطبه ارشاد فرمائي رهيو هجي ته ڪنهن دنيوي مقصد جي حصول لاءِ اتاهين اٿي نه وڃو البت پڙهي فارغ ٿيڻ کان پوءِ روزي ڪمائڻ جي لاءِ مالڪ خالق جي زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ هر حالت ۾ ان جو ذڪر گهڻو ڪندا ڪيو.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ مناسبت: علامه آلوسي عليه الرحمة هن سورة جو اڳيئن سان تعلق، مناسبت ۽ اتصال جو وجه بيان ڪندي لکيو آهي ته اڳيئن سورة ۾ حضرت موسيٰ ۽ ان جي امت جو حال بيان ٿيو ۽ هن سورة ۾ حضور پرنور عليهما

پهريون جمعو ڪڏهن ۽ ڪيئن ادا ٿيو؟

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن مدينہ منوره ۾ تشريف فرما ٿيڻ کان اڳي اتي دين جي دعوت ڏيڻ لاءِ حضرت مصعب بن عمير رضي الله عنہ کي موڪليو جنهن جي ڪوشش سان اتي جي گهڻن ماڻهن اسلام قبول ڪيو ۽ انهن جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ يهودي هفتي ۾ ڇنڇر جي ڏينهن ملي پنهنجي طريقي تي عبادت ڪن ٿا ۽ نصاريٰ آچر جي ڏينهن ان جي ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ هفتي ۾ هڪ ڏينهن مقرر ڪري ان ۾ هڪ جاءِ تي گڏ ٿي عبادت ڪيون ۽ ان جو شڪر ادا ڪيون انهن ان جي لاءِ عروبہ جو ڏينهن مقرر ڪيو ۽ ان ڏينهن سڀ مسلمان گڏ ٿيا. حضرت اسعد بن زراره خطبہ ارشاد فرمايو ۽ نماز پڙهائي هي پهريون جمعو هو جيڪو مدينہ منوره ۾ ادا ڪيو ويو حضرت ڪعب بن مالڪ رضي الله عنہ جڏهن جمعي جي اذان ٻڌندو هو تہ دعا گهرندو هو ياالله! سيني تي پنهنجون رحمتون نازل فرماءِ. انهن اصحابن ڀلارن رضي الله عنهم جي ان ڪردار مان ٻہ ڳالهيون ملن ٿيون "١" مسلمانن کي هفتي ۾ هڪ ڏينهن عبادت ۽ الله عزوجل جي شڪر ادا ڪرڻ لاءِ مقرر ڪرڻ گهرجي. "٢" اهو ڏينهن ڇنڇر ۽ آچر جو نہ هجي انهن کان جدا ڪو ٻيو ڏينهن هجي تانت اسان مسلمانن جي مِلي انفراديت برقرار ۽ نمايان رهي. هي فيصلو انهن اجتهاد سان ڪيو هو پر الله عزوجل ان اجتهاد واري فيصلي کي برقرار رکندي قرآن پاڪ ۾ بہ اهو حڪم نازل فرمايو ۽ ان وقت کان ان جو "يوم العروبہ" جي بجاءِ يوم الجمعة نالو مشهور ٿي ويو ۽ ان نالي کي عام مقبوليت ۽ شهرت نصيب ٿي. جڏهن نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن مڪہ مڪرمہ مان هجرت ڪري مدينہ منوره ۾ آيا تہ ڪجھ ڏينهن يثرب، (مدينہ منوره) جي پسگردائيءَ جي ڳوٺ قبا ۾ تشريف فرما ٿيا قبا جي مسجد جو بنياد رکيائون ۽ جمعي جي ڏينهن اتاهين يثرب (مدينہ منوره) ڏانهن روانا ٿيا جڏهن واٽ ۾ بني سالم بن عوف جي واديءَ ۾ پهتا تہ جمعي جي نماز جو وقت ٿي ويو نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن اتي توقف فرمايو، خطبہ ارشاد فرمائي جمعي جي نماز پڙهائي هي پهريون جمعو هو جيڪو رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن ادا ڪيو. (١)

ميلاد جي رات افضل آهي

علامہ سليمان بن عمرالعجيلي الشافعي الشهير بالجمل المتوفي ١٢٠٤هہ ۽ علامہ احمد بن محمد الصاوي المالکي الخلوتي المتوفي ١٢٤١هہ ٻنهي ڀلارن پنهنجن

(١) ضياءُ القرآن ص ـ ٢٣٥ ـ جلد ٥

تفسيرن ۾ لکيو آهي تہ "افضل الليالي ليلة المولد ثم ليلة القدر ثم ليلة الاسراء فعرفة فالجمعة فنصف شعبان فالعيد وافضل الايام يوم عرفة ثم يوم نصف شعبان ثم الجمعة والليل افضل من النهار" (١) يعني راتين ۾ پلي رات نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي ميلاد شريف واري آهي ان کان پوءِ شب قدر ان کان پوءِ معراج واري رات ان کان پوءِ ذي الحج جي رات ان کان پوءِ جمعه جي رات ان کان پوءِ شعبان جي پندرهينءَ تاريخ جي رات پوءِ عيد جي رات ۽ ڏينهن ۾ پلو ڏينهن نائين ذوالحج جو ڏينهن آهي ان کان پوءِ پندرهين شعبان جو ڏينهن ان کان پوءِ جمعه جو ڏينهن ۽ رات ڏينهن کان پلي آهي.

ڪجھ مسائل

١. جمعه جي نماز فرض عين آهي ان جي فرضيت قرآن، حديث ۽ امت جي اجماع سان ثابت آهي ان جو انڪار قرآن پاڪ جي انڪار ڪرڻ جي ڪري ڪفر آهي اذان ٻڌي سڀ ڪاروبار هڪدم ڇڏي فورا تياري ڪري تيزيءَ سان ان کي ادا ڪرڻ جي لاءِ رواني ٿيڻ جو حڪم بہ ان جي فرضيت تي قطعي دليل آهي ان کان سواءِ ڪيترييون حديثون آهن جن مان هن جي فرضيت واضح آهي. ٢. مسافر تي بالاجماع جمعه جي نماز فرض ناهي ۽ نہ ٻانهي تي ۽ نہ عورت تي ۽ ان انڌي تي جنهن کي وٺي پهچائڻ وارو ماڻهو ناهي. ٣. مينهن ۽ گپ چڪ جي عذر جي ڪري جمعه جي نماز تي نہ وڃڻ جائز آهي ۽ بيمار ۽ جنهن کي اهڙو ڪو عذر آهي يا دشمن جو خوف آهي تہ ان تي بہ جمعو فرض ناهي اهڙي طرح صفا جهور پوڙهو. ٤. جيڪڏهن اهو ماڻهو جنهن تي جمعه جي نماز فرض تہ نہ هئي پر ان ڪنهن طرح پهچي ادا ڪئي تہ جمعه جي نماز ٿي وئي ۽ ان تان ظهر جي نماز ڪِري پئي. ٥. خطبه جمعه نماز جي منعقد ٿيڻ لاءِ اجماع سان شرط آهي ڇو تہ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن ان تي هميشگي ڪئي آهي جيئن اسان تائين اها ڳالھ متواتر طريقي سان پهتي آهي. (٢) ٦. امت جو هن ڳالھ تي اجماع آهي تہ جمعه جي ڏينهن ظهر جي بجاءِ جمعه جي نماز فرض آهي ۽ هن تي بہ اتفاق ۽ اجماع آهي تہ جمعه جي نماز عام پنجن نمازن وانگر ناهي ان جي لاءِ ڪجھ وڌيڪ شرط آهن "١" پنجئي نمازون اڪيلو بہ پڙهي سگهجن ٿيون، ٻن ماڻهن جي جماعت بہ ٿي سگهي ٿي ۽ جمعه جي نماز جماعت کان سواءِ نہ ٿي سگهندي. ٧. امام اعظم عليه الرحمة وٽ جمعه جي نماز لاءِ شرط آهي تہ اهڙو شهر، واهڻ يا ڳوٺ هجي جنهن ۾ گهٽيون ۽ بازار هجي ۽ ڪو قاضي يا حاڪم معاملات جي فيصلي لاءِ بہ هجي. (٣)

(١) تفسير جمل ص ٣٤٤ ـ جلد ٤، الصاوي ص ١٩٦ ـ جزءُ ٤ (٢) المظهري ص ٢٨٤ ـ جلد ١٠ (٣) معارف القرآن ص ٤٤٢ ـ جلد ٨

ڪجھ فضائل

جمعي نماز جي متعلق ڪجھ نبوي ارشادات لکجن ٿا. ١. حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليــه وسلم جن فرمايو "پلو ڏينهن جنهن ۾ سج اڀريو جمعه جو ڏينهن آهي ان ۾ آدم پيدا ڪيو ويو ۽ ان ۾ ئي جنت ۾ داخل ڪيو ويو ۽ ان ۾ ئي ان مان ڪڍيو ويو ۽ قيامت به جمعــه جي ڏينهن قائم ٿيندي".

٢. حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جمعه ۾ هڪ اهڙي گهڙي آهي جو ان سان ڪو به مسلمان موافق ٿي الله کان ڪا به ڀلائي گهرندو ته الله ان کي اها عطا ڪرڻ فرمائيندو". (متفق عليــــه)

٣. ابو داؤد، نسائي، ابن ماجه، دارمي ۽ الدعوات الكبير ۾ بيهقي حضرت اوس کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اوهان جي ڀلن ڏينهن مان جمعــه جو ڏينهن به آهي ان ۾ آدم پيدا ڪيو ويو ۽ ان ۾ رحلت ڪرايو ويو ۽ ان ۾ ئي (حضرت اسرافيل جي ٻي) ڦوڪ ٿيندي ۽ ان ۾ ئي وڏو ڪڙڪيدار آواز (پهرين ڦوڪ جو) هوندو ان ۾ مون تي صلوات شريف گهڻي پڙهو بلاشڪ اوهان جي صلوات مون وٽ پيش ڪئي ويندي آهي." (اصحابن سڳورن وضاحت ڪرڻ جي لاءِ) عرض ڪيو ته اسان جي صلوات اوهان کي (رحلت کان پوءِ) ڪيئن پيش ڪئي ويندي حالانڪ اوهان (ظاهري سمجھ ۾ مزار مبارڪ ۾) ڳري ويا هوندؤ؟ پاڻ فرمايائون ته "بلاشڪ الله زمين تي حرام ڪري ڇڏيو آهي جو نبين (عليهم الصلواة والسلام) جي (پاڪ) جسمن کي کائي ڇڏي". (٢)

هن حديث پاڪ مان انبياءَ عظام عليهم الصلواة والسلام جي پاڪ جسمن جي سلامت هجڻ سان گڏ سندن زنده هجڻ به ثابت آهي جو ته زنده هجڻ کان سواءِ سندن اڳيان امت جي صلواة ۽ سلام پيش ڪرڻ جو مقصد حاصل نه ٿيندو.

٧. "اِنْفَضُّوْٓا اِلَيْهَا" (ان تجارت ڏانهن پڪڙجي ويا)

سوال: مذڪوره آيت جي تفسير ۾ بيان ڪيل واقعي مان معلوم ٿيو ته اصحابن سڳورن رضي لله عنهم جي دلين ۾ نبي پاڪ عليــه الصلواة والسلام جي خطاب ٻڌڻ سان دلچسپي گهٽ هئي ۽ ڪاڏي جي سامان سان محبت وڌيڪ هئي تڏهن سندن خطاب جي دوران ڪين ٻيٺل ڇڏي واپاري قافلي ڏانهن هليا ويا؟

جواب: مذڪوره آيت جي تفسير ۾ اهو به پڙهي آيا آهيو ته اهو نهايت ڏڪار جو وقت هيو ان هوندي به خلفاءِ راشدين ۽ عشره مبشره رضي الله عنهم موجود رهيا

(١) مشڪواة المصابيح صـ١٢٠ـ

انهن جا نالا مفسرن ڀلارن وضاحت سان لکيا آهن صرف اهي ويا هئا جن جي صحبت ٿوري هئي ۽ حقيقت کان پوري طرح واقف نہ هئا ۽ اڃان نوان هئا. سندن ڪمال ۽ دين ۾ مضبوطي آهستي آهستي ٿي ۽ اهڙا مجاهد بڻيا جو الله عزوجل ڪين (رضي الله عنهم) ۽ "أُوْلَٰئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُونَ حَقًّا" (جون ايمان افروز بشارتون ڏنيون) اصحابن سڳورن جي ان ابتدائي حالات کي طالب علمي جي شروعات واري حالت سمجهو ڪنهن بہ جيد عالم، فاضل محقق تي طالب علمي جي دور وارين ڳالهين سان اعتراض ڪري سندس علمي ڪمال کي گهٽ چوڻ بيوقوفي آهي تہ اصحابن ڀلارن جي جهادي ڪارنامن ۽ جاني مالي قربانين کان منهن ڦيرائي سندن کي ابتدائي يا اجتهادي خطائون بيان ڪرڻ بہ وڏي ناداني آهي. اسان اهل السنة والجماعة. جو اهو عقيدو آهي تہ اصحاب ڀلارا حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي صحبت بابرڪت سان منور ۽ مصفيٰ ٿيا هئا. سندن ئي صحبت سان آهستہ آهستہ اعلىٰ مقام تي پهتا هئا. انهن کي اهي سڀ ڪمالات ۽ قرآن ڪريم ان محبوب عليه الصلواة والسلام جي ذريعي مليا هئا جنهن تي قرآن پاڪ نازل ٿيو هو. شيعن صاحبن کي هيءَ ڳالهہ ضرور ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم تي اعتراض ڪرڻ حقيقت ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي تعليم تي اعتراض ڪرڻ آهي.

الحمدلله ثم الحمدلله جو مالڪ مٿي جي مدد ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي نگاهہ ڪرم سان مون بموءرخہ ١٠ جمادى الاولىٰ ١٤٢٦هـ الموافق ٢٠٠٥.٦.١٨ع الجمعة المبارڪ جي ڏينهن صبح جو پوڻين ستين بجي پنهنجي لائبريريءَ ۾ ويٺي سورة الجمعة جو تفسير لکي پورو ڪيو. رب العزة جلت صفاتہ جي بارگاهہ ۾ عاجزانہ التجا آهي تہ اهو مهربان مدد ڪري باقي رهيل سورتن جو تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪري. آمين يا رب العلمين بجاه النبي الامي الامين عليه وعلىٰ آلہ واصحابہ الصلوات والتسليمات الى يوم الدين.

دعا جو طالب

محمد ادريس ڏاهري

نقشبندي عفي عنه

سورة "اَلْمُنٰفِقُوْنَ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن.

نالومبارڪ: هن سورة جو نالو "المنافقون" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جوتعداد: هن ۾ ٻه رڪوع، يارهن آيتون، هڪ سؤ اسي (١٨٠) ڪلما ۽ نو سؤ ٽيهتر (٩٧٣) حرف آهن. (١)

نزول جوزمانو: غزوه بني مصطلق سن ٦ هجري ۾ واقع ٿي ۽ هيءَ سورة ان وقت پيش ايندڙ هڪ واقعي جي باري ۾ نازل ٿي جڏهن مسلمان ان غزوه ۾ فاتح ٿي مريسيع نالي هڪ کوهه تي رهيل هئا ان جي ڪري هن سورة جي باري ۾ وثوق سان چئي سگهجي ٿو ته اها هجرت جي ڇهين سال جنگ کان واپسيءَ تي سفر ۾ يا مدينه منوره ۾ پهچڻ کان پوءِ فورا نازل ٿي هئي. (٢)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ سڀني جو متفق قول آهي ته هيءَ سورة مدينه منوره ۾ نازل ٿي هئي. (٣)

مضمون: هن سورة پاڪ ۾ منافقن جي شهادت واري ڪلمي کي رد ڪري کين ڪوڙو چيو ويو آهي سندن ٿلهن جسمن کي اعتبار جي لائق نه چيو ويو آهي انهن جي لاءِ مغفرت گهرڻ يا نه گهرڻ برابر قرار ڏنل آهي انهن جي اها خباثت به ٻڌائي وئي آهي ته اهي سيدنا رسول الله صلی الله عليه وسلم جن جي حڪم تي مال خرچ ڪرڻ کان به روڪيندا هئا انهن جو غرور ۽ تڪبر بيان ڪيو ويو آهي ته اهي پاڻ کي وڏي عزت وارو ۽ مومنن کي ذليل سمجهندا هئا حالانڪ عزت الله ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام ۽ مومنن جي لاءِ آهي ۽ ٻئي رڪوع ۾ مومنن کي الله عزوجل جي ذڪر کان غافل رهڻ کان روڪيندي کين موت کان پهريان في سبيل الله خرچ ڪرڻ جي ترغيب ڏنل آهي.(٤)

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ مومنن جو بيان هو جن ڏانهن حضور عليه الصلواة والسلام جن مبعوث فرمايا ويا پاڻ انهن جو تزڪيو فرمايائون ۽ هتي انهن جي مخالفن منافقن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: هيءَ سورة پاڪ، الٰهي ڪلام هجڻ جي حيثيت سان ته برڪتن ۽ ڀلاين واري آهي پر نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن هن کي جمعي جي نماز جي ٻي رڪعت ۾ خصوصي طور پڙهيو آهي. پهرينءَ ۾ "الجمعة" پڙهي مومنن کي عبادت جو شوق ڏياريندا هئا ۽ ٻيءِ رڪعت ۾ سورة المنافقون پڙهي منافقن کي تنبيه ڪندا هئا. (٥)

(١) اللباب في علوم الڪتٰب ص-١٠٠- جلد ١٩ (٢) ضياءُ القرآن ص- جلد ٥ (٣) زادالمسير ص-٢٧١- جلد ٨ (۴) المراغي ص-١٠٥- جزءُ ٢٨ جلد ١٠ (٥) الدرالمنثور ص-١٧٠- جلد ٨

وَهِيَ اِحْدٰي عَشْرَةَ آيَةً	سُوْرَةُ الْمُنٰفِقُوْنَ مَدَنِيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ١١ آيتون آهي	سورة منافقون مدني آهي	۽ ان ۾ ٻه رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

اِذَا جَآءَكَ الْمُنٰفِقُوْنَ قَالُوْا نَشْهَدُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُ اللّٰهِ

جڏهن اچن تا تو وٽ منافق ته چون ٿا ته اسين شاهدي ڏيون ٿا ته بيشڪ تون البت الله جو رسول آهين

وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُهٗ ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ

۽ الله ڄاڻي ٿو ته بيشڪ تون البت ان جو رسول آهين ۽ الله شاهدي ڏي ٿو ته بيشڪ منافق البت

لَكٰذِبُوْنَ (١) اِتَّخَذُوْٓا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهُمْ سَآءَ

ڪوڙا آهن بنايائون پنهنجن قسمن کي ڍال پوءِ الله جي واٽ کان روڪيائون بلاشڪ اهي برو آهي

مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ (٢) ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا

اهو جيڪو ڪيائون ٿي اهو ان سببان ته بيشڪ انهن ايمان آندو ان کان بعد ڪفر ڪيائون

فَطُبِعَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ (٣) وَاِذَا رَاَيْتَهُمْ تُعْجِبُكَ

پوءِ مهر هنئي وئي انهن جي دلين تي پوءِ اهي نه ٿا سمجهن ۽ جڏهن ڏسندين انهن کي وڻندا ته توکي

اَجْسَامُهُمْ وَاِنْ يَّقُوْلُوْا تَسْمَعْ لِقَوْلِهِمْ كَاَنَّهُمْ خُشُبٌ مُّسَنَّدَةٌ

انهن جا جسم ۽ جيڪڏهن ڳالهائيندا ته ٻڌندين انهن جو قول ڄڻ ته اهي ڪاٺيون ٽيڪ ڏنل آهن

يَحْسَبُوْنَ كُلَّ صَيْحَةٍ عَلَيْهِمْ هُمُ الْعَدُوُّ فَاحْذَرْهُمْ

ڀانئن ٿا هر ڪڙڪيدار آواز کي پنهنجي مٿان اهيئي دشمن آهن پوءِ بچندو رهه انهن کان

قَاتَلَهُمُ اللّٰهُ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ (٤)

شال هلاڪ ڪري انهن کي الله ڪيڏانهن ڦيرايا وڃن ٿا؟

وقف لازم

تفسير

اڳيئن سورة جي آخري آيتن ۾ مومنن کي الله عزوجل جي فضل طلب ڪرڻ ۽ ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ جو حڪم ڏنل هو ۽ هتي انهن جي خلاف ڪم ڪندڙن منافقن جي حالات کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِذَاجَآءَكَ الْمُنٰفِقُوْنَ قَالُوْا نَشْهَدُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُ اللّٰهِ" (جڏهن اوهان وٽ منافق اچن ٿا چون ٿا ته اسين شاهدي ڏيون ٿا ته بلاشڪ اوهان الله جا رسول آهيو) **منافق جي معنيٰ:** منافق نفق کان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ سرنگهه آهي ۽ بعض جو قول آهي ته لومڙي پنهنجي رهڻ واريءَ ڪڏ جا ٻه منهن ڪندي آهي هڪ جو نالو نافقاءُ ۽ ٻئي جو نالو قاصعاءُ آهي هڪ طرف کان اها داخل ٿيندي آهي جڏهن ڪو شڪار ڪندڙ ان کان ان جي پويان پوندو آهي ته ٻئي کان نڪري ويندي آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ان ٻئي کان ايندو آهي ته پهرئين کان نڪري ويندي آهي ان جي نافقاءُ نالي سوراخ کان ئي منافق ورتل آهي ان جا ٻه پاسا آهن "١"ڪفر جيڪو ان جي دل ۾ هوندو آهي "٢" ايمان جيڪو ان جي زبان تي هوندو آهي جيڪڏهن ان کي ڪٿي ڪفر کان انديشو هوندو آهي ته اهو پاڻ کي مسلمان ظاهر ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن اسلام جي ڪري ان کي ڪا تڪليف پهچڻ واري هوندي آهي ته اهو هڪدم پنهنجو اندر وارو ڪفر ظاهر ڪندو آهي. (١) **ذهن نشين ڪرڻ** گهرجي ته مڪه مڪرمه ۾ ٻه قسم ماڻهو هئا "١" ڪافر "٢" مومن. اتي منافقن جو وجود نه هو اتي ظاهري غلبو ڪافرن کي هو اسلام آڻڻ سان پاڻ کي طرحين طرحين پريشانين ۽ تڪليفن ۾ مبتلا ڪرڻ هو. ڪنهن کي ڪهڙو لاچار هو جو اهڙي دين محڻ جو زبان سان اقرار ڪري عذابن ۽ ايذائن ۾ پوي جنهن کي پاڻ دل سان تسليم نه ڪري. اتي صرف انهن مجاهدن پاڻ کي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي غلامن جي ٽولي ۾ شامل ڪيو تي جن سچي دل سان اسلام جي صداقت کي تسليم ڪيو هو ۽ ان جي لاءِ هر قسم جي مصيبتن ۽ دردن کي برداشت ڪرڻ کي سعادت سمجهيو ٿي پر مدينه منوره ۾ حالتون بالڪل مختلف هيون اتي اوس ۽ خزرج قبيلن مان گهڻن فردن جي اسلام قبول ڪرڻ ۽ مڪه مڪرمه مان هجرت ڪري ويندڙ مسلمانن جي گڏ ٿيڻ جي ڪري اسلام هڪ عظيم قوت جي حيثيت سان ابريو هو ٿوري کان ٿوري سمجهه رکڻ وارو به ان جي مستقبل جي باري ۾ سهڻي گمان کان ڪم وٺي سگهيو ٿي ان جي ڪري اتي اهڙو ٽولو وجود ۾ آيو جيڪي دل ۾ ته ڪفر جو ڪوٽ رکن پيا پر مصلحت خاطر اهي بظاهر اسلام سان به

(١) ضياءُ القرآن ص ـ ٢٤٩ ـ جلد ٥

پنهنجو رابطو قائم رکڻ گهرن پيا تانت جيڪڏهن اسلام کي غلبو نصيب ٿئي ٿو اهي به ان ۾ برابر جا حصيدار هجن. هزار ڪوششن جي باوجود انهن جي دلين جو ڪفر ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ سندن زبانن مان ظاهر ٿي پوندو هو ۽ سندن منافقي ڪلي سامهون ايندي هئي. الله عزوجل ان حقيقت کان پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام کي واقف رکندي فرمايو ته: اي منهنجا پيارا نبي! عليـــه الصلواة والسلام اهي منافق جڏهن اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿين ٿا ته اوهان جي رسالت جي شاهدي نهايت تاڪيدي الفاظن ۾ ڏين ٿا. "وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُـهٗ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَكٰذِبُوْنَ" (۽ الله ڄاڻي ٿو ته بلاشڪ اوهان ان جا رسول آهيو ۽ الله شاهدي ڏي ٿو ته بيشڪ منافق ڪوڙا آهن) يعني اي حبيب! عليـــه الصلواة والسلام الله جلت صفاتـــه کي اهو علم آهي ته اوهان شڪ شبهي کان سواءِ ان جا رسول آهيو ۽ الله شاهدي ٿو ڏي ته بلاشڪ منافق ان شاهدي ڏيڻ ۾ بالڪل ڪوڙا آهن زبان سان هڪ ڳالهه ڪن ٿا ته دل ۾ ٻي اٿن. "اِتَّخَذُوْا اَيْمَانَهُمْ جُنَّـــةً فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" (پنهنجن قسمن کي ڍال بنايائون پوءِ الله جي واٽ کان روڪيائون) مطلب ته انهن کي اهو يقين آهي ته سندن ڪلمي تي سچن مسلمانن کي اعتبار ناهي سندن ضمير به کين ملامت ڪندو هوندو پر ڪوڙا قسم کڻي، قسمن کي ڍال بنائي الله عزوجل جي دين کان ان جي ٻڌايل سڌي واٽ کان روڪي رهيا آهن ۽ انهن قسمن جي ذريعي دنيوي تحفظ ۽ مفاد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. "اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" (بلاشڪ اهي جيڪي ڪن ٿا برو آهي) مطلب ته انهن جو اهو ڪردار نهايت برو آهي جو پاڻ ته ڪفر ڪن ٿا پر ٻين کي به اسلام کان روڪڻ جي لاءِ وس ڪن ٿا ان جي ڪري انهن جو گناهه ٻيڻو آهي ڏسو ته انهن جو ڪردار ڪيڏو نه گندو آهي. "ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا فَطُبِعَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ" (اهو ان جي ڪري جو بلاشڪ انهن ايمان آندو ان کان پوءِ ڪفر ڪيائون پوءِ انهن جي دلين تي مُهر هڻي وئي پوءِ اهي سمجهن نه ٿا) يعني زبان سان ايمان آڻي دل سان ان جا منڪر رهيا ايمان جي دعويٰ سان گڏ ڪافرن وارا ڪم ڪرڻ ۾ مشغول رهيا ۽ ان انتهائي دغا ۽ فريب جو اثر هي رهيو جو انهن جي دلين تي مهر لڳي وئي ۽ ان مهر جي ڪري سندن دلين ۾ ايمان، خير، حق ۽ صداقت جي داخل ٿيڻ جي ڪا به گنجائش نه رهي آهي ۽ دين جي لاءِ سندن سمجهه ئي ختم ٿي چڪي آهي. ان مهر جو سبب ڄاڻي واڻي منافقت واري عادت آهي. (١) "وَاِذَا رَاَيْتَهُمْ تُعْجِبُكَ اَجْسَامُهُمْ وَاِنْ يَّقُوْلُوْا تَسْمَعْ لِقَوْلِهِمْ كَاَنَّهُمْ خُشُبٌ

(١) حاشيه ماجديه ص١١٠٩.

مُّسَنَّدَةٌ (۽ جڏهن انهن کي ڏسندؤ تہ اوهان کي انهن جا جسم وڻندا ۽ جيڪڏهن ڳالهائيندا تہ اوهان انهن جي ڳالهہ ٻڌندا چڻ تہ اهي ٽيڪ ڏنل ڪاٺيون آهن) مطلب تہ انهن جا جسم، قد، بت ڏسڻ ۾ شاندار پُرروحانيت کان خالي آهن انهن جو ڳالهائڻ اوهان کي متوجـــه ڪرڻ وارو آهي جيئن سڪل ڪاٺي ٽيڪ سان بيهاري ويندي آهي تيئن هي بہ ڪوڙن قسمن تي ايمان جي دعويٰ کي ٽيڪ ڏياريو بيٺا آهن. "يَحْسَبُوْنَ كُلَّ صَيْحَةٍ عَلَيْهِمْ" (هر ڪڙڪيدار آواز کي پنهنجي مٿان سمجهن ٿا) يعني انهن جي بزدليءَ جو هي حال آهي جو مدينـــه منوره جي ڪنهن بہ پاسي ۾ ڪو ڪڙڪيدار آواز ٻڌن ٿا سمجهن ٿا تہ شايد سندن منافقيءَ واري حالت ظاهر ٿي وئي آهي ۽ نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام جن سندن قتل ڪرڻ جو حڪم صادر فرمايو آهي. "هُمُ الْعَدُوُّ فَاحْذَرْهُمْ" (اهيئي دشمن آهن پوءِ انهن کان بچندو رهہ) الله عزوجل پنهنجي محبوب عليـه الصلواة والسلام جن کي حڪم تو ڪري تہ اهي منافق اوهان ۽ اوهان جي دين جا دشمن آهن انهن جي فريب ۽ ڌوکي کان هوشيار رهو، بچاءُ ڪندا ڪيو. "قَاتَلَهُمُ اللهُ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ" (شال الله انهن کي هلاڪ ڪري ڪيڏانهن (اونڌا) ڦيرايا وڃن ٿا) "شال الله انهن کي هلاڪ ڪري" هي بددعا وارو جملو آهي جنهن ۾ انهن کي تنبيـه ۽ مذمت بہ ڪيل آهي "اني" ڪيف جي معنيٰ ۾ تعجب جي اظهار ڪرڻ لاءِ آهي مطلب تہ الله عزبرهانـــه انهن کي هلاڪ ۽ برباد ڪري جيڪي ايمان جي اظهار ڪرڻ کان پوءِ بي ايماني ۽ حق ۽ صداقت جي روشني ملڻ کان پوءِ اونده ۽ انڌيري کي پسند ڪري ڪيڏي وڃن ٿا؟

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "اِذَا جَآءَكَ الْمُنٰفِقُوْنَ" (جڏهن اوهان وٽ منافق اچن ٿا) هن جملي تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جي دربار ۾ اچڻ جو نتيجو نيت سان وابستـــه آهي جيڪڏهن ڪو ڪليل منڪر ٿي ايندو يا دل ۾ ڪفر ۽ ظاهر ۾ مسلمان سڏائي ايندو تہ ان کي ڪجهہ بہ پلوءُ نہ پوندو ثواب جي بجاءِ عذاب ۾ ويندو پر جيڪڏهن الله عزوعلا جو سچو رسول ۽ محبوب نبي عليـــه الصلواة والسلام سمجهي ايندو تہ صحابي جو لقب حاصل ڪري اهڙي مقام تي پهچندو جو پاڻ تہ جنتي بنجندو پر سندس ديدار ڪندڙ بہ جنتي ٿي ويندو. ٢. "وَاللهُ يَشْهَدُ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَكٰذِبُوْنَ" (۽ الله شاهدي ڏي ٿو تہ بيشڪ منافق البت ڪوڙا آهن) هن مان معلوم ٿيو تہ شاهدي اها قبول آهي جيڪا دل ۽ زبان سان ڏني وڃي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ نبي ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جي بارگاهہ اهڙي نازڪ آهي جو انسان ڪڏهن اتي اهڙي ڳالهہ

ڪندو آهي جا ڳالهه تہ سچي هوندي آهي پر اهو دل ۾ بہ ڳالهه رکڻ جي ڪري ڪوڙو هوندو آهي اتي صرف زبان ڏني نہ ويندي آهي اتي دل جي اندر واري حالت تي بہ نظر ۾ هوندي آهي. ٣. "اِتَّخَذُوْا اَيْمَانَهُمْ جُنَّـةً" (پنهنجن قسمن کي ڍال بنايائون) مان معلوم ٿيو تہ قسم کڻي پنهنجي ايمان جي ڳالهه ڪرڻ منافق جو ڪم آهي جيئن هلندڙ دور ۾ ڪي غير سني ۽ ناحق تي هلڻ وارا قرآن پاڪ تي هٿ رکي پنهنجي سنيت جو ثبوت ڏيندا آهن پر جيئن منافقن جي قسمن تي اعتبار نہ هو تيئن هنن جي قسمن تي اعتبار ڪري هنن کي سني نہ سمجهيو وڃي.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا يَسْتَغْفِرْ لَكُمْ رَسُوْلُ اللهِ لَوَّوْا

۽ جڏهن چيو ٿووڃي انهن کي تہ اچو تہ مغفرت طلب ڪري اوهان لاءِ الله جو رسول تہ ڦيرايائون

رُءُوْسَهُمْ وَرَاَيْتَهُمْ يَصُدُّوْنَ وَهُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ (٥) سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ

مٿن پنهنجن کي ۽ ڏسندين انهن کي تا رکجن ۽ اهي هٺ ڪندڙ آهن برابر آهي انهن تي

اَسْتَغْفَرْتَ لَهُمْ اَمْ لَمْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ ؕ لَنْ يَّغْفِرَ اللهُ

مغفرت طلب ڪئي تو انهن جي لاءِ يا نہ مغفرت طلب ڪئي تو انهن جي لاءِ هرگز نہ بخش ڪندو الله

لَهُمْ ؕ اِنَّ اللهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ (٦) هُمُ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ لَا تُنْفِقُوْا

انهن کي بيشڪ الله نہ ٿو هدايت ڪري فاسق قوم کي اهيئي آهن جيڪي چون ٿا نہ خرچ ڪيو

عَلٰى مَنْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللهِ حَتّٰى يَنْفَضُّوْا ؕ وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

انهن تي جيڪي رسول الله وٽ آهن تانجو ٽڙي پکڙجي وڃن ۽ الله جا آهن خزانا آسمانن جا ۽ زمين جا

وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَفْقَهُوْنَ (٧) يَقُوْلُوْنَ لَئِنْ رَّجَعْنَآ اِلَى الْمَدِيْنَةِ لَيُخْرِجَنَّ

۽ پرمنافق نہ ٿا سمجهن چون ٿاتہ البت جيڪڏهن موٽياسون مديني ڏانهن تہ البت ضرور ڪيندو

الْاَعَزُّ مِنْهَا الْاَذَلَّ ؕ وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ

وڏي عزت وارو ان مان نهايت ذليل کي ۽ الله جي لاءِ آهي عزت ۽ ان جي رسول جي لاءِ ۽مومنن جي لاءِ

وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ (٨) ع

۽ پر منافق نہ ٿا ڄاڻن

ع-١٤

تفسير

اگين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ منافق ڪوڙا آهن ۽ ٺلها جسم آهن جن ۾ روحانيت نالي ڪا شيء ناهي ۽ هتي انهن جي ڪوڙي هجڻ جو وجه بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا يَسْتَغْفِرْلَكُمْ رَسُوْلُ اللهِ لَوَّوْا رُءُوْسَهُمْ وَرَاَيْتَهُمْ يَصُدُّوْنَ وَهُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ" (۽ جڏهن انهن کي چيو ٿو وڃي اچو تہ اوهان جي لاءِ الله جو رسول مغفرت طلب ڪري تہ پنهنجن مٿن کي ڦيرايائون ۽ انهن کي ڏسندين تہ رڪجن ٿا ۽ اهي تڪبر ڪندڙ آهن) هيءَ منافقن جي هڪ نشاني بيان ڪئي وڃي ٿي تہ جڏهن انهن جي دين دشمني ۽ منافقي کلي سامهون آئي ۽ ڪين چيو ويو تہ اچو الله عزوجل جي محبوب عليه الصلواة والسلام جي دربار ۾ مغفرت طلب ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو تہ الله عزوجل جو سچو رسول عليه الصلواة والسلام اوهان جي لاءِ مغفرت طلب ڪندو ۽ اوهان جا گناه بخش ڪيا ويندا تہ انهن ازلي بدبختن وڏائي ڪندي ڪنڌ ڌوڻي انڪار ڪيو ۽ چيائون تہ ائين نہ ٿيندو. تڪبر ڪندي دربار حبيب عليه الصلواة والسلام ۾ مغفرت طلبي لاءِ اچڻ کان رڪجي پيا. "سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ اَسْتَغْفَرْتَ لَهُمْ اَمْ لَمْ تَسْتَغْفِرْلَهُمْ لَنْ يَّغْفِرَاللهُ لَهُمْ اِنَّ اللهَ لَايَهْدِى الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ" (برابر آهي انهن تي اوهان انهن جي لاءِ مغفرت طلب ڪيو يا مغفرت طلب نہ ڪيو الله انهن کي هرگز بخش نہ ڪندو بلاشڪ الله فاسق قوم کي هدايت نہ ٿو ڪري) مطلب تہ اي محبوب! عليه الصلواة والسلام جيڪو اوهان جي دربار ۾ اچڻ کان انڪار ڪري ٿو، ڪنڌ ڌوڻي منڪر ۽ متڪبر بڻجي ٿو اهو مون الله عزوجل جي قدرتي نگاهہ ۾ ايترو ڪريل آهي جو هاڻي جيڪڏهن ان جي لاءِ اوهان مغفرت طلب ڪندؤ تہ بہ مان نہ بخشيندوسانس مغفرت جا دروازا ان جي لاءِ کليل آهن جيڪو دل يا دل ۽ جسم سان گڏ اوهان جي دربار جي حاضري ڏيندو. آداب بجا آڻي پوءِ اوهان کان پنهنجي مغفرت لاءِ دعا گهرائيندو. اوهان وٽ اچڻ کان انڪار ڪندڙ فاسق آهن الله اهڙن فاسقن کي هدايت نصيب نہ ڪندو آهي. "هُمُ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ لَاتُنْفِقُوْا عَلٰى مَنْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللهِ حَتّٰى يَنْفَضُّوْا وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَايَفْقَهُوْنَ" (اهيئي آهن جيڪي چون ٿا انهن تي خرچ نہ ڪيو جيڪي الله جي رسول وٽ آهن تانجو ٽڙي پکڙجي وڃن ۽ الله جي لاءِ ئي آهن آسمانن ۽ زمين جا خزانا ۽ پر منافق نہ ٿا سمجهن) يعني منافق پنهنجن واسطيدارن کي چون ٿا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن وٽ موجود مسڪينن مسلمانن جي مٿان اوهان خرچ ڪري انهن جي هر طرح مدد ڪيو ٿا اها روڪي ڇڏيو تہ هليا ويندا رب العزة جل وعلا فرمايو تہ اي منافقو! اوهان نہ منهنجي رسول عليه الصلواة والسلام کي رزق ڏيندڙ آهيو نہ ان جي خدمت گذار سچن اصحابن

جا رزاق آهيو آسمانن ۽ زمين جا خزانا تہ مون الله عزوجل جا آهن جڏهن مان انهن جو آهيان ۽ اهي منهنجا آهن تہ مان انهن کي اوهان جو محتاج رهڻ نہ ڏيندس. اوهان پنهنجي طرفان کيل امداد روکي ڏسو تہ اوهان کي خبر پئجي ويندي تي مان ڪيئن تو انهن کي رزق رسايان پر اوهان منافق بي وقوف ۽ سمجهدار آهيو تڏهن تا اهي ڳالهيون ڪيو. "يَقُوْلُوْنَ لَئِنْ رَّجَعْنَا اِلَى الْمَدِيْنَةِ لَيُخْرِجَنَّ الْاَعَزُّ مِنْهَا الْاَذَلَّ" (چون پيا تہ جيڪڏهن اسين مدينہ ڏانهن موٽي هلياسون تہ نهايت عزت وارو ان مان نهايت ذليل کي ضرور ڪڍي ڇڏيندو) روايت آهي تہ جڏهن غزوه مريسيع کان واپسي تي رهي هئي حضور عليہ الصلواة والسلام جن سان گڏ مهاجر، انصار ۽ عبدالله بن ابي منافق ۽ سندس ساٿي بہ هئا رستي ۾ حضرت عمر رضي الله عنـہ جو پاڻ سان گڏ ڪنيل مزدور جهجاهہ ۽ سنان جهني منافق جو پاڻيءَ تان جهيڙو تي پيو جهجاهہ مهاجرن سڳورن کي مدد لاءِ سڏيو اهي ان سان گڏجي پيا ۽ ان سنان کي لپاٽ هٽي ڪڍي سنان جهجاه جي دانهن عبدالله بن ابي منافق کي ڏني تہ ان پاڻ کي وڏي عزت وارو ۽ حضرت حبيب پاڪ عليـــہ الصلواة والسلام ۽ سندن اصحابن رضي الله عنهم کي نهايت ذليل (نعوذبالله) سمجهندي ائين چيو (١) الله عزوجل ان جي ترديد ڪندي فرمايو تہ "وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِـــهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ" (۽ الله جي لاءِ عزت آهي ۽ ان جي رسول جي لاءِ ۽ مؤمنن جي لاءِ ۽ پر منافق ڄاڻن نہ ٿا) يعني منافقن کي اها حقيقت علم ۾ ناهي تہ عزت جو حقيقي مالڪ الله آهي ۽ ان جي عطا سان ان جو محبوب رسول عليہ الصلواة والسلام ۽ مومنن بہ عزت وارا آهن.

فائدا: مذڪوره آيتن جي متعلق هي فائدا بہ ذهن نشين ڪرڻ اهم آهن. ١. "وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا يَسْتَغْفِرْ لَكُمْ رَسُوْلُ اللّٰهِ" الآيـــة (۽ جڏهن انهن کي چيو ٿو وڃي تہ اچو تہ اوهان جي لاءِ الله جو رسول مغفرت طلب ڪري) هن پوري آيت جي معنيٰ ۽ تفسير ۾ غور ڪرڻ سان معلوم ٿيو تہ مغفرت طلب ڪرڻ جي لاءِ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جي دربار ۾ نہ اچڻ، سڌوسنئون الله عزوجل سان ملڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ نبوي بارگاهہ ۾ تکبر ۽ غرور ڪرڻ پاڻ کي حضور عليـــہ الصلواة والسلام جي دعا کان بي نياز سمجهڻ منافقن جو طريقو آهي. ٢. "سَوَاءٌ عَلَيْهِمْ اَسْتَغْفَرْتَ لَهُمْ اَمْ لَمْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ لَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ" (انهن تي برابر آهي هيءَ ڳالهہ جو انهن جي لاءِ مغفرت گهرين يا انهن جي لاءِ مغفرت نہ گهرين الله انهن کي هرگز نہ بخشيندو) هي ارشاد ان وقت هو جڏهن منافقن جي لاءِ دعا گهرڻ منع نہ ٿي هئي بعد ۾ ان کان روڪيو ويو ان

(١) تفسير ابوالسعود جزءُ ٨، روح البيان صـ٥٣٩ـ جلد ١٠

جي ڪري هاڻ ڪافرن ۽ منافقن جي لاءِ دعا گهرڻ بہ منع آهي. (انهن کي الله عزوجل هرگز بخش نہ ڪندو) ۾ محبوب عليہ الصلواة والسلام جن تي شفقت ۽ مهربانيءَ جو ڪمال ظاهر ٿي رهيو آهي. مقصد هي آهي تہ جيڪو مردود اوهان جي بارگاهہ ۾ اچڻ جي لاءِ تيار ناهي اوهان رحمـــة العالمين هجڻ جي حيثيت سان ان جي لاءِ دعا گهرو تہ بہ اسين ان کي مغفرت نصيب نہ ڪنداسون. ٣. "اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ" (بلاشڪ الله فاسق قوم کي هدايت نہ ٿو ڪري) هتي "الفاسقين" مان مراد منافق آهن جيڪي نبوي بارگاهہ ۾ اچڻ جا منڪر ۽ سندن بي ادب هئا. الله عزوجل فرمايو تہ جنهن جي دل ۾ اوهان جو ادب ۽ احترام ناهي ان کي ڪڏهن بہ هدايت نصيب نہ ٿيندي. ۴. "هُمُ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ لَا تُنْفِقُوْا عَلٰى مَنْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ" (اهيئي تہ آهن جيڪي چون ٿا تہ انهن تي خرچ نہ ڪيو جيڪي رسول الله وٽ آهن) هن مان معلوم ٿيو تہ رسول الله صلي الله عليــہ وسلم جي اصحابن سڀني رضي الله عنهم جا گستاخ ۽ بي ادب ڪڏهن بہ مغفرت جا لائق نہ آهن ۽ اهي منافق آهن جو تہ حضور عليـــہ الصلواة والسلام جن وٽ تہ اصحاب هوندا هئا منافق انهن جي خدمت ڪان روڪيندا هئا.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا	لَا تُلْهِكُمْ	اَمْوَالُكُمْ	وَلَاۤ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ
اي ايمان وارا!	نہ غافل بنائن اوهان کي	مال اوهان جا	۽ نہ اولاد اوهان جو الله جي ذڪر ڪان
وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ (٩)		وَاَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ	
۽ جيڪي ڪندا اهو پوءِ اهيئي نقصان وارا آهن		۽ خرچ ڪيو ان مان جو رزق ڏنو اسان اوهان کي	
مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ		فَيَقُوْلَ رَبِّ	لَوْلَاۤ اَخَّرْتَنِيْۤ
ان ڪان اڳي جو اچي هڪڙي اوهان جي وٽ موت		پوءِ چوي اي منهنجا رب!	ڇونہ مهلت ڏنيئي مون کي
اِلٰۤى اَجَلٍ قَرِيْبٍ فَاَصَّدَّقَ		وَاَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ (١٠)	وَلَنْ يُّؤَخِّرَ
مدت ويجهيءَ تائين پوءِ خيرات ڪيان ها مان		۽ هجا هان مان صالحن مان	۽ هرگز نہ مهلت ڏيندو
اللّٰهُ نَفْسًا	اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا	وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ (١١)	ع٢ ١٤
الله ڪنهن نفس کي جڏهن ايندو ان جو موت		۽ الله خبر رکندڙ آهي ان جي جيڪو ڪيو ٿا	

تفسير

اڳين آيتن ۾ منافقن جو قول ۽ حال بيان ٿيو ۽ هتان ڪان مومنن کي سڏي ڪين الله جل وعلا جي ذڪر ڏانهن متوجـــہ ڪندي ارشاد ٿيو آهي "يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ

اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ" (اي ايمان وارا! اوهان کي اوهان جو مال ۽ اوهان جو اولاد الله جي ذڪر کان غافل نہ بنائي) هتي ذڪر مان مراد ۾ چار قول آهن "١" جهاد جي حڪم ۾ الله عزوجل جي اطاعت ڪرڻ، "٢" فرضي نماز، "٣" مطلق فرض جن ۾ نماز ۽ ٻيا فرض بہ شامل آهن "٤" مطلق ذڪر، هتي مراد آهي تہ ذڪر تي هميشگي ڪرڻ ۾ غفلت نہ ٿئي. (١) مطلب تہ اي ايمان وارؤ! جيئن منافقن کي سندن مال ۽ اولاد غافل بنائي ڇڏيو تيئن اوهان کي اهي الله جلت صفاتـــه جي ذڪر کان غافل نہ ڪن. "وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ" (۽ جيڪي ائين ڪن تا پوءِ اهيئي نقصان وارا آهن) يعني جنهن شخص کي دنيوي تعلقات الله عزوجل جي ذڪر کان غافل بنايو اهو سراسر نقصان ۾ آهي حقيقي نفعو حاصل ڪرڻ وارا اهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجيءَ فاني حياتيءَ جا لمحا پنهنجي رب جي ياد ۽ پنهنجي پياري رسول عليـــه الصلواة والسلام جي غلاميءَ ۾ گذارين تا. "وَاَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْلَآ اَخَّرْتَنِيْٓ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ فَاَصَّدَّقَ وَاَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ" (۽ ان کان پهريان جو اوهان وٽ موت اچي ان مان خرچ ڪيو جيڪو اسان اوهان کي رزق ڏنو آهي پوءِ چوي تہ اي منهنجا رب! مون کي ويجهي مدت تائين مهلت ڇو نہ ڏنيئي؟ پوءِ مان خيرات ڪيان ها ۽ صالحن مان هجان ها) يعني الله عزوجل اوهان کي جيڪي نعمتون ڏنيون آهن انهن کي ان جي واٽ ۾ خرچ ڪيو ۽ ان خرچ ڪرڻ ۾ ٽال مٽول نہ ڪيو ائين نہ ٿئي جو موت جو وقت اچي وڃي ۽ افسوس جا هٿ هڻندا رهو ۽ پوءِ التجا ڪندي بارگاه رب العزة جل وعلا ۾ عرض ڪيو تہ ياالله! اينتري مهلت ملي ها جو تنهنجي واٽ ۾ دل کولي خرچ ڪيان ها ۽ تنهنجن صالحن ٻانهن ۾ شامل ٿيان ها. "وَلَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا وَاللّٰهُ خَبِيْرٌ بِمَا تَعْمَلُوْنَ" (۽ الله ڪنهن نفس کي جڏهن ان جو موت ايندو مهلت نہ ٿو ڏي ۽ اوهان جيڪي ڪيو ٿا الله ان جي خبر رکندڙ آهي) يعني موت نہ ٽرڻ وارو امر آهي جڏهن ڪنهن جي حياتي پوري ٿيندي تہ الله عزوجل ان کي هرگز مهلت نہ ڏيندو هن فرمان سان ٻانهن کي عبادت ڪرڻ جو حرص ڏياري ڪين سڪٽيون اميدون ۽ آسرا رکڻ کان روڪيو ويو آهي آخر ۾ فرمان ٿيو تہ اي منهنجا ٻانها جيڪي ڪجهہ اوهان ڪيو ٿا الله عزوجل ان کان هر وقت باخبر آهي ان کان ڪجهہ بہ لڪل ناهي. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. (الله جي ذڪر کان غافل نہ بنائي) مان معلوم ٿيو تہ هر قسم جي ديني امور ۾ غفلت نہ ڪرڻ کپي الله جل وعلا

(١) زادالمسير صـ٢٧٧ـ جلد ٨ (٢) صفوة التفاسير صـ٣٨٨ـ جلد ٣

جي ذڪر ۾ هر عبادت ۽ اطاعت داخل آهي. (١) ٢. مذڪوره آيتن جي تفسير ۾ علامـــه صابوني لکيو آهي تہ تکبر ۽ عزت ۾ فرق آهي مسلمان کي تکبر نہ ڪرڻ گهرجي پر ان جي لاءِ اهو بہ حلال ناهي جو پاڻ کي ذليل بنائي انسان جو پنهنجي حقيقت کي سڃاڻڻ عزت آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي نہ سڃاڻڻ تکبر آهي سيدنا امام حسن بن حضرت علي رضي الله عنهما کي ڪنهن عرض ڪيو تہ: ماڻهو چون ٿا تہ اوهان ۾ تکبر آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ "مون ۾ تکبر ناهي پر عزت نفس جو احساس آهي" الله عزوجل جو فرمان آهي. "وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ" (۽ الله جي لاءِ عزت آهي ۽ ان جي رسول جي ۽ مومنن جي بہ عزت آهي) (٢) ٣. "وَلَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا" (۽ جڏهن موت ايندو تہ الله ڪنهن کي بہ مهلت نہ ڏيندو) هتي "اجلها" مان مراد تقدير مبرم آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي ممڪن ناهي ان جي متعلق ٿئي "اِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ" (جڏهن سندن اجل ايندو تہ نہ هڪ ساعت پوئتي ٿي سگهندا نہ اڳتي ٿي سگهندا) ارشاد آيل آهي پر معلق تقدير ۾ تبديلي واقع ٿي سگهي ٿي. ان جي لاءِ فرمان آهي "يَمْحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيُثْبِتُ وَعِنْدَهٗٓ اُمُّ الْكِتٰبِ" (الله جيڪي گهري ٿو مٽائي ٿو ۽ ثابت رکي ٿو ۽ ان وٽ ئي لوح محفوظ آهي) شيطان دعا گهري هئي "فَاَنْظِرْنِيْٓ" پوءِ مون کي مهلت ڏي تہ الله عزوجل فرمايو "فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ اِلٰى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ" (پوءِ بلاشڪ تون معلوم وقت (قيامت) تائين مهلت ڏنل آهين) جڏهن دشمن جي دعا مقبول آهي تہ دوست جي دعا سان بہ عمر وڌي سگهي ٿي. جيئن جمال الاولياءِ ۾ اشرف علي صاحب ٿانوي الله عزوجل جي ولين جا ڪجهہ واقعا لکيا آهن.

الحمدلله جو مون گنهگار "سورة الْمُنٰفِقُوْنَ" جو تفسير اڄ بموٴرخه ١٣ جمادي الاولیٰ سنہ ١۴٢٦هہ الموافق ٢٠٠٥.٦.٢١ع اگاري جي ڏينهن نوَ لڳي ڏهن منٽن تي پنهنجي گهر ۾ لکي پورو ڪيو رب ڪريم جي دربار ۾ دلي دعا آهي تہ شال اهو رهيل سورتن جو تفسير جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين يارب العلمين بجاه النبي الامي الامين عليہ وعلیٰ آلہ واصحابہ الصلوات والتسليمات الی يوم الدين.

دعا جو طالب
محمد ادريس ڏاهري
نقشبندي عفي عنه

(١) روح المعاني صـ١١٧ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠
(٢) صفوة التفاسير صـ٣٨٩ـ جلد ٣

سورة "اَلتَّغَابُنِ" جوتعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.
نالومبارڪ: هن سورة جو هي نالو هن جي آيت عـ٩ـ ۾ مذڪور آهي جنهن سان هيءَ مسمي آهي.
رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جوتعداد: هن پاڪ سورة ۾ ٻه رڪوع، ارڙهن آيتون، ٻه سوءِ اوڻيتاليهه (٢٣٩) ڪلما، هڪ هزار ۽ ستر (١٠٧٠) حرف آهن. (١)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، ابن مردويه ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت ابن الزبير رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته "سورة التغابن مدينه منوره ۾ نازل ٿي هئي". (١)
نزول جوزمانو: هن پاڪ سورة جي نزول جو دور نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي مدني زندگي آهي.
مضمون: هن جي پهريُن ڇئن آيتن ۾ الله عزوجل جي عظيم صفات جو بيان آهي انهن صفتن جو تعلق ڪائنات جي خصوصا انسان جي تخليق سان آهي انهن کي گڏوگڏ بيان ڪري ٻڌايو ويو آهي ته آسمانن ۽ زمين جي هر شيءِ ان جي پاڪائي بيان ڪري رهي آهي مٿاهيُن ۽ هيٺاهيُن ۾ ان جي حڪمراني آهي هر قسم جي تعريف جو اهو ئي حقدار آهي جيڪو هر شيءِ تي قادر آهي انسان کي به ان پيدا ڪيو آهي بعضي خوش نصيب اهي آهن جن پنهنجي خالق کي سڃاتو، ان جي هيڪڙائيءَ کي سڃاتائون ۽ ان جي وحدانيت تي ايمان آندائون ۽ ان جي انعامات تي ان جو شڪر ڪندا آهن ۽ بعضي اهڙا بدنصيب آهن جيڪي هن سعادت کان محروم آهن ۽ الله عزوجل کان ڪا به شيءِ مخفي نه آهي الٰهي حمد کان پوءِ گذريل زماني جي ڪافرن جو حال بيان ڪيو ويو آهي جو انهن پنهنجي رب جل وعلا جو انڪار ڪيو ۽ ان جي موڪليلن رسولن عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چيو جنهن جي نتيجي ۾ اهي هلاڪ ٿي ويا اي انسانو! اوهان انهن مان عبرت وٺو ۽ اهڙي واٽ اختيار نه ڪيو جنهن جو انجام تباهي هجي.
آيت عـ١٤ـ ۽ عـ١٥ـ ۾ اهل ايمان کي هڪ اهم خطري کان متنبه ڪيو ويو آهي تانته اهي ان کان بچندا رهن. زال ۽ اولاد جي محبت انسان جي لاءِ وڏي آزمائش آهي ماڻهو پنهنجيءَ زال کي خوش ڪرڻ ۽ اولاد کي خوشحال ڏسڻ جي لاءِ ڇا نه ٿا ڪن هر شخص هي سمجهي ٿو ته ان جي حسين ۽ جميل زال جنهن جي هڪ ادا تي اهو

(١) ضياءُ القرآن صـ٢٥٨ـ جلد ٥ (٢) الدرالمنثور صـ١٨١ـ جلد ٨

سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي يا ان جو پيارو اولاد جنهن کي خوش ۽ خوشحال ڏسڻ جي لاءِ اهو نهايت گهڻي تمنا رکندڙ آهي جيڪڏهن انهن کي راضي ڪرڻ جي لاءِ ان الله عزوجل جي بي فرماني ڪئي تہ برباد ٿي ويندو اها زال ۽ ٻچا ان جي ڪنهن بہ ڪم نہ ايندا ان وقت ان کي خبر پوندي تہ اهي ان جا دشمن هئا اوهان هتي دنيا ۾ ئي هوشيار رهو ۽ انهن جي ناجائز نازبرداري کان پاسو ڪيو تانت اوهان کي قيامت جي ڏينهن پڇتائڻو نہ پوي. آخر ۾ هيءَ هدايت ڏنل آهي تہ جيستائين اوهان جي لاءِ ممڪن آهي تہ تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ کي پنهنجو شعار بنايو الله عزوجل جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ ۾ فياضيءَ کان ڪم ونئو اهو اوهان کي ان جو ايترو اجر ڏيندو جنهن جو اوهان اندازو بہ لڳائي نہ ٿا سگهو.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳينءَ سورة پاڪ ۾ منافقن جو ذڪر هو ۽ هن ۾ سچن، مخلصن مومنن جو ذڪر آندو ويو آهي اڳيئن سورة ۾ لڪل ۽ ظاهر منافقيءَ جو بيان هو ۽ هن ۾ ان کان ڊپ ڏياري انهن کي متنبہ ڪيو ويو آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: ١. حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ: رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "جيڪو بہ دنيا تي ڄمندو آهي ان جي مٿي جي سامهون واري حصي ۾ سورة التغابن جون پهريون پنج آيتون لکيل هونديون آهن." ٢. زربن حبيش رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ: رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن فرمايو "جنهن سورة "التغابن" پڙهي الله ان تان اوچتو وارو موت ڪٽي ڇڏيندو. (١) يعني مفاجاتي موت کان محفوظ رهندو.



(١) اللباب في علوم الكتٰب صـ١٢٢ـ جلد ١٩

وَهِيَ ثَمَانِ عَشْرَةَ آيَةً	سُوْرَةُ التَّغَابُنِ مَدَنِيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ١٨ آيتون آهي	سورة التغابن مدني آهي	۽ ان ۾ ٻہ رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَافِى السَّمٰوٰتِ وَمَافِى الْاَرْضِ ج لَهُ الْمُلْكُ

تسبيح پڙهي ٿي الله جي لاءِ اها شيءِ جيڪا آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪا زمين ۾ آهي ان جي بادشاهي آهي

وَلَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ (١) هُوَالَّذِىْ خَلَقَكُمْ فَمِنْكُمْ

۽ ان جو حمد آهي ۽ اهو هرشيءِ تي قادر آهي اهو ئي آهي جنهن پيدا ڪيو اوهان کي پوءِ اوهان مان

كَافِرٌ وَّمِنْكُمْ مُّؤْمِنٌ ط وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ (٢) خَلَقَ السَّمٰوٰتِ

ڪو ڪافر آهي ۽ اوهان مان ڪو مومن آهي ۽ الله جيڪي ڪيو ٿا ڏسندڙ آهي پيدا ڪيائين آسمانَ

وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ ج وَاِلَيْهِ

۽ زمين حق سان ۽ صورت ڏنائين اوهان کي پوءِ سهڻيون بنايائين اوهان جون صورتون ۽ ان ڏانهن ئي

الْمَصِيْرُ (٣) يَعْلَمُ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَيَعْلَمُ مَاتُسِرُّوْنَ

موٽڻ آهي ڄاڻي ٿو اهو جيڪو ڪجهہ آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي ۽ ڄاڻي ٿو جيڪي لڪايو ٿا

وَمَاتُعْلِنُوْنَ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ (٤)

۽ جيڪي ظاهر ڪيو ٿا ۽ الله ڄاڻندڙ آهي سينن واريون ڳالهيون

تفسير

"يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَافِى السَّمٰوٰتِ وَمَافِى الْاَرْضِ لَهُ الْحَمْدُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" (الله جي لاءِ تسبيح پڙهي ٿي هر اها شيءِ جيڪا آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪا زمين ۾ آهي ۽ ان جي لاءِ ئي حمد آهي اهو هر شيءِ تي قادر آهي) مطلب تہ آسمان، زمين ۽ جو ڪجهہ انهن ۾ آهي الله عزوجل جي تسبيح پڙهن ٿا ۽ ان جي پاڪائي بيان ڪن ٿا ۽ ان جوئي حمد آهي ۽ ان جي لاءِ ئي بادشاهي آهي ۽ جڏهن هر شيءِ ممڪن آهي ۽ ان جي پيدا ڪرڻ جي نسبت بہ ان ڏانهن ئي آهي تہ اهو ئي هر شيءِ تي قادر آهي. "هُوَالَّذِىْ

خَلَقَكُمْ فَمِنْكُمْ كَافِرٌ وَّمِنْكُمْ مُّؤْمِنٌ" (اهو الله ئي آهي جنهن اوهان کي پيدا ڪيو پوءِ ڪو اوهان مان ڪافر آهي ۽ ڪو اوهان مان مومن آهي) يعني اوهان کي ان پيدا ڪيو آهي هجڻ تہ ائين کپي تہ اوهان سڀ مومن هجو ها ۽ ان حقيقي منعم جي اطاعت ڪيو ها پر ٿيو هي جو اوهان مان بعضي منڪر ٿي ڪافر بڻيا ۽ ڪي ايماندار ٿيا. بيشڪ الله عزوجل انسان ۾ ٻنهي طرف وڃڻ جي استعداد ۽ قوت رکي آهي پر شروعات ۾ سيني کي صحيح فطرت تي پيدا فرمايو هيائين پوءِ بعد ۾ ڪو ان صحيح فطرت تي رهيو ۽ ڪو وقت جي حالات ڪان متاثر ٿي ان جي خلاف ويو ۽ انهن ٻنهي جو علم الله عزوجل کي هميشہ ڪان هو تہ ڪير پنهنجي ارادي ۽ اختيار سان ڪهڙي طرف ويندو ۽ پوءِ ان جي موافق سزا يا انعام ۽ اڪرام حاصل ڪندو الله عزوجل اها ئي شيءِ پنهنجي علم جي موافق ان جي قسمت ۾ لکي هئي تہ هيئن ٿيندو الله جل شانہ جو علم ان کي لازم ڪري وٺندڙ ناهي تہ دنيا ۾ ڪنهن کي اختيار ۽ ارادي جي قوت باقي نہ رهي. هي مسئلہ نهايت اونهو آهي. "وَاللهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ" (۽ الله جيڪي ڪيو ٿا ڏسندڙ آهي) ان ڪان اوهان جو ايمان ۽ ڪفر لڪل ناهي. (١) "خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ" (آسمانن ۽ زمين کي حق سان پيدا ڪيائين ۽ اوهان کي صورت ڏنائين پوءِ اوهان جي صورتن کي سهڻو بنايائين ۽ ان ڏانهن ئي موٽڻ آهي) يعني آسمانن ۽ زمين کي پنهنجي بالغ حڪمت سان پيدا ڪيائين جنهن ۾ دين ۽ دنيا جون مصلحتون آهن انهن کي اجايو پيدا نہ فرمايائين ۽ اي انسانو! اوهان جون صورتون پيدا ڪري انهن کي بہ نهايت سهڻو ناهيائين اوهان جي خلقت کي نهايت مضبوط. مستحڪم ۽ قوي ڪيائين ۽ اوهان سيني جو ان ڏانهن موٽڻ آهي. "يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَيَعْلَمُ مَا تُسِرُّوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ وَاللهُ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ" (ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي ۽ ڄاڻي ٿو جيڪي ڳجهو ڪيو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪيو ٿا ۽ الله سيني واريون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي) مطلب تہ الله سبحانہ ڪائنات جي هر شيءِ ڄاڻي ٿو. ان ڪان ڪا بہ شيءِ غائب نہ آهي جيڪي اسرار ۽ راز انسانن جي سينن ۾ آهن اهي ڄاڻي ٿو تہ اوهان جا اعمال ڪيئن نہ ڄاڻندو؟ جيڪي دل ۾ ڇپيڪندڙ ڳالهيون ۽ اسرار انسان لڪائيندو آهي اهي بہ ان جي علم محيط ڪان ٻاهر ناهن. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "فَمِنْكُمْ كَافِرٌ وَّمِنْكُمْ مُّؤْمِنٌ" (پوءِ ڪو اوهان مان ڪافر آهي ۽ ڪو اوهان مان مومن) مان مراد آهي تہ دنيا ۾ اچڻ

(١) بيان القرآن مع معارف القرآن البيان صـ٤٦٢ـ جلد ٨ (٢) التفسير الواضح الميسر صـ١٤٢١ـ

کان پوءِ ڪي ڪافر ٿيا ته ڪي مومن رهيا يا مراد آهي ته مومن يا ڪافر رهندا نه ته هر ٻار ايمان ۽ دين فطرت تي پيدا ٿيندو آهي جيڪو ان ڪي ميثاق جي ڏينهن حاصل هو "قَالُوْا بَلٰى" ۾ سڀني اطاعت جو عهد ڪيو هو. ٢. حديث پاڪ ۾ آهي ته تقدير جي لکڻ وارو ملائڪ هر ٻار جي نيڪ بختي ۽ بدبختي ان وقت لکي ڇڏيندو آهي جڏهن اهو ماءُ جي پيٽ ۾ هوندو آهي ان جي ڪري اهو ملائڪ سڀني جي انجام کان باخبر هوندو آهي ته ڪير مومن ٿي مرندو ۽ ڪير ڪافر ٿي مرندو. ٣. "فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ" (پوءِ اوهان جون صورتون سهڻيون بنايائين) هن تي غور ڪرڻ سان انسان کي گهرجي ته اهو پنهنجي سيرت به سهڻي بنائي ان مان اهو به معلوم ٿيو ته انساني صورت بگاڙڻ حرام آهي مردن کي عورتن جي ۽ عورتن کي مردن جي شڪل بنائڻ حرام آهي نڪ ۽ ڪن وڍڻ، منهن تي شڪل کي بدلائڻ واري شيءِ لڳائڻ به حرام آهي انسان کي الله عزوجل جيڪا شڪل ڏني آهي اها ان جي لاءِ ڀلي آهي اسلام جو حڪم آهي ته ڪافر کي قتل ڪرڻ کان پوءِ به ان جو ڪن يا نڪ نه وڍيو وڃي. (١)

اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ فَذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ

ڇا نه آئي اوهان وٽ خبر انهن جي جن ڪفر ڪيو اڳ ۾ پوءِ چکيائون وبال پنهنجي امر جو

وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ (٥) ذٰلِكَ بِاَنَّهٗ كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ

۽ انهن جي لاءِ عذاب درد ناڪ آهي اهو ان سببان جو تحقيق شان هي آهي ته آيا ٿي انهن وٽ

رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَقَالُوْا اَبَشَرٌ يَّهْدُوْنَنَا فَكَفَرُوْا

رسول انهن جا روشن دليلن سان پوءِ چيائون ته ڇا بشر هدايت ڪن ٿا اسان کي؟ پوءِ ڪفر ڪيائون

وَتَوَلَّوْا وَّاسْتَغْنَى اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ (٦) زَعَمَ الَّذِيْنَ

۽ منهن موڙيائون ۽ بي پرواهي ڏيکاري الله ۽ الله بي نياز، ساراهيل آهي گمان ڪيو انهن جن

كَفَرُوْا اَنْ لَّنْ يُّبْعَثُوْا ؕ قُلْ بَلٰى وَرَبِّيْ لَتُبْعَثُنَّ

ڪفر ڪيو هي ته هرگز نه اٿاريا ويندا فرماءِ هائو منهنجي رب جو قسم آهي ته البت ضرور

ثُمَّ لَتُنَبَّؤُنَّ بِمَا عَمِلْتُمْ ؕ وَذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ (٧)

اٿارياويندؤ ان کان پوءِ البت ضرور خبر ڪيا ويندؤ ان جي جيڪي عمل ڪيا اوهان ۽ اهو الله

(١) نورا لعرفان ص ٨٨٨

فَآمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَالنُّوْرِ الَّذِيْٓ اَنْزَلْنَا ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

لاءِ آسان آهي پوءِ ايمان آڻيو الله تي ۽ ان جي رسول تي ۽ نور تي جيڪو نازل ڪيو اسان ۽ الله ان جي

خَبِيْرٌ (٨) يَوْمَ يَجْمَعُكُمْ لِيَوْمِ الْجَمْعِ ذٰلِكَ يَوْمُ التَّغَابُنِ ۭ

جيڪي ڪيو ٿا خبرر ڪندڙ آهي جنهن ڏينهن گڏ ڪندو اوهان کي گڏ ٿيڻ جي ڏينهن لاءِ اهو ڏينهن

وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُّكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ

ڪٽڻ ۽ هارائڻ جو آهي ۽ جيڪو ايمان آڻي ٿو الله تي ۽ ڪري ٿو صالح عمل ميٽي ڇڏيندو ان کان

وَيُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا

برايون ان جون ۽ داخل ڪندو ان کي بهشتن ۾ جو وهن پيون هيٺان انهن جي نهرون هميشه رهندڙ

ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ (٩) وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰۗىِٕكَ

انهن ۾ هميشه اها ڪاميابي وڏي آهي ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ ڪوڙو ڄيائون اسان جي آيتن کي

اَصْحٰبُ النَّارِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ (١٠) ع ١ ١٠ ١٥

اهي جهنمي آهن هميشه رهندڙ ان ۾ ۽ بري آهي موٽڻ جي جاءِ

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله عزوجل جي تسبيح، خالقيت ۽ علم جو بيان هو ۽ هتي انهن ڳالهين جي انڪار ڪندڙن ڪافرن جي ڪفر جو بيان ڪندي ڪين مليل سزا جو ذڪر ٿي رهيو آهي فرمان الهي آهي "اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ ۡ فَذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ" (ڇا اوهان وٽ انهن جي خبر نہ آئي جن اڳ ۾ ڪفر ڪيو پوءِ پنهنجي امر جو وبال چکيائون ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي) مطلب تہ جن ماڻهن مذڪوره آيتن جي حقيقت کي نہ سمجهيو ۽ پنهنجي رب جو شڪر ادا ڪرڻ جي بجاءِ سرڪشيءَ جي واٽ تي هليا، ڪفر، شرڪ، فسق ۽ فجور ۾ مبتلا رهيا ڇا اوهان وٽ انهن جي خبر نہ آئي آهي، يقينا آيل آهي خواص ۽ عوام کي معلوم آهي. "ذٰلِكَ بِاَنَّهٗ كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَقَالُوْٓا اَبَشَرٌ يَّهْدُوْنَنَا ۡ فَكَفَرُوْا وَتَوَلَّوْا وَّاسْتَغْنَى اللّٰهُ ۭ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ" (اهو ان سببان جو انهن وٽ سندن رسول روشن دليلن سان آيا ٿي پوءِ چيائون تہ ڇا بشر اسان کي هدايت ڪن ٿا؟ پوءِ ڪفر ڪيائون ۽ منهن موڙيائون ۽

الله بي پرواهي ڏيکاري ۽ الله بي پرواهہ ساراهيل آهي) هتي ڪافرن جي گمراهيءَ جو وجہ بيان ڪيو پيو وڃي تہ اسان انهن کي عقل ۽ فهم بہ عطا ڪيو انهن تي وڏيڪ احسان هي فرمايو تہ انهن ڏانهن پنهنجا رسول عليٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام موڪلياسون تانت اهي ڪين هدايت جي واٽ وٺرائين ۽ انهن رسولن عليهم الصلواة والسلام کي معجزا بہ ڏناسون تانت اهي انهن کي سچائي سگهن پر انهن بي وقوفن هي چوندي نبين ۽ رسولن عليهم الصلواة والسلام جي دعوت کي ردڪري ڇڏيو تہ هي بشر اسان کي هدايت ڪن تا اسين انهن جي اتباع نہ ڪنداسون نتيجو هي نڪتو جو الله عزوجل بہ انهن کان بي پرواهي ڏيکاري ۽ انهن کي سندن حال تي ڇڏي ڏنو ڀانهن کي الله جلت صفاتــه جي جود وڪرم جي ضرورت آهي اهو جل مجده ڀانهن جي سجدن ۽ عبادت جو محتاج نہ آهي جيڪڏهن١ ڪو بہ ان جي تعريف نہ ڪري تڏهن بہ اهو غني ۽ حميد آهي. "زَعَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا اَنْ لَّنْ يُّبْعَثُوْا قُلْ بَلٰى وَرَبِّيْ لَتُبْعَثُنَّ ثُمَّ لَتُنَبَّؤُنَّ بِمَا عَمِلْتُمْ وَذَالِكَ عَلَى اللهِ يَسِيْرٌ" (ڪافرن گمان ڪيو تہ اهي جيئرا ڪري هرگز نہ اٿاريا ويندا فرماءِ تہ هائو قسم آهي منهنجي رب جو تہ البت ضرور اٿاريا ويندؤ اوهان ان کان بعد جيڪي عمل ڪيا هوندوَ انهن جي ضرور خبر ڏنا ويندؤ ۽ اهو الله جي لاءِ آسان آهي) ڪافرن کي ان ڳالهہ جو يقين هو تہ قيامت هرگز قائم نہ ٿيندي بلڪ اچي نہ ٿي سگهي ان جي ڪري اهي وڏي دعويٰ سان چوندا هئا تہ اهي جيئرا ڪري قبرن مان ڪڏهن بہ نہ اٿاريا ويندا. انهن جي ان بيجا دعويٰ جي رد ۾ انهن جي گفتگو جي انداز "اَنْ لَّنْ يُّبْعَثُوْا" کان بہ سوين حصا پرزور انداز سان الله عزوجل قيامت جي واقع ٿيڻ جي اعلان ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي تہ اي حبيب عليڪ الصلواة والسلام اوهان فرمايو تہ اي ڪافرو! اهو اوهان جو خيال سراسر غلط آهي تہ اوهان کي ٻيهر هرگز زندهہ نہ ڪيو ويندو مان پنهنجي رب پاڪ جو قسم کڻي چوان ٿو تہ اوهان کي ضرور ضرور وري زندهہ ڪيو ويندو صرف ان تي بس نہ هوندي پر اوهان جي زندگيءَ ۾ ڪَيَلن سمورن عملن جو دفتر اوهان جي اڳيان کولي رکيو ويندو ۽ اوهان ۾ اها طاقت نہ هوندي تہ ڪنهن هڪ ڳالهہ کي غلط ثابت ڪري سگهو اهو ائين ڪرڻ منهنجي الله عزوجل جي لاءِ نهايت آسان آهي جيئن ان ڪائنات کي وجود ڏيڻ وقت فرمايو "ڪن" تہ هي سارو جهان پنهنجي رنگين صفتن سان نيست مان هست ٿي ويو اهڙي طرح ان وقت بہ هڪ اشارو ٿيندو تہ اوهان قبرن کان ٻاهر نڪري ميدان ۾ ايندؤ اوهان جي لاءِ تہ واقعي انهن ٽڙيلن ذرن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري، زندگي ڏئي اٿارڻ مشڪل آهي پر مان ان الله عزوجل جي ڳالهہ ڪيان ٿو

جيڪو "علي ڪل شی قدير" آهي. "فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَالنُّوْرِ الَّذِيْٓ اَنْزَلْنَا وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ" (پوءِ الله ۽ ان جي رسول ۽ (ان) نور تي ايمان آڻيو جيڪو اسان نازل ڪيو آهي ۽ الله ان جي جيڪي ڪيو ٿا خبر رکندڙ آهي) پهريان انهن هلاڪتن جو ذڪر ڪيو ويو جيڪي انسان کي ڪفر ۽ شرڪ جي ڪري پيش اچن ٿيون ۽ هاڻي ارشاد فرمايو ويو ته اوهان جي سلامتي ۽ ڀلائي هن ۾ آهي ته الله تعاليٰ تي ۽ ان جي پياري رسول عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻيو ۽ قرآن ڪريم جيڪو سراسر نور ۽ هدايت آهي ان تي ايمان آڻي ان کي الله عزوجل جو سچو ڪلام تسليم ڪيو ۽ الله عزوجل اوهان جي اعمال جي مڪمل خبر رکندڙ آهي ۽ ان تي اوهان کي جزا يا سزا ڏيندڙ آهي. (١) "يَوْمَ يَجْمَعُكُمْ لِيَوْمِ الْجَمْعِ ذٰلِكَ يَوْمُ التَّغَابُنِ" (جنهن ڏينهن اوهان کي گڏ ٿيڻ واري ڏينهن جي لاءِ گڏ ڪندو اهو هارائڻ ۽ کٽڻ جو ڏينهن آهي) يعني اهو ڏينهن ياد ڪيو جنهن ۾ الله عزوجل اولين ۽ آخرين کي گڏ ڪندو ۽ انهن کي نهايت هيبت ناڪ جاءِ ۾ بيهاري ڪين سندن عملن جي خبر ڏيندو پوءِ ان وقت مخلوق ۾ فرق ۽ تفاوت ظاهر ٿيندو هڪڙا ماڻهو اعليٰ عليين ۾ اهڙين بلند منزلن ۽ مقامات ڏانهن ڪنيا ويندا جتي سندن هر قسم جي خواهشن ۽ لذتن جو انتظام ڪيل هوندو ۽ ٻيا ماڻهو اسفل سافلين ۾ غم، هم، حزن ۽ شديد عذاب جي محل ۾ رکيا ويندا. (٢) "وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُّكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ" (۽ جيڪو الله تي ايمان آڻي ٿو ۽ صالح عمل ڪري ٿو ان ڪان ان جون برايون ميٽيندو ۽ ان کي اهڙن بهشتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون انهن ۾ هميشه رهندڙ هوندا اها ڪاميابي وڏي آهي. هتي اها حقيقت واضح ڪئي وئي آهي ته جيڪو ايمان آڻي ان سان گڏ ان جون تقاضائون پوريون ڪندو ۽ صالح اعمال ڪندو ته الله جل وعلا ان جون اڳيون خطائون ميٽيندو ۽ ان کي انهن جنتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون حقيقت ۾ اها وڏي ڪاميابي آهي. "وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ" (۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو چيو اهي جهنمي آهن ان ۾ هميشه رهندڙ هوندا ۽ (اها) موٽڻ جي بري جاءِ آهي) مطلب ته جيڪي بدبخت ايترين نصيحتن جي باوجود ڪفر ڪندي اسان جي آيتن کي ڪوڙو چوندا رهيا اهي جهنم جي باهه ۾ هميشه رهيا پيا هوندا جيڪو موٽي اچڻ جي لاءِ نهايت بري جاءِ آهي.

(١) البيضاوي صـ٤٩٩ـ جلد ٢ (٢) تيسير الكريم الرحمٰن كامل صـ٨٦٧ـ

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "اَلَمْ يَاْتِكُمْ" کان "ولهم عذاب اليم" تائين آيت مان بہ مسئلا معلوم ٿيا "١" تہ ڪافرن تي دنيا ۾ عذاب جو اچڻ انهن تان آخرت وارو عذاب نہ گهٽائيندو. "٢" تہ ڪافرن تي دنياوي عذاب آخرت واري عذاب جي لحاظ سان تمام گهٽ آهي ان جي ڪري ان کي عذاب جو چکڻ سڏيو ويو آهي. ٢. "كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ" (انهن وٽ سندن رسول روشن دليلن سان ايندا هئا) مان واضح ٿيو تہ هر نبي عليہ الصلواة والسلام کي معجزا عطا ٿيل هئا سيني کان وڏيڪ معجزا اسان جي نبي عليہ الصلواة والسلام کي عطا ٿيا هئا. ٣. "فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَالنُّوْرِ الَّذِيْٓ اَنْزَلْنَا" (پوءِ الله تي ۽ ان جي رسول تي ۽ (ان) نور تي ايمان آڻيو جيڪو اسان نازل ڪيو آهي) هن ترتيب مان اشارة معلوم ٿيو تہ قرآن ڪريم کان اول حضور عليہ الصلواة والسلام تي ايمان آڻبو ان جي ڪري ئي مسلمان ڪرڻ وقت اول ڪلمو پڙهايو ويندو آهي قرآن پوءِ پڙهايو ويندو آهي شين جي حقيقت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ قرآن ڪريم نور آهي مگر قرآن ڪريم جي سمجهڻ لاءِ حضور عليہ الصلواة والسلام نور آهي الله عزوجل جو فرمان آهي "قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّكِتٰبٌ مُّبِيْنٌ" (تحقيق اوهان وٽ الله وٽان نور ۽ روشن ڪتاب آيو آهي) شرعي احڪام قرآن پاڪ مان معلوم ٿين ٿا ۽ قرآن حضور عليہ الصلواة والسلام جي تعليم سان سمجهہ ۾ ايندو آهي. (١)

مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ يَهْدِ

نہ ٿي پهچي ڪا مصيبت مگر الله جي اذن سان ۽ جيڪو ايمان آڻي ٿو الله تي تہ هدايت ڪري ٿو

قَلْبَهٗ ۭ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ (١١) وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ ۚ

ان جي دل کي ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي ۽ اطاعت ڪيو الله جي ۽ اطاعت ڪيو رسول جي

فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاِنَّمَا عَلٰى رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ (١٢)

پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيو اوهان پوءِ اسان جي رسول تي صرف ڪليل پيغام پهچائڻ آهي

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۭ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ (١٣) يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا

سچو معبود ناهي ڪو مبعود مگر اهو ۽ الله تي پوءِ ڄڳائي ٿو تہ توڪل ڪن مومن اي ايمان وارا!

(١) نورالعرفان صـ٨٨٩ـ

اِنَّ مِنْ اَزْوَاجِكُمْ	وَ اَوْلَادِكُمْ	عَدُوًّا لَّكُمْ	فَاحْذَرُوْهُمْ ۚ
بيشڪ اوهان جي زالن مان ۽	اوهان جي اولاد	مان دشمن آهن اوهان جا	پوءِ ڊڄو انهن کان
وَاِنْ تَعْفُوْا	وَتَصْفَحُوْا	وَتَغْفِرُوْا	فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (١٤)
۽ جيڪڏهن معاف ڪندؤ	۽ درگذر ڪندؤ	۽ بخش ڪندؤ	پوءِ بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي
اِنَّمَا اَمْوَالُكُمْ	وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۭ	وَاللّٰهُ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ (١٥)	فَاتَّقُوا اللّٰهَ
اوهان جا مال	۽ اوهان جا اولاد صرف فتنو آهن	۽ الله ان وٽ اجر وڏو آهي	پوءِ الله کان ڊڄو
مَا اسْتَطَعْتُمْ	وَاسْمَعُوْا وَاَطِيْعُوْا وَاَنْفِقُوْا خَيْرًا	لِّاَنْفُسِكُمْ ۭ	وَمَنْ
جيترو ڪري سگهو ٿا	۽ ٻڌو ۽ اطاعت ڪيو ۽ خرچ ڪيو تہ ڀلو هوندو	اوهان جي لاءِ	۽ جيڪو
يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ	فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ (١٦)		اِنْ تُقْرِضُوا اللّٰهَ
بچايو ويندو پنهنجي نفس جي حرص کان	پوءِ اهيئي ڪامياب آهن		جيڪڏهن قرض ڏيندؤ الله کي
قَرْضًا حَسَنًا يُّضٰعِفْهُ	لَكُمْ	وَيَغْفِرْ لَكُمْ	وَاللّٰهُ شَكُوْرٌ حَلِيْمٌ (١٧)
قرض سهڻو تہ ٻيڻو ڪندو ان کي	اوهان جي لاءِ	۽ بخش ڪندو اوهان کي	۽ الله قدر دان بردبار آهي
عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ (١٨) ع			
ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ غالب، حڪمت وارو آهي			

٢ ع٨ ١٦

تفسير

هن کان اڳين آيتن ۾ ايمان ۽ عمل صالح ڪندڙ جو ثواب بيان ٿيو ۽ هتان کان ايمان ۽ صالح عمل واري جي هدايت تي هجڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ" (ڪا بہ مصيبت الله جي اذن کان سواءِ نہ ٿي پهچي) هتي مصيبت مان مراد عام مصيبت آهي نفس ۾ هجي يا مال ۾ اولاد ۾ يا احباب ۾، جيڪا بہ تڪليف پهچي ٿي اها الله عزوجل جي قضا ۽ تقدير سان ٿي پهچي ان جو علم اڳ ۾ ئي الله عزوجل کي آهي ۽ سندس قدرتي قلم اهو لکي ڇڏيو آهي سندس حڪمت جي تقاضا بہ اها آهي "وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ يَهْدِ قَلْبَهٗ ۭ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ" (۽ جيڪو الله تي ايمان آڻي ٿو تہ الله ان جي دل کي هدايت ڏي ٿو ۽ الله هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي) يعني جيڪو مصيبت پهچڻ ۾ الله عزوجل تي ايمان آڻي ٿو ۽ يقين ڪري ٿو اها

الله عزوجل جي طرفان آهي ان جي رضا تي راضي رهي تو تہ مالک منو ان جي قلب ۾ قوت پيدا ڪري ڪي ان تي ثابت رهڻ نصيب فرمائي تو ايمان مان مراد هر ايمان آڻڻ واري شيءِ تي ايمان آڻڻ آهي الله جل وعلا تي ايمان ان جي ملائڪن، ڪتابن، رسولن (عليهم الصلواة والسلام) قيامت جي ڏينهن ۽ تقدير تي ايمان آڻڻ آهي آخر ۾ هي بيان ڪري تہ "الله عزوجل هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي" ايمان وارن کي تسلي ڏني وئي آهي تہ اوهان جو واسطو ان ڪريم ۽ رحيم رب العزة جل شانــــه سان آهي جنهن کي اوهان جي هر ڏک ۽ حالت جو علم آهي "وَاَطِيْعُوا اللهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ" (۽ الله جي اطاعت ڪيو ۽ رسول جي اطاعت ڪيو) يعني جيڪو امر ڪن اهو ادا ڪيو ۽ جنهن کان منع فرمائن اهو ڇڏي ڏيو يقينا الله عزوجل ۽ ان جي رسول عليــه الصلواة والسلام جي اطاعت سعادت جو مدار ۽ ڪاميابيءَ جو عنوان آهي. "فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاِنَّمَا عَلٰى رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ" (پوءِ جيڪڏهن اوهان منهن موڙيندؤ تہ پوءِ اسان جي رسول تي صرف کليل (پيغام) پهچائڻ آهي) مطلب تہ جيڪڏهن اوهان الله جل شانــــه ۽ ان جي رسول پاڪ عليــه الصلواة والسلام جي اطاعت کان منهن موڙيندؤ تہ ان تي اوهان جي هدايت قبول ڪرڻ جو ذمو نہ آهي ان تي صرف حق جو پيغام کولي کولي پهچائڻ جو ذمو آهي "اَللهُ لَآ اِلٰـهَ اِلَّا هُوَ وَعَلَى اللهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ" (سچو معبود ان کان سواءِ ڪو بہ معبود ناهي ۽ جڳائي تو تہ الله تي ئي توڪل ڪندڙ توڪل ڪن) مطلب تہ عبادت ۽ الوهيت جو اهو ئي مستحق آهي ان کان سواءِ ڪو بہ عبادت ۽ الوهيت جو لائق ۽ مستحق نــاهي ۽ مومن هر معاملي ۾ الله عزوجل تي ئي توڪل ڪن ٻئي ڪنهن تي توڪل نہ ڪن. "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ مِنْ اَزْوَاجِكُمْ وَاَوْلَادِكُمْ عَدُوًّا لَّكُمْ فَاحْذَرُوْهُمْ" (اي ايمان وارا! بلاشڪ اوهان جي زالن ۽ اوهان جي اولاد مان ڪي اوهان جا دشمن آهن پوءِ انهن کان ڊڄو) هن ۾ مومنن کي زالن ۽ اولاد تي غرور ڪرڻ کان ڊپ ڏياريو ويو آهي تہ اهي سڀ اوهان جا خيرخواهہ نہ آهن ڪي اوهان جا عدو، دشمن آهن، عدو ان کي چئبو آهي جيڪو تو لاءِ نقصان جو ڪردار ادا ڪري. اهڙي کان ڊڄڻ تو لاءِ ضروري آهي ۽ نفس ۾ جڏهن تہ زال ۽ اولاد جي محبت طبعي طور داخل آهي تڏهن الله عزوجل ٻانهن کي نصيحت فرمائي تہ انهن جي هر ڳالهہ کي شرعي ڪسوٽيءَ تي پرکيو غيرشرعي ڳالهين ۾ انهن جو چوڻ نہ ورو. "وَاِنْ تَعْفُوْا وَتَصْفَحُوْا وَتَغْفِرُوْا فَاِنَّ اللهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" (۽ جيڪڏهن معاف ڪندؤ ۽ درگذر فرمائيندؤ ۽ بخش ڪندؤ تہ پوءِ بلاشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي) مطلب تہ انهن کان ڊڄڻ جو مطلب اهو نــاهي تہ انهن تي هرپرو سختي ڪيو جيڪڏهن شرعي حدن ۾ رهندي انهن جي

غلطين کي معاف ڪندؤ، انهن کان درگذر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندؤ انهن کي بخش ڪندؤ ته الله عزوجل به .غفور رحيم آهي اهو اوهان کي معاف ڪندو اوهان جي غلطين کان درگذر ڪندو اوهان کي به بخش فرمائيندو. (١) "إِنَّمَا أَمْوَالُكُمْ وَأَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ وَاللَّهُ عِنْدَهُ أَجْرٌ عَظِيمٌ" (اوهان جا مال ۽ اوهان جو اولاد ته صرف آزمائش آهن ۽ الله ان وٽ وڏو اجر آهي) يعني هي اوهان جا مال ۽ اوهان جو اولاد جن سان الله اوهان تي نعمت ڪئي آهي اوهان تي الله عزوجل جي طرفان آزمائش آهي اهي اوهان کي عطا ڪري آزمائي ٿو ته ڪير سندس فرمانبردار آهي ڪير بي فرمان آهي ۽ اهو به بيان فرمايائين ته الله جلت صفاتــه وٽ جيڪو اجر ۽ ثواب آهي اهو دنيوي ساز ۽ سامان کان وڏو آهي ان جي ڪري مال ۽ اولاد اوهان کي الله جلت عظمتــه جي اطاعت کان غافل نه بنائي. "فَاتَّقُوا اللَّهَ مَا اسْتَطَعْتُمْ" (پوءِ جيترو ٿي سگهي الله کان ڊڄو) مطلب ته پنهنجي وس آهر پنهنجو جهد ۽ طاقت الله عزوجل جي اطاعت ۾ استعمال ڪيو ۽ پنهنجن وجودن کي انهن جي وس کان مٿي تڪليف نه ڏيو. "وَاسْمَعُوا وَأَطِيعُوا وَأَنْفِقُوا خَيْرًا لِأَنْفُسِكُمْ" (۽ ٻڌو ۽ اطاعت ڪيو ۽ (ان جي واٽ ۾) خرچ ڪيو ته اوهان جي سرن لاءِ ڀلو هوندو) هتي وڏيڪ هدايتون ڏنيون ٿيون وڃن ته الله عزوجل جو فرمان ۽ ان جي نبي عليه الصلواة والسلام جا ارشاد پوري توجــه سان ٻڌو ۽ ان جي حڪم تي هلو اطاعت ڪيو ۽ ان جي واٽ ۾ ان جي ڏنل مال مان خرچ ڪيو ته اهو اوهان جي لاءِ نهايت ڀلو هوندو. "وَمَنْ يُوقَ شُحَّ نَفْسِهِ فَأُولَئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ" (۽ جيڪو پنهنجي نفس جي حرص کان بچايو وڃي ٿو پوءِ اهيئي ڪامياب آهن) يعني جيڪي ان بخل کان بچايا ويا جنهن ڏانهن نفس سڏي ٿو يقينا اهيئي ڪامياب ۽ مرادون ماڻيندڙ آهن. (٢) "إِنْ تُقْرِضُوا اللَّهَ قَرْضًا حَسَنًا يُضَاعِفْهُ لَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ" (جيڪڏهن الله کي سهڻو قرض ڏيندؤ ته الله ان کي اوهان جي لاءِ ٻيڻو بنائيندو ۽ اوهان کي بخش فرمائيندو) مطلب ته دل جي خوشيءَ سان، الله عزوجل جي دين جي سربلنديءَ لاءِ اوهان جيڪو مال خرچ ڪيو ٿا اهو ڄڻ ته اوهان الله عزبرهانــه کي سهڻو قرض ڏنو آهي جنهن جو بدلو اوهان کي پنهنجي رحم ۽ ڪرم سان ضرور عطا ڪندو ۽ ان جي برڪت سان اوهان جا گناهه بخش ڪرڻ فرمائيندو. "وَاللَّهُ شَكُورٌ حَلِيمٌ" (۽ الله قدر دان، بردبار آهي) شڪور جي معنيٰ آهي قدردان، ٻانهو الله عزوجل جي رضا لاءِ ٿورڙو ڪم ڪندو آهي ته رب العزة جل مجده، ان کي ان جي ديني ڪم جو قدر ڪندي بي حساب اجر ڏيندو آهي. حليم، بردبار آهي جيڪو ٻانهي کي هڪدم نه ٿو

(١) تيسيرالڪريم الرحمٰن ڪامل ص٨٦٨ـ (٢) التفسير الواضح الميسر ص١٤٢٤ـ

پڪڙي. "عَالِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" (ڳجھ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ، غالب حڪمت وارو) يعني جيڪي شيون ٻانهن جي نظرن کان غائب آهن يا اڪين سان مشاهدي ۾ اچن ٿيون اهي سڀ ڄاڻندڙ آهي پنهنجي ملڪ ۾ غالب ۽ پنهنجي صنعت ۾ حڪمت وارو آهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ مِنْ اَزْوَاجِكُمْ وَاَوْلَادِكُمْ عَدُوًّا لَّكُمْ فَاحْذَرُوْهُمْ" (اي ايمان وارا بلاشڪ ڪي اوهان جي زالن ۽ اوهان جي اولاد مان اوهان جا دشمن آهن پوءِ انهن کان ڊڄو) ترمذي، حاڪم، وغيره صحيح سند سان حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هيءَ آيت انهن مسلمانن جي باري ۾ نازل ٿي هئي جيڪي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي مدينه منوره ڏانهن هجرت ڪرڻ کان پوءِ مڪه مڪرمه ۾ مسلمان ٿيا ۽ ارادو ڪيائون ته هجرت ڪري مدينه منوره ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ حاضر ٿين پر انهن کي سندن اهل ۽ عيال هجرت ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. (٢) هي اهو زمانو هو جو مڪه مڪرمه مان هجرت ڪرڻ هر مسلمان تي فرض هئي قرآن ڪريم جي مذڪوره آيت اهڙي زال ۽ اولاد کي انسان جو دشمن قرار ڏنو ۽ انهن جي شر کان بچڻ جو تاڪيد فرمايو ڇو ته انسان جو ان کان وڏيڪ دشمن ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو ان کي هميشه واري عذاب ۽ جهنم جي باهه ۾ مبتلا ڪري ڇڏي حضرت عطاءَ بن رباح رضي الله عنه کان روايت آهي ته هيءَ آيت حضرت عوف بن مالڪ اشجعي رضي الله عنه جي باري ۾ نازل ٿي ۽ ان جو واقعو هن طرح آهي ته اهو مدينه منوره ۾ رهندو هو ۽ جڏهن ڪنهن جنگ يا جهاد جو موقعو ايندو هو ۽ جهاد لاءِ نڪرڻ جو ارادو ڪندو هو ته ان جي زال ۽ ٻار دانهون ڪري روئڻ لڳندا هئا ته اسان کي ڪنهن جي آسري تي ڇڏي وڃين ٿو؟ اهو انهن کان متاثر ٿي جنگ تي وڃڻ جو ارادو ڇڏي ڏيندو هو. هنن ٻنهي روايتن ۾ تضاد نه آهي ٻئي هن آيت جو شان نزول ٿي سگهن ٿيون ڇو ته الله جل جلاله جو فرض خواهه هجرت هجي يا جهاد جيڪا زال ۽ اولاد فرض جي ادا ڪرڻ ۾ مانع ٿين اهي ان جا دشمن آهن. ٢. "وَاِنْ تَعْفُوْا وَتَصْفَحُوْا وَتَغْفِرُوْا فَاِنَّ اللهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" (۽ جيڪڏهن معاف ڪندؤ ۽ درگذر ڪندؤ ۽ بخش ڪندؤ پوءِ بلاشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي) علماءِ عظام هن آيت مان دليل ورتو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن جي اهل ۽ عيال کان ڪو ڪم شريعت جي خلاف به صادر ٿئي ته انهن سان بغض رکڻ يا انهن کان بيزار ٿيڻ يا

(١) التفسير الواضح الميسر ص ١٤٢٥ـ (٢) تفسير ابن ڪثير ص ٣٧٦ـ

انهن جي لاءِ بددعا ڪرڻ مناسب ناهي. ٣. "اِنَّمَا اَمْوَالُكُمْ وَ اَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ" (اوهان جا مال ۽ اوهان جو اولاد تہ صرف آزمائش آهي) مان معلوم ٿيو تہ مال ۽ اولاد جي محبت انسان جي لاءِ آزمائش ۽ امتحان آهي انسان اڪثر گناهن ۾ خصوصا حرام جي ڪمائيءَ ۾ انهن جي محبت جي ڪري مبتلا ٿيندو آهي. هڪ حديث ۾ آهي تہ قيامت جي ڏينهن بعضي ماڻهن کي آندو ويندو انهن کي ڏسي ماڻهو چوندا تہ هن جون نيڪيون سندس عيال کائي ڇڏيون. ٻي حديث ۾ آهي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن اولاد جي باري ۾ فرمايو "مبخلة، مجبنة" هي بخل ۽ سستيءَ جا اسباب آهن جو انهن جي محبت جي ڪري انسان الله جي واٽ ۾ مال خرچ ڪرڻ کان رڪجي ٿو انهن جي محبت جي ڪري ئي جهاد ۾ شريڪ ٿيڻ کان رهجي وڃي ٿو" بعض صالحن جو چوڻ آهي تہ عيال انسان جي نيڪين کي اڏيهي وانگر کائي ڇڏي ٿو. (١)

الحمدلله جو مون گنهگار اڄ بمورخہ ١٧ جمادى الاخرى ١٤٢٦ھ الموافق ٢٠٠٥.٧.٢٣ع تي آچر جي رات بوقت سوا ٽين بجہ پنهنجي مهربان چاچي حاجي عبدالله لُنڊ بلوچ مرحوم جي مهمانن واري ڪمري ۾ جده مقدسہ سعوديہ عربيہ ۾ هن سورة جو تفسير لکي پورو ڪيو اميد اٿم تہ الله عزوجل باقي رهيل سورتن جو تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ جي نعمت نصيب فرمائيندو آمين يارب العلمين بوسيلة النبى الامى الامين عليہ وعلى آلہ واصحبہ الصلواة والسلام الى يوم الدين.

دعا جو طالب
محمد ادريس ڏاهري
نقشبندي عفي عنه

(١) معارف القرآن صـ٤٦٩، ٤٧٠ـ جلد ٨

سُوْرَةُ "الطَّلَاقِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة پاڪ ۾ طلاق جا مسئلا مذڪور آهن ان جي ڪري ان جو نالو "الطلاق" تجويز ٿيو.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة پاڪ ۾ ٻه رڪوع، ٻارهن آيتون، ٻه سوءِ اوڻونجاهه ڪلما ۽ هڪ هزار سٺ (١٠٦٠) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مدينـــه منوره ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول جو زمانو: هيءَ سورة مبارڪـــه سورة بقره جي انهن آيتن کان پوءِ نازل ٿي جن ۾ طلاق ۽ عدت جا احڪام بيان ٿيل آهن.

مضمون: جاهليت جي دور ۾ عرب معاشره اول کان آخر تائين بگڙي چڪو هو اجاين رسمن ۽ رواجن جي پابندين انهن جي گهرو زندگيءَ کي هڪ ٻئي تي اعتماد ۽ سچين خوشين کان محروم ڪري ڇڏيو هو. نڪاح، طلاق، عدت، گهرو خرچ، رضاعت ۽ ٻيا مسئلا جن جو عائلي زندگيءَ سان گهاٽو تعلق آهي هر قسم جي معقوليت کان خالي هئا اسلام هڪدم پهرئين نظام کي درهم برهم ڪري رکي نه ڇڏيو هو بلڪ انهن جي اصلاح جي لاءِ تدريجي اقدامات ڪيا هئا تانته مقصد به پورو ٿي وڃي ۽ تڪڙي قدم کڻڻ جي ڪري جيڪي مشڪلات ۽ ڏکيائيون پيدا ٿين ٿيون انهن سان به گهٽ منهن ڏيڻو پوي. پهريان مڙس زال کي ڇڏڻ کان پوءِ طلاقون ڏئي سگهيو ٿي ۽ عدت گذرڻ کان پهريان رجوع ڪري سگهيو ٿي جنهن سان عورت لاءِ سندس زندگي عذاب ٿي پوندي هئي سورة بقره جي آيت ع ـ٢٢٩ـ ۾ ٻڌايو ويو ته مڙس وڌ ۾ وڌ ٽي طلاقون ڏئي سگهي ٿو انهن کان پوءِ اهو رجوع ڪري نه ٿو سگهي. سورة البقره جي آيت ع ـ٢٢٨ـ ۾ مدخولـــه (جماع ڪيل) عورت جي عدت ٻڌائي وئي ته اها ٽي حيض آهي ان ئي آيت ۾ هي به ٻڌايو ويو ته رجعي طلاق جي صورت ۾ عدت ختم ٿيڻ کان پهريان مڙس رجوع ڪري سگهي ٿو ۽ نڪاح نئين ڪرڻ جي به ضرورت ناهي. البقرة جي آيت ع ـ٢٣٠ـ ۾ مغلظ طلاق جي صورت ۾ ٻيو ٻيرو نڪاح جو حڪم بيان ڪيو ويو ۽ ان ئي سورة جي آيت ع ـ٢٣٤ـ ۾ ان عورت

(١) خازن ص ـ٢٧٧ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور ص ـ١٨٨ـ جلد ٨

جي عدت ٻڌائي وئي آهي جنهن جو مڙس فوت ٿي وڃي. عائلي زندگيءَ جي متعلق هڪ حڪم سورة الاحزاب جي آيت عـ۴۹ـ ۾ بيان ٿيو آهي ته جيڪڏهن نڪاح کان پوءِ جماع کان پهريان طلاق واقع ٿي وڃي ته پوءِ ان طلاق ڏنل عورت کي عدت گذارڻ جي ضرورت ناهي اها ان وقت نڪاح ڪري سگهي ٿي پر عائلي زندگيءَ جي متعلق ڪيترا اهڙا مسئلا رهجي ويا هئا جن جا جواب مطلوب هئا ڪيترن ٻين حڪمن جي باري ۾ وضاحت جي ضرورت هئي تانته عمل ڪرڻ وارو الله عزوجل جي منشا جي مطابق ان تي عمل ڪري سگهي هن سورة کي نازل ڪري ان خلا کي ڀريو ويو آهي ۽ پڻ طلاق جنهن جي اجازت اسلام صرف ان مجبوري جي حالات ۾ ڏني آهي جو زال ۽ مڙس جي گڏ رهڻ جو امڪان ئي نه رهي ۽ طلاق کي ابغض المباحات (جائز ڪمن ۾ نهايت ناپسنديده) قرار ڏنو آهي ان جي لاءِ اهڙي پابندي لڳائي اٿس جو جيڪڏهن ان کي نظر جي اڳيان رکيو وڃي ته طلاق تمام گهٽ واقع ٿئي پهريان ان جماع ڪيل طلاق ڏنل عورت جي عدت بيان ڪئي وئي جنهن کي ماهوار رت اچي ۽ هتي انهن جماع ڪيل عورتن جي عدت بيان ڪيل آهي جن کي حيض اچڻ اجان شروع ئي نه ٿيو هجي يا اها عمر جي ان حصي ۾ پهتي هجي جڏهن حيض جو اچڻ بند ٿي چڪو هجي حامله عورت کي جيڪڏهن مڙس طلاق ڏي يا ان جو مڙس فوت ٿي وڃي ته ان کي ڪيتري عدت گذارڻي پوندي؟ ان مسئلي جي به هتي صراحت ڪيل آهي. طلاق ڏنل عورت جڏهن عدت پوري ڪري رهي هجي ته ان جي رهائش ۽ خرچ جي ذميداري ڪنهن تي عائد ٿئي ٿي؟ کير پيئندڙ ٻار جي کير جو انتظام ۽ ان جي اخراجات ڪير برداشت ڪندو انهن سڀني مسئلن کي هتي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي هن سورة پاڪ جو هڪ ٻيو پهلو اوهان جي خصوصي توجه جو مستحق آهي بلاشبه ان ۾ اهم ۽ دوررس نتيجن جا حامل قانون بيان ڪيا ويا آهن انهن جي باوجود قرآن ڪريم جي انفراديت قائم آهي هي صرف قانونن جو ڪتاب ناهي جيڪو ٻئن قانوني دفعات تي مشتمل هجي ۽ انهن کان منهن موڙڻ وارو مختلف سزائن جو مستحق هجي بلڪ هن ۾ هر جاءِ تي انهن احڪام جي بجا آوري جي ترغيب لاءِ اهڙن جملن جو اضافو ڪيو ويو آهي جن کي پڙهي انهن تي عمل ڪرڻ آسان ٿي ويندو آهي ٻڌايو ويو آهي ته انهن حڪمن جي پابندي تقويٰ آهي ۽ جيڪو شخص تقويٰ اختيار ڪندو آهي الله عزوجل ان جي لاءِ نجات جا رستا کوليندو آهي ۽ ان کي اتاهين رزق ڏيندو آهي جتان ان کي وهم ۽ گمان به نه هوندو آهي. انسان جڏهن انهن آيتن ۾ غور ۽ فڪر ڪندو آهي ۽ ان کي پتو پوندو آهي ته انهن حڪمن تي عمل ڪرڻ سان ان جو ڪريم رب ان تي

راضي ٿيندو تہ پوءِ وڏيڪ دل جي خوشيءَ سان ان احڪام ڪي بجا آڻيندو آهي پوءِ ڀلي ان ڪي ڪيترو بہ مالي نقصان پوي اها ئي قرآن ڪريم جي اها خصوصيت آهي جيڪا ان ڪي قانونن جي مجموعہ هجڻ جي باوجود قانون جي ٻين ڪتابن کان ممتاز ڪري ٿي. ٻئي رڪوع ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪي ماڻهو الله عزوجل جي احڪام جي نافرماني ڪن ٿا انهن جي پڇاڙي نهايت دردناڪ هوندي آهي ۽ جيڪي ماڻهو الله جل وعلاجي رسول عليہ الصلواة والسلام جي آندل هدايتن تي عمل ڪندا آهن انهن ڪي هر قسم جي انڌيرن مان ٻاهر ڪڍي اهڙين جاين تي پهچايو وڃي ٿو جتي سچ جو سج چمڪارا ڏئي رهيو آهي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳينءَ سورة ۾ بيان ٿيو تہ "اوهان جي زالن ۽ اولاد مان ڪي اوهان جا دشمن آهن" ۽ جڏهن تہ اها دشمني ڪڏهن ڪڏهن طلاق تائين پهچائيندي آهي ان جي ڪري هتي طلاق جو بيان ڪيو ويو آهي . (١)

ڀلايون ۽ برڪتون: هيءَ سورة بہ ٻين سورتن وانگر نهايت شاندار آهي محدث عبدالرزاق المصنف ۾ ۽ سعيد بن منصور طاؤس کان روايت آندي آهي "نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن جمعہ جي نماز ۾ سورة الجمعة (هيءَ سورة) "يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ" پڙهڻ فرمائي." (٢) فقير محمد ادريس مسجدن ۾ جمعہ نماز يا ٻيون نمازون پڙهائيندڙن جي خدمت ۾ عرضگذار آهي تہ ڪوشش ڪري اهي بہ نمازن ۾ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جي سنت تي عمل ڪندي اهي سورتون پڙهن جيڪي پاڻ پڙهيون اٿن. ان ۾ ئي وڏيڪ برڪت ۽ اجر آهي.



(١) المراغي صـ١٣٣ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠ (٢) الدرالمنثور صـ١٨٨ـ جلد ٨

وَهِيَ اثْنَتَا عَشْرَةَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الطَّلَاقِ مَدَنِيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ٻارهن آيتون آهي	سورة طلاق مدني آهي	۽ ان ۾ ٻہ رکوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

يَآ اَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَطَلِّقُوْهُنَّ لِعِدَّتِهِنَّ وَاَحْصُوا الْعِدَّةَ

اي نبي! جڏهن طلاق ڏيو عورتن کي پوءِ طلاق ڏيوانهن کي سندن عدت جي وقت کي لحاظ ۾ رکندي

وَاتَّقُوا اللّٰهَ رَبَّكُمْ لَاتُخْرِجُوْهُنَّ مِنْ بُيُوْتِهِنَّ وَلَايَخْرُجْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيْنَ

۽ ڊڄو الله پنهنجي رب کان نہ ڪڍو انهن کي سندن گهرن مان ۽ نہ نڪرن پاڻ مگر هي جو آڻين

بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ

برائي پڌري ۽ اهي الله جون حدون آهن ۽ جيڪو تجاوز ڪري الله جي حدن کان پوءِ تحقيق

ظَلَمَ نَفْسَهٗ ط لَاتَدْرِيْ لَعَلَّ اللّٰهَ يُحْدِثُ بَعْدَ ذٰلِكَ اَمْرًا (١)

ظلم ڪيائين پنهنجي نفس تي نہ تو ڄاڻين ٿون تہ (متان) الله پيدا ڪري ان کان پوءِ ڪو امر

تفسير

اڳيئن سورة جي اندر زالن ۽ اولاد مان ڪنهن ڪنهن جو دشمن هجڻ بيان ٿيو ۽ اها دشمني جڏهن تہ طلاق جو باعث بنجي سگهي ٿي تڏهن هتي طلاق جي متعلق بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَطَلِّقُوهن لعدتهن" (اي نبي! جڏهن عورتن کي طلاق ڏيو تہ پوءِ انهن جي عدت جي وقت (جو لحاظ رکندي) طلاق ڏيو) هن آيت ۾ ظاهر ۾ خطاب تہ سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن سان آهي پر اهو حڪم سندن امت جي لاءِ آهي. علامه احمد مصطفيٰ المراغي لکيو آهي تہ: حضور عليه الصلواة والسلام جن کي خطاب سان مخصوص ان جي ڪري بنايو ويو آهي جو پاڻ امت جا اڳواڻ ۽ امام آهن. (١) مفسر قرطبي عليه الرحمة لکيو آهي تہ: هتي حضور عليه الصلواة والسلام جن سان ۽ اڳتي "اِذَا طَلَّقْتُمْ" جمع جي صيغي سان خطاب سندن تعظيم ۽ تفخيم جي لاءِ آهي. (٢) مفسر القرآن علامه آلوسي عليه الرحمة

(١) المراغي ص ١٣٤ ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠ (٢) القرطبي ص ١٤٨ ـ جلد ١٨

لکيو آهي تہ: هن آيت ۾ طلاق ڏيڻ جو ذکر آهي جيڪو هڪ ناپسنديده فعل آهي ان جي ڪري الله عزوجل پنهنجي رسول مقبول عليـــه الصلواة والسلام کي خطاب ڪرڻ کان بعد طلاق جي نسبت حضور عليـه الصلواة والسلام جن جي بجاءِ سندن امت جي افراد ڏانهن ڪئي. (١) اهل دل ۽ اهل نظر غور ڪن تہ رب العزة جل شانـــہ پنهنجي محبوب عليـه الصلواة والسلام جي بلند شان جو ڪيترو انتظام ڪرڻ فرمائي ٿو. ياد رکڻ گهرجي تہ هتي طلاق ڏيڻ مان مراد طلاق ڏيڻ جو ارادو ڪرڻ آهي مطلب تہ جڏهن اوهان طلاق ڏيڻ جو ارادو ڪيو تہ ان جي عدت کي نظر ۾ رکندي ڏيو جنهن جو صاف مطلب هي آهي تہ جنهن وقت عورت حيض سان هجي تہ ان وقت ان کي طلاق نہ ڏيو ۽ اهڙي پاڪائيءَ جي حالت ۾ بہ طلاق نہ ڏيو جنهن ۾ مڙس زال سان جماع ڪري چڪو آهي ڇو تہ انهن ٻنهي صورتن ۾ عدت ۾ ڊيگهہ ٿي ويندي ۽ طلاق ڏنل عورت کي تڪليف برداشت ڪرڻي پوندي ڇو تہ جيڪڏهن مڙس حيض جي حالت ۾ طلاق ڏني آهي تہ اهو حيض عدت ۾ شمار نہ ٿيندو ۽ ان حيض کان سواءِ ٽن ٻين حيضن جو ان کي انتظار ڪرڻو پوندو اهڙي طرح جيڪڏهن اهڙي پاڪائيءَ جي حالت ۾ طلاق ڏنائين جنهن ۾ زال سان جماع ڪيو هوندائين تہ ان حالت ۾ مڙس ۽ عورت ٻنهي کي خبر ناهي تہ ان جماع جي ڪري حمل ٿيو يا نہ؟ ان سان بہ عدت ۾ منجهہ پيدا ٿيندي ۽ عورت کي وڏي زحمت گوارا ڪرڻي پوندي ان جي ڪري طلاق جو مسنون طريقو هي آهي تہ طلاق اهڙي پاڪائيءَ جي صورت ۾ ڏني وڃي جنهن ۾ مڙس زال سان جماع نہ ڪيو هجي. حيض جي حالت ۾ يا اهڙي پاڪائيءَ جي حالت ۾ جنهن ۾ مڙس زال سان جماع ڪيو هجي طلاق ڏيڻ گناهہ آهي.

طلاق جي هڪ تقسيم

مذڪوره آيت مان دليل وٺندي فقهاءَ ڪرام طلاق جا ٻہ قسم بيان ڪيا آهن "١" سني، يعني سنت جي مطابق "٢" بدعي، حنفي علماءَ سني طلاق جا وري ٻہ قسم بيان ڪيا آهن. "١" احسن "٢" حسن. احسن (تمام سهڻي) طلاق هيءَ آهي جو مڙس زال کي اهڙي پاڪائيءَ ۾ طلاق ڏي جنهن ۾ زال سان جماع نہ ڪيو اٿس ۽ وري عدت جي گذرڻ تائين ٻي طلاق نہ ڏي. عدت پوري ٿيڻ کان پوءِ نڪاح ختم ٿي ويندو پر نئين نڪاح ڪرڻ لاءِ دروازو کليل رهندو. طلاق حسن (سهڻي) ان کي چوندا آهن جو اهڙي پاڪائيءَ ۾ هڪ طلاق ڏي ۽ وري حيض گذرڻ کان پوءِ ٻيءِ پاڪائي ۾ ٻي طلاق ڏي ۽ ٽي پاڪائيءَ ۾ ٽي طلاق ڏي. انهن ٻنهي کان سواءِ طلاق جون سڀئي صورتون طلاق

(١) روح المعاني صـ١٢٨ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠

بدعي ۾ شمار ٿينديون ۽ اهڙي طرح طلاق ڏيندڙ گنهگار ٿيندو پر چئني امامن ابوحنيفه، مالڪ، شافعي ۽ احمد بن حنبل عليهم الرحمة وٽ اها بدعي طلاق به واقع ٿي ويندي ها بعضي علماءِ ان جي واقع ٿيڻ جا قائل ناهن حضرت امام شافعي عليه الرحمة وٽ وقت جي لحاظ سان طلاق سني ۽ بدعي هوندي اهي عدد جي لحاظ سان نه مطلب ته اهڙيءَ پاڪائيءَ ۾ طلاق ڏيڻ جنهن ۾ مڙس زال سان جماع نه ڪيو هجي سني آهي پوءِ هڪ طلاق ڏي يا ٻه طلاقون يا ٽي طلاقون پوءِ به اها سني آهي. (١) "وَاَحْصُوا الْعِدَّةَ" (۽ عدت کي ڳڻيو) يعني طلاق ڏيندڙ مرد ۽ طلاق ڏنل عورت ٻنهي کي گهرجي ته عدت جي ڏينهن ۽ مدت کي ياد رکن غفلت ۽ سستيءَ جي ڪري منجهه نه ٿي پوي. طلاق اهڙي طرح ڏني وڃي جو عدت جي ڏينهن کي ڳڻڻ ۾ گهٽ وڌتائي لازم نه اچي جيئن بيان ٿي چڪو آهي "وَاتَّقُوا اللهَ رَبَّكُمْ" (۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊڄو) يعني عبادات وانگر هنن دنيوي معاملن ۽ قانوني احڪام ۾ به ياد رکو ته هي سڀ ان الله، قادر مطلق جا ڏنل آهن جنهن جي ارشادات جو هڪ هڪ جزءُ پنهنجي جاءِ تي پوري اهميت رکي ٿو ۽ اهو الله عزوجل به اوهان جو پالڻهار آهي جيڪو هر لحاظ سان اوهان جي تربيت جو اوهان جي ئي مصلحتن جو لحاظ رکڻ وارو آهي. "لَاتُخْرِجُوْهُنَّ مِنْ بُيُوْتِهِنَّ وَلَايَخْرُجْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ" (انهن کي سندن گهرن مان نه ڪڍو ۽ نه (پاڻ) نڪرن مگر هي جو ڪليل برائي آڻين) هتي مردن کي حڪم ڏنو ٿو وڃي ته طلاق ڏيڻ کان فورا پوءِ اهي پنهنجين طلاق ڏنل زالن کي گهرن مان ٻاهر نه ڪڍن انهن کي ائين ڪڍي ڇڏڻ نهايت سنگدليءَ ۽ بي رحمي آهي جيستائين اهي عدت جا ڏينهن پورا ڪن تيستائين انهن جو مڪمل خرچ ۽ رهائش جو انتظام مڙس کي ڪرڻو آهي اهڙي طرح عورت کي به حڪم ڏنل آهي ته اها طلاق ملڻ کان پوءِ پنهنجي ان پهرئين گهر مان فورا نه نڪري بلڪ عدت جا ڏينهن اتيئي پورا ڪري ان جي خرچ جي ذميداري ان کي طلاق ڏيندڙ مڙس تي رکي وئي آهي مگر جيڪڏهن اها ڪو اهڙو ڪليل جرم زنا يا چوري يا مڙس سان بدڪلامي ڪري ٿي ته پوءِ مڙس کي حق آهي ته ان کي گهر مان ڪڍي ڇڏي. (٢) "وَتِلْكَ حُدُوْدُاللهِ وَمَنْ يَّتَعَدَّحُدُوْدَاللهِ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ" (۽ اهي الله جون حدون آهن ۽ جيڪو الله جي حدن کان تجاوز ٿو ڪري پوءِ يقينا ان پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو) هن ۾ تنبيه ڪئي وئي آهي ته هي احڪام اهڙا ناهن جو انهن تي عمل ڪرڻ يا نه ڪرڻ اوهان جي مرضيءَ تي موقوف هجي بلڪ هي الله تعاليٰ جون مقرر ڪيل حدون

(١) ضياءُ القرآن صـ٢٧٤ـ جلد ٥ (٢) احكام القرآن للجصاص صـ٤٥٤ـ جلد ٣

آهن جيڪي سراپا حڪمت آهن جنهن انهن کان تجاوز ڪيو ان پنهنجي مٿان پاڻ ظلم ڪيو ان جي زندگي سڪون ۽ اطمينان کان محروم ۽ اهو الله عزوجل جي طرفان ملندڙ عذاب جو مستحق هوندو. "لَاتَدْرِىْ لَعَلَّ اللهَ يُحْدِثُ بَعْدَ ذَالِكَ اَمْرًا" (تون نہ ٿو ڄاڻين تہ متان الله ان کان پوءِ ڪو نئون امر ظاهر ڪرڻ فرمائي) هتي خطاب طلاق ڏيڻ واري سان آهي. (١) نبي ڪري عليہ الصلواة والسلام جن سان ناهي مطلب تہ اي طلاق ڏيندڙ تون طلاق يا طلاق ڏنل سان زيادتي نہ ڪر توکي خبر ناهي تہ شايد الله جل وعلا ان معاملي ۾ ڪو نئون امر ارشاد فرمائي ۽ اهو رجعت (ان زال کي ورائي رکڻ) جو امر آهي. (٢)

فائدا: مذڪوره آيت مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "وَاَحْصُوا الْعِدَّةَ" (۽ عدت جا ڏينهن ڳڻيو) هتي عدت جي ڏينهن کي ڳڻڻ جي لاءِ خاص مردن سان خطاب ڪيو ويو آهي حالانڪ عورت بہ ڏينهن ۽ مدت ڳڻڻ جي ڪوشش ڪري سو ان جي ڪري جو عورتون حساب جي معاملي ۾ ڪچيون هونديون آهن. ٢. "لَاتُخْرِجُوْهُنَّ مِنْ بُيُوْتِهِنَّ" (انهن کي سندن گهرن مان ٻاهر نہ ڪڍو) ۾ گهرن جي نسبت عورتن ڏانهن ڪرڻ مان معلوم ٿيو تہ زال اهلبيت هوندي آهي ۽ ان جي رهڻ جو گهر ان ڏانهن منسوب هوندو آهي جيتوڻيڪ گهر جو مالڪ مرد آهي. قرآن ڪريم ۾ ٻيءِ جاءِ تي بہ گهرن جي نسبت انهن ۾ رهندڙن عورتن ڏانهن ڪيل آهي ارشاد آهي "وَقرن فِيْ بُيُوْتِكُنَّ" (۽ پنهنجن گهرن ۾ رهو) هي نبي اڪرم، نورمجسم صلي الله عليہ وسلم جن جي ازواج مطهرات رضي الله عنهن سان خطاب آهي مذڪوره تحقيقات مان معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جون گهرواريون سندن اهلبيت آهن. انهن جي اهلبيت هجڻ جو منڪر قرآن ڪريم جو منڪر آهي ۽ قرآن ڪريم جو منڪر ڪافر آهي. ٣. "وَلَايَخْرُجْنَ" (۽ نہ پاڻ نڪرن) مان معلوم ٿيو تہ طلاق ڏنل عورتون شرعي عذر کان سواءِ گهرن کان ٻاهر نہ نڪرن پلي طلاق ڏيندڙ مرد انهن کي ٻاهر نڪرڻ جي موڪل بہ ڏين ڇو تہ گهر ۾ رهڻ مرد جو حق نہ پر الله جل وعلا جو بہ حڪم ۽ حق آهي جيڪو ان جي طرفان ان تي مقرر ڪيل آهي ۽ اهو ئي حنفي حضرات جو مذهب آهي. (٣)

فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْفَارِقُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ

پوءِجڏهن پهچن مدي پنهنجي کي پوءِروکي رکوانهن کي ڀلائيءِ سان ياجداڪيو انهن کي ڀلائيءَسان

(١) حاشيہ ماجديہ صـ١١١٦ـ (٢) روح المعاني صـ١٣۴ـ جزءِ ٢٨ جلد ١٠

(٣) معارف القرآن صـ۴٨٠ـ جلد ۴

وَّاَشۡهِدُوۡا	ذَوَىۡ عَدۡلٍ مِّنۡكُمۡ	وَاَقِيۡمُوا الشَّهَادَةَ لِلّٰهِ ؕ	ذٰلِكُمۡ
۽ شاهد ڪيو ٻن عدل جي صاحبن کي پاڻ مان		۽ قائم ڪيو شاهدي الله جي لاءِ اهو نصيحت	
يُوۡعَظُ بِهٖ	مَنۡ كَانَ يُؤۡمِنُ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ ؕ	وَمَنۡ يَّتَّقِ	اللّٰهَ
ڪيو وڃي ٿو ان سان اهو جو ايمان آڻي ٿو الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ۽ جيڪو ڊڄي ٿو الله کان			
يَجۡعَلْ لَّهٗ	مَخۡرَجًا (٢)	وَّيَرۡزُقۡهُ مِنۡ	حَيۡثُ لَا يَحۡتَسِبُ ؕ
ته بنائي ٿو ان جي لاءِ نڪرڻ جي جاءِ		۽ رزق ڏي ٿو ان کي ان جاءِ کان جو نه ٿو گمان ڪري	
وَمَنۡ يَّتَوَكَّلۡ	عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسۡبُهٗ ؕ	اِنَّ اللّٰهَ بَالِغُ	اَمۡرِهٖ ؕ
۽ جيڪو توڪل ڪري ٿو الله تي پوءِ اهو ڪافي آهي ان جي لاءِ بيشڪ الله پهچائيندڙ آهي پنهنجي امر کي			
قَدۡ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَىۡءٍ قَدۡرًا (٣)			
تحقيق ڪيو الله هر شيءِ جي لاءِ هڪ اندازو			

تفسير

اڳيئن آيت ۾ طلاق جو ذڪر هو ۽ هتان کان طلاق ڏنل عورت جي عدت واري مدت گذرڻ کان پوءِ مڙس جي اختيار کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "فَاِذَا بَلَغۡنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمۡسِكُوۡهُنَّ بِمَعۡرُوۡفٍ اَوۡ فَارِقُوۡهُنَّ بِمَعۡرُوۡفٍ" (پوءِ جڏهن پنهنجي مدي کي پهچن ته پوءِ انهن کي ڀلائيءَ (جي ارادي) سان روڪي رکو يا انهن کي ڀلائي (جي ارادي) سان ڇڏي ڏيو) مطلب ته مڙس جيڪڏهن هڪ يا ٻه طلاقون ڏنيون آهن ته ان کي رجوع ڪرڻ جو حق آهي پر ڪي ماڻهو ان حق کي ناجائز طور استعمال ڪرڻ جو ارادو ڪري ظاهر ۾ رجوع ڪن ٿا پر انهن جو ارادو ان عورت کي آباد رکڻ جو ناهي بلڪ سندن مقصد ان عورت جي عدت کي وڌائڻ ۽ ان کي ايذائڻ آهي ان جي ڪري هي حڪم ڏنو ٿو وڃي ته عدت ختم ٿيڻ کان پهريان اوهان اهو فيصلو ڪيو ته ڇا اوهان ان کي پنهنجي حياتيءَ جي ساٿياڻي بنائي رکڻ گهرو ٿا يا نه. پهرينءَ صورت ۾ اوهان کي اجازت آهي ته رجوع ڪيو ۽ اڳيئن وقتن وانگر ان سان محبت ۽ شفقت جو برتاءُ ڪيو ان کي پنهنجي اهليه ڪري رکو ۽ جيڪڏهن اوهان جو اهو ارادو ناهي ته صرف ان کي ايذاءَ ڏيڻ جي لاءِ رجوع نه ڪيو بلڪ ان کي جدا ڪري ڇڏيو پر اهو جدا ڪرڻ جو انداز غير شريفانه نه هجي جو ٻئي ڌريون هڪ ٻئي کي گهٽ وڌ چوندا رهو بلڪ زال کي جدا ڪرڻ وقت به ان جي دلجوئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو ان

طرح ان جي غم ۽ ڏک جو بار هلڪو ٿي ويندو. ياد رکڻ گهرجي تہ موافقت جي وقت تہ دلجوئي هر ڪو ڪندو آهي پر تعلقات قطع ڪرڻ وقت بہ دلجوئي ڪرڻ جو حڪم ڏيڻ هن رحمت واري دين جي خصوصيت آهي. "وَاَشْهِدُوْا ذَوَيْ عَدْلٍ مِّنْكُمْ وَاَقِيْمُوا الشَّهَادَةَ لِلّٰهِ" (۽ پاڻ مان ٻن عدل جي صاحبن کي شاهد بنايو ۽ الله جي لاءِ شاهدي قائم ڪيو) المقصد تہ زال کي رکو يا جدا ڪيو ٻنهي صورتن ۾ ٻہ عادل شاهد مقرر ڪيو تانت جيڪڏهن ڪڏهن بہ ٻنهي ڌرين ۾ وري ڇڪ تاڻ پيدا ٿئي ۽ معاملو عدالت ۾ پيش ٿئي تہ انهن شاهدن جي شاهديءَ جي روشني ۾ قاضي صحيح فيصلو ڏئي سگهي. اهو حڪم وجوبي ناهي استحبابي آهي فقه چئن ئي جي امامن جو اهو متفق قول آهي تہ طلاق ۽ رجعت ۾ شاهد مقرر ڪرڻ فرض ناهي مستحب آهي. جيڪڏهن شاهدن کان سواءِ رجوع ڪيو تہ اهو رجوع بہ معتبر هوندو البت شاهد بنائڻ افضل آهي ۽ اوهان جي لاءِ بهتر آهي ۽ اختلاف ۽ جهيڙي کي دفع ڪرڻ ۽ روڪڻ جي لاءِ هي نهايت اثرائتو طريقو آهي ۽ هتي شاهد بنائڻ جو حڪم اهڙو آهي جهڙو "وَاَشْهِدُوْا اِذَا تَبَايَعْتُمْ" (۽ جڏهن واپار ڪيو تہ شاهد بنايو) ان جو هي مطلب هرگز ناهي تہ جڏهن اوهان شاهدن جي غير موجودگيءَ ۾ واپار ڪيو تہ اهو ناجائز هوندو بلڪ مقصد هي آهي تہ اوهان جي ڀلائي ان ۾ آهي تہ شاهد بنايو تانت اوهان انهن جي ذريعي معاملا طيءِ ڪري سگهو ۽ فتن کان بچي سگهو. (١) "ذٰلِكُمْ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخرجا" (اها نصيحت ڪيو وڃي ٿو ان سان اهو جيڪو ايمان آڻي ٿو الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ۽ جيڪو الله کان ڊڄي ٿو ان جي لاءِ نڪرڻ جي واٽ ڪندو) مطلب تہ انهن سون جهڙين نصيحتن مان نفعو اهو ئي شخص وٺي سگهي ٿو جنهن کي الله عزوجل ۽ قيامت جي ڏينهن تي يقين هوندو ڇو تہ اهو يقين ئي انسان جي دل ۾ الله عزوجل جو ڊپ پيدا ڪندو آهي ۽ ان ڊپ سان ئي انسان کي اهو خيال پيدا ٿيندو آهي تہ جهڙي طرح هڪ ڪمزور عورت اسان جي قبضي ۽ اقتدار ۾ آئي آهي اسين سڀ بہ هڪ قهار رب العزة جل وعلا جي قبضي ۾ آهيون ۽ اهو ئي هڪ خيال انسان کي هر حالتن ۾ ظلم ۽ زيادتيءَ کان روڪي ٿو ۽ ان کي الله عزوجل جي فرمانبرداريءَ تي ڪڙو ڪري ٿو ان جي ڪري فرمايو ويو تہ جيڪو الله کان ڊڄي ٿو الله عزوجل اِن لاءِ بچڻ جو رستو پيدا ڪري ٿو. "وَيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ" (۽ ان کي اتاهين رزق ڏي ٿو جتان گمان بہ نہ ٿو ڪري) مطلب تہ الله عزوجل کان ڊڄڻ دارين جي خزانن جي ڪنجي ۽ تمام

(١) ضياءُ القرآن صـ٢٧٧ـ جلد ٥

ڪاميابين جو ذريعو آهي ان سان ئي مشڪلاتون آسان ٿين ٿيون سمجهه ۽ شعور ڪان مٿي رزق ۽ روزي ملي ٿي، گناهه معاف ٿين ٿا، جنت نصيب ٿيندي آهي.

تقويٰ جا فضائل: ١. طبراني ۽ ابن مردويه معاذبن جبل رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ڪان ٻڌو پاڻ فرمايائون اي انسانو! الله ڪان ڊڄڻ کي تجارت بنايو تہ اوهان وٽ ڪنهن سامان ۽ تجارت ڪان سواءِ رزق ايندو ان ڪان پوءِ پاڻ مذڪوره آيت تلاوت ڪرڻ فرمايائون" ٢. امام احمد ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن اسغفار گهڻو پڙهيو الله ان جي لاءِ هر ڏک ۾ آساني ۽ هر تنگيءَ مان نڪرڻ جو رستو بنائيندو ۽ ان کي اتاهين رزق ڏيندو جتان ان کي گمان بہ نہ هوندو" (١) "وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ" (۽ جيڪو الله تي توڪل ڪري ٿو تہ اهو ان جي لاءِ ڪافي آهي) يعني جيڪو شخص پنهنجو ڪم الله عزوجل جي سپرد ڪري ٿو تہ ان جي ڪم کي تڪميل تائين پهچائڻ الله عزوجل جي ڪرم جي ذمي آهي. ان مان ڪو هيئن نہ سمجهي تہ توڪل جي معنيٰ عمل ڪان لاتعلق رهي اسباب کي اختيار نہ ڪرڻ ناهي بلڪ ان جو مقصد آهي تہ اسباب اختيار ڪري پر نتيجن جي ظاهر ٿيڻ لاءِ الله عزوجل مسبب الاسباب تي يقين رکي عمل نہ ڪرڻ ۽ جدوجهد ڪان بيزاريءَ جو اسلام سان پري جو بہ واسطو ناهي. حضرت علامه رومي صاحب جيڪو تصوف جي ميدان جو مجيل شهسوار آهي پنهنجي ڪتاب مثنوي ۾ توڪل جي موضوع تي فرمايو آهي

گرتوڪل مي ڪني درڪارڪن، ڪشت ڪن پس تڪيه برجبارڪن

جيڪڏهن توڪل ڪرين ٿو تہ اها توڪل ڪم ۾ ڪر، پوک پوکي پوءِ الله عزوجل تي ڀروسو ڪر.

رمز "اَلْڪَاسِبُ حَبِيْبُ اللهِ" شنو، ازتوڪل درسبب ڪاهل مشو

ڪمائيندڙ الله جو پيارو آهي واري رمز ٻڌ، توڪل جي ڪري سبب اختيار ڪرڻ ۾ سست نہ ٿيءُ.

اڳين صالحن بزرگن تہ فرمايو آهي ڪاروبار ڪيو حلال رزق ڪمايو ڇو تہ اوهان اهڙي زماني ۾ آهيو جو جڏهن ڪو شخص محتاج ٿئي ٿو تہ سڀ ڪان پهريان اهو دين ۽ ايمان جو سامان وڪڻڻ شروع ڪري ٿو. (٢) "اِنَّ اللهَ بَالِغُ اَمْرِهٖ" (بلاشڪ الله پنهنجي امر کي پڄائيندڙ آهي) يعني الله عزوجل پنهنجي قضا ۽ حڪم جيئن گهري ۽

(١) الدرالمنثور ص ١٩٨ ـ جلد ٨ (٢) ضياءُ القرآن ص ٢٧٩ ـ جلد ٥

ارادو ڪري جاري فرمائي ٿو. (١) "قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَيْءٍ قَدْرًا" (تحقيق الله هر شيءِ جي لاءِ انداز مقرر ڪيو آهي) اهو انداز مقرر هميشه حڪمت تي مبني هوندو آهي الله عزوجل جي قدرتي ڪارخاني ۾ اٽڪل وغيره نه هوندي آهي ان جي هن جهان جي نظام ۾ گهٽ ۾ گهٽ شيءِ به هڪ حڪيمانه قانون جي پابند ۽ ان سان وابسته ۽ منسلڪ هوندي آهي. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْفَارِقُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ" (پوءِ جڏهن پنهنجي مدت کي پهچن ته انهن کي چڱائيءَ سان روڪي رکو يا انهن کي چڱائيءَ سان جدا ڪري ڇڏيو) مان معلوم ٿيو ته طلاق ڏنل زال کي عدت جي پوري ٿيڻ کان پوءِ به بي رحميءَ جو شڪار نه بڻايو اها به هڪ انسان، هڪ مسلمان ۽ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جي امتياٽي آهي يا نيڪ نيتيءَ سان رجعت ڪري ان کي پاڻ وٽ رکو يا عزت ۽ اخلاق سان ان کي گهر مان روانو ڪري جدا ڪري ڇڏيو پنهي صورتن ۾ ان جي مثان ظلم ۽ زيادتيءَ جي نيت نه ڪيو. ٢. "وَاَشْهِدُوْا ذَوَىْ عَدْلٍ مِّنْكُمْ" (۽ پاڻ مان به عدل وارا شاهد بڻايو) مان معلوم ٿيو ته شاهد مسلمان متقي هجن ڪافر ۽ فاسق جي شاهدي قبول ناهي. جيئن "منكم" ۽ "ذوى عدل" الفاظ ٻڌائي رهيا آهن. ٣. "وَاَقِيْمُوا الشَّهَادَةَ لِلّٰهِ" (۽ الله جي لاءِ شاهدي قائم ڪيو) مان معلوم ٿيو ته شاهديءَ ۾ ڪنهن جي رعايت ۽ رياءُ نه ڪيو خالص الله عزوجل جي رضا ۽ خوشنوديءَ لاءِ شاهد پنجو ۽ شاهدي ڏيو ۽ اهو به معلوم ٿيو ته خالص شاهديءَ جي لاءِ اجورو وٺڻ به ناجائز آهي. (٣) ٤. "وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا" (۽ جيڪو الله کان ڊڄندو ان جي لاءِ نڪرڻ جي واٽ ڪندو). **هڪ وظيفو:** هن آيت جي تفسير ۾ علامه پاني پتي عليه الرحمة حضرت امام رباني عليه الرحمة کان روايت ڪندي ديني ۽ دنيوي نفعن جي حاصل ڪرڻ، ديني ۽ دنيوي مشڪلات جي حل لاءِ هي وظيفو آندو آهي ته "جيڪو نفعو حاصل ڪرڻ ۽ مشڪلات کان بچڻ گهري اهو روزانو اول آخر هڪ سو ڀيرا درود ۽ پنج سوءِ (٥٠٠) ڀيرا "لاحول ولاقوة الابالله" پڙهي." (٤)

وَالّٰٓئِىْ يَئِسْنَ مِنَ الْمَحِيْضِ مِنْ نِّسَآئِكُمْ اِنِ ارْتَبْتُمْ فَعِدَّتُهُنَّ ثَلٰثَةُ

۽ اهي جيڪي مايوس ٿيون حيض کان اوهان جي عورتن مان جيڪڏهن شڪ ڪيو اوهان پوءِ انهن جي عدت ٽي

(١) تفسير ابن ڪثير ص ٣٨١ ـ جلد ٤ (٢) حاشيه ماجديه ص ١١١٧ ـ (٣) نورالعرفان ص ٨٩١ ـ (٤) المظهري ص ٣٢١ ـ جلد ١٠

اَشْهُرٍ ۙ وَّالّٰٓـِٔىْ لَمْ يَحِضْنَ ۭ وَاُولَاتُ الْاَحْمَالِ اَجَلُهُنَّ اَنْ
مهينا آهي ۽ انهن جي جيڪي حيض واريون نہ ٿيون ۽ حمل واريون عورتون مدو انهن جو هي آهي
يَّضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ۭ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مِنْ اَمْرِهٖ يُسْرًا (۴)
جو ڄڻين حمل پنهنجا ۽ جيڪو ڊڄي تو الله کان تہ ڪندو ان جي لاءِ پنهنجي امر مان آساني
ذٰلِكَ اَمْرُ اللّٰهِ اَنْزَلَهٗٓ اِلَيْكُمْ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يُكَفِّرْ
اهو الله جو امر آهي نازل ڪيائين ان کي اوهان ڏانهن ۽ جيڪو ڊڄي تو الله کان تہ ميٽي ڇڏيندو
عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُعْظِمْ لَهٗٓ اَجْرًا (۵) اَسْكِنُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ سَكَنْتُمْ مِّنْ
ان کان برايون ان جون ۽ وڏو ڪندو ان جي لاءِ ثواب رهايو انهن کي جتي پاڻ رهو پيا پنهنجي
وُّجْدِكُمْ وَلَا تُضَاۗرُّوْهُنَّ لِتُضَيِّقُوْا عَلَيْهِنَّ ۭ وَاِنْ كُنَّ اُولَاتِ حَمْلٍ
طاقت مان ۽ نہ نقصان ڏيو انهن کي تانت تنگي ڪيو انهن تي ۽ جيڪڏهن هجن حمل واريون تہ
فَاَنْفِقُوْا عَلَيْهِنَّ حَتّٰى يَضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ۚ فَاِنْ اَرْضَعْنَ لَكُمْ
پوءِ خرچ ڪيو انهن تي تانجو ڄڻين حمل پنهنجا پوءِ جيڪڏهن کير پيارين (اولاد کي) اوهان جي لاءِ
فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ۚ وَاْتَمِرُوْا بَيْنَكُمْ بِمَعْرُوْفٍ ۚ وَاِنْ
پوءِ ڏيو انهن کي اجورو انهن جو ۽ صلاح ڪيو پاڻ ۾ چڱائيءَ سان ۽ جيڪڏهن
تَعَاسَرْتُمْ فَسَتُرْضِعُ لَهٗٓ اُخْرٰى (٦) لِيُنْفِقْ ذُوْ سَعَةٍ
هڪ ٻئي مان تنگ ٿي پئو پوءِ جلد کير ڏيندي ان جي لاءِ ٻي جڳائي تہ خرچ ڪري وسعت وارو
مِّنْ سَعَتِهٖ ۭ وَمَنْ قُدِرَ عَلَيْهِ رِزْقُهٗ فَلْيُنْفِقْ مِمَّآ
پنهنجي وسعت آهر ۽ اهو جو تنگ ڪيو ويو ان تي ان جو رزق پوءِ جڳائي تہ خرچ ڪري ان مان
اٰتٰىهُ اللّٰهُ ۭ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا مَآ اٰتٰىهَا
جيڪو ڏنو ان کي الله نہ تو تڪليف ڏي الله ڪنهن نفس کي مگر اوترو جيڪو ڏنائين ان کي
سَيَجْعَلُ اللّٰهُ بَعْدَ عُسْرٍ يُّسْرًا (٧)
جلد ڪندو الله تنگيءَ کان پوءِ آساني

ع ١ ١٧

تفسير

اگين آيتن ۾ سني طلاق جو ذڪر هو ۽ سورة البقره ۾ حيض اچڻ واري عورت جي عدت ٽي قرءَ (حيض) بيان ٿي ته هتي وڏي عمر وارين حيض نه ايندڙ عورتن ۽ ننڍين جي عدت بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَالّٰٓئِیْ يَئِسْنَ مِنَ الْمَحِيْضِ مِنْ نِّسَآئِكُمْ اِنِ ارْتَبْتُمْ فَعِدَّتُهُنَّ ثَلٰثَةُ اَشْهُرٍ وَّالّٰٓئِیْ لَمْ يَحِضْنَ" (۽ جيڪي اوهان جي عورتن مان حيض کان مايوس ٿيون جيڪڏهن اوهان شڪ ڪيو ۽ جيڪي (اڃان) حيض واريون نه ٿيون انهن جي عدت ٽي مهينا آهي) جن عورتن کي حيض نه ٿو اچي انهن جا ٽي قسم آهن "١" اهي عورتون جيڪي اهڙي عمر کي پهچن جو انهن کي حيض اچڻ جو آسرو ئي نه هجي. بعض عالمن پنجونجاهه سال ۽ بعضي عالمن سٺ سالن جي عمر کي مايوسيءَ جا سال سڏيو آهي پر صحيح قول هي آهي ته جنهن عمر ۾ حيض جو اچڻ يقينا بند ٿي وڃي اها مايوسيءَ جي عمر آهي. "٢" اهي عورتون جيڪي اڃان نابالغ آهن يا بلوغت جي عمر کي پهتيون آهن پر اڃان حيض نه آيو اٿن. "٣" حامله عورتون پهرين ٻن قسمن جي عدت ٽي مهينا آهي مايوسيءَ جي عمر واري ۽ نابالغه ٽي مهينا عدت گذارينديون. حامله جي عدت جو ذڪر بعد ۾ اچي رهيو آهي پر اهي عورتون جن جو حيض ڪنهن عارضي جي ڪري بند ٿي ويو هجي انهن جي عدت جي باري ۾ علماءَ ڪرام جا مختلف قول آهن حضرت عثمان، حضرت علي، حضرت زيد بن ثابت ۽ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنهم جو رايو آهي ته اها عورت انتظار ڪري تانجو مايوسيءَ جي عمر کي پهچي ۽ ان کان پوءِ ٽي مهينا عدت گذاري جيڪڏهن ان عورت کي وري حيض شروع ٿئي ته وري ٽي حيض عدت جا پورا ڪري حنفي حضرات ان قول کي اختيار ڪيو آهي. امام ثوري، ليث ۽ حضرت امام شافعي عليهم الرحمة جو به اهو مسلڪ آهي سيدنا عمر رضي الله عنه جو فرمان آهي ته اها عورت نوَ مهينا انتظار ڪري جيڪڏهن ان وچ ۾ ان کي حيض نه اچي ته ٽي مهينا عدت گذاري ۽ جيڪڏهن نوَن مهينن ۾ ان ۾ حمل جا آثار ظاهر ٿين ته پوءِ ان جي عدت ٻار ڄڻ سان وابسته ٿيندي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو اهو قول آهي ۽ امام مالڪ جو اهو مذهب آهي ۽ هتي مهينن مان مراد قمري چنڊ جي حساب وارا مهينا آهن جيڪڏهن پهرين تاريخ طلاق ٿي آهي ته ٽي مهينا چنڊ جي حساب سان شمار ڪيا ويندا پوءِ اهي ٽيها هجن يا اوڻٽيها ۽ جيڪڏهن طلاق مهيني جي وچ ۾ واقع ٿي آهي ته پوءِ چنڊ جي حساب سان نوي ڏينهن ڳڻيا ويندا. صاحبين وٽ اهو طلاق وارو مهينو ٽيهن ڏينهن جو ڳڻيو ويندو ۽ باقي ٻه مهينا چنڊ جي حساب سان شمار ٿيندا. اهو

حڪم طلاق ڏنل عورت جي لاءِ آهي پر جنهن جو مڙس وفات ڪري وڃي ته ان جي عدت جيڪڏهن حامله نه آهي ته هر حال ۾ چار مهينا ڏهه ڏينهن آهي پوءِ اها ننڍي هجي يا مايوس ڪندڙ عمر واري هجي يا جوان هجي. هيءَ آيت جيتوڻيڪ عام آهي پر امت جي اجماع سان ان جي تخصيص ڪيل آهي. (١) "وَاُولَاتُ الْاَحْمَالِ اَجَلُهُنَّ اَنْ يَّضَعْنَ حَمْلَهُنَّ" (۽ حمل واريون انهن جي (عدت جي) مدت هيءَ آهي ته پنهنجا ٻار ڄڻين) هتي حمل واريءَ عورت جي عدت بيان ڪئي وڃي ٿي ان ۾ ته ڪو اختلاف ناهي ته جنهن حامله عورت کي طلاق ڏني وئي آهي ان جي عدت ٻار ڄڻڻ تائين آهي پر جيڪا عورت حامله آهي ۽ سندس مڙس وفات ڪري ويو آهي ته ان جي عدت ڇا هوندي؟ اختلاف جو وجه هي آهي ته سورة البقره جي هڪ آيت ۾ مڙس مري ويل عورت جي عدت چار مهينا ڏهه ڏينهن مقرر ڪئي وئي آهي ۽ هتي مطلقه حامله جي عدت بيان ڪيل آهي جيڪڏهن ڪنهن عورت جو مڙس مري ويو ۽ حامله ناهي ته ان جي عدت بالاتفاق چار مهينا ڏهه ڏينهن هوندي ۽ جيڪڏهن ڪا عورت طلاق ڏنل آهي ۽ حامله آهي ته ان جي عدت به بالاتفاق ٻار ڄڻڻ سان آهي پر جيڪڏهن حامله جو مڙس مري ويو ان جي عدت ۾ اختلاف آهي حضرت علي ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهم وٽ ٻنهي آيتن تي عمل ڪندي ان جي عدت ٻنهي مدتن، چار مهينا ڏهه ڏينهن ۽ ٻار ڄڻڻ مان جيڪا مدت پري هوندي اها شمار ڪئي ويندي يعني جيڪڏهن مڙس جي مرڻ کان پوءِ جلد ٻار ڄڻيائين ته عدت چار مهينا ڏهه ڏينهن گذاريندي ۽ جيڪڏهن ڇئن مهينن ۽ ڏهن ڏينهن کان حمل جي مدت وڌي وئي ته پوءِ ان جي عدت ٻار ڄڻڻ سان ختم ٿيندي پر حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمايو ته هيءَ آيت سورة البقره کان پوءِ نازل ٿي آهي ان جي ڪري هيءَ آيت پهرين آيت جي تخصيص ڪندڙ ڄڻي ويندي گويا چار مهينا ڏهه ڏينهن ان عورت جي عدت هوندي جيڪا حامله نه هجي ۽ جيڪا حامله هوندي پوءِ طلاق ڏنل هجي يا مڙس مري ويو هجيس ان جي عدت ٻار ڄڻڻ تائين هوندي ان قول جي تائيد متعدد صحيح حديثن سان ٿئي ٿي اصحابن سڳورن جي گهڻي تعداد جو اهو مسلڪ آهي ۽ فقه جي ڇئن امامن مجتهدن به ان کي اختيار فرمايو آهي.

مسئلو: جيڪڏهن پيٽ ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻار آهن ته عدت پوئين ٻار جي پيدائش تي ختم ٿيندي. **مسئلو:** جيڪڏهن ٻار ڪري پوي ۽ اهو يقين هجي ته جيڪا شيءِ ڪري آهي حمل ئي آهي ته ان وقت به عدت ختم ٿي ويندي. (٢) "وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ

(١) التفسيرات الاحمدية صـ٧١٤ـ، ضياءُ القرآن صـ٢٨٠ـ جلد ۵ (٢) ساڳيو حوالو

لَهٗ مِنْ اَمْرِهٖ يُسْرًا" (۽ جيڪو الله کان ڊڄندو ان جي لاءِ پنهنجي امر مان آساني ڪندو) الله عزوجل کان ڊڄڻ مان مراد آهي تہ ساري زندگي هر هڪ شعبہ ۾ الله عزوجل جي احڪام جي پائبندي ڪري اهڙي ماڻهوءَ جي لاءِ الله جل شانہ آساني ڪندو پوءِ ظاهري طرح محسوس نہ بہ ٿيندي پر معنيٰ جي لحاظ سان ۽ باطني طور ضرور ٿيندي. (۱) "ذٰلِكَ اَمْرُ اللّٰهِ اَنْزَلَهٗۤ اِلَيْكُمْ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يُكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُعْظِمْ لَهٗۤ اَجْرًا" (اهو الله جو امر آهي جو ان کي اوهان ڏانهن نازل ڪيائين ۽ جيڪو الله کان ڊڄي ٿو تہ ان کان ان جو برايون ميٽي ٿو ۽ ان جي لاءِ اجر وڏو ڪري ٿو) مطلب تہ الله جلت صفاتہ کان ڊڄڻ واري کي بہ مزا ملندا هڪ تہ ان جا گناهہ ميٽيا ويندا ٻيو تہ ان کي وڏو اجر عطا ڪيو ويندو. "اَسْكِنُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ سَكَنْتُمْ مِّنْ وُّجْدِكُمْ وَلَا تُضَآرُّوْهُنَّ لِتُضَيِّقُوْا عَلَيْهِنَّ" (رهايو انهن کي اتي جتي اوهان رهو پنهنجي وسعت آهر ۽ نہ نقصان ڏيو انهن کي تانت تنگي ڪيو انهن تي) مطلب تہ پنهنجين طلاق ڏنل زالن کي اتي رهايو جتي اوهان پاڻ رهو تا ۽ پنهنجي حال آهر انهن جو انتظام ڪيو پوءِ جيڪڏهن پنهنجي ڪمره جي پر ۾ ڪو ڪمرو اٿو تہ اتي انهن کي رهايو ۽ اهو مردن تي لازم آهي ۽ انهن کي رهڻ ۾ تنگي ڏئي تڪليف نہ ڏيو جو نڪرڻ تي مجبور ٿي پون. "وَاِنْ كُنَّ اُولَاتِ حَمْلٍ فَاَنْفِقُوْا عَلَيْهِنَّ حَتّٰى يَضَعْنَ حَمْلَهُنَّ" (۽ جيڪڏهن حمل واريون آهن تہ پوءِ انهن تي خرچ ڪيو تانجو پنهنجا ٻار ڄڻين) مطلب تہ ٻار ڄڻڻ تائين انهن کي خرچ ڏيو جڏهن ٻار ڄڻيائون عدت پوري ٿي تہ هاڻي انهن کي خرچ ڏيڻ اوهان جي ذمي نہ رهيو. حضرت امام ابو حنيفہ عليہ الرحمة جو ارشاد آهي تہ هر طلاق ڏنل عورت کي خرچ ۽ رهائش عدت جي پوري ٿيڻ تائين ڏيڻ ٻلي حمل واري نہ هجي مڙس جي ذمي واجب آهي ان سببان جو حضرت عمر رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ مون رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن کان ٻڌو پاڻ بائن طلاق ڏنل جي لاءِ فرمايائون تہ "لها النفقة والسكنى" (ان جي لاءِ خرچ ۽ رهائش آهي). (۲) "فَاِنْ اَرْضَعْنَ لَكُمْ فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ وَاْتَمِرُوْا بَيْنَكُمْ بِمَعْرُوْفٍ" (پوءِ جيڪڏهن کير پيارين اوهان جي لاءِ پوءِ انهن کي سندن اجورو ڏيو ۽ پاڻ ۾ چڱائيءَ سان مشورو ڪيو) يعني طلاق ڏنل، حامله عورتن جڏهن ٻار ڄڻيا تہ انهن جي عدت ختم ٿي وئي ۽ اهي مڙسن کان مڪمل طرح جدا ٿي ويون هاڻي ٻارن کي کير پيارڻ انهن جي ذمي نہ رهيو ان جي ڪري پيءُ ان ٻار جي ماءُ کي کير پيارڻ جي لاءِ مجبور ڪري نہ ٿو سگهي پڙ جيڪڏهن ٻار پيءُ عورت جو کير نہ ٿو پئي تہ پوءِ ماءُ کي مجبور ڪيو

(۱) حاشيہ ماجديہ صـ۱۱۱۸۔ (۲) المراغي صـ۱۴٦۔ جزءُ ۲۸ جلد ۱۰

ويندو تہ ٻار کي کير پياري پر پيءُ تي ان کي معاوضو ڏيڻ حق آهي جيڪو هڪ ٻئي جي صلاح سان طي ڪيو ويندو. جنهن ۾ پيءُ ۽ ماءُ ٻنهي کي نيڪ نيتيءَ کان ڪم وٺڻو پوندو. "وَإِنْ تَعَاسَرْتُمْ فَسَتُرْضِعُ لَهٗ أُخْرٰى" (۽ جيڪڏهن تڪليف سمجهو تہ پوءِ جلد کير پياريندي ان کي ٻي عورت) مطلب تہ جيڪڏهن مڙس ۽ زال ڪنهن هڪ ڳالهہ تي متفق نہ ٿا ٿي سگهن مڙس خرچ گهٽ ڏيڻ تي زور ڏيو بيٺو آهي يا ٻار جي ماءُ تمام گهڻو مطالبو ڪري رهي آهي تہ پوءِ ڪنهن ٻي عورت کي کير پيارڻ جي لاءِ مقرر ڪيو وڃي جيڪا کير پياري. **مسئلو:** جيڪڏهن ٻي عورت بہ ايترو ئي اجورو گهري تي جيترو ماءُ تي گهري تہ پوءِ ماءُ جو وڌيڪ حق آهي. (۱) "لِيُنْفِقْ ذُوْسَعَةٍ مِّنْ سَعَتِهٖ وَمَنْ قُدِرَ عَلَيْهِ رِزْقُهٗ فَلْيُنْفِقْ مِمَّا اٰتٰـهُ اللّٰهُ" (جڳائي ٿو تہ وسعت جو صاحب پنهنجي وسعت آهر خرچ ڪري ۽ جنهن تي ان جو رزق تنگ ڪيو ويو آهي اهو ان مان خرچ ڪري جيڪو الله ان کي ڏنو آهي) هتي پيءُ کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ جيڪڏهن اهو خوشحال آهي تہ دل جي ڪشادگيءَ سان پنهنجي ٻچي جي کير پيارڻ جو معاوضو ادا ڪري بخيلي ۽ ڪنجوسيءَ کان ڪم نہ وٺي پر جيڪڏهن اهو مسڪين آهي تہ پنهنجي طاقت آهر خرچ ڪري الله عزوجل پنهنجي ٻانهي کي اوتري تڪليف ڏيندو آهي جيترو ان کي عطا ڪندو آهي مالڪ مٿو ٻانهي کي سندس وسعت کان وڌيڪ تڪليف نہ ڏيندو آهي. "سَيَجْعَلُ اللّٰهُ بَعْدَ عُسْرٍ يُّسْرًا" (جلد الله تنگيءَ کان بعد آساني ڪرڻ فرمائيندو) مطلب تہ جيڪڏهن ڪنهن وقت غربت ۽ مسڪينيءَ جو وقت اچي تہ پريشان نہ ٿيو دل لڳائي محنت ڪيو الله عزوجل ڪريم ۽ رحيم آهي اهو اوهان جي لاءِ جلد آساني ۽ خوشحاليءَ جا اسباب پيدا ڪرڻ فرمائيندو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ۱. "وَاُولَاتُ الْاَحْمَالِ اَجَلُهُنَّ اَنْ يَّضَعْنَ حَمْلَهُنَّ" (۽ پيٽ ۾ ٻار رکڻ وارين جي عدت هيءَ آهي تہ پنهنجا ٻار ڄڻين) هن جي تفسير ۾ مفتي احمد يار خان نعيمي عليہ الرحمة لکيو آهي "هن مان معلوم ٿيو تہ جيڪڏهن طلاق ڏنل حمل واري عورت جو ٻار ڪچو ڪري پوي جو اڃان ان جا عضوا نہ ٺهيا هجن تہ ان جي عدت پوري نہ ٿيندي ڇو تہ اهو ٻار کي ڄڻڻ ناهي بلڪ ٻار جو ڪري پوڻ آهي ان جي ڪري اهڙي ٻار جي ڪري پوڻ کان پوءِ جيڪو رت اچي ٿو اهو نفاس نہ چورايو ويندو. اهڙي طرح جيڪڏهن عورت مان نانگ يا ٻيو ڪو جانور ڄمي تہ ان سان بہ عدت پوري نہ ٿيندي ڇو تہ اهو ان جو ٻچو ناهي نہ ان جي نڪرڻ کي ٻار ڄڻڻ سڏيو ويندو بلڪ اهو فاسد غذا آهي جيئن ڪڏهن پاخاني

(۱) المظهري صـ۳۳۰ـ جلد ۹

مان نانگ وانگر نندا کيڙا نڪرندي نظر ايندا آهن ان جي ڪري ان تي جنازه جي نماز نہ ٿيندي آهي ها جنهن ٻار جا عضوا پورا ٿهي ويا هجن پر اجان ساهہ نہ پيو اتس ۽ ڪري پيو تہ ان سان عدت پوري ٿي ويندي ڇو تہ اهو حمل جو وضع سڏيو ويندو." (١) ٢. "وَمَنْ يَّتَّقِ اللهَ" (الآيــة) (۽ جيڪو الله کان ڊڄي تو "ڇوٽڪارو ڏيندو") هن مان معلوم ٿيو تہ تقويٰ ديني ۽ دنيوي نعمتن جي ملڻ جو سبب آهي ان سان آفتون ٽرن ٿيون. دنيا ۾ رحمتون اچن ٿيون ۽ آخرت ۾ رب پاڪ ڪرم فرمائي ٿو. مگر ياد رکڻ گهرجي تہ تقويٰ ۾ شرط آهي تہ دنيا حاصل ڪرڻ جي لاءِ نہ ڪئي وڃي صرف الله عزوجل ۽ ان جي رسول مقبول عليه الصلواة والسلام جي راضي ڪرڻ جي لاءِ اختيار ڪئي وڃي نہ تہ اهو فريب ۽ ڍوڪو آهي هن سورة ۾ ٽن جاين تي تقويٰ کي جدا جدا آندو ويو آهي ۽ ان جا فائدا ذڪر ڪيا ويا آهن تانت ٻانهن جي دلين ۾ قائم رهي. ٣. "اَسْكِنُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ سَكَنْتُمْ" (جتي رهو تا انهن کي بہ اتي رهايو) جي وضاحت ڪندي مفسرن لکيو آهي تہ مڙس طلاق ڏنل زال کي جيڪڏهن پاڻ سان گڏ پنهنجي رهڻ واري جاءِ ۾ رهائي ٿو تہ پوءِ جيڪڏهن اها طلاق مغلظ آهي تہ زال ان کان پردو ڪندي ۽ جيڪڏهن طلاق رجعي آهي تہ ان ۾ پردي جي ضرورت ناهي ممڪن آهي تہ مڙس رجعت ڪري. (١)

وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَـةٍ عَتَتْ عَنْ اَمْرِ رَبِّهَا وَرُسُلِهٖ فَحَاسَبْنٰهَا

۽ ڪئين ڳوٺ بي فرمان ٿيا پنهنجي رب جي امر ۽ ان جي رسولن کان پوءِ حساب ڪيو اسان

حِسَابًا شَدِيْدًا وَّعَذَّبْنٰهَا عَذَابًا نُّكْرًا (٨) فَذَاقَتْ وَبَالَ اَمْرِهَا

انهن سان حساب سخت ۽ عذاب ڪيوسون انهن کي عذاب برو پوءِ چکيائون پنهنجي امر جو وبال

وَكَانَ عَاقِبَـةُ اَمْرِهَا خُسْرًا (٩) اَعَدَّ اللهُ لَهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا فَاتَّقُوا اللهَ

۽ هئي پڇاڙي انهن جي امر جي نقصان واري تيار ڪيو الله انهن جي لاءِ عذاب سخت پوءِ ڊڄو الله کان

١٤ مع يٰٓاُولِى الْاَلْبَابِ ۚ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ قَدْ اَنْزَلَ اللهُ اِلَيْكُمْ ذِكْرًا (١٠) رَّسُوْلًا يَّتْلُوْا

اي عقل وارا! جن ايمان آندو تحقيق نازل ڪيو الله اوهان ڏانهن ذڪر، رسول جيڪو تلاوت ٿو ڪري

عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ اللهِ مُبَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

اوهان تي الله جون آيتون روشن تانت ڪڍي انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڪيائون صالح عمل

(١) نورالعرفان صـ٨٩٢ـ

مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۭ وَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُّدْخِلْهُ

انڌيرن مان روشنيءَ ڏانهن ۽ جيڪو ايمان آڻي ٿو الله تي ۽ ڪري ٿو صالح عمل داخل ڪندو ان کي

جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ۭ قَدْ اَحْسَنَ اللّٰهُ

بهشتن ۾ جو وهن پيون هيٺان انهن جي نهرون رهندڙ هوندا انهن ۾ هميشه تحقيق سهڻو ڪيو الله

لَهٗ رِزْقًا (١١) اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ وَّمِنَ الْاَرْضِ مِثْلَهُنَّ ۭ يَتَنَزَّلُ

ان جي لاءِ رزق الله اهو آهي جنهن پيدا ڪيا ست آسمان ۽ زمين مان انهن جي مثل لهي ٿو

الْاَمْرُ بَيْنَهُنَّ لِتَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ڏ وَّاَنَّ اللّٰهَ قَدْ

امر انهن جي وچ ۾ ته اوهان ڄاڻو ته بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي ۽ بيشڪ الله تحقيق

اَحَاطَ بِكُلِّ شَيْءٍ عِلْمًا (١٢) ع

گهيراءُ ڪيائين هر شيءِ کي علم سان

٢ع ٥ ١٨

تفسير

اڳين آيتن ۾ طلاق ۽ عدت جا احڪام بيان ٿيا ۽ انهن حڪمن تي عمل نه ڪندڙن کي متنبه ڪرڻ جي لاءِ بي فرمان ڳوٺن جي حالت بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ عَتَتْ عَنْ اَمْرِ رَبِّهَا وَرُسُلِهٖ فَحَاسَبْنٰهَا حِسَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّعَذَّبْنٰهَا عَذَابًا نُّكْرًا" (۽ ڪيترا ڳوٺ پنهنجي رب جي امر ۽ ان جي رسولن جا بي فرمان ٿيا پوءِ اسان انهن سان سخت حساب ڪيو ۽ انهن کي برو عذاب ڪيو) يعني ڪئين اهڙا ڳوٺ هئا جن جي رهاڪن پنهنجي پالڻهار جي امر جي بي فرماني ڪئي ۽ پنهنجي رب ڪريم جي رسولن عليهم الصلواة والسلام جي حڪم کي نه مڃيو. پوءِ اسان انهن سان سخت حساب ڪري انهن کي نهايت بروعذاب ڪيو ۽ اهو حساب عذاب مڪمل طور نه قيامت ۾ ٿيندو پر ان کي ماضيءَ جي صيغي سان ان جي يقيني هجڻ جي ڪري بيان ڪيو ويو آهي جيئن حضرت اسرافيل سڳورو صور ۾ ڦوڪ ته قيامت جي ڏينهن ڏيندو پر "وَنُفِخَ فِي الصُّوْرِ" (صور ۾ ڦوڪ ڏني ويندي) ماضيءَ جي صيغي سان بيان ڪيل آهي. (١) "فَذَاقَتْ وَبَالَ اَمْرِهَا وَكَانَ عَاقِبَةُ اَمْرِهَا خُسْرًا" (پوءِ پنهنجي امر جو وبال چکيائون ۽ انهن جي امر جي پڇاڙي خسارو هئي) مطلب ته اهو سڀ ڪجهه سندن عمل جو نتيجو هو جيڪو مِٽن وبال ۽ عذاب آيو اهو ئي سندن ڪردار جو نتيجو ۽ ثمر هو ۽ ڪين نقصان ۽ خساري کان سواءِ پڇاڙيءَ ۾ ڪجهه به پلئه نه پيو. "اَعَدَّاللّٰهُ

(١) المراغي صـ١٤٩ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠

لَهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا" (الله انهن جي لاءِ سخت عذاب تيار ڪيو) يعني سرڪشيءَ ۽ عناد ۾ اونهي وڃڻ جي ڪري ۽ مالڪ مٿي جي رسولن عليهم الصلواة والسلام کان منهن موڙڻ جي ڪري الله تعاليٰ انهن جي لاءِ سخت عذاب تيار ڪري ڇڏيو آهي. "فَاتَّقُوا اللّٰهَ يَا أُولِي الْأَلْبَابِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" (پوءِ اي عقل وارا جن ايمان آندو آهي الله کان ڊڄو) يعني اي سليم عقل وارا. مومنو! الله عزوجل کان ڊڄندا رهو متان بي فرماني ڪري الهي عذاب جا مستحق بنجو!. "قَدْ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكُمْ ذِكْرًا رَّسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ مُبَيِّنٰتٍ" (تحقيق الله اوهان ڏانهن ذڪر لاٿو، رسول جيڪو اوهان تي الله جون روشن آيتون پڙهي ٿو) هتي "ذِكْرًا" کان پوءِ "رَسُوْلًا" آيو آهي انهن جو باهمي تعلق ڪهڙو آهي؟ بعضي علماءَ فرمايو تہ هتي "ذڪرا" کان پوءِ ۽ "رَسُوْلًا" کان پهريان "وَاَرْسَلَ" لفظ مقدر آهي "ذِكْرًا" مان مراد قرآن ڪريم آهي ۽ معنيٰ ٿيندي تہ قرآن ڪريم نازل ڪيائين ۽ رسول موڪليائين ۽ علامہ آلوسي عليہ الرحمۃ فرمايو تہ هتي "رَسُوْلًا" "ذِكْرًا" کان بدل آهي ذڪر ۽ رسول هڪ شيءِ آهي حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي ذڪر ان جي ڪري سڏيو ويو جو پاڻ ذڪر، قرآن ڪريم جي تلاوت گهڻي ڪندا هئا. (١) عثماني صاحب لکيو آهي "يَاذكرًا" جي معنيٰ ذڪر ٿي آهي تہ پوءِ ان مان مراد خود رسول (عليہ الصلواة والسلام) آهي. (٢) مطلب تہ ذڪر ۽ رسول هڪ شيءِ آهي يعني الله جل وعلا جو رسول (عليہ الصلواة والسلام) اوهان تي الله عزوجل جي ڪتاب جون آيتون ڪولي ڪولي پڙهي ٿو جن ۾ ان جا احڪام صاف صاف بيان ڪيل آهن. "لِّيُخْرِجَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ" (تانتہ انهن کي جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون اونداهين مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي) مطلب واضح آهي. "وَمَنْ يُّؤْمِنْ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُّدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا اَبَدًا قَدْ اَحْسَنَ اللّٰهُ لَهٗ رِزْقًا" (۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ۽ صالح عمل ڪندو تہ الله ان کي بهشتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون انهن ۾ هميشہ هميشہ رهندڙ هوندا بلاشڪ الله ان جي لاءِ سهٺو رزق تيار ڪيو آهي) مطلب تہ جيڪو الله عزوجل، ان جي عظيم قدرت ۽ بديع خلقت جي تصديق ڪندو تہ الله جلت صفاتہ ان کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهندڙ آهن ۽ انهن ۾ ٿوري مدت جي لاءِ نہ پر هميشہ هميشہ رهيا پيا هوندا نہ انهن مان ڪڍيا ويندا نہ انهن ۾ موت هوندو ۽ ڪين اهڙيون ڪشاديون نعمتون عطا ڪيون وينديون جيڪي اڳ ۾ نہ سندن اکين ڏٺيون هونديون نہ ڪنن ٻڌيون هونديون ۽ نہ ڪنهن انسان

(١) ضياءُ القرآن ص ـ ٣٨٧ ـ جلد ٥. المظهري ص ـ ٣٣٢ ـ جلد ٩ (٢) حاشيہ عثمانيہ ص ـ ٣٤٠ ـ

جي دل تي ڇيڪيون هونديون. "اَللّٰهُ الَّذِىْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ وَّمِنَ الْاَرْضِ مِثْلَهُنَّ" (الله اهو آهي جنهن ست آسمان پيدا ڪيا ۽ زمين مان انهن جي مثل) هتي زمين جو آسمانن وانگر هجڻ جا ٻه وجهه بيان ڪيا ويا آهن "١" ته جيئن آسمان ست آهن تيئن زمينون به ست آهن ۽ حديث ۾ آيو آهي ته: هر هڪ آسمان جي ٿولهه پنج سؤ سالن جي پنڌ جيتري آهي ۽ هڪ آسمان کان ٻئي آسمان تائين فاصلو به پنج سؤ سالن جي پنڌ جيترو آهي ۽ هڪ آسمان کان ٻئي آسمان تائين فاصلو به پنج سؤ سالن جي پنڌ جو آهي ۽ هڪ زمين کان ٻي زمين تائين فاصلو به پنج سؤ سالن جو آهي (١) ته الله عزوجل جيئن آسمان پيدا ڪيا تيئن زمينون به ان جون پيدا ڪيل آهن. بعض علماءَ زمينن جي ستن هجڻ جي مراد ست ولايتون يا ست براعظم مراد ورتا آهن جن کي وڏا سمنڊ هڪ ٻئي کان جدا رکيو بيٺا آهن ۽ بعض علماءَ ان مان مراد ست ڪواڪب ورتا آهن. (٢) پر علامـه ابن ڪثير صحيح حديثن سان ستن زمينن جو ثبوت آڻي مذڪوره قولن کي قرآن ۽ سنت جي خلاف ثابت ڪيو آهي (٣) اهڙي طرح زاد المسير جي حاشيـه تي به مختلف روايتون آيل آهن. (٤) "يَتَنَزَّلُ الْاَمْرُ بَيْنَهُنَّ" (انهن جي وچ ۾ امر لهي ٿو) هتي امر مان مراد ڇا آهي ان ۾ اختلاف آهي "١" ته ان مان مراد الله عزوجل جي قضا ۽ تقدير آهي. "٢" ته ان مان مراد الهي وحي آهي. "لِتَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ وَّاَنَّ اللّٰهَ قَدْ اَحَاطَ بِكُلِّ شَىْءٍ عِلْمًا" (تانته اوهان ڄاڻو ته بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي ۽ بيشڪ الله هر شيءِ کي علم سان احاطو ڪيو آهي) مطلب ته اهو سڀ ڪجهه الله عزوجل جي قضا، تقدير يا وحي جو لهڻ ان جي ڪري آهي ته اوهان ان جي قدرت کي ڄاڻو ۽ اهو به ڄاڻو ته الله عزوجل پنهنجي مخلوق کي پنهنجي علم سان محيط آهي ڪا به ننڍي يا وڏي شيءِ ان جي علم کان ٻاهر ناهي. (٥)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ وهن ٿا. ١. "فَذَاقَتْ وَبَالَ اَمْرِهَا" (پوءِ پنهنجي امر جو وبال چکيائون) مان معلوم ٿيو ته دنيا ۾ ڪافرن تي عذاب آخرت جي عذاب جي مقابلي ۾ بالڪل هلڪو هوندو ان جي ڪري ان جي متعلق چکڻ جو بيان ٿيو ۽ ان دنيوي هلڪي عذاب جي ڪري انهن تي آخرت جو عذاب گهٽ نه ٿيندو. ٢. "ذِكْرًا رَّسُوْلًا" (ذڪر، رسول) متي تفسير ۾ لکي آيا آهيون ته ذڪر به رسول عليـه الصلواة والسلام آهي ڇو ته ذڪر جون سڀ معنائون نبي ڪريم عليـــه الصلواة

(١) زاد المسير صـ٢٩٩ـ جلد ٨ (٢) ضياءُ القرآن صـ٢٨٨ـ جلد ٥ (٣) تفسير ابـن ڪثير صـ٣٨٥ـ جلد ٥ (٤) (٢) حاشيه زادالمسير صـ٢٩٩ـ جلد ٨ (٥) ساڳيو حوالو

والسلام ۾ موجود آهن ذڪر سان دلين ڪي سڪون ۽ اطمينان ملندو آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جي شان بيان ڪرڻ ۽ مٿن صلوة سلام پڙهڻ سان به سڪون ملندو آهي درود شريف ۽ نعت شريف دل جي بيماريءَ جو پلو علاج آهن سندن پاڪ اسم به الله عزوجل جو ذڪر آهي پاڻ اسان جي دنيا ۽ آخرت ۾ عزت آهن پاڻ ذڪر الله نورالله سڀ ڪجهه آهن سندن ظاهر جسم جي پيدائش مڪــه مڪرمـــه ۾ ٿي ۽ سندن روح اطهر لامڪان ڪان لٿو ان جي ڪري آيت ۾ "اَنْزَلَ" (لاٿائين) بيان ٿيو. هن لفظ واري آيت ۾ اهو به ٻڌايو ويو ته حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جي تشريف آوريءَ ۾ هي ٻه حڪمتون به هيون "١" ته پاڻ قرآن ڪريم جون آيتون کولي کولي تلاوت ڪن ماڻهن کي سيڪارين "٢" ته انهن کي انڌيرن مان ڪڍي حق ۽ سچ جي روشنيءَ ۾ آڻين قرآن جا الفاظ به ڪانئن مليا ته قرآن جو فيض به سندن ذات ڪان مليو، ملي پيو ۽ ملندو رهندو. (١)

الحمدلله جو مون گنهگار اڄ آچر جي رات بمورخـــه ٢٩ جمادي الثاني ١٤٢٦هـ الموافق ٢٠٠٥،٨،٦ بوقت ١١ لڳي سٽن منٽن تي پنهنجي گهرواري لائبرري ۾ سورة الطلاق جو تفسير لکي پورو ڪيو الله عزوجل جي درگاهه ۾ دعا آهي ته اهو ڪريم ڪرم ڪري باقي رهيل تفسير به جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين يارب العالمين بجاه النبى الامى الامين عليـه وعلىٰ آلــه واصحابـــه الصلوات والتسليمات الى يوم الدين.

دعا جو طالب

الفقير محمد ادريس الداهري

النقشبندي عفي عنه

(١) نورالعرفان صـ٨٩٣ـ

سُوۡرَۃُ "التَّحۡرِیۡمِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.
نالومبارڪ: هن سورة پاڪ جو نالو "اَلتَّحۡرِيۡمِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت جي ڪلمه "لِمَ تُحَرِّمُ" مان ورتل آهي.
رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة مبارڪ ۾ ٻه رڪوع، ٻارهن آيتون ٻه سوءِ ستيتاليهه (٢٤٧) ڪلما، هڪ هزار ۽ سٺ (١٠٦٠) حرف آهن. (١)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقيءَ حضرت ابن عباس ۽ ابن مردويه حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهم ڪان روايتون آنديون آهن ته هيءَ سورة مدينه منوره ۾ نازل ٿي هئي. (٢)
نزول جو زمانو: هيءَ سورة هجرت جي ستين يا اٺين سال ۾ نازل ٿي هئي ڇو ته حضرت حاطب هجري ستين سال ۾ سهڻي حبيب ڪريم عليه التحية والتسليم جو دعوت نامو کڻي اسڪندريه جي والي مقوقس وٽ ويو هو ان ماريه قبطيه رضي الله عنها ۽ ٻيءَ سيرين نالي ٻانهيءَ کي هديه طور حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت اقدس ۾ موڪليو نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن حضرت ماريه قبطيه رضي الله عنها کي پنهنجي گهرواريءَ هجڻ جو شرف بخشيو ۽ ان مان ئي ڪين سن ٨ هجري جي آخر ۾ سندن فرزند حضرت ابراهيم عليه الرضوان جي ولادت ٿي هئي. جڏهن ته هن سورة جو ان واقعي سان به تعلق آهي ان جي ڪري هن جي نزول جو زمانو ستون يا اٺون هجري سال ٿئي ٿو.
مضمونَ: ١.نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن هڪ موقعي تي هڪ حلال شيءِ ڪي استعمال نه ڪرڻ جو قسم ڪنيو (جنهن جو تفصيل اڳتي اچي رهيو آهي) جيڪڏهن اها پائبندي برقرار رهي ها ته نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي تڪليف ٿئي ها ۽ پڻ سندن امتي ان کي نبوي سنت سمجهي پنهنجي مٿان انهن پائبندين عائد ڪرڻ کي صالح اعمال ۾ شمار ڪرڻ لڳن ها. اهڙي طرح اسلامي معاشرو آهستي آهستي مشڪلات ۽ محرومين ۾ ڦاسي وڃي ها ان جي ڪري الله عزوجل قسم جي ڪفارت ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو تانت اها پائبندي ختم ٿي وڃي الله عزوجل حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ سندن امت کي تڪليف ۾ وجهڻ گوارا نه فرمايو. هتي تحريم

(١) خازن ص ـ٢٨٢ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور ص ـ٢١٣ـ جلد ٨

(حرام ڪرڻ) مان مراد شرعي تحريم ناهي جو ڪنهن حلال شيءِ کي انسان اعتقادي طور حرام سمجهي بلڪ ڪنهن شيءِ جي استعمال کان پرهيز ۽ پاسو ڪرڻ مراد آهي هن جو تفصيل آيت جي تفسير ۾ ايندو. ٢. نبي پاڪ عيلـه الصلواة والسلام جن جي ازواج مطهرات رضي الله عنهن جي دلين ۾ جيڪا سندن محبت هئي اها ڪڏهن ڪڏهن ريس جي جذبي کي ڀڙڪائيندي هئي ۽ اهڙي صورتحال پيدا ٿيندي هئي جيڪا محبوب عليـــه الصلواة والسلام جن جي لاءِ پريشانيءَ جو باعث بنجندي هئي الله عزوجل هن سورة پاڪ ۾ ازواج مطهرات کي متنبـــه بـ ڪيو آهي تـ اهي آينده اهڙي ڪا بـ ڳالهہ نـ ڪن جيڪا نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام جن تي ڳري گذري پوءِ اها ڇو نـ سندن والهانـــه محبت جي ڪري هجي. انهن کي سمجهايو ويو آهي تـ ان محبت ۾ حضور عليـه الصلواة والسلام جي رضا کي ذهن ۾ رکو اوهان جي محبت جا جذبات ڪجهہ بـ هجن اهي هر حال ۾ منهنجي نبي عليـه الصلواة والسلام جي پسند ۽ ناپسند جا پائبند هجن. ٣. نبي پاڪ عليـــــه الصلواة والسلام جي هڪ پاڪ گهرواري سندن هڪ راز جي ڳالهہ کولي ويئي ان کي تنبيـه ڪئي وئي آهي جنهن سان امت جي ٻين عورتن کي سبق مليو تـ اهي بـ پنهنجن مڙسن جي رازن کي محفوظ رکن نـ تـ انهن جي معمولي غفلت سندن لاءِ ۽ سندن خاندانن جي لاءِ تباهہ ڪندڙ ثابت ٿيندي. ۴. سيدنا رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جي ازواج مطهرات جي اصلاح کان پوءِ سندن امتين کي حڪم ڏنو ويو آهي تـ اهي پاڻ بـ دوزخ جي ٻارڻ بنجڻ کان بچن ۽ پنهنجي اهل، عيال جي بـ اهڙي تربيت ڪن جو اهي بـ بچي پون گويا ماءُ، پيءُ تي فرض ڪيو ويو تـ اهي پنهنجن ٻچن جي اخلاق جي سختيءَ سان نظرداري ڪن. ۵. انسانن کان گناهن ۽ خطائن جو ظهور ٿيندو ئي رهندو آهي ان جي ڪري "تَوْبَـةً نَّصُوْحًا" (سچي توبـه ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي تانت عمل جي دامن بدنما داغن کان پاڪ ٿي وڃي. ٦. آخر ۾ بـ مثال ذڪر ڪيا ويا هڪ ڪافرن جي لاءِ ٻيو مومنن جي لاءِ تانت ٻنهي ٽولن کي سندن حيثيت معلوم ٿئي ۽ اهي ڪنهن غلط فهميءَ ۾ مبتلا نـ رهن ايمان ۽ الهي محبت ڪمزور کان ڪمزور انسان کي ڪهڙي طرح مضبوط بنائن ٿا مومنن کي اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ جي لاءِ حضرت بيبي آسيـــه رضي الله عنها جو ذڪر فرمايو ويو ۽ حضرت بيبي مريم عليها السلام جي پاڪدامني جو ذڪر ڪري مسلمان عورتن کي ترغيب ڏني وئي آهي تـ اهي بـ

پنهنجي پاڻ کي گناهہ کان پاڪ، صاف رکن کنهن بہ قيمت تي بي عزت نہ ٿين ٿي سگهي ٿو تہ الله عزوجل لطف ۽ ڪرم سان انهن کي بہ ڪنهن نيڪ بخت ۽ نامور پٽ جي ماءُ هجڻ جو شرف عطا ڪري.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳين سورة "يَاَيُّهَا النَّبِيُّ" خطاب سان شروع هئي تيئن هيءَ سورة بہ ان ئي ڪلمه سان شروع ڪيل آهي ۽ ان ۾ مطلق عورتن جي طلاق جو ذڪر هو ۽ هن ۾ زرخريد ٻانهين جي طلاق جو بيان آهي. (١)

ڀلايون ۽ برڪتون: علامه عمر بن علي دمشقي آندو آهي تہ جنهن سورة تحريم پڙهي ان کي سچي توبه نصيب ٿيندي. (٢)



(١) روح المعاني صـ١٢٨ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠ (٢) اللباب صـ٢٢ـ جلد ١٩

وَهِيَ اثْنَتَا عَشْرَةَ اٰيَةً	سُوْرَةُ التَّحْرِيْمِ مَدَنِيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ٻارهن آيتون آهي	سورة التحريم مدني آهي	۽ ان ۾ ٻه رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكَ ۚ تَبْتَغِيْ مَرْضَاتَ

اي نبي! ڇو تون حرام ڪرين اها شيء جو حلال ڪئي الله تنهنجي لاء طلب ڪرين ٿو خوشنودي

اَزْوَاجِكَ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (١) قَدْ فَرَضَ اللّٰهُ لَكُمْ تَحِلَّةَ

پنهنجين زالن جي ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي تحقيق مقرر ڪيو الله اوهان جي لاء کولڻ قسمن

اَيْمَانِكُمْ ۚ وَاللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ (٢) وَاِذْ اَسَرَّ

اوهان جي ڪي ۽ الله مددگار اوهان جو آهي ۽ اهو ئي ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي ۽ جڏهن رازداري ۽

النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ حَدِيْثًا ۚ فَلَمَّا نَبَّاَتْ بِهٖ وَاَظْهَرَهُ

سان ڪئي نبي هڪ سان پنهنجين گهروارين مان ڳالهه پوء جڏهن خبر ڪيائين ان جي ۽ اظهار ڪيو

اللّٰهُ عَلَيْهِ عَرَّفَ بَعْضَهٗ وَاَعْرَضَ عَنْۢ بَعْضٍ ۚ فَلَمَّا نَبَّاَهَا بِهٖ

ان ڪي الله ان تي ته ٻڌايائين ان جو بعض ۽ منهن موڙيائين بعض ڪان پوء جڏهن خبر ڏنائين ان ڪي ان جي

قَالَتْ مَنْ اَنْۢبَاَكَ هٰذَا ۭ قَالَ نَبَّاَنِيَ الْعَلِيْمُ الْخَبِيْرُ (٣)

ته چيائين ڪنهن خبر ڏنائين توکي هيء چيائين خبر ڏنائين مون کي ڄاڻندڙ، خبر ڏيندڙ

اِنْ تَتُوْبَآ اِلَى اللّٰهِ فَقَدْ صَغَتْ قُلُوْبُكُمَا ۚ وَاِنْ

جيڪڏهن رجوع ڪيواوهان ٻئي الله ڏانهن پوء تحقيق مائل ٿيون دليون اوهان ٻنهي جون ۽ جيڪڏهن

تَظٰهَرَا عَلَيْهِ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ مَوْلٰىهُ وَجِبْرِيْلُ وَصَالِحُ الْمُؤْمِنِيْنَ

ٻڌي ڪئي اوهان ان تي پوء بيشڪ الله اهو مددگار ان جو آهي ۽ جبريل ۽ مومنن مان صالح شخص

وَالْمَلَآئِكَةُ بَعْدَ ذَالِكَ ظَهِيرٌ (۴) عَسٰى رَبُّهٗٓ اِنْ طَلَّقَكُنَّ اَنْ يُّبْدِلَهٗ

۽ ملائڪ ان کان پوءِ مددگار آهن ويجهو آهي ان جو رب جيڪڏهن طلاق ڏي اوهان کي تہ مٽائي ڏي

اَزْوَاجًا خَيْرًا مِّنْكُنَّ مُسْلِمٰتٍ مُّؤْمِنٰتٍ قٰنِتٰتٍ تٰٓئِبٰتٍ عٰبِدٰتٍ

ان کي زالون ڀليون اوهان کان مسلمان، مومنياڻيون فرمانبرداريون توبہ ڪندڙيون، عبادت ڪندڙيون

سٰٓئِحٰتٍ ثَيِّبٰتٍ وَّاَبْكَارًا (۵)

روزيداريون اڳ شادي ڪيلون (رنڙون) ۽ ڪنواريون

تفسير

اڳيئن سورة ۾ عام امت جي عورتن جامسئلا بيان ٿيا ۽ هتي نبي پاڪ عليــه الصلواة والسلام جي پاڪ ازواج جي متعلق ڪجهہ ڳالهيون بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "يَاۤاَيُّهَا النَّبِيُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَاۤ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكَ تَبْتَغِيْ مَرْضَاتَ اَزْوَاجِكَ" (اي نبي! اها شيءِ ڇو تا حرام ڪيو جيڪا الله اوهان جي لاءِ حلال ڪئي آهي پنهنجين زالن جي مرضي طلب ڪيو تا؟)

شان نزول: هنن آيتن جي نزول جي باري ۾ ٻہ روايتون بيان ڪيون وڃن ٿيون. پهريان ان روايت جو خلاصو بيان ڪجي ٿو جيڪا محدث بخاري ۽ محدث مسلم پنهنجي صحيحين ۾ آندي آهي: نبي ڪريم عليــــه الصلواة والسلام جن جي عادت مبارڪــــه هوندي هئي تہ وچين نماز کان پوءِ پنهنجي ازواج مطهرات رضي الله عنهن جي حجرن ۾ تشريف فرمائيندا هئا ۽ ٿورو ٿورو وقت زندگيءَ جي هر هڪ ساٿياڻيءَ کي ڏيندا هئا. هڪ ڀيري سندن اهليــــه سيده زينب رضي الله عنها جي خدمت ۾ ڪنهن ماکيءَ جو تحفو موڪليو جڏهن نبي ڪريم عليـه الصلواة والسلام جن ان جي حجره مبارڪــه ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا تہ اها وڏي ادب ۽ اهتمام سان سندن اڳيان اها ماکي پيش ڪندي هئي. ڪين طبعي طور ماکي گهڻو پسند هوندي هئي پر ان طرح ان وٽ سندن وهڻ جو وقت وڌيڪ ٿي ويندو هو ان کي تہ گهڻي خوشي ٿيندي هئي پر ٻيون امهات المومنين رضي الله عنهن دير جي ڪري اها ڳالهہ برداشت ڪري نہ ٿي سگهيون نيٺ ام المومنين عائشــــه ۽ ام المومنين حفصـــه رضي الله عنهما کان ماٺ ٿي نہ سگهي ۽ انهن پاڻ ۾ اهو طي ڪيو تہ حضور عليــه الصلواة والسلام جن سيده زينب رضي الله عنها وٽان اٿي جنهن وٽ بہ اچن اها کين عرض ڪري تہ اوهان جي منهن مبارڪــــه مان مغافير (عرفطــه نالي هڪ وڻ جو ڪونر جنهن ۾ هلڪي نہ وٽندڙ بوءِ هوندي آهي ۽ نبي پاڪ عليــه الصلواة والسلام جن ان کي پسند نہ ڪندا

هئا) جي بوءِ اچي رهي آهي اهو عرض ڪيو ويو تہ پاڻ فرمايائون تہ مون مغافير تہ نہ کاڌو آهي البت زينب وٽ ماکي استعمال ڪئي آهي هن کان پوءِ مان ماکي استعمال نہ ڪندس اوهان ڪنهن سان ان جو ذڪر نہ ڪجو ان جي متعلق هي آيتون نازل ٿيون.
٢. ٻي روايت هي آهي تہ جڏهن سرور عالم عليہ الصلواة والسلام جن مختلف ملڪن جي سربراهن کي اسلام قبول ڪرڻ جي لاءِ دعوت ناما موڪليا تہ حضرت حاطب بن ابي بلتعة سندن مڪتوب مبارڪہ کڻي اسڪندريہ جي والي مقوقس وٽ پهتو ان قاصد جي حيثيت سان سندس وڏي عزت ڪئي جڏهن اتاهين واپس ٿيو تہ مقوقس هڪ عريضو بہ حضور عليہ الصلواة والسلام جي خدمت ۾ موڪليو ۽ اعليٰ خاندان جون بہ ڇوڪريون بہ سندن خدمت ۾ موڪليون هڪ جو نالو سيرين ۽ ٻيءَ جو نالو ماريہ هو. حضرت حاطب جي تلقين ۽ دين جي دعوت ڏيڻ جي ڪري مدينہ منوره ۾ پهچڻ کان پهريان ئي ٻئي مسلمان ٿيون. نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن سيرين نالي ڇوڪري حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنہ کي عطا ڪرڻ فرمائي ۽ (حضرت بيبي) ماريہ (رضي الله عنها) کي آزاد ڪري پنهنجي اهليہ هجڻ جو شرف بخشيو ان مان ئي سنہ ٨ هہ ۾ سندن فرزند حضرت ابراهيم عليہ السلام ڄائو جيڪو بعد ۾ ارڙهن مهينن جي عمر ۾ انتقال فرمائي ويو هڪ ڏينهن ام المومنين حضرت حفصہ رضي الله عنها جو وارو هو پر اها حضور عليہ الصلواة والسلام جن کان اجازت وٺي پنهنجي والد حضرت عمر رضي الله عنہ سان ملڻ وئي اتي حضرت ماريہ رضي الله عنها آئي ۽ حضور پرنور عليہ الصلواة والسلام جن سان خلوت ۾ رهي اجان دروازو بند هو تہ حضرت حفصہ رضي الله عنها بہ اچي وئي ۽ ٻاهر ويهي انتظار ڪرڻ لڳي جڏهن حضور عليہ الصلواة والسلام جن دروازو کوليو ۽ سيده حفصہ سيده ماريہ (رضي الله عنهما) کي پنهنجي حجره ۾ ڏٺو تہ ان کي سخت ناگوارا گذريو ۽ هيئن شڪايت ڪرڻ لڳي تہ منهنجو وارو، منهنجو حجرو، منهنجو بسترو ۽ اتي ماريہ! يارسول الله! (عليك الصلواة والسلام) اوهان مون کي نهايت گهٽ تا سمجهو الاءِ ڇا؟ ان جي ڪري اوهان ائين ڪيو محبوب ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن ان جي پريشاني دور ڪرڻ ۽ دلجوئي لاءِ فرمايو تہ "پاڻ آينده جي لاءِ ماريہ رضي الله عنها سان ازدواجي تعلق نہ رکندا" پر ڪيس اهو بہ فرمايائون تہ اها ان ڳالهہ جو ذڪر ڪنهن سان نہ ڪري. واقعا هي بہ آهن پر روايتن ۾ وڏو اختلاف ۽ تعارض آهي ڪٿي ڪنهن جو نالو آهي تہ ڪٿي ڪنهن جو ان جي ڪري انهن واقعن جون مختلف روايتون نقل ڪرڻ کان پوءِ علامہ طبري لکيو آهي. "والصواب من القول

في ذالك ان يقال ان الذي حرمه النبي صلى الله عليه وسلم على نفسه شيء كان الله قداحل له" (١) يعني مون وٽ صحيح قول اهو آهي هيءَ آيت ان وقت نازل ٿي جڏهن حضرت حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي مٿان اهڙي شيءِ حرام فرمائي جنهن کي سندن لاءِ الله عزوجل حلال ڪيو هو. ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته زمخشري معتزلي ۽ ان جي پيروڪارن هتي اهڙيون ڏکيون ڳالهيون لکيون آهن جن سان نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪدامنيءَ تي عيب لڳايو وڃي. پر اوهان اهل السنة والجماعة جي محقق مفسرن جو لکيل تفسير پڙهو جن کي الله عزوجل حق سمجهڻ ۽ مصطفوي محبت بنهي سان مالامال ڪيو آهي. علامه ابو حيان اندلسي عليه الرحمة مذڪوره آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي ته: "يَآاَيُّهَا النَّبِيُّ!" شرف ۽ شان وارو سڏ آهي "لِمَ تُحَرِّمُ" نهايت نرميءَ ۽ لطف سان پڇڻ آهي الله عزوجل ڪائنات نهايت لطف ۽ محبت سان پڇي ٿو ته اي حبيب (عليك الصلواة والسلام) اوهان ائين ڇو ڪيو؟ ان جو قرينو هي آهي ته پهريان نهايت ڪين نهايت احترام سان خطاب ڪيائين ان کان پوءِ پڇيائين جيئن "عَفَا اللّٰهُ عَنْكَ لِمَ اَذِنْتَ لَهُمْ" (الله اوهان کي معاف فرمايو اوهان انهن کي ڇو موڪل ڏني) ۾ اول معاف ڪرڻ جو اعلان پوءِ پڇڻ جو بيان آهي پوءِ لکيو اٿس ته "لِمَ تُحَرِّمُ" ۾ شرعي تحريم مراد ناهي يعني اعتقادي طور بہ حرام سمجهڻ بلڪ هتي تحريم مان مراد رکجڻ آهي جيئن ڪو ماڻهو ڪنهن حلال ۽ پاڪ شيءِ کان پاڻ کي روڪي رکي ۽ ڪڏهن اهو رکجڻ ڪنهن جي دلجوئيءَ لاءِ هوندو آهي جنهن جي خوشنودي مطلوب هوندي آهي آخر ۾ لکيو اٿس ته اسين زمخشري جي عبارت عمدا ڪو نہ ٿا لکون جو ان نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جي عصمت جي خلاف ڳالهيون لکيون آهن. (٢) علامه آلوسي عليه الرحمة بہ تحريم جي مراد رکجڻ لکيو آهي. (٣) علامه عثماني صاحب لکيو آهي ته حلال کي پاڻ تي حرام ڪرڻ جو مطلب هي آهي ته ان شيءِ کي عقيدة حلال ۽ مباح سمجهندي فيصلو ڪيو هيائون ته آينده ان کي استعمال نہ ڪندا. (۴) "وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" (۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي) مطلب ته الله عزوجل نهايت بخشڻهار مهربان آهي جيڪو گنهگارن کي گناهہ بخشيندو آهي اوهان کان ڪو گناهہ تہ ٿيو ئي ناهي صرف خلاف اوليٰ هڪ ڳالهہ ٿي آهي. (۵) عبدالماجد دريا بادي لکيو آهي ته

(١) تفسير ابن جرير صـ١٠٢ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٢ (٢) البحرالمحيط صـ٢٧٩ـ جلد ٨
(٣) روح المعاني صـ١۴٧ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠ (۴) حاشيه عثمانيه صـ٧۴٢ـ
(۵) حاشيه عثمانيه صـ٧۴٢ـ

الله بخشڻهار آهي جيڪو معصيت بخش فرمائي ٿو پر اوهان جو هي عمل ته معصيت به ڪو نه آهي. (١) علامه آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي ته "وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي شانَ تعظيم جو اظهار آهي يعني اوهان ڪو گناهه نه ڪيو پر ان هوندي به جيڪو ڪجهه ٿيو الله بخشڻهار، مهربان اوهان کي بخش ڪري ڇڏيو آهي. (٢) هنن سڀني حوالن ڏيڻ جو مقصد اهو آهي ته ڪو شخص به حضور عليه الصلواة والسلام جن جي مٿان آگر نه کڻي ته پاڻ گناهه ڪيو هيائون (معاذالله) پاڻ هر قسم جي هر گناهه کان هميشه پاڪ ۽ معصوم آهن.

"قَدْ فَرَضَ اللّٰهُ لَكُمْ تَحِلَّةَ اَيْمَانِكُمْ وَاللّٰهُ مَوْلٰكُمْ وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ" (تحقيق مقرر ڪيو الله اوهان جي قسمن جو کولڻ کي ۽ الله اوهان جو ڪارساز آهي ۽ اهو ئي ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي) يعني جيڪڏهن اوهان قسم سان ڪا ڳالهه ڪري وهو ٿا ته ان قسم جي ڪفارت ادا ڪيو جيڪا الله جل جلاله مقرر ڪئي آهي ان ڪفارت سان قسم واري ڳنڍ کلي پوندي ۽ الله اوهان جو مددگار آهي جيڪو اوهان جي اوهان جي دشمنن تي به مدد ڪندو ۽ اوهان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابيءَ جي واٽ آسان ڪندو ۽ اهو ئي اهي ڳالهيون ڄاڻي ٿو جن ۾ اوهان جي مصلحت آهي ۽ پنهنجي امور جي تدبير ۾ حڪمت وارو آهي. "وَاِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ حَدِيْثًا" (۽ ياد فرماءِ جڏهن راز واري ڳالهه ڪئي نبي پنهنجي بعض گهروارين سان) اها راز واري ڳالهه هيءَ هئي جو حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن حضرت حفصه رضي الله عنها کي ٻڌايو هو ته مون کان پوءِ ابوبڪر ۽ ان کان پوءِ عمر خليفا ٿيندا. جيئن هيٺ لکيل روايتن مان واضح آهي. ١. ابن مردويه ابن عباس کان ۽ ابن ابي حاتم مجاهد کان روايتون آنديون آهن ته نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن بيبي حفصة رضي الله عنها کي ماريه جي حرام ڪرڻ ۽ (سندن ظاهري رحلت کان پوءِ) ابوبڪر ۽ عمر رضي الله عنهما جي خليفي ٿيڻ جو ٻڌايو ۽ ان ڳالهه کي راز ۾ رکڻ جو چيو هو. ٢. ابن عدي، ابو نعيم فضائل الصديق ۾ ۽ ابن مردويه مختلف طريقن سان حضرت علي ڪرم الله وجهه ۽ ابن عباس رضي الله عنهما کان روايتون آنديون آهن ته: ان امارة ابي بكر وعمر لفي كتاب الله "وَاِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ حَدِيْثًا" قال لحفصة: "ابوك وابوعائشة واليا الناس بعدى فاياك ان تخبرى احدا" "بيشڪ ابوبڪر ۽ عمر جو اميرالمومنين هجڻ الله جي ڪتاب ۾ آهي" (۽ جڏهن نبي پنهنجي بعض گهروارين سان راز جي ڳالهه ڪئي) ڪنهن سان اها خبر ڪرڻ کان بچائجان.

(١) حاشيه ماجديه صـ١١٢١ـ (٢) روح المعاني صـ١٤٧ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠

٣. ابونعيم فضائل الصحابـه ۾ ضحاڪ کان روايت آندي آهي تہ: سيده حفصـه رضي الله عنها کي نبي ڪريم عليـه الصلواة والسلام جن راز ۾ اهو ٻڌايو هو تہ ڪانئن بعد خليفو ابوبڪر آهي ۽ ان کان پوءِ عمر آهي. ۴. ابن ابي حاتم ميمون بن مهران کان بہ اهڙي روايت آندي آهي. ۵. شيعن جي تمام وڏي عالم طبرسي جي تفسير مجمع البيان ۾ زجاج کان بہ روايت ۾ اهڙا ارشاد آيل آهن ۽ ان جي قريب العياشيءِ اسناد سان عبدالله بن العطاءَ المڪيءَ کان ان امام ابوجعفر الباقر رضي الله عنهما کان بہ روايت آندي آهي. علامـه آلوسي مٿيون روايتون آڻي لکيو آهي تہ جيڪڏهن شيعا اهي روايتون تسليم ڪندا تہ ڪين حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما جي خلافت مڃڻي پوندي. (١) علامـه عمر بن علي دمشقيءَ بہ اها ڳالهہ لکي آهي. (٢) "فَلَمَّا نَبَّاَتْ بِهٖ وَاَظْهَرَهُ اللهُ عَلَيْهِ عَرَّفَ بَعْضَهٗ وَاَعْرَضَ عَنْۢ بَعْضٍ" (پوءِ جڏهن ان جي خبر ڪيائين ۽ الله ان جو ان تي اظهار فرمايو تہ ان جو بعض ٻڌايائون ۽ بعض کان منهن موڙيائين) يعني نبي ڪريم عليـه الصلواة والسلام جن جنهن ڳالهہ کي راز ۾ رکڻ جي لاءِ سيده حفصـه رضي الله عنها کي حڪم ڪيو هو ان اها ڳالهہ سيده عائشـة رضي الله عنها سان ڪري وڌي ۽ الله عزوجل اهو سمورو حال پنهنجي حبيب عليـه الصلواة والسلام جن تي ظاهر فرمايو. جڏهن پاڻ سيده حفصـه کي ان راز ظاهر ڪرڻ واري ڳالهہ ڪجهہ ٻڌائي ۽ ڪجهہ راز ۾ رکي تہ اها سائڻ حيران ٿي وئي ۽ سندن خدمت اقدس ۾ عرض ڪيائين تہ "قَالَتْ مَنْ اَنْبَاَكَ هٰذَا قَالَ نَبَّاَنِيَ الْعَلِيْمُ الْخَبِيْرُ" (عرض ڪيائين تہ اوهان کي اها خبر ڪنهن ڏني فرمايائون تہ مون کي گهڻو ڄاڻندڙ، هر خبر رکندڙ (الله عزوجل اها) خبر ڏني آهي) يعني سيده حفصـه پڇيو تہ يارسول الله! صلي الله عليك وسلم جيڪا ڳالهہ مون سيده عائشـه سان نهايت لڪ ۾ ڪئي ان جي خبر اوهان کي ڪنهن ڏني؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ اها سڀ مهرباني عليم، خبير الله عزوجل جي آهي ان ئي مون کي اها خبر بہ ڏني آهي "اِنْ تَتُوْبَآ اِلَى اللهِ فَقَدْ صَغَتْ قُلُوْبُكُمَا" (جيڪڏهن اوهان ٻئي الله جل وعلا ڏانهن توبـه ڪنديون تہ پوءِ تحقيق اوهان ٻنهي جون دليون جهڪي پيون آهن) مطلب تہ اوهان جون دليون بہ توبـه ڏانهن مائل آهن اوهان توبـه ڪيو تہ ڀلو آهي هتي توبـه ڪرڻ جو خطاب سيده حفصـة ۽ سيده عائشـه رضي الله عنهما سان آهي. (٣) "وَاِنْ تَظٰهَرَا عَلَيْهِ فَاِنَّ اللهَ هُوَ مَوْلٰـهُ وَجِبْرِيْلُ وَصَالِحُ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمَلٰٓئِكَةُ بَعْدَ ذٰلِكَ ظَهِيْرٌ" (۽ جيڪڏهن ٻئي ڪئي

(١) روح المعاني ص١٥١ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠، المظهري ص٣٣٩ـ جلد ٩ (٢) اللباب في علوم الكتٰب ص١٩۴ـ جلد ١٩ (٣) المراغي ص١٥٨ـ جزءُ ٢٨ جلد ١٠

اوهان ان تي پوءِ بلاشڪ الله ان جو مددگار آهي ۽ جبريل ۽ مومنن مان صالح ۽ ملائڪ ان ڪان بعد مددگار آهن) معنيٰ تہ جيڪڏهن اوهان پڌي ڪري منهنجي محبوب عليہ الصلواة والسلام کي پريشان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان کي ڪجهہ نہ ٿيندو ڇو تہ ان جي مدد ڪرڻ وارو الله آهي جبريل آهي ۽ مومنن مان صالح شخص آهي ۽ ان ڪان بعد ملائڪ بہ مدد ڪندڙ آهي جنهن سان ايترو ساٿ آهي ان کي ڀيو ڪو ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندو. جس کا حامی ہو خدا اُن کو مٹا سکتا ہے کوں؟

"عَسٰى رَبُّهٗۤ اِنْ طَلَّقَكُنَّ اَنْ يُّبْدِلَهٗۤ اَزْوَاجًا خَيْرًا مِّنْكُنَّ مُسْلِمٰتٍ مُّؤْمِنٰتٍ قٰنِتٰتٍ تٰٓئِبٰتٍ عٰبِدٰتٍ سٰٓئِحٰتٍ ثَيِّبٰتٍ وَّاَبْكَارًا" (قريب آهي ان جو رب جو جيڪڏهن اوهان کي طلاق ڏي تہ ان کي اوهان ڪان ڀليون زالون جيڪي مسلمان، مومنياڻيون، فرمانبرداريون، توبہ ڪندڙيون، عبادت ڪندڙيون، روزيداريون، مڙس مري ويلون (رنڙون) ۽ ڪنواريون بدلي ۾ ڏئي ڇڏي) هن ۾ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي عظمت جو اظهار ڪندي الله عزوجل سندن ازواج مطهرات رضي الله عنهن کي متنبہ ڪيو آهي تہ اوهان ان خيال ۾ نہ رهو تہ مرد کي نيٺ تہ زالن جي ضرورت پوندي آهي ۽ اسان جي بہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي ضرورت آهي اسان ڪان وڌيڪ ڪين ڪهڙيون عورتون ملنديون؟ ان جي ڪري پاڻ اسان جي هر ڳالهہ قبول ڪندا ۽ اسين جيئن چونديوسين تيئن پاڻ ضرور ڪندا. رب العزة جل وعلا فرمايو تہ اهو ڪڏهن بہ نہ سوچيو جيڪڏهن منهنجو محبوب عليہ الصلواة والسلام اوهان کي طلاق ڏئي ڇڏي تہ مان ان کي اوهان ڪان وڌيڪ ڀليون زالون ڏيندس جيڪي مسلمان مومن هجڻ سان گڏ نهايت فرمانبردار، توبہ ڪرڻ واريون، عبادتگذار، روزن رکڻ واريون هونديون ڪي اهي هونديون جن جا مڙس مري ويل هوندا تہ ڪي ڪنواريون هونديون جيئن اوهان ۾ بہ ٻئي قسم آهن.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي هي فائدا ملن ٿا. ١. "فَلَمَّا نَبَّاَتْ بِهٖ" (پوءِ جڏهن ان جي خبر ڪيائين) جي تفسير ۾ مفسرن لکيو آهي تہ حديث جي اڪثر روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اها خبر ڪرڻ واري سيده حفصہ هئي ۽ جنهن سان خبر ڪئي هيائين اها سيده عائشہ هئي (رضي الله عنهما).

سوال: ان راز جي ڳالهہ ظاهر ڪرڻ ڪان پوءِ نبي مڪرم، محبوب معظم صلي الله عليہ وسلم جن جو سيده حفصہ رضي الله عنها سان رويو ڪهڙو رهيو؟

جواب: مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ بعض روايات ۾ آيو آهي تہ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن ان راز ظاهر ڪرڻ تي ان کي طلاق ڏيڻ جو ارادو فرمايو مگر

الله عزوجل جبريل امين کي موکلي ان کي طلاق ڏيڻ کان روکيو ۽ فرمايو تہ "اها گهڻي نماز پڙهندڙ ۽ گهڻا روزا رکندڙ آهي ۽ ان جو نالو جنت ۾ اوهان جي ازواج مطهرات ۾ آهي (١) ٢. "فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ مَوْلٰىهُ وَجِبْرِيْلُ وَصَالِحُ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمَلٰٓئِكَةُ بَعْدَ ذٰلِكَ ظَهِيْرٌ" (پوءِ بيشڪ الله ان جو مددگار آهي ۽ جبريل ۽ مومنن مان صالح ۽ ان کان پوءِ ملائڪ بہ مددگار آهن) هن مان معلوم ٿيو تہ الله جل وعلا تہ حقيقيءَ ۽ اصلي مددگار آهي پر ان جي اذن سان ان جا ٻانها بہ مددگار آهن جيئن هتي جبريل ۽ صالح مومنن کي موليٰ (مددگار) سڏيو ويو ۽ ملائڪن کي "ظهير" معاون سڏيو ويو آهي. ۽ جتي الله جلت صفاتہ کان سواءِ ٻين کي مددگار سڏڻ جي منع ۽ نفي آهي اتي حقيقي مددگار مراد آهي. ٣. "اَنْ يُّبْدِلَهٗٓ اَزْوَاجًا خَيْرًا مِّنْكُنَّ" (ان کي اوهان کان ڀليون زالون مٽائي ڏي) هي ارشاد ازواج مطهرات رضي الله عنهن کي ڊپ ڏيارڻ جي لاءِ آهي طلاق ڏيارڻ مقصود ناهي جنهن ٻيبي صاحبہ کي حضور عليہ الصلواة والسلام جن صحبت کان پوءِ طلاق ڏين اها ٻين سان نڪاح ڪري نٿي سگهي. "وَاَزْوَاجُهٗٓ اُمَّهٰتُهُمْ" "وَلَآ اَنْ تَنْكِحُوْٓا اَزْوَاجَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖٓ اَبَدًا" دليل موجود آهن ۽ ازواج مطهرات ٻين عورتن کان سندن نڪاح ۾ رهڻ دوران ڀليون آهن (الا سيدة نساء اهل الجنة). (٢)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ

اي ايمان وارا! بچايو پنهنجن سرن کي ۽ پنهنجن اهلن کي باهہ کان جو ٻارڻ ان جو ماڻهو ۽ پٿر آهن

عَلَيْهَا مَلٰٓئِكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَآ اَمَرَهُمْ وَيَفْعَلُوْنَ

ان تي ملائڪ آهن سخت شديد نہ ٿا بي فرماني ڪن الله جي ان ۾ جو امر ڪيائين انهن کي ۽ ڪن ٿا

مَا يُؤْمَرُوْنَ (٦) يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَعْتَذِرُوا الْيَوْمَ ۭ اِنَّمَا تُجْزَوْنَ

اهو جو امر ڪيا وڃن ٿا اي ڪافرو! نہ بهانا بنايو اڄ اوهان بدلو ڏنا ويندؤ

مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ (٧) ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا تُوْبُوْٓا اِلَى اللّٰهِ تَوْبَةً نَّصُوْحًا ۭ عَسٰى

ان جو جيڪو ڪندا هيئو اي ايمان وارا! توبہ ڪيو الله ڏانهن توبہ سچي ويجهو آهي اوهان جو

رَبُّكُمْ اَنْ يُّكَفِّرَ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَيُدْخِلَكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ

رب تہ ميٽي ڇڏي اوهان کان برايون اوهان جون ۽ داخل ڪري اوهان کي بهشتن ۾ جو وهن ٿيون

(١) معارف القرآن صـ٥٠٠ـ جلد ٨ (٢) نورالعرفان صـ٨٩٥ـ

مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ يَوْمَ لَا يُخْزِى اللّٰهُ النَّبِىَّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ

هيٺان انهن جي نهرون جنهن ڏينهن نہ خوار ڪندو الله نبي کي ۽ انهن کي جن ايمان آندو ان سان گڏ

نُوْرُهُمْ يَسْعٰى بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَبِاَيْمَانِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ

نور انهن جو ڊوڙندو انهن جي اڳيان ۽ انهن جي سڄن پاسن کان چوندا اي اسان جا رب

اَتْمِمْ لَنَا نُوْرَنَا وَاغْفِرْ لَنَا اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ (٨)

پورو ڪر اسان جي لاءِ اسان جي نور کي ۽ بخش ڪر اسان کي بيشڪ تون هر شيءِ تي قادر آهين

تفسير

اڳين آيتن ۾ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جي ازواج مطهرات کي توبہ ڪرڻ، بين ڀلاين اختيار ڪرڻ جو حڪم هو ۽ هتي عام مومنن کي پنهنجن سرن ۽ پنهنجن خاندانن کي جهنم جي باھ کان بچڻ ۽ بچائڻ جو حڪم ڪري سچي توبہ جو بہ امر ڪيو ويو آهي. ارشاد مبارڪ آهي "يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ" (اي ايمان وارا! پنهنجن سرن ۽ پنهنجن خاندانن کي ان باھ کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر هوندا. هتي مومنن کي حڪم ڏنو پيو وڃي تہ اهي پنهنجي پاڻ کي جهنم جي باھ کان بچائن پر انهن جي ذميداري صرف سندن ذات تائين محدود ناهي بلڪ اهي پنهنجي اهل عيال کي بہ دوزخ کان بچائڻ جي پوري ڪوشش ڪن. حضرت عمر رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي تہ مون عرض ڪيو يارسول الله! پنهنجن سرن کي تہ بچايون پر پنهنجي اهل، عيال کي ڪيئن بچايون؟ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو تہ "اوهان انهن کي اهو امر ڪيو جنهن جو اوهان کي الله امر ڪيو آهي پوءِ اهو انهن ۽ باھ جي وچ ۾ بچاءُ هوندو" ابن المنذر، حاڪم ۽ ٻين حضرت علي ڪرم الله وجهہ کان روايت آندي آهي تہ پاڻ هن آيت جي متعلق فرمايائون "پنهنجن نفسن ۽ پنهنجي اهل، عيال کي ڀلائيءَ جي تعليم ڏيو ۽ ادب سيکاريو" اهل مان مراد زال، اولاد، ٻانهو ۽ ٻانهي آهي ۽ هن آيت ۾ اشارو آهي تہ مومن تي ديني فرائض پڙهڻ ۽ پڙهائڻ واجب آهن ۽ حديث ۾ آهي تہ الله جل جلالہ ان مرد تي رحمت ڪو فرمائي جنهن پنهنجي اهل کي چيو "اي منهنجي اهل وارؤ! پنهنجي نماز ادا ڪيو، روزا ادا ڪيو، زڪواة ادا ڪيو، پنهنجي مسڪين، پنهنجي يتيم ۽ پنهنجي پاڙي وارن (جي سنڀال ڪي) لازم ڪري وٺو

شايد الله اوهان کي جنت ۾ گڏ رهائي. (١)، "عَلَيْهَا مَلَائِكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَا يَعْصُونَ اللهَ مَا أَمَرَهُمْ وَيَفْعَلُونَ مَا يُؤْمَرُونَ" (ان تي ملائڪ (مقرر آهن) سخت، شديد الله جيڪو انهن کي امر ڪيو آهي ان ۾ بي فرماني نہ ٿا ڪن جيڪي امر ڪيا وڃن ٿا پورو ڪن ٿا) مطلب تہ ان باهہ تي داروغي جي حيثيت سان جيڪي ملائڪ مقرر ڪيل آهن اهي نهايت تيز، سخت ۽ مزاج ۾ گهٽي شدت رکن ٿا ڪير روئي رڙي منٿ وغيره ڪرڻ سان انهن کي متاثر ڪري نہ ٿو سگهي اهي نهايتً سگها قوت وارا آهن انهن کان ڪير پڃي بہ نہ ٿو سگهي. انهن جو ڪم صرف الله عزوجل جي فرمانبرداري آهي نہ انهن ڪان ان جي حڪم تي عمل ڪرڻ ۾ سستي ٿيندي نہ اهي بي فرماني ڪري سگهندا. "يَاأَيُّهَا الَّذِينَ كَفَرُوا لَا تَعْتَذِرُوا الْيَوْمَ إِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ" (اي ڪافرو! اڄ بهانا نہ بنايو جيڪي ڪندا هيئو صرف ان جو بدلو ڏنا ويندؤ) هتي ڪافرن کي متنبہ ڪيو ويو آهي تہ قيامت جي ڏينهن بهاني بازي ڪم نہ ايندي اتي اوهان کي اوهان جي ان ڪيل عمل جو بدلو ضرور ملندو جيڪو روڪڻ ۽ منع ڪرڻ جي باوجود اوهان ڪندا رهيا نہ مڙيا، اوهان ڪنهن نصيحت تي غور تہ نہ ڪيو رهندو ان نصيحت ڪندڙ کي ايذائڻ جي پويان پئجي ويا. "يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا تُوبُوا إِلَى اللهِ تَوْبَةً نَّصُوحًا" (اي ايمان وارا الله ڏانهن سچي توبہ ڪيو) هن آيت ۾ مومنن کي هدايت ڪئي وئي آهي تہ جيڪڏهن اوهان ڪان ڪنهن بہ وجہ جي ڪري گناهہ ٿي ويا آهن تہ وقت نہ وڃايو هڪدم الله عزوجل جي دربار ۾ سچي دل سان توبہ ڪيو.

"تَوْبَةً نَّصُوحًا" ڇا آهي؟

هن جي متعلق علماءِ ڪرام جا ڪئين قول آهن انهن مان ڪجهہ هتي لکجن ٿا.

١. ابن مردويہ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي تہ توبہ نصوح هي آهي تہ پانهو ڪيل گناهہ تي پشيمان ٿئي الله عزوجل ڪان معافي گهري ۽ وري ڪڏهن بہ ان گناهہ ڏانهن نہ موٽي جيئن ڏڌل کير ٿڻن ۾ واپس نہ ٿيندو آهي اهڙي طرح عمرو، ابن مسعود، ابي بن ڪعب ۽ حسن وغيرهم ڪان روايت آيل آهي.

٢. امام نووي فرمايو آهي تہ توبہ نصوح اها آهي جنهن ۾ ٽي ڳالهيون هجن "١" گناهہ کي پاڙان پٽي ڇڏڻ. "٢" ڪيل گناهہ تي سخت پشيمان ٿيڻ، "٣" پڪو عزم ۽ ارادو ڪرڻ تہ وري اهو گناهہ نہ ڪيو ويندو. پوءِ جيڪڏهن گناهہ ڪنهن ماڻهوءَ سان واسطو رکي ٿو تہ ان جي توبہ هي آهي جو ان کي يا ان جي وارث کي سندس حق

(١) المراغي ص ١٦٢ ـ جزءِ ٢٨ جلد ١٠

موتائي ڏنو وڃي يا ڪنهن بہ طريقي سان ان ڪان آزادي حاصل ڪئي وڃي. (١)
٣. حضرت معاذ ڪان مرفوعا روايت آهي تہ توبہ نصوح اها توبہ آهي جو ان ڪان پوءِ وري توبہ ڪرڻ جي ضرورت نہ پوي. ۴. ڪلبي جو قول آهي تہ زبان سان مغفرت گهرڻ، قلب سان پشيمان ٿيڻ ۽ بدن کي روڪي رکڻ توبہ نصوع علامہ جمل لکيو آهي تہ توبہ نصوح جي متعلق ٢٣ قول آهن انهن مان ڪجهہ مٿي مذڪوره آهن. (٢) حضرت ابن مسعود رضي الله عنہ فرمايو تہ: توبہ نصوح هر گناهہ ميٽي ڇڏيندي آهي. (٣) "عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّكَفِّرَ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَيُدْخِلَكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ" (ويجهو آهي اوهان جو رب جو اوهان ڪان اوهان جون برايون ميٽي ڇڏي ۽ اوهان کي اهڙن بهشتن ۾ داخل ڪري جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون) يعني جيڪڏهن اوهان سچي دل سان توبہ ڪندؤ تہ الله عزوجل جي رحمت ڪان پري ناهي جو اهو اوهان جي براين کي ميٽي ڇڏي ۽ اوهان کي انهن جنتن ۾ داخل ڪري جن جي هيٺان نهرون وهن پيون. "يَوْمَ لَا يُخْزِى اللّٰهُ النَّبِىَّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ" (جنهن ڏينهن الله نبي کي ۽ جن ان سان گڏ ايمان آندو انهن کي خوار نہ ڪندو) هن ۾ ڪافرن جي ان غلط خيال جي ترديد ڪيل آهي جيڪي چوندا هئا تہ جيئن نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام ۽ سندس ساٿي دنيا ۾ خصوصا مڪہ مڪرمہ واري زندگي ۾ مسڪين، غريب، نادار ۽ (معاذالله) انهن ڪافرن جي نظر ۾ خوار خراب آهن تہ انهن جو قيامت ۾ بہ اهو حال هوندو. الله عزوجل فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن نبي ۽ ان جا ساٿي ان ڏينهن نهايت عزت وارا هوندا الله عزوجل انهن کي قيامت جي ڏينهن هر قسم جي خواريءَ ڪان پاڪ صاف رکندي ڪين اعليٰ مقام تي رکندو. "نُوْرُهُمْ يَسْعٰى بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَبِاَيْمَانِهِمْ" (سندن نور سندن اڳيان ۽ سندن سڄن پاسن ڪان ڊوڙندو) مطلب تہ مومن قيامت جي ڏينهن نهايت ممتاز مقام تي هوندا سندن اڳيان ۽ سندن سڄي پاسي ڪان سندن ايمان جو نور موجون هڻندڙ هوندو ۽ ڪافر ان ڏينهن انڌيرن ۾ ڏڪا ڪائيندا رهندا. "يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اَتْمِمْ لَنَا نُوْرَنَا وَاغْفِرْلَنَا اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ" (چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان جي لاءِ اسان جي نور کي ڪامل رک ۽ اسان کي بخش فرماءِ بلاشڪ تون هر شيءِ تي قادر آهين) مطلب تہ قيامت جي ڏينهن مومن الله عزوجل ڪان اها دعا گهرندا رهندا تہ ياالله! تو اسان کي جنهن نور سان نوازيو آهي اهو اسان جي لاءِ ڪامل رک اهو اڻ پورو نہ رهي ۽ اسان ڪان جيڪڏهن گناهہ ٿيا

(١) المراغي ص ١٦۴ ـ جزءِ ٢٨ جلد ١٠ (٢) الفتوحات الالٰهية ص ٣٢٩ ـ جلد ۴
(٣) زادالمسير ص ٣١۴ ـ جلد ٨

آهن تہ اهي اسان کي بخش ڪرڻ فرماءِ يقينا تون هر شيءِ تي قادر آهين.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْآ اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا" (اي ايمان وارا! پنهنجن سرن ۽ پنهنجي اهل عيال کي باھ کان بچايو) فقهاءَ ڪرام فرمايو آهي تہ هن آيتن مان ثابت ٿيو تہ هر شخص تي فرض آهي پنهنجي زال ۽ اولاد کي شرعي فرائض ۽ حلال ۽ حرام جي احڪام جي تعليم ڏي ۽ ان تي عمل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري. (١) ٢. "عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّكَفِّرَ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ" (اوهان جو رب ويجهو آهي جو اوهان کان اوهان جون برايون بخش ڪري) هن جي وضاحت ۾ مفسرن لکيو آهي تہ "عَسٰى" لفظ جو ترجمہ اميد آهي ۽ هتي ان مان مراد وعدو آهي ان وعدي کي اميد جي لفظ سان آڻڻ ۾ ان طرف اشارو آهي تہ توبہ هجي يا انسان جا ٻيا صالح اعمال کو بہ جنت ۽ مغفرت جي قيمت ناهي ۽ نہ انصاف جي روءِ سان الله عزوجل جي ذمي ضرور آهي تہ ان کي جنت ۾ داخل ڪري ڇو تہ نيڪ عمل جو بدلو انسان کي هڪ تہ دنيوي نعمتن جي ذريعي ئي ملي ٿو. ان جي بدلي ۾ قانون ۽ قاعده جي لحاظ سان جنت ملڻ ضروري ناهي اها صرف الله عزوجل جي رحم، ڪرم ۽ فضل سان ملندي ان تي ئي موقوف آهي. (٢)

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ ۭ وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۭ	
اين نبي! جهاد ڪر ڪافرن سان ۽ منافقن سان ۽ سختي ڪر انهن تي ۽ انهن جي جاءِ جهنم آهي	
وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ (٩)	
۽ بري جاءِ موٽڻ جي آهي	

تفسير

اڳين آيتن ۾ جهاد ڪرڻ ۽ الله عزوجل ڏانهن رجوع ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هتي ڪافرن سان جهاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي تانت اهي بہ الله عزوجل ڏانهن توبہ ڪري رجوع ڪن. فرمان الهي آهي "يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ" (اي نبي! ڪافرن سان ۽ منافقن سان جهاد ڪر ۽ انهن تي سختي ڪر) يعني ڪافرن سان تلوار سان جهاد ڪريو ۽ منافقن کي الله جل جلالہ کان ڊيڄارڻ سان ۽ سندن دلي حالات کي بيان ڪري خوار ڪرڻ کان ڊپ ڏياريو جيئن محبوب پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن پنهنجي پاڪ مسجد ۾ انهن جا نالا وٺي ڪين مسجد مان ڪڍي ڇڏيو. اي فلاڻا نڪر، اي فلاڻا نڪري وڃ ائين چوندي، ڪيترن جا نالا ورتائون.

(١) معارف القرآن صـ٥١٣ـ جلد ٨ (٢) ساڳيو حوالو صـ٥٠٦ـ جلد ٨

"وَمَأْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ" (۽ انهن جي جاءِ جهنم آهي ۽ اها موٽڻ جي بري جاءِ آهي) مطلب تہ اهي نهايت بري جاءِ جهنم ۾ موٽي ايندا. (١)

فائدو: هن آيت مان معلوم ٿيو تہ بي دينن، ڪافرن تي سختي ڪرڻ سنت آهي پر جن جي ايمان آڻڻ جي اميد هجي ان سان نهايت نرميءَ سان پيش اچڻ ضروري آهي نہ تہ ڪافرن سان نرمي ڪرڻ ائين جرم آهي جيئن مومنن تي سختي ڪرڻ. اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪافر ۽ منافق هميشـــہ دوزخ ۾ هوندا بلڪ منافق صفا تري ۾ هوندا ڇو تہ انهن جو ڪفر ڪليلن ڪافرن کان بہ سخت خراب آهي.

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوا امْرَاَتَ نُوْحٍ وَّامْرَاَتَ لُوْطٍ ؕ كَانَتَا تَحْتَ

هنيو الله مثال انهن جي لاءِ جن ڪفر ڪيو نوح جي گهرواري ۽ لوط جي گهرواري هُيون هيٺان (نڪاح ۾)

عَبْدَيْنِ مِنْ عِبَادِنَا صَالِحَيْنِ فَخَانَتٰهُمَا فَلَمْ يُغْنِيَا

ٻن ٻانهن جي اسان جن ٻانهن مان صالح (ٻانها)پوءِ انهن سان خيانت ڪيائون پوءِ نہ فائدو ڏنائون

عَنْهُمَا مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا وَّقِيْلَ ادْخُلَا النَّارَ مَعَ الدّٰخِلِيْنَ (١٠) وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا

انهن ٻنهي کي الله وٽ ڪجهہ بہ ۽ چيوويو داخل ٿيو باهہ ۾ داخل ٿيندڙن سان گڏ ۽ هنيو الله مثال

لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا امْرَاَتَ فِرْعَوْنَ ۘ اِذْ قَالَتْ رَبِّ ابْنِ لِيْ

انهن جي لاءِ جن ايمان آندو فرعون جي گهرواريءَ جو جڏهن چيائين اي منهنجا رب! ٺاهہ مون لاءِ

عِنْدَكَ بَيْتًا فِي الْجَنَّةِ وَنَجِّنِيْ مِنْ فِرْعَوْنَ وَعَمَلِهٖ وَنَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ

پاڻ وٽ گهر بهشت ۾ ۽ ڇڏاءِ مون کي فرعون کان ۽ ان جي ڪم کان ۽ ڇڏاءِ مون کي قوم

الظّٰلِمِيْنَ (١١) وَمَرْيَمَ ابْنَتَ عِمْرٰنَ الَّتِيْٓ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا

ظالم کان ۽ مريم عمران جي ڌيءَ جنهن سنڀالي رکيو پنهنجي پرهيزگاريءَ کي

فَنَفَخْنَا فِيْهِ مِنْ رُّوْحِنَا وَصَدَّقَتْ بِكَلِمٰتِ رَبِّهَا

پوءِ ڦوڪيوسون ان ۾ روح پنهنجي طرفان ۽ تصديق ڪيائين پنهنجي رب جي فرمانن جي

وَكُتُبِهٖ وَكَانَتْ مِنَ الْقٰنِتِيْنَ (١٢)

۽ ان جي ڪتابن جي ۽ هئي فرمانبردارن مان

وقف لازم

(١) المراغي صـ١٦٦ـ جلد ١٠

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد جو حڪم هو ۽ هتي انهن ڪافر عورتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي نبين عليهم الصلواة والسلام جي نڪاح هيٺان رهندي به ڪفر کان نه مڙيون ۽ انهن کان پوءِ ڪافر مڙس وٽ رهندي مومن عورت جو مقام بيان ڪيو ويو آهي. فرمان ايزدي آهي "ضَرَبَ اللهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا امْرَاَتَ نُوْحٍ وَّامْرَاَتَ لُوْطٍ" الله ڪافرن جي لاءِ (حضرت) نوح ۽ (حضرت) لوط عليهما الصلواة والسلام جي گهروارين جو مثال بيان فرمايو آهي جنهن جو مقصد آهي ته ڪفر هڪ اهڙو گناهه آهي جو ان جي هوندي نه نسب جو تعلق ڪم ٿو ڏي نه زال مڙس هجڻ جو واسطو، ڪافر جو ڪفر سڀ تعلقات بيڪار بنائي ٿو ڇڏي جيڪڏهن ڪفر سان گڏ ڪو تعلق ڪم اچي ها ته حضرت نوح ۽ حضرت لوط علي نبينا وعليهما الصلواة والسلام جون گهرواريون جن ايمان قبول نه ڪيو هو نبين عليهما الصلواة والسلام جي گهروارين هجڻ جي ڪري جنت ۾ وڃن ها پر ائين نه ٿيو. "كَانَتَا تَحْتَ عَبْدَيْنِ مِنْ عِبَادِنَا صَالِحَيْنِ" (اهي ٻئي اسان جي ٻانهن مان ٻن صالحن جي (نڪاح جي) هيٺان هيون) حضرت نوح جي گهرواريءَ جو نالو واعلـه يا والعـه هو ۽ حضرت لوط جي گهرواريءَ جو نالو والهـه هو. (١) "فَخَانَتَاهُمَا فَلَمْ يُغْنِيَا عَنْهُمَا مِنَ اللهِ شَيْئًا وَّقِيْلَ ادْخُلَا النَّارَ مَعَ الدَّاخِلِيْنَ" (پوءِ انهن ٻنهي سان خيانت ڪيائون پوءِ انهن ٻنهي انهن (زالن) کي الله (جي عذاب) کان ڪجهه به فائدو نه ڏنو ۽ چيو ويو ته باهه ۾ داخل ٿيندڙن سان گڏ داخل ٿيو) مطلب ته هيون ته نبين علي نبينا وعليهم الصلواة والسلام جي نڪاح ۾ پر ڪافر هجڻ جي ڪري انهن کي ڪو به فائدو نه پيو ۽ نه الهي عذاب کان بچي سگهيون انهن جي لاءِ حڪم ڪيو ويو ته جهنم ۾ داخل ٿيندڙ ٻين ڪافرن سان گڏ اوهان به جهنم ۾ داخل ٿيو. "وَضَرَبَ اللهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا امْرَاَةَ فِرْعَوْنَ" (۽ الله ايمان وارن جي لاءِ فرعون جي گهرواريءَ جو مثال بيان فرمايو آهي. هن پلاريءَ ٻانهيءَ جو نالو آسيـه بنت مزاحم هو. جڏهن حضرت موسيٰ علي نبينا وعليـه الصلواة والسلام جادوگرن جي مقابلي ۾ انهن تي غالب ٿيو ته فرعون جي گهرواري مذڪوره بيبي صاحبـه ان تي ايمان آندو جڏهن فرعون کي اها خبر پئي ته ان حد کان وڌيڪ بي رحم تي بيبي صاحبه کي هٿن ۽ پيرن ۾ لوهي تلهيون ۽ وڌيون ميخون هڻائي شديد گرميءَ ۾ ڇڏيو. جڏهن ان جا ملازم ائين ڪري موٽي ويا ته الله

(١) نورالعرفان صـ٨٩٦ـ

جي ملائڪن اچي ان تي پرن سان ڇانو ڪئي. (١) "إِذْقَالَتْ رَبِّ ابْنِ لِيْ عِنْدَكَ بَيْتًافِي الْجَنَّـــةِ" جڏهن عرض ڪيائين تہ اي منهنجا پالڻهار! مون لاءِ پاڻ وٽ جنت ۾ گهر ٺاهہ. "عندك" مان مراد بلند مقام آهي جو تہ الله عزوجل مڪان ڪان پاڪ آهي. (٢) پوءِ الله عزوجل ان جي لاءِ پردا پري ڪري جنت سندس اکين اڳيان آندي ۽ جڏهن جنت ۾ پنهنجو گهر ڏٺائين تڏهن سندس سڀ درد دور ٿي ويا. "وَنَجِّنِيْ مِنْ فِرْعَوْنَ وَعَمَلِهٖ وَنَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ" (۽ مون کي فرعون ۽ ان جي ڪم کان ڇڏاءِ ۽ مون کي ظالم قوم کان نجات ڏيار) عمل مان مراد شرڪ آهي مطلب تہ ياالله! مون کي فرعون ۽ ان جي شرڪ ۽ ان سان گڏ هوندڙ ظالم قوم کان نجات ڏيار. مفسرن لکيو آهي تہ ان دعا کان پوءِ اها جيئري جنت ۾ پهچائي وئي اتي کائي ۽ پئي ٿي. (٣) "وَمَرْيَمَ ابْنَتَ عِمْرَانَ الَّتِيْٓ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِيْـــهِ مِنْ رُّوْحِنَا وَصَدَّقَتْ بِكَلِمَاتِ رَبِّهَا وَكُتُبِـــهٖ وَكَانَتْ مِنَ الْقٰنِتِيْنَ" (۽ عمران جي ڌيءَ مريم (ٻيو مثال آهي) جنهن پنهنجي پاڪدامني سنڀالي رکي هئي پوءِ اسان ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو ۽ (ان) پنهنجي رب جي فرمانن ۽ ان جي ڪتابن جي تصديق ڪئي ۽ فرمانبردارن مان هئي) هن سورة جي آخر ۾ عمران جي نياڻي سيده مريم سگهوري رضي الله عنها جو ذڪر آندو ويو آهي. ان جو ذڪر هن کان اڳي ڪيترن مقامن تي بہ اچي چڪو آهي. نهايت پارسا ۽ پرهيزگار عورت هئي. هتي الله عزوجل ٻڌايو آهي تہ ان پاڻ کي پاڪ صاف رکيو اسان ان ۾ پنهنجي طرفان خاص روح ڦوڪيو جيڪو سيدنا عيسىٰ (علىٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام) جي صورت ۾ ظاهر ٿيو سيده مريم الله عزوجل جي سڀني فرمانن ۽ ڪتابن جي تصديق ڪندڙ ۽ الله جلت صفاتـه جي فرمانبردار ٻانهن مان هئي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوا امْرَاَتَ نُوْحٍ وَّامْرَاَتَ لُوْطٍ" "الآيـــة" (الله ڪافرن جي لاءِ (حضرت) نوح ۽ (حضرت) لوط (علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) جي گهر وارين جو مثال بيان ڪيو آهي) هن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيو تہ ڪافر ڪفر. الله ۽ ان جي رسول (عليهم الصلواة والسلام) سان عداوت جي ڪري ضرور عذاب ڪيو ويندو ۽ ڪفر جي هوندي ان جو نبين عليهم الصلواة والسلام سان تعلق بہ ڪم نہ ڏيندو تہ ٻيا ڪير آهن جن جي ڪري ڪافر عذاب کان بچي سگهي؟ ٢."وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا امْرَاَةَ فِرْعَوْنَ" "الآيـة" (۽ الله ايمان وارن جي لاءِ فرعون جي گهرواريءَ جو مثال بيان فرمايو آهي) هن مان معلوم ٿيو تہ مومن جو ڪافر سان ڪو تعلق مومن کي نقصان نہ ڏيندو.

(١) خازن صـ٢٨٨ـ جلد ۴ (٢) مدارڪ بهامش خازن صـ٢٨٨ـ جلد ۴ (٣) ساڳيو حوالو

جيڪڏهن اهو ان ڪافر جي ڪفر، گناهہ ۽ ڪردار ۾ شامل ناهي. جيئن فرعون جي گهرواري هجڻ جي باوجود سيده آسيـــه بنت مزاحم رضي الله عنها جيئري جنت ۾ پهتي. ٣. "وَمَرْيَمَ ابْنَتَ عِمْرَانَ الَّتِيْ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا" (۽ عمران جي نياڻي مريم بہ مثال آهي ان پنهنجي پاڪدامني سنڀالي رکي) مان معلوم ٿيو تہ جنهن بہ مرد يا عورت پاڻ کي گناهہ کان بچايو. ان کي الله عزوجل ان جو پلو بدلو ڏيندو جيئن سيده مريم کي مڙس کان سواءِ حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جهڙو نامور فرزند عطا فرمايائين. (١)

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاجز گنهگار اڄ خميس جي ڏينهن بوقت سوا ڏهين بجہ بمورخـــه ٥ رجب ١٤٢٦هـ الموافق ٢٠٠٥،٨،١١ع تي پنهنجي گهر ۾ سورة التحريم جو تفسير لکي پورو ڪيو. رب العزة جل وعلا جي بارگاه عاليجاهہ ۾ دل سان دعا آهي تہ اهو ڪريم پنهنجي ڪريم حبيب عليـه التحيـــه والتسليم جي صدقي باقي رهيل تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪرڻ فرمائي آمين يا رب العلمين.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه



(١) القاسمي صـ ٢٣٠ـ جزءُ ١٦ جلد ٩

سورة "اَلۡمُلۡكُ" جوتعارف

هن عظيم الشان سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون سمجهڻ اهم آهن.

نالومبارڪ: هي نالو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جوتعداد: هن ۾ ٻه رڪوع، ٽيهه آيتون، ٽي سوٴ ٽيهه (٣٣٠) ڪلما ۽ هڪ هزار ٽي سوٴ تيرهن (١٣١٣) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، بخاري، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته سورة "تَبَارَكَ" "اَلۡمُلۡكُ" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول جوزمانو: هن سورة پاڪ کي غور ڪري پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو هن جو نزول نبوي دور جي ابتداءَ ۾ ٿيو آهي ۽ ان دور ۾نازل ٿيل ٻين سورتن وانگر هن ۾ ٻه انسان کي بار بار غور ۽ فڪر جي دعوت ڏني وئي آهي ۽ ان اڳيان الله عزوجل جي توحيد ۽ ڪبريائيءَ جا تڪويني دلائل نهايت موٴثر انداز ۾ پيش ڪيا ويا آهن ۽ متعدد سوال اٿاري انهن جي جواب جي ذميداري ماڻهن جي سلامتيءَ واري سمجهه جي حوالي ڪئي وئي آهي غور ۽ فڪر جا نوان طرف ان جي سامهون کوليا ويا آهن ۽ ڪين الله عزوجل جي طرفان عطا ڪيل قوتن کان ڪم وٺڻ جي دعوت ڏني وئي آهي.

مضمون: هن سورة پاڪ جي ابتداءَ الله مٺي جي عظمت ۽ جلال جي ذڪر سان ڪئي وئي آهي ۽ اهو ذڪر خود مالڪ مٺي پاڻ ڪرڻ فرمايو آهي. اهو ٻڌائي ته حياتيءَ ۽ موت جو تسلسل الله عزوجل ئي قائم ڪيو آهي هڪدم انسان جو توجه ان جي حڪمت ڏانهن موڙيو ويو آهي ته ان مان مقصد صرف اوهان جو امتحان وٺڻ آهي ته اوهان مان ڪير پنهنجي حياتي ڀلن ڪمن لاءِ وقف ڪري ٿو ان کان بعد پنهنجي قدرت ۽ حڪمت جي ثبوت جي لاءِ پنهنجي پيدا ڪيل ڪائنات جو بيان فرمايو اٿس ۽ پوري دنيا جي تنقيد ڪندڙن هوشيار ماڻهن کي بار بار دعوت ڏني وئي آهي ته ان ۾ ڪو عيب ڳولي ڪڍن يا ان کان ڀلو ڪو ٻيو نقشو تجويز ڪري ڏيکارين ۽ جڏهن اها ڪنهن ۾ ٻه جرءَت ناهي ته رب العزة جل مجده جي پيدا ڪيل ڪنهن به شيءِ تي آڱر ڪٿي سگهي ان کان ڀلو ته ڇا پر ان جو متبادل پيش ڪرڻ کان به ساري دنيا جا ماهر عاجز آهن ته نادان بنجڻ جي بجاءِ پنهنجي پاڻ کي ان جي حڪم جي اڳيان جهڪايو وڃي ۽ ان جي وحدانيت ۽ سڀني صفتن تي ايمان آڻڻ گهرجي جيڪو

(١) خازن ص ـ ٢٨٩ ـ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور ص: ٢٣٠ ـ جلد ٨

ائين نہ ڪندو ان جو انجام نهايت دردناڪ ٿيندو اهو اهڙي دوزخ ۾ اڇلايو ويندو جنهن جا باهہ جا شعلا ڪڙڪا ڪندي متي نڪرندا ان وقت اهو پنهنجين غلطين جو اعتراف ڪندو پر اهو ڪو فائدو نہ ڏيندو ان ضمن ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ سڀ انسان ناحق تي ناهن ڪجھہ اهڙا بہ آهن جيڪي پنهنجي پروردگار تي اڻ ڏٺو ايمان آڻين ٿا ۽ ان کي ناراض ڪرڻ کان هر وقت ڊڄندا رهن ٿا اهڙن ماڻهن جا گناھہ بہ بخشيا ويندا ۽ انهن کي اجر عظيم عطا ڪيو ويندو. ان کان بعد مالڪ مٿي پنهنجي قدرت جي ڪيترين نشانين کي بيان فرمايو آهي ۽ ٻانهن کي متنبــــہ ڪيو اٿس تہ جيڪڏهن اوهان پنهنجي حالت نہ سڌاري تہ اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي جو اوهان کي زمين ۾ ڳهرايو وڃي يا اوهان تي پٿر وسايا وڃن. ڪافرن پنهنجي عادت جي مطابق چٿر ڪندي قيامت جي باري ۾ سوال ڪيو تہ ڪين جواب ڏنو ويو تہ ان جو (حقيقي، ذاتي) علم الله جلت صفاتــہ وٽ آهي جڏهن اها ايندي تہ اوهان جا منهن مٺجي ويندا آخر ۾ هڪ اهم سوال ڪري جنهن جو انهن جي روز مره جي زندگيءَ سان گهاٽو تعلق آهي انهن جي معبودن جو بي وس هجڻ بيان ڪيو ويو آهي تانت اهي غور ڪن ۽ سمجهن ۽ پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي بارگاھہ ۾ نياز جي پيشاني جهڪائي وٺن ۽ ان جي محبوب عليہ الصلواة والسلام جي آندل دين کي قبول ڪن.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳينءَ سورة جي آخر ۾ دنيوي بادشاھہ فرعون جي گهر ۾ رهندڙ بيبي آسيــہ رضي الله عنها جي ايمان جو بيان هو تيئن هتي ٻڌايو ويو آهي تہ حقيقي بادشاهي الله جل شانـــہ جي قدرتي هٿ ۾ آهي اهي بادشاھہ سڀ عارضي هئا هاڻي انهن جي نہ بادشاهي رهي نہ اهي بادشاھہ رهيا آهن.

ڀلايون ۽ برڪتون: هن سورة مبارڪـــہ جي ڀلائي ۽ برڪت نبوي احاديث على قائلها الصلواة والسلام ۾ تمام گهڻي بيان ٿيل آهي هتي بہ ٽي حديثون پڙهندڙن جي شوق وڌائڻ جي لاءِ پيش ڪيون وڃن ٿيون.

١. ترمذي ۾ ٻين محدثن حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ "نبي ڪريم صلى الله عليــہ وسلم جن جي هڪ اصحابي بي خبر هجڻ دوران پنهنجو تنبو هڪ قبر تي لڳايو پوءِ اوچتو ان ٻڌو تہ ڪو ماڻهو سورة "اَلْمُلْكُ" پڙهي رهيو آهي تانجو ان اها سورة پڙهي پوري ڪئي پوءِ اهو اصحابي رضي الله عنہ نبي ڪريم عليــہ الصلواة والسلام جي خدمت ۾ آيو ۽ ڪين سمورو احوال عرض ڪيائين پاڻ فرمايائون تہ "اها (عذاب کي) روڪيندڙ، اها (پنهنجي پڙهندڙ کي) ڇڏائيندڙ آهي جيڪا ان کي قبر جي عذاب کان ڇڏائيندي."

٢. امام احمد، ابوداؤد، ترمذي، نسائي، ابن ماجه، حاڪم صحيح چوندي ۽ ٻين محدثن حضرت ابو هريرة رضي الله عنــه ڪان روايت آندي آهي تہ (سيدنا) رسول الله صلى الله عليــه وسلم جن فرمايو "اِنَّ سُوْرَةً مِّنْ كِتَابِ اللهِ مَاهِيَ اِلَّا ثَلَاثُوْنَ اٰيَـةً شَفَعَتْ لِرَجُلٍ حَتّٰي غُفِرَلَـهٗ" "تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ" يعني الله جي ڪتاب ۾ هڪ سورة آهي جيڪا صرف ٽيهہ آيتون آهي ان هڪ ماڻهو جي لاءِ شفاعت ڪئي تانجو ان کي بخش ڪيو ويو (اها) "تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ" آهي.

٣. ابن مردويـه سيده عائشــه رضي الله عنها ڪان راويت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليــه وسلم جن سفر ۾ يا حضر ۾ هر رات سورة "الٓمّٓ تَنْزِيْلُ السَّجْدَةَ" ۽ "تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ" پڙهندا هئا، ڇڏيندا نہ هئا. مٿيون روايتون لکي ان ڪان پوءِ علامــه آلوسي عليـه الرحمـة لکيو آهي تہ هن ۽ اهڙين ٻين روايتن جي ڪري مستحب آهي تہ هيءَ سورة هر رات تلاوت ڪجي ۽ مان ان الله جو حمد ٿو ڪيان جنهن مون کي سمجهہ جي عمر کي پهچڻ ڪان وٺي اڄ ڏينهن تائين ان جي تلاوت ڪرڻ جي توفيق ڏني آهي ۽ الله تعالىٰ ڪان دعا ٿو گهران تہ باقي زندگي بہ پڙهڻ جي توفيق ڏي ۽ قبول ڪرڻ فرمائي ۽ مون بخاري شريف جي بعض شرحن ۾ ڏٺو آهي تہ چند ڏسڻ وقت بہ هن سورة جي تلاوت ڪرڻ ان ارادي سان تہ ان جي ٽيهن آيتن جي برڪت سان مهيني جا ٽيهئي ڏينهن تڪليفن ڪان محفوظ رهجي مستحب آهي ۽ الله تعالىٰ ئي توفيق ڏيندڙ آهي. (١)



(١) روح المعاني ص ٢ ـ جزء ٢٩ جلد ١٠

وَهِيَ ثَلَاثُونَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْمُلْكِ مَكِيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوعَانِ
۽ اها ٽيهہ آيتون آهي	سورة الملڪ مڪي آهي	۽ ان ۾ ٻہ رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان، هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

تَبٰرَكَ الَّذِىْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ ز وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرُ (١)

برڪت وارو آهي اهو (الله) جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ بادشاهي آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي

الَّذِىْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ

اهو جنهن پيدا ڪيو موت ۽ زندگي تانت آزمائي اوهان کي تہ ڪهڙو اوهان مان وڌيڪ سهڻو آهي

عَمَلًا وَّهُوَالْعَزِيْزُ الْغَفُوْرُ (٢) الَّذِىْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا مَاتَرٰى

عمل ۾ ۽ اهو غالب، بخشڻهار آهي اهو جنهن پيدا ڪيا ست آسمان طبقا ڪري نہ ڏسندين

فِىْ خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ تَفٰوُتٍ فَارْجِعِ الْبَصَرَ هَلْ تَرٰى مِنْ فُطُوْرٍ (٣) ثُمَّ

رحمن جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪو نقص پوءِ وراءِ تون نگاهہ ڇا ڏسين ٿو ڪو رخنو ان ڪان پوءِ

ارْجِعِ الْبَصَرَ كَرَّتَيْنِ يَنْقَلِبْ اِلَيْكَ الْبَصَرُ خَاسِئًا وَّهُوَ حَسِيْرٌ (٤) وَلَقَدْ

موٽاءِ نگاهہ ٻہ ٻہ ڀيرا تہ موٽندي تو ڏانهن نگاهہ ناڪام ٿي ۽اها حسرت واري آهي ۽البت تحقيق

زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ وَجَعَلْنٰهَا رُجُوْمًا لِّلشَّيٰطِيْنِ وَاَعْتَدْنَا

سينگاريو اسان آسمان دنيا وارو تارن سان ۽ بنايو اسان انهن کي اُمڙ شيطانن جي لاءِ ۽ تيار ڪيو

لَهُمْ عَذَابَ السَّعِيْرِ (٥)

اسان انهن جي لاءِ ساڙيندڙ باهہ جو عذاب

تفسير

اڳينءَ سورة جي آخر ۾ الله عزوجل بيان فرمايو تہ اسان بيبي مريم ۾ پنهنجي قدرت سان روح ڦوڪيو ۽ هن سورة جي ابتداءَ ۾ بہ پنهنجي بادشاهي ۽ هر شيءِ تي قادر هجڻ بيان ڪندي ارشاد فرمائي رهيو آهي "تَبٰرَكَ الَّذِىْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ" (برڪت وارو آهي اهو (الله) جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ بادشاهي آهي ۽ اهو هر

شيءِ تي قادر آهي) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ "تَبٰرَكَ" جو ماخذ برڪـة آهي عربي ٻوليءَ جا سيئي ماهر چون ٿا تہ برڪت جي معنيٰ آهي وڌڻ ۽ زيادتي ان ڪان ئي مبالغي جي معنيٰ ۾ "تَبٰرَكَ" تفاعل جي باب ۾ ورتل آهي لغت جي علم ۾ مشهور عالم علامہ ابن منظور ان جي معنىٰ ڪندي لکيو آهي "تقدس وتنزه وتعالىٰ وتعاظم لاتكون هذه الصفة لغيره" (١) پاڪ آهي، منزهہ آهي اعليٰ آهي ۽ عظيم آهي ان ڪان سواءِ هيءَ صفت ڪنهن ٻئي ۾ نہ آهي ان جي معنيٰ خير جي ڪثرت ۽ خير جو دوام بہ ڪئي وئي آهي ان صورت ۾ ان جو مفهوم ٿيندو تہ الله عزوجل پنهنجيءَ مخلوق تي قسمين، قسمين خيراتن ۽ برڪتن جي بارش ايتري قدر ڪري ٿو جو ان جو شمار ممڪن ناهي ان اعتبار سان "تَبٰرَكَ" جو ڪلمو الله جل مجده جي لاءِ مستعمل هوندو. (٢) مطلب تہ اهو الله عزوجل منزه ۽ برتر آهي جنهن جي قدرتي هٿ ۾ حقيقي، ازلي ابدي بادشاهي آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي ان جي قدرت جو ڪمال عقل جي احاطي کان ٻاهر آهي. "الَّذِىْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا" (اهو (الله) جنهن موت ۽ حياتي پيدا فرمايا تانت اوهان کي آزمائي تہ اوهان مان ڪير عمل جي لحاظ سان وڌيڪ سهڻو آهي) يعني دنيا ۾ حياتيءَ ۽ موت جو سلسلو قائم ڪيائين ۽ اهو سڄو سلسلو اوهان جي آزمائڻ جي لاءِ آهي تانت اوهان مان نهايت سهڻن عملن وارو ڪير آهي ۽ موت کي حياتيءَ ڪان اڳ ۾ ان جي ڪري ذڪر ڪرڻ فرمايائين جو اهو وڌيڪ هيبت وارو آهي ان ڪان هر ڪو ڊڄي ٿو.

موت ڇا آهي؟

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ: موت مطلق فنا ۽ حياتيءَ جو ڪلي طرح ڪنجڻ ناهي اهو هڪ دار ڪان ٻي دار ڏي منتقل ٿيڻ آهي ۽ ان جي ڪري صحيح حديثن ۾ ثابت آهي تہ ميت ٻڌي ٿو، ڏسي ٿو ۽ قبر ۾ هوندي احساس رکي ٿو جيئن نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جو فرمان مبارڪ آهي. "ان احدكم اذاوضع في قبره وتولي عنه اصحابه وانه ليسمع قرع نعالهم" (بلاشڪ اوهان مان ڪو هڪ جڏهن قبر ۾ رکيو وڃي ٿو ۽ ان ڪان ان جا ساٿي (دفن ڪرڻ وارا) موٽن ٿا تہ بلاشڪ اهو انهن جي جتين جو کڙڪو ٻڌي ٿو (الحديث) ۽ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو "وَالَّذِىْ نَفْسِىْ بِيَدِه مَااَنْتُمْ بِاَسْمَعَ لِمَا اَقُوْلُ مِنْهُمْ لٰكِنَّهُمْ لَايُجِيْبُوْنَ" (ان پاڪ ذات جو قسم آهي جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ اوهان ان جي لاءِ جيڪو مان انهن

(١) ضياءُ القرآن صـ٣١١ـ جلد ٥ (٢) روح المعاني صـ٣ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠

کي چوان پيو وڏيک ٻڌندڙ ناهيو ۽ پر اهي جواب کو نہ تا ڏين) پوءِ موت روح جو بدن کان منقطع هجڻ ۽ ان کان جدا ٿيڻ آهي. (١) موت جي اها معنيٰ علامــــه قرطبي بہ لکي آهي. (٢) مفتي محمد شفيع ديوبندي صاحب بہ لکيو آهي سڀ کان زياده واضح ڳالهہ هيءَ آهي تہ موت عدم محض جو نالو ناهي بلک روح ۽ بدن جو تعلق ڪٽي روح کي هک جاءِ مان ٻيءَ جاءِ ڏانهن منتقل ڪرڻ جو نالو آهي. (٣)

هک ضروري وضاحت: مذکوره حوالن مان ثابت ٿيو تہ اسان اهل السنة والجماعة جو عقيدو صحيح آهي تہ الله عزوجل جا نبي عليهم الصلواة والصلام ۽ اولياءَ سڀ‍ڄورا ٻڌن ٿا. انهن کي مٽي ٿيل ۽ نہ ٻڌندڙ سمجهڻ غلط ۽ گمراهن جو عقيدو آهي.

"وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفُوْرُ" (۽ اهو ئي غالب، بخشٹهار آهي) يعني اهڙو غالب آهي جو ان جي پڪڙ کان کير ٻاهر وڃي نہ ٿو سگهي، بخشٹهار آهي جيکو ان ڏانهن دل سان سچي توبـــه کري اچي ٿو ان کي بخشي ٿو ڇڏي. "اَلَّذِیْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوَاتٍ طِبَاقًا" (جنهن ست آسمان طبقا طبقا کري پيدا فرمايا) مطلب تہ هک آسمان ٻئي آسمان جي مطابق آهي هک کان ٻئي جي وچ ۾ پنج سوء سالن جو پند آهي. (۴) "مَاتَرٰی فِیْ خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ تَفٰوُتٍ فَارْجِعِ الْبَصَرَ هَلْ تَرٰی مِنْ فُطُوْرٍ ثُمَّ ارْجِعِ الْبَصَرَ کَرَّتَیْنِ یَنْقَلِبْ اِلَیْكَ الْبَصَرُ خَاسِئًا وَّهُوَ حَسِیْرٌ" (رحمن جي خلقت ۾ ڪو تفاوت نہ ڏسندين پوءِ اک کي موٽاءِ ڇا ڪو نقص ڏسين ٿو وري اک کي ٻہ ڀيرا موٽاءِ تہ اک توڏانهن ناکام ٿي موٽندي ۽ اها حسرت کندڙ هوندي) يعني الله عزوجل پنهنجي قدرتي انتظام ۽ کاريگريءَ ۾ کٿي بہ کو تفاوت نہ کيو آهي ان هر شيءِ ۾ انسان کان وٺي حيوانات، نباتات، عناصر، علوي اجرام، ست آسمان ۽ نيرات ۾ برابر صنعت ڏيکاري آهي ائين ناهي تہ بعضي شين کي حکمت ۽ بصيرت سان ۽ بعض کي ائين ئي جيئن بہ ٿيو بيکار ۽ فضول پيدا فرمايائين. نہ هرگز نہ! جيکڏهن کنهن کي کو اهڙو وهم ۽ گمان آهي تہ ان جي عقل ۽ نظر جي ڀل يا غلطي آهي. ساري کائنات هيٺ کان مٿي تائين هک قانون ۽ مضبوط نظام سان جکڙيل آهي کٿي بہ کو رخنو، خلل يا ڦيرڦار ناهي اي مخاطب! تون بہ ڀلي پنهنجي نظر وري وري مٿي کٿي نهار تہ توکي کو بہ نقص نظر نہ ايندُو بلک تنهنجي نظر عيب ڳولڻ ۾ ناکام ٿي حسرت کندي واپس ٿيندي. "وَلَقَدْ زَیَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْیَا بِمَصَابِیْحَ وَجَعَلْنٰهَا رُجُوْمًا لِّلشَّیٰطِیْنِ وَاَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابَ السَّعِیْرِ" (۽ البت تحقيق اسان آسمان دنيا واري کي تارن سان

(١) صفوة التفاسير ص-۴١٥- جلد ٣ (٢) القرطبي ص-٢٠٦- جلد ١٨ (٣) معارف القرآن ص-٥١٥- جلد ٨ (۴) ايسرالتفاسير ص-٥١٨- جلد ۴

سينگاريو ۽ انهن کي شيطانن جي لاءِ اُمڙ بنايو ۽ اسان انهن جي لاءِ ساڙيندڙ باهه جو عذاب تيار ڪيو) مطلب تہ اسان دنيا واري آسمان ۾ تارا پيدا ڪري ان کي رونق بخشي آهي ۽ جيڪي شيطان ملائڪن جون ڳالهيون چوري ٻڌڻ جي ڪوشش ڪن ٿا اهي تارا انهن کي اُمڙ ٿي لڳن ٿا ۽ اسان انهن شيطانن لاءِ قيامت جي ڏينهن ڀڙڪندڙ باهه جو عذاب تيار ڪري رکيو آهي ٻين ڪافرن وانگر اهي بہ ساڙيا ويندا.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. آيت ع ـ١ـ مان معلوم ٿيو تہ الوهيت، معبود بالحق هجڻ جو حقدار هڪ الله وحده لاشريڪ لـــــه آهي ڇو تہ اهوئي برڪت، علم، صنعت، قدرت وارو آهي. ٢. آيت ع ـ٢ـ ۾ حياتي ۽ موت جي پيدا ڪرڻ جي حڪمت بيان ڪيل آهي تہ اهي انسان کي آزمائڻ جي لاءِ پيدا ڪيل آهن. ٣. عالم اجسام کي مُلڪ ۽ عالمِ ارواح ۽ عالمِ انوار کي ملڪوت سڏيندا آهن ۽ ظاهري قبضو مُلڪ ۽ باطني قبضو ملڪوت سڏيو ويندو آهي سڀ قبضا رب العزة جل وعلا جي قدرتي ڪنٽرول ۾ آهن. (١)

وَلِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ (٦)

۽ انهن جي لاءِ جن ڪفر ڪيو پنهنجي رب جو جهنم جو عذاب آهي ۽ اهو بري جاءِ موٽڻ جي آهي

اِذَآ اُلْقُوْا فِيْهَا سَمِعُوْا لَهَا شَهِيْقًا وَّهِيَ تَفُوْرُ (٧) تَكَادُ تَمَيَّزُ

جڏهن اڇلايا ويندا ان ۾ تہ ٻڌندا ان جون هينگون ۽ اهو اپامندو پيو ويجهو آهي جو ڦاٽي پوي

مِنَ الْغَيْظِ ؕ كُلَّمَآ اُلْقِيَ فِيْهَا فَوْجٌ سَاَلَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ

ڪاوڙ جي ڪري جڏهن بہ اڇلايو ويندوان ۾ هڪ ٽولوتہ پڇندا انهن کان داروغا ان جا تہ ڇا نہ آيو

يَاْتِكُمْ نَذِيْرٌ (٨) قَالُوْا بَلٰى قَدْ جَآءَنَا نَذِيْرٌ ۙ۬ فَكَذَّبْنَا

اوهان وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ چوندا تہ هائو تحقيق آيواسان وٽ ڊيڄاريندڙ پوءِاسان (ان کي)ڪوڙو چيو

وَقُلْنَا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۚ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ كَبِيْرٍ (٩) وَقَالُوْا لَوْ كُنَّا

۽ اسان چيوتہ نہ نازل ڪئي الله ڪا شيءِ ناهيو اوهان مگر گمراهيءَ وڏيءَ ۾ ۽ چيائون جيڪڏهن

نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِيْٓ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ (١٠) فَاعْتَرَفُوْا بِذَنْۢبِهِمْ ۚ فَسُحْقًا

ٻڌون ها يا عقل رکون ها اسان تہ نہ هجون ها جهنم وارن ۾ پوءِ مڃيندا پنهنجوگناهه پوءِ ڦٽڪار آهي

(١) نورالعرفان صـ٨٩٧ـ

لِّاَصۡحٰبِ السَّعِيۡرِ (١١)

جهنم وارن جي لاءِ

تفسير

اڳين آيتن ۾ جنن ۽ انسانن مان شيطانن جي لاءِ دوزخ جي عذاب جو ذڪر هو ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ اهو صرف شيطانن جي لاءِ نہ پر هر ڪافر جي لاءِ مقرر ٿيل آهي فرمان رباني آهي "وَلِلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِرَبِّهِمۡ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَبِئۡسَ الۡمَصِيۡرُ" (۽ جن پنهنجي رب جو انڪار ڪيو انهن جي لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ اهو موٽي اچڻ جي بري جاءِ آهي) مطلب تہ انسان هجي يا جِنُ هر قسم جي ڪافر ۽ رب پاڪ جي منڪر لاءِ جهنم جو عذاب آهيئي آهي ۽ اهو موٽي اچڻ لاءِ نهايت بري جاءِ آهي. "اِذَاۤ اُلۡقُوۡا فِيۡهَا سَمِعُوۡا لَهَا شَهِيۡقًا وَّهِيَ تَفُوۡرُ" (جڏهن بہ ان ۾ اڇلايا ويندا تہ ان جون (گڏهہ وانگر) هينگون ٻڌندا ۽ اهو اڀامندو رهندو) مطلب تہ ڪافرن تي سخت ڪڙڪا ڪندو پڙڪندي اڀامي ويندو ان جو آواز گڏهن جي هينگن وانگر دل کي ايذائيندڙ هوندو. "تَكَادُ تَمَيَّزُ مِنَ الۡغَيۡظِ" (ويجهو آهي جو ڪاوڙ جي ڪري ڦاٽي پوي) مقصد تہ جهنم کي ڪافرن تي تمام گهڻي ڪاوڙ هوندي جڻ تہ ڪاوڙ ۾ ڦاٽي رهيو آهي. "كُلَّمَاۤ اُلۡقِىَ فِيۡهَا فَوۡجٌ سَاَلَهُمۡ خَزَنَتُهَاۤ اَلَمۡ يَاۡتِكُمۡ نَذِيۡرٌ" (جڏهن بہ ان ۾ هڪ ٽولو اڇلايو ويندو تہ انهن کان ان جا داروغا پڇندا تہ ڇا اوهان وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ نہ آيو هو؟ اهو پڇڻ انهن کي وڌيڪ شرمنده ۽ خوار ڪرڻ جي لاءِ هوندو) يعني اوهان جو هن عذاب ۾ پيا آهيو ڇا اوهان کي ڪو سمجهائڻ وارو نہ آيو هو؟ "قَالُوۡا بَلٰى قَدۡ جَآءَنَا نَذِيۡرٌ فَكَذَّبۡنَا وَقُلۡنَا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ مِنۡ شَىۡءٍ اِنۡ اَنۡتُمۡ اِلَّا فِىۡ ضَلٰلٍ كَبِيۡرٍ" (چوندا تہ هائو تحقيق اسان وٽ ڊيڄارڻ وارو آيو هو پوءِ اسان (ان کي) ڪوڙو چيو ۽ اسان چيو تہ الله ڪا بہ شيءِ نازل نہ ڪئي آهي اوهان تہ وڏي گمراهيءَ ۾ آهيو) يعني پريشان حال ۾ شرمسار ٿيندي جهنم جي پڇندڙن داروغن کي جواب ڏيندا تہ اسان وٽ ڊيڄارڻ وارو بالڪل آيو هو پر اسان ان تي ايمان آڻڻ جي بجاءِ ان کي ڪوڙو ڪندي چيو تہ الله عزوجل ڪا بہ شيءِ نازل نہ ڪئي آهي اوهان وڏي گمراهيءَ ۾ آهيو تڏهن تہ اهي ڳالهيون ڪيو. "وَقَالُوۡا لَوۡ كُنَّا نَسۡمَعُ اَوۡ نَعۡقِلُ مَا كُنَّا فِىۡۤ اَصۡحٰبِ السَّعِيۡرِ" (۽ چوندا تہ جيڪڏهن اسين ٻڌون يا عقل رکون ها تہ جهنم وارن ۾ نہ هجون ها) مطلب تہ اسان جيڪڏهن عقل رکون ها ۽ نبي سڳوري جي ڳالهہ ٻڌي مڃون ها تہ جهنم وارن ۾ نہ هجون ها ۽ نہ اهي طعنا ٻڌون ها. "فَاعۡتَرَفُوۡا بِذَنۡۢبِهِمۡ فَسُحۡقًا لِّاَصۡحٰبِ السَّعِيۡرِ" (پوءِ پنهنجو گناهہ مڃيندا پوءِ جهنم وارن جي لاءِ ڦٽڪار آهي) يعني اقرار ڪندا تہ اسين واقعي مجرم ۽

هن سزا جا حقدار آهيون اسان کي هرويرو هن ۾ داخل نہ کيو ويو آهي پر ان وقت اهو اقرار ۽ اعتراف ڪم نہ ڏيندو انهن لاءِ چيو ويندو تہ: جهنم وارن ڪافرن لاءِ ڦٽڪار ۽ الله عزوجل جي رحمت کان دوريءَ جو فيصلو تي چڪو آهي.

فائدو: مذڪوره آيتن مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل جي رسولن عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوڻ ڪفر آهي ۽ انهن کان بعد انهن جو ئي پيغام پهچائيندڙن عالمن کي ڪوڙو چوندڙ بہ ان حڪم ۾ داخل آهي ان لاءِ بہ ساڳي سزا آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ موجود دور جا ملحد بہ ساڳيو جواب ڏين ٿا تہ ديندار هجڻ عقل ۾ پوئتي پوڻ، رجعت پسندي ۽ ترقيءَ جي واٽ ۾ وڏي رڪاوٽ آهي مگر اهي بہ قيامت جي ڏينهن دردناڪ عذاب ۾ پوڻ کان پوءِ اقرار ڪندا جيڪو ڪم جو نہ هوندو.(١)

إِنَّ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ لَهُمْ مَغْفِرَةٌ وَّأَجْرٌ كَبِيْرٌ (١٢)

بيشڪ اهي شخص جيڪي ڊڄن ٿا پنهنجي رب کان اڻ ڏٺو انهن جي لاءِ مغفرت ۽ ثواب وڏو آهي

وَأَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ أَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ ط إِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ (١٣)

۽ آهستي ڪيو پنهنجي ڳالهہ يا بلند آواز ڪيو اها بيشڪ اهو(الله) ڄاڻندڙ آهي سيني واريون ڳالهيون

أَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ ط وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ (١٤) هُوَ الَّذِيْ

ڇا نہ ٿو ڄاڻي اهو جنهن پيدا ڪيو ۽ اهوئي سنهيون شيون ڄاڻندڙ خبردار آهي اهو ئي آهي جنهن

جَعَلَ لَكُمُ الْأَرْضَ ذَلُوْلًا فَامْشُوْا فِيْ مَنَاكِبِهَا وَكُلُوْا مِنْ رِّزْقِهٖ

جنهن بنائي اوهان جي لاءِ زمين مسخر پوءِ هلو ان جي رستن ۾ ۽ کائو ان جي رزق مان

وَإِلَيْهِ النُّشُوْرُ (١٥)

۽ ان ڏانهن ئي اٿڻ آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن کي ڊيڄاريو ۽ عذاب جو وعيد ٻڌايو ويو ۽ هتي مومنن تي ٿيندڙ مهرباني بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. ”إِنَّ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ لَهُمْ مَغْفِرَةٌ وَّأَجْرٌ كَبِيْرٌ“ (بلاشڪ جيڪي (شخص) پنهنجي رب کان اڻ ڏٺو ڊڄن ٿا انهن جي لاءِ مغفرت ۽ وڏو اجر آهي) يعني جيڪي ماڻهو اهڙي جاءِ تي آهن جتي انهن کي گناهہ

(١) ايسرالتفاسير ص ـ ٥٢٢ ـ جلد ٤

ڪندي ٻيو ڪو انسان ڏسي يا روڪي نہ تہ سگهي پر خالص الله عزوجل جي خوف کان گناهہ نہ ٿا ڪن برائين کان بچن ٿا يا ماڻهن کان پاسي ٿي رهي قلب جي خلوص سان الله عزوجل جي عبادت ڪن ٿا تہ انهن جي لاءِ مغفرت ۽ وڏو ثواب ۽ درجو آهي. ابن مردويہ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: هن آيت ۾ مذڪور صفت وارا ابوبڪر، عمر، علي ۽ ابو عبيدة بن الجراح (رضي الله عنهم) آهن. (١) "وَاَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ اِنَّهٗ عَلِيْمٌ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ" (۽ پنهنجي ڳالهہ آهستي ڪيو يا وڏي آواز سان ڪيو بلاشڪ اهو (الله) دلين واريون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي).

شان نزول: سيدنا ابن عباس رضى الله عنهما فرمايو تہ هيءَ آيت انهن مشرڪن جي متعلق نازل ٿي هئي جيڪي نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن جي خلاف ڳالهائيندا هئا ۽ ڪين اهو سمورو احوال جبريل عرض ڪندو هو. جڏهن ڪافرن کي اها خبر پوندي هئي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن کان سندن ڳالهيون پوشيده ناهن تہ هڪ ٻئي کي چوندا هئا تہ آهستي ڳالهايو تہ محمد عليہ الصلواة والسلام جو الله نہ ٻڌي. (٢) انهن جي ترديد ڪندي فرمان ٿيو تہ اوهان آهستي ڳالهايو يا بلند آواز سان ڳالهايو اهو الله عزوجل کان لڪل نہ آهي يقين ڄاڻو تہ اهو تہ اوهان جي دلين جا راز ۽ اسرار بہ ڄاڻي ٿو ان کان ڊڄو ۽ ان جو ئي خوف رکو. (٣) "اَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ" (ڇا نہ ٿو ڄاڻي اهو (الله) جنهن پيدا فرمايو ۽ اهو ئي سنهيون شيون ڏسندڙ، خبر رکندڙ آهي) يعني آهستي ڳالهائڻ، راز ۽ سر جو خالق بہ اهو آهي ڇا اهو ان کي نہ ڄاڻندو؟ خالق کان مخلوق مخفي نہ ٿي رهي سگهي.

هڪ واقعو: علامہ علي بن عادل دمشقي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ: ابن المسيب فرمايو تہ "هڪ شخص رات جو گهاٽن وڻن ۾ ويٺو هو ۽ نهايت تيز هوا لڳي تہ دل ۾ چوڻ لڳو ڇا الله عزوجل هن هوا ۾ ڪرندڙ پن بہ ڄاڻي ٿو؟ تہ فورا ان جهنگل مان وڏي آواز سان ٻڌائين "اَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ" (ڇا اهو نہ ٿو ڄاڻي جنهن (انهن کي) پيدا ڪيو ۽ اهو سنهيون شيون ڄاڻندڙ، خبر رکندڙ آهي) (٤) "هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ ذَلُوْلًا فَامْشُوْا فِيْ مَنَاكِبِهَا وَكُلُوْا مِنْ رِّزْقِهٖ وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ" (اهو (الله) ئي آهي جنهن زمين کي اوهان جي لاءِ مسخر بنايو پوءِ ان جي رستن ۾ هلو ۽ ان جي رزق مان کائو ۽ ان ڏانهن ئي اٿڻو آهي) مطلب تہ جيڪو سڀ راز ڄاڻي ٿو

(١) الدرالمنثور ص ٢٣٦ ـ جلد ٨ (٢) زاد المسير ص ٣٢١ ـ جلد ٨ (٣) القاسمي ص ٢٤٣ ـ جزءُ ١٦ (٤) اللباب في علوم الكتب ص ٢٤٤ ـ جلد ٩

اهو ئي الله ڪريم ۽ رحيم آهي جنهن اوهان جي لاءِ زمين مسخر ۽ ان ۾ هلڻ ڦرڻ آسان ڪيو آهي اوهان ان جي ڪنڌن، پاسن ۾ گهمي ڦري ڏسو ۽ ان رزق مان کائو ۽ پيئو جيڪو اوهان جي لاءِ پيدا فرمايو اٿس ۽ جنهن اهو سڀ انتظام ڪيو آهي اهو اوهان کي قبرن مان اٿارڻ تي به قادر آهي اهو به يقين ڪيو ته ان ڏانهن اوهان کي اٿي هلڻو ۽ ان جي بارگاهه، بي ڪس پناهه ۾ اوهان کي پيش ٿيڻو آهي (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي ڳالهيون ذهن نشين ٿين ٿيون. ١. ع ـ١ـ آيت ع ـ١٢ـ مان معلوم ٿيو ته ايمان بالغيب ۽ اهو عقيدو رکڻ ته ڳجها ۽ لڪل عمل الله عزوجل ڄاڻي ٿو پلي شيءِ آهي حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن تهجد جي نماز ۾ ايترو روئندا هئا جو سندن سيني مبارڪ ۾ اهڙين آواز پڌڻ ۾ ايندو هو جيئن پاڻيءَ سان ڀريل ديگڙو يا ڪُنو رجهندي آواز ڪندو آهي ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنـــه جي سيني مان اهڙين خوشبوءِ ايندي هئي جيئن ڪو زيرو پڇي رکجي. حقيقت ۾ خوفِ خدا اهو آهي جيڪو انهن پيارن کان ظاهر ٿي رهيو هو. (٢) ٢. "وَكُلُوْا مِنْ رِّزْقِهٖ" (۽ ان جي رزق مان کائو) مان مراد آهي ته حلال ۽ پاڪ رزق کائو. صوفياءَ ڪرام فرمايو آهي ته جسم جي لاءِ جسماني رزق کائو ۽ روح جي لاءِ روحاني غذا استعمال ڪيو ۽ هي به معلوم ٿيو ته کاڌو کائڻ فرض آهي ڇو ته ان سان زندگيءَ جي بقا آهي ۽ زندگيءَ تي ئي عبادت جو مدار آهي ان جي ڪري بک هڙتال ڪرڻ حرام آهي. سمجهڻ گهرجي ته الله عزوجل جي عطا ڪيل رزق مان کائڻ سان گڏ ڪارائڻ به گهرجي. (٣)

ءَ اَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمُ الْاَرْضَ فَاِذَا هِيَ تَمُوْرُ (١٦)

ڇا بي خوف ٿيئو؟ ان کان جيڪو آسمان ۾ آهي ته ڳهرائي اوهان کي زمين ۾ پوءِ ان وقت اهاڏبي پئي

اَمْ اَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ يُّرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ؕ فَسَتَعْلَمُوْنَ كَيْفَ

يا امن وارا ٿيئو ان کان جيڪو آسمان ۾ آهي ته موڪلي اوهان تي پٿر پوءِ جلد ڄاڻندؤ ته ڪيئن آهي

نَذِيْرِ (١٧) وَلَقَدْ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَكَيْفَ

منهنجو ڊيڄارڻ ۽ البت تحقيق ڪوڙو ڄيو انهن جيڪي هئا انهن کان اڳي پوءِ ڪيئن هو منهنجو

كَانَ نَكِيْرِ (١٨) اَوَلَمْ يَرَوْا اِلَى الطَّيْرِ فَوْقَهُمْ صٰٓفّٰتٍ وَّيَقْبِضْنَ ؕ

انڪار ڪرڻ ڇا نه ڏٺائون پکين ڏانهن انهن جي مٿان پر کوليندڙ ۽ (پر) سميٽي رکن ٿا

(١) ايسرالتفاسير ص ـ٥٢٢ـ جلد ۴ (٢) نورالعرفان ص ـ٨٩٨ـ (٣) ساڳيو حوالو

وقف لازم، وقف منزل

مَايُمْسِكُهُنَّ	اِلَّاالرَّحْمٰنُ ؕ	اِنَّهٗ	بِكُلِّ شَیْءٍۭ بَصِیْرٌ	(١٩)
نہ ٿو روڪي رکي انهن کي	ڪو رحمن کان سواءِ	بيشڪ	اهو هر شي ڏسندڙ آهي	

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن کي اخروي عذاب کان ڊيڄاريو ويو ۽ هتي انهن کي متنبـــه ڪيو ويو آهي تہ اوهان کي دنيوي عذاب بہ ٿي سگهي ٿو. فرمان عاليشان آهي "ءَاَمِنْتُمْ مَّنْ فِی السَّمَآءِ اَنْ یَّخْسِفَ بِكُمُ الْاَرْضَ فَاِذَاهِیَ تَمُوْرُ" (ڇا اوهان ان کان امن وارا آهيو جيڪو آسمان ۾ آهي تہ اوهان کي زمين ۾ گهرائي ڇڏي تہ ان وقت اها ڏبي پئي) يعني ڇا اوهان کي اهو خوف ناهي تہ جيڪو رب پاڪ آسمانن جو خالق آهي مٿان اهو اوهان جي بي فرمانين جي ڪري زمين کي ڏيڻ جو حڪم ڏئي اوهان کي ان ۾ غرق ڪري گهرائي ڇڏي. "اَمْ اَمِنْتُمْ مَّنْ فِی السَّمَآءِ اَنْ یُّرْسِلَ عَلَیْكُمْ حَاصِبًا فَسَتَعْلَمُوْنَ كَیْفَ نَذِیْرِ" (ڇا اوهان ان کان بي خوف آهيو جيڪو آسمان ۾ آهي تہ اوهان تي پٿر موڪلي (وسائي) پوءِ جلد ڄاڻندؤ تہ منهنجو ڊيڄارڻ ڪهڙي طرح آهي) مطلب تہ زمين ۾ گهرائڻ کان سواءِ اهو ان ڳالهہ تي بہ قادر آهي جو اوهان تي پٿرن جو مينهن وسائي پوءِ اوهان کي خبر پوندي تہ منهنجو خوف ڪهڙي نموني هوندو آهي. "وَلَقَدْ كَذَّبَ الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَكَیْفَ كَانَ نَكِیْرِ" (۽ البت تحقيق جيڪي انهن کان اڳي هئا انهن بہ ڪوڙو ڄيو هو پوءِ منهنجو انڪار ڪرڻ ڪهڙي طرح هو؟) يعني عاد، ثمود، وغيرهم سان جيڪي معاملا ٿي چڪا هئا انهن سان عبرت حاصل ڪيو ڏسو انهن جي ناپسنديده حرڪتن جو نتيجو ڪهڙو نڪتو انهن جي ڪفر ۽ شرڪ جي ڪين نهايت سخت سزا ملي. "اَوَلَمْ یَرَوْا اِلَی الطَّیْرِ فَوْقَهُمْ صٰٓفّٰتٍ وَّیَقْبِضْنَ" (ڇا پکين ڏانهن نہ ڏٺائون تہ سندن مٿان پرکوليندڙ آهن ۽ سميٽي ڇڏين ٿا) مطلب تہ پکين جي اڏامڻ تي غور سان نظر ڪن تہ اهي ڪنهن مهل پر کولي هلائن ٿا ۽ ڪنهن مهل انهن کي روڪي سميٽين ٿا پوءِ ان حال ۾ ڪرن ڇو نہ ٿا؟ "مَایُمْسِكُهُنَّ اِلَّا الرَّحْمٰنُ" (نہ ٿو روڪي رکي انهن کي ڪو رحمن کانسواءِ) مطلب تہ اهو سڀ الله عزوجل جي ڪرم، رحمت ۽ قدرت جو ڪرشمو آهي. هر شيءِ ان جي رحمت سان زنده آهي ۽ ان سان ئي هلي، ڦري ۽ اڏامي پئي ۽ اهي سڀ ڳالهيون الله عزوجل جي الوهيت ۽ معبود بالحق هجڻ جو دليل آهن. "اِنَّهٗ بِكُلِّ شَیْءٍۭ بَصِیْرٌ" (بلاشڪ اهو هرشيءِ ڏسندڙ آهي) ان جي اکيان پاڻيءَ ۾ ترندڙ، ميدانن ۾ هلندڙ، هوا ۾ اڏامندڙ ۽ ماءُ جي آنڊن جي وچ ۾ رهندڙ برابر آهن.

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. آيت عـ١٦ـ عـ١٧ـ ۾ الله عزوجل کان ۽ ان جي احکام کان منهن موڙيندڙن کي عذاب کان ڏيڄاريو ويو آهي تہ اهي بي خوف نہ رهن ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ الله عزوجل کان بي خوف رهڻ کافرن جو ڪم آهي. ٢. "مَا يُمْسِكُهُنَّ اِلَّا الرَّحْمٰنُ" (انهن کي رحمن کان سواءِ ڪير روڪي نہ ٿو رکي) هن مان معلوم ٿيو تہ بنا ٿنڀ ٽوٽيءَ جي آسمان کي بيهارڻ وارو بہ رب العزة جل وعلا آهي، جيڪو پکين کي ڪرڻ کان بچائڻ وارو آهي.

اَمَّنْ هٰذَا الَّذِیْ هُوَ جُنْدٌ لَّكُمْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْ دُوْنِ الرَّحْمٰنِ

يا ڪهڙو هي اهو آهي؟ جو اهو اوهان جو لشڪر آهي مدد ڪري ٿو اوهان جي رحمن کان سواءِ

اِنِ الْكٰفِرُوْنَ اِلَّا فِیْ غُرُوْرٍ (٢٠) اَمَّنْ هٰذَا الَّذِیْ يَرْزُقُكُمْ اِنْ اَمْسَكَ

ناهن ڪافر مگر ڌوکي ۾ يا ڪير آهي هي جيڪو رزق ڏيندو اوهان کي جيڪڏهن روڪي

رِزْقَهٗ بَلْ لَّجُّوْا فِیْ عُتُوٍّ وَّنُفُوْرٍ (٢١) اَفَمَنْ يَّمْشِیْ مُكِبًّا عَلٰى

رزق اوهان جو بلڪ ڏگها ٿيا سرڪشيءَ ۽ نفرت ۾ ڇا پوءِ جيڪو پنڌ ڪري ٿو اونڌو ٿي منهن

وَجْهِهٖٓ اَهْدٰٓى اَمَّنْ يَّمْشِیْ سَوِيًّا عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ (٢٢) قُلْ

پنهنجي تي وڌيڪ هدايت وارو آهي يا جيڪو پنڌ ڪري ٿو برابر ٿيندي سڌي واٽ تي فرماءِ تہ

هُوَ الَّذِیْٓ اَنْشَاَكُمْ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْئِدَةَ قَلِيْلًا

اِهو اُهو آهي جنهن پيدا ڪيو اوهان کي ۽ ڪيائين اوهان جي لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دليون ٿورو

مَّا تَشْكُرُوْنَ (٢٣) قُلْ هُوَ الَّذِیْ ذَرَاَكُمْ فِی الْاَرْضِ وَاِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ (٢٤)

شڪر ڪيو ٿا اوهان فرماءِ تہ اهو اُهو آهي جنهن پکيڙيو اوهان کي زمين ۾ ۽ ان ڏانهن ئي اٿاريا ويندؤ

وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ (٢٥) قُلْ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ

۽ چون ٿا تہ ڪڏهن آهي هي وعدو جيڪڏهن آهيو سچا فرماءِ تہ علم تہ صرف الله وٽ آهي

وَاِنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ (٢٦) فَلَمَّا رَاَوْهُ زُلْفَةً سِيْٓئَتْ وُجُوْهُ

۽ مان تہ صرف ڏيڄاريندڙ، ڪليل آهيان پوءِ جڏهن ڏسندا ان کي ويجهو تہ بڇڙا ڪيا ويندا منهن

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَقِيْلَ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَدَّعُوْنَ (٢٧) قُلْ اَرَاَيْتُمْ	
انهن جا جن ڪفر ڪيو ۽ چيو ويندو هيءُ اهوآهي جنهن جي اوهان طلب ڪنداهيئو فرماءِ تہ خبر ڏيو	
اِنْ اَهْلَكَنِىَ اللّٰهُ وَمَنْ مَّعِىَ	
جيڪڏهن هلاڪ ڪري مون کي الله (بفرض محال) ۽ انهن کي جيڪي مون سان گڏ آهن يا	
اَوْرَحِمَنَا فَمَنْ يُّجِيْرُ الْكٰفِرِيْنَ مِنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ (٢٨) قُلْ هُوَالرَّحْمٰنُ	
رحم ڪري اسان تي پوءِ ڪيربچائيندو ڪافرن کي دردناڪ عذاب کان فرماءِ تہ اهو رحمن آهي	
اٰمَنَّابِهٖ وَعَلَيْهِ تَوَكَّلْنَا فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ هُوَ	
اسان ان تي ايمان آندو آهي ۽ ان تي اسان توڪل ڪئي آهي پوءِ جلد ڄاڻندؤ تہ ڪير کليل	
فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ (٢٩) قُلْ اَرَاَيْتُمْ اِنْ اَصْبَحَ مَاۤؤُكُمْ غَوْرًا	
گمراهيءَ ۾ آهي فرماءِ تہ خبر ڏيو اوهان جيڪڏهن تي وڃي پاڻي اوهان جو سڪي ويل،	
فَمَنْ يَّاْتِيْكُمْ بِمَآءٍ مَّعِيْنٍ (٣٠)	تفسير
پوءِ ڪير آڻيندو اوهان وٽ پاڻي (مٺو) وهندڙ	

اڳين آيتن ۾ مشرڪن جي لاءِ الله جي قدرتي ڪمال پکين جي اڏامڻ وغيره کي بيان ڪندي انهن کي ان ۾ فڪر نہ ڪرڻ جي ڪري تنبيہ ڪئي وئي ۽ هتي انهن کي ئي متنبہ ڪيو ويو آهي تہ اهي جنهن غيرالله جي عبادت انهن کي پنهنجو مددگار سمجهي ڪن ٿا اهي سندن ڪنهن ڪم جا ناهن. فرمان مبارڪ آهي. "اَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ هُوَ جُنْدٌلَّكُمْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْ دُوْنِ الرَّحْمٰنِ اِنِ الْكٰفِرُوْنَ اِلَّافِيْ غُرُوْرٍ" (ڇا ڪهڙو آهي هيءُ جو اهو لشڪر آهي اوهان جي لاءِ مدد ڪري ٿو اوهان جي رحمن کان سواءِ ڪافر ناهن مگر ڌوکي ۾) مطلب تہ جيڪي ماڻهو ڪفر ڪن ٿا ڇا انهن وٽ ڪا اهڙي فوج آهي جو جيڪڏهن الله عزوجل جو عذاب انهن تي لهي تہ اهي سندن مدد ڪري سگهن ۽ رحمن جل شانہ کان سواءِ سندن ساٿ ڏئي سگهن. اهڙو ڪير بہ ڪو نہ آهي اهي شيطان جي مڪر ۽ ڌوکي ۾ آهن جو اهڙي کليل ڳالهہ کي بہ سمجهڻ کان قاصر آهن تہ دنيا ۾ ڪا بہ اهڙي طاقت ناهي جيڪا ڪين الله جلت عظمتہ جي مقابلي ۾ جڏائي سگهي. "اَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ يَرْزُقُكُمْ اِنْ اَمْسَكَ رِزْقَهٗ" (يا ڪير آهي هي جيڪو رزق ڏيندو اوهان کي جيڪڏهن روڪي ڇڏي (الله) پنهنجي رزق کي) مطلب تہ

جيڪڏهن الله عزوجل اوهان ڪافرن تي پنهنجي رزق جا دروازا بند ڪري ته اوهان کي رزق ڪير ڏيندو؟ ڪنهن ۾ مجال ناهي جو اوهان کي هڪ داڻو به ڏئي سگهي. "بَلْ لَّجُّوْا فِيْ عُتُوٍّ وَّنُفُوْرٍ" (بلڪ سرڪشيءَ ۽ نفرت ۾ ڏڳها ٿي ويا آهن) "لَجُّوْا" لفظ جي معنيٰ "تمادوا واصروا" (ڏڳها ٿيا ۽ هميشگي ڪيائون) مطلب ته پنهنجي سرڪشيءَ ۽ دين کان نفرت ڪرڻ ۾ ڪافر گهٽو وڌي ۽ ان تي ضد ڪري بيٺا آهن. "اَفَمَنْ يَّمْشِيْ مُكِبًّا عَلٰى وَجْهِهٖٓ اَهْدٰٓى اَمَّنْ يَّمْشِيْ سَوِيًّا عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ" (ڇا پوءِ جيڪو منهن ڀر اونڌو ٿي هلي ٿو وڌيڪ هدايت وارو آهي يا جيڪو سڌي واٽ تي هلي ٿو؟) هتي ڪافر جي حالت کي هڪ اهڙي شخص سان تشبيهه ڏني وئي آهي جيڪو منهن ڀر اونڌو ٿي هلي ٿو نه سڄي طرف ٿو نهاري نه کٻي طرف ۽ نه سامهون. اهڙو شخص ڪنهن وقت به تباهه ٿي سگهي ٿو ۽ ڪنهن کڏي ۾ ڪري ختم ٿي سگهي ٿو ۽ ممڪن ئي ناهي ته اهو منزل مقصود کي پهچي سگهي ۽ مومن کي اهڙي شخص سان تشبيهه ڏني وئي آهي جيڪو سڌو منهن مٿي ڪري هلي ٿو رستي ۾ هر نقصان واري شيءِ ڏسي ان کان بچندي اڳتي وڌي ٿو اهو سڌي واٽ تي آهي اهو ئي منزل مقصود ماڻيندو. "قُلْ هُوَالَّذِيْٓ اَنْشَاَكُمْ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْئِدَةَ" (فرماءِ ته اهو (الله) ئي آهي جنهن اوهان کي پيدا ڪيو ۽ اوهان ۾ ڪن ۽ اکيون ۽ دليون پيدا فرمايائين) مطلب ته الله عزوجل ئي آهي جنهن اوهان کي خصوصي نعمتن سان نوازيو اوهان کي حق جي ٻڌڻ لاءِ ڪن ۽ حق ڏسڻ جي لاءِ اکيون ۽ اهڙيون دليون عطا ڪيائين جن سان غور، فڪر ۽ تدبر ڪري حق کي مڃي سگهو ٿا ۽ جنهن مخلوق کي اهڙين نعمتن سان نوازيو ويو آهي ان تي لازم آهي ته حق کي مڃي باطل کان منهن موڙي. "قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ" (اوهان ٿورو شڪر ڪيو ٿا) يعني انهن سيني مهربانين هوندي به شڪر ٿورو ڪيو ٿا بلڪ شڪر ڪندڙ انسان ئي ٿورا آهن. "قُلْ هُوَالَّذِيْ ذَرَاَكُمْ فِى الْاَرْضِ وَاِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ" (فرماءِ ته (الله) اهو آهي جنهن اوهان کي زمين ۾ پکيڙيو ۽ ان ڏانهن ئي اوهان اٿاريا ويندؤ) يعني ابتداءَ به ان کان ٿي ته انتها به ان ڏانهن آهي ۽ جتان آيا آهيو اوڏانهن واپس ڪيا ويندؤ. پلو آهي ته ان تي ايمان آڻي ان جي ذڪر ۽ ان جي دين جي خدمت ۽ فڪر ۾ رهو. "وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" (۽ چون ٿا ته هي وعدو ڪڏهن پورو ٿيندو؟ جيڪڏهن سچا آهيو "ته ٻڌايو") يعني ڪافر مسلمانن کان پڇن پيا ته جنهن قيامت جي قائم ٿيڻ ۽ ان ۾ حساب ڏيڻ جي لاءِ پيش ٿيڻو آهي اها ڪڏهن ايندي؟ جيڪڏهن ان ڳالهه ۾ سچا آهيو ته تاريخ مقرر ڪري ٻڌايو. "قُلْ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَاللّٰهِ وَاِنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ" (فرماءِ

تہ علم تہ صرف الله وٽ آهي ۽ مان تہ صرف کليل ڊيڄاريندڙ آهيان) مطلب تہ قيامت ڪهڙي ڏينهن قائم ٿيندي اهو حقيقي ۽ اصل علم تہ صرف الله عزوجل وٽ آهي مون کي تہ صرف ان جي لاءِ اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي تہ مان اوهان کي ان جي اچڻ کان پهريان خبردار ڪيان اوهان کي ان ۾ ٿيندڙ دردناڪ عذابن کان ڊيڄاريان تانت اوهان توبہ ڪري الله عزوجل ۽ مون تي ايمان آڻيو. "فَلَمَّا رَاَوْهُ زُلْفَةً سِيْٓـَٔتْ وُجُوْهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَقِيْلَ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَدَّعُوْنَ" (پوءِ جڏهن ان کي ويجهو ڏسندا تہ ڪافرن جا منهن بڇڙا ٿيندا ۽ چيو ويندن تہ هي آهي اها (قيامت) جنهن جي طلب ڪندا هيئو) مقصد تہ جڏهن ڪافر قيامت کي قائم ڏسندا تہ ڊپ کان سندن منهن بڇڙا ٿي ويندا منهن جي رونق ختم ٿي ويندين، چپ لڙڪي پوندن، زبان ٻاهر نڪري ايندين، اکيون اندر ٿي ويندين ۽ ان وقت انهن کي چيو ويندو تہ هيءَ اٿو اها قيامت جيڪا تڪڙي طلب ڪندا هيئو. "قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَهْلَكَنِيَ اللّٰهُ وَمَنْ مَّعِيَ اَوْ رَحِمَنَا فَمَنْ يُّجِيْرُ الْكٰفِرِيْنَ مِنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ" (فرماءِ تہ جيڪڏهن الله مون کي ۽ جيڪي مون سان گڏ آهن هلاڪ ڪري يا اسان تي رحم ڪري تہ پوءِ ڪافرن کي دردناڪ عذاب کان ڪير ڇڏائيندو؟ ڪافرن جي تمنا هوندي هئي تہ مسلمان جلد مري ختم ٿي وڃن تہ سندن انتظار دور ٿي وڃي انهن کي جواب ڏنو ويو آهي تہ جيڪڏهن بفرض محال اوهان جي خواهش مطابق مان ۽ منهنجا ساٿي دنيا مان هلاڪ ڪيا وڃون يا اسان جي يقين ۽ عقيدي مطابق مون کي ۽ منهنجن رفيقن کي الله عزوجل پنهنجي رحمت سان نوازي تہ انهن ٻنهي صورتن ۾ اوهان کي ڪو فائدو نہ پوندو. اسان جي پڇاڙي ۽ آخرت نيٺ ڀلي آهي اوهان پنهنجو حال ٻڌايو تہ جنهن ڪفر ۽ سرڪشيءَ جي ڪري اوهان تي دردناڪ عذاب جو اچڻ يقيني آهي ان کان اوهان کي ڪير بچائيندو؟ "قُلْ هُوَ الرَّحْمٰنُ اٰمَنَّا بِهٖ وَعَلَيْهِ تَوَكَّلْنَا فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ هُوَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ" (فرماءِ تہ اهو رحمن آهي اسان ان تي ايمان آندو آهي پوءِ جلد ڄاڻندؤ تہ ڪير آهي جيڪو کليل گمراهيءَ ۾ آهي) يعني اسان جنهن تي ايمان آندو آهي اهو نهايت مهربان آهي ۽ اسان جي ان تي ئي توڪل آهي اسان جي ايمان جي ڪري نجات يقيني آهي ۽ ان تي توڪل ۽ ڀروسي ڪرڻ جي ڪري ڪاميابي ماڻينداسون ۽ جڏهن اوهان ۾ اهي ٻئي ڳالهيون ناهن تہ پوءِ جلد خبر پونديوَ تہ کليل گمراهہ ڪير آهي؟ "قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَصْبَحَ مَآؤُكُمْ غَوْرًا فَمَنْ يَّاْتِيْكُمْ بِمَآءٍ مَّعِيْنٍ" (فرماءِ تہ خبر ڏيو جيڪڏهن اوهان جو پاڻي (زمين ۾) ڇوسيل ٿي وڃي تہ پوءِ اوهان وٽ وهندڙ پاڻي ڪير آڻيندو؟) مطلب تہ حياتيءَ ۽ هلاڪ ڪرڻ جا سڀ اسباب ان الله عزوجل جي قدرتي قبضي ۾ آهن هڪ پاڻيءَ ڏانهن

نهاريو جنهن سان هر شيءِ جي حياتي آهي الله عزوجل جيڪڏهن ڪوهن، چشمن ۽ دريائن جي پاڻيءَ کي سڪائي ڇڏي ۽ اهو زمين ۾ چوسجي وڃي ته ڪنهن جي طاقت آهي جو موتيءَ جهڙو صاف شفاف پاڻي ايتري وڏي مقدار ۾ اوهان وٽ ٻاهر ڪڍي پهچائي سگهي؟ لهذا هڪ مومن کي ان خالق الکل مالڪ على الاطلاق تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. آيت ع ـ٢٠ـ مان معلوم ٿيو ته دنيا جي ڪيتري به عسڪري قوت الله عزوجل جي مقابلي ۾ ڪا حيثيت ۽ اهميت نه ٿي رکي. نمرود، شداد، فرعون جهڙا عنيد ۽ سرڪش الله عزوجل جي آرڊر سان تباهه ۽ برباد ٿي ويا. ٢. هن مان اهو به ثابت ٿيو ته قرآن ڪريم ۾ جتي به مددگار جي نفي آهي اتي ڪافرن جي الله عزوجل جي مقابلي ۾ مددگار جي نفي آهي ۽ جن آيتن ۾ مددگار جو ثبوت آهي اتي الله جل شانه جي اذن سان مراد آهي ۽ اهو ئي اسان اهل السنة والجماعة جو عقيدو آهي. ٣. آيت ع ـ٢٢ـ مان معلوم ٿيو ته ڪافرن جا بي ايمان هجڻ جي ڪري سمورا اعمال اونڌا آهن ۽ مومنن جا ايمان جي ڪري سمورا اعمال سڌا ۽ مقبول آهن. ٤. آيت ع ـ٢٣ـ مان معلوم ٿيو ته الله عزوجل پنهنجن خاص ٻانهن جي ڪم کي پاڻ ڏانهن نسبت ڪندو آهي ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار جا ڪن، اکيون ۽ دليون ته ملائڪ ٺاهيندا آهن مگر جڏهن سندس ئي اذن ۽ امر سان ٺاهين ٿا تڏهن حڪم ٿيو ته الله عزوجل ٺاهيا آهن.

الحمدلله جو مون گنهگار سُوْرَةُ "اَلْمُلْكُ" جو تفسير اڄ بمؤرخه ١٨ رجب ١٤٢٦هه الموافق ٢٥ آگسٽ ٢٠٠٥ع خميس جي ڏينهن صبح جو اٺ لڳي پنجويهن منٽن تي پنهنجي گهر لائبريريءَ ۾ لکي پورو ڪيو. مالڪ مٺي جي دربار ۾ دل سان دعا آهي ته شال ڪرم ڪري باقي رهيل سورتن جو تفسير به لکي پورو ڪرڻ نصيب ڪري. آمين ثم آمين يا رب العلمين بحرمة النبي الامي الامين عليه وعلى آله واصحابه التسليمات والتڪريمات الى يوم الدين .

دعا جو طالب

الفقير محمد ادريس الداهري

النقشبندي عفي عنه

سورة "القَلَمِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة پاڪ جا ٻه نالا مشهور آهن ١. ن ٢. القلم. جيڪي هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهن.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٻه رڪوع، ٻاونجاھ آيتون، ٽي سؤ ڪلما ۽ هڪ هزار ٻه سؤ ڇاونجاھ (١٢٥٦) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ نحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته سورة "نٓ، وَالْقَلَمِ" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول جو زمانو: هيءَ سورة سڳوري نبي اڪرم عليه الصلواة والسلام جن جي مڪه مڪرمه ۾ رهڻ واري دور ۾ لاٿي وئي هئي.

مضمون: جڏهن نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن البلدالامين ۾ دين جي دعوت ۽ ارشاد الى الحق جو سلسلو نهايت گرمجوشيءَ سان شروع ڪيو جيڪي قرآن ڪريم جون سورتون يا آيتون نازل ٿيون ته پاڻ پنهنجي دلين کي ڇڪيندڙ سهڻي لهجي سان پڙهي ماڻهن کي ٻڌايائون ته الهي احڪام جي پاڻ به پابندي ڪندا هئا ته سندن رحمت واري دامن سان وابسته نهايت خوشيءَ سان ان تي عمل پيرا ٿيندا هئا ان ڪيفيت کي ڏسي مڪه مڪرمه جا رهاڪو مشرڪ ڀڙڪي اٿيا تي ظلم ۽ ستم جي نهايت ڪيائون تي پر ان جي باوجود الله عزوجل جي ٻانهن پنهنجي حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جي ٻڌايل رستي تي وڏي همت سان هلڻ شروع ڪيو ۽ سختيءَ سان اهڙا عمل پيرا رهيا جو ٻيا انهن کي ڏسي حيران ٿي ويندا هئا ۽ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي ان ڳالهه کي ٻڌي ۽ ڪين ڏسي چوندا هئا ته "مجنون" آهي. الله جلت صفاته هن سورة جي شروعات ۾ قسم کڻي ڪافرن جي انهن الزامن جي ترديد ڪندي فرمايو ته "منهنجو محبوب "مجنون" ناهي پر بلند اخلاقن جي ان رفعتن تي فائز آهي جتي ٻيو ڪو پهچي نه ٿو سگهي" جنهن جو ڪردار ايترو بلند هجي، جنهن جي زندگي ايتري بي عيب ۽ بي داغ هجي، جنهن جا اعمال سراپا نور هجن ان کي "مجنون" چوڻ ڪيئن ٿو ٺهي؟ ان کان بعد فرمان آهي ته اي حبيب! عليك الصلواة والسلام اهي گهرن ٿا ته اوهان انهن سان نرمي ڪيو ته اهي به اوهان سان نرمي ڪن پر اوهان جو اهو شيوه ناهي جيڪو ڪفر، شرڪ ۽ برائيءَ

(١) ضياءُ القرآن صـ٣٦٧ـ جلد ٥ (٢) الدرالمنثور صـ٢٤٠ـ جلد ٨

جا مرتڪب بلڪ اڳواڻ آهن اوهان کي انهن سان گڏ هلڻ ڪيئن ٿو ٿهي. ان ڪان پوءِ دنيا جي پوڄا ڪرڻ ڪان دور رهڻ جي هدايت ڪيل آهي گڏوگڏ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ متقي ٻانهن جي لاءِ جنت آهي انهن جو معاملو ئي نرالو هوندو. غفلت جي ننڊ ۾ ستلن کي سجاڳ ڪري ٻڌايو ويو آهي تہ اٿو وقت اٿوَ پنهنجي پرور پاڪ جي بارگاھ ۾ سجدا ڪيو. جهڪي پئو نہ تہ قيامت جي ڏينهن اوهان ڪوشش ڪندؤ تہ بہ سجدو ڪري نہ سگهندؤ اوهان جون پٺيون ءِ ڪنڌ اُيا رهندا پڇاڙيءَ ۾ الله تعالیٰ پنهنجي حبيب عليـــه الصلواة والسلام کي تسلي ڏني آهي تہ اهي ڪافر هميشـــه سرڪشي ڪندي نہ رهندا اسين انهن کي اهڙي نموني تباھ ۽ برباد ڪنداسون جو اهي سوچي بہ نہ سگهيا هوندا. سورة جي پڇاڙيءَ ۾ حضرت يونس علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جي قصي کي بيان ڪري محبوب پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن کي صبر جي تلقين ڪئي وئي آهي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳينءَ سورة ۾ ڪافرن کي مختلف سزائن جي ذڪر سان ڊيڄاريو ويو ۽ هن سورة ۾ ڪافرن جي هڪ باغ کي ويران بنائڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪا هڪ قسم جي سزا آهي. (۱)

پڙهڻ ۽ برڪتون: ابي بن ڪعب کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن فرمايو "جنهن سورة "القلم" پڙهي الله ان کي انهن ٻانهن جيترو ثواب ڏيندو جن کي اخلاق جي سهڻو بنايو اٿس." (۲)

(۱) المراغي صـ۲۶ـ جزءُ ۲۹ جلد ۱۰ (۲) اللباب في علوم الكتب صـ۳۱۱ـ جلد ۱۹

وَهِيَ اثْنَتَانِ وَخَمْسُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْقَلَمِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ٥٢ آيتون آهي	سورة القلم مڪي آهي	۽ ان ۾ ٻه رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

نٓ وَالْقَلَمِ وَمَا يَسْطُرُوْنَ (١) مَآ اَنْتَ بِنِعْمَةِ رَبِّكَ بِمَجْنُوْنٍ (٢)

ن قسم آهي قلم جو ۽ جيڪي لکن ٿا ناهين تون پنهنجي رب جي نعمت جي ڪري مجنون

وَاِنَّ لَكَ لَاَجْرًا غَيْرَ مَمْنُوْنٍ (٣) وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ (٤) فَسَتُبْصِرُ

۽ بيشڪ تنهنجي لاءِ اجر اڻ ڪٽ آهي ۽ بيشڪ تون البت اخلاق وڏي تي آهين پوءِ جلد ڏسندين

وَيُبْصِرُوْنَ (٥) بِاَيِّكُمُ الْمَفْتُوْنُ (٦) اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ

۽ ڏسندا ته اوهان مان ڪير چريو آهي بلاشڪ تنهنجو رب اهو وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي ان کي

ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ص وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ (٧)

جيڪو گمراهه ٿيو ان جي واٽ کان ۽ اهو هدايت وارن کي وڏيڪ ڄاڻندڙ آهي

تفسير

اڳينءَ سورة جي آخري آيت ۾ ڪافرن کي متنبه ڪيو ويو ته جيڪڏهن اوهان جو وهندڙ، مٺو ۽ صاف سٿرو پاڻي زمين ۾ چوسرائي سڪائي ڇڏجي تانجو چشمن ۾ به پاڻي نه رهي ته اوهان کي اهو پاڻي ڪير آڻي ڏيندو؟ ۽ هتي هدايت ۽ معرفت جي چشمي سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي صورت مبارڪه ۾ جاري ڪيل چشمي جي شان عظمت ۽ سهڻي خلق کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "نٓ" حضرت مخدوم نوح هالائي عليه الرحمة هن جي معنيٰ ڪندي لکيو آهي هن مان مراد اها مڇي آهي جنهن جي پٺيءَ تي زمين رکيل آهي يا نون مان مراد لکڻ واري مس آهي يا لوح محفوظ آهي. (١) ٻين مفسرن ان جي معنيٰ ۽ مراد ۾ مختلف قول آندا آهن ١. ته هي الله عزوجل ۽ ان جي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام جي وچ ۾ راز آهن ۽ اولياءَ ڪرام کي انهن جو علم بارگاهه رسالت کان آسانيءَ سان عطا ٿيندو آهي. (٢)

(١)ترجمه فارسي ازحضرت مخدوم نوح عليه الرحمة ص٥٦٥۔ (٢) ضياءُ القرآن ص٣٢٩۔ جلد ٥

٢. حضرت معاوية بن قرة پنهنجي پيءُ کان انِ نبيِ ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کان روايت آندي آهي تہ پاڻ فرمايائون "ن لوح من نور" ن نور جي تختي آهي.
٣. ثابت بناني، حسن بصري ۽ قتادة جو قول آهي تہ "نٓ" مان مراد لکڻ واري مس آهي ۽ حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ "الله اول قلم پيدا ڪيو ان کان پوءِ ن (مس) ۽ اهو الله جو ارشاد ن والقلم آهي ان کان پوءِ قلم کي فرمايائين تہ لک ان عرض ڪيو تہ ڇا لکان؟ فرمايائين تہ "ما كان وماهو كائن الى يوم القيمة" جيڪي ٿيو ۽ جيڪي قيامت تائين ٿيندڙ آهي عمل، اجل، رزق، اثر پوءِ جيڪو ڪجهہ قيامت تائين ٿيندڙ هو اهو لکيائين" فرمايائون تہ پوءِ قلم جو منهن مُهَر هنيو ويو پوءِ نہ هليو ۽ نہ قيامت تائين هلندو ان کان پوءِ عقل پيدا فرمائي جبار فرمايو تہ "مون توکان وڌيڪ ڪا بہ پاڻ وٽ عجيب شي پيدا نہ ڪئي آهي مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم آهي تہ مان جنهن سان محبت ڪندس ان کي توسان ڪامل بنائيندس ۽ جنهن سان بغض رکندس ان کي تو ۾ ناقص رکندس" ان کان بعد فرمايائون تہ "عقل ۾ وڌيڪ ڪامل اهو آهي جيڪو الله جي اطاعت ۾ وڌيڪ ۽ اطاعت ۾ وڌيڪ عمل ڪندڙ آهي." (١) "وَالْقَلَمِ" (قسم آهي قلم جو) هن مان مراد ڇا آهي ان ۾ بہ اختلاف آهي ١. تہ ان مان مراد لوح محفوظ تي لکڻ وارو قلم آهي جيئن مذڪور حديث مان ثابت آهي. ٢. تہ ان مان مراد قلم جي جنس آهي ان جو ئي قسم کنيو ويو آهي علوم، فنون نظريات ۽ افڪار جي تعليم ۽ اشاعت ۾ زبان جي بيان ڪرڻ واري قوت جو بہ وڏو حصو آهي ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي پر ان جي افاديت زمان ۽ مڪان جي حدبندين ۾ محصور آهي پر قلم هڪ اهڙو اوزار آهي جيڪو زمان ۽ مڪان جي مسافتن کي تسليم نہ ٿو ڪري پر اهو گذريلن صدين جي علوم ۽ فنون سان حال ۽ مستقبل کي روشن ڪري ٿو ۽ دور دراز علائقن ۾ پيدا ٿيندڙن اولوا العزم حڪماءَ ۽ فضلاءَ جي افڪار ۽ نظريات کي دنيا جي ڪنڊ ڪنڊ تائين پهچائي ٿو قرآن ڪريم جيڪو علم ۽ حڪمت جي برتريءَ جو علمبردار آهي جنهن مٽيءَ مان ٺهيل آدم جي عظمت جو راز هن ڳالهہ کي قرار ڏنو آهي تہ ان جو سينو علوم ۽ فنون جو گنجينو هجي تہ ڪا بہ مخلوق تانجو نوري ملائڪ بہ ان سان همسريءَ جي دعويٰ نہ تا ڪري سگهن ان جي ڪري قرآن قلم جو جيڪو علم جي پکيڙڻ جو مؤثر ذريعو آهي ان جي شان کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ قسم کنيو آهي تانت قرآن ڪريم کي مڃڻ وارا قيامت تائين حڪمت ۽ دانش جي قافلي جي اڳواٽي ڪندا

(١) القرطبي ص ٢٢٣ ـ جلد ١٨

رهن ان جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ مسلسل جدوجهد ڪان تڪجي نہ پون ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ڪي ان جي روشنيءَ سان منور ڪرڻ جي لاءِ هر ممڪن محنت ڪن.
٣. تہ ان مان مراد ڪرامًا ڪاتبين جي لکڻ وارو قلم آهي جنهن سان انسانن جا اعمال لکندا آهن. (١) "وَمَا يَسْطُرُوْنَ" (۽ جيڪي لکن ٿا) لکڻ وارن مان مراد ملائڪ آهن ۽ جيڪي لکن ٿا ان مان مراد مجاهد ۽ سدي جي قول مطابق ذڪر آهي ۽ مقاتل جي قول مطابق انسانن جا اعمال لکندا آهن (٢) "مَآ اَنْتَ بِنِعْمَةِ رَبِّكَ بِمَجْنُوْنٍ" (تون پنهنجي رب جي نعمت جي ڪري مجنون ناهين) هي اڳئين مذڪور قسم جو جواب آهي ڪافر ۽ مشرڪ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جي پاڪ ذات جي مٿان چريي هجڻ جو الزام لڳائيندا هئا الله جل شانہ انهن جي ان ڪوڙي الزام جي قسم ڪٽي ترديد ڪري رهيو آهي فرمان آهي تہ قلم ۽ "مَايَسْطُرُوْنَ" جو قسم آهي ان ۾ ان ڳالهہ ڏانهن بہ اشارو آهي تہ جنهن پاڪ ذات جي باري ۾ هي اهڙيون لغو ڳالهيون ڪن ٿا اهو تہ اهڙي ساراهيل هستي آهي جو قلم ڪي ان جي تعريف ۽ ثنا ڪرڻ ڪان فرصت نہ ملندي آهي اهي ئي لکتون علمي دنيا جي لاءِ عزت ۽ افتخار جو باعث بنجنديون جن ۾ ان دلربا محبوب عليہ الصلواة والسلام جو پاڪ ذڪر هوندو ان تي تہ ان جي رب فضل ۽ ڪرم فرمايو آهي ان جي سهڻي منهن مبارڪ ڪي ڏسي اکيون روشن ٿيون ان جون حڪمت ڀريون ڳالهيون ٻڌي ويران دلين ۾ بهار اچي ٿي وڃي ان جي پاڪ صحبت ۾ بدبخت هڪ پل جيترو ويهي تہ ان ڪي ابدي سعادت جو تاج ڍڪايو وڃي ٿو ان جي نالي مبارڪ تي جيڪي ماٺهو پنهنجو سر ڪٽائن ٿا انهن ڪي سرمدي زندگيءَ سان سرافراز ڪري شهادت جي عالي منصب تي فائز ڪيو وڃي ٿو هر سچائي، هر صداقت جي لاءِ ان جو قول ۽ فعل عدل وارو شاهد تسليم ڪيو وڃي ٿو پاڻ سوچيو تہ جنهن جي حڪمت جو گلشن سدابهار هجي جنهن جون برڪتون بيشمار ۽ خوبيون ڳڻڻ ڪان مٿي هجن جنهن جي فصاحت ۽ بلاغت جو پوري دنيا ۾ ڪٿي جواب ئي نہ هجي ڇا اهڙي دلبر ڪي مجنون چوڻ جائز آهي؟ جيڪو اهڙي سهڻي ڪي مجنون چوي ان ڪان وڌيڪ چريو ٿي نہ ٿو سگهي. حضرت علامہ عارفِ رباني اسماعيل حقي رحمة الله عليہ هن آيت جي هڪ ٻي مفهوم بيان ڪندي لکيو آهي: "وفی التاويلات النجمية ما انت بنعمة ربک بمستور عما کان من الازل وماسيکون الی الابد لان الجن هوالستر وماسمی الجن جنا الا لاستستاره من الانس بل انت عالم لما کان وخبير لما سيکون ويدل علی احاطة علمہ قولہ عليہ السلام فوضع کفہ علی کتفي فوجدت برده بين ثدي وعلمت ماکان

(١) روح المعاني ص ٢٨ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠ (٢) زاد المسير ص ٤٢٨ـ جلد ٨

ومايكون" (١) يعني "تاويلات نجيمــه" ۾ آهي تہ مجنون جي معنيٰ مستور آهي آيت جي مراد هيءَ آهي تہ اوهان تي الله جي نعمت ڪرڻ جي ڪري جيڪو ازل ۾ هو ۽ جيڪو ابد تائين هوندو اوهان کان لڪل ناهي. مجنون لفظ جو مادو جن آهي ۽ ان جي معنيٰ ڍڪيل پردي ۾ رهيل آهي ۽ چنن ڪي بہ جن ان جي ڪري چيو وڃي ٿو جو اهي انسانن جي اکين کان لڪل هوندا آهن بلڪ پاڻ جيڪو ٿيو ان کان بہ واقف آهن ۽ جيڪو ٿيندو ان کان بہ! ۽ نبي ڪريم عليــه الصلواة والسلام جي ڪامل علم تي هيءَ حديث دلالت ڪري ٿي جنهن ۾ پاڻ فرمايو اٿن تہ "الله تعاليٰ پنهنجو قدرتي هٿ منهنجي ٻن ڪلهن جي وچ تي رکيو مون ان جي ٿڌڪار ڪي پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪيو پوءِ مون ماڪان ومايڪون ڪي ڄاڻي ڇڏيو" هي ان حديث ڏانهن اشارو آهي جيڪا محدث ترمذي روايت ڪئي آهي ۽ ان جي باري ۾ فرمايو اٿس تہ: هيءَ حديث حسن، صحيح آهي مون امام محمد بن اسماعيل بخاري کان هن حديث جي باري ۾ پڇيو ان بہ چيو تہ هيءَ حديث صحيح آهي. (٢) "وَإِنَّ لَكَ لَأَجْرًا غَيْرَ مَمْنُونٍ" (۽ بلاشڪ تنهنجي لاءِ البت اڻ کٽ اجر آهي) يعني اوهان جنهن سهٽي نموني سان نبوت جا وڏا بار کڻي محنت ڪري، دين جي دعوت ڏني آهي ان جي لاءِ اوهان جو اڻ کٽ ثواب آهي. (٣) "وَإِنَّكَ لَعَلَىٰ خُلُقٍ عَظِيمٍ" (۽ بلاشڪ اوهان وڏي اخلاق وارا آهيو.

خُلق ڇا آهي؟ علامــه فخرالدين رازي عليــه الرحمـــة ان جي معنيٰ بيان ڪندي لکيو آهي الخلق ملڪــة نفسانيــة يسهل علي المتصف بها الاتيان بالافعال الجميلــة" خلق هڪ نفساني ملڪہ آهي جو جيڪو ان سان موصوف هوندو ان جي لاءِ سهٹا ڪم ڪرڻ آسان ٿي ويندا آهن. وري لکي ٿو ڪنهن بہ سٺي ۽ سهٽي ڪم جو ڪرڻ جدا شيءِ آهي پر ان ڪي نهايت آسانيءَ سان ڪرڻ جدا شيءِ آهي ڪو بہ ڪم خُلق تڏهن چورائيندو جڏهن ان جي ڪرڻ ۾ تڪلف کان ڪم نہ ورتو ويندو. (۴) جيئن اک تڪلف کان سواءِ ڏسي ٿي، ڪن تڪلف کان سواءِ ٻڌي ٿو، زبان تڪلف کان سواءِ ڳالهائي ٿي. "عَظِيمٍ" (تمام وڏو) هن لفظ جي وضاحت ڪندي علامــه آلوسي عليــه الرحمـــة لکيو آهي تہ "لايدرك شاوه احد من الخلق" (۵) مخلوق مان جنهن تيز رفتاريءَ ۽ بلند عزم ڪي ڪير پهچي نہ سگهي ان ڪي عظيم چوندا آهن. آيت ۾ "عَلَىٰ" لفظ استعلاءَ جي لاءِ آهي يعني ڪنهن تي حاوي ٿيڻ، ڇانئجي وڃڻ. آيت جو مقصد

(١) روح البيان ص ١٠۴ ـ جلد ١٠ (٢) ضياءُ القرآن ص ٢٣٠ ـ جلد ۵ (٣) القرطبي ص ٢٢٦ ـ جلد ١٨ (۴) التفسيرالڪبير ص ٨١ ـ جزءُ ٣٠ (۵) روح المعاني ص ٣٠ ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠

آهي تہ اوهان سهڻن اخلاقن تي حاوي ۽ ڇانيل آهيو اهي سڀ اوهان کان تکلف کان سواءِ صادر ٿي رهيا آهن محمدي ذات جي آفتاب کان محمدي صفات ۽ احمدي ڪمالات جا چمڪارا خودبخود ظاهر ٿي رهيا آهن الله عزوجل جو فرمان اقدس آهي "قُلْ لَّآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُتَكَلِّفِيْنَ" (فرمايو تہ مان اوهان کان ان تي ڪو اجورو نہ ٿو گهران ۽ نہ مان تکلف ڪندڙن مان آهيان) "اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ" چوڻ سان ٻڌايو ويو تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي ذات تمام ڪمالات جي جامع آهي جيڪي ڪمالات اڳين رسولن ۽ نبين عليهم الصلواة والسلام ۾ متفرق ۽ جدا جدا لڌا ويا تي اهي سڀ حضور عليہ الصلواة والسلام جن ۾ موجود آهن بلڪ ائهن کي سندن واسطي ۽ هٿان مليا آهن (ڪماهو موضح في ڪتب السيرة) سندن خلق عظيم جي متعلق علماءَ وڏا وڏا ڪتاب لکيا آهن پڙهڻ ۽ ڏسڻ جهڙا آهن. علامہ محمد علي بن محمد علان بن ابراهيم البڪرى الشافعى المکى عليہ الرحمة جو ڪتاب شمس الآفاق ان موضوع تي نهايت عمدو ۽ اعليٰ آهي هتي ان مان ڪجهہ روايتون پڙهندڙن جي اڳيان رکجن ٿيون.

اخلاق حسنہ جي متعلق ڪجهہ روايتون

١. مسلم ۽ ابوداؤد حضرت انس رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن سيني ماڻهن کان اخلاق ۾ سهڻا هئا.

٢. جبير بن مطعم رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ مون (ام المومنينْ سيده) عائشہ رضي الله عنها کان نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي اخلاق جي متعلق پڇيو تہ ان فرمايو "القرآن" يعني جيڪو قرآن ڪريم جو حڪم آهي اهو سندن اخلاق هو ان کان پوءِ فرمايائين تہ ڇا اوهان سورة "المومنون" پڙهندا آهيو مون عرض ڪيو تہ هائو فرمايائين تہ پڙهہ مون "قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ" کان "وَهُمْ عَلٰى صَلَوٰتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ" تائين پڙهيو تہ فرمايائين (هن ۾ بيان ٿيل) هي سندن اخلاق هو.

٣. حضرت امام حسن بن علي رضي الله عنهما کان قرآن ڪريم جي آيت "فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللهِ لِنْتَ لَهُمْ" (پوءِ الله جي طرفان رحمت ڪرڻ جي ڪري اوهان انهن جي لاءِ نرم آهيو) جي متعلق روايت ڪيل آهي پاڻ فرمايائون تہ هي رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن جو خلق آهي جنهن جي الله عزوجل تعريف ڪئي آهي. (١)

(١) شمس الآفاق ص ٢٥، ٢٧ ـ

اخلاق حسنه جي تعليم

نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن صرف پاڻ "خلق عظيم" جا مالڪ نہ هئا پر اخلاق حسنه جي تعليم ڏيڻ وارا بہ آهن سندن ڪجهہ فرمان پڙهو. ١. امام احمد حضرت ابوهريرة رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ "مان سهڻن اخلاقن کي ڪمال تائين پهچائڻ جي لاءِ موڪليو ويو آهيان". ٢. حضرت ابوالدرداءَ رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "نهايت ڳري شيءِ جيڪا قيامت جي ڏينهن مومن جي لاءِ ميزان ۾ وڌي ويندي سهڻا اخلاق آهن". ٣. حضرت ابو هريرة رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن پنهنجن اصحابن کي فرمايو تہ "ماڻهن کي گهڻي تعداد ۾ جنت ۾ داخل ڪرڻ واري ڪهڙي شيءِ آهي؟ انهن عرض ڪيو تہ "الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ ڄاڻندڙ آهن" پاڻ فرمايائون تہ "ماڻهن کي جنت ۾ گهڻو داخل ڪندڙ تقويٰ ۽ سهڻا اخلاق آهن." ٤. حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اوهان ڪان مون کي وڌيڪ پيارو اوهان مان وڌيڪ سهڻي اخلاق وارو آهي." (١) "فَسَتُبْصِرُ وَيُبْصِرُوْنَ بِاَيِّكُمُ الْمَفْتُوْنُ" (پوءِ جلد ڏسندين ۽ ڏسندا تہ اوهان مان ڪير چريو آهي) "المفتون" جي معنيٰ "المجنون" (٢) ۽ قريش جي لغت ۾ المفتون اسم مفعول جو صيغو الجنون مصدر جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي. (٣) پوءِ مطلب ٿيندو تہ جلد ڏسندؤ ۽ ڏسندا تہ ڪنهن ۾ چريائپ آهي. مطلب تہ قيامت جي ڏينهن خبر پوندي تہ ڪنهن ۾ جنون آهي مومنن ۾ جيڪي الله سبحانه، جميل، جميع ڪمالات سان متصف، جميع نقائص ڪان منزه سان مشغول رهندڙ، پنهنجون همتون ان جي رضا ۾ صرف ڪندڙ، ان جي ناراض هجڻ ڪان پاسو ڪندڙ، اخروي، قوي، ابدي نعمتن کي دنيوي، فاني نعمتن تي ترجيح ڏيندڙ آهن يا دنيوي، فاني، عارضي نعمتون اختيار ڪري، پٿرن ۽ بي جان شين جي پوڄا ڪندڙن ۾؟ (٤) علامه محمد امين الهروي هن جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ جلد اوهان بہ ڏسندؤ ۽ ڪافر بہ ڏسندا تہ اسلام ڪيئن تو غالب ٿئي ۽ اوهان انهن ڪافرن کي قتل ۽ قيد ڪرڻ جا ڪيئن تا مالڪ بنجو ۽ اوهان جي سيني انسانن تي هيبت ڪيئن تي طاري ٿئي ۽ اهي ڪيئن تا ذليل ۽ خوار ٿين ۽ هيءَ بدر جي جنگ ۽ ٻين موقعن کي شامل آهي. (٥)

(١) المظهري ص٣٢ ـ جلد ١٠ (٢) تفسير الامام الحسن البصري ص٣٥٨ ـ جلد ٢ (٣) نظم الدرر ص٩٨ ـ جلد ٨ (٤) المظهري ص٨٥ ـ جلد ١٠ (٥) حدائق الروح والريحان ص٨٥ ـ جلد ٣٠

"إِنَّ رَبَّكَ هُوَ أَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيلِهِ وَهُوَ أَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِينَ" (بلاشڪ تنهنجو رب ان
کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪو سندس واٽ کان گمراھ ٿيو ۽ اهو هدايت وارن کي بہ
وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي) يعني جنهن الله عزوجل اوهان جي نهايت سهڻي تربيت ڪئي آهي
۽ اوهان کي عظيم اخلاق سان نوازيو آهي ان کي گمراھ جو بہ علم آهي تہ اهو
هدايت وارن کي بہ وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ۽ اهي راز قيامت جي ڏينهن ظاهر ٿيندا. (۱)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ملن ٿا. ۱. "نٓ وَالْقَلَمِ" جي تفسير ۾ صوفياءَ
ڪرام فرمايو آهي تہ "ن" محبوب عليہ الصلواة والسلام جو واٽ مبارڪ ۽ "الْقَلَمِ"
سندن زبان مبارڪ آهي. ۲. "وَإِنَّ لَكَ لَأَجْرًا غَيْرَ مَمْنُونٍ" (۽ بلاشڪ اوهان جي لاءِ اڻ
کٽ اجر آهي) جو قيامت تائين اوهان جا امتي جيڪي سهڻا عمل ڪندا انهن جو اجر
بہ اوهان کي ملندو ڇو تہ اوهان ئي انهن کي اهي عمل ٻڌايا آهن. (۲) ۳. اجر مان
مراد سندن شفاعت جو قبول پوڻ آهي جيڪا وڏن گنهگارن کي بہ نصيب ٿيندي الله
عزوجل سيني جي مغفرت لاءِ ڪين مايوس نہ ٿو ڪري سندن صدقي امت عتاب ۽
عذاب کان بچندي. (۳)

فَلَا تُطِعِ الْمُكَذِّبِينَ (۸)	وَدُّوا لَوْ تُدْهِنُ	فَيُدْهِنُونَ (۹)
پوءِ نہ اطاعت ڪر ڪوڙو چوندڙن جي	چاهين ٿا جيڪڏهن نرمي ڪرين	تہ پوءِ (اهي بہ) نرمي ڪن

وَلَا تُطِعْ كُلَّ حَلَّافٍ مَّهِينٍ (۱۰) هَمَّازٍ مَّشَّاءٍ بِنَمِيمٍ (۱۱) مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ

۽ نہ اطاعت ڪر هر وڏا قسم کڻندڙ ذليل گهڻا طعنا هڻندڙ، چغلخور خير کان روڪيندڙ تجاوز ڪندڙ

أَثِيمٍ (۱۲) عُتُلٍّ بَعْدَ ذَٰلِكَ زَنِيمٍ (۱۳) أَنْ كَانَ ذَا مَالٍ وَبَنِينَ (۱۴) إِذَا

گناہ ڪندڙ سخت طبيعت جي ان کان پوءِ بدنسل ان سببان جو مال ۽ پٽن وارو آهي جڏهن

تُتْلَىٰ عَلَيْهِ آيَاتُنَا قَالَ أَسَاطِيرُ الْأَوَّلِينَ (۱۵) سَنَسِمُهُ عَلَى

پڙهيون وڃن ٿيون ان وٽ اسان جون آيتون تہ چوائين پهرين جون آکاڻيون آهن جلد نشان ڪنداسون

الْخُرْطُومِ (۱۶)

ان کي نڪ تي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جو قول ذڪر ڪيو ويو تہ انهن نبي پاڪ عليہ الصلواة
والسلام جن کي مجنون چيو هو حالانڪ پاڻ دين ۽ خلق ۾ ڪمال جا صاحب هئا

(۱) نظم الدرر ص۹۹ ـ جلد۸ (۲) نورالعرفان ص۹۰۰ ـ (۳) حدائق الروح والريحان ص۸۳ ـ جلد ۳۰

هتي ڪين فرمان تيو آهي تہ اوهان انهن ڪافرن ڪان نہ گهبرايو نہ انهن جو چوڻ ڪيو نہ انهن جي مشوري تي هلو اهي اوهان کي ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندا. فرمان مبارڪ آهي "فَلَا تُطِعِ الْمُكَذِّبِيْنَ" (پوءِ ڪوڙو چوندڙن جي اطاعت نہ ڪريو) ان جو مطلب اهو ناهي تہ حضور عليـــہ الصلواة والسلام جن انهن جي اطاعت لاءِ سوچيو هو بلڪ مراد هيءَ آهي تہ جيئن اوهان انهن جي اطاعت نہ تا ڪيو تيئن ان تي مضبوط رهو، هميشگي ڪيو انهن سان ڪنهن بہ قسم جو نرم رويو نہ ڪيو. "وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُوْنَ" (چاهين تا تہ جيڪڏهن نرمي ڪيو تہ پوءِ اهي بہ نرمي ڪن) ڪافرن جي خواهش هئي تہ نبي پاڪ عليـــہ الصلواة والسلام جن سندن بتن کي باطل نہ چون تہ اهي ڪين مجنون يا ساحر وغيره نہ چوندا. الله عزوجل پنهنجي حبيب عليـــہ الصلواة والسلام جن کي ان ڪان روڪيو. "وَلَا تُطِعْ كُلَّ حَلَّافٍ مَّهِيْنٍ هَمَّازٍ مَّشَّآءٍ بِنَمِيْمٍ مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ عُتُلٍّ بَعْدَ ذٰلِكَ زَنِيْمٍ" (۽ هر وڏا قسم ڪڻندڙ، ذليل، طعنا هڻندڙ، چغلخور، خير ڪان روڪيندڙ، حد ڪان لنگهندڙ، گنهگار، سخت طبيعت ان ڪان پوءِ بدنسل جي اطاعت نہ ڪيو) هنن آيتن ۾ ڪجهہ عيب ذڪر ڪيا ويا آهن عام ماڻهن ۾ انهن مان ڪن يا ڇئن عيبن جو هجڻ ممڪن هوندو آهي پر سيني ۾ انهن سيني عيبن جو هجڻ محال نہ تہ مشڪل ضرور آهي علماءِ ڪرام لکيو آهي تہ هن آيت ۾ مذڪوره عيب هڪ ئي شخص جا آهن. اهو شخص ڪير هو ان سلسلي ۾ ٽن ڪافرن جا نالا ورتا وڃن تا "۱" وليد بن مغيره، "۲" اسود بن عبد يغوث، "۳" اخنس بن شريق. اڪثر علماءِ وٽ وليد بن مغيره مراد آهي اهي عيب هي آهن ۱. "حَلَّافٍ" (وڏا قسم ڪڻندڙ) يعني باطل ۽ ڪوڙا قسم ڪڻڻ وارا هونءَ بہ گهڻا قسم ڪڻڻ مڪروه آهن.(۱) ۲. "مَهِيْنٍ" ذليل جنهن ۾ تميز ۽ عقل ڪامل نہ هجي. ۳. "هَمَّازٍ" (گهڻا طعنا هڻندڙ) جيڪو ماڻهن کي ٽوڪي. ۴. "مَشَّآءٍ بِنَمِيْمٍ" (چغلخور) جيڪو هڪڙن جون ڳالهيون ٻين کي پهچائي ۽ ٻنهي ڌرين کي ويڙهائي، ڦٽائي تباهہ ڪري. ۵. "مَنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ" (خير ڪان روڪيندڙ) خير مان مراد ايمان في سبيل الله خرچ ڪرڻ ۽ صالح عمل آهن. ۶. "مُعْتَدٍ" (حد ڪان لنگهندڙ) جنهن جو ڏندو ماڻهن تي ظلم ڪرڻ آهي. ۷. "اَثِيْمٍ" (گنهگار) گهڻا گناهہ ڪري الله عزوجل کي ناراض بنائي. ۸. "عُتُلٍّ" (سخت مزاج) گهٽو ڪائيندڙ. (۹) "زَنِيْمٍ" (بدنسل) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ ان مان مراد ولدالزنا آهي؛ (۲) "اَنْ كَانَ ذَا مَالٍ وَّبَنِيْنَ" (ان سببان جو مال ۽ پٽن وارو آهي) يعني مالدار ۽ پٽن واري جي ماڻهو اطاعت ڪندا آهن ان جي چوڻ ڪي

(۱) المظهري ص۳۴ـ جلد ۱۰ (۲) روح المعاني ص۳۳ـ جزءُ ۲۹ جلد ۱۰

اهميت ڏيندا آهن پر اوهان ان جي ڪڏهن بہ اطاعت نہ ڪئي آهي ۽ نہ اڳتي ڪندؤ ۽ نہ ڪجو يا مراد آهي تہ ان مالدار ۽ پٽن وارو هجڻ جي ڪري ڪفر ڪيو ۽ قرآن پاڪ کي ڪوڙو چيو آهي. (١) "اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ" (جڏهن ان وٽ اسان جون آيتون تلاوت ڪيون وڃن ٿيون تہ چوي ٿو پهرين جون آکاڻيون آهن) مطلب تہ جڏهن ان جي اڳيان قرآن ڪريم جون آيتون جن ۾ الله جل جلالہ جي توحيد ۽ نبين عليهم الصلواة والسلام جي رسالت جا دلائل موجود آهن پڙهيون وڃن ٿيون تہ چوڻ لڳو: هي تہ اڳين وفات ڪري ويلن جون آکاڻيون آهن الله عزوجل جو ڪلام ناهي. "سَنَسِمُهٗ عَلَى الْخُرْطُوْمِ" (اسين جلد ان کي سونڊ (نڪ) تي نشان ڏينداسون) يعني مذڪور عيبن واري جي نڪ تي اهڙو نشان ڪنداسون جو جيڪو ان کي ڏسندو اهو سڃاڻي ويندو تہ اها بدبختي ۽ نجي برائي آهي ۽ هن ۾ ان جي تمام گهڻي تذليل ۽ تحقير آهي ڇو تہ نڪ ۾ واڳ اٺ ۽ رڇ ۽ ٻين جانورن کي هنئي ويندي آهي ڪلام جو خلاصو هي آهي تہ اسين ان کي دنيا ۾ ذليل ڪنداسون ۽ آخرت ۾ ان جي نڪ تي اهڙو نشان لڳائينداسون جو هر ڪو ڏسڻ شرط سڃاڻندو تہ هي نهايت بدبخت ۽ شرير هو ۽ آهي. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "فَلَا تُطِعِ الْمُكَذِّبِيْنَ" (پوءِ ڪوڙو چوندڙن جي اطاعت نہ ڪيو) مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن بي دين جي ان جي دين ۾ اطاعت ڪرڻ يا ڪفر آهي يا حرام! مگر اڪراه (بي وس هجڻ) جي صورت ۾ جدا شيءِ آهي ۽ هيءَ ڳالهہ بہ چڱي طرح ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ هن آيت ۾ بظاهر خطاب تہ حضرت نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن سان آهي مگر ان مان مراد عام مسلمان آهن ڇو تہ حبيب عليہ الصلواة والسلام جن ڪان ڪافرن جي اطاعت ڪرڻ ناممڪن آهي اهو اسان جو ايمان ۽ عقيدو آهي. ٢. "وَلَا تُطِعْ كُلَّ حَلَّافٍ" کان " سَنَسِمُهٗ عَلَى الْخُرْطُوْمِ" تائين آيتن مان معلوم ٿيو تہ سيدنا رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن جي بي ادب، گستاخ جا عيب بيان ڪرڻ خداوندي سنت آهي جو الله جلت صفاتہ ستار ۽ غفار هجڻ جي باوجود دشمن ۽ گستاخ جا عيب بيان ڪندي ان کي ولدالزنا تائين سڏيو آهي. ٣. مذڪوره آيتن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ اهي ڪم مسلمانن کي نہ ڪرڻ گهرجن اهو ڪافرن ۽ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي بي ادبن جو ڪم آهي. ۴. مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ هي آيتون وليد بن مغيره جي متعلق نازل ٿيون جڏهن ان اهي ٻڌيون تہ اهو پنهنجي ماءُ وٽ آيو ۽ ان کي چيائين تہ

(١) المظهري ص٥ـ جلد ١٠ (٢) المراغي ص٣٢ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠

(حضرت) محمد (عليه الصلواة والسلام) جن جيڪي منهنجا عيب بيان فرمايا آهن اهي ٻيا ته سڀ مون ۾ آهن مان خود سمجهان ٿو. باقي هڪ جي توکي خبر هوندي سچي ٻڌاءِ ته مان حرامي آهيان يا حلالي؟ سچي ڳالهه نه ڪنديئن ته تلوار سان تنهنجو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيندس، سندس ماءُ کيس ٻڌايو ته "تنهنجي پيءُ ۾ مردانه طاقت نه هئي مون کي ڊپ ٿيو ته ان جي مرڻ کان پوءِ ان جي ملڪيت ٻيا کڻي ويندا تڏهن مون فلاڻي، مال جي ڌنار کي سڏائي زنا ڪئي تون ان مان پيدا ٿيو هئين." (١) ۵. "سَنَسِمُهٗ عَلَى الْخُرْطُوْمِ" (جلد ان کي سونڍ تي نشان ڪنداسون) مان معلوم ٿيو ته قيامت ۾ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي بي ادب جو منهن سوئر جهڙو هوندو، ڇو ته سونڍ سوئر کي هوندي آهي. (٢)

اِنَّا بَلَوْنٰهُمْ كَمَا بَلَوْنَاۤ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ ۚ اِذْ اَقْسَمُوْا لَيَصْرِمُنَّهَا

بيشڪ اسان آزمايو انهن کي جيئن آزمايو سون باغ وارن کي جڏهن قسم کنيائون ته البت ضرور

مُصْبِحِيْنَ (١٧) وَلَا يَسْتَثْنُوْنَ (١٨) فَطَافَ عَلَيْهَا طَآئِفٌ مِّنْ

لڻندا ان کي صبح جو سوير ۽ نه انشاءَ الله چون پيا پوءِ ڦيرو ڏئي ويو ان تي ڦيرو ڏيندڙ تنهنجي

رَّبِّكَ وَهُمْ نَآئِمُوْنَ (١٩) فَاَصْبَحَتْ كَالصَّرِيْمِ (٢٠) فَتَنَادَوْا مُصْبِحِيْنَ (٢١)

رب جي طرفان ۽اهي ننڊ ڪندڙ هئاپوءِ تي ويو لڻي کنيل وانگر پوءِسڏيائون هڪ ٻئي کي صبح ٿيندي ئي

اَنِ اغْدُوْا عَلٰى حَرْثِكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰرِمِيْنَ (٢٢) فَانْطَلَقُوْا وَهُمْ يَتَخَافَتُوْنَ (٢٣)

ته صبح جو سوير هلوپنهنجي پوک تي جيڪڏهن آهيو لڻندڙ پوءِ روانا ٿيا ۽ اهي پاڻ ۾ آهستي ڳالهائن پيا

اَنْ لَّا يَدْخُلَنَّهَا الْيَوْمَ عَلَيْكُمْ مِّسْكِيْنٌ (٢٤) وَّغَدَوْا عَلٰى

ته هرگز داخل نه ٿيندو ان ۾ اڄ اوهان وٽ ڪو مسڪين ۽ صبح جو سوير ويا (پنهنجي ان)

حَرْدٍ قٰدِرِيْنَ (٢٥) فَلَمَّا رَاَوْهَا قَالُوْۤا اِنَّا لَضَآلُّوْنَ (٢٦)

ارادي تي قادر ٿيندڙ پوءِ جڏهن ڏٺائون ان کي ته چيائون بيشڪ اسين البت ڀلجي پوندڙ آهيون

بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ (٢٧) قَالَ اَوْسَطُهُمْ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ لَوْلَا

بلڪ اسين بي نصيب آهيون چيو انهن مان چڱي (داناءَ) ڇا نه چيو مون اوهان کي ته ڇو نه ٿا

(١) روح البيان صـ١١٢ـ جلد ١٠، الصاوي صـ٢٢١ـ جزءُ ۴ (٢) نورالعرفان صـ٩٠١ـ

تُسَبِّحُوْنَ (۲۸) قَالُوْا سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ (۲۹)

تسبيح پڙهو؟ چيائون اسان جي رب جي پاڪائي آهي بيشڪ اسين هئاسون ظلم ڪندڙ

فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَلَاوَمُوْنَ (۳۰) قَالُوْا يٰوَيْلَنَآ

پوءِ سامهون تيا هڪڙا انهن مان ٻين ڪي ملامت ڪن پيا چيائون اي هلاڪت آهي اسان جي لاءِ

اِنَّا كُنَّا طٰغِيْنَ (۳۱) عَسٰى رَبُّنَآ اَنْ يُّبْدِلَنَا خَيْرًا مِّنْهَآ

بيشڪ اسين هئاسون سرڪش ويجهو آهي اسان جو رب تہ مٽائي ڏي اسان کي ڀلو ان کان

اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا رٰغِبُوْنَ (۳۲) كَذٰلِكَ الْعَذَابُ ؕ وَلَعَذَابُ

بيشڪ اسين پنهنجي رب ڏانهن رغبت رکندڙ آهيون اهڙي طرح عذاب هوندو آهي ۽ البت عذاب

الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ (۳۳)

آخرت جو وڏو آهي جيڪڏهن ڄاڻن ها

ع ۳ ۱ / ۳

تفسير

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ مال ۽ پٽن وارن ڪفر، بي فرماني ۽ سرڪشي ڪئي ۽ هتي بہ مالدارن، باغ جي صاحبن جي بي شڪريءَ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّا بَلَوْنٰهُمْ كَمَا بَلَوْنَآ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ" (بلاشڪ اسان انهن کي ائين آزمايو جيئن باغ وارن کي آزمايو هيوسين).

باغ وارن جو بيان

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ "يمن ملڪ جي صنعاءَ شهر کان ٻہ فرسخ تقريبًا ۹ ڪلوميٽر پري هڪ صالح شخص جو باغ هو جيڪو ان جي ميون مان مسڪينن کي ڏيندو ۽ الله عزوجل جو حق ادا ڪندو هو. جڏهن اهو وفات ڪري ويو ۽ ان جا پٽ ان باغ جا وارث بڻيا تہ الله عزوجل جي حق ادا ڪرڻ ۾ بخيلي ڪندي مسڪينن کي ڏيڻ کان انڪار ڪيائون" ۽ بعض مفسرن فرمايو تہ اهي ثقيف مان مسلمان هئا پيءُ جي زمين ۽ باغ جا وارث بڻيا هئا زمين نهايت آباد هئي ان ۾ ڪجين جا وڻ لڳايل هئا جڏهن فصل لهندو هو باغ جو ميوو بہ تيار ٿيندو هو تہ سندن پيءُ ان مان مسڪينن کي ڏيندو هو ان جي پٽن چيو تہ "پيدائش ٿوري آهي عيال گهڻو آهي اسان وٽ ايتري گنجائش ناهي جيتري اسان جي پيءُ وٽ هوندي هئي ان جي ڪري اسين پنهنجي طريقي ڪار ۾ تبديلي آڻيون ٿا." (۱) پوءِ ڇا ٿيو اهو آيتن جي وضاحت ۾ سمجهندا

فتح القدير صـ۲۷۱ـ جلد ۵

هلو. علامہ صابوني لکيو آهي تہ اهو واقعو حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي آسمان تي کڄي وڃڻ کان پوءِ جو آهي. (١)
"إِذْ أَقْسَمُوا لَيَصْرِمُنَّهَا مُصْبِحِينَ وَلَا يَسْتَثْنُونَ" (جڏهن قسم کڻي چيائون تہ صبح جو سوير وڃي ان باغ جا ميوا لاهيندا ۽ انشاءَ الله نہ پيا چون) مطلب تہ رات جي ابتدائي حصي ۾ پاڻ ۾ اهو گفتگو ڪيائون تہ صبح جو سوير هلي باغ جي ميون کي پٽي کڻي ايندا سون ۽ ائين چوڻ وقت انشاءَ الله نہ چيائون "اها سندن گفتگو رب العزة جل وعلا کي پسند نہ آئي" ائين چوڻ کان پوءِ سمهي رهيا تہ ازلي امر آيو. (٢) "فَطَافَ عَلَيْهَا طَائِفٌ مِّن رَّبِّكَ وَهُمْ نَائِمُونَ" (پوءِ انهن تي تنهنجي رب جي طرفان ڦيرو ڏيندڙ ڦيرو ڏنو ۽ اهي ننڊ ۾ پيا هئا) الله عزوجل ان باغ جي مٿان اهڙي باهہ موڪلي جنهن سندن باغ کي ساڙي جلائي ڇڏيو ۽ ان آسماني آفت جي ڪري اهو باغ انڌيري رات وانگر ڪارو ٿي ويو.

گناهن جي ڪري رزق رڪجي سگهي ٿو

ابن ابي حاتم حضرت ابن مسعود رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "گناهن کان پاڻ کي بچايو ڇاڪاڻ تہ گناهہ ڪندڙ بنده پوءِ ان رزق کان محروم ڪيو ويندو آهي جيڪو ان جي لاءِ تيار ڪيل هوندو آهي ان کان بعد پاڻ مذڪوره آيت تلاوت فرمايائون (٣) "فَأَصْبَحَتْ كَالصَّرِيمِ" (پوءِ لڻيل پوک وانگر ٿي پيو) جڻ تہ واريءَ جا ڍير هئا ڪا بہ شيءِ نہ بچي. (٤)
"فَتَنَادَوْا مُصْبِحِينَ" (پوءِ هڪ ٻئي کي سڏيائون) يعني صبح جو سوير رات جي پوئين حصي ۾ هڪ ٻئي کي سڏڻ لڳا. "أَنِ اغْدُوا عَلَىٰ حَرْثِكُمْ إِن كُنتُمْ صَارِمِينَ" (جيڪڏهن لڻندڙ آهيو تہ صبح جو سوير پنهنجيءَ پوک تي هلو) "فَانطَلَقُوا وَهُمْ يَتَخَافَتُونَ أَن لَّا يَدْخُلَنَّهَا الْيَوْمَ عَلَيْكُم مِّسْكِينٌ" (پوءِ ان حال ۾ روانا ٿيا جو اهي (هڪ ٻئي سان) آهستي ڳالهائن پيا تہ اڄ ان ۾ اوهان وٽ ڪو بہ مسڪين داخل نہ ٿي سگهندو) مطلب تہ مسڪين هن محل نہ ايندا. نہ اچڻ مان مراد آهي تہ ڪنهن کي اچڻ نہ ڏيو. (٥)
"وَغَدَوْا عَلَىٰ حَرْدٍ قَادِرِينَ" (۽ صبح جو سوير (پنهنجي ان) ارادي تي قادر ٿيندڙ ٿي ويا) يعني اهي پنهنجي ارادي ۾ تکڙ ڪندي نڪتا تہ اڄ سوير ڪم لاهي ڇڏيندا سون پنهنجن خيالن ۾ اهي ڪاميابي ماڻڻ لاءِ نڪتا هئا. "فَلَمَّا رَأَوْهَا قَالُوا إِنَّا لَضَالُّونَ بَلْ نَحْنُ مَحْرُومُونَ" (پوءِ جڏهن ان کي ڏٺائون تہ چيائون بلاشڪ اسين ڀلجندڙ آهيون بلڪ

(١) تنويرالاذهان ص ٣٨١ ـ جلد ۴ (٢) تفسير حسيني فارسي ص ٩٠٢ ـ (٣) التفسير المنير ص ٦۴ ـ جلد ١٥ (۴) الکشاف ص ١۴۴ ـ جلد ۴ (٥) مدارک ص ٢٨١ ـ جزء ۴ جلد ٢

اسين بي نصيب آهيون) يعني جڏهن باغ وٽ پهتا ۽ اهو صفا سڙيل انڌيري رات وانگر ڪارو ڏٺائون تہ هڪڙن چيو هي اسان جو باغ ناهي اسين ڀلجي پيا آهيون ٻين چيو تہ نہ هي اسان وارو باغ آهي پر اسان بي نصيب بلڪ بدنصيب آهيون جو آسماني آفت هن کي ساڙي ختم ڪري ڇڏيو آهي. "قَالَ اَوْسَطُهُمْ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ لَوْلَا تُسَبِّحُوْنَ" (انهن مان چڱي (داناءَ) چيو تہ ڇا مون اوهان کي چيو نہ هو؟ تہ (الله جي) پاڪائي بيان ڇو نہ ٿا ڪيو) "اَوْسَطُهُمْ" جي معني ڪندي مفسر طبري لکيو آهي تہ "اعدلهم رايا" (١) انهن مان راءِ جي لحاظ سان پورو (داناءَ) يعني انهن مان نهايت عقلمند، سندن چڱي چيو تہ مون اوهان کي (ان وقت جنهن مهل اوهان چيو تہ صبح جو سوير لٽي ايندا سون) چيو نہ هو تہ الله عزوجل جي پاڪائي بيان انشاءَ الله چئو. "قَالُوْا سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ" (چيائون تہ اسان جي رب جي پاڪائي آهي بلاشڪ اسين ظالم هئاسون) مطلب تہ باغ جي وارث طور مالڪن چيو تہ اسان جي رب جي لاءِ هر قسم جي پاڪائي ثابت آهي اسان قسم کڻڻ ۽ مسڪينن کي نہ ڏيڻ تي پڪي ارادي ڪرڻ ۽ انهن جي ڊپ کان سوير نڪري اچڻ ۾ ظالم هئاسون. "فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَلَاوَمُوْنَ قَالُوْا يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا طٰغِيْنَ" (پوءِ انهن مان هڪڙا ٻين کي سامهون ٿي ملامت ڪرڻ لڳا چون پيا تہ اسان لاءِ هلاڪت آهي بلاشڪ اسين ظالم هئاسون) يعني هڪ ٻئي کي ملامت ڪندي چون پيا تہ اسان جي لاءِ هلاڪت آهي بلڪ اسين سرڪشي ڪندڙ هئاسون نہ انشاءَ الله چيوسين ۽ نہ الله عزوجل جي تسبيح پڙهي سون تڏهن اسان کي سزا ملي آهي. "عَسٰى رَبُّنَآ اَنْ يُّبْدِلَنَا خَيْرًا مِّنْهَآ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا رٰغِبُوْنَ" (اسان جو رب ويجهو آهي جو اسان کي ان (باغ) کان ڀلو بدلائي ڏي بلاشڪ اسين پنهنجي رب ڏانهن رغبت رکندڙ آهيون) يعني اسان جڏهن توبہ ڪئي آهي پنهنجي رب ڏانهن رغبت رکندي رجوع ڪيو اٿئون تہ ان جي ذات قريب آهي جو پنهنجي رحمت سان ان کان بہ ڀلو باغ ڏئي ڇڏي. مجاهد جو قول آهي تہ توبہ جي ڪري الله عزوجل کين ڀلو باغ عطا ڪيو. (٢) ۽ مفسر قرآن ڪمال الدين حسين الواعظ لکيو آهي تہ "جڏهن انهن توبہ ڪري الله عزوجل کان معافي ورتي تہ الله عزاسمہ انهن کي بخشيو ۽ کين حَيَوان نالي اهڙو باغ عطا فرمايو جنهن ۾ ماڻهوءَ جي مٿي جيڏا انگور ٿيا هئا. (٣) "كَذٰلِكَ الْعَذَابُ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ" (اهڙي طرح عذاب آهي ۽ البت آخرت جو عذاب وڏو آهي جيڪڏهن ڄاڻن ها) مطلب تہ الله عزوجل دنيا

(١) مختصر تفسير الطبري ص ١٧٧ ـ جلد ٢ (٢) التفسير المنير ص ٦٦ ـ جلد ١٥
(٣) تفسير حسيني فارسي ص ٩٠٧ ـ

۾ ائين عذاب ڪندو آهي ۽ آخرت جو عذاب تہ وڏو آهي دنيوي عذاب عارضي آهي اخروي عذاب دائمي آهي پر اهو ڄاڻ وارا ڄاڻندا ۽ اهڙا اسباب اختيار نہ ڪندا جن جي ڪري عذاب ۾ مبتلا ٿين.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "اِنَّا بَلَوْنٰهُمْ" (الآيـــة) (بلاشڪ اسان انهن کي آزمايو جيئن باغ وارن کي آزمايوسون) جي وضاحت ۾ مفسرن لکيو آهي تہ "جيڪو ماڻهو ڪنهن مالي يا جاني نقصان ۽ مصيبت ۾ مبتلا ٿئي تہ اهو پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪري توبـــه تائب ٿئي الله جل شانـــه جي تسبيح پڙهي رب العزة ڪريم آهي ممڪن آهي تہ ان کي ان جو دنيا ۾ ئي نعم البدل عطا ڪري ڇڏي". ٢. جڏهن مڪـه وارن نبي ڪريم عليـه الصلواة والسلام جن جي گهڻي دل آزاري ڪئي ۽ پاڻ رب العلمين جل وعلا سان انهن جي شڪايت ڪيائون تہ انهن تي ست سال اهڙو سخت ڏڪار آيو جو مري ويلن جانورن جو رت چوسڻ، هڏا ۽ ڪلون ڪائڻ لڳا هئا. (١) يا مراد آهي تہ اسان مڪـــه وارن کي گهڻي دولت، گهڻو اولاد ۽ ٻين نعمتن سان نوازيو آهي بيت الله شريف جي متولي هجڻ جي حيثيت سان دنيا وارن جي دلين ۾ انهن جي عزت آهي گهرجي تہ ائين تہ اهي ماڻهو انهن نعمتن جو قدر ڪن الله عزوجل جو شڪر ڪندي ان جي نبي عليـــه الصلواة والسلام تي ايمان آڻي مومن بنجن انهن نعمتن کي آزمائش سمجهن جيڪڏهن نہ تہ انهن جو بہ اهو حال ٿيندو جيڪو باغ وارن جو ٿيو هو. ٣. "اِذْ اَقْسَمُوْا لَيَصْرِمُنَّهَا مُصْبِحِيْنَ وَلَا يَسْتَثْنُوْنَ" (جڏهن قسم ڪنيائون تہ صبح جو سوير ان کي لٽندا ۽ انشاءَ الله نہ پيا چون) هن مان معلوم ٿيو تہ انهن تي گناهہ ڪيا هئا "١" پنهنجي پيءُ وانگر مسڪينن جو حصو نہ ڪڍيائون. "٢" غلط ۽ گناهہ جي ڪم لاءِ قسم ڪنيائون. "٣" انشاءَ الله نہ چيائون. (٢)

اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ (٣٤) اَفَنَجْعَلُ الْمُسْلِمِيْنَ

بيشڪ پرهيزگارن جي لاءِ سندن رب وٽ نعمتن واريون جنتون آهن ڇا پوءِ ڪنداسون مسلمانن کي

كَالْمُجْرِمِيْنَ (٣٥) مَا لَكُمْ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ (٣٦) اَمْ لَكُمْ كِتٰبٌ فِيْهِ

مجرمن وانگر ڇا ٿيو آهي اوهان کي ڪيئن ٿا فيصلو ڪيو يا اوهان لاءِ ڪو ڪتاب آهي جو ان ۾

(١) روح البيان صـ١١٤ـ جلد ١٠ (٢) نورالعرفان صـ٩٠١ـ

تَدْرُسُوْنَ (۳۷) اِنَّ لَكُمْ فِيْهِ لَمَا تَخَيَّرُوْنَ (۳۸) اَمْ لَكُمْ اَيْمَانٌ

پڑهو تا بيشڪ اوهان جي لاءِ ان ۾ البت اهو آهي جيڪو پسند ڪيوتا يا اوهان جي لاءِ قسم آهن

عَلَيْنَا بَالِغَةٌ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لا اِنَّ لَكُمْ لَمَا تَحْكُمُوْنَ (۳۹)

اسان تي پهچندڙ قيامت جي ڏينهن تائين بيشڪ اوهان جي لاءِ البت اهو آهي جيڪوحڪم ڪيوتا

۱۵ مع سَلْهُمْ اَيُّهُمْ بِذٰلِكَ زَعِيْمٌ (۴۰) اَمْ لَهُمْ شُرَكَآءُ ج فَلْيَاْتُوْا

پڇ انهن کان تہ ڪهڙو انهن مان ان جو ضامن آهي يا انهن جي لاءِ شريڪ آهن . پوءِ ڀلي آڻين

بِشُرَكَآئِهِمْ اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ (۴۱) يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ وَّيُدْعَوْنَ

پنهنجن شريڪن کي جيڪڏهن آهن سچا ان ڏينهن کولي ويندي هڪ ساق ۽ سڏيا ويندا

اِلَى السُّجُوْدِ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ (۴۲) خَاشِعَةً اَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ

سجدي ڏانهن پوءِ نہ ڪري سگهندا جهڪندڙ هونديون اکيون انهن جوڇانئجي ويندي انهن تي

ذِلَّةٌ ط وَقَدْ كَانُوْا يُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ وَهُمْ سَالِمُوْنَ (۴۳)

خواري ۽ تحقيق سڏيا ويندا هئا سجدي ڏانهن ۽ اهي تندرست هوندا هئا

تفسير

اڳين آيتن ۾ جنتي شخصن جو دنيوي حال بيان ڪيو ويو ۽ هتي انهن جو اخروي حال بيان ڪندي ارشاد تي رهيو آهي "اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ" (بلاشڪ متقي (ٻانهن) جي لاءِ سندن رب وٽ نعمتن واريون جنتون آهن) يعني جن پنهنجي رب کان ڊڄي ان جا فرض ادا ڪيا ان جي منع ڪيل ڪمن کان پاسو ڪيو خاص نعمتن سان نوازيل جنتون آهن. "اَفَنَجْعَلُ الْمُسْلِمِيْنَ كَالْمُجْرِمِيْنَ" (ڇا پوءِ مسلمانن کي مجرمن جهڙو بنائينداسون؟) روايت ۾ آهي تہ جڏهن متقين جي شان واري آيت نازل ٿي تہ مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو ڪافرن مسلمانن کي چيو تہ "الله اسان کي دنيا ۾ اوهان کان وڌيڪ خوش رکيو آهي ۽ ضرور اهو اسان کي قيامت ۾ بہ اوهان کان ڀلو رکندو ڀلا جيڪڏهن ڀلو نہ رکيائين تہ بہ اوهان جهڙو تہ رکندو" انهن جي رد ۾ هيءَ آيت نازل ٿي (۱) تہ اسين مسلمانن کي مجرمن جهڙو ڪيئن رکنداسون؟ اها بي انصافي اسان جي شان جي مناسب ٿئي ناهي. "مَالَكُمْ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ" (اوهان کي ڇا ٿيو آهي

(۱) المراغي ص۴۱ـ جزءُ ۲۹ جلد ۱۰

ڪيئن ٿا فيصلو ڪيو؟) يعني اهڙي ناانصافيءَ وارو فيصلو ڪيئن ٿا ڏيو اوهان ڪي تيو ڇا آهي اوهان جو عقل ڪيڏي ويو آهي؟ "اَمْ لَكُمْ كِتٰبٌ فِيْهِ تَدْرُسُوْنَ ۝ اِنَّ لَكُمْ فِيْهِ لَمَا تَخَيَّرُوْنَ" (ڇا اوهان وٽ ڪو ڪتاب آهي جنهن ۾ پڙهو ٿا؟ بلاشڪ اوهان جي لاءِ ان ۾ البت اهو آهي جيڪو پسند ڪيو ٿا) مطلب تہ ڇا اوهان جي هٿن ۾ ڪو آسمان کان نازل ٿيل ڪتاب آهي جنهن ڪي پڙهي اهي فيصلا ٿا ڏيو تہ بلاشڪ اوهان لاءِ اهوئي هوندو جيڪو طلب ڪندؤ ۽ اشتها رکندؤ ۽ امر اوهان جي اختيار ۾ هوندو جيئن پيو وڻندوَ تيئن پيا ڪندؤ. ان جي متعلق اوهان وٽ ڪو عقلي دليل تہ ناهي پر جيڪڏهن ڪو نقلي دليل اٿوَ تہ پيش ڪيو. "اَمْ لَكُمْ اَيْمَانٌ عَلَيْنَا بَالِغَةٌ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۙ اِنَّ لَكُمْ لَمَا تَحْكُمُوْنَ" (يا اوهان وٽ اسان جي مٿان قيامت جي ڏينهن تائين پهچندڙ قسم آهن تہ بيشڪ اوهان جي لاءِ اهو هوندو جيڪو اوهان حڪم ڪندؤ) يعني ڇا اوهان وٽ اسان جي طرفان اهڙا عهد قسم جهڙا تاڪيد ڪيل آهن جن ڪان اسين قيامت تائين نڪري نہ ٿا سگهون تہ قيامت۾ بہ اوهان جيڪو حڪم ڪندؤ اهو ٿيندو؟ جڏهن اهڙي ڪا بہ ثابتي ناهي تہ پوءِ اها ٺلهي دعويٰ ڪيئن پيا ڪيو؟ "سَلْهُمْ اَيُّهُمْ بِذٰلِكَ زَعِيْمٌ" (انهن ڪان پڇو تہ انهن مان ڪهڙو ان جو ضامن آهي؟) مطلب تہ اي حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام انهن ڪي رسوا ۽ ذليل ڪرڻ جي لاءِ انهن ڪان پڇو تہ اوهان جو انهن ڳالهين لاءِ ضامن ۽ ذميدار ڪير آهي؟ "اَمْ لَهُمْ شُرَكَآءُ ۚ فَلْيَاْتُوْا بِشُرَكَآئِهِمْ اِنْ كَانُوْا صٰدِقِيْنَ" (يا انهن جا ڪي شريڪ آهن پوءِ پلي پنهنجن شريڪن ڪي آڻين جيڪڏهن سچا آهن) مطلب تہ ڇا ٻيا ماڻهو بہ سندن ان دعويٰ ۾ شريڪ آهن؟ جيڪڏهن چون ٿا تہ آهن ۽ ان ۾ سچا آهن تہ انهن شريڪن ڪي وٺي اچي پيش ڪن مگر ياد رکو تہ ڪو بہ عقلمند ائين نہ چوندو تہ مسلم ۽ مجرم برابر آهن يا برابر هوندا. ڳالهہ جو خلاصو هي آهي تہ انهن جي ان دعويٰ جو (تہ اسين مسلمانن ڪان مٿي نہ تہ برابر تہ هونداسون) نہ عقلي دليل آهي نہ نقلي نہ ڪو انهن سان اهڙو وعدو يا عهد قسم سان تاڪيد ڪيل آهي. (١) "يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ وَّيُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ" (جنهن ڏينهن ساق کولي ويندي ۽ سجدي ڏانهن سڏيا ويندا پوءِ ڪري نہ سگهندا) ساق جي لفظي معنيٰ آهي پني (اردوءَ ۾ پندلي) هتي ان مان مراد ۾ ٻہ قول آهن "١" تہ هتي قيامت جي سختي مراد آهي جڏهن بہ ڪو سخت ڪم يا سخت جنگ سامهون هوندي آهي تہ مرد پنهنجي ڪپڙي ڪي پنيءَ ڪان مٿي ڪٽندا آهن تہ ان سختيءَ ڪي منهن ڏئي بيهن. هتي بہ مقصد آهي تہ

(١) المراغي صـ٤٢ـ جزء ٢٩ جلد ١٠

جڏهن حالتون تڪليف ڏيندڙ هونديون ۽ هر شخص خداوندي جلال کان ڏڪندو رهندو ان وقت ماڻهن جي ايمان ۽ ڪفر، اخلاص ۽ نفاق کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ رب جي اڳيان سجدي ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويندو جن جي دلين ۾ ايمان ۽ اخلاص هوندو اهي هڪدم سجدي ۾ ڪري پوندا پر ڪافر ۽ منافق وڏي ڪوشش ڪندا سندن پٺيون سڌيون ٿي بيهي ويندي يون سجدو ڪري نه سگهندا. (١) "٢" قول آهي ته الله عزوجل قيامت جي ڏينهن پنهنجي (شان جي لائق) ساق ڪوليندو ۽ سڀ مومن سجدي ۾ ڪري پوندا پر منافق ۽ رياڪار سجدو ڪري نه سگهندا. جيئن امام بخاري حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون ته "اسان جو رب پنهنجي (شان جي لائق) پني ڪوليندو پوءِ هر مومن مرد ۽ مومن عورت سجدي ۾ ڪري پوندا ۽ جيڪي دنيا ۾ رياءَ ۽ ٻڌائڻ جي لاءِ سجدو ڪندا هئا اهي باقي رهندا پوءِ اهي به سجدي ڪرڻ جي لاءِ ويندا ته انهن جي پٺي (سڌي) هڪ طبق ٿي بيهندي" (٢) پوءِ سجدو ڪري نه سگهندا. علامه ابن ڪثير هيءَ حديث پاڪ آڻي لکيو آهي ته هي وڏي ۽ مشهور حديث آهي صحيحين ۾ موجود آهي (٣) "خَاشِعَةً اَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ وَقَدْ كَانُوْا يُدْعَوْنَ اِلَى السُّجُوْدِ وَهُمْ سَالِمُوْنَ" (جهڪندڙ هونديون انهن جون اکيون، انهن تي خواري ڇانئجي ويندي ۽ تحقيق اهي سجدي ڏانهن سڏيا ٿي ويا ۽ اهي تندرست هئا) مطلب ته جڏهن سجدو نه ڪري سگهندا تڏهن شرمساريءَ کان سندن اکيون هيٺ جهڪيل هونديون ۽ سجدو ان جي لاءِ ڪري نه سگهندا جو دنيا ۾ جڏهن سجدي ڏانهن سڏيا ويندا هئا ته تندرست هوندي به نه ڪندا هئا ان بي فرمانيءَ جي ڪري اڄ قيامت ۾ به سجدو ڪري نه ٿا سگهن.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ" (بلاشڪ متقين جي لاءِ سندن رب وٽ نعمتن وارا بهشت آهن) هن آيت ۾ "لِلْمُتَّقِيْنَ" ۾ لام تمليڪ جو آهي جنهن مان واضح ٿئي ٿو ته متقي ڪين عطا ڪيل جنت جا باذن الله تعالیٰ مالڪ هوندا. انهن لاءِ بهشتي باغن ۾ نعمت ئي نعمت هوندي نه اتي بيماري هوندي نه موت نه دشمني نه ڪا مصيبت. حقيقي سڪون اتي نصيب ٿيندو. ٢. "اَفَنَجْعَلُ الْمُسْلِمِيْنَ كَالْمُجْرِمِيْنَ" (ڇا پوءِ مجرمن کي مسلمانن جهڙو بنائينداسون) مان معلوم ٿيو ته مسلمان ۽ ڪافر هڪ جهڙا ناهن مرتبي ۾ فرق رکڻ

(١) صفوة التفاسير ص ـ٤٣٠ـ جلد ٣ (٢) فارسي حاشيه برترجمه فارسي از شاه ولي الله دهلوی (٣) تفسير ابن ڪثير ص ـ٤٠٧ـ

تي ايمان جو مدار آهي جڏهن اهي هڪ جهڙا ناهن تہ نبي عليهم الصلواة والسلام ۽ امتي هڪ جهڙا ڪيئن ٿي سگهندا؟ ٣. (ڪافر چوندا هئا تہ جيئن اسين هتي مسلمانن ڪان وڌيڪ خوش آهيون تيئن قيامت ۾ انهن ڪان وڌيڪ خوش هونداسون نہ تہ بہ برابر تہ هونداسون) انهن جي ان قول مان معلوم ٿيو تہ گناهہ ڪري آخرت ۾ جنت جي ملڻ جي دعوي ڪرڻ ڪافرن جو طريقو آهي مسلمان نيڪي ڪري بہ حجت نہ هلندو ڊڄندو نہ هٽندو. (١)

فَذَرْنِىْ وَمَنْ يُّكَذِّبُ بِهٰذَا الْحَدِيْثِ ؕ سَنَسْتَدْرِجُهُمْ

پوءِ مون کي ڇڏي ڏي ۽ ان کي جيڪو ڪوڙو چوي ٿو هن ڳالهہ کي جلد درجي بدرجي وٺنداسون انهن کي

مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ (٤٤) وَاُمْلِىْ لَهُمْ ؕ اِنَّ كَيْدِىْ مَتِيْنٌ (٤٥) اَمْ

اتاهين جو نہ ٿا ڄاڻن ۽ مهلت ڏيان ٿو انهن کي بيشڪ منهنجي رٿ مضبوط آهي يا

تَسْئَلُهُمْ اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ ؕ (٤٦) اَمْ عِنْدَهُمُ

گهرين ٿو انهن کان ڪو اجورو پوءِ اهي چٽيءَ جي ڪري ڳري بار هيٺان آيل آهن يا انهن وٽ

الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ (٤٧) فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَلَا تَكُنْ كَصَاحِبِ

غيب آهي پوءِ اهي لکن ٿا پوءِ صبر ڪر پنهنجي رب جي حڪم جي لاءِ ۽ نہ هج مڇيءَ جي

الْحُوْتِ ۘ اِذْ نَادٰى وَهُوَ مَكْظُوْمٌ (٤٨) لَوْلَآ اَنْ تَدٰرَكَهٗ نِعْمَةٌ

صاحب وانگر جڏهن سڏيائين ۽ اهو ڏک ۾ پريل هو جيڪڏهن نہ هجي ها جو پهتي ان کي نعمت

مِّنْ رَّبِّهٖ لَنُبِذَ بِالْعَرَآءِ وَهُوَ مَذْمُوْمٌ (٤٩) فَاجْتَبٰهُ

ان جي رب وٽان تہ البت اڇلايو وڃي ها ميدان تي ۽ اهو الزام ڏنل هجي ها پوءِ برگزيد ڪيو ان کي

رَبُّهٗ فَجَعَلَهٗ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ (٥٠) وَاِنْ يَّكَادُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَيُزْلِقُوْنَكَ

ان جي رب پوءِ رکيائين ان کي صالحن ۾ ۽ بيشڪ ويجها آهن ڪافر تہ ڪيرائن توکي

بِاَبْصَارِهِمْ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكْرَ وَيَقُوْلُوْنَ اِنَّهٗ لَمَجْنُوْنٌ (٥١) وَمَا هُوَ

پنهنجين نظرن سان جڏهن ٻڌن ٿا قرآن ۽ چون ٿا تہ بيشڪ اهو چريو آهي ۽ ناهي اهو

(١) نورالعرفان صـ٩٠٢ـ

وقف لازم

وقف لازم

اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ (٥٢)	
مگر نصيحت جهانن جي لاءِ	

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن ڪي قيامت جي سختيءَ کان ڊيڄاريو ويو ۽ هتي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي چيو ويو آهي ته اوهان مون کي ۽ انهن کي ڇڏي ڏيو انهن کي مان پاڻهي سزائون ڏيندس. فرمان مبارڪ آهي "فَذَرْنِيْ وَمَنْ يُّكَذِّبُ بِهٰذَا الْحَدِيْثِ" (پوءِ مون کي ۽ جيڪو هن ڳالهه (قرآن پاڪ) کي ڪوڙو ٿو چوي ڇڏي ڏي) يعني اي حبيب! عليك الصلواة والسلام قرآن پاڪ جي انڪار ڪندڙن، ان کي ڪوڙو چوندڙن جو معاملو مون الله عزوجل جي حوالي ڪري ڇڏيو پنهنجي پاڪ ذات کي انهن جي لاءِ پريشان نه ڪريو. "سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ" (اسين جلد درجي به درجي انهن کي اتاهين وٺنداسون جتان ڄاڻن نه ٿا) مطلب ته انهن کي عذاب ته يقينًا ٿيندو پر آهستي آهستي ٿيندو ۽ اهڙي نموني دوزخ ۾ داخل ڪيا ويندا جو خبر ئي نه پوندين في الحال پلي پنهنجي حال تي مست رهن. "وَاُمْلِيْ لَهُمْ اِنَّ كَيْدِيْ مَتِيْنٌ" (۽ مان انهن کي مهلت ڏيان ٿو بلاشڪ منهنجي رٿ مضبوط آهي) مطلب ته مان انهن کي ڍر ڏيان ٿو پر ان جو مطلب اهو نه آهي ته ڪين ڪجهه نه ٿيندو منهنجي عذاب ڪرڻ واري رٿ نهايت مضبوط آهي. "اَمْ تَسْئَلُهُمْ اَجْرًا فَهُمْ مِّنْ مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ اَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُوْنَ" (يا اوهان انهن کان ڪو اجورو گهرو ٿا پوءِ اهي چٽي جي ڪري ڳري بار هيٺان آيل آهن يا انهن وٽ غيب آهي پوءِ اهي لکن پيا) يعني افسوس ۽ تعجب جو مقام آهي ته هي ڪافر ائين تباهيءَ ڏانهن وڃن پيا اوهان جي ڳالهه نه ٿا مڃن. آخر نه مڃڻ جو وجه ڇا آهي؟ ڇا اوهان انهن کان دين جي پيغام پهچائڻ تي ڪو اجورو گهرو ٿا جنهن جي ڳري بار هيٺان اهي دٻجي ويا آهن يا خود انهن وٽ غيب جون خبرون ۽ الله جل وعلا جو وحي اچي ٿو جنهن کي اهي حفاظت جي لاءِ قرآن ڪريم وانگر لکي وٺن ٿا ۽ ان جي ڪري ڪين اوهان جي اتباع جي ضرورت ناهي نيٺ ڪو سبب ته هجڻ گهرجي جڏهن انهن تي ڪو بار به نه ٿو رکيو وڃي ۽ انهن وٽ غيب جو علم به ناهي جو اوهان جي ضرورت سمجهن ته نه مڃڻ جو سبب عناد ۽ هٺ کان سواءِ ڪهڙو آهي؟ (١) "فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ" (پوءِ پنهنجي رب جي حڪم لاءِ صبر ڪر) يعني جڏهن الله عزوجل اوهان جي مدد ۽ فتح ۽ اوهان جي دشمنن جي شڪست ۽ ذلت جو فيصلو ڪندو اهو وقت اجان نه آيو آهي تيستائين هن دين جي دعوت ۽

(١) حاشيه عثمانيه صـ٧٥٠ـ

پرچار ۾ جيڪي اوهان کي تڪليفون درپيش آهن انهن تي صبر ڪيو. (۱) "وَلَا تَكُنْ كَصَاحِبِ الْحُوْتِ" (۽ نہ هج مڇيءَ جي صاحب وانگر) روايت ۾ آهي تہ "جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن عرب قبيلن کي دين جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ ويا تہ ثقيف قبيلي وارن کين گهڻو ايذايو پاڻ انهن کي بددعا ڪرڻ جو سوچيائون تہ الله عزوجل هي ارشاد نازل فرمايو (۲) "صَاحِبِ الْحُوْتِ" مان مراد سيدنا يونس على نبينا وعليه الصلواة والسلام آهي ان جو قصو سورة الانبياء، سورة يونس ۽ سورة والصفت ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي. الله عزوجل پنهنجي رحمت واري رسول عليه الصلواة والسلام کي روڪيو آهي تہ جيئن ان پنهنجي قوم تي ڪاوڙ ڪئي هئي تيئن اوهان نہ ڪيو. "اِذْ نَادٰى وَهُوَ مَكْظُوْمٌ" (جڏهن ڏک ۾ پريل ٿي سڏيائين) يعني جڏهن ڪاوڙ ڪري نڪتو ۽ پيڙيءَ مان مڇيءَ جي پيٽ ۾ پهتو تڏهن الله عزوجل کي "لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ" سان سڏ ڪيائين. مفسرن لکيو آهي تہ سندس اها دعا عرش جي چوڌاري عرضگذار رهي ملائڪن ٻڌي الله عزوجل کي عرض ڪيو تہ هي آواز نهايت ضعيف تمام پرانهين جاءِ کان معروف لڳي ٿو. الله سبحانه وتعالىٰ فرمايو تہ "ڇا هن آواز کي ڪو نہ ٿا سڃاڻو؟" عرض ڪيائون تہ نہ! فرمايائون تہ هي يونس آهي (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) ملائڪن عرض ڪيو تہ يا الله! تنهنجو اهو ٻانهو جنهن جو هميشه عمل صالح مٿي آندو ويندو آهي ۽ ان جي دعا قبول هوندي آهي؟ فرمايائين تہ "هائو" عرض ڪيائون تہ "ان جي خوشحاليءَ وارن عملن جي ڪري ان تي رحم نہ ٿو ڪرين جو ان کي تڪليف کان ڇڏائين؟ پوءِ الله مڇيءَ کي امر ڪيو ۽ ان کيس پنهنجي پيٽ مان ڪڍي ميدان تي ڇڏيو." (۳) "لَوْلَآ اَنْ تَدٰرَكَهٗ نِعْمَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ لَنُبِذَ بِالْعَرَآءِ وَهُوَ مَذْمُوْمٌ" (جيڪڏهن نہ هجي ها جو ان کي ان جي رب وٽان نعمت پهتي تہ ان حال ۾ جو اهو ملامت ڪيل هجي ها ميدان ۾ اڇلايو وڃي ها) يعني جيڪڏهن الله عزوجل ان جي دعا قبول ڪري ان تي نعمت نہ ڪري ها تہ جڏهن مڇيءَ ان کي پيٽ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو تہ سندس ڪيفيت اها هجي ها جو ماڻهو ان کي جلد نڪرڻ تي ۽ ڪاوڙ ڪرڻ تي ملامت ڪن ها پر خدا جي خاص فضل ۽ ڪرم سان مڇيءَ جي پيٽ مان سلامتيءَ سان نڪرڻ جي ڪري عزت سان ڏٺو ويو ۽ اهو سندس معجزو تصور ڪيو ويو. جيئن رب پاڪ جو فرمان آهي "فَاجْتَبٰهُ رَبُّهٗ فَجَعَلَهٗ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ" (پوءِ ان جي رب ان کي برگزيدو بنايو پوءِ ان کي صالحن مان ڪيائين) مطلب تہ نبوت ۽ وحي جي صفت سان جيئن موصوف هو

(۱) تفهيم القرآن ص-۲۷ـ جلد ۶ (۲) حدائق الروح والريحان ص-۱۱۲ـ جلد ۳۰
(۳) تفسير ابن ڪثير ص-۴۰۹ـ جلد ۴

تيئن رهيو ۽ پنهنجي قوم کي جيکي هک لکَ يا وڌيک هئا هدايتون ڏيندو رهيو. "لَوْلَا" جي کلمــه مان واضح ٿيو تہ ملامت ۽ مذمت تي کا نہ هئي. (١) "وَإِنْ يَّكَادُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَيُزْلِقُوْنَكَ بِاَبْصَارِهِمْ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكْرَ" (۽ بيشک کافر ويجها آهن جو اوهان کي پنهنجين نظرن سان ڪيرائن ها جڏهن قرآن ٻڌن ٿا) هن آيت جي مراد ۾ مفسرن ٻلارن جا ٻہ قول آهن "١" تہ کافر اوهان جي پاک زبان مان جڏهن قرآن کريم ٻڌن ٿا تہ نهايت تيز ۽ کڙي نظر سان اوهان ڏي نهارين ٿا وس پڄين تہ اوهان کي پنهنجي جاءِ تان هٽائي، تيزي ڇڏين. "٢" تہ اهي کوشش کن ٿا تہ اوهان کي بدنظر هڻن جيئن هک ٻئي کي هڻندا آهن. بني اسد قبيلي ۾ کيترا اهڙا ماڻهو هئا جن جي نظر لڳندي هئي جيکڏهن کنهن شخص يا کنهن جانور کي هلاک کرڻ گهرندا هئا تہ ٽي يا ٻہ ڏينهن بک ۾ رهي پوءِ ان شخص يا شيءِ وٽ اچي چوندا هئا تہ کهڙو نہ خوبصورت يا کهڙي نہ سهڻي شيءِ آهي تہ اهو شخص يا اها شيءِ اتي کري پوندا هئا. جيکڏهن سگهو جانور انهن کان لنگهندو هو ۽ اهي ان کي نظر هڻندا هئا تہ هکدم پنهنجي ٻانهيءَ کي چوندا هئا تہ ٿانءُ ۽ پيسا کڻ هن جو گوشت خريد کري اچ ٿوري کان پوءِ پتو پوندو هو تہ اهو جانور کري پيو ۽ مالکن کهي ڇڏيو. قريشين بني اسد قبيلي مان کنهن اهڙي نظر هڻندڙ کي تيار کيو تہ اهو نبي پاک عليــه الصلواة والسلام جن کي بہ اهڙي نظر هڻي پر الله عزوجل کين محفوظ فرمايو. هتي اهو بيان ٿي رهيو اهي. (٢)

ڇا نظر لڳڻ حق آهي؟

ها نظر بالکل لڳي ٿي جيئن هن روايتن مان ثابت آهي. ١. حضرت جابر نبي کريم عليــه الصلواة والسلام جن کان روايت کئي آهي تہ بلاشک نظر مڙس کي قبر ۾ ۽ اٺ کي ديگ ۾ داخل کندي آهي. ٢. صحيحين وغيرهما ۾ حضرت ابوهريرة رضي الله عنــه کان روايت آهي تہ "العين حق" نظر لڳڻ حق آهي. ٣. امام احمد ۽ مسلم وٽ حضرت ابن عباس بن رفاعة کان روايت آهي تہ "اسماءَ بنت عميس نبي کريم عليه الصلواة والسلام جن کي عرض کيو تہ "يارسول الله! جعفر (طيار) جي پٽن کي نظر لڳي ٿي انهن کي ڦيٽو رکو" پاڻ فرمايائون تہ "هائو جيکڏهن تقدير کان کا شيءِ اڳرائي کري.ها تہ نظر کري ها" رواه البغوي (٣)

"وَيَقُوْلُوْنَ إِنَّهُ لَمَجْنُوْنٌ" (۽ کافر چون ٿا بلاشک اهو چريو آهي) يعني قرآن پاک ٻڌي قرآن پاک جي پڙهندڙ محبوب عليــه الصلواة والسلام جي لاءِ چون ٿا تہ اهو چريو آهي. "وَمَا هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ" (۽ ناهي اهو (قرآن) مگر جهانن جي لاءِ نصيحت)

(١) التفسير المنير ص-٨١ـ جلد ٥ (٢) اسباب النزول للواحدي ص-٣٢٨ـ (٣) المظهري ص-٤٦ـ جلد ١٠

مطلب تہ نہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام چريو آهي نہ قرآن ڪريم چرين جو ڪلام آهي بلڪ قرآن پاڪ تہ عام نصيحت آهي ان مان ڪامل ۽ مضبوط عقل وارا فائدو وٺندا. علامہ پاني پتي عليہ الرحمۃ لکيو آهي تہ "منهنجي شيخ ۽ امام مولانا يعقوب ڪرخي عليہ الرحمۃ فرمايو تہ: هي بہ احتمال آهي تہ "هو" ضمير نبي پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن ڏانهن موٽي ٿو پوءِ مراد آهي تہ نبي پاڪ سيني جهانن جي لاءِ ذڪر (مذڪِر جي معنيٰ ۾) نصيحت ڪندڙ آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ حاصل ٿين ٿا. ١. "فَذَرْنِىْ وَمَنْ يُّكَذِّبُ بِهٰذَا الْحَدِيْثِ" (پوءِ مون کي ۽ جيڪو هن ڳالهہ (قرآن) کي ڪوڙو چوي ٿو ڇڏي ڏي) مان معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي دشمنن کي سزا ڏيڻ جي لاءِ سندن بددعا ڪرڻ ڪانسواءِ ئي الله عزوجل ڪافي آهي. ان جي ڪري ڪين فرمائي پيو تہ "مون کي ۽ انهن کي ڇڏي ڏيو." ٢. "وَمَا هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ" (۽ نہ آهي اهو مگر جهانن جي لاءِ نصيحت) جي تفسير ۾ بيان ٿي آيو آهي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن خود ذڪر آهن. علامہ ثناءُ الله مظهري عليہ الرحمۃ لکيو آهي تہ اولياءَ الله جي نشاني هيءَ آهي تہ انهن جي ڏسڻ ۽ ذڪر سان الله جلت صفاتہ ياد ايندو آهي ۽ بعضي مرفوع حديثن ۾ آهي تہ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن کان عرض ڪري پڇيو ويو تہ اولياءَ الله ڪير آهن؟ فرمايائون تہ "اهي جو جڏهن ڏٺا وڃن تہ الله ياد ڪيو وڃي" ۽ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن کان اها بہ روايت آيل آهي تہ الله عزوجل فرمايو آهي "منهنجن ٻانهن مان منهنجا اولياءَ اهي آهن جو اهي منهنجي ذڪر سان ياد ڪيا وڃن ٿا ۽ مان انهن جي ذڪر سان ياد ڪيو وڃان ٿو." (٢) والله اعلم

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاجز رب ڪريم جي فضل ۽ حبيب پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي نظر ڪرم سان اڄ اڱاري جي ڏينهن شام جو ٥ لڳي چاليهن منٽن تي بموٴرخہ ٢٤ رجب ١٤٢٦ هـ الموافق ٣٠ آگسٽ ٢٠٠٥ع تي پنهنجي گهر واريءَ لائبريريءَ ۾ سورة القلم جو تفسير لکي پورو ڪيو ان مالڪ الملڪ جل وعلا جي دربار ۾ نهايت عاجزانہ التجا آهي تہ شال پنهنجي محبوب عليہ الصلواة والسلام جي محابي باقي رهيل تفسير لکڻ جي بہ نعمت جلد از جلد نصيب ڪرڻ فرمائي. آمين ثم آمين يا ارحم الرحمين.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) ساڳيو حوالو (٢) ساڳيو حوالو

سورة "اَلْحَاقَّةِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة پاڪ جو نالو "اَلْحَاقَّةِ" آهي جيڪو هن جي آيت ع ١ ـ آهي.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة مبارڪه ۾ ٻه رڪوع، ٻاونجاهه (٥٢) آيتون، ٻه سوءِ ڇاونجاهه (٢٥٦) ڪلما ۽ هڪ هزار چار سوءِ ٽيويهه (١٤٢٣) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقيءَ حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته سورة "الحاقة" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول جو زمانو: مفسرن ڀلارن حضرت امام احمد جي مسند کان هيءَ روايت نقل ڪئي آهي ته حضرت عمرِ جو اسلام کان پهريان هڪ واقعو بيان ڪيو آهي ان فرمايو ته هڪ ڏينهن مان نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کي تڪليف ڏيڻ جي ارادي سان گهر کان نڪتس پوءِ مون کين ان حال ۾ لڌو جو مون کان اڳي مسجد (حرام) ۾ داخل ٿي چڪا هئا مان وڃي سندن پٺيان بيٺس ته پاڻ سورة "الحاقة" پڙهڻ شروع ڪري چڪا هئا مان قرآن جي ترتيب کان عجب ۾ پئجي چيو ته "الله جو قسم هي شاعر آهي جيئن قريشي چون ٿا" پوءِ پاڻ پڙهيائون "اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ ۝ وَّمَا هُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ قَلِيْلًا مَّا تُؤْمِنُوْنَ" (بلاشڪ اهو رسول ڪريم جو پڙهيل آهي ۽ شاعر جو قول ناهي ٿورو ٿا ايمان آڻيو) مون (دل ۾) چيو ته پوپو آهي ته پاڻ پڙهيائون "وَلَا بِقَوْلِ كَاهِنٍ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ" (۽ نه پوپي جو قول آهي ٿوري نصيحت وٺو ٿا) سورة جي آخر تائين پڙهيائون پوءِ اسلام منهنجي دل ۾ چڱي طرح جاءِ ورتي. (٣) هن روايت مان واضح ٿيو ته هيءَ سورة نبوي مڪي دور جي ابتداءِ ۾ حضرت عمر رضي الله عنه جي ايمان آڻڻ کان پهريان نازل ٿي هئي.

مضمون: هن ۾ حلفي طور بيان ڪيو ويو آهي ته قيامت ضرور واقع ٿيندي گڏوگڏ ثمود، عاد ۽ فرعون جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي قيامت تي ايمان نه رکندا هئا جنهن جو نتيجو انهن جي عبرت ناڪ تباهيءَ ۾ ظاهر ٿيو ان مان اهو به معلوم ٿيو ته قيامت جو عقيدو افراد ۽ اقوام جي اصلاح ۾ ڪيترو موثر رهندو آهي آيت ع ١٣ ـ

(١) ضياءُ القرآن ص ٣٤٥ ـ جلد ٥ (٢) الدرالمنثور ص ٣٣ ـ جلد ٨ (٣) روح المعاني ص ٤٨ ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠

کان آيت ع١٧ـ تائين قيامت جي ڏينهن برپا ٿيندڙ هولناڪ حادثات جو ذکر فرمايو ويو آهي آيت ع١٨ـ کان وٺي آيت ع٣٧ـ تائين ٻڌايو ويو آهي ته جيڪي ماڻهو اهو ايمان رکندا هئا ته هڪ ڏينهن انهن کي پنهنجي پروردگار وٽ پيش ٿيڻو آهي ۽ انهن جو محاسبه ٿيندو انهن کي اتي سندن اعمالناما سڄي هٿ ۾ ڏنا ويندا ۽ انهن جي وڏي عزت افزائي ڪئي ويندي ۽ جيڪي قيامت جا منڪر هوندا انهن جا عملنامه کين کٻي هٿ ۾ ڏنا ويندا ۽ ان وقت انهن جي حسرت ۽ ندامت ڏسڻ جهڙي هوندي. ٻئي رکوع ۾ هي ٻڌايو ويو آهي ته قرآن ڪريم نه ڪنهن شاعر جو شعر نه ڪنهن ڪاهن جي ڪهانت آهي بلڪ اهو رب العزة جو مقدس ڪلام آهي جيڪو سندس رسول ڪريم تي نازل ڪيل آهي ان رسول عليه الصلوٰة والسلام جي اها مجال ناهي جو پنهنجي طرفان ڪجهه ٺاهي ان جي نسبت پنهنجي پاڪ رب ڏانهن ڪري جيڪڏهن بفرض محال اهو ائين ڪري ها ته اسين ان وقت ان جي دل واري رڳ ڪٽي ڇڏيون ها.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة (نٓ) ۾ قيامت جو ذکر مختصر هو ۽ هن ۾ ان جو ذکر تفصيل سان ڪري ان جي عظمت جي خبر ڏني وئي آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: ابي بن ڪعب رضي الله عنه کان روايت آهي ته سيدنا رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو جنهن سورة "اَلْحَاقَّةِ" پڙهي الله ان سان حساب آسان ڪندو. (١) ابوالزاهرية حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته (سيدنا) رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن سورة "اَلْحَاقَّةِ" مان يارهن آيتون پڙهيون اهو دجال جي فتني کان بچايو ويندو ۽ جنهن اها پڙهي ان جي لاءِ اها قيامت جي ڏينهن مٿي کان وٺي پيرن تائين نور هوندي." (٢)



(١) اللباب في علوم الکتب ص٣٤٧ـ جلد ٩ (٢) روح المعاني ص٢٥٦ـ جلد ١٠

وهي اثنتان وخمسون اية	سورة الحاقة مكية	وفيها ركوعان
۽ اها ٥٢ آيتون آهي	سورة الحاقة مكي آهي	۽ ان ۾ ٻه ركوع آهن

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع كيان تو جيكو گهڻو ئي مهربان هميشه رحم كندڙ آهي.

اَلْحَاقَّةُ (١) مَا الْحَاقَّةُ (٢) وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْحَاقَّةُ (٣) كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ وَعَادٌ

حق هوندڙ گهڙي آهي حق هوندڙ ۽ كنهن ڄاڻايو توكي ڇا آهي حق هوندڙ كوڙو ڇيو ثمود ۽ عاد

بِالْقَارِعَةِ (٤) فَاَمَّا ثَمُوْدُ فَاُهْلِكُوْا بِالطَّاغِيَةِ (٥) وَاَمَّا عَادٌ فَاُهْلِكُوْا

ٺكرا ٺكرا كندڙ كي پوءِ پر ثمود پوءِ هلاك كيا ويا هك رڙ سان ۽ پر عاد پوءِ هلاك كيا ويا

بِرِيْحٍ صَرْصَرٍ عَاتِيَةٍ (٦) سَخَّرَهَا عَلَيْهِمْ سَبْعَ لَيَالٍ وَّثَمٰنِيَةَ اَيَّامٍ

واءِ سخت ٺڌي، نهايت تيز سان جو مطيع كيائين ان كي انهن تي ستن راتيون ۽ اٺ ڏينهن

حُسُوْمًا فَتَرَى الْقَوْمَ فِيْهَا صَرْعٰى كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ خَاوِيَةٍ (٧) فَهَلْ

پاڙن كان پٽيندڙ پوءِ ڏسندين قوم كي ان ۾ كريل ڄڻ ته اهي ٿڙ كجين كريلن جا آهن پوءِ

تَرٰى لَهُمْ مِّنْ بَاقِيَةٍ (٨) وَجَآءَ فِرْعَوْنُ وَمَنْ قَبْلَهٗ وَالْمُؤْتَفِكٰتُ

ڇا ڏسين تو انهن مان كو باقي رهندڙ ۽ آندو فرعون ۽ انهن جيكي ان كان اڳي هئا ۽ اونڌو كيرايل

بِالْخَاطِئَةِ (٩) فَعَصَوْا رَسُوْلَ رَبِّهِمْ فَاَخَذَهُمْ

ڳوٺن جي (رهاكن) گناهه پوءِ بي فرماني كيائون پنهنجي رب جي رسول جي پوءِ پكڙيائين

اَخْذَةً رَّابِيَةً (١٠) اِنَّا لَمَّا طَغَا الْمَآءُ حَمَلْنٰكُمْ فِى الْجَارِيَةِ (١١)

انهن كي پكڙ سخت بيشك اسان جڏهن حد كان لنگهيو پاڻي ته كنيوسون اوهان كي ٻيڙيءَ ۾

لِنَجْعَلَهَا لَكُمْ تَذْكِرَةً وَّتَعِيَهَآ اُذُنٌ وَّاعِيَةٌ (١٢)

تانت بنايون ان كي اوهان جي لاءِ يادگار ۽ ياد ركن ان كي ياد كندڙ

تفسير

هن کان اڳيئن سورة پاڪ ۾ قرآن ڪريم ڪي ڪوڙو چونڊڙن ڪي عذاب جو وعدو ڏنل آهي ۽ هن ۾ ان ڏينهن جو ذڪرآهي جنهن ۾ اهي عذاب ڪيا ويندا. فرمان مبارڪ آهي "اَلْحَاقَّةُ مَاالْحَاقَّةُ وَمَآاَدْرٰكَ مَاالْحَاقَّةُ" (حق هوندڙ ڪهڙي آهي حق هوندڙ ۽ ڪنهن ڄاڻايو توکي تہ ڪهڙي آهي حق هوندڙ) "الحاقة" مان مراد قيامت آهي ان ڪي ان نالي سان ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ان جو اچڻ حق آهي. "اَلْحَاقَّةُ" ۾ ان جي تعظيم ۽ شان جو اظهار آهي جيئن چئبو آهي "زيدماهو" زيد ڪهڙو آهي؟ (١) يا ان جي ڪري تہ ان ۾ سيني تصفيہ طلب امرن جي حقيقت واضح ٿي ويندي يا ان لاءِ تہ ان ڏينهن جزا ۽ سزا متحقق ٿيندي. (٢) "كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ وَعَادٌۢ بِالْقَارِعَةِ" (ثمود ۽ عاد جي قومن ٽڪرا ٽڪرا ڪندڙ (قيامت) ڪي ڪوڙو چيو) "اَلْقَارِعَةِ" جي معنيٰ ڪن مفسرن مٿي لکيل ڪئي آهي ڪن فرمايو تہ ان جي معنيٰ آهي دلين ڪي کڙڪائيندڙ مطلب تہ ان ڏينهن ۾ ماڻهن جون دليون هيبت ۽ ڊپ ۾ ڀريل هونديون، آسمان ڦاٽندا، زمين زلزلي ۾ آندي ويندي، جبل ڪپهہ وانگر ٿي اڏا مندا، تارا بي نور ڪيا ويندا. (٣) "فَاَمَّا ثَمُوْدُ فَاُهْلِكُوْا بِالطَّاغِيَةِ" (پوءِ پر ثمود (جي قوم وارا) پوءِ سخت رڙ سان هلاڪ ڪيا ويا) ثمود حضرت صالح جي قوم هئي (جن جي حالات جو ذڪر سورة الاعراف، سورة هود ۽ سورة الشعراء ۾ تفصيل سان لکجي آيو آهي) هنن جي مٿان حضرت جبريل نهايت ڪڙڪيدار آواز ڪيو ان ۾ هلاڪ ٿي ويا. "وَاَمَّا عَادٌ فَاُهْلِكُوْا بِرِيْحٍ صَرْصَرٍ عَاتِيَةٍ" (۽ پر عاد (حضرت هود علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام جي قوم وارا) پوءِ هوا سان هلاڪ ڪيا ويا جيڪا نهايت ٿڌي ۽ تيز هئي) "سَخَّرَهَا عَلَيْهِمْ سَبْعَ لَيَالٍ وَّثَمٰنِيَةَ اَيَّامٍ حُسُوْمًا فَتَرَى الْقَوْمَ فِيْهَا صَرْعٰى كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ خَاوِيَةٍ فَهَلْ تَرٰى لَهُمْ مِّنْۢ بَاقِيَةٍ" (ان هوا ڪي انهن جي مٿان ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن اهڙي نموني مسخر مسلسل هلڻ واري ڪري ڇڏيائين جيڪا سندن پاڙون پٽيندڙ هئي پوءِ ڏسين ها ان قوم ان ۾ ڪريل چڻ تہ اهي ڪيريل ڪجين جا ٽڙ آهن پوءِ ڇا انهن مان ڪو باقي رهندڙ ڏسين ٿو؟) مطلب تہ اها ٿڌي ۽ تيز هوا انهن جي مٿان ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن اهڙي قوت سان لڳي جو سندن پاڙو پٽي ڇڏيائين ۽ اهي ڏسو ها تہ ائين ڪريا پيا هئا جيئن ڪجين جا اندران خالي ۽ پورا ٽڙ پاڙ کان ڪدي اجلائي ڇڏبا آهن ۽ زمين تي ڍير لڳا پيا هوندا آهن هاڻي ڏسو تہ انهن مان ڪو فرد رهيل آهي؟ نہ آهي ۽ نہ

(١) الوجيز ص١١٢٦ ـ جلد ٢ (٢) المظهري ص٤٨ ـ جلد ١٠ (٣) المراغي ص٥١ ـ جزء ٢٩ جلد ١٠

نظر ايندو اهي مڪمل طور ختم ٿي ويا. ”وَجَآءَ فِرۡعَوۡنُ وَمَنۡ قَبۡلَهٗ وَالۡمُؤۡتَفِكٰتُ بِالۡخَاطِئَةِ“ (۽ فرعون ۽ ان کان اڳين (ڪافرن) ۽ اونڌو ڪري ڪيرايلن ڳوٺن (جي رهندڙن) گناهہ آندو) مطلب تہ فرعون ۽ ان کان اڳي گذرڻ وارن ڪافرن ۽ حضرت لوط علیٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي قوم جن جي ڳوٺن کي جبريل سڳوري پرن تي کڻي اونڌو ڪري ڪيرايو هو اهي سڀ مجرم ۽ خطادار هئا. ”فَعَصَوۡا رَسُوۡلَ رَبِّهِمۡ فَاَخَذَهُمۡ اَخۡذَةً رَّابِيَةً“ (پوءِ پنهنجي رب جي رسول جي بي فرماني ڪيائون تہ انهن کي سخت پڪڙ سان پڪڙيائين) مطلب تہ مذڪوره قومن مان هر هڪ انهن ڏانهن موڪليل رسول علیٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام کي نہ مڃيو ان جي ڪري الله عزوجل انهن کي نهايت سخت عذابن سان مبتلا ڪري تباهہ ڪيو. ”اِنَّا لَمَّا طَغَا الۡمَآءُ حَمَلۡنٰكُمۡ فِى الۡجَارِيَةِ لِنَجۡعَلَهَا لَكُمۡ تَذۡكِرَةً وَّتَعِيَهَاۤ اُذُنٌ وَّاعِيَةٌ“ (بلاشڪ اسان جڏهن پاڻي حد کان لنگهيو تہ اوهان کي ٻيڙيءَ ۾ ڪنيوسون تانتہ ان کي اوهان جي لاءِ يادگار بنايون ۽ ان کي محفوظ رکندڙ ياد ڪن) هنن ٻن آيتن ۾ حضرت نوح علیٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي طوفان جو ذڪر آهي جنهن ۾ الله عزوجل ۽ ان جي نبي جا منڪر تہ ٻڏي ويا پر جيڪي ٿورڙا مومن هئا اهي حضرت سان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيڻ جي ڪري بچي ويا ان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيڻ وارا مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو نہ هئا پر سندن وڏا هئا جيڪڏهن اهي نہ بچن ها تہ هي بہ پيدا نہ ٿين ها. الله عزوجل ان جي ڪري ان کي هنن لاءِ يادگار ۽ محفوظ رکڻ جهڙو واقعو قرار ڏنو آهي.

فائدو: مذڪوره آيتن مان معلوم ٿيو تہ قيامت جي قائم ٿيڻ وارو عقيدو حق ۽ ضروري آهي ان جو منڪر ڪڏهن بہ مومن رهي نہ ٿو سگهي ان عقيدي کي وري آٽڻ مان مقصد ان جي اهميت بيان ڪرڻ آهي ان عقيدي سان ئي انسان براين کان بچي سگهي ٿو.

فَاِذَا نُفِخَ فِى الصُّوۡرِ نَفۡخَةٌ وَّاحِدَةٌ (١٣) وَّحُمِلَتِ الۡاَرۡضُ وَالۡجِبَالُ

پوءِ جڏهن ڦوڪ ڏني ويندي صور ۾ ڦوڪ هڪڙي ۽ کڻي ويندي زمين ۽ جبل

فَدُكَّتَا دَكَّةً وَّاحِدَةً (١٤) فَيَوۡمَئِذٍ وَّقَعَتِ الۡوَاقِعَةُ (١٥) وَانۡشَقَّتِ

پوءِ ٽڪرا ٽڪرا ڪيا ويندا هڪ دفعي ۾ پوءِ ان ڏينهن واقع ٿيندي واقع ٿيندڙ ۽ ڦاٽي پوندو

السَّمَآءُ فَهِىَ يَوۡمَئِذٍ وَّاهِيَةٌ (١٦) وَّالۡمَلَكُ عَلٰۤى اَرۡجَآئِهَا ؕ وَيَحۡمِلُ

آسمان پوءِ اهو ان ڏينهن ڪمزور هوندو ۽ ملائڪ ان جي پاسن تي هوندا ۽ کڻندا

عَرْشَ رَبِّكَ فَوْقَهُمْ يَوْمَئِذٍ ثَمٰنِيَةٌ (١٧) يَوْمَئِذٍ تُعْرَضُونَ لَاتَخْفٰى

تنهنجي رب جو عرش پنهنجي مٿان ان ڏينهن اٺ (ملائڪ) ان ڏينهن پيش ڪيا ويندؤ اوهان

مِنْكُمْ خَافِيَةٌ (١٨) فَأَمَّا مَنْ أُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ

نه لڪل رهندو اوهان مان ڪو لڪندڙ پوءِ پر جيڪو ڏنو ويندو پنهنجو دفتر پنهن سڄي هٿ ۾

فَيَقُوْلُ هَآؤُمُ اقْرَءُوْا كِتٰبِيَهْ (١٩) إِنِّيْ ظَنَنْتُ أَنِّيْ مُلٰقٍ

پوءِ چوندو وٺو پڙهو منهنجو دفتر بيشڪ مون يقين ڪيو هو ته بيشڪ مان پنهنجي

حِسَابِيَهْ (٢٠) فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ (٢١) فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ (٢٢)

حساب کي ملندڙ آهيان پوءِ اهو پسند ڪيل حياتيءَ ۾ هوندو بلند جنت ۾

قُطُوْفُهَا دَانِيَةٌ (٢٣) كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓئًا بِمَآ أَسْلَفْتُمْ فِي الْأَيَّامِ

ان جا ميوا ويجها هوندا کائو ۽ پيئو خوش ٿيندي ان سببان جو اڳي ڪري موڪليو اوهان گذريلن

الْخَالِيَةِ (٢٤) وَأَمَّا مَنْ أُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِشِمَالِهٖ ۙ فَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ

ڏينهن ۾ ۽ پر جيڪو ڏنو ويو پنهنجو دفتر پنهنجي کٻي هٿ ۾ پوءِ چوندو اي ڪاش!

لَمْ أُوْتَ كِتٰبِيَهْ (٢٥) وَلَمْ أَدْرِ مَا حِسَابِيَهْ (٢٦) يٰلَيْتَهَا

نه ڏنو وڃان ها مان پنهنجو دفتر ۽ نه ڄاڻان ها مان ته منهنجو حساب ڪهڙو آهي اي ڪاش!

كَانَتِ الْقَاضِيَةَ (٢٧) مَآ أَغْنٰى عَنِّيْ مَالِيَهْ (٢٨) هَلَكَ عَنِّيْ

ٿي وڃي ها پورو ڪندڙ (موت) نه فائدو ڏنو منهنجي طرفان منهنجي مال هلاڪ ٿي وئي مون کان

سُلْطٰنِيَهْ (٢٩) خُذُوْهُ فَغُلُّوْهُ (٣٠) ثُمَّ الْجَحِيْمَ

منهنجي بادشاهي پڪڙيو ان کي پوءِ (ڳچيءَ ۾) ڳٽ وجهو ان کي ان کان پوءِ دوزخ ۾

صَلُّوْهُ (٣١) ثُمَّ فِيْ سِلْسِلَةٍ ذَرْعُهَا سَبْعُوْنَ ذِرَاعًا فَاسْلُكُوْهُ (٣٢) إِنَّهٗ

داخل ڪيو ان کي ان کان پوءِ زنجير ۾ جو ماپ ان جي ستر گز آهي پوءِ ان کي ٻڌو بيشڪ

كَانَ لَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ الْعَظِيْمِ (٣٣) وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ (٣٤)

انهي نه ٿي ايمان آندو الله عظيم تي ۽ نه پيو رغبت ڏياري مسڪين کي کاڌي کارائڻ تي

فَلَيْسَ لَهُ الْيَوْمَ هٰهُنَا حَمِيمٌ (٣٥) وَّلَاطَعَامٌ اِلَّا مِنْ غِسْلِيْنٍ (٣٦)

پوءِ ناهي ان جي لاءِ اڄ هتي ڪو دوست ۽ نہ ڪاڌو مگر پونءِ

لَّايَاْكُلُهٗٓ اِلَّا الْخَاطِئُوْنَ (٣٧)ع

نہ کائيندا ان کي مگر خطا ڪندڙ

٥ رکوع

تفسير

اڳين آيتن ۾ تن ڪافر قومن جو بيان هو جن کي هلاڪ ڪرڻ سان الله عزوجل جي قدرت ۽ حڪمت جو ثبوت ونئي قيامت جي واقع ٿيڻ جي يقين هجڻ تي دليل ورتو ويو ۽ هتي ان قيامت جي ڏينهن جون ڪجهہ ڳالهيون ۽ حالات بيان ٿيون آهن ارشاد عالي آهي "فَاِذَا نُفِخَ فِي الصُّوْرِ نَفْخَةٌ وَّاحِدَةٌ" (پوءِ جڏهن صور (ڏنڊ) ۾ هڪ ڦوڪ ڏني ويندي) يعني دنيا ۾ موجود هر شيءِ کي فنا ڪرڻ جي لاءِ حضرت اسرافيل صور ۾ پهرين ڦوڪ ڏيندو. "وَحُمِلَتِ الْاَرْضُ وَالْجِبَالُ فَدُكَّتَا دَكَّةً وَّاحِدَةً" (۽ زمين ۽ جبل کنيا ويندا پوءِ هڪ ئي دفعي ۾ ٽڪرا ڪيا ويندا) يعني زمين ۽ جبل پنهنجي پنهنجي جاءِ تان اکوڙي ڪڍيا ويندا نہ زمين هڪ جاءِ تي رهندي ۽ نہ جبل هڪ هنڌ بيهي سگهندا ۽ هڪ ٻئي ۾ لڳي ڀڄي پورا پورا ٿي ويندا. "فَيَوْمَئِذٍ وَّقَعَتِ الْوَاقِعَةُ" (پوءِ ان ڏينهن واقع ٿيندڙ واقع ٿيندي) يعني مذڪوره حالات کان پوءِ قيامت قائم ٿيندي. (١) "وَانْشَقَّتِ السَّمَآءُ فَهِيَ يَوْمَئِذٍ وَّاهِيَةٌ" (۽ آسمان ڦاٽندا پوءِ اهي ان ڏينهن نهايت ڪمزور هوندا) "واهيــة" جي معنيٰ مضبوط هجڻ کان بعد ضعيف ٿيندڙ هوندا (٢) مطلب تہ ان ڏينهن هي آسمان ڦاٽي پوندا الله عزوجل جي امر سان ڪشش جا ضابطا جيڪي هن وقت هر سياري کي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي روڪيو بيٺا آهن اهي ختم ٿي ويندا. "وَّالْمَلَكُ عَلٰٓى اَرْجَآئِهَا" (۽ ملائڪ ان جي پاسن تي هوندا) يعني جيڪي ملائڪ آسمان جي مٿان ان جي چپي چپي تي عبادت ۾ بيهندڙ رڪوع ۽ سجدا ڪندڙ آهن جڏهن آسمان جو نظام درهم برهم ٿيندو تہ اهي ملائڪ ان جي ڪنارن تي وڃي بيهندا. "وَيَحْمِلُ عَرْشَ رَبِّكَ فَوْقَهُمْ يَوْمَئِذٍ ثَمٰنِيَةٌ" (۽ ان ڏينهن تنهنجي رب جي عرش کي پنهنجي مٿان اٺ (ملائڪ) کڻندا) "تنهنجي رب جي عرش" جو اهو مطلب ناهي تہ الله عزوجل عرش تي ويٺو آهي ۽ ملائڪ ان کي کنيو بيٺا آهن ڇو تہ الله عزوجل ڪنهن مڪان ۾ سمجائڻ کان پاڪ آهي الله عزوجل ڏانهن عرش جي نسبت عرش جي عزت افزائي لاءِ آهي ها عرش الله عزوجل جي خصوصي تجليات جي جلوه گاه آهي. اضافــة العرش الى الله تعالىٰ

(١) تنوير الايمان ص٣٨ـ پ ٢٩ (٢) تفسير وبيان كلمات القرآن الكريم ص٥٦٧ـ

لتعظيمه ولاختصاصه بتجلي مخصوص (١) متين يا هيٺين ڪائنات ۾ جنهن قسم جا تصرفات ٿي رهيا آهن جن تدبيرن جو ظهور ٿي رهيو آهي انهن سڀني جو مرڪز اهو مقام آهي جنهن کي عرش چيو وڃي ٿو. عالم وجود ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي ان جو منبع ۽ مصدر به عرش آهي. صحيح حديث ۾ آيو آهي ته هن وقت عرش کي کڻندڙ چار ملائڪ آهن ۽ قيامت جي ڏينهن اهو اٺن ملائڪن تي هوندو. ڪي چون ٿا ته ان عرش مان مراد اهو عرش آهي جنهن کي قيامت جي مخلوق جي حساب ڪتاب جي لاءِ هيٺ آڻي رکندا. (٢) پر علامه ابن ڪثير لکيو آهي ته هتي مذڪور عرش مان مراد عرش عظيم آهي. علامه موصوف ابن ابي حاتم کان حضرت جابر رضي الله عنه کان ان نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کان روايت آندي آهي پاڻ فرمايائون ته "مون کي اجازت ڏني وئي آهي ته اوهان کي عرش جي حاملن جي ڪيفيت ٻڌايان عرش جي حاملن ملائڪن مان هر ڪنهن جي ڪن جي پاپڙي کان وٺي ڪنڌ تائين ايترو پنڌ آهي جيترو ست سوءِ ورهن اڏامڻ سان پکي اڏامي ڪندو آهي." علامه موصوف لکيو آهي ته هن حديث جي سند پلي آهي سندس سڀ راوي معتبر، ثقه آهن. "يَوْمَئِذٍ تُعْرَضُونَ لَا تَخْفَىٰ مِنكُمْ خَافِيَةٌ" (ان ڏينهن اوهان پيش ڪيا ويندؤ اوهان مان ڪو لڪندڙ لڪي نه سگهندو) مطلب ته اوهان ان الله عزوجل جي بارگاهه عاليجاه ۾ پيش ڪيا ويندؤ جيڪو ڪليل ۽ لڪل شين جو ڄاڻندڙ آهي. ابن ابي الدنيا ثابت بن حجاج کان روايت آندي آهي ان چيو ته حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه فرمايو ان کان اڳي جو اوهان حساب ڪيا وڃو پنهنجن نفسن جو حساب ڪيو ۽ ان کان اڳي جو اوهان جا عمل توريا وڃن پاڻ کي (نيڪ اعمال جي لحاظ سان) توريو اٺين ڪرڻ اوهان جي قيامت جي حساب ڪرڻ ۾ نهايت هلڪائي ڪندڙ آهي پنهنجن نفسن جو حساب ڪيو ۽ (قيامت جي ڏينهن الله عزوجل جي بارگاهه ۾) پيش ٿيڻ لاءِ (سهڻن عقيدن ۽ سهڻن عملن) سان پاڻ کي سينگاريو. (٣) "فَأَمَّا مَنْ أُوتِيَ كِتَابَهُ بِيَمِينِهِ فَيَقُولُ هَاؤُمُ اقْرَءُوا كِتَابِيَهْ" (پوءِ پر جيڪو پنهنجو دفتر پنهنجي سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو پوءِ چوندو وٺو منهنجو دفتر پڙهو) مطلب ته جڏهن مومن مسلمان کي الله عزوجل جي فضل وڪرم سان سندس عملنامو سڄي هٿ ۾ ملندو ۽ پڪ ٿيندس ته هاڻي اهو ڇٽلن ٻانهن مان آهي ته خوشيءَ مان پنهنجي جماعت کي سڏي چوندو ته اچو هي عملنامون وٺو ۽ پڙهي ڏسو. (۴) "إِنِّي ظَنَنتُ أَنِّي مُلَاقٍ حِسَابِيَهْ" (بلاشڪ

(١) المظهري ص-٥٢ـ جلد ١٠ (٢) تنوير الايمان ص-٣٨ـ پ ٢٩ (٣) تفسير ابن ڪثير ص-٤١٤ـ جلد ۴ (۴) جلالين مع شرحه ڪشف المحجوبين ص-٢۴٣ـ

مون يقين ڪيو هو تہ مان پنهنجي حساب کي ملندڙ آهيان) حساب جي معنيٰ محاسبہ، يعني ٻانهن جي پلن ۽ برن عملن کي بدلي ڏيڻ لاءِ ڳڻڻ ظن هتي ۽ ٻين ڪيترين جاين تي يقين جي معنيٰ ۾ آيل آهي. مطلب تہ سڄي هٿ ۾ عملنامو ملڻ وارو ٻانهو چوندو تہ مون کي حساب لاءِ پيش ٿيڻ جو يقين هو ۽ ان يقين ۽ ايمان جي برڪت آهي جو مان اڄ سڄي هٿ ۾ عملنامو کنيو هلان پيو. "فَهُوَ فِىْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ فِىْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ" (پوءِ اهو پسند ڪيل زندگيءَ ۾، بلند بهشت ۾ آهي) ملطب تہ ان ٻانهي جي اخروي زندگي نهايت پسند ڪيل هوندي اها نقصان کان پاڪ نفعي واري هوندي، لازوال، غير منقطع، دائمي هوندي ان ملڻ جو مقصد ان ٻانهي جي مٿان الله عزوجل جي راضي هجڻ جو اظهار هوندو حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ: زنده هوندا نہ مرندا صحتمند هوندا بيمار نہ ٿيندا. (۱) "قُطُوْفُهَا دَانِيَةٌ" (ان جا ميوا ويجها هوندا) جن کي بيٺل توڙي ويٺل پهچي سگهندو. (۲) بلڪ ستل جنتي جيڪڏهن ستي ميوو کائڻ گهرندو تہ اهو ميوو اتي ان جي وات ۾ اچي پوندو. (۳) "كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَآ اَسْلَفْتُمْ فِى الْاَيَّامِ الْخَالِيَةِ" (جيڪي گذريلن ڏينهن ۾ اوهان اڳي ڪري موڪليو ان جي بدلي ۾ مزي سان کائو ۽ پيئو) مطلب تہ اوهان جيڪي صالح اعمال هتي پهچڻ کان اڳي ڪري موڪليا هئا انهن جي بدلي ۾ مزي سان، نهايت مطمئن ٿي بهشتي ميوا کائو ۽ بهشتي نهرن مان پاڻي، کير وغيره پيئو. حضرت مجاهد فرمايو تہ اڳي ڪري موڪليلن مان مراد روزيدار آهن انهن کي جيو ويندو تہ اوهان پاڻ کي دنيا ۾ کائڻ ۽ پيئڻ کان روڪيو هو سخت گرمي هوندي هئي تہ بہ اڄ برداشت ڪندا هيئو ان جي بدلي ۾ هتي کائي پي ڏوَ ڪيو. ڪو بزرگ وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو ويو ان کان پڇيو ويو تہ الله توکي ڇا ڪيو؟ ان ٻڌايو تہ مون تي رحم ڪيائين ۽ فرمايائين تہ دنيا ۾ (روزا رکڻ جي ڪري) نہ کائڻ وارا! هاڻي بهشتي ميوا کاءُ ۽ نہ پيئڻ وارا جنتي نهرن مان پي ڍؤ ڪر. ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ الله عزوجل فرمائيندو "اي منهنجا دوست ٻانهوٓ! گهڻو وقت گذريو آهي جو مون اوهان کي دنيا ۾ روزن رکڻ جي ڪري چپ سڪل، اڄ جي ڪري اکيون اندر ويل، پيٽ پٺيءَ سان لڳل ڏٺو آهي اڄ نعمتن ۾ رهندي انهن اڳي موڪليلن عملن جي بدلي ۾ کائو ۽ پيئو. (۴) "وَاَمَّا مَنْ اُوْتِىَ كِتٰبَهٗ بِشِمَالِهٖ" (۽ پر جنهن کي سندس دفتر سندس کٻي هٿ ۾ ڏنو ويندو) هي ان جي خساري ۾ هجڻ ۽ ڪيس عذاب ملڻ جي نشاني هوندي. "فَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِىْ لَمْ اُوْتَ كِتٰبِيَهْ" (پوءِ چوندو اي ڪاش! مان پنهنجو ڪتاب نہ ڏنو وڃان ها) مفسرن

(۱) تنويرالاذهان صـ٣٩٤ـ جلد ۴ (۲) تنوير المقياس صـ۴٨٣ـ (۳) البحرالمحيط صـ٣٢٥ـ جلد ٨ (۴) تنوير الاذهان صـ٣٩٥ـ جلد ۴

لکيو آهي تہ جنهن کي کبي هٿ ۾ اعمالنامون ڏنو ويندو اهو پنهنجي اعمال جي قباحت ڏسي پريشان ۽ پشيمان ٿي چوندو تہ ڪاش! مون کي منهنجو عملنامو نہ ڏنو وڃي ها تہ ڀلو هو. "وَلَمْ اَدْرِ مَاحِسَابِيَــهْ" (۽ مان نہ ڄاڻان ها تہ منهنجو حساب ڪهڙو آهي) يعني مان ڄاڻان ها تہ منهنجو حساب ايترو سخت ۽ وڏو آهي. "يٰلَيْتَهَا كَانَتِ الْقَاضِيَــةَ" (اي ڪاش! ڪم پورو ڪندڙ هجي ها) "القاضيــة" مان مراد موت آهي. کبي هٿ ۾ اعمالنامون مليل چوندو تہ ڪاش! مان قبر مان نہ اٿاريو وڃان ها تہ عذاب بہ نہ ڏسان هميشــه وارو موت مون لاءِ ڀلو هو. "مَاۤاَغْنٰى عَنِّىْ مَالِيَــهْ هَلَكَ عَنِّىْ سُلْطَانِيَــهْ" (مون کي منهنجي مال نفعو نہ ڏنو مون کان منهنجي سلطنت بہ هلي وئي) يعني مون جيڪو مال گڏ ڪيو هو ان مون کي ڪو بہ فائدو نہ ڏنو ۽ نہ الله عزوجل جي عذاب کان بچايائين مون کان مون واري بادشاهي، سلطنت نصب، ناز ۽ نخرا بہ هليا ويا هاڻي تہ منهنجو ڪو بہ مددگار، ساٿي ۽ ڇڏائڻ وارو نہ رهيو آهي. "خذوه فغلوه" (ان کي پڪڙيو پوءِ ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهو) يعني الله عزوجل جهنم تي مقرر ڪيل ملائڪن کي فرمائيندو تہ هن مجرم، بي فرمان کي پڪڙيو ۽ ان جي ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهي ٻڌو پوءِ هڪدم هڪ لک ملائڪ ان کي وٺي سندس هٿ سندس ڪنڌ سان ٻڌندا. "ثُمَّ الْجَحِيْمَ صَلُّوْهُ" (ان کان پوءِ ان کي جنهم ۾ داخل ڪيو) يعني جهنم جي ان باهہ ۾ جيڪا ٻڙڪندڙ ۽ سخت ساڙيندڙ هوندي. "ثُمَّ فِىْ سِلْسِلَــةٍ ذَرْعُهَا سَبْعُوْنَ ذِرَاعًافَا سْلُكُوْهُ" (ان کان پوءِ ان زنجير ۾ جنهن جي ماپ سترگز آهي ان کي مضبوط ڪري ٻڌو) هي سڀ فرمان ان ڪافر جي مٿان الله عزوجل جي غضب ۽ ڪاوڙ جا آهن. ڪافر کي ايڏن وڏن زنجيرن ۾ ٻڌي سوڙهو ڪري سزا ڏيو اهو ستر گزن وارو زنجير ڪافر جي مقعد کان داخل ڪري ان جي نڙيءَ کان ٻاهر ڪڍيو ويندو ۽ ان کان بعد ان جي پيشاني هيٺ ڪري پيرن سان ملائي ويندي. "اِنَّــهٗ كَانَ لَايُؤْمِنُ بِاللّٰهِ الْعَظِيْمِ" (بيشڪ ان الله عظيم تي ايمان نہ ٿي آندو) يعني ان کي عذاب ڪرڻ جو وڏو سبب اهو آهي جو ان الله عزوجل جي وحدانيت تي ايمان نہ ٿي آندو ۽ نہ ان جي پيارن رسولن عليهم الصلواة والسلام کي سچو چيو ٿي ڄڻ تہ ڪنهن پڇيو تہ ڪافر کي ايترو عذاب ڇو ڪيو ويندو؟ ان کي اهو جواب ڏنو ويو. "وَلَايَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ" (۽ مسڪين کي کاڌي کارائڻ تي ڪنهن کي رغبت نہ ڏياري پيو) مفسرن ڀلارن فرمايو تہ هتي کارائڻ جي بجاءِ ان تي حرص ڏيارڻ جو ذڪر ان جي ڪري ڪيل آهي تہ ٻڌندڙ متنبـه ٿئي تہ رغبت نہ ڏياريندڙ جو هي حال تہ آهي تہ نہ کارائيندڙ ۽ احسان نہ ڪندڙ جو حال ڇا هوندو؟ "فَلَيْسَ لَــهُ الْيَوْمَ هٰهُنَا حَمِيْمٌ" (پوءِ ان جي لاءِ اڄ هتي ڪو مددگار

ناهي) مطلب تہ ان جو اڄ (قيامت جي ڏينهن) ڪو بہ عزيز، غمخوار ۽ شفاعت ڪري
ڇڏائڻ وارو دوست ناهي. "وَلَاطَعَامٌ اِلَّامِنْ غِسْلِيْنٍ لَّايَاْكُلُهٗ اِلَّا الْخَاطِئُوْنَ" (۽ نہ ڪو کاڌو
مگر (رت) پون؛ ان کي نہ کائيندا مگر خطا ڪندڙ) مطلب تہ ان ڪافر جي لاءِ ڪو بہ
فرحت ڏيندڙ، بک لاهيندڙ قوت بخشيندڙ کاڌو نہ هوندو گناهگارن جي دوزخ ۾ داخل
ٿيندڙن جو گڏ تيل رت ۽ پونءِ هوندو اهو ان لاءِ بہ هوندو .
فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "فَاِذَا نُفِخَ فِی الصُّوْرِ" (پوءِ
جنهن وقت صور ۾ ڦوڪ ڏني ويندي) هيءَ ۽ ان جهڙيون ٻيون آيتون جنهن ۾ ڦوڪ
جو بيان آهي صوفياءَ ڪرام جي ڦيٽي جو اصل آهن حضرت جبريل عليہ السلام
سيده بيبي مريم علی ابنها وعليها السلام جي ويجهو ڦوڪ ڏني حضرت آدم علیٰ
نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي جسم ۾ الله عزوجل پنهنجي شان جي لائق روح
ڦوڪيو، قيامت قائم ڪرڻ جي لاءِ ڦوڪ ڏني ويندي انهن مان معلوم ٿيو فيض ۽
فائدي ڏيڻ جي لاءِ ڦوڪ ڏيڻ خداوندي سنت ۽ ملائڪن جي بہ سنت آهي. ٢. "كُلُوْا
وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا" (کائو ۽ پيئو مزا ماڻيندڙ ٿي) هتي کائڻ ۽ پيئڻ جي مطلق حڪم مان
معلوم ٿيو تہ ان کاڌي ۾ نہ بدهضمي هوندي نہ ڪا شرعي لحاظ سان منع اتي حرام
شين جو وجود ئي نہ هوندو. ٣. "بِمَآ اَسْلَفْتُمْ" (ان جي ڪري جيڪو اوهان اڳي
ڪري موڪليو هو) مان معلوم ٿيو تہ شرعي طرح عاقل، بالغ مسلمان جي لاءِ جنت
خود ان جي نيڪ عملن جو بدلو آهي ۽ مسلمانن جي مري ويلن ننڍڙن ٻارن جي لاءِ
يا ڪن وڏن جي لاءِ انهن جي والدين يا ڪنهن صالح نيڪ عمل ڪندڙن جو صدقو
آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ اهو بدلو دنيا ۾ ڪيلن نيڪ عملن جو هوندو قبر يا
آخرت ۾ ڪيل نيڪ عمل جو اهو بدلو نہ هوندو. ٤. "يٰلَيْتَنِیْ لَمْ اُوْتَ كِتٰبِيَهْ" (اي
ڪاش! مان پنهنجو ڪتاب نہ ڏنو وڃان ها) مان بہ ڳالهيون معلوم ٿيون "١" تہ مرڻ
کان پوءِ دنيا ۾ جاهل رهندڙ بہ پنهنجا عملناما پڙهي سگهندو. "٢" تہ مرڻ کان پوءِ
هر ڪنهن جي زبان عربي هوندي ڇو تہ اعمالناما بہ عربي زبان ۾ هوندا. (١)

فَلَآ اُقْسِمُ بِمَا تُبْصِرُوْنَ (٣٨) وَمَا لَا تُبْصِرُوْنَ (٣٩) اِنَّهٗ لَقَوْلُ

پوءِ قسم ڪٿان ٿو مان ان جو جيڪو ڏسو ٿا ۽ ان جو جيڪو نہ ٿا ڏسو بيشڪ اهو البت

رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ (٤٠) وَّمَا هُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ قَلِيْلًا مَّا تُؤْمِنُوْنَ (٤١) وَلَا بِقَوْلِ كَاهِنٍ

رسول، ڪريم جو پڙهيل آهي ۽ ناهي اهو شاعر جو قول ٿورو ايمان آڻيو ٿا ۽ نہ پوپي جو قول

(١) نورالعرفان ص ٩٠٥ ـ

قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ (٤٢) تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ (٤٣) وَلَوْ تَقَوَّلَ

توري نصيحت وٺو ٿا — رب العالمين جي طرفان نازل ڪيل آهي — ۽ جيڪڏهن پاڻ ٺاهي ها

عَلَيْنَا بَعْضَ الْاَقَاوِيْلِ (٤٤) لَاَخَذْنَا مِنْهُ بِالْيَمِيْنِ (٤٥) ثُمَّ لَقَطَعْنَا

اسان تي بعضي قول تہ — البت وٺون ها اسين ان کي سڄي هٿ کان ان کان پوءِ البت ڪٽيون ها

مِنْهُ الْوَتِيْنَ (٤٦) فَمَا مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ عَنْهُ حَاجِزِيْنَ (٤٧) وَاِنَّهٗ

ان جي ساهہ جي رڳ — پوءِ ناهي اوهان مان ڪو هڪڙو ان کان روڪيندڙ — ۽ بيشڪ اهو

لَتَذْكِرَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ (٤٨) وَاِنَّا لَنَعْلَمُ اَنَّ مِنْكُمْ مُّكَذِّبِيْنَ (٤٩)

البت نصيحت آهي متقين جي لاءِ ۽ بيشڪ اسين البت ڄاڻون ٿا تہ بيشڪ اوهان ڪوڙو چوندڙ آهن

وَاِنَّهٗ لَحَسْرَةٌ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ (٥٠) وَاِنَّهٗ لَحَقُّ الْيَقِيْنِ (٥١)

۽ بيشڪ اهو البت حسرت هوندي ڪافرن تي ۽ بيشڪ اهو حق اليقين آهي

فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ (٥٢) ع٢

پوءِ تسبيح پڑهہ پنهنجي رب عظيم جي نالي سان

تفسير

اڳين آيتن ۾ قيامت جي امڪان ان کان بعد ان جي وقوع تي دلائل قائم ڪيا ويا ان ڪان بعد نيڪ بختن ۽ بدبختن جي احوال جو بيان ٿيو تہ هتي ان دلائل کي بيان ڪندڙ قرآن ڪريم جو احوال بيان ٿي رهيو آهي.

شان نزول: قرآن پاڪ جي مشهور مفسر مقاتل فرمايو تہ هنن آيتن جو نزول جو سبب هي آهي تہ ڪافرن مان وليد بن مغيره چيو تہ (حضرت) محمد (عليه الصلواة والسلام) جادوگر آهي ۽ ابوجهل چيو تہ شاعر آهي ۽ عقبة چيو تہ پوپو آهي. (١) انهن جي ترديد ڪندي الله عزوجل فرمايو "فَلَآ اُقْسِمُ بِمَا تُبْصِرُوْنَ وَمَا لَا تُبْصِرُوْنَ" (پوءِ مان ان جو قسم کڻان ٿو جيڪي ڏسو ٿا ۽ جيڪي نہ ٿا ڏسو) ان مان مراد ۾ مختلف اقوال آهن "١" تہ ان مان مراد عام مخلوق آهي. "٢" عطا فرمايو تہ ان مان مراد قدرتي آثار آهن کي ڏسڻ ۾ ايندا آهن کي ڏسڻ ۾ نہ ايندا آهن وغيره.

"اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ" (بلاشڪ اهو البت رسول ڪريم جو قول آهي) هتي مفسرن فرمايو آهي رسول ڪريم مان حضرت محمد عليه الصلواة والسلام جن آهن مراد

(١) المراغي ص١٦١ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠

هيءَ آهي تہ قرآن نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن پڙهندا آهن "ڪريم" سندن صفت آهي ۽ انهن ڏانهن نسبت ان جي ڪري ڪيل آهي جو پاڻ قرآن ڪريم جا مبلغ ۽ ان تي عمل ڪندڙ آهن (١) "وَمَاهُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ قَلِيْلاً مَّا تُؤْمِنُوْنَ" (۽ اهو شاعر جو قول ناهي اوهان ٿورو ايمان آڻيو ٿا) مطلب تہ قرآن پاڪ ۾ شعر هجڻ جي ڪا بہ مناسبت ناهي اهو شعر سلن ڪو بہ تعلق نہ ٿو رکي. "وَلَا بِقَوْلِ كَاهِنٍ قَلِيْلاً مَّاتَذَ كَّرُوْنَ" (۽ نہ اهو پوپي جو قول آهي ٿو ري نصيحت پرايو ٿا) پهريان "قَلِيْلاً مَّاتُؤْمِنُوْنَ" ۽ پويان "قَلِيْلاً مَّاتَذَ كَّرُوْنَ" آڻي ان امر ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي تہ الله عزوجل جي رسول ڪريم ۽ شاعر يا ڪاهن ۾ دور جو بہ واسطو ناهي جنهن جي ڪري ان غلط فهميءَ جو شڪار آهيو. "تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ" (رب العلمين جي طرفان نازل ڪيل آهي) مطلب تہ ان قرآن ڪريم جي نازل ڪرڻ وارو الله عزوجل آهي جنهن جبريل جي ذريعي ان کي هيٺ لاتو آهي. (٢) "وَلَوْ تَقَوَّلَ عَلَيْنَا بَعْضَ الْاَقَاوِيْلِ لَاَخَذْنَا مِنْـــهُ بِالْيَمِيْنِ ثُمَّ لَقَطَعْنَا مِنْـــهُ الْوَتِيْنَ" (۽ جيڪڏهن اسان تي بعضي قول پاڻ ٺاهي هٽي ها تہ اسين ان کي سڄي هٿ کان وٺون ها ان کان پوءِ ان جي دل واري رڳ وڍي ڇڏيون ها) "تقول" جي معنيٰ آهي پنهنجي طرفان ڪا ڳالهہ گهڙڻ ۽ ٺاهڻ ۽ "الوتين" قلب مان نڪرڻ واري اها رڳ آهي جنهن سان انسان جي جسم ۾ روح ڪم ڪري ٿو ۽ ان جي قطع ڪرڻ سان فوراً موت واقع ٿئي ٿو. مذڪوره آيتن ۾ الله عزوجل ڪافرن جي شاعر ڪاهن چوڻ وارن قولن جو نهايت سختيءَ سان هن طرح رد ڪيو آهي تہ "جيڪڏهن هي رسول (عليـــه الصلواة والسلام) معاذالله ثم معاذالله) پنهنجون ٺاهيل ڳاليهون ڪوڙ هٽي اسان ڏانهن منسوب ڪري ها ۽ اسان تي بهتان لڳائي ها تہ ڇا اسين ماٺ ڪري ائين ڏسندا رهون ها ۽ ان کي ڍر ڏيون ها تہ اسان جي مخلوق کي گمراهہ ڪندو رهي" ڪو بہ عقل وارو اها ڳالهہ برداشت نہ ڪندو ان جي ڪري هن آيت ۾ بفرض محال ارشاد ٿيو آهي تہ "جيڪڏهن هي رسول عليـــه الصلواة والسلام ڪو قول هٿ جو ٺاهي اسان ڏانهن منسوب ڪري ها تہ اسين ان کي سڄي هٿ مان وٺي سندس ساهہ ۽ دل واري رڳ ڪٽي ڇڏيون ها ۽ اسان جي ان سزا کان ان کي ڪير بہ بچائي نہ سگهي ها هتي اهي سخت الفاظ انهن جاهلن کي سمجهائڻ جي لاءِ فرضِ محال طور استعمال ڪيل آهن سڄي هٿ مان وٺڻ جي تخصيص غالبًا ان لاءِ آهي تہ جڏهن ڪنهن مجرم کي قتل ڪيو وڃي ٿو تہ قتل ڪرڻ وارو قتل ٿيندڙ جي بالڪل سامهون بيهي ٿو ۽ قتل ڪندڙ جي کٻي هٿ جي سامهون

(١) البحرالمحيط صـ٣٢٨ـ جلد ٨ (٢) روح المعاني صـــ جزءِ ٢٩ جلد ١٠

قتل ٿيندڙ جو سچو هٿ هوندو آهي ان کي قتل ڪندڙ پنهنجي ڪپي هٿ ۾ جهلي سچي هٿ سان ان تي وار ڪندو آهي.

تنبيه: هن آيت ۾ فرض محال طور هڪ خاص واقعي جي متعلق اهو فرمايو ويو آهي ته جيڪڏهن خدانخواسته معاذالله رسول الله صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي طرف کان ڪا اهڙي ڳالهه ناهي الله عزوجل ڏانهن منسوب ڪن ها ته ساڻن اهڙو معاملو ڪيو وڃي ها ان ۾ ڪو عام ضابطو ۽ قانون بيان ڪيل ناهي ته جيڪو به شخص ائين ڪندو ان کي اها سزا ملندي. ان جي ڪري نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪندڙن کي ڍر ملڻ ۽ دنيا ۾ عذاب نه ڪرڻ جي ڪري ڪو به ماڻهو اعتراض نه ڪري.

"فَمَامِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ عَنْـهُ حَاجِزِيْنَ" (پوءِ اوهان مان ڪو هڪ ان کان روڪيندڙ ناهي) مطلب ته اوهان مان ڪير به اسان کي ان جي مذڪوره تڪليف ڏيڻ کان روڪڻ وارو ناهي. "وَاِنَّـهٗ لَتَذْكِرَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ" (۽ بيشڪ اهو البت متقين جي لاءِ نصيحت آهي) مطلب ته هي قرآن ڪريم انهن مومنن، مسلمانن جي لاءِ نصيحت آهي جيڪي الله عزوجل کان ڊڄن ٿا متقين کي خصوصي طور ان جي ڪري بيان ڪيو ويو جو حقيقت ۾ اهيئي نفعو حاصل ڪندڙ آهن. "وَاِنَّا لَنَعْلَمُ اَنَّ مِنْكُمْ مُّكَذِّبِيْنَ" (۽ بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا ته بيشڪ اوهان مان ڪي ڪوڙو چوندڙ آهن) يعني دنيا سان محبت رکڻ ۽ دين جي داعي نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام سان حسد ڪرڻ جي ڪري اوهان مان ڪي ماڻهو قرآن پاڪ کي ڪوڙو چون ٿا. "وَاِنَّـهٗ لَحَسْرَةٌ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ" (۽ بلاشڪ اهو ڪافرن جي مٿان حسرت آهي) مطلب ته جڏهن ڪافر دنيا ۾ مسلمانن، مومنن جي دولت ۽ خلافت ڏسندا ۽ آخرت ۾ انهن کي ملندڙ ثواب ڏسندا ته پوءِ ندامت ۽ حسرت جا هٿ هڻندا. "وَاِنَّـهٗ لَحَقُّ الْيَقِيْنِ" (۽ بيشڪ اهو حق اليقين آهي) مطلب ته قرآن ڪريم جو حق هجڻ يقيني آهي (حضرت) محمد عليـه الصلواة والسلام جن جو پنهنجي طرفان ٺاهيل ناهي. "فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ" (پوءِ پنهنجي وڏي رب جي نالي جي تسبيح پڙهه) مطلب ته ان الله عزوجل جي مٺي نالي کي ياد ڪري ان جي پاڪائي بيان ڪندو رهه جنهن اهڙو سچو ڪلام نازل فرمايو آهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَمَالَا تُبْصِرُوْنَ" (۽ جيڪي اوهان ڏسو نه ٿا) مفسرن لکيو آهي ته ان مان مراد آخرت، ارواح، جن، ملائڪ ۽ سچو غيب جو جهان آهي يا مقبول ٻانهن جا لڪل ڀلا اعمال جن جي خدا تعالىٰ کان سواءِ ڪنهن کي خبر ناهي. ٢. "وَلَوْ تَقَوَّلَ" کان "حَاجِزِيْنَ" تائين آيتن مان

(١) المراغي ص ٦٤ ـ جزءِ ٢٩ جلد ١٠

معلوم ٿيو ته حضور عليــه الصلواة والسلام جن الله عزوجل جا برحق، سچا رسول آهن سندن نبوت جو سج روزبروز ترقي ڪندو رهيو، سندن اشاري سان چنڊ ٽڪرا ٿيو، لٿل سج واپس وريو، مينهن وسيو، پٿرن ڪلمو پڙهيو. ٣. "فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ" (پوءِ پنهنجي وڏي رب جي نالي جي تسبيح پڙهه) مان معلوم ٿيو ته الله عزوجل جي نعمتن جي شڪر ادا ڪرڻ لاءِ ان جي تسبيح پڙهجي "سبحان الله" چئجي. هتي نبي ڪريم عليــه الصلواة والسلام جن کي وحي جي نعمت تي ان طرح شڪر ادا ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "اِنَّـهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ" (بلاشڪ اهو رسول، ڪريم جو پڙهيل آهي) مان معلوم ٿيو ته پورو قرآن پاڪ الله عزوجل جون اهي ڳالهيون آهن جيڪي پاڻ پنهنجي پياري رسول عليــــه الصلواة والسلام سان ڪرڻ فرمايون اتس پين حضور عليـــــه الصلواة والسلام جي طفيل ٻڌيون آهين ان جي ڪري قرآن پاڪ ۾ ڪي اهي "متشابهات" آيتون آهن جن جو علم رسول الله صلى الله عليــه وسلم جن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ناهي ان مان نبي پاڪ عليــه الصلواة والسلام جن جو شان به معلوم ٿيو ۽ اهو به معلوم ٿيو ته پاڻ وڏا سخي آهن جو رب العزة جل وعلا کين ڪريم سڏيو. ٢. مذڪوره آيت مان اهو به معلوم ٿيو ته حضور عليــه الصلواة والسلام جن کان هر نعمت گهرڻ جائز آهي ڇو ته فقير ڪريم کان گهرندو آهي ۽ اهو به معلوم ٿيو ته پاڻ ڪنهن سائل کي خالي نه ٿا موٽائن ڇو ته اهو سندن شانِ ڪريميءَ کان پري آهي. (١)

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاجز اڄ بموٴرخــــه ١۴ شعبان ١۴٢٦ هـ الموافق ٢٠٠٥.٩.١٩ع تي سومر جي ڏينهن ڏهه لڳي چاليهن منٽن تي سورة "الحاقــــة" سڄوريءَ جو تفسير لکي پورو ڪيو رب العزة جل وعلا جي دربار ۾ نهايت عاجزي ۽ انڪساريءَ سان دلي دعا آهي ته اهو ڪريم ڪرم ڪري باقي رهيل سورتن جو تفسير به جلد کان جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي آمين يا رب العزة والجلال رب العلمين بحرمة حبيبك سيدنا محمد سيدالمرسلين عليه وعلى آله واصحابــه الصلوات والتسليمات الى يوم الدين.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) نورالعرفان صـ٩٠٦ـ

سورة "اَلْمَعَارِجِ" جوتعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالومبارڪ: هن جو هي اسم گرامي هن جي آيت عـ۳ـ ۾ مذڪور لفظ "المعارج" تي رکيو ويو آهي.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جوتعداد: هن سورة پاڪ ۾ ٻه رڪوع، چوئيتاليهه (۴۴) آيتون، ٻه سوءِ چوويهه (۲۲۴) ڪلما، نو سوءِ اوڻٽيهه (۹۲۹) حرف آهن. (۱)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، نحاس، ابن مردويه ۽ بيهقيءَ حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت ابن الزبير رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (۲)

نزول جوزمانو: هيءَ سورة انهن سورتن مان هڪ آهي جيڪي اظهار نبوت جي ابتدائي دور ۾ نازل ٿيون ٿيون.

مضمون: مڪه مڪرمه جا رهاڪو قيامت جي قائم ٿيڻ کي ناممڪن ۽ محال سمجهندا هئا ۽ جڏهن انهن کي قيامت کان بار بار ڊيڄاريو ويندو هو ته اهي چٿر ڪندي چوندا هئا ته "نهايت ڊگهي عرصي کان اوهان قيامت جي اچڻ جون ڳالهيون ڪندا رهو ٿا اها آئيو ڇو نه ٿا؟ ته اسين به پنهنجين اکين سان ڏسون ها ته قيامت ڪهڙي آهي" هن سورة ۾ انهن جي ان بيمار ذهن جي اصلاح ڪئي وئي آهي ته قيامت ايندي ضرور ايندي دنيا جي ڪا به طاقت ان کي روڪي نه سگهندي پر ان جو وقوع ڪو راند روند ناهي جو هيڏانهن اوهان چيو هوڏانهن اها قائم ٿي وئي بلڪ اها نهايت هولناڪ آهي آسمان ذرا ذرا ٿي ويندا پهاڙ ٽوڻا ٽڪرا ٿيندا ان جي ڊپ کان هر شخص ڏڪندو رهندو اتي پيءُ، ماءُ، پٽ، پائر ۽ دوست ياد نه رهندا هر ڪو پنهنجيِ سر بچائڻ جي سوچ ۾ هوندو ان جي ڪري اوهان نادان بنجي ان جي اچڻ جي گهرَ نه ڪيو اوهان جي چوڻ سان نه ايندي بلڪ ان جي اچڻ جي لاءِ جيڪو وقت الله عزوجل مقرر ڪيو آهي ان مطابق ايندي. هن سورة ۾ اهو به اظهار ڪيو ويو آهي ته اسلام ڪهڙي نموني عبادات ۽ اخلاق جو نظام قائم ڪرڻ گهري ٿو ۽ انسان جي خامين ۽ ڪوتاهين کي دور ڪري ٿو. ٻڌايو ويو آهي ته انسان پيدائشي طور صفا بي صبر ۽ لالچي آهي جڏهن ان کي ڪا تڪليف پهچي ٿي ته دانهون ڪري ٿو ۽ جڏهن ان کي نعمتن سان نوازيو وڃي ٿو ته صفا ڪنجوس هوندو آهي پاڻ سوچيو ته جنهن

(۱) خازن صـ۳۰۷ـ جلد ۴ (۲) الدرالمنثور صـ۲۷۷ـ جلد ۸

۽ اهي عيب هوندا اهو ڪڏهن بہ احترام جو لائق ناهي پر نماز، زڪواة، قيامت تي ايمان آڻڻ، عفت، عصمت، امانت ۽ ديانت ۽ عهد جي پاسداري وغيره اهڙيون شيون آهن جن جي تاثير سان انسان مان خاميون ختم ٿي وڃن ٿيون ۽ ان ۾ موجود انهن نقصن جي اصلاح ٿي وڃي ٿي جيڪي ان جي لاءِ نهايت بدنما داغ آهن اهڙي شخص ۾ انسانيت جو اهو عڪس جميل نظر اچي ٿو جنهن جي ڪري اهو ملائڪن جو مسجود بڻيو هو ۽ ان کي زمين ۾ خلافت جي مسند تي وهاريو ويو وري فرمايو ويو تہ ڪافر ڪهڙي ڳالهہ تي فخر ۽ ناز ڪن ٿا جيڪڏهن اسين انهن کي انهن جي بدعملن جي ڪري هلاڪ ڪري ڇڏيون تہ دنيا ختم نہ ٿيندي پر اسين انهن جي جاءِ تي بيا اهڙا ماڻهو آڻينداسون جيڪي الله عزوجل جا پسنديده ٻانها هوندا. آخر ۾ وري قيامت جي وقوع يقيني هجڻ ڏانهن توجه ڏياريو ويو آهي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: هيءَ سورة پاڪ سورة "اَلْحَاقَّةُ" کان پوءِ نازل ٿي هئي ۽ هيءَ چڻ تہ ان جي باقي ڳالهين کي پورو ڪرڻ واري آهي هن ۾ قيامت جا، جهنم جي باهہ جا احوال بيان ڪيا ويا آهن ۽ مومنن ۽ مجرمن کي آخرت ۾ پيش ايندڙ حالات ٻڌايل آهي. (١)

پڙهڻ جون برڪتون: ابي بن ڪعب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ جنهن سورة "سَاَلَ سَآئِلٌ" پڙهي الله ان کي امانت سنڀاليندڙن، وعدي نباهيندڙ ۽ نماز جي حفاظت ڪندڙن جيترو ثواب ڏيندو. (٢)



(١) التفسير المنير صـ١١٦ــ جلد ١٥ (٢) اللباب في علوم الكتب صـ٣٧٩ـ جلد ١٩

وَهِيَ اَرْبَعٌ وَّاَرْبَعُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْمَعَارِجِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ۴۴ آيتون آهي	سورة المعارج مكي آهي	۽ ان ۾ ٻہ رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان تو جيڪو گھڻو ئي مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

سَاَلَ سَآئِلٌ بِعَذَابٍ وَّاقِعٍ (١) لِّلْكٰفِرِيْنَ لَيْسَ لَهٗ دَافِعٌ (٢)

گھر ڪئي گھر ڪندڙ عذاب واقع ٿيندڙ جي ڪافرن جي لاءِ ناهي ان جي لاءِ ڪو ٽاريندڙ

مِّنَ اللّٰهِ ذِى الْمَعَارِجِ (٣) تَعْرُجُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ اِلَيْهِ فِىْ يَوْمٍ كَانَ

الله بلندين جي مالڪ وٽان چڙهندا ملائڪ ۽ روح ان ڏانهن ان ڏينهن ۾ جو هوندو

مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ (٤) فَاصْبِرْ صَبْرًا جَمِيْلًا (٥) اِنَّهُمْ يَرَوْنَهٗ

ان جو مقدار پنجاهہ هزار سال جو پوءِ صبر ڪر صبر سهڻو بيشڪ اهي ڏسن ٿا

بَعِيْدًا (٦) وَّنَرٰىهُ قَرِيْبًا (٧) يَوْمَ تَكُوْنُ السَّمَآءُ كَالْمُهْلِ (٨) وَتَكُوْنُ

ان کي پري ۽ اسين ڏسون ٿا ان کي ويجهوجنهن ڏينهن هوندو آسمان پگھريل ٽامي وانگرءِ هوندا

الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ (٩) وَلَا يَسْئَلُ حَمِيْمٌ حَمِيْمًا (١٠) يُّبَصَّرُوْنَهُمْ

جبل اُن وانگرءِ نہ پڇندو ڪو گھاٽو دوست ڪنهن گھاٽي دوست جو حال (احوال) ڏيکاريا ويندا

يَوَدُّ الْمُجْرِمُ لَوْ يَفْتَدِىْ مِنْ عَذَابِ يَوْمِئِذٍ بِبَنِيْهِ (١١) وَصَاحِبَتِهٖ

انهن کي خواهش ڪندو مجرم تہ بدلي ۾ ڏي ان ڏينهن جي عذاب کان پنهنجا پٽ ۽ پنهنجي زال

وَاَخِيْهِ (١٢) وَفَصِيْلَتِهِ الَّتِىْ تُـْٔوِيْهِ (١٣) وَمَنْ فِى الْاَرْضِ جَمِيْعًا

۽ پنهنجو ڀاءُ ۽ پنهنجو خاندان جيڪو پناهہ ڏي پيو ان کي ۽ جيڪي زمين ۾ آهن سمورا

ثُمَّ يُنْجِيْهِ (١٤) كَلَّا اِنَّهَا لَظٰى (١٥) نَزَّاعَةً لِّلشَّوٰى (١٦)

ان کان پوءِ ان کي ڇڏائن هرگز نہ! بيشڪ اها ٻرڪندڙ آهي ڇڪي لاهيندڙ کل کي

تَدۡعُوۡا مَنۡ اَدۡبَرَ وَتَوَلّٰى (١٧) وَجَمَعَ فَاَوۡعٰى (١٨)

سڏيندي ان کي جنهن پٺي ڏني ۽ منهن موڙيو ۽ گڏ ڪيائين پوءِ سنڀالي رکيائين

تفسير

اڳيئن سورة جي آخري آيتن ۾ "وَاِنَّهٗ لَحَسۡرَةٌ عَلَى الۡكٰفِرِيۡنَ" (۽ بلاشڪ اهو ڪافرن تي حسرت آهي) چيو ويو ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي ته ڪافر وري ان ڏينهن عذاب واري ڏينهن جي جلد اچڻ جو مطالبو ڪري رهيا آهن. فرمان مبارڪ آهي "سَاَلَ سَآئِلٌۢ بِعَذَابٍ وَّاقِعٍ لِّلۡكٰفِرِيۡنَ لَيۡسَ لَهٗ دَافِعٌ" (گهرَ ڪئي هڪ گهرَ ڪندڙ ڪافرن جي لاءِ واقع ٿيندڙ عذابَ جي جو ان کي ڪو ٽاريندڙ ناهي) "سال" جون ٻه معنائون آهن "١" پڇڻ "٢" طلب ڪرڻ، جيڪڏهن معنيٰ ورتي ويندي ته پوءِ مفهوم هي ٿيندو ڪنهن پڇڻ واري پڇيو ته اوهان جنهن عذاب جو هر وقت ذڪر ڪيو پيا اهو ڪنهن تي نازل ٿيندو؟ ان جي جواب ۾ ارشاد ٿيو ته اهو ڪافرن تي ايندو ان کي ڪير به دفع ڪري نه سگهندو ۽ جيڪڏهن پهرين ان جي ئي معنيٰ مراد ورتي ويندي ته پوءِ ان ۾ هڪ خاص واقعي ڏانهن اشارو آهي ۽ اهو هي آهي ته هڪ ڀيري نضر بن حارث بيت الله شريف ۾ ويهي هيءَ دعا گهري ته "جيڪڏهن هي قرآن حق آهي ته پوءِ اسان تي آسمان کان پٿر وساءِ يا اسان تي ڪو ٻيو دردناڪ عذاب موڪلي ڏي" هتي ان جي بيوقوفيءَ واري دعا جو ذڪر آندو ويو آهي ته اسان کان گهر ڪندڙ اهڙي عذاب جي گهر ڪئي آهي جنهن کي ڪير به پنهنجي زور سان دفع ڪري نه سگهندو پر اهو هينئر ٽڪرڻو نه ايندو جو انهن ۾ منهنجو محبوب عليه الصلواة والسلام جلوه گر آهي. "مَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمۡ وَاَنۡتَ فِيۡهِمۡ" (اوهان انهن ۾ آهيو الله انهن کي عذاب نه ڪندو) (١) "من الله ذی المارج" (بلندين جي مالڪ، الله جي طرفان) مطلب ته اهو عذاب نازل ڪندڙ ڪو ڪمزور يا ضعيف شخص نه هوندو جو ان کي اهي ڪافر هيٺ ڪري سگهندا پر اهو عذاب ان الله جي طرفان هوندو جيڪو معارج جو مالڪ آهي. معارج جي اصل معنيٰ آهي ڏاڪڻيون ۽ ان مان هتي مراد آهي علو، جلال، عظمت ۽ ساري مخلوق جي لاءِ تدبير جو مالڪ (٢) "تَعۡرُجُ الۡمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوۡحُ اِلَيۡهِ" (ان ڏانهن روح ۽ ملائڪ چڙهن ٿا) هتي روح مان مراد جبريل امين آهي جنهن کي الله عزوجل وحي جي پهچائڻ سان مخصوص ڪيو آهي مطلب ته جبريل ۽ ٻيا ملائڪ الهي وحي ۽ ٻيا امور کڻي لهن ۽ چڙهن ٿا. (٣) ۽ جبريل کي ان جي ڪري جدا ذڪر ڪيو ويو جو اهو

(١) ضياء القرآن ص۔٣٥٩۔ جلد ٥ (٢) تيسير الكريم الرحمن ص۔٢٩٨۔ جلد٥ (٣) صفوة التفاسير ص۔٤٤٣۔ جلد ٣

شان ۾ وڏيڪ آهي يا مخلوق ۾ خلقت جي لحاظ سان بہ وڏو آهي ۽ اهو بہ احتمال آهي تہ روح مان مراد انسان جو روح هجي جيڪو عالم امر مان آهي بلاشڪ انبياءَ ڪرام عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءَ عظام جا ارواح مبارڪ بعد ۽ غفلت جي هيٺاهينءَ کان قرب ۽ حضور جي مقام تي چڙهي ويندا آهن (١) "فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ" (ان ڏينهن ۾ جنهن جو مقدار پنجاهہ هزار سال هوندو) هن جو تعلق "واقع" سان آهي مطلب تہ جنهن عذاب جي نزول جو ذڪر ٿي رهيو آهي جنهن جي وقوع جي لاءِ ڪافر مطالبو ڪن ٿا اهو اهڙي ڏينهن ۾ واقع ٿيندو جيڪو دنيوي پنجاهہ هزار (۵۰۰۰۰) سالن جي برابر هوندو.

سوال: هتي قيامت جي ڏينهن جي متعلق بيان ٿيو تہ اهو پنجاهہ هزار (۵۰۰۰۰) سالن جيترو هوندو ۽ سورة السجدة ۾ بيان ٿيو تہ هڪ هزار (۱۰۰۰) سال جيترو هوندو. اهو ڪيئن آهي؟

جواب: ان جي متعلق مفسرن لکيو آهي تہ اها مدت ڪافرن جي لاءِ انهن جي مختلف حالات جي لحاظ سان هوندي پر مومن جي لاءِ اهو وقت نهايت ٿورو هوندو. جيئن حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليہ جن فرمايو "مون کي ان الله جو قسم آهي جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ اهو قيامت جو ڏينهن مومن تي دنيا ۾ ادا ڪرڻ واري فرض نماز جي وقت کان بہ گهٽو هلڪو هوندو." (٢)

"فَاصْبِرْ صَبْرًا جَمِيْلًا" (پوءِ صبر ڪيو سهڻو صبر) ڪافرن جون اهڙي قسم جون ڳالهيون چٽر طور ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جي پاڪ دل کي ايذاءَ ڏيڻ جي لاءِ هونديون هيون الله عزوجل پنهنجي محبوب پاڪ عليہ الصلواة والسلام کي ارشاد فرمايو تہ "اي حبيب پاڪ! انهن ڪافرن جي اهڙين ڳالهين کي ٻڌي سهڻي نموني صبر ڪيو. صبر جميل اهو آهي جنهن ۾ شڪوي ۽ شڪايت نہ هجي. "اِنَّهُمْ يَرَوْنَهٗ بَعِيْدًا وَّنَرٰىهُ قَرِيْبًا" (بلاشڪ اهي ان کي پري ڏسن ٿا ۽ اسين ان کي ويجهو ڏسون ٿا) مطلب تہ ڪافر قيامت جي واقع ٿيڻ کي عقل کان پري ۽ ناممڪن سمجهن ٿا پر اسان وٽ ان جو وقوع يقيني آهي اسين ان کي بالڪل ويجهو ڏسون ٿا. "يَوْمَ تَكُوْنُ السَّمَآءُ كَالْمُهْلِ وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ" (ان ڏينهن آسمان پگهريل ٽامي وانگر ۽ جبل اُن وانگر هوندا) ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ قيامت جي ڏينهن آسمانن جا نمونا مختلف هوندا ان جي ڪري انهن کي مختلف مقامات تي مختلف الفاظ سان بيان ڪيو ويو

(١) المظهري ص۔٦١۔ جلد ١٠ (٢) تفسير ابن ڪثير ص۔۴۱۹۔ جلد ۴

آهي. هتي ٻڌايو ويو آهي تہ قيامت جي ڏينهن آسمان ائين هوندو جيئن ٽامون باهہ ۾ وجهي پگهرائبو ۽ نرم بنائبو آهي ۽ جبل اُنَ وانگر مختلف رنگن جا هوندا. "وَلَا يَسْـَٔلُ حَمِيْمٌ حَمِيْمًا ۝ يُّبَصَّرُوْنَهُمْ" (۽ گهاٽو دوست گهاٽي دوست کان نہ پڇندو انهن کي ڏيکاريا ويندا) مطلب تہ جيڪي دنيا ۾ هڪ ٻئي جا گهاٽا دوست هوندا هئا اهي هڪ ٻئي کي پريشان ۽ عذاب ۾ مبتلا ڏسندا پر اهي هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ تہ ڇا پر هڪ ٻئي کان پڇندا بہ ڪو نہ تہ ڪهڙو حال آهي؟ "يَوَدُّ الْمُجْرِمُ لَوْ يَفْتَدِيْ مِنْ عَذَابِ يَوْمِئِذٍۢ بِبَنِيْهِ ۝ وَصَاحِبَتِهٖ وَاَخِيْهِ ۝ وَفَصِيْلَتِهِ الَّتِيْ تُـْٔوِيْهِ ۝ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ثُمَّ يُنْجِيْهِ" (مجرم تمنا ڪندو تہ ان ڏينهن جي عذاب جي بدلي ۾ پنهنجا پٽ ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجو ڀاءُ ۽ پنهنجو خاندان جيڪو کيس پناهہ ڏيندو آهي ۽ زمين ۾ رهندڙ سڀئي ڏئي ڇڏي ان کان پوءِ ان کي ڪو ڇڏائي) مطلب تہ ڪافر عذاب ڏسي چاهيندو تہ ان کي ڇوٽڪارو ملي پوءِ ان جا پٽ، ڀاءُ، زال، سمورور قبيلو جيڪڏهن فديي ۾ قبول ڪيو وڃي تہ بہ ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي. "كَلَّا ۭ اِنَّهَا لَظٰى ۝ نَزَّاعَةً لِّلشَّوٰى ۝ تَدْعُوْا مَنْ اَدْبَرَ وَتَوَلّٰى ۝ وَجَمَعَ فَاَوْعٰى" (هر گز نہ بيشڪ اها ڀڙڪندڙ (باهہ) آهي کل کي ڇڪي لاهيندڙ ان کي سڏيندي جنهن پٺي ڏني ۽ منهن موڙيو ۽ (مال) گڏ ڪيائين پوءِ سنڀالي رکيائين) مطلب تہ جهنم جي باهہ نهايت سخت گرم هوندي کل کي مٿي کان ڇڪي لاهي ٽڪرا ٽڪرا ڪندي ۽ اها وري نئين طرح ٺهندي ۽ جنهن پٺي ڏني، منهن موڙيو، مال گڏي سنڀالي رکيو ۽ الله جي واٽ ۾ خرچ نہ ڪيو انهن کي بہ ڇڪي ساڙيندي ڇو تہ انهن الله عزوجل جي ذات کي ناراض بنايو. قرآن ڪريم کي ڪوڙو چيو ۽ مال ملڪيت جا پوڄاري رهي ان مان الله جل وعلا جا حق ادا نہ ڪندا هئا.(١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. "سَاَلَ سَاۗىِٕلٌۢ بِعَذَابٍ" (سائل عذاب جو مطالبو ڪيو) ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ سوال ڪڏهن ڪنهن شيءِ جي تحقيق لاءِ ڪيو ويندو آهي ۽ ان وقت "سال" جو صلو عن جو حرف استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ ڪڏهن سوال مطالبي جي معنيٰ ۾ هوندو آهي هتي بہ ان معنيٰ سان آهي ان جي ڪري ان جو صلو "ب" آندل آهي نسائي ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ اهو مطالبو ڪندڙ نضر بن حارث هو جنهن عذاب جو مطالبو ڪيو هو ۽ ان کي بدر جي جنگ ۾ عذاب مليو ۽ مسلمانن جي هٿان ڪُٺو ويو. (٢) ٢. "مِنَ اللّٰهِ ذِي الْمَعَارِجِ" (الله معارج جي مالڪ جي طرفان) مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل ستن آسمانن، عرش ۽ ڪرسيءَ جو مالڪ آهي اتي ٻئي ڪنهن جي مالڪ هجڻ جي دعويٰ

(١) المراغي ص ٦٨ ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠ (٢) معارف القرآن ص ٥٥٤ ـ جلد ٨

ناهي. ان جي ڪري هتي ان کي خصوصيت سان بيان ڪيو ويو آهي نه ته هيٺين ۽ مٿين سيني جو حقيقي مالڪ به اهو ئي آهي. ٣. "تَعْرُجُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ اِلَيْهِ" (ان ڏانهن ملائڪ ۽ روح چڙهن ٿا) مان معلوم ٿيو ته جبريل سڀورو سيني ملائڪن کان افضل آهي جو ان جو ٻين ملائڪن کان پوءِ خصوصي طرح ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ اهو به معلوم ٿيو ته "روح" به ان جو نالو آهي ته "امين" به ان جو نالو آهي ڇو ته اهو وحي آڻي ٿو جيڪو مومنن جي ايمان جو روح آهي ۽ حضرت عِيْسٰي عَلٰي نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصّلواة والسلام رُوح الله به ان جي ڦوڪ جي ذريعي وجود ۾ آيو هو ۽ هتي ملائڪن مان مراد اهي ملائڪ آهن جيڪي الهي حڪم سان زمين تي ايندا ويندا آهن پر جيڪي عبادت ۾ مصروف آهن پيدائي ان لاءِ ڪيا ويا آهن اهي ان ۾ قابو آهن اهي هتي مراد ناهن. (٣)

اِنَّ الْاِنْسَانَ خُلِقَ هَلُوْعًا (١٩) اِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ جَزُوْعًا (٢٠) وَاِذَا

بيشڪ انسان پيدا ڪيو ويو حرص ڪندڙ جڏهن ان کي تڪليف پهچندي ته گهبرائيندڙ ۽ جڏهن

مَسَّهُ الْخَيْرُ مَنُوْعًا (٢١) اِلَّا الْمُصَلِّيْنَ (٢٢) الَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلٰوتِهِمْ

پهچندي ان کي ڀلائي ته روڪيندڙ مگر نماز پڙهندڙ اهي جيڪي پنهنجي نماز تي

دَآئِمُوْنَ (٢٣) وَالَّذِيْنَ فِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ مَّعْلُوْمٌ (٢٤) لِّلسَّآئِلِ

هميشگي ڪندڙ آهن ۽ اهي جو سندن مالن ۾ حق معلوم آهي سائل جي لاءِ

وَالْمَحْرُوْمِ (٢٥) وَالَّذِيْنَ يُصَدِّقُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِ (٢٦) وَالَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ

۽ محروم جي لاءِ ۽ اهي جيڪي تصديق ڪن ٿا قيامت جي ڏينهن جي ۽ اهي جيڪي پنهنجي

عَذَابِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ (٢٧) اِنَّ عَذَابَ رَبِّهِمْ غَيْرُ مَاْمُوْنٍ (٢٨) وَالَّذِيْنَ

رب جي عذاب کان ڊڄندڙ آهن بيشڪ سندن رب جو عذاب ناهي بي خوف رهڻ جهڙو ۽ اهي جو

هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ (٢٩) اِلَّا عَلٰٓى اَزْوَاجِهِمْ اَوْمَا مَلَكَتْ

اهي پنهنجين اگهڙن جي حفاظت ڪندڙ آهن مگر پنهنجين زالن تي يا انهن تي جو مالڪ ٿيا

اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ (٣٠) فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ

سڄا هٿ انهن جا پوءِ بيشڪ اهي ناهن ملامت ڪيل پوءِ جيڪي طلب ڪندا ان کان سواءِ

(١) نورالعرفان ص-٩٠٧-

فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ (٣١) وَالَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رَاعُوْنَ (٣٢)	
پوءِ اهي ئي حد کان لنگهندڙ آهن ۽ اهي جو اهي پنهنجين امانتن ۽ پنهنجي عهد جي رعايت ڪندڙ آهن	
وَالَّذِيْنَ هُمْ بِشَهٰدٰتِهِمْ قَآئِمُوْنَ (٣٣) وَالَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ (٣٤)	
۽ اهي جو اهي پنهنجين شاهدين تي قائم رهندڙآهن ۽ اهي جيڪي پنهنجي نماز تي نگهباني ڪن ٿا	
اُولٰٓئِكَ فِىْ جَنّٰتٍ مُّكْرَمُوْنَ (٣٥)	
اهي بهشتن ۾ عزت ڪيل هوندا	**تفسير**

ع ١ ٧

اڳين آيتن ۾ الله سبحانــــه بيان فرمايو تہ پاڻ معارج، بلند درجات جو مالڪ آهي پنهنجن ٻانهن تي نعمتون ڪندڙ بہ اهو آهي ۽ هتي انهن ڳالهين ڪي ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي بلند مرتبن تي پهچائن ۽ ماده جي ان اونداهيءَ ڪان پري ڪن جيڪا نفسن کي ٻرندڙ، ڪلون ڇڪي لاهيندڙ باھ ۾ داخل ڪري ۽ اهي ڏهہ شيون آهن "١" نماز، "٢" ان تي معلوم وقتن ۾ هميشگي ڪرڻ، "٣" اها قلب جي اڪمل حضور، خشوع ۽ خضوع سان ادا ڪرڻ ان جي سنتن ۽ آداب جي رعايت رکڻ، "۴" قيامت جي ڏينهن جي تصديق ڪرڻ، "۵" پنهنجن مالن مان فقيرن ۽ محتاجن کي صدقو ڏيڻ، "٦" وعدي جي نباهڻ تي پڪو رهڻ، "٧" حقدارن کي امانت ادا ڪرڻ، "٨" پنهنجين اگهڙن کي حرام کان محفوظ رکڻ "٩" شاهديءَ جو جيئن حق آهي تيئن ادا ڪرڻ، "١٠" الله جو خوف رکڻ (١) ارشاد گرامي آهي "اِنَّ الْاِنْسَانَ خُلِقَ هَلُوْعًا اِذَا مَسَّــهُ الشَّرُّ جَزُوْعًا وَاِذَا مَسَّــهُ الْخَيْرُ مَنُوْعًا" (بلاشڪ انسان حرص ڪندڙ پيدا ڪيو ويو آهي جڏهن ان کي تڪليف پهچندي آهي تہ گهٻرائيندڙ هوندو آهي ۽ جڏهن ان کي ڀلائي پهچندي آهي تہ روڪيندڙ بڻجندو آهي) مطلب تہ انسان ۾ پيدا ٿينديئي هي ٽي ڳالهيون هونديون "١" تہ اهو گهڻو حريص آهي ان ۾ حرص ۽ لالچ گهڻي، صبر گهٽ آهي. "٢" ڪيس مسڪيني يا بيماري يا دشمن جو ڏپ ٿيندو آهي تہ جزع، فزع گهڻي ڪندو، مايوس ۽ نااميد رهندو. "٣" تہ جيڪڏهن خوشحالي، مال ۽ ملڪيت ٿيندي اٿس تہ ڪنجوس ٿي في سبيل الله خرچ ڪرڻ ڪان روڪيندو مسڪينن ۽ محتاجن جي مدد نہ ڪندو. (٢) "اِلَّا الْمُصَلِّيْنَ" (مگر نماز پڙهندڙ) هي حرص سان موصوف فردن کان استثناءَ ڪئي وئي آهي مطلب تہ مذڪوره ناپسند ڳالهين کان نماز ادا ڪندڙ محفوظ رهندا. "اَلَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ دَآئِمُوْنَ" (جيڪي شخص پنهنجي نماز

(١) المراغي صـ٧٠ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠ (٢) صفوة التفاسير صـ۴۴۴ـ جلد ٣

تي هميشگي ڪندڙ آهن) مقصد تہ نماز تي دوام ڪندا ڪا بہ مشغولي انهن ڪي نماز ڪان روڪي نہ سگهندي، جيئن نبوي فرمان آهي تہ "پلو عمل هميشه ڪرڻ وارو آهي" ۽ سيده عائشه رضي الله عنها فرمايو تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن عمل تي هميشگي ڪندا هئا علامه حقي عليه الرحمة هن آيت جي مذڪور تفسير ڪان ٿورو اڳتي لکيو آهي تہ آيت ۾ نفس جي نماز ڏي اشارو آهي ۽ اهو شرعي مخالفت ڪان صاف ڪرڻ آهي ۽ قلب جي نماز ڏانهن اشارو آهي ۽ اها دنيا ۽ دنيا جي سينگار ۽ خواهشات ڏانهن لاڙو ڪرڻ ڪان صفائي حاصل ڪرڻ آهي ۽ نماز جي سر ڏانهن اشارو آهي ۽ اها اعلىٰ مقامات ۽ بلند درجات جي طلب ڪان خالي رهڻ آهي ۽ روح جي نماز ڏانهن اشارو آهي ۽ اها رباني مڪاشفات، رحماني مشاهدات ۽ حقاني معاينات آهي ۽ خفي نماز ڏانهن اشارو آهي ۽ اها حق ۽ فنا تي ان سان بقا، حاصل ڪرڻ آهي الله عزوجل جا ڪامل ٻانها انهن نمازن تي هميشگي ڪندا آهن." (١) "وَالَّذِيْنَ فِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ مَّعْلُوْمٌ لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِ" (۽ اهي جو سندن مالن ۾ سائل ۽ محروم جي لاءِ حق آهي) مطلب تہ اهي مال ڪي پنهنجي ذات جي لاءِ مخصوص نہ تا ڪن پر انهن مان هڪ حصو سائلن ۽ محرومن ڪي ڏيندا آهن. سائل مان مراد گهرڻ وارو آهي ۽ محروم مان مراد اهو شخص آهي جيڪو ضرورتمند هجڻ جي باوجود ڪنهن ڪان گهرندو ناهي ۽ نہ ڪنهن جي اڳيان سوال جو هٿ ڊگهو ڪندو آهي. الله عزوجل جا نيڪوڪار ٻانها اهڙن حضور شرم انسانن ڪي رات جي انڌيري ۾ وڃي سندن گهرن ۾ خيرات ڏئي ايندا آهن. "وَالَّذِيْنَ يُصَدِّقُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِ" (۽ اهي جيڪي قيامت جي ڏينهن جي تصديق ڪن تا) مطلب تہ اهي هن حياتيءَ ڪي آخري زندگي خيال نہ تا ڪن بلڪ انهن جو ايمان آهي تہ اهي پيو پيرو جيئرا ڪري اٿارياويندا ۽ انهن ڪان سندن اعمال جي متعلق سوال ڪيا ويندا. اهو قيامت جو ڏينهن برحق ۽ سچو آهي. "وَالَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ عَذَابِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ" (۽ اهي جيڪي پنهنجي رب جي عذاب ڪان ڊڄندڙ آهن) مطلب تہ اهي نيڪين ڪرڻ جي باوجود انهن تي ناز نہ تا ڪن بلڪ الله عزوجل ڪان ڊڄندا رهندا آهن. "اِنَّ عَذَابَ رَبِّهِمْ غَيْرُ مَاْمُوْنٍ" (بلاشڪ انهن جي رب جو عذاب بي خوف رهڻ وارو ناهي) مطلب تہ اهي ٻانها اهو سمجهن تا تہ الله عزوجل جي عذاب ڪان لاپرواهہ ۽ بي خوف تي نہ رهجي ان ڪان هر حال ۾ ڊپ رکجي. "وَالَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ" (۽ اهي جيڪي پنهنجين اگهڙن جي حفاظت ڪندڙ آهن) مطلب تہ پاڻ ڪي زنا ڪان بچائيندي پنهنجي دامن پاڪ ۽ صاف رکن تا.

(١) روح البيان صـ١٦٤ـ جلد ١٠

"إِلَّا عَلَىٰٓ أَزْوَاجِهِمْ أَوْ مَا مَلَكَتْ أَيْمَانُهُمْ" (مگر پنهنجين زالن يا ملڪيت ڪيل ٻانهين تي) مطلب تہ اهي پنهنجي نفساني خواهش پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجون نڪاح ڪيل زالون يا خريد ڪيل ملڪيت ۾ آيل ٻانهيون استعمال ڪن ٿا برائي ڪان بچن ٿا. "فَإِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُومِينَ" (پوءِ بلاشڪ اهي ملامت ڪيل ناهن) مطلب تہ زالون ۽ ٻانهيون استعمال ڪرڻ وارن تي ڪا ملامت ناهي ڇو تہ اهي انهن جي لاءِ شرعي طور حلال آهن. "فَمَنِ ابْتَغَىٰ وَرَآءَ ذَٰلِكَ فَأُولَٰٓئِكَ هُمُ الْعَادُونَ" (پوءِ جن ان ڪان سواءِ طلب ڪيو پوءِ اهيئي تجاوز ڪندڙ آهن) يعني نڪاح ڪيل زالن ۽ زرخريد ٻانهين ڪانسواءِ جيڪڏهن ڪنهن ڪجهہ ڪيو تہ اهي الله جل شانہ جي حدن ڪان لنگهندڙ ۽ زيادتي ڪندڙ آهن مذڪوره ٻن واٽن ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ رستو استعمال ڪرڻ ڪان بچجي. "وَالَّذِينَ هُمْ لِأَمَانَاتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رَاعُونَ" (۽ اهي جيڪي پنهنجين امانتن ۽ پنهنجي عهد جي رعايت ڪندڙ آهن) يعني ماڻهن جون جيڪي امانتون انهن وٽ رکيل آهن انهن ۾ خيانت نہ ٿا ڪن. امانتن مان مراد هر قسم جون امانتون آهن اسان جا عضوا، اسان جو هوش ۽ حواس، اسان جو عقل اسان جي سڀ شيءِ الله عزوجل جون امانتون آهن انهن ڪي ان جي حڪم جي مطابق استعمال ڪرڻ دينداري آهي ۽ انهن ڪي ان جي بي فرمانيءَ ۾ استعمال ڪرڻ بي ديني ۽ خيانت آهي جيڪڏهن حڪومت ڪنهن ڪي ڪا ذميداري سونپي آهي تہ ان ڪان ان جي مڪمل صلاحيتن جي مطابق سرانجام ڏيڻ بہ ان ۾ داخل آهي جيڪڏهن ڪو ائين نہ ڪندو تہ اهو خيانتي هوندو اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن ڪا شيءِ ڪنهن وٽ امانت طور رکي آهي تہ ان جي حفاظت بہ ان جي ذمي فرض آهي ۽ طلب ڪرڻ وقت اها مالڪ ڪي موٽائي ڏيڻ بہ لازم آهي ۽ عهد مان مراد عام وعدو آهي پوءِ اهو الله عزوجل سان ڪيل هجي يا ڪنهن ٻانهي سان، وعدي وفائي ڪرڻ ضروري آهي. "وَالَّذِينَ هُم بِشَهَادَاتِهِمْ قَآئِمُونَ" (۽ اهي جيڪي پنهنجين شاهدين تي قائم رهندڙ آهن) يعني جيڪي شاهديون سندن ذمي آهن انهن ڪي وڏي سچائيءَ سان ادا ڪن ٿا نہ ڪنهن ڪان ڊڄن ٿا نہ ڪنهن لالچ ۾ ڦاسي لڪائن ٿا. "وَالَّذِينَ هُمْ عَلَىٰ صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُونَ" (۽ اهي جيڪي پنهنجي نماز جي حفاظت ڪن ٿا) حفاظت مان مراد پابندي سان هر نماز وقت تي پڙهڻ، قضا نہ ڪرڻ ۽ ٺاهي ٺاهي ادا ڪرڻ آهي. "أُولَٰٓئِكَ فِي جَنَّاتٍ مُّكْرَمُونَ" (اهي جنتن ۾ عزت ڪيل آهن) يعني جيڪي شخص مذڪوره خوبين سان موصوف آهن انهن ۾ اهي فطري ڪمزوريون باقي نہ ٿيون رهن انهن جو وجود سيني جي لاءِ رحمت ۽ برڪت جو باعث بنجي ٿو ۽ انهن ڪي اتي وڏي عزت ملندي سندن محنتن ڪي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو.

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ ويهن تا. ١. "اِلَّا الْمُصَلِّيْنَ" (الآيـــة) (مگر نماز پڙهندڙ، جيڪي پنهنجي نماز تي هميشگي ڪندڙ آهن) هن مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل مومن ٻانهي ڪي نماز جي برڪت سان حرص، بي صبري ۽ ڪنجوسائپ کان بچائي ٿو نماز انسان ڪي انهن عيبن ۾ ڦاسڻ نہ ڏيندي ٢. "وَالَّذِيْنَ فِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ مَّعْلُوْمٌ" (۽ اهي شخص جن جي مالن ۾ معلوم حق آهي) پوءِ اهو شرعي طور مقرر ڪيل هجي جيئن زڪواة، فطره وغيره يا پاڻ مقرر ڪيو هجيس، سڀ ادا ڪري ڏيٺو آهي. ٣. "وَالَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ عَذَابِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ" (۽ اهي جيڪي پنهنجي رب جي عذاب کان ڊڄندڙ آهن) هن مان معلوم ٿيو تہ نيڪ ٻانها نيڪ عمل ڪندي بہ الله جل وعلا کان ڊڄن ٿا تہ خبر ناهي قبول پيا يا نہ اهو خوف پنهنجي ڪوتاهين جي ڪري ڪندا آهن الله عزوجل جي وعدن جي بي اعتمادي جي ڪري نہ ڪندا آهن. ٤. "اُولٰٓئِكَ فِيْ جَنّٰتٍ مُّكْرَمُوْنَ" (اهي جنت ۾ عزت ڪيل آهن) مان واضح ٿيو تہ الله عزوجل جا صالح ٻانها عزت وارا آهن ملائڪ بہ انهن جي عزت ڪندا ۽ اهي پاڻ بہ هڪ ٻئي جي عزت ڪندا، الله جلت صفاتہ بہ سندن عزت ۽ احترام برقرار رکندو.

فَمَالِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا قِبَلَكَ مُهْطِعِيْنَ (٣٦) عَنِ الْيَمِيْنِ وَعَنِ الشِّمَالِ

پوءِ ڇا ٿيو آهي انهن ڪي جن ڪفر ڪيو تنهنجي طرف تيز نظر سان ڏسندڙ آهن سڄي کان ۽ کٻي کان

عِزِيْنَ (٣٧) اَيَطْمَعُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّدْخَلَ جَنَّةَ نَعِيْمٍ (٣٨)

ٽولا ٽولا ٿيندڙ ڇا طمع رکي ٿو هر مڙس انهن مان تہ داخل ڪيو ويندو نعمتن واري جنت ۾

كَلَّا ۭ اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّمَّا يَعْلَمُوْنَ (٣٩) فَلَآ اُقْسِمُ بِرَبِّ الْمَشٰرِقِ

هرگز نہ بيشڪ اسان پيدا ڪيو انهن ڪي ان مان جيڪو ڄاڻن ٿا پوءِ قسم کڻان ٿو مشرقن

وَالْمَغٰرِبِ اِنَّا لَقٰدِرُوْنَ (٤٠) عَلٰٓي اَنْ نُّبَدِّلَ خَيْرًا مِّنْهُمْ ۙ وَمَا نَحْنُ

۽ مغربن جي رب جو بيشڪ اسين البت قادر آهيون هن تي جو مٽي آڻيون ڀلا انهن کان ۽ ناهيون

بِمَسْبُوْقِيْنَ (٤١) فَذَرْهُمْ يَخُوْضُوْا وَيَلْعَبُوْا حَتّٰى

اسين اگرائي ڪيل پوءِ ڇڏي ڏي انهن ڪي اجاين ڪمن ۾ مشغول رهن ۽ راند ڪندا رهن تانجو

يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ (٤٢) يَوْمَ يَخْرُجُوْنَ مِنَ الْاَجْدَاثِ سِرَاعًا

ملاقي ٿين پنهنجي ان ڏينهن ڪي جنهن جو وعدو ڏناوڃن ٿا جنهن ڏينهن نڪرندا قبرن مان تڪڙا

كَاَنَّهُمْ اِلٰى نُصُبٍ يُّوْفِضُوْنَ (۴۳) خَاشِعَةً اَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ذٰلِكَ

جڻ تہ اهي نشانن ڏانهن ڊوڙن تا جهڪندڙ اکيون انهن جون ڇانئجي ويندي انهن تي ذلت اِهو اهو

الْيَوْمُ الَّذِيْ كَانُوْا يُوْعَدُوْنَ (۴۴)

ڏينهن آهي جنهن جو وعدو ڏنا ويا هئا

تفسير

اڳين آيتن ۾ مومنن کي جنت النعيم ۾ داخل ٿيڻ جي بشارت بيان ٿي ۽ ڪين عزت سان رکڻ جو ذڪر ٿيو ۽ هتي ڪافرن جو حضور پرنور عليـه الصلواة والسلام جن سان غلط رويو رکڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آهي. "فَمَالِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا قِبَلَكَ مُهْطِعِيْنَ عَنِ الْيَمِيْنِ وَعَنِ الشِّمَالِ عِزِيْنَ" (پوءِ ڪافرن کي ڇا ٿيو آهي تنهنجي طرف ڊوڙندڙ، سڄي ۽ کٻي کان ٽولا ٽولا ڪندڙ)

شان نزول: مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ "نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام جن بيت الله شريف وٽ نماز پڙهندا هئا ۽ قرآن ڪريم تلاوت ڪرڻ فرمائيندا هئا ۽ مشرڪ ٽولا ٽولا ٿي سندن چوڌاري گڏ ٿي ٻڌندا، چرچا ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ جيڪڏهن هي جنت ۾ ويندا جيئن (حضرت) محمد عليـه الصلواة والسلام فرمائي ٿو تہ پوءِ اسين انهن کان اڳي جنت ۾ داخل ٿينداسون انهن جي متعلق هي آيتون نازل ٿيون. (۱) مطلب تہ انهن ڪافرن کي ٿيو ڇا آهي جو جڏهن اوهان الله جلت عظمتـه جي عبادت ۽ قرآن ڪري جي تلاوت ڪيو تا تہ اهي ڊوڙندا اچن تا ۽ اوهان جي سڄي ۽ کٻي پاسي کان ٽولا ٽولا بنائي گڙٻڙ ڪن تا؟

"اَيَطْمَعُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّدْخَلَ جَنَّةَ نَعِيْمٍ كَلَّا" (ڇا انهن مان هر مڙس طمع رکي ٿو تہ اهو نعمت واري جنت ۾ داخل ڪيو ويندو! هرگز نہ) يعني جنت ۾ تہ ايمان ۽ صالح اعمال وارا ويندا، نهايت عزت ۽ آبرو سان هوندا پر جن نہ ايمان آندو ۽ نہ صالح عمل ڪيا اهي اها لالچ ڪيئن تا رکن تہ انهن کي جنت نعيم ۾ داخل ڪيو ويندو! هرگز نہ اهو ٿي نہ سگهندو. "اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّمَّا يَعْلَمُوْنَ" (اسان انهن کي ان مان پيدا فرمايو آهي جيڪي ڄاڻن ٿا) يعني انهن کي اهو علم آهي تہ جنهن خمير (منيءَ) مان ٻيا پيدا ڪيا ويا آهن پاڻ بہ ان مان پيدا ڪيل آهن پوءِ جڏهن ٻيا بہ ايمان ۽ اعمال صالحـه کان پوءِ جنت ۾ داخل ڪيا ويندا تہ هي بغير ايمان ۽ عمل صالح جي جنت ۾ ڪيئن داخل ٿيندا ڇا هي ڪنهن اهڙيءَ منيءَ مان پيدا ڪيل آهن جنهن مان

(۱) حدائق الروح والريحان ص۔۲۰۰۔ جلد ۳۰

پيدا ٿيل ٿي ايمان ۽ عمل صالح ضروري ناهي؟ "فَلَآ اُقۡسِمُ بِرَبِّ الۡمَشٰرِقِ وَالۡمَغٰرِبِ اِنَّا لَقٰدِرُوۡنَ عَلٰٓي اَنۡ نُّبَدِّلَ خَيۡرًا مِّنۡهُمۡ وَمَا نَحۡنُ بِمَسۡبُوۡقِيۡنَ" (پوءِ مان اوڀرن ۽ اولهن جي رب جو قسم کڻان ٿو ته بلاشڪ اسين هن ڳالهه تي قادر آهيون جو انهن جي جاءِ تي انهن کان ڀلا آڻيون ۽ اسين اڳرائي ڪيل ناهيون) يعني اهي ڪافر ان غلط فهميءَ ۾ مبتلا نه رهن ته دنيا جي رونق ۽ آبادي انهن جي وجود سان وابسته آهي اسين اوڀرن ۽ اولهن جي رب جو قسم کڻون ٿا ته اسين انهن ڪافرن کي تباهه ڪري سندن جاءِ تي انهن کان ڀلا آڻڻ تي قادر آهيون جيڪي نيڪ بخت، علم ۽ عمل جي دولت سان مالامال، اسان جي توحيد تي ايمان آڻيندڙ ۽ اسان جي پياري رسول عليه الصلواة والسلام سان محبت رکندڙ هوندا ۽ اسين ائين ڪرڻ ۾ عاجز ناهيون. "فَذَرۡهُمۡ يَخُوۡضُوۡا وَيَلۡعَبُوۡا حَتّٰي يُلٰقُوۡا يَوۡمَهُمُ الَّذِيۡ يُوۡعَدُوۡنَ" (پوءِ انهن کي ڇڏي ڏي اجايون ڳالهيون ٺاهين ۽ راند ڪندا رهن تانجو پنهنجي ان ڏينهن کي ملن جنهن جو وعدو ڏنا وڃن ٿا) مطلب ته اي حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام اوهان حق جي پيغام کي پهچائڻ جو حق ادا ڪري ڇڏيو نهايت خلوص سان انهن کي ڪفر ۽ شرڪ جي انڌيرن مان ڪڍڻ جي ڪوشش فرمائي پر جيڪڏهن اهي اڃان به باطل کي چنبڙيا پيا آهن ته اوهان فڪرمند ۽ پريشان نه رهو انهن کي ڇڏي ڏيو ته پنهنجين اجاين ٺاهيل ڳالهين ۾ مشغول رهن ۽ پنهنجي زندگيءَ جون قيمتي گهڙيون راند روند ۾ تباهه ڪن تانجو مرڻ کان پوءِ قيامت جي ڏينهن کي ملن ۽ پنهنجي حالت جو مشاهدو ڪن. "يَوۡمَ يَخۡرُجُوۡنَ مِنَ الۡاَجۡدَاثِ سِرَاعًا كَاَنَّهُمۡ اِلٰي نُصُبٍ يُّوۡفِضُوۡنَ" (جنهن ڏينهن قبرن مان تڪڙا نڪرندا ڄڻ ته نشانن ڏانهن ڊوڙندا وڃن ٿا) هتي قيامت جي ڏينهن ڪافرن جي قبرن ملن نڪرڻ جو حال بيان ڪيو وڃي ٿو جڏهن صور ۾ ڦوڪ ڏني ويندي ته اهي هڪدم قبرن مان اٿندا پر اتي ڪچهريون ڪرڻ جو موقعو نه هوندو ۽ نه توقف جي جاءِ هوندي بلڪ تڪڙا تڪڙا ڊوڙندي پنهنجين پنهنجين جاين ڏانهن ائين ويندا جيئن دنيا ۾ پنهنجن بتن جي نشانن وارن جاين ڏانهن ڊوڙندا ويندا هئا. "خَاشِعَةً اَبۡصَارُهُمۡ تَرۡهَقُهُمۡ ذِلَّةٌ" (انهن جون اکيون جهڪندڙ هونديون انهن تي ذلت ڇانئجي ويندي) مطلب ته قيامت جي ڏينهن هر ڪافر ذليل هوندو انهن جون اکيون شرم کان هيٺ جهڪيل هونديون، نمرود، فرعون، قارون، ابولهب، هٽلر، اسٽالن مطلب ته سمورا وڏا وڏا ڪافر به قيامت جي ڏينهن رسوا، خوار ۽ ذليل هوندا سندن منهن تي مٽي ڇميل هوندي. "ذٰلِكَ الۡيَوۡمُ الَّذِيۡ كَانُوۡا يُوۡعَدُوۡنَ" (اهو ئي ڏينهن آهي جنهن جو وعدو ڏنا ويندا هئا) يعني اهو ئي وعدو ڏنل ڏينهن آهي جنهن تان اول

پردو سڪرات جي شروع ٿيڻ وقت ڪنيو ويو ۽ ان جي نهايت اسرافيل سڱوري جي ڦوڪ سان اکين اڳيان ايندي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ معلوم ٿين ٿا. ١. "اَيَطْمَعُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّدْخَلَ جَنَّـــةَ نَعِيْمٍ" (ڇا هر ماڻهو طمع رکي ٿو تہ نعمت واري جنت ۾ داخل ڪيو ويندو) مان معلوم ٿيو تہ جنت صرف سڌن ڪرڻ ۽ لپاڙن هڻڻ سان نہ ملندي جيئن جاهل صوفي، بي دين ۽ ملحد، يا سندن انڌا عقيدتمند ڄُوندا آهن. ٢. "فَلَآ اُقْسِمُ بِرَبِّ الْمَشَارِقِ وَالْمَغٰرِبِ" (پوءِ مان اوڀرن ۽ اولهن جي رب جو قسم کڻان ٿو) مان معلوم ٿيو تہ اوڀر ۽ اولهہ گهڻان آهن پر اهو سڀ ڪجهہ ان لحاظ سان آهي جو روزانو سج جي اڀرڻ ۽ لهڻ جي جاءِ مٽجندي رهندي آهي جيئن سياري ۾ هڪ طرف کان اڀرندو ۽ لهندو آهي ۽ اونهاري ۾ جاءِ مٽائي ٻي جاءِ کان اڀرندو ۽ لهندو آهي.(٢) ٣. "اِنَّا لَقٰدِرُوْنَ عَلٰٓى اَنْ نُّبَدِّلَ خَيْرًا مِّنْهُمْ" (بلاشڪ اسين ان تي قادر آهيون جو انهن کان ڀلا بدلائي آڻيون) مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل برن کي هٽائي انهن جي جاين تي ڀلا ٻانها آڻي سگهي ٿو هن کان اڳي اوڀرن ۽ اولهن جي قسم کڻڻ ۾ بہ ان طرف اشارو هو تہ جيڪو الله عزوجل سج جي اڀرڻ ۽ لهڻ جون جايون بدلائي ٿو اهو برن جاين تي ڀلا بہ آڻڻ تي قادر آهي. (٣)

الحمدلله جو مون عاصي دائر دائرة الماصي الله عزوجل جي خصوصي مهربانيءَ سان سندس محبوب عليــہ الصلواة والسلام جي صدقي اڄ بموءرخـــہ ٢٣ شعبان ١٤٢٦هہ الموافق ٢٠٠٥.٩.٢٨ع تي اربعاءَ جي ڏينهن ڏهين بجي صبح جو پنهنجي ڳوٺ واري لائبريريءَ ۾ سورة المعارج جو تفسير لکي پورو ڪيو. دعا آهي تہ مالڪ متو باقي رهيل سورتن جو تفسير بہ جلد از جلد لکي پورو ڪرڻ جي نعمت نصيب فرمائي. آمين ثم آمين يا رب العلمين بجاه النبى الامى الامين عليـــہ وعلى آلـــہ واصحابـــہ الصلوات والتسليمات الى يوم الدين.

دعا جو طالب

الفقير محمد ادريس الداهري

النقشبندي عفي عنه

(١) نظم الدرر صـ١٥٩ـ جلد ٨

(٢) تفسير حقاني صـ٢١٦ـ جلد ٧

(٣) ڪمالين اردو شرح جلالين صـ٥٠ـ جلد ٧

سورة "نُوح" جو تعارف

هن سورة مباركـه جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن ۾ وهارڻ نهايت اهم آهن.

نالومبارڪ: هن پاڪ سورة جو نالو "نوح" آهي ڇو تہ هن ۾ حضرت نوح علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي ڪوشش جو ذڪر آهي.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٻہ رڪوع، اٺاويهہ آيتون، ٻہ سوءِ چوويهہ ڪلما ۽ نو سوءِ نوانوي (٩٩٩) حرف آهن. (١)

مڪيـہ آهي يا مدنيـہ؟ ابن الضريس، نحاس، ابن مردويـہ ۽ بيهقي حضرت ابن عباس رضی الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ سورة نوح مڪـہ مڪرمـہ ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول جو زمانو: هيءَ سورة ٻہ نبي ڪريم عليـہ الصلواة والسلام جي هجرت کان پهريان نازل ٿي هئي.

مضمون: هن جي پهرين آيت مان معلوم ٿئي ٿو تہ الله تعالىٰ ڪنهن قوم کي تباهہ ڪرڻ کان پهريان انهن کي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ جي لاءِ ڪو ڊيڄاريندڙ موڪليندو آهي اها الله عزوجل جي سنت آهي ائين ئي بي خبريءَ ۾ ڪنهن کي هلاڪ نہ ٿو ڪيو وڃي. حضرت نوح علىٰ نبينا وعليـہ الصلواة والسلام جي دعوت جا ٣ اصول آهن "١" الله وحده جي عبادت، "٢" تقوىٰ ۽ پرهيزگاري، "٣" پنهنجي نبي عليـہ الصلواة والسلام جي اطاعت. انهن اصولن تي دنيا جي سيني قومن جي ٻنهي جهانن ۾ فلاح ۽ ڪاميابيءَ جو مدار آهي حضرت نوح علىٰ نبينا وعليـہ الصلواة والسلام جنهن خوبصورتيءَ سان پنهنجي نبوت جي فرائض کي ادا ڪيو ان جو تفصيل اوهان آيت ٥ـ کان آيت ٢٠ـ تائين ملاحظـہ ڪندا. پاڻ پنهنجي قوم کي صرف آخرت ۾ ڇوٽڪاري جو رستو نہ ڏيکاريائون پر انهن سان وعدو ڪيو هيائون تہ جيڪڏهن اوهان منهنجي دعوت کي قبول ڪندؤ تہ اوهان دنيا ۾ ٻہ خوشحال رهندؤ اوهان جي ويران زمين ۾ باغ هوندا اوهان جي خشڪ علائقن ۾ نهرون وهنديون اوهان کي پٽن جو اولاد گهڻو ٿيندو، بروقت برساتون پونديون خشڪ سالي ۽ ڏڪار جو خوف جيڪو اوهان تي هميشـہ سوار رهيو آهي ان کان اوهان کي نجات ملي ويندي ان کان پوءِ پاڻ پنهنجي قوم جي رئيسن جون برايون بيان ڪيون اٿن تہ اهي پاڻ ٻہ دين کي قبول نہ ٿا ڪن ۽ ان جو وجـہ ظاهر آهي تہ هن دين جي تعليمات سندن مفادن سان ٽڪر ۾ آهي اهي ڪيئن زڪواة ڏين، عيش عشرت کان ڪيئن بچاءَ حاصل ڪن،

(١) خازن صـ٣١١ـ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور صـ٢٨٨ـ جلد ٨

شراب نوشي، ناچ ۽ گانن کان ڪيئن محفوظ رهن، پر اهي پنهنجي ماتحت غريب عوام کي بہ حضرت نوح علیٰ نبينا عليه الصلواة والسلام تائين پهچڻ نہ پيا ڏين انهن جا خيرخواه بنجي انهن کي نصيحت ڪندا هئا تہ اي عوام: اي طاقت ۽ قوت جا سرچشما! هن (حضرت نوح علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کان بچجو ان جي اثر ۾ نہ اچجو هي اوهان کي اوهان جي بتن کان ڦيرائي ڇڏيندو ائين ڪڏهن بہ نہ ڪجو اسين تہ اوهان جي خيرخواهي ڪيون ٿا اهڙا ماڻهو هر زماني ۾ ايندا رهيا آهن حضرت نوح علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ساڍا نوَ سَوُ (٩٥٠) سال رات ڏينهن ڪليل طرح ۽ لڪ ۾ انهن کي حق جي دعوت ڏيندو رهيو. اهو حوصلو ۽ ايترو صبر پيغمبر سڳوري عليه الصلواة والسلام کي نصيب ٿيندو آهي پر جڏهن سندس قوم وارن تي ڪو اثر نہ ٿيو تڏهن پاڻ انهن جي لاءِ بددعا گهريائين تہ ياالله! هن سيني کي غرق ڪر انهن مان ڪو بہ زندهہ نہ ڇڏ. آخر ۾ ان پاڻ لاءِ ۽ ٻين مجڻ وارن لاءِ جيڪا مغفرت جي دعا گهري هئي ان جو ذڪر آيو آهي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ ٻڌايو ويو تہ اسين اوهان جي جاءِ تي ٻيا آڻي سگهون ٿا ۽ هتي هڪ قوم جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن کي غرق ڪري تباهہ ڪيو ويو ۽ ان جي جاءِ تي ٻيا آندا ويا. ڪافرن جي جاءِ مومنن سنڀالي.

پڙهڻ جو ثواب ۽ برڪتون: ثعلبي أبي بن ڪعب کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن سورة نوح پڙهي اهو انهن مومنن مان هوندو جن کي حضرت نوح جي دعا نصيب ٿيندي." (١)



(١) اللباب في علوم لکتب ص۔٤٠٣۔ جلد ١٩

وَهِىَ ثَمَانٍ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ نُوْحٍ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ٢٨ آيتون آهي	سورة نوح مکي آهي	۽ ان ۾ ٻه رکوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو ئي مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

اِنَّآ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ اَنْ اَنْذِرْ قَوْمَكَ مِنْ قَبْلِ اَنْ

بيشڪ اسان موڪليو نوح کي ان جي قوم ڏانهن ته ڊيڄار پنهنجي قوم کي ان کان اڳي جو

يَّاْتِيَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ (١) قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّىْ لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ (٢)

اچي انهن وٽ عذاب دردناڪ چيائين ته اي منهنجي قوم! بيشڪ مان اوهان لاءِ ڊيڄاريندڙ پڌرو آهيان

اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاتَّقُوْهُ وَاَطِيْعُوْنِ (٣) يَغْفِرْ لَكُمْ

ته عبادت ڪيو الله جي ۽ ان کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪيو ته بخش ڪندو اوهان کي

مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرْكُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ اِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ اِذَا جَآءَ

اوهان جا گناهه ۽ مهلت ڏيندو اوهان کي مدي مقرر تائين بيشڪ الله جو مدو جڏهن ايندو

لَا يُؤَخَّرُ ۘ لَوْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ (٤) وقف لازم

ته نه پوئتي ڪيو ويندو جيڪڏهن ڄاڻو ها

تفسير

جيئن اڳين سورة عذاب جي ذڪر سان شروع ڪيل هئي تيئن هيءَ به عذاب جي ذڪر سان شروع ڪيل آهي فرمان رباني آهي "اِنَّآ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ اَنْ اَنْذِرْ قَوْمَكَ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ" (بلاشڪ اسان نوح کي سندن قوم ڏانهن موڪليو هو ته پنهنجي قوم کي ڊيڄار ان کان اڳي جو انهن وٽ دردناڪ عذاب اچي) ذهن ۾ وهارڻ گهرجي ته حضرت نوح جو نسبي سلسلو حضرت آدم (علیٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام) سان ڏهينءَ پيڙهيءَ ۾ ملي ٿو ڄاڻي واڻي قتل ته حضرت آدم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي دور ۾ شروع ٿي چڪو هو ۽ حضرت ادريس علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي دور ۾ منافقي پکڙجي چڪي هئي ۽ ماڻهو فسق ۽ فجور ۾ مبتلا ٿي چڪا هئا حضرت نوح علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي دور تائين شرڪ، ڪفر، ظلم، ستم ۽ بڇڙاين جي انتها ٿي وئي هئي ماڻهن جون دليون

ايتريون سخت تي ويون هيون جو حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام انهن کي ساڍا نوَ سوَ سال صبح ۽ شام سمجهايو پر تورن ماڻهن کان سواءِ ڪنهن به سندن دعوت کي قبول نه ڪيو رهندو سرڪشي ۽ عناد ۾ وڌي ويا. سيدنا حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي تبليغي ڪوشش ۽ سندن قوم جي معانداند روش جو ذڪر پهريان به مختلف مقامات تي آيو آهي پر هيءَ سڄي سورة سندن حالات جي ذڪر تي مشتمل آهي. غور ڪرڻ گهرجي ته جڏهن طبيعتون بگڙنديون آهن ته اصلاح جون ڪوششون گهٽ ڪامياب ٿينديون آهن. پهرين آيت ۾ حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام سان ان جي نبوت واري ذميداري جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته پاڻ پنهنجي قوم کي ڊپ ڏياري ته اهي ڪفر، شرڪ ۽ مسلسل گناهن جي ڪري خداوندي عذاب جا مستحق ٿي ويا آهن پر اجان توبه جو دروازو بند نه ٿيو آهي دردناڪ عذاب جي اچڻ کان پهريان جيڪڏهن توبه ڪري مسلمان ٿين ته ڪين معافي ملي سگهي ٿي. (۱) "قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّىْ لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ" (فرمايائين ته اي منهنجي قوم! بيشڪ مان اوهان جي لاءِ کلي طرح ڊيڄارينڌڙ آهيان) يعني منهنجو امر واضح آهي مان هن ديني دعوت ڏيڻ ۽ اوهان کي الله جل شانه کان ڊيڄارڻ ۾ کليل آهيان. "اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاتَّقُوْهُ وَاَطِيْعُوْنِ" (ته الله جي عبادت ڪيو ۽ ان کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪيو) يعني منهنجي ڊيڄارڻ ۾ هيءَ ڳالهه به داخل آهي ته عبادت صرف هڪ الله وحده لاشريڪ له جي ڪيو جيڪو حقيقي بادشاهه، سموري ڪمال جو مالڪ آهي ۽ ان کان ئي ڊڄو ان کان ڊڄڻ ان جي عذاب کان بچاءُ آهي ۽ منهنجي اطاعت ڪيو تانت جيڪي ڳالهيون اوهان جي عقل کان مٿي آهن اهي مان اوهان کي سمجهايان جيئن الله عزوجل جون صفات، اوهان جو دين، معاد ۽ جيڪي اوهان کي شڪ، شبها آهن اهي دور ڪري ڇڏيان. "يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرْكُمْ اِلٰى اَجَلٍ مُّسَمًّى" (اوهان کي اوهان جا کي گناهه بخش فرمائي ۽ اوهان کي مقرر ڪيل مدي تائين مهلت ڏي) يعني منهنجي دعوت کي قبول ڪرڻ جو پهريون نتيجو اهو نڪرندو جو الله جلت صفاته اوهان کي اوهان جي ايمان آڻڻ کان اڳيان گناهه بخش ڪري ڇڏيندو ۽ انهن گناهن جي ڪري جيڪو خداوندي عذاب عنقريب اوهان تي اچڻو هو اهو ٽري ويندو ۽ اوهان جي مهلت وڌائي ويندي. "اِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ اِذَا جَآءَ لَا يُؤَخَّرُ لَوْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ" (بلاشڪ الله جو اجل جنهن وقت ايندو ته پوئتي نه ڪيو ويندو جيڪڏهن ڄاڻو ها) يعني جيڪڏهن اها حقيقت اوهان ڄاڻو ها ته الله

(۱) ضياءُ القرآن ص-۳۷۳- جلد ۵

جل مجده جو اجل اڄ نہ آهي تہ مهلت وارين گهڙين کي غنيمت ڄاڻوها انهن کي ضايع نہ ڪيو ها هڪدم توبہ ڪري وٺو ها.
فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "اِنَّآ اَرۡسَلۡنَا نُوۡحًا اِلٰى قَوۡمِهٖۤ" (بلاشڪ اسان نوح کي ان جي قوم ڏانهن موڪليو) بعض مفسرن لکيو آهي تہ حضرت نوح علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام ان وقت جي سڀني انسانن جو نبي هو ڇو تہ انسان ان وقت ٿورا هئا. سندس نالو عبدالغفار يا يشڪر هو ۽ گهڻي روئڻ جي ڪري ڪيس نوح سڏيو ويو. پاڻ چوٿون نبي هو پاڻ ئي ڪافرن کي تبليغ ڪئي هيائين ۽ دنيا ۾ اول عذاب بہ سندس ئي قوم تي آيو هو. (١) ٢. "اِلٰى قَوۡمِهٖۤ" جو تفسير ڪندي علامہ پاني پتي لکيو آهي تہ ان قيد مان معلوم ٿيو تہ پاڻ صرف پنهنجي قوم ڏانهن نبي هئا سڀني انسانن جا نبي نہ هئا جيئن بخاري ۽ مسلم حضرت جابر رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "مون کي پنج (فضيلتون) اهڙيون ڏنيون ويون آهن جيڪي مون کان اڳي ڪنهن (بہ نبي) کي نہ ڏنيون ويون "١" مهيني جي پنڌ تي (ماڻهن جي دلين ۾) رعب پيدا ڪرڻ سان مدد ڪيو ويو آهيان. "٢" منهنجي لاءِ سموري زمين مسجد ۽ (تيمم جي ذريعي) پاڪ ڪندڙ بنائي وئي آهي پوءِ جتي بہ منهنجي امت مان ڪنهن مرد کي نماز جو وقت ٿي وڃي تہ پڙهي وٺي. "٣" منهنجي لاءِ غنيمتون (ڪافرن سان جنگ جي حالات ۾ انهن جو هٿ آيل مال) حلال ڪيون ويون آهن ۽ مون کان اڳي ڪنهن لاءِ حلال نہ هيون. "٤" مان شفاعت عطا ڪيو ويو آهيان. "٥" (مون کان اڳي) نبي خاص پنهنجي قوم ڏانهن موڪليو ويندو هو ۽ مان سڀني ماڻهن ڏانهن موڪليو ويو آهيان." اهڙي طرح جيڪا روايت مسلم حضرت ابوهريرة رضي الله عنہ کان آندي آهي ان ۾ بہ ارشاد آيل آهي. (٢) ٢. "يَغۡفِرۡ لَكُمۡ مِّنۡ ذُنُوۡبِكُمۡ" (اوهان جا ڪي گناهہ بخش ڪندو) مان بہ ڳالهيون معلوم ٿيون "١" تہ اسلام ۽ ايمان سان اڳيان گناهہ بخش ڪيا ويندا. مسلم شريف ۾ حضرت عمرو بن العاص رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ مان نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيم تہ هٿ مبارڪ کوليو تہ مان اوهان جي بيعت ڪريان جڏهن پاڻ هٿ مبارڪ کوليائون تہ مون سندن هٿن پاڪن کي قابو ڪري ورتو پاڻ فرمايائون تہ: "عمرو! توکي ڇا ٿيو؟" مون عرض ڪيو تہ "شرط رکان ٿو" فرمايائون تہ "اي عمرو! توکي اها ڄاڻ ناهي تہ اسلام اڳيان گناهہ ميٽي ٿو ڇڏي ۽ هجرت بہ اڳيان گناهہ ميٽي ٿي ۽ حج

(١) نورالعرفان ص ـ ٩١ ـ (٢) المظهري ص ـ ٧١ ـ جلد ١٠

۽ اگيان گناهہ ميٽي ٿو" (١) "٢" "من" تبعيض جي آڻڻ مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل اسلام جي ڪري پنهنجا حقوق بخش ڪري ٿو باقي ٻانهن جا حق انهن کي ادا ڪرڻ سان بخش ٿيندا. (٢) ٣. "إِنَّ أَجَلَ اللهِ إِذَا جَآءَ لَا يُؤَخَّرُ" (بلاشڪ الله جو اجل جڏهن ايندو تہ پوئتي نہ ڪيو ويندو) هتي اجل مان مراد قضاء مبرم آهي. علامہ پاني پتي لکيو آهي تہ قضا ٻہ قسم آهي "١"معلق. "٢" مبرم. "١" معلق اها آهي جنهن جي لاءِ لوح محفوظ ۾ لکيو ويو آهي تہ جيڪڏهن فلاڻي ٻانهي الله جي اطاعت ڪئي تہ هيتري مدت تائين عافيت ڏنو ويندو مثلاً ۽ جيڪڏهن بي فرماني ڪيائين تہ ان تي طوفان موڪليو ويندو. مثلاً يا ڪا ٻي آفت. ۽ قضا جي ان قسم جي شرط جي نہ ليڻ جي ڪري تبديل ٿي سگهي ٿي ۽ الله عزوجل جي فرمان "الله ميٽي ٿو جيڪي گهري ۽ ثابت رکي ٿو ۽ ان وٽ ئي لوح محفوظ آهي" جي معنيٰ بہ اها آهي ۽ حضرت سلمان فارسي رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "قضا کي دعا کان سواءِ ڪا شيءِ رد نہ ڪندي ۽ عمر ۾ واڌارو نيڪي ڪرڻ کان سواءِ نہ ٿيندو." رواه الترمذي "٢" مبرم اها آهي جنهن ۾ تبديلي نہ ٿيندي آهي. (٣)

قَالَ رَبِّ إِنِّيْ دَعَوْتُ قَوْمِيْ لَيْلًا وَّنَهَارًا (٥) فَلَمْ يَزِدْهُمْ

چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار! بلاشڪ مون سڏيو پنهنجي قوم کي رات ۽ ڏينهن پوءِ نہ وڌايائين

دُعَآءِيْٓ اِلَّا فِرَارًا (٦) وَاِنِّيْ كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَ لَهُمْ

انهن کي منهنجي سڏڻ مگر ڀڄڻ ۽ بلاشڪ مون جڏهن بہ سڏيوانهن کي تانت انهن کي بخش ڪرين

جَعَلُوْٓا اَصَابِعَهُمْ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَاسْتَغْشَوْا ثِيَابَهُمْ وَاَصَرُّوْا

تہ (داخل) ڪيائون پنهنجون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾ ۽ ويڙهيائون ڪپڙا پنهنجا ۽ ضد ڪيائون

وَاسْتَكْبَرُوا اسْتِكْبَارًا (٧) ثُمَّ اِنِّيْ دَعَوْتُهُمْ جِهَارًا (٨) ثُمَّ

۽ تڪبر ڪيائون گهڻو تڪبر ان کان پوءِ بلاشڪ مون انهن کي سڏيو وڏي آواز سان ان کان پوءِ

اِنِّيْٓ اَعْلَنْتُ لَهُمْ وَاَسْرَرْتُ لَهُمْ اِسْرَارًا (٩) فَقُلْتُ اسْتَغْفِرُوْا

بيشڪ مون کلي چيو مون انهن کي ۽ گهڻو ماٺ مٺ ۾ سمجهايو انهن کي پوءِ چيو مون تہ مغفرت گهرو

(١) ساڳيو حوالو (٢) القرطبي ص-٢٩٩- جلد ١٨ (٣) المظهري ص-٧٢- جلد ١٠

رَبَّكُمْ اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا (١٠) يُّرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا (١١) وَيُمْدِدْكُمْ

پنهنجي رب کان بيشڪ اهو آهي بخشڻهار موڪليندو آسمان کان اوهان تي برسات ۽ مدد ڪندو

بِاَمْوَالٍ وَّبَنِيْنَ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ جَنّٰتٍ وَّيَجْعَلْ لَّكُمْ اَنْهٰرًا (١٢)

اوهان جي مالن سان ۽ پٽن سان ۽ ڪندو اوهان جي لاءِ باغ ۽ ڪندو اوهان جي لاءِ نهرون

مَالَكُمْ لَا تَرْجُوْنَ لِلّٰهِ وَقَارًا (١٣) وَقَدْ خَلَقَكُمْ

ڇاتيو آهي اوهان کي جو نه تا اميد رکو الله وٽ عزت جي حالانڪ تحقيق پيدا فرمايائين اوهان کي

اَطْوَارًا (١٤) اَلَمْ تَرَوْا كَيْفَ خَلَقَ اللّٰهُ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا (١٥) وَّجَعَلَ

طرح طرح سان ڇا نه ڏٺو اوهان ته ڪهڙي طرح پيدا ڪيا الله ست آسمان طبقا طبقا ۽ بنايائين

الْقَمَرَ فِيْهِنَّ نُوْرًا وَّجَعَلَ الشَّمْسَ سِرَاجًا (١٦) وَاللّٰهُ اَنْۢبَتَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ

چنڊ کي انهن ۾ روشني ۽ بنايائين سج کي ڏيو ۽ الله ڄمايائين اوهان کي زمين مان

نَبَاتًا (١٧) ثُمَّ يُعِيْدُكُمْ فِيْهَا وَيُخْرِجُكُمْ

ساون سلن وانگر ان کان پوءِ ورائي آڻيندو اوهان کي ان ۾ ۽ اوهان کي پڪي طرح

اِخْرَاجًا (١٨) وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ بِسَاطًا (١٩) لِّتَسْلُكُوْا مِنْهَا

(ان مان ٻاهر) ڪڍندو ۽ الله بنايو اوهان جي لاءِ زمين کي وڇاڻو تانت هلو ان مان

سُبُلًا فِجَاجًا (٢٠)

ڪشادن رستن تي

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت نوح علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي سندس قوم ڏانهن رسول بنائي موڪلڻ جو بيان هو ۽ اهو ٻڌايو ويو ته ان پنهنجي رسالت جي فرائض کي نهايت سٺي نموني ادا ڪيو ۽ هتي ان جي طرفان الله جل وعلا جي بارگاهه ۾ شڪايت ڪرڻ واري حال کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قَالَ رَبِّ اِنِّيْ دَعَوْتُ قَوْمِيْ لَيْلًا وَّنَهَارًا فَلَمْ يَزِدْهُمْ دُعَآءِيْٓ اِلَّا فِرَارًا" (چيائين ته اي منهنجا پالڻهار! بلاشڪ مون پنهنجي قوم کي رات ۽ ڏينهن سڏيو پوءِ منهنجي سڏڻ انهن کي ڀڄڻ کان سواءِ ڪجهه نه وڌايو) جڏهن حضرت نوح علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام الله عزوجل جو پيغام پهچايو ۽ سندس قوم ان جي موٽ سٺي نه ڏني تڏهن ان حقيقت کي الله

جلت صفاتـه جي دربار ۾ پيش ڪندي عرض ڪيائين تہ اي منهنجا رب! مون پنهنجي قوم کي رات ڏينهن محنت ڪري سچي ۽ حق واري دين ڏانهن سڏيو آهي پر انهن مجڻ جي بجاءِ ڀڄڻ شروع ڪيو آهي ۽ مون کي ڏسي پري ڀڄي ٿا وڃن. "وَإِنِّي كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَ لَهُمْ جَعَلُوا أَصَابِعَهُمْ فِي آذَانِهِمْ وَاسْتَغْشَوْا ثِيَابَهُمْ وَأَصَرُّوا وَاسْتَكْبَرُوا اسْتِكْبَارًا" (۽ بلاشڪ مون جڏهن بہ انهن کي (ان لاءِ) سڏيو تہ تون انهن کي بخش فرمائين تہ پنهنجيون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾ وڌائون ۽ (پنهنجي مٿان) پنهنجا ڪپڙا ڍڪيائون ۽ ضد ڪيائون ۽ گهڻو تڪبر ڪيائون) مطلب تہ مان سندن ڀلائي ڪندين جڏهن بہ ڪين تنهنجي دين لاءِ سڏيو تہ تون ڪين سندن گناهہ بخش فرمائين تہ انهن بي قدري ڪندي منهنجي آواز نہ ٻڌڻ لاءِ پنهنجون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾ اندر وڌيون ۽ پنهنجي پاڻ کي ڪپڙن ۾ ويڙهي ڇڏيائون تہ مون کي تہ ڏسن ۽ ڪفر تي ضد ڪري بيٺا آهن نہ توبہ ڪن ٿا ۽ نہ ڪفر کان مڙن ٿا ۽ سخت تڪبر ڪندي حق قبول نہ ٿا ڪن. (١) "ثُمَّ إِنِّي دَعَوْتُهُمْ جِهَارًا ثُمَّ إِنِّي أَعْلَنْتُ لَهُمْ وَأَسْرَرْتُ لَهُمْ إِسْرَارًا" (ان کان پوءِ مون انهن کي وڏي آواز سان (دين ڏانهن) سڏيو ان کان پوءِ ڪين کلي طرح سمجهايو ۽ ماٺ ميٺ ۾ بہ ڪين ٻڌايو) مطلب تہ مون دين جي دعوت ڏيڻ ۾ جيڪي بہ رستا هئا سڀ استعمال ڪيا کليل، ظاهر ۽ لڪل نموني انهن کي تو پروردگار جو پيغام پهچايو پر ڪجهہ قبول نہ ٿا ڪن. "فَقُلْتُ اسْتَغْفِرُوا رَبَّكُمْ إِنَّهُ كَانَ غَفَّارًا" (پوءِ (انهن کي) مون چيو تہ پنهنجي رب کان بخشش گهرو بلاشڪ اهو بخشڻهار آهي) يعني مون انهن کي چيو آهي تہ اوهان پنهنجن ڪيلن گناهن شرڪ، ڪفر ۽ ٻين برائين جي الله عزوجل کان معافي ۽ بخشش گهرو تہ اهو بخشڻهار اوهان کي هر گناهہ بخش ڪري ڇڏيندو. "يُرْسِلِ السَّمَاءَ عَلَيْكُمْ مِدْرَارًا وَيُمْدِدْكُمْ بِأَمْوَالٍ وَبَنِينَ وَيَجْعَلْ لَكُمْ جَنَّاتٍ وَيَجْعَلْ لَكُمْ أَنْهَارًا" (تہ اوهان تي آسمان کان برسات موڪليندو ۽ اوهان جي مالن ۽ پٽن ڏيڻ سان مدد ڪندو ۽ اوهان کي باغ ۽ اوهان کي نهرون عطا ڪندو) يعني الله عزوجل کان مغفرت گهرڻ جي ڪري گناهہ بخشڻ سان گڏ اوهان تي برساتون وسائيندو اوهان کي مال ۽ پٽ ڏيندو ۽ اوهان کي ڀلا باغ ۽ نهرون بہ عطا ڪري هر ممڪن نعمت سان نوازيندو. سورة مائده جي آيت ع-٦٦-، اعراف جي آيت ع-٩٦-، سورة هود جي آيت ع-٥٢،٥٣- مان بہ هن مضمون جي تائيد ٿئي ٿي تہ جيڪا بہ قوم پنهنجي گناهن تي پشيمان ٿي، معافي طلب ڪري فرمانبردار بنجي ٿي الله عزوجل گناهن بخشڻ سان گڏ ان جي مالي حالت بہ بهتر بنائي ٿو.

(١) فتح القدير ص-٢٩٧- جلد ٥

حضرت امام حسن وٽ ڪنهن ماڻهو پنهنجي علائقي ۾ ڏڪار جي شڪايت ڪئي پاڻ فرمايائون تہ "استغفار پڙهہ" ٻئي محتاج هجڻ جي شڪايت ڪئي پاڻ فرمايائونس تہ "استغفار پڙهہ" ٽئين شخص اولاد جي ملڻ لاءِ دعا گهرڻ جو عرض ڪيو پاڻ فرمايائونس تہ "استغفار پڙهہ" چوٿين عرض ڪيو تہ منهنجو باغ سڪي ويو آهي پاڻ فرمايائونس تہ "استغفار پڙهہ" ڪين عرض ڪيو ويو تہ سيني کي هڪ حڪم فرمايو اٿو؟ فرمايائون تہ "مون پنهنجي طرفان نہ چيو آهي" الله عزوجل پاڻ "سورة نوح" ۾ فرمايو آهي تہ "پنهنجي رب کان مغفرت گهرو بلاشڪ اهو بخشڻهار آهي اوهان تي آسمان کان برسات موڪليندو ۽ اوهان جي مالن ۽ پٽن سان مدد ڪندو ۽ اوهان لاءِ باغ ۽ نهرون بنائيندو" سورة آلعمران ۾ گناهن جي مغفرت گهرڻ جي ڪيفيت بيان ٿي چڪي آهي ۽ اهو گناهن کان اخلاص ۽ سچائيءَ سان رجوع ڪرڻ آهي. (١) "مَالَكُمْ لَاتَرْجُوْنَ لِلّٰهِ وَقَارًا" (اوهان کي ڇا ٿيو آهي جو الله لاءِ عزت جي اميد نہ ٿا رکو) مطلب تہ ٻين جي اوهان وٽ عزت ۽ وقار آهي الله عزوجل جي پيغام ۽ ان جي پيغمبر عليہ الصلواة والسلام جي لاءِ اوهان جي دلين ۾ وقار، عزت ۽ احترام ڇو ناهي اوهان کي ٿيو ڇا آهي؟ "وَقَدْ خَلَقَكُمْ اَطْوَارًا" (حالانڪ تحقيق ان اوهان کي طرح طرح سان پيدا ڪيو آهي) مطلب تہ اوهان جي خلقت مختلف دورن مان گذري آهي ڪڏهن مني جو ڦڙو، ڪڏهن رت جو دڳ، ڪڏهن گوشت جو ٽڪرو، وري ڪامل ٻار، ان کان بعد جوان، وري پيرسن، پوڙهو، ڪڏهن امير تہ ڪڏهن فقير. (٢) "اَلَمْ تَرَوْا كَيْفَ خَلَقَ اللّٰهُ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا" (ڇا اوهان نہ ڏٺو آهي تہ الله ست آسمان طبقا طبقا ڪري ڪيئن پيدا فرمايا آهن) انساني زندگيءَ جي مختلف مرحلن ۾ ان جي قدرت، حڪمت ۽ رحمت جا جيڪي آثار جلوي نما آهن انهن جي بيان ڪرڻ کان پوءِ انسان کي بلندين ڏانهن متوجہ ڪندي ارشاد ٿيو آهي تہ پنهنجي مٿان طبقا، طبقا ٿيندڙ آسمانن ڏانهن نهاريو تہ الله عزوجل انهن کي ڪيئن پيدا ڪرڻ فرمايو آهي. "وَّجَعَلَ الْقَمَرَ فِيْهِنَّ نُوْرًا وَّجَعَلَ الشَّمْسَ سِرَاجًا" (۽ انهن ۾ چنڊ کي روشن بنايائين ۽ سج کي ڏيو ڪيائين) مطلب تہ اهو ٻہ ڏسو تہ مالڪ مٿي انهن آسمانن ۾ چنڊ کي روشني ڏيندڙ ڪري انهن ۾ سج کي روشن ڏيو ڪيئن بنايو آهي؟ ڇا الله عزوجل تي ايمان آڻڻ جي لاءِ انهن سيني دليلن جي هوندي ڪنهن ٻئي دليل جي ضرورت آهي! هرگز نہ "وَاللّٰهُ اَنْۢبَتَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ نَبَاتًا" (۽ الله اوهان کي زمين مان سلن وانگر ڄمايو) مطلب تہ جيئن زمين مان ساوا سلا ڄمن ٿا تيئن اوهان کي بہ الله عزوجل زمين مان ٻاهر

(١) القرطبي صـ٣٠٢ـ جلد ١٨ (٢) نورالعرفان صـ٩١١ـ

آندو آهي جو پهرئين انسان حضرت آدم علىٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام کي مٽيءَ مان ٺاهيو ويو هو. "ثُمَّ يُعِيْدُ كُمْ فِيْهَا" (ان کان پوءِ اوهان کي ان ۾ ورائي آڻيندو) مطلب ته اوهان جي اصل جزن کي مٽيءَ ۾ ملايو ويندو پوءِ اهي باهه ۾ سڙي وڃن يا پاڻيءَ ۾ ٻڏي وڃن يا ائين دفن ڪيا وڃن يا ڪنهن جانور جي غذا ٿي وڃن باقي روح سو پنهنجي اصلي رهائش ڏانهن واپس ڪيو ويندو. "وَيُخْرِجُكُمْ اِخْرَاجًا" (۽ ٻاهر ڪيندو اوهان کي پڪي طرح) "اِخْرَاجًا" مفعول مطلق تاڪيد جي معنىٰ ۾ آيل آهي يعني ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي اوهان کي الله عزوجل ضرور قبرن مان ٻاهر ڪيدي محشر جي ميدان ۾ آڻيندو ڇو ته الله عزوجل جي لاءِ ٻانهي کي ماري قبرن ۾ آڻڻ ۽ وري جزا ۽ سزا لاءِ اٿارڻ برابر آهي ان جي ڪري "ثم" لفظ ذڪر نه ڪيو ويو آهي. "وَاللهُ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ بِسَاطًا" (۽ الله اوهان جي لاءِ زمين کي وڇاڻو بنايو آهي) جو جيئرا آهيو ته ان جي مٿان رهو مري وڃو ته ان ۾ دفن ڪيا وڃو اها نه لوهه وانگر سخت آهي نه پاڻيءَ وانگر نرم. "لِتَسْلُكُوْا مِنْهَا سُبُلًا فِجَاجًا" (تانت ان ۾ وڏا رستا وٺي هلو) مقصد ته رب العزة عزاسمــه زمين کي مختلف حصن ۾ تقسيم فرمايو آهي ۽ انهن حصن ۾ گهمڻ، اچڻ وڃڻ جي لاءِ وڏا وڏا رستا رکيا اٿس جن تي هلي اوهان ڏيہن ۽ دنيا جا نفعا حاصل ڪيو ٿا واپار سان ٿا وڃو حج، زيارت ۽ علم جي طلب به ڪيو ٿا. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "قَالَ رَبِّ اِنِّيْ دَعَوْتُ قَوْمِيْ لَيْلًا وَّنَهَارًا فَلَمْ يَزِدْهُمْ دُعَاءِيْ اِلَّا فِرَارًا" (چيائين ته اي منهنجا رب! بيشڪ مون پنهنجي قوم کي رات ۽ ڏينهن سڏيو پوءِ انهن کي منهنجي سڏڻ ٿهڻ کان سواءِ ڪجهه نه وڌايو) هن دعا مان هي ڳالهيون ذهن ۾ اچن ٿيون "١" ته دعا گهرڻ وقت الله عزوجل کي ان جي رحمت واري نالي سان عرض ڪرڻ گهرجي جيئن هتي "رب" سان عرض ڪيو ويو آهي. "٢" ته نيڪ اعمال سان وسيلو وٺڻ گهرجي جيئن هتي ايمان ڏي سڏڻ جو ذڪر ڪري گويا ان جي وسيلي سان دعا گهري وئي آهي "٣" ته جيڪڏهن اها دعا ڪنهن جي خلاف آهي ته انهن جي بداعمال کي به بيان ڪيو وڃي. "۴" ته ان بددعا ڪرڻ جو سبب انهن جي دين جي مخالفت هجي. "۵" اهو به معلوم ٿيو ته صالحن جي صحبت کان ڀڄڻ بدنصيبي ۽ محروميءَ جي نشاني آهي. "٦" ته گناهه تي هميشگي ڪرڻ ڪافرن، بدبختن جو ڪم آهي. "٧" اهو به معلوم ٿيو ته الله عزوجل جي نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ ولين جي مقابلي ۾ ضد ڪرڻ مشرڪن جو طريقو آهي ۽ اهڙا ماڻهو هميشــــه رب العزة جل مجده جي رحمت کان محروم هوندا آهن.

(١) ساڳيو حوالو

٢. "وَاِنِّيْ كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَلَهُمْ" (۽ بلاشڪ مون جڏهن بہ انهن کي سڏيو تانت
تون انهن کي بخش فرمائين) مان معلوم ٿيو تہ حضرت نوح علىٰ نبينا وعليہ الصلواة
والسلام جو انهن کي سڏڻ انهن جي ئي فائدي لاءِ هيو. ٣. "اَسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ" کان
"وَيَجْعَلْ لَّكُمْ اَنْهٰرًا" تائين آيتن مان معلوم ٿيو تہ الله عزاسمہ کان گناهن جي مغفرت
طلب ڪرڻ ۾ ڪئين فائدا آهن "١" ان سان الله عزوجل جي طرفان رحمت واريون
برساتون پون ٿيون. "٢" مال ۽ اولاد ۾ برڪتون حاصل ٿين ٿيون. (١) ٤. ذهن
نشين ڪرڻ گهرجي تہ استغفار پڙهڻ سان اهي تڪليفون دور ٿين ٿيون جيڪي گناهن
جي سزا طور ملن ٿيون پر جيڪي آزمائش ۽ امتحان طور اچن ٿيون اهي جدا شي آهن.
جيئن حضرت ايوب ۽ ٻين نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام تي آيون هيون. (٢)

قَالَ نُوْحٌ رَّبِّ اِنَّهُمْ عَصَوْنِيْ وَاتَّبَعُوْا مَنْ

چيو نوح اي منهنجا رب! بيشڪ انهن بي فرماني ڪئي منهنجي ۽ تابعداري ڪيائون ان جي جو

لَّمْ يَزِدْهُ مَالُهٗ وَوَلَدُهٗٓ اِلَّا خَسَارًا (٢١) وَمَكَرُوْا مَكْرًا كُبَّارًا (٢٢) وَقَالُوْا

نہ وڌايو ان کي ان جي مال ۽ ان جي اولاد مگر نقصان ۽ مڪر ڪيائون مڪر وڏو ۽ چيائون تہ

لَا تَذَرُنَّ اٰلِهَتَكُمْ وَلَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَّلَا سُوَاعًا ۙ وَّلَا يَغُوْثَ

هرگز نہ ڇڏيو پنهنجن معبودن کي ۽ هرگز نہ ڇڏيو وُد کي ۽ نہ سواع کي ۽ نہ يغوث کي

وَيَعُوْقَ وَنَسْرًا (٢٣) وَقَدْ اَضَلُّوْا كَثِيْرًا ۚ وَلَا تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا ضَلٰلًا (٢٤)

۽ يعوق کي ۽نسر کي ۽تحقيق گمراهہ ڪيائون گهڻن کي ۽ نہ تو وڌائين تون ظالمن کي مگر گمراهي

مِمَّا خَطِيْٓـٰٔتِهِمْ اُغْرِقُوْا فَاُدْخِلُوْا نَارًا ۙ فَلَمْ يَجِدُوْا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ

سببان گناهن پنهنجي غرق ڪياويا پوءِ داخل ڪيا ويا باهہ ۾ پوءِ نہ لڌائون پنهنجي لاءِ الله کان سواءِ

اَنْصَارًا (٢٥) وَقَالَ نُوْحٌ رَّبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْاَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ دَيَّارًا (٢٦)

ڪي مددگار ۽ چيو نوح اي منهنجا پالڻهار! نہ ڇڏ زمين تي ڪافرن مان ڪو رهندڙ

اِنَّكَ اِنْ تَذَرْهُمْ يُضِلُّوْا عِبَادَكَ وَلَا يَلِدُوْٓا اِلَّا

بيشڪ تون جيڪڏهن ڇڏيندين انهن کي تہ گمراهہ ڪندا تنهنجن ٻانهن کي ۽ نہ ڄڻيندا مگر

(١) نورالعرفان ص-٩١- (٢) المظهري ص-٧٤- جلد ١٠

فَاجِرًا كَفَّارًا (٢٧) رَبِّ اغْفِرْلِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِمَنْ دَخَلَ

فاجر، ڪافر اي منهنجا رب مون کي بخش ڪر ۽ منهنجي پيءُ ماءُ کي ۽ ان کي جيڪو داخل ٿيو

بَيْتِيَ مُؤْمِنًا وَّلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ۭ وَلَاتَزِدِالظّٰلِمِيْنَ اِلَّاتَبَارًا (٢٨) ع

منهنجي گهر ۾ مومن ٿي ۽ مومنن ۽ مومنياڻين کي ۽ نه وڌاءِ ظالمن کي مگر هلاڪت

ربع الحزب

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ حضرت نوح علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي طرفان رب العزة جل وعلا کي پنهنجي قوم جي متعلق عرض مذڪور هو تيئن هنن آيتن ۾ به ان جي عرض کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قَالَ نُوْحٌ رَّبِّ اِنَّهُمْ عَصَوْنِيْ وَاتَّبَعُوْا مَنْ لَّمْ يَزِدْهُ مَالُهٗ وَوَلَدُهٗٓ اِلَّاخَسَارًا" (نوح چيو ته اي منهنجا پالڻهار! بلاشڪ انهن منهنجي بي فرماني ڪئي ۽ ان جي اتباع ڪئي جنهن کي سندس مال ۽ اولاد نقصان کان سواءِ ڪجهه نه وڌايو) يعني منهنجي قوم منهنجو چوڻ نه ورتو منهنجي بي فرماني ڪيائون ۽ پنهنجي انهن وڏيرن ۽ رئيسن جا پوئلڳ بڻيا جن کي سندن مال ۽ اولاد نقصان کان سواءِ ڪجهه نه ڏنو آهي اهي پنهنجي مال ۽ اولاد تي غرور ۽ تڪبر ڪري تنهنجي رحمت کان پري ٿي ويا. "وَمَكَرُوْا مَكْرًا كُبَّارًا" (۽ وڏو مڪر ڪيائون) يعني فريب ۽ مڪر سان ماڻهن کي الله عزوجل جي دين کان روڪيائون ۽ ان لاءِ ڪيترا مختلف طريقا استعمال ڪيائون ۽ پنهنجي ڪميڻن کي ڀڄي حضرت نوح علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي ايذايائون. (١) "وَقَالُوْا لَاتَذَرُنَّ اٰلِهَتَكُمْ وَلَاتَذَرُنَّ وَدًّا وَّلَا سُوَاعًا وَّلَايَغُوْثَ وَيَعُوْقَ وَنَسْرًا" (۽ چيائون ته پنهنجي معبودن کي هرگز نه ڇڏيو ۽ وَدّ ۽ سواع ۽ يغوث ۽ يعوق ۽ نسر کي هرگز نه ڇڏيو) يعني انهن هڪ ٻئي کي چيو ته حضرت نوح علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو چوڻ مڃي پنهنجن پراڻن معبودن جي عبادت بند نه ڪيو خاص ڪري اوهان جي وڏن معبودن وُد، سواع، يغوث، يعوق ۽ نسر کي ته ڪنهن به صورت نه ڇڏيو. اهي بت حضرت نوح علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي دور ۾ هئا پوءِ اهي عرب ۾ منتقل ٿيا. بخاري، ابن المنذر ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته "اهي بت عرب ۾ آيا ته ڪلب قبيلي وارن ود کي، هذيل وارن سواع کي، غطيف وارن يغوث کي، همدان وارن يعوق کي، حِميرَ ذی الڪلاع جي آل وارن نسر کي پنهنجو معبود بنائي

(١) خازن صـ٣١٣ـ جلد ۴

رکيو هو اهي بت حضرت نوح علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جي قوم وارا بعينـه عرب ۾ ڪجي نہ آيا هئا پر انهن نالن سان عربن بت تيار ڪري رکيا هئا. (١)

بت پرستيءَ جي حقيقت ڇا هئي ۽ انساني عقل انهن جي معبود هجڻ کي ڪيئن قبول ڪيو؟

سمجهڻ گهرجي تہ اهل تحقيق وٽ بت پرستي ٻن طريقن سان شروع ٿي. ١. پهريون طريقو صائبين اختيار ڪيو هو. انهن جو هي عقيدو هو تہ آسماني اجرام ستارا، چنڊ، سج بہ جاندار ۽ روح وارا آهن انهن جو تعلق هن دنيا جي جهان سان بہ آهي ۽ ان تعلق جي بنا تي هتي سمورا تغيرات، ولادت، موت، صحت، بيماري، فتح، شڪست، عزت، ذلت وغيره ظاهر ٿيندا آهن جڏهن انهن جي ذهن ۾ هي عقيدو راسخ ٿي ويو تہ اهي انهن جي عبادت ڪرڻ لڳا پر هي اجرام انهن جي پهچڻ کان مٿي ۽ ڪيترا تہ سندن نظر کان ئي مٿي هئا پوءِ انهن مذڪوره اجرام جي نالي بُتَ ٺاهي پنهنجي سامهون رکيا تانتہ انهن جي ذڪر ۽ انهن تائين پهچڻ کي پنهنجي تصور ۾ رکي سگهن اهڙي طرح بت وجود ۾ آيا ۽ انهن جي عبادت شروع ٿي وئي باطل مذهبن مان سڀني کان پراڻو اهو صائبين جو مذهب آهي ٿي سگهي ٿو تہ هي پنج بت جن جي عبادت حضرت نوح علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جي دور ۾ شروع ٿي هئي بعضي ستارن جا نالا هجن هڪ کي نسرالواقع ۽ ٻئي کي النسرالطائر سڏيندا آهن اشوريين جيڪي حضرت نوح علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام کان پوءِ آيا هئا انهن جي هڪ بت جو نالو نسروخ يعني وڏو نسر هو ان جي شڪل تي ٺهيل هڪ هيڪل انهن جي دارالحڪومت نينوىٰ ۾ بہ هو جنهن جي اهي عبادت ڪندا هئا. ٢. بت پرستيءَ جي شروع ٿيڻ جو ٻيو طريقو هي ٻڌايو ويو آهي تہ جڏهن انهن ۾ ڪي اهڙا ماڻهو لڌا ويندا هئا جيڪي ڪهانت، شجاعت، قوت، علم ۽ اخلاق ۾ عام ماڻهن جي سطح کان مٿي هوندا هئا تہ عوام ان غلط فهميءَ ۾ مبتلا ٿيندو هو تہ انهن ۾ الهي روح نفوذ ڪري ويو آهي ان جي ڪري انهن کان مافوق البشر اعمال صادر ٿين ٿا اهڙن ماڻهن جي مرڻ کان پوءِ انهن سندن مجسما ٺاهي انهن جي عبادت شروع ڪري ڏني هئي. تفسيرن ۾ اهڙيون روايتون بہ موجود آهن تہ حضرت آدم علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام کي پنج پٽ هئا وُد، سواع وغيره جيڪي نهايت متقي هئا جڏهن اهي انتقال ڪري ويا تہ ماڻهن تي انهن جي جدائي نهايت ڳري گذري ۽ انهن

(١) المراغي صـ٨٨ـ جزءِ ٢٩ جلد ١٠

ڪي سندن موت جو وڏو صدمو پهتو ڇو تہ هي بزرگ انهن کي الله عزوجل جي ياد ۽ نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا هئا ۽ پاڻ بہ نهايت پاڪ دامن رهندا هئا. پوءِ ڪنهن جي مشوري سان يا بعض جي قول مطابق اهو مشورو ڏيڻ وارو شيطان هو جيڪو انهن وٽ انساني شڪل ۾ آيو هو. انهن پنهنجن انهن بزرگن جون تصويرون ٺاهيون تانتہ انهن جي شڪلين کي ڏسي سڪون حاصل ڪن ۽ الله عزوجل جي ياد ڪرڻ جو جذبو گهٽ نہ ٿئي ڪيترا نسل تہ ان حال ۾ گذريا پر جڏهن گهڻو عرصو گذري ويو تہ بعد ۾ اچڻ وارن نسلن اصلي مقصد کي وساري ڇڏيو ۽ انسانن مان شيطانن جي گمراهہ ڪرڻ تي لڳي انهن شڪلين وارن بتن کي پنهنجو معبود بنايو ۽ انهن جي عبادت ڪرڻ ۾ شروع ٿي ويا حضرت نوح علیٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام انهن کي گهڻو سمجهايو پر اهي نہ مڙيا تانجو الله جل مجده جي غضب طوفان جي صورت ۾ انهن کي ٻوڙي تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ ان طوفان کان صرف اهي ماڻهو بچيا جن ايمان آندو ۽ سندس ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيا ۽ گهڻي عرصي گذرڻ کان پوءِ وري ساڳيو شرڪ، ڪفر ۽ بت پرستي موٽي آيا بعد ۾ اچڻ وارين قومن پنهنجن ابن ڏاڏن کان اهو ٻڌو هو تہ حضرت نوح علیٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام جي قوم جا پنج وڏا بت هئا جن جا هي نالا هئا تہ انهن بہ انهن نالن سان بت ٺاهي انهن جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪئي ۽ انهن جا اهي ساڳيا نالا رکيا. عرب ۾ سڀني کان پهريان بت پرستي ڪرڻ وارو عمرو بن لُحَي هو جيڪو اهو انهن بت پرستن کان متاثر ٿيو هو ان جي عمر ٽي سوءُ چاليهہ (٣٤٠) سال هئي اهو ۽ ان جو اولاد پنج سوءُ سالن تائين ڪعبـــة الله شريف جا متولي رهيا ۽ ان بت پرستي کي رواج ڏيڻ ۾ وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪئي ڪعبــــة الله شريف جنهن کي حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليـــــه الصلواة والسلام جن الله وحده لاشريڪ لہ جي امر سان ان جي ئي عبادت جي لاءِ تعمير ڪيو هو ان بدبخت عمرو جي زماني ۾ بت خانو بنيو عرب جي مختلف قبيلن جا بت جن کي وڏي شهرت حاصل هئي اهي بہ ڪعبة الله شريف ۾ رکيل هئا جن مان مذڪور پنجن نالن سان سڏيل بت بہ هئا. (١)

"وَقَدْ اَضَلُّوْا كَثِيْرًا" (۽ تحقيق گهڻن کي گمراهہ ڪيائون) يعني انهن بتن جي عبادت ڪري پاڻ تہ گمراهہ ٿيا پر ٻين گهڻن کي بہ انهن جي عبادت ڪرائي گمراهہ ڪري ڇڏيائون. "وَلَاتَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّاضَلٰلًا" (۽ گمراهيءَ کان سواءِ ظالمن کي نہ تون وڌائين) هيءَ آيت دعا جي معنيٰ ۾ آهي مطلب تہ ياالله! انهن ظالمن کي گمراهيءَ کان سواءِ

(١) ضياءُ القرآن صـ٣٨٠ـ جلد ٥

ڪجھ بہ نہ وڌاءِ اهي گمراهيءَ ۾ ايترو وڌن جو تنهنجو عذاب انهن کي جلد وٺي. "مِمَّا خَطِيْٓئٰتِهِمْ اُغْرِقُوْا فَاُدْخِلُوْا نَارًا فَلَمْ يَجِدُوْا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْصَارًا" (پنهنجين خطائن جي ڪري ٻوڙيا ويا پوءِ باهہ ۾ داخل ڪيا ويا پوءِ پنهنجي لاءِ الله کان سواءِ ڪي بہ مددگار نہ لڌائون) يعني انهن کي سزا سندن ئي خطائن ۽ گناهن جي ڪري ملي جو طوفان سان غرق ڪري جهنم ۾ پهچايا ويا ۽ سندن اهي باطل معبود بت ڪين مددگار جي حيثيت سان لڌائي ڪو نہ. بت پرست نڌڙڪا ئي خدا جي عذاب ۾ اچي ويا. "وَقَالَ نُوْحٌ رَّبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْاَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ دَيَّارًا" (۽ نوح چيو تہ اي منهنجا رب! زمين تي ڪافرن مان ڪو رهندڙ نہ ڇڏ) زمين مان مراد سندس قوم جي رهڻ واري زمين آهي مطلب تہ اتي ڪو بہ ڪافر زنده نہ بچي. "اِنَّكَ اِنْ تَذَرْهُمْ يُضِلُّوْا عِبَادَكَ وَلَا يَلِدُوْٓا اِلَّا فَاجِرًا كَفَّارًا" (بلاشڪ تون جيڪڏهن انهن کي ڇڏيندين تہ تنهنجن ٻانهن کي گمراهہ ڪندا ۽ فاجر وڏي ڪافر کان سواءِ نہ ڄڻيندا) مفسرن لکيو آهي تہ الله عزوجل انهن ڪافرن جي پٺين ۽ سندن عورتن جي گپيرٽين مان ڄمڻ وارا مومن چاليهہ سال ۽ هڪ قول مطابق نوي سال عذاب کان اڳي ڪدي ڄڏيا هئا ۽ حضرت نوح علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام ڪي ٻڌائي ڇڏيو هيائين تہ هاڻي اهي صرف ڪافر ٻار ڄڻيندا ۽ عذاب اچڻ وقت انهن ۾ ڪو ننڍو ٻار بہ نہ هو ڇو تہ ننڍي کي عذاب نہ ڪيو ويندو ۽ اهو طوفان حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم واري علائقي ۾ هو ساري روءِ زمين تي نہ هو. "رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِمَنْ دَخَلَ بَيْتِيَ مُؤْمِنًا" (اي منهنجا رب مون کي ۽ منهنجي والدين کي ۽ ان کي جيڪو منهنجي گهر ۾ مومن ٿي داخل ٿيو بخش فرماءِ) حضرت نوح علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جا والدين مسلمان هئا ان جي ڪري انهن لاءِ بہ مغفرت جي دعا گهريائين. (١) ۽ جيڪو مومن منهنجي گهر ۾ داخل ٿيو هتي گهر مان مراد سندن مسجد يا ٻيڙي آهي ۽ "مومن" جي قيد لڳائڻ سان شيطان کي مغفرت جي دعا مان ڪڍيو ويو ڇو تہ اهو بہ ٻيڙيءَ ۾ داخل ٿي ويو هو. "وَّلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ" (۽ مومنن ۽ مومنياڻين کي بہ بخش فرماءِ) هتي قيامت تائين ايمان آڻيندڙ مرد ۽ عورتون مراد آهن. "وَلَا تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا تَبَارًا" (۽ ظالمن کي هلاڪت کان سواءِ نہ وڌاءِ) يعني ڪافرن کي هلاڪت ۽ تباهيءَ کان سواءِ ڪجھ بہ نہ ڏي. الله تعالىٰ سندس دعا قبول ڪئي ۽ سندس ڪافر قوم طوفان جي ذريعي هلاڪ ٿي وئي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "قَالَ نُوْحٌ رَّبِّ اِنَّهُمْ عَصَوْنِيْ"

(١) المظهري صـ٧١ـ جلد ١٠

(نوح چيو تہ اي منهنجا رب! بلاشڪ انهن منهنجي بي فرماني ڪئي) مان معلوم ٿيو تہ نبي عليہ الصلواة والسلام جي بي فرماني ڪرڻ سيني برن عقيدن ۽ بڇڙن عملن جي جڙ آهي ۽ دنيا ۾ عذاب الله عزوجل جي نبي عليہ الصلواة والسلام جي مخالفت ڪان سواءِ نہ ايندو آهي جيئن هڪ جاءِ تي فرمان آهي. "وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِيْنَ حَتّٰى نَبْعَثَ رَسُوْلًا" (۽ اسين عذاب ڪندڙ ناهيون تانجو پنهنجو رسول موڪليون) نبي عليہ الصلواة والسلام جي اطاعت سمورين نيڪين جو اصل آهي ايمان ۽ عمل صالح جي معاملي ۾ نبي عليہ الصلواة والسلام ڪي وڏي اهميت آهي. ٢. "وَاتَّبَعُوْا مَنْ لَّمْ يَزِدْهُ مَالُـهٗ وَوَلَدُهٗ اِلَّا خَسَارًا" (۽ ان جي اتباع ڪيائون جنهن کي سندس مال ۽ اولاد نقصان ڪان سواءِ ڪجهہ نہ وڌايو) مان معلوم ٿيو تہ نبي عليہ الصلواة والسلام جي مخالفت ڪندڙ جي لاءِ سندس مال ۽ اولاد وبال هوندو آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ سرڪشن جي پيروي ڪرڻ سرڪش بنائي ٿي. ٣. "مِمَّا خَطِيْٓئٰتِهِمْ اُغْرِقُوْا فَاُدْخِلُوْا نَارًا" (پنهنجن گناهن جي ڪري ٻوڙيا ويا پوءِ باهہ ۾ داخل ڪيا ويا) مان اهل السنة والجماعة جو عقيدو ثابت ٿيو تہ قبر جو عذاب حق آهي ڇو تہ هتي فرمان آهي ٻوڙڻ ڪان پوءِ باهہ ۾ داخل ڪيا ويا تہ اهو ئي عالم برزخ آهي اهو ئي قبر جو عذاب آهي جڏهن برن عقيدن ۽ عملن جي ڪري قبر ۾ عذاب ٿئي ٿو تہ سهڻن عقيدن ۽ صالحن عملن ڪندڙن کي قبر ۾ اجر ۽ ثواب ملڻ جو حق آهي احاديث صحيحة متواتره ۾ قبر جي عذاب ۽ ثواب ملڻ جو ايترو ڪثرت ۽ وضاحت سان بيان آيل آهي جو ان جو انڪار ڪري نہ ٿو سگهجي ان تي امت جو اجماع آهي ۽ ان جو اقرار ڪرڻ اهل السنت والجماعة هجڻ جي علامت آهي. (١)

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون گنهگار اج بموٴرخہ ٣٠ شعبان المعظ ١٤٢٦هہ الموافق ٢٠٠٥.١٠.٤ع تي اربعاءَ جي رات پوڻين ائين بجہ پنهنجي گهر جي اندر ويٺي سورة "نوح" جو تفسير لکي پورو ڪيو رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ نهايت عاجزانہ التجا آهي تہ اهو توفيق ۽ طاقت ڏئي باقي رهيل سورتن جو تفسير لکڻ بہ جلد نصيب ڪرڻ فرمائي. آمين ثم آمين يا الہ العلمين بحرمہ حبيبك سيدنا محمد عليہ وعلىٰ آلہ واصحابہ الصلوات والتسليمات الى يوم الدين.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) معارف القرآن صـ٥٦٦ـ جلد ٨

سورة "الْجِنّ"جو تعارف

هن سورةمباركـهجي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرڻ اهم آهن.

نالومبارڪ: هن پاڪ سورة جو هي نالو هن جي پهرين آيت ۾ ذڪر ڪيل لفظ "اَلْجِنّ" جي ڪري ۽ ٻيو ان جي ڪري رکيو ويو جو هن ۾ جنن جو بيان آهي.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جوتعداد: هن ۾ ٻه رڪوع، اٺاويهہ آيتون، ٻه سوءِ پنجاسي (٢٨٥) ڪلما ۽ اٺ سوءِ ستر (٨٧٠) حرف آهن. (١)

مڪيـه آهي يا مدنيـه ؟ابن الضريس، نحاس،ابن مردويـه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويـه، حضرت ابن الزبير رضى الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ سورة الجن مڪـه مڪرمـه ۾ نازل ٿي هئي ۽ ابن مردويـه سيده عائشـه رضي الله عنها کان بہ اهڙي روايت آندي آهي. (٢)

نزول جوزمانو: هن ڳالهہ تي تہ سڀ علماءَ متفق آهن تہ هيءَ سورة مڪـه مڪرمـه ۾ نازل ٿي هئي پر مڪي زندگيءَ جي ڪهڙي دور ۾ نازل ٿي هئي ان جو تعين مشڪل آهي ها البت حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي هڪ روايت مان هي قياس ڪري سگهجي ٿو تہ هن سورة جو نزول حضور عليـه الصلواة والسلام جي مڪي زندگيءَ جي ابتدائي دور ۾ ٿيو هو. هن روايت جو حاصل هي آهي تہ نبي ڪريم عليـه الصلواة والسلام جن تبليغ اسلام جي غرض سان پاڻ سان گڏ ڪجهہ اصحاب سڳورا رضي الله عنهم وٺي عڪاظـه نالي بازار ڏانهن روانا ٿيا ۽ اِهو اُهو وقت هو جڏهن جنن جو آسمـان ڏانهن اڏامڻ بند ڪيو ويو هو. اهي آسمـان جي ويجهو وڃڻ جي ڪوشش ڪندا هئا تہ آسمان مان اُمڙ سندن پويان پوندا هئا. انهن اهو ذڪر پنهنجي قوم جي سردارن سان ڪيو ۽ هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ انهن اها ماجرا شيطان کي اچي ٻڌائي ان چيو تہ ضرور ڪو اهڙو معاملو صادر ٿيو آهي جنهن جي ڪري اوهان جو آسمان ڏانهن چڙهڻ روڪيو ويو آهي اوهان زمين جي اوڀر ۽ اولهہ ۾ ٽڙي پکڙي وڃو ۽ ان معاملي جي جاچ ڪيو جنن جو اهو ٽولو جيڪو تهامـــه جي علائقي ۾ چڪر لڳائڻ جي لاءِ آيل هو انهن نخلـه جي مقام تي نبي ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جن کي نماز پڙهندي ڏٺو ۽ پاڻ قرآن ڪريم پڙهي رهيا هئا انهن جڏهن خداوندي ڪلام ٻڌو تہ چوڻ لڳا هيءَ اها شيءِ آهي جنهن جي ڪري اسين مٿي چڙهڻ کان روڪيا ويا آهيون پوءِ انهن جيڪو ٻڌو اهو پنهنجي قوم کي وڃي ٻڌايائون ۽ پنهنجي ايمان آڻڻ

(١) خازن صـ٣١٥ـ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور صـ٢٩٦ـ جلد ٨

جو اعلان ڪيائون ۽ الله تعالىٰ هيءَ سورة نازل ڪري پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام کي جنن جي اچڻ ۽ انهن جي پٺي احوال کان آگاهه فرمايو. هن واقعي تي غور ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته نبوي مڪي دور جي ابتداءَ ۾ ئي هي واقعو پيش آيو هو جو ته وحي جي نزول جي شروعات ۾ ئي جنن جو آسمان ڏانهن پرواز بند ڪيو ويو هو. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان ٻي روايت ۾ آهي ته اهو واقعو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي طائف کان موٽندي مقام نخله ۾ پيش آيو هو. طائف جو سفر نبوي سنه ١٠ ۾ پيش آيو هو ان سفر ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن سان گڏ صرف حضرت زيد بن حارثه هو. هي ٻه جدا جدا واقعات آهن قرآن ڪريم جي آيتن سان به هن جي تصديق ٿئي ٿي جو ته هن سورة ۾ جن جنن جو بيان آهي اهي مشرڪ ۽ بي دين هئا ۽ جن جنن جو ذڪر سورة الاحقاف ۾ آهي اهي نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ آسماني ڪتابن تي ايمان رکڻ وارا هئا. حديث جي ڪتابن ۾ جنن جي حاضريءَ جي باري ۾ متعدد روايتون آهن محدثن جي تحقيق هيءَ آهي ته جن ڇهه ڀيرا حضور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا هئا انهن مان هڪ ڀيري جو ذڪر حضرت ابن مسعود رضي الله عنه ڪيو آهي فرمايائين ته "هڪ ڏينهن نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن عشاءَ جي نماز ادا ڪري مسجد کان ٻاهر آيا ۽ مون کي هٿ مان وٺي روانا ٿيا تانجو جڏهن مقام نخله وٽ آياسين ته پاڻ مون کي هڪ جاءِ تي وهاريائون ۽ منهنجي چوڌاري هڪ ليڪو ڦيرائي فرمايائون ته "تون هن ليڪي کان ٻاهر هرگز نه نڪرجان" مان اتي ويهي رهيس ۽ مون ڏٺو ته منهنجي ڀرمان ڪيترا جِنّا لنگهندا رهيا تانجو رات جو پوئين حصي تائين حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن واپس نه آيا پوءِ مون کي قسمين قسمين آواز ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن به تشريف فرما ٿيا. مون کين عرض ڪيو ته "منهنجا آقا سڄي رات اوهان ڪٿي تشريف وٺي ويا هئا؟ فرمايائون ته "مون کي اج جنن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ موڪليو ويو هو" مون عرض ڪيو ته هي آواز ڇاجا هئا؟ فرمايائون ته "اهي جنن جا آواز هئا اهي مون کان الوداع ڪندي سلام عرض رکي رهيا هئا." (١)

جنات جي حقيقت: جن جمع آهي ان جو واحد "جني" آهي ان جي سمجهاڻي ڏيندي علامه راغب اصفهاني لکيو آهي ته "اصل الجن ستر الشي عن الحاسة" (٢) (جن جي اصل معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ جو حواس کان ڍڪيل هجڻ) علامه موصوف ان مادي جا

(١) روح المعاني صـ١٠٣ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠ (٢) مفردات راغب صـ٩٧ـ

ڪيترا مشتقات ذڪر ڪيا آهن جو انهن سيني ۾ اها معنىٰ موجود آهي ماءُ جي پيٽ ۾ جيڪو حمل هوندو آهي انُ کي جنينُ چوندا آهن، دل کي جان چوندا آهن، جيڪا سيني ۾ لڪل هوندي آهي. ”مجنة“ ڍال کي چوندا آهن جيڪا انسان کي دشمن جي وار کان ڍڪيندي ۽ بچائيندي آهي. ان لفظ جي لغوي تحقيق کان پوءِ علامه موصوف لکيو آهي تہ روحاني مخلوق جا ٽي قسم آهن "١" ڀلا، ۽ اهي ملائڪ آهن "٢" برا، ۽ اهي شيطان آهن. "٣" وچولا، جن ۾ ڀلا بہ آهن برا بہ آهن. اهي جن آهن علامه ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمة جنات جي متعلق اهل السنة والجماعة جي تحقيات جو خلاصو هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي جن جسم آهن انهن ۾ روح هوندو آهي جيئن ٻين حيوانن ۾ هي انسان وانگر عقلمند آهن ماڻهن جي اکين کان لڪل هوندا آهن ان جي ڪري انهن کي جن چيو ويو آهي اهي باه مان ائين پيدا ڪيا ويا آهن جيئن حضرت آدم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام مٽيءَ مان. انهن ۾ نر ۽ ماديون بہ آهن انهن کي اولاد بہ ٿيندو آهي پر ملائڪ نر ۽ مادي نہ ٿيندا آهن جنن، شيطانن ۽ ملائڪن جو وجود شرعي لحاظ سان ثابت آهي پر فلاسفہ ان جو انڪار ڪن ٿا. (١) ويجهي دور جا جدت پسند مفڪر سڏائيندڙ جنن جي وجود جو انڪار ڪن ٿا اهي چون ٿا تہ جنن جي باري ۾ جيڪي قصا ۽ واقعا عوام جي زبان تي آهن اهي سڀ وهم آهن ۽ قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيل لفظ جن مان مراد ڪي جدا مخلوق ناهي پر انهن انسانن کي جن سڏيو ويو آهي جيڪي جهنگلن، ميدانن ۽ جبلن ۾ آباد آهن ٻين ماڻهن کان جدا رهي ويرانيءَ ۾ پنهنجي زندگي بسر ڪن ٿا. جڏهن تہ عام آبادين ۾ اهي ڏسڻ ۾ نہ ٿا اچن ۽ نظر کان لڪل رهن ٿا ان جي ڪري انهن کي جن سڏيو ويو آهي ۽ اهو ئي جن جو لغوي مفهوم آهي يا جنات مان مراد اهي انسان آهن جيڪي ڪلٰي طرح قرآن ڪريم جي ٻڌڻ جي جرات نہ ڪندا هئا ماڻهن جي نگاهن کان لڪي قرآن ڪريم ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪندا هئا.

قرآن ڪريم جو فيصلو: ڀلو آهي تہ ان اختلاف کي صفا ڪرڻ جي لاءِ قرآن ڪريم کي فيصلو ڪندڙ مقرر ڪيون. جيڪڏهن قرآن ڪريم جي آيتن مان اهو فيصلو ملي تہ جن انسان جو ئي هڪ قسم آهن تہ پوءِ اسان کي تسليم ڪرڻ ۾ ڪو فڪر ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي پر جيڪڏهن قرآن ڪريم جون متعدد آيتون جنن کي جدا مخلوق چوڻ جي شاهدي ڏين تہ پوءِ اسان کي انڪار ڪرڻ جي جرات ڪرڻ نہ گهرجي قرآن پاڪ ۾ جنن جو ذڪر هڪ دفعو نہ بار بار آيو آهي انهن جاين جو

(١) المظهري صـ٧٩ـ جلد ١٠


اوهان مطالعو ڪيو تہ حقيقت خود بہ خود ڪلي سامهون ايندي سڀ ڪان اول سورة "الرحمن" جون هي آيتون پڙهو. "خَلَقَ الْإِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ وَخَلَقَ الْجَانَّ مِنْ مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ" (انسان کي ٺڪر وانگر ٺڙڪندڙ مٽيءَ مان پيدا ڪيائين ۽ جان کي باهہ جي چيڀءَ مان پيدا ڪيائين) جيڪڏهن جن انسانن جو قسم هجن ها تہ انهن جي تخليق بہ مٽيءَ مان هجي ها پر قرآن ڪريم ٻڌائي رهيو آهي تہ جنن جي پيدائش باهہ جي چيڀءَ مان ٿي آهي جڏهن ٻنهي جي تخليق جو مادو جدا جدا آهي تہ پوءِ جنن کي انسان جو قسم چوڻ ڪيئن صحيح رهندو؟ اها شيءِ قرآن ڪريم ۾ متعدد مقامن تي بيان ڪيل آهي جنن ۽ انسانن جي پيدا ڪرڻ جو غرض ٻڌائيندي ارشاد ٿيو آهي. "وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنْسَ إِلَّا لِيَعْبُدُوْنَ" (۽ نہ پيدا ڪيو مون جنن ۽ انسانن کي مگر تانت منهنجي عبادت ڪن) جيڪڏهن جن انسانن جو قسم هجن ها تہ انهن کي هتي جدا ذڪر ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ هئي. انسانن جا ٻيا بہ قسم آهن انهن کي جدا ذڪر نہ ڪري صرف جهنگلن، جبلن ۽ ميدان ۾ رهڻ وارن جو ذڪر ڪرڻ مناسب معلوم نہ ٿو ٿئي. قرآن پاڪ جي آيتن مان اهو بہ پتو پوي ٿو تہ جنن جي تخليق انسانن کان گهڻو پهريان ٿي هئي شيطان بہ جنن جو هڪ فرد هو جيڪو حضرت آدم علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي پيدا ڪرڻ وقت موجود هو ۽ ان کي سجدو نہ ڪرڻ جي ڪري تڙجي ويو ان جي باري ۾ ارشاد آهي "كَانَ مِنَ الْجِنِّ فَفَسَقَ عَنْ أَمْرِ رَبِّهٖ" (جنن مان هو پوءِ پنهنجي رب جي امر کان نافرمان ٿيو) پوءِ جن جيڪي انساني نوع جي پيءُ حضرت آدم (علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام) ڪان پهريان هئا اهي ان جي اولاد مان ڪيئن ڳڻيا ويندا؟ جنن جي هڪ ٻي خصوصيت بيان ڪئي وئي آهي جيڪا انسانن ۾ ناهي ان مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ جن انساني نوع جو قسم ناهن بلڪ جدا مخلوق آهن. ارشاد الهي آهي "إِنَّهٗ يَرٰىكُمْ هُوَ وَقَبِيْلُهٗ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ" (بلاشڪ اهو ۽ ان جو قبيلو اوهان کي اتاهين ڏسن ٿا جتان اوهان انهن کي ڪو نہ ٿا ڏسو) تمام گهڻين آيتن مان صرف چند آيتون پيش ڪيون ويون آهن جيڪڏهن اوهان غير جانبدار ٿي انهن جو مطالعو ڪندؤ تہ اوهان کي تسليم ڪرڻو پوندو تہ انسانن وانگر جن بہ جدا مخلوق آهن. صرف ان جي ڪري جنن جو انڪار ڪرڻ تہ اهي اسان کي نظر نہ ٿا اچن ڪا عقلمندي ناهي ڇا اسين پنهنجي حواس کي ايترو همہ گير سمجهون ٿا تہ انهن هر شيءِ کي پنهنجي احاطي ۾ رکيو آهي ۽ جيڪا شي انهن حواسن سان ثابت ناهي اها موجود ناهي ان طرح تہ پوءِ اسان کي گهڻين شين جو انڪار ڪرڻو پوندو روح، ملائڪ، وحي جو نزول وغيره وغيره سڀ شيون اسان جي

حواس کان ٻاهر آهن ۽ کير اهڙو مسلمان آهي جو انهن کي تسليم نہ تو کري.

مضمون: پهرئين رکوع ۾ جنن جي ان خاص ٽولي جو بيان ٿيو جن کي نخلہ نالي مقام تي حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي پاڪ زبان کان قرآن ڪريم جي ٻڌڻ جي سعادت نصيب ٿي ۽ ان جي ڪري انهن جي فڪر ۽ نظر ۾ جيڪو انقلاب رونما ٿيو ۽ جنهن جرات سان انهن پنهنجي ايمان آڻڻ جو ذڪر ڪيو ان جو تفصيل بيان ڪيو ويو آهي ٻئي رکوع جي ابتداءَ کان توحيد جي عقيدي جي اعلان ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن توحيد وارو نظريو بيان فرمائي رهيا آهن ان کان بعد انهن ڪافرن جو ذڪر آهي جيڪي الله عزاسمہ ۽ ان جي رسول عليہ الصلواة والسلام جي نافرماني کي پنهنجو شعار بنايو ويٺا هئا تہ قيامت جي ڏينهن انهن جي حالت نهايت رحم جوڳي هوندي. آخر ۾ اها حقيقت واضح ڪئي وئي آهي تہ غيب جو علم صرف الله عزوجل کي آهي اهو جنهن تنهن کي غيب جو علم نہ ڏيندو آهي ها پنهنجي رسولن عليهم الصلواة والسلام مان جنهن کي گهري ٿو ان کي غيب جي علم سان نوازي ٿو.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳيئن سورة ۾ بيان ٿيو تہ پنهنجي رب کان مغفرت گهرو تہ اوهان تي آسمان کان مينهن موڪليندو تيئن هن ۾ بہ آهي تہ جيڪڏهن اهي حق جي واٽ تي استقامت ڪندا تہ اسين انهن کي پاڻي پياريندا سون ۽ جيئن اڳين ۽ سورة ۾ بي فرمان جي لاءِ باهہ جي سزا جو ذڪر هو تيئن هن ۾ بہ اهو ذڪر ڪيو ويو آهي. (١)

پلايون ۽ برڪتون: ابي بن ڪعب کان روايت آهي تہ "جنهن سورة الجن پڙهي تہ جيترو مڃڻ وارن يا نہ مڃڻ وارن جنن ۽ شيطانن جو تعداد آهي ان کي اوترن غلامن جي آزاد ڪرڻ جو ثواب ڏنو ويندو." (٢)



(١) المراغي ص-٩٢- جزءُ ٢٩ جلد ١٠ (٢) اللباب في علوم الكتب ص-٤٤٨- جلد ١٩

وَهِيَ ثَمَانٍ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْجِنّ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ٢٨ آيتون آهي	سورة جن مكي آهي	۽ ان ۾ ٻه رکوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

قُلْ اُوْحِيَ اِلَيَّ اَنَّهُ اسْتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ الْجِنِّ

چؤ ته وحي ڪيو ويو آهي مون ڏانهن ته بيشڪ ڪن ڏئي قرآن ٻڌو جماعت هڪ جنن مان

فَقَالُوْٓا اِنَّا سَمِعْنَا قُرْاٰنًا عَجَبًا (١) يَّهْدِيْٓ اِلَى الرُّشْدِ فَاٰمَنَّا

پوءِ چيائون ته بيشڪ اسان ٻڌو قرآن عجيب رهنمائي ڪري ٿو هدايت ڏانهن پوءِ ايمان آندوسون

بِهٖ ط وَلَنْ نُّشْرِكَ بِرَبِّنَآ اَحَدًا (٢) وَّاَنَّهُ تَعَالٰى

ان تي ۽ هرگز نه شريڪ نه بنائينداسون پنهنجي رب سان ڪنهن هڪ کي ۽ تحقيق شان هي آهي ته مٿاهون ٿيو

جَدُّ رَبِّنَا مَا اتَّخَذَ صَاحِبَةً وَّلَا وَلَدًا (٣) وَّاَنَّهُ كَانَ يَقُوْلُ سَفِيْهُنَا

شان اسان جي رب جو نه رکيائين زال ۽ نه اولاد ۽ تحقيق شان هي آهي ته چوندا هئا بي وقوف اسان مان

عَلَى اللّٰهِ شَطَطًا (٤) وَّاَنَّا ظَنَنَّآ اَنْ لَّنْ تَقُوْلَ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا (٥)

الله تي ناجائز ڳالهه ۽ بلاشڪ اسان گمان ڪيو هو ته هرگز نه چوندا انسان ۽ جن الله تي ڪوڙ

وَّاَنَّهُ كَانَ رِجَالٌ مِّنَ الْاِنْسِ يَعُوْذُوْنَ بِرِجَالٍ مِّنَ الْجِنِّ فَزَادُوْهُمْ رَهَقًا (٦)

۽ بلاشڪ هئا مرد انسانن مان پناهه وٺن پيا مردن سان جنن سان پوءِ وڌايائون انهن ۾ غرور

وَّاَنَّهُمْ ظَنُّوْا كَمَا ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ اَحَدًا (٧)

۽ بلاشڪ انهن گمان ڪيو جيئن گمان ڪيو اوهان ته هرگز نه موڪليندو الله ڪنهن هڪ کي

تفسير

جيئن اڳيئن سورة ۾ آسمان سان متعلق ڳالهين جو بيان هو تيئن هتي به اهڙو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قُلْ اُوْحِيَ اِلَيَّ اَنَّهُ اسْتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ الْجِنِّ" (فرماءِ ته مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي ته جنن مان هڪ ٽولي ڪن ڏئي (قرآن ڪريم) ٻڌو)

سمجهڻ گهرجي تہ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن جنن ۽ انسانن سڀني جا رسول آهن جنن ڇهہ ڀيرا سندن دربار جي حاضري ڏني. علامہ آلوسي لکيو آهي "وقد دلت الاحاديث علىٰ ان وفادة الجن كانت ست مرات" (١) ان جي ڪري حديثن ۾ تعارض ناهي جيئن بعض ماڻهن کي غلط فهمي ٿي ۽ انهن مان بعض تہ جنات جي وجود جو ئي انڪار ڪري ڇڏيو. مختلف حديثن ۾ مختلف ملاقاتن جو ذڪر ڏسي پلجي نہ پئجي. جنن جي نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ پهرين حاضري هيءَ هئي جيڪا هتي بيان ٿي رهي آهي جيئن تعارف ۾ بيان ڪري آيا آهيون تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن عڪاظہ نالي بازار ڏانهن ڪجهہ اصحابن رضي الله عنهم سان گڏ وڃي رهيا هئا. اها جاءِ مڪہ مڪرمہ کان ٻن راتن جي پنڌ تي آهي اتي جاهليت جي زماني ۾ ميلو لڳندو هو واپار ٿيندو هو پسگردائيءَ جا قبيلا اُتي گڏ ٿيندا هئا. نخلہ نالي مقام تي فجر جي نماز جو وقت ٿي ويو ۽ حضور عليہ الصلواة والسلام جن نماز پڙهندي قرآن ڪريم پڙهي رهيا هئا تہ جنن جي هڪ ٽولي جو اتاهين گذر ٿيو جڏهن انهن محبوب عليہ الصلواة والسلام جن جو مٺو آواز ٻڌو تہ انهن جي ان پاڪ ڪلام ٻڌڻ سان دل جي دنيا بدلجي وئي سندن دلين تان غفلت جا پردا پري ٿي ويا ۽ سندن سينا ايمان جي نور سان روشن ٿيڻ لڳا اهي ايمان جي دولت سان مالا مال ٿي جڏهن پنهنجي قبيلي ۾ پهتا تہ انهن کي بہ اها حقيقت بيان ڪري ٻڌايائون هتي اهو بيان ڪندي ارشاد ٿيو تہ: اي حبيب پاڪ عليك الصلواة والسلام! اوهان فرمايو تہ مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي تہ جنن مان هڪ ٽولي ڪن ڏئي قرآن ڪريم ٻڌو اهي ٻڌڻ وارا ڪيترا هئا؟ ان ۾ اختلاف آهي هڪڙن بزرگن ست چيا آهن ٻين نَوَ چيا آهن ۽ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن سورة "اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ" پڙهي هئي ۽ وڌيڪ ثابت قول اهو آهي تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جنن کي ڏٺو ۽ حضرت عڪرمہ جو قول آهي تہ اهي موصل جي جزيري جا ١٢ هزار جن هئا.(٢) "فَقَالُوْا اِنَّا سَمِعْنَا قُرْاٰنًا عَجَبًا يَّهْدِيْٓ اِلَى الرُّشْدِ فَاٰمَنَّا بِهٖ وَلَنْ نُّشْرِكَ بِرَبِّنَآ اَحَدًا" (پوءِ چيائون تہ بلاشڪ اسان عجيب قرآن ٻڌو آهي جيڪو هدايت ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو پوءِ اسان ان تي ايمان آندو آهي ۽ اسين پنهنجي رب سان ڪنهن هڪ کي شريڪ نہ بنائينداسون) يعني اهي جن جڏهن موٽي پنهنجي قبيلي ۾ پهتا تہ انهن کي ٻڌايائون تہ اسان اهڙو عجيب وغريب قرآن ٻڌو آهي جو اسان اڄ تائين اهڙو فصيح، بليغ ڪلام ڪڏهن ۽ ڪٿي نہ ٻڌو آهي هدايت جي لاءِ رهنمائي ڪري ٿو اسان ان تي

(١) روح المعاني ص۔١٠٣۔ جزءُ ٢٩ جلد ١٠ (٢) القرطبي ص۔٣۔ جلد ١٩

پڪي طرح ايمان آندو آهي اسين پنهنجي رب سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ بنائيندا سون. هي انهن جي طرفان واپس وڃي پنهنجي قوم جي اڳيان ايمان آڻڻ جو اعلان هو. جيئن سورة الاحقاف جي آيت ع ٢٩ـ کان ع ٣٢ـ تائين بيان ٿيو آهي. (١) "وَاَنَّـهٗ تَعٰلٰى جَدُّ رَبِّنَا مَا اتَّخَذَ صَاحِبَـةً وَّلَا وَلَدًا" (۽ تحقيق شان هي آهي تہ اسان جي رب جو شان بلند آهي نہ زال رکيائين ۽ نہ اولاد) يعني الله عزوجل جو شان نهايت بلند آهي ۽ ان جي ڪري اهو زال ۽ اولاد کان بہ پاڪ آهي. "وَاَنَّـهٗ كَانَ يَقُوْلُ سَفِيْهُنَا عَلَى اللّٰهِ شَطَطًا" (۽ بلاشڪ اسان مان احمق الله تي ناجائز ڳالهہ چوندا هئا) مطلب تہ اسان مان جاهل، بيوقوف شيطان ۽ ٻيا الله عزوجل جي شان ۾ ناجائز گفتگو ڪندا هئا ان جي لاءِ زال ۽ اولاد ثابت ڪندا هئا. (٢) "وَاَنَّا ظَنَنَّا اَنْ لَّنْ تَقُوْلَ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا" (۽ بيشڪ اسان خيال ڪيو هو تہ انسان ۽ جن الله تي ڪوڙ هرگز نہ هڻندا) مقصد تہ اهي پنهنجي گذريل زندگيءَ جي ڪارنامن تي معذرت پيش ڪري چوڻ لڳا تہ جن ڪي اسان پنهنجو اڳواڻ ۽ پيشوا بنايو هو اسان ان خيال ۾ هياسون تہ اهي الله عزوجل تي ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ هڻندا ۽ اسين انهن جي پويان اکيون ٻوٽي هلندا رهياسون. "وَاَنَّـهٗ كَانَ رِجَالٌ مِّنَ الْاِنْسِ يَعُوْذُوْنَ بِرِجَالٍ مِّنَ الْجِنِّ" (۽ تحقيق شان هي آهي تہ انسانن مان مرد هئا جيڪي جنن مان مردن سان پناهہ وٺندا هئا) جاهليت جي دور ۾ عربن ۾ هي رواج هو تہ جڏهن ڪين ڪنهن ويران علائقي ۾ رات پوندي هئي تہ ان ڊپ کان تہ ڪا شيءِ انهن کي ايذاءُ نہ پهچائي سمهڻ کان پهريان وڏي آواز سان چوندا هئا. "اعوذ بعزيز هذا الوادى من شرسفهاء قومة" (مان هن وادي جي عزت واري سان سندس قوم جي بيوقوفن جي شر کان پناهہ وٺان ٿو) هن طريقي جنن ۾ گهڻو غرور پيدا ڪري ڇڏيو ۽ اهي انسانن تي وڌيڪ ظلم ڪرڻ لڳا. (٣) "فَزَادُوْهُمْ رَهَقًا" (پوءِ انهن ۾ سرڪشي وڌايائون) مطلب تہ وڌيڪ هٺيلا ۽ متڪبر بڻيا. "وَاَنَّهُمْ ظَنُّوْا كَمَا ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ اَحَدًا" (۽ بلاشڪ انهن بہ ائين گمان ڪيو هو جيئن اوهان گمان ڪيو تہ هرگز الله ڪنهن کي مبعوث نہ فرمائيندو) مفسرن سڳورن جا "يَبْعَثَ" جي مراد ۾ ٻہ قول آهن "١" تہ الله عزوجل انهن کي هدايت ڪرڻ جي لاءِ اهڙو ڪو رسول نہ موڪليندو جيڪو سندن مٿان حجت قائم ڪري هن ۾ قريشين کي تاڪيد ڪيو ويو آهي تہ جڏهن اهو ذهن رکندڙ جنن ايمان آندو تہ اوهان بہ ايمان آڻيو. (۴) "٢" تہ ان مان مراد آهي تہ الله عزوجل قبر مان ڪنهن کي

(١) التفسيرالمنير صـ١٧٤ـ جلد ١٥ (٢) روح البيان صـ١٩٠ـ جلد ١٠
(٣) التفسيرالمنير صـ١٧٥ـ جلد ١٥ (۴) القرطبي صـ١١ـ جلد ١٩

نہ اتاريندو جنن بہ اهو خيال رکيو هو جيئن اوهان انسانن جو اهو خيال آهي. (۱)
فائدا: مذکوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ۱. جن بہ ايمان ۽ احکام ۽ ٻين شرعي احکام جا ائين مکلف آهن جيئن انسان. ۲. انهن مان جيکي مومن آهن ڪافرن کي ايمان ڏانهن ائين سڏين ٿا جيئن انسان هڪ ٻئي کي دين جي دعوت ڏيندا آهن. ۳. اهو بہ معلوم ٿيو تہ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن عالمين جا رسول آهن جن، انسان ملائڪ بہ شرف حاصل ڪرڻ جي لاءِ سندن امتي آهن. ۴. جن اسان جي ڳالهہ ٻڌن ٿا ۽ اسان جو ٻوليون ڄاڻن ٿا. ۵. جاهل عرب رات جو ميدان ۾ رهندي جنن جي وڏي کان پناهہ گهرندا هئا پر مومن جي لاءِ نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن هيءَ دعا سيکاري آهي "اعوذ بکلمات الله التى لايجاوزها برولا فاجرمن شرما يلج فى الارض وما يخرج منها وما ينزل من السماءِ وما يعرج فيها ومن فتن النهار ومن طوارق الليل الاطارقا يطرف بخير" (۲)

وَّاَنَّا لَمَسْنَا السَّمَآءَ فَوَجَدْنٰهَا مُلِئَتْ حَرَسًا شَدِيْدًا وَّشُهُبًا (۸)

۽ بيشڪ اسان جاچڻ گهريو آسمان کي پوءِ لڌوسون ان کي پريو ويوچوکيءَ سخت سان ۽ اُمڙن سان

وَّاَنَّا كُنَّا نَقْعُدُ مِنْهَا مَقَاعِدَ لِلسَّمْعِ ؕ فَمَنْ يَّسْتَمِعِ الْاٰنَ

۽ بلاشڪ اسين ويٺاسين ٿي ان مان جاين ۾ ٻڌڻ لاءِ پوءِ جيڪو ڪن ڏئي ٻڌندو هينئر

يَجِدْ لَهٗ شِهَابًا رَّصَدًا (۹) وَّاَنَّا لَا نَدْرِيْۤ اَشَرٌّ اُرِيْدَ بِمَنْ

تہ لهندو پنهنجي لاءِ اُمڙ انتظار ڪندڙ ۽ بيشڪ اسين نہ ٿا ڄاڻون تہ ڇا برائي جو ارادو ڪيو ويو

فِى الْاَرْضِ اَمْ اَرَادَ بِهِمْ رَبُّهُمْ رَشَدًا (۱۰) وَّاَنَّا مِنَّا الصّٰلِحُوْنَ

زمين وارن سان يا ارادو ڪيو انهن سان سندن رب هدايت جو ۽ بلاشڪ اسان مان ڪي صالح آهن

وَمِنَّا دُوْنَ ذٰلِكَ ؕ كُنَّا طَرَآئِقَ قِدَدًا (۱۱) وَّاَنَّا ظَنَنَّاۤ اَنْ لَّنْ

۽ اسان مان ڪجهہ ان کان سواءِ آهن هئاسون رستامختلف ۽ بلاشڪ گمان ڪيوهو اسان هي تہ هرگز

نُّعْجِزَ اللّٰهَ فِى الْاَرْضِ وَلَنْ نُّعْجِزَهٗ هَرَبًا (۱۲) وَّاَنَّا لَمَّا

عاجز نہ ڪنداسون الله کي زمين ۾ ۽ هرگز عاجز نہ ڪنداسون ان کي ڀڄڻ سان ۽ بلاشڪ اسان جڏهن

(۱) صفوة التفاسير صـ۴۵۸ـ جلد ۳ (۲) التفسير المنير صـ۱۷٦ـ جلد ۱۵

سَمِعْنَا الْهُدٰٓى اٰمَنَّا بِهٖ ؕ فَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِرَبِّهٖ فَلَا يَخَافُ بَخْسًا

ٻڌو هدايت کي تہ ايمان آندوسون ان تي پوءِ جيڪو ايمان آڻيندو پنهنجي رب تي پوءِ نہ ڊپ ڪندو ڪنهن

وَّلَا رَهَقًا ۙ(۱۳) وَّاَنَّا مِنَّا الْمُسْلِمُوْنَ وَمِنَّا الْقٰسِطُوْنَ ؕ فَمَنْ

ڪميءَ جو ۽ نہ زيادتيءَ جوءِ بيشڪ اسان مان ڪي مسلمان آهن ۽ اسان مان ڪي ظالم آهن پوءِ جنهن

اَسْلَمَ فَاُولٰٓئِكَ تَحَرَّوْا رَشَدًا (۱۴) وَاَمَّا الْقٰسِطُوْنَ فَكَانُوْا لِجَهَنَّمَ حَطَبًا ۙ(۱۵)

اسلام قبول ڪيو پوءِ انهن طلب ڪئي هدايت ۽ پر ظالم پوءِ بنجندا جهنم جو ٻارڻ

وَّاَنْ لَّوِ اسْتَقَامُوْا عَلَى الطَّرِيْقَةِ لَاَسْقَيْنٰهُمْ مَّآءً غَدَقًا ۙ(۱۶)

۽ هي تہ جيڪڏهن استقامت ڪن ها حق جي واٽ تي تہ البت پياريون ها انهن کي پاڻي گهڻو

لِّنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ؕ وَمَنْ يُّعْرِضْ عَنْ ذِكْرِ رَبِّهٖ يَسْلُكْهُ

تانت آزمايون انهن کي ان ۾ ۽ جيڪو منهن موڙيندو پنهنجي رب جي ذڪر کان تہ داخل ڪندو

عَذَابًا صَعَدًا ۙ(۱۷)

ان کي سخت عذاب ۾

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ جنن جي قرآن ٻڌڻ ۽ ان کي عجيب سڏڻ وارو گفتگو مذڪور هو تيئن هتي بہ انهن جي گفتگو جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَاَنَّا لَمَسْنَا السَّمَآءَ فَوَجَدْنٰهَا مُلِئَتْ حَرَسًا شَدِيْدًا وَّشُهُبًا" (۽ بلاشڪ اسان آسمان کي جاچڻ گهريو پوءِ اسان ان کي سخت چوڪيءَ ۽ اُمڙن سان ڀريل لڌو) الله سبحانہ وتعالىٰ ٻڌائي ٿو تہ جڏهن نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن کي مبعوث فرمايو ويو ۽ سندن مٿان قرآن نازل ڪيو ويو تہ شيطانن کي ۽ جنن کي مٿي چڙهڻ کان روڪڻ جي لاءِ سخت پهرو رکيو ويو ۽ تارن مان اُمڙ بنائي ڪين ڊوڙائڻ جو انتظام ڪيو ويو هتي اهو ئي بيان ڪيو ويو آهي امام احمد، نسائي ۽ ترمذيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ شيطان مٿي وڃي الهي وحي ٻڌندا هئا پوءِ هڪ ڪلمو ٻڌندا هئا تہ ان ۾ نوَ ڪلما پنهنجي طرفان وڌائيندا هئا اهو هڪ ڪلمہ حق هوندو هو ۽ باقي نوَ باطل هوندا هئا جڏهن سيدنا حضرت محمد مصطفىٰ عليہ الصلواة والسلام جن مبعوث فرمايا ويا تہ شيطان ۽ جن مٿي وڃڻ کان روڪيا ويا تہ پنهنجي اڳواڻ شيطان کي اها حقيقت ٻڌايائون ۽ ان کان اڳي تارن مان اُمڙ نہ نڪرندا هئا پوءِ ڪين چيائين

تہ ان جو سبب ڳوليو انهن تلاش ڪندي حضور پرنور عليہ الصلواة والسلام جن ڪي قرآن پڙهندي ڏٺو ۽ ٻڌي ايمان آندو هتي انهن جو بيان هلي رهيو آهي. (١) "وَّاَنَّا كُنَّا نَقْعُدُ مِنْهَا مَقَاعِدَ لِلسَّمْعِ فَمَنْ يَّسْتَمِعِ الْاٰنَ يَجِدْ لَهٗ شِهَابًا رَّصَدًا" (۽ بلاشڪ اسين ان مان ٻڌڻ لاءِ وهڻ وارين جاين تي وهندا هئاسون پوءِ جيڪو هاڻي ٻڌندو تہ پنهنجي لاءِ اُمڙ ڪي انتظار ۾ لهندو) مطلب تہ اڳي تہ اسين آسانيءَ سان مٿي وڃي ويهي ٻڌندا هئاسون هاڻي جيڪڏهن ڪو ٻڌڻ جي لاءِ مٿي ويندو تہ ان ڪي ڊوڙائڻ جي لاءِ اُمڙ انتظار ۾ آهن بيهڻ ئي ڪو نہ ڏيندن. "وَّاَنَّا لَا نَدْرِيْٓ اَشَرٌّ اُرِيْدَ بِمَنْ فِي الْاَرْضِ اَمْ اَرَادَ بِهِمْ رَبُّهُمْ رَشَدًا" (۽ بلاشڪ اسين نہ ٿا ڄاڻون تہ زمين وارن سان برائيءَ جو ارادو ڪيو ويو آهي يا انهن ڪي سندن رب هدايت ڏيڻ جو ارادو فرمايو آهي) مطلب تہ جن حيران هئا چون پيا تہ خبر ناهي تہ ان نئين انتظام سان الله عزوجل ڇا ارادو فرمايو آهي؟ الله زمين وارن ڪي عذاب ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي يا ڪين هدايت ڏيڻ جو ارادو فرمايو اٿس. "وَّاَنَّا مِنَّا الصّٰلِحُوْنَ وَمِنَّا دُوْنَ ذٰلِكَ كُنَّا طَرَآئِقَ قِدَدًا" (۽ بلاشڪ اسان مان ڪي صالح آهن ۽ اسان مان ڪي ان ڪان سواءِ آهن اسين مختلف طريقن وارا هئاسون) يعني قرآن پاڪ جي نزول ڪان پهريان بہ اسين جن هڪ رستي تي نہ هئاسون ڪجھہ نيڪ صالح هياسون تہ ڪيترا برا ۽ بدڪار هئاسون اسان ۾ مختلف طريقا ۽ جماعتون هيون ڪي مشرڪ، ڪي يهودي، تہ ڪي عيسائي وغيره ۽ عملي طور بہ هر هڪ جي عمل جي واٽ جدا هئي ۽ آهي. "وَّاَنَّا ظَنَنَّآ اَنْ لَّنْ نُّعْجِزَ اللّٰهَ فِي الْاَرْضِ وَلَنْ نُّعْجِزَهٗ هَرَبًا" (۽ اسان گمان ڪيو هو تہ اسين الله ڪي زمين ۾ هرگز عاجز ڪري نہ سگهنداسون ۽ نہ اسين ان ڪي ڀڄڻ جي لحاظ سان عاجز ڪري سگهنداسون) مطلب تہ اسان جو اهو خيال پڪو آهي تہ جيڪڏهن اسان قرآن پاڪ نہ مڃيو تہ اسين زمين ۾ الله ڪي مقابلي سان عاجز ڪري ان جي عذاب ڪان بچي نہ سگهنداسون ۽ نہ ان جي قدرت ڪاملہ ڪان ڀڄي ڪيڏانهن نڪري سگهنداسون. هن آيت جي هيءَ معنيٰ بہ ٿي سگهي ٿي تہ قرآن ڪريم جي ٻڌڻ ڪان اڳي بہ اسان جو هي عقيدو ضرور هو تہ الله جل جلالہ وڏي قدرت ۽ قوت وارو آهي اسين ان ڪي مقابلو ڪري عاجز ڪري نہ ٿا سگهون ۽ شايد ان عقيدي جي برڪت سان اسان آسانيءَ سان هدايت قبول ڪئي آهي ۽ جڏهن اسان قرآن ڪريم ٻڌو تہ پوءِ سڀ شڪ ۽ شبها ختم ٿي ويا. "وَّاَنَّا لَمَّا سَمِعْنَا الْهُدٰٓى اٰمَنَّا بِهٖ" (۽ اسان جڏهن هدايت جي ڳالهہ ٻڌي تہ ان تي ايمان آندوسون) يعني اسان قرآن پاڪ ٻڌي ان تي ايمان آندو آهي. "فَمَنْ يُّؤْمِنْ بِرَبِّهٖ

(١) المراغي ص ٩٨ ـ جزءِ ٢٩ جلد ١٠

فَلَا يَخَافُ بَخْسًا وَّلَا رَهَقًا" (پوءِ جيڪو پنهنجي رب تي ايمان آڻي تو پوءِ ڪميءَ ۽ زيادتي کان نہ ڊڄي) مطلب تہ سچي ايماندار ٻانهي کي الله وٽ ڪنهن بہ قسم جو ڪنڪو ناهي نہ نقصان جو تہ ان جي ڪا نيڪي ۽ محنت ضايع ٿي ويندي ۽ نہ زيادتيءَ جو تہ ان کي زبردستيءَ ڪنهن ٻئي جي جرم ۾ سزا ۾ وڌو ويندو الغرض تہ اهو هر قسم جي تڪليف کان مامونُ ۽ محفوظ هوندو. "وَأَنَّا مِنَّا الْمُسْلِمُونَ وَمِنَّا الْقَاسِطُونَ فَمَنْ أَسْلَمَ فَأُولَئِكَ تَحَرَّوْا رَشَدًا وَأَمَّا الْقَاسِطُونَ فَكَانُوا لِجَهَنَّمَ حَطَبًا" (۽ بلاشڪ اسان مان مسلمان آهن ۽ اسان مان ظالم آهن پوءِ جيڪي مسلمان ٿيا پوءِ انهن هدايت طلب ڪئي ۽ پر ظالم پوءِ جهنم جو ٻارڻ بنجندا) يعني اسان جنن مان ڪي اهي مومن آهن جن ايمان آندو ۽ الله عزوجل جي اطاعت ڪري صالح عمل ڪيا ۽ اسان مان ڪي ظالم آهن جيڪي حق جي رستي کان ٿڙي ويا مسلمانن هدايت طلب ڪئي ۽ سعادتمند بڻيا ۽ ظالم ظلم جي ڪري جهنم جو ٻارڻ ٿي ويا جهنم جي باهہ انهن سان ائين ٻرندي جيئن انسانن ڪافرن سان. هيستائين جنن جو گفتگو پورو ٿيو ۽ اڳتي وري الله تعاليٰ پنهنجي رسول مقبول عليـــه الصلواة والسلام ڏانهن ڪيل وحي جو ذڪر ڪندي فرمايو آهي. "وَأَنْ لَوِ اسْتَقَامُوا عَلَى الطَّرِيقَةِ لَأَسْقَيْنَاهُمْ مَاءً غَدَقًا" (۽ جيڪڏهن حق جي رستي تي استقامت ڪندا تہ البت اسين انهن کي گهڻو پاڻي پياريندا سون) يعني مون ان ڏانهن اهو بہ وحي ڪيو ويو آهي تہ جيڪڏهن جن ۽ انسان ملت اسلاميـــه تي استقامت ڪندا تہ اسين انهن جي لاءِ سندن رزق ڪشادو ڪنداسون ۽ ڪين گهڻو پاڻي ڏينداسون جن سان سندن زمينون سرسبز ۽ آباد ٿينديون ۽ گهڻي پاڻيءَ کي خصوصي طور ان جي ڪري ذڪر ڪيائين جو اهو معاش جو اصل ۽ بنياد آهي ۽ رزق جي ڪشادگيءَ جو اصل پاڻيءَ جي گهڻي فراهمي آهي. "لِنَفْتِنَهُمْ فِيهِ" (تانتہ اسين انهن کي ان ۾ آزمايون) مطلب تہ اسين انهن کي نعمتن ۾ آزمايون تا تہ اسان جي انهن نعمتن جو شڪر ڪن تا يا نہ پوءِ جيڪڏهن وفاداري ڪندا تہ اسان جي طرفان بہ ڀلو بدلو ملندن ۽ جيڪڏهن پوئتي پوندا تہ اسين انهن کي ڊر ڏئي نهايت سختيءَ سان پڪڙي سزا ڏينداسون. "وَمَنْ يُعْرِضْ عَنْ ذِكْرِ رَبِّهِ يَسْلُكْهُ عَذَابًا صَعَدًا" (۽ جيڪو پنهنجي رب جي ذڪر کان منهن موڙيندو ان کي ڏکيي عذاب ۾ داخل ڪندو) مطلب تہ جيڪو الله عزوجل جي قرآن کان منهن موڙيندو ان جي اوامر تي عمل نہ ڪندو ۽ ان جي روڪيلن ڪمن کان نہ مُڙندو تہ الله عزوجل ان کي سخت عذاب ۾ داخل ڪندو.

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "مُلِئَتۡ حَرَسًا شَدِيدًا" (سخت چوكيداريءَ سان ڀريو ويو آهي) مان معلوم ٿيو ته آسمانن تي چوكيداري ۽ اُمڙن جو انتظام اڳي به هو پر ايترو گهڻو ۽ سخت نه هو. حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن تي وحي جي نزول كان پوءِ اهو نهايت سخت كيو ويو. ٢. مفسرن لکيو آهي ته اهي جن ۽ شيطان ککرن تائين ويندا هئا ۽ اتاهين آسماني خبرون ٻڌندا هئا ان جو دليل سيده عائشه رضي الله عنها جي روايت آهي جيكا صحيح بخاري ۾ هنن لفظن سان روايت كيل آهي سيده فرمايو ته "مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جن كان ٻڌو پاڻ" فرمايائون ته "ملائک ککرن ۾ لهي ان امر جو ذكر كن ٿا جيكو آسمان ۾ طيءِ كيو وڃي ٿو پوءِ شيطان چوري ٻڌڻ جي كوشش كري ٻڌي ڀوپن ڏانهن اچن ٿا ۽ ان ۾ پنهنجي طرفان سوءُ كوڙ ملائن ٿا." ٣. اُمڙن لڳڻ جو سلسلو ته اڳي به هو مگر انهن سان شيطان كي دفع كرڻ جو سلسلو حضرت حبيب كريم عليه الصلواة والسلام جن جي مٿان وحي جي نزول كان پوءِ ٿيو هو.

هڪ جن صحابي جو واقعو

ابن جوزي پنهنجي كتاب صفة الصفوة ۾ پنهنجي سند سان حضرت سهل بن عبدالله كان نقل كيو آهي ته "ان هڪ جاءِ تي هڪ پوڙهي جن كي ڏٺو ته بيت الله ڏانهن منهن كري نماز پڙهي رهيو آهي ۽ بدن تي اُنَ جو جبو ڍكيل هوس جنهن مان وڏي رونق محسوس ٿي رهي هئي" حضرت سهل فرمايو ته "اهو جڏهن نماز كان فارغ ٿيو ته مون ان كي سلام كيو" ۽ ان سلام جو جواب ڏئي فرمايو ته تون هن جبه جي رونق كان تعجب ٿو كرين؟ هي جبو ست سوءُ سالن كان منهنجي بدن تي آهي ان ئي جبي ۾ هوندي مون حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام سان ملاقات كئي هئي ۽ ان ئي جبي ۾ هوندي مون حضرت محمد مصطفىٰ عليه الصلواة والسلام جي زيارت كئي هئي ۽ مان انهن جنن مان آهيان جن جي باري ۾ سورة الجن نازل ٿي هئي." (١)

وَّاَنَّ الۡمَسٰجِدَ لِلّٰهِ	فَلَا تَدۡعُوۡا مَعَ	اللّٰهِ اَحَدًا (١٨)
۽ بلاشڪ مسجدون الله جون آهن	پوءِ نه عبادت كيو الله سان گڏ	كنهن هڪ جي

وَّاَنَّهٗ	لَمَّا قَامَ عَبۡدُ اللّٰهِ	يَدۡعُوۡهُ كَادُوۡا يَكُوۡنُوۡنَ

۽ تحقيق شان هي آهي ته جڏهن بيٺو الله جو ٻانهو عبادت كري پيوان جي ته ويجهاتيا جوهجن ان تي

(١) معارف القرآن ص ـ ٥٨٠ ـ جلد ٨

عَلَيْهِ لِبَدًا (١٩) قُلْ إِنَّمَا أَدْعُوا رَبِّي وَلَا أُشْرِكُ بِهِ

ڳاٽ ڪندڙ فرماءِ تہ آءٌ رڳو عبادت ڪيان ٿو پنهنجي رب جي ۽ نہ ٿو شريڪ ڪيان ان سان

أَحَدًا (٢٠) قُلْ إِنِّي لَا أَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَلَا رَشَدًا (٢١)

ڪنهن هڪ کي فرماءِ تہ بلاشڪ مان نہ ٿو مالڪ ٿيان اوهان جي لاءِ نقصان جو ۽ نہ هدايت جو

قُلْ إِنِّي لَنْ يُجِيرَنِي مِنَ اللَّهِ أَحَدٌ ۵ وَلَنْ أَجِدَ مِنْ دُونِهِ

فرماءِ بلاشڪ مان هرگز نہ بچائيندومون کي الله کان ڪوهڪڙو ۽ هرگز نہ لهندس مان ان کان سواءِ

مُلْتَحَدًا (٢٢) إِلَّا بَلَاغًا مِنَ اللَّهِ وَرِسَالَاتِهِ ۚ وَمَنْ يَعْصِ

ڪا پناهہ جي جاءِ مگر خبر ڏيڻ الله جي طرفان ۽ ان جا پيغام پهچائڻ ۽ جيڪو بي فرماني ڪندو

اللَّهَ وَرَسُولَهُ فَإِنَّ لَهُ نَارَ جَهَنَّمَ خَالِدِينَ فِيهَا أَبَدًا ۖ (٢٣)

الله جي ۽ ان جي رسول جي پوءِ بلاشڪ ان جي لاءِ جنهم جي باهہ آهي هميشـه رهندڙ هوندا ان ۾ دائمي

حَتَّىٰ إِذَا رَأَوْا مَا يُوعَدُونَ فَسَيَعْلَمُونَ مَنْ أَضْعَفُ

تانجو جڏهن ڏسندا اهو جيڪو وعدوڏنا وڃن تاپوءِ جلد ڄاڻندا تہ ڪيرآهي وڌيڪ هيڻو مددگار

نَاصِرًا وَأَقَلُّ عَدَدًا (٢٤)

جي لحاظ سان ۽ گهٽو تورو عدد جي لحاظ سان

تفسير

اڳيئن آيت ۾ هو تہ جيڪو الله جي ذڪر کان منهن موڙيندو ان کي سخت عذاب ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ هتي الله جي ذڪر جي مرڪزن مسجدن جو ذڪر ڪندي ارشاد تي رهيو آهي. "وَأَنَّ الْمَسَاجِدَ لِلَّهِ فَلَا تَدْعُوا مَعَ اللَّهِ أَحَدًا" (۽ بلاشڪ مسجدون الله جون آهن پوءِ الله سان گڏ ڪنهن هڪ جي عبادت نہ ڪيو) يعني اي حبيب عليك الصلواة والسلام! اوهان ٻڌايو تہ جيئن مون ڏانهن جنن جي ڳالهہ وحي ڪئي وئي آهي تيئن هي بہ وحي ڪيو ويو آهي تہ مسجدون الله جون آهن پوءِ انهن ۾ الله عزوجل کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪيو ۽ انهنّ ۾ شرڪ جي ڪمن کان بچو. حضرت قتادة کان روايت آهي تہ يهودي ۽ نصاريٰ جڏهن پنهنجن عبادتخانن ۾ ويندا هئا تہ الله عزوجل سان ٻين کي شريڪ سمجهي شرڪ جون ڳالهيون ۽ مشرڪن وارا ڪم ڪندا هئا. هتي اسان کي هدايت ڏني وئي آهي تہ مسجدن ۾ خالص الله وحده لاشريڪ لہ جي عبادت

ڪيون شرڪ جي ڪمن کان بچون ۽ حضرت حسن بصري عليہ الرحمة فرمايو آهي تہ مساجد مان مراد هر اها جاءِ آهي جتي الله عزوجل کي سجدو ڪيو وڃي ٿو پوءِ اها تيارئي سجدي لاءِ ڪيل آهي يا نہ ڇو تہ هن امت جي لاءِ روءِ زمين سجدي ڪرڻ جي جاءِ آهي. (١) "وَّاَنَّهٗ لَمَّا قَامَ عَبْدُاللّٰهِ يَدْعُوْهُ كَادُوْا يَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِ لِبَدًا" (۽ بلاشڪ جڏهن الله جو ٻانهو بيٺو ان جي عبادت ڪري پيو تہ ويجها ٿيا جو ان تي ڳاٽ ڪندڙ هجن) هن آيت جي مراد ۾ ٻہ قول آهن "١" تہ جڏهن حضور عليہ الصلواة والسلام جن بيهي الله عزوجل جي عبادت، نماز ادا ڪري رهيا هئا تہ جن ٽولا ٽولا ۽ جماعتون ٿي قرآن پڙڻ ۽ عبادت، نماز ڏسڻ ۽ ان کان عجب ڪائڻ جي لاءِ مٿن ڳاٽِ پيري بيٺا هئا سندن عبادت، قراءت ۽ اصحابن سڳورن جي رڪوع ۽ سجدي ۾ اطاعت کي عجب جي نظر سان ڏسي رهيا هئا "٢" حضرت حسن بصري ۽ قتادة رضي الله عنهما فرمايو تہ ان جي معنيٰ آهي تہ جڏهن رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن رسالت جي حق ادا ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي الله وحده لاشريڪ لہ جي عبادت ڏانهن توجہ ڏياريو تہ ڪافر ٽولا ٽولا ۽ جماعتون ٿي ڳاٽ پري ٿي بيٺا. "قُلْ اِنَّمَاۤ اَدْعُوْا رَبِّيْ وَلَاۤ اُشْرِكُ بِهٖۤ اَحَدًا" (فرماءِ تہ مان تہ رڳو پنهنجي رب جي عبادت ڪيان ٿو ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ ٿو بنايان) قرآن پاڪ جي مفسر مقاتل فرمايو تہ مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو ڪافرن نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن کي چيو تہ اوهان نهايت وڏي امر ڏانهن سڏيو تا جنهن جي ڪري گهڻا ماڻهو اوهان جا دشمن ٿي ويا آهن ان کان رجوع ڪيو تڏهن الله عزوجل مٿين آيت نازل ڪري فرمايو تہ "اوهان انهن کي چئو تہ مان تہ صرف پنهنجي رب جي عبادت ڪيان ٿو ۽ ڪنهن هڪ کي بہ ان سان شريڪ نہ ٿو بنايان ۽ اها اهڙي ڳالهہ ناهي جو اوهان ٽولا ٽولا ٿي ڳاٽ پري منهنجي مٿان اچي بيهو ۽ ان جي ڪري عجب ۾ پئو." "قُلْ اِنِّيْ لَاۤ اَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا رَشَدًا" (فرماءِ تہ مان اوهان جي لاءِ نہ نقصان جو مالڪ ٿو ٿيان ۽ نہ هدايت ڏيڻ جو) مطلب تہ مان الله عزوجل جي اذن ۽ عطا کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهان (ان جي اذن کان سواءِ) مان نہ اوهان کي نفعو ڏئي سگهان ٿو ۽ نہ اوهان کي نقصان پهچائي سگهان ٿو) انهن ڳالهين جو حقيقي مالڪ الله عزوجل آهي. "قُلْ اِنِّيْ لَنْ يُّجِيْرَنِيْ مِنَ اللّٰهِ اَحَدٌ ۙ وَّلَنْ اَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا" (فرماءِ تہ بلاشڪ ڪو هڪ بہ مون کي الله (جي عذاب) کان هرگز بچائي نہ سگهندو ۽ نہ ان کان سواءِ مان ڪا پناهہ جي جاءِ لهي نہ سگهندس) مطلب تہ الله عزوجل جي مقابلي ۾ ڪير بہ نہ مون کي بچائي سگهندو

(١) المراغي صـ١٠٢ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠

۽ نہ ان کان سواءِ کا پناهہ جي جاءِ لهندس پر جيکڏهن مون ان جي پيغام کي پهچايو ان کي راضي بنايو تہ اهو ئي مون کي بچائيندو ۽ پناهہ ڏيندو. "اِلَّا بَلٰغًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِسٰلٰتِهٖ" (مگر الله جي طرفان خبر ڏيڻ سان ۽ ان جي پيغامن پهچائڻ سان) مطلب تہ منهنجي ذمي هي فرض آهي تہ الله عزوجل جا پيغام پهچايان ۽ ان جا احڪام سمجهايان انهن کي مڃڻ يا نہ مڃڻ اوهان جي ذميداري آهي مون تي ان جو ڪو بار ناهي. "وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاِنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا" (۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي بي فرماني ڪندو پوءِ بلاشڪ انهن جي لاءِ جهنم جي باهہ آهي ان ۾ هميشہ هميشہ رهندڙ هوندا) مطلب تہ اها سزا ان کي ملندي جنهن دين جي اصولن مان ڪنهن هڪ اصول جو انڪار ڪيو هوندو. "حَتّٰٓى اِذَا رَاَوْا مَا يُوْعَدُوْنَ فَسَيَعْلَمُوْنَ مَنْ اَضْعَفُ نَاصِرًا وَّاَقَلُّ عَدَدًا" (تانجو جڏهن ان کي ڏسندا جنهن جو وعدو ڏنا وڃن تا پوءِ جلد ڄاڻندا تہ مددگار جي لحاظ سان ڪير وڌيڪ هيٺو آهي ۽ عدد ۾ ٿورو آهي) مقصد تہ هاڻي تہ اوهان جڏهن پنهنجي قبيلي وارن کي مدد جي لاءِ پڪاريندؤ تہ اوهان سان ويڙهاڪ ٽولا ساٿ ڏيندا پر اهي سڀ اوهان جون غلط فهميون آهن جڏهن عذاب جو مقرر ڪيل وقت ايندو جنهن جو اوهان وعدو ڪيا ويا آهيو تہ ان وقت اوهان کي پوري پوري خبر پوندي تہ ڪنهن جا مددگار هيٺا ۽ ڪمزور آهن ۽ ڪنهن جي معاونن جو تعداد ٿورو آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "وَاَنَّ الْمَسٰجِدَ لِلّٰهِ فَلَا تَدْعُوْا مَعَ اللّٰهِ اَحَدًا" (۽ بلاشڪ مسجدون الله جون آهن پوءِ الله سان گڏ ڪنهن هڪ جي عبادت نہ ڪيو) هتي "لَا تَدْعُوْا" جي معني (عبادت نہ ڪيو) سيد تاج محمود امروٽي جي ترجمہ ۾ بہ لکيل آهي (١) هن مان معلوم ٿيو تہ مسجدن ۾ ٻئي ڪنهن جي عبادت نہ ڪيو ان ۾ شرڪ سان گڏ مسجد جي بي ادبي بہ آهي ۽ ان ۾ خطاب جي صيغي سان نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام کي الله عزوجل جي مدد جو مظهر ۽ وسيلو سمجهي سڏڻ داخل ناهي ڇو تہ خطاب جو صيغو "السلام عليك ايهاالنبي ورحمة الله وبرڪاتہ" تہ هر نمازي نماز ۾ مسجد جي اندر پڙهندو آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ مسجد ڪنهن ٻئي جي ملڪيت نہ ٿي سگهندي ۽ مسجدون الله عزوجل جي ملڪيت آهن ٻيا صرف متولي رهندا. ٢. "كَادُوْا يَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِ لِبَدًا" (ويجها ٿيا جو ان تي ڳاٽ ڏئي بيهن) مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل جي قرآن ۽ ذڪر ۾ ايتري لذت آهي جو ٻڌندڙ رش ڪري ٿي بيٺا جيئن جسماني غذا ۾ لذت آهي تيئن ذڪر

(١) سنڌي ترجمہ سيد تاج محمود امروٽي ص ـ ٢٩٣ ـ ڇاپو تاج ڪمپني ڪراچي ننڍي سائيز

روحاني غذا بہ لذيذ آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ ذڪر جي لذت انسان ۽ جن محسوس ڪن ٿا بلڪ حيوان، شجر، حجر بہ لذت محسوس ڪن ٿا اها ئي لذت صوفياءَ ڪرام جي اصطلاح ۾ وجد آهي. ۳. "قُلْ اِنَّمَآ اَدْعُوْا رَبِّيْ وَلَآاُشْرِكُ بِـهٖٓ اَحَدًا" (فرماءِ تہ مان پنهنجي رب جي عبادت ڪيان ٿو ان سان ڪنهن ڪي شريڪ نہ ٿو بنايان) مان معلوم ٿيو تہ پنهنجي حق واري ۽ صحيح عقيدي جو کلي اعلان ڪرڻ گهرجي تانت ٻيا بہ ان تي عمل ڪندي صحيح عقيدي تي مضبوط رهن ۽ شيعن وارو تقيہ نہ ڪرڻ گهرجي.

قُلْ اِنْ اَدْرِيْٓ اَقَرِيْبٌ	مَّا تُوْعَدُوْنَ	اَمْ يَجْعَلُ لَهٗ رَبِّيْٓ

فرماءِ تہ مان نہ ٿو ڄاڻان تہ ڇا ويجهو آهي اهو جو وعدو ڏنا وڃو ٿا يا ڪندو ان جي لاءِ منهنجو رب

اَمَدًا (۲۵) عَالِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖٓ اَحَدًا (۲۶) اِلَّا مَنِ

مدت غيب جو ڄاڻندڙ پوءِ نہ ٿو واقف ڪري پنهنجي غيب تي ڪنهن هڪ کي مگر جنهن

ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ فَاِنَّهٗ يَسْلُكُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ رَصَدًا (۲۷)

رسول کان راضي ٿيو پوءِ بلاشڪ اهو ٿو مقرر ڪري اڳيان ان جي ۽ پويان ان جي نگهباني ڪندڙ

لِّيَعْلَمَ اَنْ قَدْ اَبْلَغُوْا رِسٰلٰتِ رَبِّهِمْ وَاَحَاطَ بِمَا لَدَيْهِمْ

تانت ڄاڻي تہ تحقيق پهچايائون پنهنجي رب جي پيغامن کي ۽ گهيري ۾ رکيائين ان کي جيڪو وٽن آهي

وَاَحْصٰى كُلَّ شَيْءٍ عَدَدًا (۲۸) ع ۱۲ ۲

۽ ڳڻي رکيائين هر شي جي عدد کي

تفسير

اڳين آيتن ۾ قيامت جو بيان هو ۽ هتي اها ڪڏهن ايندي؟ ان جي متعلق بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قُلْ اِنْ اَدْرِيْٓ اَقَرِيْبٌ مَّا تُوْعَدُوْنَ اَمْ يَجْعَلُ لَهٗ رَبِّيْٓ اَمَدًا" (فرماءِ تہ مان (عقل سان) نہ ٿو ڄاڻان تہ جنهن جو اوهان وعدو ڏنا وڃو ٿا ويجهو آهي يا منهنجو رب ان جي لاءِ ڪا وڏي مدت مقرر ڪندو) ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ "اَدْرِيْٓ" واحد متڪلم جو صيغو درايۃ کان ورتل آهي. علامہ راغب اصفهاني لکيو اهي تہ درايت ان سڃاڻپ کي سڏيندا آهن جيڪا ڪنهن حيلي سان حاصل ٿيندي آهي عرب چوندا آهن "دريتہ بہ" ان جي معنيٰ عقل سان سمجهڻ ۽ شعور رکڻ آهي ۽ هي لفظ الله تعاليٰ جي لاءِ استعمال نہ ٿيندو آهي. (۱) اهڙي طرح علامہ زبيدي تصريح ڪئي

(۱) المفردات ص۱۲۸۔

آهي تہ درايت علم کان اخص آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي ڪنهن حيلي سان ڪنهن شيءِ کي ڄاڻڻ ان جي ڪري اهو لفظ الله عزوجل جي لاءِ استعمال نہ ٿيندو آهي (تاج العروس) جڏهن تہ قيامت جو علم غيبي علوم مان آهي ان جي ڪري انسان پنهنجي عقل، فهم، غور، فڪر يا ڪنهن ٻئي حيلي سان ان تي اطلاع حاصل نہ ٿو ڪري سگهي. ها جيڪو ڪجهہ علم الله جلا وعلا ڪنهن کي ڏي تہ اهو ڏئي سگهي ٿو ۽ ٻانهو اوترو ڄاڻي ٿو. علامہ قرطبي لکيو آهي "فهو غيب لااعلم منہ الا مايعرفنيہ الله" (١) يعني قيامت جو اچڻ غيب آهي مان ان مان نہ ايترو ڄاڻان ٿو جيڪو مون کي الله عطا ڪري ٿو. الغرض تہ عقل سان ۽ حواس سان قيامت جي خبر نہ پوندي ۽ مان بہ انهن ذريعن سان نہ ٿو ڄاڻان تہ قيامت ويجهي آهي يا پري. هن ۾ الله عزوجل جي طرفان علم عطا ڪرڻ جي نفي ناهي ۽ حديث پاڪ ۾ جو آيو آهي تہ "بعثت انا والساعہ ڪهاتين" (مان ۽ قيامت هنن ٻن آگرين جي قرب جيترو قريب آهيون) مان معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن کي قيامت جو قريب هجڻ ڪجهہ نہ ڪجهہ معلوم هو (٢) اهو بہ الله عزوجل جي عطا سان آهي ڪيترن مفسرن لکيو آهي تہ الله عزوجل نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن کي قيامت جي قائم ٿيڻ واري وقت جو بہ علم ڏنو آهي ان جي ڪري پاڻ ان جون ڪيتريون نشانيون ٻڌايون اٿن تانجو اهو بہ ٻڌايائون تہ اها جمعي جي ڏينهن قائم ٿيندي. مشڪواة المصابيح ص۔١١١۔ باب الجمعة ۾ آهي "لاتقوم الساعة الافي يوم الجمعة" قيامت جمعي جي ڏينهن قائم ٿيندي. شيخ عبدالحق محدث دهلوي عليہ الرحمة مدارج النبوة فارسي ص۔٤٠۔ جلد ٢ "وصل ايذاء رساني ڪفار فقراءِ صحابہ را" ۾ لکيو آهي تہ بعضي عالمن روح وانگر حضور عليہ الصلواة والسلام جن لاءِ قيامت جو علم تسليم ڪيو آهي.

"عَالِمُ الْغَيْبِ فَلَايُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖٓ اَحَدًا ۝ اِلَّامَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ" (غيب ڄاڻندڙ آهي پوءِ پنهنجي غيب تي ڪنهن کي واقف نہ ٿو ڪري مگر رسولن مان جنهن کي پسند ڪري) (ان کي غيب تي واقف ڪري ٿو) عالم الغيب نحوي ترڪيب ۾ خبر آهي ان جي مبتدا محذوف لفظ "هو" آهي يعني اهو الله عالم الغيب آهي هتي مبتدا ۽ خبر ٻئي معرب آهن ان جي ڪري حصر جي معنيٰ بہ لڌي وڃي ٿي يعني اهو ئي حقيقي بالذات غيب جو ڄاڻندڙ آهي ان مان معلوم ٿيو تہ ڪو بہ انسان پوءِ اهو ڀلي ڪيترو بہ ذهين ۽ هوشيار هجي ان جي علم ۽ عرفان جو مرتبو ڪيترو بہ مٿي هجي ان جا درجا ڪيترا بہ اعليٰ هجن اهو پاڻهي غيب نہ ٿو ڄاڻي نہ پنهنجن حواس سان، نہ شعور جي

(١) القرطبي ص۔٢٧۔ جلد ١٩ (٢) حدائق الروح والريحان ص۔٣١٥۔ جلد ٣٠

قوت سان، نہ فراست سان، نہ قياس سان ۽ نہ عقل سان ان کان سواءِ جو الله جل وعلا جيڪو عالم الغيب آهي اهو پاڻ ان کي ان نعمت سان نوازي ۽ اهو بہ بيان ٿيو آهي تہ الله جل وعلا هر ڪنهن کي غيب جي علم سان نوازيندو ناهي پر اهو ان نعمت سان صرف انهن رسولن عليهم الصلواة والسلام کي نوازيندو آهي جن کي اهو منتخب فرمائيندو آهي هي آهي اهو سڌو ۽ صاف مطلب جيڪو هن آيت مان سمجهہ ۾ اچي ٿو. مفسرن پڻ بہ اها ئي مراد بيان ڪئي آهي. "۱" علامہ بغوي لکيو آهي "الامن يصطفيہ لرسالتہ فيظهره علي مايشاءَ من الغيب" (۱) مگر جنهن کي پنهنجي رسول هجڻ جي لاءِ منتخب ڪري ٿو ان کي غيب ظاهر ڪري ڏي ٿو. "۲" مفسر قرآن خازن لکيو آهي "الامن يصطفيہ لرسالتہ ونبوتہ فيظهره على ما يشاءُ من الغيب" (۲) معنيٰ ساڳي آهي. "۳" مفسر قرطبي لکيو آهي "ثم استثنى من ارتضاه من الرسل فاودعهم ماشاءَ من غيبہ بطريق الوحي اليهم" (۳) ۴. علامہ ابو حيان اندلسي، علامہ ابن جرير طبري، حضرت ابن عباس، قتادة ۽ ابن زيد کان بہ اهو ئي تفسير نقل ڪيو آهي. علامہ زمخشري معتزلي هجڻ جي ڪري پنهنجي عقيدي جي مطابق هن آيت مان اولياءَ ڪرام جي ڪرامتن جو انڪار ثابت ڪيو آهي پر ان هوندي بہ نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام جي لاءِ علم غيب جي نفي ان بہ نہ ڪئي آهي ان لکيو آهي تہ: هن آيت مان واضح آهي تہ الله عزوجل صرف پنهنجن رسولن عليهم الصلواة والسلام کي غيب ڄاڻائيندو آهي اولياءَ الله ڪٿي ڪيترا بہ اعليٰ مرتبي وارا هجن اهي رسول ناهن ان جي ڪري انهن کي غيب جو علم ناهي. (۴) پر ان جو آسان ۽ سولو جواب تہ هي آهي تہ اولياءَ ڪرام جا سمورا علم مصطفوي بارگاهہ جا عطيہ آهن اولياءَ ڪرام جو علم ان علم جي بحر جا پہ ٿي ڦڙا آهي جيڪو رب ڪريم پنهنجي رسول ڪريم عليہ الصلواة والسلام کي عطا فرمايو آهي اولياء ڪرام تي وحي ڪو نہ ٿو لهي جو هيءَ آيت انهن جي خلاف هجي. علامہ صاوي عليہ الرحمة لکيو آهي "فليس في الآيـة مايدل على نفى كرامات الاولياء المتعلقـة بالكشف ولكن اطلاع الانبياء على الغيب اقوى من اطلاع الاولياء لان اطلاع الانبياءَ يكون بالوحى وهو معصوم من كل نقص بخلاف اطلاع الاولياء فعصمة الانبياء واجبـة وعصمـة الاولياء جائزة" (۵) يعني مذڪوره آيت ۾ اوليائن جي انهن ڪرامتن جي نفي تي دلالت ناهي جيڪي ڪشف سان متعلق آهن ۽ پر نبين عليهم الصلواة والسلام جو غيب تي مطلع هجڻ ولين جي.

(۱) ضياءُ القرآن صـ۳۹۷ـ جلد ۵ (۲) خازن صـ۳۱۹ـ جلد ۴ (۳) القرطبي صـ۲۸ـ جلد ۱۹ (۴) الكشاف صـ۱۷۲ـ جلد ۴ (۵) الصاوي علي الجلالين صـ۲۴۴ـ جزءُ ۴

مطلع هجڻ کان وڌيڪ آهي ڇو تہ نبين عليهم الصلواة والسلام جو مطلع هجڻ وحي سان هوندو آهي ۽ وحي نقص کان معصوم آهي ولين جي مطلع هجڻ ۾ اها ڳالهہ ناهي نبين عليهم الصلواة والسلام جي عصمت واجب آهي ۽ ولين جي جائز آهي. (واجب ناهي) علامـہ اسماعيل حقي عليـہ الرحمـة لکيو آهي بلاشڪ الله عزوجل پنهنجي مخصوص علم غيب تي نہ تو مطلع رکي مگر رسولن مان مرتضيٰ (برگزيده) کي ۽ جنهن علم غيب کي پنهنجي پاڪ ذات جي لاءِ مخصوص فرمايو اٿس ان جو اطلاع رسول عليـہ الصلواة والسلام کي بہ عطا کري تو يا نبين عليهم الصلواة والسلام جي واسطي سان يا دلائل قائم ڪرڻ ۽ مقدمات جي ترتيب ڏيڻ سان يا مستقبل ۾ بعض واقع ٿيندڙ ڳالهيون ملائڪ جي ذريعي الهام ڪرڻ سان پنهنجي بعض اولياءَ کي بہ عطا ڪري تو هن آيت مان الله عزوجل جي اها مراد ناهي تہ اهو نبين عليهم الصلواة والسلام کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ڪنهن بہ غيب جي قسم جو اطلاع نہ تو ڏي ڇو تہ اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ غير نبي کي بہ الله عزوجل غيب تي اطلاع ڏنو آهي ۽ ڏي تو. (١) علامـہ ثناءُ الله پاني پتي هن موضوع تي تمام گهڻو لکيو آهي تہ زمخشريءَ جو هن آيت سان ڪرامتن کي باطل ڪرڻ غلط آهي قرآن ڪريم حضرت موسيٰ جي والده کي الهام جي ذريعي ٻڌائڻ تہ حضرت موسيٰ کي تو ڏانهن موٽائينداسون، حضرت بيبي مريم جي هٿ سان تڙ مان کجور ڪيرائڻ ۽ حضرت عيسيٰ جي حوارين جو بہ ذڪر ڪيو آهي اهي سڀ ڳالهيون ڪرامت جي واقع ٿيڻ جا دلائل آهن جن جو انڪار ممڪن ناهي ۽ اولياءَ کي جيڪو علم ملندو آهي ڪڏهن ملائڪ جي واسطي سان الهام جي طور ۽ ڪڏهن واسطي کان سواءِ هوندو آهي ۽ ڪڏهن حجاب ڪٽائي اها شيءِ اکيان آندي ويندي آهي جيئن حضرت عمر رضي الله عنـہ پنهنجي خلافت جي دور ۾ حضرت ساريـہ رضي الله عنـہ کي ايران ۾ ڏسي دشمنن جي جبل واري پاسي کان حملي ٿيڻ کان متنبـہ ڪندي فرمايو هو "يا ساريـة الجبل" اي ساريـہ! دشمن جبل کان اچن ٿي تا ۽ ان ٿي قسم کان آهي جيڪو چيو وڃي تو تہ بعض اولياءَ جي لاءِ بعض وقتن ۾ لوح محفوظ ڪلي سامهون ايندو آهي پوءِ ان ۾ قضا مبرم ۽ قضا معلق ڏسندا آهن ۽ ڪڏهن عالمِ مثال کي ننڊ ۾ مطالعـــہ ڪرڻ سان يا معاملي کي ڏسڻ سان ڳالهہ ڪُلي سامهون ايندي آهي. (٢) علامـہ موصوف اجان گهڻو ڪجهہ لکيو آهي پر مون ان تي اڪتفاءَ ڪئي آهي. "فَإِنَّهُ يَسْلُكُ مِنْ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهِ رَصَدًا" (پوءِ بلاشڪ اهو ان جي اڳيان ۽ ان جي پويان محافظ مقرر ڪري تو) علامـہ عثماني صاحب

(١) روح البيان صـ٢٠٣،٢٠٤ـ جلد ١٠ (٢) المظهري صـ٩٦،٩٧ـ جلد ١٠

هن جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ "يعني پنهنجي راز جي خبر ڪنهن کي نہ ٿو ڏي" ها رسولن (عليهم الصلواة والسلام) کي جيتري قدر انهن جي شان ۽ منصب جي لائق آهي وحي جي ذريعي خبر ڏي ٿو پر ان وحي سان ملائڪن جون چوڪيون ۽ پهرا رکيا وڃن ٿا تہ ڪنهن بہ طرف کان شيطان ان ۾ دخل ڏئي نہ سگهي ۽ رسول عليه الصلواة والسلام بہ ان کي غلط نہ سمجهي اها ئي معنيٰ آهي ان ڳالهہ جي تہ پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام کي سندن علوم ۽ اخبار ۾ معصوميت حاصل آهي ٻين کي ناهي نبين عليهم الصلواة والسلام جي معلومات ۾ ڪنهن بہ قسم جي شڪ ۽ شبهي جي گنجائش ناهي ٻين جي معلومات ۾ ڪيترن قسمن جا احتمال آهن ان جي ڪري محققن صوفياءِ ڪرام جو فرمان آهي تہ "ولي پنهنجي ڪشف کي قرآن ۽ سنت سان پيش ڏسي جيڪڏهن انهن جي خلاف نہ هجي تہ غنيمت سمجهي نہ تہ ان ڪشف کي تڪلف کان سواءِ ئي رد ڪري ڇڏي." (١) مطلب تہ مخصوص غيب جي علم عطا ڪرڻ مهل نبي سڳوري عليہ الصلواة والسلام جي مٿان سخت حفاظتي انتظام ڪيل هوندو آهي. "لِّيَعْلَمَ اَنْ قَدْ اَبْلَغُوْا رِسٰلٰتِ رَبِّهِمْ وَاَحَاطَ بِمَا لَدَيْهِمْ وَاَحْصٰى كُلَّ شَيْءٍ عَدَدًا" (تانتہ ڄاڻي تہ تحقيق پهچايائون پنهنجي رب جا پيغام ۽ جيڪو انهن وٽ آهي ان کي احاطي ۾ رکيائون ۽ هر شي کي عدد ۾ ڳڻي رکيائين) مطلب تہ اهو زبردست انتظام ان غرض سان ڪيو ويو آهي تہ الله عزوجل ڏسي تہ ملائڪن نبين عليہ الصلواة والسلام کي ۽ ٻين ٻانهن کي ان جا پيغام بالڪل صحيح ۽ پورا پهچايا آهن ۽ هر شي ان جي نگرانيءَ ۽ قبضي ۾ آهي ڪنهن کي بہ طاقت ناهي جو الهي وحي ۾ تغير يا تبدل ۽ گهٽ وڌتائي ڪري سگهي ۽ اهي ملائڪن جا پهرا ۽ چوڪيون حڪومتي شان جي اظهار ۽ سلسلہ اسباب جي حفاظت لاءِ گهڻين حڪمتن تي مبني آهن نہ تہ جنهن جو علم ۽ قبضو هر شيءِ تي حاوي آهي ان کي انهن شين جي ڪا محتاجي ناهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "قُلْ اِنْ اَدْرِيْٓ" کان "اَمَدًا" تائين آيت مان معلوم ٿيو تہ قيامت جي مقرر وقت جو علم عقل ۽ حواس سان ڪنهن کي بہ ناهي مگر جنهن کي الله عطا ڪري ان کي اهو علم بہ ملي سگهي ٿو. جيئن تفسير ۾ عرض ڪري آيا آهيون. ٢. "اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ" (مگر پنهنجن پسنديده رسولن کي) مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل پنهنجن پيارن رسولن عليهم الصلواة والسلام کي پنهنجي مخصوص علم غيب مان بہ عطا ڪري ٿو. جيئن اڳ ۾ تفسيرن جا حوالا لکي آيا آهيون ۽ اشرف علي صاحب ٿانوي جي خليفي، مفتي محمد شفيع

(١) حاشيہ عثمانيہ ص ٧٦١.

ديوبندي صاحب پنهنجي تفسير ۾ لکيو آهي تہ "الا استثناءَ" جو حرف آٽي ان بيوقوفانہ شبهي جو جواب ڏنو ويو آهي تہ ڪُلي علم غيب جي نفي سان هر غيب جي نفي مطلقاَ مراد ناهي بلڪ رسالت جي منصب لاءِ جيتري قدر علم غيب جي خبرن ۽ غيب جي شين جو علم ڪنهن رسول عليہ الصلواة والسلام کي ڏيڻ ضروري آهي اهو ان کي الله عزوجل جي طرفان وحي جي ذريعي ڏنو ويندو آهي ۽ اهو اهڙي محفوظ طريقي سان ڏنو ويندو آهي جو جڏهن ان تي الله عزوجل جي طرفان وحي جو نزول ٿيندو آهي تہ شيطانن کان بچڻ جي لاءِ ان جي هر طرف کان ملائڪن جو پهرو هوندو آهي. ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ استثناءَ جي لفظ سان جنهن علم غيب جو نبي ۽ رسول جي لاءِ اثبات آهي اهو بعض ۽ مخصوص علم غيب آهي جنهن جي منصب رسالت لاءِ ضرورت آهي" مفتي صاحب ٿورو اڳتي هلي لکيو آهي تہ "بعضي ناواقف غيب ۽ "انباءُ الغيب" ۾ فرق نہ ٿا سمجهن ان جي ڪري اهي انبياءَ خصوصاَ خاتم الانبياء عليهم الصلواة والسلام جي لاءِ علم غيب ڪُلي ثابت ڪندا آهن ۽ کين بالڪل الله وانگر عالم الغيب، ڪائنات جي هر ذري جو علم رکڻ وارو چوندا آهن جيڪو ڪليل شرڪ ۽ رسول کي خدا هجڻ جو درجو ڏيڻ آهي" ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ "جاهل ماڻهو انهن ڳالهين ۾ فرق ڪري نہ ٿا سگهن جڏهن انهن جي اڳيان چيو وڃي ٿو تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن عالم الغيب ناهن تہ اهي ان جو مطلب اهو سمجهن ٿا تہ کين معاذالله ڪنهن بہ غيب جي شي جي خبر ناهي پر دنيا ۾ ان جو ڪير بہ قائل نہ آهي ۽ نہ ٿي سگهندو ڇو تہ ائين ٿيڻ سان خود نبوت ۽ رسالت جي نفي ٿي ويندي جنهن جو ڪنهن بہ مومن کان امڪان ئي ناهي." (١) تفسير پڙهندڙ جي خدمت ۾ منهنجو عرض آهي تہ اسان جو بہ اهو عقيدو ناهي تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جو علم الله عزوجل جي علم جي برابر آهي پر ڪائنات جو علم نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جي لاءِ ثابت ڪرڻ ۾ ڪو بہ شرڪ يا ڪفر يا خدا سان برابري ناهي ڇو تہ ڪائنات بہ محدود آهي ان جو علم بہ محدود آهي ۽ الله عزوجل جو علم محدود ناهي الله عزوجل جو علم ذاتي، ڪنهن جي عطا ڪرڻ کان سواءِ آهي ۽ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جو علم الله عزوجل جي عطا سان آهي.

٣. نجوميءَ جي ڳالھ تي اعتبار ڪرڻ جو حڪم

مفسر قرآن علامہ ابو حفص عمر بن علي ابن عادل دمشقي لکيو آهي تہ: جڏهن حضرت علي رضي الله عنہ سندن مخالفن خارجين سان ڳالهيون ڪرڻ جي نيت سان

(١) معارف القرآن ص ـ ٥٨١/٥٨٣ ـ جلد ٨

ملاقات جو ارادو ڪيو تہ ڪنهن شخص کين چيو تہ چا اوهان انهن سان ان وقت ملڻ گهرو ٿا جڏهن قمر عقرب ۾ آهي (علم نجوم جي حساب سان) حضرت علي رضي الله عنہ ان کي فرمايو تہ "انهن جو قمر ڪٿي آهي؟" ۽ اها مهيني جي پڇاڙي هئي پاڻ ان فرمان سان ان جي ترديد ڪيائون ۽ کين مسافر بن عرف نالي ڪنهن شخص چيو تہ هن ساعت ۾ نہ وڃو پر ڏينهن جي ٽن ساعتن گذرڻ کان پوءِ وڃو حضرت علي رضي الله عنہ کيس فرمايو تہ "ڇاجي ڪري؟" ان چيو تہ "جيڪڏهن اوهان هن ساعت ۾ ويندؤ تہ اوهان کي ۽ اوهان جي ساٿين کي مصيبت ۽ سخت نقصان پهچندو ۽ جيڪڏهن اوهان ان ساعت ۾ ويندؤ جنهن لاءِ مون چيو آهي تہ ڪامياب ٿيندؤ، دشمن تي غالب رهندؤ ۽ مقصود ماڻيندؤ" حضرت علي رضي الله عنہ ان کي فرمايو تہ: "نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام ۽ ان جي اصحابن تہ نجومي ڪو نہ رکيا هئا ۽ نہ ان کان پوءِ اسان ڪو نجومي رکيو آهي" ان کان بعد فرمايائونس تہ "جنهن توکي هن ڳالهہ ۾ سچو چيو منهنجي نظر ۾ اهو ائين آهي جيئن بتن کي سچو چوندڙ ۽ انهن جي پوڄا ڪندڙ ڪافر، اي منهنجا الله نہ آهي ڪا فال تنهنجي فال کان سواءِ نہ آهي ڪا ڀلائي مگر تنهنجي ڀلائي" وري فرمايائون تہ اسين توکي ڪوڙو ڄڻون ٿا ۽ تنهنجي مخالفت ڪري ان ساعت ۾ وڃون ٿا جنهن کان اسان کي روڪين ٿو ان کان پوءِ ماڻهن کي متوجہ ٿي فرمايائون تہ "پاڻ کي علم نجوم پڙهڻ کان بچايو پر تارن جي ايتري ڄاڻ رکو جو رستي سان ويندي يا سمنڊ ۾ ٻيڙي هلائيندي واٽ هٿ ڪري سگهو". **نجوُمي ڪافر آهي** ۽ ڪافر جهنم ۾ هوندو. نجومي جادوگر وانگر آهي ۽ جادوگر جهنم ۾ هوندو الله جو قسم آهي جيڪڏهن مون کي (هن کان پوءِ) خبر پئي تہ "تون تارن ۾ نهارين ٿو يا ان جي علم تي عمل ڪرين"ٿو تہ جيستائين تون جيئرو هوندين ۽ مان جيئرو هوندس توکي جيل ۾ رکندس جيستائين منهنجي حڪومت هوندي ۽ توکي ملندڙ تنخواه روڪي ڇڏيندس" ان کان پوءِ حضرت علي رضي الله عنہ ان ساعت ۾ سفر ڪيو جنهن کان کين نجوميءَ روڪيو هو سندس خارجين سان ٽڪر ٿيو پر انهن کي قتل ڪري جنگ ۾ فتح حاصل ڪيائون ۽ اهو "نهروان" وارو واقعو آهي جيڪو صحيح مسلم ۾ روايت ڪيل آهي ان کان فرمايائين تہ "جيڪڏهن نجوميءَ جي ٻڌايل ساعت ۾ نڪرون ها تہ چوي ها اها فتح منهنجي علم نجوم جي ڪري ٿي آهي حالانڪ نہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن ڪو نجومي رکيو هو ۽ نہ ڪانئن بعد اسان رکيو آهي حالانڪ الله عزوجل اسان کي ڪسريٰ ۽ قيصر جا شهر ۽ ٻيا بہ ڪيترا شهر فتح ڪري ڏنا" ان کان پوءِ فرمايائين تہ "اي انسانو! الله تي توڪل

رکو ۾ ان تي ئي اعتماد ڪيو اهو اوهان جي لاءِ ٻين سيني کان ڪافي آهي" (١) سيدنا علي المرتضيٰ رضي الله عنـــه جي ارشاد مان ظاهر ٿيو ته نجوم تي اعتماد ڪندڙ ڪافر آهي، مسلمان ناهي. علامـه وهبة زحيلي لکيو آهي ته "هيءَ آيـة ٻوپن، نجومين ۽ جادوگرن جي رد لاءِ دليل آهي." (٢)

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون گنهگار اڄ بموءرخـــه ٣ رمضان المبارڪ ١٤٢٦هـ الموافق ٢٠٠٥.١.٨ع ڇنڇر جي ڏينهن صبح جو يارهين بجـه پنهنجي گهر ۾ سورة الجن جو تفسير لکي پورو ڪيو. الله عزوجل جي پاڪ ذات کي عاجزانـه التجا آهي ته پنهنجي اسماءَ حسنيٰ ۽ صفات عليا جي صدقي باقي رهيل سورتن جو تفسير به لکي پورو ڪرڻ جي سعادت جلد کان جلد نصيب ڪرڻ فرمائي. آمين يارب العلمين بوسيلـــة الحبيب المصطفيٰ والنبي المجتبيٰ عليـــه وعليٰ آلـــه واصحابـــه الصلوات والتسليمات الي يوم الجزاءُ.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه



(١) اللباب في علوم الكتب صـ٤٤٦ـ جلد ٩ (٢) جلد ١٩ (٢) التفسير المنير صـ١٩٧ـ جلد ١٥

سورة "الْمُزَمِّلِ" جو تعارف

هن سورة مبارڪه جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرڻ اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة پاڪ جو نالو "المزمل" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت آهي.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٻه رڪوع، ويهه آيتون، ٻه سوءِ پنجاسي ڪلما ۽ اٺ سوءِ اٺتيهه (٨٣٨) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، ابن مردويه ۽ بيهقيءَ ابن عباس کان ۽ ابن مردويه ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته سورة "يَا أَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول جو زمانو: هن سورة جي نزول جي زماني ۾ اختلاف آهي بعضي علماءَ فرمايو ته هي سڄي سورة حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي مڪي زندگيءَ جي دور ۾ نازل ٿي هئي پر ان جو ٻيو رڪوع مدينه منوره ۾ نازل ٿيو هو نحاس حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان اهو قول روايت ڪيو آهي آيتون به ان قول جي تائيد ڪن ٿيون ڇو ته ٻئي رڪوع ۾ جهاد في سبيل الله ۽ زڪواة جو ذڪر آهي اهي ٻئي حڪم مدينه منوره ۾ نازل ٿيا هئا ڇو ته مڪه مڪرمه ۾ ته جهاد جو تصور به نه هو ۽ هن ڳالهه تي به سڀني عالمن جو اتفاق آهي ته زڪواة جي فرضيت جو حڪم مدينه منوره ۾ ٿيو هو.

مضمون: هن سورة جي شروعات ۾ رب العزة جل شانه پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام کي رات جو اڌ حصو يا گهٽ يا وڌ عبادت ۾ مصروف رهڻ جو حڪم فرمايو آهي ڇو ته رات جي خاموشيءَ ۾ قرآن ڪريم جي تلاوت ۽ الله عزوجل جي ذڪر سان روح جي طاقتن ۾ اضافو ٿئي ٿو ان وقت واري عبادت سان اسرار الاهي تي مطلع هجڻ جي استعداد پيدا ٿئي ٿي الله تعالیٰ جي طرفان ٻانهي تي جيڪي فرائض عائد ڪيا ويا آهن انهن جي نهايت سهٽي نموني سان ادائيگي جي قوت ۽ همت پيدا ٿئي ٿي نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جو ارشاد گرامي آهي "ادبني ربي فاحسن تاديبي" (منهنجي رب مون کي ادب سيکاريو پوءِ تمام سهٽو ادب سيکاريو) خداوندي تاديب ۽ تربيت جو هي به هڪ حصو آهي حضور عليه الصلواة والسلام جن اصحابن سڳورن کي به رات جي پوئين حصي ۾ جاڳڻ جي ترغيب ڏياريندا هئا اصحاب سڳورا وڏي ذوق ۽ شوق سان رات جي پوئين حصي ۾ سجاڳ ٿيندا هئا ۽

(١) تفسير خازن ص: ٣٢ ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور ص ـ ٣١١ ـ جلد ٨

الله عزوجل جي عبادت ۾ مصروف رهندا هئا انهن ئي نبوي ارشادات جي طفيل امت جا اولياءَ ۽ صالح شخص سحريءَ جي وقت جاڳي پنهنجي رب جي ذڪر ۽ ان جي ياد ۾ محو رهندا آهن. علامه اقبال جو سهڻو قول آهي.

عطار ہو، رومی ہو، رازی ہو، غزالی ہو
کچھ ہاتھ نہیں آتا، بے آہ سحرگاہی

"رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ" (آيت ع-٩- کان ع-١٤- تائين فرمان ۾ هي ٻڌايو ويو آهي ته نبوت جون نازڪ ۽ ڳريون ذميداريون ادا ڪرڻ جي رستي ۾ طرح طرح جون رڪاوٽون پيش اينديون اي حبيب! عليك الصلواة والسلام اوهان انهن کان پريشان نه ٿجو پنهنجي رب العزة جل وعلا کي پنهنجو ڪارساز يقين ڪيو اوهان جو رب اهو آهي جيڪو مشرق ۽ مغرب جي هر شيءِ جو پرودگار آهي مخالف جيڪڏهن اوهان کي ايذائڻ جي پويان پون ته اوهان صبر جي ڍال سان انهن جو هر وار روڪجو اسين پاڻ انهن کي سزا ڏينداسون اسان وٽ انهن جي لاءِ جهنم جي باهه. جهنم جون ڏنداپيڙيون آهن ۽ اهڙو ڪاڌو آهي جيڪو سندن نڙيءَ ۾ ڦاسندو نه هيٺ لهندو نه مٿي چڙهندو "إِنَّآ أَرْسَلْنَآ إِلَيْكُمْ" ع-١٥- کان ع-١٩- تائينْ آيتن ۾ مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن کي متنبه ڪيو ويو آهي ته اوهان کي فرعون جي حسرت ۽ عبرت جهڙي انجام کان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي فرعون ۽ سندس قوم اسان جي رسول حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي ڪوڙو چيو ۽ ان کي ايذائڻ جي حد ڪري ڇڏي انهن کي به پنهنجي طاقت ۽ قوت تي هٺ هو پر جڏهن اسان جي غضب انهن تي ڪڙڪو ڪيو ته اهي ٻڏي تباهه ۽ برباد ٿي ويا ڇا اوهان پنهنجي لاءِ اهڙي عاقبت پسند ڪيو ٿا؟ ٻئي رڪوع ۾ تهجد جي نماز ۾ هلڪائي ڪئي وئي رات جو اڌ حصو جاڳي عبادت ڪرڻ عام ماڻهن جي لاءِ گهڻو ڏکيو هو انهن ۾ ڪي بيمار، ڪي مسافر، ڪي جهاد ۾ مصروف هوندا سڀي ڏينهن جي ٿڪاوٽ انهن کي چور ڪري ڇڏي ٿي ان جي ڪري انهن لاءِ نرمي فرمائي وئي ته جيتري دير اهي آسانيءَ سان عبادت ۽ تلاوت ڪري سگهندا ايتري ڪافي آهي فرض نماز جي سختيءَ سان پابندي ڪن ۽ زڪواة ادا ڪرڻ ۾ سستي نه ڪن آخر ۾ ارشاد ٿيو ته الله عزوجل جي دين جي سربلنديءَ جي لاءِ جيڪڏهن اوهان کي پنهنجو مال خرچ ڪرڻو پوي ته دل کولي ڪيو الله جلت صفاته جي واٽ ۾ جيترو به خرچ ڪندؤ اهو اجايو نه ويندو اهو ائين آهي ڄڻ ته اوهان پنهنجي رب کي قرض ڏيو ٿا الله عزوجل قيامت ۾ اهو اوهان کي ڪيترا حصا وڌائي ڏيندو ان ڏينهن اوهان کي خبر پوندي ته الله عزوجل

جي وات ۾ خرچ ڪري اوهان ڪيترو نفعو ڪمايو آهي. "وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ" (۽ الله کان مغفرت گهرو) فرمائي ان خطري کان به آگاهه فرمايائين ته ڪٿي اوهان ۾ غرور نه پيدا ٿئي هميشه پنهنجي رب کان پنهنجين غلطين جي معافي گهرندا رهو ته اهو غفور رحيم اوهان جي لغزشن کي معاف ڪندو ۽ اوهان جا سهڻا اعمال قبول فرمائيندو.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة جي آخر ۾ رسولن عليهم الصلواة والسلام جي رسالات پهچائڻ جو ذڪر هو ۽ هن ۾ انهن رسولن مان آخري رسول عليه الصلواة والسلام سان خطاب ڪندي ارشاد ٿيو "يٰٓاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ" (اي چادر ڍڪيندڙ!).

پلايون ۽ برڪتون: علامه ابو حفص عمر بن علي دمشقي پنهنجي تفسير ۾ لکيو آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن سورة "يٰٓاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ" پڙهي ان تان دنيا ۽ آخرت ۾ تنگي دور ڪئي ويندي." (۱)



(۱) اللباب في علوم الكتب صـ۴۸۹ـ جلد ۱۹

وَهِيَ عِشْرُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْمُزَّمِّلُ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ٢٠ آيتون آهي	سورة المزمل مڪي آهي	۽ ان ۾ ٻه رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو ئي مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

يَآاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ (١) قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا (٢) نِّصْفَهٗٓ اَوِانْقُصْ مِنْهُ قَلِيْلًا (٣)

اي چادر ويڙهندڙ! رات جو (نماز لاءِ) اٿو مگر ٿورو ان جو اڌ يا ان مان گهٽ ۽ ٿورو

اَوْزِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا (٤) اِنَّا سَنُلْقِيْ عَلَيْكَ قَوْلًا ثَقِيْلًا (٥)

يا وڌاءِ ان تي ۽ ٺاهي پڙهه ٺاهي پڙهڻ بيشڪ اسين جلد القاءُ ڪنداسون توتي قول ڳرو

اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيْلِ هِيَ اَشَدُّ وَطْـًٔا وَّاَقْوَمُ قِيْلًا (٦) اِنَّ

بلاشڪ اٿڻ رات جو اهو سخت آهي لتاڙڻ جي لحاظ سان ۽وڌيڪ درست ڪندڙ قول کي بلاشڪ

لَكَ فِي النَّهَارِ سَبْحًا طَوِيْلًا (٧) وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ

تنهنجي لاءِ ڏينهن ۾ مصروفيت ڊگھي آهي ۽پنهنجي رب جو نالو يادڪر۽(سيني ڪان)ڪٽجي رهه ان ڏانهن

تَبْتِيْلًا (٨) رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ لَآاِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَاتَّخِذْهُ وَكِيْلًا (٩)

بلڪل ڪٽجڻ رب اوڀر جوءِ اولهه جوناهي ڪوعبادت جي لائق ان ڪان سواءِ پوءِ وٺ ان کي ڪارساز

تفسير

اڳيئن سورة ۾ ارشاد ٿيو "وَاَنَّهٗ لَمَّا قَامَ عَبْدُاللّٰهِ يَدْعُوْهُ" (۽ تحقيق شان هيءُ آهي ته جڏهن الله جو ٻانهو بيهي ان جي عبادت ڪري ٿو) ۽ هتي حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي رات جو بيهي عبادت ڪرڻ جو ارشاد ٿي رهيو آهي. "يَآاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا" (اي چادر ڍڪيندڙ رات جو (نماز لاءِ) اٿو مگر ٿورو).

شان نزول: بزار، طبراني الاوسط ۾ ۽ ابو نعيم الدلائل ۾ حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته ڪافر پنهنجي ميٽنگ هال ۾ گڏ ٿيا ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته هن مڙس (حضور عليه الصلواة والسلام) جو اهڙو نالو رکو جو اهو ٻڌڻ سان ماڻهو ان کان ٻچي وڃن هڪڙن چيو ته "پوپو آهي" ٻين چيو ته "نه"، هڪڙن چيو ته "مجنون"

آهي ٻين چيو تہ "نہ"، هڪڙن چيو تہ "جادوگر آهي" ٻين چيو تہ "نہ". چوڻ لڳا تہ هي محبت وارن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري ٿو بس اها گفتگو ڪري هڪ ٻئي کان موڪلائي روانا ٿيا جڏهن اها ڳالهہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن تائين پهتي تہ پاڻ پنهنجن ڪپڙن ۾ ويڙهجي سمهي پيا پوءِ جبريل سندن خدمت ۾ "يَآاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ" ۽ "يَآاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ" کڻي آيو. احمد، مسلم، ابوداؤدي، نسائي ڪتاب الصلواة ۾، محمد بن نصرؒ ۽ السنن ۾ بيهقي سعد بن هشام کان روايت آندي آهي تہ مون (سيده) عائشہ رضي الله عنها کان رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن جي رات واري بيهڻ جي متعلق عرض ڪري پڇيو ان فرمايو تہ "ڇا تو "يَآاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ" سورة نہ پڙهي آهي؟" مون عرض ڪيو تہ "هائو" سيده فرمايو تہ "الله عزوجل هن سورة جي اول ۾ رات جو عبادت ۾ بيهڻ فرض فرمايو ۽ حضور عليہ الصلواة والسلام جن ۽ سندن اصحاب سڳورا رضي الله عنهم سڄو سال سڄي رات ايترو بيٺا هئا جو سندن پير (مبارڪ) سُڄي پيا ۽ الله جل وعلا هن سورة جي پوئين حصي کي ٻارهن مهينا آسمان تي روڪي رکيو ان کان پوءِ هن سورة جي آخر ۾ هلڪائي نازل فرمائي ۽ رات جو بيهڻ فرض هجڻ کان پوءِ نفل ٿي ويو." (١) "المزمل" اصل ۾ "المتزمل" تزمل تيابہ کان ورتل آهي يعني پاڻ تي پنهنجا ڪپڙا ويڙهيائين ۽ هي حضور عليہ الصلواة والسلام جن سان خطاب وحي جي شروعات ۾ دين جي دعوت ڏيڻ کان اول هو ان کان پوءِ نبوت ۽ رسالت سان "يَآاَيُّهَا النَّبِيُّ" ۽ "يَآاَيُّهَا الرَّسُوْلُ" سان خطاب ڪيا ويا. (٢) جمهور مفسرن جو قول آهي تہ جڏهن حراءَ نالي غار ۾ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ جبريل آيو ۽ جيڪو عرض ڪرڻو هوس عرض ڪيائين تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن (سيده) خديجة رضي الله عنها ڏانهن موٽي آيا ۽ ان کي فرمايائون "زملوني، زملوني" "مون کي چادر ويڙهيو مون کي چادر ويڙهيو" پوءِ "يَآاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ" نازل ٿي ۽ ان کان پوءِ "يَآاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ" (نازل ٿي ۽ ڪين ان لقب سان عرب جي دستور مطابق خطاب ڪيو ويو. عرب ۾ دستور آهي تہ جڏهن ڪنهن سان لطف ۽ محبت جو اظهار ڪرڻو هوندو آهي تہ جنهن حالت ۾ اهو هوندو آهي ان مان ئي ڪو صيغو ڪڍي ان سان ان کي خطاب ڪندا آهن. (٣) هڪ ڀيري حضرت حذيفہ رضي الله عنہ ستو پيو هو تہ ان حالت ۾ سندس مٿان حضرت حبيب ڪريم

(١) الدرالمنثور صـ٣١١/٣١٢ـ جلد ٨ (٢) المظهري صـ١٠٢ـ جلد ١٠
(٣) روح المعاني صـ١٢٦ـ جزء ٢٩ جلد ١٠

عليه الصلواة والسلام جن تشريف فرما ٿيا ۽ ڪيس فرمايائون تہ "قم يانومان!" (اي ننڊ ڪندڙ اٿي "سجاڳ ٿي") هڪ ڀيري حضرت علي مسجد جي فرش تي ستو پيو هو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن مٿان اچي فرمايو "قم يا اباتراب"(اي مٽيءَ جا ابا اٿي ويهہ) هڪ ڀيرو پاڻ حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کي ٻليءَ جي خدمت ڪندي ڏسي ان کي "ابو هريرة" سڏيائون تہ ان سان ايترو مشهور ٿي ويو جو ان جو اصل نالو ڪنهن کي خبر هوندي. علامہ آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي تہ "يَآاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ" اهل عرب جي دستور مطابق نهايت محبت ۽ لطف جي اظهار وارو خطاب آهي ۽ علامہ ابن جرير هن خطاب جا ٻہ وجہ لکيا آهن "١" تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن نماز جي لاءِ ڪپڙا ڍڪي تيار ٿيا هئا تڏهن ڪين ان خطاب سان سڏيو ويو "اي ڪپڙا ڍڪي منهنجي عبادت جي لاءِ تياري ڪندڙ!" "٢" تہ "اَلْمُزَّمِّلُ" زمل کان ورتل آهي ان جي معنيٰ آهي بار، پوءِ "يَآاَيُّهَاالْمُزَّمِّلُ" جي معنيٰ ٿيندي اي نبوت جو بار کڻندڙ! ۽ الله عزوجل جي ڪامل ولي خواجہ يعقوب چرخي عليه الرحمة ان جي معنيٰ ڪئي آهي "اي رسالت جو شاندار لباس ڍڪڻ وارا!" مطلب تہ اي محبوب عليك الصلواة والسلام! رات جو اٿي عبادت ڪيو مگر ٿورو وقت آرام بہ فرمايو. (١)

"نِصْفَهٗٓ اَوِانْقُصْ مِنْهُ قَلِيْلًا اَوْزِدْ عَلَيْهِ" (ان جو اڌ يا ان مان ٿورو گهٽايو يا ان تي وڌايو) مطلب تہ آرام واري اها ٿوري رات اڌ هجي يا ان کان ڪجهہ اجان گهٽايو يا ان اڌ کان وڌايو تہ بہ ڪا تنگي نہ آهي جڻ تہ الله عزوجل پنهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام کي اختيار ڏئي ڇڏيو رات جو اڌ آرام ڪيو يا ان کان بہ گهٽ ڪيو يا اڌ کان وڌيڪ ڪيو اوهان تي ڪا ميار ناهي نہ پائبندي آهي. "وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا" (۽ قرآن ٺاهي ٺاهي پڙهہ) مطلب تہ مزي مزي سان، آرام سان پڙهہ ان طريقي سان قرآن پاڪ جو سمجهڻ ۽ ان ۾ تدبر ڪرڻ آسان ٿيندو ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن پڙهندا بہ اهڙي طرح هئا. صحيح بخاري ۾ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي. ان کان حضور عليه الصلواة والسلام جن جي قراءة جي باري ۾ پڇيو ويو ان ٻڌايو تہ "مد ڇڪي پڙهندا هئا "بسم الله الرحمن الرحيم" ۾ بسم الله کي مد سان، الرحمن کي مد سان، الرحيم کي مد سان (ٺاهي ٺاهي) ڇڪي پڙهندا هئا" احمد، ابوداؤد ۽ ترمذي حضرت سيده ام سلمہ رضي الله عنها کان روايت آندي آهي ان کان حضور عليه الصلواة والسلام جن جي قراءة جي متعلق سوال ڪيو ويو ان فرمايو تہ "آيت، آيت جدا جدا ڪري پڙهندا هئا." (٢) "اِنَّا سَنُلْقِيْ عَلَيْكَ قَوْلًا ثَقِيْلًا" (بلاشڪ

(١) ضياءُ القرآن صـ٤٠١ـ جلد ٥ (٢) تفسير ابن ڪثير صـ٤٣٤ـ جلد ٤

اسين جلد تو تي ڳرو قول القاءُ ڪنداسون) مطلب تہ اي محبوب عليك الصلواة والسلام اوهان تي اهڙو فرمان لاهينداسون جنهن ۾ بيان ڪيل احڪام نهايت ڳرا ۽ ماڻهن جي نفس تي ڏکيا هوندا ان جا الفاظ پر جلال معنيٰ وارا هوندا، جن مان موتي ۽ جواهر ڪيڻ زياده فڪر، اسرار جي تصفيہ ۽ نظر جي تجريد ڪان سواءِ نہ ٿي سگهندو. (١) ۽ هڪ قول مطابق ان مان مراد وحي جو نزول آهي جو سخت سياري ۾ بہ جڏهن مٿن وحي جو نزول ٿيندو هو تہ ڪين پگهر اچي ويندو هو. (٢) بعض مفسرن فرمايو تہ اهو خداوندي فرمان منافقن تي ڳرو هوندو ۽ بعض فرمايو تہ ثقيل جي معنيٰ ڪريم ۽ بعض فرمايو تہ اهو اترو ڳرو هوندو جو الله جي توفيق ڏنل قلب ڪان سواءِ ۽ توحيد سان سينگاريل نفس ڪان سواءِ ان ڪي ڪير ڪٽي نہ سگهندو. (٣) "اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيْلِ هِيَ اَشَدُّ وَطْئًا وَّاَقْوَمُ قِيْلًا" (بلاشڪ رات جو اٿڻ (نفس ڪي) لتاڙڻ جي لاءِ نهايت سخت ۽ قول ڪي وڌيڪ صحيح رکندڙ آهي) يعني رات جو ننڊ مان اٿي، نرم ۽ گرم بسترو ڇڏي نماز پڙهڻ ذڪر اذڪار ڪرڻ نفس تي گهڻو ڳرو آهي رات جي اٿڻ ۾ هڪ اهو فائدو آهي ٻيو هي فائدو آهي تہ ان وقت وارو قول ۽ ٻول نهايت درست ۽ صحيح هوندو آهي خصوصًا ان وقت قرآن ڪريم جي تلاوت ڏاڍو مزو ڏيندي آهي جو ان وقت ڪنهن بہ قسم جو شور ۽ گوڙ نہ هوندو آهي. سيدنا ابوهريرة رضي الله عنـه ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "ينزل ربنا كل ليلة الى السماء الدنياحين يبقى ثلث الليل الآخر يقول من يدعونى فاستجيب من يسالنى فاعطيه ومن يستغفرنى فاغفرله" يعني جڏهن رات جو پويون ٽيون حصو بچندو آهي تہ اسان جو رب دنيا واري آسمان تي نزول فرمائيندو آهي ۽ فرمائيندو آهي تہ ڪير آهي جو مون ڪان دعا گهري تہ مان قبول ڪيان، ڪير آهي جو مون ڪان سوال ڪري تہ مان ان ڪي عطا ڪيان، ڪير آهي جو مون ڪان مغفرت گهري تہ مان ان ڪي مغفرت عطا ڪيان ۽ حضرت ابو امامة رضي الله عنـه ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "عليكم بقيام الليل فانه داب الصالحين قبلكم وهو قربة لكم الي ربكم ومكفر للسيات" (٤) رات جو اٿي عبادت ڪرڻ ڪي لازم ڪري وٺو بلاشڪ اهو اوهان ڪان اڳين صالحن جو دستور هو ۽ اهو اوهان جي لاءِ اوهان جي رب ڏانهن قرب جو ذريعو ۽ براين ڪي ميٽيندڙ آهي. "اِنَّ لَكَ فِى النَّهَارِ سَبْحًا طَوِيْلًا" (بلاشڪ اوهان جي لاءِ ڏينهن ۾ ڊگهي مصروفيت آهي) يعني ڏينهن جو ماڻهن ڪي

(١) نظم الدرر صـ٢٠٦ـ جلد ٨ (٢) حدائق الروح والريحان صـ٣٤٩ـ جلد ٣٠
(٣) الصاوي صـ٢٤٥ـ جزءُ ٤ (٤) ضياءُ القرآن صـ٤٠٤ـ جلد ٥

سمجهائڻ ۾ ڪيتريون ٻيون به مشغوليون آهن جو اهي اوهان جي حق ۾ بالواسطه عبادت آهن تنهن هوندي به بلاواسطه رب العزة جل شانه جي عبادت ۾ مشغول ٿيڻ جي ڪري ڪي ڪم رهجي وڃن ته اهي ڏينهن جو ڪري سگهجن ٿا. "وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ إِلَيْهِ تَبْتِيلًا" (۽ پنهنجي رب جي نالي جو ذڪر ڪر ۽ ان ڏانهن (ٻين ڪان) ڪٽجي رهه) مطلب ته رات جي عبادت ڪان سواءِ پنهنجي رب جو ذڪر ڪيو گهمندي، ڦرندي، اٿندي وهندي ان جي ياد ۾ مشغول رهو ان پاڪ ذات جي ذڪر ڪان اوهان ڪي غير جو ڪو به تعلق غافل نه ڪري بلڪ باطن سان ٻين سڀني ڪان ڪٽجي هڪ ان وحده لاشريڪ له سان مشغول رهو يا هيئن چئجي ته ٻيا سڀ تعلقات ان هڪ جي تعلق ۾ گم هجن جنهن کي صوفياءَ ڪرام وٽ "بي همه وباهمه" (سڀني ڪان جدا ۽ سڀني سان گڏ) يا خلوت در انجمن. (جماعت ۾ رهندي اڪيلائي) سڏيندا آهن. (١) ابن زيد فرمايو ته تبتل مان مراد آهي ته دنيا وما فيها ڪان (قلبي لحاظ سان) ڪٽجي صرف اهو طلب ڪريو جيڪو الله عزوجل وٽ آهي ته الله عزوجل به اوهان لاءِ خصوصي طرح توجه فرمائيندو ۽ ڪٽجي رهڻ مان مراد اها ناهي ته ماڻهن سان ملاقات بند ڪري ڇڏجي ۽ الله عزوجل جي ٻانهن جا حق ادا نه ڪجن ڇو ته اسلام ۾ رهبانيت ناهي انسان تي ان جي سر جو حق آهي، اهل عيال جو حق آهي، مهمان جو حق آهي وغيره وغيره صوفياءَ عظام فرمايو آهي ته اسين جنهن واٽ کي طي ڪرڻ جي پويان آهيون اها به وکون آهي "١" هڪ خلق ڪان (قلبي طرح) ڪٽجڻ، "٢" ٻي حق ڏانهن واصل ٿيڻ ۽ اهي ٻئي هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. (٢) "رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ فَاتَّخِذْهُ وَكِيلًا" (اوڀر ۽ اولهه جو رب ان ڪان سواءِ ڪو به عبادت جو لائق ناهي پوءِ ان کي ئي ڪارساز بناءِ) هي هڪ وهم جو دفع ڪرڻ آهي ۽ اهو هي هو ته انسان جڏهن ماڻهن ڪان ڪٽجي ويندو ته ان جي معاشي امور ۾ خلل پوندو ڇو ته انسان طبعي طور واسطن ۽ رابطن سان هلندو آهي. الله عزوجل فرمايو ته اهو اوڀر، اولهه ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ شهر، ٻانها نفعا وغيره آهن سڀني جو رب آهي دلين جو ڦيرائڻ به ان جي قدرتي هٿ ۾ آهي نفعو ۽ نقصان به ان جي وس ۾ آهي ان کي پنهنجو ڪارساز بناءِ ته اهو تنهنجي لاءِ ٻين سڀني ڪان ڪافي ٿيندو. ترمذي ۽ ابن ماجه حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "جيڪڏهن اوهان الله تي ائين توڪل ڪيو ها جيئن توڪل ڪرڻ جو حق آهي ته اوهان کي ائين رزق ڏي ها جيئن پکين کي رزق ڏي ٿو صبح جو بکيا وڃن ٿا

(١) حاشي عثماني ص-٧٦٢- (٢) المظهري ص-١١٠- جلد ١٠

شام جو پيٽ ڀري موٽن ٿا." (١) ۽ مشهور مقولو آهي ته "من رضي بالله وكيلا وجد الي كل خير سبيلا" (جيڪو الله عزوجل کي وڪيل بنائڻ تي راضي ٿيو ان هر ڀلائيءَ ڏانهن رستو لڌو) ۽ اهو به ذڪر ڪيو اٿن ته توڪل جو مقام تبتل ڪان مٿي آهي. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "يَآاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ" (اي چادر ويڙهيندڙ) هن مان ٻه ڳالهيون معلوم ٿيون "١" ته قرآن ڪريم ۾ ٻين نبين عليهم الصلواة والسلام کي نالن سان سڏيو ويو آهي ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي القاب سان، "٢" ته محبوب (عليه الصلواة والسلام) جي هر ادا محبوب آهي، صوفياءَ ڪرام ان جي معنيٰ ڪئي آهي ته اي بشريت جي چادر ڍڪي مخلوق ۾ وڃڻ وارا! يا عبادت ۽ رياضت جو لباس ڍڪڻ وارا!. ٢. "وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا" (۽ قرآن ٺاهي ٺاهي پڙهه) هن مان معلوم ٿيو ته تهجد جي نماز ۾ تسبيح، رڪوع، سجدا سڀ جزءُ شامل آهن پر انهن ۾ اصل مقصد قرآن ڪريم ٺاهي ٺاهي پڙهڻ آهي ان جي ڪري ئي حضور عليه الصلواة والسلام جن ۽ اصحاب سڳورا تهجد جي نماز طويل پڙهندا هئا جو ان ۾ قرآن ڪريم گهڻو پڙهندا هئا هن مان اهو به معلوم ٿيو ته قرآن ڪريم جو صرف پڙهڻ مطلوب ناهي بلڪ ٺاهي ٺاهي پڙهڻ مطلوب آهي جنهن ۾ هر هڪ ڪلمه صاف ۽ صحيح ادا ٿئي ٺاهي پڙهڻ ۾ سهڻو آواز به شامل آهي حضرت ابو هريرة رضي عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "الله تعالىٰ ڪنهن جي قراءت ۽ تلاوت اهڙي نه ٿو ٻڌي جهڙو ان نبي جي تلاوت کي ٻڌي ٿو جيڪو سهڻي آواز سان وڏي واڪ پڙهي ٿو." (٣)

وَاصْبِرْ عَلٰى مَايَقُوْلُوْنَ وَاهْجُرْهُمْ هَجْرًا جَمِيْلًا (١٠) وَذَرْنِىْ وَالْمُكَذِّبِيْنَ

۽ صبر ڪر ان تي جيڪو چون ٿا ۽ ڇڏي ڏي انهن کي ڇڏڻ سهڻوءِ ڇڏي ڏي مون کي ۽ ڪوڙو چوندڙن

اُولِى النَّعْمَةِ وَمَهِّلْهُمْ قَلِيْلًا (١١) اِنَّ لَدَيْنَآ اَنْكَالًا وَّجَحِيْمًا (١٢) وَّطَعَامًا

مالدارن کي ۽ مهلت ڏي انهن کي ٿوري بلاشڪ اسان وٽ نيل ۽ باهه ۽ کاڌو

ذَاغُصَّةٍ وَّعَذَابًا اَلِيْمًا (١٣) يَوْمَ تَرْجُفُ الْاَرْضُ وَالْجِبَالُ وَكَانَتِ الْجِبَالُ

گهٽي ڏيڻ وارو ۽ عذاب دردناڪ آهي جنهن ڏينهن ڏڪندي زمين ۽ جبل ۽ هوندا جبل واريءَ جا

كَثِيْبًا مَّهِيْلًا (١٤) اِنَّآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْكُمْ رَسُوْلًا شَاهِدًا عَلَيْكُمْ كَمَآ اَرْسَلْنَآ

ڍير وهايل بيشڪ اسان موڪليو اوهان ڏانهن رسول شاهدي ڏيندڙ اوهان تي جيئن موڪليوسون

(١) ساڳيو حوالو (٢) المراغي ص ١١٤ ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠ (٣) معارف القرآن ص ٥٩٠ ـ جلد ٨

اِلٰى فِرْعَوْنَ رَسُوْلًا (١٥) فَعَصٰى فِرْعَوْنُ الرَّسُوْلَ فَاَخَذْنٰهُ اَخْذًا وَّبِيْلًا (١٦)

فرعون ڏانهن رسول پوءِ بي فرماني ڪئي فرعون رسول جي پوءِ پڪڙيوسون ان کي پڪڙڻ سختيءَ وارو

فَكَيْفَ تَتَّقُوْنَ اِنْ كَفَرْتُمْ يَوْمًا يَّجْعَلُ الْوِلْدَانَ شِيْبًا (١٧) السَّمَآءُ

پوءِ ڪيئن بچندؤ جيڪڏهن ڪفر ڪيو ان ڏينهن جيڪو بنائيندو ٻارن کي پوڙهو آسمان

مُنْفَطِرٌ بِهٖ كَانَ وَعْدُهٗ مَفْعُوْلًا (١٨)

ڦاٽندڙ هوندو ان سان هوندو ان جو وعدو پورو ڪيل

تفسير

اڳين آيتن ۾ ٻانهن جو سندن پيدا ڪندڙ الله عزوجل سان معاملو بيان ڪيو ويو ۽ هتي ٻانهن جي طرفان پيش ايندڙ حالتن جي متعلق هدايتون ڏيندي فرمان تي رهيو آهي. "وَاصْبِرْ عَلٰى مَايَقُوْلُوْنَ وَاهْجُرْهُمْ هَجْرًا جَمِيْلًا" (۽ جيڪو ڪجهہ چون ٿا ان تي صبر ڪر ۽ انهن کي سهڻي نموني ڇڏي ڏي) مطلب تہ اي محبوب! عليك الصلواة والسلام ڪافر جيڪو چون ٿا، اوهان جي دل آزاري ڪن ٿا ان تي اوهان صبر ڪيو ۽ انهن کان انتقام وٺڻ جي لاءِ نہ سوچيو "انهن کي سهڻي نموني ڇڏي ڏيو" جو مطلب تہ انهن جي غلطين ۽ بيوقوفين کان درگذر فرمايو. "وَذَرْنِيْ وَالْمُكَذِّبِيْنَ اُولِى النَّعْمَةِ وَمَهِّلْهُمْ قَلِيْلًا" (مون کي ۽ ڪوڙو چوندڙن، مالدارن کي ڇڏي ڏي ۽ انهن کي ٿوري مهلت ڏي) يعني جيڪي مالدار ڪافر اوهان کي ڪوڙو چون ٿا اوهان جي حق ۽ سچ واري پيغام کي نہ ٿا مڃين اوهان انهن کي ۽ مون کي ڇڏي ڏيو مان انهن جي هر قسم جي شر کان اوهان جي لاءِ ڪافي آهيان انهن کي اها سزا ڏيندس جنهن جا اهي لائق آهن انهن کي ٿورو وقت مهلت ڏيو تانجو انهن جي عذاب لاءِ مقرر ڪيل مدو اچي. روايت آهي تہ هيءَ آيت وڏن قريشي ڪافرن ۽ مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو ڪافرن رئيسن جي باري ۾ لٿي هئي مومنن جي ماءُ سيده عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ هن آيت جي نزول کان پوءِ جلد بدر جي جنگ جو واقعو پيش آيو. (١) جنهن ۾ ڪافرن کي سخت سزا ملي. "اِنَّ لَدَيْنَآ اَنْكَالًا وَّجَحِيْمًا وَّطَعَامًا ذَاغُصَّةٍ وَّعَذَابًا اَلِيْمًا" (بلاشڪ اسان وٽ ڳرا نيل ۽ دوزخ جي باهہ ۽ گهٽو ڏيندڙ کاڌو ۽ دردناڪ عذاب آهي) مطلب تہ انهن کوڙو چوندڙن، ايمان نہ آڻيندڙن جي لاءِ اسان وٽ نهايت ڳرا ۽ وزني نيل (پيرن ۾ لڳندڙ ڏنڊا ٻيڙيون) جن جي وزن جي ڪري چري پري نہ سگهندا ۽ انهن جي منهن کي ساڙيندڙ جهنم جي باهہ ۽ نڙي ۾ ڦاسي پوندڙ، گهٽو ڏيندڙ کاڌو ٿوهر وغيره ۽ دردناڪ عذاب تيار آهي. حضرت امام

(١) المراغي ص ١١٥ ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠

حسن بصري رضي الله عنــه هڪ ڀيري نفلي روزو رکيو شام جو جڏهن سندس اڳيان روزي کولڻ جي لاءِ کاڌو رکيو ويو ته کنهن ماڻهوءَ سندس اڳيان مذکوره آيت پڙهي ته پاڻ ان جي ڪيفيت کان ايترو متاثر ٿيا جو کاڌو استعمال نه ڪيائون ۽ فرمايائون ته ڪٽي ويجو وري ٻئي ڏينهن به ساڳيو حال ٿيو ته ٽئين ڏينهن به ساڳيو حال ٿيو. اها خبر جڏهن حضرت ثابت بناني، يزيد ضبي ۽ يحييٰ بڪاءَ ٻڌي ته انهن اچي ڪين ڪاڏي ڪائڻ تي زور ڏنو پوءِ پاڻ سَتُن جو ذرو استعمال ڪيائون. (١) "يَوْمَ تَرْجُفُ الْاَرْضُ وَالْجِبَالُ وَكَانَتِ الْجِبَالُ كَثِيْبًا مَّهِيْلًا" (جنهن ڏينهن زمين ۽ جبل ڏڪندا ۽ جبل واريءَ جا هاريل ڍڳ (ڍير) هوندا) يعني ان ڏينهن زمين ڏڪندي ۽ جبل به ڏڪندا پر جبل ان ڏڪڻ جي ڪري هاريل واريءَ جا ڍير بنجي ويندا انهن جي موجوده سختي ختم ٿي ويندي. "اِنَّآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْكُمْ رَسُوْلًا ۙ شَاهِدًا عَلَيْكُمْ كَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ رَسُوْلًا" (بلاشڪ اسان اوهان ڏانهن اوهان تي شاهدي ڏيندڙ رسول موڪليو آهي جيئن اسان فرعون ڏانهن رسول موڪليو هو) مڪــه مڪرمــه جي رهندڙ ڪافرن جي اڳيان فرعون جو ذڪر ڪيو ويجي ٿو جنهن جي شان، شوڪت ۽ ٻڌڻ جو ذڪر اهي پنهنجن وڏن کان ٻڌندا آيا هئا انهن کي چيو ويجي ٿو ته اسان اوهان ڏانهن اهڙو رسول موڪليو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن اوهان جي ڪفر ۽ ايمان جي شاهدي ڏيندو. جيئن اسان فرعون ڏانهن پنهنجو رسول حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام موڪليو هو. "فَعَصٰى فِرْعَوْنُ الرَّسُوْلَ فَاَخَذْنٰهُ اَخْذًا وَّبِيْلًا" (پوءِ فرعون رسول جي بي فرماني ڪئي ته اسان ان کي سختيءَ سان پڪڙيو) يعني فرعون اسان جي نبي حضرت موسيٰ علي نبينا وعليــه الصلواة والسلام کي نه مڃيو ۽ ڪوڙو چيو ته اسان فرعون کي سختيءَ سان پڪڙي سزا ڏئي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو جيڪڏهن اوهان به منهنجي رسول عليــه الصلواة والسلام جي تڪذيب ڪئي ان جي حڪم کي نه مڃيو ته اوهان به اهڙي سزا جي لاءِ تيار رهو. "فَكَيْفَ تَتَّقُوْنَ اِنْ كَفَرْتُمْ يَوْمًا يَّجْعَلُ الْوِلْدَانَ شِيْبًا ۖ السَّمَآءُ مُنْفَطِرٌۢ بِهٖ" (پوءِ جيڪڏهن ڪفر ڪيو ته ان ڏينهن کان ڪيئن بچندؤ جيڪو ٻارن کي پوڙهو ڪندو، آسمان ان سان ڦاٽندڙ هوندو) مطلب ته جيڪڏهن اوهان ڪفر کان نه مُڙيا، گمراهيءَ ۽ بي دينيءَ تي هميشگي ڪندا رهيا ته پوءِ ان ڏينهن خداوندي عذاب کان ڪيئن بچندؤ جيڪو دردناڪ ۽ خطرناڪ هجڻ جي ڪري ٻارن کي به پوڙهو بنائي ڇڏيندؤ، آسمان به ان ڏينهن ڦاٽندڙ هوندو) "كَانَ وَعْدُهٗ مَفْعُوْلًا" (ان جو وعدو (پورو) ڪيل آهي) يعني الله عزوجل جو وعدو پڪو آهي اوهان ان کي ڪيترو به پري يا ناممڪن سمجهو اهو ضرور پورو ٿيندو.

(١) ساڳيو حوالو

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ" (۽ جيڪي چون ٿا ان تي صبر ڪر) مفسرن لکيو آهي تہ هي سلوڪ جي مقامات مان نهايت اعليٰ مقام آهي. جو جن جي خيرخواهي ۽ همدرديءَ ۾ ڪو پنهنجي ساري قوت. سگهہ ۽ ساري عمر خرچ ڪري انهن جي طرفان ان ڪي بدلي ۾ گاريون، ايذاءَ طرح طرح جا ظلم ۽ ستم ملن تہ ان تي صبر ڪري، انتقام جو ارادو بہ نہ ڪري. اهو ئي اهو اعليٰ مقام آهي جيڪو صوفيا ڪرام جي اصطلاح ۾ فناءَ ڪامل ڪان سواءِ نصيب نہ ٿيندو آهي. ٢. "وَاهْجُرْهُمْ هَجْرًا جَمِيْلًا" (۽ انهن ڪي سهڻي نموني ڇڏي ڏيو) مان معلوم ٿيو تہ جنهن ڪي شرعي حڪم جي ڪري ڇڏي ڏجي ان جي بہ گلا ۽ شڪوي نہ ڪجي ان جي ڪري جڏهن حضور عليہ الصلواة والسلام جن ڪي ڪافرن سان تعلق ڇڏڻ جو حڪم ڪيو ويو تہ ان سان "هجراجميلا" قيد لڳايو ويو تہ اوهان جي بلند منصب ۽ وڏي اخلاق جي تقاضا هيءَ آهي تہ جن سان اوهان واسطو ڇڏيو انهن جي لاءِ بہ زبان ڪي بري ڳالهائڻ ڪان محفوظ رکو.٣. "وَطَعَامًا ذَاغُصَّةٍ" (۽ گهٽي ڏيڻ وارو کاڌو) مان معلوم ٿيو تہ ڪافرن ڪي کائڻ جي لاءِ اهڙي شي ڏني ويندي جيڪا سندن نڙيءَ ۾ ڦاسي پوندي نہ مٿي واپس ايندي نہ ڪيت ڏيڻ سان هيٺ لهندي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو آهي تہ ان ۾ ڪنڊا هوندا جيڪي سندن نڙيءَ ۾ ڦاسي پوندا. (١) ٤. "اِنَّآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْكُمْ رَسُوْلًا شَاهِدًا عَلَيْكُمْ" (بيشڪ اسان اوهان ڏانهن اوهان تي شاهدي ڏيندڙ رسولِ موڪليو آهي) مان بہ ڳالهيون معلوم ٿيون "١" تہ اسان ۾ ۽ رسول عليہ الصلواة والسلام ۾ فرق آهي تہ اسين سڀ الله عزوجل جا پيدا ڪيل آهيون ۽ رسول عليہ الصلواة والسلام پيدا ڪيل بہ آهي تہ موڪليل بہ آهي جيئن هڪ ملڪ ۾ ٻئي ملڪ وَاري عام ماڻهوءَ جي آمد ۽ سفير يا وزير جي آمد ۾ فرق آهي اسين هتي پنهنجي ذميداريءَ تي آيا آهيون ۽ حضور عليہ الصلواة والسلام جن الله عزوجل جي ذميداريءَ تي آيا آهن ان جي ڪري سندن ڪم ۽ ڪلام الله عزوجل ڏانهن منسوب ڪيل هوندو آهي "٢" اهو بہ معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن پنهنجي امت جي عقائد ۽ اعمال ڪان باخبر آهن تڏهن انهن جي مٿان گواهہ آهن ۽ پاڻ امت جي حالات ڪي مشاهدو فرمائي رهيا آهن. (٢)

إِنَّ هَٰذِهِ تَذْكِرَةٌ ۖ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ إِلَىٰ رَبِّهِ سَبِيْلًا (١٩) إِنَّ رَبَّكَ

بيشڪ هيءَ نصيحت آهي پوءِ جيڪو گهري تہ پنهنجي رب ڏانهن واٽ وٺي بيشڪ تنهنجو رب

(١) معارف القرآن صـ٥٩٦ـ جلد ٨ (٢) نورالعرفان صـ٩١٦ـ

يَعْلَمُ اَنَّكَ تَقُوْمُ اَدْنٰى مِنْ ثُلُثَيِ الَّيْلِ وَنِصْفَهٗ وَثُلُثَهٗ

ڄاڻي ٿو تہ تحقيق تون (نماز ۾) بيهين ٿو ويجهو ٻن ٽهاين رات جو(قدر) ۽ان جو اڌ ۽ ان جي ٽهائي

وَطَآئِفَةٌ مِّنَ الَّذِيْنَ مَعَكَ ؕ وَاللّٰهُ يُقَدِّرُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ؕ عَلِمَ

۽ هڪ جماعت انهن مان جيڪي توسان گڏ آهن ۽ الله اندازي سان رکي ٿو رات ۽ ڏينهن کي ڄاڻي ٿو

اَنْ لَّنْ تُحْصُوْهُ فَتَابَ عَلَيْكُمْ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنَ

تہ هرگز نہ طاقت رکي سگهندؤ ان جي پوءِ ٻاجھہ سان وريو اوهان تي پوءِ پڙهو جيڪو آسان ٿيو

الْقُرْاٰنِ ؕ عَلِمَ اَنْ سَيَكُوْنُ مِنْكُمْ مَّرْضٰى ۙ وَاٰخَرُوْنَ يَضْرِبُوْنَ فِى الْاَرْضِ يَبْتَغُوْنَ

قرآن مان ڄاڻي ٿو تہ جلد ٿيندا اوهان مان بيمار ۽ ٻيا سفر ڪن ٿا زمين ۾ طلب ڪن ٿا

مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ ۙ وَاٰخَرُوْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنْهُ ۙ

الله جو فضل ۽ ٻيا جنگ ڪن ٿا الله جي واٽ ۾ پوءِ پڙهو اهو جيڪو آسان ٿيو ان مان

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاَقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا ؕ وَمَا تُقَدِّمُوْا

۽ قائم ڪيو نماز ۽ ڏيو زڪواة ۽ قرض ڏيو الله کي قرض سهڻو ۽ جيڪا اڳي ڪري موڪلي اوهان

لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرًا وَّ اَعْظَمَ اَجْرًا ؕ وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ

پنهنجن سرن لاءِ ڀلائي تہ لهندؤ اوهان ان کي الله وٽ اهوڀلو ۽ وڌو هوندو اجر ۾ ۽ الله کان مغفرت گهرو

اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ع (٢٠) ٢ع ١٤

بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي لاءِ عذابن ۽ فرعون جهڙن بدبختن جي حالات جو بيان هو ۽ هتي بيان ٿيو آهي تہ هيءَ نيڪ بختن جي لاءِ نصيحت آهي. فرمان خداوندي آهي "اِنَّ هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ ج" (تحقيق هيءَ نصيحت آهي) يعني مذڪوره آيتون جن ۾ قيامت جي ڏينهن ۽ ڪافرن جي لاءِ ان ۾ پيش ايندڙ حالات، عذاب ۽ سختين جو بيان آهي نصيحت ۽ هدايت آهن. "فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ع" (پوءِ جيڪو گهري تہ پنهنجي رب ڏانهن واٽ وٺي) مطلب تہ جيڪو گهري تہ هنن سان نصيحت حاصل ڪري الله عزوجل ڏانهن رستو وٺي ان تي ايمان آڻي ان جي اطاعت ڪري اهو ئي منهج قويم ۽ صراط مستقيم آهي. "اِنَّ رَبَّكَ يَعْلَمُ اَنَّكَ تَقُوْمُ اَدْنٰى مِنْ ثُلُثَيِ الَّيْلِ وَنِصْفَهٗ وَثُلُثَهٗ وَطَآئِفَةٌ مِّنَ

اَلَّذِيْنَ مَعَكَ (تحقيق تنهنجو رب ڄاڻي ٿو تہ تون رات جي ٻن ٽهاين جي ويجهو ۽ ان جو اڌ ۽ ان جي ٽهائي ۽ هڪ جماعت انهن مان جيڪي تو سان گڏ آهن بيهو ٿا) سمجهڻ گهرجي تہ جڏهن "قُمِ الَّيْلَ" (رات جو اٿي بيهہ) حڪم نازل ٿيو تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن تي رات جو اڌ يا ان کان ٿورو گهٽ يا زياده وقت تهجد جي نماز پڙهڻ ۽ ان ۾ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ فرض ٿيو ۽ بعض علماء فرمايو تہ ابتداء ۾ تهجد جي نماز سڀني مسلمانن تي فرض هئي ۽ بعض جو قول آهي تہ تهجد جي نماز فرض صرف نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام تي هئي پر جڏهن مسلمانن پنهنجي آقا ۽ مولا صلى الله عليہ وسلم جن کي آڌي رات تائين عبادت ۾ مصروف ڏٺو تہ انهن جي دل ۾ پنهنجي رسول عليہ الصلواة والسلام جي اتباع جو شوق پيدا ٿيو ۽ اهي بہ ساڻن گڏ الله عزوجل جي عبادت ۾ مشغول رهيا ڇو تہ اهي رات جي اڌ جو صحيح اندازو لڳائي نہ ٿي سگهيا ان جي ڪري گهڻو ڪري عبادت ڪندي ڪندي انهن جي رات جا ٻہ حصا گذري ويا ٿي ايتري قدر جو انهن جا پير سُڄي ٿي پيا ۽ منهن جو رنگ زرد ٿي ويو ٿي الله عزوجل لطف ۽ رحم ڪندي ان حڪم ۾ هلڪائي ڪرڻ فرمائي ارشاد فرمايو تہ "اوهان جو رب ڄاڻي ٿو تہ اوهان رات جا ٻہ حصا ۽ ان جو اڌ ۽ ان جو ٽيون حصو اٿي بيهي عبادت ۾ گذاريو ٿا ۽ اوهان سان گڏ رهڻ وارن اصحابن جي هڪ جماعت بہ ان طريقي سان عبادت ڪري ٿي" هيءَ آيت پهرئين حڪم کان ڪيترو پوءِ نازل ٿي ان ۾ مختلف قول آهن اٺ مهينا، سورهن مهينا، هڪ سال ۽ ڏهن سالن جون روايتون منقول آهن آخري روايت سعيد بن جبير کان آيل آهي. مفسر ابن جرير ٻارهن مهينن جو عرصو لکيو آهي ۽ اهو ئي زياده صحيح معلوم ٿئي ٿو ڇو تہ اهو ڪنهن بہ روايت مان ثابت ناهي تہ مسلمانن تي اڌ رات جو اٿڻ ڏهن سالن جي طويل مدت تائين فرض رهيو ان کان پوءِ هلڪائي ڪئي وئي. (١) "وَاللّٰهُ يُقَدِّرُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ" (۽ الله رات ۽ ڏينهن کي اندازي سان رکي ٿو) يعني راتين ۽ ڏينهن جي مقدارن کي الله عزوجل ئي اندازي سان هلائي ٿو سنڀالي ٿو ۽ ڄاڻي ٿو. "عَلِمَ اَنْ لَّنْ تُحْصُوْهُ فَتَابَ عَلَيْكُمْ" (ڄاڻي ٿو تہ هرگز ان جي طاقت رکي نہ سگهندؤ پوءِ اوهان تي مهربانيءَ سان وريو) يعني الله عزوجل اوهان جي حال تي رحم ڪندي اوهان کي آساني ڪري ڏني آهي ڇو تہ اوهان ايتري وڏي تڪليف برداشت ڪري نہ سگهندا. "فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنَ الْقُرْاٰنِ" (پوءِ جيترو قرآن آسانيءَ سان (پڙهي سگهو) پڙهو) مطلب تہ نماز ۽ ان ۾ قرآن ڪريم جيترو پڙهي سگهو اوترو پڙهو پاڻ

(١) ضياءُ القرآن ص-٤٠٩- جلد ٥

ڪي گهٽي تڪليف نہ ڏيو. "عَلِمَ اَنْ سَيَكُوْنُ مِنْكُمْ مَّرْضٰى وَاٰخَرُوْنَ يَضْرِبُوْنَ فِى الْاَرْضِ يَبْتَغُوْنَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ" (ڄاڻي ٿو تہ جلد اوهان مان ڪي بيمار ٿيندا ۽ ٻيا زمين ۾ الله جي فضل طلب ڪرڻ جي لاءِ سفر ڪن ٿا) هتي ٻهرئين حڪم ۾ تخفيف ڪرڻ جو سبب بيان ڪيو ويو آهي تہ انسان نہ هميشہ تندرست هوندو آهي نہ هميشہ گهر ۾ رهيل هوندو آهي ڪڏهن بيمار هوندو آهي تہ ڪڏهن الله جي فضل رزق ۽ روزيءَ جي تلاش ۾ سفر ڪندو رهندو آهي. "وَاٰخَرُوْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" (۽ ٻيا الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندا رهندا آهن) يا علم جي حصول لاءِ درو دراز علائقن جا پنڌ ڪندا آهن تہ انهن حالتن ۾ رات جو ايترو بيهي عبادت ڪرڻ مشڪل ڪم هوندو آهي ان جي ڪري رات جو گهڻو حصو يا اڌ جو عبادت ۾ صرف ڪرڻ نهايت مشڪل هوندو آهي. "فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنْهُ" (پوءِ ان مان جيترو آسان ٿئي پڙهو) هن مان مراد بہ نماز ۽ ان ۾ قرآن پڙهڻ آهي. (١) مقصد تہ جيتري تهجد نماز پڙهي سگهو اوتري پڙهو ۽ ان ۾ تلاوت بہ جيتري ڪري سگهو ڪيو. "وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ" (۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪواة ڏيو) هتي نماز ۽ زڪواة مان مراد ڇا آهي؟ هڪ قول آهي تہ ان مان مراد فرضي نماز ۽ زڪواة آهي مطلب تہ اهي ٻئي ادا ڪيو. (٢) ٻيو قول آهي تہ نماز ۽ زڪواة جي فرض هجڻ کان پهريان هيءَ آيت نازل ٿي هئي تہ پوءِ "الصلواة" مان مراد اها ئي نماز آهي جيڪا فرضيت کان اڳي پڙهندا هئا ۽ زڪواة مان مراد ان جي لغوي معنيٰ هوندي يعني نفلي صدقات وغيره (٣) "وَاَقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا" (۽ الله کي سهڻو قرض ڏيو) سهڻي قرض مان مراد آهي تہ پاڪ ۽ صاف مال مان صرف الله عزوجل جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏيو. "وَمَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرًا وَّاَعْظَمَ اَجْرًا" (۽ جيڪي بہ پنهنجي نفسن جي لاءِ اڳتي ڪري موڪليندوءُ ان کي الله وٽ ڀلو ۽ اجر ۾ وڏو لهندوءُ. مقصد تہ هن فاني دنيا مان في سبيل الله خير خيرات ڪري يا ٻيون عبادتون نماز، روزا، حج وغيره ڪري اڳئين جهان جي لاءِ موڪليندوءُ تہ جيڪو دنيا ۾ ڇڏي ويندوءُ ان کان وڌيڪ وڏو ۽ ڀلو اجر آخرت ۾ حاصل ڪندوءُ "وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" (۽ الله کان مغفرت طلب ڪيو بيشڪ الله بخشڻهار، مهربان آهي) هن کان پهريان بدني، مالي عبادت ۽ صالح اعمال جو ذڪر هو ۽ ٿي سگهيو ٿي تہ انهن غرور ۽ تڪبر ڪيو هجي ان جي ڪري آخر ۾ هدايت ڪئي وئي تہ پنهنجي صالح عملن تي ڀروسو نہ ڪيو اوهان جا اعمال ڪيترا بہ ڀلا ڇو نہ هجن نقص کان خالي نہ هوندا ان جي ڪري هميشہ پنهنجين ڪوتاهين ۽ قصورن جي الله عزوجل

(١) المراغي ص-١٢١ـ جزء ٢٩ جلد ١٠ (٢) ساڳيو حوالو (٣) ضياءُ القرآن ص-٤١٠ـ جلد ٥

ڪان مغفرت طلب ڪندا رهو بلاشڪ اهو گھڻو بخشڻھار ۽ گھڻو مهربان آهي.
فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "اِنَّ رَبَّكَ يَعۡلَمُ" (تحقيق تنهنجو رب ڄاڻي ٿو) الآيـة جي تفسير ۾ مفسرن لکيو آهي تہ ان سان رسول الله صلی الله عليـه وسلم جن ۽ سندن ساري امت تان تهجد جي فرضيت منسوخ ڪئي وئي پر ان جو مستحب هجڻ ۽ الله عزوجل وٽ پسنديده هجڻ باقي آهي ۽ ان ۾ بہ هيءَ آساني ڪئي وئي آهي تہ وقت ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت جي ڪا حد مقرر ڪيل ناهي هر شخص پنهنجي طاقت ۽ وسعت آهر جيتريون رڪعتون پڙهي انهن ۾ جيترو قرآن پاڪ پڙهي جيترو وقت لڳائي اختيار ڏنل آهي.

شرعي احڪام جي منسوخ هجڻ ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟

دنيا جون حڪومتون يا ادارا جيڪي پنهنجي قانون ۾ ترميم ۽ تنسيخ ڪندا آهن انهن جو گھڻو ڪري وجـــه هي هوندو آهي جو تجربي ڪان بعد ڪا نئين صورتحال سامهون ايندي آهي جيڪا پهريان معلوم نہ هوندي آهي ان صورتحال جي مطابق پهرئين حڪم کي منسوخ ڪري ٻيو حڪم جاري ڪيو ويندو آهي مگر خداوندي احڪام جن ۾ اهو تصور ۽ احتمال ئي نہ هوندو آهي جو تہ الله عزوجل جو علم هر شيءِ کي محيط، ازلي ۽ ابدي آهي ان ڪان ڪا بہ شيءِ ٻاهر ناهي ڪو بہ حڪم صادر ڪرڻ ڪان بعد ماڻهن جون ڇا حالات رهنديون ڪهڙيون ڪهڙيون صورتون پيش ايندڀون الله جلت صفاتـه کي پهريان ئي معلوم آهن پر سندس ئي حڪمت ۽ مصلحت سان ڪو حڪم ڪجھہ عرصي جي لاءِ جاري ڪيو ويندو آهي پهريان ڪان ئي ان جو هميشـہ جاري ڪرڻ مقصود نہ هوندو آهي پر اهو هڪ مدت تائين هوندو آهي ان جو علم الله جل وعلا کي هوندو آهي ۽ مخلوق جي اڳيان مصلحت خاطر ان جو اظهار نہ ڪيو ويندو آهي لفظن جي عام هجڻ سان ماڻهو هي سمجھندا آهن تہ هي حڪم دائمي آهي پر الله جل جلالـه وٽ ان جي مقرر ڪيل مدت جڏهن ختم ٿيندي آهي تہ اهو حڪم واپس ورتو ويندو آهي مخلوق جي نظر ۾ اها ان حڪم جي منسوخي هوندي آهي ۽ حقيقت ۾ اهو ان مدت جي ختم ٿيڻ جو بيان هوندو آهي يعني ان وقت مخلوق جي لاءِ ظاهر ڪيو ويندو آهي تہ اسان هي حڪم هميشـــہ جي لاءِ نہ صرف هيتري مدت جي لاءِ جاري ڪيو هو هاڻي اها مدت ختم ٿي تہ حڪم بہ باقي نہ رهيو هن بيان سان اهي شبها ختم ٿي ويا جيڪي ڪيترين آيتن جي منسوخ هجڻ تي ڪيا ويندا آهن.

٢. "وَاَقْرِضُوا اللهَ قَرْضًا حَسَنًا" (۽ الله کي سهڻو قرض ڏيو) ۾ جنهن خيرات ۽ في سبيل الله خرچ ڪرڻ جو ذڪر آهي اڪثر مفسرن ان کي نفلي صدقن ۽ خيراتن تي محمول ڪيو آهي جيئن پنهنجن مائٽن ۽ عزيزن کي ڪجهه ڏيڻ يا مهمان جي مهمانيءَ تي خرچ ڪرڻ يا علماءَ ۽ صالحن جي خدمت ۾ خرچ ڪرڻ وغيره ۽ بعض حضرات فرمايو تہ "وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ" ۾ فرضي زڪواة جو حڪم ڏيڻ کان پوءِ جيڪي ٻيا مالي واجبات انسان تي لازم تين تا جيئن والدين، زال ۽ اولاد جو وجوبي خرچ يا ٻيا شرعي واجبات اهي "وَاَقْرِضُوا اللهَ" ۾ بيان ڪيا ويا آهن. (١)

الحمدلله جو مون گنهگار اڄ اربعاءَ جي رات بوقت ڏهہ لڳي چاليهن منٽن تي بمؤرخہ ١٤ رمضان المبارڪ ١٤٢٦هہ الموافق ١٨.١٠.٢٠٠٥ع تي پنهنجي گهر واري ڪمري ۾ ويٺي سورة "المزمل" جو تفسير لکي پورو ڪيو ۽ ان ڪريم جي ڪرم ۾ اميد آهي تہ باقي رهيل سورتن جو تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائيندو. آمين يا رب العلمين بحرمة نبيك الكريم المصطفى عليه وعلى آله واصحابه الصلواة والسلام الى يوم الجزاء.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) معارف القرآن صـ٢٠٠ـ جلد ٨

سورة "الْمُدَّثِّرِ" جو تعارف

هن سورة جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن
نالو مبارڪ: هن پاڪ سورة جو نالو "اَلْمُدَّثِّرُ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت آهي.
رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٻه رڪوع، ڇاونجاهه آيتون، ٻه سؤ پنجونجاهه ڪلما ۽ هڪ هزار ڏهه (١٠١٠) حرف آهن . (١)
مڪيه آهي يا مدنيه ؟ابن الضريس، ابن مردويه، نحاس ۽ بيهقيءَ حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته سورة "المدثر" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)
نزول جو زمانو: علماءَ جو ان تي اتفاق آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي پر سڄي سورة هڪ وقت ۾ نه لٿي هئي مختلف وقتن ۾ انهن جي حال جي مناسب آيتون نازل ٿيون هيون.
مضمون: پهريُن ستن آيتن جي متعلق بعض حضرات هيئن فرمايو آهي ته وحي جي نزول جو آغاز انهن آيتن سان ٿيو هو پر محققن وٽ هيءَ ڳالهه مسلم آهي ته سڀ کان پهريان سورة "اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ" جون آيتون نازل ٿيون هيون ان کان پوءِ ڪجهه عرصو وحي جو نزول منقطع رهيو ۽ هڪ ڏينهن نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن معمول جي مطابق غار حرا ۾ عبادت کان فارغ ٿي گهر ڏانهن واپس وڃي رهيا هئا ته اوچتو ڪين آسمان جي طرف ٿي اهو ئي ملائڪ ڪرسيءَ تي ويٺل نظر آيو جيڪو اڳ ۾ وحي کڻي آيو هو پاڻ ان جي ڪيفيت محسوس ڪندي گهر ۾ آيا ۽ فرمايائون ته "دثروني، دثروني" "مون کي ڪپڙو ويڙهيو، مون کي ڪپڙو ويڙهيو" پاڻ ڪپڙو ويڙهي سمهي رهيا ان حالت ۾ هي آيتون نازل ٿيون جن ۾ ڪين نبوت جي فرائض ادا ڪرڻ ڏانهن توجه ڏياريو ويو پهرئين وحي سان ڪين نبوت جي منصب جي اظهار جي وقت اچڻ جو اطلاع هو ۽ ٻئي پيري سان ڪين نبوت جا فرائض سرانجام ڏيڻ لاءِ ارشاد ڪيو ويو پارهن کان چوڏهن آيتن تائين هڪ خاص واقعي جي طرف اشارو ڪيو ويو آهي جنهن جو تفصيل اوهان آيتن جي تشريح دوران پڙهندؤ انهن آيتن ۾ وليد بن مغيره جو نالو وٺڻ کان سواءِ ان جي بري ڪردار جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته ان جي دل حضور عليه الصلواة والسلام جن کي سچو رسول ۽ قرآن ڪريم کي الله

(١) خازن ص٣٢٦ ـ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور ص ـ ٣٢۴ ـ جلد ٨

عزوجل جو ڪلام تسليم ڪري ٿي پر پنهنجي قوم جي ناراض ٿيڻ جي ڊپ کان اهو ان جو برملا کلي اعلان نہ ٿو ڪري ۽ پنهنجي دنيوي سرداريءَ کي برقرار رکڻ جي لاءِ اهو حضور عليہ الصلواة والسلام جن تي بهتان هڻڻ کان بہ باز نہ ٿو اچي هي نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن کي ساحر ۽ قرآن ڪريم کي سحر سڏي ٿو هن سورة ۾ ان کي ٻڌايو ويو آهي تہ ان کي دوزخ جي باهہ جو ٻارڻ بنايو ويندو جو ان جا شعلا ان کي ساڙي ختم ڪري ڇڏيندا نہ اهو جيئرن ۾ شمار ٿيندو نہ مئلن ۾. آيت ع۔۲۶۔ کان رڪوع جي آخر تائين دوزخ جي بعض حالات تي روشني وڌي وئي آهي ٻئي رڪوع ۾ بہ دوزخين جي حالات جو ذڪر آهي خصوصي توجہ جي لائق اهي سوال ۽ جواب آهن جيڪي دوزخين ۽ جنتين جي وچ ۾ ٿيندا. جنتي انهن کان پڇندا تہ اوهان کي جهنم ۾ ڪهڙي شيءِ داخل ڪيو آهي؟ اهي جواب ڏيندا تہ اسان جي جرمن مان بہ وڏا جرم هي هئا "۱" تہ اسين نماز نہ پڙهندا هئاسين، "۲" تہ مسڪينن کي کاڌو نہ کارائيندا هئاسين. قارئين ڪرام! غور فرمايو تہ قرآن ڪريم غريب ۽ محتاج طبقي جي مادي ضرورتن جي فراهميءَ جو اسلامي معاشره ۽ ان جي خوشحال فردن تي ڪيتري وڏي ذميداري عائد ڪري ٿو جيڪو شخص ان ذميداريءَ جي ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪري ٿو ان جو ڏوهہ ايترو ئي خطرناڪ آهي جيترو ان شخص جو آهي جيڪو پنهنجي رب، قدوس کي سجدو نہ ٿو ڪري جنهن دين ۾ غريب پروري کي ايترو مقام ڏنو ويو هجي ان جي پوئلڳن کي پنهنجي معاشري مان غربت ۽ سجائي ختم ڪرڻ جي لاءِ مارڪس ۽ لينن جي اشتراڪي فلسفي جي قطعًا ضرورت ناهي جيڪڏهن ضرورت آهي تہ صرف هن ڳالهہ جي تہ اسين قرآن ڪريم جي آيتن جي سرسري تلاوت نہ ڪيون بلڪ انهن جي اونهاين ۾ لهي وڃون ان جي تقاضائن کي سمجهون ۽ انهن تقاضائن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ پنهنجا سڀ وسائل ڪم ۾ آڻيون. "فَمَالَهُمۡ" آيت ع۔۴۹۔ کان ڪافرن جي طبيعت جي خباثت بيان ڪئي وئي آهي تہ جيڪڏهن انهن کي الله عزوجل جو ڪلام ٻڌايو وڃي ٿو تہ اهي ان کان ائين ڀڄن ٿا جيئن جهنگل جا گڏهہ شينهن کان ڊڄي ڀڄندا آهن حالانڪ هي ڪتاب تہ سمورو نصيحت آهي ان ۾ ماڻهن جي فوز و فلاح جو سامان آهي انهن کي کپندو هو تہ ان کي ذوق، شوق سان ٻڌن ها قلبي خلوص سان قبول ڪن ها ۽ ان جي روشنيءَ ۾ زندگيءَ جا مرحلا طي ڪري منزل مقصود ماڻي وٺن ها.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: "١" جيئن اڳيئن سورة ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن سان خطاب ڪندي شروعات ڪئي وئي تيئن هن سورة ۾ بہ ساڻن خطاب سان شروعات ڪيل آهي. "٢" تہ ٻنهي سورتن جي ابتداءَ هڪ قصي سان وابستہ آهي. (١)

ڀلايون ۽ برڪتون: مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ جنهن سورة "المدثر" پڙهي تہ اهو نبي ڪري عليہ الصلواة والسلام جن جي مڃڻ وارن ۽ نہ مڃڻ وارن جي تعداد کان ڏهہ حصا وڌيڪ اجر ڏنو ويندو. (٢)



(١) المراغي صـ١٢٤ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠ (٢) اللباب في علوم الكتب صـ٥٤٠ـ جلد ١٩

وَهِيَ سِتٌّ وَّخَمْسُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْمُدَّثِّرِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ٥٦ آيتون آهي	سورة المدثر مكي آهي	۽ ان ۾ ٻہ رکوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

يٰٓاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ (١) قُمْ فَاَنْذِرْ (٢) وَرَبَّكَ فَكَبِّرْ (٣) وَثِيَابَكَ

اي چادر ڍڪيندڙ اٿ پوءِ (ماڻهن کي) ڊيڄار ۽ پنهنجي رب جي پوءِ وڏائي بيان ڪر ۽ پنهنجن

فَطَهِّرْ (۴) وَالرُّجْزَ فَاهْجُرْ (٥) وَلَا تَمْنُنْ تَسْتَكْثِرُ (٦)

ڪپڙن کي پوءِ پاڪ رک ۽ بتن کان پوءِ پري رهہ ۽ نہ احسان ڪري گهڻو طلب ڪر

وَلِرَبِّكَ فَاصْبِرْ (٧) فَاِذَا نُقِرَ فِي النَّاقُوْرِ (٨) فَذٰلِكَ يَوْمَئِذٍ

۽ پنهنجي رب جي لاءِ پوءِ صبر ڪر پوءِ جنهن وقت ڦوڪ ڏني ويندي صور ۾ پوءِ اهو ان ڏينهن

يَّوْمٌ عَسِيْرٌ (٩) عَلَي الْكٰفِرِيْنَ غَيْرُ يَسِيْرٍ (١٠)

ڏکيو ڏينهن آهي ڪافرن تي ناهي آسان

تفسير

اڳيئن سورة ۾ رات جو اٿي عبادت ۾ بيهڻ جي حڪم سان شروعات ڪئي وئي هئي جنهن ۾ خصوصي عبادت سان اعليٰ تڪميل جو حصول هو ۽ هن جي شروعات ٻين کي الله عزوجل کان ڊيڄارڻ جي حڪم سان ڪيل آهي جنهن ۾ ٻين لاءِ تڪميل جو حصول آهي فرمان خداوندي آهي "يٰٓاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ" (اي چادر ڍڪيندڙ!) يعني پهريون ڀيرو وحي جي نزول وقت ملائڪ کي ڏسي چادر ويڙهڻ وارا حبيب! (عليه الصلواة والسلام) ۽ حاڪم صحيح سند چوندي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ ان مان مراد آهي تہ اوهان هن امر نبوت جي چادر سان ويڙهيا ويا آهيو اٿو پوءِ ماڻهن کي ڊيڄاريو. (١) "قُمْ فَاَنْذِرْ" (اٿو ماڻهن کي ڊيڄاريو) مطلب تہ جيڪي ماڻهو ڪفر ۽ شرڪ ۾ مبتلا، غافل ۽ بي توجه آهن انهن کي شرڪ ۽ ڪفر ۽ برائين تي ملڻ واري عذاب کان ڊيڄاريو "وَرَبَّكَ فَكَبِّرْ" (۽ پنهنجي رب جي پوءِ وڏائي بيان ڪر) مطلب تہ جڏهن اهو عقيدو راسخ ۽ پڪو ٿيو تہ الله جل وعلا سڀني کان وڏو آهي تہ پوءِ

(١) الدرالمنثور صـ٣٢٥ـ جلد ٨

باطل معبودن ۽ انهن جي پوڄارين جي ڪا اهميت نہ رهندي. "وَثِيَابَكَ فَطَهِّرْ" (۽ پنهنجي ڪپڙن کي پاڪ رک) مطلب تہ اوهان کي نبوت جي منصب تي رکيو ويو آهي اوهان کي الله عزوجل ميرن ڪپڙن ۾ ڏسڻ پسند نہ ٿو فرمائي اوهان پنهنجن ڪپڙن کي ائين هر طرح جي گندگيءَ کان پاڪ صاف رکو جيئن اوهان جي زندگيءَ جو مقصد مقدس آهي. هن آيت جي ٻي معنيٰ هيءَ آهي تہ اوهان پنهنجن اخلاقن کي جيڪي نهايت اعليٰ ۽ عمدا آهن اجان وڌيڪ پاڪ ۽ صاف رکو جو اوهان جي معصوم هجڻ جي دامن تي ڪو ٽڪو نہ لڳي ۽ حق جي دشمنن کي آگر ڪٽڻ جو موقعو نہ ملي فقهاءَ ڪرام هن آيت مان هي مسئلو ثابت ڪيو آهي تہ نماز ۾ ڪپڙن جو پاڪ رکڻ فرض آهي ۽ جڏهن ڪپڙن جو پاڪ هجڻ فرض آهي تہ نمازيءَ جو پنهنجو جسم ۽ ان جاءِ جو پاڪ هجڻ بہ فرض آهي جتي نماز پڙهي ٿو. "وَالرُّجْزَ فَاهْجُرْ" (۽ بتن کان (اڳي وانگر) پري رهہ) محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن تہ هر قسم جي پليدي ۽ بتن کان پاڪ هئا پر وري بہ ڪين تاڪيد ڪيو وڃي ٿو تہ هر دم هر قسم جي پليدي ۽ پليدن بتن کان پري رهن ڇو تہ هڪ مبلغ جوڪلام ان وقت تائين اثرائتو نہ ٿو رهي جيستائين اهو پاڻ ان تي عمل نہ ٿو ڪري حڪم ٿيو تہ اهي سمورا ڪم جيڪي الله عزوجل جي ناراضگي ۽ عذاب جو باعث آهن جن مان وڏو گناهہ بتن جي پوڄا ڪرڻ آهي اوهان انهن سيني کان پاڪ آهيو ۽ پاڪ رهو. (١) "وَلَا تَمْنُنْ تَسْتَكْثِرُ" (۽ ڪنهن تي احسان نہ ڪر (ان نيت سان تہ ان کان) گهڻو طلب ڪرين) مقصد تہ ماڻهن کي جيڪو ڪجهہ عطا فرمايو ان نيت سان نہ عطا ڪيو تہ اهي ان جي بدلي ۾ اوهان کي گهڻو ڏين يا ان کان پلو ڏين بلڪ اوهان جي عطا هر عيوض ملڻ جي انتظار کان خالي هجي اوهان جو شان ۽ ڪمال اهو آهي. "وَلِرَبِّكَ فَاصْبِرْ" (۽ پنهنجي رب جي لاءِ پوءِ صبر ڪر) يعني اوهان جي قوم وارا اوهان کي جيڪي ايذاءَ ڏين ٿا اوهان الله عزوجل جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان تي صبر ڪيو. (٢) "فَإِذَا نُقِرَ فِي النَّاقُورِ فَذَٰلِكَ يَوْمَئِذٍ يَوْمٌ عَسِيرٌ عَلَى الْكَافِرِينَ غَيْرُ يَسِيرٍ" (پوءِ جڏهن صور ۾ ڦوڪ ڏني ويندي تہ پوءِ اهو ان ڏينهن ڏکيو ڏينهن هوندو ڪافرن تي آسان نہ هوندو) "ناقور" مان مراد اهو صور آهي جنهن ۾ حضرت اسرافيل عليـــه السلام ڦوڪ ڏيندو ۽ قيامت قائم ٿيندي پر اهو ڏينهن ڪافرن جي لاءِ سخت ڏکيو هوندو. اتي ڪين نہ ڪا تدبير ڪم ڏيندي ۽ نہ سندن ڪو عذر قبول ڪيو ويندو انهن جون سڀ آسون ۽ اميدون ختم ٿي وينديون.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ وهن ٿا. ١. "يَا أَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ" (اي چادر

(١) ضياءُ القرآن صـ٢١٦ـ جلد ٥ (٢) صفوة التفاسير صـ٤٧٤ـ جلد ٣

ويڙهيندڙ) جي وضاحت ڪندي علامه آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي قال بعض السادة اي يايها الساتر للحقيقة المحمدية بدثار الصورة الآدمية اويا ايها الغائب عن انظار الخليقة فلايعرفك سوي الله تعالیٰ علي الحقيقة الي غير ذالك من العبارات والكل اشارة الي ما قالوافي الحقيقة المحمدية من انها حقيقة الحقائق التي لايقف علي كنهها احد من الخلائق وعلي لسانها قال من قال

"واني وان كنت ابن آدم صورة / فلي فيه شاهد بابوتي"

وانها التعين الاول وخازن السرامقفل وانها وانها الي امور هيهات ان يكون للعقل اليها منتهي.

اعيا الوري فهم معناه فليس يري / للقرب والبعد منه غير منفحم
كالشمس تظهر للعينين من بعد / صغيرة وتكل الطرف من امم
وكيف يدرك في الدنيا حقيقته / قوم نيام تسلوا عنه بالحلم
فمبلغ العلم فيه انه بشر / وانه خير خلق الله كلهم (١)

يعني (معرفت جي ولايت جي) بعض سردارن ان جي معنيٰ هيءَ ڪئي آهي تہ: اي (انساني شڪل ۽ صورت ۾) محمدي حقيقت کي لڪائيندڙ! يا مخلوقات جي نظرن کان پاڻ کي لڪائيندڙ! پوءِ الله تعاليٰ کان سواءِ اوهان جي حقيقت کي ڪير نہ ٿو سڃاڻي وغيره وغيره عبارتون ۽ اهي سڀ ان ڏانهن اشارو آهي جيڪو محمدي حقيقت جي باري ۾ چون ٿا تہ اها سڀني حقيقتن جي بہ حقيقت آهي جنهن کان مخلوق مان ڪو بہ واقف ناهي ۽ ان ئي لحاظ سان چوڻ واري چيو آهي.

مان جيتوڻيڪ صورت ۾ آدم جو پٽ آهيان پر منهنجي هڪ معنيٰ ان جي پيءُ هجڻ جي شاهد آهي.

۽ بلاشڪ اها (محمدي حقيقت) ڪائنات جو پهريون تعين ۽ قفل لڳل راز جو خزانچي آهي ۽ بلاشڪ اهو ۽ بلاشڪ اهو ڪيترن امرن تائين پهتل آهي ڪاش! ان تائين عقل جي انتها هجي ها. هن کان پوءِ علامه آلوسي قصيده برده شريف جا اٺ شعر آندا آهن افسوس آهي جو قصيده برده کي هن موجود دور جا بي ادب شرڪ سڏيندا آهن ۽ اڳيان عظيم الشان مفسر ۽ محدث ان کي محبت سان لکندا ۽ پڙهندا آيا آهن. انهن شعرن جي معنيٰ هيءَ آهي.

مخلوق کي ان جي حقيقت جي سمجهڻ عاجز ڪري وڌو اهي پوءِ اهي ويجها هجن ۽ پري هجن ان جي متعلق عاجز هوندڙ کان سواءِ ڪجھ بہ ڏٺو نہ ٿو وڃي.

جيئن سج آهي جو پري کان ٻن اکين لاءِ ننڍو ظاهر ٿيندو آهي ۽ ويجهي پند کان اک

(١) روح المعاني صـ١٤٥ـ جزءُ ٢٩ جلد ١٠

کي اهڙو عاجز ڪري وجهندو آهي جو ان ڏانهن ڏسي به نہ ٿي سگهي.
۽ دنيا ۾ ان جي حقيقت کي اها قوم ڪيئن پروڙي سگهندي جيڪا تسلي سان ننڊ ۾ خوابن ڏسڻ تي اڪتفا ڪيو ويٺي آهي.
پوءِ ظاهري علم جي نهايت اها آهي تہ اهو بشر آهي
۽ بلاشڪ اهو الله جي سموري مخلوق کان ڀلو آهي.
٢. "قُمۡ فَاَنۡذِرۡ" (اٿو پوءِ ماڻهن کي ڊيڄاريو) هن آيت جي تفسير ۾ علامـــه اسماعيل حقي عليـــه الرحمـــة لکيو آهي تہ: مان هڪ ڀيرو نبوي حرم (علي صاحبها الصلواة والسلام) ۾ حبيب پاڪ عليـه الصلواة والسلام جن جي پاڪ مٽي مبارڪ واري پاسي کان مراقبي ۾ سندن طرف متوجـه ٿيو ويٺو هوس تہ مون کي (الهام ۾) "قم فانذر" وارو حڪم ٿيو (اٿـو پـوءِ ڊيڄـاريو) ان خطـاب جي هيبت ڪـري مـون کـي عظيم پريشاني ۽ وڏي حيرت ورتو ۽ مون تي ڏڪٽي غالب ٿي ۽ مون سمجهيو تہ مون کي اتي اڪثر بي ادبي ڪندڙن ماڻهن کي ڊيڄارڻ جي لاءِ ظاهري ارشاد ٿيو آهي تانجو مون تمام گهڻو رنو پوءِ مون کي چيو ويو تہ اهي بي ادب اهي آهن جن کي الله لعنت ڪئي آهي پوءِ انهن کي بوڙو بنايو اٿس ۽ انهن جي اکين کي انڌو ڪيو اٿس. ان کان پوءِ مون الله عزوجل جي طرفان الهام سان سڃاتو تہ مان پنهنجي نفس لاءِ امر ڪيل آهيان بئي لاءِ نہ. پنهنجي نفس جو تزڪيو ۽ اصلاح ڪيان. (١) ٣. "وَرَبَّكَ فَكَبِّرۡ" (۽ پنهنجي رب جي پوءِ وڏائي بيان ڪر) جي وضاحت ڪندي علامـــه ثناءُ الله پاني پتي عليـه الرحمـة لکيو آهي تہ الله عزوجل جي وڏائي هميشـه دل ۾ رک ۽ يقين ڪر تہ اهو زوال، حدوث ۽ نقص جي هر ڳالهہ کان پاڪ آهي ۽ ان سان واجب الوجود هجڻ، الوهيت ۽ عبادت ۾ ڪنهن کي شريڪ نہ بناءِ ۽ سندس ذات، صفات ۽ افعال ۾ ڪنهن کي مشابهہ نہ بناءِ ۽ ان جي لاءِ ڪمال جون اهي صفتون بيان ڪر جيڪي بئي لاءِ نہ ڪرين ان کان پوءِ علامـــه موصوف لکيو آهي تہ هن آيت سان فقهاءِ ڪرام نماز ۾ تڪبير تحريم جي فرض هجڻ تي دليل ورتو آهي. (٢) ٤. "وَثِيَابَكَ فَطَهِّرۡ" (۽ پنهنجن ڪپڙن کي پوءِ پاڪ رکو) هن جي وضاحت ڪندي مفسرن هي بہ لکيو آهي تہ ڪانچ يا گوڏ کي ڀيرن جي ڀيڏين (ٽٽين) کان مٿي رکو هيٺ رکڻ جي ڪري انهن جي پليد ٿيڻ جو امڪان آهي سيدنا علي المرتضيٰ رضي الله عنـــه ان جي اها مراد بيان ڪئي آهي ۽ اهو پهريون حڪم آهي جيڪو حضور عليـــــه الصلواة والسلام جن مشرڪن جي خراب عادتن کي ڇڏڻ لاءِ فرمايو هو. "وَرَبَّكَ فَكَبِّرۡ" ۾ باطن جي

(١) روح البيان صـ٢٢۴ـ جلد ١٠ (٢) المظهري صـ١٢۴ـ جلد ١٠

پاڪائيءَ جو حڪم هوءَ هن ۾ ظاهر کي پاڪ رکڻ جو حڪم آهي دينِ اسلام نظافت تي بنا ڪيل آهي جنت ۾ بہ صفائيءَ نظافت وارو داخل ٿيندو مرفوع روايت ۾ آهي تہ پنهنجن واتن کي صاف رکو اهي قرآن جا رستا آهن طهارت (پاڪائي) جا ٻہ قسم آهن "١" جسم جي پاڪائي. "٢" نفس جي پاڪائي، ٻنهي پاڪائين جي لاءِ عام آيتون بيان ڪيون ويون آهن. (١)

ذَرۡنِيۡ وَمَنۡ خَلَقۡتُ وَحِيۡدًا ۙ (١١) وَّجَعَلۡتُ لَهٗ مَالًا مَّمۡدُوۡدًا ۙ (١٢) وَّبَنِيۡنَ

ڇڏ مون کي ۽ ان کي جنهن کي پيدا ڪيو مون اڪيلو ۽ ڏنو مون ان کي مال گهڻو ۽ پٽ

شُهُوۡدًا ۙ (١٣) وَّمَهَّدۡتُّ لَهٗ تَمۡهِيۡدًا ۙ (١٤) ثُمَّ يَطۡمَعُ اَنۡ اَزِيۡدَ ۙ (١٥)

حاضر ٿيندڙ ۽ تياري ڪئي مون ان لاءِ چڱي طرح تياري ڪرڻ ان ڪان پوءِ اميد رکي ٿو تہ ان کي وڌايان

كَلَّا ؕ اِنَّهٗ كَانَ لِاٰيٰتِنَا عَنِيۡدًا ؕ (١٦) سَاُرۡهِقُهٗ صَعُوۡدًا ؕ (١٧)

هرگز نہ تحقيق اهو هو اسان جي آيتن جي لاءِ عناد رکندڙ جلد چاڙهيندس مان ان کي باهہ جي جبل تي

اِنَّهٗ فَكَّرَ وَقَدَّرَ ۙ (١٨) فَقُتِلَ كَيۡفَ قَدَّرَ ۙ (١٩)

تحقيق ان فڪر ڪيو ۽ دل ۾ ٺهراءُ رٿيائين پوءِ لعنت ڪيو ويو ڪهڙيءَ طرح ٺهراءُ رٿيائين

ثُمَّ قُتِلَ كَيۡفَ قَدَّرَ ۙ (٢٠) ثُمَّ نَظَرَ ۙ (٢١) ثُمَّ عَبَسَ

ان ڪان پوءِ لعنت ڪيو ويو ڪهڙي طرح ٺهراءُ رٿيائين ان ڪان پوءِ ڏٺائين ان ڪان بعد گهنڊ وڌائين

وَبَسَرَ ۙ (٢٢) ثُمَّ اَدۡبَرَ وَاسۡتَكۡبَرَ ۙ (٢٣) فَقَالَ اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّا سِحۡرٌ

۽ منهن بگيڙيائين ان ڪان بعد پٺيرو ٿيو ۽ وڏائي ڪيائين پوءِ چيائين ناهي هي مگر جادو جيڪو

يُّؤۡثَرُ ۙ (٢٤) اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّا قَوۡلُ الۡبَشَرِ ؕ (٢٥) سَاُصۡلِيۡهِ سَقَرَ (٢٦)

نقل ڪيو وڃي پيو ناهي هيءُ مگر انسان جو قول جلد پهچائيندس مان ان کي دوزخ ۾

وَمَاۤ اَدۡرٰىكَ مَا سَقَرُ ؕ (٢٧) لَا تُبۡقِيۡ وَلَا تَذَرُ ۚ (٢٨) لَوَّاحَةٌ

۽ ڪهڙي شيءِ ڄاڻايو تو کي تہ ڇا آهي دوزخ نہ ٿو باقي رهائي ۽ نہ ڇڏي ٿو ساڙي ڪل لاهيندڙ آهي

(١) روح البيان صـ٢٢٥ـ جلد ١٠

لِّلۡبَشَرِ (۲۹) عَلَيۡهَا تِسۡعَةَ عَشَرَ (۳۰)

تفسير

انسان جي ان تي اوڻويهہ (ملائڪ) آهن

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو تہ قيامت جو ڏينهن ڪافرن لاءِ آسان ناهي ۽ هتي انهن ئي ڪافرن جي متعلق الله عزوجل پنهنجي حبيب پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن کي ارشاد فرمايو آهي "ذَرۡنِيۡ وَمَنۡ خَلَقۡتُ وَحِيۡدًا" (مون کي ڇڏ ۽ ان کي جنهن کي مون اڪيلو پيدا فرمايو آهي) هن جي مراد ۾ ٻہ قول آهن "۱" تہ مون اڪيلي کي ۽ هن اوهان کي ڪوڙو چوندڙ کي ڇڏي ڏي، ان جو معاملو منهنجي حوالي ڪر ان ڪان انتقام وٺڻ لاءِ مان هڪ ئي ڪافي آهيان. "۲" تہ جنهن کي مون اڪيلو پيدا ڪيو ان وٽ نہ مال هو نہ اولاد هو (۱) ان جو معاملو منهنجي حوالي ڪري ڇڏ. پهرئين قول تي "وَحِيۡدًا" "خَلَقۡتُ" ۾ مذڪور ضمير مرفوع متصل فعل جي فاعل ڪان حال ڇئبو ٻئي قول تي "خَلَقۡتُ" جي مفعول محذوف "ہ" ڪان حال ڇئبو. هيءَ آيت وليد بن مغيره جي متعلق نازل ٿي هئي (۲) مطلب تہ اي محبوب عليڪ الصلواة والسلام! اوهان اهڙن ماڻهن جي معاملي ۾ پريشان نہ ٿيو مان انهن کي پاڻ ڪافي آهيان. "وَّجَعَلۡتُ لَهٗ مَالًا مَّمۡدُوۡدًا" (۽ مون ان جي لاءِ مال گهڻو ڪيو آهي) يعني مون ان کي ملڪيت، خزانا، باغ ۽ چوپايو مال گهڻو ڏنو آهي. "وَّبَنِيۡنَ شُهُوۡدًا" (۽ پٽ حاضر هندڙ) مقصد تہ نہ صرف مال ملڪيت پر مون ان کي پٽ بہ ڏنا آهن جيڪي ان سان گڏ محفلن ۽ مجلسن ۾ موجود هوندا آهن اهي ڪيترا هئا ان ۾ ٻہ قول آهن "۱" ابن المنذر ۽ ابن ابي حاتم مجاهد ڪان روايت آندي آهي تہ اهي ڏهہ هئا. "۲" سعيد بن جبير ڪان روايت آهي تہ اهي تيرهن ڄڻا هئا. انهن مان ٽي "۱" خالد، "۲" هشام، "۳" وليد بن وليد رضي الله عنهم مسلمان ٿيا هئا وليد بن مغيره جا پٽ مڪه مڪرمه ۾ پيءُ جي جيئري ان سان گڏ هوندا هئا شاهوڪار هجڻ جي ڪري ٻاهر سفر نہ ڪندا هئا. (۳) "وَّمَهَّدۡتُّ لَهٗ تَمۡهِيۡدًا" (۽ مون ان لاءِ چڱي طرح تياري ڪئي آهي) مطلب تہ مون ان لاءِ اهي سڀ نعمتون تيارڪيون ان کي دنيا ۾ وڏي عزت ڏني جو اهو هڪ قسم جو حاڪم محسوس ڪيو وڃي پيو قريشي سڀ جو سڀ هر معاملي ۾ ان ڏانهن رجوع ڪن پيا. (۴) "ثُمَّ يَطۡمَعُ اَنۡ اَزِيۡدَ" (ان ڪان پوءِ بہ هيءَ لالچ رکي پيو تہ مان "ان کي وڌائيندس) يعني مون الله عزوجل جي طرفان ايترن احسانن جي باوجود بہ ان کي

(۱) روح القرآن صـ۱۳۰ـ جزءُ ۲۹ (۲) البيضاوي صـ۵۴۲ـ جلد ۲ (۳) جلالين حاشيه ع۱۰ـ ع۱۱ـ صـ۴۸۰ـ (۴) حاشيه عثمانيه صـ۷۶۴ـ

منهنجي شڪر جي توفيق نصيب نہ ٿي. الله جلت صفاتہ جي پياري رسول عليہ الصلواة والسلام سان عناد ۽ بي حساب دشمنيءَ جي هوندي بہ اهو اها لالچ رکي پيو تہ مان ان کي اجان بہ نعمتن ۾ وڌائيندس. "ڪَلَّاۗ" (هر گز نہ) مقصد تہ ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيندو ان جي لاءِ نعمتن ۽ احسانن جا دروازا بند ٿي ويا "اِنَّهٗ كَانَ لِاٰيٰتِنَا عَنِيْدًاۗ" (بلاشڪ اهو اسان جي آيتن سان سرڪشي ڪندڙ هو) يعني انهن کي سمجهي، ڄاڻي واڻي، انهن جو انڪار ڪيائين ان کي حق ڏانهن سڏيو ويو تہ قبول نہ ڪيائين ۽ رڳو ايترو نہ تہ قبول نہ ڪيائين پر ان جي مقابلي ۾ مخالفت ۽ دشمنيءَ ۾ حد کان لنگهي ويو. "سَاُرْهِقُهٗ صَعُوْدًاۗ" (جلد ان کي صعود تي چاڙهيندس) مطلب تہ ان کي عذاب ۽ سزا اهڙي ڏيندس جو چڙهڻ تہ ڪنهن کي وڏو وزنڪٽائي نهايت ڏکيي جبل تي چڙهڻ جي لاءِ حڪم ڪيو وڃي. (١) يا صعود مان مراد باهہ جو جبل آهي جنهن تي چڙهندو رهندو وري وري هيٺ باهہ ۾ ڪرندو رهندو امام احمد ۽ ٻين حضرت ابوسعيد رضي الله عنہ کان مرفوع روايت آندي آهي تہ "اهو ابدا الآبادْ ان حالت ۽ سزا ۾ رهندو". "اِنَّهٗ فَكَّرَ وَقَدَّرَۙ فَقُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَۙ ثُمَّ قُتِلَ كَيْفَ قَدَّرَۙ" (تحقيق ان سو چيائين ۽ ٺهراءُ رٿيائين پوءِ لعنت ڪيو ويو ڪهڙي طرح ٺهراءُ رٿيائين ان کان پوءِ لعنت ڪيو ويو ڪهڙي طرح ٺهراءُ رٿيائين) يعني ان تي وريْ وري لعنت آهي ڪيئن پيو سوچي ۽ دل ۾ رٿون ڪري تہ قرآن ڪريم کي باطل چوڻ لاءِ ڇا ڪري چو تہ اهو معاملو هن ۽ سندس ساٿين جي وس کان مٿي ۽ وڏو هو. "ثُمَّ نَظَرَۙ ثُمَّ عَبَسَ وَبَسَرَۙ" (ان کان بعد ڏٺائين ان کان پوءِ گهنڊ وڌائين ۽ منهن بگيڙيائين) مقصد تہ وري ڏسي ۽ غوڙ پيو ڪري تہ ڇا چوي ۽ جڏهن سندس عقل عاجز ٿيو پوي ڪيس سندس ضمير ٿي ملامت پيو ڪري تہ ذهني طرح مبتلا ٿي منهن ۾ گهنڊ وجهي پاڻ تي ڪاوڙ ڪندي منهن خراب ڪيو هلي پيو. "ثُمَّ اَدْبَرَ وَاسْتَكْبَرَۙ" (ان کان بعد پٺي ڦيرايائين ۽ تڪبر ڪيائين) يعني حق کي پٺي ڏنائين ۽ تڪبر ۽ وڏائي ڪري هليو ويو. "فَقَالَ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ يُّؤْثَرُۙ" (پوءِ چيائين تہ ناهي هيءُ مگر جادو جيڪو (پهرين کان) نقل ڪيو پيو وڃي) يعني هي قرآن ڪريم الله جو ڪلام ناهي بلڪ اهو جادو آهي جيڪو اڳين کان نقل ٿيندو اچي پيو هي تہ انسان جو ڪلام آهي. (٢) "سَاُصْلِيْهِ سَقَرَ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَاسَقَرُۗ" (جلد آن کي سقر ۾ پهچائيندس ۽ توکي ڪهڙي شيءِ ٻڌايو تہ سقر ڇا آهي؟ مطلب تہ اهو وقت پري ناهي جو مان ان منڪر، مڪذب، گستاخ کي سقر (جهنم) ۾ داخل ڪندس ۽ اوهان کي ڪنهن ٻڌايو آهي تہ اهو ڇا آهي؟ هتي ان جي سختيءَ ڏانهن

(١) روح القرآن ص١٣٠ـ جزءُ ٢٩ (٢) تيسيرالڪريم الرحمن ڪامل ص٨٩٦ـ

اشارو ڪندي ٻڌايو ويو تہ اهو تمام خطرناڪ آهي. "لَاتُبْقِيْ وَلَاتَذَرُ" (نہ تہ باقي رهائي ۽ نہ تہ ڇڏي) يعني ان ۾ جيڪو داخل ڪيو ويو ان جو گوشت، رڳون، هڏا سڀ ساڙيندو ڪا شيءِ نہ ڇڏيندو. "لَوَّاحَةٌ لِّلْبَشَرِ" (کل کي ساڙيندڙ) ابتداءَ ۾ کل کي ساڙي ختم ڪري پوءِ باقي جسم گوشت وغيره جلائيندو) ۽ اهي هڏا، گوشت، کل وغيره خداوندي امر سان وري نوان ٺهندا رهندا ۽ سڙندا رهندا تانت ان کي هر وقت اهو عذاب ۽ درد محسوس ٿيندو رهي. "عَلَيْهَا تِسْعَةَ عَشَرَ" (ان تي اوڻويهہ (ملائڪ) آهن) مقصد تہ اسان ان وڏي ۽ وسيع دوزخ جي مٿان اوڻويهہ ملائڪ داروغا ڪري مقرر ڪيا آهن. جڏهن ڪافرن هيءَ آيت ٻڌي تہ کلي چوڻ لڳا بس هن نبي (عليہ الصلواة والسلام) جي الله عزوجل جي اها فوج آهي اسان سمجهيو هو تہ ڪو وڏو لشڪر هوندو جيڪو جهنم جي چئن ئي پاسن کان گهيراءُ ڪيو بيٺو هوندو ۽ انهن جي پڪڙڻ کان بچي نڪرڻ جي ڪنهن ۾ بہ قوت نہ هوندي اوڻويهہ ڄڻا ڪندا ڇا؟ جڏهن ڪافرن پاڻ ۾ ان موضوع تي ڳالهائڻ شروع ڪيو تڏهن ابوجهل چيو تہ: ڇا اسين ڏهہ، ڏهہ ڄڻا گڏجي هڪ کي هيڏي هوڏي ڪري نہ سگهنداسون؟ بني جمح قبيلي جو نهايت زور آور پهلوان ابوالاشد بن اسيد الجمحي ان وقت اتي موجود هو چوڻ لڳو تہ اي ابوجهل! اي اسان جا اڳواڻ! انهن مان سترهن (١٧) ڄڻن جي لاءِ تہ مان اڪيلو ڪافي آهيان باقي رهيا ٻہ سو اوهان سڀ گڏجي انهن کي قابو ڪري وٺجو ان وقت الله عزوجل هي ارشاد فرمايو (١) ۽ هڪ قول مطابق يهودين ۽ نصارن حضور پر نور عليہ الصلواة والسلام جن کان پڇيو تہ جهنم تي مقرر ٿيل داروغن جو تعداد ڪيترو آهي؟ انهن جي جواب ۾ الله عزوجل هي ارشاد نازل فرمايو. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَمَنْ خَلَقْتُ وَحِيْدًا" (۽ جنهن کي مون اڪيلو پيدا ڪيو) هن مان مراد وليد بن مغيره آهي پر اڪيلو پيدا ٿيڻ ۾ ۽ اڪيلو ماءَ جي پيٽ مان اچڻ ۾ سڀ انسان برابر آهن هتي ان جي ڪفر جي حالت بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ اهو ماءُ جي پيٽان ڪجهہ کڻي نہ آيو هو هئي اها ڳالهہ وساري ويٺو آهي وليد بن مغيره مخزومي کي مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو بہ "وحيد" سڏيندا هئا يا "وَحِيْدٌ" مان مراد آهي حرامي، نڪاح واري پيءُ کان سواءِ پيدا ٿيل. ٢. "وَجَعَلْتُ لَـہٗ مَالًا مَّمْدُوْدًا" (۽ مون ان کي گهڻو مال ڏنو) وليد ٽن لکن دينارن جو مالڪ هو (٣) بعض مفسرن لکيو آهي تہ ان جي سال جي آمدني هڪ ڪروڙ (١٠٠٠٠٠٠٠) سون جو گينيون هيون ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ مڪہ مڪرمہ

(١) المدارڪ ص ٣١٠ـ جزءُ ۴ (٢) روح القرآن صـ١٣٢ـ جزءُ ٢٩ (٣) نورالعرفان صـ٩١٨ـ

ڪان وٺي طائف تائين ان جا باغ هوندا هئا ان جي انهن باغن ۾ پوکن جي آمدني سياري اونهاري هميشه هلندي هئي. هي عربن جو سردار مڃيو ويندو هو ان جو لقب "ريحانــة قريش" (قريشين جو خوشبودار گل) هوندو هو ۽ پاڻ کي وحيد ابن وحيد چوائيندو هو. (١) ٣. "اِنَّـهٗ فَكَّرَ وَ قَدَّرَ" کان وٺي "اِنْ هٰذَآ اِلَّا قَوْلُ الْبَشَرِ" تائين آيتن جي متعلق قرآن ڪريم جي مفسر علامه قرطبي لکيو آهي ته جڏهن قرآن ڪريم جي آيت "حٰمٓ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ" کان "اِلَيْهِ الْمَصِيْرِ" تائين نازل ٿي ۽ سيدنا رسول الله صلي الله عليــه وسلم جن تلاوت فرمائي رهيا هئا ته اها وليد بن مغيره ٻڌي ۽ بي اختيار ٿي ان کي الله جل جلالــه جو ڪلام مڃڻ ۽ هيئن چوڻ تي مجبور ٿي پيو ته "والله لقد سمعت منه كلاما ماهومن كلام الانس ولامن كلام الجن وان لـه لحلاوة وان عليــه لطلاوة وان اعلاه لمثمروان اسفلــه لمغدق وانــه ليعلو ولا يعلي عليــه وما يقول هذا بشر" (الله جو قسم مون ان (حضرت محمد صلي الله عليــه وسلم جن) کان اهڙو ڪلام ٻڌو آهي جو نه اهو انسان جو ڪلام آهي نه جن جو ۽ بيشڪ ان ۾ مٺاڻ آهي ۽ بيشڪ ان تي رونق آهي ۽ ان مان بلند ميوا ڏيندڙ آهي ۽ ان مان هيٺ پاڻي وهائيندڙ آهي ۽ تحقيق اهو پاڻ بلند رهندو ۽ ان کان ڪا شيءِ بلند نه ٿيندي ۽ اهو انسان جو قول ناهي عرب جي سيني کان وڏي مالدار سردار جي ان چوڻ سيني قريشين ۾ زلزلو وجهي ڇڏيو ۽ اهي سڀ اسلام ڏانهن جهڪڻ لڳا پوءِ ٻين قريشين ڪافرن سردارن کي فڪر ٿيو ۽ گڏ ٿي مشورو ڪرڻ لڳا ابوجهل چيو ته "ڪو فڪر نه ڪيو مان ھاڻي وڃان ٿو ۽ ان سان ڳالهائي ان کي ٺيڪ ٿو ڪري اچان".

ابوجهل ۽ وليد بن مغيره جو هڪ ٻئي سان ملي ڳالهائڻ ۽ حضور پرنور صلى الله عليه وسلم جن جي حق هجڻ تي اتفاق

ابوجهل غمگين صورت ۾ ٿي وليد وٽ پهتو ۽ عمدًا اهڙي ڳالهه ناهي ويو جو ان جي ٻڌڻ سان وليد کي ڪاوڙ اچي اتي پهتو ته وليد پڇيس ڪهڙي ڳالهه آهي جو تون غمگين نظر اچين ٿو؟ ابوجهل چيو ته "غمگين ڇو نه ٿيان مڪي جا رهاڪو ان ڳالهه تي متفق ٿيا هئا ته اهي پاڻ ۾ چندو ڪري تنهنجي مالي مدد ڪن ڇو ته تون پوڙهو ٿي ويو آهين" پر انهن کي خبر پئي آهي ته تون (حضرت) محمد (صلي الله عليــه وسلم) ۽ ابن ابي قحافه (حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنــه) وٽ ان لاءِ وڃين ٿو

(١) معارف القرآن ص-٦١٢ـ جلد ٨

تہ توکي ڪجھ ڪائڻ، پيئڻ جي لاءِ ملي وڃي ۽ انهن جي خوشامد ۾ ان جي ٻڌايل ڪلام جي تعريف ڪرين ٿو (ظاهر آهي تہ قريشين جيءَ طرفان چندو ڪري وليد ڪي مال ڏيڻ واري ڳالهہ بہ ڪوڙ هئي تہ حضور عليـــہ الصلواة والسلام جن ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله عنـــہ وٽ ان جي لالچ لاءِ وڃڻ واري ڳالهہ بہ ڪوڙ ئي هئي) اهي ڳالهيون ٻڌي وليد کي بي انتها غصو آيو ۽ ان جي نتيجي ۾ ان تي تڪبر ۽ غرور جو جُنون سوار ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ ڇا مان (حضرت) محمد (عليـہ الصلواة والسلام) جي ٽڪرن جو محتاج آهيان ڇا اوهان کي منهنجي مال ۽ ملڪيت جي ڪثرت جي خبر ناهي؟ لات ۽ عزيٰ جو قسم آهي تہ مان ان جو محتاج ناهيان پر اوهان جيڪو چئو ٿا تہ (حضرت) محمد (صلي الله عليـہ وسلم) مجنون آهي اها ڳالهہ بالڪل غلط آهي ان جو ڪير بہ يقين نہ ٿو ڪري ڇا اوهان مان ڪنهن ان کان ڪو اهڙو چرين جهڙو ڪم ڪندي ڏٺو آهي؟ ابوجهل اقرار ڪيو تہ "لاوالله" الله جو قسم آهي تہ اسان ان کان اهڙو ڪو بہ ڪم ظاهر ٿيندي نہ ڏٺو آهي وليد چيو تہ اوهان ان کي شاعر ٿا چئو ڇا اوهان ان کا ڪو شعر چوندي ٻڌو آهي؟ اهڙي ڳالهہ ڪرڻ پنهنجو پاڻ کي خوار ڪرڻ آهي ابوجهل ان تي بہ چيو "لاوالله" الله جو قسم آهي تہ نہ، وري وليد چيو تہ اوهان ان کي ڪوڙو چئو ٿا اوهان ٻڌايو تہ اوهان سڀني ڪڏهن سڄي عمر ۾ ان کان ڪوڙ ٻڌو آهي؟ ان تي بہ ابوجهل کي اقرار ڪرڻو پيو تہ الله جو قسم نہ، وليد وري چيو تہ ان کي ڪاهن (پوپو) سڏيو ٿا ڇا اوهان ڪڏهن ان کان اهڙو ڪو ڪلام ٻڌو آهي جيڪو ڪا هنن جو هوندو آهي؟ اسين پوپن جي ڳالهين کي چڱي طرح سمجهون ٿا (حضرت) محمد (صلي الله عليـــہ وسلم) جو ڪلام ڪهانت تي نہ ٿو سگهي. ان تي بہ ابوجهل کي اهو اقرار ڪرڻو پيو تہ "لاوالله" "الله جو قسم تہ نہ" ۽ سڀني قريشين ۾ رسول الله صلي الله عليـہ وسلم جن "الصادق الامين" جي لقب سان مشهور هئا هاڻي ابوجهل پنهنجن سڀني بهتانن کان تہ دستبردار ٿي ويو پر فڪر اهو ٿيس تہ آخر ڇا چئي وليد کي اسلام کان روڪيو وڃي ان جي ڪري ان وليد کي ئي مخاطب ٿي چيو تہ ڀلا تون ئي ٻڌاءِ آخر ان کي ڇا چيو وڃي؟ ان تي ان پهريان تہ پنهنجي دل ۾ ڪجھ سوچيو پر پوءِ ابوجهل ڏانهن نظر ڪٽي نهاري ۽ منهن بگيڙي نفرت جو اظهار ڪندي چوڻ لڳو تہ ان (حضرت) محمد (صلي الله عليـــہ وسلم) کي مجنون، شاعر، ڪاهن، ڪذاب تہ نہ ٿو چئي سگهجي ها ان کي ساحر "جادوگر" چوندؤ تہ ٺهي ٿو. اهو بدبخت چڱي طرح ڄاڻندو هو تہ سيدنا رسول الله صلي الله عليـــہ وسلم اهو ساحر بہ ناهي ۽ نہ ان جو ڪلام ساحرن جو ڪلام آهي پر ان مڙئي ڳالهہ ٺاهڻ جي

لاءِ ائين چيو هو تہ سندن گفتگو جو اثر اهڙو آهي جيئن جادوءَ جو اثر هوندو آهي جو زال مڙس کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري ٿو ۽ پاءُ کي پاءُ کان جدا رکي ٿو (معاذالله) حضرت نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن بہ پنهنجي محبت واري ڪلام سان مومن کي ڪافر کان جدا ڪري ڇڏين ٿا. ان جي ڪري ان جي سوچ، فڪر ۽ منهن ۾ گهنڊ وجهڻ کي انهن آيتن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. (١) ۴. "وَبَنِيْنَ شُهُوْدًا" (۽ پٽ حاضر ٿيندڙ) مان معلوم ٿيو تہ پاڻ وٽ اولاد جو موجود هجڻ بہ الله عزوجل جي مستقل نعمت آهي جو اهي والدينّ جي اکين جو ٺار ۽ قلب جو قرار هوندا آهن انهن جي موجود هجڻ سان پنهنجي خدمت ۽ ڪاروبار ۾ مدد ڪرڻ جو فائدو ملندو آهي. ۵. "عَلَيْهَا تِسْعَةَ عَشَرَ" (ان تي اوڻويہ "ملائڪ مقرر" آهن) جي وضاحت ڪندي علامہ بيضاوي لکيو آهي تہ اهي اوڻويہ ملائڪ هوندا يا ملائڪن جا اوڻيہ قسم هوندا ۽ ان عدد جي تخصيص ان جي ڪري آهي جو بشر نفس نظر ۽ عمل ۾ حيواني قوتن جي سببان ٻارهن قسم آهن ۽ طبعي لحاظ سان ست. جملي اوڻويہ ٿيا يا ست طبقا جهنم جا آهن انهن مان ڇهہ ڪافرن جي لاءِ انهن جي قسمن آهر ۽ هر قسم پنهنجي ڪفر ۽ عمل جي لحاظ سان عذاب ڪيو ويندو هر قسم جي عذاب جي مناسب ان سان ملائڪ مقرر ڪيو ويندو يا ان جي ڪري جو رات ڏينهن ۾ چوويہ ڪلاڪ آهن پنج ڪلاڪ پنجن نمازن جا باقي اوڻويہ رهيا انهن ۾ جيڪڏهن گناهہ ڪيا ويا تہ اهي ملائڪ ان کي عذاب ڪندا. (٢)

وَمَا جَعَلْنَآ اَصْحٰبَ النَّارِ اِلَّا مَلٰٓئِكَةً ۙ وَّمَا جَعَلْنَا عِدَّتَهُمْ اِلَّا فِتْنَةً

۽ نہ بنايا اسان باهہ جا داروغا مگر ملائڪ ۽ نہ ڪيو اسان ڳاڻاٽو انهن جو مگر آزمائش

لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۙ لِيَسْتَيْقِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَيَزْدَادَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِيْمَانًا

انهن جي لاءِ جن ڪفر ڪيو تانت يقين ڪن اهي جو ڏنا ويا ڪتاب ۽ وڌن اهي جن ايمان آندو

وَّلَا يَرْتَابَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ۙ وَلِيَقُوْلَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ

۽ نہ شڪ ڪن اهي جي ڏنا ويا ڪتاب ۽ مومن ۽ تانت چون اهي جو دلين انهن جي ۾ بيماري آهي

وَّالْكٰفِرُوْنَ مَاذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا مَثَلًا ۭ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَاۗءُ

۽ ڪافر تہ ڪهڙو ارادو ڪيو آهي الله هن مثال سان اهڙي طرح گمراهہ ڪري الله جنهن کي گهري

(١) القرطبي صـ٧۴ـ جلد ١٩ (٢) البيضاوي صـ۵۴٣ـ جلد ٢

وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَا يَعْلَمُ جُنُوْدَ رَبِّكَ اِلَّا هُوَ ؕ وَمَا هِيَ

۽ هدايت ڪري ٿو جنهن کي گهري ۽ نہ ٿو ڄاڻي تنهنجي رب جي لشڪر کي مگر اهو ۽ ناهي اهو

اِلَّا ذِكْرٰي لِلْبَشَرِ ع (٣١) كَلَّا وَالْقَمَرِ ۙ (٣٢) وَالَّيْلِ اِذْ اَدْبَرَ ۙ (٣٣) وَالصُّبْحِ اِذَآ ع ١ ١٥

مگر نصيحت انسان جي لاءِ ها ها قسم آهي چنڊ جو ۽ رات جو جڏهن پٺي ڏي ۽ صبح جو جڏهن

اَسْفَرَ ۙ (٣٤) اِنَّهَا لَاِحْدَي الْكُبَرِ ۙ (٣٥) نَذِيْرًا لِّلْبَشَرِ ۙ (٣٦) لِمَنْ

روشن ٿئي تہ بيشڪ اهو دوزخ وڏين شين مان هڪ آهي ڊيڄاريندڙ انسان جي لاءِ. ان جي لاءِ

شَآءَ مِنْكُمْ اَنْ يَّتَقَدَّمَ اَوْ يَتَاَخَّرَ ۭ (٣٧) كُلُّ نَفْسٍ بِمَا كَسَبَتْ رَهِيْنَةٌ ۙ (٣٨)

جنهن گهريو اوهان مان تہ اڳتي ٿئي يا پوئتي ٿئي هر نفس ان ۾ جيڪو ڪيائين ڳهہ رکيل آهي

اِلَّآ اَصْحٰبَ الْيَمِيْنِ ۛ (٣٩) ٢ ع ١

مگر سڄي هٿ وارا

تفسير

اڳيئن آيت ۾ ٻڌايو ويو تہ دوزخ جي مٿان مقرر ڪيل ملائڪ اوڻويهہ آهن ۽ هتي انهن ۾ رکيل راز کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَمَا جَعَلْنَآ اَصْحٰبَ النَّارِ اِلَّا مَلٰٓئِكَةً ۠" (۽ اسان نہ مقرر ڪيا باهہ جا داروغا مگر ملائڪ) مقصد تہ اسان باهہ جي مٿان جن يا انسان داروغا ڪري نہ رکيا آهن ملائڪ رکيا آهن جو تہ اهي شديد بہ آهن قوت وارا بہ آهن. "وَمَا جَعَلْنَا عِدَّتَهُمْ اِلَّا فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۙ" (۽ اسان انهن جو تعداد ڪافرن جي لاءِ فتني کان سواءِ نہ ڪيو آهي) هتي "فِتْنَةً" مان مراد ۾ بہ قول آهن "١" تہ اسان ان تعداد کي ڪافرن جي لاءِ آزمائش بنايو آهي تہ جن جي دل ۾ ڪفر پريل آهي ۽ اهي ڪنهن مصلحت جي خاطر ظاهر نہ ٿا ڪن اهو ظاهر ٿئي. "٢" تہ "فتنة" مان مراد عذاب آهي ۽ اهي جيئن ان جو انڪار ڪندا تيئن عذاب جا وڌيڪ حقدار ٿيندا. (١) "لِيَسْتَيْقِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَيَزْدَادَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِيْمَانًا وَّلَا يَرْتَابَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتَابَ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ۙ" (تانت يقين رکن اهي جي ڏنا ويا ڪتاب ۽ وڌن اهي جن ايمان آندو ايمان ۾ ۽ نہ شڪ ڪن اهي جو ڏنا ويا ڪتاب ۽ مومن) مطلب تہ ان عدد بيان ڪرڻ سان اهل ڪتاب کي قرآن ڪريم جي حق هجڻ ۾ يقين وڌندو ڇو تہ انهن کي ان جو اڳي ئي علم هو جيئن ترمذي جي هڪ روايت ۾ آهي ۽ انهن کي گهٽ ۾ گهٽ ايتري تہ ڄاڻ هئي تہ ملائڪ ڪيتري طاقت رکن ٿا اوڻويهہ بہ

(١) تيسيرالڪريم الرحمان ڪامل ص ـ٨٩٧ ـ

ٿورا ناهن ۽ هي تہ عذابن ڪرڻ جي قسمن جي لحاظ سان دوزخ تي مختلف قسم جا ملائڪ هجڻ ڪپن اهو هڪڙي جو ڪم ناهي ۽ اهو ڏسي مومنن جي ايمان ۾ بہ طاقت ۽ قوت پيدا ٿيندي ۽ اهل ڪتاب ۽ مومنن ڪي قرآن ڪريم جي بيان ۾ ڪو بہ شڪ ۽ شبهو نہ رهندو ۽ نہ اهي مشرڪن جي ٺوڪ ۽ چٿر ڪان مايوس ٿيندا. (١) "وَلِيَقُوْلَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْكٰفِرُوْنَ مَا ذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا مَثَلًا" (۽ تانت جن جي دلين ۾ مرض آهي ۽ ڪافر چون تہ هن مثال (بيان ڪرڻ) سان الله ڪهڙو ارادو ڪيو آهي) مطلب تہ جن جي دلين ۾ شڪ جو مرض آهي ۽ جن جي قلبن ۾ڪفر سمايل آهي اهي چون ٿا تہ اهو تعداد بيان نہ ڪيو وڃي ها تہ ڪهڙو حرج هو ان ڪي بيان ڪرڻ مان الله جل وعلا ڇا ارادو فرمايو آهي؟ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ ان مرض مان مراد اصطلاحي نفاق ناهي جيڪو مدينہ طيبہ ۾ ظاهر ٿيو هو بلڪ ان مان مراد شڪ آهي ۽ مڪہ مڪرمہ ۾ جيئن ڪليل ڪافرن جو تعداد گهٽو هو تيئن شڪ ۾ رهندڙ بہ ڪثير تعداد ۾ هئا اهي ڪڏهن چوندا هئا تہ اهو ممڪن آهي ڪڏهن چوندا هئا تہ غلط آهي هن آيت ۾ "مرض" لفظ ڏسي هن ڪي مدنيہ آيت سڏڻ خواه مخواه جو تڪلف آهي. (٢) "كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ" (اهڙي طرح الله جنهن ڪي گهري ٿو گمراه ڪري ٿو ۽ جنهن ڪي گهري ٿو هدايت ڪري ٿو) هن جو مطلب اهو ناهي تہ الله تعاليٰ ڪنهن ڪي مجبور ڪري گمراه ڪري ٿو يا هدايت ڏي ٿو ڇو تہ ائين چوڻ سان نيڪ ۽ بدعمل جو بدلو جيڪو اسلامي ارڪان جو بنياد آهي ختم ٿي ويندو پر ان جو مطلب هي آهي تہ عقل، فهم، غور ۽ فڪر جون جيڪي صلاحيتون الله عزوجل انسان ڪي ڏئي ان ڪي اختيار ڏنو آهي وٽيس تہ نيڪيءَ ۾ استعمال ڪري وٽيس تہ انهن ڪي گمراهيءَ ۾ لڳائي جيڪڏهن ڪوشخص انهن قوتن ڪي هدايت قبول ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪندو تہ الله تعاليٰ ان ڪي هدايت ڏي ٿو ان ڪي هرويرو گمراهيءَ جي ڪڏي ۾ اڇلايو نہ ٿو وڃي پر جيڪڏهن ڪو عمدًا گمراهي قبول ڪري ٿو تہ قدرت وارو ان ڪي هدايت لاءِ مجبور نہ ٿو ڪري. "وَمَا يَعْلَمُ جُنُوْدَ رَبِّكَ اِلَّا هُوَ" (۽ تنهنجي رب جي لشڪرن ڪي ان ڪان سواءِ ڪير نہ ٿو ڄاڻي) يعني الله جلت صفاتہ جا لشڪر تمام گهڻا آهن ان ڪان سواءِ ٻئي ڪي انهن جوعلم ناهي اوڻويهہ تہ صرف دوزخ جي مٿان مقرر ٿيل عملي جا افسر آهن. "وَمَا هِيَ اِلَّا ذِكْرٰي لِلْبَشَرِ" (۽ اهو ناهي مگر انسان جي لاءِ نصيحت) مطلب تہ دوزخ ۽ ان جي داروغن جو بيان صرف انسان جي نصيحت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آهي. "كَلَّا وَالْقَمَرِ وَالَّيْلِ اِذْ اَدْبَرَ وَالصُّبْحِ اِذَآ اَسْفَرَ اِنَّهَا

(١) حاشيہ عثمانيہ ص-٧٦٥- (٢) ضياءُ القرآن ص-٤٢٣-هہ جلد ٥

لَاِحۡدَی الۡكُبَرِۙ" (ها ها، چنڊ جو "قسم آهي" ۽ رات جو جڏهن پٺي ڦيري تي "قسم آهي" ۽ صبح جو جڏهن روشني ڪري تي "قسم آهي" ته بلاشڪ اها وڏين شين ۾ هڪ آهي) هتي مذڪور لفظ "كَلَّا" تي جيڪڏهن وقف ڪبو ته پوءِ مطلب ٿيندو ته جيئن اوهان گمان ڪيو ويٺا آهيو ته قيامت نه ايندي ائين ناهي چنڊ جو قسم ته اها ضرور ايندي ۽ جيڪڏهن "كَلَّا" تي وقف نه ڪيو ويو ته پوءِ ان جي معنيٰ آهي "حقا" ها ها، چنڊ جو قسم، چنڊ جي قسم کان پوءِ رات جو قسم جڏهن اها پٺي ڏي ٿي، ان کان پوءِ صبح جو قسم ڪنيو ويو آهي جڏهن اها روشني ڪري ٿي پوءِ ٻڌايو ويو آهي ته جيڪي وڏيون وڏيون هولناڪ شيون ظاهر ٿيڻ واريون آهن قيامت به انهن مان هڪ آهي. "نَذِيۡرًا لِّلۡبَشَرِۙ" هتي "نذيرا" مصدر جي معنيٰ ۾ آهي مطلب ته قيامت انسان جي ڊڄڻ ۽ ڊپ ڪرڻ جهڙي شيءِ آهي. "لِمَنۡ شَآءَ مِنۡكُمۡ اَنۡ يَّتَقَدَّمَ اَوۡ يَتَاَخَّرَؕ" (ان لاءِ جيڪو اوهان مان گهري ٿو ته اڳتي وڌي يا پوئتي ٿئي) مطلب ته حقيقت واضح ٿي چڪي آهي هاڻي اوهان جي مرضي آهي نيڪيءَ ۽ بهشت ڏي وڌو يا برائيءَ ۽ دوزخ ڏانهن پوئتي وڃو (١) سمجهڻ گهرجي ته مذڪور بيان مان مقصود هي آهي ته دوزخ عاقل بالغ، مڪلف انسانن جي لاءِ ڊڄڻ جهڙي شيءِ آهي ۽ جڏهن ته ان ڊڄڻ جا نتيجا قيامت ۾ ظاهر ٿيندا ان جي ڪري هتي اهڙين شين جو قسم ڪنيو ويو آهي جيڪي قيامت سان گهڻو مناسب آهن جيئن چنڊ جو تورو تي ظاهر ٿيڻ ۽ آهستي آهستي وڌو ٿيڻ هن جهان جي نشوونما جو نمونو آهي اهڙي طرح هن جهان جي آخرت واري جهان سان حقائق جي لڪڻ ۽ کُلڻ جي اهڙي نسبت آهي جهڙي رات کي ڏينهن سان گويا هن جهان جو ختم ٿيڻ رات جي گذرڻ ۽ اڳئين جهان جو ظهور صبح جي اچڻ وانگر آهي. "كُلُّ نَفۡسٍۭ بِمَا كَسَبَتۡ رَهِيۡنَةٌۙ اِلَّاۤ اَصۡحٰبَ الۡيَمِيۡنِ" (هر نفس جيڪو ڪمايائين (ان ۾) گهه رکيل آهي مگر سڄي وارا) يعني جيڪي شخص ميثاق واري ڏينهن حضرت آدم عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي پٺيءَ جي سڄي پاسي مان ڪڍيا ويا ۽ دنيا ۾ به سڌي رستي تي هليا ۽ قيامت جي ڏينهن بيهڻ واري جاءِ ۾ به عرش جي سڄي طرف جتي بهشت آهي بيٺا رهيا ۽ ان ئي طرف روانا ٿيا ۽ ڪين اعمالناما به سڄن هٿن ۾ مليا اهي پنهنجي ڪيل عملن جي ڪري گهه ۾ رکيل (گروي) نه هوندا. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به حاصل ٿين ٿا. ١. آيت ع٣١ـ ۾ "اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ" به ٻيرا آيو آهي ان جي وضاحت ڪندي مفسرن لکيو آهي ته پهريون ڀيرو

(١) التفسير الواضح الميسر ص١٤٩٣ـ (٢) حاشيه عثمانيه ص٧٦٥ـ

ذڪر ڪيلن مان مراد انهن جا علماءَ ۽ مومنن مان مراد ڪامل ايمان وارا آهن ۽ ٻيو ٻيرو ذڪر ڪيلن اهل ڪتاب مان مراد انهن جو عوام ۽ جاهل ماڻهو آهن ۽ مومنن مان مراد ضعيف ۽ ڪمزور آهن. ٢. "كَذَٰلِكَ يُضِلُّ اللهُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ" (اهڙي طرح الله جنهن کي گهري ٿو گمراهہ ڪري ٿو ۽ جنهن کي گهري ٿو هدايت ڪري ٿو) هن مان معلوم ٿيو تہ قرآن ڪريم جي آيتن مان سيني کي هدايت نہ ٿي ملي سچ ڪان سيئي روشني لہ ٿا وٺن چمڙو ان ڪان پڇندو آهي. ٣. آيت ع-٣٢-، ع-٣٣-، ع-٣٤- ۾ چنڊ جو قسم ڪنيو ويو آهي جو اهو عجيب مخلوق آهي ۽ ان سان جهان جو نظام قائم آهي رات جي پوئين حصي جو ان جي ڪري قسم ڪنيو ويو آهي جو اهو الله جل شانــــه جي عاشقن جي زاري ڪرڻ ۽ روئڻ جو وقت آهي صبح جي روشنيءَ جو قسم ان جي ڪري ڪنيو ويو آهي جو اها توبــه ۽ استغفار جي گهڙي آهي يا چنڊ مان مراد حضور صلي الله عليــه وسلم جن آهن ۽ رات جي پٺي ڏيڻ مان مراد نفس جي ظلمت جو پري ٿيڻ آهي ۽ صبح جي روشني مان مراد ايمان جي نور جو دل ۾ اچڻ آهي اهي ٻئي شيون حضور (عليــه الصلواة والسلام) جن جو فيض آهن (١) ٤. "كُلُّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ رَهِيْنَــةٌ ۙ اِلَّآ اَصْحٰبَ الْيَمِيْنِ" (هر نفس جيڪو ڪيو ان ۾ اهو ڳهہ رکيل (گروي) هوندو مگر سڄي وارا) هن مان معلوم ٿيو تہ سڄي وارن مان مراد اهي ٻانها آهن جن الله جل وعلا جا حقوق ۽ ٻانهن جا حقوق بہ ادا ڪيا هوندا يا الله عزوجل ۽ ٻانهن انهن کي معاف ڪيا هوندا فرض ۽ قرضن ڪان آزاد هوندا تہ انهن کي ڳهہ رکڻ جي ڪا مناسبت نہ هوندي ۽ جيڪڏهن "رهينة" مان مراد حساب، ڪتاب، جنت ۽ دوزخ ۾ داخل ٿيڻ ڪان پهريان ڪنهن جاءِ ۾ بند هجڻ آهي تہ پوءِ مطلب هي ٿيندو تہ سڀ نفوس پنهنجي پنهنجي حساب لاءِ روڪيل هوندا پر "اَصْحٰبَ الْيَمِيْنِ" (روڪيل نہ هوندا تہ پوءِ انهن مان مراد يا تہ اهي معصوم هوندا جن تي حساب وغيره ناهي جيئن نابالغ ٻار. اهو ئي حضرت علي رضي الله عنــه جو قول آهي يا اهي ماڻهو جن جي لاءِ حديث ۾ آيو آهي تہ هن امت جا گهڻا ماڻهو حساب ڪان آزاد هوندا حساب ڪان سواءِ جنت ۾ ويندا. (٢)

فِيْ جَنّٰتٍ ۛ يَتَسَآءَلُوْنَ (٤٠) عَنِ الْمُجْرِمِيْنَ ۙ (٤١) مَاسَلَكَكُمْ فِيْ سَقَرَ (٤٢)

بهشتن ۾ پڇندا مجرمن ڪان تہ ڪنهن داخل ڪيو اوهان کي جهنم ۾

(١) نور العرفان صـ٩١٩/٩٢٠- (٢) معارف القرآن صـ٦١٦- جلد ٨

قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ ۙ (٤٣) وَلَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ ۙ (٤٤) وَكُنَّا

چيائون ته نه هئاسون نماز پڙهندڙن مان ۽ نه کاڌو کارائيندا هئاسون مسڪينن کي ۽ اجايون

نَخُوْضُ مَعَ الْخَآئِضِيْنَ ۙ (٤٥) وَكُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ۙ (٤٦)

ڳالهيون ڪنداهئاسون اجايون ڳالهيون ڪندڙن سان گڏ ۽ قيامت جي ڏينهن کي ڪوڙوچوندا هئاسون

حَتّٰىٓ اَتٰىنَا الْيَقِيْنُ ؕ (٤٧) فَمَا تَنْفَعُهُمْ شَفَاعَةُ الشّٰفِعِيْنَ ؕ (٤٨) فَمَا لَهُمْ

تانجو آيو اسان وٽ موت پوءِ نفعو نه ڏيندي انهن کي شفاعت شفاعت ڪندڙن جي پوءِ ڇا آهي

عَنِ التَّذْكِرَةِ مُعْرِضِيْنَ ۙ (٤٩) كَاَنَّهُمْ حُمُرٌ مُّسْتَنْفِرَةٌ ۙ (٥٠) فَرَّتْ

انهن کي جو نصيحت کان منهن موڙيندڙ آهن چڻ ته اهي گڏهه ٿهندڙ آهن ڀڄن پيا

مِنْ قَسْوَرَةٍ ؕ (٥١) بَلْ يُرِيْدُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّؤْتٰى صُحُفًا مُّنَشَّرَةً ۙ (٥٢)

شينهن کان بلڪ ارادو ڪري ٿو هر مرد انهن مان هي ته ڏنو وڃي دفتر کليل

كَلَّا ؕ بَلْ لَّا يَخَافُوْنَ الْاٰخِرَةَ ؕ (٥٣) كَلَّآ اِنَّهٗ تَذْكِرَةٌ ۚ (٥٤) فَمَنْ شَآءَ

هرگز نه بلڪ نه ٿا ڊڄن آخرت کان هرگز نه بيشڪ اها نصيحت آهي پوءِ جيڪو گهري

ذَكَرَهٗ ؕ (٥٥) وَمَا يَذْكُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ هُوَ اَهْلُ التَّقْوٰى

ته نصيحت حاصل ڪري ان کان ۽ نه نصيحت وٺندا مگرهي ته گهري الله اهوئي ڊڄڻ جو اهل آهي

وَاَهْلُ الْمَغْفِرَةِ ع (٥٦) ٢ ع٥ ١٦

۽ مغفرت جو اهل آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ذڪر ڪيو ويو ته ”اصحاب اليمين“ (سڄي وارا ڳهه رڪيل نه هوندا) ۽ هتي بيان ٿيو آهي ته اهي جنتن ۾ هوندا فرمان مبارڪ آهي ”فِيْ جَنّٰتٍ ؕ يَتَسَآءَلُوْنَ ۙ عَنِ الْمُجْرِمِيْنَ ۙ“ (بهشتن ۾ هوندا مجرمن کان پڇندا) مطلب ته اهي نيڪ بخت، سڄي وارا پاڻ جنت ۾ رهندا ۽ مجرمن کان پڇندا ته اوهان کي جهنم ۾ ڪنهن داخل ڪيو آهي؟ سبب ڪهڙو آهي؟ اهي ڪين جواب ڏيندا ته ”چئن گناهن جي ڪري عذاب ۾ مبتلا ٿيا آهيون“ ”١“ ”قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ ۙ“ (چوندا ته نماز پڙهندڙن مان نه هئاسون) مطلب ته نماز نه ادا ڪندا هئاسون جيڪا دين جو ٿنڀ آهي ۽ اها ٻانهي ۽ الله جي وچ ۾ الله جي اڳيان سجدي ڪرڻ سان رابطو ۽ تعلق جو سبب آهي نماز ڇڏيندڙ

مومنن کان جدا ڪري مجرمن جي صف ۾ آندو ويندو. "۲" "وَلَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ" (۽ مسڪين کي کاڌو نہ کارائيندا هئاسون) اطعام تہ کاڌي کارائڻ کي سڏبو آهي پر ان ۾ مسڪين کي لباس ۽ رهڻ جي جاءِ ڏيڻ بہ داخل آهي مسڪين ڏانهن توجہ نہ ڏيڻ وارو بہ مجرمن جي ٽولي ۾ شمار ڪيو ويندو. "۳" "وَكُنَّا نَخُوْضُ مَعَ الْخَآئِضِيْنَ" (۽ اجاين ڪمن ۾ مشغول ٿيندڙن سان مشغول رهندا هئاسون) هدايت کان سواءِ بئي اجائي ڪلام ۾ مشغول ٿيڻ کي خوض چئبو آهي ڪافر قرآن ڪريم کي سحر چوڻ حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي مجنون چوڻ وغيره ۾ لڳا پيا هوندا هئا ۽ هلندڙ دور ۾ اسلامي عقيدي، ان جي شعائر سان چٿرون ڪندڙ بہ ان ۾ داخل آهن. "۴" "وَكُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ" (۽ قيامت جي ڏينهن کي ڪوڙو چوندا هئاسون) قيامت کي نہ مڃڻ جي ڪري بہ هن سزا ۾ ڦاٿل آهيون درحقيقت قيامت تي يقين رکڻ انسان کي گناهن کان بچائڻ جي لاءِ وڏي ڍال آهي ان عقيدي وارو آخرت جي عذاب جي ڊپ جي ڪري گناهن کان پڄندو ۽ بچندو. "حَتّٰىٓ اَتٰىنَا الْيَقِيْنُ" (تانجو اسان وٽ موت آيو) مطلب تہ انهن ڳالهين ۾ رهندي موت اچي ويو پوءِ نہ گناهن تي پشيماني نصيب ٿي نہ توبہ ڪرڻ جو موقعو مليو. (۱)

"فَمَا تَنْفَعُهُمْ شَفَاعَةُ الشّٰفِعِيْنَ" (پوءِ انهن کي شفاعت ڪندڙن جي شفاعت نفعو نہ ڏيندي) مطلب تہ قيامت جي ڏينهن قيامت کي ڪوڙو چوندڙن ڪافرن کي ڪنهن جي شفاعت نفعو نہ ڏيندي. علامہ شبير احمد عثماني صاحب هن آيت جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ ڪافرن جي حق ۾ ڪو شفاعت نہ ڪندو پلا جيڪڏهن ڪنهن ڪئي تہ قبول نہ پوندي. (۲) آيت مان معلوم ٿيو تہ مومن جي لاءِ شفاعت ٿيندي ۽ اها حق آهي. علامہ الشيخ محمد علي الصابوني مڪہ مڪرمہ جي جامعہ اسلاميہ (يونيورسٽي) ۾ استاد التفسير لکيو آهي "لان الشفاعة تنفع في العاصي لافي الكافر وفي المسلم لافي المجرم" (۳) يعني تہ شفاعت گنهگار جي حق ۾ فائدو ڏيندي ڪافر جي حق ۾ فائدو نہ ڏيندي ۽ مسلمان جي حق ۾ فائدو ڏيندي غير ملسمان جي حق ۾ فائدو نہ ڏيندي. شفاعت جو هجڻ اڳ ۾ بہ مختلف مقامن تي لکي آيا آهيون. "فَمَا لَهُمْ عَنِ التَّذْكِرَةِ مُعْرِضِيْنَ" (پوءِ انهن کي ڇا ٿيو آهي جو نصيحت کان منهن موڙيندڙ آهن) يعني قيامت ۾ پيش ايندڙن عذابن جو ٻڌي پوءِ بہ انهن کي ڇا ٿيو آهي جو ايمان کان منهن موڙين ٿا بلڪ ايمان جي ڳالهہ ٻڌڻ جي لاءِ بہ تيار ناهن. "كَاَنَّهُمْ حُمُرٌ مُّسْتَنْفِرَةٌ"

(۱) روح القرآن ص ۱۳۵/ ۱۳۶ـ جزءُ ۲۹ (۲) حاشيہ عثمانيہ ص ۷۶۵ـ
(۳) التفسير الواضح الميسر ص ۱۴۹۴ـ

فَرَّتْ مِنْ قَسْوَرَةٍ" (جڻ ته اهي ٿهندڙ گڏه آهن جيڪي شينهن کان ڀڄن ٿا) يعني حق جو ڪڙڪيدار آواز ٻڌي ائين ڀڄن ٿاجيئن جهنگلي گڏه شينهن کان ڀڄندا آهن. "بَلْ يُرِيْدُ كُلُّ امْرِيءٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّؤْتٰي صُحُفًا مُّنَشَّرَةً" (بلڪ انهن مان هر مڙس ارادو ڪري ٿو ته اهو کليل دفتر ڏنو وڃي) مقصد ته اهي الله عزوجل جي نبي عليه الصلواة والسلام جي فرمان ڪي مڃڻ نه ٿا گهرن بلڪ انهن مان هر شخص جو اهو ارادو آهي ته خود ان تي الله جل شانه جا کليل صحيفا نازل ٿين اهو پيغمبر بنايو وڃي جيئن سورة الانعام آيت ع ١٢٤ ۾ آهي. "حَتّٰي نُؤْتٰي مِثْلَ اُوْتِيَ رُسُلُ اللهِ" (تانجو اسين به ان جهڙو (پيغام) ڏنا وڃون جهڙو الله جا رسول ڏنا ويا آهن) "ڪلا" (هرگز نه) يعني ائين ڪڏهن به نه ٿيندو رسالت ۽ نبوت سان نوازڻ الله جلت صفاته جي مرضي آهي ڪنهن جي وس جي شيءِ ناهي "بل لايخافون الاخرة" (بلڪ آخرت کان ڊڄن نه ٿا) يعني انهن جا اهي بيحيائيءَ وارا مطالبا حقيقت تي مبني ناهن پر اهي آخرت جي عذاب کان ڊڄن ئي نه ٿا تڏهن ٿا اهڙيون ڳالهيون ڪن. "كَلَّآ اِنَّهٗ تَذْكِرَةٌ فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ" (هرگز نه بيشڪ اهو نصيحت آهي پوءِ جيڪو گهري ته ان کان نصيحت حاصل ڪري) مطلب ته قرآن ڪريم انهن ڪي اهي ڳالهيون بيان ڪري نصيحت ڪري ٿو جو مٿن واجب آهي ته اهو عقيدو رکن ۽ ان تي عمل ڪن پوءِ انهن مان جيڪو گهري ته انهن سان نصيحت حاصل ڪري ۽ انهن تي هلي ڏيکاري. (١) "وَمَا يَذْكُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللهُ" (۽ نه ٿا نصيحت وٺن مگر هي جو گهري الله) يعني انهن ڪي نصيحت ۽ هدايت تڏهن حاصل ٿيندي جڏهن الله عزوجل به ائين چاهيندو ۽ ان جو چاهڻ ۽ گهرڻ يا نه گهرڻ سڀ حڪمتن تي مبني آهي جن جو احاطو ڪير به نه ٿو ڪري سگهي اهو ئي هر شخص جي استعداد ۽ لياقت ڄاڻي ٿو ۽ ان سان ان جي موافق معاملو ڪري ٿو. "هُوَ اَهْلُ التَّقْوٰي وَاَهْلُ الْمَغْفِرَةِ" (اهو ئي تقويٰ جو اهل ۽ مغفرت جو اهل آهي) يعني انسان ڪيترا به گناه ڪري پر جڏهن تقويٰ جي واٽ وٺندو ۽ ان کان ڊڄندو ته اهو ان جا سڀ گناه بخش ڪري ڇڏيندو. حضرت انس بن مالڪ کان روايت ڪيل حديث ۾ آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو الله عزوجل فرمايو آهي ته "مان ان جو لائق آهيان ته ٻانهو مون کان ڊڄي مون سان ڪنهن به ڪم ۾ ڪنهن ڪي شريڪ نه ڪري پوءِ جڏهن ٻانهي مون کان ڊڄي مون سان ڪنهن ڪي شريڪ نه بنايو ته منهن جو شان هي آهي ته مان ان جي گناهن ڪي بخش فرمايان". (٢)

(١) روح القرآن ص ١٣٧ جزءُ ٢٩ (٢) حاشيه عثمانيه ص ٧٦٦.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ملن ٿا. ١. "فِيْ جَنّٰتٍ يَتَسَآءَلُوْنَ عَنِ الْمُجْرِمِيْنَ" (بهشتن ۾ هوندا مجرمن کان پڇندا) هن مان معلوم ٿيو تہ بهشتين ماڻهن جون سڀ قوتون اپتريون قوي هونديون جو انتهائي پري فاصلي جي هوندي بہ جهنمين جي حالات ڏسندا ۽ انهن سان ڳالهائي انهن کان جهنم ۾ داخل ٿيڻ جا اسباب معلوم ڪندا جيئن دنيا ۾ ڪي مقبول ٻانها ساري جهان کي هٿ جي ترري وانگر ڏسندا آهن سيدنا حضرت سليمان عليٰ نبيناوعليه الصلواة والسلام گهڻو پري کان ڪِول جو آواز ٻڌو هو. ٢. هتي مجرمن مان مراد ڪافر آهن ڇو تہ آخر ۾ "وَكُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ" (۽ قيامت جي ڏينهن کي ڪوڙو چوندا هئاسون) آيو آهي ۽ قيامت کي ڪوڙو ڪافر چون ٿا هن مان معلوم ٿيو تہ جنت وارا ڪافرن کان دوزخ ۾ وڃڻ جا اسباب پڇندا جيڪي گنهگار مومن دوزخ ۾ هوندا انهن کان نہ پڇندا بلڪ انهن جي شفاعت ڪري انهن کي دوزخ مان ٻاهر آڻيندا. (١) ٣. "لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ" (نماز پڙهندڙن مان نہ هئاسون) هن مان معلوم ٿيو تہ ڪافرن کي عبادتن نہ ڪرڻ جي ڪري بہ آخرت ۾ عذاب ملندو پر دنيا ۾ ايمان کان سواءِ اهي عبادتن جا ذميدار ناهن تانجو جيڪڏهن ڪو ماڻهو مسلمان ٿيو تہ ان تي ڪفر جي زندگيءَ جون رهيل نمازون قضا ڪرڻ ضروري ناهن. ٤. "وَلَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ" (۽ مسڪين کي کاڌو نہ کارائيندا هئاسون) هتي ان مان مراد مقبول صدقو آهي يعني اهڙو خير نہ ڪندا هئاسون جيڪو مقبول هجي ۽ مقبوليت جي لاءِ ايمان آڻڻ شرط آهي ڪافر ڪيتريون سبيلون لڳائن ٿا وڏو خرچ ڪري ديڳيون لاهي ماڻهن کي کاڌو کارائن ٿا پر اهو مقبول ناهي اول ايمان آڻي مسلمان مومن بنجي پوءِ خيراتون ڪن تہ مقبول آهن اهي ايمان کان سواءِ ائين آهن جيئن پاڙ کان وڍيل ڪاٺيءَ کي پاڻي ڏيڻ جيڪو ڪنهن ڪم جو ناهي. اشرف علي ٿانوي جي خليفي مفتي شفيع صاحب ديوبندي لکيو آهي تہ هن آيت مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪافرن کان سواءِ مسلمانن جي لاءِ پوءِ اهي ڪٿي ڪيڏا بہ گنهگار هجن شفاعت نفعو ڏيندي جيئن ڪيترين صحيح حديثن ۾ نبين عليٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءَ، صلحاءَ بلڪ عام مومنن مان هڪڙن جي ٻين لاءِ شفاعت ڪرڻ ۽ قبول ٿيڻ ثابت آهي. (٢) علامـــه ثناءُ الله پاني پتي لکيو آهي تہ هر مومن جي لاءِ شفاعت جي جواز تي اجماع آهي ۽ شفاعت جو انڪار اهل هويٰ، معتزلن ۽ خارجين (الله ڪين خراب ڪري) کان سواءِ ڪنهن نہ ڪيو آهي ۽ شفاعت جي ثبوت ۾ معنوي تواتر سان متواتر حديثون آيون آهن ان ڪان پوءِ پاڻ ڪجهہ حديثون بہ ذڪر ڪيون

(١) نور العرفان ص ٩٢٦ـ (٢) معارف القرآن ص ٦١٦ـ جلد ٨

اتس جن مان هڪ هيءَ حديث بہ آهي جيڪا زيد بن ارقمؓ تيرهن، چوڏهن ٻين اصحابن رضي الله عنهم کان بہ روايت ڪيل آهي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو "شفاعتي يوم القيمة حق فمن لم يؤمن بهالم يكن من اهلها" (١) (قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت حق آهي پوءِ جنهن ان تي ايمان نہ آندو اهو ان جو اهل (لائق) نہ هوندو. ٥. "فَمَا تَنفَعُهُمْ شَفَاعَةُ الشَّافِعِينَ" (پوءِ انهن کي شفاعت ڪندڙن جي شفاعت نفعو نہ ڏيندي) مان معلوم ٿيو تہ ڪافر شفاعت کان محروم رهندا. "شافعين" جمع جي صيغي آڻڻ سان معلوم ٿيو تہ شفاعت ڪندڙ گهڻا هوندا نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام کي شفيع المذنبين ان جي ڪري چئون ٿا جو شفاعت ڪبريٰ جو تاج سندن سر مبارڪ تي هوندو ۽ شفاعت جي نفعي ڏيڻ جي انڪار مان مراد آهي تہ انهن جي لاءِ شفاعت ٿيندي ئي ڪا نہ. ٦. "كَأَنَّهُمْ حُمُرٌ مُّسْتَنفِرَةٌ فَرَّتْ مِن قَسْوَرَةٍ" (ڄڻ تہ اهي ٿهندڙ گڏهہ آهن جيڪي شينهن کان ڀڄن ٿا) مان معلوم ٿيو تہ ڪافر قرآن ڪريم ۽ صاحب قرآن حضور عليہ الصلواة والسلام جن کان ائين ڀڄندا هئا جيئن گڏهہ شينهن کان ڀڄندا آهن ۽ ان مان معلوم ٿيو تہ انسان شڪل ۾ تہ سڀ انسان آهن پر فطرت ۾ مختلف هوندا آهن ڪي فطرت ۾ فرشتن جي صفتن سان موصوف بلڪ ڪي تہ انهن کان بہ اعليٰ هوندا آهن ۽ ڪنهن جي فطرت گڏهہ جي، تہ ڪنهن جي ڪتي جي، تہ ڪنهن جي شينهن واري هوندي آهي. حضور عليہ الصلواة والسلام ۽ ابوجهل ۾ فرق تہ جانور بہ ڪندا هئا جيڪو سيني انسانن کي هڪ جهڙو ميجي اهو جانورن کان بہ پري ۽ حماقت ۾ انهن کان بہ وڌيڪ آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ عقل اهو آهي جنهن سان الله عزوجل ۽ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي شناس حاصل ٿئي نہ تہ اهو عقل، عقل ئي ناهي. مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو ڪافر قريشي سردار دنيا ۾ تہ وڏا داناءَ هئا پر الله عزوجل ڪفر جي ڪري انهن کي گڏهہ سڏيو آهي. (٢)

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون گنهگار اڄ اربع جي ڏينهن صبح جو ست لڳي چاليهہ منٽن تي بموٴرخہ ٢٢ رمضان المبارڪ ١٤٢٦هہ الموافق ٢٠٠٥،١٠،٢٦ تي مدينہ منور ۾ پنهنجي مرحوم صحري حاجي عبدالحميد ۽ سندس پٽن حبيب احمد ۽ احمد مدني ڏاهري جي گهر ۾ سورة المدثر جو تفسير لکي پورو ڪيو

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) المظهري ص ١٣٣ ـ جلد ١٠
(٢) نورالعرفان ص ٩١٨ ـ

سورة "الْقِيَامَةِ" جو تعارف

هن سورة جي تعارف ۾ هي مت ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ اهم آهن

نالو مبارڪ: هن پياري سورة جا ٻه نالا آهن "١" "لَآاُقْسِمُ" "٢" "اَلْقِيَامَـةِ" جيڪي ٻئي هن جي پهرين آيت آهن.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٻه رڪوع، چاليهه آيتون، هڪ سؤ نوانوي (١٩٩) ڪلما، ۽ ڇهه سؤ ٻيانوي (٦٩٢) (١) يا (٦٥٢) حرف آهن (٢)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، ابن مردويه، بيهقي الدلائل ۾ حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه عبدالله بن زبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته سورة "القيامة" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٣)

نزول جو زمانو: مفسرن ڀلارن جو هن ڳالهه تي اتفاق آهي ته هيءَ سورة نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي مڪي زندگيءَ جي ابتدائي عهد ۾ لٿي هئي

مضمون: قيامت جي متعلق ڪافر ۽ مشرڪ جن شڪن ۽ شبهن ۾ گهڻو گرفتار هئا هن ۾ ڪيترا قسم کڻي انهن جو ازالو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي فرمان آهي ته "جنهن شيءِ کي اوهان محال سمجهو ٿا اها اسان جي لاءِ بالڪل آسان آهي" ان کان پوءِ قيامت جي دردناڪ احوال جو ذڪر آندو ويو آهي ۽ غافل انسانن جي بي وسي ۽ بي ڪسي بيان ڪيل آهي. ابتداءَ ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن وحي جي نزول وقت ذميداري جي اهميت کي گهڻو محسوس ڪندي ڳرائي سمجهندا هئا ۽ ان جو خيال گهڻو رکندا هئا ته ڪو حرف رهجي نه وڃي ان جي ڪري جڏهن جبريل امين الهي ڪلام آڻيندو هو ته حضور عليه الصلواة والسلام جن ان کي جلد جلد پڙهندا هئا الله تعالىٰ هميشه جي لاءِ ان خطري کي دور ڪندي فرمايو اي حبيب! (عليڪ الصلواة والسلام) وحي کي اوهان جي قلب پاڪ تي ثابت ڪرڻ به اسان جي ذميداري آهي ان کان علاوه ان جو معنائون ۽ مطلب سمجهائڻ، ان جي اسرار ۽ معارف کان آگاهي بخشڻ به اسان پنهنجي ڪرم جي ذمي جي حوالي ڪئي آهي اوهان ان جي باري ۾ بالڪل فڪر نه ڪيو. ان اطمينان ڏيارڻ کان پوءِ ٻڌايو ويو آهي ته قيامت ۾ جڏهن الله جل وعلا جا نيڪ ٻانها حاضر ٿيندا ته انهن جا منهن تازا هوندا هي پنهنجي رب جو ديدار ڪندا پر بدڪار شخص جڏهن آندا ويندا ته انهن جا منهن بڇڙا هوندا منحوس رهندي ڏپ کان ڪنبندا رهندا. ان کان پوءِ اهڙن ماڻهن جي موت

(١) ضياءُ القرآن صـ٤٢٨ـ (٢) خازن صـ٣٣٦ـ جلد ۴ (٣) الدرالمنثور صـ٣٤٢ـ جلد ٨

جو منظر پيش ڪيو ويو آهي ٻئي رڪوع ۾ نالي وٺڻ کان سواءِ مڪه مڪرمه جي رهاڪو مغرور ۽ متڪبر رئيس جا اطوار ۽ احوال بيان ڪيل آهن ۽ ان کي ان جي فطري انجام کان آگاهه ڪيو ويو آهي تانته اهو عبرت وٺي ۽ نصيحت حاصل ڪري.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ "كَلَّا بَلْ لَا يَخَافُوْنَ الْاٰخِرَةَ" سان ڪافرن جو آخرت کان نه ڊڄڻ بيان ٿيو ان جو سبب هي هو ته اهي قبر مان جيئرو ٿي اٿڻ جا انڪاري هئا ۽ هتي قيامت جي قائم ٿيڻ تي اعليٰ قسم جا دليل ۽ اتي پيش ايندڙ حالات بيان ڪيا ويا آهن. (١)

ڀلايون ۽ برڪتون: ثعلبي حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن سورة "القيامة" پڙهي ته مان ۽ جبريل. قيامت جي ڏينهن ان جي مومن هجڻ جا شاهد هونداسون". الحديث. (٢)



(١) المراغي ص-١٤٤- جزءُ ٢٩ جلد ١٠ (٢) اللباب في علوم الكتب ص-٥٧٩- جلد ١٩

وَهِيَ اَرْبَعُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْقِيَامَةِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ٤٠ آيتون آهي	سورة القيامة مكي آهي	۽ ان ۾ ٻه رکوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

لَآ اُقْسِمُ بِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ (١) وَلَآ اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ اللَّوَّامَةِ (٢) اَيَحْسَبُ

قسم کڻان ٿو مان قيامت جي ڏينهن جو ۽ قسم کڻان ٿو مان لوامه نفس جو ڇا خيال ڪري ٿو

الْاِنْسَانُ اَنْ لَّنْ نَّجْمَعَ عِظَامَهٗ (٣) بَلٰى قٰدِرِيْنَ عَلٰٓى اَنْ

انسان ته هرگز نه گڏ ڪنداسون هڏا ان جا هائو قادر ٿيندڙ آهيون هن تي جو درست ڪيون ان جي

نُّسَوِّيَ بَنَانَهٗ (٤) بَلْ يُرِيْدُ الْاِنْسَانُ لِيَفْجُرَ اَمَامَهٗ (٥)

آگرين جي ڏوڏين کي بلڪ ارادو ڪري ٿو انسان تانت برائي ڪندو رهي پنهنجي ايندڙ وقت ۾ به

يَسْئَلُ اَيَّانَ يَوْمُ الْقِيٰمَةِ (٦)

به پڇي ٿو ته ڪڏهن آهي قيامت جو ڏينهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو ته جنت وارا جهنم وارن کان جهنم ۾ داخل ٿيڻ جا اسباب پڇندا ۽ هتي ان ڏينهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن ۾ اهي سوال جواب ٿيندا فرمان ايزدي آهي "لَآ اُقْسِمُ بِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ وَلَآ اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ اللَّوَّامَةِ" (قسم کڻان ٿو مان قيامت جي ڏينهن جو ۽ قسم کڻان ٿو مان لوامه نفس جو) مفسرن جو اجماع آهي ته "لااقسم" جي معنيٰ آهي "اقسم" مان قسم کڻان ٿو پر "لا" ۾ اختلاف آهي هڪڙا فرمائن ٿا ته اها زائد آهي ڪلام کي مزين ۽ سينگاريل بنائڻ جي لاءِ آندي وئي آهي ۽ اهو استعمال عرب ۾ عام آهي ٻين ڀلارن جو فرمان آهي ته "لا" ڪافرن جي قيامت کي نه مڃڻ جو رد آهي ۽ ان مان فائدو قسم جو تاڪيد ڪرڻ آهي. (١) ٻيو "لوامه" نفس جو قسم کنيو ويو آهي ۽ قسمن جو جواب قرينه سان محذوف آهي يعني قيامت ضرور ايندي. اهو ئي مقسم عليه آهي (٢) هن سورة ۾ قيامت جي منڪرن کي تنبيه ڪندي انهن جا شڪ ۽ شبها ختم ڪيا ويا آهن قيامت جو قسم ته ان جي

(١) القرطبي ص ٩١ جلد ١٩ (٢) تيسيرالڪريم الرحمان ڪامل ص ٨٩٨

عظمت کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ مقام جي مناسب آهي ۽ نفس جي معروف معنيٰ جان يا روح آهي. "اللَّوَّامَةِ" لام جي زبر سان لوم کان ورتل آهي ان جي معنيٰ آهي ملامت ڪرڻ ۽ لوامه نفس مان مراد اهو نفس آهي جيڪو پنهنجن عملن جو پاڻ محاسبه ڪري پاڻ کي پاڻ ملامت ڪندو آهي تہ تو هي گناهہ جو ڪم ڇو ڪيو؟ ۽ نيڪ ڪمن جي متعلق بہ پنهنجي پاڻ کي ان تي ملامت ڪندو آهي تہ ان کان وڌيڪ نيڪ عمل ڪري اعليٰ درجات ڇو نہ حاصل ڪيئي؟ الغرض تہ ڪامل مومن هر حال ۾ پاڻ کي ملامت ڪندو رهندو آهي حضرت ابن عباس ۽ ٻين تفسير جي فن جي امامن کان هي تفسير منقول آهي. (١)

نفسِ لوامه جي قسم کڻڻ جي حڪمت

الله عزوجل جي طرفان لوامه نفس جو قسم اهڙن نفوس مومنه جي اڪرام ۽ شرف کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ آهي جيڪي پنهنجن عملن جو پاڻ محاسبه ڪري پنهنجين ڪوتاهين تي پاڻ کي ملامت ڪندا آهن مذڪور تفسير جي مطابق اهو مطمئنه نفس کي بہ شامل آهي ٻئي مذڪور لقب متقي نفس جا ٿهن ٿا.

صوفياءِ ڪرام وٽ نفس جا قسم

متصوف بزرگن وٽ نفس جا ٽي قسم آهن "١" "امارة" جيڪو انسان کي ٻڇڙن ڪمن ۽ براين ڏانهن سڏيندو رهندو آهي. "٢" "لوامه" اماره نفس ايمان، صالح اعمال، رياضت ۽ مجاهده سان لوامه بڻجندو آهي جيڪو مڪمل طور برايون ڇڏيندو تہ ناهي پر انهن تي پاڻ کي ملامت ڪندو آهي. "٣" "مطمئنه" اهو نفس آهي جو صالح عمل ۾ ترقي ۽ الله عزوجل جي قرب حاصل ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪري ۽ ان جو اهو حال تي وڃي جو شريعت ان جي طبيعت بڻجي وڃي ۽ شريعت جي برخلاف ڪمن کان ان کي طبعي نفرت رهي. (٢)

"اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَلَّنْ نَّجْمَعَ عِظَامَهٗ" (ڇا انسان خيال ڪري ٿو تہ اسين ان جي هڏن کي هرگز گڏ نہ ڪنداسون) هر اهو انسان جيڪو قيامت تي يقين نہ ٿو رکي اهڙي قسم جي وسوسن ۾ مبتلا ٿيندو آهي ۽ اهو هزارين سال وفات ڪري ويلن کي وري ساڳي حالت ۾ اچڻ کي محال ۽ ناممڪن سمجهي ٿو. "بَلٰى قَادِرِيْنَ عَلٰٓى اَنْ نُّسَوِّيَ بَنَانَهٗ" (هائو قادر ٿيندڙ آهيون هن ڳالهہ تي جو ان جي آڱرين جي ڏوڏين کي درست ڪري ڇڏيون) المقصد تہ اوهان وڏا وڏا اعضاءَ تہ ڇڏيو پر اسين اهڙي قدرت وارا

(١) ابن ڪثير صـ٤٤٧ـ جلد ٤ (٢) معارف القرآن صـ٦٢٣ـ جلد ٨

آهيون جو اوهان جي هٿن جون ننڍيون ننڍيون هڏيون بہ گڏ ڪري رکنداسون. "بَلْ يُرِيْدُ الْاِنْسَانُ لِيَفْجُرَ اَمَامَهٗ" (بلڪ انسان ارادو ٿو ڪري تہ اهو پنهنجي اڳيان ايندڙ وقت ۾ بہ گناهہ ڪندو رهي) يعني انهن جو قيامت کي نہ مڃڻ ۽ ان جو انڪار ڪرڻ ان جي لاءِ آهي تہ اهو آينده بہ برا ڪم ڪندو رهي. قيامت کي مڃڻ جي ڪري تہ اهي ان کي ڇڏڻا پوندا. "يَسْئَلُ اَيَّانَ يَوْمُ الْقِيٰمَةِ" (پڇي ٿو تہ قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ايندو؟) اهو سوال بہ مذاق طور ڪندا هئا ان جي اچڻ تي يقين نہ رکندا هئا.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ملن ٿا. ١. "وَلَآ اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ اللَّوَّامَةِ" (قسم کڻان ٿو مان لوامہ نفس جو) مفسرن هن مان بہ مرادون پيون بہ لکيون آهن "١" حضرت آدم علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جيڪو هميشہ پنهنجي ڪردار تي ملامت ڪندڙ رهيو. "٢" هر اهو انسان جيڪو پين کي گناهہ ڪرڻ تي ملامت ڪندو رهي جيئن عالم، بزرگ، صالح بادشاهہ، نيڪو ڪار پيءُ وغيره. ٢. "اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَلَّنْ نَّجْمَعَ عِظَامَهٗ" (ڇا انسان خيال ڪري ٿو تہ اسين ان جي هڏن کي هرگز گڏ نہ ڪنداسون) هن جي شان نزول جي متعلق روايت آهي تہ عدي بن ربيعہ نالي ڪافر حضور پرنور عليہ الصلواة والسلام جي خدمت ۾ حاضر ٿي چيو هو تہ جيڪڏهن مان قيامت ڏسندس تہ بہ نہ مڃيندس ۽ نہ اوهان تي ايمان آڻيندس اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو ڳريل ۽ سڙيل هڏيون وري گڏ ٿي زندهہ ٿينديون لهذا هتي ذڪر ڪيل انسان مان مراد عدي بن ربيعہ آهي يا قيامت جو انڪار ڪندڙ هر ڪافر مراد آهي. (١) ٣. "بَلٰى قٰدِرِيْنَ عَلٰٓى اَنْ نُّسَوِّيَ بَنَانَهٗ" (هائو ان ڳالهہ تي قادر آهيون جو ان جي آڱرين جي ڏوڏين کي درست ڪيون) مقصد تہ هڏا گڏ ڪرڻ ڇا آهي؟ اسين ان کان وڌي ۽ نهايت عجب واري ڳالهہ تي بہ قادر آهيون جو انسان جي آڱرين ۾ جيڪي سنڌ آهن اهي ڏوڏيون بہ گڏ ڪري انهن آڱرين جي مٿان جيڪي ليڪا ۽ گول دائره آهن اهي بہ درست ڪري سگهون ٿا. علامہ صابوني هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ هي قرآن ڪريم جو اهو علمي معجزو آهي جنهن تائين نئون علم هاڻي پهتو آهي جديد علم ثابت ڪيو آهي تہ آڱرين جي ڪل نهايت سنهن ليڪن سان ڍڪيل آهي انهن مان ڪي ليڪا ڪمانن جي شڪل تي آهن تي ڪي گول دائرن سان مشابهہ آهن ۽ اهي هر هڪ انسان ۾ اهڙا نرالا رکيل آهن جو ٻئي انسان ۾ انهن سان برابر يا انهن جهڙا ناهن ان جي ڪري حڪومتن انهن کي نشان طور تسليم ڪيو آهي ان سان هڪ انسان ٻئي کان جدا ٿيندو آهي ۽ هن آيت ۾ اعجاز اهو آهي جو الله عزوجل فرمايو "اَنْ نُّسَوِّيَ

(١) نورالعرفان صـ٩٢١ـ

بَنَانَـــهٗ" (ان جي آڱرين جي ڏوڏين کي درست ڪيون) ائين نہ فرمايائين تہ (پيدا ڪيون) درست ڪرڻ جو مقصد تہ ان جي آڱرين ۾ موجود ليڪا ۽ گول دائره ان شڪل تي رکون جنهن تي اول هئا. (۱) انهن نشانن کي مملڪت عربيہ سعوديـہ ۾ بسام چوندا آهن انهن سان چور وغيره پڪڙيندا آهن. ۴. "يَسْئَلُ اَيَّانَ يَوْمُ الْقِيٰمَـةِ" (پڇي ٿو تہ قيامت جو ڏينهن ڪڏهن آهي) يعني ڪهڙي ڏينهن، ڪهڙي مهيني ۾، ڪهڙي تاريخ قيامت قائم ٿيندي؟ نبي پاڪ عليـہ الصلواة والسلام جن مومنن کي ٻڌائي ڇڏيو تہ قيامت جمعي جي ڏينهن، ڏهين محرم جي تاريخ تي قائم ٿيندي. (۲)

فَإِذَا بَرِقَ الْبَصَرُ (۷) وَخَسَفَ الْقَمَرُ (۸) وَجُمِعَ الشَّمْسُ وَ الْقَمَرُ (۹)

پوءِ جڏهن ڦاٽنديون اکيون ۽ وٺبو چنڊ ۽ گڏ ڪيو ويندو سج ۽ چنڊ

يَقُوْلُ الْاِنْسَانُ يَوْمَئِذٍ اَيْنَ الْمَفَرُّ (۱۰) كَلَّا لَا وَزَرَ (۱۱) اِلٰي رَبِّكَ

چوندو انسان ان ڏينهن تي ڪٿي آهي ڀڄڻ جي جاءِ هرگز نہ، ناهي ڪا پناهہ تنهنجي رب ڏانهن

يَوْمَئِذِنِ الْمُسْتَقَرُّ (۱۲) يُنَبَّؤُا الْاِنْسَانُ يَوْمَئِذٍ بِمَا قَدَّمَ وَاَخَّرَ (۱۳)

ان ڏينهن قرار وٺڻ جي جاءِ آهي خبر ڏنو ويندوانسان ان ڏينهن ان جي جيڪواڳي ڪيائين ۽ پوءِ ڪيائين

بَلِ الْاِنْسَانُ عَلٰي نَفْسِهٖ بَصِيْرَةٌ (۱۴) وَّلَوْ اَلْقٰي مَعَاذِيْرَهٗ (۱۵)

بلڪ انسان پنهنجي نفس تي نگاهہ رکندڙ آهي جيتوڻيڪ آڻي رکيائين عذر پنهنجا

تفسير

اڳيئن آيت ۾ آيو تہ انسان پڇي ٿو تہ قيامت جو ڏينهن ڪٿي آهي؟ ۽ هتي ان جو جواب ڏيندي ارشاد ٿيو آهي "فَاِذَا بَرِقَ الْبَصَرُ" (پوءِ جڏهن اک ڦاٽندي) يعني ان ڏينهن دهشت ۽ ڊپ جي ڪري اک حيرت ۾ پٿجي ڦاٽي پوندي. "وَخَسَفَ الْقَمَرُ وَجُمِعَ الشَّمْسُ وَالْقَمَرُ" (۽ چنڊ وٺبو ۽ سج ۽ چنڊ گڏ ڪيا ويندا) مقصد تہ جڏهن قيامت قائم ٿيندي تہ ابتدائي مرحلن ۾ ڪائنات جو هي سمورو نظام درهم برهم ڪيو ويندو هي چمڪندڙ چنڊ ۽ روشن بنائيندڙ سج بي نور ڪيا ويندا "جمع" جو مطلب يا هي آهي تہ ٻئي بي نور هجڻ ۾ گڏ هوندا يا ان جو مطلب هي آهي تہ هن جهان ۾ ڪم ڪندڙ ڪشش جو نظام ۽ شمسي نظام جا ثوابت ۽ سيارات جيڪي هن وقت پنهنجي مقام تي مضبوطيءَ سان موجود آهن اهي ختم ٿي ويندا ۽ سج ۽ چنڊ هڪ ٻئي کي ملي ويندا. (۳)

(۱) التفسير الواضح الميسر ص۱۴۹۷۔ (۲) نورالعرفان ص۔۹۲۱۔ (۳) ضياءُ القرآن ص۔۴۳۱۔ جلد۵

"يَقُوْلُ الْاِنْسَانُ يَوْمَئِذٍ اَيْنَ الْمَفَرُّ" (ان ڏينهن انسان چوندو ته ڀڄڻ جي جاءِ ڪٿي آهي؟) يعني جڏهن ڪائنات جو نظام درهم برهم ٿيندو ۽ نهايت دقيق نظام سان هلندڙ چنڊ سج جي مدار ۾ داخل ٿيندو ۽ هڪ ٻئي سان ٽڪرجندا ته اتي ڪافر، فاجر انسان ڀڄڻ جي ڪندي چوندو ته ڪٿي ڀڄي لڪڻ جي جاءِ آهي؟ "كَلَّا لَا وَزَرَ اِلٰى رَبِّكَ يَوْمَئِذِنِ الْمُسْتَقَرُّ" (هرگز نه، پناهه جي جاءِ ناهي تنهنجي رب ڏانهن ئي ان ڏينهن قرار وٺڻ جي جاءِ آهي) مطلب ته اهو ڪافر هاڻي اهڙيون ڳالهيون بالڪل نه ڪري اڄ ان جي لاءِ ڪا پناهه ناهي اڄ صرف تنهنجي رب جل جلاله وٽ قرار وٺڻ ۽ موٽي اچڻ جي جاءِ آهي "يُنَبَّؤُا الْاِنْسَانُ يَوْمَئِذٍ بِمَا قَدَّمَ وَاَخَّرَ" (انسان ان ڏينهن ان "عمل" جي جيڪو اڳي ڪيائين ۽ پوءِ ڪيائين خبر ڏنو ويندو) يعني انسان کي سندس ڪيل هر عمل جي خبر ڏني ويندي پوءِ اهو ڀلو هجي يا برو، اڳي ڪيائين يا پوءِ ڪيائين. هن جملہ جي مراد ۾ ٻه قول آهن "١" ته پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ۾ ڪيائين يا پوئين حصي ۾ ڪيائين. (١) "٢" حضرت ابن عباس ۽ حضرت ابن مسعود رضي الله عنهم کان منقول آهي ته ان مان مراد آهي جيڪي ڀلا يا برا ڪم پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪري اڳتي موڪليائين يا ڪو سٺو يا برو طريقو رائج ڪري وفات ڪري ويو ۽ اهو هلي پيو ته اهو سندس پويون ڪيل عمل آهي (٢) بعض علماءَ فرمايو ته "اَخَّرَ" مان مراد اهي ڪم آهن جن جو فيض جاري آهي انسان جي مرڻ کان پوءِ به ان جو اجر ان کي ملندو رهندو. حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "سبع يجري اجرهن للعبد بعد موته وهوفي قبره من علم علما او اجري نهرا اوحفر بئرا اوغرس نخلا اوبني مسجدا اوورث مصحفا اوترك ولدا يستغفرله بعد موته" (٣) ست ڪم اهڙا آهن جن جو اجر ٻانهي لاءِ سندس مرڻ کان پوءِ جڏهن قبر ۾ هوندو ته به جاري رهندو "١" جنهن علم پڙهايو، "٢" يا جنهن (ماڻهن جي پاڻي پيئڻ جي لاءِ) نهر کوٽائي هلائي، "٣" يا کوهه کٽايائين، "٤" يا ڪجي پوکيائين، "٥" يا مسجد ٺهرايائين، "٦" يا (پنهنجي اولاد لاءِ) قرآن ڪريم ورثي ۾ ڇڏيائين، "٧" يا اهڙو اولاد ڇڏيائين جيڪو سندس موت کان پوءِ سندس لاءِ مغفرت جي دعا گهري. "بَلِ الْاِنْسَانُ عَلٰى نَفْسِهٖ بَصِيْرَةٌ وَّلَوْ اَلْقٰى مَعَاذِيْرَهٗ" (بلڪ انسان پنهنجي نفس کي ڏسندڙ آهي جيتوڻيڪ پنهنجا عذر پيش ڪندو رهيو) مقصد ته هي انسان جيڪو غرور جي ڪري حضور عليه الصلواة والسلام جن کي نه ٿو مڃي جڏهن قيامت قائم ٿيندي ته ان وقت ان جي اکيان واضح ٿيندو ته اهو ان وقت تائين گمراهه

(١) روح القرآن صـ١٢٩ـ جزءِ ٢٩ (٢) القرطبي صـ٩٨ـ جلد ١٩ (٣) ضياءُ القرآن صـ٤٣٣ـ جلد ٥

هو ان وقت اهو پنهنجي نفس جو حال پاڻ ڏسندو پلي کيترا به عذر بهانا ناهي پر اهي ڪم جا نه هوندا سندس نفس ئي سندس مثان شاهد هوندو. (۱)

فائدا: مذڪوره آيتن مان حاصل ٿيندڙ هي فائدا به آهن. ۱. "وَجُمِعَ الشَّمْسُ وَالْقَمَرُ" (۽ سج ۽ چنڊ گڏ ڪيا ويندا) جو هڪ مطلب اهو به آهي ته پئي بي نور بنائي اولهه کان اڀاريا ويندا ۽ انهن جو اهو خصوصي اجتماع صرف قيامت جي ڏينهن هوندو. ۲. "يَقُوْلُ الْاِنْسَانُ يَوْمَئِذٍ اَيْنَ الْمَفَرُّ" (ان ڏينهن انسان چوندو ته ڀڄڻ جي جاءِ ڪٿي آهي) هتي انسان مان مراد ڪافر آهي جو ته مومن جي لاءِ پناهه جي جاءِ محبوب عليه الصلواة والسلام جي دامن آهي (باذن الله ومشيته). "بَلِ الْاِنْسَانُ عَلٰى نَفْسِهٖ بَصِيْرَةٌ" (بلڪ انسان پنهنجو پاڻ تي پاڻ شاهد آهي) هن مان معلوم ٿيو ته دنيا ۾ به هر انسان پنهنجا گناهه ڄاڻي ٿو آخرت ۾ ته وسري ويل به ياد اچي ويندا.

لَا تُحَرِّكْ بِهٖ لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ بِهٖ (۱۶) اِنَّ عَلَيْنَا جَمْعَهٗ

نه چوران سان پنهنجي زبان تانت جلد (ياد) ڪرين اهو بلاشڪ اسان جي ذمي تي آهي ان جو گڏ ڪرڻ

وَقُرْاٰنَهٗ (۱۷) فَاِذَا قَرَاْنٰهُ فَاتَّبِعْ قُرْاٰنَهٗ (۱۸) ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا

۽ ان جو پڙهڻ پوءِ جڏهن ان کي پڙهون پوءِ ان جي پڙهڻ جي پويان لڳ ان کان پوءِ بلاشڪ اسان تي

بَيَانَهٗ (۱۹) كَلَّا بَلْ تُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ (۲۰) وَتَذَرُوْنَ الْاٰخِرَةَ (۲۱)

ان جو بيان آهي هرگز نه بلڪ محبت رکو ٿا دنيا سان ۽ ڇڏيو ٿا آخرت کي

وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاضِرَةٌ (۲۲) اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ (۲۳) وَوُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍۢ

ڪيترا منهن ان ڏينهن تازا هوندا پنهنجي رب ڏانهن نهاريندڙ هوندا ۽ ڪيترا منهن ان ڏينهن

بَاسِرَةٌ (۲۴) تَظُنُّ اَنْ يُّفْعَلَ بِهَا فَاقِرَةٌ (۲۵) كَلَّا اِذَا بَلَغَتِ

اداس هوندا خيال ڪندا ته ڪيو ويندو انهن سان چيلهه ٽوڙيندڙ سلوڪ هرگز نه جڏهن پهچندو

التَّرَاقِيَ (۲۶) وَقِيْلَ مَنْ سكتة رَاقٍ (۲۷) وَّظَنَّ اَنَّهُ الْفِرَاقُ (۲۸)

ساهه نرگهٽ تائين ۽ چيو ويندو ته ڪير آهي ڦيٽو رکڻ وارو؟ ۽ خيال ڪندو ته بيشڪ اها جدائي آهي

(۱) التفسير الواضح الميسر ص ۱۴۹۷۔

وَالْتَفَّتِ السَّاقُ بِالسَّاقِ (٢٩) اِلٰي رَبِّكَ يَوْمَئِذٍ الْمَسَاقُ (٣٠).

۽ وچڙندي (هڪ) پني (ٻيءَ) پنيءَ سان تنهنجي رب ڏانهن ان ڏينهن هلڻ آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي حالات جو بيان هو تہ اهي قيامت جي ڏينهن ڪئين بهانا ٺاهي پيش ڪندا پر قبول نہ ڪيا ويندا ۽ هتي ان قرآن ڪريم جي متعلق حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن جنهن جو انڪار ڪري اهي ڪافر بڻيا هئا ۽ الهي عذاب انهن لاءِ اڻ ٽر ٿي ويو هو فرمان مبارڪ آهي "لَاتُحَرِّكْ بِهٖ لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ بِهٖ" (ان سان پنهنجي زبان نہ چور تانت ان سان جلدي ڪرين) هتي حضور پرنور عليہ الصلواة والسلام جن کي خصوصي خطاب ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ڪين قرآن ڪريم جي نزول وقت ڇا ڪرڻ گهرجي اهو بيان ڪيل آهي جبريل امين جڏهن قرآن ڪريم جون ڪجهہ آيتون ڪٺي ايندو هو تہ پاڻ ان وقت ان خيال سان تہ ان جي ٻڌڻ ۽ پوءِ ان نزول جي مطابق پڙهڻ ۾ ڪو فرق نہ ٿي وڃي يا ان جو ڪو حصو يا ڪلمو ذهن مان نڪري نہ وڃي جبريل جي پڙهڻ وقت پنهنجي پاڪ زبان تڪڙي استعمال ڪندا هئا تہ بار بار پڙهي ذهن ۾ وهار جي سندن ان محنت ۽ مشقت کي دور ڪرڻ جي لاءِ الله تعاليٰ هتي چئن آيتن ۾ قرآن ڪريم کي صحيح صحيح پڙهائڻ وري ياد ڪرائڻ ۽ وري ان کي ان ئي طرح مسلمانن جي اڳيان پيش ڪرائڻ جي ذميداري پاڻ کڻڻ فرمائي ۽ حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي فرمايائين تہ "اوهان ان غرض سان پنهنجي پاڪ زبان کي جلدي جلدي هلائڻ جي زحمت نہ ڏيو". (١) "لَاتُحَرِّكْ بِهٖ لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ بِهٖ" جو مطلب اهو آهي "اِنَّ عَلَيْنَا جَمْعَهٗ وَقُرْاٰنَهٗ" (بلاشڪ اسان "جي ذمي" تي ان جو گڏ ڪرڻ ۽ پڙهائڻ آهي) مطلب تہ قرآن ڪريم کي اوهان جي سيني ۾ گڏ ڪرڻ ۽ پڙهائڻ اسان جي ذميداري آهي اوهان بي فڪر رهو ان مان هڪ حرف بہ هيڏي هوڏي ۽ ضايع نہ ٿيندو ان ڪان پوءِ اوهان جي طرفان اهو ماڻهن کي پڙهي ٻڌائڻ جي اوهان کي توفيق ڏيڻ بہ اسان جو ذمو آهي. "فَاِذَا قَرَاْنٰهُ فَاتَّبِعْ قُرْاٰنَهٗ" (پوءِ جڏهن اسين ان کي پڙهون تہ ان جي پڙهڻ جي پوءِ واري ڪر) مطلب تہ جڏهن اسين جبريل جي واسطي سان اوهان تي قرآن پڙهون تہ اهو ٻڌي چڱيءَ طرح ياد ڪري ان جي اتباع ۽ ان تي عمل ڪيو. (٢) "ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا بَيَانَهٗ" (ان ڪان پوءِ ان جو بيان اسان جي ذمي تي آهي) يعني قرآن ڪريم جا علوم ۽

(١) معارف القرآن ص ٦٢٦ ـ جلد ٨ (٢) روح القرآن ص ١٤٦ ـ جزءُ ٢٩

معارف كولي كولي اوهان كي ٻڌائڻ ۽ اوهان جي واسطي سان ٻين تائين پهچائڻ بہ
اسان جي ذميداري آهي اوهان كا بہ تكليف نہ كيو ۽ نہ پريشان رهو. امام بخاري
حضرت ابن عباس رضي الله عنهما كان روايت آندي آهي تہ هنن آيتن جي نزول كان
پوءِ جڏهن جبريل ايندو هو تہ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن خاموش هوندا هئا
اهو وحي پيش كري ويندو هو تہ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن اهو ائين پڙهي
ٻڌائيندا هئا جيئن الله عزوجل وعدو كرڻ فرمايو هو. (۱) "كَلَّا بَلْ تُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَـــةَ ۙ
وَتَذَرُوْنَ الْاٰخِرَةَ ؕ" (هرگز نہ بلك اوهان دنيا سان محبت ركو ٿا ۽ آخرت كي ڇڏيو ٿا)
يعني ڳالهہ ائين ناهي جيئن اوهان جو خيال آهي تہ نہ قبر مان اٿبو نہ قيامت قائم
ٿيندي. اهي امر يقيني آهن ضرور ٿيندا پر حقيقت هيءَ آهي تہ اوهان دنيا جي محبت
۾ مبتلا ۽ مست آهيو آخرت كان بالكل غافل ٿي چكا آهيو. "وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاضِرَةٌ ۙ اِلٰى
رَبِّهَا نَاظِرَةٌ ۚ" (كيترا منهن ان ڏينهن تازا پنهنجي رب ڏانهن ڏسندڙ هوندا) الله عزوجل
جي غضب جي هيٺان آيلن كان بعد انهن سعادتمند ٻانهن جو ذكر كيو ويو آهي جن
ساري عمر پنهنجي رب كريم جي ياد ۽ محبت ۾ گذاري ۽ زندگيءَ جو هر هك
لمحو ان حقيقي محبوب جي حوالي رهيا بيان ٿي رهيو آهي تہ انهن جا منهن مبارك
قيامت جي ڏينهن تازا ۽ رونق وارا هوندا. پنهنجي رب پاك جي ديدار جي دولت ماٺي
ان ۾ مستغرق هوندا. "وَوُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍۢ بَاسِرَةٌ ۙ تَظُنُّ اَنْ يُّفْعَلَ بِهَا فَاقِرَةٌ ؕ" (۽ كيترا منهن
ان ڏينهن اداس هوندا خيال كندا تہ انهن سان پٺيءَ ٽوڙ معاملو كيو ويندو) مقصد
تہ كيترن ماڻهن جا منهن قيامت جي ڏينهن بي رونق هوندا اهو يقين كندا تہ اڄ
انهن سان اهو معاملو ٿيڻ وارو آهي ۽ كين اها سزا ملڻي آهي جيكا سندن چيلهہ ٽوڙي
ڇڏيندي. "كَلَّآ اِذَا بَلَغَتِ التَّرَاقِيَ ۙ وَقِيْلَ مَنْ ۜ رَاقٍ ۙ" (هر گز نہ جڏهن نرگهٽ وٽ پهچندو
۽ چيو ويندو تہ كو ڦيٽو ركندڙ آهي؟) الله عزوجل ٻانهن كي هدايت ۽ نصيحت كندي
فرمايو تہ: سكرات واري ماڻهوءَ جي حالت ڏسي جڏهن ان جو روح باقي جسم مان
نكري نڙيءَ جي هڏن، نرگهٽ ۾ پهچي ٿو تہ ان كي سخت تكليف محسوس ٿئي ٿي
۽ عادي اسباب كان مايوس ٿئي ٿو تہ چيو ويندو آهي كو ڦيٽو ركندڙ جيكو هن تي
كجهہ پڙهي دم كري؟ مقصد تہ الاهي اسباب جي تلاش كئي ويندي آهي پر آيل
اجل كٿان ٿو ٽري. (۲) ۽ بعض سلف صالحن فرمايو آهي تہ "مَنْ رَاقٍ" روح كي پرواز
كرائيندڙن انهن ملائكن جو كلام آهي جيكي ملك الموت سان گڏ روح كي
قبض كرڻ وقت ايندا آهن. اهي پاڻ ۾ هك ٻئي كان پڇندا آهن تہ كير هن وفات

(۱) التفسير الواضح الميسر ص ۱۴۹۸ـ (۲) تيسيرالكريم الرحمان كامل ص ۹۰۰ـ

ڪندڙ جي روح کي وٺي ويندؤ؟ رحمت جا ملائڪ يا عذاب جا؟ ان لحاظ سان "رَاقٍ" رقي کان ورتل هوندو جنهن جي معنيٰ آهي مٿي چڙهڻ "رقيـه" کان مشتق نہ چيو ويندو جيڪو ڦيٿو وجهڻ جي معنيٰ ۾ آهي. (۱) "وَّظَنَّ اَنَّـهُ الْفِرَاقُ لا"(۽ يقين ڪندو تہ بلاشڪ اها جدائي آهي) هتي "ظَنَّ اَيْقَنَ" يقين جي معنيٰ ۾ آهي (۲) يعني جنهن کي اها حالت پيش ايندي ان کي پڪ ٿيندي تہ هاڻي سيني عزيزن، قريبن، محبوب ۽ مالوف شين کان جدائي ٿي رهي آهي. "وَالْتَفَّتِ السَّاقُ بِالسَّاقِ لا"(۽ "هڪ" پني "ٻيءِ" پنيءَ سان وچڙي رهي آهي) يعني سڪرات جي سختيءَ جي ڪري هڪ پني ٻيءِ پنيءَ سان وچڙي رهي آهي ۽ هيٺين جسم کان روح جي نڪرڻ جي ڪري پنين جو هلائڻ ۽ هڪ ٻئي کان جدا رکڻ انسان جي اختيار ۾ نہ تو رهي ان جي ڪري هڪ پني ٻيءِ پنيءَ سان وچڙندي پئي. "اِلٰى رَبِّكَ يَوْمَئِذِنِ الْمَسَاقُ ع"(ان ڏينهن تنهنجي رب ڏانهن هلڻ آهي) يعني ٻانها الله جل وعلا ڏانهن هلندا نيڪ توڙي گنهگار ان ڏانهن موٽندا تانت اهو سندن فيصلو ڪري پوءِ ڪي جنت ڏانهن تہ ڪي جهنم ڏانهن موڪليا ويندا. (۳)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ حاصل ٿين ٿا. ۱. "اِنَّ عَلَيْنَا جَمْعَـهٗ وَقُرْاٰنَـهٗ" (بلاشڪ اسان جي ذمي تي ان جو گڏ ڪرڻ ۽ پڙهائڻ آهي) هن مان هي مسئلا معلوم ٿيا "۱" تہ قرآن ڪريم جو حقيقي جامع الله عزوجل آهي جنهن ان قرآن پاڪ کي حضور عليـــه الصلواة والسلام جي سيني ۾ ترتيب سان جمع فرمايو. "۲" تہ حضرت نبي ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جن ۽ اصحاب سڳورا رضي الله عنهم الله عزوجل جي ڪرم جا مظهر آهن جو تہ نبي ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جن ماڻهن جي سينن ۾ ۽ پٿرن ۽ هڏين تي لکرائي قرآن ڪريم جمع ڪرايو پوءِ حضرت ابوبڪر رضي الله عنـــه قرآن پاڪ جي سورتن کي جدا جدا دفترن ۾ لکرائي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري رکايو ۽ حضرت عثمان غني رضي الله عنـــــه انهن سيني کي هڪ ڪتاب جي صورت ۾ جمع ڪرايو پر انهن سيني ڪمن کي الله عزوجل پاڻ ڏي نسبت ڪندي فرمايو تہ "اسان (جي ذمي) تي ان جو گڏ ڪرڻ آهي" هي بہ ذهن ۾ رهي تہ نبي پاڪ عليـه الصلواة والسلام جن جي زماني ۾ هر قبيلي کي انهن جي اصطلاح ۾ قرآن ڪريم، پڙهڻ جي اجازت هئي جو تہ هڪدم سيني جي ٻولي تبديل ڪرڻ ڏکي هئي پر حضرت عثمان غني رضي الله عنـــه جي خلافت واري دور ۾ صرف هڪ قراءة برقرار رکي وئي جو قراءة جي اختلاف سان فساد جو امڪان هو. (۴) ۲. "فَاِذَا قَرَاْنٰـهُ فَاتَّبِعْ قُرْاٰنَـهٗ"

(۱) الڪبير صـ۲۳۱ــ جلد ۳۰ (۲) جلالين صـ۴۸۲ــ (۳) التفسير الواضح الميسر صـ۱۴۹۹ــ (۴) نورالعرفان صـ۹۲۲ــ

(پوءِ جڏهن اسين ان کي پڙهون تہ پوءِ ان جي پڙهڻ جي پويان لڳ) قرآن جو لفظ هتي قراءَت جي معنيٰ ۾ آهي معنيٰ هيءَ آهي تہ جڏهن اسين يعني اسان جي طرفان جبريل امين اوهان جي اڳيان قرآن ڪريم پڙهي تہ اوهان ان سان گڏ نہ پڙهو ان وقت خاموش ٿي ٻڌو ان جي پڙهڻ کان پوءِ پڙهو ائمـــہ تفسير جو بالاتفاق قول هي آهي تہ هتي "قرانـہ" مان مراد هيءَ آهي تہ جڏهن جبريل امين پڙهي تہ اوهان خاموش ٿي ٻڌو.

امام جي پويان قراءَت نہ ڪرڻ جو هڪ دليل

صحيح حديث ۾ آيو آهي تہ "امام اقتداءَ ۽ اتباع جي لاءِ ڪيو ويندو آهي" ان جي ڪري مقتدين کي ان جي اتباع ڪرڻ گهرجي جڏهن اهو رڪوع ڪري تہ سڀ جماعتي رڪوع ڪن، جڏهن اهو سجدو ڪري تہ سڀ سجدي ۾ وڃن صحيح مسلم جي روايت ۾ ان سان گڏ هي بہ آهي تہ "اذاقرا فانصتوا" ("امام" جڏهن قراءَت ڪري تہ اوهان چپ رهو) اهو بہ ان جو بيان آهي تہ مقصود امام جو اتباع آهي رڪوع، سجدي ۾ تہ امام جي اتباع جي صورت هيءَ آهي تہ ان سان گڏ رڪوع ۽ سجدو ڪيا وڃن پر قراءَت ۾ اتباع اهو ناهي تہ ان سان گڏ پڙهيو وڃي پر قراءَت ۾ اتباع هي آهي تہ جڏهن امام قراءَت ڪري تہ اوهان خاموش رهو هن معاملي تہ امام جي پويان مقتدي کي قراءَت ڪرڻي ناهي امام ابوحنيفہ ۽ ڪجهہ ٻين امامن عليهم الرحمة جو دليل اهو آهي. والله اعلم. (١)

٣. "اِلىٰ رَبِّهَا نَاظِرَةٌ" (پنهنجي رب ڏانهن نهاريندڙ) هن مان معلوم ٿيو تہ الله تعاليٰ آخرت ۾ پنهنجن مقبول ٻانهن کي پنهنجو ديدار ڪرائيندو.

اهل السنة جو متفق عقيدو

قيامت ۾ مومنن کي رب العزة جل وعلا جو ديدار ٿيڻ وارو عقيدو اهل السنـــة والجماعـــة جو بالاتفاق عقيدو آهي پر معتزلا، خارجي ۽ ڪجهہ ٻيا گمراهہ ٽولا ان ديدار جا انڪاري آهن اهي چون ٿا تہ ڏسڻ جي لاءِ جن ڳالهين جو هجڻ ضروري آهي الله عزوجل انهن کان پاڪ آهي اهي چون ٿا تہ "١" ڏسڻ جي لاءِ ڏسڻ واري جو بينا (ڏسندڙ) هجڻ. "٢" جنهن کي ڏٺو وڃي ان جو محسوس هجڻ، "٣" ڪنهن جهت (طرف) ۾ هجڻ، "٤" نہ گهڻو ويجهو ۽ نہ گهڻو پري هجڻ ضروري آهي ۽ جڏهن الله جلت صفاتـــہ محسوس هجڻ، ڪنهن جهت (طرف) ۾ هجڻ وغيره کان پاڪ آهي تہ ان جو ڏسڻ ڪيئن ممڪن آهي؟ اهل السنـة والجماعـــة وارا ان جو جواب ڏين ٿا تہ:

(١) معارف القرآن صـ ٦٢٦ـ جلد ٨

اي منڪرو! اوهان عالم آخرت جي حقائق کي عالم دنيا تي قياس ڪري رهيا آهيو ۽ اها ڳالهہ بالڪل ناداني ۽ بيوقوفي آهي اسان جي دعويٰ آهي تہ رب جو ديدار ٿيندو ۽ اوهان جي ذڪر ڪيلن شرطن کان سواءِ ٿيندو ڪيفيت، جهت، مسافت جي تڪلفات کان سواءِ هي اکيون پنهنجي پروردگار جو ديدار ڪنديون ۽ تواتر جي حد کي پهتل ڪثير حديثن مان خداوندي ديدار جو ثبوت ملي ٿو ايترين گهڻين حديثن جو انڪار ڪيئن ممڪن آهي؟

باري تعاليٰ جي ديدار جي متعلق ڪجهہ حديثون

١. ابن مردويہ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن الله عزوجل جي فرمان "وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاضِرَةٌ اِلٰي رَبِّهَا نَاظِرَةٌ" جي باري ۾ فرمايو "پنهنجي رب کي ڪيفيت، محدود حد ۽ معلوم صفت کان سواءِ ڏسندا."

٢. ابن ابي شيبہ، عبد بن حميد، ترمذي، ابن جرير، ابن المنذر، الشريعة ۾ الآجريءَ، الرؤية ۾ الدار قطني، حاڪم، ابن مردويہ، السنة ۾ اللا لڪائيءَ ۽ بيهقيءَ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "بلاشڪ جنت وارن مان منزل جي لحاظ سان گهٽ اهو هوندو جيڪو پنهنجن باغن، پنهنجين زالن، پاڻ کي مليل نعمتن، پنهنجن خادمن ۽ تختن کي هزار سالن جي پنڌ تان ڏسندو ۽ انهن مان الله وٽ وڌيڪ عزت وارو صبح ۽ شام الله عزوجل کي ڏسندو" ان کان پوءِ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن مذڪوره آيت تلاوت ڪرڻ فرمائي.

٣. محدث عبدالرزاق، احمد، عبد بن حميد، بخاري، مسلم، نسائي، الدارقطني الرؤية ۾، بيهقي الاسماءَ والصفات ۾، حضرت ابو هريرة رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ ماڻهن حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي عرض ڪيو تہ يارسول الله! ڇا اسين قيامت جي ڏينهن پنهنجي رب کي ڏسنداسون؟ فرمايائون تہ "ڇا اوهان کي ڪڪر کان سواءِ (ڪليل) سج جي ڏسڻ ۾ تڪليف محسوس ڪيو ٿا؟" عرض ڪيائون تہ نہ يارسول الله! پاڻ فرمايائون تہ "پوءِ بيشڪ اوهان ان (الله) کي قيامت جي ڏينهن اهڙي طرح ڏسندؤ". (١)

(١) الدرالمنثور ص ـ ٣٥٠ ـ جلد ٨

فَلَاصَدَّقَ	وَلَاصَلّٰيۙ (٣١)	وَلٰكِنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰيۙ (٣٢)	ثُمَّ ذَهَبَ اِلٰٓي	
پوءِ نہ سچو ڄاڻائين	۽ نہ نماز پڙهيائين	۽ پر ڪوڙو ڄاڻائين ۽ منهن موڙيائين	ان ڪان پوءِ پنهنجي	
اَهْلِهٖ يَتَمَطّٰيؕ (٣٣)	اَوْلٰي لَكَ فَاَوْلٰيۙ (٣٤)	ثُمَّ اَوْلٰي لَكَ		
اهل ڏانهن ويو آڪڙ ڪري	پيو هلاڪت آهي تولاءِ پوءِ هلاڪت آهي	ان ڪان پوءِ هلاڪت آهي تولاءِ		
فَاَوْلٰيؕ (٣٥)	اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَنْ يُّتْرَكَ سُدًيؕ (٣٦)	اَلَمْ يَكُ	نُطْفَةً	
پوءِ هلاڪت آهي	ڇا خيال ڪري ٿو انسان هي تہ ڇڏيو وڃي بيڪار	ڇا نہ هو	ڦڙو	
مِّنْ	مَّنِيٍّ	يُّمْنٰيۙ (٣٧)	ثُمَّ كَانَ	عَلَقَةً فَخَلَقَ
مني مان	جو داخل ڪيو وڃي پيو	ان ڪان پوءِ هو	رت جي ڏگ	پوءِ (ان کي الله)
فَسَوّٰيۙ (٣٨)	فَجَعَلَ مِنْهُ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰيؕ (٣٩)	اَلَيْسَ ذٰلِكَ		
برابر بنايائين	پوءِ ڪيائين ان مان ٻہ جوڙ مرد ۽ عورت	ڇا ناهي اهو		
بِقٰدِرٍ عَلٰٓي اَنْ يُّحْيِيَ الْمَوْتٰيؑ (٤٠)				
قادر هن تي جو جيئرو ڪري مئلن کي				

تفسير

اڳين آيتن ۾ اداس چهرن ۽ موت جي حالت جو بيان هو ۽ هتي انهن جي ان حالت تيڻ
جو وجه بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "فَلَاصَدَّقَ وَلَا صَلّٰيۙ" (پوءِ نہ سچو ڄاڻائين ۽
نہ نماز پڙهيائين) هتي ابوجهل ملعون جو ذڪر ٿي رهيو آهي ۽ ان سان گڏ ان جي
ساٿين جي ڪردار تي بہ روشني پئجي رهي آهي مقصد تہ نہ ان قرآن ڪريم کي ۽
حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي سچو ڄيو ۽ نہ پنهنجي پرودگار جي بارگاهہ ۾
نماز پڙهي سجدو ڪيائين. "وَلٰكِنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰيۙ" (۽ پر ڪوڙو ڄاڻائين ۽ پٺي ڦيرايائين)
يعني ان جي عادت آهي جو جڏهن نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن قرآن ڪريم
جي تلاوت فرمائن ٿا تہ اهو بہ ٻين ڪافرن وانگر محفل ۾ شريڪ ٿي ويهي ٻڌي تہ
پر ٻڌڻ کان پوءِ انهن آيتن کي ڪوڙو چوندي پٺي ڦيرائي هليو وڃي ٿو. "ثُمَّ ذَهَبَ اِلٰٓي
اَهْلِهٖ يَتَمَطّٰيؕ" (ان کان پوءِ پنهنجي اهل ڏانهن آڪڙ ڪندي ويو) يعني محفل مان اٿ
پنهنجي گهر ڏانهن وڃي ٿو پر ان جو هلڻ، وڃڻ نهايت متڪبرانہ انداز ۾ وڏي آڪڙ
سان هوندو آهي وڏائي ان ڳالهہ تي ڪري ٿو تہ انهن ان قرآن ڪريم کي ڪوڙو چئي
ماڻهن کي اسلام کان هٽايو جنهن قرآن ماڻهن جي دلين کي موهي وڌو هو. "اَوْلٰي لَكَ

فَاَوْلٰى ثُمَّ اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى (تنهنجي لاءِ هلاڪت آهي پوءِ هلاڪت آهي ان کان بعد تنهنجي لاءِ هلاڪت آهي پوءِ هلاڪت آهي) مفسرن "اولي" جون ٻه معنائون لکيون آهن "١" ويل، تنهنجي لاءِ ويل آهي پوءِ اولي الولي کان ورتل (اسم تفضيل جو صيغو) آهي ۽ ان جو اصل هي آهي ته "اولاك الله ماتكرهــه" (الله توکي ان جو وارث بنائي جنهن کي تون پسند نه ٿو ڪرين) پوءِ ان ۾ لام زائده آهي جيئن "ردف لكم" ۾. "٢" "اولي جي معنيٰ هلاڪت وغيره (١) مقصد ته ان کي ڌمڪي ڏيندي ٻڌايو ويو آهي ته توکي مليل مهلت جي مدت ختم ٿيڻ واري آهي تنهنجي هلاڪت، بربادي ۽ تباهيءَ جو وقت ويجهو اچي رهيو آهي. ورائي ورائي چوڻ مان مقصد عذاب جي وعدي جو تاڪيد ۽ ان ۾ زيادتي آهي (٢) قتادة کان منقول آهي ته هڪ ڏينهن ابوجهل وڏي متڪبرانه انداز سان هلندو پي آيو ته حضور پرنور عليــه الصلواة والسلام جن ان کي هٿ مان وٺي تنبيــه ڪندي فرمايو "اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى ثُمَّ اَوْلٰى لَكَ فَاَوْلٰى" (اڳ ۾ معني لکيل آهي) ان بدبخت چيو ته اوهان مون کي ڌمڪي ڏئي رهيا آهيو اوهان ۽ اوهان جو رب مون کي ڪجهه به ڪري نه سگهندؤ هنن ٻن جبلن جي وچ ۾ جيترا به ماڻهو رهن ٿا مان انهن سيني کان زياده معزز آهيان ۽ جڏهن بدر جي جنگ وارو ڏينهن آيو ته اهو مسلمانن ڏانهن متوجه ٿي چوڻ لڳو "لَايَعْبُدُاللهَ بَعْدَ هٰذَا الْيَوْمَ اَبَدًا" (اڄ کان پوءِ هميشــه جي لاءِ الله جي عبادت نه ڪئي ويندي) پر اتي الله جل شانــه جو فرمان پورو ٿيو اهو قتل ڪيو ويو ۽ ان جي عزت ۽ سرداري سڀ مٽيءَ ۾ ملي وئي. (٣) "اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَنْ يُّتْرَكَ سُدًى" (ڇا انسان خيال ڪري ٿو ته "اهو" بيڪار ڇڏيو ويندو) مطلب ته انسان جنهن کي اسان اشرف الخلق بنائي ان ۾ ڪيترن قسمن جون صلاحيتون رکيون آهن ڇا اهو ان خيال ۾ آهي ته ان کي بيڪار ڇڏيو ويندو ان کي دنيا ۾ رهنمائيءَ جي لاءِ ڪو ضابطــه حيات نه ڏنو ويندو ۽ ان کي قبر مان اٿاري الهي بارگاهه ۾ پيش ڪيو ويندو؟ ائين ناهي ان کي خداوندي احڪام پهچايا ويا آهن ڪجهه امر آهن ته ادا ڪري ۽ ڪجهه ڪمن کان ان کي روڪيو ويو آهي انسان جهڙي عظيم المرتبت مخلوق کي خداوندي حڪمت ڪيئن ٿي نظر انداز ڪري سگهي؟ "اَلَمْ يَكُ نُطْفَــةً مِّنْ مَّنِيٍّ يُّمْنٰى" (ڇا اهو مني جو ڦڙو نه هو جيڪو (عورت ۾) اڇلايو ويو؟) النطفــة: "الماءَ القليل" (٤) (ٿورڙو پاڻي جو "ڦڙو"). پهريان قيامت قائم ٿيڻ جي حڪمت جي طرف توجــه ڏياريو ويو هاڻي ان جي وقوع کي ناممڪن چوندڙن جي غلط فهمي دور ڪئي

(١) البيضاوي صـ٥٥٠ـ جلد ٢ (٢) روح القرآن صـ١٤٩ـ جزءُ ٢٩ (٣) روح البيان صـ٢٥٧ـ جلد ١٠ (٤) القرطبي صـ١١٧ـ جلد ١٩

پنهنجي ٺاهي وئي ته ڪائنات جي بين حيران ڪندڙ شين کي اوهان ڇڏي ڏيو ذرا پنهنجي تخليق ڏانهن توجه ڪيو ته اهو معاملو حل ٿي ويندو جيڪو قادر مطلق پاڻيءَ جي هڪ ڦڙي مان اوهان کي پيدا ڪري سگهي ٿو ان جي لاءِ اوهان کي وري جيئرو ڪري ميدان ۾ آڻڻ مشڪل ناهي. "ثُمَّ كَانَ عَلَقَةً فَسَوّٰي" (ان ڪان پوءِ "رت جو" دڳ هو پوءِ "ان کي" ٺاهي پورو پورو بنايائين) اول ڳيبرڻ ۾ هڪ ڦڙو پيو پوءِ ان جو منهن بند ٿي ويو ان ڪان بعد عضوا ٺهيا انهن ۾ نزاڪتون رکيون ويون پوءِ انسان کي ڪامل الاعضاء بنائي ان انڌيري واريءَ حالت مان ٻاهر ڪڍيو ويو آهي. "فَجَعَلَ مِنْهُ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰيؕ" (پوءِ ان مان به قسم مرد ۽ عورت بنايائين) يعني هڪ ۾ پيءُ هجڻ ۽ ٻئي ۾ ماءُ هجڻ جي صلاحيت رکيائين اهي قوتون جيڪي قدرتي ڏسڻ ۾ نه ايندڙ هٿن ان ٻار ۾ امانت رکيون دنيا ۾ ان جي اچڻ ڪان پوءِ اهي ظاهر ٿيڻ لڳيون. ايتري قدر جو انسان پنهنجي مسلسل ڪوشش جي ڪري چنڊ جي مٿان پنهنجي فتح جا جهنڊا لهرائي رهيو آهي. "اَلَيْسَ ذٰلِكَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓي اَنْ يُّحْيِۦَ الْمَوْتٰيؒ" (ڇا اهو (هن ڳالهه تي) قادر ناهي جو مئلن کي زنده ڪري؟) هائو يقيناً اهو ان ڳالهه تي قادر آهي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ڪان روايت آهي ته پاڻ جڏهن هيءَ مذڪوره آيت پڙهندا هئا ته چوندا هئا "سبحنك اللهم بلي" اي الله! تون هر نقص ۽ ڪمزوريءَ ڪان پاڪ آهين، هائو (تون قادر آهين). (۱)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ۱. "فَلَاصَدَّقَ وَلَا صَلّٰي" (پوءِ نه سچو ڄاتائين ۽ نه نماز پڙهيائين) هن مان معلوم ٿيو ته الله عزوجل وٽ ڪافرن تي به عبادت لازم آهي دنيا ۾ ايمان ڪان پوءِ عبادت جو حڪم آهي. ۲. "وَلٰكِنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰي" (۽ پر ڪوڙو ڄاتائين ۽ پٺي ڏنائين) هتي بيان ٿيو ته قرآن ڪريم کي ڪوڙو چوڻ سان گڏ پٺي ڏيڻ به ڪافرن جو ڪم هو هاڻي به جيڪڏهن ڪٿي قرآن ڪريم رکيل آهي ته ان کي پٺي ڏئي نه وهجي. ۳. "يتمطي" (آڪڙ ڪري هلي پيو) مان معلوم ٿيو ته وڏائي ڪري هلڻ ڪافرن جو ڪم آهي مسلمان عجز ۽ انڪساري سان هلندو. "يَمْشُوْنَ عَلَي الْاَرْضِ هَوْنًا" (۲) (زمين تي هيٺاهينءَ سان هلن ٿا). ۴. "اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَنْ يُّتْرَكَ سُدًيؕ" (ڇا انسان خيال ڪري ٿو ته بيڪار ڇڏيو ويندو؟) مقصد ته اهو آزاد نه آهي جو جيئن گهري تيئن ڪري، مرڻ ڪان بعد دنيا جا سمورا تعلق ڪٽجي وڃن ٿا پر الله عزوجل جي ٻانهي هجڻ ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جي غلاميءَ جو تعلق دنيا ۽ آخرت ۾ ڪڏهن نه ٽٽندو قبر ۾ به حضور عليه الصلواة

(۱) روح القرآن ص ـ ۱۵۰ ـ جزءُ ۲۹ (۲) سورة الفرقان آيت ع ـ ۳٦ ـ

والسلام جن جي سجاڻپ جو سوال ٿئي ٿو ماءُ پيءُ جي باري ۾ سوال نہ ٿيندو آهي ۽ اسين پيءَ جي مرڻ کان پوءِ چوندا آهيون تہ اهو اسان جو پيءُ هو مگر حضور پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي لاءِ چئون ٿا تہ اهو اسان جو رسول آهي ۽ دنيا جا قانون مرڻ کان پوءِ لاڳو نہ ٿا رهن پر حضور عليـــہ الصلواة والسلام جن جو قانون لاڳو رهي ٿو غسل، ڪفن، نماز جنازه ۽ دفن حضور عليہ الصلواة والسلام جا قانون آهن. مذڪوره آيت ٻڌايو تہ انسان هر حال ۾ اسان جي قانون جو پابند آهي بيڪار ڇڏيل ناهي. (١) "اَلَيْسَ ذٰلِكَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓي اَنْ يُّحْيِيَ الْمَوْتٰي" (ڇا اهو هن تي قادر ناهي جو مئلن کي زنده ڪري) حضرت نبي ڪري عليـــہ الصلواة والسلام جن کان هيءَ روايت بہ آهي تہ پاڻ فرمايائون جيڪو شخص سورة "القيمـــة" جي هيءَ آيت تلاوت ڪري ان کي هي ڪلما چوڻ گهرجن "بَلٰي وَاَنَا عَلٰي ذٰلِكَ مِنَ الشّٰهِدِيْنَ" (هائو ۽ مان ان تي شاهدي ڏيندڙ مان آهيان) ان حديث ۾ اهيئي الفاظ سورة "والتين" جي آخري آيت "اَلَيْسَ اللهُ بِاَحْكَمِ الْحٰكِمِيْنَ" پڙهڻ وقت چوڻ جي بہ تعليم ڏني وئي آهي ۽ انهيءَ حديث ۾ هي بہ فرمان آهي تہ جيڪو شخص سورة "اَلْمُرْسَلٰتِ" جي هن آيت "فَبِاَيِّ حَدِيْثٍ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ" (تي پهچي تہ "آمنا بالله" چوي. (٢)

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون گنهگار اڄ آچر جي ڏينهن صبح جو ڇهہ لڳي چاليهہ منٽن تي بموٴرخـــہ ٢٧ رمضان المبارڪ ١٤٢٦هـ الموافق ٢٠٠٥.١٠.٢٦ تي مدينـــہ منور ۾ پنهنجي مرحوم صحري حاجي عبدالحميد ڏاهري ۽ سندس پٽن حبيب احمد ۽ احمد مدني جي گهر ۾ سورة القيامـة جو تفسير لکي پورو ڪيو

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) نورالعرفان صـ٩٢٢/٦٢٣ـ (٢) معارف القرآن صـ٦٢٨ـ جلد ٨

سورة "الدَّهْرِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن ۾ وهارڻيون آهن
نالو مبارڪ: هن سورة جا نالا مختلف آهن انهن مان ٻه مشهور آهن "١" سورة "الدَّهْرِ" "٢" سورة "اَلْاِنْسَان" هي ٻئي نالا هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهن.
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٻه رڪوع، چاليهه آيتون هڪ سؤ نوانوي (١٩٩) ڪلما ۽ ڇهه سؤ ٻاونجاهه (٦٥٢) حرف آهن. (١)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ النحاس، حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت ابن الزبير رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته "هيءَ سورة مڪي مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي". (٢)
نزول جو زمانو: هن ۾ سخت اختلاف آهي "١" جمهور مفسرن فرمايو ته هيءَ حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي مڪي زندگيءَ ۾ نازل ٿي هئي. (٣)
مضمون: انسان جيڪو اڄ پنهنجي قوت، ساز سامان، مال ۽ دولت تي ناز ڪري ٿو ۽ پنهنجي پيدا ڪندڙ کي وساري ويٺو آهي ان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته تون اصل ڪان اهڙو نه هئين توکي عدم مان وجود ۾ آندو ويو آهي ۽ توکي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جون جيڪي قوتون عطا ڪيون ويون آهن انهن جو مقصد توکي آزمائڻ آهي ته ڇا تون الله جل شانه جو شڪر گذار ٻانهو ٿيڻ گهرين ٿو؟ يا نعمت جي بي شڪري ڪري بي فرمانن جي گروهه ۾ شامل ٿيڻ چاهين ٿو؟ ان کان بعد انهن انعامن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي شڪر گذار ٻانهي تي ڪيا ويندا. اُهو دور پاڻ کي سڀ ڪجهه سمجهڻ ۽ خودغرضيءَ جو هو ٻين جي ڪمزور حالت ڏسي انهن تي رحمت ۽ شفقت ڪرڻ جي بجاءِ توکي انهن کان نفرت ايندي هئي اهڙي دور ۾ مسڪينن، يتيمن ۽ قيدين کي الله کاڌو کارائيندڙن جي تعريف ڪئي وئي آهي ۽ انهن تي ٿيندڙ مهربانين جو به ذڪر ڪيل آهي آخري رڪوع ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ٻڌايو ويو آهي ته اسان هي مقدس ڪتاب اوهان تي نازل فرمايو آهي ان جي پيغام پهچائڻ جي ڪري پيش ايندڙ تڪليف تي صبر ڪيو ۽ هر وقت الله عزوجل جي ذڪر ۾ مشغول رهو تانت روحاني قوتن ۾ ترقيءَ سان گڏ حوصلا گهڻو بلند رهن. ان کان پوءِ دنيا جي پوڄارين جي حالت سان بيان ڪئي وئي آهي ۽ انهن جي ڪوتاه نظريءَ

(١) خازن ص٣٣٢ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور ص٣٦٥ـ جلد ٨ (٣) ضياءُ القرآن ص٤٣٨ـ جلد ٥

تي انهن کي تنبيـه ڪيل آهي تہ اهي فاني دنيا جي لذتن ۾ مشغول رهي آخرت واري ابدي راحت کي وساري ڇڏين تا آخر ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هي ڪتاب نصيحت ئي نصيحت آهي جيڪو چاهي تہ ان مان نصيحت حاصل ڪري.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة جي آخر ۾ هو تہ "ڇا الله مئلن کي جيئرو ڪرڻ تي قادر ناهي" ۽ هن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو اهڙو قادر آهي جنهن انسان کي نيست مان هست ڪيو، عدم مان وجود ۾ آندو.

پڙهڻ ۾ برڪتون: حضرت ابوهريرة رضي الله عنــه کان روايت آهي تہ سيدنا رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن فرمايو جنهن سورة "هَلْ اَتٰى عَلَى الْاِنْسَانِ" (پڙهي الله ان کي بهشت ۾ بهشتي ريشم عطا ڪندو. (١)

وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ	سُوْرَةُ الدَّهْرِ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ اِحْدٰي وَثَلَاثُوْنَ اٰيَةً
۽ ان ۾ ٻہ رڪوع آهن	سورة الدهر مڪي آهي	۽ اها ٣١ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان، هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

هَلْ اَتٰى عَلَى الْاِنْسَانِ حِيْنٌ مِّنَ الدَّهْرِ لَمْ يَكُنْ شَيْئًا مَّذْكُوْرًا (١) اِنَّا

تحقيق آيو انسان تي ڪو وقت زماني مان جو نہ هو شي ذڪر ڪيل بيشڪ

خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ اَمْشَاجٍ نَّبْتَلِيْهِ فَجَعَلْنٰهُ سَمِيْعًا بَصِيْرًا (٢)

اسان پيدا ڪيو انسان کي منيءَ جي ڦڙي گڏيل مان آزمايون پيا ان کي پوءِ ڪيو اسان ان کي ٻڌندڙ ڏسندڙ

اِنَّا هَدَيْنٰهُ السَّبِيْلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّاِمَّا كَفُوْرًا (٣) اِنَّا اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ

تحقيق ڏيکاري اسان ان کي واٽ يا شڪر ڪندڙ هجي ۽ يا بي شڪر بيشڪ اسان تيار ڪيو ڪافرن جي لاءِ

(١) اللباب في علوم الكتٰب ص ٥٨ ـ جلد ٢٠

سِلٰسِلَاۡ وَاَغۡلٰلًا وَّسَعِيۡرًا (۴) اِنَّ الۡاَبۡرَارَ يَشۡرَبُوۡنَ مِنۡ كَاۡسٍ كَانَ

زنجير ۽ ڳچيءَ وار ڳٽ ۽ ٻرڪندڙ باهه بلاشڪ نيڪو ڪار پيئندا پيالي مان هوندو

مِزَاجُهَا كَافُوۡرًا ‌ۚ (۵) عَيۡنًا يَّشۡرَبُ بِهَا عِبَادُ اللّٰهِ يُفَجِّرُوۡنَهَا تَفۡجِيۡرًا (٦)

ملاوت ان ۾ ڪافور چشمو جو پيئندا ان مان الله جا ٻانها وهائي هلندا ان کي وهائڻ

يُوۡفُوۡنَ بِالنَّذۡرِ وَيَخَافُوۡنَ يَوۡمًا كَانَ شَرُّهٗ مُسۡتَطِيۡرًا (٧) وَيُطۡعِمُوۡنَ الطَّعَامَ

وفا ڪن ٿا نذر جي ۽ ڊڄن ٿا ان ڏينهن کان جو هوندي برائي ان جي پکڙيل ۽ کارائن ٿا کاڌو

عَلٰى حُبِّهٖ مِسۡكِيۡنًا وَّيَتِيۡمًا وَّاَسِيۡرًا (٨) اِنَّمَا نُطۡعِمُكُمۡ لِوَجۡهِ اللّٰهِ

ان جي محبت ۾ مسڪين ۽يتيم ۽ قيديءَ کي اسين ته اوهان کي کاڌوکارايون ٿا صرف الله جي لاءِ

لَا نُرِيۡدُ مِنۡكُمۡ جَزَآءً وَّلَا شُكُوۡرًا (٩) اِنَّا نَخَافُ

نه ٿا ارادو ڪيون اوهان مان بدلي جو ۽ نه شڪريه ادا ڪرڻ جو بيشڪ اسين خوف رکون ٿا

مِنۡ رَّبِّنَا يَوۡمًا عَبُوۡسًا قَمۡطَرِيۡرًا (١٠) فَوَقٰهُمُ اللّٰهُ شَرَّ ذٰلِكَ الۡيَوۡمِ

پنهنجي رب کان ڏينهن، ڪتومنهن ڪندڙنهايت سخت جوپوءِ بچايوانهن کي اللهان ڏينهن جي شر کان

وَلَقّٰهُمۡ نَضۡرَةً وَّسُرُوۡرًا ۚ (١١) وَجَزٰهُمۡ بِمَا صَبَرُوۡا جَنَّةً

۽ ڏنائين انهن کي تازگي ۽ خوشي ۽ بدلو ڏنائين انهن کي ان جي ڪري جو صبر ڪيائون بهشت

وَّحَرِيۡرًا ۙ (١٢) مُّتَّكِـئِيۡنَ فِيۡهَا عَلَى الۡاَرَآئِكِ‌ ۚ لَا يَرَوۡنَ فِيۡهَا شَمۡسًا

۽ ريشم سان ٽيڪ ڏيندڙ انهن ۾ تختن تي هوندا نه ڏسندا ان ۾ سج جي گرمي

وَّلَا زَمۡهَرِيۡرًا ۚ (١٣) وَدَانِيَةً عَلَيۡهِمۡ ظِلٰلُهَا وَذُلِّلَتۡ

۽ نه ٿڌ ڪار ۽ ويجهيون ٿيندڙ هونديون انهن تي ڇانئون انهن جون ۽ ويجها ڪيا ويندا

قُطُوۡفُهَا تَذۡلِيۡلًا (١۴) وَيُطَافُ عَلَيۡهِمۡ بِاٰنِيَةٍ مِّنۡ فِضَّةٍ وَّاَكۡوَابٍ كَانَتۡ

انهن جا ميوا ويجهو ڪرڻ ۽ ڦيرايا ويندا انهن تي ٿانو چانديءَ جا ۽ پيالا هوندا

قَوَارِيۡرَا ۙ (١۵) قَوَارِيۡرَا مِنۡ فِضَّةٍ قَدَّرُوۡهَا تَقۡدِيۡرًا (١٦) وَيُسۡقَوۡنَ فِيۡهَا

شيشي جا چانديءَ جا جو اندازو لڳايو هوندائون ان جو پورو پورو ۽ پياريا ويندا ان ۾

كَاْسًا كَانَ مِزَاجُهَا زَنْجَبِيْلًا (١٧) عَيْنًا فِيْهَا تُسَمّٰي سَلْسَبِيْلًا (١٨)

پيالا جو هوندي ملاوت انهن جي سنڌ چشمـه ان ۾ جو نالو رکيو ويو آهي سلسبيل

وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ اِذَارَاَيْتَهُمْ حَسِبْتَهُمْ لُؤْلُؤًا مَّنْثُوْرًا (١٩)

۽ ڦرندا انهن تي ڇوڪرا، هميشـهرهايل جڏهن ڏسندين انهن کي ته ڀائيندين انهن کي موتي ڪنڊڙيل

وَاِذَا رَاَيْتَ ثَمَّ رَاَيْتَ نَعِيْمًا وَّمُلْكًا كَبِيْرًا (٢٠) عٰلِيَهُمْ ثِيَابُ سُنْدُسٍ خُضْرٌ

۽ جڏهن ڏسندين اتي ته ڏسندين نعمتون ۽ بادشاهي وڏي انهن جي مٿان ڪپڙا ريشم جا ساوا

وَّاِسْتَبْرَقٌ وَّحُلُّوْٓا اَسَاوِرَ مِنْ فِضَّةٍ وَسَقٰهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا (٢١)

۽ ٿلهي ريشم جا ۽ پارايا ويندا ڪنگڻ چانديءَ جا ۽ پياريندو انهن کي انهن جو رب پاڻي پاڪ

اِنَّ هٰذَا كَانَ لَكُمْ جَزَآءً وَّكَانَ سَعْيُكُمْ مَّشْكُوْرًا (٢٢) ع ١ ٢٢ ١٩

بلاشڪ هي آهي اوهان جو بدلو ۽ آهي محنت اوهان جي قدر ڪيل

تفسير

اڳيئن سورة جي آخري آيتن ۾ انسانن جي خلقت کي بيان ڪري ٻڌايو ويو ته جيڪو ان کي ان نموني پيدا ڪرڻ تي قادر آهي اهو مئلن کي وري زنده ڪرڻ تي به قادر آهي ۽ هتي وري ان ئي انسان جي خلقت جو بيان ڪندي ارشاد تي رهيو آهي "هَلْ اَتٰى عَلَى الْاِنْسَانِ حِيْنٌ مِّنَ الدَّهْرِ لَمْ يَكُنْ شَيْئًا مَّذْكُوْرًا" (تحقيق انسان تي زماني مان اهڙو وقت به آيو جو ڪا شيءِ ياد ڪيل نه هو) هتي "هل" قد تحقيق واري جي معنيٰ سان آيل آهي ۽ استفهام تقريري آهي. (١) مطلب ته بيشڪ انسان تي اهڙو وقت گذري چڪو آهي جو ان جو نالو نشان به نه هو پوءِ ڪيترا دور طي ڪري نطفي جي شڪل ۾ آيوءِ اها حالت به ان جي موجوده شرافت ۽ ڪرامت کي ڏسي ان جي قابل ناهي جو ذڪر ڪئي وڃي. "اِنَّا خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ مِنْ نُّطْفَةٍ اَمْشَاجٍ نَّبْتَلِيْهِ فَجَعَلْنٰهُ سَمِيْعًا بَصِيْرًا" (بلاشڪ اسان انسان کي منيءَ جي گڏيل ڦڙي مان پيدا ڪيو ان کي آزمايون پيا پوءِ اسان ان کي ٻڌندڙ، ڏسندڙ بنايو) "امشاج" جي معنىٰ گڏيل مرد ۽ عورت جا نطفا گڏيا انهن مان انسان ٿيو ۽ نطفــه جن غذائن جو خلاصو آهي مختلف شيون مليل هونديون آهن ان جي ڪري عورت جي پاڻيءَ کان قطع نظر ڪري به ان کي "امشاج"

(١) روح القرآن ص ١٥٢ ـ جزءُ ٢٩.

ڄڻي سگهجي ٿو. "نَبۡتَلِيۡهِ"جي معنىٰ اڪثر مفسرن (اسين ان کي آزمايون ٿا) ڪئي آهي مقصد تہ اسان انسان کي ان گڏيل نطفي مان ان جي لاءِ پيدا فرمايو تہ ان کي احڪام الٰهي جي ادا ڪرڻ جو ذميدار ۽ امر ۽ نهي جو مخاطب بنائي آزمايون ۽ دنيا ڏسي تہ اهو ڪيتري قدر مالڪ جي احڪام تي عمل ڪرڻ ۾ وفاداري ڏيکاري ٿو ان جي ڪري ان کي ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ سمجهڻ جون اهي قوتون عطا ڪيون ويون جن تي شرعي احڪام جي ادا ڪرڻ جو مدار آهي. (١) "اِنَّا هَدَيۡنٰهُ السَّبِيۡلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّاِمَّا كَفُوۡرًا" (بلاشڪ اسان ان کي واٽ ڏيکاري آهي يا شڪر ڪندڙ بنجي ۽ يا بي شڪر ٿئي) مطلب تہ اسان ان کي هر قسم جون صلاحيتون بہ بخشيون، پنهنجن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جي ذريعي ان کي حق ۽ باطل جي سڃاڻپ بہ ڪرائي ڪيس ارادي ۽ عمل جي آزادي بہ ڏني تانت اسين ظاهر ۾ بہ ڏسون تہ هي ڪهڙو ٻانهو آهي شڪر ڪندڙ، اسان جو ذاڪر، اسان جي احڪام تي عمل ڪندڙ آهي يا احسانن ۽ انعامن تي بي شڪري ڪندڙ بتن ۽ پٿرن کي اسان جو شريڪ بنائيندڙ پنهنجي واڳ اماره نفس جي هٿ ۾ ڏئي فسق ۽ فجور جي کُنَ ۾ غوطا ڪائيندڙ رهي ٿو. "اِنَّآ اَعۡتَدۡنَا لِلۡكٰفِرِيۡنَ سَلٰسِلَاۡ وَاَغۡلٰلًا وَّسَعِيۡرًا" (بلاشڪ اسان ڪافرن جي لاءِ زنجير ۽ "ڳچيءَ وارا" ڳٽ ۽ دوزخ جي ساڙيندڙ باهہ تيار ڪئي آهي) مطلب تہ جيڪڏهن انسان ٻيو طريقو وٺي ڪفر ۽ انڪار ڪيو تہ اهو ٻڌي ڇڏي تہ اسان ڪفارن جي لاءِ زنجير تيار ڪيا آهن جن ۾ جڪڙيا ويندا ۽ اهي ڳچيءَ ۾ وجهڻ وارا ڳٽ رکيا ويا آهن جيڪي ڪين پارايا ويندا ۽ انهن سيني سان گڏ ان لاءِ ٻڙڪندڙ باهہ آهي جنهن ۾ اڇلائي وڌو ويندو ۽ اها هر هڪ شيءِ ان لاءِ بالڪل تيار آهي جڏهن اتي پهچندو تہ هڪ لمحو بہ ان کي انتظار نہ ڪرايو ويندو. "اِنَّ الۡاَبۡرَارَ يَشۡرَبُوۡنَ مِنۡ كَاۡسٍ كَانَ مِزَاجُهَا كَافُوۡرًا" (تحقيق نيڪو ڪار ان پيالي مان پيئندا جنهن جي ملاوٽ ڪافور هوندي) مطلب تہ جڏهن الله عزوجل جا صالح ٻانها جنت ۾ تشريف فرما ٿيندا تہ انهن کي اهڙا پيالا پيارايا ويندا جن ۾ خوشبودار هجڻ سان گڏ بهشتي ڪافور جي ملاوٽ هوندي. "عَيۡنًا يَّشۡرَبُ بِهَا عِبَادُاللهِ يُفَجِّرُوۡنَهَا تَفۡجِيۡرًا" (چشمو جو ان مان الله جا ٻانها پيئندا انهن کي وهائي وٺي ويندا) يعني اهو ڪافور هڪ اهڙي جنتي چشمي مان اپڙي نڪرندو جنهن مان الله عزوجل جا ابرار، نيڪو ڪار ٻانها پيئندا ۽ جتي گهرندا ۽ جن محلاتن ۾ رهندا ان کي اتي [illegible] وٺي ويندا. (٢) ائين نہ هوندو تہ پاڻي پيئڻ جي لاءِ مٿيان هيٺ لهي ايندا. "يُوۡفُوۡنَ بِالنَّذۡرِ" (نذر جي وفاداري ڪن ٿا) جن سهڻن عملن ۽ اعلىٰ اخلاقن جي

(١) حاشيہ عثمانيہ ص ٧٦٨ـ (٢) التفسير الواضح الميسر ص ١٥٠٢ـ

ڪري ابرار ڪي نوازشن سان نوازيو ويندو جيڪي ھتي انھن جو بيان ٿي رھيو آھي.

نذر جي وفا ڪرڻ

نذر جي تعريف ۽ مراد بيان ڪندي فقھاءَ ڪرام فرمايو "النذر ھو ايجاب المڪلف على نفسه من الطاعات مالولم يوجبه لم يلزمه" (١) يعني ڪنھن عاقل، بالغ، مومن جي طرفان پنھنجي مٿان عبادتن مان اھا شي واجب ڪرڻ جيڪا ان تي الله جل وعلا نہ واجب ڪئي نہ لازم ڪئي مقصد تہ جيڪي عبادتون انھن تي الله جل وعلا فرض نہ ڪيون آھن پر پاڻ تي پاڻ مقرر ڪيون اتن اھي ادا ڪن ٿا. علامہ بيضاوي لکيو تہ: ھتي چڻ تہ سوال ڪيو ويو ھو تہ ابرار ڪي اھي نعمتون ڇو ٿيون ملن؟ ٻڌايو ويو تہ اھو پنھنجي طرفان مقرر ڪيل عبادت ۾ سستي نہ ٿو ڪري تہ الله عزوجل جي طرفان مقرر ڪيل عبادات ۾ سستي ڪيئن ڪندو؟ (٢)

"وَيَخَافُوْنَ يَوْمًا كَانَ شَرُّهٗ مُسْتَطِيْرًا" (۽ ان ڏينھن کان ڊڄن ٿا جنھن جي برائي ڪنڌڙيل ھوندي) قيامت کان ڊڄڻ جو مطلب تہ اھي ھر وقت قيامت جي انھن ڏينھن کان ڊڄندا رھن ٿا جنھن ۾ ھر طرف تڪليفون ۽ ڏپ پکڙيل ھوندو. "مُسْتَطِيْرًا" جي معنيٰ پکڙجندڙ، ڏکھو ٿيندڙ. (٣) "وَيُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّيَتِيْمًا وَّاَسِيْرًا" (۽ ان جي محبت ۾ مسڪين ۽ يتيم ۽ قيديءَ کي طعام کارائن ٿا) کاڌو کارائڻ مان مقصد آھي تہ اھي الله جي محبت جي ڪري ان جي مخلوق جون حاجتون پوريون ڪن ٿا جيڪڏھن سندن دروازي کو مسڪين يا يتيم يا قيدي آيو ۽ ان بک جي شڪايت ڪئي تہ ھي ان کي الله جي لاءِ کاڌو کارائن ٿا ذھن ۾ رکڻ گھرجي تہ مڪہ مڪرمہ جي رھاڪو ڪافرن ۾ مسڪينن، يتيمن ۽ قيد مان ڇٽي آيلن کان نفرت ھوندي ھئي ايتري قدر جو جيڪڏھن حضور عليہ الصلواة والسلام جن وٽ مسڪين ويٺل ھوندا ھئا تہ قريشي ڪافر سردار انھن سان گڏ وھڻ کي پنھنجي توھين سمجھندا ھئا. اھڙن مسڪينن، يتيمن ۽ قيدين سان ھمدردي ڪندڙن جي ھتي ھمت افزائي ڪئي وئي آھي مفسرن ٻي معنيٰ ھيءَ لکي آھي تہ: ان طعام جي ڪين بہ ضرورت آھي ان جي ڪري ان سان محبت رکڻ جي باوجود الله جل شانہ جي رضا لاءِ ٻين کي کاڌو کارائن ٿا. (٤)

تنبيہ: قيديءَ مان مراد عام آھي مسلمان ھجي يا ڪافر حديث ۾ آھي تہ بدر جي قيدين جي متعلق حضور عليہ الصلواة والسلام جن حڪم ڏنو ھو تہ "جنھن مسلمان

(١) القرطبي ص ١٢٧ ـ جلد ١٩ (٢) البيضاوي ص ٥٥٢ ـ جلد ٢ (٣) القرطبي ص ١٢٨ ـ جلد ١٩ (٤) روح القرآن ص ١٥٣ ـ جزءُ ٢٩

وٽ قيدي هجي ته اهو ان سان سٺو برتاءُ ڪري" اصحاب سڳورا رضي الله عنهم ان حڪم تي عمل ڪندي قيدين کي پاڻ کان پلو ڪاڍو ڪارائيندا هئا حالانڪ اهي قيدي مسلمان نہ هئا مسلمان پاءُ جو حق تہ ان کان بہ وڌيڪ رهي ٿو ۽ جيڪڏهن "اَسِيْرًا" لفظ ۾ ڪشادگي ڪئي وڃي تہ پوءِ تہ هيءَ آيت غلام ۽ قرض چڙهيل ماڻهوءَ کي بہ شامل ٿي وڃي ٿي جو اهي بہ هڪ طرح قيد ۾ آهن. (١)

"اِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللهِ لَانُرِيْدُ مِنْكُمْ جَزَآءً وَّلَا شُكُوْرًا" (اسين تہ اوهان کي صرف الله جي راضي ڪرڻ جي لاءِ ڪاڍو ڪارايون ٿا اوهان مان ڪنهن بدلي ملڻ يا شڪر گذاريءَ جو ارادو نہ ٿا ڪيون) يعني ڪاڍو ڪارائڻ وارا اهو حال جي زبان سان چون ٿا ۽ جيڪڏهن ڪٿي ڪا مصلحت هوندي تہ قال واري زبان سان بہ چون ٿا. "اِنَّا نَخَافُ مِنْ رَّبِّنَا يَوْمًا عَبُوْسًا قَمْطَرِيْرًا" (بيشڪ اسين پنهنجي رب جو خوف رکون ٿا ان ڏينهن جي لاءِ جيڪو منهن کي ڪٽو ڪندڙ، گهڻو سخت هوندو) مقصد تہ اهي چون ٿا تہ اسين پنهنجي رب کي راضي ڪرڻ گهرون ٿا ڇو تہ اسان کي يقين آهي تہ هڪ نهايت سخت ڏينهن اچڻ وارو آهي جنهن جي هيبت جو تصور ڪري اسان جون دليون اڄ بہ ڏڪن ٿيون. جيڪڏهن اسان الله جل جلالہ کي راضي ڪيو تہ اهو اسان کي محفوظ رکندو "عبوسا کريہ المنظر لشدتہ قمطريرا شديدا في ذالك" (٢) "شدت جي ڪري ڏسڻ ۾ ناپسند، ان ۾ سخت". "فَوَقٰهُمُ اللهُ شَرَّ ذٰلِكَ الْيَوْمِ وَلَقّٰهُمْ نَضْرَةً وَّسُرُوْرًا" (پوءِ الله انهن کي ان ڏينهن جي شر کان بچايو ۽ انهن کي تازگي ۽ خوشي ڏنائين) لقي جي معنىٰ اعطىٰ (ڏنائين) يعني مذڪوره صفتن سان موصوف ٻانهن کي الله تعالىٰ قيامت جي تڪليف کان محفوظ رکي سندن چهرن کي گل وانگر تازو بنايو ۽ کين خوشيون نصيب ڪيون "وَجَزٰىهُمْ بِمَا صَبَرُوْا جَنَّةً وَّحَرِيْرًا" (۽ صبر ڪرڻ جي ڪري کين جنت ۽ ريشم (جا لباس) بدلي ۾ عطا ڪيائين) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ مومن جي سموري زندگي صبر آهي الٰهي احڪام جي ادا ڪرڻ تي صبر، منع ڪيل ڪمن ۽ شين کي ڇڏڻ تي صبر، ڪيترين شين جي نہ ملڻ تي صبر، نقصانن پوڻ تي صبر، اسلام جي دشمنن جي سامهون جنگ جي ميدان ۾ صبر ۽ جنگ ڪٽڻ کان پوءِ اقتدار ۽ اختيار جي صحيح استعمال ڪرڻ تي صبر الغرض تہ مومن جي زندگيءَ جو ڪو بہ اهڙو حصو ناهي جتي صبر جو نور نہ چمڪندو هجي آيت جو مطلب هي آهي تہ ايمان وارن زندگيءَ جو سفر جنهن صبر ۽ استقامت سان طي ڪيو ۽ انهن جنهن عزم سان نفس جي گهوڙي کي قابو ۾ رکيو اڄ انهن سيني محنتن جو کين معاوضو ملندو. "مُتَّكِئِيْنَ

(١) حاشيہ عثمانيہ ص٧٦٩ـ (٢) جلالين ص٤٨٣ـ

فِيهَا عَلَى الْاَرَآئِكِ لَايَرَوْنَ فِيهَا شَمْسًا وَّلَا زَمْهَرِيْرًا (ان ۾ تختن تي ٽيڪ ڏيندڙ هوندا نہ ان ۾ سج (جي گرمي) ڏسندا ۽ نہ گهڻي ٿڌ ڏسندا) "متكئين" اتكاءَ كان ورتل آهي يعني چڱي طرح ٺهي وهڻ "الارائك" (سهڻي لباس سان ڍڪيل ۽ سينگاريل تخت) (۱) يعني بادشاهن وانگر سهڻن ۽ سينگاريلن تختن تي ٽيڪون ڏيو ويٺا هوندا ۽ جنت جي موسم نهايت معتدل ۽ پياري هوندي نہ ڪين سج جي گرمي ۽ اتت تنگ ڪندي ۽ نہ سردي هوندي جو ٿڌ لڳي وڃين. "وَدَانِيَةً عَلَيْهِمْ ظِلَالُهَا وَذُلِّلَتْ قُطُوفُهَا تَذْلِيْلًا" (۽ انهن جون ڇانئون انهن تي ويجهيون هونديون ۽ انهن جا ميوا بہ سندن جي لاءِ لٽڪائي ويجها ڪيل هوندا) يعني جنتي وڻن جون ٽاريون پنهنجن ميون سميت انهن ڏانهن جهڪيل هونديون ۽ انهن ۾ موجود ميوا جنت وارن جي لاءِ اهڙا لٽڪيل ۽ انهن جي قبضي ۾ هوندا جو جنتي بيٺل، ويٺل ۽ ستل حال ۾ بہ تكلف كان سواءِ اهي حاصل ڪري سگهندا. "وَيُطَافُ عَلَيْهِمْ بِاٰنِيَةٍ مِّنْ فِضَّةٍ وَّاَكْوَابٍ كَانَتْ قَوَارِيْرَا قَوَارِيْرَا مِنْ فِضَّةٍ قَدَّرُوْهَا تَقْدِيْرًا" (۽ انهن جي مٿان اهڙي چانديءَ جا ٿانوَ ۽ ڪوپ ڦيرايا ويندا جيڪي شيشو هوندا شيشا چانديءَ جا هوندا انهن ۾ ماپي رکيو هوندائون ماپي رکڻ) يعني انهن جي مٿان جيڪي خادم پاڻيءَ پيارڻ لاءِ مقرر ڪيل هوندا آهن اهي آبخورا (ڪوپ) ۽ چانديءَ مان ٺهيل پر صفائيءَ ۾ شيشي جهڙن آبخورن ۾ ايترو پاڻي وجهندا جيترو پيئڻ وارو پي سگهي بي سمجهہ نہ هوندا جو جنهن کي پنهنجي ڏڪن جي خواهش هجي انهن کي گلاس ڀري ڏئي ڇڏين يا جيڪو گهٽو پيئڻ گهري ان کي ٿورو ڏين. "وَيُسْقَوْنَ فِيهَا كَاْسًا كَانَ مِزَاجُهَا زَنْجَبِيْلًا" (۽ ان ۾ اهڙو پيالو پياريا ويندا جنهن ۾ سُنڍ ملايل هوندي) مطلب تہ اهي لذت ۾ سُنڍ جهڙا هوندو ۽ عرب ان پيئڻ واري شيءِ سان وڌيڪ لذت حاصل ڪندا هئا جنهن ۾ سُنڍ ملايل هوندي هئي. "عَيْنًا فِيهَا تُسَمّٰى سَلْسَبِيْلًا" (ان ۾ هڪ چمشو هوندو جنهن جو نالو سلسبيل هوندو) جنهن مان پاڻي پيئڻ نهايت آسان هوندو پر اهو ان کي نصيب ٿيندو جنهن صالح عمل سان ان ڏانهن واٽ ورتي هوندي. (۲) "وَيَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ اِذَا رَاَيْتَهُمْ حَسِبْتَهُمْ لُؤْلُؤًا مَّنْثُوْرًا" (۽ انهن تي ڇوڪرا، هميشہ رهايل ڦرندا جڏهن انهن کي ڏسندين تہ انهن کي ڪنڌڙيل موتي ڀانئيدين) مطلب تہ جنت وارن جي خدمت لاءِ غلمان نوجوان ڇوڪرن جي صورت ۾ ڦرندا رهندا وقت گذرڻ سان گڏ انهن جي شڪل ۽ صورت، رنگ ۽ روپ ۾ ڪا تبديلي نہ ايندي ۽ اهي جڏهن جنتين جي خدمت ۾ ڊڪندا ڊوڙندا رهندا تہ ائين سمجهيو ويندو تہ ڄڻ ڪنڌڙيل موتي آهن ۽ جڏهن خادم اهڙي حسن ۽

(۱) تيسير الكريم الرحمان كامل صـ۱۰۹۰ـ (۲) البيضاوي صـ۵۵۳ـ جلد ۲

جمال وارا هوندا تہ جن جي خدمت كندا انهن جي حسن ۽ سونهن جو ڇا مقام هوندو؟ ۽ كنڊڙيل موتين سان ان جي كري تشبيهہ ڏنا ويا آهن جو اهي جنت ۾ خدمت كرڻ جي لاءِ ائين ٽڙيل پكڙيل هوندا جيئن باغن ۾ گل ۽ مكڙيون منتشر هونديون آهن. (١) "وَإِذَا رَأَيْتَ ثَمَّ رَأَيْتَ نَعِيمًا وَّمُلْكًا كَبِيرًا" (۽ جڏهن اتي ڏسندين تہ نعمتون ۽ وڏي بادشاهي ڏسندين) مقصد تہ جنت ۾ جيڏانهن بہ نظر ڦيرائيندين تہ هر طرف توكي نعمتون ئي نعمتون نظر اينديون ۽ هك وڏي بادشاهي نظر ايندي جيكا الله عزوجل پنهنجي هك ٻانهي كي عطا فرمائي هوندي. "عٰلِيَهُمْ ثِيَابُ سُنْدُسٍ خُضْرٌ وَّاِسْتَبْرَقٌ وَّحُلُّوْٓا اَسَاوِرَ مِنْ فِضَّةٍ" (انهن جي مٿان سنهي ريشم جا ساوا كپڙا ۽ ٿلهو ريشم هوندو ۽ انهن كي چانديءَ جا كنگڻ (زيور كري) پارايا ويندا) مطلب تہ انهن كي سنهي سائي ريشم ۽ ٿلهي ريشم جا كپڙا پارايا ويندا ۽ انهن كي زيور كري چانديءَ جا كنگڻ بہ پارايا ويندا ۽ ٻي جاءِ تي آهي تہ انهن كي جنت ۾ سونا زيور پارايا ويندا كيترن كي جدا جدا تہ كيترن كي گڏي. (٢) "وَسَقٰهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا" (۽ انهن كي سندن رب پاك شراب پياريندو) جنت وارن جي ٻن پيئڻ وارين شين جو ذكر اڳي ٿي آيو ۽ هتي ٽئين قسم جو بيان ٿي رهيو آهي جنهن جون ٻہ خوبيون جدا آهن "١" تہ ان كي طهور سڏيو ويو آهي "٢" تہ ان جو پيارڻ وارو الله عزوجل پاڻ هوندو. حضرت يعقوب چرخي عليہ الرحمـة هن آيت جو تفسير كندي لكيو آهي "سابقين ۽ مقربين كي الله عزوجل پنهنجي عرش جي هيٺان پاك شراب جا ڀريل پيالا كنهن جي واسطي كان سواءِ پاڻ پياريندو وچولي درجي وارن كي ملائك پياريندا عام ماڻهن كي غلمان پياريندا جڏهن اهي بهشتي شراب پيئندا تہ الله عزوجل جي محبت ۾ مست ٿي ويندا پردا اٿلائي ڇڏيندا ۽ چُون، چرا ۽ جهت كان سواءِ حق تعاليٰ جو ديدار كندا رهندا." ياالله اسان كي بہ اهي نعمتون عطا فرماءِ ۽ پنهنجي كرم سان مقربن ۾ داخل فرماءِ. (٣) "اِنَّ هٰذَا كَانَ لَكُمْ جَزَآءً وَّكَانَ سَعْيُكُمْ مَّشْكُوْرًا" (بيشك هي اوهان (جي ايمان ۽ صالح عمل) جو بدلو آهي ۽ اوهان جي كوشش قدر كيل آهي) يعني اوهان تي هي سڀئي مهربانيون اوهان جي ايمان ۽ صالح اعمال جو بدلو آهن ۽ اوهان جي محنت ۽ كوشش الله وٽ قدر كيل، مقبول ۽ منظور آهي. (٤)

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "حِيْنٌ مِّنَ الدَّهْرِ" (زماني مان

(١) التفسير الواضح الميسر صـ ١٥٠٥ـ (٢) جلالين صـ ٤٨٤ـ (٣) ضياءُ القرآن صـ ٤٤٨ـ جلد ٥ (٤) روح القرآن صـ ١٥٦ـ جزءُ ٢٩

ڪو وقت) مفسرن لکيو آهي ته ان زماني مان مراد انسان تي گذرڻ وارو اهو زمانو آهي جيڪو ان جي ماءُ جي پيٽ ۾ قرار وٺڻ واري وقت کان ان جي ڄمڻ تائين آهي ان پوري دور ۾ ڪنهن کي خبر نه آهي ته پٽ آهي يا ڌيءُ سهڻي صورت اٿس يا سادي ان جي ڪري ان جو ڪٿي ذڪر ۽ تذڪره نه هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ان جي معنیٰ ۾ وڌيڪ وسعت رکي وڃي ته انسان جي تخليق جي ابتدا جيئن مني جي ڦڙي مان ڪئي وئي آهي ته اهو ڦڙو به ڪنهن غذا مان ٺهيو هوندو ۽ اها غذا ۽ ان غذا کان پهريان ان جو مادو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ دنيا ۾ هو جيڪڏهن ان وقت کي به شامل ڪبو ته اهو ڏگهو زمانو هزارين سالن جو ٿي سگهي ٿو بهرحال الله عزوجل هن آيت ۾ انسان کي هڪ اهڙي امر ڏانهن توجــه ڏياريو آهي جو ان ۾ جيڪڏهن شعور جو ذرو به هوندو ۽ غور ڪندو ته ان کي پنهنجي حقيقت جي کلڻ سان گڏ پنهنجي پيدا ڪندڙ ۽ ٺاهيندڙ جو وجود، علم ۽ قدرت تي مڪمل ايمان يقين رکڻ کان سواءِ ڪو چارو ئي نه ملندو. ٢. "مِنْ نُّطْفَـةٍ اَمْشَاجٍ" (گڏيل نطفي مان) علامــه آلوسي بغدادي بعض مفسرن کان نقل ڪيو آهي ته "گڏيل نطفي مان" مراد چار خلط آهن "١" رت "٢" بلغم "٣" سوداءَ "٤" صفراءَ. جن مان نطفو مرڪب ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته هي چار خلط به غذا جي مختلف قسمن مان حاصل ٿيندا آهن ۽ هر انسان جي غذا ۾ غور ڪيو وڃي ته ان ۾ پري پري جي ملڪن ۽ خطن جا اجزاءَ پاڻي، هوا وغيره جي ذريعي شامل هوندا آهن اهڙي طرح ڪنهن انسان جي موجود جسم جو تجزيو ڪيو وڃي ته معلوم ٿيندو ته اهو اهڙن جزئن ۽ ذرن جو مجموعو آهي جيڪي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آهن قدرتي نظام ان کي عجيب ۽ حيرت انگيز طريقي سان ان وجود ۾ آندو اهي هن تفسير سان قيامت جي انهن منڪرن جو رد ٿي ويندو جيڪي چون ٿا ته مري مٽي ٿيڻ کا پوءِ انسان جا منتشر اجزاءَ گڏ ڪري ان کي ڪيئن زنده ڪيو ويندو؟ پر جيڪڏهن اهي غور ڪندا ته ڳالهه آسان آهي جيڪو قادر، ڪريم انسان کي ابتداءَ ۾ به ڇڙن خلطن مان پيدا ڪري سگهي ٿو اهو ان جي مٽي ٿيڻ ۽ هڏا بنجڻ کان پوءِ به ان کي وري ٺاهي زنده ڪري ميدان محشر ۾ آڻي سگهي ٿو. ٣. "يُوْفُوْنَ بِالنَّذْرِ" (نذر جي وفا ڪن ٿا) مفسرن لکيو آهي ته نذر جي منعقد ٿيڻ جي لاءِ به ٽي شرط آهن "١" ته جنهن ڪم جو نذر ڪري اهو جائز هجي جيڪڏهن ڪنهن ناجائز ڪم جو نذر ڪيو ته اهو پورو نه ڪري ۽ ڪفارت ڏي. "٢" ته اهو ڪم اڳ ۾ الله جل شانــه جي طرفان واجب ڪيل نه هجي جيڪڏهن ڪو شخص فرض نماز يا وتر واجب جو نذر ٿو ڪري ته اهو نذر لغو هوندو ڇو ته اها نماز ان تي پهريان ئي واجب الاداءَ آهي. ٤. "قَوَارِيْرَاۡ مِّنْ فِضَّـةٍ" (۽

چانديءَ مان شيشا) دنيا ۾ چانديءَ جو تانو ڪثيف هوندو آهي ان مان نظر نہ لنگهندي آهي پر جنت جي هيءَ خصوصيت آهي جو اتي جي چاندي آئيني وانگر صاف هوندي. ٥. "وَحُلُّوا اَسَاوِرَ مِنْ فِضَّـةٍ" (۽ چانديءَ جا ڪنگڻ زيور ڪري پارايا ويندا) اهو انهن جو سينگار هوندو.

سوال: ڪنگڻ سونا هجن يا چانديءَ جا مردن لاءِ عيب سمجهيا وڃن ٿا جنتين کي اهي ڪيئن پارايا ويندا؟

جواب: ڪنهن شيءِ جو عورتن يا مردن جي لاءِ مخصوص هجڻ عرف ۽ عادت تي مدار رکي ٿو بعضي ملڪن يا خطن ۾ هڪ شي بري سمجهي ويندي آهي ۽ اها ساڳي شيءِ ٻين ملڪن ۾ مستحسن سمجهي ويندي آهي دنيا ۾ جيڪي بادشاهہ ڪسريٰ جي لقب سان سڏيا ويا هئا اهي هٿن ۾ ڪنگڻ ۽ سيني ۽ تاج ۾ زيورات استعمال ڪندا هئا ۽ اهو انهن جو خصوصي امتياز ۽ اعزاز سمجهيو ويندو هو ڪسريٰ جي ملڪ فتح ٿيڻ ڪان پوءِ جيڪي ان جا خزانا مسلمانن ڪي هٿ آيا انهن ۾ اهي ڪنگڻ بہ هئا جڏهن دنيا جي مختلف ملڪن ۽ قومن جي معمولي جغرافيائي ۽ قومي تفاوت سان معاملا مختلف ٿي سگهن ٿا تہ جنت جي معاملن کي دنيا تي قياس ڪرڻ جا معنيٰ نہ ٿو رکي اتي مردن جي لاءِ بہ زيور مستحسن سمجهيا ويندا. (١)

اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ تَنْزِيْلًا ۚ (٢٣)	فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ
بلاشڪ اسان لاٿو توتي قرآن درجي بہ درجي پوءِ	صبر ڪر پنهنجي رب جي حڪم لاءِ

وَلَا تُطِعْ مِنْهُمْ اٰثِمًا اَوْ كَفُوْرًا ۚ (٢٤) وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ۚ (٢٥)

۽ نہ تابعداري ڪر انهن مان گنهگار يا بي شڪر جي ۽ ياد ڪر پنهنجي رب جو نالو صبح ۽ شام

وَمِنَ الَّيْلِ فَاسْجُدْ لَهٗ وَسَبِّحْهُ لَيْلًا طَوِيْلًا (٢٦)	اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ يُحِبُّوْنَ
۽ رات جو پوءِ ان لاءِ سجدو ڪر ۽ تسبيح پڙهہ ان جي گهڻي رات	بيشڪ هي محبت رکن ٿا

الْعَاجِلَةَ وَيَذَرُوْنَ وَرَآءَهُمْ يَوْمًا ثَقِيْلًا (٢٧)	نَحْنُ خَلَقْنٰهُمْ وَشَدَدْنَآ
دنيا سان ۽ ڇڏي ڏين ٿا پنهنجي پويان ڏينهن ڳرو	اسان پيدا ڪيو انهن کي ۽ مضبوط ڪياسون

اَسْرَهُمْ ۚ	وَاِذَا شِئْنَا بَدَّلْنَآ اَمْثَالَهُمْ تَبْدِيْلًا (٢٨)	اِنَّ هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ ۚ
سنڌ انهن جا	۽ جڏهن گهرنداسون تہ مٽائي آڻينداسون انهن جهڙا مٽائي آڻڻ	تحقيق هيءَ نصيحت آهي

(١) معارف القرآن صـ٦٣٨/٦٣٩ـ جلد ٨

فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا (٢٩) وَمَا تَشَآؤُنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ

پوءِ جيڪو گھري تہ وٺي پنھنجي رب ڏانھن رستو ۽ نہ تا گھرو اوھان مگر ھي جو گھري الله

اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا (٣٠) يُدْخِلُ مَنْ يَّشَآءُ فِيْ رَحْمَتِهٖ وَالظّٰلِمِيْنَ

بلاشڪ الله آھي ڄاڻندڙ حڪمت وارو داخل ڪري ٿو جنھن کي گھري پنھنجي رحمت ۾ ۽ ظالم

اَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا (٣١)

تيار ڪيائين انھن جي لاءِ عذاب دردناڪ

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن کي عذاب جو ۽ فرمانبردارن کي ثواب ڏيڻ جو ذڪر ھو ۽ ھتي ان اطاعت ڪندڙن جي رھنمائي ڪندڙ قرآن ڪريم جي نازل ڪرڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رھيو آھي "اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ تَنْزِيْلًا" (تحقيق اسان تو.تي قرآن درجي بدرجي لاٿو) يعني اي حبيب پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام! اسان اوھان کي ھي قرآن پاڪ لاھي اڪرام ۽ اعزاز عطا ڪيو اسان ان کي ٿورو ٿورو ڪري درجي بدرجي نازل فرمايو ھڪ وقت ھڪ جاءِ تي نہ لاٿو تانت اوھان پنھنجي امت کي وعد ۽ وعيد، ترغيب ۽ ترھيب سان نصيحت ڪرڻ فرمايو. (١) "فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ وَلَا تُطِعْ مِنْهُمْ اٰثِمًا اَوْ كَفُوْرًا" (پوءِ پنھنجي رب جي حڪم "اچڻ" تائين صبر ڪر ۽ انھن مان ڪنھن گنھگار يا بي شڪر جو چيو نہ مڃ) يعني اي پيارا نبي! عليك الصلوٰة والسلام پنھنجي رب جي حڪم ۽ فيصلي اچڻ تائين ڪافرن جي طرفان ملندڙن ايذائن ۽ تڪليفن تي صبر ڪيو الله عزوجل اوھان جي دشمنن کان اوھان جو انتقام وٺي اوھان جي دل مبارڪ کي اطمينان بخشيندو ۽ انھن مان فاجرن، گناھن ۽ شھوتن ۾ غرق ٿيندڙن يا ڪفر، رب جي انڪار ۽ بي شڪريءَ ۾ حد کان لنگھندڙن جو چوڻ نہ وٺو انھن جي چوڻ تي نہ ھلو. "وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا" (۽ صبح ۽ شام پنھنجي رب جي نالي جو ذڪر ڪيو) صبح ۽ شام جي ذڪر ڪرڻ جي حڪم جو مقصد آھي تہ دائمًا ذڪر ۾ رھو مومن جي طاقت جو سرچشمو ۽ ان جي قوت جو راز الله عزوجل جي ذڪر ۾ پوشيده آھي الله جل وعلا پھريان پنھنجي حبيب عليہ الصلوٰة والسلام کي صبر جي تلقين ڪري ھتي ڪين صبر جو ارشاد فرمايو آھي جيڪو شخص پنھنجي رب جو ذڪر ڪثرت سان ڪري ٿو ان کي الله عزوجل جو ساٿ ۽ معيت نصيب ٿئي ٿي ۽ جنھن خوش نصيب کي اھا نعمت ملي وڃي باطل قوتون ان جو وار بہ ونگو ڪري نہ

(١) التفسير الواضح الميسر ص١٥٠٦ـ

سگهند يون. "وَمِنَ الَّيْلِ فَاسْجُدْ لَهٗ وَسَبِّحْهُ لَيْلًا طَوِيْلًا" (۽ رات جو پوءِ ان جو سجدو ڪر ۽ گهڻي رات ان جي تسبيح پڙهه) علامه بيضاوي ان مان مراد نمازن جا وقت ورتا آهن. "بُكْرَةً" مان مراد صبح جي نماز آهي "اَصِيْلًا" سج جي لڙڻ کان وٺي لهڻ تائين وقت کي چئبو آهي ان مان مراد پيهري ۽ ٽيهري نمازون آهن ۽ "مِنَ الَّيْلِ" (مان مغرب ۽ عشاء نمازون مراد آهن ۽ "سَبِّحْهُ لَيْلًا طَوِيْلًا" مان مراد تهجد جي نماز آهي. (١) "اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ يُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ وَيَذَرُوْنَ وَرَآءَهُمْ يَوْمًا ثَقِيْلًا" (بيشڪ هي محبت رکن تا دنيا سان ۽ پنهنجي پويان ڳرو ڏينهن ڇڏي ڏين تا) يعني هي ڪافر دنيا سان محبت رکي آخرت کان ان کي وڌيڪ ترجيح ڏين تا ۽ پويان اچڻ وارو نهايت هولناڪ ڏينهن ڇڏي ڏين تا ان لاءِ ڪجهه به نه ڪن تا ۽ نه سوچين تا. "نَحْنُ خَلَقْنٰهُمْ وَشَدَدْنَآ اَسْرَهُمْ" (اسان انهن کي پيدا فرمايو ۽ انهن جي سنڌن کي مضبوط بنايو) يعني اسان انسانن کي پيدا ڪري انهن جي مختلف عضون ۽ سنڌن کي هڪ ٻئي سان پٺن، ريشن ۽ رڳن جي ذريعي وڏي مضبوطيءَ سان جوڙيو آهي سڀ عضوا پنهنجا پنهنجا فرائض سرانجام ڏين تا ان هوندي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل وزن ۽ بار به کنيو پيا هلن جيڪڏهن هن هڪ ڳالهه تي غور ڪيو ته به اوهان جي رهنمائيءَ لاءِ ڪافي آهي. "وَاِذَا شِئْنَا بَدَّلْنَآ اَمْثَالَهُمْ تَبْدِيْلًا" (۽ جيڪڏهن اسين گهرون ته انهن جهڙا مٽائي آڻيون) هن جون به مرادون بيان ڪيون ويون آهن "١" ته جيڪڏهن اسين گهرون ته انهن کي هلاڪ ڪري، نيست نابود بنائي انهن جي جاءِ تي ٻي فرمانبردار نئين قوم پيدا ڪيون. (٢) "٢" ٻي مراد آهي ته انهن جي چهرن جي رنگت کي مسخ ڪري ڇڏيون ۽ ڪنهن اهڙي بيماريءَ ۾ انهن کي مبتلا ڪيون جو انهن کي ڏسڻ وارو سڃاڻي نه سگهي. (٣) "اِنَّ هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا" (تحقيق هيءَ نصيحت آهي پوءِ جيڪو گهري ته پنهنجي رب ڏانهن رستو وٺي) يعني هي قرآن ڪريم نصيحت آهي پوءِ جيڪو گهري ته ان ۾ بيان ڪيل خوف ۽ ترغيب سان فائدو حاصل ڪري پنهنجي رب ڏانهن پهچائيندڙ رستو وٺي الله جل وعلا حق ۽ هدايت بيان ڪري ماڻهن کي اختيار ڏنو آهي يا هدايت حاصل ڪن يا ان کان نفرت ڪري پري رهن انهن تي حجت قائم ٿي چڪي آهي. "وَمَا تَشَآءُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا" (۽ اوهان نه ٿا گهرو مگر هي ته الله گهري بلاشڪ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي) الله تعالىٰ اهو به ٻڌائي ڇڏيو ته صرف اوهان جي چاهڻ ۽ گهرڻ سان ڪجهه نه ٿيندو جيستائين

(١) البيضاوي ص ـ ٥٥٤ ـ جلد ٢ (٢) روح القرآن ص ـ ١٦٧ ـ جزء ٢٩
(٣) ضياءُ القرآن ص ـ ٤٤٩ ـ جلد ٥

جيستائين الله عزوجل جي گُهرَ نہ ٿيندي جڏهن الله جل جلالہ جي توفيق ساڻ ڏيندي آهي حق جو نور تڏهن نظر ايندو آهي، حق جو پيغام پوءِ پڌرُ ۾ ايندو آهي الله جل شانہ جي مشيت ۽ گُهر نافذ هوندي آهي بلاشڪ الله عليم آهي جنهن کان ڪا ڳالهہ لڪل ناهي، حڪيم آهي جنهن جي هر ڳالهہ حڪمت کان خالي ناهي. "يُدْخِلُ مَنْ يَشَآءُ فِيْ رَحْمَتِهٖ" (جنهن کي گهري ٿو ان کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪري ٿو) پوءِ ان کي پنهنجي عنايت سان مخصوص ڪري سعادت جا رستا ڏيکاري ان جي حصول جي اسباب لاءِ توفيق ڏي ٿو. (١) "وَالظّٰلِمِيْنَ اَعَدَّلَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا" (۽ ظالم، انهن جي لاءِ دردناڪ عذاب تيار ڪيو اٿس) هتي ظالمن مان مراد ڪافر آهن (٢) مطلب تہ ڪافرن جي لاءِ دردناڪ عذاب تيار آهي ان کان ڪڏهن بہ بچي نہ سگهندا.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ تَنْزِيْلًا" (بلاشڪ اسان اوهان تي قرآن ٿورو ٿورو "تدريجا" ڪري نازل فرمايو) مان معلوم ٿيو تہ محبوب مٺي عليہ الصلواة والسلام جي قلب ڪريم تي قرآن ٿورو ٿورو ڪري نازل ڪيو ويو تانت ساڻن همڪلامي ۽ ڪين پيغام پهچائڻ جو سلسلو جاري رهي ۽ ماڻهن تي بہ هڪدم احڪام تي عمل ڪرڻ جو بار نہ پوي. قرآن ڪريم ٽيويهہ سال نازل ٿيندو رهيو هو. ٢. "اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ يُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ" (تحقيق هي دنيا سان محبت رکن ٿا) هن مان معلوم ٿيو تہ دين ڇڏي دنيا جي محبت رکڻ ڪافرن جو طريقو آهي پر جيڪڏهن دنيا دين جي ڪم ۾ لڳائي وڃي تہ ڀلي آهي دنيا صفر (ٻُڙي) اهي ۽ دين عدد آهي صفر (ٻڙي) اڪيلي هوندي تہ ڪجهہ ناهي ۽ جيڪڏهن عدد سان ملي وڃي تہ ڏهوڻ ڪري ڇڏي اهڙي طرح جيڪڏهن دنيا دين سان ملي وڃي تہ سبحان الله جيئن حضرت عثمان رضي الله عنہ جو مال ۽ انبياءَ عليهم الصلواة والسلام جو اولاد. (٣) "نَحْنُ خَلَقْنٰهُمْ وَشَدَدْنَآ اَسْرَهُمْ" (اسان انهن کي پيدا ڪيو ۽ سندن سنڌن کي مضبوط رکيو) هن ۾ هن طرف اشارو آهي تہ انسان پنهنجي هڪ هڪ سنڌ ۽ جوڙ تي نظر وجهي تہ خداوندي حڪمت جي تقاضا سان انساني سنڌ ۽ جوڙ ڏسڻ ۾ نرم ۽ نازڪ ايندا آهن ۽ نرم نرم پٺن جي ذريعي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندا آهن ان جي طبعي تقاضا هيءَ هئي تہ سال ٻن سالن ۾ ئي سنڌن جا ٻڌ ۽ اعصاب گسي ٽٽي پون ها خصوصًا جڏهن رات ڏينهن اهي چرپر ۾ رهن ٿا ۽ ايتري رات ڏينهن هلچل سان لوهہ جا اسپرنگ بہ گسي ٽٽي پون ٿا پر ڏسو تہ هي نرم ۽ نازڪ پٺا ڪيئن عضون جي جوڙن کي هڪ ٻئي سان ٻڌيو بيٺا آهن نہ گسن ٿا نہ ٽٽن ٿا انسان

(١) تيسيرالڪريم ڪامل ص ـ ٩٠٣ ـ (٢) جلالين ص ـ ٤٨٥ ـ (٣) نورالعرفان ص ـ ٩٢٥ ـ

پنهنجي هٿن ۾ آڱرين جي جوڙن ڏي نهاري تہ سڄي عمر انهن جوڙن ڪيتري چرپر ڪئي هوندي انهن تي اهڙو زور ۽ دٻاءَ وڏو ويو آهي جو جيڪڏهن فولاد هجي ها تہ بہ گسي وڃي ها مگر هي جوڙ آهن جو ڪئين سال هلڻ جي باوجود بہ پنهنجي جاءِ تي قائم آهن.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه



سورة "اَلْمُرْسِلاَتِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن

نالو مبارڪ: هن سورة مبارڪ جو نالو "اَلْمُرْسِلٰتِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٻه رڪوع، پنجاهه آيتون، هڪ سؤ اسي (۱۸۰) ڪلما ۽ اٺ سؤ سورنهن (۸۱۶) حرف آهن. (۱)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (۲)

نزول جو زمانو: علماءِ ڪرام فرمايو آهي ته هيءَ "سورة حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن تي سندن مڪي دور ۾ نازل ٿي هئي."

مضمون: هن سورة سڄوريءَ ۾ متعدد شين جو قسم کڻي ٻڌايو ويو آهي ته قيامت ضرور قائم ٿيندي ان کان پوءِ قيامت جا هيبت ناڪ منظر بيان ڪيا ويا آهن آيتن ع ۱۶ ـ ع ۱۷ ـ ع ۱۸ ـ ۾ هڪ خداوندي سنت بيان ڪئي وئي آهي ته جيڪو شخص سڌي واٽ ڇڏي گمراهيءَ جي جهنگل ۾ ڀٽڪي ٿو فسق ۽ فجور جي جرائم جو مرتڪب بڻجي ٿو ۽ ان جي مخلوق تي ظلم ۽ تشدد ڪري ٿو ته خداوندي سنت هيءَ آهي ته اهڙي شخص کي هلاڪ ۽ برباد ڪيو وڃي ان کان پوءِ انسان جي تخليق ۽ ان جي بقا، نشونما جي لاءِ جن اسبابن جي ضرورت آهي انهن جو بيان ڪيو ويو آهي ۽ اوڻيهين آيت ۽ ان کان اڳتي قيامت جي ڏينهن ڪافرن سان جيڪو معاملو ڪيو ويندو ان جو بيان آهي ان سان گڏوگڏ ايڪيتاليهين نمبر کان چوئيتاليهين نمبر تائين آيتن ۾ متقين تي ٿيندڙ عنايتن ۽ نوازشن جو ذڪر ڪيو ويو تانته ماڻهو ٻنهي گروهن (مسلمانن ۽ ڪافرن) مان جنهن ٽولي ۾ شامل ٿيڻ گهرن سوچي، سمجهي شامل ٿين.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ ڪافرن سان عذاب جو ۽ فرمانبردارن سان جنت جو وعدو هو ۽ اهو سڀ جڏهن ته قيامت ۾ ٿيندو تڏهن هتي قسمن سان ذڪر ڪيو ويو آهي ته قيامت ضرور واقع ٿيندي.

ڀلايون ۽ برڪتون: ابي بن ڪعب رضي الله عنه کان روايت آهي ته "جنهن سورة "اَلْمُرْسِلٰتِ" پڙهي ته لکيو ويندو ته اهو مشرڪن مان ناهي."

(۱) خازن ص ۳۳۴ ـ جلد ۴ (۲) الدرالمنثور ص ۳۸۰ ـ جلد ۸ (۳) اللباب في علوم الڪتب ص ۸۸ ـ جلد ۲۰

وَهِيَ خَمْسُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْمُرْسَلٰتِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ٥٠ آيتون آهي	سورة الْمُرْسِلٰتِ مکي آهي	۽ ان ۾ ٻہ رکوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو ئي مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

وَالْمُرْسَلٰتِ عُرْفًا (١) فَالْعٰصِفٰتِ عَصْفًا (٢)

قسم آهي انهن جوجيڪي موڪليون وڃن ٿيون لڳاتارپوءِ زورسان جهڪائيندڙ جو زور سان جهڪائڻ

وَالنّٰشِرٰتِ نَشْرًا (٣) فَالْفٰرِقٰتِ فَرْقًا (٤) فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا (٥)

۽ پکيڙيندڙين جو پکيڙڻ پوءِ جدا ڪندڙين جو جدا ڪرڻ پوءِ ذڪر القاءَ ڪندڙين جو

عُذْرًا اَوْنُذْرًا (٦) اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَوَاقِعٌ (٧)

حجت پوري ڪرڻ يا ڊيڄارڻ جي لاءِ بيشڪ جنهن جو وعدو ڏنا وڃو ٿا البت واقع ٿيندڙ آهي

تفسير

اڳيئن سورة جي آخر ۾ فرمان هو "وَالظّٰلِمِيْنَ اَعَدَّلَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا" (۽ ظالمن جي لاءِ دردناڪ عذاب تيار ڪيائين) تہ هتي ان عذاب جي ملڻ واري وقت جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَالْمُرْسِلٰتِ عُرْفًا" (لڳاتار موڪليلن جو قسم آهي) هتي هنن آيتن ۾ پنجن صفتن جو قسم ڪنيل آهي پر اهي ڪنهن جو صفتون آهن اهي موصوف ظاهر ۾ مذڪور ناهن ان جي ڪري مفسرن انهن جي تفسير ۾ مختلف وجوه بيان ڪيا آهن "١" تہ اهي هوائن جون صفتون آهن. "٢" تہ اهي ملائڪن جون صفتون آهن. "٣" تہ اهي قرآني آيتن جون صفتون آهن. "٤" تہ اهي ڪامل نفسن جون صفتون آهن جيڪي بدنن ڏانهن موڪليا وڃن ٿا پوءِ اهي رياضتن جي جهولي سان ماسوي الله کي اڏائي ڇڏين ٿا پوءِ سمورن عضون ۾ ان جو اثر پکيڙين ٿا پوءِ حق بالذات ۽ باطل في نفسہ ۾ فرق ڪن ٿا ۽ ذات حق ڪان سواءِ وجود مان هر شيءِ کي هلاڪ ڪري ڇڏين ٿا پوءِ اهڙي نموني ذڪر جو القاءَ ڪن ٿا جو دلين ۽ زبانن تي الٰهي ذڪر جاري رهي ٿو. "٥" تہ انهن جا موصوف مختلف آهن پهرين ٽن جون موصوف هوائون آهن ۽ پوين ٻن جا موصوف ملائڪ آهن ان لحاظ سان معنىٰ هيءَ ٿيندي تہ قسم انهن هوائن جو جيڪي لڳاتار موڪليون وڃن ٿيون. "فَالْعٰصِفٰتِ عَصْفًا" (پوءِ زور سان

جهڪائيندڙين جو جيڪي نهايت زور سان جهڪائڻ تيون) مطلب ته انهن هوائن جو قسم جيڪي زور سان لڳڻ ٿيون پوءِ وڻن کي پاڙان پٽي ڪيرائين ٿيون ۽ گهرن ۽ ڳوٺن ۽ ملڪن کي ويران ڪن ٿيون انهن مان مراد عذاب واريون هوائون آهن. "وَالنّٰشِرٰتِ نَشْرًا" (۽ "ڪڪرن کي" ڪڻندڙ، پکيڙيندڙن جو قسم آهي) هن مان مراد اهي رحمت جون هوائون آهن جيڪي ڪڪرن کي ڪڻن ٿيون تانت انهن جي ذريعي پوکون ٿين. "فالفرقت فرقا" (پوءِ فرق ڪندڙين جو فرق ڪرڻ) هنن مان مراد اهي ملائڪ آهن جيڪي قرآن ڪريم جون آيتون ڪٺي اچن ٿا ۽ حق ۽ ناحق ۾ فرق واضح ڪن ٿا ۽ هدايت ۽ گمراهي کولي ٻڌائن ٿا. (١) "فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا عُذْرًا اَوْنُذْرًا" (پوءِ ذڪر کي القاءَ ڪندڙن جو قسم آهي حجت پوري ڪرڻ جي لاءِ يا ڊيڄارڻ جي لاءِ) هي "اَلْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا" (سان متعلق آهي مطلب ته هي ذڪر ۽ وحي نبين عليهم الصلواة واسلام تي ان جي لاءِ نازل ڪيو ٿو وڃي ته اهو اهل حق مومنن جي لاءِ ان جي ڪوتاهين ڪان معذرت جو سبب بنجي ۽ اهل باطل ڪافرن جي لاءِ عذاب ڪان ڊيڄاريندڙ هجي. "اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَوَاقِعٌ" (جيڪو اوهان وعدو ڏنا وڃو ٿا البت واقع ٿيندڙ آهي) يعني اوهان انبياءَ عظام عليهم الصلواة والسلام جي ذريعي جنهن قيامت، حساب، ڪتاب، جزا ۽ سزا جو وعدو ڏنا وڃو ٿا اهو ضرور پورو ۽ واقع ٿيندو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "وَالْمُرْسَلٰتِ عُرْفًا" (لڳاتار موڪليل هوائن جو قسم آهي) صحيح بخاريءَ ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته اسين حضور عليه الصلواة والسلام جن سان منىٰ ۾ هڪ غار ۾ هئاسون ته اوچتو سندن مٿان هيءَ سورة نازل ٿي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن پڙهندا ٿي ويا ۽ مان سندن وات مبارڪ کان ٻڌي ياد ڪندو ٿي ويس سندن وات مبارڪ هن سورة جي حلاوت (مٺاڻ) کان شاداب ٿي رهيو هو. اتي اوچتو هڪ نانگ اسان تي حملو ڪيو رسول الله صلى الله عليه وسلم جن ان کي قتل ڪرڻ جو حڪم فرمايو اسين ان ڏانهن وڌياسون پر اهو نڪري ڀڄي ويو. الحديث (٢) ٢. جنهن غار ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جي مٿان هيءَ سورة نازل ٿي هئي اڄ ڪلهه ان جو نالو "غار مرسلات" آهي ۽ هڪ قول مطابق مذڪوره پنج ئي صفتون ملائڪن جون آهن يعني انهن فرشتن جو قسم جيڪي لڳاتار اوهان جي خدمت ۾ موڪليا وڃن ٿا پوءِ اهي الله عزوجل ۽ اوهان جي خدمت ۾ تيز هوا وانگر اچن ٿا ۽ اوهان جي خدمت ۾ ادب جي لاءِ پر پکيڙين ٿا پوءِ الله جل شانــــه جي قرآن پاڪ جون اهڙيون آيتون

(١) التفسير الواضح الميسر ص١٥٠٨۔ (٢) ابن ڪثير ص٤٥٨۔ جلد ٤

آئين تا جيڪي حق ۽ باطل ۾ فرق ڪن ٿيون ۽ پوءِ اهي اوهان تي الله جل شانـــه جو ذڪر القاءَ ڪن ٿا هن تفسير تي معلوم ٿيو تہ حضور عليـــه الصلواة والسلام جي محبوبيت جو اهو مقام آهي جو سندن خدمت ۾ اچڻ وارن ملائڪن جو بہ الله جل جلالـــه قسم ڪنيو آهي ۽ جڏهن خدمت ۾ اچڻ وارن ملائڪن جو اهو مقام آهي تہ رات ڏينهن گڏ رهندڙن، حضور عليـه الصلواة والسلام جن تان وطن، مال، اولاد ۽ سر قربان ڪرڻ وارن اصحابن رضي الله عنهم جو ڇا مقام هوندو؟ (۱)

فَاِذَاالنُّجُوْمُ طُمِسَتْ (۸) وَاِذَا السَّمَآءُ فُرِجَتْ (۹) وَاِذَاالْجِبَالُ نُسِفَتْ (۱۰)

پوءِ جڏهن تارا ميٽيا ويندا ۽ جڏهن آسمان چيريو ويندو ۽ جڏهن جبل اڏايا ويندا

وَاِذَا الرُّسُلُ اُقِّتَتْ (۱۱) لِاَيِّ يَوْمٍ اُجِّلَتْ (۱۲) لِيَوْمِ الْفَصْلِ (۱۳)

۽ جڏهن رسول ڏنل وقت تي گڏ ڪيا ويندا ڪهڙي ڏينهن جي لاءِ ترسايا ويا فيصلي واري ڏينهن جي لاءِ

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَايَوْمُ الْفَصْلِ (۱۴) وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ (۱۵)

۽ڪهڙي شيءِ ڄاڻايو توکي تہ ڪهڙوڏينهن فيصلي جوآهي؟ ويل آهي ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ

اَلَمْ نُهْلِكِ الْاَوَّلِيْنَ (۱۶) ثُمَّ نُتْبِعُهُمُ الْاٰخِرِيْنَ (۱۷) كَذٰلِكَ

ڇا نہ هلاڪ ڪيوسون پهرين کي ان کان بعد پوئيان لڳائينداسون انهن جي پوين کي اهڙي طرح

نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ (۱۸) وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ (۱۹) اَلَمْ نَخْلُقْكُّمْ

ڪندا آهيون مجرمن سان ويل آهي ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ڇا نہ پيدا ڪيو اسان

مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ (۲۰) فَجَعَلْنٰهُ فِيْ قَرَارٍ مَّكِيْنٍ (۲۱) اِلٰى قَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ (۲۲)

اوهان کي خسيس پاڻيءَمان پوءِ رکيوسون ان کي محفوظ جاءِ ۾ معلوم وقت تائين

فَقَدَرْنَا فَنِعْمَ الْقٰدِرُوْنَ (۲۳) وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ (۲۴) اَلَمْ

پوءِ پورو ٺاهيوسون پوءِ اسين ڀلا قادر آهيون ويل آهي ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن لاءِ ڇا نہ

نَجْعَلِ الْاَرْضَ كِفَاتًا (۲۵) اَحْيَآءً وَّاَمْوَاتًا (۲۶) وَّجَعَلْنَا فِيْهَارَوَاسِيَ شٰمِخٰتٍ

بڻايوسون زمين کي گڏ ڪندڙ؟ جيئرن کي ۽ مئلن کي ۽ ڪياسون ان ۾ وڏا جبل مضبوط

(۱) نورالعرفان صـ۹۲٦ـ

وَّاَسْقَيْنٰكُمْ مَّآءً فُرَاتًا ؕ (٢٧) وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ (٢٨) اِنْطَلِقُوْٓا

۽ پياريو اسان اوهان کي پاڻي مٺو ويل آهي ان ڏينهن ۾ ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ هلو ان ڏانهن جو

اِلٰى مَا كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ۚ (٢٩) اِنْطَلِقُوْٓا اِلٰى ظِلٍّ ذِيْ ثَلٰثِ شُعَبٍ ۙ (٣٠)

ان کي ڪوڙو چوندا هيئو هلو ڇانوَ تن شاخن واريءَ ڏانهن

لَّا ظَلِيْلٍ وَّلَا يُغْنِيْ مِنَ اللَّهَبِ ؕ (٣١) اِنَّهَا تَرْمِيْ بِشَرَرٍ كَالْقَصْرِ ۚ (٣٢)

نه ٿڌي ڇانو ڏيندڙ ۽ نه فائدو ڏيندي باهه جي ڇيءَ کان بيشڪ اها اڇلائيندي چڻنگون ماڙيءَ جيڏيون

كَاَنَّهٗ جِمٰلَتٌ صُفْرٌ ؕ (٣٣) وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ (٣٤) هٰذَا يَوْمُ

ڄڻ ته اهي هيڊا اٺ آهن ويل آهي ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ هي اهو ڏينهن آهي

لَا يَنْطِقُوْنَ ۙ (٣٥) وَلَا يُؤْذَنُ لَهُمْ فَيَعْتَذِرُوْنَ (٣٦) وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ

جو نه ڳالهائيندا ۽ نه موڪل ڏني ويندي انهن کي پوءِ عذر پيش ڪن ويل آهي ان ڏينهن

لِّلْمُكَذِّبِيْنَ (٣٧) هٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ ۚ جَمَعْنٰكُمْ وَالْاَوَّلِيْنَ (٣٨)

ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ هي فيصلي جو ڏينهن آهي جو گڏ ڪيوسون اوهان کي ۽ پهرين کي

فَاِنْ كَانَ لَكُمْ كَيْدٌ فَكِيْدُوْنِ (٣٩) وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ؏ (٤٠) ركوع ١ / ٢١

پوءِ جيڪڏهن آهي اوهان جي ڪا رٿ ته پوءِ مون لاءِ رٿ رٿيو ويل آهي ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ

تفسير

اڳين آيتن ۾ قسم سان ٻڌايو ويو ته اوهان سان وعدو ڪيل قيامت جو ڏينهن بالڪل واقع ٿيندڙ آهي ۽ هتي ان ڏينهن جي اچڻ وقت رونما ٿيندڙ حالات جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "فَاِذَا النُّجُوْمُ طُمِسَتْ ۙ وَاِذَا السَّمَآءُ فُرِجَتْ ۙ" (پوءِ جڏهن تارا ميٽي ڇڏبا ۽ آسمان چيربا) يعني جڏهن قيامت قائم ٿيندي ته ڪائنات جو موجود سارو نظام درهم برهم ٿي ويندو آسمان ۾ نظر اچڻ وارا ڳڻڻ کان مٿي ستارا جيڪي روشن ڏين وانگر چمڪندا نظر اچن ٿا سڀ بي نور ٿي ويندا ۽ آسمان جي موجود ڇت جنهن ۾ هزارين سالن گذرڻ جي باوجود پراڻي ۽ جهوني هجڻ جي ڪا به نشاني ظاهر ناهي ان ۾ ڦاٽ ۽ ڏار پوندا. "وَاِذَا الْجِبَالُ نُسِفَتْ ۙ وَاِذَا الرُّسُلُ اُقِّتَتْ ؕ" (۽ جڏهن جبل اڏايا ويندا ۽ جڏهن رسول ڏنل وقت تي آندا ويندا) يعني هي وڏا وڏا پهاڙ ۽ جبل جن

جا پٽر حد کان وڌيڪ سخت آهن ڏوڙ بنجي اهڙي طرح اڏامندا جو انهن جو نالو ۽ نشان بہ باقي نہ رهندو ۽ ڏنل ۽ مقرر ڪيل وقت تي پنهنجين امتن تي شاهدي ڏيڻ جي لاءِ انبياءَ ۽ رسول علیٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام گڏ ڪيا ويندا. (١) "لِأَيِّ يَوْمٍ أُجِّلَتْ ۝ لِيَوْمِ الْفَصْلِ ۝" (ڪهڙي ڏينهن جي لاءِ ترسايا ويا؟ فيصلي جي ڏينهن لاءِ) يعني ڇاٽو تا تہ انهن امرن کي ڪهڙي ڏينهن جي لاءِ ترسايو ويو آهي؟ ان ڏينهن جي لاءِ جنهن ۾ هر ڳالهہ جو بالڪل آخري ۽ قطعي فيصلو ڪيو ويندو بلاشڪ جيڪڏهن الله جل شانـــہ گهري تہ هاڻي جو هاڻي قيامت قائم ڪري سگهي ٿو پر ان جي حڪمت جي اها تقاضا آهي تہ سڀئي فيصلا مقرر ڪيل ڏينهن تي ڪيا ويندا. "وَمَآ أَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الْفَصْلِ ۝ وَيْلٌ يَوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ" (۽ تو کي ڪنهن ڇاٽايو تہ فيصلي جو ڏينهن ڪهڙو آهي؟ ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ويل آهي) مطلب تہ اوهان کي ڪهڙي خبر تہ فيصلي جو ڏينهن ڪيڏو نازڪ ۽ اهم آهي؟ بس هي سمجهو تہ ان ڏينهن الله جلت صفاتـــہ جي نبين عليهم الصلواة والسلام قرآن ڪريم ۽ قيامت کي ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ويل آهي "ويل" جي معنيٰ آهي هلاڪت ۽ تباهي. (٢) "أَلَمْ نُهْلِكِ الْأَوَّلِيْنَ ۝ ثُمَّ نُتْبِعُهُمُ الْأٰخِرِيْنَ" (ڇا اسان پهرين کي هلاڪ نہ ڪيو ان کان بعد پوءِ اچڻ وارن کي سندن پويان لڳايون ٿا) قيامت جا منڪر سمجهندا هئا تہ ايڏي وڏي دنيا ڪيئن ختم ٿيندي ڀلا ڪير مڃيندو تہ سڀ ماڻهو هڪ وقت ۾ ختم ٿي ويندا ۽ انسان نسل بالڪل نابود ٿي ويندو هي دوزخ ۽ عذاب جون ڳالهيون ڊرامو فرضي ۽ هٿ جون ٺاهيل معلوم ٿين ٿيون انهن جي لاءِ فرمان ٿيو آهي تہ پهريان ڪيترا ماڻهو مري چڪا آهن ۽ ڪيتريون قومون گناهن جي سزا ۾ تباهہ ٿي چڪيون آهن جڏهن اهو اساني جو قديم قانون معلوم ٿي چڪو آهي تہ سمجهو تہ موجود دور جي ڪافرن کي انهن جي پويان روانو ڪنداسون جيڪا قوت ۽ هستي جدا جدا زمانن ۾ وڏن ۽ مضبوط ماڻهن کي ماري سگهي ٿي ۽ طاقتور مجرمن کي وٺي هلاڪ ڪري سگهي ٿي اها ان تي ڇو قادر نہ آهي جو ساري مخلوق کي هڪ دم ۾ فنا ڪري سگهي ۽ سمورن مجرمن کي هڪ ئي وقت گرفتار ڪري سزا ڏي. "كَذٰلِكَ نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ ۝ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ" (اهڙي طرح مجرمن سان ڪيون ٿا ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ويل آهي) يعني جيئن اڳين سرڪشن، ڪافرن کي سزا ڏني سين هاڻي وارن مجرمن سان بہ اهو ڪم ڪنداسون اهي نہ بچي سگهندا. نہ بچي ويندا. "أَلَمْ نَخْلُقْكُّمْ مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ ۝ فَجَعَلْنٰهُ فِيْ قَرَارٍ مَّكِيْنٍ ۝" (ڇا اسان اوهان کي خسيس پاڻيءَ مان پيدا نہ ڪيو آهي پوءِ اسان ان کي محفوظ جاءِ

(١) البيضاوي صـ٥٥٧ـ جلد ٢ (٢) التفسير الواضح الميسر صـ١٥٠٩ـ

۾ رکيو) الله عزوجل قيامت جي منڪرن کي پنهنجي ڪامل قدرت جي ڪامل صنعت ذريعي اقرار ڪرائڻ ۽ ان ڌانهن متوجه ڪرڻ جي لاءِ فرمايو تہ ڇا اسان اوهان کي نهايت بدبودار، خسيس پاڻيءَ (مني) مان پيدا نہ ڪيو آهي؟ اسان ان کي محفوظ جاءِ، ماءُ جي ڳيرڻ ۾ مڪمل حفاظت ۽ مضبوط انتظامن سان اهڙو سنڀالي رکيو آهي جو اهو آرام سان تغيرات جي نازڪ ترين مرحلن مان گذرندو رهي ٿو ۽ ٻاهريون شيون ان جي نشوونما ۾ آسانيءَ سان دخل ڏئي نہ ٿيون سگهن ماءُ پنهنجي گهرو ڪم ڪار ۾ مصروف رهي ٿي اها بدني مشقت وارا ڪم بہ ڪري ٿي پر ڪنهن وڏي حادثي کان سواءِ ان جي پيٽ واري ٻار کي نقصان نہ ٿو پهچي. ان کي ساهہ پوڻ کان پوءِ خوراڪ بہ پهچندي رهي ٿي تہ ان کي چرڻ پرڻ ۾ ڪا بہ دقت نہ ٿي ٿئي انهن امرن تي غور ڪرڻ سان الله جلت صفاتہ جي ڪامل قدرت تي يقين اچي ٿو ۽ مڃڻو پوي ٿو تہ جيڪو خالق، حڪيم ۽ مطلق قادر هي عجيب نظارو ڏيکاري سگهي ٿو ان جي لاءِ قيامت قائم ڪرڻ قطعًا مشڪل ناهي. "اِلٰى قَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ ۙ فَقَدَرْنَا ڰ فَنِعْمَ الْقٰدِرُوْنَ" (هڪ مقرر مدت تائين پوءِ اسان انداز سان رکيو پوءِ اسين ڀلا قادر آهيون) يعني اسان ان مني جي قطري کي درجي بدر جي پورو ڪري عقل وارو، انسان بنايو ان مان اسان جي قوت ۽ قدرت جو اندازو لڳايو ڇا اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ وارا اسين انسان کي مرڻ کان پوءِ زنده ڪري نہ ٿا سگهون؟ بالڪل ڪري سگهون ٿا.

هڪ نبوي فرمان

حضرت ابن مسعود رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ اسان کي رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن ٻڌايو ۽ پاڻ صادق، مصدوق آهن تہ "بيشڪ اوهان مان هر هڪ جي خلقت سندس ماءُ جي پيٽ ۾ گڏ ڪئي وڃي ٿي چاليهہ ڏينهن مني جو ڦڙو رهي ٿو ان کان پوءِ ايترو وقت رت جو ڏڳ رهي ٿو ان کان پوءِ ايترو وقت گوشت جو ٽڪرو رهي ٿو ان کان پوءِ الله (تعاليٰ) چئن امرن سان ملائڪ موڪلي ٿو اهو ان جو عمل، ان جي حياتيءَ جو مدو، ان جو رزق ۽ بدبخت آهي يا نيڪ بخت آهي لکي ٿو ان کان بعد ان ۾ روح ڦوڪيو وڃي ٿو". متفق عليہ (١) "وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ" (ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ويل آهي) يعني جيڪي ماڻهو الله عزوجل جي قدرت جو هي شاهڪار ڏسن ٿا ۽ پوءِ بہ ان جي نبي عليہ الصلواة والسلام کي نہ ٿا مڃن. قيامت جي عقيدي کي ڪوڙو چون ٿا انهن جي لاءِ هلاڪت ۽ بربادي کان سواءِ ڪجهہ بہ

(١) ضياءُ القرآن صـ٤٥٦ـ جلد ٥

ناهي. "اَلَمۡ نَجۡعَلِ الۡاَرۡضَ كِفَاتًا ۙ اَحۡيَآءً وَّاَمۡوَاتًا ۙ" (ڇا اسان زمين کي گڏ ڪندڙ نہ بنايو آهي؟ جيئرن کي ۽ مئلن کي) "كِفَاتًا" مصدر مشتق جي معنيٰ ۾ آهي "اَحۡيَآءً وَّاَمۡوَاتًا" معطوف عليـــه ۽ معطوف گڏجي ان جو مفعول آهن (١) مطلب تہ اسان زمين کي گڏ ڪندڙ، ڳنڍيندڙ بنايو آهي جيئرا محلاتن ۽ گهرن ۾ رهن ٿا مري ويل قبرن ۾ آهن جيئن محلاتون ۽ گهر جيئرن جي لاءِ نعمت آهن تيئن قبرون مئلن جي لاءِ نعمت آهن نہ تہ ٻاهر انهن کي جانور کائي ڇڏين ها. (٢) "وَّجَعَلۡنَا فِيۡهَا رَوَاسِىَ شٰمِخٰتٍ" (۽ اسان ان ۾ وڏا جبل ڪيا آهن اهڙا جبل جيڪي زمين کي ڏڪڻ کان روڪين ٿا ويڪرا ۽ ڊگها پهاڙ آهن. "وَّاَسۡقَيۡنٰكُمۡ مَّآءً فُرَاتًا ؕ" (۽ اسان اوهان کي مٺو پاڻي پياريو) يعني صاف، شفاف مٺو پاڻي بہ اوهان کي اسان پياريو آهي ان زمين ۾ ئي ان جا چشما وهن پيا ۽ پيئندڙن کي آساني سان ڏوڙ ڪرائن ٿا پوءِ جيڪو الله عزاسمہ زمين ۾ پنهنجي قدرت جا مختلف نمونا ڏيکاري ٿو موت ۽ حياتي، نرمي ۽ سختي جا مناظر سامهون آڻي ٿو ڇا اهو حشر جي ميدان ۾ سختي ۽ نرمي، نجات ۽ هلاڪت جا منظر ڏيکاري نہ ٿو سگهي؟ ۽ جنهن جي قدرت ۾ اهي سڀئي ڪم آهن ان جي فرمان کي نہ ميڃيندڙن جي لاءِ هلاڪت ئي هلاڪت آهي. "اِنۡطَلِقُوۡۤا اِلٰى مَا كُنۡتُمۡ بِهٖ تُكَذِّبُوۡنَ ۚ" (ان ڏانهن هلو جنهن کي اوهان ڪوڙو چوندا هيئو) مطلب تہ اهو بہ ان ويل مان هوندو جو ڪين چيو ويندو تہ ان عذاب ڏانهن هلو جنهن کي اوهان نہ ميڃيندا هيئو، ڪوڙو چوندا هيئو. "اِنۡطَلِقُوۡۤا اِلٰى ظِلٍّ ذِىۡ ثَلٰثِ شُعَبٍ ۙ" (هلو ٽن حصن واري "دونهين" واري ڇانوَ ڏانهن) هي "اِنۡطَلِقُوۡۤا" ڀهرئين "اِنۡطَلِقُوۡۤا" جو تاڪيد آهي مطلب تہ جهنم جي دونهين جا ٽي حصا هوندا هڪ عذاب ڪيل جي سڄي پاسي کان ٻيو ان جي کٻي پاسي کان ٽيون ان جي مٿان هوندو. هن ۾ اشارو آهي تہ اهو دونهون تمام گهڻو هوندو ڪافرن کي ان ڏانهن هلڻ جي لاءِ چيو ويندو اتي پهچندا تہ انهن کي گهيري ۾ وڪوڙي رکندو ۽ مومن ان وقت الله جل جلالہ جي عرش جي ڇانو ۾ مزا ماڻيندا رهندا. (٣) "لَّا ظَلِيۡلٍ وَّلَا يُغۡنِىۡ مِنَ اللَّهَبِ ؕ" (نہ ڇانو ڪندڙ هوندو ۽ نہ "باهہ جي" ڇيڀ (تَوَ) کان فائدو ڏيندو) هي انهن کي ٺوڪ طور چيو ويندو ڇو تہ "ظل" (ڇانوَ) ۾ ڇانو هوندي آهي پر ان ڇانوَ ۾ ڇانو نہ هوندي. (۴) ۽ نہ ڪو اهو جهنم جي ٻرڪندڙ باهہ جي تو کي دفع ڪندو. "اِنَّهَا تَرۡمِىۡ بِشَرَرٍ كَالۡقَصۡرِ ۚ كَاَنَّهٗ جِمٰلَتٌ صُفۡرٌ ؕ" (بيشڪ اها اڇلائيندي اماڙيءَ جيڏا شعلا ڄڻ تہ اهي هيڊا اٺ آهن) هتي جهنم جي باهہ جي هولناڪ حالت جو بيان ڪيو ويو آهي تہ

(١) الڪبير صـ٢٧٣ـ جزءُ ٣٠ (٢) تيسيرالڪريم الرحمان ڪامل صـ٩٠۴ـ
(٣) صاوي صـ٢٦٥ـ جزءُ ۴ (۴) البيضاوي صـ٥٥٨ـ جلد ٢

ان جي باهہ مان جيڪي شعلا يا الا اٿندا اهي ماڙيءَ جيترا وڏا هوندا انهن جو رنگ زرد، هيڊو هوندو ڏسڻ ۾ ائين ايندا ڄڻ تہ اهي زرد رنگ وارا هيڊا اٺ آهن. "وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ" (ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ويل آهي) مقصد تہ اهڙي عذاب ۾ مبتلا ٿيلن جي لاءِ هلاڪت ۽ ويل کان سواءِ ڪجهہ ناهي. "هٰذَا يَوۡمُ لَا يَنۡطِقُوۡنَ وَلَا يُؤۡذَنُ لَهُمۡ فَيَعۡتَذِرُوۡنَ" (هي "اهو" ڏينهن آهي جو نہ ڳالهائيندا ۽ نہ انهن کي موڪل ڏني ويندي پوءِ عذر پيش ڪن مقصد تہ هي ڪافرن جي حجت پيش ڪرڻ ۽ ڳالهائڻ جو ڏينهن ناهي ۽ نہ ڪو انهن کي اجازت ڏني ويندي تہ اهي عذر بهانا پيش ڪن اهو وقت گذري ويو هاڻي انهن کي عذاب ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. "وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ" (ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن، نہ مڃڻ وارن جي لاءِ ويل آهي) جن اهڙي خوفناڪ ڏينهن ۽ اچڻ واري دردناڪ عذاب کي تسليم نہ ڪيو انهن جي لاءِ ويل آهي. "هٰذَا يَوۡمُ الۡفَصۡلِ ۚ جَمَعۡنٰكُمۡ وَالۡاَوَّلِيۡنَ" (هي فيصلي جو ڏينهن آهي اسان اوهان کي ۽ پهرين کي گڏ ڪيو آهي) مطلب تہ هي عدالت جو ۽ مخلوقات ۾ فيصلي ڪرڻ جو ڏينهن آهي الله جل وعلا ان نيڪ بختن ۽ بدبختن ۾ حقيقي حاڪم جي حيثيت سان فيصلو ڪندو اوهان کان اڳين امتن ۽ اوهان کي اڄ ان لاءِ گڏ ڪيو ويو آهي "فَاِنۡ كَانَ لَكُمۡ كَيۡدٌ فَكِيۡدُوۡنِ" (پوءِ جيڪڏهن اوهان وٽ ڪا رٿ آهي تہ پوءِ مون لاءِ رٿ رٿيو) يعني جيڪڏهن اوهان وٽ ڪا اهڙي رٿ ۽ تدبير آهي جيڪا اوهان اسان جي خلاف استعمال ڪري سگهو ٿا تہ پلي استعمال ڪيو اوهان کي فل اجازت آهي دنيا ۾ وڏا چالباز ۽ چالاڪ هوندا هيئو هاڻي بہ ڪجهہ ڪري تہ ڏيکاريو. "وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ" (ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ويل آهي) سندن اٽڪلون، رٿون سڀ ناڪام رهنديون ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندا.

فائدا: مذڪوره آيتن جي تفسير ۾ مفسرن هي فائدا بہ لکيا آهن. ١. "لِيَوۡمِ الۡفَصۡلِ" (فيصلي واري ڏينهن جي لاءِ) هن مان معلوم ٿيو تہ مڪمل حساب، ڪتاب، ثواب يا عذاب قيامت جي ڏينهن ٿيندو دنيا ۾ مڪمل نہ ٿيندو ڇو تہ دنيا ۾ دوام ناهي ۽ ثواب يا عذاب دائمي هوندا ۽ ان جي عذاب ۾ خالص تڪليف آهي ۽ ثواب ۾ خالص آرام آهي ۽ دنيا ۾ خالص تڪليف يا خالص آرام ممڪن ناهي ۽ ٻيو تہ سڀني جو حساب دنيا ۾ ممڪن ناهي ڇو تہ سڀئي دنيا ۾ گڏ نہ ٿيندا بعضي اهل حقوق يا بعضي اعمال اڃان باقي آهن جڏهن سڀئي ظالم ۽ مظلوم گڏ ٿيندا ۽ سڀ عمل بہ ٿي چڪا هوندا تہ اهو قيامت جو ڏينهن آهي. ٢. "وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ" (ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ويل آهي) "مڪذبين" مان مراد ڪافر آهن پوءِ اهي توحيد جا

منڪر هجن يا رسالت جا يا ڪنهن بہ اسلامي عقيدي جا. هن مان معلوم ٿيو تہ
قيامت جي ڏينهن پوري خرابي ڪافرن لاءِ هوندي مومنن جي لاءِ نہ هوندي. مومن
جيڪڏهن دوزخ ۾ ويندو تہ گناهن جي مير ڪان صاف ٿيڻ لاءِ جيئن ميرو، مٽيءَ سان
پريل سون باهہ ۾ وجهيءَ صاف ڪيو ويندو آهي. ٣. "اَلَمۡ نَجۡعَلِ الۡاَرۡضَ کِفَاتًا" (ڇا
اسان زمين کي گڏ ڪندڙ نہ بنايو آهي؟) هن مان معلوم ٿيو تہ هر قسم جي انسانن
جي رهڻ جي جاءِ زمين آهي حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جو
آسمان تي ڪجهي وجڻ ۽ اتي رهڻ عارضي آهي ان جي بہ اصل جاءِ زمين ئي آهي.
٤. "اِلٰى ظِلٍّ ذِيۡ ثَلٰثِ شُعَبٍ" (ٽن حصن واري پاڇي ڏانهن) هن مان معلوم تہ دوزخي
جڏهن محشر جي ميدان ۾ پهچندا تہ انهن کي اتي بہ جهنم جو دونهون اچي پهچندو
جيئن مومنن جي لاءِ محشر جي ميدان ۾ حوض ڪوثر مان نهر آندي ويندي ۽ پيو تہ
ڪافرن دنيا ۾ "١" نفس اماره. "٢" شيطان. "٣" برن ساٿين جي اطاعت ڪندي دل،
زبان ۽ عضون سان خراب ڪم ڪيا هئا. انهن ٽنهي جرمن جي ڪري دونهون بہ انهن
کي ٽنهي طرفن "١" سڄي طرف، "٢" کٻي طرف، "٣" مٿان گهيري ۾ رکندو. (١)

اِنَّ الۡمُتَّقِيۡنَ فِيۡ ظِلٰلٍ وَّعُيُوۡنٍ (٤١) وَّفَوَاکِـــهَ مِمَّا يَشۡتَهُوۡنَ (٤٢) کُلُوۡا

بيشڪ پرهيزگار ڇانئن ۽ چشمن ۾ هوندا ۽ ميون ۾ ان مان جيڪا اشتها رکندا ڪائو

وَاشۡرَبُوۡا هَنِيۡٓـئًا بِمَا کُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ (٤٣) اِنَّا کَذٰلِكَ نَجۡزِي

۽ پيئو ڊؤ ڪري ان جي بدلي ۾ جيڪو ڪندا هيئو بيشڪ اسين اهڙي طرح بدلو ڏينداسون

الۡمُحۡسِنِيۡنَ (٤٤) وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُکَذِّبِيۡنَ (٤٥) کُلُوۡا وَتَمَتَّعُوۡا قَلِيۡلًا اِنَّکُمۡ

نيڪو ڪارن کي ويل آهي ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ڪائو ۽ پيئو ٿورو بيشڪ اوهان

مُّجۡرِمُوۡنَ (٤٦) وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُکَذِّبِيۡنَ (٤٧) وَاِذَا قِيۡلَ لَهُمُ ارۡکَعُوۡا

مجرم آهيو ويل آهي ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ۽ جڏهن چيووڃي ٿوانهن کي رکوع ڪيو

لَا يَرۡکَعُوۡنَ (٤٨) وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُکَذِّبِيۡنَ (٤٩) فَبِاَيِّ حَدِيۡثٍۢ بَعۡدَهٗ

تہ رکوع نہ ٿا ڪن ويل آهي ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ پوءِ ڪهڙيءَ ڳالهہ تي ان ڪان بعد

يُؤۡمِنُوۡنَ (٥٠) ع

ايمان آڻيندا

ع ٢ / ٢٢

(١) نورالعرفان ص ـ ٩٢٧ ـ

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن، جهنمين جي حالات جو ذڪر هو ۽ هتان کان متقين جنت وارن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ ظِلٰلٍ وَّعُيُوْنٍ" (تحقيق متقي ڇانوَن ۽ چشمن ۾ هوندا) مقصد تہ جن دنيا ۾ الله عزوجل جو خوف رکي تقوىٰ قبول ڪئي اهي قيامت جي ڏينهن بهشتي باغن جي ڇانئن ۽ سندن محلاتن جي هيٺان وهندڙن، ڦوهارا هڻندڙن چشمن ۾ هوندا ۽ مزيدار ميوا جيڪي سندن پسند هوندا اهي کين ملندا. "كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓئًا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" (جيڪي ڪندا هيئو ان جي بدلي ۾ ڊوءُ ڪري کائو ۽ پيئو) يعني انهن کي چيو ويندو تہ جنت جا کاڌا کائو، ان جا لذيذ پاڻي پيئو ۽ ڊوءُ ڪري مزاماڻيو. "اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ" (بلاشڪ اسين نيڪوڪارن کي اهڙي طرح بدلو ڏينداسون) مطلب تہ اهي اهڙين نعمتن جا حقدار آهن ۽ انهن نيڪوڪارن کي اهڙين مهربانين سان مالامال ڪيو ويندو. "وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ" (ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ويل آهي) اهل جنت جي ذڪر جي دوران هن بيان ۾ ڇا حڪمت آهي علامہ آلوسي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ "حيث نال اعداءهم هذا الثواب العظيم وهم بقوافي العذاب الاليم" (١) مطلب تہ جن مسلمانن کي ڪافر تنگ ڪندا هئا انهن تي ظلم ۽ ستم جا جبل وسائيندا هئا اهي اڄ پنهنجي پروردگار وٽ فردوس اعلىٰ ۾ لطف ۽ ڪرم سان محفوظ ٿي رهيا آهن ملائڪ، حورون ۽ غلمان انهن جي خدمت لاءِ مامور آهن ۽ هي ڪافر جيڪي دنيا ۾ رئيس ۽ معزز سمجهيا ويندا هئا ذليل، خوار ۽ خراب آهن. "كُلُوْا وَتَمَتَّعُوْا قَلِيْلًا اِنَّكُمْ مُّجْرِمُوْنَ" (تورو وقت کائو ۽ پيئو بيشڪ اوهان مجرم آهيو) قيامت جي انڪار ڪندڙن کي تنبيہ ڪندي فرمايو ويو تہ کائڻ ۽ پيئڻ جو تورو وقت اٿو کائي پي وٺو اوهان مجرم آهيو مهلت واري وقت گذرڻ کان پوءِ خبر پونديو. "وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ" (ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ويل آهي) جيڪي دنيا جي عيش، بهار ۽ لذتن ۾ مشغول رهي آخرت جو انڪار ڪندا رهيا هلاڪت انهن جو مقدر بنجي چڪي آهي. "وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ ارْكَعُوْا لَا يَرْكَعُوْنَ" (۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو تہ رکوع ڪيو تہ رکوع نہ ٿا ڪن) يعني جڏهن ڪافرن کي چيو وڃي ٿو تہ پنهنجي رب جي اڳيان ڪنڌ جهڪايو نماز پڙهو تہ اهي ڪنڌ نہ ٿا جهڪائن ۽ نماز نہ ٿا پڙهن. رحمان جي اڳيان سجدي ڪرڻ کان انڪار ڪن ٿا ۽ بتن جي اڳيان سجدا ڪرڻ جي لاءِ پڳا وڃن ٿا تہ ڇا پوءِ بہ اهي عذاب جا حقدار نہ آهن؟ بالڪل آهن "وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ" (ان ڏينهن

(١) روح المعاني ص ٢٢٥ ـ جزء ٢٩ جلد ١٠

ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ويل آهي) جن ماڻهن کي پنهنجي رب جي دربار ۾ سجدو ڪرڻ ۽ جهڪڻ عيب ٿو لڳي بار بار سمجهائڻ جي باوجود ان شرف سان مشرف نہ ٿا ٿين انهن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن ويل نہ هوندو تہ ٻيو ڇا هوندو؟ "فَبِأَيِّ حَدِيْثٍ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ" (پوءِ ان کان بعد ڪهڙي ڳالهہ تي ايمان آڻيندا؟) مطلب تہ جيڪي قرآن ڪريم کي سچو نہ ٿا چون ان کان پوءِ ڪهڙي ڳالهہ يا ڪلام وڏيڪ اثرائتا آهن جنهن تي هي ايمان آڻيندا؟ هي ازلي بدبخت آهن هنن کي ايمان آڻڻ نصيب ئي ناهي.

فائدا: مذڪوره آيتن جي مطالعي مان هي فائدا بہ ذهن ۾ ويهن ٿا. ١. "اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ ظِلَالٍ وَّعُيُوْنٍ" (بلاشڪ متقين ڇانئن ۽ چشمن ۾ هوندا) دنيا ۾ حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جي رحمت ۽ اولياءَ عظام جي ڇانو ۾ زندگي گذارڻ وارا، مرڻ وقت ملائڪن جي پرن ۽ حورن جي دامن جي ڇانو ۾، قبر ۾ قرآن ڪريم ۽ صدقہ جي ڇانو ۾، حشر جي ڏينهن عرش اعظم جي ڇانو ۾، پلصراط تي حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جي دعا جي ڇانو ۾. جنت اندر طوبىٰ جي ڇانو ۾ هوندا. ٢. "كُلُوْا وَاشْرَبُوْا" (ڪائو ۽ پيئو) دنيا ۾ علماءَ جي هٿان شريعت جا ۽ مشائخ جي هٿان طريقت جا پيالا پيئڻ وارا اڄ جنت ۾ غلمانن جي هٿان ڪوثر ۽ سلسبيل جا پيالا پي ڊؤ ڪيو.٣. "كُلُوْا وَتَمَتَّعُوْا قَلِيْلًا" (ٿورو وقت ڪائو ۽ پيئو) ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ دنيا ۾ مومنن کي ڪائڻ جي اجازت ڏيڻ ائين آهي جيئن فرمانبردار خادم کي غذا ڏيڻ جنت ۾ مومنن کي ڪاڌو ڏيڻ ائين هوندو جيئن معزز مهمانن کي ڏيڻ ۽ دنيا ۾ ڪافرن کي غذا ڏيڻ اهڙي آهي جيئن قاسيءَ جي مجرم کي قاسيءَ کان ڦهريان ڊو تي ڪاڌو ڏنو ويندو آهي. ۴."فَبِأَيِّ حَدِيْثٍ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ" (ان کان بعد ڪهڙي ڳالهہ تي ايمان آڻيندا) هن مان معلوم ٿيو تہ حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جن آخري نبي آهن ۽ قرآن ڪريم الله عزوجل جو آخري ڪتاب آهي جيڪڏهن ٻيو ڪو نبي ۽ ڪتاب اچڻو هجي ها تہ ائين ارشاد نہ ٿئي ها. (١) الحمدلله جو مون گنهگار سورة الدهر جو تفسير اربعاءَ جي ڏينهن ٦ لڳي ۴٧ منٽن تي بموٴرخہ ٣٠ رمضان المبارڪ الموافق ١١.٢.٢٠٠٥ع ۽ مدينـــہ منوره ۾ ۽ آچر جي رات ١٢ لڳي ١٠ منٽن تي بموٴرخـــہ ۴ شوال ١۴٢٦هـ الموافق ٦.١١.٢٠٠٥ع تي جده شريف ۾ سورة المرسلات جو تفسير لکي پورو ڪيو رب العزة جلت صفاتـــہ جي بارگاهہ ۾ انتهائي عاجزانـــہ التجا آهي تہ شال اهو لطف وفضل فرمائي باقي رهيل سورتن جي تفسير لکڻ جي بہ جلد کان جلد نعمت نصيب ڪري. آمين يا الـلـہ العٰلمين بحرمـــة حبيبك سيدنا محمد عليـــہ وعلىٰ آلـہ واصحابـہ الصلوٰة والسلام الىٰ يوم الدين. الفقير محمد ادريس غفرالله لـہ ولوالديـہ ولاساتذتـہ.

(١) نورالعرفان صـ٩٢٨ـ

سورة "النَّبَأ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن
نالومبارڪ: مفسرن هن سورة جا هي نالا ذڪر ڪيا آهن "١" "اَلنَّبَأ" جيڪو هن جي ٻي آيت مان ورتل آهي. "٢" سورة "عم" "٣" سورة "عم يتساءلون" "٤" التساؤل. (١)
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ ٻه رڪوع، چاليهه آيتون، هڪ سؤ ٽيهتر (١٧٣) ڪلما ۽ نو سؤ ستر (٩٧٠) حرف آهن. (٢)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٣)
نزول جو زمانو: علماءَ جو هن ڳالهه تي اتفاق آهي ته هيءَ سورة اظهار نبوت جي ابتداء عهد ۾ نازل ٿي هئي.
مضمون: سيدالمرسلين عليه الصلواة والسلام جن جي هونءَ ته هر ڳالهه اهل مڪه وارن جي لاءِ حيرت ۾ وجهندڙ هئي اهي حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جون ڳالهيون ٻڌي سندن محنت جو مشاهدو ڪندا هئا ته مٿن عجيب قسم جي سوچ طاري ٿيندي هئي سڀ کان وڌيڪ جنهن شيءِ انهن کي پريشان ڪري رکيو هو اهو نبي پاڪ عليهم الصلواة والسلام جن جي هيءَ ڳالهه هئي ته هن رنگ ۽ بوءِ جي جهان کان بعد ٻه هڪ ٻيو جهان آهي ٻئن ڏينهن جي هن حياتيءَ کان پوءِ ٻه هڪ اهڙي زندگي آهي جنهن جي نهايت ناهي قيامت ۾ انهن ۽ انهن جي ابن، ڏاڏن کي قبرن مان ڪڍي ڪائنات جي رب جل جلاله جي اڳيان پيش ڪيو ويندو ۽ اتي انهن کان سندن ننڍن ۽ وڏن عملن جو حساب ورتو ويندو پر انهن جو عقل جنهن تي کين ناز هو هن ڳالهه کي تسليم ڪرڻ جي لاءِ بالڪل تيار نه هو. اهي چوندا هئا ته هزارين سال مري ويلن ماڻهن جي ٽڙيل پکڙيل هڏين کي ڪير گڏ ڪندو ۽ انهن ۾ وري روح ڪير وجهندو؟ اهي ان مسئلي ۾ رات ڏينهن غور ڪندا ۽ پاڻ ۾ بحث ڪندا هئا ان نه مڃڻ ۾ هڪ نفسياتي سوچ به رڪاوٽ بڻيل هئي ته جيڪڏهن اهي قيامت جي وقوع کي تسليم ڪن ٿا ته سندن حياتيءَ جو پورو نقشو تبديل ٿي پيو وڃي ان معاشري ۾ کين لٽڻ ڦرڻ واري جيڪا آزادي حاصل هئي عياشيءَ جون محفلون جن ۾ جوانيءَ جون سڃيون راتيون راڳ روپ ۾ رهندا هئا جنهن ماحول ۾ ڪنهن ضرورتمند جو

(١) ضياءُ القرآن صـ٤٦٣ـ جلد ۵ (٢) خازن صـ٣٣۵ـ جلد ٤ (٣) الدرالمنثور صـ٣٨٠ـ جلد ٨

استحصال مباح هوندو هو جتي قرض ڏيندڙ قرض وٺندڙ کان پنهنجي مرضي تي وياج وٺندو هو جيڪڏهن اهي قيامت تي ايمان پيا آڻين ته ڪين انهن سيني ڳالهين تان هٿ کڻڻو پيو پوي جنهن لاءِ اهي تيار نه هئا ان وڏي رڪاوٽ کي سندن واٽ مان هٽائڻ جي لاءِ قرآن ڪريم ڪيترا ڀيرا نهايت زور شور سان زوردار دلائل پيش ڪيا آهن هن سورة مبارڪ ۾ به اهو ئي موضوع بحث ۾ رهيو آهي پهريان ٻڌايو ويو آهي ته اهي قيامت جو پڇن ٿا اها ضرور واقع ٿيندي اهي پنهنجي اکين سان ڏسندا ۽ ان وقت ايمان به آڻيندا پر اهو ڪم جو نه رهندو انهن جي ان اعتراض جو ته منتشر ذرا ڪيئن گڏ ٿيندا جوابُ ڏنو ويو آهي ته انهن کي گڏ ڪندڙ اهو قادر مطلق آهي جنهن زمين کي وڇائو بنايو آهي وغيره وغيره ان کان پوءِ قيامت قائم ڪرڻ جي حڪمت بيان ڪئي وئي آهي ته اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته ظالم، بي دين، رحم دل ۽ ديندار جي عملن جو نتيجو برابر رهي اها نهايت ناانصافي هوندي قيامت قائم ڪري بدڪارن کي سندن برائيءَ جي سزا ۽ نيڪو ڪارن کي نيڪيءَ جو ثواب ۽ اجر ڏنو ويندو آخر ۾ ان غلط فهميءَ جو به ازالو ڪيو ويو آهي جنهن ۾ اڪثر ڪافر مبتلا هئا اهي چوندا هئا ته جيڪڏهن قيامت اچي به وئي ته اتي به الله جل وعلا جون نعمتون اسان کي ئي ملنديون ۽ اسان جا (باطل معبود) بت اسان جي اتي سفارش ڪندا انهن کي ٻڌايو ويو آهي ته اها خام خيالي ڇڏي ڏيو اتي ان جي اذن کان سواءِ ڪير ڳالهائي به نه سگهندو شفاعت جي لاءِ اهو زبان کولي سگهندو جنهن کي رحمان ۽ رحيم رب شفاعت جو منصب عطا فرمائيندو ۽ اهو بتن جي لاءِ ناممڪن آهي اهي اتي پاڻ به جهنم جو پارڻ بنجندا آخر ۾ ڪافرن جي حالت بيان ڪندي ٻڌايو ويو ته اهي خداوندي عذاب ڏسي چوندا ته ڪاش! اڄ اسين مٽي هجون ها.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ "وَيۡلٌ يَوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ" (ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ويل آهي) آٿي قيامت جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ هن ۾ "عم يتساءلون عن النبا العظيم" آٿي قيامت جي باري ۾ پڇندڙن جي اختلاف جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: علامه دمشقي لکيو آهي ته حضرت حبيب عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "جنهن سورة النبا پڙهي الله ان کي بهشت جو ٿڌو پاڻي پياريندو." (١)

(١) اللباب في علوم الكتٰب صـ ١٢٠ـ جلد ٢٠

وَهِيَ خَمْسُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ النَّبَاِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ٥٠ آيتون آهي	سورة النبا مکي آهي	۽ ان ۾ ٻہ رکوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو ئي مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

عَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ (١) عَنِ النَّبَاِ الْعَظِيْمِ (٢) الَّذِيْ هُمْ فِيْهِ مُخْتَلِفُوْنَ (٣)

ڇا جي باري ۾ هڪ ٻئي کان پڇن ٿا خبر وڏيءَ جو اها جو اهي ان ۾ اختلاف ڪندڙ آهن

كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ (٤) ثُمَّ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ (٥)

ائين ناهي جلد ڄاڻندا ان کان پوءِ ائين ناهي جلد ڄاڻندا

تفسير

جيئن سورة "اَلْمُرْسَلٰتِ" ۾ قيامت جو ذڪر هو تيئن هتي بہ ان جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "عَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ" (ڇاجي باري ۾ هڪ ٻئي کان پڇن ٿا) "عَمَّ" ٻن حرفن عن ۽ ما مان مرڪب آهي ما استفهام پڇڻ جي لاءِ ايندي آهي ۽ هتي ما جو الف ڪيرايو ويو آهي ۽ هن استفهام جو مقصد ان جي شان جي عظمت بيان ڪرڻ آهي جنهن جي باري ۾ پڇا ڪئي وڃي ٿي ۽ اهي هڪ ٻئي کان پڇڻ وارا مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو هئا يا مراد آهي تہ اهي نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام ۽ اصحابن سڀني رضي الله عنهم کان چٿر ڪندي پڇندا هئا. (١) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هيءَ سورة انهن سورتن مان آهي جيڪي اظهار نبوت جي ابتدائي سالن ۾ نازل ٿيون هيون نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جنهن همہ گير انقلاب جا داعي بنجي آيا هئا ان جي ڪاميابيءَ جو انحصار قيامت جي عقيدي تي هو ۽ ان عقيدي کي تسليم ڪرڻ مڪہ مڪرمہ ۾ رهندڙن ڪافرن جي لاءِ نهايت مشڪل هو هن سورة ۾ بہ قيامت جي متعلق انهن جي غلط فهمين جو ازالو ڪيو ويو آهي ۽ سندن اڳيان الله جلت صفاتہ جي ڪامل قدرت جا اهڙا دليل پيش ڪيا ويا آهن جو جيڪڏهن اهي تعصب کان هٽي ڪري انهن ۾ غور ڪندا تہ ڪين قيامت جي قائم ٿيڻ جو پورو پورو يقين ٿيندو ۽ ان جي قائم ٿيڻ ۾ جيڪي حڪمتون آهن اهي انهن تي ظاهر ٿينديون. "عَنِ

(١) البيضاوي صـ ٥٦٠ـ جلد ٢

الجزء ٣٠

النَّبَإِ الْعَظِيْمِ ۝ (وڏيءَ خبر جو) علامــه راغب لکيو آهي "النَّبَإِ! خبر ذوفائدة عظيمــة" (١) نبا وڏي فائدي واري خبر آهي پر ان کي وري "العظيم" سان صفت ڪئي وئي آهي يعني هيءَ خبر معمولي قسم جي ناهي جنهن جو ڄاڻ، نہ ڄاڻ برابر هجي پر ان خبر جو وڏو فائدو آهي ۽ هيءَ پنهنجي ذات ۾ نهايت اهم آهي اڪثر مفسرن فرمايو تہ ان مان مراد قيامت جي واقع ٿيڻ جي خبر آهي "اَلَّذِيْ هُمْ فِيْــهِ مُخْتَلِفُوْنَ ۝" (اها جو اهي ان ۾ اختلاف ڪندڙ آهن) مقصد تہ اهي ڪافر ان قيامت جي عقيدي ۾ پاڻ بہ مختلف ذهن رکن ٿا متفق ناهن بعضي ماڻهو قيامت قائم ٿيڻ کي ان جي ڪري ناممڪن چون ٿا جو انهن وٽ هي جهان قديم آهي ۽ هي هميشــه رهندڙ آهي قيامت نہ ٿيندي ڪي چون پيا تہ اسان جي زندگي صرف هيءَ آهي ان کان پوءِ ڪا بہ زندگي ناهي اهي چون ٿا تہ هنن سڙيلن مٽيءَ ۾ مليلن هڏن کي ٻيهر ڪير زنده ڪندو؟ ۽ ڪي ماڻهو قيامت کي بالڪل ناممڪن تہ نہ سمجهندا هئا پر ان جي اچڻ جو بہ انهن کي يقين نہ هو اهي وچ ۾ ڦري رهيا هئا ڪي وري ان غلط فهميءَ ۾ مبتلا هئا تہ پهريان تہ قيامت واقع نہ ٿيندي پر جيڪڏهن ٿي تہ اهي اتي بہ خوش هوندا مسلمان جيڪي هتي غريب ۽ پريشان آهن انهن جو اتي بہ اهو حال هوندو انهن ۾ ڪيترا اهڙا بہ هئا جن کي نصارن جي عالمن سان اٿڻ ويهڻ جو موقعو مليو هو ۽ انهن جي ڳالهين کان متاثر ٿي اهي جيتوڻيڪ جسمن جي قبرن مان اٿڻ جا قائل تہ نہ هئا پر روحاني طور بارگاهه الهي ۾ پيش ٿيڻ کي اهي تسليم ڪندا هئا ۽ ڪي وري تناسخ جا قائل هئا تہ روح پنهنجن نيڪن ۽ برن عملن کان پوءِ جسم بدلائي، نون جسمن ۾ موٽي اچي ٿو. "كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ثُمَّ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ۝" (ائين ناهي جلد ڄاڻندا ان کان پوءِ ائين ناهي جلد ڄاڻندا) مطلب تہ اهي ڪافر قيامت جي متعلق جيڪو اختلاف رکن ٿا اهو نہ رکن اهو اجايو آهي جلد کان جلد انهن کي قيامت جي خبر پئجي ويندي جڏهن جهنم اکين سان ڏسندا ۽ پنهنجي مسخرائپ ۽ چٿرن جي سزا چکندا. ٻيو ڀيرو "كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ" پهرئين ڀيري جي تاڪيد لاءِ آندل آهي.

فائدو: "عَنِ النَّبَإِ الْعَظِيْمِ" (وڏي خبر جو) ان مان هڪ قول مطابق حضور عليــه الصلواة والسلام جي نبوت جي خبر آهي جيڪا عظيم ۽ وڏي شان واري خبر آهي حضور پاڪ صلي الله عليــه وسلم جن جي خبر کي ان جي ڪري عظيم چيو ويو آهي جو سندن صفات نہ جاءِ سان محدود آهن نہ وقت سان رب العزة جل مجده سندن صفتن جي خبر ساري مخلوق سندن شان ۽ نعمت بيان ڪري ٿي ۽ جيڪو سندن نعت گو بڻيو اهو بہ عظيم بڻجي ويو آهي. (٢)

(١) المفردات صـ (٢) نورالعرفان صـ٩٢٩ـ

اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ مِهٰدًا (٦) وَّالْجِبَالَ اَوْتَادًا (٧) وَخَلَقْنٰكُمْ اَزْوَاجًا (٨)			
ڇا نہ ڪيو اسان زمين کي وڇاڻو؟ ۽ جبلن کي ميخون ۽ پيدا ڪيوسون اوهان کي جوڙا جوڙا			
وَّجَعَلْنَا نَوْمَكُمْ سُبَاتًا (٩) وَّجَعَلْنَا الَّيْلَ لِبَاسًا (١٠) وَّجَعَلْنَا النَّهَارَ			
۽ ڪيو اسان اوهان جي ننڊ کي فرحت ۽ ڪيو اسان رات کي ڍڪ ۽ ڪيو اسان ڏينهن کي گذران			
مَعَاشًا (١١) وَّبَنَيْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعًا شِدَادًا (١٢) وَّجَعَلْنَا سِرَاجًا وَّهَّاجًا (١٣)			
جو وقت ۽ ٺاهيا اسان اوهان جي مٿان ست آسمان مضبوط ۽ ڪيو اسان ڏيو چمڪندڙ (سج)			
وَّاَنْزَلْنَا مِنَ الْمُعْصِرَاتِ مَآءً ثَجَّاجًا (١٤) لِّنُخْرِجَ بِهٖ حَبًّا وَّنَبَاتًا (١٥)			
۽ وسايو سون ڪڪرن مان پاڻي وهندڙ تانت ڪڍون ان سان داڻا ۽ سلا			
وَّجَنّٰتٍ اَلْفَافًا (١٦)			
۽ باغ گهاٽا			

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان قيامت جي متعلق سندن اختلاف جو بيان هو ۽ هتي الله عزوجل مرڻ کان پوءِ جيئرو ڪري اٿارڻ تي پنهنجي قادر هجڻ جا نو "٩" واضح ۽ قوي دلائل بيان فرمايا آهن.

مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ڪري اٿارڻ جا نوَ "٩" واضح ۽ قوي دلائل

١. پهريون دليل "اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ مِهٰدًا" (ڇا اسان زمين کي وڇاڻو نہ بنايو آهي؟) قيامت جي منڪرن کان پڇيو وڃي ٿو تہ ڇا اسان هن زمين جي ڪره کي اوهان جي لاءِ وڇاڻو نہ بنايو آهي؟ اوهان جي بقاءَ، اوهان جو نشو نماءَ، آرام ۽ آسائش جي لاءِ جيڪي شيون گهربل هيون اسان اهي سموريون اوهان جي لاءِ وڏي فياضيءَ سان ميسر ڪيون ايڏي، ڪشادي زمين اوهان جي حوالي ڪيل آهي ان ۾ رهو ٿا ان ۾ جايون ٺاهيو ٿا. (١)

٢. ٻيو دليل "وَّالْجِبَالَ اَوْتَادًا" (۽ جبلن کي ميخون) مطلب تہ جبلن ڏانهن نهاريو جن کي اسان زمين ۾ اهڙو کوڙي، ڪپائي ڇڏيو آهي جو ڄڻ ميخون يا ڪل لڳل آهن ان جو هڪ مقصد اهو بہ آهي تہ انهن جي وزن جي ڪري زمين چرپر نہ ڪري (الا ان يشاءَ الله) ان کان سواءِ بہ انهن جبلن ۾ اوهان جا ٻيا ڪيترا فائدا آهن.

٣. ٽيون دليل "وَخَلَقْنٰكُمْ اَزْوَاجًا" (۽ اسان اوهان کي جوڙا، جوڙا ڪري پيدا فرمايو

(١) التفسير الواضح الميسر صـ١٥١٣ـ

آهي) مقصد تہ اهابہ اسان جي قدرت ۽ صنعت آهي جو اسان اوهان کي صرف مرد يا صرف عورتون نہ بنايو بلڪ مرد ۽ عورتون جوڙا ڪري پيدا ڪيو آهي اوهان ڏسو تہ ٻنهي جي تخليق هڪ ئي مني جي ڦڙي مان ٿئي ٿي هڪ ئي ٻار جي جاءِ (ٻچي داني) ۾ ٿئي ٿي پر الله جلت صفاتہ جي قدرت جو ڪمال آهي ڪنهن کي پٽ تہ ڪنهن کي نياڻي بنايائين هڪ پيءُ ٿيڻ جي قابل آهي تہ هڪ ماءُ ٿيڻ جي لائق پيءُ بنجڻ واري ۾ اهي سڀ صلاحيتون رکيائين جيڪي ان لاءِ ضروري آهن ۽ ماءَ بنجڻ واري ۾ ان جون سڀ ضرورتون ۽ صلاحيتون رکيائين جيڪڏهن ائين نہ ڪري ها تہ انساني نسل ڪيئن وڌي ها.

۴. چوٿون دليل "وَجَعَلْنَا نَوْمَكُمْ سُبَاتًا" (۽ اسان اوهان جي ننڊ کي راحت بنايو) يعني سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ کان پوءِ جڏهن ماڻهو ننڊ ڪري ٿو سڀ ٿڪاوٽ دور ٿي وڃي ٿي گويا ننڊ نالو ئي سکون ۽ راحت جو آهي.

۵. پنجون دليل "وَجَعَلْنَا اللَّيْلَ لِبَاسًا" (۽ اسان رات کي لباس (ڍڪ) بنايو آهي) يعني جيئن انسان ڪپڙا ڍڪي پنهنجي بدن کي لڪائيندو آهي اهڙي طرح رات جي اونده بہ پردي داري ڪندي آهي ۽ جيڪي ڪم لڪائڻ جي لائق هوندا آهن اهي عموما رات جو ڪيا ويندا آهن ۽ حسي طور بہ رات جو ڪپڙو ڍڪڻ جي ضرورت وڌيڪ پوندي آهي جو ٿڌ ڪار وغيره هوندو آهي.

٦. ڇهون دليل "وَجَعَلْنَا النَّهَارَ مَعَاشًا"(۽ اسان ڏينهن کي گذران جو وقت بنايو آهي) يعني رات جي برعڪس جڏهن ڏينهن ٿيندو آهي تہ انڌيرو ختم ٿيندو آهي ۽ ڏينهن ڪمائيءَ ۽ معاش جي حاصل ڪرڻ جو سبب آهي ان ۾ پنهنجن ڪمن ڪارن سان ۽ مصلحتن لاءِ هلندا وتندا آهيو رات سکون ۽ راحت جي لاءِ ۽ ڏينهن روزي ڪمائڻ لاءِ آهي. "معاشا" جي معنيٰ "سببا للرزق والمعاش" (١) ان سان انسان جون حاجتون آساني سان حاصل ٿين ٿيون.

٧. ستون دليل "وَبَنَيْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعًا شِدَادًا" (۽ اسان اوهان جي مٿان ست مضبوط آسمان بنايا آهن) جيڪي خلقت ۾ قوي، مضبوط ۽ محڪم آهن ڪيترن دورن جي گذرڻ جي باوجود جهڙا آهن تهڙا بيٺا آهن ۽ اهي الله عزوجل جي قدرت سان ڪنهن ٽيڪ وغيره کان سواءِ بيٺا آهن آيت سگهوڙي ٻڌايو تہ آسمان گهر جي ڇت وانگر آهي پر اها ٽنب ٽوٽيءَ کان سواءِ نہ ٿي بيهي ۽ هي الله جل شانہ جي قدرت سان بيٺا آهن.

٨. اٺون دليل "وَجَعَلْنَا سِرَاجًا وَهَّاجًا"(۽ اسان چمڪندڙ ڏيو بنايو آهي) يعني اسان

(١) المظهري صـ جلد ١٠

چمڪندڙ، روشن، روشني ڏيندڙ سج بہ بنايو آهي جيڪو هڪ تي ڪري ساري جهان
کي منور ڪري رهيو آهي اهو صرف روشن ئي ناهي گرم بہ آهي روشني ۽ گرمي ٻئي
زندگيءَ جو سرچشمو آهن ان جي تولهہ زمين جي تولهہ کان ٽي لک ٽيويهہ هزار
(٣٢٣٠٠٠) حصا وڏيڪ آهي اهو زمين کان نو ڪروڙ ٽيهہ لک (٩٣٠٠٠٠٠٠) ميل مٿي
آهي ان جو درجه حرارت هڪ ڪروڙ چاليهہ لک (١٤٠٠٠٠٠٠) ڊگري سينٽي گريڊ آهي
ان جي قطر اٺ لک پنجهٺ هزار (٨٦٥٠٠٠) آهي جيڪا زمين جي قطر کان هڪ سوءِ
نو حصا وڏيڪ آهي اوهان ان تي حيران نہ ٿيو ڪي ڪي ستارا سج جي قطر کان اٺ
سوءِ (٨٠٠) حصا وڏيڪ آهن (انسائيڪلو پيڊيا برٽانيڪا) (١) زمين کان ايترو پري
رهڻ جي باوجود اهو مناسب مقدار ۾ روشني پهچائي رهيو آهي جو ان سان زمين جو
هر هڪ حصو روشن ٿي وڃي ٿو.

٩. نائون دليل "وَّاَنْزَلْنَا مِنَ الْمُعْصِرَاتِ مَآءً ثَجَّاجًا" (۽ اسان ڪڪرن مان وهندڙ پاڻي
وسايو) يعني جيڪي ڪڪر مينهن سان پريل، ڳرا ٿي اچن ٿا اسان انهن مان وهندڙ
پاڻي وسايو "لِّنُخْرِجَ بِهٖ حَبًّا وَّنَبَاتًا وَّجَنّٰتٍ اَلْفَافًا" (ته ان سان داڻا ۽ سلا ۽
گهاٽا باغ ڪڍون) يعني ان مينهن جو اهو فائدو آهي جو ان سان پوکون ٿين ٿيون
جن مان کائڻ وارو اناج اچي ٿو، ميوا ٿين ٿا باغن ۾ رونق ۽ تازگي پيدا ٿئي ٿي هنن
نون ئي دليلن تي غور ڪرڻ وارو يقين رکندو تہ جيڪو الله جل شانـــه اهي سڀ ڪم
ڪري ٿو اهو مئلن کي بہ جيئرو ڪري ٻاهر ڪڍي سگهي ٿو. (٢)

فائدو: "وَّجَعَلْنَا نَوْمَكُمْ سُبَاتًا" (۽ اسان اوهان جي ننڊ کي راحت بنايو) هن مان
معلوم ٿيو تہ ننڊ هڪ عظيم الشان نعمت آهي جو انسان جي سڀني راحتن جو مدار
هن تي آهي عوام جي لاءِ ننڊ جسم جو آرام آهي ۽ خواص جي لاءِ قلب ۽ روح ٻنهي
جي راحت آهي اهي ننڊ ۾ واصل بالله ٿيندا آهن ان جي ڪري نبي عليـــه الصلواة
والسلام جو خواب وحي هوندو آهي ننڊ مان اٿڻ قيامت جو ثبوت آهي ننڊ ۾ ٻانهو
پاڻ کي رب العزة جل شانـه جي حوالي ڪندو آهي ننڊ وڏي پهلوان کي بہ قابو ڪري
رکندي آهي وڏي عالم جي ذهن مان علم ڪڍي ڇڏيندي آهي ننڊ سان انسان جو بي
وس هجڻ ظاهر ٿيندو آهي.

اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ كَانَ مِيْقَاتًا (١٧) يَّوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ فَتَاْتُوْنَ اَفْوَاجًا (١٨)

بيشڪ فيصلي جوڏينهن آهي مقرروقت جنهن ڏينهن ڦوڪ ڏني ويندي صور ۾ پوءِاوهان ٽولاٽولا ٿي ايندؤ

(١) ضياءُ القرآن صـ٤٦٩ـ جلد ٥ (٢) التفسير الواضح الميسر صـ١٥١٥ـ

وَّفُتِحَتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ اَبْوَابًا (١٩) وَّسُيِّرَتِ الْجِبَالُ فَكَانَتْ سَرَابًا (٢٠)

۽ کوليو ويندو آسمان پوءِ هوندو دروازا ۽ هلايا ويندا جبل پوءِ هوندا رڃ

اِنَّ جَهَنَّمَ كَانَتْ مِرْصَادًا (٢١) لِّلطّٰغِيْنَ مَاٰبًا (٢٢) لّٰبِثِيْنَ

بيشڪ جهنم هوندو انتظار ڪرڻ وارو سرڪشن جي لاءِ رهڻ جو هنڌ رهندڙ هوندا ان ۾ ڪئين

فِيْهَآ اَحْقَابًا (٢٣) لَا يَذُوْقُوْنَ فِيْهَا بَرْدًا وَّلَا شَرَابًا (٢٤) اِلَّا حَمِيْمًا

ڊگهيون مدتون نہ چکندا ان ۾ ٿڌائي ۽ نہ ڪا پيئڻ جي شيءِ مگر تهڪندڙ پاڻي ۽

وَّغَسَّاقًا (٢٥) جَزَآءً وِّفَاقًا (٢٦) اِنَّهُمْ كَانُوْا لَا يَرْجُوْنَ حِسَابًا (٢٧)

روڳ بدلو پورو بيشڪ انهن نہ ٿي اميد رکيائون حساب جي

وَّكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كِذَّابًا (٢٨) وَكُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ كِتٰبًا (٢٩) فَذُوْقُوْا

۽ ڪوڙو ڄاتائون اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاڻ ۽ هر شيءِ ڳڻيو اسان ان کي لکي پوءِ چکو

فَلَنْ نَّزِيْدَكُمْ اِلَّا عَذَابًا (٣٠)

پوءِ هرگز نہ وڌائينداسون اوهان کي مگر عذاب

تفسير

اڳين آيتن ۾ قيامت جي قائم ڪرڻ تي الله جل شانه جي قادر هجڻ جا نوَ اهڙا دلائل پيش ڪيا ويا جن کي سوچڻ وارو قيامت کي نہ مڃڻ جو سوچي بہ نہ سگهندو (مگر ڪو ازلي بدبخت) ۽ هتان کان وري قيامت جي ڏينهن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ كَانَ مِيْقَاتًا" (تحقيق فيصلي جو ڏينهن مقرر ڪيل وقت آهي) يعني الله جل شانه جي علم ۾ يا حڪم ۾ ان جو ٽائيم مقرر ٿيل آهي ان تي دنيا جي انتها ٿيندي مخلوق بہ ختم ٿي ويندي. (١) "يَّوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ فَتَاْتُوْنَ اَفْوَاجًا" (جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪ ڏني ويندي پوءِ ٽولا ٽولا ٿي ايندؤ) يعني عقائد ۽ اعمال جي بنا تي ڪثرت سان ٽولا ۽ جماعتون ٿي ايندؤ.(٢) "وَّفُتِحَتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ اَبْوَابًا" (۽ آسمان کوليو ويندو پوءِ دروازو هوندو) يعني آسمان ڦاٽي اهڙو ٿيندو جو رڳو دروازا ئي دروازا هوندا. "وَّسُيِّرَتِ الْجِبَالُ فَكَانَتْ سَرَابًا" (۽ جبل هلايا ويندا پوءِ رڃ هوندا) يعني پاڙان پٽيا ويندا ۽ ڌوڙ ٿي اڏامندا انهن کي پري کان ڏسندڙ سمجهندو تہ ان کي ائين رڃ ۽ سڃ نظر ايندي. "اِنَّ جَهَنَّمَ كَانَتْ مِرْصَادًا" (تحقيق جهنم انتظار

(١) البيضاوي صـ٥٦١ـ جلد ٢ (٢) حاشيه عثمانيه صـ٧٧٣ـ

ڪرڻ جي جاءِ آهي) المرصاد المكان الذي يجلس فيه العدو الخ (١) اها جاءِ جنهن ۾ هڪ دشمن ويهي پئي دشمن جو انتظار ڪندو آهي تانت ان کي پڪڙي ان تي حملو ڪري مقصد ته جهنم ان ۾ اچڻ وارن ڪافرن جو انتظار ڪندو آهي تانت انهن کي جهڙپي باهه ۾ داخل ڪري. "لِّلطَّٰغِينَ مَـَٔابٗا" (سرڪشن جي موتي اچڻ جي جاءِ آهي) ۽ مفسرن لکيو آهي ته "مرصاد" مان مراد پلصراط آهي هر هڪ نيڪ توڙي گنهگار کي ان جي مٿان لنگهڻو آهي ان تان لنگهندڙن جو ملائڪ انتظار ڪندا جهنم واري کي جهنم ڏانهن پچائڻ وارا ملائڪ پڪڙي ويندا ۽ جنت ڏانهن وڃڻ واري کي جنتي ملائڪ وٺي ويندا. (٢) حضرت حسن بصري عليه الرحمة فرمايو ته پلصراط تي نگران ملائڪن جي چوڪي هوندي جن وٽ جنت ۾ وڃڻ جي لاءِ اجازت ناما هوندا جنهن کي ڏيندا اهو جنت ۾ ويندو جنهن کي نه ڏيندا اهو نه ويندو. (٣) "لَّٰبِثِينَ فِيهَآ أَحۡقَابٗا" (ان ۾ ڊگهيون مدتون رهندڙ هوندا) "أَحۡقَابٗا" (حقبه جو جمع آهي ڊگهي مدت) حقبه اسي سال جي مدت آهي ۽ هر سال ٻارهن مهينن جو هر مهينو ٽيهن ڏينهن جو، هر ڏينهن هزار سالن جو ان حساب سان تقريبا هڪ حقبه جا ٻه ڪروڙ اٺاسي لک سال ٿين ٿا ۽ حضرت ابو هريرة، ابن عمر، ابن عباس وغيرهم رضي الله عنهم حقبه جو مقدار ستر سال چيو آهي باقي حساب ساڳيو آهي (٤) مگر مسند بزار ۾ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان مرفوعا روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "ڪو به جهنم ۾ داخل ٿيو ته ان ۾ احقاب رهڻ کان سواءِ ٻاهر نه نڪرندو ۽ حقبه اسي سالن کان ڪجهه مٿي سال آهي ۽ هر سال اوهان جي موجوده ڏينهن مطابق ٽي سوءِ سٺ (٣٦٠) ڏينهن جو آهي" (٥) هن حديث ۾ جتوٽيڪ مذڪوره آيت جو تفسير ڪيل ناهي مگر بهرحال احقاب جي لفظ جي معنيٰ جو بيان آهي چند اصحابن رضي الله عنهم کان جو ان ۾ هر ڏينهن هزار سال جو منقول آهي جيڪڏهن اهو به حضور عليه الصلواة والسلام جن کان ثابت آهي ته پوءِ حديث جي روايتن ۾ تعارض ٿيندو ۽ ان تعارض جي وقت ڪنهن هڪ معنيٰ تي جزم ۽ يقين ته نه ٿو ٿي پر ايتري ڳالهه ٻنهي روايتن ۾ مشترڪ آهي ته حقبه يا حقب گهڻي زماني کي سڏيو وڃي ٿو ان جي ڪري علامه بيضاوي ان جي معنيٰ دهور متتابعه ڪئي آهي (٦) يعني لاڳيتا گذرندڙ دور. "لَّا يَذُوقُونَ فِيهَا بَرۡدٗا وَلَا شَرَابًا إِلَّا حَمِيمٗا وَغَسَّاقٗا جَزَآءٗ وِفَاقًا" (ان ۾ نه ٿڌڪار چکندا ۽ نه پيئڻ جو پاڻي مگر

(١) التفسير الواضح الميسر صـ١٥١٧ـ (٢) المظهري صـ جلد ١٠ (٣) القرطبي صـ جلد ١٠ (٤) ابن ڪثير صـ جلد ۴ (٥) المظهري صـ جلد ١٠ (٦) البيضاوي صـ٥٦٢ـ جلد ٢

ٺهڪندڙ گرم پاڻي ۽ پون بدلو پورو) يعني انهن کي جهنم ۾ نه ٺڌڪار ملندو جوان سان باهہ جي گرمي ٺارين ۽ نه پيئڻ جو پاڻي ملندو جو ان سان اُڃ گهٽ ڪن پر حد کان وڌيڪ ٺهڪندڙ گرم پاڻي ۽ دوزخ وارن جي ڦٽن مان نڪرندڙ پون ملندين ۽ اها سندن عقيدي ۽ اعمال جي پوري پوري سزا هوندي ڇو ته جيڪڏهن اهي دنيا ۾ هميشه رهن ها ته هميشه ڪفر تي هجن ها ان جي ڪري جهنم ۾ هميشه رهايا ويندا. "اِنَّهُمْ كَانُوْا لَا يَرْجُوْنَ حِسَابًا وَّكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا كِذَّابًا" (بيشڪ انهن حساب جي اميد نه ٿي رکي ۽ اسان جي آيتن کي بالڪل ڪوڙو ڇيائون) مقصد ته اهي الله عزوجل جي بارگاهہ ۾ پيش ٿي، حساب ڏيڻ تي به يقين نه رکندا هئا ۽ اسان جي نازل ڪيل قرآن ڪريم جي آيتن کي ڪوڙو چوڻ ۾ به حد کان ٽپيل هئا. "وَكُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ كِتٰبًا" (۽ هرشيءِ اسان ان کي ڪتاب ۾ ڳڻي رکيو آهي) ان ڪتاب مان مراد اعمالنامو آهي. "فَذُوْقُوْا فَلَنْ نَّزِيْدَكُمْ اِلَّا عَذَابًا" (پوءِ چکو پوءِ اسين اوهان کي عذاب کان سواءِ هرگز نه وڌائينداسون) يعني اي ڪافرو! هن سخت عذاب جا مزا وٺو اوهان کي عذاب وڌائڻ کان سواءِ ٻي ڪا به شيءِ نه ملندي. مفسرن ڀلارن فرمايو آهي ته ڪافرن تي قرآن ڪريم ۾ هن آيت کان وڌيڪ سخت ٻي ڪا آيت ناهي جو جيئن عذاب کان بچڻ جي لاءِ دانهون ڪندا تيئن انهن تي عذاب وڌايو ويندو. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ كَانَ مِيْقَاتًا" (تحقيق فيصلي جو ڏينهن مقرر ڪيل آهي) ميقات مان مراد اهو مقرر ٿيل وقت آهي جنهن ۾ تبديلي ٿي نه سگهي ۽ نه ڪنهن صورت ۾ ٽري وڃي قيامت جو اڳتي پوئتي ٿيڻ يا ٽرڻ ممڪن ئي ناهي ان جي ڪري ان کي "ميقاتا" سڏيو ويو آهي پيون شيون دعا سان يا نيڪ اعمال سان ملن به ٿيون، ٽري به وڃن ٿيون ان جي ڪري انهن لاءِ "ميقاتا" نه چيو ويو آهي. (٢) ٢. "وَفُتِحَتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ اَبْوَابًا" (۽ آسمان کوليو ويندو پوءِ دروازا هوندو) ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته هتي دروازن مان مراد مخصوص دروازا آهن جيڪي قيامت ۾ کلندا انهن مان محشر جي ميدان ۾ منتظم ملائڪ لهندا اهي دروازا ماڻهن کي ڏسڻ ۾ ايندا نه ته آسمان ۾ دروازا ته ڪيترا آهن جن مان کي خصوصي آهن ته ڪي عمومي، هر شخص جي رزق لهڻ ۽ اعمال مٿي چڙهڻ جي لاءِ دروازو جدا آهي جيڪو ان جي مرڻ وقت بند ڪيو ويندو آهي حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي معراج لاءِ خصوصي دروازو ٺهيل هو جيڪو معراج واري رات حضرت جبريل کولڻ لاءِ ان تي مقرر ٿيل ملائڪ کي چيو ته ان پڇيو "تون

(١) التفسيرالواضح الميسر ص ١٥١٧ـ (٢) نورالعرفان ص ٩٢٩ـ

ڪير آهين ۽ توسان ڳڌ ڪير آهي؟" معلوم ٿيو ته پاڻ نئين دروازي کان وڃي رهيا هئا عمومي دروازا گهڻن قسمن جا آهن جيئن توبه جو دروازو جيڪو هر وقت کليل رهي ٿو ۽ قيامت جي قريب بند ٿيندو. ٣. "اِنَّ جَهَنَّمَ كَانَتْ مِرْصَادًا" (تحقيق جهنم انتظار ڪرڻ وارو آهي) هن مان مراد يا خود جهنم آهي جيڪو ڪافرن جو انتظار ڪري رهيو آهي ان مان معلوم ٿيو ته دوزخ کي حواس آهن اهو محسوس ڪري ٿو ته ڪير ان ۾ داخل ٿيڻ جو مستحق آهي ڪير ناهي بلڪ دنيا ۾ سيني حيوانات ۽ جمادات ۾ به سمجهه آهي اهي ٻڌن ٿا ڳالهائن ٿا انهن جو ڳالهائڻ الله عزوجل جا اولياءَ سمجهن ٿا ڪجيءَ جي ٿڙ جو روئڻ ڳالهائڻ خود اصحابن سڳورن رضي الله عنهم ٻڌو يا مراد آهي ته دوزخ تي مقرر ٿيل ملائڪ انتظار ۾ آهن ان مان معلوم ٿيو ته دوزخ تي مقرر ٿيل ملائڪ الله جي عطا سان ڄاڻن ٿا ته ڪير ڪفر تي مري ويو آهي ۽ ڪير مومن ٿي وفات ڪري آيو آهي. (١) ٤. "لّٰبِثِيْنَ فِيْهَآ اَحْقَابًا" (ان ۾ ڍگهيون مدتون رهندڙ هوندا).

سوال: هن آيت مان معلوم ٿيو ته ڪافر به نيٺ جهنم مان نڪرندا ڇوته ڪيتري به ڊگهي مدت هوندي نيٺ پوري ٿيندي.

جواب: هتي "احقاب" جو تعداد بيان ٿيل ناهي جو اهي پورا ٿيا ته سزا ختم ٿي وئي ان جي ڪري هتي آيت جي معنيٰ آهي ته جڏهن به هڪ مدت پوري ٿي ته ٻي شروع ٿيندي ۽ اهو سلسلو ابدا الآباد هميشه هلندو رهندو نه ڪٽندو نه ٽٽندو ان جي ڪري ڪافر جي جهنم مان نڪرڻ جو سوال ئي نه ٿو پيدا ٿئي جڏهن ته قرآن ڪريم ۾ چوٽيهن "٣٤" مقامن تي صراحت سان چيل آهي ته ڪافر هميشه جهنم ۾ رهندا ۽ ڪٿي ڪٿي صرف "خَالِدِيْنَ فِيْهَا" (ان ۾ هميشه رهندڙ هوندا) تي اڪتفا ڪيل ناهي پر "اَبَدًا" هميشه جو اضافو ڪيل به آهي ان جي ڪري قرآن ڪريم جي ڪنهن به آيت جو اهڙو مفهوم بيان ڪرڻ جو ٻين گهڻين آيتن جي خلاف هجي ڪنهن مومن کي زيب نه ٿو ڏي.

اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ مَفَازًا (٣١) حَدَآئِقَ وَاَعْنَابًا (٣٢) وَّكَوَاعِبَ اَتْرَابًا (٣٣)

بيشڪ پرهيز گارن جي لاءِ ڪاميابي آهي باغ ۽ انگور ۽ هم عمر نوجوان زالون

وَّكَاْسًا دِهَاقًا (٣٤) لَايَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّلَا كِذّٰبًا (٣٥) جَزَآءً مِّنْ رَّبِّكَ

۽ پيالا ڇلڪندڙ نه ٻڌندا ان ۾ اجائي ڳالهه ۽ نه ڪوڙ بدلو تي تنهنجي رب جي طرفان

(١) نورالعرفان ص ـ ٩٣٠ ـ

عَطَآءً حِسَابًا (٣٦) رَّبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا

عطا ڪيل حساب روءِ آهي آسمانن ۽ زمين جو رب ۽ ان جو جيڪو انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي

الرَّحْمٰنُ لَايَمْلِكُوْنَ مِنْهُ خِطَابًا (٣٧) يَوْمَ يَقُوْمُ الرُّوْحُ وَالْمَلآئِكَةُ

نهايت مهربان نه مالڪ ٿيندا ان سان ڳالهائڻ جا جنهن ڏينهن بيهندو روح ۽ ملائڪ

صَفًّا (٣٨) لَّايَتَكَلَّمُوْنَ اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَقَالَ صَوَابًا (٣٩)

صفون ٻڌي نه ڳالهائيندا مگر اهو جو اذن ڏنو ان کي رحمان ۽ چيائين صحيح ڳالهه

ذَالِكَ الْيَوْمُ الْحَقُّ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰي رَبِّهٖ مَاٰبًا (٤٠) اِنَّآ

اهو ڏينهن حق آهي پوءِ جيڪو گهري ته وٺي پنهنجي رب ڏانهن موٽڻ جي جاءِ بيشڪ اسان

اَنْذَرْنَاكُمْ عَذَابًا قَرِيْبًا يَّوْمَ يَنْظُرُ الْمَرْءُ مَاقَدَّمَتْ

ڊيڄاريو اوهان کي عذاب ويجهي کان جنهن ڏينهن ڏسندو مڙس اهو جيڪو اڳي ڪري موڪليو

يَدَاهُ وَيَقُوْلُ الْكَافِرُ يٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ تُرَابًا (٤١)

ان جي هٿن ۽ چوندو ڪافر ته اي ڪاش! مان مٽي هجان ها

ع ٢

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي حالت جو بيان هو ۽ هتان کان مومنن متقين جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ مَفَازًا حَدَآئِقَ وَاَعْنَابًا وَّكَوَاعِبَ اَتْرَابًا وَّكَاْسًا دِهَاقًا" (تحقيق متقين جي لاءِ ڪاميابي آهي باغ ۽ انگور ۽ نوجوان هم عمر زالون ۽ ڇلڪندڙ پيالا آهن) مطلب ته جيڪي ماڻهو قيامت تي ايمان آڻين ٿا رب العزة جل وعلا کان ڊڄن ٿا ان خوف جي ڪري گناهه نه ٿا ڪن انهن جي لاءِ ڪاميابي آهي ۽ بهشتن جا باغ ۽ انگور ۽ پيئڻ وارين شين جا ڀريل، ڇلڪندڙ پيالا هوندا. "لَايَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّلَاكِذّٰبًا" (ان ۾ نه اجائي ڳالهه ۽ نه ڪو ڪوڙ ٻڌندا) يعني جنت ۾ بيهوده بڪواس يا ڪوڙ ۽ فريب ڪجهه نه هوندو نه ڪير ڪنهن سان وڙهندو جو ڪوڙ هڻڻ ۽ ٺڪر ڪائڻ جي ضرورت پوي. "جَزَآءً مِّنْ رَّبِّكَ عَطَآءً حِسَابًا رَّبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا الرَّحْمٰنُ لَايَمْلِكُوْنَ مِنْهُ خِطَابًا" (تنهنجي رب جي طرفان حساب سان پورو پورو عطا ڪيل بدلو هوندو. اهو الله جيڪو آسمانن ۽ زمين ۽ جو ڪجهه انهن ٻنهي

جي وچ ۾ آهي ان جو رب رحمان آهي ان سان ڳالهائڻ جي قوت نہ رکندا) مقصد تہ اهو بدلو بہ ان جي طرفان عنايت، رحمت ۽ مهرباني آهي ورنہ تہ ظاهر آهي تہ الله عزوجل تي کنهن جو ڪو فرض ناهي ۽ نہ اهو مجبور آهي. "يَوْمَ يَقُوْمُ الرُّوْحُ وَالْمَلٰٓئِكَةُ صَفًّا ۙ لَّا يَتَكَلَّمُوْنَ اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَقَالَ صَوَابًا" (جنهن ڏينهن روح ۽ ملائڪ قطارون ٻڌي بيهندا ان کان سواءِ نہ ڳالهائيندا جنهن کي الله اذن ڏيندو ۽ صحيح ڳالهائيندو) اڪثر مفسرن وٽ "الروح" مان مراد جبريل امين آهي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ حضرت جبريل امين خداوندي بارگاهہ ۾ ادب سان بيٺو هوندو ۽ خوف خدا کان ڏڪندو هوندو ۽ ان جي زبان تي هي الفاظ جاري هوندا "لا الـه الا انت ماعبد ناك حق عبادتك" (توکان سواءِ ڪو بہ سچو معبود ناهي اسان تنهنجي عبادت ايتري نہ ڪئي آهي جيڪو تنهنجي عبادت جو حق آهي) جبريل کان سواءِ ٻيا ملائڪ بہ صفون لڳايو بيٺا هوندا خداوندي جلال جو اهو عالم هوندو جو سڀ خاموش هوندا ڪنهن ۾ بہ ڳالهائڻ جي قوت نہ هوندي البت اهي قدسي شخصيتون جن کي ڳالهائڻ جو اذن مليل هوندو اهي ڳالهائي سگهندا ۽ شفاعت ڪندا. "ذٰلِكَ الْيَوْمُ الْحَقُّ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ مَاٰبًا" (اهو ڏينهن حق آهي پوءِ جيڪو گهري تہ پنهنجي رب ڏانهن موٽڻ جي جاءِ وٺي وري وري قيامت جي حق هجڻ کي بيان ڪيو وڃي پيو تہ ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي جنهن جي دل گهري اهو اڄ ان ڏانهن اها سڌي واٽ صراط مستقيم وٺي هلي جيڪا ان ڏانهن موٽڻ جي لاءِ تيار ڪيل آهي ۽ ان تائين پهچائي تي. "اِنَّآ اَنْذَرْنٰكُمْ عَذَابًا قَرِيْبًا ۚ" (بلاشڪ اسان اوهان کي ويجهي عذاب کان ڊيڄاريو آهي) مطلب تہ اي انسانو! اسان اوهان کي ان عذاب کان ڊيڄاريو آهي جيڪو عنقريب اچڻ وارو آهي ان مان مراد آخرت جو عذاب آهي "يَّوْمَ يَنْظُرُ الْمَرْءُ مَا قَدَّمَتْ يَدَاهُ" (جنهن ڏينهن مڙس اهو ڏسندو جيڪو سندس هٿن اڳي ڪري موڪليو هوندو) يعني هر نيڪي يا بدي، ڀلائي يا برائي جيڪا بہ ڪئي هوندائين اها پنهنجي عملنامي ۾ لکيل ڏسندو اهو عملنامو کولي سندس اڳيان رکيو ويندو. "وَيَقُوْلُ الْكٰفِرُ يٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ تُرٰبًا ۚ" (۽ ڪافر چوندو تہ اي ڪاش! مان مٽي هجان ها) مطلب تہ خداوندي قهر جا ڪڙڪا ڏسي ڪافر چوندو تہ مان نہ ڄمان ها يا ڪاش مان عام جانور هجان ها جو مرڻ کان پوءِ وري مٽي تي وڃان ها نہ مون لاءِ حساب هجي ها ۽ نہ عذاب) اهو ان وقت چوندو جڏهن ڏسندو تہ الله جانورن کي جيئرو ڪري اتاري انهن جا هڪ ٻئي ڏانهن جيڪي بدلا هئا وٺرائي انصاف ڪري پوءِ وري سڀني کي مٽي بنائي فنا ڪري ڇڏيو ان حالت کي ڏسي ڪافر مذڪوره خواهش ڪندو. حديث

شريف ۾ آهي تہ "لَتُؤَدُّنَّ الْحُقُوْقَ اِلى اَهْلِهَا يَوْمَ الْقِيٰمَـةِ حَتّٰي يُقَادَ لِلشَّاةِ الْجَلْحَاءِ مِنَ الشَّاةِ الْقَرْنَاءِ" (١) (اوهان قيامت جي ڏينهن حقدارن کي حق ضرور ادا ڪري ڏيندؤ تانجو ٺوڙهي ٻڪريءَ جو حق سڱن واريءَ کان ورتو ويندو) مطلب تہ جيڪڏهن سڱن واريءِ ٻڪريءَ ٺوڙهيءَ کي سڱن سان ٽڪر هينو هوندو تہ ٺوڙهيءَ کي سڱ ڏنيا ويندا ۽ سڱن واريءَ کي ٺوڙهو بنائي ان کي ٽڪر هٽائي بدلو ورتو ويندو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ" کان "كَاْسًا دِهَاقًا" تائين آيتن مان ہہ ٽي ڳالهيون معلوم ٿيون "١" "للمتقين" ۾ ل تمليڪ جو آهي يعني متقي جنت جا مالڪ هوندا. "٢" هتي هي جملو اسميـــه آهي جيڪو دوام ۽ استمرار تي دلالت ڪري ٿو يعني اهي ان ۾ هميشـه هوندا. "٣" "لِلْمُتَّقِيْنَ" کي اڳيان آڻي تخصيص مان معلوم ٿيو تہ جنت جا صرف متقي مومن مالڪ هوندا. "٤" "مَفَازًا" (ڪاميابي) مان معلوم ٿيو تہ ڪاميابي دنيا ناهي جنت جو ملڻ آهي دنيا ۾ ڪامياب اهو آهي جيڪو دنيا ۾ رهي جنت ڪمائي وٺي. ٢. متقي ٻہ قسم آهن "١" جسماني طرح جيڪو صالح عمل ڪري ان جو ذڪر هن آيت ۾ "يا هُدًي لِّلْمُتَّقِيْنَ" ۾ آهي. "٢" قلبي طرح جيڪو دل کي غير کان خالي رکي ان جي دل ۾ الله جل شانـــه جي پيارن جي تعظيم هجي جيئن آيت مبارڪـه "وَمَنْ يُّعَظِّمْ شَعَآئِرَ اللهِ" ۽ آيت مبارڪـه "اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللهِ" وغيره ۾ واضح بيان ٿيل آهي. ٣. "اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَـهُ الرَّحْمٰنُ وَقَالَ صَوَابًا" (مگر جنهن کي رحمان موڪل ڏني ۽ صحيح ڳالهايائين) مان ثابت ٿيو تہ جن کي شفاعت جو اذن مليل هوندو اهي شفاعت ڪندا شفاعت جو انڪار قرآن ڪريم جي ڪيترين آيتن ۽ حديثن جو انڪار آهي.

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون گنهگار اج ٩ شوال ١٤٢٦هـ الموافق ٢٠٠٥.١١.١١ع. تي بروز جمعـة المبارڪ بوقت اٺ لڳي ڇهن منٽن تي جده شريف ۾ سورة النبا جو تفسير لکي پورو ڪيو بارگاه ايزدي ۾ دعا آهي تہ شال ڪريم ڪرم ڪري باقي سورتن جو تفسير ہہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب ڪري آمين يا رب العلمين بحرمـه حبيبك سيدالمرسلين عليـه وعلي آلـه واصحابـه الصلواة والسلام الي يوم الدين. الفقير محمد الياس عفي عنـه.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) التفسير الواضح الميسر صـ١٥١٩ـ

سورة "النّٰزِعٰتِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن
نالو مبارڪ: مفسرن ڀلارن هن جا ٣ نالا ذڪر ڪيا آهن "١" "النّٰزِعٰتِ" هي هن جو مشهور نالو آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي. "٢" "السَّاهِرَةُ" هي هن جي آيت ع١۴ ـ ۾ مذڪور آهي. "٣" "الطَّآمَّةُ" هي هن جي آيت ع ـ٣۴ ـ ۾ مذڪور آهي.
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة ۾ ٻه رڪوع، ڇائيتاليهه آيتون سؤ ستانوي (١٩٧) ڪلما ۽ ست سؤ ٽيونجاهه (٧٥٣) حرف آهن. (١)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس ڪان ۽ ابن مردويه حضرت ابن الزبير رضي الله عنهم ڪان روايت آندي اهي ته سورة "النزعت" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)
نزول: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آهي ته هن جو نزول سورة "النبا" ڪان پوءِ جلد ٿيو هو گويا هيءَ به نبوت جي اظهار جي ابتدائي دور ۾ نازل ٿي هئي.
مضمون: ڪافر ڪنهن به قيمت تي قيامت جي اچڻ واري عقيدي کي مڃڻ جي لاءِ تيار نه هئا انهن جي غلط خيال دور ڪرڻ جي لاءِ هن سورة ۾ خصوصي ارشاد ٿيل آهي تڪويني اهم فرائض جي پوري ڪرڻ تي جيڪي ملائڪ مقرر ٿيل آهن انهن جو قسم کڻي ٻڌايو ويو آهي ته قيامت ضرور واقع ٿيندي دنيا جي ڪا به طاقت ان کي روڪي نه سگهندي پوري دنيا جا ڪافر ۽ مشرڪ جيڪڏهن ان جو انڪار به ڪن تا ۽ ان جي ناممڪن مڃڻ لاءِ دليل به ڏين تا پر اهي الله عزوجل جي طاقت ۽ ڏنل دليلن جي اڳيان ڪجهه به ناهن ڳالهه صرف اتي ختم ڪيل ناهي پر ان ڪان بعد انهن جي ان اعتراض کي به پيش ڪيو ويو آهي جيڪو اهو وڏي زور، شور سان پيش ڪندا هئا ته ڀلا هي هڏيون جڏهن نهايت سڙي ڀُري وينديون ته انهن ۾ وري روح وجهي انهن کي جيئرو ڪري اٿارڻ ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو؟ انهن جو جواب هيئن ڇئي ڏنو ويو آهي ته جنهن شيءِ کي اوهان ناممڪن تصور ڪيو تا ان جي لاءِ ته صرف اسان جي آرڊر سان هڪ ڦوڪ جي دير آهي ان ڪان پوءِ سڀ جيئرا ٿي پنهنجين قبرن مان ٻاهر نڪري ايندا. اوهان ائين ڪري نه تا سگهو پر ڪائنات جو خالق ائين ڪرڻ تي قادر آهي ڪجهه سوچيو ۽ ڪجهه پنهنجي عقل ڪان ڪم وٺو پوءِ انهن کي ٻڌايو ويو

(١) خازن ص ـ٣٣٩ ـ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور ص ـ۴٠٣ ـ جلد ٨

آهي تہ اوهان کان پهريان بہ اهڙا سرڪش ماڻهو گذريا آهن جن الله عزوجل جي رسولن ۽ نبين عليهم الصلواة والسلام جي مخالفت ڪئي هئي انهن کي پنهنجي رعب ۽ دبدبي تي وڏو ناز هو پر جڏهن انهن تي خداوندي غضب ڪڙڪيو تہ اهي مڪمل طرح تباهہ ٿي ويا اي مڪہ مڪرمـہ جا رهڻ وارؤ! اوهان کي فرعون جو احوال پورو معلوم آهي ان بني اسرائيل تي جبڪي ظلم ڪيا اسان جي نبي (حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليـہ الصلواة والسلام) جي خلاف جيڪا محاذ آرائي ڪئي ان جي پڄاڙي ڪيئن ٿي اها بہ اوهان کي چڱي طرح خبر آهي جيڪڏهن اوهان پاڻ کي ان عبرت ناڪ انجام کان بچائڻ گهرو ٿا تہ فرعوني طريقو ڇڏي ڏيو منهنجي حبيب عليـہ الصلواة والسلام جي بي فرماني نہ ڪيو اهو جيڪا دعوت اوهان کي ڏي ٿو اها قبول ڪيو تہ اوهان کي ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي حاصل ٿيندي. ان کان بعد مالڪ مٿي پنهنجي ڪامل قدرت ۽ بالغ حڪمت جا دلائل ۽ شواهد پيش ڪرڻ فرمايا آهن ۽ ماڻهن کي متنبـہ ڪندي انهن ڏانهن متوجـہ ٿيڻ جو حڪم ڪيو آهي تہ اهي پاڻ فيصلو ڪن تہ جيڪا پاڪ ذات انهن ڳالهين تي قادر آهي ان جي لاءِ اوهان کي ٻيهر پيدا ڪرڻ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي ان سان گڏوگڏ قيامت قائم ڪرڻ ۾ جيڪا حڪمت آهي ان جو بہ بيان ٿيو آهي ڪفار هر هر پڇندا هئا تہ جيڪڏهن قيامت اچڻي آهي تہ اوهان ذرا ان جي تاريخ مقرر ڪري ٻڌايو الله جلت صفاتـہ فرمايو تہ: اي حبيب! عليڪ الصلواة والسلام! ان جي تاريخ مقرر ڪري ٻڌائڻ اوهان جي فرائض مان ناهي ۽ خداوندي حڪمت جي تقاضا بہ اها آهي تہ اها ڳالهہ راز ۾ رهي اوهان جو صرف اهو فرض آهي تہ اوهان انهن کي ان کان ڊيڄاريندا رهو تانت جيڪڏهن اهي بروقت پنهنجي اصلاح ڪرڻ گهرن تہ ڪري سگهن.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيين ۽ سورة ۾ قيامت جي ڏينهن ۾ واقع ٿيندڙ عذاب کان ڊيڄاريو ويو ۽ هن ۾ قسم سان ان ڏينهن جو واقع ٿيڻ ثابت ڪيو ويو آهي.

پڙهڻ ۽ برڪتون: قرآن پاڪ جي سورة هجڻ جي لحاظ سان هن جو حرف حرف شاندار آهي ۽ اوراد وظائف وارن بزرگن فرمايو آهي تہ دشمنن تي غالب رهڻ جي لاءِ هن سورة جو گهڻو پڙهڻ نهايت مفيد آهي.

وَهِيَ سِتٌّ وَّاَرْبَعُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ النّٰزِعٰتِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعَانِ
۽ اها ۴۶ آيتون آهي	سورة النزعت مڪي آهي	۽ ان ۾ ٻه رڪوع آهن

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

وَالنّٰزِعٰتِ غَرْقًا (۱) وَّالنّٰشِطٰتِ نَشْطًا (۲)

قسم آهي ڇڪي ساهه ڪڍڻ وارن جو ٻڏي هٽي ۽ قسم آهي نرميءَ سان کولڻ وارن جو آسانيءَ سان

وَّالسّٰبِحٰتِ سَبْحًا (۳) فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا (۴) فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا (۵)

۽قسم آهي ترندڙن جو تيزيءَ سان پوءِ اڳرائي ڪندڙن جو اڳرائي ڪرڻ پوءِ تدبير ڪندڙن جو امر ڪي

يَوْمَ تَرْجُفُ الرَّاجِفَةُ (۶) تَتْبَعُهَا الرَّادِفَةُ (۷) قُلُوْبٌ يَّوْمَئِذٍ وَّاجِفَةٌ (۸)

جنهن ڏينهن ڏڪندي ڏڪندڙ پٺيان لڳندو ان کي ٻيو ڏڪڻ دليون ان ڏينهن ڪنبندڙ هونديون

اَبْصَارُهَا خَاشِعَةٌ (۹) يَقُوْلُوْنَ ءَاِنَّا لَمَرْدُوْدُوْنَ فِي الْحَافِرَةِ (۱۰)

اکيون انهن جون جهڪيل هونديون چوندا ڇا بيشڪ اسان البت موٽايل آهيون پهرين حالت ۾

ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا نَّخِرَةً (۱۱) قَالُوْا تِلْكَ اِذًا كَرَّةٌ خَاسِرَةٌ (۱۲) فَاِنَّمَا هِيَ

ڇا جڏهن هونداسون هڏا پراڻا چون ٿا ته اهو ان وقت موٽڻ خساري وارو آهي پوءِ اها ته صرف

زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ (۱۳) فَاِذَا هُمْ بِالسَّاهِرَةِ (۱۴)

جهٽڪ هڪڙي آهي پوءِ ان وقت اهي ميدان ۾ هوندا

تفسير

اڳينءَ سورة جي آخر ۾ بيان ٿيو ته ڪافر قيامت جي ڏينهن چوندو ته ڪاش! مان مٽي ٿي وڃان ها ۽ هتي قسم کڻي ٻڌايو ويو ته اهي سڀ هڪ ئي جهٽڪ سان محشر جي ميدان ۾ گڏ ٿيندا فرمان خداوندي آهي "وَالنّٰزِعٰتِ غَرْقًا" (قسم آهي انهن ملائڪن جو جيڪي ٻيون هٽي ڇڪي ساهه ڪڍيندڙ آهن ذهن ۾ وهارڻ گهرجي ته هن سورة جو آغاز ٻه پنج قسم کڻي ڪيو ويو آهي پر هتي جن جو قسم کنيو ويو آهي انهن جون صرف صفتون بيان ڪيل آهن ان جي ڪري مفسرن ڀلارن جا ان ۾ مختلف اقوال آهن ته اهي پنج ڪير آهن؟ هتي صرف ٻه قول بيان ڪجن ٿا "۱" ته اهي ملائڪن

جون صفتون آهن ان قول جي مطابق آيتن جو مفهوم ٿيندو تہ انهن ملائڪن جو قسم آهي جيڪي جسمن ۾ ٿيي هٽي وڏي سختي ۽ شدت سان روحن کي ڇڪي ٻاهر ڪڍن ٿا انهن جي نبض نبض ۾ گهڙي وڃن ٿا ۽ بعض مفسرن فرمايو آهي تہ "غَرْقًا" مان مراد آهي تہ ڪافر ساهہ نڪرڻ جي شدت جي ڪري ٻڏي وڃن ٿا. (١) "وَالنّٰشِطٰتِ نَشْطًا" (۽ ساهہ ڪڍندڙن جو نرمي سان) مطلب تہ انهن رحمت جي ملائڪن جو قسم آهي جيڪي مومنن جا ارواح آساني ۽ سولائيءَ سان ڪڍن ٿا گويا اهي ٻڌل هٿا انهن جون ڳنڍيون کوليون ويون ۽ اهي خوشيءَ سان عالم اعليٰ ڏانهن چڙهن ٿا. "وَّالسّٰبِحٰتِ سَبْحًا" (۽ ترندڙن جو تيزي سان) يعني جيڪي ملائڪ ارواح کي وٺي زمين کان آسمان ڏانهن نهايت تيزيءَ سان چڙهن ٿا چڻ تہ روڪ، ٽوڪ کان سواءِ پاڻيءَ تي تيزيءَ سان تري رهيا آهن. "فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا" (پوءِ ڊوڙي اڳرائي ڪندڙن جو) يعني انهن ملائڪن جو قسم آهي جيڪي خداوندي احڪام کي بجا آڻڻ ۾ ذرا برابر سستي نہ ٿا ڪن هڪ ٻئي کان ڊوڙي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪن ٿا الهي احڪام تي عمل ڪرڻ ۾ وڏي چستيءَ جو مظاهرو ڪن ٿا. "فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا" (پوءِ امر جي تدبير ڪندڙن جو) يعني انهن ملائڪن جو قسم آهي جيڪي انهن ارواحن جي متعلق ثواب جو حڪم هجي يا عذاب جو ٻنهي امرن مان هر امر جي تدبير ۽ انتظام تي مسلط آهن. (٢) هن ڪائنات جي ڪارخاني ۾ موت، حياتي، صحت ۽ بيماري، برسات، طوفان، انڌيرا ۽ ٻيا مختلف تغيرات الله عزوجل مختلف ملائڪن جي حوالي ڪيا آهن علامہ صاوي لکيو آهي تہ اهي جبريل، ميڪائيل، اسرافيل ۽ عزرائيل آهن جبريل هوائن ۽ لشڪرن تي مقرر آهي ميڪائيل مينهن ۽ نباتات تي مقرر آهي عزرائيل ارواح جي قبض ڪرڻ تي مقرر آهي ۽ اسرافيل صور ۾ ڦوڪ ڏيڻ تي مقرر آهي ۽ امرن جي تدبير جي نسبت ملائڪن سڳورن ڏانهن مجازا آهي حقيقي مدبر الله عزوجل آهي. "٢" قول اهو آهي تہ: اهي پنج صفتون ڪامل ارواح جون آهن ۽ انهن جو ئي قسم کنيو ويو آهي "نازعات" مان مراد انهن جو جسمن کان تعلق منقطع ڪرڻ آهي جنهن جسم جي گهوڙي تي سوار ٿي انهن الله عزوجل جي رضا ۽ خداوندي قرب جون منزلون طي ڪيون آهن ان کان جدائي انهن کي ڏکي لڳي ٿي ملڪوت جي جهان ڏانهن رجوع ڪرڻ جو جڏهن انهن کي حڪم ملي ٿو تہ انهن جي خوشيءَ جي ڪا حد نہ ٿي رهي اوڏانهن اهي خوشي ڪندي روان ۽ دوان ٿين ٿا بسط جي فضا ۾ ترندي حظائرالقدس ڏانهن تيزيءَ سان پرواز ڪن ٿا شرف ۽ روحاني قوت جي ڪري

(١) تنوير الايمان ص٩ـ پ ٣٠ (٢) حاشيہ عثمانيہ ص٧٧٥ـ (٣) الصاوي ص٣٧١ـ جزءِ ٤

انهن کي "الْمُدَ بِرَاتِ اَمْرًا" ۾ شامل کيو وڃي ٿو تدبير جي ان مقام تي فائز هجڻ جي ڪري دنيا کان جدا ٿيڻ کان پوءِ بہ انهن کان اهڙا آثار ۽ احوال ظاهر ٿين ٿا جن جو مشاهدو دنيا وارا ڪري رهيا آهن ان بيان ڪرڻ کان پوءِ علامہ آلوسي لکيو آهي تہ "ولاشك في انـــه يحصل لزائرهم مدد روحاني ببركتهم و كثيرا ماتنحل عقدا لامور بانامل التوسل الي الله تعاليٰ بحرمتهم" (١) (۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ انهن جي زيارت ڪندڙ کي انهن جي برڪت سان روحاني مدد حاصل ٿئي ٿي ۽ اڪثر مشڪل امرن جون منجهيل ڳنڍيون الله جل جلالہ جي دربار ۾ انهن جي وسيلي وٺڻ سان حل ٿين ٿيون) انهن قسمن جو جواب مقدر آهي "لتبعثن" يعني اوهان قبرن مان ضرور اٿاريا ويندؤ. (٢) "يَوْمَ تَرْجُفُ الرَّاجِفَةُ تَتْبَعُهَا الرَّادِفَـــةُ" (جنهن ڏينهن ڌڏندي ڌڏندڙ پويان ايندو ان جي پيو پيرو ڏيڻ) علامہ آلوسي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ "الراجفــة" مان مراد زمين ۽ ان تي موجود سڀ شيون آهن جيڪي ان وقت ڌڏنديون جيئن جبل وغيره مطلب تہ جڏهن حضرت اسرافيل عليـــہ السلام پهرين ڦوڪ ڏيندو ۽ ڪائنات جي نظام جي ختم ڪرڻ جو حڪم صادر ٿيندو تہ ائين محسوس ٿيندو تہ زبردست زلزلي جي جهٽڪن جي ڪري هر شيءِ ڌڏي رهي آهي ان کان پوءِ عالم بالا ۾ بہ اها ڪيفيت پيدا ٿيندي آسمان ڦاٽندا تارا هڪ ٻئي سان ٽڪرائبا سج چنڊ بي نور ٿي ڪرندا ۽ بعض علماءَ فرمايو تہ "الرادفـــة" مان مراد ٻي ڦوڪ آهي جنهن سان سڀ مئل ٻيهر زنده ٿيندا. "قُلُوبٌ يَوْمَئِذٍ وَاجِفَـــةٌ اَبْصَارُهَا خَاشِعَـــةٌ" (دليون ان ڏينهن ڌڪندڙ هونديون انهن جون اکيون جهڪندڙ هونديون) مقصد تہ قيامت جي ڏينهن وڏن دليرن جون دليون ڌڙڪنديون ۽ انهن جون اکيون خداوندي خوف کان جهڪيل هونديون انهن کي اکيون مٿي کڻي نهارڻ جي همت نہ هوندي. "يَقُوْلُوْنَ ءَاِنَّا لَمَرْدُوْدُوْنَ فِي الْحَافِرَةِ" (چون ٿا تہ ڇا بلاشڪ اسان پهرين حالت ۾ موٽايل آهيون) يعني قبرن ۾ اچڻ، دفن ٿيڻ کان پوءِ وري اسين پوئين پير موٽندي زندگي حاصل ڪرڻ ڏانهن واپس ڪيا ويندا سون؟" ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا نَّخِرَةً" (ڇا جڏهن اسين سڙي ويل هڏا هونداسون؟) مقصد تہ ڇا اها زندگي ان وقت ملندي جڏهن اسان جي جسمن جي کل، گوشت، رڳون ۽ هر شي بوسيده بنجي چڪي هوندي. "قَالُوْا تِلْكَ اِذًا كَرَّةٌ خَاسِرَةٌ" (چون پيا تہ اهو ان وقت نقصان وارو موٽڻ آهي) يعني جيڪڏهن دوباره زنده ڪيا وياسين تہ اها صورت اسان جي لاءِ نهايت نقصانڪار هوندي ڇو تہ اسان ان جي

(١) روح المعاني ص-٣ـــ جزءِ ٣٠ جلد ١٠، المظهري ص-١٨٧ـــ جلد ١٠، روح البيان ص-٣١٦ـ جلد ١٠ (٢) القرطبي ص-١٩٤ـ جلد ١٩

لاءِ ڪا بہ تياري نہ ڪئي آهي. "فَإِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ فَإِذَا هُمْ بِالسَّاهِرَةِ" (پوءِ اها تہ صرف هڪ جهٽڪ هوندي پوءِ ان وقت اهي سڀ محشر جي ميدان ۾ هوندا) يعني مذڪوره ڳالهين کي ماڻهو ناممڪن سمجهن ٿا پر الله جلت صفاتہ وعز اسمہ جي اڳيان اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي هڪ ئي جهٽڪ سان سڀئي محشر جي ميدان ۾ حاضر ٿي ويندا.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ حاصل ٿين ٿا. ١. "وَالنّٰزِعٰتِ غَرْقًا" کان وٺي "فَالْمُدَبِّرَاتِ اَمْرًا" تائين هڪ قول مطابق ملائڪن جو قسم شايد ان مناسبت سان کنيو ويو آهي جو ملائڪ جيتوڻيڪ هن وقت بہ سڄي جهان جي نظم ۽ نسق ۾ دخل رکن ٿا ۽ خدمتون بجا آڻين ٿا پر قيامت جي ڏينهن مادي اسباب جا سڀ تعلقات ٽٽي ويندا غير معمولي حالات ۽ واقعات پيش ايندا اتي صرف ملائڪ ئي خدمتون سرانجام ڏيندا. ملائڪن جون هتي اهي پنج صفتون بيان ڪيون ويون آهن جن جو تعلق انسان جي روح ڪڍڻ ۽ موت سان آهي مقصد تہ اهو بيان ڪرڻ آهي تہ قيامت جو قائم ٿيڻ حق آهي پر شروعات انسان جي موت واري حالت کي بيان ڪرڻ سان ڪئي وئي آهي جو تہ هر انسان جو موت خود ان جي لاءِ جزوي قيامت آهي ۽ قيامت جي اعتقاد ۾ ان جو وڏو دخل آهي. (١) ٢. موت جي وقت ملائڪ جو اچڻ ۽ انسان جو روح قبض ڪري آسمان ڏانهن وٺي وڃڻ پوءِ ان کي ان جي ڀلي يا بري جاءِ تي پهچائڻ ۽ اتي ثواب يا عذاب، راحت يا تڪليف جو انتظام ڪرڻ مذڪوره آيتن مان ثابت ٿيو پر اهو ثواب يا عذاب قبر يعني برزخ ۾ ٿيندو حشر وارو ثواب يا عذاب ان کان پوءِ ٿيندو. صحيح احاديث ۾ ان جا وڏا تفصيل موجود آهن ۽ حضرت براءَ بن عازب رضي الله عنہ کان هڪ وڏي حديث مشڪواة ۾ مسند امام احمد جي حوالي سان مذڪور آهي.

نفس ۽ روح جي متعلق

هڪ مفيد تحقيق

علامہ ثناءُ الله پاني پتي قدس سره العزيز لکيو آهي تہ حديث پاڪ مان واضح ٿئي ٿو تہ انساني نفس هڪ لطيف جسم آهي جيڪو ان جي ڪثيف جسم ۾ سمايل آهي ۽ اهو انهن ئي چئن مادي عنصرن مان ٺهيو اهي فلاسفہ ۽ اطباءَ ان کي روح چون ٿا پر حقيقت ۾ انساني روح هڪ مجرد جوهر ۽ رباني لطيفہ آهي جيڪو هن طبعي روح

(١) معارف القرآن صـ٦٦٤ـ جلد ٨

يعني نفس سان هڪ خاص تعلق رکي ٿو ۽ طبعي روح يعني نفس جي حياتي خود ان رباني لطيفــه تي موقوف آهي گويا ان کي روح الروح چئي سگهجي ٿو جو جسم جي زندگي نفس سان آهي ۽ نفس جي زندگي ان روح سان آهي ان مجرد روح جو تعلق ان لطيف جسم يعني نفس سان ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح آهي ان جي حقيقت جو علم الله عزوجل هڪ آئيني جي مثال ناهيو اهي جو سج جي سامهون رکيو وڃي ته سج جي روشني ان ۾ اهڙي طرح اچي وڃي ٿي جو اهو خود سج وانگر روشني پکيڙي ٿو انساني نفس جيڪڏهن وحي الهيٰ جي تعليم جي مطابق رياضت ۽ محنت ڪري ٿو ته اهو به روشن ٿئي ٿو نه ته اهو ڪثيف جسم جي خراب اثرن ۾ ملوث رهي ٿو اهو ئي لطيف جسم آهي جنهن کي ملائڪ مٿي کڻي وڃن ٿا ۽ وري هيٺ لاهي آڻين ٿا جيڪڏهن اهو منور ۽ چڪو هوندو جيڪڏهن نه ته ان جي لاءِ آسمان جا دروازا نه کلندا مٿان کان هيٺ اڇلايو وڃي ٿو اهو ئي لطيف جسم آهي جنهن جي لاءِ حديث پاڪ ۾ آهي ته اسان ان کي زمين مان پيدا ڪيو آهي ۽ ان کي وري ان ۾ موٽائي آڻينداسون ۽ وري ان کي ان مان ٻيو ڀيرو ٻاهر ڪڍنداسون اهو ئي لطيف جسم اعمال صالح سان منور ۽ خوشبودار ٿيندو آهي ۽ ڪفر ۽ شرڪ جي ڪري بدبودار بڻجندو آهي باقي روح مجرد جو ڪثيف جسم سان تعلق لطيف جسم يعني نفس جي واسطي سان هوندو آهي ان تي موت طاري نه ٿيندو آهي قبر جو ثواب ۽ عذاب به ان لطيف جسم يعني نفس سان وابسته آهي ۽ ان نفس جو تعلق قبر سان ئي رهندو آهي ۽ روح مجرد عليين ۾ هوندو آهي ۽ روح مجرد ان جي ثواب يا عذاب کان بالواسطــه متاثر ٿيندو آهي اهڙي طرح روح جو قبر ۾ هجڻ نفس جي معنيٰ ۾ صحيح آهي ۽ ان جو عالم ارواح يا عليين ۾ رهڻ روح مجرد جي معنيٰ ۾ صحيح آهي ان سان مختلف روايتن ۾ تطبيق به ٿي وڃي ٿي.

٣. "قُلُوبٌ يَّوۡمَئِذٍ وَّاجِفَـةٌ" (ان ڏينهن دليون ڌڙڪندڙ هونديون) مفسرن سڳورن لکيو آهي ته اهو ڪافرن ۽ منافقن جو حال هوندو پر الله عزوجل جا نيڪ ٻانها ان ڏينهن هر حزن ۽ غم کان محفوظ هوندا انهن جون دليون مطمئن هونديون انهن جي طبيعتن ۾ ڪنهن به قسم جو اضطراب ۽ پريشاني نه هوندي جيئن قرآن ڪريم ۾ ان جي وضاحت آيل آهي "لَا يَحۡزُنُهُمُ الۡفَزَعُ الۡاَکبرو تتلقهم الۡمَلٰٓئِكَـةُ هٰذَا يَوۡمكم الَّذِيۡ كُنۡتُمۡ تُوۡعَدُوۡنَ" (انهن کي وڏي گهٻراهٽ نه ڏکوئيندي ۽ انهن سان ملائڪ ملندا انهن کي ٻڌائيندا ته هي اوهان جو اهو ڏينهن آهي جنهن جو اوهان وعدو ڏنا ويندا هيئو).

هَلْ اَتٰكَ حَدِيْثُ مُوْسٰيۘ (١٥) اِذْنَادٰىهُ رَبُّهٗ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًيۚ (١٦)			
ڇا تو وٽ موسيٰ جي خبر آئي	جڏهن سڏيو ان کي ان جي رب پاڪ وادي طويٰ وٽ		
اِذْهَبْ اِلٰي فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰيۖ (١٧)	فَقُلْ هَلْ لَّكَ	اِلٰٓى اَنْ	
وڃ فرعون ڏانهن بيشڪ اهو سرڪش بڻيو پوءِ فرماءِ تہ ڇا تنهنجي رغبت آهي هن ڏانهن جو			
تَزَكّٰيۙ (١٨) وَاَهْدِيَكَ اِلٰي رَبِّكَ فَتَخْشٰيۚ (١٩) فَاَرٰىهُ الْاٰيَةَ الْكُبْرٰيۖ (٢٠)			
پاڪ صاف ٿين ۽ هدايت ڏيان مان توکي تنهنجي رب ڏانهن پوءِ ڊڄين پوءِ ڏيکاريائين ان کي معجزو وڏو			
فَكَذَّبَ	وَعَصٰيۖ (٢١)	ثُمَّ اَدْبَرَ	يَسْعٰيۖ (٢٢)
پوءِ ڪوڙو ڄاتائين	۽ بي فرمان ٿيو	ان کان پوءِ پٺي ڏنائين	ڪوشش ڪري پيو
فَحَشَرَ	فَنَادٰيۖ (٢٣)	فَقَالَ اَنَا	رَبُّكُمُ الْاَعْلٰيۖ (٢٤)
پوءِ ماڻهو گڏ ڪيائين پوءِ اعلان ڪيائين	پوءِ چيائين تہ مان اوهان جو مٿاهون رب آهيان		
فَاَخَذَهُ اللّٰهُ نَكَالَ	الْاٰخِرَةِ وَالْاُوْلٰيؕ (٢٥)	اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ	لَعِبْرَةً لِّمَنْ
پوءِ پڪڙيو ان کي الله آخرت ۽ دنيا جي عذاب سان	بيشڪ ان ۾ البت عبرت آهي ان جي لاءِ		
يَّخْشٰيؕ (٢٦)			
جيڪو ڊڄي ٿو			

ع-١

تفسير

اڳين آيتن ۾ مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو ڪافرن جو ڪفر تي اصرار، قيامت جو انڪار، انهن جي سرڪشي ۽ بي فرمانيءَ ۾ ضد تي رهڻ الله جل شانه جي حبيب پاڪ عليہ الصلواة والسلام سان ڇڙرون ڪرڻ جو ذڪر هو جنهن جي ڪري نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي دل مبارڪ غمگين رهندي هئي هتي گين تسلي ڏيڻ جي لاءِ اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي حالات ۽ انهن کي ملندڙ تڪليفن جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "هَلْ اَتٰكَ حَدِيْثُ مُوْسٰيۘ اِذْنَادٰىهُ رَبُّهٗ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًيۚ" (ڇا تو وٽ موسيٰ جي خبر آئي؟ جڏهن ان کي ان جي رب پاڪ طوي وادي ۾ سڏيو) هتي هڪ اهڙي شخص جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو جيڪو قيامت جو منڪر هو ۽ ان جي ڪري اهو ايترو سرڪش بڻجي ويو هو جو پاڻ معبود سڏرائيندو هو ڪافرن کي ان واقعي بيان ڪرڻ سان خبردار ڪيو ويو آهي تہ اي ڪافرو! اي منهنجي رسول

عليـه الصلواة والسلام جا منكروؤ! اوهان كان پهريان فرعون جهڙي ڄڙواڳ حاكم بہ منهنجي رسول حضرت موسيٰ عليـه الصلواة والسلام سان ٽڪر ڪاڏو هو. حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي الله عزوجل طوي (طور جبل) نالي مقدس وادي ۾ سڏي حڪم ڏنو هو. "اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى" (فرعون ڏانهن وڃ بلاشڪ اهو سرڪش بڻيو آهي) مطلب تہ اهو حد ڪان لنگهي ويو آهي ماڻهن کي مختلف طبقن ۾ رکي انهن کي پاڻ ۾ ويڙهايو وينو آهي. "فَقُلْ هَلْ لَّكَ اِلٰۤى اَنْ تَزَكّٰى" (پوءِ فرمائينس تہ ڇا تنهنجي رغبت آهي تہ پاڪ صاف ٿين) يعني ان کي پنهنجي دين جي دعوت ڏي ۽ چوءُ تہ ڇا تون ڪفر ۽ طغيان جي ميرنهہ، بشري ڪدورتن ۽ طبعي گندگين ڪان پاڪ صاف رهڻ گهرين ٿو؟ "وَاَهْدِيَكَ اِلٰى رَبِّكَ فَتَخْشٰى" (۽ مان توکي تنهنجي رب ڏانهن هدايت ڏيان پوءِ تون ان ڪان ڊڄين) يعني مان توکي ان جي معرفت ڏانهن رهنمائي ڪيان ۽ ان معرفت حاصل ڪرڻ جي ڪري تو ۾ ان جو خوف پيدا ٿئي ڇو تہ خوف معرفت ڪان پوءِ پيدا ٿيندو آهي جيئن الهي ارشاد آهي "اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا" (الله ڪان انهن جي ٻانهن مان علماءَ ڊڄن ٿا) يعني علماءَ بالله. هڪ قول آهي تہ الله عزوجل حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام کي اهو بہ فرمايو هو تہ فرعون نہ مڃيندو حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام عرض ڪيو تہ "جيڪڏهن نہ مڃيندو تہ پوءِ ان ڏانهن وڃان ڇا جي لاءِ" الله عزوجل فرمايو تہ "تون منهنجو امر ادا ڪر" آسمان ۾ ١٢ هزار ملائڪ آهن جيڪي تقدير جو علم طلب ڪن پيا پر اڃان حاصل ڪري نہ سگهيا آهن (١) هي بہ اهڙو ئي راز آهي. "فَاَرٰىهُ الْاٰيَةَ الْكُبْرٰى" (پوءِ ان کي وڏو معجزو ڏيکاريائين) يعني جڏهن ان کي قولي دليل فائدو نہ ڏنو تہ ان جي اڳيان ڪليل ۽ واضح نهايت وڏي شان وارو معجزو پيش ڪيائين ۽ اهو لٺ جو نانگ بنجڻ هو پر ان نياڳي ان کي بہ نہ مڃيو. (٢) "فَكَذَّبَ وَعَصٰى ثُمَّ اَدْبَرَ يَسْعٰى" (پوءِ ڪوڙو ڄيائين ۽ بي فرمان ٿيو ان ڪان بعد پٺي ڦيرائي ڪوشش ڪرڻ لڳو) يعني حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام کي نہ مڃيائين پر فرمان ٻڌي ان جي دعوت ڪان منهن موڙي ان جي خلاف ڪوشش ڪرڻ لڳو. "فَحَشَرَ فَنَادٰى فَقَالَ اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰى" (پوءِ ماڻهو گڏ ڪيائين پوءِ اعلان ڪيائين پوءِ چيائين تہ مان اوهان جو مٿاهون رب آهيان) مقصد تہ پوءِ جادوگر ۽ ٻيا ماڻهو جيڪي سندس حڪم ۽ حڪومت جي ماتحت هئا گڏ ڪرائي اعلان ڪيائين تہ اوهان جو اعليٰ رب تہ مان آهيان مون ڪان مٿي ڪو بہ رب ناهي منهنجي نموني تي ٿهيل بت

(١) روح البيان صـ٣٢ـ جلد ١٠ (٢) المراغي صـ٢٨ـ جزءُ ٣٠ جلد ١٠

نندا رب آهن مان انهن سيني کان وڏو ۽ بلند آهيان. "فَاَخَذَهُ اللهُ نَكَالَ الْاٰخِرَةِ وَالْاُوْلٰى"
(پوءِ الله ان کي آخرت ۽ دنيا جي عذاب سان پڪڙيو) يعني ان جي احمقانه ڳالهه جي
ڪري الله جل جلاله ان کي آخرت ۽ دنياوي عذاب سان پڪڙيو دنيا جي عذاب مان
مراد اها ذلت ۽ خواري آهي جيڪا ان کي ان وقت پيش آئي جڏهن عام مجمع ۾ ان
جي گڏ ڪيلن جادوگرن حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي مقابلي
۾ شڪست کائي ايمان آڻڻ جو اعلان ڪيو ۽ قيامت جي ڏينهن ان جي جيڪا حالت
ٿيندي هتي ان جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي. "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى"
(بلاشڪ ان ۾ ان جي لاءِ عبرت آهي جيڪو ڊڄي ٿو) مقصد ته فرعون جي حالت
پڙهي ۽ ٻڌي اهو ماڻهو عبرت پرائيندو جيڪو الله عزوجل کان ڊڄي ٿو پر جيڪو
خوفِ خدا واري نعمت کان خالي آهي اهو ڪنهن به قيمت تي هدايت قبول نه ڪندو.
فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "هَلْ اَتٰكَ حَدِيْثُ مُوْسٰى"
(ڇا تو وٽ موسىٰ جي خبر آئي آهي؟) هن قصي بيان ڪرڻ مان هيءَ چار ڳالهيون
معلوم ٿين ٿيون. "١" ته حضور عليه الصلواة والسلام جن الله عزوجل جا اهڙا محبوب
آهن جو الله عزوجل سندن ڏک، رنج ۽ غم دور ڪرڻ جي لاءِ اڳين نبين عليهم
الصلواة والسلام جا واقعا بيان ڪيا آهن. "٢" ته الله جل جلاله جي پيارن جي واقعات
کي بيان ڪرڻ سان خوشي ۽ راحت حاصل ٿيندي آهي. "٣" ته تاريخ جو علم سٺو
علم آهي ان شرط سان جو صحيح واقعا بيان ڪيا وڃن. "٤" ته مالڪ مٺي جي نبين
عليهم الصلواة والسلام جي مخالفت هلاڪت جو سبب آهي فرعون جهڙو جابر
بادشاهه سيدنا موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي مخالفت ڪرڻ جي ڪري
تباهه ٿي ويو. بجلي جي ڪرنٽ لڳڻ کان هر ننڍو وڏو ڊڄي ٿو ڇو جو انهن جو تعلق
پاور هائوس سان آهي اهڙي طرح نبين عليهم الصلواة والسلام جي بي ادبي کان به
ڊڄجي ڇو ته انهن جو تعلق الله عزوجل سان آهي. ٢. "وَاَهْدِيَكَ اِلٰى رَبِّكَ فَتَخْشٰى" (۽
مان توکي تنهنجي رب ڏانهن هدايت ڪيان پوءِ تون ڊڄين) هن مان چار ڳالهيون
معلوم ٿيون "١" ته ماڻهن کي الله عزوجل جي دين جو پيغام پهچائڻ ۾ بشارتون ۽
خوشخبريون گهٽيون هجڻ گهرجن تانت ماڻهو اطاعت کان مايوس نه رهن. "٢" وڏي
کان وڏو مجرم به الله عزوجل جي رحمت ۽ ڪرم کان مايوس نه رهي فرعون جهڙي
مجرم کي به توبه ۽ الله عزوجل ڏانهن رجوع ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي. "٣" ته الله
عزوجل ڏانهن هدايت ڪرڻ ۽ پهچائڻ رب العزة جل وعلا جي نبين عليهم الصلواة
والسلام جو ڪم آهي جيئن "اهديك" (مان توکي هدايت ڪيان) مان واضح آهي.

"۴" تہ خداوند تعاليٰ جو خوف وڏي نعمت آهي جيڪو ڪنهن ڪنهن ٻانهي کي نصيب ٿيندو آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ اهي مهربانيون نبين عليهم الصلواة والسلام جي ذريعي نصيب ٿينديون آهن. ٣. "فَاَرٰىهُ الْاٰيَةَ الْكُبْرٰى" (پوءِ ان کي وڏو معجزو ڏيکاريائين) حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليه الصلواة واسلام جي ان وڏي معجزي مان مراد سندس لٺ مبارڪ آهي پر ان کي وڏو معجزو ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ان ۾ ٻيا معجزا بہ هئا "١" کوهہ مان پاڻي ڪڍڻ جي لاءِ رسي بنجي ويندي هئي، "٢" اونداهيءَ رات ۾ بتي وانگر ٻرندي هئي، "٣" حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ننڊ ڪندو هو تہ اها چوڪيداري ڪندي هئي، "۴" ٻڪرين کان بگهڙن ۽ چورن کي دفع ڪندي هئي مفسرن ايتري قدر لکيو آهي تہ ان هڪ لٺ مبارڪ ۾ هزار معجزا هئا. (١)

ءَ اَنْتُمْ اَشَدُّ خَلْقًا اَمِ السَّمَآءُ ۭ بَنٰهَا (٢٧) رَفَعَ سَمْكَهَا

ڇا اوهان ڏکيا آهيو پيدا ڪرڻ ۾ يا آسمان؟ ٺاهيائين ان کي بلند ڪيائين ان جي ڇت

فَسَوّٰىهَا (٢٧) وَاَغْطَشَ لَيْلَهَا وَاَخْرَجَ ضُحٰىهَا (٢٩) وَالْاَرْضَ

پوءِ ٺيڪ ڪيائين ان کي ۽ اونده واري بنايائين ان جي رات ۽ ڪڍيائين ان جي روشني ۽ زمين کي

بَعْدَ ذٰلِكَ دَحٰىهَا (٣٠) اَخْرَجَ مِنْهَا مَآءَهَا وَمَرْعٰىهَا (٣١) وَالْجِبَالَ

ان کان پوءِ پکيڙيائين ان کي ڪڍيائين ان مان ان جو پاڻي ۽ ان جو گاهہ ۽ جبل

اَرْسٰىهَا (٣٢) مَتَاعًا لَّكُمْ وَلِاَنْعَامِكُمْ (٣٣)

مضبوط ٻيهاريائين انهن کي اوهان ۽ اوهان جي چوپاين جي (نفعي) لاءِ

تفسير

اڳين آيتن ۾ فرعون کي دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ عذاب ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هتي آخرت جي لاءِ قبرن مان جيئرو ٿي اٿڻ جي منڪرن کي دليل ڏئي سمجهايو ويو آهي فرمان ايزدي آهي "ءَاَنْتُمْ اَشَدُّ خَلْقًا اَمِ السَّمَآءُ" (ڇا اوهان پيدا ڪرڻ ۾ ڏکيا آهيو يا آسمان؟) جيڪو الله عزوجل آسمان پيدا ڪري سگهي ٿو اهو اوهان کي بہ وري پيدا ڪري سگهي ٿو. "بَنٰهَا رَفَعَ سَمْكَهَا فَسَوّٰىهَا" (انهن کي ٺاهيائين انهن جي ڇت بلند ڪيائين پوءِ انهن کي ٺيڪ رکيائين) مقصد تہ متفرق ۽ مختلف جزءُ ملائي انهن ۾ اهڙو ربط

(١) تفسير عزيزي فارسي ص۔٣٠۔

رکيائين جو هڪ شي بنجي ويا ان ۾ مختلف سيارا قائم ڪيائين جيڪي پنهنجي مدار ۾ هلن ٿا ۽ اهي سڀ هڪ بناءَ جي شڪل ۾ آندائين جنهن کي آسمان سڏيون ٿا.(١) الله عزوجل ان جي ڇت نهايت بلند رکي آهي زمين کان آسمان پنج سؤ سالن جي پنڌ جيترو مٿي آهي ۽ ان جي ٿولهه به ايتري پنڌ جيتري آهي. (٢) الله جل جلالــه ان کي اهڙو ٺيڪ رکيو آهي جو نه ان ۾ ڪٿي ڪو جهول يا جهڪاءُ آهي نه ڦاٽ يا چير نظر اچي ٿو "وَاَغْطَشَ لَيْلَهَا وَاَخْرَجَ ضُحٰهَا"(۽ ان جي رات کي اونداهي بنايائين ۽ ڏينهن جو ان جي روشني ظاهر ڪيائين) يعني الله جل شانـه جي قدرت جو هي به ڪمال آهي جو ان رات کي اونداهي بنايو ۽ ڏينهن کي روشن رکيو آهي هتي رات ۽ ڏينهن جي نسبت آسمان ڏانهن ان جي ڪري ڪيل آهي جو سج ۽ چنڊ جي لهڻ جو سمورو تعلق آسمان سان آهي. "وَالْاَرْضَ بَعْدَ ذٰلِكَ دَحٰهَا" (۽ زمين کي ان کان بعد پکيڙيائين) علامـه مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليــه الرحمــة لکيو آهي ته هتي بيان ٿيو ته زمين آسمان کان پوءِ پکيڙي وئي پر تحقيق هي آهي ته اول زمين پيدا ٿي بعد ۾ آسمان پيدا ٿيا جيئن فرمان مبارڪ آهي "خَلَقَ لَكُمْ مَافِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ثُمَّ اسْتَوٰى اِلَى السَّمَآءِ" (٣) (جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي اوهان جي لاءِ پيدا ڪيائين ان کان پوءِ آسمـان ڏانهن استواءَ فرمايائين ۽ اهي ٻن ڏينهن جي مدت ۾ پيدا ڪرڻ فرمايائين) يعني آچر ۽ سومر جي ڏينهن. "خَلَقَ الْاَرْضَ فِيْ يَوْمَيْنِ" (۴) (زمين کي ٻن ڏينهن ۾ پيدا ڪيائين) الله عزوجل هڪ ماده مان ست زمينون ڪيون ۽ ٻن ڏينهن ۾ وري زمين تي موجود شين کي وجود ڏنائين جن ۾ جبل، درياءُ، اناج، وڻ ٽڻ وغيره سڀ شامل آهن زمين هڪ دڙي جي صورت ۾ مڪه مڪرمـه واري جاءِ تي هئي اتاهين کان پکيڙي وئي. (۵)

سوال: پوءِ مذڪوره آيت جو مطلب ڇا آهي؟

جواب: ان جي جواب ۾ مفسرن جا متعدد قول آهن "١" ته اول زمين جو ڪره پيدا ڪيو ويو آسمان پيدا ڪرڻ کان پوءِ ان کي پکيڙيو ويو ۽ ان ۾ انساني زندگي جي ضرورتن جو انتظام ڪيو ويو. "٢" ته زمين ۾ انساني زندگيءَ جي ضرورتن جو انتظام به پهريان ڪيل هو پر ان جو ظهور بعد ۾ ٿيو جڏهن آسمان ٺهيو ۽ ان ۾ سج روشني ڪئي ته ان جي نور جي ڪرڻن ۽ حرارت جي تاثير سان مختلف شيون پيدا ٿيون پر حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جيڪو تفسير ڪيو آهي اهو سڀ کان وڌيڪ سولو ۽ آسان آهي پاڻ فرمايو اٿن ته "بعد ذالك" جي هتي معنىٰ آهي "مع ذالك"

(١) المراغي ص ـ ٣١ ـ جزءُ ٣ جلد ١٠ (٢) تفسير هاشمي ص ـ ٣٧ ـ (٣) سورة البقرة آيت ع ـ ٢٩ ـ (۴) سورة حٰمٓ السجدة آيت ع ـ ٩ ـ (۵) تفسير هاشمي ص ـ ٣٨ ـ

(ان سان گڏ) جيئن فرمان خداوندي آهي "عتل بعد ذالك زنيم" (١) (ظالم ان سان گڏ بد بنياد) تہ هتي بہ بعد جي معنيٰ گڏ آهي (٢) مطلب تہ الله جل جلالـــہ زمين ۽ آسمان سڀ پيدا فرمايا ۽ اهي سڀ ان جي ڪامل قدرت جو دليل آهن.

"اَخْرَجَ مِنْهَا مَآءَ هَا وَمَرْ عٰهَا"(ان مان ان جو پاڻي ڪڍيائين ۽ ان جو گاهہ ڪڍيائين) يعني الله عزوجل جي قدرت جو اهو بہ ڪمال آهي جو زمين مان پاڻي ۽ ساوڪ واريون شيون گاهہ وغيره ڪڍي ٿو "وَالْجِبَالَ اَرْسٰهَا" (۽ جبلن کي مضبوط رکيائين) جيڪي زمين جي لاءِ ميخون آهن ان کي هيڏي هوڏي ٿيڻ کان روڪيو. "مَتَاعًا لَّكُمْ وَلِاَنْعَامِكُمْ" (اوهان ۽ اوهان جي چوپاين جي نفعي لاءِ) مطلب تہ زمين پيدا ڪرڻ، ان مان پاڻي ڪڍڻ، گل ڦل، گاهہ، سبزيون ٻاهر آڻڻ اهي بندوبست اوهان ۽ اوهان جي چوپائي مال جي غذا ۽ سهوليت لاءِ ڪيا ويا آهن جيڪڏهن غور ڪيو وڃي تہ انسان زمين تي رهي بہ جن شين مان فائدو وٺن ٿا، قوت حاصل ڪن ٿا، آرام ۽ لذت پرائن ٿا اهي سڀ پاڻيءَ جي پيدائش آهن تانجو لوڻ بہ سمنڊ جي کاري پاڻيءَ مان ٺهي ٿو.

فائدو: "بَنٰهَا" کان "اَخْرَجَ ضُحٰهَا" (تائين آيتن ۾ غور ڪرڻ سان هي ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون. "١" رات جيتوڻيڪ زمين جي پاڇي جو نالو آهي پر اهو سج جي ذريعي حاصل ٿئي ٿو ۽ سج آسمان تي آهي ان جي ڪري رات بہ آسمان کان ئي آهي. "٢" تہ آسمان، سج ۽ چنڊ نهايت پري رهندي فائدو ڏين ٿا ۽ زندگيءَ جو مدار انهن سان وابستـــہ آهي تہ انبياءَ عليهم الصلواة والسلام ۽ الله جا اولياءَ پلارا بہ پري رهڻ جي باوجود فيض ڏين ٿا مهرباني ڪن ٿا. "٣" تہ سج روشني ڏئي بہ فائدو ڏي ٿو ۽ لهي بہ فائدو ڏي ٿو جو رات اچي ٿي تہ انبياءَ عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءَ ظاهري زندگيءَ ۾ بہ نوازين ٿا تہ دنيا مان رحلت ڪرڻ کان پوءِ بہ احسان ڪن ٿا ۽ ڪري سگهن ٿا حضرت نبي پاڪ عليـــہ الصلواة والسلام جن بہ نبوت جي آسمان جا سج آهن.

فَاِذَا جَآءَتِ الطَّآمَـةُ الْكُبْرٰى (٣٤) يَوْمَ يَتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ مَا سَعٰى (٣٥)

پوءِ جڏهن ايندي آفت وڏي ان ڏينهن ياد ڪندو انسان اهو جيڪو ڪمايائين

وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِمَنْ يَّرٰى (٣٦) فَاَمَّا مَنْ طَغٰى (٣٧) وَاٰثَرَ

۽ ظاهر ڪيووينداو دوزخ ان جي لاءِ جيڪو ڏسندو پوءِ پر جنهن سرڪشي ڪئي ۽ اختيار ڪيائين

(١) سورة القلم آيت ع١٣۔ (٢) عزيزي فارسي ص٣٥۔

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا (۳۸) فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِيَ الْمَاْوٰى (۳۹) وَاَمَّا مَنْ خَافَ

حياتي دنيا واري پوءِ بيشڪ دوزخ ئي جاءِ آهي ۽ پر جنهن ڊپ ڪيو

مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى (۴۰) فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى (۴۱)

پنهنجي رب جي سامهون بيهڻ کان ۽ روڪيائين نفس کي خواهش کان پوءِ بيشڪ جنت ئي جاءِ آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو ته الله عزوجل جيئن ڪائنات جي پيدا ڪرڻ تي قادر آهي تيئن ماڻهن کي قبرن مان جيئرو ڪري اٿارڻ تي به قادر آهي ۽ هتي ان ڏينهن جي حالات بيان ڪئي تي وڃي جنهن ۾ اهي سڀ اٿاريا ويندا. فرمان مبارڪ آهي "فَاِذَا جَآءَتِ الطَّآمَّةُ الْكُبْرٰى" (پوءِ جڏهن وڏي آفت ايندي) "اَلطَّآمَّةُ الْكُبْرٰى" مان مراد قيامت جو ڏينهن آهي ان ڏينهن کي ان نالي سان ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو اهو ڊپ واري امر تي مشتمل هوندو. (۱) "يَوْمَ يَتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ مَاسَعٰى" (ان ڏينهن انسان اهو ياد ڪندو جيڪو ڪمايو هوندائين) مقصد ته اتي انسان جي اڪين جي اڳيان سندس زندگيءَ جا ڪيل اعمال اڳيان پيا ڦرندا ۽ جيڪي اعمال ان کان وسري ويا هوندا ان وقت هر هڪ کيس ياد ايندو. "وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِمَنْ يَّرٰى" (۽ ان جي لاءِ جهنم ظاهر ڪيو ويندو جيڪو ڏسي تو) مقصد ته جهنم کي ميدان ۾ اهڙو ظاهر ڪري آندو ويندو جو هر اکين وارو ان کي ڏسندو پوءِ اهو مومن هجي يا ڪافر. "فَاَمَّا مَنْ طَغٰى وَاٰثَرَالْحَيٰوةَ الدُّنْيَا فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِيَ الْمَاْوٰى" (پوءِ پر جنهن سرڪشي ڪئي ۽ دنيوي زندگي اختيار ڪئي پوءِ بلاشڪ جهنم ئي جاءِ آهي) مقصد ته جيڪو وڏائي ڪري حد کان لنگهيو، ۽ دنيوي حياتيءَ جون لذتون ۽ شهوتون ماڻيندي انهن ۾ محو رهيو ته جهنم ان جي جاءِ هوندو. "وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى" (۽ پر جنهن پنهنجي رب جي سامهون بيهڻ جو خوف رکيو ۽ نفس کي خواهش کان روڪيو پوءِ جنت ان جي ئي جاءِ آهي) مطلب ته جيڪو پانهو سڄي عمر الله عزوجل جي دربار ۾ حاضر تي جواب ڏيڻ جو خوف رکندي نفس کي خواهش کان روڪيندو رهيو جنت ان جي جاءِ اهي عارف رباني حضرت يعقوب ڪرخي عليه الرحمة "اَلْهَوٰى" جي معنيٰ ڪئي آهي دل جو ڪنهن ناجائز شيءِ ڏانهن لاڙو ڪرڻ. علامه ثناءُ الله مظهري عليه الرحمة "اَلْهَوٰى" جي تحقيق ڪندي لکيو

(۱) تفسير ابن ڪثير ص-۴۶۹ـ جلد ۴

آهي مٿان ڪان هيٺ ڪرڻ "اَلْهَوٰي" ڪي اهو نالو ان جي ڪري ڏنو ويو آهي جو اها دنيا ۾ انسان کي هر مصيبت ۾ ڦاسائي ٿي ۽ آخرت ۾ جهنم ۾ اڇلائي ٿي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن جي وضاحت ۾ مفسرن ڀلارن هي فائدا بہ لکيا آهن.

١. "وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِمَنْ يَّرٰى" (۽ جهنم ان جي لاءِ ظاهر ڪيو ويندو جيڪو ڏسي ٿو) بعض مفسرن تہ ان مان مراد صرف ڪافر ورتا آهن جيئن هڪ آيت ۾ آهي "وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمَ لِلْغَاوِيْنَ" (۽ گمراهن جي لاءِ جهنم ظاهر ڪيو ويندو) ۽ مومن پلصراط تان لنگهڻ ڪان پوءِ پڇندو تہ: اها ٻاهہ ڪٿي آهي جنهن جو ذڪر ڪيو ويندو هو؟ ان کي جواب ڏنو ويندو تہ ان تان لنگهي آيا آهيو. ٢. "وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ" (۽ پر جنهن پنهنجي رب جي اڳيان بيهڻ جو خوف رکيو) هتي خوف جو ذڪر ان جي ڪري آندو ويو آهي جو اهو اطاعت جو سبب آهي اطاعت ڪان پوءِ اميد آهي اميد ڪان پوءِ محبت آهي پهريون عوام جي لاءِ ٻيو خواص جي لاءِ ٽيون اخص الخواص جي لاءِ آهي. ٣. "وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى" (۽ نفس کي خواهش ڪان روڪيائين) ۾ خوف خدا ڪان پوءِ نفس کي خواهشات ڪان روڪڻ جو ذڪر ڪيو ويو ڇو تہ حقيقت هيءَ آهي تہ الله عزوجل جو خوف ئي آهي جنهن سان انسان خواهشات نفسانيءَ تي ڪنٽرول ڪري سگهي ٿو نفس کي خواهشات ڪان روڪڻ جا ٣ درجا آهن "١" پهريون درجو هي آهي تہ انسان انهن باطل عقيدن ڪان بچي جيڪي ظاهري نصوص ۽ سلف جي اجماع جي خلاف آهن ۽ ان درجي ۾ پهچي اهو سني مسلمان سڏائڻ جو مستحق بنجي ٿو "٢" ٻيو درجو هي آهي تہ اهو ڪنهن بي فرماني ۽ گناهہ جو ارادو ڪري تہ ان کي اها ڳالهہ ياد اچي تہ مون کي الله جل وعلا جي اڳيان حساب ڏيڻو آهي ان خيال جي بناءَ تي اهو گناهہ نہ ڪري. "٣" ٽيون درجو هي آهي تہ انسان شبهات ڪان بہ پرهيز ڪري ۽ جنهن مباح ۽ جائز ڪم ۾ مشغول ٿيڻ جي ڪري ڪنهن ناجائز ڪم ۾ مبتلا ٿيڻ جو خطرو هجي تہ ان جائز ڪم کي بہ ڇڏي ڏي جيئن حضرت نعمان بن بشير رضي الله عنه جي روايت ڪيل حديث ۾ آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن شبهي وارين شين ڪان پاسو ڪيو ان پنهنجي عزت ۽ دين کي بچائي ڇڏيو" مشتبهات مان مراد اهي ڪم آهن جن ۾ جائز ۽ ناجائز هجڻ ٻنهي جا احتمال هجن يعني عمل ڪندڙ کي هي شبهو هجي تہ مون لاءِ هي ڪم جائز آهي يا ناجائز. مثلاً ڪو ماڻهو بيهي نماز پڙهي تہ سگهي ٿو پر ڪيس ان ۾ تڪليف گهڻي ٿئي ٿي ان جي ڪري ان کي اهو شبهو ٿيو تہ ان لاءِ ويهي نماز پڙهڻ جائز آهي يا نہ.

(١) ضياءُ القرآن ص٤٨٦ ج جلد ٥

اهڙي صورت ۾ شڪ ۽ شبهي واري صورت ڇڏي يقيني صورت اختيار ڪرڻ تقوىٰ جو ٽيون ۽ اعليٰ درجو آهي ۽ ان جي مخالفت ڪرڻ متوسط درجو آهي.

ڪامل مرشد جي ضرورت ۽ اهميت

مفسرن سڳورن لکيو آهي ته اهڙين نفساني خواهشات کان بچڻ جي لاءِ صحيح علاج ۽ مجرب نسخو ان کان سوا ناهي ته انسان کو اهڙو ڪامل مرشد تلاش ڪري جو پاڻ به ڪنهن ماهر مرشد جي خدمت ۾ رهي مجاهدا ڪري نفس جي عيبن ۽ ان جي علامتن کان واقف هجي پاڻ کي ان جي حوالي ڪري ۽ ان جي مشوري تي عمل ڪري. عارف بالله، حضرت شيخ يعقوب ڪرخي عليه الرحمة فرمايو آهي ته: مان عمر جي ابتداء ۾ واڌڪو ڪم ڪندو هوس مون پنهنجي نفس ۾ سستي ۽ باطن ۾ هڪ انڌيرو محسوس ڪندي ارادو ڪيو ته ٻه ٽي ڏينهن روزا رکان تانت هي انڌيرو ۽ سستي دور ٿي وڃي اتفاقا ان روزي جي حالت ۾ هڪ ڏينهن مان ولي ڪامل، حضرت خواجه بهاءُ الدين نقشبند بخاري عليه الرحمة جي خدمت ۾ حاضر ٿيس حضرت صاحب مهانن جي لاءِ ڪاڌو گهرايو ۽ مون کي به کائڻ جو حڪم ڪيو ۽ فرمايائون ته اهو شخص نهايت برو آهي جيڪو پنهنجي نفس جو غلام آهي جيڪو ان کي گمراهه ڪري ٿو ۽ فرمايائون ته: ڪاڌو کائڻ ان روزي کان ڀلو آهي جيڪو نفساني خواهش سان هجي ان وقت مون کي محسوس ٿيو ته منهنجو نفس عجب ۽ خودپسنديءَ جو شڪار ٿي رهيو هو جنهن کي حضرت خواجه بهاءُ الدين عليه الرحمة محسوس فرمايو ۽ مون کي پڪ ٿي ته ذڪر، شغل ۽ نفلي عبادات ۾ ڪنهن ڪامل مرشد جي اجازت ۽ هدايت جي درڪار آهي ڇو ته اهو نفس جي مڪرن کان واقف هوندو آهي جنهن نفلي عمل ۾ نفس جو مڪر هوندو آهي ته ڪامل مرشد ان کان روڪيندو آهي ۽ مون ان وقت حضرت خواجه عليه الرحمة کي عرض ڪيو ته: حضرت جيڪڏهن اهڙو شخص جنهن کي اصطلاح ۾ فاني في الله ۽ باقي بالله چوندا آهن ڪنهن کي نه ملي ته اهو ڇا ڪري؟ پاڻ فرمايائون ته اهو استغفار ڪثرت سان پڙهي ۽ هر نماز کان پوءِ ويهه ڀيرا استغفار پڙهڻ جي پائبندي ڪري تانت پنجن وقتن ۾ سوءُ ڀيرا ٿي وڃي. حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو آهي ته مان هر روز سوءُ ڀيرا استغفار پڙهان ٿو "٣" ٽيون نفس جي مخالفت جو اعليٰ درجو هي آهي ته ذڪر جي ڪثرت، مجاهدات ۽ رياضتن جي ذريعي انسان پنهنجي نفس کي اهڙو پاڪ، صاف بنائي جو ان ۾ اها نفساني خواهش باقي نه رهي جيڪا ان کي برائيءَ جي طرف

ڇڪي اهو ولايت خاص جو مقام آهي ۽ ان شخص کي حاصل ٿيندو آهي جنهن کي صوفيه جي اصطلاح ۾ فاني في الله ۽ باقي بالله سڏيو ويندو آهي اهي ئي ماڻهو قرآن ڪريم جي هن آيت جا مصداق آهن جيڪا شيطان کي مخاطب ڪندي نازل ڪئي وئي. "اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنٌ" (بلاشڪ منهنجن ٻانهن تي تنهنجو غلبو ناهي) ۽ اهي ئي ان حديث جا مصداق آهن جنهن ۾ اشارو آهي "لَايُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يَكُونَ هَوَاهُ تَبَعًا لِمَا جِئْتُ بِهٖ" اوهان مان ڪير به تيستائين مومن نه ٿو ٿئي تانجو ان جي خواهش ان حڪم جي تابع بنجي جنهن کي مون آندو آهي (١) مطلب ته مومن اهو آهي جيڪو منهنجو فرمانبردار آهي. علامه ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمة اجان وڌيڪ لکيو آهي جيڪو ان جي تفسير ۾ ڏسڻ گهرجي. (٢)

شان نزول: مذڪوره آيتن جي شان نزول متعلق مختلف اقوال آهن. انهن مان هڪ هي آهي ته "وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ" "الآية" حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي باري ۾ نازل ٿي هئي ان جو وجه هي هيو ته: حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو هڪ غلام سندس خدمت ۾ کاڌو آڻيندو هو پاڻ ان کان پڇندو هو ته ڪٿان آندو اٿئي؟ هڪ ڀيري ان کاڌو آندو پاڻ پڇڻ کان سواءِ کاڌائون. غلام عرض ڪيو ته: سائين اڄ اوهان پڇا ڪو نه ڪئي؟ فرمايائون ته "وسري ويو" ڪٿان آندو اٿئي؟ ان عرض ڪيو ته مون جاهليت جي دور ۾ هڪڙي قوم کي پوپن وارو ٽپڙو هٽي ٻڌايو هو ۽ جو ڪجهه اتاهين مليو هو ان مان هي کاڌو ناهي ڪٿي آيو آهيان اهو ٻڌڻ شرط پاٽي قي ڪري اهو کاڌو ڪڍيائون ۽ دعا گهريائون ته ياالله! جيڪڏهن اجان به ڪو ذرو رڳن ۾ رهيل آهي ته تو روڪيو آهي (منهنجي وس کان ٻاهر آهي) ان جي متعلق هي آيت نازل ٿي هئي. (٣)

يَسْئَلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰهَا (٤٢) فِيْمَ اَنْتَ مِنْ ذِكْرٰىهَا (٤٣)

پڇن ٿا توکان قيامت جي باري ۾ ته ڪڏهن آهي ان جو واقع؟ تيڻ ڇا ۾ آهين تون ان جي خبر بابت

اِلٰى رَبِّكَ مُنْتَهٰهَا (٤٤) اِنَّمَآ اَنْتَ مُنْذِرُ مَنْ يَّخْشٰهَا (٤٥)

تنهنجي رب وٽ ان جي انتها آهي تون ته صرف ان کي ڊيڄاريندڙ آهين جيڪو ان کان ڊڄي ٿو

(١) معارف القرآن صـ٦٦٨ـ جلد ٨ (٢) المظهري صـ١٩٤/١٩٥ـ جلد ١٠
(٣) القرطبي صـ٢٠٨ـ جلد ١٩

۴ع ۲

كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَهَا لَمْ يَلْبَثُوْا اِلَّا عَشِيَّةً اَوْضُحٰهَا (۴۶)

ڄڻ تہ اهي جنهن ڏينهن ان کي ڏسندا تہ نہ رهيا مگر شام يا ان جي صبح

تفسير

اڳين آيتن ۾ قيامت جو ذڪر ٿيو ۽ هتي ڪافرن جي طرفان ان جي اچڻ جي متعلق سوال جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يَسْاَلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰهَا" (اوهان کان قيامت جي متعلق پڇن ٿا تہ ان جو واقع ٿيڻ ڪڏهن آهي) سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ مڪہ مڪرمہ جي مشرڪن نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن کان چٿر ڪندي پڇيو تہ "قيامت ڪڏهن ايندي" انهن جي جواب ۾ هي آيتون نازل ٿيون (۱) مقصد تہ ڪافر اوهان کان قيامت جي اچڻ جو مقرر وقت معلوم ڪرڻ گهرن ٿا. "فِيْمَ اَنْتَ مِنْ ذِكْرٰهَا" (تون ان جي خبر بابت ڇا ۾ آهين؟) مطلب تہ اي حبيب! عليڪ الصلواة والسلام اوهان کان انهن جو اهو سوال ڪرڻ اجايو آهي اوهان جو ڪم ايندڙ حادثن جو وقت بيان ڪرڻ ناهي جو اوهان کان اهڙا سوال ڪن ٿا اوهان جو ڪم رب العزة جل شانہ جي دين جي دعوت ۽ خداوندي پيغام پهچائڻ ۽ رب العزة جل وعلا جي عذاب کان ڊيڄارڻ آهي. (۲) حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ: قيامت ۽ موت جي وقت کي ان جي ڪري راز ۾ رکيو ويو آهي تہ ٻانها خدا جي خوف ۾ رهن تہ متان اوچتو موت اچي وڃي يا قيامت قائم ٿي وڃي. (۳) "اِلٰى رَبِّكَ مُنْتَهٰهَا" (تنهنجي رب وٽ ان جي نهايت آهي) يعني ان جي قائم ٿيڻ جي علم جي انتها الله جل وعلا وٽ آهي. "اِنَّمَا اَنْتَ مُنْذِرُ مَنْ يَّخْشٰهَا" (تون تہ صرف ان کي ئي ڊيڄاريندڙ آهين جيڪو ان کان ڊڄي ٿو) مطلب تہ اوهان جي بعثت جو مقصد ان جو وقت بيان ڪرڻ ناهي صرف الله عزوجل جي ٻانهن کي ان کان ڊيڄارڻ آهي ۽ حضور عليہ الصلواة والسلام جن ڊيڄاريندڙ تہ سڀني لاءِ آهن پر خوف رکندڙ جي تخصيص ان جي ڪري ڪيل آهي جو اهي صحيح معنيٰ ۾ ان مان نفعو حاصل ڪن ٿا. "كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَهَا لَمْ يَلْبَثُوْا اِلَّا عَشِيَّةً اَوْ ضُحٰهَا" (ڄڻ تہ اهي ان ڏينهن جو ان کي ڏسندا نہ رهيا مگر شام يا ان جي صبح) مطلب تہ جڏهن قيامت قائم ٿيندي ۽ اکين سان ڏسندا تہ ائين سمجهندا ڄڻ' دنيا ۾ ڏينهن جي صبح جيترو وقت يا شام جيترو وقت رهيا هئا. دنيوي زندگي ڪين مختصر ياد رهندي. (۴)

(۱) القرطبي ص ـ۲۰۹ـ جلد ۱۹ (۲) تفسير عزيزي فارسي ص ـ۳۷ـ (۳) تفسير هاشمي ص ـ۴۲ـ (۴) الڪبير ص ـ۵۳ـ جزءُ ۳۱

فائدو: آيت عـ٤٢ـ کان عـ٤٦ـ تائين قيامت جي وقت مقرر جي باري ۾ سوال ۽ جواب مان معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن اهي وقت ٻڌائڻ لاءِ نہ آيا هئا ۽ خاص مقصد ان وقت جو اظهار نہ ڪرڻ هو نہ تہ پاڻ مسلمانن کي قيامت جي تاريخ ۽ مهينو ۽ ڏينهن ٻڌائي ڇڏيو هيائون تہ اها محرم مهيني جي ڏهين تاريخ ۽ جمعــــہ جي ڏينهن واقع ٿيندي ان کان سواءِ ٻيون بہ ڪيتريون نشانيون بيان فرمايائون. (١)

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون گنهگار سورة "النّزِعتِ" جو تفسير اج بروز اربعاءَ بوقت ٩ لڳي پنجاهہ منٽن تي صبح جو بموۀرخہ ٢٠ شوال المکرم ١٤٢٦هہ الموافق ٢٠٠٥.١١.٢٣ع تي پنهنجي گهر ۾ لکي پورو ڪيو.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه



(١) نورالعرفان صـ٩٣٢ـ

سورة "عَبَسَ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هنن ستن ڳالهين کي ذهن نشين ڪرڻو آهي
نالو مبارڪ: هن سورة جا ٻه نالا آهن "١" سورة "عَبَسَ" جيڪو سندس پهرين آيت جو پهريون لفظ آهي ۽ اهو ئي نالو مشهور آهي "٢" سورة "السفرة".
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، ٻائيتاليهه آيتون، هڪ سوءِ ٽيهه (١٣٠) ڪلما ۽ پنج سوٽيٽيهه (٥٣٣) حرف آهن. (١)
نزول: هي سورة نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي مڪي دور ۾ سورة "النجم" کان پوءِ نازل ٿي هئي. (٢)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته "هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي". (٣)
مضمون: حضرت عبدالله بن ام مڪتوم رضي الله عنه سندس پيءُ جو نالو قيس هو ۽ ڪن مفسرن سندس نالو عمرو به لکيو آهي جيڪو مومنن جي ماءُ سيده خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها جو ماسات هو ۽ انهن خوشنصيبن مان هو جن جو شمار "اَلسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ" ۾ ٿئي ٿو نابينا هو هڪ ڏينهن نبوي بارگاهه ۾ ربيعة جا پٽ شيبه، عقبه، ابوجهل، اميه بن خلف، وليد بن مغيره (حضرت) عباس بن عبدالمطلب ۽ ٻيا قريشي سردار ويٺا هئا ۽ نبي ڪريم عليه التحية والتسليم جن نهايت توجه سان انهن کي ڪفر ۽ شرڪ جون قباحتون ۽ خرابيون سمجهائڻ ۾ مصروف هئا ته ان دوران حضرت عبدالله بن ام مڪتوم رضي الله عنه آيو نابينا هجڻ جي ڪري محفل ۾ موجود ماڻهو ۽ محفل جي ان وقت واري ڪيفيت ڏسي نه سگهيو ۽ اچڻ شرط عرض ڪرڻ لڳو ته "يارسول الله علمني مما علمك الله" (اي الله جا رسول جيڪو الله اوهان کي سيکاريو آهي مون کي به ان مان سيکاريو) مذڪور قريشي سردارن سان گفتگو جي وچ ۾ مداخلت ڪرڻ حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کي پسند نه آئي ۽ سندن منهن مبارڪ تي ناگواريءَ جا آثار نظر آيا مجلس جي آداب جي تقاضا به اها هئي ته جيڪو گفتگو جو سلسلو پهريان کان شروع آهي اهو پورو ٿئي ته ٻيو پوءِ شروع ڪيو وڃي هتي ته حضور عليه الصلواة

(١) ضياءُ القرآن صـ۴۸۹ـ جلد ۵ (٢) حدائق الروح والريحان صـ۱۱۴ـ جلد ۳۰
(٣) الدرالمنثور صـ۴۱۵ـ جلد ۸

والسلام جن تبليغ جو نهايت اهم فريضو ادا ڪري رهيا هئا ۽ حضرت عبدالله بن ام مڪتوم رضي الله عنه ته پهريان ئي مسلمان ٿي چڪو هو وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ان وٽ پيا به ڪيترا موقعا هئا پر الله عزوجل ان نابينا صحابي رضي الله عنه جي دلجوئي ڪندي هيءَ سورة مبارڪ نازل فرمائي تانت دنيا کي خبر پوي ته الله جي بارگاهه ۾ جيڪو مرتبو ۽ مقبوليت سچي سڪ وارن لاءِ آهي اها ٻين جي لاءِ ناهي هتي هڪ شيءِ غور طلب آهي ته قرآن ڪريم ۾ ٻين مقامن تي جتي به الله تعاليٰ پنهنجي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام کي خطاب فرمايو آهي ته پيار، محبت جي گهڻي اظهار سان آهي پر هتي بيان ۾ جلال جو اظهار آهي ظاهر ۾ غلطي حضرت عبدالله بن ام مڪتوم رضي الله عنه جي هئي جو ان نبوي مجلس جي آداب جو لحاظ نه رکيو حضور عليه الصلواة والسلام جن به ڪنهن ذاتي ڪم ۾ مصروف نه هئا. بلڪ "بَلِّغْ مَا اُنْزِلَ اِلَيْكَ" (جيڪو پيغام اوهان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي اهو پهچايو) حڪم تي عمل ڪرڻ ۾ مشغول هئا. هجڻ ته ائين ڪپي ها جو حضرت عبدالله بن ام مڪتوم رضي الله عنه کي متنبه ڪيو وڃي ها ته ان نبوت جي فرائض کي ادا ڪرڻ ۾ مداخلت ڇو ڪئي؟ پر ان جي بجاءِ الله عزوجل پنهنجي حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کي ميار ڏني ته اوهان ناگواريءَ جو اظهار ڇو ڪيو ۽ ان کان بي توجه ڇو ٿيا ان ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟ سورة پاڪ جي آيتن ۾ غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اهو انداز اختيار ڪري مڪه مڪرمه جي رهاڪو قريشي ڪافرن سردارن جي غلط فهميءَ جو ازالو مقصود هو جنهن ۾ اهي مبتلا هئا اهي اهو سمجهندا هئا ته اسلام کي انهن جي وڏي ضرورت آهي ۽ سندن مسلمان ٿيڻ جي ڪري نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي عزت وڌندي پر انهن کي اسلام جي ضرورت ناهي ان جي ڪري اهي جنهن مجلس ۾ موجود هجن اتي ٻيو ڪير به توجه جو لائق ناهي الله عزوجل هن سورة جي ابتدائي آيتن ۾ انهن جي غلط سوچ جو رد ڪيو ته هتي ته ان کي مقبوليت ملي ٿي جيڪو دل جي خلوص ۽ سچي طلب سان حاضر ٿئي ٿو پوءِ پلي مفلس ۽ مسڪين ڇو نه هجي جنهن شخص کي پنهنجي دولت، مرتبي ۽ ملڪيت تي هٺ آهي جنهن جي دل ۾ سچو جذبو ناهي اسلام کي ان جي قطعا ضرورت ناهي جيڪڏهن اهو اسلام کان فيضياب نه ٿيندو ته ڪئين ٻيا خوشنصيب هن مٺي چشمي مان اڃي سيراب ٿيندا هن حڪم قيامت تائين اچڻ وارن رئيسن، دولت مندن، بادشاهن جي ان غلط فهميءَ کي دور ڪري ڇڏيو ته اسلام انهن جو محتاج آهي آيتن جي لهجي ۾ اها تيزي هڪ اهم ضرورت جي پيش نظر اختيار ڪئي وئي آهي پر

جيڪي ماڻهو هنن آيتن سان سرور عالم صلى الله عليـــه وسلم جي عالي مرتبي جي تنقيص ڪن ٿا اهي نهايت ڪريل ذهن جا گندا انسان آهن منافقن جو اهو طريقو هو علامـه اسماعيل حقي عليـه الرحمـة لکيو آهي تہ حضرت عمر رضي الله عنـــه ڪي خبر پئي تہ هڪ منافق نماز پڙهائيندڙ پيش امام تي نماز ۾ هميشـــه اها سورت پڙهي ٿو تہ پاڻ هڪ ماڻهو موڪليائون جنهن ان جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيو جڏهن تہ اهو حضرت حبيب پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن جي شان ڪي گهٽائڻ جي ارادي سان اها قراءت ڪندو هو تانت جماعت جي دل ۾ بہ حضور عليـــه الصلواة والسلام جي عظمت گهٽجي ان جي ڪري فاروقي نگاهہ ۾ اهو مرتد هو ۽ مرتد واجب القتل آهي (١) اهڙن مقامن تي انسان ڪي سنڀالي قدم ڪڻڻ گهرجي مبادا ايمان جي شمع وسامي وڃي آيت عـ١٧ـ کان هڪ نئون مضمون شروع ٿئي ٿو انسان جي بي شڪريءَ جي ڪيفيت بيان ڪئي وڃي ٿي تہ جنهن رب ڪريم ان ڪي پيدا ڪيو ۽ ان جي ظاهري عضون ۽ باطني قوتن ۾ موزو نيت جو اهتمام ڪيو وري ان جي خوراڪ جو سامان مهيا فرمايو ان ڪي ڪڏهن خيال نہ آيو تہ اهو پنهنجي رب جو شڪر ادا ڪري ان کان وڏيڪ بدبختي ڪهڙي هوندي آيت عـ٣٣ـ کان آخر تائين قيامت جي احوال ڏانهن متوجـــه ڪيو ويو آهي تانت انسان اڄ کان ئي ان ميدان جي لاءِ تياري شروع ڪري.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: الله سبحانـــه وتعاليٰ اڳيئن سورة ۾ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن کي فرمايو "اِنَّمَا اَنْتَ مُنْذِرُ مَنْ يَخْشٰهَا" (تون ان کي ڊيڄاريندڙ آهين جيڪو ان کان ڊڄي ٿو) ۽ هن ۾ ان ٻانهي جو احوال آهي جنهن کي ڊيڄارڻ فائدو ڏي ٿو.

پڙهڻ جون برڪتون: ثعلبي مرفوع روايت آندي آهي تہ "جنهن سورة "عَبَسَ وَتَوَلّٰى" پڙهي اهو قيامت جي ڏينهن کلندڙ، خوش ٿيندڙ منهن سان ايندو." (٢)

---

(١) روح البيان صـ٣٣١ـ جلد ١٠ (٢) اللباب صـ١٧٣ـ جلد ١٠

وَهِيَ اثْنَتَانِ وَارْبَعُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ عَبَسَ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ
۽ اها ٤٢ آيتون آهي	سورة عبس مڪي آهي	۽ ان ۾ هڪ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو ئي مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

عَبَسَ وَتَوَلّٰٓى (١) اَنْ جَآءَهُ الْاَعْمٰى (٢) وَمَا

منهن مبارڪ ۾ گھنج وڌائين ۽ منهن موڙيائين هن جي ڪري جو آيو ان وٽ نابينا ۽ ڪنهن

يُدْرِيْكَ لَعَلَّهٗ يَزَّكّٰٓى (٣) اَوْيَذَّكَّرُ فَتَنْفَعَهُ الذِّكْرٰى (٤) اَمَّا مَنِ

سمجھايو توکي ته شايد اهو صاف ٿئي يا نصيحت وٺي پوءِ نفعو ڏي ان کي نصيحت پر جنهن

اسْتَغْنٰى (٥) فَاَنْتَ لَهٗ تَصَدّٰى (٦) وَمَا عَلَيْكَ اَلَّا يَزَّكّٰى (٧)

بي پرواهي ڏيکاري پوءِ تون ان لاءِ متوجه رهين ٿوءِ ناهي تو تي(ڪو ذمو)هي جو نه توصاف ٿئي

وَاَمَّا مَنْ جَآءَكَ يَسْعٰى (٨) وَهُوَ يَخْشٰى (٩) فَاَنْتَ عَنْهُ تَلَهّٰى (١٠)

۽ پر جيڪو آيو تو وٽ ڊوڙندي ۽ اهو ڊوڙي پيو پوءِ تون ان کان بي خيال رهين ٿو

تفسير

اڳيئن سورة جي پڇاڙيءَ ۾ قيامت جو بيان هو ۽ هن جي ابتداءُ ۾ قيامت کي مڃڻ ۽ نه مڃڻ وارن سان حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ڪيئن توجه ڏيڻ کپي ان جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "عَبَسَ وَتَوَلّٰٓى اَنْ جَآءَهُ الْاَعْمٰى" (منهن مبارڪ) ۾ گھنج وڌائين ۽ توجه نه فرمايائين) مفسرن جو بالا جماع قول آهي ته منهن مبارڪ ۾ گھنج وجهڻ وارا نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن هئا ۽ نابينا ابن ام مڪتوم هو (جيئن تعارف ۾ لکي آيا آهيون) ۽ هن مذڪوره آيتن جي نزول کان پوءِ حضرت حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن ان جي عزت ۽ احترام ڪندي ڪيس وهڻ لاءِ پنهنجي پاڪ چادر وڇائي ڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا "ان کي مرحبا چئون تا جنهن جي باري ۾ اسان کي رب العزة ميار ڏني آهي" ۽ ڪيس فرمائيندا هئا ته "ڪو ڪم ڪار هجي ته چئو" ۽ پاڻ مدينه منوره مان ٻاهر وڃڻ دوران ڪجھ ڀيرا ان کي مدينه منوره ۾ خليفو بنائي ويا هئا. (١)

(١) المظهري صـ١٩٧ـ جلد ١٠، صفوة التفاسير صـ٥١٦ـ جلد ٣

سوال: مذكور واقع ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن كي ميار ۽ ڏوراپو ڏيڻ جي بجاءِ ٻنهي وجهن جي ڪري هدايت تہ حضرت ابن ام مكتوم رضي الله عنه كي تيڻ كپي ها "١" تہ اهو جيتوڻيڪ اکين واري نظر نہ هجڻ جي ڪري ڏسي نہ ٿي سهگيو پر آواز ٻڌي تہ سگهيو پي تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن كنهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيا آهن پاڻ خاموش رهي ها جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن فارغ ٿين ها پوءِ عرض ڪري ها حضرت حبيب عليه الصلواة والسلام جن جي گفتگو دوران وچ ۾ ڳالهائڻ سندن دل كي ايذائڻ هو ۽ كين ايذائڻ ڇا آهي هر كو سمجهي سگهي ٿو "٢" تہ هڪ مهم كان اهم كم مقدم هوندو اهي حضرت ابن مكتوم رضي الله عنه اڳ ۾ مسلمان ٿي چكو هو ان جي ديني مسئلن سکڻ كان وڌيڪ اهم كافرن كي مسلمان بنائڻ هو ۽ خاص ڪري حضرت حبيب عليه الصلواة والسلام جن وٽ ان وقت موجود كافرن جي مسلمان ٿيڻ جي ڪري ٻين انهن جي پوئلڳن جي مسلمان ٿيڻ جو بہ گهڻو امكان هو پوءِ حضرت ابن مكتوم رضي الله عنه جو وچ ۾ ڳالهائڻ مناسب هو؟ انهن وجهن جي ڪري اهو ئي عتاب جي لائق هو.

جواب: ڳالهہ اها تہ آهي پر جڏهن تہ مذكور واقع ۾ شاهوكارن ۽ مالدارن سردارن كي مسكينن ۽ غريبن ٿي اهميت ڏيڻ جو وهم هو ان جي ڪري الله تعالىٰ سركار دو عالم عليه الصلواة والسلام جن جي رحمت للعالمين هجڻ واري مقام جي لحاظ سان كين ڏوراپو ۽ ميار ڏني وئي. (١)

سوال: الله عزوجل حضرت ابن ام مكتوم رضي الله عنه كي "اَعۡمٰي" (نابينا) سان ڇو بيان كيو.

جواب: ان ڳالهہ كي تہ اهو نابينا هجڻ جي ڪري عذر وارو هو ۽ حضرت نبي كريم عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ موجود كافرن سردارن كي نہ ڏسي وچ ۾ ڳالهائي رهيو هو. (٢)

سوال: حضرت حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن كي خطاب جي صيغي سان "تو منهن ۾ گهنڊ وڌو ۽ منهن موڙيو" نہ چيو ويو بلڪ غائب جي صيغي سان منهن ۾ گهنڊ وڌائين ۽ منهن مبارڪ موڙيائين ڳالهہ ڇو كئي وئي؟

جواب: ان ۾ حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن جي اجلال، تعظيم ۽ شان جو لحاظ رکيو ويو آهي ڇڻ تہ اهو كنهن ٻئي كيو هو سندن شان ان كان بلند ۽ بالا آهي ۽ ان جو وجه هي آهي تہ اعمال جو مدار نيت تي آهي ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة

(١) التفسير الكبير صـ۵۴/۵۵ـ جزءُ ٣١ (٢) المظهري صـ١٩٧ـ جلد ١٠

والسلام جن جي نيت پاڪ ۾ ان ڪان مطلق منهن موڙڻ جو ارادو نہ هو حضرت نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن نيت پاڪ ۾ ان ڪان مطلق منهن موڙڻ جو ارادو نہ هو پر سندن غرض هي هو تہ هي تہ اڳئي مسلمان آهي ان ڪي تعليم ڏيڻ ۾ تاخير ايترو نقصانڪار ناهي جيترو ڪافرن کي ڪلمو نہ پڙهائڻ ۾ ان ڪي دير ٿيندي تہ بہ نہ ويندو ڪافر عنيد ۽ سرڪش آهن اتي هليا ويندا ان لحاظ سان صورت ۾ ظاهر ۾ تہ ڪانئن منهن مبارڪ موڙڻ ٿيو هو پر حقيقت ۾ نہ ٿيو هو. (١)

"وَمَا يُدْرِيكَ لَعَلَّهُ يَزَّكَّىٰٓ اَوْيَذَّكَّرُ فَتَنْفَعَهُ الذِّكْرٰى" (۽ ڪنهن ڄاڻايو توکي تہ شايد اهو صاف ٿئي يا نصيحت وٺي پوءِ ان کي نصيحت نفعو ڏي) هن ۾ نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جي عذر ڏي اشارو آهي يعني اوهان جي پاڪ ذهن ۾ اها ڳالهہ نہ آئي تہ ڪو اهو نابينا وڌيڪ صفائي حاصل ڪندو نصيحت وٺندو پوءِ اها نصيحت ان کي نفعو ڏيندي نہ تہ اوهان ان ڏانهن ئي خصوصي توجـــه ڪرڻ فرمايو ها "اَمَّا مَنِ اسْتَغْنٰى فَاَنْتَ لَهٗ تَصَدّٰى" (پر جنهن بي پرواهي ڏيکاري پوءِ تون ان جي لاءِ متوجـــه رهين ٿو) مطلب تہ جيڪو مال، ملڪيت جي ڪري اسلام قبول ڪرڻ کان لاپرواهي ڏيکاري ٿو اوهان ان ڏانهن متوجـه رهي ان جي ڳالهہ کي ٻڌڻ فرمايو ٿا. "وَمَا عَلَيْكَ اَلَّا يَزَّكّٰى" (۽ اوهان تي (ڪو ذمو) ناهي جيڪڏهن صاف نہ ٿو ٿئي) مطلب تہ جيڪڏهن اهو ڪافر ايمان نہ ٿو آڻي، اسلام قبول ڪري ڪفر جي نجاستن ۽ خباثتن کان پاڪ صاف نہ ٿو ٿئي تہ اوهان تي ان جو ڪو وزن ۽ ذمو ناهي اوهان تي صرف پيغام پهچائڻ وارا آهيو. (٢) "وَاَمَّا مَنْ جَآءَكَ يَسْعٰى وَهُوَ يَخْشٰى فَاَنْتَ عَنْهُ تَلَهّٰى" (۽ پر جيڪو تو وٽ ڊوڙندو اچي پيو ۽ اهو ڊڄي ٿو پوءِ تون ان کان بي توجـــه ٿين پيو) هتي بہ حبيب ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جن جي ذات عالي صفات کي ڏوراپو ۽ ميار ڏيندي ارشاد ٿي رهيو آهي تہ: جيڪو اوهان جي خدمت ۾ ڊوڙندو الله عزوجل کان ڊڄندو اچي ٿو ان ڏانهن متوجـه نہ رهڻ اوهان جي شان جي مناسب ناهي.

فائدا: مذڪوره آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "عَبَسَ وَتَوَلّٰى" (منهن مبارڪ ۾ گهنڊ وڌائون ۽ منهن مبارڪ موڙيائون) جي حقيقت تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيو تہ حبيب پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن کي اسلام جي اشاعت جو وڏو شوق ۽ حرص هو خصوصا سرمايدارن ۽ سردارن کي اسلام سان مشرف بنائڻ جي لاءِ وڏ ۾ وڌ ڪو شان هئا. ٢. "اَنْ جَآءَهُ الْاَعْمٰى" (ان وٽ نابينا آيو) حضرت ابن ام مڪتوم جي ماءُ جو نالو عاتڪـــة بنت عامر مخزومي هو ۽

(١) ساڳيو حوالو (٢) القرطبي صـ٢١٥ـ جلد ١٩

حضرت ابن ام مڪتوم قادسيـــه جي جنگ ۾ شهيد ٿيو هو. (۱) آيتن مان اهو به معلوم ٿيو ته جيڪڏهن نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن قرآن پاڪ مان ڪا ڳالهه لڪائڻ ها ته هيءَ لڪائڻ ها جنهن ۾ ڪين ميار ڏني وئي آهي پر پاڻ حق ۽ سچ بيان ڪندڙ هئا ڪا به ڳالهه نه لڪايائون. (۲)

جماعت سان نماز جي اهميت

طبراني ۽ ابن مردويه حضرت ابو امامه رضي الله عنه ڪان ۽ ابن مردويـــه ڪعب بن عجزة ڪان روايت آندي آهي ته حضرت عبدالله بن ام مڪتوم رضي الله عنـــه حضرت نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته اوهان ڏسي رهيا آهيو ته منهنجي نظر جي نه هوندي عمر وڏي ٿي آهي هڏا جڏا ٿيا آهن ۽ مون ڪي ڪو مناسب ماڻهو به ڪو نه ٿو ملي جيڪو مسجد ڏانهن وٺي اچي ڇا مون لاءِ اجازت آهي ته مان پنج نمازون پنهنجي گهر ۾ پڙهان؟ پاڻ فرمايائونس ته "بانگي جي بانگ ٻڌين ٿو؟"عرض ڪيائين "هائو" فرمايائون ته"تولاءِ گهر ۾ نماز پڙهڻ جي اجازت ناهي."(۳)

۳. مذڪوره آيت مان اهو به ثابت ٿيو ته الله جلت صفاتـــه محبوب عليـــه الصلواة والسلام جي محبت وارن تي وڏو مهربان آهي جو حضرت ابن ام مڪتوم رضي الله عنـــه جي وچ ۾ ڳالهائڻ واري جراءَت ڪي معاف ڪندي وري به حضور عليـــه الصلواة والسلام جن ڪي ان ڏانهن متوجـــه ٿيڻ جي لاءِ فرمايائين ڇو ته اهو نابينا وڏي تڪليف سان سندن خدمت ۾ پهتو هوندو نه اڪيون هيس جو ڏسي، نه وري ڪنهن ڪان پڇي ڇو ته دشمن ڪيس ايذاءُ ڏين ها ۽ اهو نابينا هجڻ جي ڪري حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جي منهن مبارڪ تي ناراض هجڻ جا آثار به نه پيو ڏسي سگهي ۽ نابينا هجڻ جي ڪري ان تان دربار جا آداب به معاف هئا قانون ته ڏسندڙن جي لاءِ هوندا آهن مصري عورتن يوسفي جمال ڏسي هٿ وڍي ڇڏيا پر انهن ڪي گنهگار نه سڏيو ويو. (۴) ۴. "لَعَلَّـــهٗ يَزَّكّٰۤى اَوْ يَذَّكَّرُ فَتَنْفَعَـــهُ الذِّكْرٰى" (شايد اهو صاف ٿئي يا نصيحت وٺي پوءِ نصيحت ان ڪي فائدو ڏي) هتي قرآن ڪريم به جملا اختيار فرمايا "يَزَّكّٰى" ۽ "يَذَّكَّرُ" پهرئين جي معنيٰ پاڪ صاف هجڻ جي آهي ٻئي جي معنيٰ نصيحت حاصل ڪرڻ ۽ ان ڪان متاثر ٿيڻ جي آهي پهريون مقام ابرار ۽ اتقياءَ جو آهي جيڪي

(۱) الصاوي صـ۲۷۵ـ جزءُ ۴ (۲) الدرالمنثور صـ۴۱۷ـ جلد ۸ (۳) ساڳيو حوالو
(۴) نورالعرفان صـ۹۳۳ـ

پنهنجي نفس کي ظاهري ۽ باطني هر قسم جي گناهہ کان پاڪ صاف رکن ٿا ۽ ٻيو مقام دين جي واٽ تي هلڻ جو ابتدائي حال آهي جو مبتدي کي الله جل وعلا جي ياد ڏياري ويندي آهي جنهن سان ان جي دل ۾ الله عزوجل جي عظمت ۽ خوف وهندو آهي مطلب تہ ان کي تعليم ڏيڻ ٻنهي صورتن ۾ نفعي کان خالي ناهي. ٦.اهو بہ ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي تہ ان موقعي تي حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي اڳيان هڪ ئي وقت بہ ڪم هئا هڪ مسلمان کي تعليم ان جي تڪميل ۽ دلجوئي ڪرڻ، ٻيو غير مسلمانن کي هدايت جي لاءِ انهن ڏانهن توجه ڪرڻ قرآن ڪريم جي هن ارشاد واضح ڪيو تہ پهريون ڪم ٻئي کان مقدم آهي مسلمان جي تعليم ۽ ان جي اصلاح جو فڪر غير مسلمانن کي اسلام ۾ داخل ڪرڻ جي فڪر کان اهم آهي. (١)

كَلَّآ اِنَّهَا تَذْكِرَةٌ (١١) فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ (١٢) فِيْ صُحُفٍ مُّكَرَّمَةٍ (١٣)

هرگز نہ بيشڪ اها نصيحت آهي پوءِ جيڪو گهري تہ ان کي ياد ڪري عزت وارن صحيفن ۾

مَّرْفُوْعَةٍ مُّطَهَّرَةٍ (١٤) بِاَيْدِيْ سَفَرَةٍ (١٥) كِرَامٍۭ بَرَرَةٍ (١٦) قُتِلَ

بلند پاڪ لکندڙن، عزت وارن نيڪو ڪارن جي هٿن سان هلاڪ ڪيو ويو

الْاِنْسَانُ مَآ اَكْفَرَهٗ (١٧) مِنْ اَيِّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ (١٨) مِنْ نُّطْفَةٍ

انسان ڪهڙو نہ بي شڪر آهي ڪهڙي شيءِ مان ان کي پيدا فرمايائين؟ مني جي ڦڙي مان ان کي

خَلَقَهٗ فَقَدَّرَهٗ (١٩) ثُمَّ السَّبِيْلَ يَسَّرَهٗ (٢٠) ثُمَّ

پيدا ڪيائين پوءِ ان کي اندازي سان رکيائين ان کان پوءِ ان جي لاءِ رستو آسان ڪيائين ان کان پوءِ

اَمَاتَهٗ فَاَقْبَرَهٗ (٢١) ثُمَّ اِذَا شَآءَ اَنْشَرَهٗ (٢٢)

ان کي ماريائين پوءِ ان کي قبر ۾ آندائين ان کان پوءِ جڏهن گهرندو تہ ان کي ٻاهر ڪيندو

كَلَّا لَمَّا يَقْضِ مَآ اَمَرَهٗ (٢٣) فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ اِلٰى

هرگز نہ اڃان پورو نہ ڪيائين جيڪو ان کي امر ڪيائين پوءِ گهرجي تہ ڏسي انسان پنهنجي

طَعَامِهٖٓ (٢٤) اَنَّا صَبَبْنَا الْمَآءَ صَبًّا (٢٥) ثُمَّ شَقَقْنَا الْاَرْضَ شَقًّا (٢٦)

طعام ڏانهن بيشڪ اسان وسايو پاڻيءَ کي وسائڻ ان کان پوءِ چيريو اسان زمين کي چيرڻ

(١) معارف القرآن صـ٦٧٤ـ جلد ٨

وقف لازم

فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا حَبًّا (٢٧) وَّعِنَبًا وَّقَضْبًا (٢٨) وَّزَيْتُوْنًا وَّنَخْلًا (٢٩)

پوءِ ڄمايوسون ان ۾ اناج ۽ انگور ۽ ترڪاريون ۽ زيتون ۽ کجيون

وَّحَدَآئِقَ غُلْبًا (٣٠) وَّفَاكِهَةً وَّاَبًّا (٣١) مَّتَاعًا لَّكُمْ وَلِاَنْعَامِكُمْ (٣٢)

۽ باغ گهاٽا ۽ ميوا ۽ گاهه اوهان ۽ اوهان جي چوپاين جي فائدي لاءِ

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت ابن مڪتوم رضي الله عنـــه ۽ ان وقت حضور عليـــه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ موجود ڪافرن جو احوال هو ۽ هتي ٻڌايو وڃي پيو تہ هي پيغام الهي هدايت آهي فرمان گرامي آهي "كَلَّآ اِنَّهَا تَذْكِرَةٌ فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ"(هر گز نہ. بيشڪ اها نصيحت آهي پوءِ جيڪو گهري تہ ان کي ياد ڪري) يعني هي آيتون هدايت ۽ خلق جي لاءِ نصيحت آهن واجب آهي تہ عقلمند ان مان نصيحت وٺي ان جي مطابق عمل ڪن ان کي ياد ڪن. "فِيْ صُحُفٍ مُّكَرَّمَةٍ مَّرْفُوْعَةٍ مُّطَهَّرَةٍ بِاَيْدِيْ سَفَرَةٍ كِرَامٍ بَرَرَةٍ"(عزت وارن بلند، پاڪ، صحيفن (دفترن) ۾ عزت وارن، نيڪو ڪارن لکندڙن جي هٿن سان لکيل آهن) يعني قرآن ڪريم اهڙو اهم ڪتاب آهي جو الله جل وعلا ان کي باعزت صحيفن ۾ محفوظ ڪيو آهي جن جو شان گهڻو مٿي آهي جن جو مرتبو نهايت بلند آهي اهو هر قسم جي ملاوٽ کان پاڪ آهي ڪنهن جي مجال ناهي جو ان ۾ پنهنجي طرفان ڪنهن شيءِ جو اضافو ڪري يا باطل کي ان ۾ ملائي. ان کان پوءِ انهن ملائڪن جي تعريف ڪئي وئي آهي جن انهن پاڪ صحيفن ۾ ڪلام الهي کي لکيو آهي تہ اهي نهايت عزت وارا، نيڪ آهن اهي ان جي لکڻ ۾ هر قسم جي غلطي کان پاڪ آهن. "قُتِلَ الْاِنْسَانُ مَآ اَكْفَرَهٗ"(انسان هلاڪ ڪيو ويو ڪهڙو نہ بي شڪر آهي؟) هتي انهن ماڻهن تي تعجب جو اظهار ڪيو ويو آهي جيڪي نبي ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جي محفل ۾ موجود مسڪينن ۽ غريبن کي حقارت جي نظر سان ڏسندا ۽ انهن کي پاڻ سان گڏ مجلس ۾ ويهڻ بہ برداشت نہ ڪندا هئا. "مِنْ اَيِّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ مِنْ نُّطْفَةٍ خَلَقَهٗ فَقَدَّرَهٗ"(ان کي ڪهڙي شي مان پيدا فرمايائين؟ مني جي ڦڙي مان ان کي پيدا فرمايائين پوءِ اندازي سان رکيائين) يعني اهي ماڻهو پنهنجي اصليت تي تہ غور ڪن ڇا اهي اصل ئي اهڙا هئا انهن جا خزانا ائين ئي مال ملڪيت سان ڀريل هئا ڇا انهن اهو خيال نہ ڪيو آهي تہ خالق مطلق انهن کي ڇا مان پيدا ڪرڻ فرمايو آهي هڪ مني بدبودار ڦڙي مان پيدا ٿيل آهن الله عزوجل انهن کي پيدا

بہ فرمايو تہ سندن جسم جي هر عضوي کي درست ۽ پوري مقدار ۾ بہ رکيو آهي. "ثُمَّ السَّبِيْلَ يَسَّرَهٗ"(ان کان پوءِ ان جي لاءِ رستو آسان فرمايائين) مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ هيءَ وڏي جامع آيت آهي ان جي مفهوم ۾ هيءَ آيت بہ داخل آهي تہ الله عزوجل انسان کي ماءُ جي ڳيبرڻ (ٻچي داني) ۾ سنڀاليو ۽ اتاهين کان ان جي لاءِ نڪرڻ جي راهہ هموار ڪئي ۽ هي بہ ان جي مفهوم ۾ داخل آهيً تہ ان جي خمير ۾ قسمين قسمين جون طاقتون رکيون ويون آهن ۽ دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ انهن جو ظهور ٿيندو آهي ۽ انهن جو پوري طرح ظهور ٿيندو آهي هي انسان جيڪو ڪجهہ نظر اچي رهيو آهي ان کي ان مرتبي تي پهچائڻ ۾ الله عزوجل جي ڪرم ۽ قدرت جو هٿ آهي ۽ هن آيت ۾ هيءَ حقيقت بہ بيان ڪئي وئي آهي تہ انسان جي فوز و فلاح جي منزل ڏانهن وڃڻ واري واٽ تي نبوت جا روشن چراغ رکيا ويا آهن جنهن سان سالڪ کي پنهنجي منزل تائين پهچڻ آسان ڪري ڏنو ويو آهي. "ثُمَّ اَمَاتَهٗ فَاَقْبَرَهٗ"(ان کان بعد ان کي ماري پوءِ ان کي قبر ۾ آندائين) مقصد تہ جڏهن ان جي موت جو آرڊر جاري ٿئي ٿو تہ نہ بچي سگهي ٿو ۽ نہ ڀڄي سگهي ٿو ۽ جتي الله عزوجل گهريو اتي ان جي قبر بنجي ٿي انسان ايترو بي وس هوندي بہ خبر ناهي تہ غرور ۽ تڪبر ڇو ٿو ڪري؟ "ثُمَّ اِذَا شَآءَ اَنْشَرَهٗ"(ان کان بعد جڏهن گهرندو تہ ان کي زندهہ ڪري ٻاهر آڻيندو) يعني اهو مطلق قادر مرضي وار آهي ان مري ويل. قبر جي حوالي ٿيل کي وري جڏهن ٻاهر آڻڻ چاهيندو تہ زندهہ ڪري ان کي قبر مان اٿاري ميدان ۾ ظاهر ڪندو. "كَلَّا لَمَّا يَقْضِ مَا اَمَرَهٗ"(هر گز نہ اڃان اهو نہ ڪيائين جيڪو الله ان کي امر ڪيو هو) هتي "ڪلا" حقا جي معنيٰ ۾ آهي يعني انسان کي ان جي مٺي مالڪ جي حڪمن ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو اهي احڪام ان پورا نہ ڪيا پر جيڪڏهن اهو اهي احڪام ادا ڪري ها تہ ان جو پنهنجو فائدو هو. "فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ اِلٰى طَعَامِهٖۤ اَنَّا صَبَبْنَا الْمَآءَ صَبًّا ثُمَّ شَقَقْنَا الْاَرْضَ شَقًّا فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا حَبًّا وَّعِنَبًا وَّقَضْبًا وَّزَيْتُوْنًا وَّنَخْلًا وَّحَدَآئِقَ غُلْبًا وَّفَاكِهَةً وَّاَبًّا مَّتَاعًا لَّكُمْ وَلِاَنْعَامِكُمْ" (پوءِ گهرجي تہ انسان پنهنجي طعام ڏانهن نهاري بيشڪ اسان وسايو پاڻي وسائڻ ان کان بعد اسان زمين کي چيريو چيرڻ پوءِ اسان ان ۾ اناج ۽ انگور ۽ ترڪاريون (سايون ڀاڄيون) ۽ زيتون ۽ کجيون ۽ گهاٽا باغ ۽ ميوا ۽ گاهہ اوهان ۽ اوهان جي چوپاين جي فائدي لاءِ ڄمايا) انسان جي معاد جي حال بيان ڪرڻ کان پوءِ ان جي معاش جي حال کي بيان ڪيو وڃي پيو ۽ ان ۾ الله عزوجل جي بي پناهہ ڀلاين ڏانهن انسان کي متوجہ ڪيو پيو وڃي المقصد تہ ڪاڏي ڪائڻ مهل اهو سوچيو تہ ڪيئن تيار ٿيو آهي ڪنهن ان کي تيار ڪيو آهي ان جو سڀ انتظام اسان

ڪيو آهي اسان آسمان ڪان مينهن وسايو زمين ڪي چيري ان مان اوهان ۽ اوهان جي چوپائي مال جي لاءِ غذا جون مذڪور شيون وجود ۾ آنديون اهو سڀ اسان جو ڪم آهي ان جي ڪري عبادت صرف اسان جي ڪيو نہ ڪنهن ٻئي جي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "فِيْ صُحُفٍ مُكَرَّمَةٍ مَرْفُوْعَةٍ مُطَهَّرَةٍ" (عزت وارن، بلند، پاڪ صحيفن ۾) هتي صحف مان مراد لوح محفوظ آهي اهو جيتوڻيڪ هڪ آهي پر ان ڪي جمع جي صيغي سان ان جي ڪري بيان ڪيو ويو آهي جو ان ۾ آسماني سڀ صحيفا لکيل آهن يا ان جي ڪري جو ملائڪ پنهنجا صحيفا ان ڪان نقل ڪن ٿا. "مَرْفُوْعَةٍ" مان مراد انهن صحيفن جو الله جل شانـــه وٽ شان ۾ بلند هجڻ آهي ۽ "مُطَهَّرَةٍ" (پاڪ) مان مراد هيءَ آهي تہ احتلام وارو انسان، حيض ۽ نفاس واري عورت ۽ بي وضوءَ ماڻهو لاءِ ان ڪي هٿ لڳائڻ ناجائز آهي. ٢. "بِاَيْدِيْ سَفَرَةٍ كِرَامٍ بَرَرَةٍ" (نيڪو ڪارن، عزت وارن، لکندڙن جي هٿن سان) "سفرة" ٻن زبرن سان سافر جو جمع بہ ٿي سگهي ٿو جنهن جي معنيٰ آهي لکندڙ، ان صورت ۾ ان مان مراد ملائڪ، ڪراما ڪاتبين، يا انبياءَ عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن تي نازل ڪيل وحي ڪي لکڻ وارا همراهہ هوندا. حضرت ابن عباس ۽ مجاهد رضي الله عنهم ڪان اهو تفسير نقل ڪيل آهي ۽ "سَفَرَةٍ" جو لفظ سفير، قاصد جي معنيٰ ۾ بہ ٿي سگهي ٿو ان صورت ۾ بہ ان مان مراد ملائڪن مان رسول ۽ انبياءَ عليهم الصلواة والسلام ۽ وحي لکڻ وارا اصحاب سڳورا رضي الله عنهم هوندا امت جا علماءَ بہ ان ۾ داخل آهن ڇو تہ اهي بہ رسول الله صلي الله عليـــه وسلم ۽ ٻين امتين جي وچ ۾ سفير ۽ قاصد آهن امام احمد سيده عائشـــــه رضي الله عنها ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليـه وسلم جن فرمايو "جيڪو شخص قرآن پڙهي ٿو ۽ اهو (قراءَت ۾ بہ) ماهر آهي تہ اهو "سَفَرَةٍ كِرَامٍ بَرَرَةٍ" سان گڏ هوندو ۽ جيڪو قرآن پڙهي ٿو ۽ اهو ان لاءِ ڏکيو آهي تہ ان جي لاءِ ٻہ اجر آهن." (١) ٣. "ثُمَّ اَمَاتَهٗ فَاَقْبَرَهٗ" (ان ڪان پوءِ ان ڪي ماريائين پوءِ ان ڪي قبر ۾ آندائين) هن آيت مان معلوم ٿيو تہ ميت ڪي قبر ۾ دفن ڪرڻ واجب آهي. (٢)

فَاِذَا جَآءَتِ الصَّآخَّةُ (٣٣) يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ (٣٤) وَاُمِّهٖ

پوءِ جنهن وقت ايندو ڪن ٻوڙا ڪندڙ آواز ان ڏينهن ڀڄندو مڙس پنهنجي ڀاءُ ڪان ۽ پنهنجي ماءُ

(١) تفسير ابن ڪثير صـ ٤٧١ـ جلد ٤ (٢) معارف القرآن صـ ٦٧٧ـ جلد ٨

لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ يَوْمَئِذٍ	وَصَاحِبَتِهٖ وَبَنِيْهِ (٣٦)	وَاَبِيْهِ (٣٥)
۽ پنهنجي پيءُ کان ۽ پنهنجي زال کان ۽ پنهنجن پٽن کان هر مڙس جي لاءِ انهن مان ان ڏينهن		
شَاْنٌ يُّغْنِيْهِ (٣٧) وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ مُّسْفِرَةٌ (٣٨) ضَاحِكَةٌ مُّسْتَبْشِرَةٌ (٣٩)		
مشغولي هوندي جو ان لاءِ ڪافي هوندي ڪيترا منهن ان ڏينهن چمڪندڙ، کلندڙ، خوش ٿيندڙ هوندا		
وَوُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ عَلَيْهَا غَبَرَةٌ (٤٠) تَرْهَقُهَا قَتَرَةٌ (٤١) اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكَفَرَةُ		
۽ ڪيترا منهن ان ڏينهن انهن تي غبار هوندو ڇائنجي ويندي انهن تي ڪارنهن اهيئي ڪافر،		
الْفَجَرَةُ (٤٢)		
فاجر آهن		

ع۴۲ ۱ ۵

تفسير

اڳين آيتن ۾ رب العزة جل شانـــه پنهنجن ٻانهن تي ڪيل نعمتن جو ذڪر فرمايو ۽ هتي انهن نعمتن جي قدر نہ ڪندڙ ۽ قدر ڪندڙن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "فَاِذَا جَآءَتِ الصَّاخَـــةُ" (پوءِ جڏهن ڪن ٻوڙا بنائڻ وارو آواز ايندو) معاش جي ذڪر کان پوءِ وري معاد جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي تہ جڏهن "الصَّاخَـــةُ" ايندي ان مان مراد حضرت اسرافيل عليـــه السلام واري ٻي ڦوڪ آهي ۽ ايڏي سخت آواز سان هوندي جو ماڻهو ان جي ڪڙڪي جي ڪري ٻوڙا ٿي ويندا. (۱) "يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ وَاُمِّهٖ وَاَبِيْـــهِ وَصَاحِبَتِـهٖ وَبَنِيْـهِ" (جنهن ڏينهن مڙس پنهنجي ڀاءُ کان ۽ پنهنجي ماءُ کان ۽ پنهنجي پيءُ کان ۽ پنهنجي زال کان ۽ پنهنجن پٽن کان ڀڄندو) حضرت عڪرمـــه رضي الله عنـــه فرمايو تہ قيامت ۾ مڙس زال کي ملندو ان کان هڪ نيڪي گهرندو اها ڪيس نہ ڏيندي پٽ کي ملندو اهو بہ نہ ڏيندو (اهڙي طرح سڀ جواب ڏيندا) قتادة فرمايو تہ ويجهي کان ويجهو قريب بہ ڪم نہ ايندو (الا ماشاءَ الله) "لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ يَوْمَئِذٍ شَاْنٌ يُّغْنِيْـــهِ" (هر مڙس جي لاءِ ان ڏينهن ان لاءِ ڪافي مشغولي هوندي) مطلب تہ هر ڪو پنهنجي فڪر ۾ هوندو ٻئي ڏانهن ڪنهن جو توجه ئي نہ هوندو. محدث ابن ابي حاتم رضي الله عنـــه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليـــه وسلم جن فرمايو "اوهان پيرين اگهاڙا، ڪپڙن کان خالي ننگا، پيادا، ڏٻرا ڪري اٿاريا ويندوُ" پوءِ سندن ڪنهن گهرواريءَ عرض ڪيو تہ يارسول الله! ڇا هڪ ٻئي جون اگهڙون ڏٺيون

(۱) روح البيان صـ۳۴۰ـ جلد ۱

ويندي يون؟ پاڻ فرمايائون ته "هر هڪ جي لاءِ سندس ڪافي هوندي پئي ڏانهن نهارڻ جو سوچي به نه سگهندو." (١) "وُجُوهٌ يَوْمَئِذٍ مُّسْفِرَةٌ ضَاحِكَةٌ مُّسْتَبْشِرَةٌ" (ڪيترا منهن ان ڏينهن چمڪندڙ، کلندڙ، خوش ٿيندڙ هوندا) مطلب ته قيامت جي ڏينهن ڪيترا منهن چمڪندڙ هوندا انهن ۾ توحيد جو نور ۽ سنت جي اتباع جون تجليون هونديون جيئن حديث پاڪ ۾ آهي ته "جنهن جي رات جو نماز گهڻي هوندي ڏينهن جو ان جو منهن روشن هوندو" ۽ ضحاڪ فرمايو ته "انهن جا منهن وضوءَ جي آثار جي ڪري روشن هوندا کلندڙ، خوش ٿيندڙ هوندا جو جنت جون دائمي ۽ هميشه واريون نعمتون ماڻيندا". (٢) "وَوُجُوهٌ يَوْمَئِذٍ عَلَيْهَا غَبَرَةٌ تَرْهَقُهَا قَتَرَةٌ" (۽ ڪيترا منهن ان ڏينهن انهن تي غبار هوندو انهن تي ڪارنهن ڇانئجي ويندي) مطلب ته ان ڏينهن ڪافرن جي منهن تي غبار ۽ ڪاراڻ ڇانيل هوندي ٻين لفظن ۾ انهن جا منهن غبار سان ڀريل ڪارا هوندا. "أُولَٰئِكَ هُمُ الْكَفَرَةُ" حديث ۾ آهي ته: "جڏهن قيامت جي ڏينهن چوپايا مٽي بنايا ويندا ته اها مٽي ڪافرن جي منهن ۾ وڌي ويندي". "أُولَٰئِكَ هُمُ الْكَفَرَةُ الْفَجَرَةُ" (اهيئي ڪافر، فاجر آهن) "كَفَرَةٌ" ڪافر جو جمع آهي ۽ "فَجَرَةٌ" فاجر جو جمع آهي (٣) مطلب ته جن جي منهن ۾ ڏوڙ پوندي ۽ جن جا منهن ڪارا ٿيندا اهي ڪافر ۽ فاجر هوندا.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ أَخِيهِ" کان "لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ يَوْمَئِذٍ شَأْنٌ يُغْنِيهِ" جي معنىٰ ته بيان ٿي چڪي آهي پر مفسرن لکيو آهي ته اهو حال قيامت جي شروعات ۾ هوندو هر ڪنهن کي پنهنجي وٺ پڪڙ هوندي ڪير ڪنهن جي پڇا نه ڪندو نه ڪير ڪنهن کي ڪا نيڪي ڏيڻ جي لاءِ تيار رهندو انبياءَ ڪرام علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام به نفسي نفسي پيا چوندا پر جڏهن حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن شفاعت جو دروازو کوليندا ته پوءِ هر مومن ٻئي جي پڇا ڪندو تانجو ننڍا ٻار به پيءُ ۽ ماءُ جي پڇا ڪري سندن شفاعت ڪندا هتي قيامت جي اول وقت جو بيان آهي ان جي ڪري آيتن ۾ تعارض ناهي. ٢. "وُجُوهٌ يَوْمَئِذٍ مُّسْفِرَةٌ" (ڪيترا منهن ان ڏينهن چمڪندڙ هوندا) سمجهڻ گهرجي ته جيئن دنيا ۾ بيماري، ڪاوڙ، سڪون، مالداري، غريبي، تعجب، حيرت وغيره منهن مان معلوم ٿيندا آهن تيئن آخرت ۾ ايمان ۽ ڪفر، پرهيزگاري ۽ گنهگاري، منهن مان معلوم ٿيندا بلڪ عام مومنن، اولياءَ الله ۽ انبياءَ ڪرام عليهم

(١) تفسير ابن ڪثير صـ٤٧٣ـ جلد ٤ (٢) روح البيان صـ٣٤١ـ جلد ١٠
(٣) القرطبي صـ٢٢٦ـ جلد ١٩

الصلواة والسلام جي منهن ۾ بہ فرق هوندو. انسان جو منهن هڪ قسم جو قدرتي كتاب آهي ان جي ڪري ان تي ڏڪ هڻڻ ۽ ان کي بگاڙڻ منع آهي-٣. ”وَوُجُوهٌ يَّوْمَئِذٍ عَلَيْهَا غَبَرَةٌ تَرْهَقُهَا قَتَرَةٌ“ (۽ ڪيترا منهن هوندا جو انهن تي غبار هوندو انهن تي ڪارنهن ڇانئجي ويندي) هن مان معلوم ٿيو تہ ڪفر ۽ ايمان وانگر نيڪ ۽ بري عمل جا آثار بہ انسانن جي منهن تي ظاهر ٿين ٿا ۽ انهن سان سڃاتا ويندا تہ جنتي آهن يا جهنمي؟ جيڪو چوي تہ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن ڪافر ۽ مومن کي نہ سڃاڻندا اهو هنن آيتن جو منڪر آهي. الحمدلله جو مون گنهگار سورة ”عبس“ جو تفسير اڄ ڇنڇر جي رات بوقت ١٠ لڳي پنجاهہ منٽن تي بموٴرخـه ٢٣ شوال ١٤٢٦هہ الموافق ٢٠٠٥.١١.٢٤ع تي پنهنجي گهر ۾ لکي پورو ڪيو ۽ ان ڪريم جي دربار ۾ دلي دعا آهي تہ باقي رهيل سورتن جو تفسير بہ جلدي لکي پورو ڪرڻ نصيب ڪري آمين يارب العلمين بحرمـة نبيك الامين عليہ وعلیٰ آلـه واصحابـه الصلواة والسلام الى يوم الدين.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

سورة "التَّكْوِيْرِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن
نالو مبارڪ: هن جو مشهور نالو سورة "التَّكْوِيْر" اهي جنهن مان هن جو لفظ "ڪورت" ورتل آهي ۽ هن کي سورة "ڪورت" ۽ "اِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ" به چوندا آهن. (١)
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، اوڻتيهه آيتون، هڪ سؤ چار ڪلما ۽ پنج سؤ ٽيٽيهه حرف آهن.
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، نحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت عائشه ۽ حضرت ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته "هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي". (٢)
نزول: هن ۾ آيل آيتن جو اسلوب شاهدي ڏئي رهيو آهي ته هي رسالت جي اظهار جي شروعاتي دور ۾ نازل ٿي هئي ۽ جن ٻن مسئلن قيامت ۽ رسالت کي هتي وضاحت سان بيان ڪيو ويو آهي اهي به اها شاهدي ڏئي رهيا آهن.
مضمون: قيامت ۽ رسالت جي باري ۾ ٺي هتي شواهد ۽ دلائل بيان ڪيا ويا آهن قيامت جا ٻه مرحلا آهن. پهريون مرحلو اهو آهي جڏهن هي موجوده ڪائنات جو نظام درهم برهم ڪيو ويو ته نه آسمان رهندو نه سج ۽ چنڊ ۽ نه هي ٽمڪڻ کان مٿي ستارا، آسمان سان ملندڙ جبل ذرا ذرا ٿي غبار وانگر اڏامندا وغيره وغيره ان کان بعد ٻيو مرحلو شروع ٿيندو جڏهن ٻيو ڀيرو صور ۾ ڦوڪ ڏني ويندي ۽ سڀ پنهنجن قبرن مان نڪري ميدان محشر ۾ ايندا ۽ سڀ ايزدي بارگاهه ۾ حساب لاءِ پيش ڪيا ويندا ته هڪ طرف اکين جي اڳيان دوزخ جي باهه جا شعلا ڀڙڪندا رهندا ته ٻئي طرف جنت پنهنجي پوري سينگار سان بندگان خدا جي انتظار ۾ هوندي قيامت جي ذڪر کان پوءِ رسالت جو ذڪر آندو ويو آهي پهريان ٻه ٽي قسم کنيا ويا آهن پوءِ بيان ڪيو ويو آهي ته قرآن ڪريم جو حامل الله جو رسول آهي ۽ هي ڪلام جيڪو اهو اوهان کي پڙهي ٻڌائي ٿو اهو نه ان جو ٺاهيل آهي ۽ نه اهو ڪنهن کان سکي آيو آهي بلڪ هڪ معزز ملائڪ جيڪو امانت جي لحاظ سان هر شڪ ۽ شبهي کان پاڪ آهي هي قرآن الله جل شانه وٽان اهو کڻي آيو آهي ان جي ڪري ان مان فائدو پرايو ۽ پنهنجي عاقبت سينگاريو.
اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة قيامت ۽ ان جي سختين بيان ڪرڻ سان پوري ٿي ۽ هيءَ به ان جي حالات سان شروع ٿيل آهي.

(١) روح المعاني ص ـ ٦٣ ـ جزءُ ٣٠ (٢) حدائق الروح والريحان ص ـ ١٥٣ ـ جلد ٣١

پلايون ۽ برڪتون: ترمذي حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن فرمايو "جيڪو پسند ڪري ٿو تہ مون کي قيامت جي ڏينهن روبرو اکين سان ڏسي اهو "اِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ، وَاِذَا السَّمَآءُ انْفَطَرَتْ ۽ اِذَاالسَّمَآءُ انْشَقَّتْ" پڙهي." (١)

وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَّاحِدٌ	سُوْرَةُ التَّكْوِيْرِ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ تِسْعٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً
۽ هن ۾ ١ رڪوع آهي	سورة التڪوير مڪي آهي	۽ اها ٢٩ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو ئي مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

اِذَاالشَّمْسُ كُوِّرَتْ (١) وَاِذَا النُّجُوْمُ انْكَدَرَتْ (٢) وَاِذَا الْجِبَالُ سُيِّرَتْ (٣)

جڏهن سج بي نور ڪيو ويندو ۽ جڏهن تارا ڪرندا ۽ جڏهن جبل سير ڪرايا ويندا

وَاِذَا الْعِشَارُ عُطِّلَتْ (٤) وَاِذَا الْوُحُوْشُ

۽ جڏهن ڏهن مهينن جون ڏڪيون ڏاچيون بيڪار ڇڏيون ويندون ۽ جڏهن وحشي جانور

حُشِرَتْ (٥) وَاِذَاالْبِحَارُ سُجِّرَتْ (٦) وَاِذَا النُّفُوْسُ زُوِّجَتْ (٧) وَاِذَا الْمَوْءٗدَةُ

گڏ ڪيا ويندا ۽ جڏهن سمنڊ ٻاريا ويندا ۽ جڏهن نفس جوڙيا ويندا ۽ جڏهن جيئريون پوريون

سُئِلَتْ (٨) بِاَيِّ ذَنْۢبٍ قُتِلَتْ (٩) وَاِذَاالصُّحُفُ نُشِرَتْ (١٠)

پڇا ڪيون ويندون تہ ڪهڙي گناهہ جي ڪري قتل ڪيون ويون ۽ جڏهن اعمالناما کوليا ويندا

وَاِذَا السَّمَآءُ كُشِطَتْ (١١) وَاِذَا الْجَحِيْمُ سُعِّرَتْ (١٢) وَاِذَا الْجَنَّةُ

۽ جڏهن آسمان ڇليا ويندا ۽ جڏهن دوزخ سخت ٻاريو ويندو ۽ جڏهن جنت

اُزْلِفَتْ (١٣) عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّآ اَحْضَرَتْ (١٤)

ويجهي ڪئي ويندي تہ ڄاڻندو هر نفس اهو جيڪو حاضر ڪيو هوندائين

(١) القرطبي صـ٢٢٦ـ جلد ١٩

تفسير

اڳيئن سورة جي آخر ۾ قيامت جو بيان هو ۽ هتي قيامت جي اچڻ وقت ٿيندڙ حالات جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ"(جڏهن سج بي نور ڪيو ويندو) يعني جنهن سج جي شمسي نظام ۾ اهميت ڪنهن ڪان لڪل ناهي جڏهن ايري ٿو ته ان جا ڪرڻا انڌيرن ۾ ٻڏل دنيا کي هڪدم منور ڪن ٿا پر قيامت جي اچڻ وقت ان جو اهو سمورو نور ان کان ڪسيو ويندو ۽ ان وقت انڌيرو ئي انڌيرو هوندو. "وَاِذَا النُّجُوْمُ انْكَدَرَتْ"(۽ جنهن وقت تارا ڪرندا) سيدنا حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته آسماني تارا قنديلن ۾ نور جي زنجير سان لٽڪندڙ آهن ۽ زنجير ملائڪن جي هٿن ۾ آهن جڏهن ڌنڌ ۾ پهرين ڦوڪ سان هر شيء ساهه واري فنا ٿيندي ته اهي قنديل به ڪرندا ۽ تارا ڪري بي نور ٿي ٽڙي پکڙي ويندا. (١) "وَاِذَا الْجِبَالُ سُيِّرَتْ"(۽ جڏهن جبل هلايا ويندا) يعني پهرين ڦوڪ سان جبل زمين مان پاڙان پٽجي ڌوڙ ٿي هوا ۾ اڏامندا جيئن ڪڪر هلندا آهن. (٢) "وَاِذَا الْعِشَارُ عُطِّلَتْ"(۽ جڏهن ڏهن مهينن واريون ڏڪيون ڏاچيون بي ڪار ڇڏيون ويندون) ڏڪيون ڏاچيون جڏهن ڏهين مهيني ۾ ٿينديون آهن ته ڪير ۽ ڦر جي لالچ جي ڪري مالڪ انهن کي گهڻو سنڀاليندا آهن ۽ اڪيلو نه ڇڏيندا آهن ته متان ڪٿي جهنگل ۾ ڦر ڇڏين پوء اهو ڦر زيان ٿي وڃي مگر قيامت ۾ اهڙو پيارو مال به ڪنهن کي ياد نه رهندو هر ڪو پنهنجي پريشانيء ۾ هوندو ۽ هڪ قول هي آهي ته جڏهن قبرن مان اٿندا ته سندن چوپايو مال به زنده ڪري اتاريل هوندو انهن ۾ اهي قيمتي ڏاچيون به هونديون پر هر ڪو پنهنجي سورن ۾ هوندو ڪنهن کي ڪا ڳالهه به ذهن ۾ نه رهندي. (٣) "وَاِذَا الْوُحُوْشُ حُشِرَتْ"(۽ جڏهن وحشي جانور گڏ ڪيا ويندا) مقصد ته جيڪي جانور ماڻهن کان ڀڄي، جهنگلن ۾ رهندا هئا اهي ڊپ کان هڪ جاء تي اچي گڏ ٿيندا. "وَاِذَا الْبِحَارُ سُجِّرَتْ"(۽ جڏهن سمنڊ ٻاريا ويندا) يعني ڦوڪ اچڻ سان سمنڊن ۾ باهه لڳي ويندي (جيئن پيٽرول کي لڳندي آهي) ۽ سمنڊن مان دونهون پيو نڪرندو پاڻي ٽپي گرم ٿي ويندو هي پهرين ڦوڪ کان پوء جون حالتون هونديون. هاڻي اڳتي انهن حالتن جو ذڪر اچي ٿو جيڪي نفخه ثانيه (ٻي ڦوڪ) کان بعد ايندڙيون. "وَاِذَا النُّفُوْسُ زُوِّجَتْ"(۽ جڏهن نفس ڳنڍيا ويندا) هن جي مراد ۾ ٣ قول آهن "١" ته هر هڪ پنهنجي هم خيال ۽ هم عمل سان گڏيو ويندو. حضرت عمر رضي الله عنه فرمايو آهي ته "صالح ٻانها صالحن سان گڏ جنت ۾ رهايا

(١) روح البيان صـ٣٤٤ـ جلد ١٠ (٢) تفسير هاشمي صـ٥٦ـ (٣) البحرالمحيط صـ٤٣٢ـ

ويندا ۽ فاجر فاجرن سان گڏ جهنم ۾ رکيا ويندا" حضرت حسن بصري ۽ قتادة جو قول بہ اهو آهي. "٢" تہ ارواح جسمن سان گڏيا ويندا. "٣" تہ مومنن کي حورن سان ۽ ڪافرن کي شيطانن سان جوڙ ڪيو ويندو. (١) "وَإِذَا الْمَوْءُدَةُ سُئِلَتْ ۝ بِأَيِّ ذَنْبٍ قُتِلَتْ ۝" (۽ جڏهن جيئريون پوريلون پڇا ڪيون ويندون تہ ڪهڙي گناهہ جي ڪري قتل ڪيون ويون) جاهليت جي دور ۾ ڪيترا ظلم جاري هوندا هئا انهن مان هڪ ظلم هي بہ هو تہ اهي پنهنجين جيئرين نياڻين کي کڏون کٽي پوري ڇڏيندا هئا ۽ ان تي ڏک يا پشيماني ڪرڻ جي بجاءِ فخر ڪندا هئا. حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ: ڪافرن جي گهرن ۾ جڏهن ڌيءَ ڄمندي هئي تہ ان کي پالي وڏو ڪندا هئا پر جڏهن ان جو قد ڇهن گرانٺين جيترو ٿيندو هو تہ ڳوٺ جي ٻاهران کوهہ وانگر کڏون کٽي ايندا هئا ۽ گهران ان کي سينگار ڪرائي ڀلا ڪپڙا پارائي کوه تي آڻيندا هئا پوءِ انهن کي ان ڏانهن نهارڻ لاءِ چوندا هئا جڏهن اهي اندر نهارينديون هيون تہ مٿان ڪيس ڌڪو ڏئي اندر ڪيرائي مٿان مٽي ورائيندا هئا. هتي انهن جيئرين پوريلين جي باري ۾ بيان ٿي رهيو آهي تہ انهن کان پڇيو ويندو ۽ اهي جواب ڏينديون تہ اسان کي ناحق پوريو ويو هو. (٢) "وَإِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتْ ۝" (۽ جڏهن اعمالناما کوليا ويندا) انسان جي مرڻ جي ڪري جيڪي ان جا اعمالناما ويڙهي رکيا ويا هئا اهي قيامت ۾ کولي ان جي اڳيان آندا ويندا ۽ انهن مطابق حساب ڪيو ويندو. "وَإِذَا السَّمَاءُ كُشِطَتْ ۝" (۽ جڏهن آسمان ڇليو ويندو) مطلب تہ جيئن ڪنل جانور جي کلّ لاهبي آهي تيئن آسمان جو حال بنايو ويندو. علامـــہ پاني پتي عليہ الرحمـة لکيو آهي تہ آسمان ۽ زمين بہ ڦيرا تبدلي ٿيندا ڦهرئين ڦيري انهن جي ظاهري حالت ۾ تبديلي آندي ويندي ٻئي ڦيري انهن جون مڪمل ڪيفيتون ئي مٽجي وينديون. (٣) "وَإِذَا الْجَحِيمُ سُعِّرَتْ ۝" (۽ جڏهن دوزخ سخت تپايو ويندو) يعني وري وري ٻاري تپايو ويندو. "وَإِذَا الْجَنَّةُ أُزْلِفَتْ ۝" (۽ جڏهن جنت ويجهي ڪئي ويندي) جنهن جي ڪري مومنن کي مسرت ۽ ڪافرن کي حسرت ٿيندي. "عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّآ أَحْضَرَتْ ۝" (هر نفس اهو ڄاڻندو جيڪو حاضر ڪيو هوندائين) هي سورة جي شروعات ۾ آندل "اذا" جو جواب آهي مطلب تہ مذڪوره حالات کان پوءِ غفلت جا پردا ڪڇي ويندا هر قسم جا نشان لهي ويندا ۽ هر شخص چڱي طرح ڄاڻندو تہ ان دنيوي حياتيءَ ۾ ڇا ڪمايو ۽ ڇا وڃايو سڀ کيل ڪم سندس اڳيان هوندا.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن رکڻ گهرجن ١. "إِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ"

(١) زادالمسير صـ٣٩ـ جلد ٩ (٢) تفسير هاشمي صـ٥٩ـ (٣) المظهري صـ٢٠٧ـ جلد ١٠

(جڏهن سج بي نور ڪيو ويندو) جي وضاحت ۾ مفسرن هيئن به لکيو آهي ته: قيامت ۾ الله عزوجل سج، چنڊ ۽ سيني ستارن کي سمنڊ ۾ وجهندو ۽ پوءِ انهن تي اهڙي تيز هوا لڳندي جنهن سان سڀ سمنڊ باهه ٿي ويندا ۽ ان طرح سان اهو چوڻ به صحيح ٿي ويو ته سج ۽ چنڊ سمنڊ ۾ وڌا ويندا ۽ هي چوڻ به صحيح رهندو ته سمنڊ باهه بنجي ويندا. ٢. "وَاِذَا النُّفُوْسُ زُوِّجَتْ" (۽ جڏهن نفس جوڙ ڪيا ويندا) هن جي مفسرن هڪ هيءَ مراد به لکي آهي ته مسلمانن ۾ به عقيدي ۽ عمل جي بنا تي جوڙ ٺاهيا ويندا. جيئن بيهقيءَ حضرت نعمان به بن بشير رضي الله عنـــه جي روايت سان حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنـه کان آندو آهي ته جيڪي ماڻهو هڪ جهڙا عمل ڪندا هوندا اهي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيا ويندا پوءِ نيڪ هجن يا گنهگار، مثلاً نيڪن مسلمانن ۾ ديني علم جي خدمت ڪرڻ وارا علماءَ هڪ جاءِ تي، عابد، زاهد هڪ جاءِ تي، مجاهد هڪ جاءِ تي، صدقي خيرات ۾ هڪ جاءِ ۾ خصوصيت رکڻ وارا هڪ جاءِ تي. اهڙي طرح بدعملن وارا چور هڪ جاءِ تي، زناڪار هڪ جاءِ تي ۽ ٻين خاص خاص گناهن ۾ هڪ ٻئي سان شريڪ رهڻ وارا پنهنجي قوم سان گڏ هوندا پر اها قوميت نسبي يا وطني نه هوندي بلڪ عقيدي ۽ عمل جي اعتبار سان هوندي، نيڪ عمل ڪرڻ وارا هڪ جاءِ تي ته بدعمل ڪرڻ وارا ٻي جاءِ تي ۽ ان تي قرآن ڪريم جي آيت "وَكُنْتُمْ اَزْوَاجًا ثَلَاثَـــةً" (۽ اوهان ٽي قسم هوندؤ) سان شاهد پيش ڪرڻ فرمايائون جيئن سورة "اِذَا وَقَعَتِ الْوَاقِعَـــةُ" ۾ ان جو تفصيل گذري چڪو آهي ته: هڪ "اَلسَّابِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ" جو ٽولو هوندو، ٻيو "اَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ" جو، ٽيون "اَصْحٰبُ الشِّمَالِ" جو پهريان ٻه ٽولا جنتي هوندا ٽيون ٽولو جهنمي هوندو.

سوال: قيامت ته حساب، ڪتاب ۽ عملنامن جي پيش ٿيڻ جو ڏينهن آهي هر ڪنهن کان پڇاڻو ڪيو ويندو پوءِ هتي صرف جيئرين پورين کان سوال ڪرڻ جو ذڪر ڇو آندو ويو آهي؟

جواب: غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اهي مظلوم ڇوڪريون جن کي سندن پيئرن ڪڏهن ڪٿي جيئرو پوريو هو انهن جي طرفان خون جي فيصلي لاءِ ڪو دانهن ڪندڙ نه هو جڏهن ته انهن کي دفن به لڪ ۾ ڪيو ٿي ويو ته پوءِ ڪير شاهد ٿئي؟ ان جي ڪري محشر جي عدل ۽ انصاف واري ميدان ۾ انهن جو بيان ڪرايو ويندو ته اهي پاڻ ٻڌائن ته ڪين ڇا جي ڪري قتل ڪيو ويو؟

ٻه مسئلا: ١. ٻارن کي جيئري دفن ڪرڻ يا قتل ڪرڻ ڪبيره گناهه ۽ عظيم ظلم آهي ۽ ڇهن مهينن کان پوءِ ٻار ڪيرائڻ به ان حڪم ۾ داخل آهي ڇو ته چوٿين مهيني

۾ پيٽ واري ٻار ۾ روح اچي ٿو وڃي ۽ اهو زنده انسان جي حڪم ۾ آهي ان کي ڪيرائيندڙ بہ قاتل ظالم آهي اهڙي طرح جيڪو شخص ڪنهن حاملہ عورت کي پيٽ تي ڏک هڻي ٿو ۽ ان سان ٻار ڪري ٿو تہ امت جي اجماع سان ان تي ديت لازم آهي يعني هڪ غلام يا ان جي قيمت ادا ڪرڻ واجب آهي ۽ جيڪڏهن ماءُ جي وجود مان ٻاهر اچڻ وقت اهو زندهہ هو پوءِ مري ويو تہ ان تي وڏي ماڻهوءَ جي برابر پوري ديت واجب آهي ۽ سخت مجبوريءَ جي حالت کان سواءِ چئن مهينن کان اڳ ۾ ٻار ڪيرائڻ بہ حرام آهي مگر پهرئين صورت کان ڪجهہ گهٽ آهي ڇو تہ ان ۾ ڪنهن زندهہ انسان جو صريح قتل ناهي. (١)

٢. ڪا اهڙي صورت اختيار ڪرڻ جنهن سان حمل نہ ٿئي جيئن اڄ ڪالهہ دنيا ۾ ضبط توليد (ٻار ڄڻڻ تي ڪنٽرول ڪرڻ) جي نالي سان ڪئين طريقا رائج ڪيا ويا آهن ان کي بہ رسول الله صلى الله عليـــہ وسلم جن ڪنهن کي جيئرو پورڻ قرار ڏنو آهي اڄ ڪالهہ اهڙيون دوائون ايجاد ڪيون ويون آهن جن سان هميشـہ جي لاءِ اولاد ٿيڻ جو سلسلو ڪٽجي ٿو وڃي شريعت پاڪ ۾ ان جي ڪنهن بہ صورت ۾ اجازت ناهي.

فَلَآ اُقْسِمُ بِالْخُنَّسِ (١٥) الْجَوَارِ الْكُنَّسِ (١٦) وَالَّيْلِ

پوءِ قسم کڻان ٿو پوئتي هٽندڙ تارن جو سڌو هلندڙن، رڪجندڙن جو ۽ رات جو

اِذَا عَسْعَسَ (١٧) وَالصُّبْحِ اِذَا تَنَفَّسَ (١٨) اِنَّهٗ لَقَوْلُ

جڏهن وڃڻ واري ٿئي ۽ صبح جو جڏهن اچڻ واري ٿئي ٿي بيشڪ اهو آندل قول

رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ (١٩) ذِيْ قُوَّةٍ عِنْدَ ذِي الْعَرْشِ مَكِيْنٍ (٢٠) مُّطَاعٍ ثَمَّ

رسول عزت واري جو آهي وڏي قوت وارو آهي عرش جي مالڪ وٽ عزت وارو آهي ميجيل آهي اتي

اَمِيْنٍ (٢١) وَمَا صَاحِبُكُمْ بِمَجْنُوْنٍ (٢٢) وَلَقَدْ رَاٰهُ بِالْاُفُقِ الْمُبِيْنِ (٢٣)

امانت وارو آهي ۽ ناهي اوهان جو صاحب مجنون ۽ البت تحقيق ڏٺائين ان کي صاف ڪناري تي

وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ (٢٤) وَمَا هُوَ بِقَوْلِ شَيْطٰنٍ رَّجِيْمٍ (٢٥) فَاَيْنَ

۽ ناهي اهو غيب تي بخيلي ڪندڙ ۽ ناهي اهو قول شيطان تڙيل جو پوءِ ڪيڏي

(١) المظهري صـ٢٠٦ـ جلد ١٠

تَذْهَبُوْنَ (٢٦) اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ (٢٧) لِمَنْ شَآءَ مِنْكُمْ

وڃو ٿا؟ نـاهي اهـو مـگر نصيحـت جهـانن جـي لاءِ ان لاءِ جنهـن گهريـو

اَنْ يَّسْتَقِيْمَ (٢٨) وَمَا تَشَآؤُنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ (٢٩)

اوهان مان تہ سڌي واٽ وٺي ۽ نہ ٿا گهرو اوهان مگر هي تہ گهري الله رب جهانن جو

ركوع ١

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله عزوجل قيامت جو بيان ۽ اتي جون سختيون بيان ڪيون ۽ هتي ان قيامت جو ذڪر ڪندڙ قرآن ڪريم جو قسم سان ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "فَلَآ اُقْسِمُ بِالْخُنَّسِ الْجَوَارِ الْكُنَّسِ" (پوءِ مان پوئتي هٽندڙن، سڌو هلندڙن، رڪجندڙن تارن جو قسم کڻان ٿو) هتي تارن مان مطلق تارا مراد آهن جيڪي ڏينهن جو هٽن ٿا، اکين کان غائب ٿين ٿا ۽ رات جو ظاهر ٿين ٿا پنهنجن جاين مان ائين ايرن ٿا جيئن جانور پنهنجين مخصوص جاين مان نڪري ايندا آهن ۽ الله جل جلالـه انهن جو قسم ان جي ڪري کنيو آهي جو انهن جي ان انداز ۾ الله عزوجل جي قدرت، عجيب صنعت ۽ نظام جي مضبوطي جا دلائل آهن. (١) ۽ ابن ابي حاتم سيدنا علي المرتضیٰ رضي الله عنـــه کان هي قول بہ نقل ڪيو آهي تہ ان مان مراد پنج ستارا آهن "١" زحل "٢"عطارد "٣" مشتري "۴" مريخ "۵" زهره. هنن کي "خمسـه متحيره" بہ چوندا آهن ۽ انهن کي متحيره ان جي ڪري چون ٿا جو هلڻ ۾ حيران هوندا آهن سج سان هلندا آهن وري موٽي ان جي روشنيءَ ۾ گم ٿي ويندا آهن انهن جي رفتار جو حال هڪ نہ هوندو آهي. "وَالَّيْلِ اِذَا عَسْعَسَ" (۽ رات جو قسم آهي جڏهن وڃڻ واري ٿئي ٿي) "عَسْعَسَ" جون بہ معنائون ڪيون ويون آهن "١"انڌيري جو پٺي ڏئي ڦرڻ جيڪو رات جي پوري ٿيڻ وقت ٿيندو آهي ٢. انڌيري جو سامهون ٿي اچڻ جيڪو رات جي ابتدائي حصي ۾ ٿيندو آهي پهرين صورت ۾ معنیٰ آهي "جڏهن وڃڻ واري ٿئي" ٻيءَ صورت ۾ معنیٰ ٿيندي "جڏهن اچڻ واري ٿئي." "وَالصُّبْحِ اِذَا تَنَفَّسَ" (۽ صبح جو قسم آهي جڏهن اچڻ واري ٿئي ٿي) يعني جڏهن ان جي روشني پکڙجڻ لڳي ٿي ۽ صبح جو پياري هوا لڳڻ شروع ڪري ٿي. "اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ" (بلاشڪ اهو البت رسول، ڪريم جو "آندل" قول آهي) هي پنجن قسمن کڻڻ کان بعد ارشاد ٿي رهيو آهي تہ قرآن ڪريم اهو فرمان آهي جيڪو هڪ معزز، مڪرم قاصد آندو ۽ پڙهي ٻڌايو آهي

(١) المراغي صـ٥٨ـ جزءِ ٣٠ جلد ١٠

رسول ڪريم مان مراد ڪير آهي؟ ان ۾ ٻه قول آهن ١. ته ان مان مراد حضرت جبريل آهي ۽ هتي ان جون ڇهه صفتون بيان ڪيون ويون آهن "١" رسول، قاصد "٢" ڪريم، معزز، "٣" ذي قوة، وڏي قوت وارو، "۴" "عِنْدَ ذِي الْعَرْشِ مَكِيْنٍ" (عرش جي مالڪ وٽ عزت وارو)، "۵" "مُطَاعٍ ثَمَّ" اتي مڃيل، "٦" امين امانت وارو. حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جبريل عليه السلام کان پڇيو ته: الله عزوجل قرآن ڪريم ۾ تنهنجي جيڪا قوت بيان ڪئي آهي اها ڪيتري آهي؟ عرض ڪيائين ته "حضرت لوط (علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) جي قوم جا ڇهه شهر هئا انهن ۾ ڪئين انسان ۽ ٻيا جانور رهندا هئا. جڏهن انهن انسانن جي ڪفر جي ڪري الله عزوجل انهن کي عذاب ڪرڻ گهريو ۽ مون کي امر ٿيو ته مون انهن ڳوٺن کي پنهنجن پرن تي ايترو مٿي کنيو جو انهن ۾ هوندڙن ڪڪڙن ۽ ڪتن جا آواز آسمان وارا ٻڌي رهيا هئا ۽ مون انهن کي اتاهين اونڌو ڪري ڪيرايو ته سڀ هلاڪ ٿي ويا."(١) ٢. "رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ" مان مراد سهڻو نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام آهي. (٢) علامه رازي لکيو آهي "ان هذا الذى اخبركم به محمد من امرالساعة" (٣) بلاشڪ هي قرآن اهو آهي جنهن جي اوهان کي (حضرت) محمد (عليه الصلواة والسلام) خبر ڏني آهي هن مان به معلوم ٿيو ته "رسول ڪريم" مان مراد نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن آهن. علامه اسماعيل حقي عليه الرحمة لکيو آهي "واگر رسول كريم محمد باشد عليه السلام پس او صاحب قوت، طاعت ونزديڪ خدا خداوند قدر، ومكانتست ومطاع" يعني "مستجاب الدعوات ولذاقال له عمه ابو طالب ما اطوعك ربك يامحمد! فقال له "وانت يا عم لواطعته اطاعك" وامين يعني براسرار غيب" (۴) يعني جيڪڏهن "رسول ڪريم" مان مراد حضرت محمد عليه الصلواة والسلام آهي ته پوءِ اهو الله جل شانه وٽ قوت، اطاعت، قدر ۽ قرب جو صاحب، دعائن جو مقبول آهي ۽ ان جي ڪري ئي سندن چاچي ابو طالب کين عرض ڪيو هو ته اي محمد! (عليه الصلواة والسلام) تنهنجو رب تنهنجو ڪيترو نه عرض مڃي ٿو پاڻ فرمايائونس ته چاچا! جيڪڏهن اوهان به الله جل جلاله جي اطاعت ڪندؤ ته اوهان جا عرض به قبول ڪندو ۽ پاڻ غيب جي اسرار تي امين آهن. علامه مظهري هن قول کي ترجيح ڏيندي لکيو آهي ته "ذِيْ قُوَّةٍ" مان مراد جيڪڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن آهن ته پوءِ ان مان مراد آهي ته پاڻ ارشاد ڪرڻ جي مقام ۾ الله

(١) تفسير هاشمي ص-٢٣- (٢) القرطبي ص-٢۴٠- جلد ١٩، المظهري ص-٢٠٨- جلد ١٠
(٣) الكبير ص-٧٣- جزءُ ٣٠ (۴) روح البيان ص-٣٥١- جلد ١٠

عزوجل ڏانهن چڪڻ ۽ جذب ۾ وڌي پاور آهن حضرت نوح عليـــه الصلواة والسلام پنهنجي قوم ۾ ساڍا نوَ سوءَ (۹۵۰) سال دين جي دعوت ڏني تہ بہ تمام ٿورا ماڻهو مؤمن بڻيا ۽ حضرت حبيب ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جن ٽيويهہ "۲۳" سال رهيا تہ سندن دين پوري دنيا ۾ پکڙيو ۽ اربين انسان سندن امتيُ آهن صرف حجة الوداع جي موقعي تي بہ ساڻن هڪ لک چوويهہ هزار (۱۲۴۰۰۰) اصحاب رضي الله عنهم گڏ هئا ۽ پاڻ ستين آسمان کان مٿي ايترو ويا جتي جبريل وجي نہ سگهيو ۽ هڪ گهڙيءَ کان بہ ٿوري وقت ۾ هيٺ لهي آيا ۽ حضرت موسیٰ تجلي ڏسي بيهوش ٿي ويو ۽ پاڻ عليهما الصلواة والسلام جن رب پاڪ کي ڏٺو پاڻ الله وٽ مرتبي جاهہ ۽ عزت وارا آهن سڀ جهان سندن مطيع ۽ پاڻ مطاع آهن عرش جي مالڪ الله وٽ وحي جي معاملي ۾ بہ امين آهن معراج واري رات جبريل عليـــه السلام جو چوڻ ڪندي ملائڪن جيڪي آسمانن جا دروازا کوليا هئا اها بہ درحقيقت حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جي اطاعت هئي جو تہ معراج تہ سندن هو ۽ ٿورزو اڳتي لکيو اٿس تہ: حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جو ملائڪن ۾ مطاع (اطاعت ڪيل) هجڻ جو وجـــه هي آهي جو اهل تحقيق وٽ محمدي حقيقت وجود جي فيوض ۽ قرب جي مراتب ۾ پهريون تعين آهي ۽ انهن مرتبن مان هي مرتبو بہ آهي تہ سندن طرف الله عزوجل سان ڳالهائيندڙ هجڻ جي حيثيت سان بہ وحي ڪيو وڃي ٿو جيڪو بہئي ڪنهن ڏانهن محمدي حقيقت جي واسطي کان سواءِ نہ ٿو پهچي ۽ اهو ڪشفي امر آهي جنهن لاءِ قرآني نص "وَمَا اَرۡسَلۡنَاكَ اِلَّا رَحۡمَـةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ" شاهد آهي ۽ سندن فرمان "اَمَّا وَزِيۡرَ اىَ فِى السَّمَاءِ فجِبۡرَئِيل وَميكَائِيلَ وَاَمَّاوَزِيۡرَ ايَّ فِي الۡاَرۡضِ فَاَبُوۡبَكۡرٍ وَّعُمَرُ" (پر منهنجا وزير آسمان ۾ جبرئيل ۽ ميڪائيل آهن ۽ منهنجا وزير زمين ۾ ابوبڪر ۽ عمر آهن جبريل وزير جي حيثيت وارو مطاع (اطاعت ڪيل) آهي تہ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن ڪيئن اطاعت ڪيل نہ آهن) (۱) "وَمَا صَاحِبُكُمۡ بِمَجۡنُوۡنٍ" (۽ اوهان جو صاحب مجنون ناهي) مطلب تہ اوهان سان گڏ ڪئين سال زندگي گذارڻ وارو منهنجو حبيب عليـــه الصلواة والسلام چريو ناهي اوهان ان جي زندگيءَ جو ڪو بہ اهڙو واقعو پيش ڪري نہ سگهندؤ. "وَلَقَدۡ رَاٰهُ بِالۡاُفُقِ الۡمُبِيۡنِ" (۽ البت تحقيق ان کي صاف پاسي تي ڏٺائين) يعني بلاشڪ (حضرت) محمد عليـــه الصلواة والسلام جن معراج واري رات عرش جي مالڪ رب کي ان حال ۾ ڏٺو جو پاڻ ستن آسمانن کان مٿان صاف ڪناري تي هئا. "وَمَاهُوَ عَلَى الۡغَيۡبِ بِضَنِيۡنٍ" (۽ اهو غيب تي بخيلي ڪندڙ ناهي) يعني اوهان جو

(۱) المظهري صـ۲۰۸/۲۰۹ـ جلد ۱۰

نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي ڪاهن (پوپو) چوڻ سراسر زيادتي آهي هي ته اهو حبيب عليه الصلواة والسلام آهي جنهن وٽ الله جل شانه جي عطا سان علوم غيبيه جا خزانا آهن اهي معارف الاهيه جن سان ان جو سينو معمور آهي اهي رباني تجليات جيڪي هر وقت ان جي قلب منير تي نازل ٿي رهيون آهن هي انهن جي ٻڌائڻ ۾ ڪا به بخيلي نه ٿو ڪري ڇا ايڏي وڏي تفاوت هوندي به ان کي اوهان ڪاهن سڏيو ٿا؟ (٢) شاهه عبدالعزيز محدث دهلوي لکيو آهي ته: هي قرآن علم غيب جي بيان ڪرڻ ۾ بخل نه ٿو ڪري ۽ انسان کي جيڪو معاش ۽ معاد ۾ ڪم اچي ٿو اهو بيان ڪري ٿو ان ۾ ڪوتاهي نه ٿو ڪري. (٣) "وَمَاهُوَ بِقَوْلِ شَيْطٰنٍ رَّجِيْمٍ" (۽ اهو تڙيل شيطان جو قول ناهي) يعني اهو اهڙو ڪلام ناهي جنهن کي شيطان چوريءَ ٻڌي پنهنجي ڪنهن ڪاهن ڏانهن القاءَ ڪيو هجي. "فَاَيْنَ تَذْهَبُوْنَ" (پوءِ ڪيڏانهن وڃو ٿا) يعني اهڙي صاف ۽ سچي الهي پيغام کي ڇڏي ڪهڙي طرف وڃو ٿا. ان هدايت جي نور کي ڇڏي ٻئي طرف نه وڃو. "اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ" (هي ته صرف جهانن جي لاءِ نصيحت آهي) جهڙي طرح هن کي نازل ڪندڙ رب العلمين آهي جنهن تي نازل ٿيو اهو رحمة للعلمين آهي اهڙي طرح هي ڪلام ذڪر للعلمين آهي ۽ هي زمان ۽ مڪان جي حدبندين کان آزاد ۽ سيني لاءِ قيامت تائين رشد ۽ هدايت جو چمڪندڙ سج آهي. "لِمَنْ شَآءَ مِنْكُمْ اَنْ يَّسْتَقِيْمَ" (ان لاءِ جيڪو سڌي واٽ تي هلڻ گهري ٿو) مقصد هي ته ان جي لاءِ نصيحت آهي. "وَمَا تَشَآءُوْنَ اِلَّا اَنْ يَّشَآءَ اللهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ" (۽ اوهان نه ٿا گهرو مگر هي جو جهانن جو رب الله گهري) مطلب ته هدايت ۽ سڌي واٽ جي طلب به اهو ٿو ڪري جنهن کي الله عزوجل گهري جڏهن اهو گهرندو ته سڀ رڪاوٽون دفع ۽ دور ٿي وينديون.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَالصُّبْحِ اِذَا تَنَفَّسَ" (۽ صبح جو قسم آهي جڏهن اچڻ واري ٿئي ٿي) ان مان مراد رات جو پويون حصو آهي جڏهن ته اهو صالحن جي روئڻ، مناجات ۽ حاجتن جي عرض ڪرڻ جو وقت آهي ۽ اهي ماڻهو ته پيارا آهن پر انهن جو روئڻ، زاري ڪرڻ به پياري آهي ان جي ڪري اهو وقت به پيارو آهي ۽ ان مان معلوم ٿيو ته جنهن وقت يا جاءِ کي الله عزوجل جي پيارن سان نسبت ٿي وڃي اهي به پيارا آهن مڪه مڪرمه، صفا مروه، مقام ابراهيم (على نبينا وعليه الصلواة والسلام) ان جي ڪري پيارا آهن جو انهن جي پيارن سان نسبت آهي يا رات مان مراد معراج واري رات ۽ صبح مان مراد محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام جي ولادت واري صبح آهي جڏهن ته هڪ پيرو انهن ۾ وڏا واقعات ٿيا آهن

(١) ضياءُ القرآن ص ٥٠٥ـ جلد ٥ (٢) تفسير عزيزي فارسي ص ٧٢ـ

ان جي ڪري ٢٧ رجب ۽ ٻارهين ربيع اول قسم کڻڻ جي قابل آهن جيئن قدر واري رات ۾ رمضان المبارڪ هميشه جي لاءِ عظمت وارا ٿي ويا. (١) ٢. "ذِىْ قُوَّةٍ" (قوت جو صاحب) هن مان مراد حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن به آهن الله عزوجل کين ايتري قوت عطا فرمائي جو قرآن پاڪ جو حرف حرف مضبوطيءَ سان محفوظ فرمايائون ۽ حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ملائڪن کي به سڃاڻن ٿا اهو ئي سبب هو جو ٻهرئين وحي جي نزول وقت پاڻ جبريل کان نه پڇيائون ته تون ڪير آهين؟ نه سڃاڻن ها ته ان کان پڇن ها. ٣. "مَكِيْنٍ" (عزت وارو) هن مان معلوم ٿيو ته نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن به عزت وارا آهن ته سندن خدمت ۾ اچڻ وارو جبريل به عزت وارو آهي ۽ جڏهن اهو عزت وارو آهي ته حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ اچڻ وارا اصحاب سڀورا رضي الله عنهم به عزت وارا آهن ۽ ٻين مومنن کان ڀلا آهن ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه سيني اصحابن بلڪ نبين عليهم الصلواة والسلام کان بعد ساري خلق خدا کان افضل آهي جو حضور عليه الصلواة والسلام جن جو خاص خادم آهي خيال ۾ رکڻ گهرجي ته عزت وهبي به هوندي آهي ته ڪسبي به هوندي آهي. ٤. "وَمَاهُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ" (۽ اهو غيب تي بخيلي ڪندڙ ناهي) مان معلوم ٿيو ته الله عزوجل حضور عليه الصلواة والسلام جن کي غيب جو علم به عطا ڪيو آهي جيڪڏهن کين غيب جو علم عطا ڪيل نه هجي ها ته ائين فرمان نه ٿئي ها ته اهو غيب تي بخيلي ڪندڙ ناهي. جنهن وٽ ڪجهه نه هوندو اهو بخيلي ڪهڙي ڪندو. علامه شبير احمد عثماني صاحب لکيو آهي ته يعني هي پيغمبر هر قسم جي غيبن جي خبر ڏي ٿو ماضيءَ سان متعلق هجن يا مستقبل سان يا الله جي اسماءُ ۽ صفات سان يا شرعي احڪام سان يا مذهب جي حقانيت ۽ باطل هجڻ سان يا جنت ۽ دوزخ جي احوال سان يا موت کان بعد وارن واقعن سان. نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن انهن شين جي ٻڌائڻ ۾ نه بخل ڪن ٿا ۽ نه ان تي ڪو اجورو گهرن ٿا، نه نذرانو، نه بخشش ته اهڙي شخصيت تي ڪاهن جو لفظ ڪيئن چسپان ٿي سگهي ٿو؟ (١) الحمد لله جو مون گنهگار سومر جي رات بوقت ٦ بجي مغرب کان پوءِ بموٌرخه ٢٥ شوال ١٤٢٦هه ٢٧.١١.٢٠٠٥ع سورة التڪوير جو تفسير لکي پورو ڪيو

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) حاشيه عثمانيه ص ـ ٧٨٠ ـ

سورة "اِلۡاِنۡفِطَارِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن

نالو مبارڪ: هن جي پهرين آيت ۾ "اِنۡفَطَرَتۡ" ڪلمه آهي جنهن جي مصدر انفطار آهي اهو ئي هن جو نالو مبارڪ آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، اوڻويه آيتون، اسي ڪلما ۽ ٽي سؤ ستاويه (٣٢٧) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، نحاس، ابن مردويه ۽ بيهقيءَ حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: هيءَ به نبوي، مڪي دور جي شروعات ۾ نازل ڪيل سورتن مان آهي.

مضمون: قيامت جي دردناڪ منظر پيش ڪرڻ کان پوءِ ٻڌايو ويو آهي ته ان ڏينهن سڀ راز کلي پوندا ۽ حقيقت پنهنجي صحيح صورت ۾ ظاهر ٿيندي هر شخص کي خودبخود پنهنجن ڪارنامن جي باري ۾ پتو پئجي ويندو ته اهو دنيا ۾ ڇا ڪندو رهيو هو نيڪي يا برائيءَ جو جيڪو ٻج ان پوکيو هو ان جا ڀلا يا برا ڪهڙا نتيجا نڪري سامهون آيا آهن وري انسان کي جهيو وجي ٿو ته اي انسان! جڏهن رب ڪريم توکي پنهنجي لطف ۽ ڪرم سان پاليو، بي حساب احسانن سان نوازيو، ته بي شڪري به ان جي پيو ڪرين ائين نه سمجهه ته تون جيڪو ڪجهه ڪرين ٿو اهو وساريو ويندو ۽ قيامت ۾ ان جو ڪو باضابطه ثبوت پيش نه ڪيو ويندو اها تنهنجي غلط فهمي آهي ائين هرگز نه ٿيندو بلڪ اسان معتبر ملائڪ مقرر ڪيا آهن جيڪي تنهنجي هر فعل ۽ هر جملي کي مضبوطي سان لکن پيا ۽ ان وثوق ۽ اعتبار جهڙي ريڪارڊ جي مطابق نيڪن کي سندن نيڪيءَ جو ۽ برن کي سندن برائيءَ جو بدلو ملندو.


اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳينءَ سورة ۾ قيامت جي لاءِ اٿڻ وقت پيش ايندڙ حالات جو بيان هو تيئن هن ۾ به انهن حالتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: هن سورة جي ڀلائي هڪ ته ان حديث ۾ آيل آهي جيڪا سورة "اَلتَّكۡوِيۡرِ" جي ڀلائيءَ ۾ لکي آيا آهيون ۽ ٻي هيءَ آهي ته نسائي حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته (حضرت) معاذ نماز پڙهائڻ ۾ قراءت ڊگهي ڪئي پوءِ

---

(١) حدائق الروح والريحان ص-١٨٩ جلد ٣١ (٢) الدرالمنثور ص-٤٣٧ جلد ٨

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کيس فرمايو تہ ڇا تون فتنو پيدا ڪندڙ آهين؟ "سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْأَعْلَى" "وَالضُّحٰى" ۽ "إِذَا السَّمَاءُ انْفَطَرَتْ" کان ڇو بي توجه آهين؟ (١)



وَهِيَ تِسْعٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْاِنْفِطَارِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَّاحِدٌ
۽ اها ٢٩ آيتون آهي	سورة الانفطار مکي آهي	۽ هن ۾ ١ رکوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع کيان تو جيکو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

إِذَا السَّمَاءُ انْفَطَرَتْ (١) وَإِذَا الْكَوَاكِبُ انْتَثَرَتْ (٢) وَإِذَا الْبِحَارُ فُجِّرَتْ (٣)

جڏهن آسمان ڦاٽندو ۽ جڏهن تارا پکڙجي ويندا ۽ جڏهن سمنڊ وهايا ويندا

وَإِذَا الْقُبُوْرُ بُعْثِرَتْ (٤) عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ وَاَخَّرَتْ (٥)

۽ جڏهن قبرون کوليون ونديون نہ ڄاڻندو هر نفس اهو جيکو اڳي کيائين ۽ پوءِ کيائين

تفسير

اڳيئن سورة جي آخر ۾ بيان ٿيو تہ اوهان جي گهرڻ سان ڪجهہ نہ ٿيندو ۽ اهو ٿيندو جيکو الله عزوجل گهرندو ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ ان جي گهرڻ ۽ مشيت سان آسمان ڦاٽندو وغيره وغيره فرمان خداوندي آهي. "إِذَا السَّمَاءُ انْفَطَرَتْ" (جڏهن آسمان ڦاٽندو) ۽ ٽڪرا ٽيندو. "وَإِذَا الْكَوَاكِبُ انْتَثَرَتْ" (۽ جڏهن تارا پکڙجي ويندا) يعني هيٺ ڪرڻ کان پوءِ ٽڙي ويندا. "وَإِذَا الْبِحَارُ فُجِّرَتْ" (۽ جڏهن قبرون کوليون ونديون) يعني انهن ۾ دفن ڪيل ٻاهر ڪڍي محشر جي ميدان ۾ اعمال جي بدلي لاءِ الله عزوجل جي اڳيان آندا ويندا. "عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ وَاَخَّرَتْ" (۽ جڏهن سمنڊ وهايا ويندا ۽ مٺا ۽ کارا پاڻي ملي هڪ ٿي ويندا) "وَإِذَا الْقُبُوْرُ بُعْثِرَتْ" (هر نفس جيکي اڳي ڪيو هوندو ۽ پوءِ ڪيو هوندو اهو ڄاڻندو) مقصد تہ پردا پري ٿيندا لکل راز کلندا ۽ نفس جيکا ڀلائي يا برائي ڪئي هوندي ڄاڻندو ظالم پنهنجا ڪُڌا ڪرتوت ڏسي، ابدي بدبختي ۽ سرمدي عذاب محسوس ڪري هٿن تي چڪ هڻندو ۽ متقي، صالح اعمال ڪري موڪليندڙ، عظيم فوز و فلاح، هميشه واريون

(١) حدائق الروح والريحان ص ١٨٩، جلد ٣١

نعمتون ۽ عذاب السعير کان سلامتي حاصل ڪرڻ سان ڪامياب ٿيندا. (١)

يَآاَيُّهَا الْاِنْسَانُ مَاغَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ ۙ (٦) الَّذِىْ خَلَقَكَ فَسَوّٰكَ

اي انسان! ڪنهن ڌوڪو ڏنو توکي پنهنجي رب ڪريم سان جنهن پيدا ڪيو توکي

فَعَدَلَكَ ۙ (٧) فِىْٓ اَيِّ صُوْرَةٍ مَّاشَآءَ رَكَّبَكَ ؕ (٨) كَلَّا بَلْ تُكَذِّبُوْنَ

پوءِ برابر رکيائين توکي جنهن بہ صورت ۾ گهريائين ڳنڍيائين توکي هرگز نہ بلڪ ڪوڙو ڄڻو ٿا

بِالدِّيْنِ ۙ (٩) وَاِنَّ عَلَيْكُمْ لَحٰفِظِيْنَ ۙ (١٠) كِرَامًا كَاتِبِيْنَ ۙ (١١) يَعْلَمُوْنَ

قيامت کي ۽ بيشڪ اوهان تي البت نگهبان آهن عزت وارا، لکندڙ ڄاڻن ٿا جيڪي

مَاتَفْعَلُوْنَ (١٢) اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِىْ نَعِيْمٍ ۚ (١٣) وَاِنَّ الْفُجَّارَ لَفِىْ جَحِيْمٍ ۚ ۖ (١٤)

ڪيو ٿا بيشڪ نيڪو ڪار البت نعمتن ۾ هوندا ۽ بيشڪ بدڪار البت دوزخ ۾ هوندا

يَصْلَوْنَهَا يَوْمَ الدِّيْنِ (١٥) وَمَاهُمْ عَنْهَا بِغَآئِبِيْنَ ؕ (١٦) وَمَآاَدْرٰىكَ

داخل ٿيندا ان ۾ جزا واري ڏينهن ۽ نہ هوندا اهي ان کان غائب ۽ ڪنهن ڄاڻايو توکي تہ ڇا آهي

مَا يَوْمُ الدِّيْنِ ۙ (١٧) ثُمَّ مَا اَدْرٰىكَ مَايَوْمُ الدِّيْنِ ؕ (١٨) يَوْمَ

بدلي جو ڏينهن ان کان پوءِ ڪنهن ڄاڻايو توکي تہ ڪهڙو آهي بدلي جو ڏينهن؟ جنهن ڏينهن

لَاتَمْلِكُ نَفْسٌ لِّنَفْسٍ شَيْئًا ؕ وَالْاَمْرُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ ع (١٩) ع ١ / ١٩ / ٧

نہ مالڪ ٿيندو ڪو نفس ڪنهن جي لاءِ ڪجهہ بہ ۽ امر ان ڏينهن الله جو آهي

تفسير

سورة جي ابتداءَ ۾ قيامت جي ڏينهن موجود نظام ۾ ايندڙ تبديلين جو ذڪر هو ۽ هتي انسان کي ان کان ٻي توجهہ بنائيندڙ شين جي متعلق سوال ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يَآاَيُّهَا الْاِنْسَانُ مَاغَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ ۙ الَّذِىْ خَلَقَكَ فَسَوّٰىكَ فَعَدَلَكَ ۙ فِىْٓ اَىِّ صُوْرَةٍ مَّاشَآءَ رَكَّبَكَ" (اي انسان! توکي تنهنجي ڪريم رب سان ڪنهن ڌوکي ۾ وڌو جنهن توکي پيدا ڪيو پوءِ ٺيڪ ٺاهيو پوءِ برابر بنايو جهڙي صورت ۾ بہ گهريائين توکي ڳنڍيائين) مطلب تہ اي عقل، فهم جا صاحب انسان! جنهن فڪري قوت ۽ بسيط قدرت جي ڪري تون افضل المخلوقات ٿئين توکي ڪهڙي شيءِ تنهنجي ڪريم، رب

(١) تيسير الكريم الرحمٰن ص-٣٧٠ـ جزءُ ٥

خالق، توکي نيڪ ٺاڪ جوڙيندڙ، تنهنجي جسم جي جوڙجڪ کي برابر رکندڙ، جنهن صورت ۾ گهريائين توکي ٺهيندڙ سان ڏوکي ۾ وڌو جو تو ان جي عبادت ۽ معبود بالحق هجڻ جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو آهي شريف ماڻهو ته ائين نه ڪندا آهن "كَلَّا بَلْ تُكَذِّبُونَ بِالدِّينِ" (هرگز نه بلڪ اوهان (قيامت ۾ ملڻ واري) بدلي کي ڪوڙو چئو ٿا) مطلب ته اوهان کي ان تي يقين ناهي اگر اوهان کي اهو يقين هجي ها ته هڪ ڏينهن اوهان کي پنهنجي خالق جي اڳيان پيش ڪيو ويندو ۽ اوهان کان اوهان جي اعمال جي باري ۾ پڇا ڪئي ويندي ته اوهان ائين نه ڪيو ها. "وَإِنَّ عَلَيْكُمْ لَحَافِظِينَ كِرَامًا كَاتِبِينَ يَعْلَمُونَ مَا تَفْعَلُونَ" (۽ بيشڪ اوهان جي مٿان حفاظت ڪندڙ عزت وارا لکندڙ موجود آهن اوهان جيڪي ڪيو ٿا ڄاڻن ٿا) مطلب ته اوهان جي انڪار ڪرڻ جي ڪري ڪجهه نه ٿيندو اوهان جي حساب، ڪتاب جي لاءِ اسان پورو پورو انتظام ڪيو آهي اسان اوهان جي مٿان نگهباني ڪندڙ، عزت وارا، اوهان جا اعمال لکندڙ ملائڪ مقرر ڪري ڇڏيا آهن اوهان جيڪو به چڱو يا برو عمل ڪيو ٿا ڄاڻن ٿا. ابن ابي حاتم مجاهد کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "ڪراماً ڪاتبين جي عزت ڪيو اهي اوهان کان ٻن حالتن کان سواءِ جدا نه ٿيندا آهن "١"هڪ احتلام (ٽڙجي) حالت ۾ "٢"پائخاني ۾ وڃڻ جي حالت ۾" اوهان مان هڪڙو جڏهن غسل ڪري ته پٽ جي پردي ۾ يا پنهنجي اٺ جي اوٽ ۾ غسل ڪري يا ڪپڙي کي يا ڪپڙي کي ٻيهي. محدث بزار حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه جن فرمايو الله "اوهان کي اگهاڙي ٿيڻ کان روڪي ٿو پوءِ الله جي انهن ملائڪن، ڪراما ڪاتبين کان حياءُ ڪيو جيڪي اوهان سان گڏ آهن ۽ اوهان کان ٽن حالتن کان سواءِ جدا نه ٿا ٿين "١" پائخاني جي حالت، "٢" احتلام (ٽڙجي) حالت، "٣" وهنجڻ جي حالت ۾" "٣" محدث بزار حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جڏهن انسان تي حفاظت لاءِ ويٺل ٻه ملائڪ الله ڏانهن ان جا اعمال کڻي وڃن ٿا ۽ الله ان جي اول ۽ آخر ۾ گناهن جي مغفرت جي طلب ڏسي ٿو ته الله فرمائي ٿو مون پنهنجي ٻانهي کي بخش ڪيو". (١) "إِنَّ الْأَبْرَارَ لَفِي نَعِيمٍ وَإِنَّ الْفُجَّارَ لَفِي جَحِيمٍ يَصْلَوْنَهَا يَوْمَ الدِّينِ" (بلاشڪ نيڪوڪار البت نعمتن ۾ هوندا ۽ بيشڪ فاجر البت دوزخ ۾ هوندا ان ۾ قيامت جي ڏينهن داخل ٿيندا) ابرار مان مراد اهي ٻانها آهن جيڪي ايمان ۾ سچا پڪا رهي فرض ادا ڪندا رهيا ۽ برائين کان

(١) ابن ڪثير ص ـ ٤٨٢ ـ جلد ٤

پري ٿيا ابرار برجو جمع آهي معنیٰ سچو، مطيع ۽ محسن ۽ نيڪين ۾ پلي نيڪي لا الـه الا الله آهي ان کان پوءِ والدين جي خدمت ان کان پوءِ شاگردن جي طرفان استادن جي خدمت ۽ مريدن جي طرفان مرشدن جي خدمت ۽ فجار مان مراد ڪوڙ هڻندڙ محشر جا منڪر آهن اهي جهنم جي عذاب ۾ هوندا ان ۾ قيامت جي ڏينهن داخل ٿيندا. (١) "وَمَاهُمْ عَنْهَا بِغَآئِبِيْنَ وَمَآ اَدْرٰكَ مَايَوْمُ الدِّيْنِ ثُمَّ مَا اَدْرٰكَ مَايَوْمُ الدِّيْنِ يَوْمَ لَاتَمْلِكُ نَفْسٌ لِّنَفْسٍ شَيْئًا وَّالْاَمْرُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ" (۽ اهي ان کان غائب نه هوندا ۽ اوهان ڪي ڪنهن ڄاڻايو ته بدلي جو ڏينهن ڇا آهي ۽ ان کان پوءِ وري اوهان ڪي ڪنهن ٻڌايو ته بدلي جو ڏينهن ڇا آهي؟ ان ڏينهن ڪو نفس ڪنهن نفس جي لاءِ ڪنهن به شيءِ جو مالڪ نه ٿيندو ۽ امر ان ڏينهن الله جو آهي) يعني قيامت کان ڪو به غائب ٿي نه سگهندو. ان ڏينهن کان غافل رهڻ وارا! توکي ڪنهن ٻڌايو آهي ته اهو ڏينهن ڇا هوندو حالانڪ ان کي سمجهڻ لاءِ تون لائق هئين ان کان پوءِ به توکي ڪنهن ٻڌايو ته اهو بدلي ملڻ وارو ڏينهن ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن اها ڄاڻ رکين ها ته گناهن کان سچي توبه ڪرين ها. اهو اهڙو ڏينهن آهي جو ڪير به ڪنهن جي لاءِ ڪجهه مالڪ ٿي نه سگهندو ان ڏينهن سمورو امر ۽ حڪم الله جل وعلا جو هلندو. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان حاصل ٿيندڙ اهم فائدا هي به آهن. ١. "عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ وَاَخَّرَتْ" (نفس جيڪو ڪجهه اڳتي ڪري موڪليو ۽ پوئتي ڪري موڪليو ڄاڻندو) مفسرن لکيو آهي ته اڳتي موڪليل عمل مان مراد اهي عمل آهن جيڪي پاڻ ڪري موڪليا هوندائين ۽ پوئتي ڪيلن مان مراد اهي آهن جن جو دنيا ۾ بنياد رکيو هوندائين ۽ هاڻي سندس مرڻ کان پوءِ اهي شروع ٿي ويا آهن جيڪڏهن نيڪ عمل هوندا ته انهن جو ڪيس درجو ملندو ۽ جيڪڏهن براعمل هوندا ته انهن جو گناهه سندس اعمالنامي ۾ لکيو ويندو. (٣) ٢. "فَعَدَلَكَ" (پوءِ توکي برابر ڪيائين) مان مراد آهي ته تنهنجي وجود کي هڪ خاص اعتدال بخشيائين جيڪو دنيا جي ٻئي ڪنهن به جانور کي نه مليو آهي عضون جيّ لحاظ سان به ۽ مزاج ۽ طبيعت جي اعتبار سان به جيتوڻيڪ انسان جي تخليق ۾ متضاد ۽ مختلف مواد شامل آهي رت، بلغم، سوداء، صفراء ڪو گرم ته ڪو سرد پر رب العزة جل جلالـــه جي حڪمت انهن متضاد شين مان هڪ معتدل مزاج تيار ڪئي آهي. ٣. "يَوْمَ لَاتَمْلِكُ نَفْسٌ لِّنَفْسٍ

(١) روح البيان صـ٣٦١ـ جلد ١٠ (١) روح البيان صـ٣٦١ـ جلد ١٠ (٣) المراغي صـ٦٩/٧٠ـ جزءُ ٣ جلد ١٠

شَيْئًا" (جنهن ڏينهن ڪو نفس ڪنهن نفس جي لاءِ ڪنهن شيءِ جو مالڪ نہ ٿيندو)" مان مراد آهي تہ پنهنجي اختيار سان ڪير ڪنهن جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪندو ان مان شفاعت جو انڪار ثابت نہ ٿيندو ڇو تہ شفاعت اهو ڪندو جنهن کي الله جل جلالہ اذن ڏنو هوندو. (١) علامہ نعيمي لکيو آهي تہ: ڪو ڪافر ڪنهن جي بہ شفاعت نہ ڪندو يا ڪو مومن ڪنهن ڪافر جي شفاعت نہ ڪندو. (٢) الحمدلله جو مون گنهگار سومر جي ڏينهن صبح جو، بوقت ٦ لڳي چوونجاهہ منٽن تي بموٴرخہ ٢٥ شوال ١٤٢٦هہ الموافق ٢٠٠٥.١١.٢٨ع تي پنهنجي گهر ۾ سورة انفطار جو تفسير لکي پورو ڪيو.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه



(١) روح البيان صـ٣٦١ـ جلد١٠ (٢) المراغي صـ٦٩/٧٠ـ جزءُ ٣ جلد ١٠

سورة "اَلۡمُطَفِّفِيۡنَ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن
نالو مبارڪ: هن جو نالو "اَلۡمُطَفِّفِيۡنَ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، ڇٽيهه آيتون، هڪ سؤ اوڻهتر (١٦٩) ڪلما ۽ ست سؤ ٽيهه (٧٣٠) حرف آهن.
مڪيه آهي يا مدنيه؟ نحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي ابن الضريس حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته سورة "اَلۡمُطَفِّفِيۡنَ" آخري سورة آهي جيڪا مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي.
نزول: اڳي لکي آيا آهيون ته هيءَ سورة نبوي مڪي دور جي آخر ۾ نازل ٿي هئي پر ابن مردويه ۽ الدلائل ۾ بيهقي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان هيءَ روايت به آندي آهي ته مدينه منوره ۾ پهرين سورة "اَلۡمُطَفِّفِيۡنَ" نازل ٿي هئي. (١) ۽ ٽيون قول هي آهي ته هن سورة جو نزول مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره جي وچ ۾ سفر جي دوران ٿيو هو. (٢)
مضمون: معاشري جي اصلاح ۾ آخرت تي ايمان رکڻ ئي نهايت موثر ذريعو آهي مڪه مڪرمه جا رهاڪو جڏهن ته عام طور تاجر هئا ان جي ڪري ڏيتي ليتيءَ ۾ گهٽ وڌ ڪرڻ انهن جو ڏنڌو هوندو هو. ان جي ڪري انهن کي قيامت ۾ سزا ملڻ جي ڳالهه ٻڌائڻ نهايت اهم هئي ۽ هن سورة جي ابتداءَ به "وَيۡلٌ" جي لفظ سان ڪئي وئي آهي ۽ انهن کي ٻڌايو ويو آهي ته اهي پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪا به اهڙي حرڪت نه ڪن ۽ ان جي صرف هڪ اها صورت آهي ته قيامت تي يقين رکن ۽ يقين رکڻ جي صورت ۾ ڪير به اها زيادتي ۽ ظلم نه ڪندو ان کان پوءِ هي ٻڌايو ويو آهي ته قيامت ته هر حال ۾ قائم ٿيندي پر جيڪي ماڻهو ان جي قائم ٿيڻ جو يقين نه رکندا آهن انهن ۾ قسمين قسمين خرابيون پيدا ٿيڻ آسان هونديون آهن اهي سڄي عمر بدڪاري ۽ ڏوڪي بازيءَ ۾ برباد ڪندا آهن اڄ اهي ان جي سزا ڀوڳيندا جيڪا نهايت دردناڪ هوندي پر جن ماڻهن قيامت جي واقع ٿيڻ جو يقين رکيو ۽ ان جزا واري ڏينهن جي سزا کان ڊڄندا رهيا گناهن کان بچندا رهيا انهن کي قيامت جي

(١) الدرالمنثور صـ٤٣٧ـ جلد ٨ (٢) ضياءُ القرآن صـ٥١٣ـ جلد ٥

ڏينهن ملڻ واري بدلي جو بہ نهايت دلڪش منظر پيش ڪيو ويو آهي آخر ۾ ڪافرن جي هڪ خسيس حرڪت بيان ڪئي وئي آهي تہ اهي پاڻ سيني براين جو مجموعو آهن پنهنجين گندگين ۽ گناهن ڪي ڏسي اهي ڪڏهن پشيمان نہ ٿيا آهن ان هوندي وري اهلِ حق ڪي نهايت حقارت سان ڏسن ٿا ۽ جڏهن گهرن ڏانهن واپس ورن ٿا تہ وڏائيءَ ۽ تڪبر سان ورن ٿا گمراهہ پاڻ آهن پر گمراهيءَ جو الزام انهن نيڪن صالحن تئ هڻن ٿا جن تي حقيقت ۾ انسانيت فخر ڪري رهي آهي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ ذڪر ٿيو "وَاِنَّ عَلَيۡكُمۡ لَحَافِظِيۡنَ" (بلاشڪ اوهان تي نگهباني ڪندڙ آهن) ۽ هتي ان ڪتاب جو ذڪر ڪيو ويو جنهن ۾ انهن جي لکت محفوظ هوندي. "كِتٰبٌ مَّرۡقُوۡمٌ" (لکيل ڪتاب)

پڙهڻ ۾ برڪتون: ثعلبي روايت آندي آهي تہ جنهن سورة "الۡمُطَفِّفِيۡنَ" پڙهي الله ان ڪي جنت جو مشڪ سان مهر هنيل پاڻي پيارينده. (١)

وَفِيۡهَا رُكُوۡعٌ وَّاحِدٌ	سُوۡرَةُ الۡمُطَفِّفِيۡنَ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ سِتٌّ وَّثَلَاثُوۡنَ اٰيَةً
۽ هن ۾ ١ رڪوع آهي	سورة المطففين مڪي آهي	۽ اها ٣٦ آيتون آهي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو ئي مهربان، هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

وَيۡلٌ لِّلۡمُطَفِّفِيۡنَ (١) الَّذِيۡنَ اِذَا اكۡتَالُوۡا

ويل آهي ماپ تور ۾ گهٽ وڌ ڪندڙن جي لاءِ اهي جو جڏهن ماپ ڪري وٺن ٿا

عَلَى النَّاسِ يَسۡتَوۡفُوۡنَ (٢) وَاِذَا كَالُوۡهُمۡ اَوۡ وَّزَنُوۡهُمۡ يُخۡسِرُوۡنَ (٣)

ماڻهن کان تہ پوروونٺ ٿا ۽ جڏهن ماپ ڪري ڏين ٿا انهن کي يا توري ڏين ٿا انهن کي تہ گهٽائن ٿا

اَلَا يَظُنُّ اُولٰٓئِكَ اَنَّهُمۡ مَّبۡعُوۡثُوۡنَ (٤) لِيَوۡمٍ عَظِيۡمٍ (٥) يَّوۡمَ يَقُوۡمُ

ڇا نہ ٿا خيال ڪن اهي تہ بيشڪ اهي اٿاريل آهن ڏينهن وڏي جي لاءِ جنهن ڏينهن اٿندا ماڻهو

(١) اللباب صـ٢٢٥ـ جلد ٢٠

النَّاسُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ (٦) كَلَّآ اِنَّ كِتَابَ الْفُجَّارِ لَفِيْ سِجِّيْنٍ (٧)

جهانن جي رب جي لاءِ هرگز نہ بيشڪ فاجرن جو ڪتاب البت سجين ۾ هوندو

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا سِجِّيْنٌ (٨) كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ (٩) وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ (١٠)

۽ توکي ڪنهن ڄاڻايو تہ سجين ڇا آهي؟ ڪتاب لکيل. ويل آهي ان ڏينهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ

الَّذِيْنَ يُكَذِّبُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِ (١١) وَمَا يُكَذِّبُ بِهٖٓ اِلَّا كُلُّ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ (١٢)

جيڪي ڪوڙو چون ٿا قيامت جي ڏينهن کي ۽ نہ ٿو ڪوڙو چوي ان کي مگر هر تجاوزڪندڙ گنهگار

اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ (١٣)

جڏهن پڙهيون وڃن ٿيون ان تي اسان جون آيتون تہ چيائين آڳاٽيون پهرين جون آهن

كَلَّا بَلْ رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ (١٤) كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ

نہ بلڪ چڙهي ويو آهي انهن جي دلين تي اهو جيڪو ڪندا هئا هرگز نہ بيشڪ اهي پنهنجي رب کان

يَوْمَئِذٍ لَّمَحْجُوْبُوْنَ (١٥) ثُمَّ اِنَّهُمْ لَصَالُوا الْجَحِيْمِ (١٦) ثُمَّ

ان ڏينهن البت پردوڪيل هوندا ان کان پوءِ بيشڪ اهي البت داخل ٿيندڙآهن جهنم ۾ ان کان پوءِ

يُقَالُ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ (١٧) كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ

چيو ويندو تہ هي اهو آهي جو ان کي اوهان ڪوڙوچوندا هيئو هرگز نہ بيشڪ نيڪن جو ڪتاب

الْاَبْرَارِ لَفِيْ عِلِّيِّيْنَ (١٨) وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا عِلِّيُّوْنَ (١٩) كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ (٢٠)

البت عليين ۾ هوندو ۽ ڪنهن ڄاڻايو توکي تہ عليين ڇا آهي؟ لکيل ڪتاب

يَّشْهَدُهُ الْمُقَرَّبُوْنَ (٢١) اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ نَعِيْمٍ (٢٢) عَلَى الْاَرَآئِكِ

جنهن ڏسن ٿا ان کي مقرب ملائڪ بيشڪ ابرار البت نعمتن ۾ هوندا تختن تي ويٺي

يَنْظُرُوْنَ (٢٣) تَعْرِفُ فِيْ وُجُوْهِهِمْ نَضْرَةَ النَّعِيْمِ (٢٤) يُسْقَوْنَ مِنْ

ڏسندا سڃاڻندين انهن جي منهن ۾ نعمتن جي تازگي پياريا ويندا لذيذ پيئڻ واري

رَّحِيْقٍ مَّخْتُوْمٍ (٢٥) خِتٰمُهٗ مِسْكٌ وَفِيْ ذٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ الْمُتَنٰفِسُوْنَ (٢٦)

شيءِ مُهر هنيل ان جي مُهر مشڪ آهي ۽ ان ۾ پوءِ گهرجي تہ حرص ڪن حرص ڪندڙ

وَمِزَاجُهٗ مِنْ تَسْنِيْمٍ (٢٧) عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُوْنَ (٢٨) اِنَّ الَّذِيْنَ

۽ ان جي ملاوٽ تسنيم مان هوندي چشمو آهي جو پيئندا ان مان مقرب ٻانها بيشڪ جن

اَجْرَمُوْا كَانُوْا مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يَضْحَكُوْنَ (٢٩) وَاِذَا مَرُّوْا بِهِمْ

گناهه ڪيا کلندا هئا مومنن تان ۽ جڏهن لنگهيا تي انهن ڪان تہ اکين جا

يَتَغَامَزُوْنَ (٣٠) وَاِذَا انْقَلَبُوْٓا اِلٰٓى اَهْلِهِمُ انْقَلَبُوْا فَكِهِيْنَ (٣١) وَاِذَا

اشارا ڪن پيا ۽ جڏهن موٽن تا پنهنجي اهل ڏانهن تہ موٽن تا خوشيون ڪندڙ ۽ جڏهن

رَاَوْهُمْ قَالُوْٓا اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَضَآلُّوْنَ (٣٢) وَمَآ اُرْسِلُوْا عَلَيْهِمْ حٰفِظِيْنَ (٣٣)

ڏٺائون انهن کي تہ چيائون بيشڪ هي البت گمراهہ آهن ۽ نہ موڪليا ويا انهن تي نگهباني ڪندڙ

فَالْيَوْمَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنَ الْكُفَّارِ يَضْحَكُوْنَ (٣٤) عَلَى الْاَرَآئِكِ يَنْظُرُوْنَ (٣٥)

پوءِ اڄ ايمان وارا ڪافرن تان کلندا تختن تي ڏسندا

هَلْ ثُوِّبَ الْكُفَّارُ مَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ (٣٦) ع

تہ ڇا بدلو ڏنا ويا ڪافر ان جو جيڪو ڪيائون تي

تفسير

اڳينءَ سورة ۾ جيڪي ڳالهيون مجمل هيون اهي هتي مفصل بيان ڪندي ارشاد تي رهيو آهي "وَيْلٌ لِّلْمُطَفِّفِيْنَ" (ماپ تور ۾ گهٽ وڌ تائي ڪندڙن جي لاءِ ويل آهي.

شان نزول: گهڻن معتبر تفسيرن ۾ آيل آهي تہ جڏهن سيد نارسول الله صلى الله عليہ وسلم جن مدينہ منوره ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ ان وقت اسلام ڪان پهريان اتي جا ماڻهو ماپ ۽ تور ۾ گهٽي ڪوٽ ڪري رهيا هئا تہ هيءَ سورة جيڪا اڳ ۾ نازل ٿيل هئي يا اتي نازل ٿي (لاختلاف اقوال المفسرين) انهن کي پڙهي ٻڌايائون ۽ انهن سندن ۽ قرآن ڪريم جي هدايت اهڙي قبول ڪئي جو ان وقت ڪان وٺي اڄ تائين پوري دنيا ۾ ماپ تور ۾ اهل مدينہ جهڙو ڪير بہ انصاف ڪندڙ ناهي. (١)

"اَلَّذِيْنَ اِذَا اكْتَالُوْا عَلَى النَّاسِ يَسْتَوْفُوْنَ وَاِذَا كَالُوْهُمْ اَوْوَّزَنُوْهُمْ يُخْسِرُوْنَ" (اهي جو جڏهن ماپي وٺن تا ماڻهن ڪان تہ پورو پورو وٺن تا ۽ جڏهن انهن کي ماپ تور ڪري ڏين تا تہ ڪٽائي ڏين تا).

سوال: پنهنجو حق پورو وٺڻ ۾ صرف ماپ جو بيان ٿيو ۽ ٻين کي ڏيڻ ۾ ماپ

(١) تفسير عزيزي فارسي ص۸۹ـ

ع ۸ ع۱

سان گڏ تور جو بہ بيان ڇاجي ڪري ڪيو ويو؟

جواب: پنهنجو حق تہ هر ڪو پورو وٺي ٿو ان جي ڪري اتي هڪ ماپ جو بيان ئي ڪافي آهي پر ٻئي کي پورو پورو حق ڏيڻ وڏي ڳالهہ آهي ان جي ڪري ماپ سان گڏ تور جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ ٻنهي صورتن ۾ گهٽ ڪرڻ واري جي لاءِ ويل آهي ويل جي معنیٰ عذاب ۽ سخت خواري (١) يا ويل جهنم ۾ هڪ وادي آهي جنهن ۾ جهنمين جي سڙندڙ جسم جي بدبودار پونءِ گڏ ٿيندي. (٢)

"اَلَا يَظُنُّ اُولٰٓئِكَ اَنَّهُمْ مَّبْعُوْثُوْنَۙ لِيَوْمٍ عَظِيْمٍۙ يَّوْمَ يَقُوْمُ النَّاسُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَؕ" (ڇا اهي خيال نہ ٿا ڪن تہ بيشڪ اهي ان وڏي ڏينهن جي لاءِ اٿاريل آهن جنهن ۾ ماڻهو رب العٰلمين جي لاءِ اٿندا) يعني ماپ ۽ تور ۾ ڪوٽ ڪندڙن کي اهو خيال نہ ٿو ٿئي تہ اهي قبرن مان قيامت جي ان وڏي ڏينهن جي لاءِ اٿاريل آهن جنهن ۾ سڀ ماڻهو رب العٰلمين جل جلالہ جي بارگاهہ ۾ حساب جي لاءِ اتي پيش ٿيندا. "ڪَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ الْفُجَّارِ لَفِيْ سِجِّيْنٍؕ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا سِجِّيْنٌؕ كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌؕ" (هر گز نہ بلاشڪ فاجرن جو دفتر سجين ۾ هوندو ۽ توکي ڪنهن ڄاڻايو تہ سجين ڇا آهي؟ لکيل دفتر آهي) يعني ڪافر، فاجر ذهن مان اها ڳالهہ ڪڍي ڇڏين تہ قيامت تہ الاءِ ڪڏهن ايندي تيستائين ڪنهن کي ياد رهندو ڇا تہ فلاڻي هي ڪم ڪيا هئا ۽ جن دفترن ۾ انهن جا اعمال لکيل هوندا اهي دفتر بہ ڦاٽي ويندا ڪافرن جي ان غلط سوچ کي دور ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ انهن جي اعمالنامن جي لاءِ هڪ وڏو مرڪز آهي جنهن جو نالو "سِجِّيْنٍ" آهي هي جڏهن مرندا تہ سندن اعمالناما ان ۾ محفوظ ڪري رکيا ويندا اتي نہ سندن اعمال وساريا ويندا ۽ نہ اهي اعمالناما ڦاٽي يا پراڻا ٿي ويندا. "سِجِّيْنٍ" جي متعلق گهڻو ڪجهہ چيو ويو آهي پر جڏهن قرآن ڪريم پاڻ ٻڌايو آهي تہ اهو هڪ مرڪزي "ڪتاب" آهي جنهن ۾ ٻيا اعمالناما بہ داخل ڪيا وڃن ٿا تہ وڌيڪ چوڻ جي ضرورت ئي ناهي بعض حديثن مان معلوم ٿئي ٿو تہ: سجين هڪ جاءِ جو نالو آهي جتي دوزخين جا ارواح قيد ڪيل آهن علامہ آلوسي لکيو آهي تہ "ٿي سگهي ٿو تہ ان ڪتاب جو نالو بہ سجين هجي ۽ ان مقام جو نالو بہ اهو ئي هجي پوءِ آيت ۽ احاديث ۾ ڪو تعارض نہ ٿو رهي" (٣) "وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَۙ الَّذِيْنَ يُكَذِّبُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِؕ" (ان ڏينهن انهن ڪوڙو چوندڙن جي لاءِ ويل آهي جيڪي قيامت جي ڏينهن کي ڪوڙو چون ٿا) پوءِ زبان سان ڪوڙو چون يا ان جي پرواهہ نہ ڪندي گناهہ ڪندا رهن ٻئي

(١) تفسير المراغي ص ٧٢ جزءُ ٣٠ جلد ١٠ (٢) ايسرالتفاسير ص ٦٣٦ جلد ۴
(٣) روح المعاني ص ٩١ جزءُ ٣٠ جلد ١٠، تفسير هاشمي ص ٧٦

برابر آهن ۽ پرواھ نہ ڪرڻ جو وڏو دليل گناهن تي هميشگي ڪرڻ گناهن تي دائم رهڻ آهي ان ڪان بعد قيامت کي ڪوڙو چوندڙن جون پيون ڳالهيون بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَمَا يُكَذِّبُ بِهٖٓ اِلَّا كُلُّ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ" (۽ ان کي ڪوڙو نہ ٿو چوي مگر هر حد کان لنگهندڙ گنهگار) مطلب تہ قيامت کي اهو نہ ٿو مڃي جيڪو حد کان لنگهندڙ، حق ۽ انصاف کان اکيون ٻوٽيو، جرائم جو عادي هوندو آهي. ان کي آخرت تي يقين رکڻ ڏکيو ٿو لڳي اهو قيامت قائم ٿيڻ جي دليلن تي نظر وجهڻ ۽ انهن تي غور ۽ تدبر ڪرڻ جي لاءِ تيار ئي ناهي. "اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ" (جڏهن ان وٽ اسان جون آيتون تلاوت ڪيون وڃن ٿيون تہ چوي پيو تہ اڳين جون آکاڻيون آهن) مطلب تہ جڏهن ان جي اڳيان قرآن ڪريم جون آيتون تلاوت ڪيون وڃن ٿيون تہ انهن جي الله عزوجل جي طرفان نازل ڪيل هجڻ جو انڪار ڪندي چوي ٿو تہ هي اڳين جا حال احوال آهن جيڪي (حضرت) محمد عليه الصلواة والسلام جن ڪتان ٻڌي اسان کي ٻڌائن ٿا. "كَلَّا بَلْ رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ" (هر گز نہ بلڪ سندن دلين تي ڪٽ ٿي چڙهيا اهي عمل جيڪي ڪيائون ٿي) هن ۾ حد کان لنگهندڙ، گنهگار، قرآن ڪريم کي اڳين جون آکاڻيون چوندڙ کي تنبيه ڪيل آهي تہ: جيئن اهو چوي ۽ سمجهي ٿو ائين هرگز ناهي بلڪ انهن کي ائين چوڻ ان ڪٽ جو اثر آهي جيڪا سندن بدڪارين، بڇڙاين، برن عقيدن ۽ ڪڌن ڪرتوتن جي ڪري سندن دلين تي چڙهي وئي آهي. ان جي ڪري هي حق ۽ ناحق ۾ فرق نہ ٿا ڪن. "كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّمَحْجُوْبُوْنَ" (هر گز نہ بيشڪ اهي ان ڏينهن پنهنجي رب کان پردو ڪيل هوندا) مطلب تہ اهي اهڙا بدنصيب ۽ بدبخت آهن جو قيامت جي ڏينهن پنهنجي رب پاڪ جو ديدار ڪري بہ نہ سگهندا اهڙي عظيم ۽ اعلیٰ نعمت کان بہ محروم هوندا. حضرت حسن بصري رضي الله عنه فرمايو آهي تہ: جيڪڏهن زاهدن ۽ عابدن کي اها خبر پوي تہ انهن کي خداوندي ديدار نہ ٿيندو تہ ان صدمي کي برداشت نہ ڪندي سندن ساھ نڪري وڃي ۽ مري پون. حضرت امام مالڪ کان هن آيت جي متعلق عرض ڪري پڇيو ويو تہ پاڻ فرمايائون "جڏهن دشمنن کي ديدار کان محروم رکندو تہ دوستن کي ديدار ڪرائيندو" حضرت امام شافعي عليه الرحمة فرمايو آهي تہ: هن آيت ۾ الله جل شانه جي پيارن کي ديدار ٿيڻ تي دلالت آهي. (۱) "ثُمَّ اِنَّهُمْ لَصَالُوا الْجَحِيْمِ ثُمَّ يُقَالُ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ" (ان کان پوءِ بلاشڪ اهي البت جهنم ۾ داخل ٿيندڙ آهن ان کان پوءِ (انهن کي) چيو

(۱) المظهري صـ۲۲۲ـ جلد ۱۰

ويندو تہ هي اهو آهي جنهن کي اوهان ڪوڙو ٿي چيو) يعني الله عزوجل جي ديدار
کان محروم ٿيڻ کان بعد اهي جهنم ۾ داخل ڪيا ويندا ۽ جهنم جا داروغا ملائڪ
کين چوندا تہ هي اهو عذاب اٿوَ جنهن کي اوهان ڪوڙو چوندا هيئو ۽ انڪار ڪري
نہ مڃيندا هيئو. "كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ الْاَبْرَارِ لَفِيْ عِلِّيِّيْنَ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا عِلِّيُّوْنَ" (هر گز نہ
بيشڪ نيڪو ڪارن جو ڪتاب عليين ۾ هوندو) ۽ اوهان کي ڪنهن ٻڌايو آهي تہ
"عليين" ڇا آهي؟ جنهن مرڪز ۾ ابرارن ۽ صالحن جا اعمالناما محفوظ ڪيا ويندا ان
جو نالو "عليين" آهي اهو ستين آسمان تي آهي بعض جو قول آهي تہ عليين جنت آهي
بعض جو قول آهي تہ عرش جي سڄي پاسي وارو ٿنڀ آهي. (١) "كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ يَّشْهَدُهُ
الْمُقَرَّبُوْنَ" (لکيل دفتر جنهن کي مقرب (ملائڪ) حفاظت جي لاءِ) ڏسندا رهندا.
"مُقَرَّبُوْنَ" مان مراد ملائڪن جي هڪ جماعت آهي جيڪي ان جي عملن جي دفتر کي
ڏسندا. (٢) "اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ نَعِيْمٍ عَلَى الْاَرَآئِكِ يَنْظُرُوْنَ تَعْرِفُ فِيْ وُجُوْهِهِمْ نَضْرَةَ النَّعِيْمِ
يُسْقَوْنَ مِنْ رَّحِيْقٍ مَّخْتُوْمٍ خِتٰمُهٗ مِسْكٌ" (بيشڪ نيڪوڪار البت نعمتن ۾ هوندا
تختن تي ڏسندا) انهن جي منهن ۾ نعمتن جي تازگي سڃاڻندين اهي مُهر هنيل اهڙي
پيئڻ واري شيءِ پيا ريا ويندا جنهن جي مُهر مشڪ هوندي) ابرارن ۽ صالحن سان
جيڪا مهرباني ٿيندي هتي ان جو ذڪر ڪيو پيو وڃي رحيق پاڪيزه ۽ صاف شراب کي
سڏيو ويندو آهي مقاتل فرمايو تہ: رحيق اڇو، چمڪندڙ، صاف ۽ نشي کان پاڪ شراب
آهي. "خِتٰمُهٗ مِسْكٌ" جو مطلب تہ اهو جن گلاسن وغيره ۾ رکيل هوندو اهي مشڪ سان
مُهر لڳل، سيل ٿيل هوندا جنهن جي لاءِ هوندا ان کان سواءِ ٻيو ڪير بہ انهن کي هٿ نہ
لڳائيندو تختن تي ويٺل هوندا. هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهندا سندن منهن مان نعمتن
تي ملڻ واري خوشيءَ جي تازگي محسوس ٿيندي رهندي. (٣) "وَفِيْ ذٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ
الْمُتَنَافِسُوْنَ" (۽ ان ۾ پوءِ گهرجي تہ حرص ڪندڙ حرص ڪن) مطلب تہ اهي نعمتون
اهڙيون آهن جو جڳائي ٿو تہ حرص ڪندڙ، هڪ ٻئي کان اڳتي وڌندڙ انهن جي
حصول جي لاءِ حرص ڪن. "وَمِزَاجُهٗ مِنْ تَسْنِيْمٍ عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُوْنَ" (۽ ان جي
ملاوٽ تسنيم مان هوندي اهڙو چشمو جنهن مان مقرب ٻانها پيئندا) حضرت حذيفه
۽ ابن مسعود رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ: تسنيم جنت عدن جو هڪ چشمو
آهي تسنيم مصدر آهي ان جي معنىٰ بلندي آهي اهو چشمو جنت جي چشمن ۾ بلندي
وارو آهي ۽ ان ۾ موجود صاف ۽ شفاف شراب بہ اعلىٰ قسم جو آهي اهو هر ڪنهن

(١) ابن ڪثير صـ٤٨٧ـ جلد ٤ (٢) روح المعاني صـ٩٥ـ جزءُ ٣٠ جلد ١٠ (٣) ضياءُ
القرآن صـ٥١٩ـ جلد ٥

ڪي نہ ملندو الله عزوجل جي مخصوص، مقرب ٻانهن جي لاءِ ئي هوندو. (۱) "اِنَّ الَّذِيۡنَ اَجۡرَمُوۡا كَانُوۡا مِنَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا يَضۡحَكُوۡنَ" (بلاشڪ جن گناهہ ڪيا انهن تان ڪلندا هئا جن ايمان آندو هو) هتي وري انهن ڪمينہ مزاج ۽ طبيعت جي ڪريلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي مومنن تان ڪلندا هئا انهن تي چٿرون ڪندا هئا. "وَاِذَا مَرُّوۡا بِهِمۡ يَتَغَامَزُوۡنَ" (۽ جڏهن انهن وٽان لنگهندا هئا تہ اکين جا اشارا ڪندا هئا) يعني حضرت عمار، صهيب، خباب ۽ بلال وغيرهم مسڪينن اصحابن رضي الله عنهم تان ڪلون ڪندا هئا ۽ هڪ روايت ۾ آهي تہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ ۽ ڪجهہ ٻيا مسڪين اصحاب رضي الله عنهم مڪہ مڪرمہ جي سردارن قريشي ڪافرن وٽان لنگهيا تہ انهن مٿن ٺوڪون ڪيون چرچا ڪيا ۽ اکين سان هڪ ٻئي ڏانهن اشارا ڪيا انهن جي متعلق هي فرمان لٿو. (۲) "وَاِذَا انۡقَلَبُوۡۤا اِلٰۤى اَهۡلِهِمُ انۡقَلَبُوۡا فَكِهِيۡنَ" (۽ جڏهن پنهنجي اهل ڏانهن موٽن ٿا تہ خوشيون ڪندڙ ٿي موٽن ٿا) المقصد تہ جڏهن پنهنجن اهلن، عيالن، عزيزن قريبن ۽ مٿن مائٽن ڏانهن موٽن ٿا تہ مسلمانن تي ڪيلن ٺوڪن، چٿرن ۽ چرچن تي خوشيون ڪندڙ ٿي موٽن ٿا. "وَاِذَا رَاَوۡهُمۡ قَالُوۡۤا اِنَّ هٰۤؤُلَاۤءِ لَضَآلُّوۡنَ" (۽ جڏهن انهن کي ڏسن ٿا تہ چون ٿا بلاشڪ هي البت گمراهہ آهن) مطلب تہ مومنن کي ڏسي چون ٿا تہ هي گمراهہ ٿي ويا آهن جو پنهنجن ابن ڏاڏن جي دين، بتن جي پوڄا کي ڇڏي ڏنو اٿن. "وَمَاۤ اُرۡسِلُوۡا عَلَيۡهِمۡ حٰفِظِيۡنَ" (۽ انهن تي نگهباني ڪندڙ بنائي موڪليا نہ ويا آهن) الله عزوجل ڪافرن جي انهن ڪريلن حرڪتن تي انهن کي متنبہ ڪندي فرمايو تہ: اهي انهن مومنن تي نگهباني ڪندڙ بنائي موڪليا نہ ويا هئا جو انهن تي چٿرون ڪري انهن کي برو چون ٿا. "فَالۡيَوۡمَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مِنَ الۡكُفَّارِ يَضۡحَكُوۡنَ عَلَى الۡاَرَآئِكِ يَنۡظُرُوۡنَ" (پوءِ اڄ جن ايمان آندو هو ڪافرن تان ڪلندا، تختن تي ويهي ڏسندا) يعني اڄ قيامت جي ڏينهن ۾ مومن ڪافرن تان ڪلندا ۽ اهو هيئن ٿيندو جو مومنن کي تختن تي وهاريو ويندو ۽ عذاب ۾ پيل ڪافرن جي اڳيان دوزخ جا دروازا کولي انهن کي چيو ويندو تہ نڪرڻ گهرو ٿا تہ نڪرو جڏهن اهي نڪرڻ لاءِ ويجها ايندا تہ دوزخ جا دروازا مڪمل طور وري بند ڪيا ويندا ۽ انهن جي ان پريشان حال کي ڏسي مومن انهن تان ائين ڪلندا جيئن اهي دنيا ۾ مومنن تان ڪلندا هئا "هَلۡ ثُوِّبَ الۡكُفَّارُ مَا كَانُوۡا يَفۡعَلُوۡنَ" (ڇا ڪافر جيڪي ڪندا هئا ان جو بدلو ڏنا ويا؟) مطلب تہ مومن تختن تي ويٺي پڪ ڪرڻ جي لاءِ ڏسندا تہ ڇا ڪافرن کي سندن برن عقيدن ۽ بڇڙن عملن جو بدلو مليو؟ ۽ ڏسي يقين

(۱) روح المعاني ص ۹۹ ـ جزءُ ۳۰ جلد ۱۰ (۲) البحرالمحيط ص ۴۴۴ ـ جلد ۸

ڪندا تہ اهي پنهنجين براين جي سزا ڀوڳي رهيا آهن.
فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَيۡلٌ لِّلۡمُطَفِّفِيۡنَ" (ماپ، تور ۾ گهٽ وڌتائي ڪندڙن جي لاءِ هلاڪت آهي) جي تفسير ۾ مفسرن لکيو آهي تہ: قرآن ۽ حديث ۾ ماپ تور ۾ گهٽ وڌ ڪرڻ کي حرام قرار ڏنو ويو آهي جو تہ عام طور معاملات جو ڏيڻ وٺڻ، ان طريقي سان ٿيندو آهي پر ان مان مقصد هر حقدار کي ان جو حق ادا ڪري ڏيڻ آهي ان ۾ ڪوتاهي ڪرڻ حرام آهي ان جي ڪري هي صرف ماپ تور سان ٻڌل ناهي پر هر قسم جي حق جو ادا ڪرڻ هن ۾ داخل آهي موطا امام مالڪ ۾ آهي تہ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنـــه هڪ شخص کي ڏٺو تہ اهو رڪوع، سجدا وغيره پورا ادا نہ پيو ڪري تہ پاڻ ان کي فرمايائون "لَقَدۡ طَفَفۡتَ" يعني تو گهٽ وڌتائي ڪئي آهي يعني الله جل وعلا جو حق پورو ادا نہ ڪيو آهي ان جي ڪري هر ڪنهن کي حق ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ٢. "سِجِّيۡنٍ" ۽ "عِلِّيِّيۡنَ". احاديث ۽ آثار مان معلوم ٿئي ٿو تہ سجين هڪ خاص مقام جو نالو آهي جيڪو ڪافرن ۽ فاجرن جي ارواح جو مقام آهي ۽ "عليين" متقين جي ارواح جي رهائشگاهہ آهي. ٣. "يَشۡهَدُهُ الۡمُقَرَّبُوۡنَ" (مقرب ان وٽ حاضر ٿيندا) يشهد شهود ڪان ورتل آهي جنهن جي معنىٰ حاضر هجڻ يا مشاهدو ڪرڻ ايندي آهي بعض مفسرن فرمايو تہ آيتن مان مراد هيءَ آهي تہ ابرارن ۽ صالحن جي ڪتاب الاعمال کي مقرب ڏسندا ۽ جيڪڏهن "يشهد" مان مراد حاضر هجڻ وٺبو تہ پوءِ مطلب ٿيندو تہ مقربين جا ارواح عليين ۾ حاضر هوندا ڇو تہ اهو ئي انهن جي ارواح جو مستقر بنايو ويو آهي ان جو دليل اها حديث آهي جيڪا صحيح مسلم ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنـه کان روايت ڪيل آهي تہ: شهيدن جا ارواح الله تعالىٰ وٽ ساون پکين جي گُجين ۾ هوندا جيڪي جنت جي باغن ۾ نهرن جو سير ڪندا رهندا ۽ انهن جي رهڻ جي جاءِ عرش جي هيٺان لٽڪايل قنديل هوندا ان مان معلوم ٿيو تہ شهيدن جا ارواح عرش جي هيٺان رهندا آهن پر جنت جو سير بہ ڪندا رهندا آهن. (١) الحمدلله جو مون گنهگار اچ بموٗرخـــــه ٢٦ شوال ١٤٢٦هـ ٢٩.١١.٢٠٠٥ع اڱاري جي ڏينهن بوقت صبح جو ساڍي يارهين بجي سُوۡرَةُ الۡمُطَفِّفِيۡنَ جو تفسير لکي پورو ڪيو ۽ رب ڪريم کي عرض آهي تہ پنهنجي حبيب صلى الله عليـــه وسلم جي صدقي رهيل سورتن جو تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين ثم آمين يا رب العالمين.

(١) معارف القرآن صـ٦٩٦/٦٩٧ـ جلد ٨

سورة "اَلۡاِنۡشِقَاقِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن
نالو مبارڪ: هن جو هي نالو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور لفظ "اِنۡشَقَّتۡ" کان ورتل آهي.
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، پنجويهه آيتون، هڪ سؤ ست (١٠٧) ڪلما ۽ چار سوٽيهه (٤٣٠) حرف آهن. (١)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت ابن الزبير رضى الله عنهم کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)
نزول: هيءَ سورة سورة الانفطار کان پوءِ نازل ٿي (٣)
مضمون: هن سورة جي ابتدائي آيتن ۾ انهن هولناڪ حادثن جو ذڪر آهي جيڪي قيامت جي اچڻ وقت ظاهر ٿيندا ان کان پوءِ انسان کي ٻڌايو ويو آهي ته ان کي هر حال ۾ رب العزة جل جلاله جي بارگاهه ۾پيش ڪيو ويندو اتي سڀ انسان ٻن ٽولن ۾ ورهايل هوندا "١" هڪ ٽولو اهو هوندوجن کي سندن اعمالناما سڄن هٿن ۾ ڏناويندا ۽ ان وقت انهن جي خوشيءَ جي انتها نه هوندي "٢" ٻيو اهو ٽولو هوندو جن کي سندن اعمالناما سندن هٿ پويان وارائي ڏنا ويندا ان وقت ڪين جيڪا شرمندگي هوندي ان جي حد نه هوندي ان جي ڪري هر شخص کي هتي فيصلو ڪرڻو آهي ته اهو پنهنجو حشر ڪهڙي ٽولي سان ٿيڻ گهري ٿو اهو فيصلو ان کي بار بار غور ڪري، ڪرڻ گهرجي ڇو ته جيڪو فيصلو به پنهنجي حق ۾ سوچي ڪبو قيامت جي ڏينهن ان جي مطابق حشر ۾ حال هوندو آخر ۾ ڪيترا قسم کڻي ٻڌايو ويو آهي ته ٻانهن کي انهن مرحلن مان ضرور لنگهڻو آهي حيرت آهي انهن ماڻهن تي جيڪي اها ڄاڻ رکندي به ايمان نه ٿا آڻين ۽ جڏهن قرآن ڪريم جي تلاوت ڪئي وڃي ٿي ته اهي رب العزة جل جلاله جي بارگاهه ۾ سجدو نه ٿا ڪن انهن جي پڇاڙي گهڻو دردناڪ ٿيندي قيامت جي ڏينهن صرف ايمان وارا ئي اهڙي نوازش سان نوازيا ويندا جنهن جي ڪا انتها نه هوندي.
اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة جي آخر ۾ ٻڌايو ويو ته قيامت جي ڏينهن مومن ڪافرن تان کلندا ۽ هتي به ان ئي ڏينهن جي آمد واريون حالتون بيان ڪيل آهن.

(١) خازن صـ٣٦٣ـ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور صـ۴۵۴ـ جلد ٨
(٣) حدائق الروح والريحان صـ٣۵٣ـ جلد ٣١

ڀلايون ۽ برڪتون: هيءَ سورة بہ نهايت شاندار، فضيلت ۽ ڀلائيءَ واري آهي بخاري مسلم وغيرهما حضرت ابورافع کان روايت آندي آهي تہ: مون سومهاڻي نماز حضرت ابو هريرة رضي الله عنهما سان پڙهي تہ ان نماز ۾ "اِذَا السَّمَآءُ انْشَقَّتْ" سورة تلاوت ڪرڻ فرمائي ۽ تلاوت جو سجدو ڪيو مون کانئس پڇيو ان ٻڌايو تہ "مون حضرت ابي القاسم، نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي پويان (ان سورة ۾) تلاوت جو سجدو ڪيو هو ان جي ڪري مان ان ۾ هميشہ تلاوت جو سجدو ڏيندو آهيان." (١)

وَهِيَ خَمْسٌ وَّعِشْرُوْنَ آيَةً	سُوْرَةُ الْاِنْشِقَاقِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَّاحِدٌ
۽ اها پنجويهہ آيتون آهي	سورة الانشقاق مڪي آهي	۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

اِذَا السَّمَآءُ انْشَقَّتْ (١) وَاَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ (٢) وَاِذَا الْاَرْضُ

ياد ڪيو جڏهن آسمان ڦاٽندو ۽ ڪن ڏئي ٻڌندو پنهنجي رب جو امر ۽ حق بہ آهي ۽ جڏهن زمين

مُدَّتْ (٣) وَاَلْقَتْ مَافِيْهَا وَتَخَلَّتْ (۴) وَاَذِنَتْ

ڇڪي وڌي ڪئي ويندي ۽ اڇلائي ڪيندي اهو جو ان ۾ آهي ۽ خالي ٿيندي ۽ ڪن ڏئي ٻڌندي

لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ (۵) يَآ اَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ

پنهنجي رب جو امر ۽ حق بہ آهي اي انسان! بيشڪ تون ڪوشش ڪندڙ آهين پنهنجي رب ڏانهن

كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِ (٦) فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ (٧)

ڪوشش ڪرڻ پوءِ ان سان ملندڙ آهين پوءِ پر جيڪو ڏنوويو پنهنجوعملنامو پنهنجي سڄي هٿ ۾

فَسَوْفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَّسِيْرًا (٨) وَّيَنْقَلِبُ اِلٰٓى اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا (٩)

پوءِ جلد حساب ڪيو ويندو حساب آسان ۽ موٽندو پنهنجي اهل ڏانهن خوش ٿي

(١) حدائق الروح والريحان صـ٢٥٣ـ جلد ٣١

وَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ وَرَآءَ ظَهْرِهٖ (١٠) فَسَوْفَ يَدْعُوْا ثُبُوْرًا (١١)

۽ پر جيڪو ڏنو ويندو پنهنجو عملنامو پويان پٺيءَ پنهنجي پوءِ جلد طلب ڪندو موت

وَّيَصْلٰى سَعِيْرًا (١٢) اِنَّهٗ كَانَ فِيْٓ اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا (١٣) اِنَّهٗ ظَنَّ

۽ داخل ٿيندو ٻرندڙ باهه ۾ بيشڪ اهو هو پنهنجي اهل ۾ خوش بيشڪ ان گمان ڪيو هو

اَنْ لَّنْ يَّحُوْرَ (١٤) بَلٰٓى اِنَّ رَبَّهٗ كَانَ بِهٖ بَصِيْرًا (١٥) فَلَآ اُقْسِمُ

ته هر گز نه موٽندو هائو بيشڪ ان جو رب آهي ان کي ڏسندڙ پوءِ قسم کڻان ٿو مان

بِالشَّفَقِ (١٦) وَالَّيْلِ وَمَا وَسَقَ (١٧) وَالْقَمَرِ اِذَا اتَّسَقَ (١٨)

شفق جو ۽ رات جو جيڪو گڏ ڪيائين ۽ چنڊ جو جڏهن پورو ٿئي ٿو

لَتَرْكَبُنَّ طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ (١٩) فَمَا لَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ (٢٠)

ته البت ضرور چڙهندؤ منزل کان منزل ڏانهن پوءِ ڇا آهي انهن کي جو ايمان نه ٿا آڻين

وَاِذَا قُرِئَ عَلَيْهِمُ الْقُرْاٰنُ لَا يَسْجُدُوْنَ (٢١) السجدة بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُكَذِّبُوْنَ (٢٢)

۽ جڏهن پڙهيو وڃي ٿو انهن تي قرآن ته سجدو نه ٿا ڪن بلڪ جن ڪفر ڪيو ڪوڙو چون ٿا

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُوْعُوْنَ (٢٣) فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ (٢٤)

۽ الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪي گڏ ڪن ٿا پوءِ بشارت ڏي انهن کي دردناڪ عذاب جي

اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ (٢٥)

مگر جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون انهن جي لاءِ اجر اڻ ڪٽ آهي

معانقة ١٨ — السجدة ١٣ — ع ١

تفسير

اڳيئن سورة ۾ ڪافرن کي سندن ڪفر جي بدلي ملڻ جو بيان هو ۽ هتي ان بدلي ملڻ واري ڏينهن جي اچڻ وقت پيش ٿيندڙ حالات جو بيان ڪندي ارشاد ٿيو آهي "اِذَا السَّمَآءُ انْشَقَّتْ وَاَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ" (جڏهن آسمان ڦاٽندو ۽ پنهنجي رب (جي حڪم) لاءِ ڪن ڏيندو ۽ اهو حق آهي) مطلب ته جڏهن آسمان ڦاٽندو ۽ اهو ان جي ڪري نه ته پراڻو ٿي ويو هوندو بلڪ ان کي پنهنجي رب جو حڪم ملندو ۽ رب جي حڪم کي مڃڻ ان تي حق ۽ فرض به آهي ڇو ته الله عزوجل ان کي پيدا ڪيو آهي.

علامه مراغي لکيو آهي تہ جڏهن الله عزوجل هن دنيا جي هن نظام کي درهم برهم ڪرڻ گهرندو تہ آسمان جي هڪ سياري کي ٻئي جي ويجهو آڻيندو ۽ اهي هڪ ٻئي سان ٽڪرجندا. ٽڪرجڻ کان بعد ڏماڪا ٿيندا ۽ سارو نظام تتي پوندو. (١) "وَاِذَا الْاَرْضُ مُدَّتْ وَاَلْقَتْ مَافِيْهَا وَتَخَلَّتْ وَاَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ" (۽ جڏهن زمين ڇڪي وڏي ڪئي ويندي ۽ جيڪو ان ۾ آهي ان کي اڇلائيندي ۽ خالي ٿيندي ۽ پنهنجي رب جي "امر" لاءِ ڪن ڏيندي ۽ اهو حق ڪيل آهي) مطلب تہ قيامت جي ڏينهن جيئن آسمان حڪم جي تعميل ڪندو تيئن زمين بہ حڪم تي عمل ڪندي جڏهن ان کي حڪم ڪيو ويندو تہ وڇائجي هموار ٿي وڃ تو ۾ ڪا بہ هيٺاهين يا مٿاهين نہ رهي تہ ان ۾ موجود وڏا وڏا جبل بہ واريءَ جا ڍير بڻجي هيٺاهين وارن مقامن کي پري ڇڏيندا. سمنڊن جون اونهائيون بہ پرجي وينديون ۽ هڪ هموار ۽ برابر ميدان تيار ٿي پوندو جنهن ۾ سڀ جن، انس قطارون ڪري اچي بيهندا ۽ زمين ۾ جيڪي بہ انسان يا سون، چاندي وغيره دفن ڪيل هوندا اهي سڀ ٻاهر ڪڍي اڇلائي صفا خالي ٿي ويندي ۽ آسمان وانگر زمين بہ الله جل جلالہ جو حڪم ٻڌي ان تي عمل ڪندي ۽ اهو ان تي حق بہ آهي ڇو تہ زمين بہ خالق اڪبر جل جلالہ جي پيدا ڪيل آهي "يَاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلَاقِيْهِ" (اي انسان! بيشڪ تون پنهنجي رب ڏانهن ڪوشش ڪندڙ آهين ڪوشش ڪرڻ پوءِ ان سان ملندڙ آهين) ڪنهن شيءِ جي حصول ۽ ڪمائيءَ ۾ محنت ۽ مشقت ڪرڻ کي ڪدح چوندا آهن مطلب هي آهي تہ اي انسان! تون دنيا جو طالب آهين يا آخرت جو ٻنهي صورتن ۾ وڏي ڪوشش ڪرين ٿو ۽ اها تنهنجي ڪوشش تيستائين جاري آهي جيستائين وفات ڪري پنهنجي رب سان ملين پوءِ تنهنجي جدوجهد ختم ٿي وڃي ٿي ۽ هاڻي ان ڪيل ڪوشش جي نتيجي جو منتظر هوندو آهين. "فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ فَسَوْفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَّسِيْرًا وَّيَنْقَلِبُ اِلٰٓى اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا" (پوءِ پر جيڪو پنهنجو عملنامو سڄي هٿ ۾ ڏنو ويو پوءِ (اهو) آسان حساب ڪيو ويندو ۽ پنهنجي اهل ڏانهن خوش ٿي موٽندو) مطلب تہ هر شخص جڏهن بارگاه ايزدي ۾ پيش ڪيو ويندو ۽ ان کي سندس عملناما ڏنا ويندا تہ پوءِ جنهن کي سندس عملنامو سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو ان جو حساب آسان ٿيندو ۽ اهو پنهنجي اهل ڏانهن خوشيءَ ۾ پرجي موٽندو. سيده عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ "اللهمّ حَاسِبْنِي حِسَابًا يَّسِيْرًا" (ياالله! منهنجو حساب آسان

(١) المراغي صـ٨٩ـ جزءُ ٣ جلد ١٠

ڪرڻ فرماءِ) مون عرض ڪيو تہ: آسان حساب ڇا آهي؟ فرمايائون تہ ”ٻانهي جو دفتر ڏنو ويندو ۽ ان جي براين کان درگذر ڪيو ويندو پر جنهن جو حساب ڇنڊ (پڪو ڪيو) ويو تہ اهو هلاڪ ٿي ويندو.“ (١) ”وَاَمَّامَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ وَرَآءَ ظَهْرِهٖ فَسَوْفَ يَدْعُوْا ثُبُوْرًا وَّيَصْلٰى سَعِيْرًا“ (۽ پر جيڪو پنهنجو ڪتاب پنهنجي پٺيءَ جي پويان ڏنو ويو پوءِ جلد موت کي سڏيندو ۽ جهنم ۾ داخل ٿيندو) مطلب تہ جنهن ٻانهي جو هٿ پويان ورائي ان ۾ ڪيس سندس عمل نامو ڏنو ويندو اهو ان وقت نهايت شرمسار ۽ پريشان هوندو، مرڻ جي طلب ڪندو ۽ چوندو تہ هن شرمساريءَ جي حالت کان مون لاءِ موت ڀلو آهي ان جي ذريعي من جهنم جي عذاب کان بچي پوان. ”يا ثبوراه، تعال فهذا اوانك“ (٢) (اي موت هلي آ هاڻي تنهنجو وقت آهي) انهن ڏانهن مان بہ ان کي ڪجهہ نہ ورندو ۽ اهو جهنم ۾ داخل ٿيندو. ”اِنَّهٗ كَانَ فِيْٓ اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا“ بلاشڪ اهو پنهنجي اهل ۾ خوش هو) يعني دنيا ۾ پنهنجي اهل، عيال سان خوش رهندي الله عزوجل کان بہ نہ ڊڄندو هو بي خوف ٿي هلندو وتندو هو نہ آخرت جو ڊپ رکندو هو نہ مالڪ جي اڳيان جواب ڏيڻ جي لاءِ سوچيندو هو. ”اِنَّهٗ ظَنَّ اَنْ لَّنْ يَّحُوْرَ بَلٰٓى اِنَّ رَبَّهٗ كَانَ بِهٖ بَصِيْرًا“ (بلاشڪ ان خيال ڪيو هو تہ اهو الله ڏانهن هرگز نہ موٽندو هائو بلاشڪ ان جو رب ان کي ڏسندڙ آهي) مقصد تہ ان ٻانهي جو خيال هو تہ موت کان بعد حياتي ناهي نہ ڪو اهو الله عزوجل وٽ موٽي ويندو ۽ نہ حساب لاءِ پيش ٿيندو. مگر حقيقت هيءَ آهي تہ الله عزوجل ان کي ڏسي رهيو آهي سندس هر ڪردار مالڪ کان لڪل ناهي ذري ذري جو حساب ڪيو ويندو هر عمل جو ڪيس جواب ڏيڻو پوندو. ”فَلَآ اُقْسِمُ بِالشَّفَقِ وَالَّيْلِ وَمَا وَسَقَ وَالْقَمَرِ اِذَا اتَّسَقَ لَتَرْكَبُنَّ طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ“ (پوءِ مان شفق جو قسم کڻان ٿو ۽ رات جو ۽ جيڪو گڏ ڪيائين ۽ چنڊ جو جڏهن پورو پورو ٿيو تہ البت ضرور اوهان هڪ طبقي کان ٻئي طبقي ڏانهن چڙهندوءِ) ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ شفق مان مراد سج لهڻ کان پوءِ اولهہ طرف واري ڳاڙهاڻ آهي اهو عام علماءَ جو قول آهي جنهن ۾ امام شافعي ۽ امام محمد بہ داخل آهن ۽ صرف امام اعظم عليہ الرحمة جو قول آهي تہ ان مان مراد سج لهڻ کان پوءِ ڳاڙهاڻ کان بعد اڇڻ واري اڇاڻ (سفيدي) آهي ۽ رات جو قسم ۽ جيڪو ان گڏ ڪيو. ان گڏ ڪرڻ مان مراد آهي تہ ڏينهن جو انسان خواه حيوان، پکي، مکيون، مکڙ، ماڪوڙيون پنهنجي پنهنجي ڪم سان لڳل هوندا آهن ۽ هر ڪو جدا جدا پنهنجي ڪم ۾ مصروف رهندو آهي ۽ جيئن رات پوندي ويندي آهي تيئن هر ڪو

(١) المراغي صـ ٩٠ـ جزءُ ٣ جلد ١٠ (٢) روح المعاني صـ ١٠٣ـ جزءُ ٣٠ جلد ١٠

پنهنجي گهر ڏانهن موٽندو آهي ۽ ڏينهن جو جدا رهڻ وارا رات جو سڀ گڏ ٿي ويندا آهن چوپايا حيوان پنهنجن وٿاڻن ۾ پهچندا آهن پکي پنهنجن آکيرن ۾ ايندا آهن الغرض تہ رات جي فضا سيني تڙيلن، پکڙيلن کي گڏ کندي آهي ۽ چنڊ جو قسم جڏهن پورو پورو روشن ٿئي ٿو ۽ اهو تيرهين تاريخ کان سورهين تاريخ تائين هوندو آهي پوءِ وري ان جي روشنائي گهٽجڻ شروع ٿيندي آهي. "اوهان ضرور هڪ طبق کان ٻئي طبق ڏانهن چڙهندؤ" هن مان مراد ڇا آهي؟ ان ۾ ٻہ قول آهن "۱" اوهان زندگي جي مختلف مرحلن مان گذرندؤ ۽ گذرو پيا ماءُ جي وجود مان نڪري دنيا ۾ آيئو نندپڻ کان جوانيءَ ۾، جوانيءَ کان ٻڍڙائپ ۾ انهن مرحلن کي طي کندي قبر ۾ ايندؤ اتاهين اتي محشر جي ميدان ۾ پهچندؤ اوهان کي اتي بہ کيترن مرحلن مان لنگهڻو آهي. "۲" ان مان مراد آهي تہ اي حبيب پاڪ! عليـــہ الصلواة والسلام! اوهان هڪ آسمان کان ٻئي آسمان ڏانهن چڙهندؤ. "طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ" مان مراد آسمان آهن جيئن رب العٰلمين جل شانـہ جو فرمان آهي. "وَهُوَالْعَزِيْزُ الْغَفُوْرُ الَّذِىْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا" (۱) (۽ اهو الله غالب، بخشڻهار آهي جنهن ستن آسمانن کي طبقا ڪري پيدا فرمايو) ۽ ان مان هيءَ مراد وٺڻ بہ جائز آهي تہ اوهان الله عزوجل جي قرب جي درجن ۾ مٿي چڙهندا ويندا. (۲) "فَمَالَهُمْ لَايُؤْمِنُوْنَ" (پوءِ انهن کي ڇا ٿيو آهي جو ايمان نہ ٿا آڻين) مقصد تہ الله عزوجل جي ڪامل قدرت جا ايترا دليل ڏسڻ جي باوجود انهن ڪافرن کي ڇا ٿيو آهي جو ايمان کان محروم آهن مومن نہ ٿا بنجن. "وَاِذَا قُرِئَ عَلَيْهِمُ الْقُرْاٰنُ لَايَسْجُدُوْنَ" (۽ جڏهن انهن تي قرآن پڙهيو وڃي ٿو تہ سجدو نہ ٿا ڪن) مقصد تہ اهي ايترا متڪبر آهن جو قران ڪريم ٻڌڻ جي باوجود الله عزوجل کي سجدو نہ ٿا ڪن. "بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُكَذِّبُوْنَ" (بلڪ ڪافر ڪوڙو چون ٿا) يعني اهي الله عزوجل جي نبي عليـــہ الصلواة والسلام ۽ قرآن ڪريم کي مڃين نہ ٿا انهن کي ڪوڙو چون ٿا "وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُوْعُوْنَ" (۽ جيڪي بدعمل گڏ ڪن ٿا الله اهي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي) مطلب تہ اهي اسلام، ايمان، نبي پاڪ عليـــہ الصلواة والسلام جن جي لاءِ دل ۾ جيڪو بغض، ڪينو ۽ حسد رکيو ويٺا آهن الله عزوجل ان کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو ان کان ڪا بہ ڳالهہ لڪل ناهي. "فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ" (پوءِ انهن کي دردناڪ عذاب جي بشارت ڏي) مطلب تہ اهي خداوندي دردناڪ عذاب جي لاءِ تيار رهن اوهان انهن کي اها خوشخبري ٻڌائي ڇڏيو. "اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ" (مگر جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون انهن جي لاءِ اڻ ڪٽ اجر

(۱) سورة الملڪ آيت ع۳ـ (۲) المظهري صـ۲۳۰ـ جلد ۱۰

آهي) مقصد تہ جن بہ ڪفر ڇڏي ايمان قبول ڪيو يا شروعات کان ئي ڪفر کان پري رهيا ۽ صالح اعمال ڪيائون الله عزوجل انهن جي لاءِ قيامت ۾ اڻ کٽ اجر تيار ڪري رکيو آهي ۽ يا مراد آهي تہ ان جي اجر ۾ انهن تي احسان ڀڏايو نہ ويندو. (۱)
فائدا: مذڪوره آيتن جي متعلق هي فائدا بہ ذهن ۾ وهارڻ نهايت مفيد آهن.
۱. "وَأَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ" (۽ پنهنجي رب جو امر ڪن ڏئي ٻڌندو ۽ اهو حق بہ آهي) مفسرن لکيو آهي تہ ان جون بہ مرادون ٿي سگهن ٿيون ڇو تہ احڪام خداوندي بہ ٻہ قسم آهن "۱" تشريعي، جن ۾ قانون ٻڌايو وڃي ٿو ۽ ان جي خلاف ورزي ڪرڻ تي سزا ڏني وڃي ٿي ۽ عمل ڪندڙ کي هڪ قسم جو اختيار ڏنل هوندو آهي ۽ اهڙا احڪام عمومًا ان مخلوق تي عائد ٿين ٿا جن کي ذووالعقول سڏيو ويندو آهي جيئن ملائڪ، انسان، جن ۽ اتاهين کان انهن ۾ قسمن انسانن ۽ جنن ۾ مومن ۽ ڪافر، مطيع ۽ بي فرمان وارا قسم پيدا ٿين ٿا. "۲" تڪويني ۽ تقديري احڪام، اهي جبرًا جاري ڪيا ويندا آهن ڪنهن کي طاقت ناهي جو هڪ وار برابر بہ انهن جي خلاف ورزي ڪري سگهي. (۲) ۲. "وَإِذَا قُرِئَ عَلَيْهِمُ الْقُرْآنُ لَا يَسْجُدُونَ" (۽ جڏهن انهن تي قرآن پڙهيو وڃي ٿو تہ سجدو نہ ٿا ڪن) هن آيت جي تلاوت ڪندڙ تي امام اعظم عليہ الرحمة وٽ تلاوت جو سجدو لازم آهي. صحيح بخاري شريف ۾ آهي تہ حضرت ابو هريرة رضي الله عنہ هي سورة پڙهي تلاوت جو سجدو ڪيو هو. (۳)
۳. حضرت امام اعظم عليہ الرحمة جن فرمايو آهي تہ: تلاوت واري آيت پڙهندڙ تي بہ تلاوت جو سجدو واجب آهي تہ ٻڌندڙ تي بہ واجب آهي ڀلي ٻڌڻ جي نيت نہ بہ ڪري ۽ اهڙي طرح جيڪڏهن تلاوت ڪندڙ سجدو نہ ڪيو تہ بہ ٻڌندڙ تي سجدو ڪرڻ واجب آهي اهو نہ ڇڏي. (۴) الحمدلله جو مون گنهگار اڄ سومر جي ڏينهن ٻارهين بجي صبح جو بمورخہ ۲ ذوالقعده ۱۴۲۶هـ الموافق ۵ ڊسمبر ۲۰۰۵ع تي سورة الانشقاق جو تفسير لکي پورو ڪيو. الله جل جلالہ جي دربار ۾ التجا آهي تہ باقي رهيل سورتن جو تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ جي نعمت نصيب ڪري آمين يا رب العٰلمين بوسيلة النبی الامين عليہ وعلیٰ آلہ واصحابہ الصلوٰة والسلام الیٰ يوم الدين .

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(۱) تفسير هاشمي ص ۹۶/۹۷ ــ (۲) معارف القرآن ص ۷۰۳ ــ جلد ۸ (۳) القرطبي ص ۲۸۰ ــ جلد ۱۹ (۴) المظهري ص ۲۳۲/۲۳۳ ــ جلد ۱۰

سورة "اَلْبُرُوْجِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن ۾ وهارڻ نهايت مفيد آهن

نالو مبارڪ: هن جو نالو "البروج" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، ٻاويهہ آيتون هڪ سؤ نو ڪلما ۽ چار سؤ پنجهٺ حرف آهن. (١)

مڪيہ آهي يا مدنيہ؟ ابن الضريس، النحاس، بيهقي ۽ ابن مردويہ حضرت ابن عباس ڪان روايت آندي آهي تہ هيءَ سورة مڪہ مڪرمہ ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: هيءَ سورة نبوي مڪي دور ۾ ان وقت نازل ٿي هئي جڏهن ڪافرن جي طرفان مومنن تي ظلم ۽ تشدد جي انتها هئي ۽ انهن رت جا رشتا ۽ پاڙي جا حق سڀ وساري جيتري بہ طاقت رکي ٿي اوترو مسلمانن کي ايذايائون ٿي.

مضمون: اصحٰب الأخدود ڪير هئا جن ايمان وارن کي ٻرندڙ باهہ جي کڏن ۾ اڇلايو هيو اهي ڪهڙي علائقي جا رهاڪو هئا ۽ هي ڪهڙي دور جو واقعو آهي اهي تفصيل اوهان کي هن سورة جي تشريح جي دوران ملندا هتي صرف اهو عرض ڪرڻو آهي تہ ڪفر ۽ باطل هدايت جي نعمت ڪان محروم هجڻ ڪري انسانيت جي جوهر ڪان بہ خالي رهندو آهي ان جي دل ۾ رحمت ۽ شفقت جو جذبو بہ نہ هوندو آهي ڪمزور مسلمانن تي ڪافر ظلم جي انتها ڪري ڇڏيندا هئا پر ان جبر ۽ تشدد جي حالت ۾ بہ مسلمانن جي ثابت قدمي حيران ڪندڙ هوندي هئي. اهي هر تڪليف پنهنجي مالڪ مني جي راضي ڪرڻ جي لاءِ سهندا هئا اصحٰب الأخدود جي واقعن کي بيان ڪري مسلمانن کي ثابت قدم رهڻ جو درس ڏنو ويو آهي تہ اهي مايوس نہ ٿين سندن خلاف موجود قوتون بہ ختم ٿي وينديون جيئن اڳيان جابر ۽ متشدد ڪافر تباهہ ٿي ويا.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳيئن سورة ۾ مومنن سان جنت جو وعدو ۽ ڪافرن سان دوزخ جو وعدو هو تيئن هن سورة ۾ بہ ٻنهي ٽولن سان ٻئي وعدا ڪيل آهن.

ڀلايون ۽ برڪتون: مفسر قرآن علامہ ابن عادل دمشقي لکيو آهي تہ: جنهن سورة "وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْبُرُوْجِ" پڙهي تہ الله تعالىٰ ان کي هر جمعہ جي ڏينهن ۽ هر نائين ذوالحج جي ڏينهن ۾ ماڻهن جي تعداد ڪان ڏهوڻ تي نيڪين جو درجو ڏيندو. (١)

(١) خازن صـ٣٦٤ـ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور صـ٤٦١ـ جلد ٨ (٣) اللباب في علوم الڪتٰب صـ٢٥٨ـ جلد ٢٠

وَهِيَ خَمْسٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْبُرُوْجِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَّاحِدٌ
۽ اها پنجويهہ آيتون آهي	سورة البروج مكي آهي	۽ هن ۾ ۱ رکوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع کيان ٿو جيکو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْبُرُوْجِ (۱) وَالْيَوْمِ الْمَوْعُوْدِ (۲) وَشَاهِدٍ وَّ مَشْهُوْدٍ (۳)

قسم آهي آسمان برجن واري جو ۽ وعدي ڪيل ڏينهن جو ۽ شاهد جو ۽ شاهدي ڏنل جو

قُتِلَ اَصْحٰبُ الْاُخْدُوْدِ (۴) النَّارِ ذَاتِ الْوَقُوْدِ (۵) اِذْ هُمْ عَلَيْهَا قُعُوْدٌ (۶)

لعنت ڪيا ويا خندقن وارا باهہ، گهڻي ٻرندڙ ڪاٺ واري جڏهن اهي ان تي ويهندڙ هئا

وَّهُمْ عَلٰى مَا يَفْعَلُوْنَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ شُهُوْدٌ (۷) وَمَا نَقَمُوْا مِنْهُمْ اِلَّآ اَنْ

۽ اهي ان تي جيڪو ڪن پيا مومنن سان ڏسندڙ هئا ۽ نہ ٿي بدلو ورتائون انهن مگر هي جو

يُّؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ (۸) الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

ايمان آڻين پيا الله، غالب، ساراهيل تي اهو (الله) جو ان جي آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين ۾

وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ (۹) اِنَّ الَّذِيْنَ فَتَنُوا الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ

۽ الله هر شيء کي ڏسندڙ آهي بيشڪ جن ايذايو مومنن ۽ مومنياڻين کي ان کان پوءِ

لَمْ يَتُوْبُوْا فَلَهُمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَلَهُمْ عَذَابُ الْحَرِيْقِ (۱۰)

نہ توبہ ڪيائون پوءِ انهن جي لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ انهن جي لاءِ ساڙيندڙ باهہ جو عذاب آهي

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون انهن جي لاءِ بهشت آهن جو وهن پيون انهن جي هيٺان

الْاَنْهٰرُ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْكَبِيْرُ (۱۱) اِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ (۱۲) اِنَّهٗ

نهرون اها ڪاميابي وڏي آهي بيشڪ تنهنجي رب جي پڪڙ البت سخت آهي بيشڪ اهو ئي

عاية حصة ۱۲

هُوَ يُبْدِىءُ وَيُعِيْدُ (١٣) وَهُوَالْغَفُوْرُ الْوَدُوْدُ (١٤) ذُوا لْعَرْشِ

پهريان پيدا ڪري ٿو ۽ ورائي پيدا ڪندو ۽ اهو ئي بخشڻهار، محبت ڪندڙ آهي عرش جو مالڪ

الْمَجِيْدُ (١٥) فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ (١٦) هَلْ اَتٰكَ حَدِيْثُ الْجُنُوْدِ (١٧)

شان وارو آهي. ڪندڙ آهي جيڪو ارادو ڪري ٿو ڇا آئي ٿو وٽ ڳالهه لشڪرن جي

فِرْعَوْنَ وَثَمُوْدَ (١٨) بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِىْ تَكْذِيْبٍ (١٩) وَّاللّٰهُ مِنْ وَّرَآئِهِمْ

فرعون ۽ ثمود جي بلڪ جن ڪفر ڪيو ڪوڙو چوڻ ۾ آهن . ۽ الله چوڌاري انهن جي

مُّحِيْطٌ (٢٠) بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ (٢١) فِىْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ (٢٢) ع۱

گهيراء ڪندڙ آهي بلڪ اهو قرآن سڳورو لوح محفوظ ۾ آهي

تفسير

اڳينءَ سورة ۾ ڪافرن ۽ مومنن جي ڪردار ۽ ان جي بدلي جو بيان هو ۽ هتي بہ ان ئي قسم جو بيان ڪندي هڪ واقعو ٻڌايو ويو آهي فرمان مبارڪ آهي. "وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْبُرُوْجِ" (برجن واري آسمان جو قسم آهي) بروج برج جو جمع آهي ۽ قلعي ۽ وڏيءَ ماڙيءَ کي بہ برج سڏيندا آهن ۽ آسمان جي ٻارهن برجن کي بہ برج سڏيندا آهن جن ۾ تارا، سج ۽ چنڊ هلندا آهن. (١) حضرت پير ڪرم شاهہ ازهري عليہ الرحمة لکيو آهي تہ: جديد سائنس قرآن ڪريم جو نظريو تسليم ڪيو آهي ان جي ڪري برجن مان مراد اهي اصطلاحي برج ناهن بلڪ اهي وڏا وڏا تارا آهن جيڪي گهڻو چمڪندڙ نظر ايندا آهن. (٢) "وَالْيَوْمِ الْمَوْعُوْدِ" (۽ وعدو ڪيل ڏينهن جو) ان مان مراد قيامت جو ڏينهن آهي جنهن جو بار بار وعدو ڪيو ويو آهي جيئن فرمان مبارڪ آهي. "لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَارَيْبَ فِيْهِ" (١) (البت اوهان کي ضرور قيامت جي ڏينهن گڏ ڪندو جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ ناهي) الله جلت صفاتہ قيامت جي ڏينهن جو قسم ان جي اهميت جي ڪري کنيو آهي ان ۾ ظالم ۽ مظلوم، حاڪم ۽ محڪوم، نيڪوڪار ۽ بدڪار گڏ ٿيندا ۽ فيصلي ڪرڻ وارو بادشاهن جو بادشاهہ، آسمانن ۽ زمينن جو جبار هوندو ۽ پانهن ۾ عدل سان فيصلو ڪرڻ فرمائيندو. (٢) "وَشَاهِدٍ وَّمَشْهُوْدٍ" (۽ شاهدي ڏيندڙ ۽ شاهدي ڏنل جو قسم آهي).

(١) المراغي ص٩٨ـ جزء ٣٠ جلد ١٠ (٢) ضياءُ القرآن ص٥٢٩ـ جلد ٥
(٣) سورة الانعام آيت ع١٢ـ (۴) التفسير الواضح الميسر ص١٥۴٨ـ

شاهد ۽ مشهود ڪير آهن؟

ان ۾ مختلف قول آهن ١. حضرت علي، حضرت ابن عباس، حضرت ابن عمر ۽ حضرت ابو هريرة رضي الله عنهم فرمايو تہ شاهد جمعي جو ڏينهن آهي ۽ مشهود نائين ذوالحج جو ڏينهن آهي. حضرت حسن بصري بہ ائين فرمايو آهي. ٢. حضرت ابن عباس جو ٻيو قول ۽ حضرت حسين بن علي رضى الله عنهما فرمايو تہ "المشهود" قيامت جو ڏينهن آهي ۽ شاهد سهڻو رسول الله صلى الله عليه وسلم جن آهن. ٣. ابوبڪر عطا فرمايو تہ: شاهد حجر اسوَد آهي ۽ مشهود (جنهن لاءِ شاهدي ڏني ويندي) حج يا عمرو يا طواف ڪندڙ آهي. (٣)

"قُتِلَ اَصۡحٰبُ الۡاُخۡدُوۡدِ ۙ النَّارِ ذَاتِ الۡوَقُوۡدِ ۙ"(خندقن وارا، ٻرندڙ ڪاٺين جي باهہ وارا لعنت ڪيا ويا) هي مذڪور قسمن جو جواب آهي مطلب تہ جن خندقون کوٽائي ڪاٺين سان ٻرائي انهن ۾ ڪي باهہ ڏني اهي لعنت ڪيا ويا. "اِذۡ هُمۡ عَلَيۡهَا قُعُوۡدٌ ۙ وَّهُمۡ عَلٰى مَا يَفۡعَلُوۡنَ بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ شُهُوۡدٌ ؕ" (جڏهن اهي ان تي ويهندڙ هئا ۽ اهي جيڪي مومنن سان ڪن پيا ڏسندڙ هئا) هتي هڪ واقعي جو بيان تي رهيو آهي جنهن جو تفصيل مفسرن هن طرح لکيو آهي.

اصۡحٰب الاُخدود جو واقعو

حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ: حضور کان پهريان ۽ حضرت عيسىٰ عليها الصلواة والسلام کان بعد ۾ ذونواس نالي هڪ بادشاهہ هو جيڪو پاڻ ڪي الله سڏرائيندو هو. يمن ملڪ ۾ رهندو هو ان وٽ هڪ جادوگر هوندو هو جنهن جي سحر جي زور تي ماڻهو ان جا فرمانبردار رهندا هئا جڏهن اهو جادوگر پوڙهو ٿيو تہ بادشاهہ ان ڪي هڪ نوجوان ڇوڪرو جادو پڙهڻ جي لاءِ ڏنو تہ سندس مرڻ کان پوءِ اهو ان جي جادوءَ جون ضرورتون پوريون ڪري. اهو ڇوڪرو روزانو ان پوڙهي جادوگر وٽ جادو پڙهڻ جي لاءِ ويندي رستي ۾ هڪ راهب (عابد) کان لنگهندو هو اهو راهب حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي دين تي مڪمل پابند ۽ نهايت صالح ولي ڪامل ۽ ڪرامتن جو صاحب هو. اهو نوجوان ان وٽ اچي ان کان دين حق بہ سکندو هو. جڏهن اهو بہ صاحب ڪمال ٿيو تڏهن هڪ ڏينهن واٽ سان ايندي ماڻهن جو وڏو ميڙ ڏٺائين جيڪي واٽ ۾ هڪ نانگ جي موجود هجڻ جي ڪري بيٺا هئا ۽ ڪنهن ۾ بہ جرأت نہ هئي جو اڳتي وڌي يا ان کي ماري ان نوجوان ڇوڪري دل ۾ چيو تہ اڄ مان آزمائي ڏسان تہ جادوگر سچو آهي يا الله جو نيڪ، صالح ٻانهو راهب؟ پوءِ هڪ پٿر کڻي رب العزة جل شانہ کان دعا

گهريائين ته ياالله! جيڪڏهن تنهنجي دربار ۾ راهب جادوگر کان پلو آهي ته منهنجي هن پٿر سان هن نانگ کي ماري ڇڏ ۽ ماڻهو هن واٽ سان آرام سان لنگهي وڃن ائين دعا گهري ان نانگ کي پٿر هنيائين ته اهو الله جل شانـه جي امر سان مري پيو ۽ ماڻهن جي لاءِ واٽ آزاد ٿي وئي ۽ ان راهب ۽ نوجوان جي ان ڪرامت کان ماڻهو متاثر ٿيا ان کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون ڪماليتون ان نوجوان کان ظاهر ٿيڻ لڳيون ان جي هٿان بيمار چاڪ ٿيندا هئا انڌا سڄا ٿيندا هئا ڪوڙهه جا مريض صحتياب ٿيندا هئا ۽ اها ڳالهه ان ملڪ ۾ مشهور ٿيندي وئي ۽ انهن ڏينهن ۾ ان بادشاهه جو هڪ وزير به اکين کان انڌو ٿي چڪو هو سو ان نوجوان صالح وٽ هلي آيو ۽ اچي عرض ڪيائينس ته جيڪڏهن تنهنجي دعا سان مان انڌو ڏسندڙ ٿي وڃان ته جيڪي مال چوندين اهي ڏيندو سانءُ ۽ نوجوان ان کي فرمايو ته: مان شفا ڇا ٿو ڏئي سگهان؟ شفا ڏيڻ وارو الله عزوجل آهي جيڪڏهن تون ايمان آڻين ان کي مڃين ته مان تو لاءِ ان جي بارگاهه ۾ دعا گهران. ان ايمان آڻڻ جو وعدو ڪيو نوجوان ان جي حق ۾ دعا گهري ته ان جون اکيون روشن ٿي ويون ۽ اهو جڏهن بادشاهه جي خدمت ۾ روشن اکين سان آيو ته بادشاهه پڇيس ته هي اکيون روشن ڪٿان ڪرايون اٿئي؟ ان جواب ۾ چيس ته منهنجو اکيون الله عزوجل روشن ڪيون آهن بادشاهه پڇيس ته مون کان سواءِ به تنهنجو ڪو معبود (الله) آهي ڇا؟ وزير چيس ته منهنجو ۽ تنهنجو رب اهو هڪ الله آهي جنهن آسمان، زمين ۽ سارا جهان پيدا ڪيا آهن اهو جواب ٻڌي اهو ظالم سخت ناراض ٿيو ۽ ان وزير کي سخت عذاب ڏيڻ شروع ڪيائين ۽ پڇيائين ته صحيح حقيقت ٻڌاءِ ته توکي اهو دين ڪنهن سيکاريو آهي؟ ان وري راهب جي نالي ٻڌايس بادشاهه راهب کي گهرايو ۽ ان تي ظلم ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ ڪيس چيائين ته مون کي الـلـه ڪري مڃيندين ته عذاب کان بچندين نه ته عذابن ۾ رهندين پر ان حق واري سچي دين تي استقامت ڏيکاري ۽ ڪافر بادشاهه جي ڪا به ڳالهه نه مڃي ڪافر بادشاهه ڪرٽ گهرائي ان کي ٽڪرا ڪرائي شهيد ڪري ڇڏيو پر اهو نه مڙيو وري وزير کي گهرائي چيائين ته تون ان دين کان هٽي وڃ، مون کي الـلـه ڪري مڃ ان به اها ڳالهه قبول نه ڪئي ته ان کي به ڪرٽ سان ڪٽرائي ٻه اڌ ڪرائي ڇڏيائين وري ان نوجوان کي آڻائي ان کي به عذاب ڪرائي دين ڇڏڻ جي لاءِ چيائين پر اهو به نه مڙيو پوءِ ان جي لاءِ وري ٻيو رستو ورتائين اهو هي جو پنهنجن ماڻهن کي چيائين ته هن کي جبل تي مٿي وٺي وڃو ۽ اتي هن کان پڇو ته مون کي الـلـه ڪري مڃي ٿو يا نه. جيڪڏهن نه مڃي ته اتاهين هيٺ اڇلائجوس پاڻهي ختم ٿي ويندو. اهي ماڻهو ان نوجوان کي جبل تي وٺي آيا ۽ ڪانئس پڇيائون ته بادشاه کي الـلـه ڪري مڃين ٿو يا

هيث ڏکو ڏئي توکي اڇلايون؟ ان اتي دعا جا هي الفاظ پڙهيا "اَللّٰهُمَّ اكْفِنِيْهِمْ بِمَاشِئْتَ" ياالله! جيئن تون گهرين تيئن مون کي هنن کان ڪافي ٿيءِ (ءِ بچاء) ان دعا گهرڻ شرط جبل ڏڪيو ۽ ان نوجوان کان سواءِ ٻيا سڀ ڪري پيا ۽ ڪرندي سڀ مري ويا. اهو نوجوان الله عزوجل جي فضل سان ڪرڻ کان محفوظ رهيو ۽ جبل تان لهي سڌو بادشاهه وٽ آيو بادشاهه حقيقت پڇيس ته ڳالهه سڄي کولي ٻڌايائينس ان وري ٻيا ماڻهو مقرر ڪري انهن کي چيو ته: هن کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي سمنڊ جي وچ ۾ اڇلائي اچو ڇو ته هي مون کي الله ڪري نه ٿو مڃي ۽ مون واري دين تي ايمان نه ٿو آڻي اهي هن نوجوان کي ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪري سمنڊ جي وچ ۾ وٺي ويا ۽ ڪيس بادشاهه وارو حڪم ٻڌايائون پر هو سچي دين تي قائم رهيو نه مڙيو. بادشاهه جي ماڻهن ڪيس سمنڊ ۾ اڇلائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هن ساڳيا جبل تي چيل دعا جا الفاظ ورايا "اَللّٰهُمَّ اكْفِنِيْهِمْ بِمَا شِئْتَ" بس انهن لفظن چوڻ سان اها ٻيڙي اونڌي ٿي پئي ۽ هن نوجوان کان سواءِ انهن مان ڪير به نه بچيو. سمنڊ مان نڪري نوجوان وري بادشاهه وٽ آيو ان احوال پڇيس هن سموري حقيقت کولي ٻڌايس. بادشاهه حيران رهيو پوءِ نوجوان چيس ته "جيستائين مون واري ڏسيل واٽ نه وٺندين ته مون کي ماري نه سگهندين" بادشاهه پڇيس ته اهو ڪهڙو طريقو آهي؟ نوجوان چيس ته اهو هي آهي ته تون ماڻهو گڏ ڪراءِ ۽ مون کي سوريءَ تي چاڙهي، ڪمان ۾ تير وجهي منهنجي سچي رب جو نالو وٺي "بِاسْمِ رَبِّ هٰذَا الْغُلَامِ" چئي مون ڏانهن هڻ ته مان مرندس نه ته ڪا به تجويز ڪم نه ڪنديئي؟ اها ڳالهه ان ظالم کي وڻي، تمام گهڻا ماڻهو گڏ ڪرائي ان نوجوان کي سوريءَ تي چاڙهائي ڪمان ۾ تير وجهي مذڪوره الفاظ چئي تير هنيائين ته اهو ان نوجوان کي لوڻي ۾ لڳو ۽ شهيد ٿي ويو پر ماڻهن بادشاهه کي الله عزوجل جو نالو وٺندي ڏسي چيو ته اسان ان رب تي ايمان آندو آهي جنهن جي پاڪ نالي وٺڻ کان سواءِ بادشاهه هن نوجوان کي ڪجهه به ڪري نه سگهيو. اهو حال ڏسي بادشاهه کي وزيرن وري مشورو ڏنو ته جنهن ڳالهه کان تون ڀڄين ٿي اها ساڳي ٿي ماڻهو تنهنجي الله هجڻ جا منڪر بنجي ويا آهن بادشاهه وڏيڪ ڪاوڙجي خندقن جي کوٽڻ جو آرڊر ڏنو ته هر هڪ جي ڊريگهه چاليهه گز ۽ ويڪر ٻارهن گز ڪيو انهن ۾ ڪاٺيون وجهي باهه ڏيو جڏهن باهه ڀڙڪا ڪري ته پوءِ ان نوجوان واري سچي دين تي هلندڙن مومنن کي چئو ته اهو دين ڇڏي ڏين نه ته پوءِ انهن کي خندقن ۾ اڇلايو ته سڙي وڃن. ان طريقي سان ان ظالم ٻارهن هزارن (١٢٠٠٠) مومنن کي انهن خندقن ۾ اڇلارايو. انهن مومنن ۾ هڪ عورت به هئي جنهن کي ڪڇ ۾ ننڍڙو ڪير پيئڻ وارو پٽ هو. ان ظالم ان مومن

عورت کي چيو تہ تون بہ جيکڏهن کفر قبول نہ کندينءَ تہ توکي بہ هنن خندقن ۾ اڇلايو ويندو پر جڏهن اها ثابت قدم رهي کفر قبول نہ ڪيائين تہ کافر حکم کيو تہ هن کان کچ وارو پٽ کسي خندقن ۾ اڇلايو. ماءُ پريشان ٿي تہ ان ننڍڙي کير پياڪ ٻار ڳالهائي چيس تہ امان! تون سچي دين تي آهين ان تي مضبوط رهجان کفر قبول نہ کجان! هيءَ عارضي باهہ آهي اها کجهہ نہ کندي آخرت واري باهہ کان الله بچائي جو اها دائمي هوندي. ظالمن اول پٽ کي باهہ ۾ اڇلايو پوءِ ماءُ کي تہ الله تعالیٰ انهن کي اتاهين بچائي جنت ۾ پهچايو ۽ رب العزة هن سورة ۾ چار قسم، آسمان جو، وعدي کيل ڏينهن جو، شاهد جو ۽ مشهود جو کٽي بيان کرڻ فرمايو تہ اهي خندق وارا لعنت کيا ويا. (١)

"وَمَا نَقَمُوْا مِنْهُمْ اِلَّآ اَنْ يُّؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ" (۽ انهن کان بدلو نہ ورتائون مگر هي تہ (انهن) الله، غالب، ساراهيل تي ايمان آندو هو) يعني کافرن مومنن کان صرف اهو انتقام تي ورتو جو انهن الله غالب، ساراهيل تي ايمان آندو هو هتي "يومنوا" مضارع جو لفظ دوام تي دلالت کرڻ جي لاءِ آندو ويو آهي يعني انهن صرف ماضيءَ ۾ ايمان نہ آندو هو پر ان ايمان تي قائم، دائم رهيا هئا تڏهن کافرن انهن کي ايذاءُ ڏنا هئا. "اَلَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" (اهو (الله) جنهن جي آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي آهي) هن صفت کي آخر ۾ ان جي کري بيان کيو ويو جو پوري بادشاهي قدرت ۾ کمال جي حصول کان سواءِ جنهن تي "العزيز" دلالت کري رهيو آهي حاصل نہ ٿي ٿئي ۽ علم تام کان سواءِ بہ کامياب ناهي ۽ ان علم تي حميد لفظ دلالت کري ٿو جو علم کان سواءِ کو ساراهہ جو لائق ٿي ناهي. کشف الاسرار ۾ آهي تہ الله تعالیٰ پنهنجي ذات جون هي صفتون ان جي کري بيان فرمايون آهن تہ ٻڌڻ وارو ڄاڻي تہ کافرن کي مهلت ان جي کري نہ ملي آهي تہ الله تعالیٰ انهن کي عذاب کرڻ تي قادر ناهي بلک ان جي کري آهي تہ مومن تکليف ڏسڻ ۽ صبر کرڻ جو ثواب حاصل کن. "وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ" (۽ الله هر شي ڏسندڙ آهي) مقصد تہ ان کان نہ مومن جا اقوال ۽ افعال لکل آهن نہ کافر جا. اهو هر شيءِ جو ڏسندڙ ۽ ان کي ڄاڻندڙ آهي. (٢) "اِنَّ الَّذِيْنَ فَتَنُوا الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَتُوْبُوْا فَلَهُمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَلَهُمْ عَذَابُ الْحَرِيْقِ" (بيشک جن مومنن ۽ مومنياڻين کي ايذايو پوءِ انهن جي لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ انهن لاءِ ساڙيندڙ باهہ جو عذاب آهي) يعني جن ظالمن پنهنجي طاقت جي نشي ۾ الله جل شانہ تي ايمان آڻڻ وارن ٻانهن ۽

(١) تفسير هاشمي صـ١٠٠/١٠٩ـ (٢) روح البيان صـ٣٩٠ـ جلد ١٠

ٻانهين کي ايذاءُ ڏنا ۽ وري پنهنجن انهن ظلمن کان توبه به نه ڪيائون اهي ائين نه سمجهن ته سندن اها ڳالهه گوارا ڪئي ويندي. ائين هرگز ناهي انهن کي دردناڪ عذاب ۽ ان ساڙيندڙ باهه جو عذاب ملندو جنهن باهه ۾ انهن الله عزوجل جي پيارن کي وڌو هو. جيتوڻيڪ ٻنهي باهين جي نوعيت ۾ وڏو فرق هوندو. ”اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمۡ جَنّٰتٌ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ ۟ؕ ذٰلِكَ الۡفَوۡزُ الۡكَبِيۡرُ ؕ“ (بيشڪ جن ايمان آندو ۽ صالح اعمال ڪيائون انهن جي لاءِ اهي بهشت آهن جن جي هيٺان نهرون وهن پيون، اها ڪاميابي وڏي آهي مطلب ته ظلم ۽ ستم سهي ايمان تي مضبوط رهڻ وارن جي لاءِ الله عزوجل بهشتن جون نعمتون تيار ڪري رکيون آهن ۽ اها وڏي ڪاميابي آهي ”اِنَّ بَطۡشَ رَبِّكَ لَشَدِيۡدٌ ؕ“ (بلاشڪ تنهنجي رب جي پڪڙ البت سخت آهي) هن سان قريشي ڪافرن کي ڊيڄاريندي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي تسلي ڏني وئي آهي ته اوهان بي فڪر رهو الله عزوجل جي پڪڙ نهايت سخت آهي اهو انهن کي پاڻهي سزا ڏيندو. ”اِنَّهٗ هُوَ يُبۡدِئُ وَيُعِيۡدُ ۚ“ (بلاشڪ اهو ئي پهريان ناهي تو ۽ (وري به زنده ڪري) ورائي ٿو) مطلب ته آن جي قدرت جو ڪمال آهي جو مخلوق کي اول به وجود ڏي ٿو ۽ انهن کي مرڻ کان پوءِ ٻيهر زنده ڪري اهو ئي اٿاريندو. جيڪو ائين ڪرڻ تي قادر آهي اهو ڪافرن کي سخت سزا ڏيڻ تي به قادر آهي. (١) ”وَهُوَ الۡغَفُوۡرُ الۡوَدُوۡدُ ۙ‏ ذُو الۡعَرۡشِ الۡمَجِيۡدُ ۙ‏ فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيۡدُ ؕ“ (۽ اهو ئي بخشڻهار، محبت رکندڙ آهي شرف واري عرش جو مالڪ آهي جيڪو ارادو ڪري ٿو اهو ڪندڙ آهي) مطلب ته ڪافر عقل جا انڌا اوهان جي پاڪ پروردگار کي ڪمزور نه سمجهن ان جي هر ڪم ۾ حڪمت آهي اهو تنگ مزاج ۽ جلد رنج ڪرڻ وارن حاڪمن وانگر ناهي ان هر ڪم جي لاءِ موزون وقت مقرر ڪري رکيو آهي ۽ اهو نهايت مهربان، بخشڻهار ۽ پنهنجن ٻانهن سان محبت رکندڙ به آهي اهو عرش جو مالڪ آهي سڀ شان ۽ شرف ان جي ذات لاءِ ئي آهي اهو جيڪو ارادو فرمائي ٿو ڪري ٿو اهو ئي ٿيندو جيڪا ان جي مرضي هوندي. ”هَلۡ اَتٰٮكَ حَدِيۡثُ الۡجُـنُوۡدِ ۙ“ (ڇا تو وٽ لشڪرن جي خبر آئي آهي؟) يعني اوهان وٽ ڪفر، گمراهي ۽ سرڪشي ڪندڙن لشڪرن ۽ انهن تي اچڻ واري سزا ۽ عذاب جي خبر آئي آهي؟ مطلب ته اوهان انهن جي احوال کان باخبر آهيو پنهنجي قوم وارن کي اها ڳالهه ٻڌايو. ”فِرۡعَوۡنَ وَثَمُوۡدَ ؕ“ (فرعون ۽ ثمود جي) مطلب ته اهي لشڪر فرعون ۽ ثمود وارا هئا جن پنهنجي عارضي سلطنت ۽ بادشاهيءَ تي ايترو غرور ڪيو هو پر سڀ تباهه ۽ برباد ٿي ويا. ”بَلِ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا فِىۡ

(١) المراغي ص ١٠٥ ـ جزءُ ٣٠ جلد ١٠

تَكۡذِيۡبٍۙ وَاللّٰهُ مِنۡ وَّرَآءِهِمۡ مُّحِيۡطٌۚ (بلڪ جن ڪفر ڪيو ڪوڙو چوڻ ۾ آهن ۽ الله انهن جي چوڌاري گهيرو ڪندڙ آهي) مطلب تہ ڪافر هميشہ نہ مڃڻ جي ضد ۾ آهن انهن کي ڪا بہ نصيحت ۽ وعظ اثر نہ ٿو ڪري ۽ اهي الله عزوجل جي گهيري ۾ آهن ان جي عذاب ۽ سزا کان نہ بچي سگهندا ۽ نہ ڀڄي سگهندا. "بَلۡ هُوَ قُرۡاٰنٌ مَّجِيۡدٌۙ فِىۡ لَوۡحٍ مَّحۡفُوۡظٍ" (بلڪ اهو شرف وارو قرآن آهي، لوح محفوظ ۾ آهي) مطلب تہ قرآن ڪريم معنيٰ جي لحاظ سان وسيع، عظيم، ڀلائيءَ ۽ علم ۾ ڪثير آهي، اهو اصل ان لوح محفوظ ۾ لکيل آهي جنهن ۾ ڪا بہ ڦيرڦار، گهٽ وڌ ٿيائي ۽ شيطانن جي پهچ ناممڪن آهي (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ملن ٿا. ١. "ذَاتِ الۡبُرُوۡجِ" (برجن وارو) برجن جي متعلق اهو قول تہ آسمان ٻارهن حصن ۾ ورهايل آهي هر هڪ حصي کي برج سڏيو ويندو آهي ستارا انهن برجن ۾ هوندا آهن ۽ فلڪ جي تحرڪ سان متحرڪ ٿيندا آهن وغيره وغيره غلط آهي قرآن ڪريم هر ستاري کي پنهنجي ذاتي حرڪت، ڇرپُر سان متحرڪ قرار ڏنو آهي جيئن سورة "يس" ۾ آهي. "وَكُلٌّ فِىۡ فَلَكٍ يَّسۡبَحُوۡنَ" (۽ سڀئي فلڪ ۾ ترن پيا) هتي فلڪ مان مراد آسمان نہ پر سيارات جو مدار آهي جنهن ۾ اهي متحرڪ هوندا آهن. (٢) ٢. علامہ ابن ڪثير لکيو آهي تہ ان ذونواس بادشاهہ جو اصل نالو زرعة هو پنهنجي دور ۾ يوسف سڏيو ويندو هو ۽ اهو بيان اسعد ابوڪريب، تبع جو پٽ هو. جنهن تبع مدينہ منوره جو بنياد رکيو ۽ ڪعبة الله شريف کي غلاف ڍڪايو هو ۽ جنهن نوجوان کي سوريءَ تي چاڙهي الله عزوجل جو نالو وٺي تير هنيو هيائين ان جونالو عبدالله بن تامر هو ۽ اهو جنهن زمين ۾ دفن ٿيل هو اتفاقًا اها زمين حضرت فاروق اعظم رضي الله عنہ جي دور ۾ کوٽي وئي تہ ان ۾ ان عبدالله بن تامر جو جسم اهڙي طرح ويٺل هو جو سندس هٿ سندس پٽيءَ تي ان جاءِ تي رکيل هو جتي کيس تير لڳو هو. ڪنهن ڏسڻ واري ان جو هٿ اتان هٽايو تہ ان زخم مان رت وهڻ لڳو وري اهو هٿ ورائي ان تي رکيائون تہ رت وهڻ بند ٿي ويو ان جي هٿ ۾ هڪ منڊي هئي جنهن تي "الله ربي" نقش ٿيل هو. حضرت عمر رضي الله عنہ جي طرفان مقرر ڪيل يمن جي گورنر اهو سمورو احوال حضرت عمر رضي الله عنہ کي موڪليو پاڻ کيس حڪم موڪليائون تہ ان کي منڊيءَ سميت جيئن آهي تيئن زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيو. (٣)

(١) تيسير الڪريم الرحمٰن ص ٣٨٧/٣٨٦ ـ جلد ٥ (٢) معارف القرآن ص ٧١٢ ـ جلد ٨ (٣) ابن ڪثير ص ٧١٤ ـ جلد ٤

سورة "الطَّارِقِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ بہ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻيون آهن.

نالو مبارڪ: هن جو نالو "الطَّارِقِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، سترهن آيتون، ايڪهٽ ڪلما ۽ بہ سوء اوڻيتاليهہ حرف آهن. (١)

مڪيہ آهي يا مدنيہ؟ ابن الضريس، ابن مردويہ ۽ بيهقي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ هيءَ سورة مڪہ مڪرمہ ۾ نازل ٿي هئي. (٢)


مضمون: هن سورة ۾ بہ قيامت جي واقع ٿيڻ تي دلائل پيش ڪيا ويا آهن پر انهن جي بيان ڪرڻ کان پهريان قسم کڻي ٻڌايو ويو آهي تہ انسان کي پيدا ڪرڻ کان پوءِ ان کي آواره نہ ڇڏيو ويو آهي جو جيڪو گهري اهو ڪري جيئن وڻيس تيئن پيو هلي ان کان ڪنهن بہ قسم جي پڇا نہ ڪئي وڃي ڇو تہ اهو حڪمت الٰهيءَ جي خلاف آهي الله جل جلالہ انسان کي قسمين قسمين صلاحيتن سان مالا مال ڪري پيدا ڪيو آهي ۽ اهو ڏسڻ جي لاءِ تہ اهو ان بي بها نعمتن کي ڪهڙي طرح استعمال ڪري ٿو ان تي محافظ بہ مقرر ڪيا اٿس. قيامت جي منڪرن کي ٻڌايو وڃي پيو تہ اهي منهنجي قدرت جي انڪار ڪرڻ کان پهريان پنهنجي پيدائش تي غور ڪن تہ سندن تخليق جو ماده هڪ ڦڙو آهي. انهن جون اکيون، چنڊ جهڙو چهرو، سهڻي پيشاني، موتين جهڙا ڏند، پيارو قد سڀ ان جي ڦڙي مان ئي تيار ٿيو آهي وري جسماني قوتون، ذهني ۽ روحاني صلاحيت بہ ان ۾ نهايت عجيب انداز سان سميٽيل آهن. پوءِ جنهن جي قدرت جو هي حيرت ۾ وجهندڙ شاهڪار اوهان جي اکين جي اڳيان آهي ڇا اهو مرڻ کان پوءِ اوهان کي زنده ڪري نہ ٿو سگهي؟ ڇا ان ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش آهي؟ ياد رکو جيڪڏهن اوهان سڌي واٽ نہ ورتي تہ قيامت ۾ اوهان کي ڇڏائڻ جي لاءِ ڪو بہ دوست ۽ مددگار نہ ملندو. سورة جي پوري ڪرڻ کان پهريان صاف طور تي ٻڌايو ويو آهي تہ اهلِ مڪہ اسلام کي ناڪام ڪرڻ جي لاءِ سازشن ۾ مصروف آهن پر الله تعالیٰ بہ بي خبر ناهي اهو انهن جي ڪردار کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو ۽ اهو پنهنجي قدرت ۽ قوت سان انهن جي سڀني منصوبن کي ناڪام بنائيندو سندن من مستي بہ ٿي ڏينهن آهي فڪر ۽ غور ڪرڻ جي جيڪا مهلت انهن کي ملي آهي جڏهن اها پوري ٿيندي تہ خداوندي غضب مٿن ڪڙڪندو ۽

(١) خازن صـ٣٦٨ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور صـ٤٧٣ـ جلد ٨

کين تباھ ڪري ڇڏيندو .

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳيئن سورة قسم سان شروع ڪيل هئي تيئن هيءَ به قسم سان شروع ڪيل آهي.

ﭬلايون ۽ برڪتون: هيءَ سورة مختصر هجڻ جي باوجود اهم موضوع تي مشتمل آهي حضرت نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن حضرت معاذ رضي الله عنه کي حڪم فرمايو هو ته نماز ۾ "وَالسَّمَآءِ وَالطَّارِقِ" ۽ "وَالشمسِ وضحٰها" پڙهي امامت ڪرائي. (١)



وَهِیَ سَبۡعَ عشرةَ اٰیـۃً	سُوۡرَةُ الطَّارِقِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيهَا رُكُوۡعٌ وَّاحِدٌ
۽ اها سترهن آيتون آهي	سورة الطارق مڪي آهي	۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

وَالسَّمَآءِ وَالطَّارِقِ ۙ (١) وَمَآ اَدۡرٰىكَ مَا الطَّارِقُ ۙ (٢)

قسم آهي آسمان جو ۽ رات جو ايندڙ جو ۽ ڪنهن ڄاڻايو توکي ته ڇا آهي رات جو اچڻ وارو

النَّجۡمُ الثَّاقِبُ ۙ (٣) اِنۡ كُلُّ نَفۡسٍ لَّمَّا عَلَيۡهَا حَافِظٌ ؕ (٤) فَلۡيَنۡظُرِ الۡاِنۡسَانُ

تارو، گھڻو چمڪندڙ ناهي ڪو نفس جو ناهي ان تي ڪو نگهبان پوءِ جڳائي ٿو ته ڏسي انسان

مِمَّ خُلِقَ ؕ (٥) خُلِقَ مِنۡ مَّآءٍ دَافِقٍ ۙ (٦) يَّخۡرُجُ مِنۡۢ بَيۡنِ الصُّلۡبِ

ته ڇا مان پيدا ڪيو ويو آهي؟ پيدا ڪيو ويو آهي پاڻيءَ ٽپو ڏئي نڪرندڙ مان. جيڪو نڪري ٿو پٺيءَ

وَالتَّرَآئِبِ ؕ (٧) اِنَّهٗ عَلٰى رَجۡعِهٖ لَقَادِرٌ ؕ (٨) يَوۡمَ

۽ سيني جي هڏن وچان بيشڪ اهو (الله) ان جي موٽائڻ تي البت قادر آهي جنهن ڏينهن

تُبۡلَى السَّرَآئِرُ ۙ (٩) فَمَا لَهٗ مِنۡ قُوَّةٍ وَّلَا نَاصِرٍ (١٠) وَالسَّمَآءِ

پرڪا ڪيون ويندون لڪل ڳالهيون پوءِ ناهي ان لاءِ ڪا طاقت ۽ نه ڪو مددگار . قسم آهي

(١) الدرالمنثور ص٤٧٣ـ جلد ٨

ذَاتِ الرَّجْعِ (١١) وَالْأَرْضِ ذَاتِ الصَّدْعِ (١٢) اِنَّهٗ لَقَوْلٌ فَصْلٌ (١٣)

آسمان مينهن واري جو ۽ زمين ڦاٽي پوڻ واريءَ جو بيشڪ اهو البت فيصلو ڪندڙ قول آهي

وَمَاهُوَ بِالْهَزْلِ (١٤) اِنَّهُمْ يَكِيْدُوْنَ كَيْدًا (١٥) وَّاَكِيْدُ كَيْدًا (١٦)

۽ ناهي اهو يوڳ جي ڳالهه بيشڪ اهي رٿين ٿا رٿ ۽ مان به رٿيان ٿو رٿ

فَمَهِّلِ الْكٰفِرِيْنَ اَمْهِلْهُمْ رُوَيْدًا (١٧)

پوءِ ڍر ڏي ڪافرن کي مهلت ڏي انهن کي ٿوري

تفسير

اڳيئن سورة ۾ بيان ٿيو ته ڪافر قرآن کي سچو نه ٿا چون ۽ هن سورة ۾ ٻڌايو ويو آهي ته قرآن ڪريم فيصلو ڪندڙ قول آهي ارشاد الٰهي آهي "وَالسَّمَآءِ وَالطَّارِقِ" (آسمان جو قسم آهي ۽ رات جو ايندڙ جو) آسمان جي قسم سان ان جي اهميت واضح ڪئي وئي ڇو ته ان سيني کي گهيري ۾ ڪري رکيو آهي جتي به وڃو ته آسمان مٿان ۽ هر طرف کان محيط آهي ۽ آسمان کان آيل الٰهي امرن کان ڪير روگرداني به نه ٿو ڪري سگهي. موت، حياتي، تندرستي، بيماري، فتح ۽ شڪست، دولتمندي ۽ مسڪيني، عزت ۽ ذلت سڀ آسماني احڪام آهن. جن کي الله عزوجل جي اذن ۽ مشيت کان سواءِ ڪير به ٽاري نه ٿو سگهي. ۽ "الطارق" جي لغوي معنىٰ آهي رات جو ايندڙ، پوءِ اهو ڪير به هجي ۽ ان جي ڪري احاديث ۾ آهي "اَعُوْذُ بِاللهِ مِنْ طَوَارِقِ اللَّيْلِ" (الله کان رات جو ايندڙ حادثن کان پناهه گهران ٿو) پر هتي ان مان مراد ڇا آهي؟ ان کي الله عزوجل پاڻ ئي بيان ڪري فرمايو "وَمَآ اَدْرٰىكَ مَاالطَّارِقُ النَّجْمُ الثَّاقِبُ" (۽ توکي ڪنهن ڄاڻايو ته طارق ڇا آهي گهڻو چمڪندڙ تارو) ان تاري جي متعلق به علماءَ جا مختلف اقوال آهن "١" ته ان مان مراد جنس آهي هر هڪ تارو ان ۾ داخل آهي ڇو ته هر هڪ رات جو اچڻ وارو آهي. "٢" ته ان مان مقرر تارو مراد آهي پر اهو ڪهڙو آهي ان ۾ به مختلف قول آهن "١" ته ان مان مراد زحل آهي جو ان جي روشني ستن ئي آسمانن کي چيري هيٺ پهچي ٿي. "٢" ته ان مان مراد ڪتي آهي جيڪا ننڍن تارن جو مجموعو آهي ۽ انهن جي روشني به زياده هوندي آهي. "٣" شهاب ثابق، (امڙ ٻنجندڙ تارو) مراد آهي ۽ هي قول زياده قوي آهي ڇو ته جڏهن شيطان آسمان ڏانهن غيبي اسرار ٻڌڻ لاءِ چڙهندا آهن تانت اهي ٻڌي پنهنجن چيلن چپاٽن کي ٻڌائين ۽ اهي ماڻهن جا عقيدا خراب ڪن ۽ قرآن ڪريم ۾ به شڪوڪ ۽ شبها پيدا ڪن ته اهو ثاقب انهن جي پويان پئجي انهن کي پچائيندو آهي ٻين تارن مان به

فائدا آهن جو سلن جو زمين مان ڇمڻ، انهن جو پڇي تيار ٿيڻ وغيره ستارن جي شعاعن سان وابسته هوندو آهي ۽ اهي نوراني اجسام آهن شيطانن کي طبعي طور ته نور کان نفرت هوندي آهي جو انهن جو مادو ظلماني آهي ان مضمون کي مؤکد ڪرڻ جي لاءِ قسم جو جواب به اهڙو ڏنو ويو آهي. (١) "اِنْ كُلُّ نَفْسٍ لَّمَّا عَلَيْهَا حَافِظٌ" (ناهي ڪو به نفس جو ان تي نگهبان ناهي) مطلب ته اوهان اها غلط فهمي نه رکو ته اوهان ڇڙواڳ ڇڏيل آهيو اسان اوهان جي نگهداشت جو پورو پورو انتظام ڪيو آهي تانت اوهان پنهنجي مقرر زندگي پوري ڪري سگهو حديث پاڪ ۾ آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "هر شخص جي حفاظت لاءِ هڪ سؤ سٺ ملائڪ مقرر آهن جيڪي اهڙن حادثن ۽ مصيبتن کان ان جي حفاظت ڪن ٿا جيڪي ان جي تقدير ۾ ناهن" جيڪڏهن انسان کي سندس ئي حوالي ڪيو وڃي ته شيطان ۽ ان جون ٻيون دشمن قوتون ان کي هلاڪ ڪري ڇڏين. (٢) "فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ مِمَّ خُلِقَ" (پوءِ جڳائي ٿو ته انسان ڏسي ته ڇا مان پيدا ڪيو ويو آهي) فاءِ سببيت جي لاءِ آهي انسانن جي مٿان نگهبانن جو وجود ان جي اعمال جي نظرداريءَ جي وجوب جو سبب آهي تانجو ان سان ان کي وري جيئرو ڪري آڻڻ جي لاءِ صحيح دليل بنجي ۽ ان جي ذريعي الله جل وعلا ۽ ان جي رسول عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻڻ ۽ امر ۽ نهي تي عمل ڪرڻ آسان رهي. (٣) "خُلِقَ مِنْ مَّآءٍ دَافِقٍ يَّخْرُجُ مِنْ بَيْنِ الصُّلْبِ وَالتَّرَآئِبِ" (ٽپو ڏئي ان کان ٻاهر نڪرندڙ پاڻيءَ مان پيدا ڪيو ويو آهي جيڪو (مرد جي پٺيءَ) ۽ (عورت جي ڇاتيءَ جي) هڏن جي وچان نڪري ٿو) هي آيتون هنن کان اڳيان ايندڙ دعوى جو دليل آهن مطلب ته انسان مرد جي پٺيءَ ۽ عورت جي ڇاتيءَ جي هڏن جي وچان نڪتل مني مان پيدا ڪيو ويو آهي پوءِ جيڪو الله عزوجل ان گڏيل ۽ مليل پاڻيءَ مان انسان کي پيدا ڪرڻ تي قادر آهي سو ان کي جيئرو ڪري قبرن مان اٿارڻ تي به قادر آهي. فرمان مبارڪ آهي "اِنَّهٗ عَلٰى رَجْعِهٖ لَقَادِرٌ" (بلاشڪ اهو (الله) ان جي موٽائڻ تي به قادر آهي) ان جي ڪري قيامت جي قائم ٿيڻ تي به ڪنهن قسم جو شڪ ۽ شبهو نه ڪرڻ گهرجي قيامت يقينًا قائم ٿيندي. "يَوْمَ تُبْلَى السَّرَآئِرُ فَمَا لَهٗ مِنْ قُوَّةٍ وَّلَا نَاصِرٍ" (جنهن ڏينهن راز پرکيا ويندا پوءِ ان جي لاءِ نه ڪا طاقت هوندي نه ڪو مددگار هوندو) يعني انسان کي ٻيهر جيئرو ڪري ان ڏينهن موٽائبو جنهن ڏينهن سمورا ڳجهه نڪري ظاهر ٿيندا عقيدا ۽ عمل به ڪلي ميدان ۾ ايندا. پنهنجا عيب، ثواب دنيا ۾ لڪائي سگهبا هئا پر اتي لڪائي نه سگهبا ۽ اتي ان

(١) حقاني صـ٩٨ـ جلد ٨ (٢) ضياءُ القرآن صـ٥٣٥ـ جلد ٥ (٣) المظهري صـ٢٤١ـ جلد ١٠

جي نہ طاقت رهندي ۽ نہ (الله جي اذن کان سواءِ) ڪو مددگار هوندو. "وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الرَّجۡعِ ۙ وَالۡاَرۡضِ ذَاتِ الصَّدۡعِ ۙ" (مينهن واري آسمان جو قسم ۽ ڦاٽي پوڻ واري زمين جو قسم) الرجع جي معنىٰ موٽڻ ۽ هٽي ان مان مراد مينهن آهي جو اهو موٽي موٽي ايندو ۽ وسندو آهي ۽ ان جو وجهہ هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ پاڻي ٻاڦ بنجي اڏامي ٿو پوءِ ان کي جڏهن مناسب درجي جي خشڪي پهچي ٿي تہ موٽي پاڻي بنجي ٿو ۽ بارش جي صورت ۾ وسي ٿو. "الصدع" جي معنىٰ ڦاٽي پوڻ زمين ڦاٽي ٿي پوءِ ان مان سلا نڪرن ٿا ان جي ڪري ان کي "ذات الصدع" سڏيو ويو آهي. انهن قسمن کان پوءِ انهن جو جواب آهي. "اِنَّهٗ لَقَوۡلٌ فَصۡلٌ ۙ وَّمَا هُوَ بِالۡهَزۡلِ ؕ" (تحقيق اهو فيصلو ڪندڙ قول آهي ڪل يوڳ وارو ڪلام ناهي) مقصد تہ هي قرآن ڪريم حق ۽ ناحق ۾ صحيح فيصلو ڪندڙ فرمان آهي ڪل يوڳ، بيهودو ۽ بي فائدو قول ناهي ان جي پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي برڪت ۽ رفعت ملندي آهي انهن جي دل ۾ نماز ۽ نورڙت پيدا ٿيندي آهي. "اِنَّهُمۡ يَكِيۡدُوۡنَ كَيۡدًا ۙ وَّاَكِيۡدُ كَيۡدًا ۚ" (بيشڪ اهي رٿ رٿين ٿا ۽ مان بہ رٿ رٿيان ٿو) مطلب تہ مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي مخالفت ۽ حق کي باطل ثابت ڪرڻ جي لاءِ وڏيون ڪوششون ڪن ٿا رات ۽ ڏينهن ان مهم جي پويان آهن ۽ مون الله عزوجل بہ انهن کي ناڪام بنائڻ، ڍر ڏئي پڪڙي سزا ڏيڻ جو انتظام ڪري ڇڏيو آهي. "فَمَهِّلِ الۡكٰفِرِيۡنَ اَمۡهِلۡهُمۡ رُوَيۡدًا ۠" (پوءِ ڪافرن کي ڍر ڏي، انهن کي ٿوري مهلت ڏي) مفسرن هن جون بہ مرادون لکيو آهن "١" تہ انهن کان انتقام وٺڻ جو فڪر نہ ڪيو انهن کي ٿورو وقت اڃان بہ ڍر ۽ مهلت ڏيو ۽ ان لحاظ سان هي حڪم جهاد وارين آيتن سان منسوخ ڪيل آهي. "٢" تہ انهن کي ڍر ۽ مهلت ڏيو انهن جي هلاڪ ڪرڻ جي لاءِ دعا نہ گهرو. حضرت ابن عباس رضي الله عنہ فرمايو تہ: هي انهن لاءِ عذاب جو وعدو هو جيڪو بدر جي جنگ ۾ انهن کي شڪست ڏئي پورو ڪيو ويو. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "اِنۡ كُلُّ نَفۡسٍ لَّمَّا عَلَيۡهَا حَافِظٌ" (ڪو بہ نفس ناهي جو ان تي نگهبان ناهي) هن ڪان اڳ ۾ قسم کڻي پوءِ هيءَ ڳالهہ ٿي آهي جنهن مان ثابت ٿيو تہ قيامت يقينًا قائم ٿيندي ڇو تہ افعال، اعمال، حرڪات، ۽ سڪنات جي حفاظت ڪرڻ واري جي مقرر ڪرڻ مان ٻيو ڪو غرض ناهي. ان جي تقاضا اها آهي تہ انسان کي نيڪ اعمال جي لاءِ فڪر ڪرڻ گهرجي. ٢. "خُلِقَ مِنۡ مَّآءٍ دَافِقٍ" (ٽپو ڏئي ٻاهر نڪرندڙ پاڻيءَ مان پيدا ڪيو ويو آهي) عام

(١) المظهري ص ـ ٢٤٢ ـ جلد ١٠

طور تي مفسرن هن جي هيءَ معنىٰ ڪئي آهي تہ مني جو ڦڙو مرد جي پٺيءَ ۽ عورت جي سيني مان نڪرندو آهي مگر انساني عضون جي ماهرن جي تحقيق ۽ تجربو هي آهي تہ مني جو ڦڙو انسان جي هر هڪ عضوي مان نڪري ٿو پار جو هر عضوو مني جي ڦڙي جي ان جزي جي مان ٿهي ٿو جنهن مان آيو آهي البت دماغ کي ان ۾ وڏو دخل آهي ان جي ڪري ڪثرت سان جماع ڪندڙ جو دماغ گهٽو ڪري ڪمزور رهندو آهي ان سان گڏوگڏ انهن جي تحقيق هيءَ بہ آهي تہ مني جو ڦڙو سيني عضون ڪان نڪري نخاع رڳ جي ذريعي خصين ۾ گڏ ٿئي ٿو ۽ پوءِ اتاهين نڪري ٿو جيڪڏهن اها حقيقت صحيح آهي تہ بہ مفسرن واري قول جي توجيــــہ بہ ٿي سگهي ٿي ڇو تہ ڊاڪٽرن جو باالاتفاق اهو بہ قول آهي تہ مني جي ڦڙي ٺهڻ ۾ دماغ جو بہ وڏو دخل آهي ۽ دماغ جي قائم مقام اها نخاع رڳ آهي جيڪا هڏي جي اندران دماغ ڪان پٺيءَ ڏانهن ۽ اتاهين خصين ڏانهن اچي ٿي ان جا ڪجهہ جزا سيني جي هڏن ۾ بہ آيل آهن ٿي سگهي ٿو تہ عورت جي نطفي ۾ سيني جي هڏين ڪان اچڻ واري نطفي جو ۽ مرد جي نطفي ۾ پٺيءَ ڪان اچڻ واري نطفي جو دخل زياده هجي. (١)

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) معارف القرآن ص ـ ٧١٨ ـ جلد ٨

سورة "الْاَعْلٰی" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن

نالو مبارڪ: هن جو نالو مبارڪ "اَلْاَعْلٰی" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، اوڻويهہ آيتون، ٻاهترِ ڪلما ۽ ٻہ سوءُ ايڪانوي (٢٩١) حرف آهن. (١)

مڪيہ آهي يا مدنيہ؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويہ ۽ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويہ حضرت عبدالله بن زبير ۽ ام المؤمنين سيده عائشہ رضي الله عنهم وعنها کان روايت آندي آهي تہ هيءَ سورة مڪہ مڪرمہ ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: هيءَ سورة حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي هجرت کان پهريان نازل ٿي هئي جيئن ابن سعد، ابن ابي شيبہ ۽ امام بخاري حضرت براءَ بن عازب رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم مان پهريان مصعب بن عمير ۽ ابن ام مڪتوم رضي الله عنهما هجرت ڪري مدينہ منوره ۾ پهتا ۽ اسان کي قرآن ڪريم پڙهائڻ شروع ڪيائون انهن کان پوءِ حضرت عمار، حضرت بلال ۽ حضرت سعد رضي الله عنهم پهتا انهن کان پوءِ حضرت عمر رضي الله عنہ پنهنجن ويهن ساٿين سان پهتو ان کان بعد حضور پرنور عليہ الصلواة والسلام جن يثرب کي پنهنجي تشريف فرما ٿيڻ سان نوازيو (پوءِ اهو مدينہ منوره بڻيو) مون اهل مدينہ کي جيترو ان ڏينهن خوش ڏٺو ايترو ڪڏهن بہ نہ ڏٺو ايتري قدر جو ننڍڙا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون خوشي ڪندي چئي رهيا هئا. هي الله جو رسول آهي جيڪو اسان وٽ آيو آهي ان وقت هيءَ سورة "اَلْاَعْلٰی" منهنجي پڙهيل هئي. (٣) هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ سورة هجرت کان پهريان نازل ٿيل هئي.


مضمون: هن سورة جو آغاز هن حڪم سان ٿي رهيو آهي تہ پنهنجي رب اعلیٰ جي پاڪائي بيان ڪيو يعني اهو هر نقص، ضعف ۽ ڪمزوريءَ کان پاڪ آهي ان جي ذات ئي قدرت ۽ حڪمت جو سرچشمو آهي آسمان، زمين، سج، چنڊ، جبل ۽ سمنڊ سڀ ان پيدا فرمايا آهن ان سموري مخلوق جي تخليق بي جوڙ ناهي بلڪ هر شيءِ کي ان هڪ اندازي ۽ سليقي جي مطابق پيدا فرمايو آهي ۽ هر شيءِ کي پنهنجي طبعي فرائض

(١) خازن صـ٣٦٩ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور صـ٤٧٩ـ جلد ٨ (٣) الدرالمنثور صـ٤٧٩/٤٨٠ـ جلد ٨

جي پوري ڪرڻ جي لاءِ ظاهري ۽ باطني قوتون ۽ انهن قوتن کان ڪم وٺڻ جي لاءِ آلات ۽ عضوا به ڏنا آهن ان هر شيءِ جي جسماني خوراڪ جو انتظام به ڪيو آهي ۽ انسانن ۽ جنن جي لاءِ هي رشد و هدايت وارو صحيفو به نازل ڪيو آهي ۽ ان جي هر ڪلمي کي حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي قلب مبارڪ تي اهڙو ثابت رکيو آهي جو ان کي وسارڻ ممڪن ئي نه رهيو آهي ان کان پوءِ الله عزوجل پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام کي فرمايو آهي ته: "اوهان جو ڪم نصيحت ڪرڻ آهي جنهن جي دل ۾ حق کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت هوندي اهو ان کي گهٽي ذوق ۽ شوق سان قبول ڪري وٺندو پر جيڪو ازلي بدبخت هوندو اهو ان کان پري ڀڄندو ۽ هن انڪار جي ان کي جيڪا سزا ملندي اها وڏي دردناڪ هوندي" آخري آيتن ۾ سمجهايو ويو آهي ته ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابيءَ جو تاج فقط ان جي مٿي تي رکيو ويندو جيڪو پاڻ کي فڪري ۽ عملي ڪوتاهين کان بچائيندو ۽ الله عزوجل جي ذڪر ۾ مصروف رهندو ۽ اها هڪ ابدي حقيقت آهي جيڪا قرآن ڪريم ۾ به بيان ٿي آهي ته ان کان اڳ ۾ نازل ڪيل صحيفن ۾ ٻڌايل هئي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳيئن سورة ۾ انسان جي خلقت جو ذڪر هو تيئن هتي به "خَلَقَ فَسَوّٰي" سان ان جي خلقت جو ذڪر آندو ويو آهي.

پڙهڻ جون برڪتون: ابن ابي شيبه، احمد، مسلم، ابوداؤد، ترمذي، نسائي ۽ ابن ماجه حضرت نعمان بن بشير رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن عيدن ۽ جمعي جي نماز ۾ "سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلٰى" ۽ "هَلْ اَتَاكَ حَدِيْثُ الْغَاشِيَةِ" سورتون پڙهندا هئا ۽ احمد، بزار ۽ ابن مردويه حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن سورة "سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلٰى" سان محبت رکندا هئا. (١)



(١) الدرالمنثور ص ـ ٤٨٠ ـ جلد ٨

وَهِيَ تِسۡعَ عَشۡرَةَ اٰيَةً	سُوۡرَةُ الۡاَعۡلٰى مَكِّيَّةٌ	وَفِيۡهَا رُكُوۡعٌ وَّاحِدٌ
۽ اها ١٩ آيتون آهي	سورة الاعلى مکي آهي	۽ هن ۾ ١ رکوع آهي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله جي نالي سان شروع کيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

سَبِّحِ اسۡمَ رَبِّكَ الۡاَعۡلَىۙ (١) الَّذِيۡ خَلَقَ فَسَوّٰىۙ (٢) وَالَّذِيۡ قَدَّرَ

پاڪائي بيان ڪر پنهنجي رب جي نالي جي جنهن پيدا ڪيو پوءِ درست بنايو ۽ جنهن اندازو ڪيو

فَهَدٰىۙ (٣) وَالَّذِيۡۤ اَخۡرَجَ الۡمَرۡعٰىۙ (٤) فَجَعَلَهٗ غُثَآءً اَحۡوٰىؕ (٥) سَنُقۡرِئُكَ

پوءِ برابر بنايو ۽ جنهن ڪڍيو گاهه پوءِ ڪيائين ان کي ڪارو، سڪل جلد پڙهائينداسون

فَلَا تَنۡسٰٓىۙ (٦) اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُؕ اِنَّهٗ يَعۡلَمُ الۡجَهۡرَ وَمَا يَخۡفٰىؕ (٧)

ٿو ڪي پوءِ نه وساريندين مگر جيڪو گهريو الله بيشڪ اهو ڄاڻي ٿو ظاهر کي ۽ جيڪو لڪل ٿو رهي

وَنُيَسِّرُكَ لِلۡيُسۡرٰىۚ ۖ (٨) فَذَكِّرۡ اِنۡ نَّفَعَتِ الذِّكۡرٰىؕ (٩)

۽ آسان ڪنداسون ٿو لاءِ (شريعت) کي پوءِ نصيحت ڪر جيڪڏهن نفعو ڏي نصيحت

سَيَذَّكَّرُ مَنۡ يَّخۡشٰىۙ (١٠) وَيَتَجَنَّبُهَا الۡاَشۡقَىۙ (١١) الَّذِيۡ يَصۡلَى النَّارَ

جلد نصيحت وٺندو جيڪو ڊڄي ٿو ۽ پري ٿيندو ان کان وڏو بدبخت اهو جو داخل ٿيندو

الۡكُبۡرٰىۚ (١٢) ثُمَّ لَا يَمُوۡتُ فِيۡهَا وَلَا يَحۡيٰىؕ (١٣) قَدۡ اَفۡلَحَ مَنۡ تَزَكّٰىۙ (١٤)

وڏي باهه ۾ ان کان پوءِ نه مرندو ان ۾ ۽ نه زنده رهندو تحقيق ڪامياب ٿيو اهو جو صاف ٿيو

وَذَكَرَ اسۡمَ رَبِّهٖ فَصَلّٰىؕ (١٥) بَلۡ تُؤۡثِرُوۡنَ الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا ۖ (١٦)

۽ ياد ڪيائين پنهنجي رب جو نالو پوءِ نماز پڙهيائين بلڪ اختيار ڪيو ٿا اوهان حياتي دنيا واري

وَالۡاٰخِرَةُ خَيۡرٌ وَّاَبۡقٰىؕ (١٧) اِنَّ هٰذَا لَفِى الصُّحُفِ الۡاُوۡلٰىۙ (١٨)

۽ آخرت ڀلي ۽ وڌيڪ بقا واري آهي بيشڪ هي البت پهرين صحيفن ۾ به آهي

ع ١ و ١٢

صُحُفِ اِبْرَاهِيْمَ وَمُوْسٰى ع (١٩)

ابراهيم ۽ موسيٰ جي صحيفن ۾

تفسير

اڳيئن سورة ۾ ڪافرن جي لاءِ رٽ رٽڻ جو بيان هو ۽ هتي ان رٽ رٽيندڙ رب ڪريم جي نالي پاڪ جي تسبيح پڙهڻ جو حڪم ڏيندي ارشاد تي رهيو آهي "سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلَىۙ" (پنهنجي اعليٰ رب جي نالي جي پاڪائي بيان ڪر) حديث پاڪ ۾ آهي تہ جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي تہ رسول الله صلي الله عليــه وسلم جن فرمايو "اِجْعَلُوْ هَافِيْ سُجُوْدِكُمْ" (اها پنهنجن سجدن ۾ ڪيو) ان جي ڪري سجدي ۾ سبحان ربي الاعلى پڙهيو ويندو آهي. (١) مطلب تہ اي حبيب ڪريم عليـــه الصلواة والسلام پنهنجي پروردگار جي پاڪائي بيان ڪيو پنهنجي دل ۾ بہ اهو اعتقاد رکو ۽ پنهنجي زبان سان بہ ان جو اعتراف ڪيو تہ اسان جو اعليٰ رب هر قسم جي نقص عيب کان پاڪ آهي ۽ ناپاڪ حالت ۾ ناپاڪ جاءِ تي بہ ان جو ذڪر نہ ڪيو وڃي ۽ اهڙي محفل ۾ بہ ان جو ذڪر نہ ڪجي جتي ان سان مذاق ڪئي وڃي ۽ اهڙي ماڻهو جي اڳيان بہ ان جي پاڪائي بيان نہ ڪجي جيڪو گستاخي ڪري. (٢) "الَّذِيْ خَلَقَ فَسَوّٰىۙ" (اهو جنهن پيدا ڪيو پوءِ برابر بنايائين) مطلب تہ ان ساري ڪائنات کي پيدا ڪيو ۽ ان کي منظم نموني رکيو آهي ان جي خلقت بي ترتيب ناهي چو تہ، پاڻ صانع، مدبر ۽ حڪمت وارو آهي. "وَالَّذِيْ قَدَّرَ فَهَدٰىۙ" (۽ اهو جنهن اندازي سان ٺاهيو پوءِ هدايت ڪيائين) مقصد تہ هر شي کي اندازي سان ٺاهيٌ ان ۾ مناسب شيون رکيائين آسمان ٺاهي انهن ۾ ستارا رکيائين، زمين ٺاهي ان ۾ ڪاٺيون، سلا، حيوان پيدا ڪري انهن کي سندن ضرورتن جي استعمال ڪرڻ جي هدايت بہ ڏنائين. "وَالَّذِيْٓ اَخْرَجَ الْمَرْعٰىۙ" (۽ جنهن گاهہ ڪڍيو) يعني سائوگاهہ پيدا ڪري ان کي زمين مان ٻاهر ڪڍيائين ۽ اهو ڪئين قسم آهي ڪو عام حيوان استعمال ڪري ٿو تہ ڪا سائي ڀاڄي وغيره انسان بہ استعمال ڪري ٿو. "فَجَعَلَـــهٗ غُثَآءً اَحْوٰىۙ" (پوءِ ان کي ڪارو، سڪل ڪيائين) مقصد تہ سرسبز، سائي کي وري سڪل ۽ ڪارو ڪري ڇڏيائين اهو سڀ ان جي قدرت جو رنگ آهي مذڪوره ارشادات جو مقصد هي آهي تہ اسين اها معرفت رکون تہ الله جل شانـــه، قادر، عليم، حڪيم آهي جنهن جي صفات جو شاهد سندس مخلوق ۾ موجود آثار آهن ۽ سندس صفات ۾ اهي ڳالهيون داخل نہ ڪيون جيڪي ملحد ڪافر ۽ مشرڪ داخل ڪن ٿا. (٣)

(١) حاشيـه عثمانيـه صـ٧٨٧ـ، القرطبي صـ١٣ـ جلد ٢٠ (٢) ضياءُ القرآن صـ٥٤١ـ جلد ٥ (٣) المراغي صـ١٢٣ـ جزءُ ٣٠ جلد ١٠

"سَنُقْرِئُكَ فَلَا تَنْسٰٓى" (جلد اسين توکي پڙهائينداسون پوءِ تون نہ وساريندين) مطلب تہ اي محبوب! اسان عليہ الصلواة وسلم) اسان جي طرفان نازل ڪيل ڪتاب اسين اوهان کي اهڙو پڙهائيداسون جو اوهان جي قلب مبارڪ تي نقش ٿي ويندو ڪڏهن بہ نہ وسرندو. اوهان کي قرآن پاڪ ياد رهڻ جي نعمت بي محنت عطا ٿيندي ۽ اهو اوهان جو معجزو آهي جو ايڏو وڏو ڪتاب پوري جو پورو اوهان کي ياد هوندو. "اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ" (مگر جيڪو الله گهريو) يعني جيڪڏهن الله عزوجل ڪنهن حڪمت ۽ مصلحت جي ڪري ڪجهہ اوهان کان وسارائي ۽ اوهان جي ذهن مبارڪ مان ڪيدي ڇڏي تہ اها جدا ڳالهہ آهي. (١) پر مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ اها استثناءَ واقع نہ ٿي الله عزوجل نہ گهريو تہ سندن ذات عالي صفات کان ڪجهہ وسارايو وڃي. (٢) حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ ان مان مراد اهي آيتون آهن جن جي تلاوت ۽ حڪم ٻئي منسوخ ڪيا ويا يا صرف تلاوت منسوخ ڪئي وئي (٣) "اِنَّهٗ يَعْلَمُ الْجَهْرَ وَمَا يَخْفٰى" (بيشڪ اهو (الله) ظاهر کي ۽ جيڪو لڪل هوندو آهي ڄاڻي ٿو) ۽ ان مان هي بہ آهي جو جنهن ۾ ڀانهن جي ڀلائي آهي ڪين ان جي ادا ڪرڻ جو حڪم ڪري ٿو ۽ جنهن ۾ سندن نقصان آهي ان کان ڪين روڪي ٿو. "وَنُيَسِّرُكَ لِلْيُسْرٰى" (۽ توکي سولي (شريعت) آسان ڪري ڏيون ٿا) مطلب تہ اي محبوب ڪريم! عليك الصلواة والسلام اسان جيئن اوهان جي لاءِ قرآن ڪريم ياد ڪرڻ آسان بنايو آهي اهڙي طرح شريعت تي عمل ڪرڻ بہ اوهان جي لاءِ آسان ٿا ڪريون اوهان لاءِ قرآن ياد ڪرڻ، سمجهڻ ان تي عمل ڪرڻ هر شيءِ آسان آهي. "فَذَكِّرْ اِنْ نَّفَعَتِ الذِّكْرٰى" (جيڪڏهن نصيحت ڪرڻ نفعو ڏي تہ پوءِ نصيحت ڪيو) حضرت حبيب ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن هر وقت حق ڏانهن سڏڻ ۾ مشغول رهندا هئا جيڪي سرڪش ڪافر سندن دعوت ٻڌڻ ۽ سمجهڻ لاءِ بہ تيار نہ هوندا هئا پاڻ انهن کي بہ خلوص ۽ دلسوزيءَ سان سچ ڏانهن سڏيندا هئا ۽ انهن جي انڪار ڪرڻ تي گهڻو غمگين ٿيندا هئا الله عزوجل ڪين فرمايو تہ: نصيحت ڪيو پر ان کي جنهن کي نصيحت مان فائدو پوي. جنهن کي فائدي حاصل ڪرڻ جي اميد ناهي ان کي ڇڏي ڏيو. "سَيَذَّكَّرُ مَنْ يَّخْشٰى" (جلد نصيحت وٺندو جيڪو ڊڄي ٿو) يعني جنهن جي دل ۾ خداوندي خوف ۽ ڊپ آهي اهو اوهان جي دعوت قبول ڪندو، نصيحت پرائيندو بلڪ اهو پاڻ شوق رکندو تہ نصيحتون ٻڌي انهن تي عمل ڪري. "وَيَتَجَنَّبُهَا الْاَشْقَى الَّذِيْ يَصْلَى النَّارَ الْكُبْرٰى ثُمَّ لَا يَمُوْتُ فِيْهَا وَلَا يَحْيٰى" (۽ اهو بدبخت ان نصيحت

(١) تيسيرالڪريم الرحمٰن (٢) ضياءُ القرآن صـ٥٤٣ـ جلد ٥ (٣) تفسير هاشمي صـ١٣٠ـ

ڪان پاسو ڪندو جيڪو وڏي باهہ ۾ داخل ٿيندو ان ڪان پوءِ نہ ان ۾ مرندو ۽ نہ زندهہ رهندو) مطلب تہ نهايت بدبخت ۽ شقي انسان نصيحت ۽ دين جي دعوت ڪان پاسو ڪندو ۽ اهو جهنم جي ان باهہ ۾ داخل ٿيندو جيڪا دنيا جي باهہ ڪان ڪئين حصا وڏي هوندي ۽ ان ۾ نہ مرندو جو مرڻ سان عذاب ڪان ڇٽي پوي ۽ نہ آرام سان زندهہ رهندو ڪنهن بہ قسم جي راحت ماڻي نہ سگهندو. ”قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّٰى وَذَكَرَ اسْمَ رَبِّهٖ فَصَلّٰى“ (تحقيق ڪامياب ٿيو جيڪو پاڪ ٿيو ۽ پنهنجي رب جي اسم جو ذڪر ڪري پوءِ نماز پڙهيائين) المقصد تہ اهو شخص باهہ جي عذاب ڪان ڇٽڻ ۾ ڪامياب ٿيندو جيڪو شرڪ ۽ ڪفر ڪان پاڪ رهيو ڪلمو پڙهي مومن بڻيو ۽ پنهنجي جسم کي بہ گناهن جي گندگيءَ ڪان صاف رکيائين ۽ رب پاڪ جو نالو وٺي الله اڪبر تڪبير تحريم چئي نماز پڙهيائين. علامہ ثناءُ الله پاني پتي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ: جنهن پنهنجي باطن کي شرڪ ڪان، ظاهر کي نجاست ڪان، مال کي زڪواة ادا ڪرڻ سان، پليديءَ ڪان، قلب کي الله جي ذڪر ۾ مشغول ڪري غير ڪان، نفس کي وڏيل ڪمن ڪان ۽ عضون کي معاصي (گناهن) ڪان پاڪ رکيو اهو ڪامياب آهي. (١) ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ حضرت شيخ اجل يعقوب ڪرخي عليہ الرحمة فرمايو آهي تہ هن آيت ۾ سلوڪ جي منزلن اول ”قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّٰى“ ۾ توبہ ۽ تزڪيو ۽ ”ذَكَرَ اسْمَ رَبِّهٖ“ ۾ زباني، قلبي، روحي ۽ سري ذڪر تي هميشگي ۽ ”فَصَلّٰى“ ۾ مشاهدات ڏانهن اشارو آهي. نماز مومنن جو معراج آهي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ ”منهنجي اکين جو ٺار نماز ۾ آهي“ علامہ موصوف لکيو آهي تہ ”تزڪى“ تي ”ذَكَرَ اسْمَ رَبِّهٖ“ کي واو سان عطف ۽ ”صَلّٰى“ کي فا سان عطف ڪرڻ ۾ هي اشارو آهي جيڪو حضرت مجدد الف ثاني سيدنا امام رباني عليہ الرحمة فرمايو آهي تہ اها طريقت ۾ بيان ڪيل ذڪر جي ترتيب آهي جو مبتديءَ جي لاءِ تزڪيہ نفس جي دوران اسم ذات جو ذڪر يا نفي اثبات وارو ذڪر مقرر ڪيو ويو آهي ۽ فرمايائون تہ: نماز پورو فائدو نفس جي تزڪيہ ڪان پوءِ ٿي ڏي ۽ ذاتي تجليات (جي حصول) ۽ ان ۾ ترقي نماز سان آهي. (٢) ”بَلْ تُؤْثِرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةُ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى“ (بلڪ اوهان دنيوي حياتي اختيار ڪيو ٿا ۽ آخرت ڀلي ۽ بقا واري آهي) يعني هجڻ ائين گهربو هو تہ اوهان نفس جي تزڪيہ ڏانهن متوجہ رهي الله عزوجل جي ذڪر ۾ مشغول هجو ها پر اوهان اخروي زندگيءَ تي دنيوي زندگيءَ کي ترجيح ڏيو ٿا حالانڪ اصل حقيقي ۽ بقا واري زندگي آخرت واري زندگي آهي. ”اِنَّ هٰذَا لَفِي

(١) المظهري ص-٢۴٥ـ جلد ١٠ (٢) المظهري ص-٢۴٧ـ جلد ١٠

الصُّحُفِ الْاُوْلٰي صُحُفِ اِبْرَاهِيْمَ وَمُوْسٰي" (بيشڪ هيءَ حقيقت پهرين صحيفن (حضرت) ابراهيم ۽ (حضرت) موسيٰ جي صحيفن ۾ بہ مذڪور آهي) مطلب تہ "قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّٰى" کان پڇاڙيءَ تائين ذڪر ڪيل مضمون اڳين ڪتابن ۾ بہ بيان ٿيل آهي جو ڪڏهن بہ نہ منسوخ ٿيو نہ مٽايو ويو هتي ذڪر ڪرڻ سان وڌيڪ تاڪيد وارو بڻيو آهي.

تنبيـــه: بعضي ضعيف روايتن ۾ آهي تہ حضرت ابراهيم تي ڏهہ صحيفا ۽ حضرت موسيٰ علي نبينا وعليهما الصلواة والسلام تي (توراة کان سواءِ) بہ ڏهہ صحيفا نازل ٿيا هئا. الله عزوجل ئي ڄاڻي ٿو تہ هي روايت ڪيتري قدر صحيح آهي؟ (۱)

فائدا: مذڪوره آيتن جي تفسير ۾ مفسرن هي مسئلا بہ لکيا آهن. ۱. قاري جڏهن "سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلٰى" پڙهي تہ "سبحان ربي الاعلي" چوي. حضرت عبدالله بن عباس، ابن عمر، ابن زبير ابو موسيٰ ۽ عبدالله بن مسعود اصحابن ڀلارن رضي الله عنهم جو اهو معمول هو تہ جڏهن هيءَ سورة شروع ڪندا هئا تہ "سبحان ربي الاعليٰ" چوندا هئا. علامہ قرطبي لکيو آهي تہ ائين چوڻ مستحب آهي حضور عليہ الصلواة والسلام جن پاڻ بہ ائين چيو آهي. (۲) يعني نماز کان سواءِ جڏهن تلاوت ڪري تہ ائين چوي. ۲. جيڪو اسم مبارڪ الله عزوجل جي ذات سان مخصوص آهي اهو ٻئي ڪنهن جي لاءِ استعمال ڪرڻ مالڪ مٺي جي تنزيهہ ۽ تقديس جي خلاف آهي جيئن اڄ هلندڙ دور جا ماڻهو عبدالرزاق کي رزاق، عبدالرحمن کي رحمن، عبدالقدوس کي قدوس سڏيندا آهن ۽ اهو چوڻ وارو ۽ ٻڌي نہ روڪڻ وارو ٻئي گنهگار آهن. (۳)

ڪائنات جي تخليق ۾ لطيف ۽ دقيق حڪمتون

"اَلَّذِيْ خَلَقَ فَسَوّٰي وَالَّذِيْ قَدَّرَ فَهَدٰى" هي سڀ الله جل وعلا جي صفات جو ذڪر آهي جيڪي ڪائنات جي تخليق ۾ ان جي ڪامل قدرت ۽ بالغ حڪمت سان متعلق آهن انهن مان پهرين صفت "خَلَقَ" آهي خلق جي معنيٰ صرف ڪاريگري ناهي بلڪ اڳ ۾ ڪنهن ماده هجڻ کان سواءِ وجود ڏيڻ آهي ۽ اهو ڪم ڪنهن مخلوق جي وس ۾ ناهي صرف الله جل شانـــہ جي ڪامل قدرت آهي جو ڪنهن مادي جي اڳ ۾ موجود هجڻ کان سواءِ ئي جڏهن گهري ٿو، جنهن شيءِ کي گهري ٿو عدم مان وجود ۾ آڻي ٿو ان تخليق جي صفت سان گڏ بيان ڪيل ٻي صفت "فَسَوّٰى" آهي اهو تسويـــة کان مشتق آهي ان جي لفظي معنيٰ برابر ڪرڻ آهي ۽ ان مان مراد آهي تہ الله تعاليٰ هر شي کي وجود ڏنو آهي ۽ ان جي جسم، شڪل، صورت ان جي عضون ۽ جزن جي وضع ۽

(۱) حاشيـــه عثمانيـــه ص۷۸۸ـ (۲) القرطبي ص۱۳ـ جلد ۲۰ (۳) معارف القرآن ص۷۲۲ـ جلد ۸

هيئت ۾ هڪ خاص مناسبت ملحوظ رکيل آهي انسان يا ٻين جاندار شين کي ان جي ضروريات جي مناسب عضوا ڏنا ويا آهن هٿن، پيرن ۽ ان جي آڱرين ۾ اهڙا جوڙ ۽ قدرتي اسپرينگ لڳايل آهن جو جيڏانهن موڙ تہ مڙن پيا هيٺ مٿي هلاءِ تہ هلن پيا انسان جيڪڏهن صرف انهن تي غور ڪري تہ الله جل شانــه تي ايمان آڻڻ ۾ دير نہ ڪري ٽين صفت "قَدَّرَ" آهي هي تقدير کان ورتل آهي جنهن جي معنیٰ آهي ڪنهن شي کي خاص انداز سان ٺاهڻ هڪ ٻئي سان هم وزن رهڻ جي معنیٰ ۾ آيل ۽ قضا ۽ تقدير جي معنیٰ ۾ بہ آيل آهي جنهن جي معنیٰ هر شيءِ جي متعلق الله تعاليٰ جو فيصلو آهي هن آيت ۾ اها ئي مراد آهي ۽ مطلب هي آهي تہ الله عزوجل سڀني شين کي وجود ڏئي انهن ۾ پنهنجو فيصلو جاري ڪري انهن کي مخصوص ڪمن ۾ رکيو آهي چوٿين صفت "فَهَدٰی" آهي مطلب تہ خالق ڪائنات جنهن شيءِ کي جنهن لاءِ پيدا ڪيو آهي ان کي ان جي هدايت بہ عطا ڪئي آهي ظاهر ۾ ڪٿي اها شيءِ عقلمند ناهي پر ڪجهہ نہ ڪجهہ عقل هر شي کي آهي جيئن ٻي آيت ۾ آهي "اَعۡطٰی کُلَّ شَیۡءٍ خَلۡقَــــهٗ ثُمَّ هَدٰی"(١) (هر شيءِ کي ان جي خلقت ڏئي پوءِ هدايت ڪيائين) مطلب تہ خلقت سان گڏ اها شيءِ جنهن ڪم لاءِ پيدا تي ان جي ان کي هدايت بہ ڏني وئي آهي.

انسان کي سائنسي تعليم بہ حقيقت ۾ رباني عطا آهي

الله عزوجل انسان ۾ فطري طور تي هي عقل ۽ فهم رکيو آهي جو جبلن کي کوٽي، دريائن ۾ اندر لهي سوين معدني ۽ دريائي شيون حاصل ڪندو آهي ۽ وري ڪاٺ، لوهہ، ٽامي ۽ پتل وغيره کي ملائي ان مان پنهنجي ضرورت جون نيون نيون شيون ٺاهي ٿو ۽ هي علم ۽ هنر فلاسفر جي تحقيقات ۽ ڪاليجن جي تعليم تي موقوف ناهي دنيا جي ابتداءَ کان وٺي اڻ پڙهيل جا هل بہ پنهنجي ضرورت جون سڀ شيون ٺاهيندا آيا آهن ۽ اها ئي فطري سائنس آهي جيڪا الله تعالي انسان کي فطري طور عطا ڪئي آهي ۽ اڳتي فني ۽ علمي تحقيقات جي ذريعي ان ۾ ترقي ڪرڻ جي لياقت بہ ان رباني قدرت جو عطيو آهي ۽ هيءُ ڳالهہ سڀ ڄاڻن تا تہ سائنس ڪا شي پيدا نہ تي ڪري پر الله جل شانــه جي پيدا ڪيل شين جو استعمال ڪرڻ سيکاري ٿي جنهن جو ادنیٰ درجو الله تعاليٰ انسان کي فطرتي طور سيکاريو آهي. (٢)

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) سورة طـه آيت ٥٠
(٢) معارف القرآن صـ٧٢۴ـ جلد ٨

سورة "اَلْغَاشِيَةِ" جو تعارف


هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن
نالو مبارڪ: هن جو نالو مبارڪ "اَلْغَاشِيَةِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة ۾ هڪ رڪوع، ڇويهه (٢٦) آيتون، ٻيانوي (٩٢) ڪلما ۽ ٽي سؤ ايڪاسي (٣٨١) حرف آهن. (١)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس ڪان ۽ ابن مردويه حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهم ڪان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)
نزول: هيءَ سورة مطالعه ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اها نبوي مڪي دور ۾ نازل ٿي آهي.
مضمون: نبوت جي اظهار جي ابتداءَ ۾ ٽن ڳالهين ڪي ذهن ۾ وهارڻ تي زور ڏنو ويو هو "١" توحيد، "٢" رسالت "٣" آخرت. هتي قيامت جو ذڪر وڏي سٺي انداز ۾ هڪ سوال جي صورت ۾ ڪيو ويو آهي ته اي مخاطب! ڇا تو هڪ اهڙي شيءِ جي باري ۾ ٻڌو آهي جيڪا سڄي ڪائنات تي ڇانئجي ويندي؟ مٿاهين ۽ هيٺاهين ۾ ڪا به شيءِ ان ڪان بچي نه سگهندي اهو ئي قيامت جو ڏينهن آهي ان ڏينهن انسانن ڪي ٻن ٽولن ۾ تقسيم ڪيو ويندو. ١. هڪ ٽولو انهن بدنصيبن جو هوندو جن الله عزوجل جي رسولن عليهم الصلواة والسلام جي دعوت ڪي رد ڪيو هوندو قيامت ۾ انهن جو جيڪو حال ٿيندو ان جو اهڙو اثر ڪندڙ ذڪر ڪيو ويو آهي جو ان ڪي پڙهي بدن جا وار ڪانڊارجي وڃن ٿا. ٢. ٻيو اهو ٽولو هوندو جن الله عزوجل جي رسولن عليهم الصلواة والسلام جي دعوت ڪي دل جي گهراين سان قبول ڪيو هوندو ۽ وڏي مضبوطيءَ سان انهن جي دامن ورتي هوندي انهن جا ٻير ترڪيا ۽ تڙڪيا نه هوندا ان ڏينهن انهن جي ڪهڙي عزت افزائي ڪئي ويندي ان جو به هن سورة ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ان ڪان پوءِ اهل عرب ڪي دعوت ڏني وئي آهي ته جيڪڏهن الله عزوجل جي وحدانيت ۽ ان جي علم ۽ حڪمت تي هاٺي به اهي ايمان نه آڻيندا ته ذرا انهن ڇئن شين جي تخليق تي غور ڪن جو هر وقت سفر ۽ حضر ۾ انهن جو مشاهدو ڪندا رهن ٿا ذرا اٺ ڏانهن نهاريو جيڪو بار سان گڏ سوار ڪي به ڪٽي منزل تي پهچندو

(١) خازن صـ ٣٧١ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور صـ ٤٩٠ـ جلد ٨

آهي ڇا ان جي خلقت، برداشت جي قوت ان ڳالهہ جي شاهد نہ آهي تہ ان جي پيدا ڪندڙ جي قوت ۽ صنعت بي مثال آهي اي انسانو! ذرا مٿو مٿي ڪيو ۽ رنگارنگي آسمان تي نظر ڪيو ان جي وسعت، انِ جي بلندي، ان جو دل کي وٺندڙ رنگ ۽ رونق ۽ وري ڏينهن جو ان ۾ چمڪندڙ روشن سج ۽ رات جو چنڊ ۽ تارا ڏسي بہ اوهان کي يقين نہ ٿو اچي تہ هي اهڙي خالق جي تخليق آهي جنهن جي قدرت ۽ حڪمت لاجواب آهي هي جبلن جون لائنون جيڪي زمين تي پکڙيل نظر اچن ٿيون انهن جا ننڍا وڏا پٿر، انهن جون بلند چوٽيون ۽ انهن ۾ هيٺاهيون واديون، غار ۽ چرون جيڪا افاديت رکن ٿيون ڇا اوهان ان جو انڪار ڪري سگهو ٿا؟ هي زمين جو فرش جيڪو نظر ڪٿي پر اهو ڪٿي نہ ٿو ان ۾ اوهان جي لاءِ بي شمار خزانا آهن ڇا اها اوهان کي غور ۽ فڪر جي دعوت نہ ٿي ڏي؟ آخر ۾ رب العزة جل وعلا پنهنجي حبيب مڪرم صلي الله عليہ وسلم جن کي ٻڌايو تہ اوهان جو ڪم فقط انهن کي نصيحت ڪرڻ آهي جيڪو نبوت جي ذميداري وارو فرض اوهان وڏي دلسوزي، حسن ۽ خوبيءَ سان سرانجام ڏئي رهيا آهيو جيڪڏهن اهي ايمان نہ ٿا آڻين تہ اوهان ان تي پريشان ڇو ٿا ٿيو؟ الله تعالي انهن کي سندن ڪردار جي پاڙ سزا ڏيندو.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ مومن ۽ ڪافر، جنت ۽ جهنم جو اجمالي بيان هو ۽ هن سورة ۾ ان جو تفصيل آهي. (١)

ڀلايون ۽ برڪتون: امام مالڪ، مسلم، ابوداؤد، نسائي ۽ ابن ماجہ کان روايت آندي آهي تہ حضرت نعمان بن بشير رضي الله عنہ کان پڇيو ويو تہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جمعہ جي نماز ۾ سورة الجمعة سان گڏ ڪهڙي سورة پڙهندا هئا؟ فرمايائين تہ "هَلْ اَتٰكَ حَدِيْثُ الْغَاشِيَةِ" (١)



(١) روح المعاني صـ١٤٢ـ جزءُ ٣٠ جلد ١٠ (٢) الدرالمنثور صـ٤٩٠ـ جلد ٨

وَهِيَ سِتٌّ وَعِشْرُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْغَاشِيَةِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ
۽ اها ٢٦ آيتون آهي	سورة الغاشيه مکي آهي	۽ هن ۾ ١ رکوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

هَلْ اَتٰكَ حَدِيْثُ الْغَاشِيَةِ (١) وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ خَاشِعَةٌ (٢) عَامِلَةٌ

ڇا آئي تو وٽ خبر ڇائنجي ويندڙ (قيامت) جي ڪيترا منهن ان ڏينهن خوار هوندا تڪليف ڪندڙ

نَّاصِبَةٌ (٣) تَصْلٰى نَارًا حَامِيَةً (٤) . تُسْقٰى مِنْ عَيْنٍ اٰنِيَةٍ (٥)

ڏک ڏسندڙ هوندا داخل ٿيندا ٻرڪندڙ، باهه ۾ پيارا ويندا تتل پاڻيءَ جي چشمي مان

لَيْسَ لَهُمْ طَعَامٌ اِلَّا مِنْ ضَرِيْعٍ (٦) لَّا يُسْمِنُ وَلَا يُغْنِيْ مِنْ جُوْعٍ (٧)

ناهي انهن جي لاءِ کاڌو مگر ڪنڊن وارو گاهه نه تو ٿلهو ڪري ۽ نه فائدو ڏيندو بک کان

وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاعِمَةٌ (٨) لِّسَعْيِهَا رَاضِيَةٌ (٩) فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ (١٠)

ڪيترا منهن ان ڏينهن رونق وارا هوندا پنهنجي ڪمائيءَ تي راضي هوندا بلند جنت ۾

لَّا تَسْمَعُ فِيْهَا لَاغِيَةً (١١) فِيْهَا عَيْنٌ جَارِيَةٌ (١٢) فِيْهَا سُرُرٌ مَّرْفُوْعَةٌ (١٣)

نه ٻڌندين ان ۾ اجائي ڳالهه ان ۾ وهندڙ چشمو آهي ان ۾ تخت مٿاهان آهن

وَّاَكْوَابٌ مَّوْضُوْعَةٌ (١٤) وَّنَمَارِقُ مَصْفُوْفَةٌ (١٥) وَّزَرَابِيُّ مَبْثُوْثَةٌ (١٦)

۽ پيالا رکيل ۽ وهاڻا قطارون ڪيل ۽ قيمتي قالين وڇايل

اَفَلَا يَنْظُرُوْنَ اِلَى الْاِبِلِ كَيْفَ خُلِقَتْ (١٧) وَاِلَى السَّمَآءِ كَيْفَ رُفِعَتْ (١٨)

ڇا پوءِ نه ٿا ڏسو اٺن ڏانهن ته ڪهڙي طرح پيدا ڪيا ويا ۽ آسمان ڏانهن ته ڪيئن بلند ڪيا ويا

وَاِلَى الْجِبَالِ كَيْفَ نُصِبَتْ (١٩) وَاِلَى الْاَرْضِ كَيْفَ سُطِحَتْ (٢٠)

۽ جبلن ڏانهن ته ڪهڙي طرح کڙا ڪيا ويا ۽ زمين ڏانهن ته ڪهڙي طرح وڇائي وئي

وقف لازم

فَذَكِّرْ ۚ إِنَّمَآ أَنتَ مُذَكِّرٌ ۙ (٢١) لَسْتَ عَلَيْهِم بِمُصَيْطِرٍ ۙ (٢٢) إِلَّا مَن

پوءِ نصيحت ڪر تون تہ رڳو نصيحت ڪندڙ آهين ناهين تون انهن تي داروغو مگر جنهن

تَوَلَّىٰ وَكَفَرَ ۙ (٢٣) فَيُعَذِّبُهُ اللَّهُ الْعَذَابَ الْأَكْبَرَ ۙ (٢٤) إِنَّ إِلَيْنَا

منهن موڙيو ۽ ڪفر ڪيو پوءِ عذاب ڪندو ان کي الله عذاب وڏو بيشڪ اسان ڏانهن انهن جو

إِيَابَهُمْ ۙ (٢٥) ثُمَّ إِنَّ عَلَيْنَا حِسَابَهُم ۙ (٢٦) ع

موٽڻ آهي ان کان پوءِ اسان تي انهن جو حساب آهي

ع ۱۲ ـ ۱

تفسير

جيئن اڳيئن سورة ۾ "والآخرة خير وابقىٰ" آٽي قيامت جو ذڪر ڪيل هو تيئن هن ۾ بہ قيامت جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "هَلْ اَتٰكَ حَدِيْثُ الْغَاشِيَةِ" (جا تو وٽ ڇانئجي ويندڙ جي خبر آئي آهي؟) "الغاشيــة" جي معنىٰ آهي ڇانئجي ويندڙ ۽ ان مان هتي قيامت مراد آهي جيڪا پنهنجي هيبت ۽ رعب سان هر شيءِ تي ڇانئجي ويندي. (١) "وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ خَاشِعَــةٌ" (ان ڏينهن ڪيترا منهن ذليل هوندا) هن مان مراد ڪافرآهن جن کي جهنم جا زنجير ۽ ڳٽ پيل هوندا نهايت خوار ۽ خراب حالت ۾ هوندا جو انهن دنيا ۾ لذتن ۽ شهوتن ۾ رهندي الله عزوجل جي عبات کان انڪار ۽ تڪبر ڪيو هو. "عَامِلَـةٌ نَّاصِبَـةٌ" (ڪمائيندڙ، ڏک ڏسندڙ هوندا) مطلب تہ دوزخ ۾ وڏي تڪليف ۾ هونـدا ستر ستر گز ڊگهـن زنجيـرن ۾ جڪڙيـل هونـدا. "تَصْلٰى نَارًا حَامِيَــةً" (پڙڪندڙ باهہ ۾ داخل ٿيندا) يعني جنهن باهہ ۾ انهن کي داخل ڪيو ويندو اها نهايت تيز گرم هوندي جيڪا الله عزوجل جي دشمنن ڪافرن کي سخت پڙڪا ڪري وٺندي. "تُسْقٰى مِنْ عَيْنٍ اٰنِيَةٍ" (تيز تپايل پاڻيءَ مان پياريا ويندا) مقصد تہ جڏهن پاڻ گهرندا تہ اهو جهنم جي باهہ ۾ تيز گرم ڪيل پاڻي پياريا ويندا جيڪو اندر وڃڻ شرط سندن آنڊن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندو. "لَيْسَ لَهُمْ طَعَامٌ اِلَّا مِنْ ضَرِيْعٍ لَّا يُسْمِنُ وَلَا يُغْنِيْ مِنْ جُوْعٍ" (انهن جي لاءِ ڪنڊن واري گاهہ کان سواءِ طعام نہ هوندو جيڪو نہ ٿلهو ڪندو ۽ نہ بک کان فائدو ڏيندو ضريع ڪنڊن وارو گاهہ آهي جنهن کي عرب شبرق چوندا آهن نهايت خبيث ۽ قاتل زهر آهي جيڪو ڪائيندڙ کي نہ طاقت ڏئي ٿلهو ڪندو ۽ نہ ان جي بک لاهيندو. هڪ روايت ۾ آهي تہ جهنم وارن تي ايتري بک مسلط ڪئي ويندي جو اهو ڪنڊن وارو زهر جهڙو قاتل

(١) صفوة التفاسير صـ٥٥١ـ جلد ٣

گاهہ بہ کائي ويندا ۽ ان کان پوءِ انهن کي ايتري اڃ لڳندي جو جهنم جو ٽچڪندڙ، گرم پاڻي بہ پي ويندا ۽ اهو اندرِ وجي سندن آنڊن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪندو. (١) "وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاعِمَـةٌ لِّسَعْيِهَا رَاضِيَـةٌ" (ڪيترا منهن ان ڏينهن تازا هوندا) اڳين آيتن ۾ ڪافرن جو حال بيان ٿيو ۽ هتي مومنن تي ٿيندڙ مهربانين جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ انهن جا منهن رونق وارا ۽ تازا هوندا جن تي الله عزوجل جي نعمتن ۽ راحت جا آثار ظاهر هوندا ۽ پنهنجي ڪيلن عملن کان راضي هوندا ڇو تہ اتي ڪين انهن جو ثواب ملندو. "فِيْ جَنَّـةٍ عَالِيَـةٍ" (مٿاهين بهشت ۾ هوندا) هتان کان الله عزوجل پنهنجن انهن نعمتن وارن ٻانهن جي رهڻ واري جاءِ جنت جون ست صفتون بيان ڪيون آهن تہ اها جنت نهايت بلند درجن واري هوندي هڪ درجي کان ٻئي درجي تائين پنج سوءِ سالن جو پنڌ هوندو. "لَّا تَسْمَعُ فِيْهَا لَاغِيَـةً" (ان ۾ اجائي ڳالهہ نہ ٻڌندين) ٻي صفت هيءَ آهي تہ ان ۾ ڪوڙ، گار ۽ گلا نہ ٻڌبي ۽ اتي بي فائدي ڳالهہ بہ نہ هوندي اتي الله جل وعلا جي ثناءُ ديني فقهي مسئلن واري گفتگو هوندي. "فِيْهَا عَيْنٌ جَارِيَـةٌ" (ان ۾ وهندڙ چشما هوندا) هيءَ ٽين صفت آهي يعني جنت ۾ رهڻ وارن جي لاءِ هميشـه وهڻ وارا چشما هوندا اهي نهرن وانگر هيٺ نہ وهندا زمين جي مٿان وهندا انهن جي پاڻيءَ کي هيڏي هوڏي ٿيڻ کان الله عزوجل جو امر روڪيو بيٺو هوندو ۽ ڦوهاري وانگر هيٺ کان مٿي اڀرڙا هلندا جو مٿي وارين محلاتن تائين پهچندا ۽ جنت وارا جيڏاهن گهرندا اهي اوڏانهن وهي هلندا. "فِيْهَا سُرُرٌ مَّرْفُوْعَـةٌ" (ان ۾ مٿاهان تخت هوندا) هيءَ چوٿين صفت آهي مطلب تہ جنت ۾ نهايت مٿاهان تخت هوندا جيڪي الله جل وعلا مومنن جي لاءِ تيار فرمايا آهن جڏهن نبي ڪريم عليـه الصلواة والسلام جن ائين فرمايو تہ ڪافر چوڻ لڳا تہ ان مٿاهن تختن تي مومن چڙهي ڪيئن سگهندا؟ حضور عليـه الصلواة والسلام جن انهن کي جواب ۾ فرمايو تہ جڏهن مومن انهن تي چڙهڻ جو ارادو ڪندا تہ اهي (الله جلت صفاتـه جي حڪم سان) پاڻهي هيٺ ٿيندا ۽ زمين سان لڳندا جيئن اٺ وهندو آهي ۽ جڏهن مومن انهن تي ٿهي وهندا تہ اهي پاڻهي مٿي چڙهي پنهنجي اصل مقام تي پهچندا" ۽ عالمن اهو بہ فرمايو آهي تہ اهي مٿاهان تخت انهن کي ان جي ڪري ملندا تہ اهي الله جل شانـه جي سيني نعمتن سان مالا مال ٿين. "وَّاَكْوَابٌ مَّوْضُوْعَـةٌ" (۽ پيالا "آبخورا" رکيل) هيءَ پنجين صفت آهي مطلب تہ جنت وارن جي پيئڻ لاءِ پيالا رکيل هوندا اهي ڪي سون جا تہ ڪي چاندي جا هوندا ۽ تعداد ۽ شمار کان مٿي هوندا ۽ بهشتي چشمن جي

(١) ساڳيو حوالو

ڪنارن تي بہ ان لاءِ رکيل هوندا تہ اتي ويھڻ وارن کي آساني ٿئي. "وَنَمَارِقُ مَصۡفُوۡفَةٌ" (۽ قطارون ڪيل وهاڻا هوندا) هيءَ ڇهين صفت آهي يعني جنت وارن جي ٽيڪ ڏئي وهڻ جي لاءِ قطار ۾ رکيل وهاڻا بہ هوندا ۽ اهي ماپ ۾ ڊگها بہ هوندا. "وَزَرَابِيُّ مَبۡثُوۡثَةٌ" (۽ قالين وڇايل هوندا) هيءَ ستين صفت آهي يعني مومنن جي لاءِ جنت ۾ قالين، قيمتي غاليچا وڇايل هوندا. جيڪي نهايت سهڻا، خوبصورت ڊگها ۽ ويڪرا هوندا. جڏهن اهي آيتون لٿيون ۽ حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن پڙهي انهن جي تشريح بہ ڪرڻ فرمائي ۽ ڪافرن انهن کي محال سمجهي انڪار ڪيو تہ الله عزوجل انهن جي سمجهائڻ لاءِ اڳيون چار آيتون نازل ڪري انهن جو رد ڪندي فرمايو "اَفَلَا يَنۡظُرُوۡنَ اِلَى الۡاِبِلِ كَيۡفَ خُلِقَتۡ" (ڇا اهي ڏانهن نہ ٿا نهارين تہ ڪيئن پيدا ڪيا ويا) مطلب تہ اهي ڪافر اهو نہ ٿا ڏسن تہ الله عزوجل اٺ ڪيئن خلقيا آهن ايڏا وڏا جانور جيڪڏهن وهاريو تہ وهن ٿا ۽ جيڪڏهن اٿاريو تہ اٿن ٿا بار لڏيو يا سوار ٿيو تہ ڪڍن ٿا جنت وارا تخت بہ مومنن جي لاءِ ائين مسخر هوندا. "وَاِلَى السَّمَآءِ كَيۡفَ رُفِعَتۡ" (۽ آسمان ڏانهن تہ ڪيئن مٿاهان ٿاهيا ويا) يعني ڪافر آسمان ڏانهن نہ ٿا ڏسن تہ اهي ٿنڀ ۽ ٽوڻيءَ کان سواءِ الله عزوجل ڪيئن مٿي بيهاريا آهن جيڪو الله انهن ۾ اڻ ڳڻ تارا رکي سگهي ٿو اهو جنت ۾ پيالا بہ رکي سگهي ٿو. "وَاِلَى الۡجِبَالِ كَيۡفَ نُصِبَتۡ" (۽ جبلن ڏانهن تہ ڪيئن کڙا ڪيا ويا آهن) جيڪو الله اهي بيهاري سگهي ٿو اهو جنت ۾ وهاڻن جون قطارون بہ ڪري سگهي ٿو. "وَاِلَى الۡاَرۡضِ كَيۡفَ سُطِحَتۡ" (۽ زمين ڏانهن تہ کهڙي طرح وڇائي وئي) يعني ڪافر زمين ڏانهن نہ ٿا ڏسن تہ اها مشرق کان مغرب تائين ڪيئن وڇايل آهي ۽ جيڪو الله جل شانہ ايڏي زمين پکيڙي سگهي ٿو اهو جنت ۾ غاليچن جو انتظام بہ ڪري سگهي ٿو ۽ ڪن مفسرن لکيو آهي تہ هتي چئن شين اٺن، آسمانن، جبلن ۽ زمين جو ذڪر ان جي ڪري آندو ويو آهي تہ ماڻهو انهن مان قيامت جي لاءِ اٿڻ جو دليل وٺي قيامت تي ايمان آڻين. (١) "فَذَكِّرۡ اِنَّمَآ اَنۡتَ مُذَكِّرٌ" (پوءِ نصيحت ڪر تون تہ رڳو نصيحت ڪندڙ آهين) الله جل وعلا پنهنجي محبوب عليہ الصلوٰة والسلام کي فرمايو تہ "اوهان تہ صرف نصيحت ڪندڙ آهيو انهن کي نصيحت ڪري پنهنجو فرض ادا ڪيو ان جي باوجود جيڪڏهن اهي هدايت قبول نہ ٿا ڪن تہ اوهان فڪر ڇو ٿا ڪيو. "لَسۡتَ عَلَيۡهِمۡ بِمُصَيۡطِرٍ" (تون انهن تي داروغو ناهين) مطلب تہ انهن جي بدڪاري ۽ ڪفر جا ذميدار اوهان ناهيو نہ اوهان کان انهن جي ان ڪردار جو پڇاڻو ڪيو

(١) تفسير هاشمي ص١٤٢/ ١٤٧۔

سورة "اَلْفَجْرِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن
نالو مبارڪ: هن جو نالو "اَلْفَجْرِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة پاڪ ۾ هڪ رڪوع، ٽيهه آيتون، هڪ سؤ اوڻيتاليهه ڪلما ۽ پنج سؤ ستانوي (٥٩٧) حرف آهن. (١)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، الناسخ ۾ النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي ٽِن طريقن سان، حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة "والفجر" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)
نزول: هن سورة پاڪ کي غور سان مطالعــه ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته هن جو نزول ان وقت ٿيو هو جڏهن ڪافر مسلمانن تي گهڻو تشدد ۽ انهن کي وري ڪافر ٿيڻ لاءِ سختي ڪري رهيا هئا. هن سورة سان مسلمانن کي ڪامياب ٿيڻ جي تسلي ڏني وئي هئي.
مضمون: ابتداءَ ۾ ڪافرن اسلام جي دلين کي مسخر ۽ مطيع ڪرڻ واري قوت جو اندازو نه لڳايو هو اهي سمجهندا هئا ته هي آواز ماڻهن جي ڪفريــه عقيدي جي مضبوطيءَ سان ٽڪرائجي خودبخود ختم ٿي ويندو. پر جڏهن اسلام ڏانهن سڏيندڙ حضور عليــه الصلواة والسلام جي سيرت پاڪ جي تجليات ڪفر جي قلعن ۾ ڏار وڌا ۽ اهي ڪرڻ لڳا ته انهن مسلمانن کي پنهنجي ظلم ۽ ستم جو خاص نشان بنايو. الله عزوجل مومنن کي هن سورة ۾ ٻڌايو ته ڪافرن جا اهي ظلم نئين ڳالهه ناهن اڄ ڪان پهريان به ائين ٿيندو آيو آهي پر خداوندي عذاب ڪافرن ظالمن کي نابود ڪري ڇڏيو جيڪڏهن مڪه مڪرمه ۾ رهندڙن رئيسن به پنهنجي هيءَ ظالمانــه روش نه ڇڏي ته انهن جي پيڄاڙي به اهڙي ٿيندي. الله عزوجل سيني جي اعمال کي ڏسي پيو ۽ مناسب وقت تي انهن کي انهن جي جزا يا سزا ڏيندو. هتي هڪ نظريــه جي باطل هجڻ به بيان ڪيو ويو آهي جنهن ۾ الله جل شانــه ڪان غافل اڳيون اڪثر قومون به قائل هيون ۽ اڄان به ڪي آهن انهن جو هي خيال آهي ته جيڪڏهن انسان خوشحال ۽ باوقار زندگي گذاري ٿو ته اهو الله عزوجل کي پيارو آهي اهو جيڪو ڪجهه ڪري رهيو آهي ان کي الله جلت صفاتــه جي پسنديدگيءَ جي سند حاصل آهي ان تي اعتراض ڪرڻ جو ڪو حق ناهي ۽ جيڪو شخص مسڪين آهي اهو رب العزة جل شانــه جي

(١) ضياءُ القرآن ص-٥٥٣- جلد ٥ (٢) الدرالمنثور ص-٤٩٧- جلد ٨

ويندو. "اِلَّا مَنْ تَوَلّٰى وَكَفَرَ فَيُعَذِّبُهُ اللّٰهُ الْعَذَابَ الْاَكْبَرَ" (مگر جنهن منهن موڙيو ۽ ڪفر ڪيو پوءِ ان کي الله وڏي کان وڏو عذاب ڪندو) يعني ڪافرن جي لاءِ الله عزوجل وڏو ۽ سخت عذاب تيار ڪيو آهي اهو ڪين اهو عذاب ضرور ڪندو، ڪافر عذاب کان بچي نہ سگهندو. "اِنَّ اِلَيْنَآ اِيَابَهُمْ ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا حِسَابَهُمْ" (بيشڪ اسان ڏانهن انهن جو موٽڻ آهي ان کان پوءِ اسان تي انهن جو حساب آهي) يعني انهن کي نيٺ مري اسان وٽ اچڻو آهي پوءِ انهن کان حساب وٺڻ بہ اسان جو ئي ڪم آهي اوهان انهن جو ڪو فڪر نہ ڪيو. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ملن ٿا. ١. "هَلْ اَتٰكَ حَدِيْثُ الْغَاشِيَةِ" (ڇا تو وٽ ڇانئجي ويندڙ جي خبر آئي آهي؟) هتي "هل" استفهاميہ آهي بعض مفسرن فرمايو تہ هتي اها قد (تحقيق) جي معنيٰ ۾ آيل آهي. (٢) پوءِ معنيٰ ٿيندي تہ بلاشڪ اوهان وٽ قيامت جي خبر آئي آهي. ٢. "زَرَابِيُّ مَبْثُوْثَةٌ" (قالين وڇايل هوندا) مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ جن ڪمرن ۾ اهي قالين وڇايل هوندا اهي ڪمرا جو اهرات مان ٺهيل هوندا ۽ اهي جو اهرات دنيوي جو اهرات کان ڪيترا حصا اعليٰ ۽ عمدا هوندا ۽ جڏهن انهن ڪمرن جو هي شان هوندو تہ جنتين جي دل بهلائڻ ۽ اڪيون ٺڏيون ڪرڻ جي لاءِ ڪين اهڙيون حسين حورون ملنديون جن جي حُسن، خوبي، نئين جواني، لباس ۽ زيورن جي تصوير ادراڪ ۽ شعور کان مٿي آهي. ٣. "اِلَّا مَنْ تَوَلّٰى وَكَفَرَ" هتي ذڪر ڪيل الا ۾ مفسرن بہ قول لکيا آهن "١" تہ اها عام مفعول کان مستثنيٰ آهي مطلب تہ سيني کي نصيحت ڪريو مگر ان کي نصيحت نہ ڪيو جنهن اوهان کان منهن موڙي ڪفر ڪيو ڇو تہ ان هٺيلي کي نصيحت ڪو بہ فائدو نہ ڏيندي. "٢" تہ اها "الا" تنبيہ جي معنيٰ ۾ آهي مطلب تہ جنهن اوهان کان منهن موڙيو اهو وڏي عذاب جو حقدار آهي ڪنهن بہ قيمت تي ان عذاب کان نہ بچندو.(٣) الحمدلله جو مون گنهگار اڄ جمعي جي ڏينهن شام جو ڇئين بجي بمؤرخہ ١٣ ذوالقعده ١٤٢٦هـ الموافق ١٦/١٢/٢٠٠٥ع تي هن سورة جو تفسير لکي پورو ڪيو رب ڪريم کان دعا آهي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جي صدقي باقي رهيل تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب ڪري آمين يا رب العالمين .

(١) تنوير الايمان صـ٥٨٤ـ جلد ١٠ (٢) حقاني صـ١١١ـ جلد ٨ (٣) ساڳيو حوالو

نظر ۾ ڪريل آهي ان جو ڪو قدر ناهي هن سورة ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته اهو نظريه بالڪل باطل آهي مال جو هجڻ يا نه هجڻ امتحان جا ٻه پاسا آهن اهو پنهنجن ٻانهن کي قارون جي دولت ۽ فرعون جو دٻدٻو ڏئي به آزمائي ٿو ته فقر ۽ فاقي جي سختين سان مجبور ڪري به ان کي پرکي ٿو جنهن ان جي نعمتن تي شڪر ڪيو، مصيبتن ۾ صبر جي دامن نه ڇڏي اهو خداوندي دربار ۾ سرخرو ۽ ڪامياب آهي ۽ پنهنجي دولت جي ڪثرت ۽ رياست ۽ اميريءَ تي فخر ڪرڻ وارو ناڪام رهندو اهو به ارشاد ٿيو آهي ته اي دنيا جا پوڄاريو؟ نه يتيم جي عزت ڪيو ٿا ۽ نه مسڪين کي کاڌو کارايو ٿا ڪنهن ميت جي ميراث ۾ ڇڏيل ملڪيت کي چٽ ڪيو ٿا ۽ مال سان گهڻي محبت رکو ٿا پر جڏهن قيامت ايندي ته پوءِ چوندؤ ته ڪاش! حياتيءَ واري دور ۾ نيڪ اعمال ڪري اڳتي موڪليون ها ته ڏاڍو ڀلو ٿئي ها. اڳتي مطمئنه نفس کي جنت ملڻ ۽ صالحن ٻانهن ۾ داخل ٿيڻ جي بشارت جو بيان آهي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳيئن سورة ۾ ڪافرن ذليل ٿيندڙن جي منهن ۽ مومنن ۽ نعمتن وارن جي منهن جو بيان هو تيئن هن ۾ به ڪوڙو چوندڙن ۽ مطمئنه نفس وارن جو بيان آيل آهي. (۱)

ڀلايون ۽ برڪتون: نسائي حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن حضرت معاذ کي (ٻين سورتن وانگر) هن سورة کي به نماز ۾ پڙهڻ جو حڪم فرمايو هو. (۲)





(۱) روح المعاني جزءُ ۳۰ جلد ۱۰ (۲) الدرالمنثور صـ۴۹۷ـ جلد ۸

وَفِيهَا رُكُوعٌ وَاحِدٌ	سُوْرَةُ الْفَجْرِ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ ثَلاَثُوْنَ اٰيَةً
۽ ان ۾ ١ رکوع آهي	سورة الفجر مڪي آهي	۽ اها ٣٠ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

وَالْفَجْرِ (١) وَلَيَالٍ عَشْرٍ (٢) وَّالشَّفْعِ وَالْوَتْرِ (٣) وَاللَّيْلِ اِذَا يَسْرِ (۴)

قسم آهي فجر جو ۽ ڏهن راتين جو ۽ ٻڏيءَ جو ۽ اڪيءَ جو ۽ رات جو جڏهن وڃڻ لڳي

هَلْ فِيْ ذَالِكَ قَسَمٌ لِّذِيْ حِجْرٍ (۵) اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ (٦)

ڇا ان ۾ قسم آهي عقل واري لاءِ ڇا نہ ڏٺو تو تہ ڪيئن ڪيو تنهنجي رب عاد سان

اِرَمَ ذَاتِ الْعِمَادِ (٧) الَّتِيْ لَمْ يُخْلَقْ مِثْلُهَا فِى الْبِلاَدِ (٨)

ارم جي قوم مان وڏن ٿنڀن جا صاحب اهي جو نہ پيدا ڪيو ويو انهن جو مثال شهرن ۾

وَثَمُوْدَ الَّذِيْنَ جَابُوا الصَّخْرَ بِالْوَادِ (٩) وَفِرْعَوْنَ ذِى الْاَوْتَادِ (١٠) الَّذِيْنَ

۽ ثمود وارن سان جن ڪٽيا هئا پٿر وادي ۾ ۽ فرعون ميخن واري سان جن

طَغَوْا فِى الْبِلاَدِ (١١) فَاَكْثَرُوْا فِيْهَا الْفَسَادَ (١٢) فَصَبَّ عَلَيْهِمْ رَبُّكَ

سرڪشي ڪئي هئي شهرن ۾ پوءِ گھڻو ڪيائون ان ۾ فساد پوءِ وسايائين انهن تي تنهنجي رب

سَوْطَ عَذَابٍ (١٣) اِنَّ رَبَّكَ لَبِا لْمِرْصَادِ (١۴) فَاَمَّا الْاِنْسَانُ اِذَامَا ابْتَلٰهُ

چهبڪ عذاب جو بيشڪ تنهنجو رب البت گھٽ ۾ آهي پوءِ پر انسان جڏهن آزمايو ان کي ان جي

رَبُّهٗ فَاَكْرَمَهٗ وَنَعَّمَهٗ فَيَقُوْلُ رَبِّيْٓ اَكْرَمَنِ (١۵)

رب پوءِ عزت ڏي ٿو ان کي ۽ نعمت ڏي ٿو ان کي پوءِ چوي ٿو تہ منهنجي رب مون کي عزت ڏني آهي

وَاَمَّآ اِذَا مَا ابْتَلٰهُ فَقَدَرَ عَلَيْهِ رِزْقَهٗ فَيَقُوْلُ رَبِّيْٓ

۽پر جڏهن آزمائي ٿو ان کي پوءِ تنگ ڪري ٿوان تي ان جو رزق پوءِ چوي ٿو تہ منهنجي رب مون کي

اَهَانَنِ (١٦)	كَلَّا بَلْ لَّا تُكْرِمُوْنَ الْيَتِيْمَ (١٧)	وَلَا تَحٰٓضُّوْنَ
خوار ڪيو آهي	هرگز نہ بلڪ نہ ٿا عزت ڪيو يتيم جي	۽ نہ ٿا حرص ڏياريو

عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ (١٨) وَتَاْكُلُوْنَ التُّرَاثَ اَكْلًا لَّمًّا (١٩) وَّتُحِبُّوْنَ

مسڪين کي کاڌي کارائڻ تي ۽ کائو ٿا ورثي جو مال سمورو ۽ محبت رکو ٿا

الْمَالَ حُبًّا جَمًّا (٢٠) كَلَّآ اِذَا دُكَّتِ الْاَرْضُ دَكًّا دَكًّا (٢١) وَّجَآءَ رَبُّكَ

مال سان گهڻي محبت هرگز نہ جڏهن ڪٽي ويندي زمين ذرا ذرا ڪري ۽ تجلي فرمائيندو رب تنهنجو

وَالْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا (٢٢) وَجِايْٓءَ يَوْمَئِذٍ بِجَهَنَّمَ يَوْمَئِذٍ يَّتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ

۽ ايندا ملائڪ ٽولا ٽولا ٿي ۽ آندو ويندو ان ڏينهن جهنم ان ڏينهن نصيحت پرائيندو انسان

وَاَنّٰى لَهُ الذِّكْرٰى (٢٣) يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ قَدَّمْتُ لِحَيَاتِيْ (٢٤)

۽ ڪٿي هوندي ان لاءِ نصيحت پرائڻ چوندو اي ڪاش مان اڳي ڪري موڪليان ها (عمل هن) حياتيءَ لاءِ

فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُعَذِّبُ عَذَابَهٗٓ اَحَدٌ (٢٥) وَّلَا يُوْثِقُ وَثَاقَهٗٓ اَحَدٌ (٢٦)

پوءِ ان ڏينهن نہ عذاب ڪندو ان جي عذاب جهڙو ڪوهڪ ۽ نہ ٻڌندو ان جي ٻڌڻ وانگرڪو هڪ

يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ (٢٧) ارْجِعِيْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً (٢٨)

اي مطمئن نفس! موٽ تون پنهنجي رب ڏانهن راضي ٿيندڙ، راضي ڪيل

فَادْخُلِيْ فِيْ عِبٰدِيْ (٢٩) وَادْخُلِيْ جَنَّتِيْ (٣٠)

پوءِ داخل ٿي منهنجن ٻانهن ۾ ۽ داخل ٿيءُ منهنجي جنت ۾

رڪوع

تفسير

اڳيئن سورة جي آخر ۾ بيان ٿيو تہ ”اسان ڏانهن انهن جو موٽڻ آهي ۽ اسان تي انهن جو حساب آهي“ هيءُ هڪ دعويٰ هئي ان تي هيءُ سورة ڄڻ تہ دليل آهي جو هن ۾ الله عزوجل جي ڪامل قدرت جي مظهرن کي قسم سان بيان ڪيو ويو آهي. فرمان خداوندي آهي. ”وَالْفَجْرِ“ فجر جو قسم آهي فجر اهو وقت آهي جنهن ۾ روشني ظاهر ٿيندي آهي ۽ ان جو قسم اسان جي رب ان جي ڪري کنيو آهي جو ان سان رات پوري ٿي ٿئي ۽ انسان، حيوان پکي وغيره رزق جي تلاش ۾ نڪرن ۽ پکڙجي وڃن ٿا.(١)

(١) المراغي صـ١٤١ــ جزءُ ٣٠ جلد ١٠

حضرت علي، حضرت ابن عباس ۽ ابن الزبير وغيرهم جو اهو قول آهي ۽ گهڻ بزرگن فرمايو تہ ان مان مراد هر فجر آهي ۽ ڪنهن مخصوص ڏينهن جي فجر مراد ناهي. مجاهد فرمايو تہ ان مان مراد ڏهين ذوالحج جي ڏينهن جي فجر آهي ۽ عڪرمة فرمايو تہ جمعي جي ڏينهن جي فجر مراد آهي ۽ سعيد بن منصور ۽ بيهقي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو هي قول آندو آهي تہ ان مان مراد محرم مهيني ۾ سال جي شروعات واري فجر آهي وغيره وغيره (١) "وَلَيَالٍ عَشْرٍ" (۽ ڏهن راتين جو قسم آهي) انهن ڏهن راتين مان مراد ذوالحج مهيني جون پهريون ڏهہ راتيون آهن.(٢) ٻيو قول آهي تہ انهن مان مراد رمضان جون پويون تاريخون آهن ڇو تہ انهن ۾ قدر جي رات آهي. اها بہ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي. (٣) "وَالشَّفْعِ وَالْوَتْرِ" (۽ ٻڌيءَ ۽ اڪيءَ جو قسم آهي) ان ۾ بہ متعدد قول آهن تہ ٻڌي ڪير آهي ۽ اڪي ڪير؟ علامہ سيوطي عطيہ کان روايت آندي آهي تہ ٻڌيءَ مان مراد مخلوق ۽ اڪيءَ مان مراد الله آهي. (۴) ۽ مجاهد ۽ ٻين تفسير جي جيد علماءَ ان کي ترجيح ڏني آهي. "وَاللَّيْلِ إِذَا يَسْرِ" (۽ رات جو قسم آهي جڏهن وڃي ٿي) ان رات مان ڪهڙي رات مراد آهي اڻ ۾ ٽي قول آهن "١" تہ عام رات مراد آهي، "٢" تہ مزدلفہ ۾ حاجين جي گڏ ٿيڻ واري ڏهين ذوالحج جي رات مراد آهي، "٣" تہ ان مان قدر جي رات مراد آهي. هي قسم آهن انهن جو جواب "لتبعثن" (البت ضرور اٿاريو ويندؤ) مقدر آهي. مطلب تہ هي سموريون شيون جنهن نظم، نسق ۽ باقاعدگيءَ سان ظاهر ٿين ٿيون اهي هن ڳالھہ جي شاهدي ڏئي رهيون آهن تہ هي انڌي، ٻوڙي فطرت جي ڪاريگري ناهي بلڪ هڪ قادر، حڪيم ۽ عليم ذات جي ارادي انهن کي وجود ۾ آندو آهي ۽ جنهن جي قدرت جو هي جهان هجي ان جي اڳيان مئلن کي جيئرو ڪري اٿارڻ نہ ٿيڻي ڳالھہ ناهي.(۵) "هَلْ فِي ذَٰلِكَ قَسَمٌ لِّذِي حِجْرٍ" (ڇا ان ۾ عقلمند جي لاءِ قسم آهي؟) يعني مٿين قسمن ۾ عقل واري جي لاءِ قسم ڪافي آهي انهن کي اهي ڳالهيون ٻڌي قيامت جي ڏينهن تي يقين ٿيندو ان کي ٻئي ڪنهن قسم جي ضرورت نہ پوندي ۽ پر جيڪي عقل کان محروم آهن انهن جي اڳيان ڪيترا بہ قسم کڻ تہ اعتبار نہ ڪندا. "أَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ إِرَمَ ذَاتِ الْعِمَادِ الَّتِي لَمْ يُخْلَقْ مِثْلُهَا فِي الْبِلَادِ" (ڇا تو نہ ڏٺو تہ تنهنجي رب عاد، ارم واري ٿنڀن جي صاحب سان جنهن جو مثال شهرن ۾ پيدا نہ ڪيو ويو آهي ڪيئن ڪيو؟) مفسرن لکيو آهي تہ عاد جي قوم جا بہ لقب آهن

(١) روح المعاني صـ١۵٢ـ جزءُ ٣ جلد ١٠ (٢) روح البيان صـ۴٣ـ جلد ١٠ (٣) زادالمسير صـ١٠١ـ جلد ٩ (۴) الدرالمنثور صـ۵٠٠ـ جلد ٨ (۵) زادالمسير صـ١٠٨ـ جلد ٩

"١" عاد، "٢" ارم، ڇو تہ عاد پٽ آهي عوص جو اهو پٽ ارم جو، ارم سام جو پٽ آهي جيڪو سام حضرت نوح علىٰ نبينا وعليـــــه الصلواة والسلام جو پوٽو هو. جيڪڏهن ان قوم کي پيءُ سان نسبت ڪندا هئا تہ انهن کي عاد سڏيندا هئا ۽ جيڪڏهن انهن جي نسبت ڏاڏي ڏانهن ڪندا هئا تہ انهن کي ارم چوندا هئا ۽ ارم جو عابر نالي پٽ هو جنهن جو ثمود پٽ هو ان جي نالي سان بہ هڪ قوم مشهور آهي پوءِ عاد ۽ ثمود ٻئي ارم سان ملن ٿا هن سورة ۾ عاد جي پٺيان ارم وڌائڻ جو سبب هي آهي تہ عاد جي قوم جا ٻہ طبقا هئا "١" اڳوٺا جن کي عاد اوليٰ چون ٿا، "٢" پويان جن کي عاد اخريٰ چون ٿا. ارم جي لفظ وڌائڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ هتي مراد عاد اوليٰ وارا آهن. (١) اهي قد ۽ جسم ۾ نهايت وڏا ۽ طاقت وارا هئا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليـــه الرحمـــة لکيو آهي تہ ننڍي جو قد سٺ گز هو ۽ انهن مان وڏي جو قد چار سوءُ گز هو ۽ اهي پنهنجي قد مطابق گهر بہ ٺاهيندا هئا انهن ۾ ٿنڀ بہ ايڏا ٺاهيندا هئا.

عوج بن عنق جو قصو

علامـــه موصوق لکيو آهي تہ عوج بن عنق جو قصو جيڪو ڪٿي ڪٿي لکيل آهي بہ هو صحيح ناهي. (٢)

"وَثَمُودَ الَّذِينَ جَابُوا الصَّخْرَ بِالْوَادِ" (۽ ثمود کي نہ ڏٺئي جن وادي ۾ پٿر ڪٽيا هئا) ثمود جي قوم وارا پٿرن کي ڪٽڻ جو وڏو تجربو رکندا هئا انهن جبلن کي ڪٽي انهن ۾ اندر پنهنجا گهر ٺاهيا هئا ۽ ڪين انهن جي مضبوطيءَ ۽ بقا تي وڏو ناز هو. جنهن وادي ۾ رهندا هئا ان کي وادي القريٰ سڏيندا هئا. "وَفِرْعَوْنَ ذِي الْأَوْتَادِ" (۽ ميخن جي صاحب فرعون کي نہ ڏٺو اٿو؟) الاوتاد (ميخن) مان مراد يا ان جو لشڪر آهي جيڪي ميخن وانگر مضبوط هئا ۽ انهن سان ملڪ مضبوط رهي ٿو يا ان وٽ ميخون هونديون هيون جيڪي ڪيس خدا نہ مڃڻ وارن کي هڻائيندو هو ۽ فرعون مان مراد موسيٰ عليٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جي دور وارو فرعون آهي ان جو نالو وليد بن مصعب بن ريان بن ثروان هو. قبطي قبيلي جو هو فرعون ان جو منفرد لقب آهي ان سان ان کي الله ذڪر ڪيو آهي ڇو تہ اهو تڪبر ۽ علو ۾ ايترو وڌي ويو هو جو پاڻ کي خدا ڇورائيندو هو. "الَّذِينَ طَغَوْا فِي الْبِلَادِ" (جن شهرن ۾ سرڪشي ڪئي هئي) يعني مذڪوره جماعتن مان هر هڪ سرڪشي گهڻي ڪئي هئي عاد يمن ۾، ثمود شام ۾ ۽ فرعون مصر ۾ "فَأَكْثَرُوا فِيهَا الْفَسَادَ" (پوءِ انهن ۾ فساد گهڻو

(١) الڪبير ص ١٦٦ ـ جزءُ ٣١ (٢) تفسير هاشمي ص ـ ١٥٦ ـ

ڪيائون) فتنو ۽ فساد برپا ڪري ڪفر ۽ گناهن جا مرتڪب بڻيا هئا. جنهن الله جي امر مقرر ڪيل تي عمل نہ ڪيو ۽ ماڻهن تي ظلم ۽ تشدد ڪيو اهو فسادي ۽ مقرر ڪيل حد کان لنگهندڙ آهي. "فَصَبَّ عَلَيۡهِمۡ رَبُّكَ سَوۡطَ عَذَابٍ" (پوءِ انهن تي تنهنجي رب عذاب جو چهبڪ وسايو) مطلب تہ انهن تي خداوندي عذاب وسي پيو عاد کي هوا تباهہ ڪيو، ثمود کي ڪڙڪيدار آواز ۽ فرعون قبطي غرق ڪيو ويو ان عذاب کي چهبڪ ان جي ڪري سڏيو ويو جو آخرت جي عذاب جي مقابلي ۾ ائين هو جيئن تلوار جي مقابلي ۾ چهبڪ هوندو آهي ۽ ان جي وسائڻ جو مطلب آهي تہ گهڻو ٿيو. "اِنَّ رَبَّكَ لَبِا لۡمِرۡصَادِ" (بلاشڪ تنهنجو رب گهٽ ۾ آهي) مطلب تہ دنيا جا ماڻهو دشمن کي وڻڻ هلاڪ ۽ تباهہ ڪرڻ لاءِ انهن جي گهٽ ۾ ويهي انتظار ڪندا آهن الله تعاليٰ انتظار کان پاڪ آهي پر انهن کي مهلت ۽ ڍر ڏيو ويٺو آهي ۽ مقرر وقت تي انهن کي پڪڙي سخت سزا ڏيندو. (١) "فَاَمَّا الۡاِنۡسَانُ اِذَامَا ابۡتَلٰهُ رَبُّهٗ فَاَكۡرَمَهٗ وَنَعَّمَهٗ فَيَقُوۡلُ رَبِّيۡٓ اَكۡرَمَنِ" (پوءِ پر انسان جڏهن ان کي ان جي رب آزمايو پوءِ ان جي عزت ڪيائين ۽ ان تي نعمت ڪيائين پوءِ چوي ٿو تہ مون کي منهنجي رب عزت ڏني آهي) هتي ان انسان جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪو مال ۽ ملڪيت کي ئي اعزاز ۽ اڪرام سمجهي ٿو حالانڪ ائين ناهي مال ملڪيت بہ هڪ قسم جي آزمائش آهي تہ بانهو ان مان الله عزوجل جا ۽ بانهن جا حق ادا ڪري ٿو يا نہ. "وَاَمَّاۤ اِذَامَا ابۡتَلٰهُ فَقَدَرَ عَلَيۡهِ رِزۡقَهٗ فَيَقُوۡلُ رَبِّيۡٓ اَهَانَنِ" (۽ پر جڏهن ان تي ان جي رزق کي تنگ ڪري ٿو تہ پوءِ چوي ٿو منهنجي رب مون کي خوار ڪيو آهي) مقصد تہ مسڪيني ۽ تنگدليءَ کي پنهنجي توهين ۽ خواري سمجهي ٿو. حالانڪ اهو بہ ان جو امتحان آهي تہ صبر ڪري ٿو يا نہ. هڪ قول آهي تہ هيءَ آيت اميہ بن خلف ڪافر جي متعلق لٿي هئي ۽ ٻيو قول آهي تہ ان مان مراد جنس آهي يعني هر ڪافر ان ۾ داخل آهي. (٢) "كَلَّا بَلۡ لَّا تُكۡرِمُوۡنَ الۡيَتِيۡمَ وَلَا تَحٰٓضُّوۡنَ عَلٰى طَعَامِ الۡمِسۡكِيۡنِ" (هر گز نہ، بلڪ اوهان يتيم کي عزت نہ ٿا ڏيو ۽ مسڪين کي کاڌي کارائڻ تي حرص نہ ٿا ڏياريو) هنن آيتن ۾ بہ ڪافرن کي سندن برو ذهن ٻڌايو ويو آهي تہ اوهان ايڏا تہ بي رحم آهيو جو نہ ڪنهن يتيم جي اوهان وٽ عزت آهي ۽ نہ ڪنهن مسڪين کي کاڌو کارائڻ جي لاءِ تيار آهيو اوهان هر شي پاڻ هضم ڪرڻ ۽ ڦٻائڻ چاهيو ٿا. "وَتَاۡكُلُوۡنَ التُّرَاثَ اَكۡلًا لَّمًّا" (۽ اوهان ميراث جو سمورو مال کائي وڃو ٿا) مطلب تہ جيڪڏهن اوهان جو قريب، مائٽ مري وڃي ٿو تہ ان جي ملڪيت جيڪا ورثو بنجي ٿي اها ٻين حقدارن کي حصي

(١) حدائق الروح والريحان ص ـ ٤١٤/٤١٦ ـ جلد ٣١ (٢) خازن ص ـ ٣٧٧ ـ جلد ٤

ڏيڻ کان سواءِ سموري اوهان ڦٻائي کائي وڃو ٿا حضرت حسن بصري عليه الرحمة فرمايو ته پنهنجو ۽ پرائو حصو سڀ کائي ويندا هئا. (١) "وَتُحِبُّوْنَ الْمَالَ حُبًّا جَمًّا" (۽ مال سان گهڻي محبت رکو ٿا) مطلب ته مال جي محبت اوهان جي رڳ رڳ ۾ ايتري گهڻي آهي جو حلال ۽ حرام جي تميز کا نه ٿا رکو. رشوت، وياج، جوا، لٽ مار، ڌاڙا، جيب ڪترڻ وغيره ڪنهن به نموني مال ملي ته اوهان ان تي ٽٽي پوندا آهيو. حالانڪ انسان جيڪڏهن غور ڪري ته مال جي هيءَ محبت ڪيترين براين جي پاڙ ۽ بنياد آهي ان جي گهڻجڻ سان انسان ڪيترين براين کان بچي پوي ٿو. "كَلَّآ اِذَا دُكَّتِ الْاَرْضُ دَكًّا دَكًّا" (هر گز نه جڏهن زمين ذرا ذرا ڪري ڪٽي ويندي) "ڪلا" سان انهن کي تنبيه ۽ مذمت ڪئي وئي آهي ته اهي پنهنجن برن عقيدن، برن قولن ۽ فعلن کان رڪجي پون. اهو ڏينهن ذهن ۾ رکن جڏهن زمين کي بار بار ڪٽي ذرا ذرا بنايو ويندو ۽ ان تي موجود محلاتون، جبل ۽ جايون سڀ ختم ٿي ونديون. "وَّجَآءَ رَبُّكَ وَالْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا" (۽ تنهنجو رب جلوو ظاهر ڪندو ۽ ملائڪ ٽولا ٽولا ٿي ايندا) يعني محشر جي ميدان وارن جي لاءِ الهي سطوت ۽ تجلي ائين ظاهر ٿيندي جيئن بادشاهه لشڪر سان ظاهر ٿيندو آهي. رب العزة جل وعلا قيامت جي ڏينهن جڏهن جلوه ظاهر ڪندو ته ان وقت ملائڪ به ٽولن جي صورت ۾ ايندا چڻ ته اهو سندس شاندار لشڪر آهي. (٢) "وَجِايْٓءَ يَوْمَئِذٍۢ بِجَهَنَّمَ" (۽ آندو ويندو ان ڏينهن جهنم) علامه مراغي لکيو آهي ته ان ڏينهن جهنم ڏسندڙن جي لاءِ ظاهر ڪيو ويندو. اکين کان غائب هو اها مراد ناهي ته هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ ڏانهن آندو ويندو. پر مسلم شريف ۾ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان مرفوع روايت آهي ۽ مقاتل جو قول به اهو آهي ته "جهنم ستر هزار واڳن سان ڇڪي آندو ويندو هر واڳ ستر هزار ملائڪن جي هٿ ۾ هوندي، جهنم کي غصو ۽ آواز هوندو اهو ڇڪي عرش جي ڪٻي طرف کان بيهاريو ويندو" ۽ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه فرمايو ته جڏهن "وَجِايْٓءَ يَوْمَئِذٍۢ بِجَهَنَّمَ" (آيت لٿي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي مُنهن مبارڪ جو رنگ متغير ٿيو ۽ اهو سندن منهن پاڪ ۾ ڏٺو ويو ۽ اها ڳالهه سندن اصحابن کي نهايت سخت لڳي ان کان پوءِ فرمايائون ته مون کي جبريل هي (مذڪوره آيتون) پڙهايون آهن حضرت علي رضي الله عنه ڪين عرض ڪيو ته: يارسول الله! جهنم ڪيئن آندو ويندو فرمايائون ته "ستر هزار زنجيرن سان ڇڪي

(١) اللباب ص ٣٢٩ ـ جلد ٢٠ (٢) المراغي ص ١٥٢ ـ جزءُ ٣٠ جلد ١٠، اللباب في علوم الكتب ص ٣٣١ ـ جلد ٢٠

آندو ويندو هر هڪ زنجير کي ستر هزار ملائڪ هٿ وجهيو پيا آٽيندا پوءِ اهو اهڙا باهہ جا شعلا ڪيندو جو جيڪڏهن اهي ڇڏيا وڃن تہ محشر جي ميدان وارن سيني کي ساڙي ڇڏين" ان کان پوءِ جهنم منهنجي اڳيان پيش ڪيو ويندو تہ عرض ڪندو "يامحمد! (صلي الله عليك وسلم) مون کي اوهان کي تڪليف ڏيڻ جي اجازت ناهي اوهان جو وجود مون تي حرام آهي" پوءِ اتي (حضرت) محمد (عليه الصلواة والسلام) کان سواءِ هر ڪو نفسي نفسي پيو چوندو ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن امتي، امتي پيا چوندا. (١) "يَوْمَئِذٍ يَتَذَكَّرُ الْإِنْسَانُ وَأَنَّى لَهُ الذِّكْرَىٰ" (ان ڏينهن غفلت جا پردا لهندا ۽ انسان سوچيندو تہ اهو گمراهيءَ ۾ هو پر اها سوچ ان کي اتي ڪو فائدو نہ ڏيندي. "يَقُولُ يَا لَيْتَنِي قَدَّمْتُ لِحَيَاتِي" (چوندو تہ افسوس مان هن حياتيءَ جي لاءِ (نيڪ عمل) اڳي ڪري موڪليان ها) مطلب تہ پوءِ حسرت جو اظهار ڪري چوندو تہ ڪاش! مان هن حقيقي اخروي حياتيءَ جي لاءِ ڪجهہ ڪري موڪليان ها تہ اهو مون کي هينئر فائدو ڏي ها. "فَيَوْمَئِذٍ لَا يُعَذِّبُ عَذَابَهُ أَحَدٌ وَلَا يُوثِقُ وَثَاقَهُ أَحَدٌ" (پوءِ ان ڏينهن نہ ڪو ان جهڙو عذاب ڪندو ۽ نہ ان جهڙو ڪو ٻڌندو) مطلب تہ قيامت جي ڏينهن ان جو عذاب نهايت سخت هوندو ۽ ان ڏينهن مجرم جهنم جي زنجيرن ۾ اهڙو ٻڌو ۽ جڪڙيو ويندو جو ڪير بہ ائين ڪنهن کي نہ ٻڌندو. "يَا أَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ارْجِعِي إِلَىٰ رَبِّكِ رَاضِيَةً مَرْضِيَّةً" (اي مطمئنہ نفس پنهنجي رب ڏانهن ان حال ۾ موٽ جو تون ان کان راضي آهين اهو تو کان راضي آهي) ڪافرن ۽ منڪرن جي افسوسناڪ انجام جي ذڪر کان پوءِ الله عزوجل پنهنجن مقبول ۽ پيارن ٻانهن جو ذڪر ڪري رهيو آهي. پهريان هي سمجهو تہ مطمئنہ نفس ڇا آهي. علامہ پاني پتي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ "جيئن مڇيءَ کي پاڻيءَ ۾ سڪون ۽ قرار حاصل ٿيندو آهي تيئن جنهن کي الله جل جلالہ جي ياد ۾ سڪون ۽ اطمينان حاصل ٿئي اهو مطمئنہ نفس آهي ۽ ان اطمينان جو تيستائين تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي جيستائين انسان مان رذيل صفتون نڪري نہ وڃن ۽ اهي تيستائين نہ ٿيون نڪرن جيستائين انسان الله عزوجل جي سهڻين صفتن جي تجليات سان روشن نہ ٿو ٿئي ۽ انهن ۾ اهو فنا بہ ٿئي ۽ انهن سان اهو بقا بہ حاصل ڪري ان وقت انسان کي حقيقي ايمان نصيب ٿيندو آهي ۽ اُن کي ان وقت اطمينان جي دولت بہ ملندي آهي". (٢) علامہ حقي لکيو آهي تہ گهبراهٽ ۽ پريشانيءَ کان بعد جيڪو سڪون ملندو آهي ان کي اطمينان سڏيندا آهن ۽ نفس کي سڪون تڏهن نصيب ٿيندو آهي جڏهن اهو

(١) اللباب في علوم الڪتب ص ـ ٣٣٢ ـ جلد ٢٠ (٢) المظهري ص ـ ٦٦ ـ جلد ١٠

يقين، معرفت ۽ شهود جي اعليٰ منزلن تي پهچندو آهي ۽ اهو مقام الله عزوجل جي ذڪر جي ڪثرت ۽ ان تي هميشگي ڪرڻ سان حاصل ٿيندو آهي. "اَلَابِذِكْرِاللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ" (جڏهن انسان ان مقام تي پهچندو آهي ته پوءِ ان کي "تمڪين" (قوت ڏيڻ) سان نوازيو ويندو آهي "التعريفات" ۾ (سيد شريف جر جاني) لکيو آهي ته مطمئنه نفس اهو آهي جيڪو قلب جي نور سان منور ٿيندو آهي ايتري قدر جو ان مان مذموم صفتون فنا ٿي ونديون آهن ۽ اهو سهڻن اخلاقن سان سنوارجي وينڊو آهي. المقصد ته اتي الله عزوجل پانهي کي عزت بخشڻ خاطر ان سان ائين ڳالهائيندو جيئن حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام سان طور جبل تي ڳالهايو هيائين يا ملائڪن جي ذريعي ان کي فرمائيندو ته پنهنجي رب يعني ان جي وعدي ڪيل انعام ۽ اڪرام ڏانهن موٽ تون ان جي عطا ڪيل نعمتن تي راضي آهين ۽ اهو تنهنجي ايمان ڪامل ۽ عمل صالح کان راضي آهي. (١) "فَادْخُلِيْ فِيْ عِبَادِيْ وَادْخُلِيْ جَنَّتِيْ" (پوءِ تون منهنجن پانهن ۾ داخل ٿيءُ ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿيءُ) مقصد ته منهنجن پانهن سان شامل ٿي گڏجي پوءُ جن جي مٿان شيطان جو مڪر ۽ نفس اماره جو ڏوڪو نه هلي سگهيو جيڪي ساري زندگي منهنجا رهيا انهن سان ملي منهنجيءَ ان جنت ۾ داخل ٿي جيڪا منهنجي مخصوص تجليات ۽ ديدار جو مظهر ۽ مرڪز آهي. علامه رازي لکيو اهي ته هي آيتون (سيد الشهداءُ حضرت) حمزه جي باري ۾ لٿيون يا (حضرت) خبيب بن عدي رضي الله عنهما جي باري ۾ لٿيون جنهن کي ڪافرن ڦاسيءَ تي چاڙهيو ۽ ان جو منهن مدينه منوره بيت الله کان ٻئي طرف ڏانهن ڪيو هيائون ان دعا گهري ته "ياالله! جيڪڏهن منهنجي لاءِ تو وٽ ڪا ڀلائي آهي ته منهنجو منهن پنهنجي شهر (بيت الله شريف) ڏانهن ڦيراءَ" اها دعا گهرڻ سان ان جو منهن اوڏانهن ٿي ويو ۽ ڪير به ان کي وري ڦيرائي نه سگهيو. علامه موصوف لکيو آهي ته هتي لفظ جي عموم کي اعتبار آهي خاص سبب کي ناهي (مطلب ته ان حڪم ۾ سڀ صالح پانها داخل آهن) (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن سان وابسته ڪجهه فائدا هي آهن. ١. "وَالْفَجْرِ" (فجر جو قسم آهي) هن مان ڇا مراد آهي ڪجهه لکي آيا آهيون ۽ بعض مفسرن فرمايو ته ان مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام جي ولادت باسعادت واري فجر آهي جنهن ۾ نبوت وارو سج چمڪيو جنهن جي برڪت سان ڪفرجي رات وئي ايمان جو ڏينهن نڪتو. هن مان اهو به معلوم ٿيو ته جنهن وقت کي الله عزوجل جي مقبول پانهن سان

(١) روح البيان صـ٤٣٢ـ جلد ١٠ (٢) الڪبير صـ١٧٨ـ جزءُ ٣١

نسبت تيندي آهي اهو عظمت وارو هوندو آهي. (١) ٢. "اِرَمَ ذَاتِ الْعِمَادِ" (تنين جي صاحب ارم سان) بعض مفسرن فرمايو آهي تہ ارم ان باغ جو نالو آهي جيڪو عاد جي پٽ شداد ٺاهيو هو ۽ ذات العماد ان جي صفت آهي ڇو تہ اها گهڻن تنين تي قائم ٿيل چاندي ۽ جواهرات سان تعمير ڪيل وڏي عمارت هئي ان انهي جي ڪري ٺاهي هئي تہ ماڻهو آخرت واري جنت جي بجاءِ هن موجود جنت کي اختيار ڪن پر جڏهن اها عاليشان عمارت تيار ٿي ۽ شداد پنهنجي بادشاهيءَ جي اهم عهديدارن سان ان ۾ وڃڻ جو ارادو ڪيو تہ الله عزوجل جو عذاب آيو اهي بہ هلاڪ ٿي ويا تہ اها محلات بہ ختم ٿي وئي. (٢) ٣. "فَاَمَّا الْاِنْسَانُ" کان آخر تائين آيتن مان معلوم ٿيو تہ مال جي ڪثرت يا تنگي الله وٽ مقبول يا مردود هجڻ جي نشاني ناهي اصل مدار ايمان ۽ تقويٰ تي آهي. الحمدلله جو مون گنهگار اڄ ڇنڇر جي ڏينهن صبح جو بوقت يارهن لڳي پنجاهہ منٽن تي بمورخـــہ ١۴ ذوالقعده ١۴٢٦هہ الموافق ٢٠٠٥/١٢/١٧ع تي سورة الفجر جو تفسير لکي پورو ڪيو مالڪ مٽي کي عرض آهي تہ اهو پنهنجي حبيب عليـــہ الصلواة والسلام جي صدقي رهيل سورتن جو تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين يا رب العلمين.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) نورالعرفان صـ٩۴٥ـ (٢) معارف القرآن صـ٧۴١ـ جلد ٨

سورة "اَلْبَلَدِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن
نالومبارڪ: هن برڪت واري سورة جو نالو "اَلْبَلَدِ" آهي هي لفظ هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة پاڪ ۾ هڪ رڪوع، ويهه آيتون ٻياسي ڪلما ۽ ٽي سؤ ويهه (۳۲۰) حرف آهن. (۱)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس کان ابن مردويه ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة "البلد" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (۲)

نزول: هن سورة جي آيتن ڪي مطالعه ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن جي مڪي، نبوي دور جي ان وقت نازل ٿي هوندي جڏهن محبوب عليه الصلواة والسلام جن مڪه مڪرمه جي رئيسن جي ڪريل ڪردار کي تنقيد جو نشان بنائڻ شروع ڪيو هو.


مضمون: هن سورة ۾ قسم کڻي ڪافرن کي ٻڌايو ويو آهي ته اوهان جو اهو خيال غلط آهي ته اوهان ايترا طاقتور آهيو جو ڪير به اوهان تي ڪنٽرول ڪري نه سگهندو. اوهان فضول ڳالهين ۾ پنهنجا پئسا پاڻيءَ وانگر وهايو ٿا ۽ وري ان تي ناز ڪيو ٿا ڇا اوهان ائين سمجهو ٿا ته جنهن اوهان کي اهو رزق ڏنو آهي اهو اوهان جي ان غلط رويي کان واقف ناهي اسلام دين فطرت آهي اهو انسان جي جسماني ۽ روحاني ٻنهي فطري تقاضائن جي تڪميل ڏانهن متوجه آهي اهو انسان کي نه مادي لذتن ۾ محو ٿيڻ جي اجازت ڏي ٿو ۽ نه ان کان ڪلي طرح تعلق ڪٽي صرف روحاني لطافتن ۾ محو رهڻ جي تلقين ڪري ٿو ان صورت ۾ انهن عضون جي ذڪر ڪرڻ کان بعد جيڪي انسان کي پنهنجي صلاحيتن کي صحيح استعمال ڪرڻ جي لاءِ عطا ڪيل آهن انهن کي بلند اخلاق حاصل ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪري ۽ ان مقصد جي لاءِ جيڪي سهڻا اعمال ڪرڻا آهن انهن جو به ذڪر ڪيو ويو آهي غلامن کي آزاد ڪرڻ ڏڪار جي حالت ۾ مسڪينن جي ڪاڌي جو اهتمام ڪرڻ، يتيمن ۽ مسڪينن تي شفقت جو هٿ رکڻ ان سان گڏوگڏ ايمان جي شمع کي روشن رکڻ، پاڻ صبر ڪرڻ ٻين کي به صبر جي تلقين ڪرڻ، هي اهي سهڻا عمل آهن جن جي ذريعي انسان

(۱) خازن ص۔۳۷۹۔ جلد ۴ (۲) الدرالمنثور ص۔۵۱۶۔ جلد ۸

پنهنجي منزل مقصود ماڻي ٿو. پر جيڪو غريبن جي مادي ضرورتن کي طاقت هوندي پورو ڪرڻ ڏانهن مائل ناهي اهو جهنم جو پارڻ بڻجندو.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ انهن کي مذمت ۽ ملامت ڪيل هئي جن مال سان محبت رکي پرائو ورثو کاڌو ۽ مسڪين کي کاڌي کارائڻ تي حرص نہ ڏياريو ۽ هن سورة ۾ اهي خصلتون بيان ڪيون ويون آهن جيڪي صاحب المال کان طلب ڪيون وڃن ٿيون جيئن ٻانهو آزاد ڪرڻ ۽ مسڪين کي بک واري ڏينهن کاڌو کارائڻ وغيره.

پڙهڻ ۾ برڪتون: ثعلبي ابي کان روايت آندي آهي تہ جنهن "لَآ اُقۡسِمُ بِهٰذَا الۡبَلَدِ" سورة پڙهي قيامت جي ڏينهن الله ان کي پنهنجي غضب کان امن ۾ رکندو. (١)





(١) اللباب ص-٣٥٣- جلد ٢٠

وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ	سُوْرَةُ الْبَلَدِ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ عِشْرُوْنَ اٰيَةً
۽ ان ۾ ١ رکوع آهي	سورة البلد مکي آهي	۽ اها ٢٠ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ (١) وَاَنْتَ حِلٌّ بِهٰذَا الْبَلَدِ (٢) وَوَالِدٍ وَّمَا وَلَدَ (٣)

قسم ڪڻان ٿو مان هن شهر جو ان حال ۾ جو تون رهندڙ آهين هن شهر ۾ ۽ والد جو ۽ جيڪو ڄڻيائين

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ (٤) اَيَحْسَبُ اَنْ لَّنْ يَّقْدِرَ

البت تحقيق پيدا ڪيوسون انسان کي تڪليف ۾ ڇا خيال ڪري ٿو ھي تہ هرگز نہ قادر ٿيندو

عَلَيْهِ اَحَدٌ (٥) يَقُوْلُ اَهْلَكْتُ مَالًا لُّبَدًا (٦) اَيَحْسَبُ اَنْ لَّمْ يَرَهٗٓ اَحَدٌ (٧)

ان تي ڪو هڪڙو چوي پيو تہ هلاڪ ڪيو مون مال گهڻو ڇا ڀانئين ٿو تہ نہ ڏٺو ان کي ڪنهن هڪ

اَلَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ عَيْنَيْنِ (٨) وَلِسَانًا وَّشَفَتَيْنِ (٩) وَهَدَيْنٰهُ النَّجْدَيْنِ (١٠)

ڇا نہ ڪيون اسان ان جي لاءِ ٻہ اکيون ۽ زبان ۽ ٻہ چپ ۽ ڏيکاريون اسان ان کي ٻہ واٽون

فَلَا اقْتَحَمَ الْعَقَبَةَ (١١) وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْعَقَبَةُ (١٢) فَكُّ رَقَبَةٍ (١٣)

پوءِ نہ لنگهيو لڪ مان ۽ ڪنهن ڄاڻايو توکي تہ ڇا آهي لڪ؟ ٻانهو آزاد ڪرڻ

اَوْ اِطْعَامٌ فِيْ يَوْمٍ ذِيْ مَسْغَبَةٍ (١٤) يَّتِيْمًا ذَا مَقْرَبَةٍ (١٥) اَوْ مِسْكِيْنًا

يا کاڌو کارائڻ بک واري ڏينهن ۾ يتيم مائٽيءَ واري کي يا مسڪين

ذَا مَتْرَبَةٍ (١٦) ثُمَّ كَانَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ

مٽيءَ هاڻي کي ان کان پوءِ ٿيو انهن مان جن ايمان آندو ۽ وصيت ڪيائون صبر جي

وَتَوَاصَوْا بِالْمَرْحَمَةِ (١٧) اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ (١٨) وَالَّذِيْنَ

۽ هڪ ٻئي کي وصيت ڪيائون ٻاجهہ ڪرڻ جي اهي سڄي پاسي وارا آهن ۽ جن اسان جي

كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا هُمْ اَصْحٰبُ الْمَشْـَٔمَةِ (١٩) عَلَيْهِمْ نَارٌ مُّؤْصَدَةٌ (٢٠)

آيتن جو ڪفر ڪيو اهي کٻي پاسي وارا آهن انهن تي ڍڪيل باهه آهي

تفسير

اڳين سورة جي آخر ۾ مطمئنه نفس جو ذڪر ٿيو ۽ هتي اها ڳالهه بيان ڪئي وئي آهي جنهن سان اطمينان حاصل ٿئي فرمان خداوندي آهي "لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ" (هن شهر جو قسم کڻان ٿو) "لا" زائده آهي جيڪا قسم کي مؤڪد بنائڻ جي لاءِ آيل آهي. "اَلْبَلَدِ" مان مراد مڪه مڪرمه آهي. "وَاَنْتَ حِلٌّ بِهٰذَا الْبَلَدِ" (۽ تون هن شهر ۾ ٽڪندڙ آهين) مفسر خازن لکيو آهي ته "فكانه عظم حرمة مكة من اجل انه صلي الله عليه وسلم مقيم بها" (١) يعني الله عزوجل اهو ارشاد آڻي ٻڌايو ته ان مڪه مڪرمه جي حرمت ۽ عزت حضرت حبيب عليه الصلواة والسلام جن جي ڪري عظيم بنائي آهي علامه رازي به هڪ مراد اها لکي آهي. (٢) علامه اسماعيل حقي عليه الرحمة لکيو آهي ته "وَاَنْتَ حِلٌّ بِهٰذَا الْبَلَدِ" جنهن سان قسم ڪنيو ويو آهي ان ڪان حال آهي ۽ "انت" نبي عليه الصلواة والسلام جن سان خطاب آهي ڇيو اتن ته قرآن ڪريم ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جا چار هزار (٤٠٠٠) نالا ذڪر ڪيا ويا آهن ڪي اشاري سان ته ڪي صراحت سان ۽ "حل" حلول ڪان ورتل حال نزول جي معنيٰ ۾ آهي اي حال هي آهي ته اي محبوب عليك الصلواة والسلام اوهان مڪه ۾ رهندڙ آهيو الله عزوجل مڪه مڪرمه سان قسم ڪي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي رهڻ سان قيد ڪري ٻڌايو مڪه مڪرمه هوڻ ۽ به شاندار آهي پر ان ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي رهڻ ڪيس وڌيڪ شرف وارو بنايو آهي هر مڪان جي شرف جو مدار ان ۾ مڪين، رهندڙ سان به واسطو رکي ٿو ۽ جنهن ڪي ذاتي شرف حاصل آهي ان ڪي شاندار رهندڙ سان وڌيڪ شان ملي ٿو پوءِ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي قدمن لڳڻ واري جاءِ جيئن مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره وغيره جي عزت ۽ احترام جي حفاظت ڪرڻ ضروري آهي ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن مدينه ڪي طابه نالو به ڏنو ڇو ته اهو سندن رهڻ ۽ اتي موجود هجڻ جي ڪري پاڪ، صاف بنجي ويو ۽ هن ۾ مڪه مڪرمه وارن کي به سمجهائڻ مقصود آهي ته اهي اڻ ڄاڻ هجڻ جي ڪري مڪه مڪرمه مان ان ڪي ايذائڻ ۽ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪن ٿا جيڪو ان جي شرف ۽ شان جو وجه آهي. (٣) علامه آلوسي بغدادي عليه

(١) خازن صـ٣٧٩ـ جلد ٤ (٢) الڪبير صـ١٧٩ـ جزءِ ٣١ (٣) روح البيان صـ٤٣٣ـ جلد ١٠

الرحمة ٻہ لکيو آهي تہ مکہ مکرمہ جي شهر سان قسم کڻڻ ۾ ان جي تعظيم آهي ۽ وچ ۾ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جو ذکر ڪرڻ سان اها ڳالهہ واضح ڪرڻي آهي تہ جليل القدر، نبوت جي شرف سان مشرف ٿيل نبي عليہ الصلواة والسلام جو ان ۾ رهڻ بہ ان جي شان ۽ شرف جو سبب آهي. (١) ۽ ڪيترن مفسرن وري "حل" جي معنيٰ ڪئي آهي تہ اوهان جي لاءِ هن مکہ مکرمہ جي امين شهر ۾ ڪافرن سان وڙهڻ ۽ انهن کي قتل ڪرڻ حلال آهي ٻئي جي لاءِ نہ حلال هو ۽ نہ آهي. اهو ئي سبب هو جو حضور عليہ الصلواة والسلام جن مکہ مکرمہ کي فتح ڪرڻ دوران ڪيترن ڪافرن کي قتل ڪرايو هو. جنهن جو تفصيل علامہ ابن ڪثير لکيو آهي اتي ڏسڻ گهرجي. (٢) "وَوَالِدٍ وَّمَا وَلَدَ" (۽ والد جو ۽ جيڪو ڄڻيائين) والد مان مراد حضرت آدم ۽ حضرت ابراهيم (عليٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام آهن يا هر والد مراد آهي ۽ "جيڪو ڄڻيائين" مان مراد آدم عليہ الصلواة والسلام جو اولاد يا حضرت ابراهيم عليہ الصلواة والسلام جي اولاد مان اچڻ وارا انبياءَ يا حضرت محمد عليہ وعليهم الصلواة والسلام آهي ۽ نڪره ڪري آڻڻ تعظيم جي لاءِ آهي ۽ "وَمَا وَلَدَ" ۾ "من" جي بجاءِ "ما" آڻڻ تعجب جي معنيٰ لاءِ آهي. (٣) "لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ" (البت تحقيق اسان انسان کي تڪليف ۾ پيدا ڪيو آهي) هي مذڪور قسم جو جواب آهي يعني اسان انسان کي صرف آرام ڪرڻ جي لاءِ پيدا نہ ڪيو آهي بلڪ ان کي ڪيترين تڪليفن مان لنگهڻو پوي ٿو جڏهن اهو ماءُ جي پيٽ ۾ هوندو آهي تہ اتاهين کان وٺي ان کي ڪيترن مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پوي ٿو هر لحظي ۾ ان جي ضايع ٿيڻ جو ڊپ رهندو آهي ۽ جڏهن هن دنيا ۾ قدم رکي ٿو تہ بيماريون، ناڪاميون، مخالفن جون مخالفتون نفس ۽ شيطان جا حملا وڪ وڪ تي ان جي اڳيان اچن ٿا ڄڻ تہ انسان پيدائي انهن مشڪلاتن لاءِ ٿيو آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي منهن ڏئي مٿي نہ اچي ها تہ مني جو ڦڙو اهڙو دُرشهسوار نہ بنجي ها. "اَيَحْسَبُ اَنْ لَّنْ يَّقْدِرَ عَلَيْهِ اَحَدٌ" (ڇا خيال ڪري ٿو تہ ان تي ڪير بہ قادر نہ ٿيندو) يعني ان هوندي جو اهو چئني طرفن کان خطرن جي گهيري ۾ آهي سمجهي ٿو تہ ان کان مٿي ڪا بہ طاقت ناهي جو ان کان پڇاڻو ڪري سگهي يا جنهن جي حڪم جي اڳيان هي سر جهڪائي پر اها ان جي سمجهہ جي ڪوتاهي آهي ان جي مٿان اهڙي قوت واري رب جي طاقت غالب آهي جو ان جي هڪ امر سان هي ليندو بہ ڪو نہ. "يَقُوْلُ اَهْلَكْتُ مَالًا لُّبَدًا" (چوي ٿو تہ

(١) روح المعاني صـ١٧١ـ جزءُ ٣٠ جلد ١٠ (٢) ابن ڪثير صـ٥١١ـ جلد ۴
(٣) المظهري صـ٢٦۴ـ جلد ١٠

مون گهڻو مال هلاڪ ڪيو آهي) مطلب تہ اهو فضول خرچ ڪري ان تي فخر ڪري ٿو پر اڳتي هلي ان کي خبر پوندي تہ سندس خرچ ڪيل مال هرويرو ضايع ٿي ويو بلڪ سندس لاءِ آخرت ۾ هلي وبال بڻيو. (١) ”اَيَحۡسَبُ اَنۡ لَّمۡ يَرَهٗۤ اَحَدٌ“ (ڇا سمجهي ٿو تہ ان کي ڪنهن هڪ ڪو نہ ڏٺو آهي) هي بہ ان جي بيوقوفيءَ بيان ٿي رهي آهي. تہ اهو انهن گناهن ڪندي ائين ٿو سمجهي تہ ان کي ڪير نہ ٿو ڏسي حالانڪ جنهن ڪيس اکيون ڏنيون آهن اهو سندس هر ڳالهہ ڏسي رهيو آهي يقينا ٻين کي ڏسڻ جي طاقت ڏيندڙ سيني کان وڌيڪ ڏسندڙ آهي. ”اَلَمۡ نَجۡعَلۡ لَّهٗ عَيۡنَيۡنِ“ (ڇا اسان ان جي لاءِ ٻہ اکيون نہ ٺاهيون هيون؟) هتان کان انهن نعمتن جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي جيڪي الله عزوجل انسان کي عطا فرمايون آهن ارشاد آهي تہ ”ڇا اسان ان کي ٻہ اکيون نہ ڏنيون آهن“ جنهن سان اهو هر شيءِ ڏسي رهيو آهي ۽ انهن جي ذريعي ڪيترين تڪليفن کان بچيل آهي. ”وَلِسَانًا وَّشَفَتَيۡنِ“ (۽ زبان ۽ ٻہ چپ) هي بہ الله عزوجل جون نعمتون آهن زبان سان دل جا راز بيان ڪري ٿو ان سان ئي اقرار يا انڪار ڪندو آهي ۽ ٻن چپن سان پنهنجو وات ڍڪيندو ۽ بند ڪندو آهي ۽ انهن سان ڳالهائڻ کائڻ ۽ پيئڻ ۾ مدد وٺندو آهي انهن سان ڦوڪ بہ ڏيندو آهي بغوي فرمايو تہ حديث ۾ آيو آهي تہ الله عزوجل فرمائي ٿو تہ اي آدم جا پٽ! جيڪڏهن زبان توسان ان جي متعلق جهيڙو ڪري جيڪو مون تو تي حرام ڪيو آهي تہ ان تي مون تنهنجي مدد ڪري توکي ٻہ چپ ڏنا آهن انهن سان ان تي ڪنٽرول ڪر. (٢) ”وَهَدَيۡنٰهُ النَّجۡدَيۡنِ“ (۽ اسان ان کي ٻہ واٽون ڏيکاريون) هڪ ڀلائيءَ جي وات، ٻي برائيءَ جي، اسان اهي ٻئي واٽون کولي بيان ڪيون آهن. (٣) ”فَلَا اقۡتَحَمَ الۡعَقَبَةَ“ (پوءِ نہ لنگهيو لڪ مان) يعني جڏهن انسان جي اڳيان ٻہ واٽون کولي بيان ڪيون ويون هجن تہ ائين ڪپندو هو تہ اهو سچ جي واٽ وٺي ها پر اهو ان ڏکيي گهٽ کان نہ لنگهيو. ”وَمَاۤ اَدۡرٰىكَ مَا الۡعَقَبَةُ“ (۽ توکي ڪنهن ٻڌايو تہ اهو گهٽ ڇا آهي؟) يعني اي ٻڌڻ وارا! تو نفس تي ان جي ڏکيائيءَ ۽ ان جي ثواب جي گهٽائيءَ کي نہ ڄاتو آهي يا مراد آهي تہ اوهان کي ڪنهن ڄاڻايو تہ گهٽ لنگهڻ ۽ اتاهين نڪرڻ ڇا آهي. ”فَكُّ رَقَبَةٍ“ (ٻانهو آزاد ڪرڻ آهي) ٻانهو آزاد ڪرڻ ۾ سڄو آزاد ڪرڻ يا ان ۾ ڪجهہ مدد ڪرڻ بہ شامل آهي. ”اَوۡ اِطۡعٰمٌ فِيۡ يَوۡمٍ ذِيۡ مَسۡغَبَةٍ يَّتِيۡمًا ذَا مَقۡرَبَةٍ اَوۡ مِسۡكِيۡنًا ذَا مَتۡرَبَةٍ“ (يا بک واري ڏينهن ۾ قرابت دار يتيم يا مٽيءَ تي رهندڙ مسڪين کي کاڌو کارائڻ آهي) يعني يتيم جيڪو مائٽ بہ آهي يا صفا مسڪين جيڪو گهر نہ هجڻ جي ڪري مٽيءَ تي سمهي

(١) حاشيہ عثمانيہ صـ٧٩٢ـ (٢) المظهري صـ٢٦٦ـ جلد ١٠ (٣) القرطبي صـ٦٥ـ جلد ٢٠

وقت گذاري ٿو انهن کي ڪاڏو ڪارائڻ بہ ڏکيو لڪ لنگھڻ آهي. امام احمد سلمان بن عامر کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "عام مسڪين جيڪو گهر نہ هجڻ جي ڪري مٽيءَ تي سمهي وقت گذاري ٿو انهن کي ڪاڏو ڪارائڻ بہ ڏکيو لڪ لنگھڻ آهي." امام احمد سلمان بن عامر کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "عام مسڪين کي صدقو ڏيڻ صدقو آهي ۽ مائٽ کي صدقو ڏيڻ ۾ بہ اجر آهن "۱" صدقو، "۲" مائٽي ڳنڍڻ." (۱) "ثُمَّ كَانَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ وَتَوَاصَوْا بِالْمَرْحَمَةِ" (ان کان بعد انهن مان ٿيو جن ايمان آندو ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي نصيحت ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي رحم جي نصيحت ڪيائون) يعني انهن سڀني عملن سان گڏ هي شرط بہ آهي تہ اهو مومن هجي ڇو تہ ڪو بہ عمل ايمان کان سواءِ قبول ناهي ۽ هڪ ٻئي کي "صبر ۽ رحم جو چوڻ" هي بہ جملا اهڙا آهن جن ۾ اسلامي معاشري جون خصوصيتون بيان ڪيون ويون آهن هڪ تہ انهن مان هر فرد ٻئي کي حق جي واٽ ۾ اچڻ وارين مصيبتن ۽ تڪليفن تي صبر ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو ٻيو تہ اهي پٿر دل ناهن هڪ ٻئي کي رحم جي هدايت بہ ڪن ٿا تانت جيڪڏهن ڪو پريشان حال هجي تہ ان تي رحم ڪري ان جي مدد ڪئي وڃي ۽ جيڪا بہ قوم انهن صفتن سان موصوف هوندي اها حق کي بلند ڪرڻ جي لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪري سگھندي. "اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ" (اهي سڄي پاسي وارا آهن) يعني جيڪي مومن مذڪوره صفتن سان موصوف آهن اهي نهايت خوشنصيب آهن انهن کي سندن اعمالناما سڄن هٿن ۾ ملندا. "وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا هُمْ اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ" (۽ جن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو اهي کٻي پاسي وارا آهن) مطلب تہ ڪافرن کي سندن اعمالنا کٻي هٿ ۾ ملندا. "عَلَيْهِمْ نَارٌ مُّؤْصَدَةٌ" (انهن تي ڍڪيل باھ هوندي) يعني انهن کي باھ ۾ اڇلائي دروازا بند ڪيا ويندا ڪين نڪرڻ جي ڪا ڳلي نہ هوندي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ معلوم ٿين ٿا: ۱. "وَوَالِدٍ وَّمَا وَلَدَ" (۽ والد جو ۽ جيڪو ڄڻيائين) ان جو قسم آهي هتي هڪ قول مطابق والد مان مراد حضرت آدم علیٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام آهي ۽ "ماولد" مان مراد ان جو اولاد آهي هن معنيٰ جي لحاظ سان بہ مسئلا معلوم ٿيا "۱" تہ ساري مخلوق ۾ انسان وڏي شرف وارو آهي جو الله تعاليٰ ان جو قسم ڪنيو آهي "۲" تہ پيءُ جو درجو ماءُ کان مٿي آهي جو الله تعاليٰ پيءُ جو قسم ڪنيو ماءُ جو نہ ڪنيو آهي يا والد مان مراد حضرت ابراهيم

(۱) ابن ڪثير ص۔۵۱۴۔ جلد۴

۾ ولد مان مراد حضور عليـــه الصلواة والسلام آهي ان مان معلوم ٿيو تہ نبين عليهم الصلواة والسلام جي جماعت ۾ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن کان پوءِ حضرت ابراهيم عليٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جو شان آهي. ٢. "يَقُوْلُ اَهْلَكْتُ مَالًا لُّبَدًا" (چوي ٿو تہ مون گهڻو مال هلاڪ ڪري ڇڏيو) هيءَ آيت يا وليد بن مغيره جي متعلق نازل ٿي جنهن حضور عليـــه الصلواة والسلام جي عداوت ۾ اسلام جي دشمني ۾ مال خرچ ڪيو هو پر جڏهن ڪامياب نہ ٿيو تہ چوڻ لڳو مون گهڻو مال هلاڪ ڪري ڇڏيو. هن مان معلوم ٿيو تہ اهو ئي مال الله جلالـــه جي رحمت آهي جيڪو چڱي ڪم ۾ خرچ ڪيو وڃي گناهن ۾ خرچ ڪيل مال دنيا ۾ افسوس ۽ آخرت ۾ شرمندگيءَ جو باعث هوندو آهي هن آيت مان اهي ماڻهو عبرت حاصل ڪن جيڪي منبري، وزارت يا شادي وغيره ۾ اجايو پئسو وڃائيندا آهن يا هيءَ آيت اسيد بن ڪلدة جي متعلق نازل ٿي جنهن حضور عليـــه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ عرض ڪيو هو تہ مون خلق جي خدمت ۾ گهڻو مال خرچ ڪيو آهي ان ڪي ٻڌايو ويو آهي تہ اهو ڏيکاءُ لاءِ خرچ ڪرڻ ڪنهن ڪم جو ناهي اهو مال کي برباد ڪرڻ آهي ڪم جو مال اهو آهي جيڪو رب ڪريم جي رضا لاءِ خرچ ڪيو وڃي. (١)

الحمدلله جو مون عاجز اڄ آچر جي رات بوقت نَوَ لڳي ايڪيهن منٽن تي بمؤرخه ١٥ ذوالقعده ١٤٢٦هہ الموافق ٢٠٠٥/١٢/١٧ع تي پنهنجي گهر ۾ سورة "اَلْبَلَدِ" جو تفسير لکي پورو ڪيو رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ التجا آهي تہ اهو ڪرم ڪري باقي رهيل سورتن جو تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب ڪري. آمين يا رب العلمين بحرمة حبيبك الكريم عليه وعلي آله واصحابه الصلواة والسلام الي يوم الدين.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) نورالعرفان صـ٩٤٧ـ

سورة "الشَّمۡسِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن
نالو مبارڪ: هن جو نالو "الشَّمۡسِ" آهي جيڪو هن جو پهريون ڪلمو آهي.
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، پندرهن آيتون، چوونجاهه ڪلما ۽ ٻه سؤ ستاويهه حرف آهن. (۱)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه ابن الزبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (۲)
نزول: هيءَ سورة پاڪ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي هجرت کان پهريان سندن نبوي، مڪي دور ۾ نازل ٿي هئي.
مضمون: هن سورة ۾ ڪجهه قسم کڻي انسان کي هن حقيقت کان خبردار ڪيو ويو آهي ته جنهن حڪمت واري خالق ان کي پيدا ڪيو آهي ان ڪيس قسمين، قسمين قابليتون عطا فرمايون آهن ۽ انهن کي استعمال ڪرڻ جي لاءِ ان ۾ عضوا ڏاهيا اٿس ان ئي ان ۾ نيڪيءَ ۽ برائيءَ ۾ تميز پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي آهي جيڪو ان ڏانهن پورو توجه ڪري ٿو اهو ڪامياب آهي جيڪو شخص پنهنجي اندر مان نڪرڻ واري برائي جي خواهش تي ڪنٽرول ڪندي نفس کي پاڪ ۽ صاف رکي ٿو اهو ڪامياب آهي پر جيڪو نفساني خواهشن جي پويان هليو اهو برباد ٿي ويو. هن ۾ ثمود جي قوم جو به ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪو عرب بار بار ٻڌندا هئا انهن کي سندن نبي حضرت صالح عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام سندن ئي مطالبي جي مطابق معجزو ڏيکاريو جو سخت پٿر مان ڏاچي ٻاهر نڪتي پنهنجي اکين سان ڏٺائون ته به ايمان نه آندائون بلڪ انهن مان هڪ نهايت بدبخت انسان ان ڏاچيءَ جون ٽنگون وڍي ڇڏيون اهو پاڻ به برباد ٿيو ۽ پنهنجي قوم کي به تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيائين.
اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ به ٽولا، سڄي پاسي وارا ۽ کٻي پاسي وارا بيان ٿيا ۽ هن ۾ به "جنهن نفس کي پاڪ ڪيو ۽ جنهن پاڪ نه ڪيو" به قسم بيان ٿيا. (۳)

(۱) خازن ص ـ ۳۸۱ ـ جلد ۴ (۲) الدرالمنثور ص ـ ۵۲۷ ـ جلد ۸ (۳) المراغي ص ـ ۱۶۵ ـ جزءُ ۳۰ جلد ۱۰

پلايون ۽ برڪتون: امام احمد، ترمذي حسن چوندي ۽ نسائي حضرت بريدة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ "رسول الله صلى الله عليه وسلم جن سومهاڻيءَ جي نماز ۾ "وَالشَّمْسِ وَضُحٰهَا" سورة پڙهندا هئا." طبراني حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کيس امر فرمايو هو تہ "صبح جي نماز ۾ "وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰى" ۽ "وَالشَّمْسِ وَضُحٰهَا" پڙهي." (١)

وَهِيَ خَمْسَ عَشْرَةَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الشَّمْسِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ
۽ اها ١٥ آيتون آهي	سورة الشمس مکي آهي	۽ ان ۾ ١ رکوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

وَالشَّمْسِ وَضُحٰهَا (١) وَالْقَمَرِ اِذَا تَلٰهَا (٢) وَالنَّهَارِ اِذَا

قسم آهي سج جو ۽ ان جي روشنيءَ جو ۽ چنڊ جو جڏهن ان جي پويان اچي ۽ ڏينهن جو جڏهن ان کي

جَلّٰهَا (٣) وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰهَا (٤) وَالسَّمَآءِ وَمَا بَنٰهَا (٥)

روشن ڪري ۽ رات جو جڏهن ان تي ڇانئجي وڃي ۽ آسمان جو ۽ ان جو جنهن ان کي ٺاهيو

وَالْاَرْضِ وَمَا طَحٰهَا (٦) وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰىهَا (٧) فَاَلْهَمَهَا

۽ زمين جو ۽ ان جو جنهن ان کي پکيڙيو ۽ نفس جو ۽ جنهن ان کي برابر بنايو ۽ پوءِ الهام ڪيائين

فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰىهَا (٨) قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا (٩) وَقَدْ خَابَ

ان کي ان جي برائي ۽ ان جي تقويٰ تحقيق ڪامياب ٿيو جنهن ان کي صاف ڪيو ۽ تحقيق نقصان

مَنْ دَسّٰىهَا (١٠) كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِطَغْوٰىهَآ (١١) اِذِ

وارو ٿيو جنهن ان کي گناهن ۾ پوري ڇڏيو ڪوڙو ڇيو ثمود پنهنجي سرڪشيءَ جي ڪري جڏهن

انْۢبَعَثَ اَشْقٰىهَا (١٢) فَقَالَ لَهُمْ رَسُوْلُ اللّٰهِ نَاقَةَ اللّٰهِ

اٿيو وڏو بدبخت انهن مان پوءِ چيو انهن کي الله جي رسول تہ الله جي ڏاچيءَ

(١) الدرالمنثور ص ٥٢٧ جلد ٨

وَسُقْيٰهَا ﴿١٣﴾	فَكَذَّبُوْهُ	فَعَقَرُوْهَا
۽ان جي پاڻي پيئڻ کي آڏو نہ تيو پوءِ ان کي کوڙو چيائيون پوءِ ان (ڏاچيءَ) جون ننگون وڍيائون		
فَدَمْدَمَ عَلَيْهِمْ رَبُّهُمْ	بِذَنْۢبِهِمْ	فَسَوّٰىهَا ﴿١٤﴾ وَلَا
پوءِ پلٽيو انهن تي سندن رب (عذاب) سندن گناهن جي ڪري پوءِ انهن کي برابر ڪيائين ۽ نہ تہ		
يَخَافُ عُقْبٰهَا ﴿١٥﴾		
خوف رکي ان جي انجام جو		

١ ع ١٥ ١٦

تفسير

اڳين سورة ڪافرن جي آخرت واري حالات کي بيان ڪرڻ سان پوري ٿي ۽ هي انهن مان ڪن کي دنيا ۾ ملڻ واري سزا سان پوري ڪيل آهي پر اول قسم کڻي ڪاميابيءَ ۽ ناڪاميءَ جون ڳالهيون بيان ڪيون ويون آهن. الله عزوجل جو فرمان آهي "وَالشَّمْسِ وَضُحٰهَا" (سج جو ۽ ان جي روشنيءَ جو قسم آهي) علامه قرطبي لکيو آهي تہ ضحيٰ جي معنيٰ روشني ۽ سوجهرو آهي ۽ اهو بيو قسم آهي ۽ مفسر ضحاڪ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ ان مان سج جي روشني ۽ گرمي ٻئي مراد آهن. (١) هن سورة جي ابتداءَ ۾ الله عزوجل متعدد قسم کنيا آهن تانت مخاطب پوري توجه سان اها ٻڌي ۽ ان جي مفهوم کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ۽ هن ۾ بيان ڪيل حقيقت جي اهميت محسوس ڪري. "وَالْقَمَرِ اِذَا تَلٰهَا" (۽ چنڊ جو قسم جڏهن ان جي پويان لڳو) پويان لڳڻ جو مطلب سج جي لهڻ کان پوءِ اڀرڻ ۽ اهو مهيني جي پهرئين اڌ ۾ ٿيندو آهي ۽ مهيني جي پوئين حصي ۾ وري سج لهڻ کان پوءِ ان جي پويان اڀرندو آهي. "وَالنَّهَارِ اِذَا جَلّٰىهَا" (۽ ڏينهن جو قسم جڏهن ان کي روشن ڪندو آهي) هتي "ها" ضمير ڪنهن ڏانهن ٿو وري ان ۾ ٻہ قول آهن "١" تہ ان جي مرجع زمين يا دنيا آهي جيتوڻيڪ ان کان اڳيان انهن جو ذڪر ٿيل ناهي پر عرب جي محاورات ۾ اهڙيون ٻئي شيون جيڪي عموما انسان جي سامهون رهنديون آهن اڳ ۾ ذڪر ڪرڻ کان سواءِ بہ انهن ڏانهن ضمير جو ورائڻ مشهور ۽ معروف آهي ۽ قرآن ڪريم ۾ بہ ان جا مثال موجود آهن ان اعتبار سان معنيٰ هيءَ آهي تہ "ڏينهن جو قسم ۽ دنيا يا زمين جو قسم جنهن کي ڏينهن روشن ڪيو آهي" ان ۾ هي بہ اشارو آهي تہ ڏينهن جو قسم ان حالت ۾ آهي جڏهن اهو مڪمل طور روشن ٿئي ٿو ۽ عبارت جي لحاظ سان ظاهر هي آهي تہ هي ضمير سج ڏانهن موٽي ٿو ان

(١) القرطبي صـ٧٢ـ جلد ٢٠

صورت ۾ معنيٰ هيءَ ٿيندي تہ "ڏينهن جو قسم آهي جڏهن اهو سج کي روشن ڪري" پوءِ هيءَ اسناد مجازي هوندي ۽ مطلب هيءَ ٿيندو تہ جڏهن ڏينهن جي اچڻ سبب سج روشن نظر اچي (١) "وَاللَّيۡلِ اِذَا يَغۡشٰهَا۪ۙ" (۽ رات جو قسم جڏهن ان تي ڇانئجي ٿي وڃي) مطلب تہ رات جو قسم آهي جڏهن اها سج جي روشنيءَ تي ڇانئجي ويندي آهي ۽ سج جي روشني ان جي انڌيري ۾ بالڪل نظر نہ ايندي آهي. "وَالسَّمَآءِ وَمَا بَنٰهَا۪ۙ" (۽ آسمان جو قسم ۽ ان جو جنهن ان کي ٺاهيو) يعني آسمان جو قسم ۽ ان پاڪ ذات جو قسم آهي جنهن آسمان کي پنهنجي مشيت ۽ حڪمت سان ان عجيب نموني ٺاهي بيهاريو آهي ۽ "بناها" ۾ الله عزوجل جي قدرت جي ڪمال ڏانهن اشارو آهي ۽ اهو واضح ڪرڻو آهي تہ ان جو ٺاهڻ وارو الله عزوجل وڏي حڪمت وارو آهي جنهن ان کي ٿنڀ ۽ ٽوٽيءَ کان سواءِ بيهاري ان ۾ چمڪندڙ تارا بہ رکيا آهن جيڪي سندس ئي رکيل جاذبيت جي نظام سان هلي رهيا آهن ۽ جڏهن تہ خطاب اهڙي قوم سان هو جيڪي الله عزوجل کي نہ پيا سڃاڻن ۽ مقصد هو تہ اهي هن ڪائنات ۾ غور ڪري ان کي وجود ڏيندڙ جي موجود ۽ هڪ هجڻ تي ايمان آڻين تڏهن "بناها" جي اڳيان "ما" لفظ آندو ويو آهي جنهن ۾ گهڻو ابهام آهي. (٢) "وَالۡاَرۡضِ وَمَا طَحٰهَا۪ۙ" (۽ زمين جو قسم ۽ ان جو جنهن ان کي پکيڙيو) مطلب تہ زمين ۽ جنهن زمين جي تخليق کي ڪامل ڪيو ان پاڪ ذات جو قسم آهي. "وَنَفۡسٍ وَّمَا سَوّٰهَا۪ۙ" (۽ نفس جو قسم ۽ ان (پاڪ ذات) جو جنهن ان کي برابر بنايو) مطلب تہ انسان جي ظاهري پيدائش، ان کي سنئو ٺاهڻ، ان ۾ ظاهري ۽ باطني حواس، غور، فڪر، فهم ۽ استنباط جون صلاحيتون جنهن عليم ۽ خبير ان ۾ رکيون آهن ان جي پاڪ ذات جو قسم کنيو ويو آهي. "فَاَلۡهَمَهَا فُجُوۡرَهَا وَتَقۡوٰىهَا۪ۙ" (پوءِ ان کي ان جي بي فرماني ۽ ان جي تقويٰ دل ۾ وڌائين) مطلب هي آهي تہ انساني نفس جي تخليق ۾ گناهہ ۽ نيڪيءَ ٻنهي جو مادو ۽ استعداد رکيل آهي ۽ پوءِ انسان کي هڪ خاص قسم جو اختيار ۽ طاقت ڏني وئي تہ اهو پنهنجي قصد ۽ اختيار سان ڪهڙي وات وٺي ٿو جڏهن اهو پنهنجي قصد ۽ اختيار سان ڪا وات وٺي ٿو تہ ان کي ان مدار تي جزا يا سزا ملي ٿي ۽ هن وضاحت سان اهو اعتراض دفع ٿي ويو تہ جڏهن گناهہ ۽ ثواب جو استعداد ان ۾ قدرتي طور رکيل آهي تہ پوءِ ان کي جزا يا سزا ڇو ٿي ملي؟ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جڏهن هيءَ آيت پڙهندا هئا تہ ان ۾ بلند آواز ڪري هيءَ دعا گهرندا هئا "اللهم آت نفسي تقواها انت وليها

(١) معارف القرآن ص ٧٥٥ ـ جلد ٨ (٢) المراغي ص ١٦٧ ـ جزءِ ٣٠ جلد ١٠

ومولاها وانت خير من زكها" (١) (اي منهنجا الله! منهنجي نفس کي تقويٰ عطا کر تون ان جو ولي ۽ مولا آهين ۽ تون ئي ان کي پلو صاف ڪندڙ آهين). "قَدۡ اَفۡلَحَ مَنۡ زَکّٰهَا ۙ وَقَدۡ خَابَ مَنۡ دَسّٰهَا ؕ" (تحقيق ڪامياب ٿيو جنهن ان کي صاف ڪيو ۽ تحقيق ناڪام ٿيو جنهن ان کي (گناهن ۾) پوري ڇڏيو) هيءَ آهي اها حقيقت جنهن کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ايترا قسم کنيا ويا. مقصد ته جنهن پنهنجي نفس جو تزڪيو ڪيو اهو ڪامياب آهي ۽ جنهن ان کي گناهن ۾ پوري ڇڏيو اهو ناڪام ۽ نامراد آهي حقيقت به اها آهي ته جيڪو شخص پاڻ کي گناهن کان بچائي سهڻن اخلاقن سان سينگاري ٿو ان جي فطرة سليمه نشو ۽ نماءَ حاصل ڪري ٿي ان جي قوت ۽ روحاني طاقت ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ نيٺ ان منزل تي پهچي ٿو جنهن جي باري ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن قدسي حديث ۾ ٻڌايو "مان ان جي اک ٿيان ٿو جنهن سان اهو ڏسي ٿو وغيره وغيره" ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اَفۡلَحَتۡ نَفۡسٌ زَکَّاهَا اللهُ عَزَّوَجَلَّ" (٢) (اهو نفس ڪامياب ٿيو جنهن کي الله (پاڪ) صاف بڻايو) "كذبت ثمود بطغوىها اذانبعث اشقها" (ثمود پنهنجي سرڪشيءَ جي سبببان (الله جي رسول کي) ڪوڙو ڇيو جڏهن انهن مان وڏو بدبخت اٿيو) هي حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قوم ثمود جو ذڪر آهي حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام انهن ڏانهن رسول ڪري موڪليو ويو هو پر ان کي نه مڃيائون ۽ ڪوڙو چيائون. حضرت صالح به سندن ئي قبيلي مان پنجن واسطن سان ثمود ۾ مليو ٿي انهن قبيلي وارن ۽ حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو ذڪر اڳ ۾ به مختلف سورتن ۾ گذري چڪو آهي انهن جي گُهرڻ ۽ مطالبي ڪرڻ تي حضرت صالح جي دعا سان پٿر مان ڏاچي نڪتي هئي جنهن لاءِ حضرت صالح کين فرمايو ته: "اها اوهان جي کوهه مان پاڻي پيئندي، هڪ ڏينهن اوهان پاڻي ڀري رکو هڪ ڏينهن ان جي لاءِ واندو ڇڏيو ته اها پاڻي پيئي" پر انهن حضرت صالح علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي معجزه سان ظاهر ٿيل ان ڏاچيءَ کي برداشت ڪرڻ جي بجاءِ ان کي ڪهڻ جو پروگرام بڻايو ۽ قدار بن سالف نالي هڪ شخص ان جون ٽنگون وڍيون ۽ پوءِ انهن تي خداوندي عذاب آيو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي لکيو آهي ته ان قوم جا سترهن سوءَ (١٧٠٠) شهر هئا هر هڪ شهر ۾ هڪ هزار گهر هئا جيڪي جبل گهڙي ٺاهيا هيائون ايڏا طاقتور هئا جو پٿر کي لت هڻندا هئا ته مٽي ٿي ويندو هو انهن جي عمر به تمام

(١) القرطبي ص٧٦- جلد ٢٠ (٢) ابن ڪثير ص٥١٦- جلد ٤

وڏي هوندي هئي گهٽ ۾ گهٽ عمر وارو ته سؤ سال جو ۽ وڏي عمر وارو هزار سال جو هوندو هو ۽ حضرت صالح جي دعا سان پٿر مان جيڪا ڏاچي نڪتي هئي ان ٻاهر نڪري هڪ ڦر ٻه ڄڻيو جيڪو ماءُ وانگر تمام ڏگهو هو ان ڏاچيءَ مان ايترو کير ڏهندا هئا جيڪو انهن سڀني لاءِ ڪافي ٿيندو هو. جڏهن ان جي قتل جو پروگرام ڪيائون ته حضرت صالح ڪين روڪيو ته ائين نه ڪيو نه ته دردناڪ عذاب ۾ ايندؤ. ان ڏاچيءَ مبارڪ کي ٽنگون وڍي ڪيرائڻ وارو قدار بن سالف قد جو ننڍو، رنگ جو ڪارو هو ۽ ان جو اکيون شيريون هيون قرآن ڪريم ان کي وڏو بدبخت سڏيو آهي زنا مان ڄاول هو ڏاچيءَ جي ٽنگن ڪپجڻ کان پوءِ ان جو ڦر دانهون ڪندي قارت نالي جبل ۾ غائب ٿي ويو جڏهن حضرت صالح علیٰ نبينا وعليــــه الصلواة والسلام کي اها ڳالهه ٻڌائي وئي ته پاڻ انهن کي فرمايائين "هاڻي اوهان تي عذاب ايندو اهو چار ڏينهن هلندو خميس جي ڏينهن اوهان جا منهن هيڊا ٿيندا، جمعي جي ڏينهن اوهان جا منهن ڳاڙها ٿيندا، ڇنڇر جي ڏينهن اوهان جا منهن ڪارا ٿيندا، آچر جي ڏينهن اوهان سڀ هلاڪ ٿي ويندا" اهو ٻڌي انهن ميڙ جي بجاءِ حضرت صالح نبي سڳوري (علیٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام) کي چيو ته جنهن عذاب جي ڳالهه تو ڪرين اهو اسان وٽ پلي آڻ ۽ پاڻ مشورو ڪيائون ته حضرت صالح کي ڇو نه شهيد ڪري ڇڏيون اهو نه هجي نه اهڙي ڳالهه ڪري، انهن مان ڪي ڪنهن چيو ته خميس جي ڏينهن تائين انتظار ڪيو پوءِ ڪو قدم کڻو. الله عزوجل حضرت صالح علیٰ نبينا وعليــه الصلواة والسلام کي حڪم فرمايو ته "پاڻ سان گڏ پنهنجن مومنن امتين کي وٺي اتاهين نڪري شام ملڪ ڏانهن فلسطين ۾ وڃي رهو" ڪن چيو آهي ته "حضرت موت" نالي شهر ۾ وڃي رهيا هئا. هوڏانهن جيئن خميس جو ڏينهن ٿيو ته انهن جا منهن هيڊا ٿيا جڻ ته انهن جي منهن تي زعفران هاريو پيو آهي ۽ جمعي جي ڏينهن سندن منهن ڳاڙها ٿيا جڻ ته رت لڳل اٿن ۽ ڇنڇر جي ڏينهن ڪارا ٿيا پوءِ هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ته "حضرت صالح جو قول سچو آهي آچر جي ڏينهن ختم ٿي ويندا سون" پوءِ ڪفن ڍڪي، خوشبو لڳائي تيار ٿي ويٺا آچر جي ڏينهن جيئن سج مٿي چڙهيو ته سخت ڪڙڪيدار آواز ٿيو ۽ هيٺان زمين ڌٻي انهن جا هنياءَ ڦاٽي پيا ننڍو وڏو ڪير به نه بچيو سڀ هلاڪ ٿي ويا. (١)

وڏا بدبخت

نبوي احاديث (علیٰ قائلها الصلواة والسلام) مان معلوم ٿئي ٿو ته وڏا بدبخت هي

(١) تفسير هاشمي ص ٢١٦/٢١٨ـ

آهن "١" حضرت صالح جي ڏاچيءَ کي ڪهڻ وارو. "٢" حضرت آدم جو اهو پٽ جنهن پنهنجي ڀاءُ کي قتل ڪيو هو. "٣" حضرت علي ڪرم الله وجهه جو قاتل. (١)
"فَقَالَ لَهُمْ رَسُوْلُ اللهِ نَاقَةَ اللهِ وَسُقْيٰهَا" (پوءِ انهن کي الله جي رسول فرمايو ته الله جي ڏاچيءَ ۽ ان جي پاڻيءَ پيئڻ ۾ آڏو نه اچو) اها پنهنجي مقرر ڏينهن تي پلي پاڻي پيئڻ اچي. "فَكَذَّبُوْهُ فَعَقَرُوْهَا فَدَمْدَمَ عَلَيْهِمْ رَبُّهُمْ بِذَنْبِهِمْ فَسَوّٰىهَا وَلَا يَخَافُ عُقْبٰهَا" (پوءِ ان کي ڪوڙو چيائون پوءِ ان ڏاچيءَ جون ٽنگون وڍيائون پوءِ سندن ئي گناهه جي ڪري سندن رب سندن مٿان عذاب پلٽايو پوءِ انهن کي زمين ۾ ملائي ڇڏيائين) "دمدم" جي معنيٰ ڪندي علامه قرطبي لکيو آهي دمدم دمدمة کان ورتل آهي دمدمة جي معنيٰ آهي ڪنهن کي پاڙ کان ڪڍي هلاڪ ڪري مٽيءَ جي هيٺان ڪري ڇڏڻ.(٢) مقصد ته خداوندي عذاب انهن کي مڪمل طور تباهه ڪري زمين جي هيٺان ڪري ڇڏيو ۽ الله عزوجل کي ان جي عاقبت ۽ انجام جو ڊپ ناهي دنيا جا بادشاهه ڪو قدم کڻندا يا ڪنهن کي سزا ڏيندا آهن ته ڪين اهو فڪر هوندو آهي ته مٿان ان جو ڪو ردعمل نڪري پر الله جلت صفاته ان فڪر، سوچ ۽ خوف کان پاڪ آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَالشَّمْسِ وَضُحٰهَا" (صبح جو ۽ ان جي روشني جو قسم آهي) علامه نعيمي لکيو آهي ته صوفياءَ ڪرام فرمايو آهي ته "سج مان مراد حضور عليه الصلواة والسلام آهن ۽ روشنيءَ مان مراد طريقت ۽ معرفت آهن" نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي ٻنهي وجهن جي ڪري سج سڏيو ويو آهي ع١ـ هي ته جيئن دنيا ۾ هر وقت سج جو فيض رهي ٿو ڏينهن جو ڪنهن واسطي کان سواءِ رات جو چنڊ ۽ تارن جي واسطي سان اهڙي طرح حضور عليه الصلواة والسلام جو فيض هو، آهي ۽ رهندو. سندن ظهور کان پهريان اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي واسطي سان، ظهور کان بعد سڏوسنئون سندن ذات کان ۽ دنيا تان ظاهري رحلت ڪرڻ کان پوءِ اولياءَ ۽ علماءَ جي واسطي سان. ٢. "وَالْقَمَرِ اِذَا تَلٰهَا" (۽ چنڊ جو قسم آهي جڏهن ان جي پويان لڳي ٿو) چنڊ مان مراد هڪ قول مطابق حضرت ابوبڪر صديق آهي جيڪو حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پويان هلندو رهيو ۽ پاڻ (انبياءَ ڪرام عليهم الصلواة والسلام کان پوءِ) سموري مخلوق کان افضل آهي جيئن سج کان پوءِ چنڊ ۽ پاڻ حضور عليه

(١) تفسير مظهري ص ٢٧٢ جلد ١٠، تفسير ابن ڪثير ص ٥١٧ جلد ٤
(٢) القرطبي ص ٧٩ جلد ٢٠

الصلواة والسلام جو بلافصل خليفو آهي ۽ دنيا تان وفات ڪرڻ ۾ بہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پويان رحلت ڪري سندن پاڪر ۾ پهتو. پٺيان اچڻ سان سندس افضليت ۽ بلافصل خلافت ثابت ٿي ۽ چنڊ مان مراد ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جي امت جا اولياءَ ۽ علماءَ بہ آهن جيڪي سندن فيض ۽ علم امت جي عوام تائين پهچائن ٿا يا سج مان مراد انساني روح آهي ۽ چنڊ مان مراد ان جي دل آهي جيئن سج کان چنڊ روشني حاصل ڪري ٿو تيئن روح کان دل انوار ۽ تجليات حاصل ڪندي آهي. (١)

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه



(١) نورالعرفان ص۔٩٧٢۔

سورة "اللَّيۡلِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن

نالو مبارڪ: هن جو نالو مبارڪ "اللَّيۡلِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت جو پهريون لفظ آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، ايڪيهه آيتون، ايڪهتر ڪلما، ٽي سؤ ڏهه حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس ۽ ابن مردويه ابن الزبير رضي الله عنهم ڪان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: هيءَ سورة حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن جي هجرت ڪان پهريان نازل ٿي هئي.

مضمون: هن سورة ۾ ٻين اهم نڪتن ڪان سواءِ هڪ نفسياتي راز ڪان پردو کنيو ويو آهي اهو هي ته جيڪو انسان پاڻ کي نيڪ اعمال جو عادي بنائي ٿو ان جي لاءِ ڀلا ڪم ڪٺي ڪيترا به ڏکيا ۽ مشڪل هجن آسان بنجندا آهن ٻين ماڻهن جي لاءِ ته اطاعت جو رستو سخت ڏکيو لڳندو آهي پر اهو ان تان خوش ٿيندي لنگهندو آهي ان جي برعڪس جيڪي ماڻهو برائين جا عادي هوندا آهن اهي انهن گناهن ۾ اهڙي ڪشش ۽ لذت محسوس ڪندا آهن جيڪي حقيقت ۾ سندن خواريءَ ۽ بدناميءَ جو باعث هوندا آهن اهي شراب جي هڪ ڍڪ لاءِ دولت لٽائيندا ۽ بي عزت بنجندا آهن جوا کيڏڻ ۾ اهي پنهنجي ننگن جي لڄ لٽائيندي نه مڙندا آهن سڳي ڀاءُ بلڪ پيءُ کي قتل ڪندي به شرم محسوس نه ڪندا آهن. هن سورة ۾ اهو به ارشاد آهي ته ماڻهن کي حق جي دعوت ڏيڻ اسان پنهنجي ذمي پاڻ مقرر ڪئي آهي ان کي قبول ڪرڻ جي لاءِ اسين ڪنهن کي مجبور نه ٿا ڪيون جيڪو گهري ته پنهنجي ڀلائيءَ لاءِ حق جي رستي تي هلي ۽ جيڪو گهري ته پاڻ کي هلاڪت جي کڏي ۾ اڇلائي جهڙو عمل ڪندو اهڙو معاوضو وٺندو الله جا ٻانها پنهنجو مال مسڪينن ۾ رات جي انڌيرن ۾ ورهائيندا آهن ان مان انهن جو مقصد ڪنهن کي ان جي اڳ ۾ ڪيل احسان جو بدلو ڏيڻ نه هوندو آهي اهي صرف پنهنجي اعلىٰ پالڻهار کي راضي ڪرڻ گهرندا آهن ۽ اهي خوش رهن جو سندن مقصد ڪين ملندو خداوند ڪريم انهن ڪان راضي آهي ڪين جلد راضي ڪندو.

(١) خازن ص ـ ٣٨٢ ـ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور ص ـ ٥٣٢ ـ جلد ٨

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ نفس جي ڪاميابي ۽ ان جي هلاڪت جي اسباب جو بيان هو ۽ هتي بہ انسانن جي مختلف قسمن جي ڪوشش جو ذڪر آهي. (١)

پلايون ۽ برڪتون: علامہ ابو حفص عمر بن علي دمشقي لکيو آهي تہ جنهن هيءَ سورة پڙهي ان کي الله عزوجل ايترو ڏيندو جو اهو راضي ٿيندو ۽ الله عزوجل ان کي تنگيءَ کان عافيت ڏئي خوشحال بنائيندو. (٢)



وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ	سُوْرَةُ الَّيْلِ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ اِحْدٰي وَعِشْرُوْنَ اٰيَةً
۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي	سورة اليل مڪي آهي	۽ اها ٢١ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي ناليٰ سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰى (١) وَالنَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى (٢) وَمَا

قسم آهي رات جو جڏهن ڍڪي ٿي ۽ قسم آهي ڏينهن جو جڏهن روشن ٿئي ٿو ۽ ان جو جنهن

خَلَقَ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰىٓ (٣) اِنَّ سَعْيَكُمْ لَشَتّٰى (٤) فَاَمَّا مَنْ اَعْطٰى وَاتَّقٰى (٥)

پيدا ڪيو نر کي ۽ ماديءَ کي بيشڪ اوهان جي ڪوشش جدا جدا آهي پوءِ پر جنهن ڏنو ۽ ڊنو

وَصَدَّقَ بِالْحُسْنٰى (٦) فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْيُسْرٰى (٧) وَاَمَّا مَنْ بَخِلَ

۽سچو ڄاڻين چڱي ڳالھ کي پوءِ جلدآسان ڪري ڏينداسون ان کي سولي واٽ۾ پرجنهن بخيلي ڪئي

وَاسْتَغْنٰى (٨) وَكَذَّبَ بِالْحُسْنٰى (٩) فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْعُسْرٰى (١٠)

۽ بي پرواهي ڏيکاري ۽ ڪوڙو ڄاڻين سهڻي ڳالھ کي پوءِ جلد ميسر ڪنداسون ان لاءِ ڏکيائي

وَمَا يُغْنِيْ عَنْهُ مَالُهٗٓ اِذَا تَرَدّٰى (١١) اِنَّ عَلَيْنَا لَلْهُدٰى (١٢)

۽ نہ فائدو ڏيندو ان کان ان جو مال جڏهن هلاڪت ۾ پوندو بيشڪ اسان تي البت هدايت ڪرڻ آهي

(١) المراغي ص ـ ١٧٣ ـ جزءُ ٣٠ جلد ١٠ (٢) اللباب في علوم الكتب ص ـ ٣٧٩ ـ جلد ٢٠

وَاِنَّ لَنَا لَلْاٰخِرَةَ وَالْاُوْلٰى (١٣)	فَاَنْذَرْتُكُمْ	نَارًا تَلَظّٰى (١٤)
۽ بيشڪ اسان جي آهي البت آخرت ۽ دنيا پوءِ ڊيڄاريو مون اوهان کي باھہ کان جيڪا ڀڙڪي پئي		
لَا يَصْلٰهَآ اِلَّا الْاَشْقَى (١٥)	الَّذِيْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى (١٦)	وَسَيُجَنَّبُهَا
نہ داخل ٿيندو ان ۾ مگر وڏو بدبخت	جنھن ڪوڙو ڄاتو ۽ منهن موڙيو	۽ گهڻو پري رکيو ويندو
الْاَتْقَى (١٧)	الَّذِيْ يُؤْتِيْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى (١٨) وَمَا لِاَحَدٍ	عِنْدَهٗ مِنْ
ان کان وڏو پرهيزگار	جيڪو پنهنجو مال ڏي ٿو صاف ٿو ٿئي ۽ ناهي ڪنهن هڪ جو	ان تي ڪو
نِّعْمَةٍ تُجْزٰى (١٩)	اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰى (٢٠)	وَلَسَوْفَ
احسان جو بدلو ڏنو وڃي ٿو	مگر پنهنجي رب اعليٰ جي رضا طلب ڪرڻ لاءِ	۽ البت جلد
يَرْضٰى (٢١)		
راضي ٿيندو		

ع ١ ركوع ١٧

تفسير

اڳيئن سورة ۾ نفس کي ٺاهي برابر ڪرڻ جو ۽ ان کي ڀلائي ۽ برائيءَ جي الهام ڪرڻ جو بيان هو ۽ هتي ٻڌايو ويوآهي تہ ان ڀلائيءَ ۽ برائيءَ جي لحاظ سان اوهان جون ڪوششون جدا جدا آهن. فرمان عاليشان آهي. "وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰى" (رات جو قسم آهي جڏهن ڍڪي ٿي) يعني رات جو قسم آهي جيڪا سڄي دنيا کي انڌيري ڪرڻ سان ڍڪي ٿي جڏي ۽ ماڻهو ڪم ڪار کان فارغ ٿي ان ۾ راحت، ننڊ ۽ آرام حاصل ڪن ٿا. "وَالنَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى" (۽ ڏينهن جو قسم جڏهن روشن ٿئي ٿو) يعني رات جي انڌيري کي ختم ڪرڻ سان دنيا روشن ٿئي ٿي هر ڪو معاش جي حاصل ڪرڻ ۽ ڪمائڻ جي لاءِ چرپر ڪري ٿو ۽ انهن جي ڦيرگير ۽ واري تي اچڻ ۾ اها ئي مصلحت آهي جيڪڏهن سارو زمانو رڳي رات هجي ها تہ ماڻهن کي روزي ڪمائڻ مشڪل ٿئي ها ۽ جيڪڏهن رڳو ڏينهن هجي ها تہ ڪيتريون مصلحتون نہ رهن ها بي چيني ۽ بي آرامي ماڻهن کي هلاڪ ڪري ڇڏي ها انهن جي هڪ ٻئي جي پويان اچڻ ۾ بہ الله عزوجل جي ڪامل قدرت جي نشاني آهي. (١) "وَمَا خَلَقَ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰى" (۽ ان جو قسم آهي جنهن نر ۽ مادي پيدا فرمايا) يعني ان قادر، عظيم، خالق، عليم جو قسم آهي جنهن انسان جي ٻنهي قسمن نر ۽ ماديءَ کي پيدا ڪرڻ فرمايو ۽ هن ۾ هن ڳالھہ جو دليل آهي تہ جنهن مادي مان شيون ٺهن ٿيون انهن جي اونهي حقيقت کي بہ

(١) المراغي صـ ١٧٤ ـ جزءُ ٣٠ جلد ١٠

الله عزوجل گهٽو چاڻي ٿو ڇو تہ هيءُ ڳالهہ عقل کان مٿي آهي جو حيوانات ۾ نر ۽ مادي محض مادي جي طبعي اتفاق سان شعور کان سواءِ وجود ۾ اچي مادي جا اصلي جزءُ تہ اصل جي بنسبت برابر آهن پر پوءِ بہ ڪڏهن نر جو وجود تہ ڪڏهن ماديءَ جو وجود، هن ڳالهہ جو دليل آهي تہ هن نظام کي قائم رکندڙ، ڏاهيندڙ عليم ۽ حڪيم آهي. "اِنَّ سَعۡيَكُمۡ لَشَتّٰىؕ" (بلاشڪ اوهان جي ڪوشش جدا جدا آهي) يعني اي انسانو! اوهان جا اعمال مختلف آهن ڪي انڌائپ ۽ گمراهي آهن تہ ڪي هدايت ۽ نور آهن بعضي جنتي نعمتن جي حقدار ٿيڻ جو سبب آهن تہ بعضي جهنم جي حقدار ٿيڻ جو. "فَاَمَّا مَنۡ اَعۡطٰى وَاتَّقٰىۙ وَصَدَّقَ بِالۡحُسۡنٰىۙ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلۡيُسۡرٰىؕ" (پوءِ جنهن ڏنو ۽ ڊنو ۽ سهڻيءَ ڳالهہ کي سچو ڄاتائين پوءِ جلد ان لاءِ سولو رستو آسان ڪنداسون) يعني جنهن پنهنجو مال خير جي ڪمن ۾ ڏنو پوءِ اهي واجب هجن يا واجب نہ هجن جيئن نفلي خير، خيرات يا مسلمانن کي دشمنن تي قوت ڏيڻ ۾ ۽ الله عزوجل کان ڊڄي هر نالائق ڪم کان پري رهيو ۽ سهڻي ڳالهہ کي سچو ڄاتائين. هتي "الحسني" مان مراد ۾ متعدد قول آهن "١" تہ ان مان مراد "لا الــه الا الله" آهي. "٢" تہ ان مان مراد جنت آهي. "٣" تہ ان مان مراد اهي ڪم آهن جن تي ثواب ڏيڻ جو الله جل جلالــه وعدو ڪيو آهي. (١) ان جي لاءِ اسين اها واٽ آسان ڪنداسون جيڪا ان کي ابدي فلاح ۽ حقيقي مسرتن ڏي وٺي ويندي اسين ان جي دل ۾ ان واٽ تي هلڻ جي محبت ۽ اهڙو عشق پيدا ڪنداسون جو اها ڪيتري بہ ڏکي هجي ان کي آسان لڳندي. "وَاَمَّا مَنۡۢ بَخِلَ وَاسۡتَغۡنٰىۙ وَكَذَّبَ بِالۡحُسۡنٰىۙ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلۡعُسۡرٰىؕ" (۽ پر جنهن بخيلي ڪئي ۽ لاپرواهي ڏيکاري ۽ سهڻي ڳالهہ کي ڪوڙو چيو پوءِ اسين ان لاءِ ڏکي واٽ (ڏسڻ ۾) آسان ڪنداسون) نيڪ بختن کان پوءِ بدبختن جون قبيح عادتون ۽ ڪين ملڻ واري بدلي جو بيان تي رهيو آهي انهن جي هڪ خصلت اها هوندي تہ الله جل جلالــــه جي واٽ ۾ بالڪل ڪجهہ بہ نہ ڏيندا. حق جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ کي مصيبت سمجهندا ۽ هونءَ اجايا خرچ دل کولي ڪندا ٻي خصلت هيءَ هوندين تہ پاڻ کي لاپرواهہ سمجهندا جڻ تہ پاڻهي پيدا ٿيا آهن ۽ ڪين ڪنهن جي محتاجي ڪا نہ آهي الله عزوجل کي راضي ڪرڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪندا پاڻ کي ئي بي نياز ۽ سڀ ڪجهہ سمجهندا ٽين خصلت هيءَ هوندين تہ جن سهڻين ڳالهين جي تعليم حضور صلی الله عليــــه وسلم جن ڏيندا هئا انهن کي اهي ڪوڙو چوندا پوءِ جيڪي انهن گندين خصلتن ۾ مبتلا هوندا انهن جي سزا اها آهي تہ انهن جي دلين ۾ انهن

(١) القرطبي صـ٨٣ـ جلد ٢٠

برن ڪمن جي اهڙي محبت پيدا ڪئي ويندي جو ڪين اهي سولا ۽ آسان لڳندا حالانڪ اهي ڏکيا ۽ سخت تڪليف وارا هوندا. "وَمَا يُغْنِي عَنْهُ مَالُهُ إِذَا تَرَدَّىٰ" (۽ جڏهن هلاڪت ۾ پوندو تہ ان جو مال ان ڪان ڪجهہ بہ دفع نہ ڪندو) ۽ نہ ان ڪي فائدو ڏيندو المقصد تہ جڏهن جهنم جي کڏن ۾ ڪرندو ان جي حوالي ڪيو ويندو تہ جنهن مال تي ناز ۽ فخر ڪري ٿو اهو ان ڪي ڪو فائدو نہ ڏيندو نہ ڪيس ڪم ايندو. "إِنَّ عَلَيْنَا لَلْهُدَىٰ" (بيشڪ اسان تي ئي البت هدايت ڪرڻ آهي) مقصد تہ جڏهن اسان انسان ڪي عبادت ۽ اطاعت لاءِ پيدا ڪيو آهي تہ اسان جي ڪرم جي ذمي هيءَ ڳالهہ بہ آهي تہ اسين انهن ڪي هدايت ڏيون رستو ٻڌايون ۽ ڏيکاريون ۽ عبادت جا وجوهہ بيان ڪيون جن تي هلي اهي مطيع بنجن ۽ اها ئي اسان جي حڪمت جي تقاضا آهي. (١) "وَإِنَّ لَنَا لَلْآخِرَةَ وَالْأُولَىٰ" (۽ بيشڪ آخرت ۽ دنيا اسان جي ملڪيت آهي) يعني آخرت ۽ دنيا ٻنهي ۾ حقيقي طرح اسان جو تصرف جاري آهي ٻئي اسان جي ملڪيت آهن انهن ٻنهي مان جيڪڏهن ڪو ڪجهہ گهري تہ اسان ڪان گهري يا مراد آهي تہ اسان جي قدرتي هٿ ۾ ٻنهي جو ثواب ڏيڻ آهي. (٢) "فانذرتكم ناراتلظي" (پوءِ مون اوهان ڪي ان باهہ ڪان ڊيڄاريو آهي جيڪا ڀڙڪا پئي ڪري) ان مان مراد جهنم جي ڀڙڪندڙ باهہ آهي. "لَا يَصْلَاهَا إِلَّا الْأَشْقَى الَّذِي كَذَّبَ وَتَوَلَّىٰ" (ان ۾ نہ داخل ٿيندو مگر اهو بدبخت جنهن ڪوڙو ڄيو ۽ منهن موڙيو) هتي داخل نہ ٿيڻ مان مراد آهي هميشہ جي لاءِ داخل ٿيڻ مطلب تہ ان ڀڙڪندڙ باهہ ۾ هميشہ رهڻ جي لاءِ اهو بدبخت ڪافر داخل ٿيندو جنهن رسولن عليهم الصلواة والسلام ڪي ڪوڙو ڄيو ۽ ايمان آڻڻ ڪان منهن موڙيو. (٣) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ هي اميہ بن خلف ۽ مڪہ مڪرمہ ۾ رهندڙن سندس ساٿين جي باري ۾ ارشاد آهي جن حضور عليہ الصلواة والسلام جن ۽ انهن ڪان اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام ڪي ڪوڙو ڄيو هو. (٤) "وَسَيُجَنَّبُهَا الْأَتْقَى الَّذِي يُؤْتِي مَالَهُ يَتَزَكَّىٰ" (۽ گهٽو پري رکيو ويندو ان ڪان اهو وڏيڪ پرهيزگار جيڪو پنهنجو مال ڏي ٿو تہ صاف ٿئي) هڪ طرف اشقيٰ وڏو بدبخت آهي جنهن جو طريقو حق ڪي ڪوڙو چوڻ ۽ اسلام ڪان منهن موڙڻ آهي تہ ٻئي طرف ان جو مدِمقابل اهو شخص آهي جيڪو تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي اعليٰ مقام تي پهتل آهي جيڪو حق جي دعوت ڪي بلند ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو مال قربان ڪري ٿو ٻنهي جي عاقبت ۽ انجام هڪ جهڙو

(١) الڪبير ص۔٢٠١۔ جزءُ ٣١ (٢) حدائق الروح ص۔٦٨۔ جلد ٣٢ (٣) مدارڪ ص۔٣٦٢۔ جزءُ ٤ (٤) الڪبير ص۔٢٠٢۔ جزءُ ٣١

ناهي انهن پنهي ۾ ايترو فرق آهي جيترو سندن سوچ ۽ فڪر ۾ فرق آهي "وَمَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰٓى اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰى" (۽ ان وٽ ڪنهن جو ڪو احسان ناهي جنهن جو بدلو ڏنو وڃي تو مگر پنهنجي رب اعليٰ جي رضا طلب ڪرڻ لاءِ "سڀ ڪجهہ لٽائي ٿو") مقصد تہ اهو تقويٰ جو صاحب جيڪو ڪجهہ ڪنهن کي ڏي ٿو سو ان جي لاءِ نہ تہ ان مٿس اڳي ڪو احسان ڪيو هو اهي لاهي ٿو بلڪ پنهنجي بلند شان واري رب کي راضي ڪرڻ جي لاءِ ڏي ٿو. ان جو ٻيو ڪو بہ غرض يا مقصد ناهي. "وَلَسَوْفَ يَرْضٰى" (۽ البت جلد راضي ٿيندو) "يرضي" جو فاعل الله عزوجل بہ ٿي سگهي ٿو تہ ان جي رضا جي لاءِ مال خرچ ڪندڙ بہ ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن ان جو فاعل الله عزوجل چئبو تہ مطلب ٿيندو تہ ان مال خرچ ڪندڙ تي الله عزوجل راضي ٿيندو ۽ هي راضي ٿيڻ جو وعدو بہ وڏي اهميت رکي ٿو ۽ جيڪڏهن رب جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مال خرچ ڪندڙ فاعل چئبو تہ پوءِ مطلب هي ٿيندو تہ الله عزوجل ان تي ايترو ڪرم ڪندو جو اهو خوش ٿيندو ۽ مالڪ مٿي جي انعامات ۽ احسانات کي ڏسي راضي ٿيندو.

فائدا: مذڪوره آيتن ۾ غور ڪرڻ سان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰى وَالنَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى" (رات جو قسم آهي جڏهن ڍڪي ٿي ۽ ڏينهن جو قسم آهي جڏهن روشن ٿئي ٿو) هتي رات ۽ ڏينهن مان مراد يا عام ڏينهن رات آهي جو تہ رات موت کي ۽ ڏينهن قيامت کي ياد ڪرائي ٿو ۽ رات انسان جي علم، هوش، قدرت ۽ قوت کي ڍڪي ٿي جڏي جنهن مان معلوم ٿيو تہ اهي شيون اسان جي اختيار ۾ ناهن ۽ رات نيڪ ۽ بري، ذاڪر ۽ غافل کي ظاهر ٿي ڪري جو تہ گهڻو ڪري چور، زاني ۽ بدمعاش اهي جرم رات جو ڪن ٿا ۽ تهجد گذار، ذاڪر ٻانها بہ رات جو ئي محبت جا مزا ماڻين ٿا ۽ جڏهن تہ رات ڏينهن ڪان پهريان بہ آهي ان جي ڪري ان جو ذڪر پهريان ڪيو ويو آهي ڏينهن جو پويان. ٢. "وَمَا خَلَقَ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰٓى" (۽ ان جو قسم آهي جنهن نر ۽ ماديءَ کي پيدا ڪيو) هڪ قول مطابق نر مان مراد حضرت آدم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام آهي ۽ ماديءَ مان مراد سيده حوا رضي الله عنها آهي.(١) ٣. "اِنَّ سَعْيَكُمْ لَشَتّٰى" (بلاشڪ اوهان جي ڪوشش جدا جدا آهي) هتي ڪنهن سان خطاب آهي ان ۾ مختلف قول اهن "١" قرآن پڙهندڙن سان خطاب آهي. "٢" عام انسانن سان خطاب آهي. "٣" حضرت ابوبڪر صديق سان ۽ دين جي دشمن اميہ بن خلف سان خطاب آهي ۽ هي ٽيون قول وڌيڪ ترجيح وارو آهي جيئن اڳتي بيان اچي

(١) زادالمسير ص١٣٥ـ جلد ٩

رهيو آهي. (انشاءَ الله العزيز) هن مان معلوم ٿيو ته انسان ڪوشش ڪندو رهي ۽
اهو به معلوم ٿيو ته انسان سڀ هڪ جهڙا ناهن جيئن انهن جون ڪوششون هڪ
جهڙيون ناهن تيئن پاڻ به هڪ جهڙا ناهن. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي
ڪوشش هڪ، ته اميه بن خلف ڪافر جي ڪوشش ٻي آهي. عقل جي ڪوشش هڪ
آهي، روح جي ڪجهه ٻي آهي. هر شي پنهنجي وطن ڏانهن ورڻ جي ڪوشش ۾ آهي
اماره نفس جي جاءِ جهنم آهي اهو ان ڏانهن ڇڪي ٿو ۽ روح جو مرڪز جنت آهي ته
اهو ان ڏانهن تاڻي ٿو. ۴. "وَسَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى الَّذِيْ يُؤْتِيْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى" کان "وَلَسَوْفَ
يَرْضٰى" تائين **شان نزول:** هنن آيتن جي شان نزول ۾ به قول اهي "١" ته اهي ابوالد
حداح نالي هڪ شخص جي متعلق نازل ٿيون هيون اصل واقعو هيئن آهي ته هڪ
شخص جي گهر ۾ کجي بيٺل هئي جنهن جا ڏار ٻئي مسڪين، عيالدار جي گهر ڏانهن
وڌيل هئا جڏهن ان جي ڏارن مان کجور جا داڻا ان جي گهر ۾ ڪرندا هئا ۽ ان جا
ننڍڙا ٻار کڻي کائيندا هئا ته هي اتي وڃي انهن کان ٻي کجور ته کسيندو هو پر انهن
جي وات مان به آڱريون هٽي ٻاهر ڪڍندو هو پوءِ ان مسڪين نبي پاڪ عليه الصلواة
والسلام جن سان اها شڪايت ڪئي ۽ (چڻ ته ان جي حل لاءِ عرض ڪيو) جڏهن
اهو کجيءَ جي وڻ وارو حضور عليه الصلواة والسلام جن کي مليو ته پاڻ ان کي
فرمايائون "تون مون کي اها کجي جنهن جا ڏار فلاڻي جي گهر ڏي وڌيل آهن جنت
جي کجيءَ جي بدلي ۾ ڏيندين؟" ان عرض ڪيو ته مون کي هڪ ئي اها کجي آهي
جيڪا مون کي ڏاڍي پياري آهي ائين چئي اهو هليو ويو اتي موجود هڪ شخص
(جنهن جو نالو ابوالد حداح هو) اهو سڀ ڪجهه ٻڌو ۽ عرض ڪيائين ته: يارسول
الله! جيڪڏهن ان کان اها کجي مان خريد ڪري اوهان کي ڏيان ته مون کي جنت ۾
کجي ڏيندؤ؟ پاڻ فرمايائون ته "هائو" پوءِ اهو ويو ۽ ان سان ملي ان سان ڳالهه ٻولهه
ڪيائين اهو ان هڪ جي بدلي ۾ چاليهن کجين تي راضي ٿيو حضرت ابوالد حداح
رضي الله عنه ان کي پنهنجون چاليهه کجيون ڏئي اها کجي خريد ڪري حضور عليه
الصلواة والسلام جن کي ڏني ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن ان مسڪين وٽ
هلي وڃي ان کي فرمايو ته: هاڻي هيءَ کجي تنهنجي ۽ تنهنجي عيال جي آهي "پوءِ الله
عزوجل هي آيتون نازل ڪيون" پر علماءِ عظام فرمايو ته هنن آيتن جي شان نزول ۾
هيءَ روايت ضعيف آهي ۽ ان جو ضعيف هجڻ جو سبب هي آهي ته هي واقعو مدينه
منوره جو آهي ۽ هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (١) "٢" ته هيءَ سورة

(١) زادالمسير وحاشيته ص-١٣٧- جلد ٩

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنـه جي شان ۾ نازل ٿي هئي ان جو وجهہ هي آهي تہ: حضرت بلال کي اميه ۽ ابي ٻئي خلف جا پٽ اسلام آڻڻ جي ڪري گهڻو ماريندا ۽ طرحين طرحين ايذاءُ ڏيندا هئا حضرت ابوبڪر هڪ غلام ۽ ڏهہ سون جون اوقيون تقريبا چاليهہ تولا سون ڏئي آزاد ڪرايو ان جي متعلق هي آيتون نازل ٿيون.(١) علامه رازي لکيو آهي تہ اسان (سنت جماعت) وارن مفسرن جو هن ڳالهہ تي اجماع آهي تہ هي آيتون حضرت ابوبڪر صديق جي شان ۾ نازل ٿيون هيون. علامـه موصوف لکيو آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق (انبياءَ ڪرام عليهم السلام کان پوءِ) مخلوق ۾ افضل آهي.(٢) ۽ ابو حيان تيمي پنهنجي پيءُ کان ان حضرت علي رضي الله عنـه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلي الله عليـه وسلم جن فرمايو "رحم الله ابابکر زوجني ابنتـه وحملني الي دارالهجرة واعتق بلالا من مالـه" (٣) (الله ابوبڪر تي رحمت ڪري مون کي پنهنجي نياڻي پرڻايائين ۽ مون کي مدينـه ڏانهن سواري جو انتظام ڪري ڏنائين ۽ بلال کي پنهنجي مال مان آزاد ڪيائين.) علامـه مفتي احمد يار خان نعيمي عليـه الرحمـة لکيو آهي تہ: ان غلام جو نالو قسطاس هو جيڪو ابوبڪر صديق بلال رضي الله عنـه جي عوض ۾ ڏنو هو. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ازل کان متقي هو دنيا تي اچڻ کان پوءِ بہ گناهہ نہ ڪيو هيائين ۽ ان هر سهڻي ڳالهہ يعني حضور عليـه الصلواة والسلام جن جي ارشاد کي قولا، فعلا ۽ اعتقادا سچو مڃيو. "وتولي" جي وضاحت ڪندي علامـه موصوف لکيو آهي تہ قرآن ڪريم کي پٺي ڏئي نہ وهجي پٺي ڏئي ويهڻ "تولي" ۾ داخل آهي. (۴) ابن جرير ۽ ابن عساڪر، عامر بن عبدالله بن زبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي تہ حضرت ابوبڪر مسلمان ٿيندڙن ٻانهين ۽ غلامن کي جيڪي ٻيڙا هوندا هئا آزاد ڪندو هو. سندس والد حضرت ابوقحافـه رضي الله عنـه فرمايس تہ سڀ ضعيف ٿو آزاد ڪرين ڪي طاقتور بہ آزاد ڪر جيڪي توکي ڪم اچن پاڻ پنهنجي والد کي چيائين تہ مان الله جي رضا لاءِ ٿو آزاد ڪيان. (۵) حضرت ابوبڪر حضور عليـه الصلواة والسلام تي ايمان آڻيندڙ ست غلام آزاد ڪيا هئا جن مان هڪ جو نالو عامر هو ۽ بير معونہ ۾ شهيد ٿيو ۽ ٻئي جو نالو زبير هو اسلام آڻڻ کان پوءِ ان جي اکين ڏسڻ ڇڏي ڏنو تہ ڪافرن طعنا هنيس تہ توکي عزا ۽ لات بتن انڌو ڪيو آهي جو انهن جي پوڄا ڇڏي مسلمان ٿيو آهين، زبير چيو تہ ائين ناهي الله عزوجل کان

(١) ساڳيو حوالو (٢) التفسير الڪبير صـ٢٠٥ـ جزءُ ٣١ (٣) القرطبي صـ٨٩ـ جلد ٢٠
(۴) نورالعرفان صـ٩٧۴ـ (۵) الدرالمنثور صـ٥٣٥ـ جلد ٨

سواءِ ٻئي ڪي (حقيقي) نفعي ۽ نقصان پهچائڻ جي طاقت ناهي ائين چوڻ شرط ان جون اکيون روشن ٿي ويون ۽ سندس ڏسڻ جي قوت بحال ٿي وئي. (١)

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاصي ۽ عاجز ٻانهي سورة "الشمس" جو تفسير سومر جي ڏينهن شام جو پوڻين پنجين بجي بمؤرخه ١٦ ذوالقعده ١٤٢٦هـ الموافق ٢٠٠٥/١٢/١٩ع تي ۽ سورة "اليل" جو تفسير اگاري جي ڏينهن ساڍي ١١ بجي صبح جو بمؤرخه ١٧ ذوالقعده ١٤٢٦هـ الموافق ٢٠٠٥/١٢/٢٠ع تي پنهنجي گهر ۾ لکي پورو ڪيو رب ڪريم کان دعا آهي ته ڪرم ڪري باقي رهيل سورتن جو تفسير به جلد لکڻ جي نعمت نصيب ڪري آمين يا رب العلمين بحرمة النبي الامين عليه وعلیٰ آله واصحابه الصلوات والتسيلمات الى يوم الدين.


دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه



(١) تنوير الايمان ص ٦٠٩ جلد ١٠

سورة "الضّحٰى" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت ضروري آهن.
نالومبارڪ: هن جو نالو "اَلضُّحٰى" آهي جنهن سان هن جي شروعات ڪيل آهي.
رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، يارهن آيتون، چاليهه ڪلما ۽ هڪ سؤ ٻاهتر (١٧٢) حرف آهن. (١)
مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة "اَلضُّحٰى" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)
نزول: هن سورة جي متعلق مفسرن جي بيان ڪيل روايتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هيءَ نبوي دور جي ابتدائي حالتن ۾ سورة "اَلْفَجْرِ" کان پوءِ نازل ٿي هئي. (٣)
مضمون: هن سورة کي غور سان مطالعه ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته هن ۾ انهن بي پايان عنايتن ۽ اڻ ڪٿ احسانن جو ذڪر آهي جيڪي الله عزوجل پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام تي ڪيا آهن ان کان بعد حضور عليه الصلواة والسلام جن کي امت جي مٿان ڪرم ڪرڻ جا آداب ۽ سليقو سيڪاريو ويو آهي ڏيڻ واري رب ڪريم جي شان ڪريميءَ جي ڪا حد ناهي ته وٺڻ واري محبوب عليه الصلواة والسلام جي ظرف ۽ دامن جي وسعت به انساني فڪر جي حدن کان مٿي آهي.
اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ "وَلَسَوْفَ يَرْضٰى" سان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي راضي ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هن ۾ "وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى" سان ابوبڪر صديق جي آقا عليه الصلواة والسلام جن کي راضي ڪرڻ جو بيان ڪيو ويو آهي.
ڀلايون ۽ برڪتون: مفسرن لکيو آهي ته: جيڪو هيءَ سورة پڙهندو ته ان لاءِ دنيا جي يتيمن ۽ سائلن جي تعداد جيترين نيڪيون لکيون وينديون ۽ حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ان جي شفاعت ڪرڻ فرمائيندا. (۴)
مسئلو: مفسرن لکيو آهي ته هن سورة جي شروع ڪرڻ مهل شروع ڪندڙ تڪبير جا الفاظ چوي "اَللهُ اَكْبَرُ يَااَللهُ اَكْبَرُ لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ، اَللهُ اَكْبَرُ" (۵)



(١) خازن ص۔٣٨٥۔ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور ص۔٥٣٩۔ جلد ٨ (٣) حدائق الروح والريحان ص۔٨٠۔ جلد ٣٢ (۴) اللباب في علوم الكتٰب ص۔٣٩٥۔ جلد ٢٠ (۵) حدائق ص۔٨١۔ جلد ٣٢

وَهِيَ اِحْدٰي عَشَرَةَ اٰيَـةً	سُوْرَةُ الضُّحٰي مَكِّيَّـةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ واحِدٌ
۽ اها ١١ آيتون آهي	سورة الضحيٰ مڪي آهي	۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

وَالضُّحٰى (١) وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰى (٢) مَاوَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰى (٣)

قسم آهي روشن ڏينهن جو ۽ رات جو جڏهن ڇانئجي وڃي نہ توکي تنهنجي رب ڇڏيو ۽ نہ ناراض ٿيو

وَلَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌلَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى (٤) وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ

۽ البت پوءِ اچڻ واري هر گھڙي تولاءِ پهرينءَ کان ڀلي آهي ۽ البت جلد ڏيندو توکي تنهنجو رب

فَتَرْضٰى (٥) اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰى (٦) وَوَجَدَكَ ضَآلًّا

پوءِ تون راضي ٿيندين ڇا نہ لڌائين توکي يتيم پوءِ جاءِ ڏنائين ۽ لڌائين توکي محبت ۾ گم

فَهَدٰى (٧) وَوَجَدَكَ عَآئِلًا فَاَغْنٰى (٨) فَاَمَّا الْيَتِيْمَ

پوءِ (پاڻ ڏانهن) رستو ڏنائين ۽ لڌائين توکي عيال وارو پوءِ غني بنايائين پوءِ پر يتيم تي

فَلَا تَقْهَرْ (٩) وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ (١٠) وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ

پوءِ سختي نہ ڪر ۽ پر سائل کي پوءِ نہ جھڙڪ ۽ پر پنهنجي رب جي نعمت جو

فَحَدِّثْ (١١)

پوءِ بيان ڪندو ڪر

تفسير

اڳيئن سورة ۾ "وَسَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقٰى" سان وڏي پرهيزگار حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنـه جو ذڪر هو ۽ هتي پرهيزگارن جي سرتاج حضرت نبي ڪريم عليـه الصلواة والسلام جن جو ذڪر ڪيل آهي.

شان نزول: سڀني راوين جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ هن سورة جي نزول جو سبب ڪجھہ وقت وحي نہ اچڻ جي ڪري حضور عليـه الصلواة والسلام جن جو غمگين ٿيڻ هو الله عزوجل هيءَ سورة نازل ڪري ڪين مطمئن بنايو ۽ ان ۾ اختلاف آهي تہ

ڪيترو وقت وحي جو نزول نہ ٿيو هو "۱" تہ ٻارنهن ڏينهن، "۲" تہ پندرهن ڏينهن، "۳" تہ چاليهہ ڏينهن. جڏهن جبريل آيو تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن فرمايس "تيستائين نہ آئين تانجو مون تنهنجي ملڻ جو اشتياق رکيو" ان عرض ڪيو تہ "مان اوهان کان وڌيڪ مشتاق هوس پر امر جي تحت آهيان جڏهن امر ٿيو تہ پهچي ويو آهيان". (۱)

فرمان عاليشان آهي "وَالضُّحٰىۙ" (روشن ڏينهن جو قسم آهي) الضحيٰ ان وقت کي چئبو آهي جنهن ۾ سج مڪمل روشن ٿي منجهند جي شروعات ۾ چمڪندو آهي پر قرآن پاڪ جي مفسر قرطبي لکيو آهي تہ هتي الضحي جو لفظ "وَالَّيْلِ" سان گڏ آيو آهي ان جي ڪري ان جي معنيٰ سجو ڏينهن آهي. "وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰىۙ" (۽ رات جو قسم آهي جڏهن ڍَڪي ٿي) يعني ڏينهن جي روشني کي ڍڪي ان ٿي ڇانئجي وڃي ٿي. قرآن پاڪ جي مفسرن مان قتادة، مقاتل ۽ حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنهم فرمايو تہ ضحيٰ مان مراد اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ الله عزوجل حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام سان ڳالهايو هو ۽ "اَلَّيْلِ" مان مراد حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي معراج واري رات آهي. (۲) يا ان مان مراد اها گهڙي آهي جنهن ۾ حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جادوگرن کي شڪست ڏني ۽ اهي سجدي ۾ ڪري پيا هئا جيئن الله عزوجل جو فرمان آهي "وَاَنْ يُّحْشَرَ النَّاسُ ضُحًى" (۳) (۽ ماڻهو منجهند جي قريب گڏ ڪيا وڃن) "ماودعك ربك وما قلى" (تنهنجي رب نہ توکي ڇڏيو آهي ۽ نہ ڪاوڙيو آهي) صحيح روايتن ۾ آهي تہ ڪجهہ ڏينهن حضور عليہ الصلواة والسلام جن تي قرآن ڪريم جو نزول ۽ جبريل جو اچڻ نہ ٿيو تہ ڪافرن طعنا هنيا تہ (حضرت) محمد (عليہ الصلواة والسلام) تي ان جو رب ناراض ٿي پيو آهي ۽ ڪيس ڇڏي ڏنو اٿس انهن جي رَد ۾ رب العزة جل جلالہ فرمايو تہ اي محبوب! (عليك الصلواة والسلام) اوهان جي پروردگار نہ اوهان کي ڇڏيو آهي نہ اوهان سان ناراض ٿيو آهي جيئن وحي موڪلڻ ۾ حڪمت آهي تيئن ان کي روڪي رکڻ ۾ بہ ان جي حڪمت آهي بلڪ جهڙي طرح ظاهر ۾ اهو پنهنجي قدرت ۽ حڪمت جا مختلف نشان ظاهر ڪندو آهي ۽ رات ۽ ڏينهن کي هڪ ٻئي جي پٺيان آڻيندو آهي اها ئي ڪيفيت باطني حالات جي بہ سمجهو جيڪڏهن سج جي روشنيءَ کان پوءِ رات جي اونداهيءَ جو اچڻ الله جلت صفاتہ جي ناراض هجڻ جو دليل ناهي ۽ نہ ان جو ثبوت

(۱) حدائق الروح والريحان صـ ۸۱/۸۴ـ جلد ۳۲، خازن صـ ۳۸۵ـ جلد ۴ (۲) القرطبي صـ ۹۱ـ جلد ۲۰، حدائق الروح والريحان صـ ۸۵ـ جلد ۳۲ (۲) سورة آيت

آهي ته ان کان بعد وري ڏينهن نه ٿيندو ته پر ٿي ڏينهن وحي جي نور رکجڻ سان
هي ڪيئن ٿو سمجهيو وڃي ته هاڻي الله عزوجل پنهنجي محبوب نبي عليه الصلواة
والسلام کان ناراض ٿي ان کي ڇڏي ڏنو ۽ هميشه جي لاءِ وحي جو دروازو بند ٿي
ويو. ائين چوڻ الله عزوجل جي علم محيط ۽ حڪمت بالغه تي اعتراض ڪرڻ آهي
جڻ ته ان کي اها خبر نه هئي ته جنهن کي مان نبي بنايان ٿو اهو اڳتي هلي ان جو اهل
ثابت نه ٿيندو. (العياذ بالله) "وَلَلۡاٰخِرَةُ خَيۡرٌ لَّكَ مِنَ الۡاُوۡلٰى" (۽ البت پويان اچڻ واري هر
گهڙي تنهنجي لاءِ پهريان اچڻ واريءَ کان ڀلي آهي) يعني اي حبيب عليك الصلواة
والسلام اوهان جي زندگي مبارڪ جون پويون گهڙيون ۽ حالتون پهريُن کان گهڻو
ارفع ۽ اعليٰ هونديون ٿورو وقت وحي جو رکجڻ اوهان جي گهٽتائي جو باعث ناهي
جيڪڏهن پوئينءَ کان پوئين حالت يعني آخرت جو تصور ڪيو وڃي ته به اوهان جو
شان ايترو بلندو هوندو جو حضرت آدم عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ۽ ان جي
اولاد مان انبياءَ عليهم الصلواة والسلام به اوهان جي هٿ مبارڪ ۾ هونڌڙ حمد جي
جهنڊي جي هيٺان هوندا ۽ اتي شان ۽ شوڪت هتي جي اڪرام ۽ عزت کان گهڻو
متاهون هوندو. (١) هن فرمان مبارڪ سان ڪافرن جا طعنا وغيره هميشه جي لاءِ
ختم ٿي ويا. علامه آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي ته ان ۾ اهو به داخل آهي ته پاڻ
قيامت جي ڏينهن نبين عليهم الصلواة والسلام جا اڳواڻ هوندا ۽ سندن امت جا درجا
ٻين امتن کان بلند ٿيندا ٿورو اڳتي لکيو اٿس ته طبراني اوسط ۾ ۽ بيهقي دلائل
النبوة ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله
عليه وسلم جن فرمايو "مون کي اهو (سڀ ڪجهه) ڏيکاريو ويو جيڪو منهنجي امت
لاءِ کوليو ويندو ته ان مون کي خوشي ڏني" پوءِ الله عزوجل هي آيت نازل فرمائي
"وَلَلۡاٰخِرَةُ خَيۡرٌ لَّكَ مِنَ الۡاُوۡلٰى" (٢) "وَلَسَوۡفَ يُعۡطِيۡكَ رَبُّكَ فَتَرۡضٰى" (عنقريب توکي تنهنجو
رب ڏيندو پوءِ تون راضي ٿيندين) حضور عليه الصلواة والسلام جن هميشه دين
جي ترقيءَ ۽ امت جي نجات جي فڪر ۾ رهندا هئا الله عزوجل انهن سيني فڪرن کي
دور ڪندي فرمايو ته "جلد اوهان کي اوهان جو رب ايتريون نعمتون عطا ڪندو جو
اوهان راضي ٿيندؤ". هن ملڻ واري نعمت مان مراد ڇا آهي ان ۾ مختلف اقوال آهن. پر
حضرت علي ۽ حسن بصري رضي الله عنهما فرمايو ته ان مان مراد سندن شفاعت
آهي. (٣) "اَلَمۡ يَجِدۡكَ يَتِيۡمًا فَاٰوٰى" (ڇا توکي يتيم نه لڌائين پوءِ جاءِ ڏنائين) الله

(١) حاشيه عثمانيه ص ٧٩٤ـ (٢) روح المعاني ص ٢٠٢ـ جزءُ ٣٠ جلد ١٠
(٣) زادالمسير ص ١٥٧ـ جلد ٩

عزوجل اهو لطف ۽ ڪرم بيان ڪري جنهن سان پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام ڪي نوازيو هو هتان ڪان انهن ڪيل نعمتن جو ذڪر ڪري رهيو آهي فرمان مبارڪ آهي تہ "اوهان يتيم هئا اوهان جي ننڍپڻ ۾ نہ اوهان جو والد زندهہ هو نہ اوهان جي ورثي ۾ مال ۽ ملڪيت هو پر الله عزوجل اوهان ڪي سنڀاليو ۽ اوهان ڪي اوهان جي ڏاڏي عبدالمطلب ڪان پوءِ چاچي ابوطالب جي سنڀال ۾ آندو جنهن سهڻي نموني اوهان جي پرورش ڪئي". هڪ قول آهي تہ "يَتِيْمًا" مان مراد "درة يتيمة" دريتيم آهي جنهن جو مثال ناهي. (١) حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه ڪان پڇيو ويو تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ڪي يتيم ڇو بنايو ويو؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائين "تانت مٿن مخلوق جو حق نہ رهي". (٢) "وَوَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى" (۽ توڪي پنهنجي محبت ۾ گم لڌائين پوءِ پاڻ ڏانهن رستو ڏنائين) ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ هن آيت جي معنيٰ ۾ وڏن وڏن علم جي دعويٰ ڪندڙن ٿوڪرون ڪاڌيون آهن ان جي ڪري هن ڪي سٺي نموني سمجهڻ جي ضرورت آهي.

اهم سمجهاڻي

"ضَآلًّا" ضلالت ڪان ورتل آهي ان جي عام طور معنيٰ سمجهي ويندي آهي سڌي واٽ ڪان ڀٽڪي وڃڻ، گمراهہ هجڻ، عقيدي ۽ عمل ۾ غلط رستو اختيار ڪرڻ. پر علماءِ حق، علماءِ اهل السنة والجماعة جو ان تي اجماع آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن نبوت جي اظهار ۽ اعلان ڪان پهريان بہ ۽ پوءِ بہ هر غلطيءَ ڪان معصوم هئا سندن ماحول مشرڪانہ هو پر پاڻ هر لمحو شرڪ ڪان پاڪ رهيا جاهليت جي رسمن ڪان سندن دامن محفوظ رهي تاريخ بہ ان ڳالهہ جي شاهد آهي تہ عرب معاشرو جنهن قسم جي فڪري ۽ عملي گمراهين ۾ مبتلا هو پاڻ ان ڪان بالڪل مبرا ۽ منزهہ هئا الله عزوجل قرآن ڪريم ۾ سندن نبوت جي اظهار ڪان اڳين زندگيءَ ڪي دليل طور پيش ڪيو آهي. "وَقَدْ لَبِثْتُ فِيْكُمْ عُمُرًا مِّنْ قَبْلِهٖ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ" (٣) (۽ هن ڪان پهريان مون پنهنجي عمر اوهان ۾ گذاري آهي ڇا اوهان ڪو نہ ٿا سمجهو) اهڙي طرح سورة النجم آيت ع-٢ـ ۾ آهي. "مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَا غَوٰى" (اوهان جو صاحب نہ گمراهہ ٿيو ۽ نہ بنا واٽ هليو) انهن آيتن بہ سندن عقيدي ۽ عمل ۾ گمراهہ هجڻ جي نفي ڪئي آهي انهن شاهدن جي هوندي هتي "ضَآلًّا" جي معنيٰ گمراهہ ڪرڻ خود گمراهي آهي ان جي ڪري هن لفظ جي معنيٰ ۾ ڪيترا

(١) خازن ص٣٨٦ـ جلد ۴، الڪبير ص٢١۴ـ جزءِ ٣١ (٢) القرطبي ص٩٠٦ـ جلد ٢٠
(٣) سورة يونس آيت ع-١٦ـ

مختلف قول آهن مگر علامه رازي لکيو آهي. هتي ضلال محبت جي معنيٰ ۾ آهي جيئن حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام کي سندن پٽن چيو هو ته "اِنَّكَ لَفِيْ ضَلَالِكَ الْقَدِيْمِ" (١) (بلاشڪ تون پنهنجي پراڻي محبت ۾ آهين) پوءِ هن آيت جو مطلب ٿيندو ته الله عزوجل اوهان کي پنهنجي محبت ۾ بي وس ڏٺو پوءِ ان اوهان کي اهڙي شريعت عطا ڪئي جنهن جي ذريعي حقيقي محبوب جو تقرب حاصل ٿئي. (٢) ۽ علامه ثناءُ الله پاني پتي لکيو آهي ته: ان جي معنيٰ آهي ته الله عزوجل اوهان کي پنهنجي محبت ۽ عشق ۾ گهڻو اڳتي لڌو ته اوهان کي پنهنجي وصال جي لاءِ رهنمائي ڪيائين تانت اوهان "قاب قوسين اوادني" جي مقام تي فائز ٿيا. (٣) راقم الحروف جو قارئين ڪرام جي خدمت ۾ عرض آهي ته اها معنيٰ ۽ مراد وٺڻ ئي عقيدي ۽ ادب جي موافق ۽ صحيح آهي. والله اعلم.

"وَوَجَدَكَ عَآئِلاً فَاَغْنٰى" (۽ اوهان کي عيال وارو لڌائين پوءِ غني بنايائين) آيت جو مطلب آهي ته الله عزوجل اوهان کي عيالدار ڏٺو. (جو ته ساري امت سندن عيال آهي) پوءِ غني ڪري ڇڏيائين يا مالي لحاظ سان تنگدست ڏسي غني بنائي ڇڏيائين ظاهر ۾ غني ٿيڻ جي اها صورت هئي جو سيده خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها سان سندن شادي ٿي ۽ ان پنهنجي ملڪيت، مال ۽ هر شيءِ سندن حوالي ڪري ڇڏي ۽ سيني مائٽن جي موجودگيءَ ۾ اعلان ڪيائين ته هي مال هاڻي منهنجو ناهي حبيب عليه الصلواة والسلام جن جو آهي هاڻي سندن مرضي آهي هينئر جو هينئر ورهائي ڇڏين يا پاڻ وٽ رکن ان سائڻ جي وفات کان پوءِ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه سموري ملڪيت سندن نالي تي وقف ڪري ڇڏي پر حقيقي غنا سندن قلبي غنا آهي ڪين زمين جي سيني خزانن جون ڪنجيون عطا ڪيون ويون ۽ ڪائنات جي هر شيءِ سندن فرمان جي تابع رهي. هڪ ڏينهن پاڻ پنهنجي پاڪ حجره ۾ تشريف فرما هئا ڪاڏي نه ڪائڻ جي ڪري سندن پيٽ پاڪ پٽيءَ سان مليو هو اها حالت ڏسي سيده عائشه رضي الله عنها بي اختيار بنجي سندن پيٽ مبارڪ کي چمندي عرض ڪيو ته يارسول الله! پنهنجي رب کان ايترو ته گهرو جو ايترو ڪاڏي کان خالي نه رهو پاڻ فرمايائون ته: "اي عائشه! جيڪڏهن مان گهران ته هي سڀ جبل سون بنجي مون سان هلن" سندن اها مسڪيني، اضطراري، مجبوري نه هئي بلڪ سندن اختيار ۽ پسند هئي. (٤)

"فَاَمَّا الْيَتِيْمَ فَلَاتَقْهَرْ" (پوءِ يتيم تي سختيءَ نه ڪر) مطلب ته اوهان يتيم هئا الله

(١) سورة يوسف آيت ع ـ ٩٥ ـ (٢) الڪبير ص ـ ٢٢٧ ـ جزءُ ٣١ (٣) المظهري ص ـ ٢٨٦ ـ جلد ١٠ (٤) ضياءُ القرآن ص ـ ٥٩١ ـ جلد ٥

عزوجل اوهان کي هر طرح نوازيو ته اوهان به پنهنجي شفقت ۽ رحمت جا دروازا يتيمن جي لاءِ هميشه کليل رکو. يتيم کي خصوصي طور ان جي کري ذکر کيو ويو جو ان جو الله تعاليٰ کان سواءِ کو به مددگار ناهي. حضرت قتادة فرمايو ان مان مراد آهي ته "يتيم جي لاءِ مهربان پيءُ وانگر ٿيءُ".

يتيم جي لاءِ نبوي فرمان (علیٰ قائلها الصلواة والسلام)

١. حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "الله کان ڊڄو الله کان ڊڄو ان جي متعلق جنهن جو الله کان سواءِ ڪير ناهي" ٢. حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "مان ۽ يتيم کي سنڀاليندڙ، هنن ٻن (اشهد واري آگر ۽ وچين آگر) وانگر (جنت ۾ گڏ) هونداسون". ٣. نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن فرمايو ته "جنهن يتيم جي مٿي تي هٿ گهمايو ته ان کي (هٿ جي هيٺان ايندڙ) هر وار جي بدلي ۾ درجو ملندو".

محبوب عليه الصلواة والسلام جي اسم پاڪ جو ادب: مفسر ابو حفص دمشقي مذڪوره حديثن کان پوءِ ٿورو اڳتي هيءَ حديث به آندي آهي. حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "اِذَا سَمَّيْتُمُ الْوَلَدَ مُحَمَّدًا فَاَكْرِمُوْهُ وَوَسِّعُوْالَـهٗ الْمَجْلِسَ" (١) (جڏهن پٽ جو نالو محمد رکو ته ان جي عزت ڪيو ۽ مجلس ۾ ڪشادگي ڪري ان کي وهاريو).

"وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْؕ" (۽ پر سائل کي پوءِ نه جهڙڪ) يعني اي حبيب! سائلن کان تنگ اهو ٿيندو آهي جنهن کي پنهنجي سرمايي جي ختم ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي پر اوهان کي اوهان جي رب اهڙو غني بڻايو آهي جو اوهان کي عطا ڪيل خزانا ڪنڌائي ڪو نه ته پوءِ اوهان ڪنهن سائل کي نه جهڙڪيو اوهان هر سائل کي ان جي استعداد آهر ڏيندا رهو. حديث جي فن جي ماهر علامه شيخ عبدالحق محدث دهلوي عليه الرحمة لکيو آهي ته

معلوم ميشود که کار همه بدست همت وکرامت اوست هرچه خواهد هرکرا خواهد باذن پروردگار خودمی دهد

يعني معلوم ٿئي ٿو ته سڀني جا معاملا حضور صلي الله عليه وسلم جن جي هٿ مبارڪ ۽ سندن همت ۽ ڪرامت جي سپرد آهن جيڪو گهرن، جنهن کي گهرن پنهنجي پروردگار جي اذن سان عطا ڪن. هي شعر به محدث مذڪور لکيو آهي

(١) اللباب في علوم الكتٰب ص-٣٩٢/٣٩٣- جلد ٢٠

اگر خیریت دنیا و عقبیٰ آرزو داری
بدگارهش بیا و هر چه می خواهی تمنا کن (١)

يعني جيڪڏهن دنيا ۽ آخرت جي ڀلائيءَ جي تمنا رکين ٿو ته سندن درگاهه تي اچ ۽ جيڪي گهرين تمنا پيش ڪر.

"وَاَمَّا بِنِعْمَـةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ" (۽ پر پنهنجي رب جي نعمت جو بيان ڪر) مطلب ته الله عزوجل اوهان تي جيڪي انعام ڪيا آهن انهن جو اظهار ڪندي انهن تي الله جو شڪر ڪر. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو انسان ڪنهن تي احسان ڪري ته ان محسن جو به شڪر ڪجي جيئن حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنـه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليـه وسلم جن فرمايو "جيڪو ماڻهن جو شڪر نه ٿو ڪري اهو الله جو شڪر نه ٿو ڪري" (٢) ۽ نعمـة مان مراد ڇا آهي: ان ۾ مختلف قول آهن "١" ته ان مان مراد نبوت آهي "٢" ان مان مراد قرآن ڪريم آهي. خطاب حضور عليـه الصلواة والسلام جن سان آهي پر حڪم عام آهي حضور عليـه الصلواة والسلام جن به ان ۾ داخل آهن. علامـه قرطبي لکيو آهي ته اڳيان صالح ٻانها جيڪا رات جو عبادت ڪندا هئا ته الله عزوجل جي نعمت ڪي اظهار ڪرڻ جي لاءِ صبح جو ماڻهن سان بيان ڪندا هئا. (٣) سيدالمرسلين شفيع المذنبين عليـه الصلواة والسلام جن پاڻ به خداوندي نعمتن جو اظهار ڪندي فرمايو "اَنَا سَيِّدُ وُلْدِ آدَمَ يَوْمَ الْقِيٰمَـةِ وَلافخرو بيدي لُوَاءُ الْحَمْدِ وَلَافَخْرَ وَمَامِنْ نَّبِيٍّ يَوْمَئِذٍ آدَمُ وَمَنْ سِوَاهُ اِلَّاتَحْتَ لِوَائِيْ وَاَنَا اَوَّلُ مَنْ تَنْشَقُّ عَنْـه الْاَرْضُ وَلَافَخْرَ" (٤) (مان قيامت جي ڏينهن اولاد آدم جو سردار هوندس ۽ فخر ناهي ۽ منهنجي هٿ ۾ حمد جو جهنڊو هوندو ۽ فخر ناهي ۽ ڪو به نبي ان ڏينهن نه هوندو آدم ۽ ان کان سواءِ ٻيا مگر (سڀئي) منهنجي (هٿ ۾ هوندڙ حمد جي) جهنڊي هيٺان هوندا ۽ مان انهن مان پهريون هوندس جنهن تي زمين ڪلندي (ٻوءِ قبرن مان نڪرندا) ۽ فخر ناهي.

فائدا: مذڪوره آيتن جي متعلق هي فائدا به ملن ٿا. ١. "وَالضُّحٰى" (روشن ڏينهن جو قسم آهي) هن جي تفسير ۾ علامـه رازي عليـه الرحمـة لکيو آهي ته "اَلضُّحٰى" مان مراد حضور عليـه الصلواة والسلام جن جو منهن مبارڪ ۽ "اَلَّيْلِ" مان مراد سندن وار مبارڪ وٺڻ به ٿي سگهي ٿو ان ۾ ڪو استبعاد ناهي. ٢. ٻين فرمايو ته الضحيٰ مان مراد اهل بيت جا مرد ۽ الليل مان مراد انهن جون عورتون آهن. ٣. "اَلضُّحٰى" مان

(١) اشعـة اللمعات صـ٣٩٦ـ جلد اول فارسي (٢) خازن صـ٣٨٨ـ جلد ۴ (٣) القرطبي صـ١٠٢ـ جلد ٢٠ (۴) مشڪواة المصابيح صـ٥١٣ـ

مراد نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن جي علم جو نور آهي جنهن ۾ غيب محسوس ٿيندو آهي. (١) علامـــه آلوسي بہ لکيو آهي تہ "الضحيٰ" مان مراد خضور عليـــه الصلواة والسلام جن جو منهن مبارڪ ۽ رات مان مراد سندن ڪارا وار بہ ٿي سگهن ٿا. (٢) علامـه اسماعيل حقي بہ اهو لکيو آهي (٣) "مَاوَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰی" (نہ توکي تنهنجي رب ڇڏيو ۽ نہ ڪاوڙيو) هي ٻئي ماضيءَ (گذريل دور سان تعلق رکندڙ) صيغا ٻڌائي رهيا آهن تہ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن نبوت جي اظهار کان اڳي بہ معصوم، هر ننڍي وڏي گناهہ کان پاڪ هئا جو رب ڪريم مٿن ڪڏهن بہ ناراض نہ ٿيو ۽ نہ مٿن ڪاوڙ ڪري ڪين ڇڏيائين. ٦. "وَلَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌلَّكَ مِنَ الْاُوْلٰی" (اوهان جي پويان ايندڙ هر گهڙي اوهان جي لاءِ پهرينءَ گهڙيءَ کان بهتر آهي) هن مان معلوم ٿيو تہ حضور عليـه الصلواة والسلام جن جي ظاهري رحلت ڪرڻ کان پوءِ واري زندگي پهرين زندگيءَ کان ڀلي آهي جو ان ۾ ڪين هر وقت وصال الي الله ۽ هر رات معراج جي ڪيفيت ملي ٿي ۽ سندن اخروي زندگي دنيوي زندگيءَ ڪان ڀلي هوندي جو دنيا ۾ سندن شان ٻڌو ويو اتي اکين سان ڏٺو ويندو حضرت يوسف جو قدر مصر ۾ ٿيو ۽ حضور عليهما الصلواة والسلام جن جو قدر قيامت ۾ ٿيندو. اتي سندن مقام محمود، شفاعت ڪبريٰ ۽ سڀني نبين جي حق ۾ گواهي هوندي حوض ڪوثر ۽ ڪين وسيله نالي مقام عطا ڪيو ويندو. ٧. "وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰی" (۽ توکي تنهنجو رب جلد (ايترو) ڏيندو جو تون راضي ٿيندين) ان مان مراد آهي تہ ڪين دنيا ۾ بہ وڏا انعام عطا ٿيا، بي شمار معجزا، سندن آندل دين جو مشرق ۽ مغرب تائين پهچڻ ڪين سندن نياڻيءَ سيده فاطمـــه زهريٰ رضي الله عنها جي ذريعي بيشمار اولاد ۽ وڏي امت ملي، سندن ذڪر بلند ڪيو ويو برزخ ۾ سندن ئي سجاڻپ تي نجات جو مدار رکيو ويو يا عالم آخرت ۾ عطا ٿيندڙ نعمتن جو ذڪر آهي حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله عنـه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليـه وسلم جن حضرت ابراهيم (عليٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام) جي متعلق قرآن ۾ الله جو فرمان "فَمَنْ تَبِعَنِيْ فَاِنَّهٗ مِنِّيْ وَمَنْ عَصَانِيْ فَاِنَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ" (٤) (پوءِ جنهن منهنجي تابعداري ڪئي پوءِ بلاشڪ اهو مون مان آهي ۽ جنهن منهنجي بي فرماني ڪئي پوءِ بلاشڪ تون ئي بخشڻهار، مهربان آهين) (اهڙو ئي حضرت عيسيٰ عليٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جو قول بہ قرآن ۾ مذڪور آهي) پڙهي پوءِ پنهنجا ٻئي هٿ مٿي ڪٽي امتي

(١) الڪبير ص-٢٠٩- جزءُ ٣١ (٢) روح المعاني ص-١٩٦- جزءُ ٣٠ جلد ١٠ (٣) روح البيان ص-٤٥٣- جلد ١٠ (٤) سورة ابراهيم آيت ع-٣٦-

امتي چوندي روئڻ لڳا الله تعاليٰ (ان ڳالهہ کي وڌيڪ چاٽندڙ هجڻ جي باوجود) جبريل کي موڪليو تہ پڇي آ تہ ڇا لاءِ روئن ٿا؟ جبريل اچي پڇيو پاڻ ان کي ٻڌايائون تہ الله وري جبريل کي فرمايو تہ "وڃ کين چوءِ تہ اسين توکي تنهنجي امت جي متعلق راضي ڪنداسون ڏک نہ ڏينداسون." حضرت امام محمد باقر فرمايو تہ: اسان اهل بيت وٽ قرآن جي آيتن مان وڌيڪ اميد ڏياريندڙ هي آيت "وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى" آهي.(١) حضور عليہ الصلواة والسلام جن هيءَ آيت ٻڌي فرمايو تہ "جيڪڏهن منهنجو هڪ امتي جهنم جي باهہ ۾ هوندو تہ بہ مان راضي نہ ٿيندس" ۽ حضرت علي رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "مان پنهنجي امت جي ايتري شفاعت ڪندس جو مون کي منهنجو رب سڏي فرمائيندو تہ: اي محمد! (عليہ الصلواة والسلام) راضي ٿئين؟ مان عرض ڪندس تہ هائو اي منهنجا رب!" (٢) ٦. "وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ" (۽ پر پنهنجي رب جي نعمت پوءِ بيان ڪر) هن مان معلوم ٿيو تہ مسلمانن کي سيرت ۽ صورت اسلامي رکڻ گهرجي جو ان ۾ اسلام جهڙي نعمت تي شڪر جو اظهار آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ ميلاد شريف. يارهين شريف. بزرگن جا عرس ملهائڻ سهٺو عمل آهي جو ان ۾ بہ الله عزوجل جي نعمت تي شڪر جو اظهار آهي.(٣) هي مون خميس جي رات ساڍي نوين بجي بموءرخہ ١٧ ذوالقعد ١٤٢٦هہ الموافق ٢١/٢١/٢٠٠٥ع پنهنجي گهر ۾ لکي پورو ڪيو رب ڪريم کان دعا آهي تہ باقي رهيل بہ جلد پورو ڪرڻ نصيب ڪري. آمين.



(١) اللباب في علوم الڪتٰب ص ٣٨٦ جلد ٢٠ (٢) المظهري ص ٢٨٣ جلد ١٠
(٣) نورالعرفان ص ٩٧٦/٩٧٧

سورة "اَلْاِنْشِرَاحِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ به هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻيون آهن.

نالو مبارڪ: هن جو نالو "اَلْاِنْشِرَاحِ" آهي جيڪو هن ۾ ذڪر ڪيل لفظ "اَلَمْ نَشْرَحْ" جي مصدر آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، اٺ آيتون، ستاويهه ڪلما ۽ هڪ سوءَ ٽي (١٠٣) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويه حضرت عبدالله بن الزبير ۽ سيده عائشه رضي الله عنهم و عنها کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)


نزول: هيءَ سورة "سُوْرَةُ الضُّحٰى" کان پوءِ نازل ٿي هئي. (٣)

مضمون: نبوت جو بار ڪو معمولي بار نه هو اهو ئي اها امانت هو جنهن کي کڻڻ کان آسمانن ۽ جبلن به انڪار ڪيو هو. جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن ڪلمه ڪريم جي دعوت جو آغاز ڪيو ته مڪه مڪرمه جي ساري فضا ۾ شور برپا ٿي ويو ماڻهن جا نمونا متجي ويا هر منهن ۾ نفرت نظر اچڻ لڳي ان ناموافق حالات ۾ نبوت جي قلب لاءِ جيڪڏهن ڪو راحت ۽ سڪون جو پيغام ٿي سگهيو ٿي ته اهو ان جي پروردگار جو پيغام ئي ٿي سگهيو ٿي. جبريل امين حاضر ٿيو ۽ ڪين هيءَ سورة تلاوت ڪري ٻڌايائين جنهن جي هر آيت ۾ هڪ عظيم احسان جي ڳالهه هئي جنهن ذات عالي صفات عليه الصلواة والسلام کان پنهنجا به مُنهن مَٽي ويا هئا مائٽيون ڇني ڇڏيون هيائون ان کي هيءَ بشارت ڏني وئي آهي. "وَرَفَعْنَالَكَ ذِكْرَكَ" (۽ اسان تنهنجي لاءِ تنهنجي ذڪر کي بلند ڪيو آهي) صرف عرب جي واري‌اسي علائقي ۾ نه صرف زمين تي نه پر اوهان جو ذڪر عرش برين تي به آهي جتي ڪائنات جي خالق جو ذڪر هوندو اتي اوهان جو به ذڪر هلندو رهندو. ڪين ٻڌايو ويو آهي ته ڏکن سان گڏ سک اچڻ وارا آهن اوهان جو ڪم هي آهي ته جيئن ديني دعوت ڏيڻ کان فارغ ٿيو ته الله عزوجل جي ياد ۽ ان جي عبادت ۾ مشغول ٿي وڃو.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳيئن سورة ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جو شان بيان ٿيل آهي تيئن هن ۾ به سندن ئي شان جلوه گر آهي.

(١) خازن ص-٣٨٨ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور ص-٥۴٧ جلد ٨ (٣) حدائق الروح والريحان ص-١٠٦ جلد ٣٢

پلايون ۽ برڪتون: مفسر ابو حفص لکيو آهي تہ: جنهن شخص هيءَ سورة پڙهي تنهن ڄڻ تہ حضور عليـــہ الصلواة والسلام جي غمگين دل جا غم لاهي ڇڏيا. (١) والله اعلم.



وَهِيَ ثَمَانِ ايَاتٍ	سُوْرَةُ الْاِنْشِرَاحِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ
۽ اها ٨ آيتون آهي	سورة الانشراح مڪي آهي	۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ (١) وَوَضَعْنَا عَنْكَ وِزْرَكَ (٢) الَّذِيْٓ اَنْقَضَ

ڇا نہ ڪوليو اسان تنهنجي لاءِ تنهنجو سينو ۽ لاٿو اسان توتان تنهنجو اهو بار جو ڳرو هو تنهنجي

ظَهْرَكَ (٣) وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ (٤) فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا (٥) اِنَّ

پُٺي تي ۽ بلند ڪيو اسان تنهنجي لاءِ تنهنجو ذڪر پوءِ بيشڪ تنگيءَ سان گڏ آساني آهي بيشڪ

ع ١ ١٩ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا (٦) فَاِذَا فَرَغْتَ فَانْصَبْ (٧) وَاِلٰى رَبِّكَ فَارْغَبْ (٨)

تنگيءَ سان گڏ آساني آهي پوءِ جڏهن فارغ ٿين پوءِ محنت ڪر ۽ پنهنجي رب ڏانهن پوءِ رغبت رک

تفسير

جيئن اڳيئن سورة ۾ حضور عليـــہ الصلواة والسلام جن تي ڪيل نعمتن جو ذڪر هو تيئن هن ۾ بہ مٿن الله عزوجل جي احسانن ۽ انعامن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آهي. "اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ" "نشرح" شرح ڪان ورتل آهي شرح جي معنيٰ ڪندي علامـــہ آلوسي عليـہ الرحمـة لکيو آهي. هي لفظ اصل ۾ ڪشادي هجڻ جي مفهوم ادا ڪري ٿو ڪنهن الجهيل ۽ مشڪل ڳالهہ ڪي وضاحت ڪرڻ ڪي بہ شرح چوندا آهن ۽ ان لفظ جو استعمال دلي مسرت ۽ قلبي خوشيءَ جي لاءِ بہ ٿيندو آهي. اڳتي لکيو اٿس شرح صدر جي هيءَ مفهوم بہ ورتي ويندي آهي تہ نفس جي قدسي قوت ۽ الهي انوار

(١) اللباب في علوم الكتٰب صـ٤٠٤ـ جلد ٢٠

سان اهڙي تائيد ڪئي وڃي جو اهو معلومات جي قافلن لاءِ ميدان بڻجي وڃي انسان جي اندر جيڪي ملڪ هوندا آهن انهن جي ستارن لاءِ آسمان بڻجي وڃي ۽ قسمين قسمين تجليات جي لاءِ عرش بڻجي وڃي جڏهن ڪنهن جي اها ڪيفيت ٿيندي آهي ته ان کي هڪ حالت ٻيءَ حالت کان مشغول نه ڪندي آهي ان وٽ مستقبل، حال ۽ ماضي برابر هوندا آهن هتي وڏيڪ مناسب اها ئي مراد آهي ٿورو اڳتي لکيو اٿس، پوءِ آيت جي معنيٰ هيءَ آهي ته: "الم نفسح صدرك حتي حوي عالمي الغيب والشهادة وجمع بين مملكتي الاستفادة والافادة فما صدك الملابسـة بالعلائق الجسمانيـة عن اقتباس انوار الملكات الروحانيـة وماعاقك التعلق بمصالح الخلق عن الاستغراق في شئون الحق"(١) مطلب ته (ڇا اسان اوهان جي سيني (پاڪ) کي ڪشادو نه ڪيو جو غيب ۽ شهادت جي جهانن تي حاوي ٿي ويو آهي ۽ ان ۾ فائدو وٺڻ ۽ فائدو ڏيڻ جا ٻئي جهان گڏ ٿي ويا آهن جسماني تعلقات سان اوهان جي روحاني ملڪات جي انوار کي حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ ناهي خلق جي ڀلائيءَ ڪرڻ جي تعلق هوندي اوهان کي الهي معرفت جي استغراق ۾ ڪا رڪاوٽ ناهي) علامـه ثناءُ الله پاني پتي عليـه الرحمة به اهڙو ئي تفسير لکيو آهي. (٢) شبير احمد عثماني لکيو آهي ته الله اوهان جي سيني کي کولي ان ۾ علوم ۽ معارف جا سمنڊ لاهي ڇڏيا آهن نبوت جي لوازم ۽ رسالت جي فرائض برداشت ڪرڻ جو وڏو وسيع حوصلو ڏنو آهي تانت بيشمار دشمنن جي عداوت ۽ مخالفن جي مزاحمت هوندي به ڪنهن قسم جي گهبراهٽ محسوس نه ڪيو. (٣) حضور عيلـه الصلواة والسلام جن خلق سان تعلق جي ڪري خالق کان غافل ناهن ۽ خالق سان مشغول هجڻ جي باوجود خلق ڏانهن بي توجـه ناهن سندن سينو الله تعاليٰ جي نور ۽ ان جي طرفان عطا ڪيل سڪون سان ڪليل رهيو ۽ ڪليل آهي. (٤) ۽ ظاهري طرح به مختلف حڪمتن ۽ مصلحتن جي ڪري سندن پاڪ سينو کوليو ويو هو جن جو تفصيل نبوي سيرت جي ڪتابن ۽ ڪجهه تفسيرن ۾ لکيل آهي پر علامه آلوسي ۽ عثماني صاحب لکيو آهي ته هن آيت سان انهن شرحن جو تعلق قوي قول ناهي. (٥) "وَوَضَعۡنَا عَنكَ وِزۡرَكَ ٱلَّذِيٓ أَنقَضَ ظَهۡرَكَ" (۽ اسان توتان تنهنجو اهو بار جيڪو تنهنجي پٺيءَ (پاڪ) تي ڳرو هو لاهي ڇڏيو) هن آيت جو ترجمو شاهه ولي الله محدث دهلوي عليـه الرحمـة اهو لکيو آهي "آن بار که گران کرده پشت ترا" (٦)

(١) روح المعاني ص٢١٢ـ جزءُ ٣٠ جلد ١٠ (٢) المظهري ص٢٩٠ـ جلد ١٠ (٣) حاشيه عثمانيـه، ص٧٩٥ـ (٤) حدائق ص١٠٧ـ جلد ٣٢ (٥) ساڳين تفسير جا ساڳيا صفحا (١) ترجمـه شاهه ولي الله دهلوي فارسي

اهو ڳرو بار ڇا هو؟

اهو ڳرو بار ڇا هو جيڪو الله عزوجل پنهنجي حبيب ڪريم عليــه الصلواة والسلام جي پاڪ پٺيءَ تان لاهي ڇڏيو؟ مفسرن جا ان ۾ متعدد قول آهن. ١. حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جي پاڪ دل کي سندن قوم جو ڪليل گمراهيءَ ۾ هجڻ گهڻو تڪليف ڏيندو هو انهن کي سڌي واٽ ڏسڻ جو الله عزوجل قرآن ڪريم لاهي ڪين نبوت جي اظهار ۽ اعلان جو حڪم ڏنو ان سان اهو بار لهي ويو. ٢. نبوت ۽ رسالت جو بار برداشت ڪرڻ جي توفيق ڏيڻ سان اهو هلڪو ٿيو. ٣. يا ان مان مراد آهي ته سندن جي لاءِ شرعي تڪليف محبوب، مرغوب ۽ سندن طبيعت بنجي وئي تانجو پاڻ فرمايائون ته "وجعلت قرة عيني في الصلواة" (۽ منهنجي اکين جو ٺار نماز ۾ ڪيو ويو آهي) ۽ هي مرتبو جنهن کي الله تعاليٰ ڳرو بار لاهڻ سڏيو آهي صوفياءَ ان کي حقيقي ايمان سڏيو آهي ۽ اهو اعليٰ مرتبو حضور عليـــه الصلواة والسلام جن کي ظاهري ۽ ڪلي مليو هو ۽ سندن امت جي اولياءَ کي سندن ٿي ذريعي باطني طور ملندو آهي ۽ اهو نفس جي فنا ۽ وجود کي گم ڪرڻ سان ملندو آهي ۽ ان تي صوفياءَ ڪرام خوش ٿيندا آهن هي حضرت مجدد الف ثاني جو قول آهي ۽ بعض جو قول ته ان مان مراد سندن نبوت جي اظهار ڪان پهريون غلطيون آهن (معاذالله) اهو قول بالڪل غلط آهي ڇو ته حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جو شان غلطين ڪان پاڪ، ارفع ۽ اعليٰ آهي.(١) مطلب ته اسان اوهان کي هر طرح آساني عطا ڪئي آهي.

"وَرَفَعۡنَا لَكَ ذِكۡرَكَ" (۽ اسان تنهنجي لاءِ تنهنجي ذڪر کي بلند ڪيو آهي) امام بخاري حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنــه ڪان ۽ ان حضرت نبي ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جن ڪان روايت آندي آهي ته پاڻ جبريل ڪان هن آيت جي متعلق پڇيائون ان عرض ڪيو ته الله فرمايو آهي ته "جڏهن منهنجو ذڪر ڪيو ويندو ته اوهان جو ذڪر بہ مون سان گڏ ڪيو ويندو." علامـــه ثناءُ الله پاني پتي عليـــه الرحمـــة هن حديث کي لکي پوءِ فرمايو ته: هن آيت ۽ حديث مان ثابت آهي ته ملا اعليٰ وارا (ملائڪ) جڏهن الله جل وعلا جو ذڪر ڪن ٿا ته حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جو بہ ذڪر ڪن ٿا ۽ سندن نالو عرش تي لکيل آهي ۽ بغوي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي ته لوح محفوظ جي شروعات ۾ "لَآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحۡدَهٗ دِيۡنُـهُ الۡاِسۡلَامُ وَ مُحَمَّدٌ عَبۡدُهٗ وَرَسُوۡلُـهٗ" (الحديث) لکيل آهي يعني (هڪ الله ڪان سواءِ

(١) المظهري ص۔٢٩١۔ جلد ١٠

ڪو بہ معبود بالحق ناهي ۽ محمد (عليـــه الصلواة والسلام) ان جو پانهو ۽ ان جو رسول آهي) عطاءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: ذڪر کي بلند ڪرڻ مان مراد بانگ، تڪبير، تشهد، ۽ منبرن تي خطبي ۾ سندن ذڪر آهي ۽ جيڪڏهن ڪو شخص الله جي عبادت ڪري ۽ ان کي هر شيءِ ۾ سچو سمجهي پر حضور (عليـــه الصلواة والسلام) جن جي رسالت جي شاهدي نہ ڏي تہ اها عبادت ڪو فائدو نہ ڏينديس ۽ ڪافر رهندو. حضرت حسان بن ثابت رضي عنـــه فرمايو آهي

"اَغَرُّ عَلَيۡهِ لِلنُّبُوَّةِ خَاتَمٌ"
"مِنَ اللهِ مَشۡهُوۡدٌ يَلُوۡحُ وَيَشۡهَدُ"

گهڻو چمڪندڙ، ان تي نبوت ختم آهي (يا ان تي نبوت جي مهر لڳل آهي) الله جي طرفان چمڪي تي ۽ ڏني وڃي ٿي.

"وَضَمَّ الۡاِلٰهُ اسۡمَ النَّبِيِّ اِلٰى اِسۡمِهٖ"
"اِذۡقَالَ فِي الۡخَمۡسِ الۡمُؤَذِّنُ اَشۡهَدُ"

۽ الله نبي جو نالو پنهنجي نالي سان ڳنڍيو آهي جڏهن بانگ ڏيندڙ پنجن نمازن جي بانگ ۾ اشهد چوندو آهي.

"وَشَقَّ لَهٗ مِنۡ اِسۡمِهٖ لِيُجِلَّهٗ"
"فَذُوا الۡعَرۡشِ مَحۡمُوۡدٌ وَهٰذَا مُحَمَّدٌ"

۽ ان جي لاءِ پنهنجي اسم مان (نالو مبارڪ) ڪڍيائين پوءِ عرش جو رب محمود آهي ۽ هي محمد آهي (عليـه الصلواة والسلام).

۽ هڪ قول آهي تہ ذڪر جي مٿي ڪرڻ مان مراد نبين عليهم الصلواة والسلام کان سندن جي لاءِ ميثاق وٺڻ آهي (١) اهڙي طرح علامـــه آلوسي ۽ مفسر قرطبي بہ آندو آهي بلڪ قرطبي لکيو آهي تہ سندن ذڪر عيدالفطر، عيدالاضحي، ايام تشريق، نائين ذوالحج جي ڏينهن، جمرن کي پٿرين هڻڻ، صفا ۽ مروه تي، نڪاح جي خطبـــه ۾، زمين جي مشرق ۽ مغرب ۾ هلندو رهي ٿو ۽ ان بہ لکيو تہ ڪيترو عابد ۽ هر ايمان واري ڳالهہ کي مڃيندڙ هجڻ جي باوجود جنهن حضور عليـــه الصلواة والسلام تي ايمان نہ آندو اهو ڪافر آهي (٢) اهڙي طرح علامـــه امين هرري لکيو آهي. (٣)

(١) المظهري ص۔٢٩١۔ جلد ١٠ (٢) روح المعاني ص۔٢١٧۔ جزءِ ٣٠ جلد ١٠. القرطبي ص۔١٠٦/١٠٧۔ جلد ٢٠ (٣) حدائق ص۔١١١۔ جلد ٣٢

"فَإِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۙ إِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۗ" (پوءِ بلاشڪ ڏکيائيءَ سان گڏ آساني آهي بلاشڪ ڏکيائيءَ سان گڏ آساني آهي) مطلب تہ اي حبيب! عليك الصلواة والسلام انهن ڏکيائين ۽ تکليف کان پريشان ٿيڻ جي ڪا ضرورت ناهي اسان جو اهو قانون آهي تہ هر تکليف کان پوءِ آساني ڪندا آهيون. ابن ابي حاتم حضرت انس بن مالک رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسالم جن وينا هئا ۽ سندن سامهون هڪ پٿر هو پاڻ فرمايائون تہ "جيڪڏهن تکليف هن پٿر ۾ اندر داخل ٿي وڃي تہ بہ آساني ان ۾ گهڙي ان کي ٻاهر ڪيندي" پوءِ الله عزوجل هيءَ آيت نازل فرمائي (١) "فَإِذَا فَرَغْتَ فَانْصَبْ ۙ وَإِلَىٰ رَبِّكَ فَارْغَبْ ۗ" (پوءِ جڏهن واندو ٿين تہ پوءِ محنت ڪر ۽ پنهنجي رب ڏانهن پوءِ رغبت رک) مطلب تہ جڏهن دنيوي امور ۾ مشغولين کان واندا ٿيو حالانڪ سندن اها بہ عبادت آهي تہ پوءِ وري ٻي عبادت ۾ مشغول ٿي پنهنجي رب ڏانهن رغبت رکو. علماءِ اعلام فرمايو آهي تہ: هن آيت مان خبر پوي ٿو تہ مومن ٻانهي لاءِ مناسب هي آهي تہ ان جا سمورا وقت الله عزوجل جي عبادت ۾ محو رهن ۽ دنيوي ڪاروبار کان جيئن ئي فرصت ملي تہ الله جلت صفاتــہ جي عبادت ۾ لڳي وڃي. حضرت ابن عباس مذڪوره ٻن آيتن جو هي تفسير ڪيو آهي تہ "جڏهن نماز کان فارغ ٿين تہ دعا ۾ مشغول رهي الله جل شانــہ کان پنهنجون حاجتون گهري وٺ". حضرت جنيد بغدادي عليــہ الرحمــة ان جي معنيٰ ڪئي آهي تہ "جڏهن خلق کان فارغ ٿين تہ حق جي عبادت ۾ مشغول ٿئي". (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا. ١. "أَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ" (ڇا اسان تنهنجي لاءِ تنهنجو سينو نہ کوليو آهي؟) مفسرن لکيو آهي تہ حضور عليــہ الصلواة والسلام جن خداوندي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو هو تہ يا الله! تو آدم کي ابوالبشر بنايو، حضرت ابراهيم کي خليل ڪيو، موسيٰ عليٰ نبينا وعليــہ الصلواة والسلام کي توراة ڏنو مون کي ڇا تو عطا ڪرين؟ ان جي جواب ۾ هيءَ سورة نازل ٿي.(٣) ياد رکڻ گهرجي تہ دل جا ٻہ دروازا آهن "١" روح ڏانهن، "٢" نفس ڏانهن، هتي سيني جي کولڻ مان مراد دل جو اهو دروازو کولڻ آهي جيڪو دل ڏانهن آهي مطلب هي ٿيو تہ اوهان جي پاڪ دل جو روح وارو دوازو کوليو ويو آهي. اوهان جي دل کي شيطان يا نفساني خيالات ۽ خواهشات ويجهائي نہ ايندا. اوهان بالڪل معصوم آهيو گناهہ جو اوهان وٽ تصور ئي نہ ٿو ٿي سگهي. ٢. "وَوَضَعْنَا عَنْكَ وِزْرَكَ"

(١) تفسير ابن ڪثير صـ٥٢٥ـ جلد ٤ (٢) القرطبي صـ١٠٨/١٠٩ـ جلد ٢٠
(٣) الدرالمنثور صـ٥٤٩ـ جلد ٨

(۽ اسان توکان تنهنجو بار هلڪو ڪيو) حضور عليـــه الصلواة والسلام جن ڪي عرب جي حالت ڏسي ڏک ٿيندو هو اهو الله عزوجل کين وعدو ڏنو تہ انهن ئي عربن مان اوهان جي ذريعي اهڙا چمڪدار موتي نڪرندا جن سان قيامت تائين دنيا روشن رهندي يا پاڻ امت جي گناهن جي فڪر ۾ هئا الله عزوجل کين شفاعت جو اذن عطا ڪري سندن دل تي جيڪو ڳرو بار هو اهو لاهي ڇڏيو. ۳. "وَرَفَعۡنَالَكَ ذِكۡرَكَ" (۽ اسان اوهان جي ڪري اوهان جي ذڪر کي بلند ڪيو) حضور عليـــه الصلواة والسلام جو ذڪر بلند ڪرڻ جا ڪيترا طريقا آهن "۱" انبياءِ ڪرامِ عليهم الصلواة والسلام کان سندن ذات پاڪ تي ايمان آڻڻ جو عهد ۽ ميثاق ورتو ويو. "۲" پين جو ذڪر فرش تي سندن ذڪر عرش تي بلڪ عرش کان بہ مٿي هليو ۽ هلي پيو. "۳" الله عزاسمـــه جي نالي پاڪ سان سندن پاڪ نالو بہ گڏ آهي پين نبين سڳورن کي نالن سان سڏيو ويو حضور عليـه الصلواة والسلام کي القاب سان ۽ "رَفَعۡنَا" ماضيءَ جي صيغي آڻڻ مان معلوم ٿيو تہ سندن ذڪر وحي جي نزول وقت بلند نہ ٿيو پر اڳيئي بلند ڪيل هو، آهي ۽ بلند رهندو ۽ جڏهن تہ ان کي الله عزوجل بلند ڪيو آهي تڏهن ڪير بہ ان کي هيٺ يا گهٽ ڪري نہ سگهندو جيئن ڪو سج ۽ چنڊ کي وسائي نہ ٿو سگهي. (۱) امام شافعي الرسالـــة ۾، عبدالرزاق، فريابي، سعيد بن منصور، عبد بن حميد، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم ۽ الدلائل ۾ بيهقي مجاهد کان "وَرَفَعۡنَالَكَ ذِكۡرَكَ" جي معنيٰ جو بيان آندو آهي تہ: منهنجو ذڪر تنهنجي ذڪر کان سواءِ نہ هوندو. (جتي) "اَشۡهَدَ اَنۡ لَاۤاِلٰـــهَ اِلَّا اللّٰهُ" پڙهيو ويندو اتي "اَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدً رَّسُوۡلُ اللّٰهِ" بہ پڙهيو ويندو. (۲)

(۱) نورالعرفان ص۹۷۸ـ (۲) الدرالمنثور ص۵۴۸ـ جلد ۸

سورة "التِّيۡنِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون سمجهڻ نهايت مفيد آهن.

نالو مبارڪ: هن پاڪ سورة جو نالو "التِّيۡنِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت جو پهريون لفظ آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن سورة مبارڪ ۾ هڪ رڪوع، اٺ آيتون، چوٽيهه ڪلما ۽ هڪ سؤ پنج حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن الضريس، النحاس، ابن مردويه ۽ بيهقي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: هن ۾ مذڪور لفظ "الۡبَلَدِ الۡاَمِيۡنِ" مان ظاهر آهي ته هيءَ سورة محبوب عليه الصلواة والسلام جن ٽي سندن نبوت جي اظهار کان بعد مڪي دور ۾ سورة "اَلۡفَجۡرِ" کان پوءِ لٿي هئي. (٣)


مضمون: بعض انهن شين ۽ مقامن جو قسم کڻي هن سورة جو آغاز ڪيو ويو آهي جن جو اولوالعزم رسولن عليهم الصلواة والسلام مان ڪنهن نه ڪنهن سان تعلق آهي پوءِ ٻڌايو ويو آهي ته اسان انسان جي پيدائش ان انداز سان ڪئي آهي جو صُوَري ۽ معنوي اعتبار سان اهو گهڻي خلق کان افضل ۽ اڪمل آهي. انساني عظمت جو تصور جيڪو قرآن ڪريم پيش ڪيو آهي دنيا جو فلسفي، نفسيات جو ڪو ماهر، عمرانيات جو ڪو استاد طبيعيات جي ڪو معلم ان جي واٽ جي دز کي به پهچي نه سگهيو آهي قرآن ڪريم انسان جي عظمت جو جيڪو نظريو پيش ڪيو آهي جڏهن ان جو مطالعو ڪيو وڃي ٿو ته ٻيا سڀ عقلمنديءَ جا مدعي ان جي اڳيان مڪتب جا ٻار نظر اچن ٿا. انسان کي "احسن تقويم" جي لقب سان سرافراز فرمائڻ کان پوءِ ان حقيقت کان به پردو کنيو ويو آهي ته انسانن مان ڪي فرد پنهنجي بلند مقام جي تقاضائن کي پٺيءَ جي پويان اڇلائي ڇڏين ٿا ۽ ايترو هيٺ لهي ٿا وڃن جنهن جو تصور به پهريان ڪري نه ٿو سگهجي البت ڪي ماڻهو قدردان آهن پنهنجي الله عزوجل جي طرفان عطا ڪيل نعمتن جو قدر ڪندي پنهنجي دامن ايمان ۽ صالح اعمال سان آباد رکن ٿا انهن جي لاءِ اڻ کٽ اجر آهي ان حقيقت کي بيان ڪرڻ کان

(١) خازن ص-٣٩٠ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور ص-٥٥٣ جلد ٨ (٣) حدائق الروح والريحان ص-١٢٣ جلد ٣٢

پوءِ قيامت قائم ڪرڻ ۾ جيڪا حڪمت آهي ان ڏانهن اشارو ڪيل آهي تہ جڏهن اهوئي احڪم الحاڪمين آهي تہ ان جي عدل ۽ انصاف جي هيءَ تقاضا آهي تہ هڪ ڏينهن اهڙو اچي ۽ ضرور اچي جڏهن هر شخص کي ان جي اعمال جي مطابق بدلو ڏنو وڃي. جيڪڏهن سچي زندگي گل پوکڻ ۽ خدمت ڪرڻ وارو ۽ ڪنڊا وڇائيندڙ ۽ ظلم ڪندڙ برابر رکيا وڃن تہ ان جهڙي بي انصافي ڪٿي هوندي؟ ڇا اهڙي احڪم الحاڪمين کان اهڙو فيصلو ٿي سگهندو؟ هرگز نہ.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ خلق خدا ۾ اڪمل حضور عليہ الصلواة والسلام جو شان هو ۽ هن ۾ انسان جي احسن هجڻ جو بيان آيل آهي. (١)

پلايون ۽ برڪتون: هن پاڪ سورة کي حضور عليہ الصلواة والسلام جن نماز ۾ پڙهندا هئا بخاري، مسلم ۽ اهل السنن وغيرهم حضرت براءَ بن عازب رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ "حضور عليہ الصلواة والسلام جن سفر ۾ هئا پوءِ عشا (سومهڻي) نماز پڙهايائون ۽ هڪ رڪعت ۾ "وَالتِّيْنِ وَالزَّيْتُوْنِ" پڙهيائون اهڙي سهڻي آواز سان اهڙي سهڻي قراءَة وري مون ڪڏهن نہ ٻڌي." (٢)



وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ	سُوْرَةُ التِّيْنِ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ ثَمَانِيْ اٰيَاتٍ
۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي	سورة التين مڪي آهي	۽ اها ٨ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

وَالتِّيْنِ وَالزَّيْتُوْنِ (١) وَطُوْرِ سِيْنِيْنَ (٢) وَهٰذَا الْبَلَدِ الْاَمِيْنِ (٣)

انجير جو ۽ زيتون جو قسم آهي ۽ برڪت واري طور جو ۽ هن امين شهر جو

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ (٤) ثُمَّ رَدَدْنٰهُ

البت تحقيق پيدا ڪيوسون انسان کي نهايت سهڻي صورت ۾ ان کان پوءِ موٽايوسون

(١) حدائق الروح والريحان ص ١٢٣ ـ جلد ٣٢ (٢) ساڳيو حوالو

فَلَهُمْ	الصّٰلِحٰتِ	اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا	اَسْفَلَ سَافِلِيْنَ (٥)
انهن جي لاءِ	۽ صالح عمل ڪيائون پوءِ	مگر جن ايمان آندو	ان کي هيٺان کان هيٺ حالت ۾
اَلَيْسَ اللهُ	فَمَا يُكَذِّ بُكَ بَعْدُ بِالدِّيْنِ (٧)		اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ (٦)
ڇا الله	پوءِ ڪير توکي ڪوڙو چوي ٿو ان کان پوءِ جزا ۽ سزا جي باري ۾		اڻ کٽ اجر آهي
			بِاَحْكَمِ الْحٰكِمِيْنَ (٨)
			حاڪمن جو حاڪم ناهي؟

تفسير

اڳيئن سورة ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي پاڪ سيني جي شرح جو ذڪر هو ۽ هن ۾ ان سيني کان فيض وٺڻ واري انسان جي خلقت ۽ حالت جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿيو آهي "وَالتِّيْنِ وَالزَّيْتُوْنِ" (انجير ۽ زيتون جو قسم آهي) "اَلتِّيْنِ" مان مراد ڇا آهي؟ ان ۾ مختلف قول آهن "١" تہ ان مان مراد خود انجير آهي. "٢" تہ ان مان مراد دمشق جي مسجد آهي. "٣" تہ دمشق وٽ هڪ جبل آهي. "٤" تہ اصحاب ڪهف جي مسجد آهي. "٥" تہ جودي جبل تي حضرت نوح عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي قائم ڪيل مسجد آهي. (١) جيڪڏهن کائڻ وارو انجير مراد آهي تہ ان جو قسم ان جي ڪري کنيو ويو آهي جو اهو لطيف ميوو آهي جلد هضم ٿيندڙ. ڪيترن مرضن کان نفعو ڏيندڙ آهي طبيعت کي نرم ڪندڙ، بلغم ڪيندڙ، مثاني مان ڪچري کي نيڪالي ڏيندڙ بدن کي ٿلهو بنائيندڙ. جگر کي مفيد آهي. حضرت ابوذر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم کي انجير پيش ڪيا ويا پاڻ کائي فرمايائون تہ "انجير کائو اهو بواسير کي ختم ڪري ٿو" (٢) علامه رازي لکيو آهي تہ انجير مصطفيٰ عليه الصلواة والسلام وانگر ٻين کي فائدو ڏي ٿو ۽ جنهن خواب ۾ انجير ڏٺو تہ ان کي گهڻو مال ملندو ۽ جنهن خواب ۾ انجير کاڌو ان کي الله عزوجل اولاد ڏيندو. علامه موصوف هڪ روايت آندي آهي تہ جڏهن حضرت آدم عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جن ڪڻڪ جو داڻو کاڌو ۽ ان جي جسم تان لباس لهي ويو تہ ان انجير جا پن بدن تي ڍڪيا ۽ جڏهن هيٺ لاٿو ويو تہ سندن بدن تي انجير جا پن هئا ۽ سندس خدمت ۾ جهنگل جون هرڻيون آيون پاڻ انهن کي انجير جا پن ڏنائون انهن کاڌا تہ صورت ۾ بہ سهڻيون ٿيون ۽ سندن ڏنن ۾ مشڪ پيدا ٿي ويو. جڏهن ٻين هرڻين ڏٺو تڏهن اهي بہ سندس خدمت ۾ آيون انهن کي بہ

(١) تفسير ابن ڪثير ص٥٢٦ ـ جلد ٤ (٢) حدائق الروح والريحان ص١٢٣ ـ جلد ٣٢

ڪارايائين پر انهن ۾ مشڪ پيدا نہ ٿيو ڇو تہ پهريون اخلاص سان الله عزوجل جي نبي علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي خدمت ۾ آيون هيون بيون مشڪ جي لالچ رکي آيون هيون فائدو اخلاص سان ملندو آهي. زيتون بہ پلو ميوو آهي هڪ لحاظ سان ميوو، ٻئي لحاظ سان ڀاڄي ٽئين لحاظ سان دوا آهي جنهن خواب ۾ زيتون جو پن ورتو اهو الله جي مضبوط ڪڙي کي وٺي رهيو آهي. (١) "وَطُورِ سِينِينَ" (۽ برڪت واري طور جو قسم آهي) طور مان مراد اهو جبل آهي جنهن تي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام الله عزوجل سان ڳالهايو هو ۽ "سِينِينَ" جي معنىٰ سهڻو، برڪت وارو. (٢) "وَهٰذَا الْبَلَدِ الْاَمِيْنِ" (۽ هن امين شهر جو قسم آهي) ان شهر مان مراد مڪہ مڪرمہ آهي جنهن ۾ جاهليت، ڪفر ۽ شرڪ جي دور ۾ بہ امن هو تہ اسلامي دور ۾ بہ امن هو ۽ آهي جيڪو ان ۾ داخل ٿيندو امن ۾ هوندو ۽ ان شهر ۾ ئي حضور عليہ الصلواة والسلام جن رسالت جو اظهار فرمايو ۽ توراة جي آخر ۾ ٽن مقامن جو ذڪر آهي "١" طور سيناء جو، "٢" بيت المقدس واري جبل جو جتان حضرت عيسىٰ عليہ الصلواة والسلام جو پيغام هليو، "٣" مڪہ مڪرمہ جي جبلن جو جتان حضور عليہ الصلواة والسلام جن رسالت جو اعلان فرمايو. مذڪور قسم ۾ اول شرف وارو پوءِ ان کان وڌيڪ شرف واري جو ذڪر ٿيو آهي. (٣) "لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ" (البت تحقيق اسان انسان کي تمام سهڻيءَ صورت ۾ پيدا ڪيو) هي اهو بيان آهي جنهن تي اهي مذڪور قسم کنيا ويا آهن تہ اسان انسان کي تمام سهڻي صورت ۾ پيدا ڪيو آهي. علامہ جمل لکيو آهي تہ اهو هيئن جو الله عزوجل هر روح واري شيءِ کي اهڙي نموني پيدا ڪيو جو ان جو منهن هيٺ آهي مگر ان انسان کي ڪڙو ڪري پيدا فرمايو آهي جو اهو کاڌي کي هٿ سان کڻي منهن ڏانهن پهچائي ٿو انسان کي علم، فهم، عقل، تميز، ڳالهائڻ ۽ ادب سان نوازيو ويو آهي ظاهر ۽ باطن ٻنهي جي لحاظ سان سهڻو آهي. (٤) "ثُمَّ رَدَدْنٰهُ اَسْفَلَ سَافِلِيْنَ" (ان کان پوءِ اسان ان کي هيٺ کان هيٺاهينءَ ڏانهن موٽايو) هن مان مراد ۾ ٻہ قول آهن "١" تہ اسان ان کي نهايت ٻڍڙو ۽ ضعيف بنايو ۽ سافلين مان مراد ضعيف، منڊا، ٽنڊا ۽ ٻار آهن گهڻو ٻوڙو ۽ ٻڍڙو انهن کان بہ جڏو هوندو آهي. (٥) "٢" تہ اسان ان کي جهنم جي هيٺين کان بہ هيٺين طبقي ۾ موڪليو ڇو تہ اهو جنهن مقصد جي لاءِ پيدا ڪيو ويو ان تي نہ هليو اهي سهڻيون صفتون پاڻ ۾ پيدا نہ ڪيائين. جيڪڏهن

(١) الڪبير صـ٩٠٨ـ جزءُ ٣٢ (٢) فتح القدير صـ٤٦٥ـ جلد ٥ (٣) ابن ڪثير صـ٥٢٦ـ جلد ٤ (٤) جمل صـ٥٥٨ـ جلد ٤ (٥) فتح القدير صـ٤٦٥ـ جلد ٥

ان مقصد تي صحيح هلي ها تہ اعليٰ عليين ۾ هجي ها. (۱) "اِلَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمۡ اَجۡرٌ غَيۡرُ مَمۡنُوۡنٍ ؕ" (مگر جن ايمان آندو ۽ صالح عمل كيائون پوءِ انهن جي لاءِ اڻ کٽ اجر آهي) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما هن جي معنيٰ هن طرح كئي آهي تہ جنهن كي اسان نهايت ٻڍڙو كيو پر اهو جوانيءَ ۾ ايمان سان گڏ صالح عمل كندو هو هاڻي پيرسن هجڻ جي كري نہ ٿو كري سگهي تہ ان لاءِ اهو جوانيءَ جي عمل وارو اجر جاري رهندو. مفسر ابن جرير بہ ان قول كي وڌيڪ اعتماد جي قابل لكيو آهي. (۲) حضرت انس رضي الله عنـــه كان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليـه وسلم جن فرمايو جڏهن مومن جسم ۾ كنهن مصيبت سان آزمايو ويندو آهي تہ الله ملائڪ كي فرمائي ٿو تہ ان جي لاءِ ان جو اهو صالح عمل لكندو رهہ جيكو (صحت جي دوران) كندو هو. (۳) "فَمَا يُكَذِّبُكَ بَعۡدُ بِالدِّيۡنِ ؕ" (پوءِ توكي ان كان پوءِ جزا سزا جي باري ۾ كير كوڙو چوي ٿو؟) يعني اي محبوب! عليـــه الصلواة والسلام اهڙين حجتن قائم كرڻ كان پوءِ اوهان كي دين جي باري ۾ كير كوڙو چوي ٿو؟ دين مان مراد الله عزوجل جي اطاعت ۽ جنهن حق جي پيغام سان اوهان كي الله موكليو ۽ هي تہ الله قبرن وارن كي جيئرو كري اتاريندو آهي ۽ هتي "ما" جو لفظ "من" جي معنيٰ ۾ آهي (۴) يا مراد آهي تہ: قيامت جي ڏينهن ۾ جزا يا سزا ملڻ جو جيكو نظريو اوهان بيان كيو آهي كير عقلمند ان كي كوڙو چوندو اها جراءَت كنهن ۾ آهي تہ جنهن شخص ساري عمر الله جلت صفاتـــه جي احكام كي ادا كرڻ ۾ گذاري جنهن پنهنجي آرام كي انسانن جي آرام لاءِ وقف كري ڇڏيو جنهن حق جي نور كي پكيڙڻ ۾ پنهنجي كوشش جاري ركي ان كي ان جي زندگي ير كوشش جو كو اجر نہ ملي ۽ جيكو پنهنجن براين ۾ مست رهيو ان كي سزا نہ ملي. "اَلَيۡسَ اللّٰهُ بِاَحۡكَمِ الۡحٰكِمِيۡنَ ؕ" (ڇا الله حاكمن جو حاكم ناهي) مطلب تہ الله عزوجل حاكمن جو بہ حاكم آهي ان جي شهنشاهيءَ جي اڳيان ٻيون سب حكومتون كجهہ بہ ناهن جڏهن هتي جا عارضي حاكم پنهنجي وفادارن كي انعام ۽ مجرمن كي سزا ڏين ٿا تہ ان احكم الحاكمين جي ذات ۾ اها توقع ڇو نہ ركجي؟

مسئلو: جڏهن كو شخص هيءَ آيت "اَلَيۡسَ اللّٰهُ بِاَحۡكَمِ الۡحَاكِمِيۡنَ" پڙهي تہ "بليٰ" لفظ چوي، حضور عليـه الصلواة والسلام جن ائين پاڻ بہ چوندا هئا ۽ چوڻ جو حكم بہ فرمايو اٿن. (۵)

(۱) تفسيرالقاسمي صـ۱۹۸ـ جزء۱۷ جلد ۱۰ (۲)ابن جرير صـ۱۵۹ـ جزء۳۰ جلد۱۲ (۳) المظهري صـ۲۹۸ـ جلد ۱۰ (۴) تفسير ابن جرير جزء ۳۰ جلد ۱۲ (۵) الدرالمنثور صـ۵۵۹ـ جلد۸

فائدا: مذكوره آيتن مان هي فائدا بہ سمجهہ ۾ اچن تا. ١. "وَالتِّيْنِ وَالزَّيْتُوْنِ وَطُوْرِ سِيْنِيْنَ وَهٰذَا الْبَلَدِ الْاَمِيْنِ" ۾ چئن شين جو قسم کنيو ويو آهي جن ۾ پہ وڻ آهن هڪ انجير، ٻيو زيتون، ٽيون جبل، چوٿون شهر يعني مڪہ مڪرمہ. انهن جو خصوصي طور قسم کڻڻ جو وجہ هي ٿي سگهي ٿو تہ اهي ٻئي وڻ گهڻي برڪت ۽ گهڻي نفعي وارا آهن جيئن طور جبل ۽ مڪہ مڪرمہ شهر گهڻي برڪت وارا آهن ۽ اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هتي تين ۽ زيتون مان مراد اها جاءِ آهي جتي هي وڻ گهڻا پيدا ٿين ٿا ۽ اهو شام ملڪ آهي جيڪو انبياءَ علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام جو مرڪز رهيو حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام بہ اتي رهندڙ هو ان کي هجرت جو حڪم مليو تڏهن مڪہ مڪرمہ ۾ آيو اهڙي طرح انهن قسمن ۾ اهي مقدس مقامات بہ شامل آهن جتي خاص خاص انبياءَ عليهم الصلواة والسلام پيدا ٿيا ۽ رسالت جو اعلان ڪيائون شام جو ملڪ عام نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام جو وطن ۽ مسڪن رهيو. طور جبل حضرت موسىٰ جي الله عزوجل سان ڳالهائڻ واري جاءِ آهي ۽ "سِيْنِيْنَ" (برڪت وارو) ان جبل جي هجڻ واري جاءِ آهي ۽ مڪہ مڪرمہ خاتم النبين حضور عليہ الصلواة والسلام جي ڄمڻ جي ۽ ڪو وقت رهڻ جي جاءِ آهي. (٢) ٢. "اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ" مان معلوم ٿيو تہ انسان تمام سهڻي صورت ۾ پيدا ٿيل آهي الله عزوجل جي ڪيترن صفتن حياتي سان گڏ عالم، قادر، متڪلم، سميع، بصير، مدبر ۽ حڪيم آهي ۽ اهي صفتون حقيقي طور الله جون آهن جيئن بخاري ۽ مسلم جي روايت ۾ آيو آهي تہ "الله آدم کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو" ان مان مراد اها ٿي ٿي سگهي ٿي تہ انسان الله عزوجل جي ڪجهہ صفتن جو مظهر آهي نہ تہ الله تعالىٰ تہ هر صورت کان پاڪ آهي. (١) انسان الله جي مخلوق ۾ حسين آهي ظاهر جي اعتبار سان بہ تہ باطن جي اعتبار سان بہ حسن جي لحاظ سان بہ تہ ظاهري جسم جي ٺهڻ جي لحاظ سان بہ غور ڪبو تہ انسان هڪ فيڪٽري آهي انسان هڪ ننڍو جهان آهي. هن سورة پاڪ جو تفسير آچر جي رات بوقت ڏهہ لڳي پنجن منٽن بمؤرخہ ٢٢ ذوالقعدة ١٤٢٦هہ الموافق ٢٠٠٥/١٢/٢۴ع تي لکي پور ڪيو.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) معارف القرآن صـ٧٧۴ ـ جلد ٨
(٢) القرطبي صـ١١۴ـ جلد ٢٠

سورة "الْعَلَق" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ ﻫﻲ ﺳﺖ ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالومبارڪ: هن سورة جو نالو "الْعَلَقِ" آهي جيڪو هن جي ٻيءَ آيت ۾ ذڪر ڪيل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، اوڻويهه آيتون، ٻيانوي ڪلما ۽ ٻه سؤ اسي حرف آهن. (١)



مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه، حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: ڪيترن محدثن روايتون آنديون آهن ته: حضور عليه الصلواة والسلام تي پهرين سورة "اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ" نازل ٿي هئي. (٣) ۽ ان سورة جون پهريون پنج آيتون اول نازل ٿيون ٻيون آيتون پوءِ نازل ٿيون هيون. (٤)

مضمون: جيئن لکي آيا آهيون ته هيءَ سورة ٻن حصن ۾ ورهايل آهي پهريون پنج آيتون ڪٺي جبريل امين غار حرا ۾ تشريف فرما ٿيو هو ۽ ان پهرئين وحي جي پڙهڻ لاءِ عرض ڪيو هيائين ۽ سورة جو ٻيو حصو بعد ۾ ان وقت نازل ٿيو جڏهن حضور عليه الصلواة والسلام جن حرم شريف ۾ نماز پڙهڻ شروع ڪئي سندن عبادت جو انداز مڪه مڪرمه وارن جي لاءِ نهايت نرالو هو ماڻهو کين ڏسي حيران ٿيندا هئا ۽ اتاهين لنگهي هليا ويندا هئا پر ابوجهل جيڪو جهالت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو ان کان پاڻ تي ڪنٽرول ٿي نه سگهيو ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي حرم ۾ عبادت کان روڪڻ لڳو ۽ کين ڌمڪيون به ڏيڻ لڳو هتي ان جي مثان ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ "لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ" آيو ۽ هن ۾ "خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ" ٻنهي صورتن ۾ انسان جي خلقت جو بيان آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: روايت آهي ته هن سورة جي جنهن تلاوت ڪئي ڄڻ قرآن پاڪ جو ٽيون حصو تلاوت ڪيائين.

(١) خازن ص ٣٩١ ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور ص ٥٦٠ ـ جلد ٨ (٣) حدائق ص ١٤١ ـ جلد ٣٢ (٤) ضياءُ القرآن ص ٢٠٩ ـ جلد ٥ (٥) اللباب في علوم الڪتٰب ص ١٣٥ ـ جلد ٢٠

وَهِيَ تِسۡعَ عَشۡرَةَ اٰيَةً	سُوۡرَةُ الۡعَلَقِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيۡهَا رُكُوۡعٌ وَاحِدٌ
۽ اها ١٩ آيتون آهي	سورة العلق مكي آهي	۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الَّذِيۡ خَلَقَ ۚ (١) خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ مِنۡ عَلَقٍ ۚ (٢) اِقۡرَاۡ

پڙهه نالو رب پنهنجي جو جنهن پيدا ڪيو پيدا ڪيائين انسان کي رت جي دڳ مان پڙهه تون

وَ رَبُّكَ الۡاَكۡرَمُ ۙ (٣) الَّذِيۡ عَلَّمَ بِالۡقَلَمِ ۙ (٤) عَلَّمَ الۡاِنۡسَانَ مَالَمۡ

۽ تنهنجو رب وڏي عزت وارو آهي جنهن علم سيکاريو قلم سان سيکاريائين انسان کي اهو جو نه

يَعۡلَمۡ ؕ (٥) كَلَّاۤ اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَيَطۡغٰۤى ۙ (٦) اَنۡ رَّاٰهُ اسۡتَغۡنٰى ؕ (٧)

ڄاتائين هرگز نه بيشڪ انسان البت سرڪشي ڪري ٿو هن سببان جوڏنائين پاڻ کي ته غني بنجي ويو

اِنَّ اِلٰى رَبِّكَ الرُّجۡعٰى ؕ (٨) اَرَءَيۡتَ الَّذِيۡ يَنۡهٰى ۙ (٩) عَبۡدًا اِذَا صَلّٰى ؕ (١٠)

بيشڪ تنهنجي رب ڏانهن موٽڻ آهي ڇاڏٺو تو ان کي جيڪوروڪي ٿوپانهي کي جڏهن نماز پڙهيائين

اَرَءَيۡتَ اِنۡ كَانَ عَلَى الۡهُدٰٓى ۙ (١١) اَوۡ اَمَرَ بِالتَّقۡوٰى ؕ (١٢) اَرَءَيۡتَ اِنۡ

ڇا ڏٺو تو جيڪڏهن اهو هدايت تي هجي يا امر ڪري تقويٰ جو ڇا ڏٺو تو جيڪڏهن

كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ؕ (١٣) اَلَمۡ يَعۡلَمۡ بِاَنَّ اللّٰهَ يَرٰى ؕ (١٤) كَلَّا لَئِنۡ لَّمۡ

ڪوڙو ڄويو ۽ پٺي ڏئي ويجي ڇا نه ڄاتائين ته بيشڪ الله ڏسي ٿو هرگز نه البت جيڪڏهن نه

يَنۡتَهِ ۙ لَنَسۡفَعًۢا بِالنَّاصِيَةِ ۙ (١٥) نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ خَاطِئَةٍ ۚ (١٦)

رڪجندو ته البت گھليندا سون ان کي پيشانيءَ جي وارن کان پيشاني ڪوڙي خطا ڪندڙ

فَلۡيَدۡعُ نَادِيَهٗ ۙ (١٧) سَنَدۡعُ الزَّبَانِيَةَ ۙ (١٨) كَلَّا ؕ

پوءِ پلي سڏي گڏ ويهندڙن پنهنجن کي جلد سڏينداسون جهنم جي ملائڪن کي هرگز نه

لَاتُطِعْهُ	وَاسْجُدْ	وَاقْتَرِبْ ع (١٩) السجدة
نہ چونڻ کر ان جو ۽	سجدو کر ۽	وڏيڪ ويجھو ٿي

تفسير

اڳيئن سورة ۾ بيان ٿيو تہ الله احڪم الحاڪمين آهي ۽ هن سورة ۾ ان احڪم الحاڪمين جي طرفان حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي ان رب جي نالي سان پڙهڻ جو حڪم ٿي رهيو آهي "اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِيْ خَلَقَ" (پنهنجي ان رب جي نالي سان پڙهہ جنهن پيدا ڪيو) قرآن ڪريم جي جمهور مفسرن جو قول آهي تہ سڀ کان پهريان هن سورة جون پهريون پنج آيتون نازل ٿيون هيون ان سلسلي ۾ سيده عائشہ رضي الله عنها کان صحيح روايت آيل آهي جيڪا بخاريءَ ۽ مسلم پنهنجي صحيحين ۾ آندي آهي ان جو خلاصو هي آهي ام المؤمنين فرمايو تہ وحي جي ابتداءَ سچن خوابن جي صورت ۾ ٿي هئي جيڪو خواب پاڻ رات جو ڏسندا هئا تہ صبح جو اهو ئي ٿيندو هو ڪجهہ عرصو سلسلو جاري رهيو پوءِ حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي خلوت ۾ ويهڻ پسند آيو (مڪہ مڪرمہ شهر کان ڪجهہ ميلن جي پنڌ تي هڪ غار آهي جنهن کي غار حرا سڏيندا آهن ان جو رستو تمام ڏکيو آهي) حضور پرنور عليہ الصلواة والسلام جن ان غار ۾ تشريف وٺي ويندا هئا ڪجهہ ڏينهن اتي عبادت ڪندا هئا وري گهر موٽي ايندا هئا ۽ ڪجهہ ڏينهن گهر ۾ رهي کائڻ پيئڻ جون ڪجهہ شيون پاڻ سان کڻي غار حرا ۾ اچي عبادت ۾ مصروف رهندا هئا ۽ ڪافي وقت سندن اهو دستور رهيو. هڪ رات پاڻ ان غار ۾ ذڪر فڪر ۾ مصروف هئا تہ جبريل اچي کين عرض ڪيو تہ "اقرا" "پڙهو" حضور عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو "ما انا بقاريءَ" (مان پڙهندڙ ناهيان) جبريل کين سيني سان لڳائي زور ڏنو ۽ وري چيائين تہ "پڙهو" پاڻ فرمايون تہ "مان پڙهندڙ ناهيان" جبريل ٻيو ڀيرو کين ڀاڪر پائي زور ڏئي چيو "اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ" کان "مَالَمْ يَعْلَمْ" تائين پوءِ پاڻ اهي پنج آيتون تلاوت فرمايائون پاڻ ان حالت کان پريشان رهندي گهر ۾ آيا ۽ ام المؤمنين سيده خديجہ ڪبريٰ رضي الله عنها کي فرمايائون تہ "زملوني زملوني" (مون کي چادر ويڙهيو، مون کي چادر ويڙهيو) ڪجهہ دير کان پوءِ ام المومنين سائڻ کي فرمايائون تہ "هي ڳالهہ جان جي انديشي جهڙي آهي" سيده وڏي عقلمند هئي ان کين تسلي ڏيندي عرض ڪيو تہ "اوهان کو انديشو نہ ڪيو الله جل جلالہ اوهان کي ڪڏهن بہ رسوا نہ ڪندو اوهان مائٽي ڳنڍيندا، ماڻهن جو بار کڻندا، مسڪينن جي

مدد كندا ۽ مهمان نوازي كندا آهيو" ان كان پوءِ اها" كين ورقــة بن نوفل وٽ وٺي آئي جيكو سائڻ جو سوٽ هو ۽ ان جاهليت جي دور ۾ عيسائي مذهب اختيار كري چكو هو ۽ انجيل كي عبراني زبان مان عربيءَ ۾ ترجمو كندو هو نهايت پوڙهو هو نظر بہ بند ٿي وئي هيس، ام المومنين سيده خديجـــه رضي الله عنها ان كي چيو تہ "اي سوٽ! پنهنجي ڀائٽيي جي ڳالھ ٻڌو" ورقـــه چيو تہ ٻڌايو اوهان ڇا ڏٺو آهي؟ حضور عليـه الصلواة والسلام جن ان كي سموري حقيقت ٻڌائي ورقـه چيو تہ "اوهان وٽ اهو نـاموس (وحي آڻڻ وارو ملائك) آيو آهي جيكـو حضرت موسيٰ عليٰ نبينا وعليـه الصلواة والسلام تي نازل ٿيندو هو كاش! مان ان وقت طاقتور هجان، كاش! مان ان وقت زندھ هجان جڏهن اوهان جي قوم اوهان كي جلا وطن كندي" حضور عليـه الصلواة والسلام جن فرمايو تہ "ڇا مون كي منهنجي قوم هتان كڍندي؟" ورقـه چيو تہ جيكو بہ اها شيءِ آڻيندو جيكا اوهان آندي آهي تہ ان كي ايذاءُ ڏنا ويا، جيكڏهن مان ان وقت زندھ هوندس تہ تنهنجي مدد كندس ان كان پوءِ ورقـه جلد وفات كئي. (١) بعض علماءَ سورة "مُدَّثِّرُ" كي پهرين سورة قرار ڏنو آهي ۽ بعض علماءَ سورة "فَاتِحَـــةَ" كي، مگر جمهور سلف ۽ خلف وٽ صحيح هي آهي تہ سڀ كان پهريان سورة "اقرا" جون پهريون پنج آيتون نـازل ٿيون هيون ۽ جن بزرگـن سورة "مدثر" كي پهرين سورة سڏيو آهي انَ جو وجـه هي هيو تہ سورة "اِقْرَاْ" جي پنجن آيتن كان پوءِ قرآن پاك جو نزول كجھ وقت بند رهيو ان كي زمانـــهءِ فترت سڏيو ويو آهي ان كان پوءِ اوچتو جبريل سڳورو سندن سامهون آيو ۽ سورة "مُدَّثِّرُ" جون آيتون نازل ٿيون ۽ فترت كان پوءِ اچڻ جي لحاظ سان ها پهرين سورة آهي ۽ جن سورة "فَاتِحَـــةَ" كي پهرين سورة سڏيو آهي اها ان لحاظ سان جو اول پوري سورت اها لٿي هئي باقي مذكوره سورتن جون كجھ كجھ آيتون اول نازل ٿيون هيون. (٢) اقراءَ سورة جي پنجن آيتن جي نزول كان پوءِ كيترو وقت وحي جو نزول نہ ٿيو ان ۾ هك روايت آهي تہ اڍائي سال، ٻي روايت ۾ آهي تہ ٽي سال. (٣) "اِقْرَاْ" كي "بِاسْمِ رَبِّكَ" سان گڏ آڻڻ ۾ ان طرف اشارو آهي تہ قرآن كريم جڏهن بہ پڙهيو وڃي تہ الله جي نالي سان يعني بسم الله الرحمن الرحيم سان پڙهيو وڃي. ۽ ان ۾ "بِاسْمِ رَبِّكَ" سان اهو بہ اشارو آهي تہ: حضور عليـه الصلواة والسلام جن جو چوڻ "مان پڙهندڙ ناهيان" ان موجوده حالات جي لحاظ سان هو جڏهن رب جو نالو ذكر ٿيو تہ پاڻ پڙهيائون

(١) الدرالمنثور ص۔٥٦١۔ جلد ٨ (٢) معارف القرآن ص۔٢٨٢۔ جلد ٨ (٣) المظهري ص۔٣٠٢۔ جلد ١٠

ڇو تہ رب العزة جل وعلا ظاهر ۾ ڪنهن وٽ نہ پڙهندڙ ڪي پڙهائڻ تي بہ قادر آهي ان نبي، امي، عليه الصلواة والسلام کي اعليٰ علوم، خطاب جو سليقو، فصاحت ۽ بلاغت جو اهو درجو ڏنو جنهن جي اڳيان دنيا جا وڏا وڏا پڙهيل بہ عاجز آهن. (١) "خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ" (انسان کي رت جي دڳ مان پيدا ڪيائين) هتي انسان جي خلقت جو خصوصي طور ان جي ڪري ذڪر ڪيو ويو جو اهو الله عزوجل جي قدرت جو شاهڪار آهي ان کي رت جي دڳ مان پيدا ڪرڻ ان جي قدرت جي عظمت جو روشن دليل آهي ۽ انسان کي بہ ان حقيقت کان آگاهہ ڪيو ويو تہ اهو غرور جو شڪار نہ ٿئي. "اِقْرَاْ وَرَبُّكَ الْاَكْرَمُ" (پڙهہ ۽ تنهنجو رب وڏو ڪريم آهي) مطلب تہ اي محبوب اوهان قرآن ڪريم پڙهو جنهن رب جي نالي سان پڙهو ٿا اهو خالق ۽ رب هجڻ سان گڏ وڏو ڪريم آهي اڪرم جي معنيٰ جيڪو ڪنهن غرض کان سواءِ انعام ڏي احسان فرمائي ۽ ايترو نوازي جنهن جو شمار ڪري نہ سگهجي. "الَّذِيْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ" (جنهن قلم سان تعليم ڏني) يعني ان جي شان ڪريميءَ جو هڪ جلوه هي آهي جو ان قلم کي تعليم جو واسطو بنايو علم جي پکيڙڻ ۾ قلم جو جيڪو حصو آهي اهو تعارف جو محتاج ناهي اهو ئي علم جي اشاعت جو ذريعو آهي جنهن سان سلف صالحين جو مواد پويَن تائين پهتو آهي. "عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَالَمْ يَعْلَمْ" (انسان کي اهو سيکاريائين جيڪو ڄاڻندو نہ هو) مطلب تہ انسان وٽ جيڪي بہ علوم ۽ فنون آهن الله جل شانہ جا سيکاريل ۽ عطا ڪيل آهن سڀ معرفتون، اسرار، انڪشافات ۽ ايجادات ان جي بي پايان علم جون نهرون آهن جيترو گهري، جڏهن گهري، جنهن کي گهري عطا ڪري ٿو. علامہ آلوسي لکيو آهي "والاشعار بانہ تعاليٰ يعلمہ عليہ الصلواة والسلام من العلوم مالا يحيط بہ العقول مالا يخفي" (٢) يعني هن آيت مان اشارو ملي ٿو تہ الله تعاليٰ پنهنجي محبوب عليہ الصلواة والسلام کي اهي علوم عطا ڪندو جيڪي عقل جي احاطي کان ٻاهر آهن. علامہ ثناءُ الله پاني پتي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ انسان مان مراد حضور عليہ الصلواة والسلام هجن اهو بہ احتمال آهي پوءِ جبريل عليہ السلام وارن ٽن زورن سان الله تعاليٰ کين اولين ۽ آخرين جا علوم عطا ڪري ڇڏيا. (٣) "كَلَّآ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَيَطْغٰىٓ اَنْ رَّاٰهُ اسْتَغْنٰى" (هر گز نہ بيشڪ انسان البت سرڪشي ڪري ٿو ان سببان جو پاڻ کي ڏٺائين تہ غير محتاج ٿيو آهي) هي آيتون پهريُن آيتن جي نزول کان ڪافي دير پوءِ نازل ٿيون هيون هنن ۾

(١) معارف القرآن ص-٧٨٤ـ جلد ٨ (٢) روح المعاني ص-٢٣١ـ جزءُ ٣٠ جلد ١٠
(٣) المظهري ص-٣٠٥ـ جلد ١٠

پهريان پڌايو ويو آهي تہ ڪم عقل انسان جڏهن مال ۽ دولت وارو ٿيندو آهي تہ سرڪشي ڪندو الله عزوجل جو بي فرمان ٿيندو آهي ۽ ان جي پياري رسول عليہ الصلواة والسلام جي بہ اطاعت نہ ڪندو آهي. "اِنَّ اِلٰى رَبِّكَ الرُّجْعٰىؕ" (بيشڪ تنهنجي رب ڏانهن موٽڻ آهي) يعني اول بہ ان پيدا ڪيو آهي وري ان ڏانهن ئي موٽڻو آهي پوءِ ان سرڪشيءَ جي خبر پوندي. "اَرَاَيْتَ الَّذِيْ يَنْهٰىۙ عَبْدًا اِذَا صَلّٰىؕ" (ڇا تو ان کي ڏٺو آهي جيڪو ٻانهي کي جڏهن اهو نماز پڙهي ٿو تہ روڪي ٿو) يعني ان جي سرڪشي ڏسو جو پاڻ تہ الله عزوجل جي اڳيان نہ ٿو جهڪي پر جيڪو ٻانهو الله جلت صفاتہ جي اڳيان جهڪي نماز پڙهي ٿو ان کي بہ روڪي ٿو نماز پڙهندڙ ٻانهي مان مراد حضور عليہ الصلواة والسلام جن آهن ۽ روڪڻ واري مان مراد ابوجهل آهي جيڪو کين نماز پڙهندي ڏسندو هو تہ روڪيندو، ڌمڪيون ۽ دڙڪا ڏيندو هو. (١) "اَرَاَيْتَ اِنْ كَانَ عَلَى الْهُدٰىۙ اَوْ اَمَرَ بِالتَّقْوٰىؕ" (يعني اي روڪڻ وارا ڇا تو ڏٺو آهي تہ جيڪڏهن اهو نماز پڙهندڙ هدايت تي هجي ۽ تقويٰ جو امر ڪري تہ ان کي روڪيندڙ تباهہ نہ ٿيندو؟) "اَرَاَيْتَ اِنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰىؕ اَلَمْ يَعْلَمْ بِاَنَّ اللّٰهَ يَرٰىؕ" (ڇا ڏٺو ٿو؟ جيڪڏهن ڪوڙو چيائين ۽ پٺي ڦيرايائين ڇا نہ ڄاتائين تہ بيشڪ الله ڏسي ٿو) مطلب تہ قرآن ۽ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوي ٿو ۽ پٺي ڏئي ٿو تہ بيهي ڇا اهو نہ ٿو ڄاڻي تہ الله تعاليٰ ان کي ڏسي رهيو آهي. "كَلَّا لَئِنْ لَّمْ يَنْتَهِ ڏ لَنَسْفَعًۢا بِالنَّاصِيَةِۙ نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ خَاطِئَةٍۚ" (هرگز نہ البت جيڪڏهن نہ رڪجندو تہ البت ضرور (ان کي) پيشاني کان پڪڙينداسون جيڪا پيشاني، ڪوڙي خطادار هوندي) يعني جيڪڏهن ابوجهل نماز کان روڪڻ واري عادت کان باز نہ ايندو تہ اسين ان کي سندس ڪوڙي، خطادار پيشانيءَ کان وٺي جهنم ۾ اڇلائينداسون. روايت آهي تہ ابوجهل حضور عليہ الصلواة والسلام جن کان لنگهيو پاڻ ان وقت نماز پڙهي رهيا هئا پوءِ کين چوڻ لڳو تہ ڇا اسان توکي ان کان روڪيو ناهي ان چوڻ کان پوءِ نهايت سخت گالهائڻ لڳو تہ حضرت حبيب پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن بہ کيس سخت جواب ڏنو پوءِ چوڻ لڳو تہ مون سان سخت ٿو گالهائين مون جيڪڏهن سڏ ڪيو تہ ساري وادي ماڻهن سان ڀرجي ويندي پوءِ هيءَ اڳين آيت لٿي (٢) "فَلْيَدْعُ نَادِيَهٗۙ سَنَدْعُ الزَّبَانِيَةَۙ" (ڀلي پنهنجي گڏ ويهڻ وارن کي سڏي اسين بہ جلد عذاب جي ملائڪن کي سڏينداسون) مطلب تہ اسين اهڙن طاقتور ملائڪن کي سڏينداسون جن مان هر هڪ هزارن کان طاقتور هوندو اهي هن کي ڇڪي جهنم ۾ اڇلائيندا. "كَلَّا لَا تُطِعْهُ وَاسْجُدْ

(١) القرطبي صـ١٢٤ـ جلد ٢٠ (٢) روح البيان صـ٤٧٧ـ جلد ١٠

وَاقْتَرِبْ ۩ (هر گز نہ ان جي ڳالھ نہ مڃ ۽ سجدو ڪر ۽ قرب (خداوندي) حاصل ڪر) الله عزوجل پنھنجي محبوب عليه الصلواة والسلام کي فرمايو تہ: ان ڪوڙي بدڪردار جو چوڻ نہ مڃيو پنھنجي رب پاڪ کي سجدا ڪندا رهو ۽ ان جي عبادت سان ان جو قرب حاصل ڪندا رهو.

فائدا: مذڪوره آيتن سان واسطو رکندڙ هي فائدا آهن. ١. هن سورة جي شان نزول مان هيءَ ڳالھيون معلوم ٿين ٿيون "١" بزرگن جا چاليها ۽ ڏها ڪيڻ جن ۾ دنيا جو ڇڏڻ، دنيا کان بي رغبت رهڻ ۽ حيوانيات جو ترڪ ڪرڻ برحق آهي رب العزة جل شانہ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام کي قرآن ۽ حضرت موسيٰ کي توراة ان صورت ۾ رهندي عطا ڪيو هو. "٢" ڪامل مرشد جو مريد کي سيني سان لڳائي فيض ڏيڻ برحق آهي جيئن جبريل خضور عليه الصلواة والسلام سان سينو ملايو ۽ اهو خداوندي فيض جو ذريعو بڻيو. "٣" حضور عليه الصلواة والسلام جن نبوت جي اظهار کان پهريان بہ الله جا عارف، زاهد ۽ دنيا جا تارڪ هئا. نماز فرض تہ معراج واري رات ٿي پر پاڻ اڳ ۾ ئي بيت المقدس ۾ نبين عليهم الصلواة والسلام کي نماز پڙهائي هيائون. "٤" هن آيت جي پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ تي تلاوت جو سجدو واجب آهي صحيح مسلم ۾ حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن هيءَ آيت پڙهي تلاوت جو سجدو ڪيو هو. (١)

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون گنهگار سورة الانشراح جو تفسير ڇنڇر جي ڏينهن صبح جو ٨ لڳي چاليهن منٽن تي بموءرخه ٢١ ذوالعقده ١٤٢٦ھ الموافق ٢٠٠٥/١٢/٢٤ع ۽ سورة العلق جو تفسير آچر جي ڏينهن شام جو ٣ لڳي ٥٠ منٽن تي بموءرخه ٢٢ ذوالعقدة ١٤٢٦ھ الموافق ٢٠٠٥/١٢/٢٥ع پنھنجي گھر ۾ لکي پورو ڪيو رب العالمين جل وعلا جي بارگاھ ۾ دل سان عاجزي ڪندي دعا آهي تہ اهو ڪرم ڪري رهيل سورتن جو تفسير بہ جلد کان جلد لکڻ جي نعمت سان نوازي آمين ثم آمين يا الہ العلمين بحرمة النبي الامين عليه وعليٰ آلہ واصحبہ الصلواة والسلام الي يوم الدين.

الفقير المستغيث الى الله المغيث محمد ادريس عفي عنہ

(١) معارف القرآن ص-٧٨٩- جلد ٨. المظهري ص-٣٠٩- جلد ١٠

سورة "الْقَدْرِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ بہ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻيون آهن.

نالو مبارڪ: هن جو نالو "اَلْقَدْرِ" آهي جيڪو هن جي ٻي آيت ۾ ذڪر ڪيل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، پنج آيتون، ٽيهہ ڪلما ۽ هڪ سؤ ٻارهن حرف آهن. (١)

مڪيہ آهي يا مدنيہ؟ ابن مردويہ، حضرت ابن عباس ۽ سيده عائشہ رضي الله عنهما وعنها کان روايت آندي آهي تہ هيءَ سورة مڪہ مڪرمہ ۾ نازل ٿي هئي.(٢) ۽ علامہ ابوحيان اندلسي چيو تہ هيءَ مدنيہ آهي واحدي فرمايو تہ مدينہ منوره ۾ نازل ٿيندڙ پهرين سورة هيءَ آهي پر تفسير جي ماهرن اڪثر عالمن جو قول آهي تہ هيءَ مڪہ مڪرمہ ۾ نازل ٿي هئي. (٣)

نزول: هيءَ سورة مبارڪ "سورة عَبَسَ" کان بعد نازل ٿي هئي. (٤)

مضمون: قدر جي معنيٰ تقدير ۽ قسمت بہ آهي تہ عزت ۽ مرتبو بہ آهي هتي ٻئي معنائون ٿي سگهن ٿيون الله عزوجل ٻڌايو آهي تہ اها رات معمولي رات ناهي بلڪ اها رات آهي جنهن ۾ الله عزوجل جي ان ڪلام معجز نظام جي نزول جي ابتداءَ ٿي جيڪو قسمت ۽ تقدير کي تبديل ڪرڻ وارو آهي ڪنهن هڪ شخص يا قبيلي يا ملڪ جي نہ بلڪ انساني نوع جي انهن سڀني فردن جي جيڪي ان کي قبول ڪن ٿا ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو پڪو ارادو رکن ٿا ۽ وري ان ۾ ڪنهن زماني جي تخصيص ۾ ناهي جيئن هن رسول عليہ الصلواة والسلام جي رسالت ڪنهن زماني جي قيد کان آزاد آهي تيئن ان جو آندل ڪلام بہ زماني جي حدود کان آزاد آهي يا ان رات جي عزت بيان ڪئي وئي آهي جنهن ۾ هي هدايت وارو ڪتاب نازل ٿيڻ شروع ٿيو ٻڌايو ويو آهي تہ هن رات جي ڀلائي ۽ برڪت هزار مهينن کان وڌيڪ آهي هن سڄي رات ۾ ملائڪن جي آمد ۽ رحمتن جي نزول جو سلسلو جاري رهندو آهي ۽ سلامتيءَ جون بشارتون ڏنيون وينديون آهن.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ قرآن ڪريم جي پڙهڻ جو حڪم ۽ ذڪر هو ۽ هن ۾ ان جي نزول ٿيڻ واري رات جو شان ٻڌايو ويو آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: ثعلبي حضرت ابي رضي الله عنہ کان مرفوع روايت آندي آهي

(١) خازن صـ٣٩٥ـ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور صـ٥٦٧ـ جلد ٨ (٣) ضياءُ القرآن صـ٦١٧ـ جلد ٥ (۴) حدائق صـ١٧٩ـ جلد ٣٢

تہ: جنهن سورة "اَلْقَدْرِ" پڙهي تہ جڻ رمضان جا روزا رکيائين ۽ ليلــــة القدر جاڳي عبادت سان زندہ ڪيائين. (۱)



وَهِيَ خَمْسُ اٰيَاتٍ	سُوْرَةُ الْقَدْرِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَّاحِدٌ
۽ اها ۵ آيتون آهي	سورة القدر مڪي آهي	۽ ان ۾ ۱ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ (۱) وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا لَيْلَةُ الْقَدْرِ (۲)

بيشڪ اسان نازل ڪيو ان کي قدر جي رات ۾ ۽ ڪنهن ڄاڻايو توکي تہ ڪهڙي آهي قدر جي رات

لَيْلَةُ الْقَدْرِ خَيْرٌ مِّنْ اَلْفِ شَهْرٍ (۳) تَنَزَّلُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ فِيْهَا

قدر جي رات بهتر آهي هزار مهينن کان لهن ٿا ملائڪ ۽ روح ان ۾ پنهنجي

بِاِذْنِ رَبِّهِمْ مِّنْ كُلِّ اَمْرٍ سَلٰمٌ هِيَ حَتّٰى مَطْلَعِ الْفَجْرِ (۵)

رب جي اذن سان هر امر سان سلام اهو فجر جي اڀرڻ تائين آهي

وقف النبي صلى الله عليه وسلم — معانقة ۱۸ — ع ۲ — الثلاثة

تفسير

اڳيئن سورة ۾ قران ڪريم جي پڙهڻ جو حڪم هو ۽ هن ۾ ان جي علت بيان ڪئي وئي آهي جڻ تہ ڇيو ويو قرآن پڙهہ ڇو تہ ان جو قدر وڏو آهي. محمد بن نصر حضرت انس رضي الله عنہ کان مرفوع روايت آندي آهي تہ اها قرآن جي چوٿين جصي جي برابر آهي ۽ ڪيترن شافعي مذهب وارن ذڪر ڪيو آهي تہ: وضوء کان پوءِ ان جو پڙهڻ سنت آهي (۲) فرمان عاليشان آهي "اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ" (بيشڪ اسان ان کي قدر جي رات ۾ نازل ڪيو آهي) "ہ" ضمير جمهور مفسرن وٽ قرآن ڪريم ڏانهن وري ٿو مطلب تہ اسان قرآن ڪريم جي نزول جي شروعات قدر جي رات ۾ ڪئي ان کان پوءِ ضرورت جي مطابق ٿورو ٿورو ٿي ٽيويهہ سال لهندو رهيو ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ: انسان اهڙي دستور جو محتاج هو جيڪو سندن لاءِ الله

(۱) اللباب في علوم الكتٰب صـ۱۳۵ـ جلد ۲۰ (۲) روح المعاني صـ۲۴۱ـ جزء ۳۰ جلد ۱۰

تعاليٰ جي طرفان اهي مسئلا کولي ٻڌائي جن ۾ اهي منجهيل هئا ۽ انهن لاءِ ٻهرين خلقت ۽ مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿي اٿڻ واري ٻي خلقت بہ واضح ڪري. "وَمَآ اَدۡرٰىكَ مَالَيۡلَةُ الۡقَدۡرِ" (۽ توکي ڪنهن ڄاڻايو تہ قدر جي رات ڇا آهي؟) هن مان ان رات جي فضيلت ۽ شان ڏانهن متوجه ڪيو ويو آهي مقصد تہ ان جي فضيلت ۽ شان جي بلندي درايت ۽ عقل کان مٿي آهي. "لَيۡلَةُ الۡقَدۡرِ خَيۡرٌ مِّنۡ اَلۡفِ شَهۡرٍ" (قدر جي رات هزار مهينن کان ڀلي آهي) ڇو تہ اها رات آهي جنهن ۾ هدايت جو نور چمڪيو ۽ اها جديد شريعت جي کوليندڙ آهي جنهن ۾ انسان جو خير آهي ۽ ان ۾ هن دين جو پيڙهہ جو پٿر رکيو ويو آهي جيڪو دين آخري دين آهي هر زمان ۽ مکان جي لاءِ آهي اها رات انهن هزار مهينن کان ڀلي آهي جن ۾ هيءَ ناهي (۱) هن هڪ رات جي عبادت جو ثواب هزار مهينن جي عبادت کان وڌيڪ آهي.

قدر لفظ سان سڏڻ جو وجه

ان ۾ مفسرن جا مختلف قول آهن علامہ نسفي لکيو آهي تہ: قدر تقدير جي معنيٰ ۾ آهي پوءِ ليلة القدر جي معنيٰ امور جي تقدير ۽ فيصلي ڪرڻ جي رات يا ان سان ان جي ڪري سڏي وئي آهي جو ٻين راتين کان وڏي شان واري آهي ۽ اها رمضان جي ستاويهين تاريخ آهي حضرت امام ابو حنيفہ عاصم کان اها روايت آندي آهي. حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنہ قسم کڻي فرمائيندو هو تہ اها ستاويهين رات آهي ۽ جمهور جو قول بہ اهو آهي. (۱) امام زهري عليہ الرحمة فرمايو تہ ان کي قدر واري رات شرف ۽ عظمت جي ڪري سڏيو ويو آهي جو ان ۾ ڪيل عمل الله وٽ قدر وارو آهي (مظهري) ۽ علامہ قرطبي عليہ الرحمة ان کي قدر واري رات سڏڻ جا وجہ هيئن بيان ڪيا آهن ۱. تہ قدر جي معنيٰ تقدير، ان کي تقدير جي رات ان جي ڪري سڏيو ويو آهي جو الله عزوجل جيئن گهرندو آهي تيئن پنهنجي امر کي مقدر بنائي ايندڙ سال تائين موت، رزق، اجل وغيره امر مدبرات جي حوالي ڪندو آهي ۽ اهي مدبرات اسرافيل، ميڪائيل، عزرائيل ۽ جبرائيل عليهم السلام آهن ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ مينهن، حياتي، موت تانجو حج جو معاملو بہ لکيو ويندو آهي حضرت عڪرمہ فرمايو تہ قدر جي رات ۾ حاجين جا نالا انهن جي پيئرن جي نالن سميت لکيا ويندا آهن ۲. تہ اها ان نالي سان ان جي ڪري سڏي وئي آهي جو ان ۾ قدر وارو ڪتاب قدر واري نبي عليہ الصلواة والسلام جي مٿان قدر واري امت جي لاءِ لاٿو ويو آهي. (۳)

(۱) المراغي ص ـ۲۰۷/ ۲۰۸ـ جزء ۳۰ جلد ۱۰ (۲) مدارڪ ص ـ۳۷۰ـ جزء ۴ (۳) القرطبي ص ـ۱۳۰ـ جلد ۲۰

"تَنَزَّلُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ مِّنْ كُلِّ اَمْرٍ سَلٰمٌ" (ان ۾ ملائڪ ۽ روح پنهنجي رب جي اذن سان هر امر جي لاءِ سلام آهي) مطلب تہ ان رات ۾ ملائڪ ۽ روح الله جي اذن سان لهن ٿا هرَ امر لاءِ لهن ٿا جيئن حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن ارشاد فرمايو تہ قدر جي رات ۾ جبريل ملائڪن جي وڏي جماعت سان گڏ لهندو آهي پوءِ جيڪو بہ ٻانهو بيٺي يا ويٺي الله جو ذڪر ڪندو هوندو ان تي رحمت موڪلين ٿا هڪ روايت ۾ هيئن بہ آهي تہ ان سان هٺ ملائڻ ٿا آيت ۾ آيل لفظ "الرُّوْحُ" مان مراد جبريل امين آهي ان ڪي خصوصي طرح جدا ان جي شان جي ڪري ذڪر ڪيو ويو آهي. بعض علماءَ هيئن فرمايو آهي تہ "الرُّوْحُ" ملائڪن جو هڪ قسم آهي جيڪو عام ملائڪن کان گهڻو لطيف آهي جيئن اسين ملائڪن کي نہ ٿا ڏسي سگهون تيئن عام ملائڪ انهن کي سندن لطافت جي ڪري ڏسي نہ سگهندا آهن ۽ بعض علماءَ فرمايو تہ الروح مان مراد رحمت آهي يعني ملائڪن جو اهو ٽولو پاڻ سان رحمت جا خزانا بہ کڻي ايندو اهي هر امر مان مراد اهي سمورا ڪم آهن جن جي باري ۾ الله عزوجل هڪ سال تائين فيصلو ڪري ڇڏيو آهي "سَلٰمٌ" مان مراد آهي تہ هيءَ رات امن ۽ سلامتي جي رات آهي ان ۾ نفس ۽ شيطان جو دخل عابدن کي عبادت ۾ پريشان نہ ٿو ڪري وڏي سڪون سان اهي پنهنجي رب جي عبادت مان لطف اندوز ٿيندا رهندا آهن. "هِيَ حَتّٰى مَطْلَعِ الْفَجْرِ" (اها حالت فجر جي اڀرڻ تائين رهندي آهي) حضرت شاه عبدالعزيز محدث دهلوي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ ان رات ۾ آسمان کان ملائڪ ۽ اعليٰ عليين کان ارواح هيٺ لهي اچن ٿا تانت باڪمال انسانن سان ملاقات ڪن ۽ انهن جي اعمال جي انوار کان روشني حاصل ڪن ۽ پنهنجي محبوب، معبود جي محبت جو جذبو جيڪو انهن جي سينن ۾ جوش ڪري رهيو آهي ان جي لذت مان حصو حاصل ڪن. (١)

قدر جي رات جون پلايون

١. ابن ابي حاتم ۽ واحدي مجاهد کان روايت آندي آهي تہ: "رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن بني اسرائيل مان هڪ شخص جو ذڪر ڪيو جنهن هٿيار ڪٺي هزار مهينا في سبيل الله جهاد ڪيو هو" مسلمان اهو ٻڌي عجب ۾ پيا پوءِ الله عزوجل هيءَ سورة نازل ڪري ٻڌايو تہ قدر واري هڪ رات جي عبادت ان جي هزار مهيني کان ڀلي آهي.

(١) ضياءُ القرآن ص٦٢٠/٦٢١۔

٢. امام مالڪ موطا ۾ آندو آهي ته: حضور عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي امت وارن جي ٿوري عمر تي سوچيو ته اهي ايترا عمل نه ڪري سگهندا جو ٻين ڊگهي عمر وارن ڪي پهچن ان جي ڪري الله تعاليٰ کين قدر جي رات ڏني. علامه پاني پتي لکيو آهي ته هن مان ثابت ٿيو ته قدر جي رات هن امت کي خصوصي طور مليل آهي.(١) ٣. ابن المنذر ضحاڪ کان روايت آندي آهي ته قدر جي رات ۾ تارن جا اُمَرٌ نظر نه ايندا ۽ سعيد بن منصور ۽ ابن المنذر منصور بن زا ذان کان روايت آندي آهي ته قدر واري رات ايندي ئي ملائڪ هر مومن تي سلام ڪندا رهندا ۽ چوندا السلام عليك يا مومن! اي مومن تو تي سلام آهي. ۴. ديلمي حضرت انس رضي الله عنه کان ان نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کان روايت آندي آهي پاڻ فرمايائون ته "اِنَّ اللّٰهَ وَهَبَ لِاُمَّتِيَ لَيۡلَةَ الۡقَدۡرِ وَلَمۡ يَعۡطِهَا مَنۡ كَانَ قَبۡلَهُمۡ" بيشڪ الله منهنجي امت کي قدر جي رات ڏني آهي ۽ اها اڳين امتن کي نه ڏني هيائين. ٥. ابو داؤد ۽ طبراني ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته رسول الله عليه وسلم جن کان ليلة القدر جي باري ۾ پڇيو ويو پاڻ فرمايائون ته اها هر رمضان ۾ هوندي آهي. (٢)

فائدا: مذڪوره آيتن کي غور سان پڙهڻ سان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "اِنَّآ اَنۡزَلۡنٰهُ" (اسان ان کي نازل ڪيو آهي) مان معلوم ٿيو ته قرآن ڪريم ڪنهن ملائڪ يا ڪنهن انسان جو ڪلام ناهي نه انهن مان ڪنهن هڪ فرد يا علمي مجمع جي تصنيف آهي ان کي لاهڻ وارا اسين آهيون اهو اسان جو ڪلام آهي. ٢. قدر جي رات کي مخفي رکڻ ۾ اها حڪمت آهي ته ان جي خبر هوندي جيڪڏهن ان ۾ ڪو گناهه ڪري ته اهو تمام وڏو برو ڪم هوندو. بي خبريءَ ۾ ايترو برو نه هوندو. جيئن روايتن ۾ آهي ته هڪ شخص نبوي مسجد ۾ ننڊ ۾ ستو پيو هو اهو نماز جو وقت هو حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن حضرت علي رضي الله عنه کي فرمايو ته ان ستل شخص کي اٿار ته وڃي وضو ڪري نماز پڙهي حضرت علي حضور عليه الصلواة والسلام جن جي حڪم مطابق ان ستل شخص کي اٿاريو پوءِ کين عرض ڪيائين ته نيڪيءَ جي ڪم ۾ اوهان سڀني کي اڳرائي ڪندا آهيو اڄ خلاف عادت اوهان مون کي حڪم ڇو ڏنو؟ پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته اي علي! اهو ننڊ ۾ ستل بي خبر هو جيڪڏهن مان ان کي اٿاريان ها ۽ هو ننڊ جي حالت ۾ بي خبريءَ ۾ چوي ها ته نه تو اٿان ته ڪافر ٿي پوي ها ڇو ته مان نبي آهيان ۽ نبي جو انڪار ڪفر آهي تنهن ڪري توکي چيم ڇو ته تنهنجو انڪار گناهه آهي پر ڪفر ناهي. الله تعاليٰ به

(١) المظهري ص ٣١٠ ـ جلد ١٠ (٢) الدرالمنثور ص ٥٧٠/٥٧١ ـ جلد ٨

پنهنجي حڪمتن جي ڪري قدر واري رات راز ۾ رکي آهي. (۱) ۳. چنڊ جي اڀرڻ وارين جاين جي مختلف هجڻ جي ڪري مختلف ملڪن ۽ شهرن ۾ قدر جي رات ۾ اختلاف ٿئي ٿو هڪ ملڪ ۾ هڪ رات تہ ٻئي ۾ ان کان اڳي يا پوءِ ٿئي ٿي تہ ان ۾ ڪو مشڪل ناهي ڇو تہ هر رات جي اعتبار سان جيڪا رات قدر جي رات ٿيندي ان جاءِ تي ان رات اهي برڪتون عطا ٿينديون. ۴. جنهن شخص قدر جي رات ۾ سومهڻي ۽ فجر نماز جماعت سان پڙهيون تہ ان کي ان سڄي رات جي عبادت جو ثواب ملندو.(۲)

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاجز سورة "اَلْقَدْرِ" جو تفسير سومر جي رات بوقت ڏهين بجي ۲۳ ذوالقعده ۱۴۲۵هـ تي لکي پورو ڪيو.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه



(۱) الڪبير صـ۲۹ـ جزءُ ۳۲ (۲) معارف القرآن صـ۷۹۴ـ جلد ۸

سورة "اَلْبَيِّنَةِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون سمجهڻ گهرجن.

نالو مبارڪ: هن جا ٻه نالا مشهور آهن "۱" "اَلْبَيِّنَةِ" جيڪو هن جي پهرين آيت جو آخري ڪلمو آهي. "۲" "لَمْ يَكُنْ" جيڪو هن جي پهرين آيت جو پهريون ڪلمو آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، اٺ آيتون، چورانوي (۹۴) ڪلما ۽ ٽي سؤ نوانوي (۳۹۹) حرف آهن. (۱)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ جمهور جو قول آهي ته هيءَ سورة مدنيه آهي ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان به اها روايت آندي آهي. (۲)

نزول: هيءَ سورة "اَلطَّلَاقِ" سورة کان پوءِ نازل ٿي هئي. (۳)

مضمون: هن سورة ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته مشرڪ ۽ اهل ڪتاب ان وقت تائين پنهنجي باطل عقائد کان دستبردار نه ٿيندا جيستائين اهڙو رسول نه اچي جنهن جي ذات ۽ جنهن جو ڪردار ان جي رسول هجڻ جو روشن دليل هجي ان کان پوءِ ٻڌايو ويو آهي ته اهل ڪتاب جو حق جي واٽ کان منهن موڙڻ ان جي ڪري نه هو ته انهن وٽ ڪو آسماني صحيفو نه پهتو هو يا انهن وٽ ڪو رسول نه آيو هو پرا هي صرف ذاتي غرض ۽ شخصي مفادن جي ڪري حق کي ڇڏي ويا بعد ۾ ان حقيقت کي واضح ڪيو ويو آهي ته سڀ رسول ۽ نبي علیٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام هڪ ئي دين جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ مبعوث ڪيا ويا ان جو خلاصو هي آهي ته پوري خلوص ۽ يڪسوئيءَ سان الله عزوجل جي عبادت، نماز قائم ڪرڻ ۽ زڪواة جي ادائيگيءَ ۾ سرگرم رهو جن ماڻهن ان دعوت کي قبول نه ڪيو اهي مخلوق ۾ بدتر آهن ۽ جن خوشنصيبن ان دعوت کي دل سان قبول ڪري ۽ خلوص سان ان جي هدايتن تي عمل ڪيو اهي مخلوق ۾ بهتر ۽ ڀلا آهن جنت جي بشارت سان گڏ انهن کي اها بشارت به ڏني تي وڃي ته الله عزوجل انهن کان راضي آهي ۽ اهي پنهنجي ايمان ۽ عبادت جو سهڻو بدلو وٺي راضي آهن.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: هن سورة جي شروعات ڇڻ ته اڳينءَ سورة جي نازل ٿيڻ جو سبب آهي گويا ڪه هيئن چيو ويو ته اسان قرآن ڪريم ان جي ڪري نازل ڪيو آهي جو ڪافر ۽ اهل ڪتاب تيستائين ايمان نه آڻين ها جيستائين انهن وٽ پاڪ صحيفا پڙهندڙ، سراپا معجزو رسول اچي. (۴)

(۱) تفسير خازن صـ۳۹۸ـ جلد ۴ (۲) حدائق صـ۲۰۳ـ جلد ۳۲ (۳) ساڳيو حوالو.
(۴) المراغي صـ۲۱۱ـ جزءُ ۳۰ جلد ۱۰

پلايون ۽ برڪتون: ابونعيم "المعرفــة" ۾ روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو الله تعاليٰ "لَمْ يَكُنْ" جي قراءَة ٻڌي فرمائي ٿو تہ: منهنجا ٻانها خوش ٿيءُ مان ضرور توکي جنت ۾ ايترو عطا ڪندس جو تون راضي ٿيندين. (١)

وَهِيَ ثَمَانِيْ اٰيَاتٍ	سُوْرَةُ الْبَيِّنَةِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ
۽ اها ٨ آيتون آهي	سورة البينة مکي آهي	۽ ان ۾ ١ رکوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

لَمْ يَكُنِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَالْمُشْرِكِيْنَ مُنْفَكِّيْنَ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ

نہ هئا ڪافر اهل ڪتاب مان ۽ مشرڪ (پنهنجي دين کان) جدا ٿيندڙ تانجو اچي انهن وٽ

الْبَيِّنَةُ (١) رَسُوْلٌ مِّنَ اللّٰهِ يَتْلُوْا صُحُفًا مُّطَهَّرَةً (٢) فِيْهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ (٣)

روشن دليل الله وٽان رسول جيڪو پڙهي صحيفا پاڪ انهن ۾ مضبوط احڪام لکيل آهن

وَمَا تَفَرَّقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنَةُ (٤) وَمَآ اُمِرُوْٓا

۽ نہ ٽولا ٿيا اهي جو ڏناويا ڪتاب مگر ان ڪان پوءِ جو آيوانهن وٽ روشن دليل ۽ نہ امر ڪيا ويا

اِلَّا لِيَعْبُدُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۙ حُنَفَآءَ وَيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ

مگر ته انت عبادت ڪن الله جي خالص ڪندڙ ان جي لاءِ دين حق تي رهندڙ ۽ قائم ڪن نماز

وَيُؤْتُوا الزَّكٰوةَ وَذٰلِكَ دِيْنُ الْقَيِّمَةِ (٥) اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ

۽ ڏين زڪواة ۽ اهو سچو دين آهي بيشڪ جن ڪفر ڪيو اهل ڪتاب

وَالْمُشْرِكِيْنَ فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ اُولٰۗىِٕكَ هُمْ شَرُّ الْبَرِيَّةِ (٦)

۽ مشرڪن مان جهنم جي باهہ ۾ هوندا هميشہ رهندڙ ان ۾ اهي ئي مخلوق ۾ برا آهن

(١) حدائق ص۔٢٠٣۔ جلد ٣٢

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓئِكَ هُمْ خَيْرُ الْبَرِيَّةِ (۷) جَزَآؤُهُمْ

بيشڪ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون اهي ئي مخلوق ۾ ڀلا آهن انهن جو بدلو

عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا اَبَدًا

سندن رب وٽ عدن جا بهشت آهن جو وهن ڀيون انهن جي هيٺان نهرون رهندڙ هونداانهن ۾ هميشه

رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهٗ (۸) ع ۱ / ۲۳

راضي ٿيو الله انهن کان ۽ راضي ٿيا ان کان اهو ان جي لاءِ آهي جيڪو پنهنجي رب کان ڊڄي ٿو

تفسير

اڳيئن سورة ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن تي قرآن ڪريم جي نزول ۽ نزول واري رات جون ڀلايون بيان ٿيون ۽ هن سورة ۾ بيان ٿيو تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن الله جل جلاله جو روشن دليل (معجزو) آهن فرمان مبارڪ آهي "لَمْ يَكُنِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَالْمُشْرِكِيْنَ مُنْفَكِّيْنَ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ الْبَيِّنَةُ" (اهل ڪتاب مان ڪافر ۽ مشرڪ جدا ٿيندڙ نہ هئا تانجو انهن وٽ روشن دليل اچي) ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي بعثت کان اڳ ۾ عرب جا رهاڪو ٻن ٽولن ۾ ورهايل هئا "١" هڪڙا اهي هئا جيڪي ڪنهن بہ نبي عليه الصلواة والسلام تي ايمان نہ رکندا هئا خالص مشرڪ ۽ بت پرست هئا "٢" ٻيا اهل ڪتاب حضرت موسيٰ يا حضرت عيسيٰ علي نبينا وعليه الصلواة والسلام تي ۽ انهن تي نازل ڪيلن ڪتابن تي ايمان آڻڻ جي دعويٰ ڪندڙ هئا هن آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهي ٻئي ٽولا پنهنجي غلط نظريه کان عام ڪوشش يا ڪنهن عالم يا مصلح جي چوڻ تي جدا ٿيڻ وارا ناهن جيستائين انهن وٽ انهن جي ڪفر ۽ شرڪ سان ڀريل دلين کي روشن ڪندڙ دليل، چمڪائيندڙ محمدي سج اچي چمڪائي. "رَسُوْلٌ مِّنَ اللّٰهِ يَتْلُوْا صُحُفًا مُّطَهَّرَةً" (الله جي طرفان رسول جيڪو پاڪ صحيفا پڙهي ٿو) يعني اهو روشن دليل نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن آهن جيڪو نازل ڪيل صحيفا پڙهي ٻڌائي ٿو اهو رسول عليه الصلواة والسلام روشنيءَ جو اهو بلند مينار آهي جنهن انسانيت جي صحيح رهنمائي ڪري انهن کي روشني ڏني. "فِيْهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ" (انهن ۾ مضبوط احڪام لکيل آهن) مطلب تہ انهن صحيفن جي هڪ وڏي خوبي هيءَ آهي جو ان ۾ صرف اهڙا احڪام ۽ هدايتون آهن جيڪي سراسر حق ۽ درست آهن هتي

"كتب" مان مراد احكام آهن. (١) "وَمَا تَفَرَّقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنَةُ" (۽ جيڪي ڪتاب ڏنا ويا (اهل ڪتاب) ان کان پوءِ نہ جدا ٿيا تانجو انهن وٽ روشن دليل آيو) يعني هن ڪتاب ۽ هن رسول عليہ الصلواة والسلام جي اچڻ کان پوءِ ڪو بہ شڪ ۽ شبهو نہ رهيو آهي گهرجي تہ ائين ٿو تہ جنهن آخري رسول عليہ الصلواة والسلام جي انتظار ۾ هئا ان جي اچڻ کان پوءِ هڪ ٻئي سان اختلاف ختم ڪن ها پر انهن بدبختيءَ جي ڪري رهندو اختلاف وڌايا ۽ ٽولا ٽولا بنجي ويا ۽ جڏهن اهل ڪتاب جو اهو حال آهي تہ جاهلن مشرڪن جو ڇا ٿيندو؟

تنبيه: شاهہ عبدالعزيز محدث دهلوي هتي "البينة" مان مراد حضرت عيسىٰ عليہ الصلواة والسلام ورتو آهي يعني حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي اچڻ کان پوءِ يهودي ان جا دشمن بڻيا ۽ نصاريٰ بہ پاڻ ۾ وڙهي ٽولا ٽولا بنجي ويا.(٢) "وَمَآ اُمِرُوْا اِلَّا لِيَعْبُدُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ حُنَفَآءَ" (۽ نہ امر ڪيا ويا مگر تانت الله جي عبادت ڪن ان جي لاءِ دين کي خالص بنائي، حق تي قائم رهندڙ هجن) مطلب تہ الله عزوجل جو انهن کي امر آهي تہ هر قسم جي باطل ۽ ڪوڙ کان جدا رهي خالص الله وحده لاشريڪ لہ اڪيلي جي عبادت ڪن ۽ تشريعي يا تکويني ڪنهن بہ شعبي جو ان کي حقيقي مالڪ ۽ مختار يقين ڪن حنفاءَ، حنيف جو جمع آهي معنىٰ ٻيا سڀ دين ڇڏي اسلام قبول ڪندڙ، جيئن حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جن ڪيو هو. (٣) "وَيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوا الزَّكٰوةَ وَذٰلِكَ دِيْنُ الْقَيِّمَةِ" (۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪواة ڏين ۽ اهو دين مستقيم آهي) مطلب تہ سچو ۽ صحيح دين اهو آهي جنهن ۾ عقائد ۽ اعمال جي اصلاح جو جامع نظام موجود هجي اسلام کان سواءِ ڪنهن بہ دين ۾ اها ڳالهہ ناهي ان جي ڪري اهو ئي مستقيم دين آهي "الْقَيِّمَةِ" ۾ ة تانيث جي نہ پر مبالغي جي آهي جيئن علامة ۾ آهي. (١) "اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَالْمُشْرِكِيْنَ فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا" (بيشڪ جن اهل ڪتاب ۽ مشرڪن مان ڪفر ڪيو جهنم جي باهہ ۾ هوندا ان ۾ هميشہ رهندڙ هوندا) مطلب تہ اهي علم جي دعويٰ ڪندڙ، اهل ڪتاب يا جاهل مشرڪ جن حق جو انڪار ڪيو سيني جي پڇاڙي خطرناڪ آهي سڀ هميشہ جي لاءِ جهنم جي باهہ ۾ وڌا ويندا اتاهين ڪڏهن بہ ٻاهر نہ نڪرندا. "اُولٰٓئِكَ هُمْ شَرُّ الْبَرِيَّةِ" (اهيئي مخلوق ۾ برا

(١) القرطبي ص ١٤٢ ـ جلد ٢٠ (٢) حاشيہ عثمانيہ ص ٧٩٨ ـ (٣) خازن ص ٣٩٩ ـ جلد ٤ (٤) خازن ص ٣٩٩ ـ جلد ٤

آهن) چوپاين جانورن کان بدتر آهن جيئن ٻي آيت ۾ آهي "اِنۡ هُمۡ اِلَّا كَالۡاَنۡعَامِ بَلۡ هُمۡ اَضَلُّ سَبِيۡلًا" (١) (اهي ته چوپاين وانگر آهن بلڪ اهي انهن کان به واٽ جي لحاظ سان گهٽو گمراهه آهن) علامـه پاني پتي عليـه الرحمـة لکيو آهي ته اهي ڪتن ۽ سوئرن کان به برا آهن. "اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓئِكَ هُمۡ خَيۡرُ الۡبَرِيَّـةِ" (بيشڪ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون اهي ئي مخلوق ۾ ڀلا آهن) يعني ملائڪن کان به ڀلا آهن جيڪي معصوم آهن تانجو خاص انسان خاص ملائڪن کان ڀلا آهن ۽ عام انسان يعني مومن صالح جيڪي صاف قلوب ۽ زڪيـه نفوس جا صاحب آهن اهي عام ملائڪن کان ڀلا آهن ۽ پر جيڪي مومن صالح ناهن اهي به مغفرت ملڻ سان يا سزا ملڻ سان پاڪ ٿيڻ کان پوءِ عام ملائڪن کان ڀلا آهن. "جَزَآؤُهُمۡ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ جَنّٰتُ عَدۡنٍ تَجۡرِيۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَآ اَبَدًا" (انهن جو بدلو سندن رب وٽ عدن جا بهشت آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون انهن ۾ هميشـه رهندڙ هوندا) مطلب ته انهن جي محلاتن ۽ باغن جي هيٺان نهرون وهن پيون انهن مان ڪڏهن به ٻاهر نه نڪرندا. هميشـه ان ۾ رهيا پيا هوندا. "رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ" (الله انهن کان راضي ٿيو) الله جل جلالـه جو راضي هجڻ جنت جي ملڻ ۽ ان ۾ رهڻ واري نعمت کان به ڀلي نعمت آهي. حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنـه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليـه وسلم جن فرمايو "الله جنت وارن کي چوندو ته اي جنت وارا! عرض ڪندا اي اسان جا رب "لبيك وسعديك والخير کلـه بيديك" (جيءُ ۽ ٻه ٻه ڀيرا حڪم جي اطاعت ۽ هر ڀلائي تنهنجي قدرتي هٿن ۾ آهي) الله جل جلالـه فرمائيندو ڇا اوهان راضي ٿيا آهيو؟ عرض ڪندا ته اسان ڪي ڇا آهي جو راضي نه ٿينداسون حالانڪ تو اسان کي اهو سڀ ڪجهه عطا ڪيو آهي جيڪو (عام) خلق کي نه مليو آهي الله فرمائيندو ڇا مان اوهان کي ان کان وڌيڪ ڀلي نعمت ڏيان؟ عرض ڪندا يا الله! هن کان وڌيڪ ڀلي نعمت ڪهڙي آهي؟ (الله فرمائيندو) اڄ مان اوهان تي پنهنجو راضپو لاهيان ٿو وري ڪڏهن به اوهان تي ناراض نه ٿيندس (متفق عليـه) ۽ ڪنهن ٻي مخلوق (کي نه ڏنو اٿئي) مان مراد ملائڪ آهن ڇو ته جنت ۾ ٻي مخلوق اها ئي آهي. "وَرَضُوۡا عَنۡـهُ" (۽ ان کان راضي ٿيا) مطلب ته انهن وٽ جيڪي شيون وٽندڙ هيون پر الله عزوجل انهن جو حڪم ڪيو ته هي انهن تي دل سان خوش ۽ راضي ٿيا حضرت سري سقطي رضي الله عنـه فرمايو ته جڏهن تون الله کان راضي ناهين ته پوءِ ان کي راضي ٿيڻ جي لاءِ عرض ڇو ٿو ڪرين؟ ۽ الله عزوجل ٻانهي کي

(١) الفرقان آيت صـ۴۴ـ

ان جي جيڪا وڏ ۾ وڏ تمنا هوندي اها بہ عطا ڪندو. "ذَٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهُ" (اهو ان جي لاءِ آهي جيڪو پنهنجي رب کان ڊڄي ٿو) الله عزوجل جو ڊپ ۽ خوف ئي اصل شيءِ آهي اهو ئي ڀلائي ڪرڻ ۽ برائي کان رڪجڻ جو ذريعو آهي. حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن منهنجي پيءُ کي فرمايو تہ: الله مون کي امر ڪيو آهي تہ: مان تنهنجي اڳيان قرآن پڙهان ۽ هڪ روايت ۾ آيو تہ: "لَمْ يَكُنِ الَّذِينَ كَفَرُوا" (سورة) پڙهان منهنجي پيءُ ڪين عرض ڪيو تہ: ڇا الله منهنجو نالو ورتو؟ فرمايائون تہ "هائو" عرض ڪيائين تہ مان رب العلمين وٽ ذڪر ڪيو ويو هوس فرمايائون تہ "هائو" پوءِ ان جون اکيون پاڻي وهائڻ لڳيون. متفق عليہ (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ معلوم ٿين ٿا. ١. "وَمَا تَفَرَّقَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ إِلَّا مِنْ بَعْدِ مَا جَاءَتْهُمُ الْبَيِّنَةُ" (۽ جيڪي ڪتاب ڏنا ويا اهي ٽولا ٽولا نہ ٿيا مگر ان کان پوءِ جو انهن وٽ روشن دليل آيو آهي) هتي "تَفَرَّقَ" مان مراد انڪار ۽ اختلاف آهي قرآن ڪريم ۽ نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جي نبوت جنهن تي سيئي اهل ڪتاب حضور عليہ الصلواة والسلام جي ولادت ۽ بعثت کان پهريان متفق هئا ڇو تہ انهن جي آسماني ڪتابن، توراة ۽ انجيل ۾ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي رسالت ۽ نبوت جو ۽ سندن خاص خاص صفتن جو ۽ متن قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ جو واضح ذڪر موجود هو ان جي ڪري ڪنهن يهودي ۽ نصراني کي ان ۾ اختلاف نہ هو تہ آخر زماني ۾ محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم تشريف فرما ٿيندو ۽ ان تي قرآن ڪريم لهندو سندن ئي اتباع سيني کي ضرور ڪرڻو پوندو جيئن قرآن ڪريم ۾ سندن اڳين امتن ۾ ذڪر جو بيان هن طرح ڪيو ويو آهي. "وَكَانُوا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُونَ عَلَى الَّذِينَ كَفَرُوا" (٢) يعني هي اهل ڪتاب رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي بعثت کان پهريان سندن اچڻ جا منتظر هئا ۽ جڏهن بہ مشرڪن سان سندن مقابلو ٿيندو هو تہ اچڻ واري نبي حضور عليہ الصلواة والسلام جي واسطي سان پنهنجي فتح گهرندا هئا يعني الله جل شانہ کان دعا گهرندا هئا تہ جيڪو نبي آخرالزمان صلي الله عليہ وسلم اچڻ وارو آهي ان جي برڪت سان اسان کي فتح نصيب فرماءِ يا هي مراد آهي تہ مشرڪن کي چوندا هئا تہ اوهان اسان جي خلاف زور آزمايو ٿا مگر جلد اهڙو رسول عليہ الصلواة والسلام ايندو جيڪو اوهان سيني کي هيٺ ڪندو ۽ اسين جڏهن تہ ان سان گڏ هونداسون تہ فتح اسان جي ٿيندي ڳالهہ

(١) المظهري صـ٣٢٠ـ جلد ١٠ (٢)

جو خلاصو هي آهي تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي بعثت کان پهريان تہ اهل ڪتاب سمورا سندن نبوت ۽ رسالت تي متفق هئا مگر جڏهن پاڻ تشريف فرما ٿيا تہ مختلف ٽولن ۾ ورهائجي ويا ڪي سندن اقرار ڪرڻ لڳا تہ گهڻا انڪار ڪرڻ لڳا.(۱) ۲. "ذَٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهُ" (اهو ان جي لاءِ آهي جيڪو پنهنجي رب کان ڊڄي ٿو) الله عزوجل جي خشيت اهڙي شي آهي جنهن تي سموري ديني ڪمالات ۽ اخروي نعمتن جو مدار آهي خشيت ان ڊپ کي نہ چئبو آهي جيڪو ڪنهن دشمن يا جانور يا موذي شيءِ کان طبعي طور ٿيندو آهي بلڪ خشيت ان خوف کي چوندا آهن جيڪو ڪنهن جي انتهائي عظمت ۽ جلال جي ڪري پيدا ٿئي ان جي تقاضاهيءَ آهي تہ پانهو هر حال ۾ الله تعاليٰ جي رضا طلب ڪرڻ جو فڪر ڪري ۽ ان جي ناراض هجڻ جي شبهي کان بہ بچي اها ئيْ شي آهي جيڪا انسان کي ڪامل ۽ مقبول پانهو بنائيندي آهي. ۳. علامہ وهبة الزحيلي هن آيت جو تفسير قرآن ڪريم جي ٻي آيت "اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمَآءُ" (۲) (الله کان سندس ٻانهن مان خشيت رکندڙ علماءَ ئي آهن) سان ڪندي لکيو آهي تہ هن آيت مان ظاهر آهي تہ علماءَ ئي الله جي (عام) مخلوق کان ڀلا آهن. (اللهم اجعلنا منهم) (۳)

الحمدلله جو مون عاجز سورة "البينة" جو تفسير اربعاءَ جي ڏينهن صبح جو ۸ بجي بموٴرخہ ۲۵ ذوالقعدة ۱۴۲۶ھ الموافق ۲۸/۱۲/۲۰۰۵ع تي لکي پورو ڪيو شال رب ڪريم ڪرم ڪري باقي رهيلن سورتن جو تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب ڪري آمين يا رب العالمين بوسيلة النبي الامين عليہ وآلہ واصحابہ الصلواة والسلام الىٰ يوم الدين.

الفقير محمد ادريس الڈاهري عفي عنہ



(۱) معارف القرآن ص۷۹۸ـ جلد ۸ (۲) سورة فاطر آيت ع۲۸ـ (۳) التفسير المنير ص۷۴۶ـ جلد ۱۵

سورة "اَلزِّلْزَالِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن جو نالو مبارڪ سورة "اَلزِّلْزَالِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ ذڪر ڪيل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، اٺ آيتون، پنجٽيهه ڪلما ۽ هڪ سؤ اوڻيتاليهه حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ۽ قتادة کان روايتون آنديون آهن ته هيءَ سورة مدينه منوره ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: هيءَ سورة پاڪ سورة "اَلنِّسَآءِ" کان بعد نازل ٿي هئي. (٣)

مضمون: الله جل شانه کي وساريندڙ انسان نهايت بي حيائيءَ سان زمين جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گناهه ڪري ٿو ۽ اهو خيال ڪري ٿو ته هي پٿر، هي مٽيءَ جا ذرا گونگا ٻوڙا آهن انهن کي سندس ڪڌن ڪرتوتن جو احساس ناهي پر اها ان جي ناداني آهي جڏهن قيامت جي اچڻ وقت زمين ڏهندي ان ۾ لڪل سڀ شيون ظاهر ٿينديون ان وقت زمين جا اهي وڻ جن ۾ لڪي هن گناهه ڪندو هو ۽ اهي پٿر جن جي اوٽ ۾ هي برايون ڪندو هو ۽ اهي پٿر ڏسڻ وارن ماڻهن وانگر شاهدي ڏيندا ۽ سندس اک ڪلندي پر بي فائدي رهندي ان وقت ماڻهو ٽولا ٽولا ڪري پيش ڪيا ويندا هر شخص جي هر ننڍي وڏي گناهه جو نتيجو ان کي ڏسڻو پوندو.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ مومنن ۽ ڪافرن کي ملندڙ بدلي جو بيان هو ۽ هن ۾ ان بدلي ملڻ جي وقت ڇا ڇا ٿيندو ان جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: ترمذي ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن سورة "اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ" پڙهي ته اها اڌ قرآن جي برابر آهي (٤) يعني ايترو درجو ملندس".



(١) ضياءُ القرآن صـ٦٣٠ـ جلد ٥ (٢) الدرالمنثور صـ٥٩٢ـ جلد ٨ (٣) حدائق صـ٢٢٩ـ جلد ٣٢ (٤) ساڳيو حوالو

وَهِيَ ثَمَانِيْ اٰيَاتٍ	سُوْرَةُ الزِّلْزَالِ مَدَنِيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَّاحِدٌ
۽ اها ٨ آيتون آهي	سورة الزلزال مدني آهي	۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ زِلْزَالَهَا (١) وَاَخْرَجَتِ الْاَرْضُ اَثْقَالَهَا (٢) وَقَالَ الْاِنْسَانُ

جڏهن ڌوڏي ويندي زمين سخت ڌوڏڻ ۽ ڪيندي زمين پنهنجا ڳرا بار ۽ چوندو انسان

مَالَهَا (٣) يَوْمَئِذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا (٤) بِاَنَّ رَبَّكَ

ڇا ٿيو آهي ان کي ان ڏينهن بيان ڪندي پنهنجون خبرون ان سببان جو تنهنجي رب ان ڏانهن

اَوْحٰى لَهَا (٥) يَوْمَئِذٍ يَّصْدُرُ النَّاسُ اَشْتَاتًا لِّيُرَوْا اَعْمَالَهُمْ (٦)

حڪم موڪليو هوندو ان ڏينهن ورندا ماڻهو ٽولا ٽولا ٿي تانته پنهنجا اعمال ڏيکاريا وڃن

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ (٧) وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ (٨) ع-١ ٢٤

پوءِ جيڪو ڪندو ذره جيترو قدر ڀلائي تہ ڏسندو اها ۽ جيڪو ڪندو ذره جيترو قدر برائي تہ اها ڏسندو

تفسير

اڳينءَ سورة جي آخر ۾ الله عزوجل ڪان ڏڄندڙ لاءِ نعمت جو بيان ٿيو ۽ هتي انهن نعمتن جي ملڻ واري ڏينهن جي متعلق ڪجهہ وضاحتون ڪيون ويون آهن فرمان خداوندي آهي "اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ زِلْزَالَهَا" (جڏهن زمين پنهنجي سخت ڌوڏڻ سان ڌوڏي ويندي جيڪي جهٽڪا زور سان ۽ بار بار اچن انهن کي "زِلْزَلَةٍ" سڏبو آهي ۽ آيت جي پڇاڙيءَ ۾ "زِلْزَالَهَا" تاڪيد جي لاءِ آيل آهي يعني الله عزوجل ساري زمين کي هڪ نهايت سخت ۽ ڏپ واري زلزلي سان ڌوڏي ڇڏيندو جنهن ڪان پوءِ زمين تي ڪو بہ جبل، عمارت ۽ وڻ نہ رهندو سڀ هيٺايون ۽ مٿاهيون برابر ٿي وينديون تانته حشر لاءِ ميدان هموار ٿي وڃي ۽ اهو قيامت جي لاءِ ٻي ڦوڪ ڏيڻ وقت ٿيندو. "وَاَخْرَجَتِ الْاَرْضُ اَثْقَالَهَا" (۽ زمين پنهنجا ڳرا بار ٻاهر ڪيندي) يعني زمين ۾ اندر جيڪي مئل دفن ٿيل هوندا ۽ سون ۽ چاندي وغيره سڀ ٻاهر ڪيندي پر انهن کي ڪٽڻ وارو ڪير نہ هوندو سڀ ڪو سمجهندو تہ هاڻي هي ڪنهن ڪم جا ناهن.

"وَقَالَ الۡاِنۡسَانُ مَالَهَاۚ" (۽ چوندو انسان تہ ان کي ڇا ٿيو آهي؟) يعني ماڻھو زندھ ٿيڻ ۽ ان کي ڏسڻ کان پوءِ يا سندن ارواح عين زلزلي جي وقت حيرت ۾ پئجي چوندا تہ هن زمين کي ڇا ٿيو جو ايترو زور سان ڏبي ۽ ان ۾ جيڪي بہ شيون اندر هيون سڀ ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين. (۱) علامہ قرطبي لکيو آهي تہ انسان مان مراد ڪافر آهي ڇو تہ مومن جو ايمان آهي تہ ائين ٿيندو اهو اهو سوال نہ ڪندو. "يَوۡمَئِذٍ تُحَدِّثُ اَخۡبَارَهَاۙ" (ان ڏينهن پنهنجون خبرون بيان ڪندي) يعني ان ڏينهن زمين اهي سڀ ڪم بيان ڪندي جيڪي ان جي مٿان ڪيا ويا هوندا يا حال جي زبان سان شاهدي ڏيندي يا قال جي زبان سان الله عزوجل ان کي ان جي مناسب زبان ڏيندو ترمذي ۽ احمد حضرت ابو هريرة رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ (سيدنا) رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن هيءَ آيت پڙهي (ٻڌندڙن کي) فرمايو تہ خبر اٿو تہ اها ڪهڙيون خبرون ڏيندي؟ انهن عرض ڪيو تہ الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ ڄاڻندڙ آهن پاڻ فرمايائون تہ "ان جون خبرون هي آهن جو هر ٻانهي ۽ ٻانهيءَ تي انهن عملن جي شاهدي ڏيندي جيڪي انهن ان جي پٺيءَ تي ڪيا هوندا ٻڌائيندي تہ فلاڻي ڏينهن هيئن هيئن ڪيو هيائين." (۲) "بِاَنَّ رَبَّكَ اَوۡحٰى لَهَاؕ" (ان سببان جو ان جي رب ان لاءِ حڪم موڪليو هوندو) يعني زمين اهي سڀ خبرون ان جي ڪري ڏيندي جو تنهنجي رب حق ثابت ڪرڻ ۽ باطل کي برباد بنائڻ سان تو تي احسان ڪندڙ ان ڏانهن اهو حڪم موڪليو هوندو. "يَوۡمَئِذٍ يَّصۡدُرُ النَّاسُ اَشۡتَاتًا ۙ لِّيُرَوۡا اَعۡمَالَهُمۡؕ" (ان ڏينهن ماڻهو ٽولا ٽولا ٿي ورندا تانت پنهنجا اعمال ڏيکاريا وڃن) مطلب تہ جڏهن زمين هر شي کي ٻاهر ڪڍندي ۽ قبرن مان انسان بہ ٻاهر نڪرندا تہ جنهن جاءِ تان ڪين سڏ ڪيو ويندو مومن ۽ ڪافر فرمانبردار ۽ بي فرمان پاڻ ۾ ٽولا ٽولا بنائي نهايت تيزيءَ سان ان سڏ واري جاءِ ڏانهن ورندا ۽ انهن کي سندن نيڪ يا برا اعمال ڏيکاريا ويندا يا ملائڪن جي واسطي سان يا واسطي کان سواءِ الله عزوجل انهن سان ڳالهائيندو ۽ فرمائيندو تہ هي اوهان جا اعمال آهن. (۳) "فَمَنۡ يَّعۡمَلۡ مِثۡقَالَ ذَرَّةٍ خَيۡرًا يَّرَهٗؕ" (پوءِ جيڪو ذري جيتري ڀلائي ڪندو تہ ان کي ڏسندو) اڳيان بيان ٿيو تہ پنهنجا اعمال ڏيکاريا ويندا ۽ هتي ان ڳالهہ کي وڌيڪ واضح ڪيو ويو آهي تہ نهايت ذري جيترو ڀلو ڪم ڪنهن ڪيو هوندو تہ اهو بہ ڏسندو "وَمَنۡ يَّعۡمَلۡ مِثۡقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ع" (۽ جيڪو ذري برابر برائي ڪندو تہ اها بہ ڏسندو) ابن مردويہ حضرت ابو ايوب

(۱) حاشيہ عثمانيہ ص۷۹۹۔ (۲) القرطبي ص۱۴۸۔ جلد ۲۰. التفسير المنير ص۷۵۱۔ جلد ۱۵ (۳) نظم الدرر ص۵۰۶۔ جلد ۸

انصاري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن ۽ حضرت ابوبکر صديق وينا هئا تہ هيءَ آيتون "فَمَنْ يَعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ" نازل ٿيون (ان وقت اهي طعام تناول فرمائي رهيا هئا) پوءِ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کاڌي کان هٿ روڪي فرمايو تہ "جنهن بہ اوهان مان ٿلو ڪم ڪيو ان جو بدلو آخرت ۾ ان کي ملندو ۽ جنهن بہ اوهان مان گناهہ ڪيو تہ ان کي دنيا ۾ مصيبتون ۽ بيماريون وٺنديون ۽ جنهن ۾ نيڪيءَ جو ذور هوندو تہ جنت ۾ داخل ٿيندو." (١)

فائدا: مذکوره آيتن ۾ غور ڪرڻ سان هي فائدا ملن ٿا. ١. "وَاَخْرَجَتِ الْاَرْضُ اَثْقَالَهَا" (۽ زمين ان ۾ پوريل ڳرا بار ٻاهر ڪڍندي) جي تفسير ۾ علماءَ لکيو آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن زمين جي ان زلزلي جي متعلق فرمايو تہ زمين پنهنجي جگر جا ٽڪرا سون جي وڏن ٿڙن جي صورت ۾ ٻاهر ڪيندي ان وقت هڪ شخص جنهن مال جي لاءِ ڪنهن کي قتل ڪيو هوندو اهو ڏسي چوندو هي اها شيءِ آهي جنهن لاءِ مون ايڏو وڏو گناهہ ڪيو هو جنهن مال جي لاءِ ڪنهن کي قتل ڪيو هوندو اهو ڏسي چوندو هي اها شيءِ آهي جنهن لاءِ مون ايڏو وڏو گناهہ ڪيو هو جنهن مال جي ڪري مائٽيون ڇنيون هونديون اهو چوندو هي اها شيءِ آهي جنهن لاءِ مون اها حرڪت ڪئي هئي،چور جنهن جو هٿ چوريءَ جي سزا ۾ ڪٽيو ويو هوندو ان کي ڏسي چوندو تہ هن لاءِ مون پنهنجي هٿ ڪٽايو هو؟ پوءِ ان سون ڏانهن ڪير بہ نہ نهاريندو. ٢. "فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ" (پوءِ جيڪو ذري جي برابر نيڪي ڪندو تہ اها ڏسندو) مفسرن لکيو آهي تہ ان مان مراد آهي تہ ايمان وارو هجي ايمان کان سواءِ ڪا بہ نيڪي الله عزوجل وٽ قبول ناهي هن آيت ۾ اهو بہ دليل آهي تہ جيڪڏهن ڪو مومن گنهگار آهي جهنم ۾ داخل ڪيو ويو تہ بہ نيٺ ٻاهر نڪرندو ڇو تہ ايمان بہ هڪ نيڪي آهي ۽ هن آيت جي مطابق ان کي ان جو بدلو ملڻو آهي ۽ اهو جنت ۾ داخل ٿيڻ سان آهي. (٢)

الحمدلله جو مون عاجز سورة "الزلزال" جو تفسير اربعاءَ ڏينهن ساڍي يارهين بجي صبح جو بمؤرخہ ٢٥ ذوالقعدة ١٤٢٦هہ الموافق ٢٠٠٥/١٢/٢٨ع تي لکي پورو ڪيو شال رب ڪريم ڪرم ڪري باقي رهيلن سورتن جو تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب ڪري آمين يا رب العالمين بوسيلة النبي الامين عليه وآله واصحابه الصلواة والسلام الیٰ يوم الدين.

الفقير محمد ادريس الداهري عفي عنہ

(١) الدرالمنثور ص ٥٩٤ـ جلد ٨ (٢) معارف القرآن ص ٨٠٠ـ جلد ٨

سورة "الْعَادِيَاتِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة پاڪ جو نالو "اَلْعَادِيَاتِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت جو پهريون ڪلمو آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، يارهن آيتون، چاليهه ڪلما ۽ هڪ سؤ ٽيهٺ حرف آهن. (١)


مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: هيءَ سورة "وَالْعَصْرِ" کان پوءِ نازل ٿي هئي. (٣)

مضمون: هن سورة ۾ ٻه ٻه ٽي قسم کڻي ڪجهه حقيقتن تان پردو کنيو ويو آهي پهريان هي ٻڌايو ويو آهي ته انسان پنهنجي پروردگار جو وڏو بي شڪر آهي الله عزوجل جي پيدا ڪيل زمين تي رهي ٿو ساهه ان جي هوا ۾ کڻي ٿو ان جي نعمتن مان مزا ماڻي ٿو ان هوندي به نه ان جو شڪر ڪري ٿو ۽ نه ان جي اطاعت ۽ عبادت کي پنهنجو وظيفو بنائي ٿو اها هڪ کليل حقيقت آهي جنهن تي سندس اعمال شاهد ٿي سگهن ٿا ٻيو ته اهو دولت ۽ دنيا جي محبت ۾ مست آهي ان جي طلب ۽ ان کي گڏ ڪرڻ جي هوس ۾ رات ڏينهن پريشان آهي ان کي اها ڳالهه به ذهن ۾ ناهي ته ان جو خالق ۽ مالڪ ان جي هر ڳالهه کان خبر وارو آهي ۽ سندس سيني جا راز به الله تعالىٰ کان لڪل ناهن ان الله عزوجل جي اڳيان ان کي قيامت جي ڏينهن پيش ٿيڻو ۽ حساب ڏيڻو آهي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ "وَاَخْرَجَتِ الْاَرْضُ اَثْقَالَهَا" (۽ زمين پنهنجا ڳرا بار ڪڍندي) جو ذڪر هو ۽ هن ۾ "اِذَا بُعْثِرَ مَافِي الْقُبُوْرِ" (جڏهن قبرن وارا اٿاريا ويندا) ذڪر ڪيل آهي. (۴)

ڀلايون ۽ برڪتون: ابو عبيد فضائل ۾ حضرت حسن رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اِذَا زُلْزِلَتِ" (سورة) اڌ قرآن (جي ثواب) برابر آهي ۽ والعاديت سورة (به درجي ۾) اڌ قرآن جي برابر آهي. (۵)



(١) خازن ص ۴٠٢ ـ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور ص ۵٩٩ ـ جلد ٨ (٣) حدائق ص ٢۴٨ ـ جلد ٣٢ (۴) التفسير المنير ص ٧٦ ـ جلد ١۵ (۵) الدرالمنثور ص ۵٩٩ ـ جلد ٨

وَهِيَ اِحْدٰى عَشَرَةَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْعٰدِيٰتِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ
۽ اها ١١ آيتون آهي	سورة العديات مکي آهي	۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

وَالْعٰدِيٰتِ ضَبْحًا (١) فَالْمُوْرِيٰتِ قَدْحًا (٢) فَالْمُغِيْرٰتِ

قسم آهي ڊوڙندن گھوڙن جو هانپارو هڻي پوءِ چڻگون ڪيڙن جو سنب هڻي پوءِ لُٽ ڪندڙن جو

صُبْحًا (٣) فَاَثَرْنَ بِهٖ نَقْعًا (٤) فَوَسَطْنَ بِهٖ جَمْعًا (٥) اِنَّ الْاِنْسَانَ

صبح جي وقت پوءِ اڏائن پيا ان سان غبار پوءِ وچ ۾ پون ٿا ان سان لشڪر ۾ بيشڪ انسان

لِرَبِّهٖ لَكَنُوْدٌ (٦) وَاِنَّهٗ عَلٰى ذٰلِكَ لَشَهِيْدٌ (٧) وَاِنَّهٗ لِحُبِّ

پنهنجي رب جو البت بي شڪر آهي ۽ بيشڪ اهوان تي البت شاهد آهي ۽بيشڪ اهومال جي محبت ۾

الْخَيْرِ لَشَدِيْدٌ (٨) اَفَلَا يَعْلَمُ اِذَا بُعْثِرَ مَافِي الْقُبُوْرِ (٩) وَحُصِّلَ مَافِي

البت سخت آهي ڇا پوءِ نه ٿو ڄاڻي جڏهن اٿاريا ويندا قبرن وارا ۽ ظاهر ڪيو ويندو جيڪو

الصُّدُوْرِ (١٠) اِنَّ رَبَّهُمْ بِهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّخَبِيْرٌ (١١) ع-١١-٢٥

سينن ۾ آهي بيشڪ انهن جو رب انهن کان ان ڏينهن البت خبر رکندڙ آهي

تفسير

اڳين سورة جي جي آخر ۾ انسان کي خير ۽ شر جي جزا ۽ سزا ڏسڻ جو بيان هو ۽ هتي قسم کڻي انسان جي بي شڪر هجڻ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَالْعٰدِيٰتِ ضَبْحًا" (هانپارو هڻي ڊوڙندن گھوڙن جو قسم آهي) "اَلْعَادِيٰتِ" عادية جو جمع آهي تکرو ڊوڙندڙ کي عادية سڏبو آهي ۽ ضبح سيني مان نڪرندڙ آواز کي چئبو آهي جنهن کي سنڌي زبان ۾ هانپارو سڏيندا آهن. (١) مطلب ته مجاهدن، غازين جي انهن گھوڙن جو قسم آهي جيڪي جنگ جي ميدان ۾ تيز ڊوڙندي هانپارو هڻندا آهن ۽ اهو سندن قوت سان هلڻ جو دليل هوندو. "فَالْمُوْرِيٰتِ قَدْحًا" (پوءِ پيرن

(١) جمل ص۵٧۵ جلد ۴

۾ لڳلن نعلن سان چڻگون ٻاريندڙن جو قسم آهي) يعني جڏهن اهي گهوڙا جبلن جي پٿرن تي پنهنجن پيرن ۾ لڳل نعلن سان چڻگون ڪيندا آهن "فَالْمُغِيْرَاتِ صُبْحًا" (پوءِ صبح جو لُٽِ ڪندڙن جو قسم آهي) يعني دين جي دشمنن، مومنن ڪي مارون ڏيندڙن، الله جل جلاله جي انڪار ڪندڙن، نبين عليهم الصلواة والسلام ڪي ڪوڙو چوندڙن جي مٿان صبح جو سوير حملي ڪرڻ ۾ ڪم ايندڙن گهوڙن ۽ غنيمت جو مال هٿ ڪندڙن جو قسم آهي. "فَأَثَرْنَ بِهِ نَقْعًا" (پوءِ ان سان غبار اڏايائون) مطلب ته انهن جي تيز هلڻ جي ڪري انهن جي سُنبن مان غبار اڏامي ٿو. "فَوَسَطْنَ بِهِ جَمْعًا" (پوءِ ان سان لشڪر جي وچ ۾ داخل ٿي پيا) يعني ڪنهن خوف ۽ خطري ڪي محسوس ڪرڻ ڪان سواءِ ٿي دشمنن جي لشڪر جي وچ ۾ گهڙي پون ٿا ۽ ان ڪي زبردست شڪست ڏين ٿا. حافظ ابوبڪر ابن العربي لکيو آهي ته الله تعاليٰ حضور عليه الصلواة والسلام جو قسم ڪنيو. سندن حياتيءَ جو به قسم ڪنيو ۽ سندن اصحابن جي گهوڙن جو. انهن جي هٽڪار جو به قسم ڪٿي بيان ڪيو آهي. (١) هنن آيتن ۾ جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته عاديات، موريات وغيره صفتون بيان ڪيل آهن پر ڪنهن جون صفتون آهن اهي مقرر ڪيل ناهن ان مان هي به سمجهه ۾ اچي ٿو ته هر زماني جي مجاهدن مردن جي جنگي سامان جو قسم ڪنيو ويو آهي ان زماني ۾ مجاهد گهوڙن تي هلندا هئا ته اهي گهوڙا پيارا هئا هاڻي ٽينڪن تي مجاهد جهاد ڪن ٿا ۽ اهي مذڪور سڀ صفتون انهن ۾ به آهن ان جي ڪري اهي به ان شان واريون آهن ائين چوڻ ۾ ڪا به قباحت ڪا نه آهي. (٢) "إِنَّ الْإِنْسَانَ لِرَبِّهِ لَكَنُوْدٌ" (بلاشڪ انسان پنهنجي رب جو البت بي شڪر آهي) هي مذڪوره قسمن جو جواب آهي يعني انسان گهڻو بي شڪر آهي اها بي شڪري گهڻا قسم آهي "١" هڪ هيءَ جو نعمت ڪي نعمت ڏيندڙ جي طرفان نه سمجهي. "٢" ٻيو ته جنهن مقصد لاءِ نعمت ملي ان ڪي ان ۾ استعمال نه ڪري. "٣" ٽيون ته نعمت ۾ اهڙو محو ٿي وڃي جو نعمت ڪندڙ ڪي وساري ڇڏي. "وَإِنَّهُ عَلَىٰ ذَٰلِكَ لَشَهِيْدٌ" (۽ بيشڪ اهو پاڻ ان تي البت شاهد آهي) مطلب ته سندس قول، فعل ۽ عمل خود شاهدي ڏئي رهيو آهي ته اهو الله جل جلاله جي نعمتن جو بي شڪر آهي. "وَإِنَّهُ لِحُبِّ الْخَيْرِ لَشَدِيْدٌ" (۽ بيشڪ اهو مال جي محبت ۾ البت سخت آهي) مطلب ته دنيا جي محبت گهڻي اتس جيترو مال گهڻو مليس ٿو ته اوترو اجان حرص وڌائي ٿو ۽ ڪنجوس بنجي ٿو. "أَفَلَا يَعْلَمُ إِذَا بُعْثِرَ مَا فِي الْقُبُوْرِ وَحُصِّلَ مَا فِي الصُّدُوْرِ إِنَّ رَبَّهُمْ بِهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّخَبِيْرٌ" (ڇا پوءِ نه ٿو ڄاڻي

(١) احڪام القرآن لابن العربي ص-١٩٧٣ـ جلد ۴ (٢) ضياءُ القرآن ص-٦٣٨ـ جلد ۴

تہ جڏهن قبرن وارا اٿاريا ويندا ۽ جيڪو سندن سينن ۾ آهي ظاهر ڪيو ويندو بيشڪ انهن جو رب ان ڏينهن انهن جي البت خبر رکندڙ آهي) يعني انسان کي اهو معلوم ناهي ڇا تہ جنهن ڏينهن مئل قبرن مان اٿاريا ويندا سينن ۽ دلين جا ڳجهہ ظاهر ڪيا ويندا ان ڏينهن رب العزة جل وعلا جيڪو انسان جي عملن کان چڱيءَ طرح واقف آهي ڪيس سندس عملن موافق جزا يا سزا ڏيندو.

فائدا: مذڪوره آيتن کي غور ڪري سمجهڻ سان هي فائدا بہ ملن ٿا. ١. "وَالْعَادِيَاتِ" کان "فَوَسَطْنَ بِهِ جَمْعًا" تائين مجاهدن جي گهوڙن جي قسمن کڻڻ مان ثابت ٿيو تہ الله عزوجل جي پيارن سان جنهن شيءِ جي نسبت ٿي اها بہ الله تعاليٰ کي پياري آهي ۽ جڏهن اصحابن رضي الله عنهم يا ٻين مجاهدن کي کڻندڙ گهوڙا شاندار آهن تہ حضرت ابوبڪر صديق جو حضور عليہ الصلواة والسلام جن کي هجرت جي رات ڪلهن تي کنيو، حضرت علي کين صهباءَ نالي مقام ۾ پنهنجي گوڏي مبارڪ تي آرام ڪرايو، سيده عائشہ رحلت جي قريب کين پنهنجي جهوليءَ ۾ رکيو بلڪ سيده آمنہ کين وجود مسعود ۾ رکيو ۽ حليمہ سعديہ کين کڻي کير پياريو رضي الله عنهما وعنهم انهن سيني جو شان ڪيترو وڏو هوندو؟ ٢. گهوڙن جي وڏي ساهہ کڻڻ هانيارو هڻڻ کي اهميت آهي جو اُن جو قرآن ڪريم ذڪر ڪيو آهي تہ الله جل شانہ جي پيارن جي پساهہ کي بہ اهميت آهي جيڪو هڪ دم بہ الله عزوجل جي ذڪر کان خالي نہ هوندو آهي ۽ جيئن مجاهدن جي گهوڙن جي نعلن سان پٿرن مان چڻنگون نڪرنديون آهن تيئن الله وارن جي نظر سان سنگدل انسانن مان بہ الله عزوجل جي ذڪر جا انوار نڪرندا آهن. ٣. "اِنَّ الْاِنْسَانَ لِرَبِّهٖ لَكَنُوْدٌ" (بيشڪ انسان پنهنجي رب جو البت بي شڪر آهي) الله عزوجل جا انبياءَ عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياءَ ان ۾ داخل ناهن رب العزة جل جلالہ جو فرمان آهي "وَقَلِيْلٌ مِّنْ عِبَادِيَ الشَّكُوْرُ" (١) (۽ منهنجن ٻانهن مان ٿورا شڪر گذار آهن باقي اڪثر انسان شڪر گذار ناهن) خدا هجڻ جي دعويٰ ڪوڙي نبوت جي دعويٰ، سچن نبين عليهم الصلواة والسلام سان مقابلو بہ انسان ئي ڪيو آهي ان جي ڪري ان کي ناشڪر سڏيو ويو آهي. ۴. "وَحُصِّلَ مَا فِي الصُّدُوْرِ" (۽ جيڪو سينن ۾ آهي ظاهر ڪيو ويندو) مطلب تہ قيامت ۾ صرف ان جي ظاهري اعمال جي جاچ پڙتال نہ ڪئي ويندي پر سندس نيتن، ارادن، قلبي جذبات ۽ باطني ڪيفيتن کي بہ ظاهر ڪيو ويندو.

(١) سورة آيت ع

سورة "الْقَارِعَةُ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن جو نالو مبارڪ سورة "اَلْقَارِعَـةُ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ ذڪر ڪيل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، اٺ آيتون، ڇٽيهه ڪلما ۽ هڪ سؤ ٻاونجاهه حرف آهن. (١)


مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة "اَلْقَارِعَةُ" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: مفسرن لکيو آهي ته هيءَ سورة "قُرَيْشٍ" کان پوءِ لٿي هئي. (٣)

مضمون: پهريان قيامت جي متعلق سوال ڪري ان کان پوءِ اهي ڏڪائيندڙ حالات بيان ڪيا ويا آهن جيڪي قيامت ۾ ظاهر ٿيندا ماڻهو پتنگن وانگر بيهوش ٿڙيا ڪڙيا پيا هوندا ۽ جبل رڱن جي رنگيل اون وانگر اڏامندا رهندا ان ڏينهن جنهن جو نيڪين وارو پُڙ ڳرو هوندو ان کي اتي پسنديده زندگي ميسر هوندي پر جنهن جو نيڪين وارو پُڙ هلڪو هوندو ان جي جاءِ هاويه جهنم جي پڙڪندڙ باهه هوندي.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳينءَ سورة ۾ قبرن مان اٿڻ ۽ رازن جي ظاهر ٿيڻ واري ڏينهن قيامت جو بيان هو تيئن هن ۾ به سمورو ان ڏينهن جو بيان آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کان روايت آهي ته جنهن سورة "اَلْقَارِعَـةُ" پڙهي الله ان جي ڪري ان جي ساهميءَ (جو نيڪين وارو پُڙ) ڳرو بنائيندو. (۴)



(١) خازن صـ٤٠٣ـ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور صـ٦٠٥ـ جلد ٨ (٣) حدائق صـ٢٦٦ـ جلد ٣٢ (۴) البيضاوي صــــ

وَهِيَ إِحْدٰى عَشَرَةَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْقَارِعَةِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَّاحِدٌ
۽ اها ١١ آيتون آهي	سورة القارعة مڪي آهي	۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

اَلْقَارِعَةُ (١) مَا الْقَارِعَةُ (٢) وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْقَارِعَةُ (٣) يَوْمَ

دل دهلائيندڙ ڇا آهي دل دهلائيندڙ ۽ ڪنهن ڄاڻايو توڪي تہ ڇا آهي دل دهلائيندڙ؟ جنهن ڏينهن

يَكُوْنُ النَّاسُ كَالْفَرَاشِ الْمَبْثُوْثِ (٤) وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ الْمَنْفُوْشِ (٥)

هوندا ماڻهو پروانن پکڙيلن وانگر ۽ هوندا جبل اُن ٽنبيل وانگر

فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ (٦) فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ (٧) وَاَمَّا مَنْ خَفَّتْ

پوءِ پر جيڪو ڳرا ٿيا تورارا ان جا پوءِ اهو پسند ڪيل معاش ۾ هوندو ۽ پر اهو جو هلڪا ٿيا

مَوَازِيْنُهٗ (٨) فَاُمُّهٗ هَاوِيَةٌ (٩) وَمَآ اَدْرٰىكَ مَاهِيَهْ (١٠) نَارٌ حَامِيَةٌ (١١) ع ١-٢٦

تورارا ان جا پوءِ ان جي جاءِ هاويہ آهي ۽ ڪنهن ڄاڻايو توڪي تہ اها ڇا آهي؟ هڪ شعلا هڻندڙ باھ آهي

تفسير

اڳيئن سورة جي آخر ۾ بيان ٿيو تہ بيشڪ انهن جو رب قيامت جي ڏينهن انهن جي خبر رکندڙ آهي ڪين جزا ۽ سزا ڏيندو هتي بہ ان ئي قيامت جي ڪڙڪي ۽ دڙڪي جي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "اَلْقَارِعَةُ مَاالْقَارِعَةُ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَاالْقَارِعَةُ" مفسرن جو ان ڳالھ تي اتفاق آهي تہ "القارعة" قيامت جو نالو آهي جيئن الطامة، الغاشية وغيرها. القارعة جي معنيٰ اهو ڪڙڪيدار آواز جيڪو دل دهلائي ڇڏي ۽ اهو مخلوق ۾ مختلف نموني اثر انداز ٿيندو آسمان ڦاٽندا، سج ۽ چنڊ بي نور ٿيندا تارا ڪري پوندا وغيره وغيره مطلب تہ (دل کي دهلائيندڙ، ڪهڙي آهي دل کي دهلائيندڙ، توکي ڪنهن ڄاڻايو تہ اها ڪهڙي آهي؟) "يَوْمَ يَكُوْنُ النَّاسُ كَالْفَرَاشِ الْمَبْثُوْثِ" (جنهن ڏينهن ماڻهو پکڙيل پروانن وانگر هوندا) مطلب تہ جيئن ٽڙيل پکڙيل پروانا ۽ پتنگ باھ تي هوش وڃائي ڪرندا ويندا آهن تيئن قيامت جي هيبتناڪ ڪڙڪن ۽

ٽڙڪن جي ڪري انسان بـ هوش حواس وڃائي وهندا. "وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ الْمَنْفُوْشِ" (جبل ٽُنبيل اُن وانگر هوندا) يعني جبل ڪيڏا مضبوط ۽ سخت آهن پر ان ڏينهن خداوندي امر سان ائين پيا هوا ۾ اڏامندا جيئن ٽُنبيل اُن هلڪي هجڻ جي ڪري هوا ۾ اڏامندي آهي. "فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ" (پوءِ پر جنهن جا تورارا ڳرا ٿيندا پوءِ اهو پسند ڪيل معاش ۾ هوندو) يعني مومن هوندو تـه مزي واري زندگي جهنم جي باهه کان آزادي ۽ جنت جا مزا ملندس تمام گهڻو خوش هوندو اتي غم ۽ ڏک جو نشان بـه نـه هوندو ۽ اهي نعمتون دائمي هونديون. "وَاَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُمُّهٗ هَاوِيَةٌ" (۽ پر جنهن جا تورارا هلڪا ٿيا پوءِ ان جي جاءِ هاويه آهي) مطلب تـه جن جي نيڪين جا پُڙ هلڪا ٿيا گناهن جا پُڙ ڳرا ٿيا ڪفر ۽ منافقيءَ جي ڪري انهن جا ظاهر ۽ ٻيا چڱا ڪم بـه ڪنهن فائدي جا نـه رهندا انهن جي جاءِ هاويه هوندي. "وَمَآ اَدْرٰىكَ مَاهِيَهْ نَارٌحَامِيَةٌ" (۽ توکي ڪنهن ڄاڻايو تـه اها ڇا آهي شعلا ڇڏيندڙ باهه آهي) هاويه جهنم جي هڪ طبقي جو نالو آهي جنهن جي اونهائيءَ کي الله عزوجل کان سواءِ ڪير نـه ٿو ڄاڻي. ڪافر ان ۾ مُنڌيءَ ڀر اڇلايو ويندو.(۱)

فائدا: مذڪور آيتن مان هي فائدا بـه ملن ٿا. ۱. "اَلْقَارِعَةُ" (دل کي دهلائيندڙ) مفسرن لکيو آهي تـه قيامت جي ڏينهن ماڻهن کي ڪا بـه ڳالهه ذهن ۾ نـه ويهندي تانجو انهن کان حضور عليه الصلواة والسلام جن جي شفاعت ڪبريٰ واري ڳالهه بـه ذهن ۾ نـه رهندي جو ٻين نبين عليهم الصلواة والسلام جي خدمت ۾ ويندا ۽ اهي بـه هڪڙو ٻئي ڏانهن، ٻيون ٽئين ڏانهن پيو موڪليندن. (۲) ۲. "فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ" (پوءِ پر جنهن جا تورارا ڳرا ٿيندا) مفسرن لکيو آهي تـه آيتن ۾ روايتن جي تطبيق سان معلوم ٿئي ٿو تـه قيامت جي ڏينهن ٻـه ڀيرا وزن ڪيو ويندو "۱" هڪ ڀيرو وزن سان مومن ۽ ڪافر ۾ امتياز ڪيو ويندو مومن جو پڙ ڳرو ۽ ڪافر جو هلڪو ٿيندو. "۲" ٻيو ڀيرو مومنن جي سهڻن عملن ۽ برن عملن کي جدا جدا ڪري ڏيکارڻ لاءِ انهن جا عمل تور ڪيا ويندا. (۳) ۳. ذهن ۾ رکڻ گهرجي تـه اعمال اهي توريا ويندا جيڪي اعمال نامن ۾ لکيل هوندا جيڪي لکيل نـه هوندا جيئن مجنون يا ننڍڙي ٻار جا عمل يا دل ۾ مصطفوي محبت انهن جو وزن نـه ڪيو ويندو پر ان جي ڪري عمل جي وزن کي اهميت ملندي ۽ اهو وزن بـه اخلاص واري عمل جو هوندو رياءَ واري عمل جو ڪو حال نـه هوندو عمل سنت جي مطابق الله جل وعلا جي رضا لاءِ ڪيل هوندو تـه ٻيڙائي پار ٿي ويندا. ۴. علامـه قرطبي لکيو آهي تـه جنهن

(۱) المظهري صـ۳۳۱ـ جلد ۱۰ (۲) نورالعرفان صـ۹۵۵ـ (۳) معارف القرآن صـ۸۰۷ـ جلد ۸

ساهميءَ سان تور ڪٽي ويندي ان ۾ پُڙ بہ هوندا تہ وچ تي تور ڪي معلوم ڪرڻ لاءِ سٽي بہ هوندي اها جبريل سڳوري جي هٿ ۾ هوندي. ۵. "نَارٌ حَامِيَةٌ" (شعلا ڇڏيندڙ باھ) صحيح مسلم ۾ حضرت ابو هريرة رضي الله عنـــه ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليـه وسلم جن فرمايو "اوهان جي هيءَ باھ جنهن کي انسان ٻاري ٿو جهنم جي باھ جي ستر حصن مان هڪ حصو آهي" ٻڌندڙن عرض ڪيو تہ يارسول الله! هيءَ ئي ڪافي هئي؟ پاڻ فرمايائون تہ "ان ۾ هن ڪان ٦٩ حصا وڌيڪ گرمي آهي." علامـــه مظهري هيءَ حديث بہ آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليـــه وسلم جن فرمايو "هڪ مڙس جي مرڻ ڪان پوءِ ٻيو مڙس مري ٿو تہ ان ٻئي ڪان اڳي مري ويل اچي پڇن ٿا تہ فلاڻي جو ڪهڙو حال آهي؟ اهو جواب ٿو ڏي تہ اهو تہ مون ڪان اڳي مري ويو آهي ڇا اوهان وٽان نہ لنگهيو آهي؟ پوءِ چون ٿا تہ نہ، الله جو قسم اهو پوءِ چوي ٿو "انالله وانا اليـه راجعون" ان کي سندس جاءِ هاويـــه ڏانهن وٺي ويا بري جاءِ آهي بري جاءِ آهي." (١) علامـــه مظهري لکيو آهي تہ ڪيترا ٻانها اهڙا هوندا جيڪي حساب ڪان سواءِ جنت ۾ ويندا انهن جي لاءِ ميزان ئي قائم نہ ڪئي ويندي. (٢)

الحمدلله جو مون عاجز سورة "العاديات" جو تفسير اربعاءَ جي شام جو بوقت پنجين بجي بموُرخـــــه ٢٥ ذوالقعدة ١٤٢٦ھـ الموافق ٢٨/١٢/٢٠٠٥ع تي ۽ سورة "القارعـة" جو تفسير خميس جي رات بوقت ٩ بجي بموُرخـه ٢٦ ذوالقعدة ١٤٢٦ھ الموافق ٢٨/١٢/٢٠٠٥ع تي لکي پورو ڪيو شال رب ڪريم ڪرم ڪري باقي رهيلن سورتن جو تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب ڪري آمين يا رب العالمين بوسيلـة النبي الامين عليـه وآلـه واصحابـه الصلواة والسلام الیٰ يوم الدين.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) القرطبي ص۔١٦٧۔ جلد ٢٠ (٢) المظهري ص۔٣٣١۔ جلد ١٠

سورة "اَلتَّكَاثُرُ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن جو نالو مبارڪ سورة "اَلتَّكَاثُرُ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، اٺ آيتون، اٺاويهه ڪلما ۽ هڪ سؤ ويهه حرف آهن. (١)






مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: مفسرن لکيو آهي ته هيءَ سورة "اَلْكَوْثَرِ" کان پوءِ لٿي هئي. (٣)

مضمون: هن سور ۾ وڌي وضاحت سان انهن ماڻهن جي بيوقوفي واضح ڪئي وئي آهي جيڪي فاني شين تي فخر ڪن ٿا انهن کي سمجهايو ويو آهي ته اوهان کي ايتري به فرصت ناهي جو مستقبل جي لاءِ غور ۽ فڪر ڪيو پر ياد رکو جڏهن اوهان مرندا ته اوهان جون اکيون کلنديون ۽ اوهان کي جهنم جي واديءَ تي بيهاريو ويندو ان وقت اوهان پڇتائيندؤ پر اهو ڪنهن ڪم جو نه هوندو بلڪ اتي اوهان کان دنيا ۾ مليل نعمتن جي باري ۾ پڇاڻو ڪيو ويندو.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ قيامت جو بيان هو ۽ هن ۾ ان کان غافل رهندڙن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: حاڪم ۽ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "ڇا اوهان مان ڪو نه ٿو ڪري سگهي جو قرآن جون هزار آيتون روز پڙهي؟" عرض ڪيائون ته ڪير هزار آيتون روز پڙهي سگهندو؟ فرمايائون ته اوهان مان ڪير نه ٿو ڪري سگهي جو "اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ" پڙهي (٤) مطلب ته ان جي پڙهڻ سان هزار آيتن جي پڙهڻ جو ثواب آهي.

---

(١) خازن صـ٤٠٣ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور صـ٦٠٩ـ جلد ٨ (٣) حدائق صـ٢٨٠ـ جلد ٣٢ (٤) الدرالمنثور صـ٦٠٩ـ جلد ٨

وَفِيهَا رُكُوعٌ وَاحِدٌ	سُوْرَةُ التَّكَاثُرِ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ ثَمَانِيْ اٰيَاتٍ
۽ ان ۾ ١ رکوع آهي	سورة التکاثر مکي آهي	۽ اها ٨ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ (١) حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ (٢) كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ (٣)

غافل ڪيو اوهان کي گھڻي جي طلب تانجو ڏٺيون اوهان قبرون ها ها جلد ڄاڻندؤ اوهان

ثُمَّ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ (٤) كَلَّا لَوْ تَعْلَمُوْنَ عِلْمَ الْيَقِيْنِ (٥)

ان ڪان پوءِ ها ها جلد ڄاڻندؤ اوهان ها ها جيڪڏهن ڄاڻندؤ اوهان علم يقين جو ته

لَتَرَوُنَّ الْجَحِيْمَ (٦) ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ الْيَقِيْنِ (٧) ثُمَّ

البت ضرور ڏسندؤ دوزخ ان ڪان پوءِ البت، ضرور ڏسندؤ ان کي يقين جي اک سان ان ڪان پوءِ

لَتُسْئَلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيْمِ (٨) ع ١

البت ضرور پڇيا ويندؤ ان ڏينهن نعمتن جي باري ۾

تفسير

اڳيئن سورة جي پڇاڙيءَ ۾ جهنم جو ذڪر هو ۽ هتي ان ڪان بي توجهہ رهڻ ڪان خبردار ڪيو ويو آهي فرمان عالي شان آهي ”اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ“ (اوهان کي (مال جي) گهڻي هوس (ايترو) غافل ڪيو آهي تانجو اوهان قبرون ڏٺيون) يعني مال ۽ اولاد جي ڪثرت ۽ دنيوي ساز ۽ سامان جي حرص انسان کي غفلت ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي نہ ان کي مالڪ ياد آهي نہ آخرت جو فڪر اٿس بس رات، ڏينهن اهو فڪر اٿس تہ جيئن بہ ٿئي مال ۽ دولت جي ڪثرت هجي ۽ ان ۾ تيستائين لڳل رهي ٿو جيستائين موت اچي قبر پيڙو ڪريس. ”كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ثُمَّ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ“ (ها ها جلد ڄاڻندؤ اوهان ان ڪان پوءِ ها ها جلد ڄاڻندؤ اوهان) يعني ڏسو اوهان کي بار بار تاڪيد ڪيو وڃي ٿو تہ اهو خيال صحيح ناهي تہ مال ۽ اولاد جو گهڻو هجڻ ئي ڪم اچڻ واري شيءِ آهي اوهان جلد ڄاڻندؤ تہ حقيقت اها آهي جيڪا اوهان کي الله عزوجل پنهنجن پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام جي ذريعي سمجهائي آهي ۽

جلد اهو بہ سمجهندؤ ۽ ڄاڻندؤ تہ هي فاني شيون فخر ۽ ناز ڪرڻ جي لائق ناهن. "كَلَّا لَوْ تَعْلَمُوْنَ عِلْمَ الْيَقِيْنِ" (ها ها جيڪڏهن ڄاڻندؤ يقين جي علم سان) يعني ها ها جيڪڏهن اوهان صحيح دلائل سان يقيني طور تي ڄاڻندؤ تہ سمجهي ويندؤ تہ هي دنيا جو سمورو سامان ڪجهہ بہ ناهي ان جي لاءِ ايترو گهڻو حرص رکڻ اجايو آهي. "لَتَرَوُنَّ الْجَحِيْمَ ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ الْيَقِيْنِ" (البت ضرور ڏسندؤ اوهان دوزخ ان ڪان پوءِ البت ضرور ڏسندؤ ان کي يقين جي اک سان) يعني ان غفلت ۽ انڪار جو نتيجو دوزخ آهي جيڪو اوهان کي ڏسڻو آهي اول اُن جو ڪجهہ اثر برزخ ۾ نظر ايندو ۽ پوءِ آخرت ۾ پوري طرح ڏسي عين اليقين حاصل ٿيندو. "ثُمَّ لَتُسْئَلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيْمِ" (ان ڪان پوءِ البت ضرور پڇا ڪيا ويندؤ اوهان نعمتن جي باري ۾) مطلب تہ اتي اوهان ڪان الله عزوجل جي عطا ڪيل نعمتن جي متعلق پڇا ڪئي ويندي پوءِ اهي نعمتون ظاهري هجن يا باطني، آفاقي هجن يا انفسي، روحاني هجن يا جسماني سوال ڪيو ويندو تہ اوهان انهن جو حق ڪهڙو ادا ڪيو ۽ اهي نعمتون عطا ڪندڙ کي ڪيترو راضي ڪيو هُيوَ. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ حاصل ٿين ٿا. ١. "اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ" (اوهان کي تڪاثر غافل ڪيو) تڪاثر جون بہ معنائون آهن "١" مال گڏ ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کان وڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ، "٢" مال جي ڪثرت تي فخر ۽ ناز ڪرڻ. غور ڪجي تو تہ هر هڪ شيءِ الله عزوجل کان غافل بنائڻ واري آهي. ان جي ڪري نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن متنبہ ڪندي ارشاد فرمايا جن مان ڪجهہ هتي لکجن ٿا ١.حضرت انس رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ: رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "يَهْرِمُ ابْنُ آدَمَ وَيَبْقٰى مَعَهُ اثْنَتَانِ الْحِرْصُ وَالْاَمَلُ" (٢) (انسان پوڙهو ٿي وڃي ٿو ۽ ان سان ٻہ شيون گڏ رهن ٿيون حرص ۽ اميد) مطلب تہ پيرسن ۽ پوڙهو ٿي وڃي ٿو تہ بہ دنيا جي گڏ ڪرڻ جي هوس ۽ ان جي آمدنيءَ جي اميد رکي ٿو. ٢.حضرت ابو هريرة رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "ٻانهو چوي ٿو منهنجو مال، منهنجو مال، ان جي لاءِ سندس مال مان صرف ٽي شيون آهن "١" جيڪو کائي ختم ڪيائين، "٢" يا پائي پراڻو ڪيائين، "٣" يا (رب جي واٽ ۾) صدقو ڪري باقي بنايائين، ان کان سواءِ جو ڪجهہ آهي وڃڻ وارو آهي ۽ ماڻهن (وارثن) جي لاءِ ڇڏيندڙ آهي. ٣. حڪيم ترمذي نوادرالاصول ۾ ۽ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ حضرت جرير بن عبدالله رضي الله عنہ کان روايت آندي

(١) حاشيہ عثمانيہ ص٨٠١ـ (٢) تفسير ابن ڪثير ص٥٤٥ـ جلد ٤

آهي تہ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن فرمايو "مان اوهان جي اڳيان سورة "اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ" پڙهان ٿو پوءِ جنهن رنو جنت ۾ داخل ٿيندو پوءِ پاڻ پڙهيائون تہ اسان کنهن رنو ۽ کنهن نہ رنو ۽ جن نہ رنو انهن عرض کيو تہ: يارسول الله! اسان مان کوشش کئي پر روئڻ نہ آيو پاڻ فرمايائون تہ "مان اوهان جي اڳيان وري پڙهان ٿو پوءِ جنهن رنو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ جنهن نہ رنو اهو روئڻ جهڙو نمونو ڪري."

٤. "ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيْمِ" (ان کان پوءِ اوهان نعمتن جي باري ۾ ضرور پڇا ڪيا ويندؤ) اهي نعمتون ڪهڙيون آهن جن جي شڪر يا حق ادا ڪرڻ جي لاءِ پڇا ڪئي ويندي ان ۾ مختلف قول آهن جن جو خلاصو پنج آهن "١" امن ۽ صحت، "٢" سلامتي، "٣" ڪاڌي، پيتي جي لذت، "٤" صبح ۽ شام واري غذاءَ، "٥" اهي شيون ڏؤ ڪري استعمال ڪرڻ، ترمذي حضرت زبير بن عوام رضي الله عنـــه کان روايت آندي آهي تہ جڏهن "ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيْمِ" آيت نازل ٿي تہ ماڻهن عرض ڪيو يارسول الله! ڪهڙين نعمتن جي باري ۾ پڇا ڪيا وينداسون (اسان وٽ تہ) اهي ٻہ ڪارا (ڪَتَل ۽ پاڻي) آهن ۽ دشمن موجود آهن ۽ اسان جون تلوارون اسان جي ڪنڌن تي آهن پاڻ فرمايائون تہ جلد (ڪجهہ) ٿيندو. (١)

الحمدلله جو مون عاجز سورة "اَلتَّكَاثُرُ" جو تفسير خميس جي ڏينهن صبح جو ١٠ بجي بموؤرخـــہ ٢٦ ذوالقعدة ١٤٢٦ھ الموافق ٢٠٠٥/١٢/٢٩ع تي لکي پورو ڪيو شال رب ڪريم ڪرم ڪري باقي رهيلن سورتن جو تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب ڪري آمين يا رب العالمين بوسيلة النبي الامين عليــه وآلــه واصحابــه الصلواة والسلام الىٰ يوم الدين.

دعا جو طالب
الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنه

(١) احڪام القرآن لابن العربي ص۔١٩٧٤/١٩٧٥۔ جلد ٤

سورة "اَلْعَصْرِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون سمجهڻ اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن پاڪ سورة جو نالو مبارڪ "اَلْعَصْرِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، ٽي آيتون، چوڏهن ڪلما ۽ انهٽ حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: هيءَ سورة "اَلْاِنْشِرَاحِ" ڪان پوءِ نازل ٿي هئي. (٣)

مضمون: هيءَ سورة ٽي آيتون آهي پر اهي معرفت ۽ اسرار جو موجون هڻندڙ سمنڊ آهن جنهن جو نه ڪنارو آهي ۽ نه اونهائي جو اندازو آهي هن جي عبارت جي اختصار ڪي ڏسي عرب جا فصيح حيران هئا ۽ هن جي معنائن تي غور ڪرڻ سان انساني عقل دنگ رهجي وڃي ٿو اصحاب ڪرام رضي الله عنهم ڪي هن سورة جي معنويت ۽ عظمت جو پورو احساس هو طبراني عبيدالله بن حفص ڪان روايت آندي آهي ته: اصحابي جڏهن هڪ ٻئي سان ملاقات ڪندا هئا ته موڪلائڻ وقت هڪڙو هيءَ سورة تلاوت ڪري ٻڌائيندو هو حضرت امام شافعي عليه الرحمة بالڪل صحيح فرمايو آهي ته "لو تدبرالناس هذه السورة لوسعتهم" يعني جيڪڏهن ماڻهو هن هڪ سورة ۾ ئي غور ئي ڪن ها ته انهن جي فلاح ۽ ڪاميابيءَ جي لاءِ هيءَ هڪ سورة ئي ڪافي آهي. (۴)


اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ انسانن جي تفاخر ۽ تڪاثر جو بيان هو ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي ته انسان جي طبيعت ۾ هلاڪت ڏانهن لاڙو آهي مگر جنهن تي الله عزوجل ڪرم ڪري.

ڀلايون ۽ برڪتون: نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو ته "جنهن سورة "وَالْعَصْرِ" پڙهي الله ان ڪي بخش فرمائيندو ۽ اهو انهن مان هوندو جن حق جي ۽ صبر جي وصيت ڪئي هوندي." (۵)

شان نزول: حضرت شاه عبدالعزيز محدث دهلوي عليه الرحمة ان جو شان نزول

(١) خازن ص۔۴٠۵۔ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور ص۔٦٢١۔ جلد ٨ (٣) حدائق ص۔٢٩٦۔ جلد ٣٢ (۴) ضياءُ القرآن ص۔٦۵٢۔ جلد ۵ (۵) حدائق ص۔٢٩٧۔ جلد ٣٢

بيان ڪندي لکيو آهي تہ هڪ شخص جنهن جو نالو ڪلاهہ بن اسيد هو ۽ ان جي ڪنيت ابولاسدين هئي اسلام کان اڳي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنـــه جو دوست هوندو هو جڏهن حضرت ابوبڪر حضور عليہ الصلواة والسلام جن تي ايمان آندو ۽ اسلام قبول ڪيو تہ اهو نصيحت ڪندڙ مشفق بنجي ڪيس سمجهائڻ آيو ۽ چوڻ لڳو تہ اي ابوبڪر! تنهنجي قابليت ۽ عقلمندي شڪ ۽ شبهي کان مٿي آهي ڪاروبار ۾ تنهنجو ڪو مٽ نہ آهي تنهنجي تاجرانـــہ مهارت جي ڪري تنهنجو هر سودو نفعي وارو هوندو آهي ايتري سمجهہ هوندي تو پنهنجي ابي، ڏاڏي جي دين کي ڇڏي اسلام ڇو قبول ڪيو آهي ۽ لات ۽ هبل جي عبادت ڇڏي انهن جي شفاعت کان محروم ٿي ويو آهين؟ پاڻ ان کي جواب ڏنائين تہ جيڪو شخص حق قبول ڪري ٿو ۽ ثابت قدمي سان صراط مستقيم تي هلي ٿو اهو نقصان ۾ ناهي ان جي تصديق لاءِ الله تعالیٰ هيءَ سورة نازل فرمائي. (۱)



وَهِيَ ثَلَاثُ اٰيَاتٍ	سُوْرَةُ الْعَصْرِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَّاحِدٌ
۽ اها ۳ آيتون آهي	سورة العصر مڪي آهي	۽ ان ۾ ۱ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

وَالْعَصْرِ (۱) اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍ (۲) اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

زماني جو قسم آهي — بيشڪ انسان البت خساري ۾ آهي — مگر جن ايمان آندو ۽ عمل

الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ (۳) ع ۱ ۲۸

صالح ڪيائون ۽ حق جي تلقين ڪيائون ۽ صبر جي تلقين ڪيائون

تفسير

اڳيئن سورة ۾ نفس جي اتباع ڪندي هلاڪ ٿيندڙن جو بيان هو ۽ هن ۾ ايمان ۽ صالح عمل وارن کي خصوصي طور ذڪر ڪيو ويو آهي فرمان مبارڪ آهي "وَالْعَصْرِ"

(۱) تفسير عزيزي فارسي صـ۲۷۴ـ

(زماني جو قسم آهي) زماني جو قسم ان جي ڪري ڪنيو ويو آهي جو ان ۾ ڪئين حوادث ۽ عبرت وٺڻ واريون شيون آهن جيڪي الله جي قدرت، بالغ حڪمت ۽ واسع علم جو دليل آهن ان ۾ ئي خوشي، غم، صحت، بيماري، شاهوڪاري، مسڪيني، راحت ۽ تڪليف، غم ۽ فرحت وغيره آهن. (۱) علامه حقي عليه الرحمة لکيو آهي تہ الله عزوجل عصر (وڇينءَ) نماز جو قسم ڪنيو آهي ۽ هڪ قول آهي تہ العصر مان مراد حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي بعثت وارو زمانو آهي جيڪو اڳين گذريلن زمانن جي لحاظ سان ايترو ٿورو بچيو آهي جيترو وڇين نماز جو وقت ڏينهن ۾ ٿورو آهي ۽ هن جو شان ٻين وقتن کان ظاهر آهي ڇو تہ اهو انبياءَ و مرسلين عليهم الصلواة والسلام کان پلي نبي عليه الصلواة والسلام جو زمانو، امتن ۾ پلي امت جو زمانو، آسماني ڪتابن ۾ پلي ڪتاب جو زمانو آهي ۽ ان ۾ ئي تفصيلي طور سمورا ڪمال ظاهر ٿيا. (۲) مفسر خازن، آلوسي بغدادي ۽ علامه ابوحفص دمشقي عليه الرحمة بہ اهو قول لکيو آهي. (۳) "اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَفِیۡ خُسۡرٍ" (بيشڪ انسان البت خساري ۾ آهي) هتي انسان مان مراد ڪافر آهي جيڪو پنهنجي ۽ پنهنجي ڪافر اهل عيال جي جنت واري جاءِ وڃائي ويٺو آهي. (۴) "اِلَّا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوۡا بِالۡحَقِّ ۙ۬ وَتَوَاصَوۡا بِالصَّبۡرِ" (مگر جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون ۽ حق جي تلقين ڪيائون ۽ صبر جي تلقين ڪيائون) يعني مگر اهي خساري ۽ نقصان کان بچي ويندا جن ۾ هي چار ڳالهيون هونديون "۱" ايمان آندائون، الله جل جلاله ۽ ان جي پياري رسول پاڪ عليه الصلواة والسلام ڪي دل جي سچائي سان مڃي ڪليل زبان سان اقرار ڪيائون، "۲" صالح عمل ڪيائون، براين ۽ بيحيائين کان پري رهيا، "۳"هڪ ٻئي کي محبت سان حق قبول ڪرڻ ۽ حق تي هلڻ جي تلقين ڪيائون. "۴"هڪ ٻئي کي الله عزوجل جي عبادت ۽ براين کان بچڻ ۾ ايندڙ تڪليف ۽ ملندڙ ڏک تي صبر جي تلقين ڪيائون. حضرت ابي بن ڪعب فرمايو تہ: مون حضور عليه الصلواة والسلام جن جي اڳيان سورة "وَالۡعَصۡرِ" پڙهي ڪين عرض ڪيو تہ ان جو تفسير ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون "والعصر" الله جي طرفان قسم آهي اوهان جي رب ڏينهن جي آخري حصي جو قسم ڪنيو آهي. "اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَفِیۡ خُسۡرٍ" ابوجهل آهي، "اِلَّا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا" ابوبڪر آهي، "وعملوا الصّٰلِحٰتِ" عمر آهي، "وَتَوَاصَوۡا بِالۡحَقِّ" عثمان آهي، "وَتَوَاصَوۡا بالصَّبۡرِ" علي آهي. (رضي الله عنهم اجمعين) ۽ حضرت ابن عباس رضي

(۱) المراغي صـ۲۲۴ـ جزءُ ۳۰ جلد ۱۰ (۲) روح البيان صـ۵۰۴ـ جلد ۱۰ (۳) خازن صـ۴۰۵ـ جلد ۴، اللباب صـ۴۸۵ـ جلد ۲۰ (۴) تفسير ابن عباس صـ۵۱۸ـ

الله عنهما ٻه منبر تي خطبو ڏيندي اها ئي مراد بيان ڪئي هئي. (١)

نيڪيءَ جو امر ڪرڻ ۽ برائيءَ کان روڪڻ لازم آهي

مفسرن ڀلارن لکيو آهي ته جيڪو نيڪيءَ جو امر نه ڪندو ۽ برائي کان نه روڪيندو اهو خساري وارن مان هوندو ڏسو نبوي فرمان "١" حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "اوهان مان جيڪو برائي ڏسي ته ان کي هٿ (طاقت) سان روڪي جيڪڏهن نه ته زبان سان ۽ جيڪڏهن اها ٻه نه تو ڪري سگهي ته ان کي دل سان برو سمجهي ۽ اهو ضعيف ايمان آهي" رواه مسلم. "٢" بغوي شرح السنة نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کان آندو آهي پاڻ فرمايائون ته "الله عام ماڻهن کي خاص ماڻهن جي بد عملن جي ڪر عذاب نه ڪندو آهي تانجو پنهنجي وچ ۾ برائي ڏسندا ۽ روڪڻ تي قادر هجڻ جي باوجود نه روڪيندا ته پوءِ الله عام، خاص (سڀني) کي عذاب ڪندو."(٢)

فائدا: مذڪوره آيتن ۾ غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١. "وَالْعَصْرِ" (زماني جو قسم) زماني جي قسم جي هڪ مناسبت اها ٻه آهي جو جنهن شيءِ جو قسم کنيو وڃي اها هڪ حيثيت سان ان معاملي جي شاهد جي قائم مقام ٿيندي آهي ۽ زمانو اهڙي شيءِ آهي جو جيڪو ٻه ان جي تاريخ ۽ ان ۾ واقع ٿيندڙن ڀلن ۽ برن واقعن تي نظر ڪندو ته ضرور ان نتيجي تي پهچندو ته صرف اهي هن سورة ۾ مذڪوره چار ڪم آهن جن تي ڪاميابيءَ جو مدار آهي. ٢. مذڪوره سورة جي آخري حصي مان معلوم ٿيو ته نجات ۽ ڪاميابيءَ جي لاءِ صرف پنهنجي عمل جي اصلاح ڪافي ناهي بلڪ ٻين مسلمانن جو فڪر ٻه ضروري آهي.

الحمدلله جو مون عاجز سورة "العصر" جو تفسير خميس جي ڏينهن شام جو سوا چئين بجي ٢٦ ذوالقعده ١٤٢٦ هه ٢٠٠٥/١٢/٢٩ع تي لکي پورو ڪيو شال رب ڪريم ڪرم ڪري باقي رهيلن سورتن جو تفسير ٻه جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب ڪري آمين يا رب العالمين بوسيلة النبي الامين عليه وآله واصحابه الصلواة والسلام الي يوم الدين.

الفقير محمد ادريس الداهري عفي عنه

(١) القرطبي ص ـ ١٨٠ ـ جلد ٢٠، اللباب في علوم الڪتٰب ص ـ ٤٨٦ ـ جلد ٢٠، روح البيان ص ـ ٥٠٧ ـ جلد ١٠ (٢) المظهري ص ـ ٣٣٧ ـ جلد ١٠

سورة "اَلْهُمَزَةِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻيون آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة جو نالو مبارڪ "اَلْهُمَزَةِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، نوَ آيتون، ٽيهه ڪلما ۽ هڪ سوٴ ٽيهه (۱۳۰) حرف آهن. (۱)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (۲)


نزول: هيءَ سورة "اَلْقِيٰمَةِ" کان پوءِ نازل ٿي هئي. (۳)

مضمون: مڪه مڪرمه ۾ رهندڙ ڪافر هونءَ ته سيئي حضور پرنور عليه الصلواة والسلام سان بغض ۽ عناد رکندا هئا پر انهن ۾ ڪجهه اهڙا وڏيڪ اندر جا پليد به هئا جيڪي ڪوڙا الزام لڳائڻ ۽ بهتان هڻڻ ۾ سڀني کان اڳتي هئا انهن جي ڪيفيت به برابر نه هئي ڪجهه اهڙا هئا جيڪي پرپٺ ته گلا ۽ عيب جوئيءَ کا ڪسر نه ڇڏيندا هئا پر روبرو به طعن زني کان نه مڙندا هئا اخنس بن شريق انهن جو اڳواڻ هوندو هو اهڙن ماڻهن جي باري ۾ هيءَ سورة نازل ٿي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام تي طعني ڪندڙن جو پنهنجو هي حال آهي ته انهن جي دلين ۾ دنيا جي محبت ڄمي پئي آهي انهن جو محبوب شغل مال گڏ ڪرڻ آهي پئسن کي بار بار ڳڻڻ انهن جي تفريح آهي پاڻ ته مڪين وانگر دنيا جي غليظ گندگيءَ تي ڪِريا پيا آهن ۽ وري الله جل شانه جي ان محبوب عليه الصلواة والسلام جون بي ادبيون ڪندا رهن ٿا اهي دولت پوڄاري هجڻ سان گڏ عقل ۽ فهم کان به خالي آهن سمجهن ٿا ته اها دولت ڪين موت کان ڇڏائي هميشه جي لاءِ هتي رهائيندي حالانڪ ائين هجي ها ته هنن اڳي رهڻ وارا وڏا مالدار ۽ سرمايي وارا به نه مرن ها اهڙن بي سمجهه ماڻهن جي عاقبت ۽ انجام به بيان ڪيو ويو آهي ته اهي الله جي طرفان ٻاريل ان باهه ۾ اڇلايا ويندا جيڪا دل کي ساڙيندي اهي ان ۾ هميشه هوندا.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ بيان ٿيو ته انسان خساري ۾ آهن ۽ هتي انهن جون ڪجهه صفتون بيان ڪيون ويون آهن.

(۱) خازن ص۴۰۶ ـ جلد ۴ (۲) الدرالمنثور ص۶۲۳ ـ جلد ۸ (۳) حدائق ص۳۱۱ ـ جلد ۳۲

پڙهڻ جا برڪتون: حضرت ابي بن ڪعب کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليـــه وسلم جن فرمايو "جنهن "وَيۡلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ" پڙهي تہ ان کي اجر جون ڏهہ نيڪيون ملنديون ۽ جيترن ڪافرن نبي پاڪ عليــہ الصلواة والسلام تي طعن ڪيو هوندو هن کي انهن جي تعداد جيتريون ٻہ نيڪيون ملنديون. (۱)



وَفِيۡهَا رُكُوۡعٌ وَاحِدٌ	سُوۡرَةُ الۡهُمَزَةِ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ تِسۡعُ اٰيَاتٍ
۽ ان ۾ ۱ رڪوع آهي	سورة الهمزه مڪي آهي	۽ اها ۹ آيتون آهي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشـہ رحم ڪندڙ آهي.

وَيۡلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِ (۱) الَّذِيۡ جَمَعَ مَالًا وَّعَدَّدَهٗ (۲) يَحۡسَبُ

هلاڪت آهي هر گلا ڪندڙ، عيب ڳوليندڙ جي لاءِ جنهن گڏ ڪيو مال ۽ ڳڻي ٿو ان کي ڀانئين ٿو تہ

اَنَّ مَالَهٗۤ اَخۡلَدَهٗ (۳) كَلَّا لَيُنۡۢبَذَنَّ فِى الۡحُطَمَةِ (۴) وَمَاۤ

بيشڪ ان جو مال هميشـہ رهائيندو ان کي هرگز نہ البت ضرور اڇلايو ويندو حطمـہ ۾ ۽ ڪنهن

اَدۡرٰىكَ مَا الۡحُطَمَةُ (۵) نَارُ اللّٰهِ الۡمُوۡقَدَةُ (۶) الَّتِيۡ تَطَّلِعُ عَلَى الۡاَفۡـِٕدَةِ (۷)

ڄاڻايو تو کي تہ ڇا آهي حطمـہ؟ الله جي ٻاريل باهہ جيڪا پهچي ٿي دلين تي

اِنَّهَا عَلَيۡهِمۡ مُّؤۡصَدَةٌ (۸) فِيۡ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ (۹) ع ۱ ۹ ۲۹

بيشڪ اها انهن تي بند ڪيل آهي ڊگهن ٿنڀن ۾

تفسير

اڳيئن سورة ۾ ٻڌايو ويو تہ انسان خساري ۾ آهي ۽ هتي خساري ۾ پوندڙ جي سزا بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. (۲) "وَيۡلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِ" (هر گلا ڪندڙ، عيب ڳوليندڙ جي لاءِ هلاڪت آهي) هيءَ ڪنهن جي باسري ۾ نازل ٿي ان ۾ مختلف قول

(۱) اللباب صـ۴۹۴ـ جلد ۲۰ (۲) البحر المحيط صـ۵۱۰ـ جلد ۸

آهن "۱" تہ اخنس بن شريق جي باري ۾، "۲" تہ عاص بن وائل جي باري ۾، "۳" تہ جميل بن معمر جي باري ۾، "۴" تہ وليد بن مغيره جي باري ۾، "۵" تہ اميہ بن خلف جي باري ۾، ۽ ممڪن آهي تہ سڀني جي باري ۾ نازل ٿي هجي ۽ سهيليءَ جو چوڻ آهي تہ اهو اميہ بن خلف جمحي هو جيڪو نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي گلا ڪندو ۽ منهن تي بہ طعنا هڻندو هو. (۱) مطلب تہ ان جي لاءِ هلاڪت، تباهي ۽ بربادي آهي جيڪو پرپٺ گلا ڪري منهن تي طعنہ زني ڪري، يا هُمزه جي معنىٰ چغلخور جيڪو ٻن کي ويڙهائي. ڪافرن ۾ هي بريون عادتون عام هيون جتي ڪنهن غريب ۽ ڪمزور کي ملندا هئا تہ ان کي منهن تي برو ڀلو چوندا هئا ڇو تہ ان کان ڪو خطرو نہ سمجهندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو طاقتور ماڻهو سامهون ڏسندا هئا تہ منهن تي ان جي چمچاگيري بہ ڪندا هئا ۽ پرپٺ گلا ڪندا هئا هتي بيان ٿيو تہ انهن جي لاءِ هلاڪت ۽ تباهي آهي "الَّذِيْ جَمَعَ مَالًا وَّعَدَّدَهٗ يَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗٓ اَخْلَدَهٗ" (جنهن مال گڏ ڪيو ۽ ان کي ڳڻي پيو ڀانئي ٿو تہ ان جو مال ان کي هميشہ رهائيندو) يعني ان ڪافر جي ٻي اها عادت آهي جو مال گڏ ڪري ان کي هر هر پيو ڳڻي ۽ گڏ ڪري رکي ڪجهہ بہ کپائي نہ ٿو سمجهي ٿو تہ ان مال جي ذريعي موت کان بچي، هميشہ دنيا ۾ رهيو پيو هوندو. "كَلَّا لَيُنْۢبَذَنَّ فِي الْحُطَمَةِ" (هر گز نہ، البت ضرور حطمہ ۾ اڇلايو ويندو) يعني دنيا ۾ تہ اهو پاڻ کي وڏو معتبر سمجهي ٿو مال ۽ ملڪيت تي ناز ڪندي الله جل جلالہ جي نبي حبيب عليہ الصلواة والسلام جي گلا بہ ڪري ٿو، طعنا بہ هڻي ٿو، چغلخوري بہ ڪري ٿو پر ان کي خبر تڏهن پوندي جڏهن ذليل ڪري حطمہ ۾ اڇلايو ويندو. "وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْحُطَمَةُ نَارُ اللّٰهِ الْمُوْقَدَةُ" (۽ توکي ڪنهن ڄاڻايو تہ حطمہ ڇا آهي؟ الله جي ٻاريل باهہ آهي) حطمہ دوزخ جي هڪ طبقي جو نالو آهي ان ڪافر کي ان ۾ اڇلايو ويندو اها الله جي ٻاريل باهہ آهي جيڪا وسامڻ واري ناهي. "الَّتِيْ تَطَّلِعُ عَلَى الْاَفْـِٕدَةِ" (اها باهہ دلين تي پهچندي) مطلب تہ ان جي تيزي ۽ گرمي دلين تي پهچي انهن کي ساڙيندي. "اِنَّهَا عَلَيْهِمْ مُّؤْصَدَةٌ" (بيشڪ اها انهن تي بند ڪيل هوندي) يعني ڪافرن کي ان ۾ وجهي ان جا دروازا مڪمل بند ڪيا ويندا جو نڪرڻ جو ڪو آسرو نہ هوندن. "فِيْ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ" (ڊگهن ٿنڀن ۾ هوندا) هن جي مطلب ۾ ٽي قول آهن "۱" تہ ان باهہ جا شعلا ڊگهن ٿنڀن جهڙا هوندا. "۲" تہ انهن دوزخين کي ڊگهن ٿنڀن سان اهڙو ڇڪي ٻڌو ويندو جو چري بہ نہ سگهندا. "۳" تہ دوزخ جي منهن جي اڳيان ڊگها ڊگها ٿنڀ ڏئي ان کي هميشہ لاءِ مڪمل طرح بند

(۱) ساڳيو حوالو

ڪيو ويندو. (١) (جو ڪو پنهنجي طاقت سان ان مان نڪرڻ جو سوچي به نه سگهندو.)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "وَيۡلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِ" (هر گلا ڪندڙ، عيب ڳوليندڙ جي لاءِ هلاڪت آهي) هن آيت جي تفسير ۾ علامه نعيمي لکيو آهي ته حضور عليه الصلواة والسلام جي گستاخيءَ جون ٽي صورتون آهن ٽئي ڪفر آهن "١" کلي گستاخي ڪرڻ جيئن "اِنَّكَ لَمَجۡنُوۡنٌ" (ڪافرن چيو ته) بيشڪ اوهان مجنون آهيو، "٢" سندن شان ۾ اهڙو لفظ چوڻ جنهن جي بري معنيٰ به نڪري سگهي، جيئن "رَاعِنَا"، "٣" ڏوڪي ڏيڻ جي لاءِ بدنيتيءَ سان تعريف ڪرڻ، جيئن منافقن چيو هو ته اوهان الله جا رسول آهيو اصحاب ڪرام، آل اطهار ۽ مدينه منوره جي توهين ڪرڻ به ان ۾ داخل آهي الله جو حمد ڪرڻ حضور عليه الصلواة والسلام جي سنت آهي مصطفيٰ عليه الصلواة والسلام جي تعريف ڪرڻ خداوندي سنت آهي ۽ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جي توهين ڪرڻ شيطان جي سنت آهي. ٢. "جَمَعَ مَالاً وَّعَدَّدَهٗ" (مال گڏ ڪيائين ۽ ان کي هر هر ڳڻيائين) مال جمع ڪري ڳڻڻ جون ڪجهه صورتون حرام آهن "١" ته حرام ذريعن سان گڏ ڪري، حرام خور جي نه عبادت ۾ لذت آهي نه دعا قبول آهي، "٢" ته گڏ ڪيل مال مان شرعي حقوق ادا نه ڪري، "٣" ته مال گڏ ڪرڻ ۾ اهڙو مشغول ٿي وڃي جو رب پاڪ کي وساري ڇڏي، "۴" مال کي ئي آفتن جي دفع ٿيڻ جو ذريعو سمجهي الله عزوجل کي عرض نه ڪري ۽ نه ان تي توڪل رکي. ٣. "لَيُنۡۢبَذَنَّ فِى الۡحُطَمَةِ" (البت ضرور حطمه ۾ اڇلايو ويندو) مان معلوم ٿيو ته ان کي ڏڪا ڏئي ذليل ڪري اهڙي باهه ۾ اڇلايو ويندو جيڪا ان جا پاسا، هڏا، ساڙي دل تائين پهچندي. (٢) ۴. ياد رکڻ گهرجي ته جيڪو مال الله جي واٽ ۾ ويندو آهي اهو باقي آهي "وَيُرۡبِى الصَّدَقٰتِ" (۽ صدقن کي وڌائي ٿو) (٣) جيئن الله جل شانه جي واٽ ۾ جان ڏيڻ وارا زنده آهن. ٥. مٿي بيان ڪيل آيتن مان هي مسئلا به ذهن ۾ آيا "١" ته هي آيتون ڪافرن جي باري ۾ لٿيون آهن ڇو ته مومن ائين جهنم ۾ مٿان ڪري سٽيا نه ويندا، "٢" ته جيڪو مظلوم دنيا ۾ پنهنجو بدلو وٺي نه سگهيو ان جو بدلو قيامت ۾ الله عزوجل پاڻ وٺندو. "٣" رافضي ابو جهل ۽ اخنس بن شريق جي طريقي تي هلي اصحاب ڪرام تي طعنا هڻن ٿا انهن جي سزا به انهن واري هوندي. (۴)

(١) حاشيه عثمانيه صـ٢٠٨ـ (٢) نورالعرفان صـ٩٨٧ـ (٣) سورة...... آيت....
(۴) نورالعرفان صـ٩٨٧ـ

سورة "اَلۡفِيۡلِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ اهم آهن.

نالو مبارڪ: هن جو نالو "اَلۡفِيۡلِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت جو آخري ڪلمو آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، پنج آيتون، ويهه ڪلما ۽ ڇهانوي حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: هيءَ سورة "اَلۡكَافِرُوۡنَ" ڪان پوءِ نازل ٿي هئي. (٣)

مضمون: هن سورة ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي خطاب ڪندي مڪه مڪرمه ۾ ٿيندڙ هڪ اهم واقعي (هاٿين وارن سان ٿيندڙ حالت) جو ذڪر ڪيو ويو آهي اهو واقعو ڪهڙو ۽ ڪيئن آهي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة جن ان جو هن طرح ذڪر ڪيو آهي ته هڪ شخص ابرهه بن سباح نالي يمن ملڪ جو والي (گورنر) هو ان جڏهن هزارين ماڻهن کي ڪعبة الله شريف ڏانهن عقيدت ۽ محبت سان ويندي اتي اچي حج ۽ طواف ڪندي ڏٺو تڏهن ان کي ڪعبة الله شريف سان حسد ٿيو ۽ دل ۾ پڪو فيصلو ڪيائين ته مان هتي يمن جي صنعاءَ شهر ۾ اهڙو گهر ٺاهي ماڻهن کي مجبور ڪري متوجه ڪيان جيئن ڪعبة الله جو طواف ۽ حج ڪن تا ٿيئن هن جو به ڪن پوءِ ڪعبة الله شريف جي نموني تي هڪ گهر تيار ڪري ان ۾ وڏو خرچ ڪيائين ان جي اڏاوت مرمر جي پٿر سان ۽ دريون دروازا سون ۽ موتين سان جڙي تيار ڪري ان جو نالو قُليس رکيائين ۽ ماڻهن کي چيائين ته ان جو حج ڪيو ۽ ان جو طواف ڪيو ۽ جيڪي ماڻهو بيت الله جو حج ڪرڻ ويا ٿي انهن کي موٽايائين ٿي جڏهن سندس اهو ڪم مشهور ٿيو تڏهن عربن جي بني ڪنانه قبيلي مان هڪ مڙس کي ڪعبة الله شريف جي مقابلي ۾ ان گهر تي ڪاوڙ آئي اهو اتي پهچي رات جو ان ۾ اندر گهڙي قضا حاجت ڪري ان کي گند گيءَ سان پري نڪري ويو جڏهن رات گذري ۽ ڏينهن ٿيو ته سيني اها حالت ڏٺي ۽ ابرهه کي به سخت ڪاوڙ آئي اجان اها ڳالهه اتي ئي رهي ته ڪجهه عرب قافلي جي صورت ۾ ان هٽرادو ڪعبه (قُليس) جي ويجهو منزل انداز ٿيا سياري جي موسم هئي انهن رات جو باهه

(١) خازن ص-٤٠٧ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور ص-٦٢٧ـ جلد ٨ (٣) حدائق ص-٣٢٨ـ جلد ٣٢


ٻاري تہ هوا تي کا چٹنگ اڏامي وجي قُليس ۾ پئي ۽ سڄو سڙي ختم ٿي ويو پوءِ تہ ابرهہ کي وڏيڪ ڪاوڙ آئي ۽ پڪو فيصلو ڪيائين تہ هاڻي مڪه مڪرمه واري ڪعبة الله شريف کي (معاذالله) ڊاهي ميدان ڪري ڇڏيندس پوءِ وڏو لشڪر تيار ڪري نڪتو سندس لشڪر ۾ سٺ هزار (٦٠٠٠٠) ماڻهو هئا ۽ تيرهن هاٿي بہ لشڪر ۾ ڪاهي روانا ٿيا انهن ۾ وڏي هاٿي جو نالو محمود هو جيڪو گهڻو طاقتور هو ۽ جڏهن مڪه مڪرمه کي ويجهو آيا تہ اتي عربن جا جهنگل ۾ چرندڙ چوپايي مال جا ڌڻ قابو ڪندا ويا ۽ انهن ۾ ہہ سوءُ اٺ نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي ڏاڏي حضرت عبدالمطلب جا بہ هئا حضرت عبدالمطلب کي اطلاع مليو تہ اهو پنهنجن اٺن کي ڇڏائڻ جي لاءِ انهن وٽ آيو ابرهہ سان ملاقات ڪيائين ۽ اهو سندس پيشانيءَ ۾ نبوي نور جون تجليون ڏسي حيران ٿي ويو ۽ سندس طاقتور ۽ سرڪش، محمود نالي هاٿيءَ بہ جڏهن حضرت عبدالمطلب ۾ حضور عليہ الصلواة والسلام جو نور ڏٺو تہ سندس اڳيان سجدي ۾ ڪري پيو ان ابرهہ کي بہ ڪڏهن سجدو ڪيو هو. ان حضرت عبدالمطلب سان ڳالهائيندي بہ ڪيس عرض ڪيائين تہ ان نور تي سلام آهي جيڪو تنهنجي پيشانيءَ ۾ چمڪي رهيو آهي اهو ٻڌي ابرهہ کي اجان وڏيڪ عجب لڳو ۽ پاڻ بہ حضرت عبدالمطلب جي عزت ڪندي ڪيس ہہ سوءُ اٺ واپس ڪري ڏنائين پر حضرت عبدالمطلب کي چيائين تہ اسين هيترو پند ڪري ان جي لاءِ آيا آهيون تہ مڪه مڪرمه مان ڪعبة الله شريف کي ڊاهي ختم ڪري وجون اوهان اسان سان ان ڪم ڪندي سامهون نہ ٿجو نہ تہ اوهان جا مال ڦريا ويندا ۽ ماڻهو سڀ قتل ڪيا ويندا حضرت عبدالمطلب ان کي جواب ڏنو تہ اسين توسان ويڙهہ ڪرڻ جي طاقت نہ ٿا رکون نہ ويڙهہ جو ارادو آهي پر ايتري ڳالهہ تون بہ ذهن ۾ رک تہ ڪعبة الله شريف جو نگهبان هڪ الله آهي جيڪو ان کي هر طرح محفوظ رکي ٿو اهو ان جي حوالي آهي اسان جي وس ڪجهہ بہ ناهي ان کان پوءِ حضرت عبدالمطلب مڪه مڪرمه شهر ۾ موٽي آهيو ۽ قريشين کي چيائين تہ اوهان شهر خالي ڪيو اسين دشمن سان ٽڪر کائي نہ سگهنداسون قريشي مڪه مڪرمه مان لڏا ڪٽي نڪتا ۽ هوڏانهن ابرهہ لشڪر هاٿي وٺي شهر ڏانهن آيو اڳيان ان محمود نالي هاٿيءَ کي ڪيائين جڏهن ڪعبة الله شريف ڏانهن هلڻ لڳا تہ اهو هاٿي صفا نہ هليو بالڪل ضد ڪري ويهي رهيو ۽ گهڻو تنگ ڪرڻ سان اتي جو اتي ويهي رهيو پر جي ان کي ٻئي طرف هلائن تہ هلڻ شروع ڪيو ڏي اهڙي طرح ٻيا هاٿي بہ ويهي رهيا ڪو بہ ڪعبي ڏانهن هلڻ لاءِ تيار نہ رهيو ۽ ان حالتن کي ڏسي جڏهن اهي نہ پيا

موٽن تڏهن الله عزوجل انهن کي عذاب ڪرڻ جي لاءِ ابابيل پکي موڪليا جيڪي هند جي پاسي کان سمنڊ جي ڪناري تان ڪڪرن وانگر ٿي آيا سندن رنگ سائو ۽ سندن چهنبون ڦڪيون هيون، چنهبون پکين جهڙيون ۽ چنبا ڪتن جهڙا هين. مٿا وري سوئرن جهڙا، هڪ هڪ کي ٽي پٿريون هيون هڪڙي چهنب ۾ ته ٻه چنبن ۾ کي چٽي جيڏيون، ڪي مهري دال جيڏيون ته ڪي اچان ٻه ننڍڙيون ڪي مهري دال کان ٻه وڏيون هيون هر هڪ پٿريءَ تي ان ڪافر جو نالو لکيل هو جنهن کي اها لڳائٽي هئي پوءِ اهي پکي ان لشڪر جي مٿان اچي بيٺا جنهن پٿريءَ تي جنهن جو نالو هو اها ان کي هنيائون ته ان جي مٿي کان لڳي هيٺان ان جي سواريءَ واري گهوڙي کي به ڪٽي زمين ۾ لهي ٿي وئي ان حالت ۾ ڪيترا مري ويا ڪي ڀڄڻ لڳا پر واٽ هٿ نه اچڻ جي ڪري پڇي نه ٿي سگهيا جيڪڏهن ڪي ڀڳا ته به واٽ ويندي انهن کي ابابيل پکين پٿريون هنيون ته اتي مري ويا ۽ پاڻ سان گڏ جيڪو سامان وغيره آندو هيائون الله تعاليٰ اهو حضرت عبدالمطلب ۽ ٻين قريشين کي ڏياريو ۽ اهو ايترو هو جو ان جي ذريعي مڪه مڪرمه جا قريشي مالدار بنجي ويا. ابرهه بن سباح پاڻ به پنهنجي شهر صنعاءَ ڏانهن ڀڳو ته الله عزوجل ان کي اهڙي بيماري ڏني جنهن جي ڪري سندس آگرين جون چوٽيون (مٿيان حصا) ڇڻي ڪري پيا ۽ انهن مان رت ۽ پونءَ وهڻ لڳو ان مرض جي سببان پيدا ٿيندڙ درد جي ڪري دانهون ڪندو ٿي ويو ۽ هڪ پکي پٺيري ڪنيو ان جي مٿان اڏامندو ٿي هليو جڏهن پنهنجي شهر صنعاءَ ۾ پهتو ۽ ماڻهن جي پڇڻ تي سچي حقيقت بيان ڪري ٻڌايائين ۽ انهن کي ڪعبة الله شريف جي شان ۽ الله عزوجل جي قدرت ڪامله جو يقين ٿيو ته ان پکيءَ اها پٿري ابرهه کي هنئي اهو الله جو دشمن هڪدم مري پيو الله عزوجل جي ان مدد جي ڪري حضرت عبدالمطلب ۽ ٻيا مڪه مڪرمه جا رهاڪو قريشي وغيره گهڻو خوش ٿيا ۽ هي حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جو معجزو (ارهاص) هو جيڪو سندن دنيا تي ولادت کان اڳي ٿيو هو ۽ الله عزوجل ان کي حضور عليه الصلواة والسلام جن تي احسان طور بيان ڪيو. (ڇا اوهان نه ڏٺو) (١) ان کان پوءِ انهن تي سزا ڏيڻ جو بيان ڪيو ويو آهي جيڪو آيتن جي تفسير ۾ بيان ٿيندو.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ الله عزوجل جي دشمنن جي سزا جو ذڪر هو ۽ هن ۾ ان جي پياري ڪعبي شريف جي دشمنن کي سزا ڏيڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

(١) تفسير هاشمي صـ٣٤٥/٣٥٢ـ

پڙهڻ ۾ برڪتون: مفسرن لکيو آهي تہ جنهن سورة "اَلْفِيْل" پڙهي الله ان کي ساري حياتي زمين ۾ غرق ٿيڻ ۽ دشمن کان محفوظ رکندو. (١)



وَفِيهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ	سُوْرَةُ الْفِيْلِ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ خمس آيَاتٍ
۽ ان ۾ ١ رکوع آهي	سورة الفيل مکي آهي	۽ اها ۵ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصْحٰبِ الْفِيْلِ (١) اَلَمْ يَجْعَلْ كَيْدَهُمْ

ڇا نہ ڏٺو تو تہ ڪهڙي طرح ڪيو رب تنهنجي هاٿين وارن سان ڇا نہ ڪيائين انهن جي رٿ کي

فِيْ تَضْلِيْلٍ (٢) وَّاَرْسَلَ عَلَيْهِمْ طَيْرًا اَبَابِيْلَ (٣) تَرْمِيْهِمْ بِحِجَارَةٍ

ناڪام ۽ موڪليائين انهن جي مٿان پکي، ابابيل ڇُٽين پيا انهن کي پٿرين سان

مِّنْ سِجِّيْلٍ (۴) فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ مَّاْكُوْلٍ (۵)

پکيءَ مٽيءَ مان پوءِ ڪري ڇڏيائين انهن کي ڪاٺل اولڙ وانگر

ع ۵ ـ ١

تفسير

اڳيئن سورة ۾ انهن جو ذڪر هو جيڪي مومنن جي بي عزتي ڪندا هئا ۽ هن ۾ انهن جو بيان آهي جيڪي بيت الله شريف جي بي عزتي ڪرڻ لاءِ نڪتا هئا. فرمان خداوندي آهي "اَلَمْ تَرَ" (ڇا تو نہ ڏٺو) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هتي حضور عليه الصلواة والسلام جن سان اهڙي انداز ۾ خطاب ڪيو ويو آهي جڻ تہ پاڻ اهو واقعو پاڪ اکين سان ڏٺو هيائون ان جي متعلق هڪڙن مفسرن لکيو آهي تہ هي واقعو تہ سندن ولادت کان اڳي جو آهي پر جڏهن تہ اهو اهڙو يقيني هو جڻ تہ مشاهدو ڪيل آهي ان جي ڄاڻ کي مشاهدو قرار ڏنو ويو آهي ۽ هڪ حد تائين ان جو ڏسڻ بہ ثابت آهي ام المومنين سيده عائشه ۽ سيده اسماءَ رضي الله عنهما فرمايو تہ اسان ننڍي

(١) اللباب صـ٥٠٢ـ جلد ٢٠

هوندي ابرهہ جي لشڪر ۾ هاٿي هلائيندڙ انڌا، منڌا ۽ ٽُنڊا ڏٺا هئا جيڪي پني رهيا هئا. (١) "كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِأَصْحٰبِ الْفِيْلِ" (تنهنجي رب هاٿين وارن سان ڪهڙي حالت ڪئي؟) اهي هاٿين وارا ابرهہ جا ساٿي مڪہ مڪرمہ ڪان ٽي ميل پري محسر نالي واديءَ ۾ منزل انداز ٿيا هئا. (٢) "أَلَمْ يَجْعَلْ كَيْدَهُمْ فِيْ تَضْلِيْلٍ" (ڇا انهن جي رٿ ڪي ناڪام نہ ڪيائين) مطلب تہ ابرهہ بن سباح ۽ ان جي لشڪر ڪعبة الله شريف ڪي شهيد ڪرڻ جو پروگرام بنايو هو الله عزوجل اهو ناڪام ڪيو سندن رٿ ڪامياب نہ رهي. "وَّأَرْسَلَ عَلَيْهِمْ طَيْرًا أَبَابِيْلَ" (۽ انهن جي مٿان ابابيل پکي موڪليائين) مطلب تہ ابرهہ جي ايڏي وڏي لشڪر ڪي ختم ڪرڻ جي لاءِ الله عزوجل پکي موڪليا جيڪي سمنڊ واري طرف ڪان آتيا ۽ هڪ ٻئي جي پويان اچي انهيءَ لشڪر ڪي پهتا. "تَرْمِيْهِمْ بِحِجَارَةٍ مِّنْ سِجِّيْلٍ" (انهن ڪي پکيءَ مٽي جا پٿر هڻڻ لڳا) مطلب تہ اهي پٿريون جهنم جي باهہ ۾ پڪل مٽيءَ جون هيون. "فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ مَّأْكُوْلٍ" (پوءِ انهن ڪي ڪاڏل اولڙ وانگر ڪري ڇڏيائين) يعني انهن جي لاشن جا ائين ڍير لڳي ويا جيئن چوپايو مالُ گاهہ کائي باقي کي لتاڙي اولڙ ڪري ڇڏيندو آهي.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا معلوم ٿين ٿا. ١. "أَلَمْ تَرَ" (ڇا تو نہ ڏٺو) جي تفسير ۾ مفسرن ٻڌارن لکيو آهي تہ هي واقعو حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي ولادت کان اڳي ٿيو هو پر ڪيترو اڳي ٿيو هو ان ۾ مختلف قول آهن "١" تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جي ولادت ۽ اصحب الفيل جي واقعي جي وچ ۾ پنجاهہ سال هئا، "٢" تہ چاليهہ سال هئا مگر صحيح قول اهو آهي تہ ٻئي واقعا هڪ ئي سال ۾ ٿيا. ٻهريان ٻہ قول ان سان موافق آهن تہ ابرهہ بن سباح ۽ محمود نالي هاٿيءَ حضرت عبدالمطلب ۾ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جو نور ڏٺو هو. (٣) علامہ آلوسي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ هي واقعو ان سال ۾ ٿيو هو جنهن ۾ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي ولادت ٿي هئي ۽ اهو ڪيترا ڏينهن اڳ ۾ ٿيو هو؟ ان ۾ بہ مختلف قول آهن سهيلي لکيو آهي تہ اهو واقعو سندن ولادت کان پنجاهہ ڏينهن ٻهريان محرم مهيني ۾ ٿيو ۽ حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي ولادت ربيع اول شريف ۾ ٿي هئي. (۴) اهي حملو ڪندڙ نصاريٰ هئا حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جا امتي سڏائيندڙ، انجيل تي ايمان رکڻ جي دعويٰ ڪندا هئا ۽ مڪہ مڪرمہ ۾ رهڻ وارا بتن جا پوڄاري، مشرڪ هئا هجڻ تہ ائين کپي ها تہ نصارن جي

(١) معارف القرآن ص-٨٢٠ـ جلد ٨ (٢) نورالعرفان ص-٩٨٨ـ (٣) تفسير هاشمي ص-٣۴٥ـ (۴) روح المعاني ص-٢٩٨ـ جزءِ ٣٠ جلد ١٠ـ

بت پرستن تي مدد ڪئي وڃي ها پر ائين نہ ٿيو ان ۾ اها حڪمت هئي تہ هاڻي ڪعبي شريف کي آباد ڪرڻ ۽ توحيد جي نور سان روشن ڪرڻ واري جي اچڻ جو وقت ويجهو اچي چڪو هو ابرهہ جيتوڻيڪ عيسائي هو پر عيسائيت جي دنيا ۾ بہ حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلواة والسلام جي مجسمن جي پوڄا شروع ٿي چڪي هئي ان جي ڪري عيسائين ۽ مڪه مڪرمه جي مشرڪن جي عقيدي ۾ نالي طور فرق ڪان سواءِ ڪجهہ نہ رهيو هو. الله عزوجل پنهنجي محبوب عليـــه الصلواة والسلام جي جمڻ کان پهريان مڪـــه مڪرمـــه جي رهاڪن تي وڏو احسان ڪري ڇڏيو. علامـه ثناءُالله پاني پتي عليه الرحمة لکيو آهي تہ "ڪانت قصـة الفيل توطيـة لنبوتـه ومقدمـــة لظهوره وبعثتـــه" (۱) يعني اصحب الفيل وارو واقعو حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جي ظهور ۽ بعثت جي لاءِ بنياد بڌڻ طور هو آيت ۾ استفهام (پڇڻ) تعجب ۽ حيرت جي اظهار لاءِ آهي. لطف جي ڳالهہ اها آهي تہ "الم تر مافعل ربڪ" جي بجاءِ "كَيْفَ فَعَلَ" آيو آهي يعني تنهنجي رب انهن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ مقصد هي آهي تہ ان واقعي جو ظهور اهڙي صورت ۾ ٿيو جو ان جو هر پهلو انسان کي حيرت ۾ محو ڪندڙ آهي هن واقعي جا تفصيل الله تعالىٰ جي ڪامل قدرت، علم محيط ۽ ڪعبـــة الله جي شرف ۽ شان جا شاهد آهن. ۲. جنهن ابرهہ ڪعبـــة الله شريف تي حملو ڪيو هو اهو حبش جي ملڪ جي بادشاهہ نجاشي جو گورنر هو ۽ اهو نجاشي حضور عليـه الصلواة والسلام تي ايمان آڻيندڙ نجاشي، اصحمـــه جو ڏاڏو هو ۽ محمود نالي هاٿي بہ اصل ان جو هو جنهن کي ابرهہ اتاهين آڻايو هو. (۲) ۳. "طَيْرًا اَبَابِيْلَ" (ابابيل پکي) عڪرمـة فرمايو تہ: ساوا پکي هئا سمنڊ مان نڪتا هئا ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن فرمايو تہ: اهي آسمان ۽ زمين جي وچ تي هوندا آهن غذا بہ ڪائن تا پچا بہ ڪن تا حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ: انهن پٿرين مان مون هڪ پٿري حضرت بيبي ام هاني رضي الله عنها وٽ ڏٺي هئي جيڪا ڳاڙهي ٽويي جيتري هئي (۳) ۴. ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ عام طور هن واقعي ۾ ڪافرن کي ملندڙ سزا کي حضور عليـه الصلواة والسلام جن جو ظهور کان اڳي معجزو سڏيو ويو آهي پر جڏهن تہ معجزه جي اصل تعريف آهي تہ: معجزو اهو آهي جيڪو نبوتٰ جي اظهار ۽ اعلان کان پوءِ نبوت جي دعوىٰ سان گڏ ان جي تصديق لاءِ ظاهر ڪيو وڃي باقي نبوت جي اعلان کان پهريان يا نبي جي ولادت کان پهريان جيڪڏهن ڪا اهڙي ڳالهہ ظاهر ٿئي

(۱) المظهري ص-۳۴۱ـ جلد ۱۰ (۲) الصاوي ص-۳۳۳ـ جزءُ ۴ (۳) ساڳيو حوالو

تہ ان کي ارهاص سڏيندا آهن ان جي معنیٰ بنياد رکڻ آهي. ٥. "اَبَابِيْلَ" جمع جو لفظ آهي پر ان جو مفرد کو بہ مستعمل ناهي ابابيل جي معنیٰ پکين جو ٽولو جيکو هڪ ٻئي جي پويان هلي اردوزبان ۾ ننڍڙن پکين جي هڪ قسم کي ابابيل چوندا آهن پر هتي اهي مراد ناهن. (٦)



(١) معارف القرآن صـ٨١٧ـ جلد ٨

سورة "القُرَيشِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ: هن جو نالو "القُرَيْشِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، چار آيتون، سترهه ڪلما ۽ ٽيهتر حرف آهن (١)


مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة به مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: هيءَ سورة "وَالتِّيْنِ" کان پوءِ نازل ٿي هئي. (٣)

مضمون: هن سورة ۾ الله عزوجل قريشين تي ڪيل نعمتن کي بيان ڪيو آهي انهن جا سفر به هوندا هئا "١" سياري جي موسم ۾ يمن ڏانهن، "٢" اونهاري جي موسم ۾ شام ڏانهن. الله عزوجل ڪين انهن سفرن ۾ امن ۽ قرار سان گڏ شاهوڪاري ۽ خوشحاليءَ جي نعمت ڏني فرمايو ته اهي هن بيت جي رب جي عبادت ڪن.(٤)

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳيئن سورة ۾ مڪه مڪرمه وارن تي نعمت جو ذڪر هو جو الله جل جلاله سندن دشمنن کي ختم ڪيو تيئن هن سورة ۾ به انهن تي ڪيل نعمت جو بيان آهي. (٥)

ڀلايون ۽ برڪتون: مفسر ابو حفص دمشقي عليه الرحمة روايت آندي آهي ته جنهن سورة "لايلاف قريش" پڙهي ته ان کي ڪعبه جي طواف ڪندڙ ۽ ان ۾ ڏهو ڪيندڙن جي نيڪين جيترو ثواب ملندو. (٦)



(١) خازن صـ٤١٠ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور صـ٦٢٤ـ جلد ٨ (٣) حدائق صـ٣٤٧ـ جلد ٣٢ (٤) صفوة التفاسير صـ٦٠٦ـ جلد ٣ (٥) المراغي صـ٢٤٤ـ جزء ٣٠ جلد ١٠ (٦) اللباب في علوم الكتٰب صـ٥١٠ـ جلد ٢٠

وَفِيهَا رُكُوعٌ وَاحِدٌ	سُورَةُ الْقُرَيْشِ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ اَرْبَعُ آيَاتٍ
۽ ان ۾ ١ رکوع آهي	سورة قريش مکي آهي	۽ اها ۴ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع کيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ (١) اٖلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَالصَّيْفِ (٢)

سببان محبت ڏيارڻ قريشين جي محبت ڏيارڻ انهن جي سفر سياري ۽ اونهاري جي سان

فَلْيَعْبُدُوْا رَبَّ هٰذَا الْبَيْتِ (٣) الَّذِيْٓ اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ ۙ وَّاٰمَنَهُمْ مِّنْ

پوءِ گھرجي ته عبادت ڪن هن گھرجي رب جي جنهن ڪارايو انهن کي بک کان ۽ امن ڏنو انهن کي

خَوْفٍ (۴)

خوف کان

٣١/۴١ع

تفسير

هن سورة جو اڳينءَ سورة سان تمام گهاٽو تعلق آهي ڇڻ ته ٻئي هڪ ڳالهه آهن فرمان الهي آهي "لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ" (قريشين کي محبت ڏيارڻ جي سببان) "لِاِيْلٰفِ" وارو لام پويان اچڻ واري فعل "فَلْيَعْبُدُوْا" سان متعلق آهي ايلاف جي معنىٰ محبت، محبت رکڻ يا محبت ڏيارڻ (١) قريش عرب جو هڪ مشهور ۽ معزز قبيلو آهي نضر جي اولاد کي قريش سڏيو ويندو آهي نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو آهي "ان الله اصطفي ڪنانة من ولد اسماعيل واصطفي من بني ڪنانة قريشا واصطفي من قريش بني هاشم واصطفاني من بني هاشم" (٢) (الله تعالىٰ (حضرت) اسماعيل علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي اولاد مان ڪنانة کي برگزيدو بنايو ڪنانه مان قريشن کي ۽ قريش مان بني هاشم کي ۽ بني هاشم مان مون کي) ان ڪنانه جو پٽ نضر هو جنهن جي اولاد کي قريش سڏيو ويو. "اِيْلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَالصَّيْفِ" (سياري ۽ اونهاري جي سفر سان محبت ڏيارڻ جي سببان) مطلب ته الله تعالىٰ قريش کي سياري ۾ يمن ڏانهن تجارت لاءِ سفر ڪرڻ ۽ اونهاري ۾ شام ڏانهن تجارت لاءِ سفر ڪرڻ سان محبت ڏياري ۽ اهو سفر انهن جي لاءِ آسان ڪيو آهي اهو انهن تي

(١) صفوة التفاسير ص٦٠٦ـ جلد ٣ (٢) القرطبي ص٢٠٣ـ جلد ٢٠

رب ڪريم جو خاص ڪرم آهي ان جي ڪري "فَلْيَعْبُدُوْا رَبَّ هٰذَا الْبَيْتِ" (گهرجي ته هن بيت جي رب جي عبادت ڪن) مطلب ته جيڪڏهن ٻيون نعمتون ياد نه اٿن يا انهن ڪي نه ٿا مڃن ته هن احسان جو قدر ڪندي هن بيت جي رب جي عبادت ڪن. "اَلَّذِيْٓ اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ وَّاٰمَنَهُمْ مِّنْ خَوْفٍ" (جنهن انهن کي بک کان کاڌو کارايو آهي ۽ خوف کان امن ڏنو آهي) مطلب ته الله عزوجل سندن بکون لاهي، کين امن عطا ڪيو آهي سفر ۾ يا حضر ۾ ڪير به کين ڪا تڪليف نه ٿو ڏي ته پوءِ اهي نعمتون ڏيندڙ الله عزوجل جي عبادت ڪن، ان تي ۽ ان جي رسول مقبول عليه الصلواة والسلام تي ايمان آڻي قرآن ڪريم کي الله عزوجل جو برحق نازل ڪيل ڪتاب تسليم ڪن.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا معلوم ٿين ٿا. ١. "لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ" ۾ قريش کي خصوصي طور ذڪر ڪرڻ مان معلوم ٿيو ته اهي الله عزوجل وٽ سڀني کان زياده مقبول آهن هڪ حديث پاڪ ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو فرمان آهي ته "سڀ ماڻهو قريشين جا تابع آهن الله تعاليٰ انهن ۾ خصوصي ملڪا ۽ استعداد رکيو آهي ڪفر، شرڪ ۽ جهالت جي زماني ۾ به انهن جا بعض اخلاق عمدا ۽ اعليٰ هئا ۽ انهن ۾ حق کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت به گهڻي هئي اهو ئي سبب آهي جو صحابه ڪرام رضي الله عنهم مان افضل ۽ اولياءَ عظام ۾ گهڻو تعداد قريش جو هو." (١)

٢. "رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَالصَّيْفِ" (سياري ۽ اونهاري جو سفر) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته مڪه مڪرمه ۾ ماڻهن کي خصوصا قريش کي تجارت جو شوق حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ڏاڏي سڳوري هاشم ڏياريو ته اهي ٻين ملڪن سان تجارتي تعلقات قائم ڪن ۽ مناسب موسم ۾ نڪرن، پوءِ سياري جي موسم ۾ يمن ڏانهن ويندا هئا ۽ اونهاري جي موسم ۾ شام ڏانهن سفر ڪري گهڻو ڪجهه ڪمائي ايندا هئا. پر جڏهن ته بيت الله جا پاڙيسري هئا ان عزت ۽ اڪرام جي ڪري ڪين ڪير به بري نيت سان نه ڏسندو هو سدائين امن ۽ عافيت سان هلندا رهندا هئا.

(١) معارف القرآن ص-٨٢٣- جلد ٨

سورة "اَلْمَاعُوْنِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ: هن جو نالو "اَلْمَاعُوْنِ" آهي جيڪو هن جي آخري آيت جو آخري ڪلمو آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، ست آيتون، پنجويهه ڪلما ۽ هڪ سوء پنجويهه حرف آهن. (١)


مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: هيءَ سورة "اَلتَّکَاثُرُ" کان پوءِ نازل ٿي هئي. (٣)

مضمون: هن سورة ۾ انهن ماڻهن جو حال بيان ڪيو ويو آهي جيڪي قيامت تي ايمان نه ٿا رکن هن فاني زندگيءَ کي سچي ۽ حقيقي زندگي سمجهن ٿا ۽ ان کي ئي وڏيڪ آرام ده بنائڻ ۾ مصروف رهن ٿا جيڪڏهن ڪو غريب، نادار يتيم ڪانئن ڪجهه گهري ٿو ته ان کي ڌڪا ڏئي تڙي ڇڏين ٿا، جهڻڪن ٿا ۽ ٻئي کي به مسڪين جي ڪاڌي ڪارائڻ جي ترغيب ۽ تحريص نه ٿا ڪن.

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ هو "اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ" (انهن کي بک کان کاڌو کارايائين) ۽ هن ۾ طعام نه کارائيندڙن کي مذمت ڪئي وئي آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "جنهن سورة "اَلْمَاعُوْنِ" پڙهي جيڪڏهن زڪواة ادا ڪندڙ هوندو ته الله ان جا گناهه بخش فرمائيندو." (٣)



(١) خازن صـ٤١٢ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور صـ٦٤١ـ جلد ٨ (٣) حدائق صـ٣٦١ـ جلد ٣٢ (٤) صفوة التفاسير صـ٦٠٦ـ جلد ٣ (٥) المراغي صـ٢٤٤ـ جزء ٣٠ جلد ١٠ (٦) اللباب في علوم الكتٰب صـ٥١٠ـ جلد ٢٠

وَفِيهَا رُكُوعٌ وَاحِدٌ	سُوْرَةُ الْمَاعُوْنِ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ سَبْعٌ آيَاتٍ
۽ ان ۾ ١ رکوع آهي	سورة الماعون مکي آهي	۽ اها ٧ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

اَرَاَيْتَ الَّذِيْ يُكَذِّبُ بِالدِّيْنِ (١) فَذٰلِكَ الَّذِيْ يَدُعُّ الْيَتِيْمَ (٢)

ڇا ڏٺو تو ان کي جيڪو ڪوڙو چوي پيو قيامت کي پوءِ اهو ئي آهي جيڪو ڌڪا ڏي ٿو يتيم کي

وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ (٣) فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ (٤) الَّذِيْنَ

۽ نه ٿو رغبت ڏياري مسڪين جي کاڌي کارائڻ تي پوءِ ويل آهي انهن نمازن جي لاءِ جيڪي

هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ (٥) الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ (٦) وَيَمْنَعُوْنَ

پنهنجي نماز کان غافل آهن اهي جيڪي رياءَ ڪن ٿا ۽ روڪين ٿا عام

الْمَاعُوْنَ (٧) ع ١ / ٣٢

استعمال جون شيون

تفسير

اڳينءَ سورة ۾ "هن بيت جي عبادت ڪن" حڪم هو ۽ هن ۾ اهم عبادت نماز کان غافل رهندڙن جو ذڪر ڪيو ويو آهي فرمان عاليشان آهي "اَرَاَيْتَ الَّذِيْ يُكَذِّبُ يَوْمِ الدِّيْنِ" (ڇا تو ان کي ڏٺو جيڪو قيامت کي ڪوڙو چوي ٿو) هتي استفهام تعجب جي اظهار لاءِ آهي "رَاَيْتَ" مان اکين سان ڏسڻ به مراد ٿي سگھي ٿو ته علم ۽ ڄاڻ به. "الدِّيْن" مان قيامت، جزا جو ڏينهن به مراد ٿي سگھي ٿو ته دين اسلام به. مطلب ته ڇا اوهان ان کي ڏٺو آهي جيڪو قيامت کي نه ٿو مڃي ڪوڙو چوي ٿو يا اسلام، سچي ۽ حق واري دين کي ڪوڙو چئي انڪار ڪري ٿو. "فَذٰلِكَ الَّذِيْ يَدُعُّ الْيَتِيْمَ" (پوءِ اهو ئي آهي جيڪو يتيم کي ڌڪا ڏي ٿو) مطلب ته قيامت يا اسلام جو منڪر ئي آهي جيڪو ايترو ته اخلاقي ۽ ذهني طور ڪريل آهي جو جيڪڏهن ڪو يتيم ان جي وٽ عرض ڪٿي اچي ٿو ته ان کي ڌڪا ڏئي تڙي ڪڍي ٿو ڇڏي. "وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ" (۽ مسڪين جي کاڌي کارائڻ تي رغبت نه ٿو ڏياري) يعني پاڻ ته يتيمن ۽ غريبن جي غمخواري نه ٿو ڪري پر ٻين کي به ان جي رغبت ۽ شوق نه ٿو

ڏياري، ظاهر آهي تہ يتيمن ۽ محتاجن جي سنڀال لهڻ، انهن جي حال تي رحم ڪرڻ دنيا جي هر مذهب ۽ ملت ۾ شامل آهي ۽ انهن ڀلن ڪمن مان آهي جن جي ڀلي هجڻ تي دنيا جا عقل وارا متفق آهن پوءِ جيڪو شخص انهن ابتدائي خوبين کان بہ خالي هجي سمجهو تہ انسان ناهي ٻيو ڪو جانور آهي ان کي الله عزوجل ۽ ان جي دين سان ڪهڙو واسطو هوندو. ”فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ“ (پوءِ انهن نمازين جي لاءِ ويل آهي جيڪي پنهنجي نماز کان بي خبر آهن) يعني ڄاڻن نہ ٿا تہ نماز ڪنهن سان مناجات آهي ۽ ان مان مقصود ڇا آهي؟ ۽ ڪيتري قدر اهتمام جي لائق آهي اها ڪهڙي نماز تي جو ڪڏهن پڙهي ڪڏهن نہ پڙهي وقت جي بہ ڳالهہ ذهن ۾ نہ رکي دنيا جي ڌنڌن ۽ ڳالهين ۾ ڇاٽي واٽي وقت تنگ ڪري ڇڏي وري پڙهي بہ تہ چار ٽڪر هٽي ڇڏي ڪا بہ سوچ نہ رکي تہ ڪنهن جي دربار ۾ بيٺو آهي ڪهڙي احڪم الحاڪمين جي اڳيان آهي ڇا رب العزة جلت صفاتـــه صرف اسان جي اٿڻ، ويهڻ ۽ جهڪڻ کي ٿو ڏسي اسان جي دلين تي نظر نہ ٿو رکي؟ تہ انهن ۾ ڪيترو اخلاص نياز، نوڙت، خشوع ۽ خضوع آهي ياد رکو اهي سڀ صورتون ”عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ“ ۾ داخل آهن. ”اَلَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ وَيَمْنَعُوْنَ الْمَاعُوْنَ“ (جيڪي رياءَ ڪن ۽ روز مره جي استعمال وارين شين کان روڪين ٿا (ڪنهن کي ڏين نہ ٿا)) يعني هڪ نماز ڇا انهن جا ٻيا اعمال بہ رياءَ، ڏيکاءَ ۽ نمائش کان خالي ناهن زڪواة، خيرات تہ ڇا روز مره استعمال ۾ اچڻ واريون شيون مثلا رسي، سوئي ڏاڳو وغيره بہ ڪنهن کي ڏيڻ جي لاءِ تيار ناهن جڏهن رياءَ ۽ بخيلي ان حد تائين هجي تہ ان کي صرف ٽڪڙن ۽ بي وقت سجدن مان ڪهڙو فائدو ٿيندو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ کي مسلمان سڏائي ٿو نمازي چورائي ٿو مگر الله سان اخلاص ۽ مخلوق سان همدردي نہ ٿو رکي تہ ان جو مسلمان سڏائڻ بي معنيٰ ۽ ان جي نماز حقيقت کان خالي آهي اها ريا ڪاري ۽ بداخلاقي تہ انهن بدبختن جو شيوو هجڻ کپي جيڪي الله جل جلالہ جي دين، جزا ۽ سزا واري ڏينهن تي ڪو عقيدو نہ ٿا رکن.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا. ١. ”اَرَاَيْتَ الَّذِيْ يُكَذِّبُ بِالدِّيْنِ“ (ڇا اوهان ان کي ڏٺو جيڪو دين کي ڪوڙو چوي ٿو) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ (قيامت کي ڪوڙو ٿو چوي) جملي مان معلوم ٿيو تہ هن سورة ۾ ڪافرن ۽ منافقن جي بعض قبيح ۽ مذموم ڪمن جو ذڪر ۽ ان تي جهنم جي سزا جو بيان آهي اهي ڪم جيڪڏهن ڪو مومن ڪري جيڪو قيامت کي ڪوڙو نہ ٿو چوي تہ شرعًا اها ڳالهہ بہ خراب آهي ۽ سخت گناهہ آهي پر هن وعيد ۾ داخل ناهي ۽ هن

سورة ۾ اهو اشارو ضرور آهي تہ مومن انهن کمن کان پري رهي. ٢. "يدع اليتيم" (يتيم کي ڌڪا ڏو ڏي) هن مان معلوم ٿيو تہ يتيم کي ڌڪا ڏيڻ، ان جو حق کائڻ کافرن ۽ منافقن جو ڪم آهي يتيم جي مال کي ان جي لاءِ ئي سنڀالي رکندو ۽ ان جي هر طرح حفاظت ڪندو. رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "جنهن مسلمان يتيم کي پاڻ سان رکيو تانجو اهو سنڀال جو محتاج نہ رهي تہ ان جي لاءِ جنت واجب آهي"(١) ٣. (نماز کان غافل رهندڙن نمازين لاءِ ويل آهي) ويل جهنم ۾ هڪ وادي آهي (٢) مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ هيءَ منافقن جي حالت بيان ڪيل آهي جيڪي جڏهن مسلمانن سان گڏ هوندا هئا تہ نماز پڙهندا هئا جدا هوندا هئا تہ نہ پڙهندا هئا.

نماز صحيح وقت پڙهڻ لاءِ نبوي فرمان

١. بخاري ۽ مسلم روايت آندي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو "تِلْكَ صَلَواةُ الْمُنَافِقِ، تِلْكَ صَلَواةُ الْمُنَافِقِ، تِلْكَ صَلَواةُ الْمُنَافِقِ يَجْلِسُ يَرْقُبُ الشَّمْسَ حَتّٰى اِذَا كَانَتْ بَيْنَ قَرْنَيِ الشَّيْطَانِ قَامَ فَنَقَرَ اَرْبَعًا لَايَذْكُرُالله فِيهَا اِلَّا قَلِيْلاً" (اها منافق جي نماز آهي، اها منافق جي نماز آهي، اها منافق جي نماز آهي جو ويهي سج جو انتظار ڪري تانجو جڏهن (لهڻ ڪان ويجهو) شيطان جي ٻن سڱن جي وچ ۾ اچي تہ اٿي چئن رڪعتن جي لاءِ ٺونگا هڻي ڇڏي.

٢. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن فرمايو "جهنم ۾ هڪ وادي آهي جنهن کان جهنم جا (ٻيا طبقا) هر روز چار سوءِ ڀيرا پناهہ گهرندا آهن (الله عزوجل) اها وادي (حضرت) محمد (عليہ الصلواة والسلام) جي امت مان چئن رياءَ (ڏيکاءُ) ڪندڙن جي لاءِ تيار ڪئي آهي، "١" الله جي ڪتاب جو حامل (عالم يا حافظ) "٢" الله کان سواءِ ٻئي جي لاءِ صدقو ڏيندڙ، "٣" بيت الله جو حج ڪندڙ، "٤"الله جي واٽ ۾ نڪرندڙ. (٣)

(١) اللباب في علوم الكتٰب صـ١٤٥ـ جلد ٢٠ (٢) حدائق صـ٣٦٥ـ جلد ٣٢ (٣)ابن كثير صـ٥٥٤ـ جلد ٤

سورة "اَلْكَوْثَرِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالومبارڪ: هن سورة جو نالو "اَلْكَوْثَرِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، ٽي آيتون، ڏهه ڪلما ۽ چاليهه حرف آهن. (١)


مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس، ابن الزبير ۽ ام المومنين سيده عائشه رضي الله عنها وعنهم ڪان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: جمهور مفسرن جو قول آهي ته هيءَ سورة "وَالْعٰدِيٰتِ" ڪان پوءِ نازل ٿي هئي.(٣)

مضمون: هن سورة ۾ اهو بيان ٿيو آهي ته الله عزوعلا پنهنجي حبيب عليه الصلواة والسلام کي خير ڪثير عطا ڪيو آهي جنهن مان هڪ حوضِ ڪوثر به آهي ۽ ان عظمي نعمت ملڻ تي ڪين شڪراني طور نماز پڙهڻ ۽ قرباني ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي سورة جي آخر ۾ سندن دشمنن جو بي بنياد رهڻ بيان ڪيو ويو آهي ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو ذڪر مينارن ۽ منبرن تي هلندو رهندو. (۴)

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ قيامت کي نه مڃيندڙن جون بدعادتون بيان ٿيون ۽ هن سورة ۾ پلي اخلاق ۽ سهڻين عادتن واري حبيب عليه الصلواة والسلام تي ڪيل انعامن جو ذڪر آهي.

پلايون ۽ برڪتون: نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن ڪان روايت آهي پاڻ فرمايائون ته "جنهن سورة "اَلْكَوْثَرِ" پڙهي الله ان کي جنت جي هر نهر مان پياريندو ۽ جيڪي قرباني ڪندڙن ڏهيءَ ذوالحج جي ڏينهن الله جي رضا لاءِ قربانيون ڪيون هونديون انهن ڪان ڏهه حصا وڌيڪ ان جي لاءِ نيڪيون لکيون ونديون. (۵)



(١) خازن صـ٤١٣ـ جلد ۴ (٢) الدرالمنثور صـ٦٤٦ـ جلد ٨ (٣) حدائق صـ٣٧۴ـ جلد ٣٢ (۴) صفوة التفاسير صـ٦١٠ـ جلد ٣ (۵) البيضاوي صـ٨١٢ـ

وَفِيهَا رُكُوعٌ وَاحِدٌ	سُوْرَةُ الْكَوْثَرِ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ ثَلَاثُ آيَاتٍ
۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي	سورة الڪوثر مڪي آهي	۽ اها ٣ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

اِنَّآ اَعْطَيْنَاكَ الْكَوْثَرَ (١) فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانْحَرْ (٢) اِنَّ

بيشڪ اسان عطا ڪيو توکي ڪوثر پوءِ پنهنجي رب جي لاءِ نماز پڙهه ۽ قرباني ڪر بيشڪ

شَانِئَكَ هُوَالْاَبْتَرُ (٣) ع ١ ٣٢

دشمن تنهنجو اهو ئي بي بنياد آهي

تفسير

اڳينءَ سورة ۾ منافق جي بخيل هجڻ، نماز ڇڏڻ، رياءَ ڪرڻ، (روزمره جي شيءِ) ۽ زڪواة نه ڏيڻ سان ذڪر ڪيو ويو ۽ هن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام کي ڪوثر عطا ڪرڻ، نماز پڙهڻ جي لاءِ امر ڏيڻ، اخلاص رکڻ ۽ قرباني ڪرڻ جو حڪم تيل آهي. (١) خداوندي فرمان آهي "اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ" (بيشڪ اسان اوهان کي ڪوثر ڏنو آهي)

شانِنزول: مفسرن يلارن لکيو آهي ته: حضور عليه الصلواة والسلام جن بيت الله واري مسجد شريف کان ٻاهر نڪتا ته باب بني سهم وٽ ڪين عاص بن وائل سهمي (ڪافر) مليو ڪجهه وقت پاڻ ۾ ڳالهايائون ۽ ڪجهه قريشي سردارن اهو سڀ ڪجهه ڏٺو جڏهن عاص بن وائل انهن وٽ آيو ته پڇيائونس ڪنهن سان ٿي ڳالهايُوَ؟ ته ان بي ادبي ڪندي چيو ته ان ابتر (بي بنياد) سان جنهن جي پوئتي پيڙهي نه رهي جڏهن پاڻ وفات ڪري ويندو ته ان جو ذڪر ئي ختم ٿي ويندو اِهي اُهي ڏينهن هئا جن ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي فرزند حضرت عبدالله (يا حضرت ابراهيم) وفات ڪئي هئي ۽ اهو حضرت خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها مان هو اها ڳالهه ٻڌي الله جي رسول عليه الصلواة والسلام جا دشمن ۽ ساڻن بغض رکندڙ خوش ٿيا ۽ چوڻ لڳا ته حضرت محمد عليه الصلواة والسلام جن جو بنياد نه رهيو سندن (پٽ جو) اولاد ئي ختم ٿي ويو اها ڳالهه طعنا زني ڪندي ڪندا هئا ۽ عيب

(١) البحرالمحيط ص ٥١٩ جلد ٨

سمجهندا هئا پوءِ الله عزوجل هيءَ سورة نازل فرمائي. (۱)
ارشاد الٰهي آهي "اِنَّآ اَعْطَيْنَاكَ الْكَوْثَرَ" (بيشڪ اسان اوهان کي ڪوثر ڏنو آهي) هتي "اٰتَيْنَا" نہ "اَعْطَيْنَا" آندو ويو انهن ٻنهي جي معنائن ۾ واضح فرق آهي "اَعْطَيْنَا" الاعطاءَ کان ورتل آهي ان جي معنيٰ آهي هٿ سان ڪا شيءِ ڪنهن جي حوالي ڪرڻ، ان معنيٰ جي لحاظ سان مراد هيءَ ٿيندي تہ اسان پنهنجي قدرتي هٿ سان ڪوثر اوهان جي حوالي ڪيو آهي. علامـــہ نيشاپوري لکيو آهي تہ هن آيت ۾ قسمين قسمين مبالغو آهي "۱" "ان" سان شروعات ڪرڻ، "۲" "اعطينا" جمع جو صيغو آڻڻ جيڪو تعظيم جو فائدو ڏئي رهيو آهي، "۳" اعطاءَ جي مصدر مان ورتل صيغو آندو ويو ايتاءَ مان ورتل نہ آندو ويو ڇو تہ اعطاءَ تمليڪ (مالڪ بنائڻ جو) فائدو ڏي ٿو، "۴" ماضيءَ جو صيغو جيڪو يقيني طور واقع ٿيڻ جو فائدو ڏي ٿو، "۵" ڪوثر جو لفظ جنهن ۾ ڪثرت جو مبالغو آهي جيڪو دنيا ۽ آخرت جي خيرات کي شامل آهي. (۲) علامـــہ آلوسي لکيو آهي تہ ايتاءَ مان اتينا وٺڻ جي بجاءِ اعطاءَ مان ورتل "اعطينا" آڻي تمليڪ ڏانهن اشارو ڪيل آهي. (۳) مقصد تہ بلاشڪ اسان اوهان کي ڪوثر ملڪيت ڪري ڏنو آهي اوهان ان جا مالڪ آهيو.

الڪوثر ڇا آهي؟

هي مبالغي جو صيغو آهي هن جي لفظي معنيٰ آهي تمام گهڻو پر ان مان هتي مراد ڇا آهي؟ مفسرن ان ۾ چوويهہ قول ذڪر ڪيا آهن (۴) جن مان ڪجهہ هتي ذڪر ڪجن ٿا "۱" ان مان مراد اها نهر آهي جنهن مان جنت جون ٻيون سڀ نهرون نڪرن ٿيون الله عزوجل حضور عليـــہ الصلواة والسلام جن کي اها عطا ڪئي آهي حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنـــہ کان روايت آهي تہ حضور عليـــہ الصلواة والسلام جن ڪجهہ وقت غير کان بي توجهہ رهيا ان بعد مُرڪندي پنهنجو مٿو مبارڪ مٿي ڪٿي فرمايائون "بلاشڪ مون تي هاڻي هڪ سورة نازل ٿي آهي پوءِ "بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اِنَّآ اَعْطَيْنَاكَ الْكَوْثَرَ" پڙهيائون تانجو ان کي پورو ڪري فرمايائون تہ: خبر اٿوَ تہ ڪوثر ڇا آهي؟ عرض ڪيائون تہ الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ ڄاڻندڙ آهن فرمايائون تہ "اها جنت ۾ هڪ نهر آهي جيڪا منهنجي رب مون کي ڏني آهي ان تي گهڻي ڀلائي آهي قيامت جي ڏينهن اتي منهنجا امتي ايندا ان تي پيئڻ وارا ٿانوَ (آسمان جي) تارن

(۱) حدائق صـ۳۷۵ـ جلد ۳۲ (۲) تفسير النيشاپوري برحاشيـــــہ تفسير طبري صـ۱۷۵ـ جزءُ ۳۰ جلد ۱۲ (۳) روح المعاني صـ۳۱۴ـ جزءُ ۳۰ جلد ۱۰ (۴) تفسير هاشمي صـ۴۰۰ـ

جيترا آهن" الخ (۱) "۲" ان مان مراد حضور عليـه الصلواة والسلام جن کي عطا کيل حوض آهي جيئن حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله عنـه کان روايت آهي تـه نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن فرمايو "منهنجو حوض مهيني جي پنڌ ڪرڻ جيترو ويڪرو آهي، ان جو پاڻي کير کان اڇو آهي، ان جي خوشبو مشڪ کان وڌيڪ آهي، ان جا پيئڻ وارا ڪوزا تارن جي تعداد جيترا آهن جنهن ان مان هڪ ڀيرو پيتو وري اڃ نـه لڳنديس" (۲) ان حوض جي باري ۾ متواتر حديثو آهن ۽ علماءَ اهو بـه لکيو آهي تـه ان جي چئن ڪنڊن تي حضور عليـه الصلواة والسلام جا چار يار هوندا. جيڪو انهن مان ڪنهن سان بـه بغض رکندو ان کي ڪوثر جو هڪ ڍُڪ بـه نصيب نـه ٿيندو. (۳) "۳" ڪوثر مان مراد سندن نبوت آهي انبياءَ عليهم الصلواة والسلام تـه ڪائنٽ پهريان آيا هئا پر حضور پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن جي نبوت جي فيوض ۽ برڪات جو اندازو ڪير ڪري سگهندو؟ "۴" ان مان مراد سندن اولاد پاڪ آهي جو تـه دشمنن کين پٽ جي اولاد نـه رهڻ جو طعنو هنيو هو الله عزوجل فرمايو تـه اسان اوهان کي اولاد گهڻو ڏنو آهي. "۵" ان مان مراد سندن اصحاب رضي الله عنهم ۽ سندن تابعدار آهن "٦" ان مان مراد سندن امت جا علماءَ آهن، "٦" حضرت امام جعفر صادق سائين فرمايو تـه ان مان مراد سندن قلب مقدس جو نور آهي "۷" ان مان مراد علم ۽ حڪمت آهي بخاري، ابن جرير ۽ حاڪم سعيد بن جبير کان روايت آندي آهي تـه ان مان مراد هر قسم جي خير جي ڪثرت آهي (۴) علامـــه اسماعيل حقي "الڪوثر" جي باري ۾ متعدد قول ذڪر ڪرڻ کان پوءِ لکيو آهي تـه ظاهر هي آهي تـه الله تعاليٰ جون ظاهري ۽ باطني سموريون نعمتون "اَلْكَوْثَرَ" ۾ داخل آهن ظاهري نعمتن مان مراد دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون آهن ۽ باطني نعمتن مان مراد لدني علوم آهن جيڪي ڪمائي ڪرڻ کان سواءِ سڌو سنئون فيضان الهي سان کين حاصل ٿيا هئا. (۵)

"فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانْحَرْ" (پوءِ پنهنجي رب جي لاءِ نماز پڙهه ۽ قرباني ڪر) يعني رب جي رضا لاءِ خلوص سان نماز پڙهو ۽ ڀلا ڀلا اٺ قرباني ڪري يتيمن ۽ مسڪينن کي کارايو انهن وانگر نـه رهبو جيڪي "اَلْمَاعُوْنِ" کان روڪين ٿا جيئن اڳيئن سورة ۾ گذريو ۽ عڪرمـــه، عطاءَ ۽ قتادة فرمايو تـه نماز مان مراد عيد ۽ قربانيءَ مان مراد اضحيـه ڪرڻ آهي ان معنيٰ تي عيدالاضحيٰ ۾ اضحيـــه جو وجوب ثابت ٿئي ٿو. "اِنَّ

(۱) الدر المنثور صـ۶۴۷ـ (۲) حدائق صـ۳۷۹ـ جلد ۳۲ (۳) ضياءُ القرآن صـ٦٨٦ـ جلد ۵ (۴) روح المعاني صـ۳۱۴ـ جزءُ ۳۰ جلد ۱۰ (۵) روح البيان صـ۵۲۴ـ جلد ۱۰

شَانِئَكَ هُوَالْاَبْتَرُ (بيشڪ اوهان جو دشمن ئي بي بنياد آهي) يعني ان جي ڪا بہ نيڪي بيان نہ ٿيندي ان تي الله، ملائڪن ۽ ماڻهن جي لعنت وسندي رهندي بي بنياد هجڻ مان اها مراد آهي اولاد هوندي بہ جنهن جي اها حالت رهندي اهو ڄڻ تہ بي اولاد آهي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ حاصل ٿين ٿا. ١. "اَعْطَيْنَاكَ" (اسان اوهان کي عطا ڪيو) مان معلوم ٿيو تہ حضور عليہ الصلواة والسلام ڄڻ وٺ جيڪو ڪجهہ آهي اهو ڪين الله تعاليٰ عطا ڪيو آهي ٻئي ڪنهن نہ ڏنو آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪين عطا ڪيل نعمت ڪير بہ کسي نہ ٿو سگهي ڇو تہ اهو رب العزة جل مجده جو عطيو آهي جيئن سج کي ڪير وسائي بي نور نہ ٿو بنائي سگهي. ٢. تفسير ۾ مذڪوره حوالن مان واضح ٿيو تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جن الله عزوجل جي عطا ڪيل نعمتن جا مالڪ آهن. ٣. "فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانْحَرْ" (پوءِ پنهنجي رب جي لاءِ نماز پڙهہ ۽ قرباني ڪر) مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل جي شڪر ۾ نماز نهايت پياري شيءِ آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ قرباني ڪرڻ اسلامي شعار آهي ۽ قرباني صرف مڪہ مڪرمہ وارن يا حاجين لاءِ ناهي اها هر استطاعت جي صاحب تي واجب آهي حضور عليہ الصلواة والسلام جن مدينہ منوره ۾ بہ قرباني ڪئي هئي. (٢)

(١) المظهري صـ٣٥٣ـ جلد ١٠ (٢) نورالعرفان صـ٩٩٠ـ

سورة "اَلْكَافِرُوْنَ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ: هن جو نالو "اَلْكَافِرُوْنَ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، ڇهه آيتون، ڇويهه ڪلما ۽ چورانوي حرف آهن. (۱)






مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس، رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (۲)

نزول: هيءَ سورة "اَلْكَوْثَرَ" کان بعد لٿي هئي.(۳)

مضمون: هن سورة پاڪ ۾ توحيد جو ۽ شرڪ کان بيزاريءَ جو بيان آهي ڪافرن حضور عليه الصلواة والسلام جن کي چيو هو تہ هڪ سال اوهان اسان جي بتن جي عبادت ڪيو تہ هڪ سال اسين اوهان جي معبود بالحق جي عبادت ڪيون، هن سورة کي نازل ڪري انهن جي اها لالچ ختم ڪئي وئي ۽ ايمان وارن ۽ بي ايمان ڪافرن ۾ اختلاف کي واضح ڪيو ويو. (۴)

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي "لِرَبِّكَ" فرمائي عبادت ۾ اخلاص لاءِ چيو ويو ۽ هن سورة ۾ ان اخلاص کي نظر ۾ رکندي باطل معبودن جي عبادت کان انڪار جو ذڪر آندو ويو آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: هن سورة جون ڀلايون مختلف روايتن ۾ آيل آهن انهن مان هڪ هيءُ آهي محدث مسلم پنهنجي صحيح ۾ حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن طواف ڪرڻ کان پوءِ پڙهجندڙ ٻن رڪعتن ۾ هيءَ سورة ۽ سورة "قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ" پڙهيون هيون. (۵)



(۱) خازن ص۔۴۱۷۔ جلد ۴ (۲) الدرالمنثور ص۔۶۴۴۔ جلد ۸ (۳) حدائق ص۔۳۸۸۔ جلد ۳۲ (۴) صفوة التفاسير ص۔۶۱۳۔ جلد ۳ (۵) حدائق ص۔۳۸۸۔ جلد ۳۲

وَهِيَ سِتُّ آيَاتٍ	سُوْرَةُ الْكَافِرُوْنَ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ
۽ اها ٦ آيتون آهي	سورة الكافرون مكي آهي	۽ ان ۾ ١ رکوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

قُلْ يَآاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ (١) لَآ اَعْبُدُ مَاتَعْبُدُوْنَ (٢) وَلَآ اَنْتُمْ

فرماءِ ته اي ڪافرو! نه تو عبادت ڪيان مان انهن جي جن جي اوهان عبادت ڪيو ٿا ۽ نه اوهان

عَابِدُوْنَ مَآاَعْبُدُ (٣) وَلَآ اَنَا عَابِدٌ مَّا

عبادت ڪندڙآهيو ان جي جنهن جي مان عبادت ڪيان ٿو۽ ناهيان مان عبادت ڪندڙ آهيان انهن جي

عَبَدْتُّمْ (٤) وَلَآ اَنْتُمْ عَابِدُوْنَ مَآاَعْبُدُ (٥)

جن جي عبادت ڪئي اوهان ۽ نه اوهان عبادت ڪندڙ آهيو ان جي جنهن جي مان عبادت ڪيان ٿو

لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ (٦) ع ١ ٣٤

اوهان لاءِ اوهان جو دين آهي ۽ مون لاءِ منهنجو دين آهي

تفسير

اڳينءَ سورة ۾ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام ڪي ڪوثر جي عطا ڪرڻ جو ذڪر هو جنهن مان هڪ قول مطابق خيرڪثير مراد آهي جنهن ۾ دين اسلام به داخل آهي ۽ هن سورة ۾ ان اسلام تي برقرار رهڻ جو اعلان ڪرائيندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قُلْ يَآاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ" (فرماءِ ته اي ڪافرو!) سمجهڻ گهرجي ته اهي ماڻهو جيتوڻيڪ ڪفر ۽ شرڪ جا ڪم ڪندا هئا پر پاڻ ڪي ڪافر نه چوندا هئا ۽ نه پسند ڪندا هئا ته ڪين ڪافر سڏيو وڃي الله عزوجل جي امر سان حضور عليه الصلواة والسلام جن انهن کي ڪافر سڏي گويا هي اعلان ڪرايو ته منهنجي دل ۾ اوهان جي لاءِ ڪا به عزت ناهي ۽ ائين سڏڻ سان هي به اشارو ڏيٺو هو ته مان اوهان کان صرف ان جي ڪري پري آهيان جو اوهان ڪفر ڪيو ٿا جيڪڏهن ايمان قبول ڪيو ته اوهان جي ۽ منهنجي محبت ۽ اخوت برقرار رهندي. (١) "لَآ اَعْبُدُ مَاتَعْبُدُوْنَ"

(١) ضياءُ القرآن صـ٦٩٣ـ جلد ٥

(جن جي اوهان عبادت ڪيو ٿا مان انهن جي عبادت نہ ٿو ڪيان) يعني مان هنن بتن، مجسمن ۽ پٿرن جي عبادت ڪو نہ ٿو ڪيان مان اوهان جي انهن باطل معبودن ڪان جيڪي نہ نفعو ٿا ڏين نہ نقصان! بيزار آهيان. مفسرن لکيو آهي تہ جڏهن هيءَ سورة نازل ٿي تہ حضور عليـــه الصلواة والسلام جن صبح جو بيت الله شريف واري مسجد حرام ۾ ويا ۽ اتي ويٺل قريشي ڪافرن رئيسن ڪي جڏهن هيءَ سورة پڙهي ٻڌايائون تہ اهي سمجهي ويا تہ هي اسان جي باطل معبودن جي عبادت نہ ڪندو، مايوس ٿيا پوءِ حضور عليـــه الصلواة والسلام ۽ سندس اصحابن رضي الله عنهم ڪي ايذاءَ ڏيڻ شروع ڪيائون. (١) "وَلَآ اَنْتُمْ عَابِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ" (۽ نہ اوهان ان جي عبادت ڪندڙ آهيو جنهن جي مان عبادت ڪيان ٿو) يعني اوهان بہ زبان سان چئو تہ ٿا پر منهنجي سچي معبود جي عبادت نہ ٿا ڪيو. مان الله "حق". جهانن جي رب جي عبادت ڪيان ٿو ۽ اوهان پٿرن ۽ بتن جا پوڄاري آهيو رحمان جي عبادت ۽ بتن جي عبادت ۾ گهڻي دوري آهي. "وَلَآ اَنَاعَابِدٌ مَّاعَبَدْتُّمْ" (۽ نہ مان انهن جي عبادت ڪندڙ آهيان جن جي اوهان عبادت ڪيو پيا) هي باطل جي عبادت ڪان انڪار جو تاڪيد آهي ۽ ڪافرن جا اهي آسرا ختم ڪرڻا آهن جڻ تہ پاڻ فرمايائون تہ نہ هاڻي (حال ۾) ۽ نہ اڳتي (مستقبل) ۾ وهان جي بتن جي پوڄا ڪندس، اهو مان سوچيو ٿي نہ. "وَلَآ اَنْتُمْ عَابِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ" (۽ نہ اوهان ان جي عبادت ڪندڙ آهيو جنهن جي مان عبادت ڪيان ٿو) يعني اوهان مستقبل ۾ بہ منهنجي معبود جي عبادت ڪرڻ وارا ناهيو. "لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ" (اوهان جي لاءِ اوهان جو دين آهي ۽ مون لاءِ منهنجو دين آهي) مطلب تہ اوهان جي لاءِ اوهان جو شرڪ آهي مون لاءِ منهنجي توحيد وارو عقيدو آهي هي ڪافرن جي ڪفر ڪان وڏ ۾ وڏ بيزاريءَ جو اعلان آهي ۽ الله، واحد، وحده جي عبادت تي مضبوط هجڻ جو اعلان ۽ تاڪيد آهي. مفسرن فرمايو تہ هن جو مقصد آهي تہ اسان ۽ اوهان جا معبود بہ جدا آهن تہ عبادت بہ جدا آهي نہ اوهان منهنجا نہ مان اوهان جو.

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ واضح ٿين ٿا. ١. مفسرن هن سورة جا هي خواص لکيا آهن "١" حضرت ام المومنين عائشـــه رضي الله عنها فرمايو تہ حضور عليـه الصلواة والسلام جن فرمايو تہ "فجر جي سنت نماز ۾ پڙهڻ لاءِ هي ٻہ سورتون ڀليون آهن "١" "قُلْ يٰاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ" "٢" "قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ" (٢) هڪ اصحابي رضي الله عنـه حضور عليـــه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ مون ڪي اهڙي

(١) صفوة التفاسير صـ٦١٣ـ جلد ٣ (٢) المظهري صـ٣٥٥ـ جلد ١٠

سورة پڙهايو جيڪا مان هنڌ تي سمهڻ کان اڳي پڙهان؟ "پاڻ ان کي "قُلْ يَاَيُّهَا الْكَافِرُوْنَ" پڙهڻ جي تلقين ڪيائون ۽ فرمايائون تہ اها شرڪ کان بيزاري آهي."(١) ٢. هن سورة پاڪ ۾ بار بار ساڳي ڳالهہ ان کي تاڪيد ڪرڻ جي لاءِ آهي جيئن "اِنَّ مَعَ الْعُسْرِيُسْرًا اِنَّ مَعَ الْعُسْرِيُسْرًا" ۾ آهي. ٣. مفسرن بزرگن لکيو آهي تہ "لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ" جو مطلب هي آهي تہ جيڪو جهڙي ڪندو اهڙي لوڙيندو ان جي ڪري جهمور علماءَ وٽ ترجيح وارو ۽ صحيح قول هي آهي تہ هيءَ سورت منسوخ ناهي اهڙو صلح جنهن ۾ ڪافرن جي بتن جي عبادت ڪئي وڃي جيئن ان وقت مردود ۽ حرام هو تيئن هن وقت بہ مردود ۽ حرام آهي ۽ جنهن مصلحت جي ڪري حضور عليہ الصلواة والسلام جن مدينہ منوره جي رهاڪو يهودين سان صلح ڪيو هو اهڙي مصلحت جي هاڻي بہ هوندي تہ وقتي طور تي غير مسلمانن سان صلح ڪرڻ جائز آهي. (٢)



(١) ابن ڪثير ص-٥٦٠- جلد ٤ (٢) المظهري ص-٣٥٥- جلد ١٠، حقاني ص-٢٦٥- جلد ٨، معارف القرآن ص-٨٣٤- جلد ٨

سورة "اَلنَّصرِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ: مفسرن سڳورن هن سورة جا ٽي نالا بيان فرمايا آهن "١" سورة "النَّصر" هي هن جو مشهور نالو آهي جيڪو هن جي پهرين آيت مان ورتل آهي، "٢" سورة "اَلفَتح" اهو به پهرين آيت ۾ آيل آهي، "٣" سورة "التَّودِيع" الوداع ڪرائڻ واري سورت ڇو ته هن ۾ اهو واضح اشارو هو ته الله جل شانه جا حبيب عليه الصلواة والسلام پنهنجي رب جي حضور ۾ واپس موٽڻ ڪان پهريان پنهنجن جان گهور ڪندڙن پروانن کي الوداع چوڻ وارا آهن. (١)

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، ٽي آيتون سترهن ڪلما ۽ ستهتر حرف آهن. (٢)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس، حضرت ابن الزبير کان ۽ ابن جرير عطا بن يسار رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي ته سورة "إِذَا جَآءَ نَصْرُاللهِ وَالْفَتْحُ" مدني آهي.


نزول: ابن ابي شيبه، عبد بن حميد، بزار، ابو يعلي، ابن مردويه ۽ بيهقي دلائل ۾ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هيءَ سورة نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي مٿان منٰى ۾ حجة الوداع جي موقعي تي ايام التشريق ۾ نازل ٿي هئي پوءِ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن سمجهي ويا ته هاڻي الوداع جو وقت اچي ويو آهي. (٣)

مضمون: هي سورة مڪه مڪرمه جي فتح ٿيڻ جي خبر ڏي ٿي جنهن سان مسلمانن عزت وارا بڻيا هئا ۽ عربي جزيره ۾ اسلام پڪڙيو هو شرڪ جون پاڙون پٽجي ويون ۽ هن فتح مبين سان ماڻهو ٽولن جا ٽولا الله جل جلاله جي دين ۾ داخل ٿيا بتن جي بربادي ٿي اسلام جو جهنڊو بلند ٿيو ۽ مڪه مڪرمه جي فتح واقع ٿيڻ کان پهريان ئي اها خبر ڏيڻ حضور عليه الصلواة والسلام جن جي نبوت جي سچي هجڻ جو وڏو دليل هو. (۴)

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ ٻڌايو ويو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جو دين جدا آهي ۽ ڪافرن جو جدا، هن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته رسول الله

(١) ضياءُ القرآن ص ٦٩٧ جلد ٥ (٢) خازن ص ٤١٨ جلد ۴ (٣) الدرالمنثور ص ٦٥٩ جلد ٨، حقاني ص ٢٦٦ جلد ٨ (۴) صفوة التفاسير ص ٦١٣ جلد ٣

صلی الله عليه وسلم جو دين غالب ٿيندو، وڏندو ۽ گهڻو ٿيندو. (١)
پڙهڻ جون برڪتون: حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو ته جنهن سورة "اذاجاء" پڙهي ان کي ايترو اجر ڏنو ويندو جيترو ان کي ملندو جيڪو حضور عليه الصلواة والسلام سان فتح مکه ۾ موجود هوندڙ کي ملندو (٢)



وَفِيهَا رُكُوعٌ وَاحِدٌ	سُورَةُ النَّصْرِ مَدَنِيَّةٌ	وَهِيَ ثَلَاثُ آيَاتٍ
۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي	سورة النصر مدني آهي	۽ اها ٣ آيتون آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

إِذَا جَاءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَالْفَتْحُ (١) وَرَأَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُونَ فِي دِيْنِ اللّٰهِ أَفْوَاجًا (٢)

جڏهن اچي مدد الله جي ۽ فتح ۽ ڏسين تون ماڻهن کي ته داخل ٿين پيا الله جي دين ۾ ٽولا ٽولا ٿي

فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَاسْتَغْفِرْهُ إِنَّهُ كَانَ تَوَّابًا (٣)

پوءِ تسبيح پڙهه پنهنجي رب جي حمد جي ۽ ان کان مغفرت گهر بيشڪ اهو آهي توبه قبول ڪندڙ

تفسير

اڳين ۽ سورة ۾ ڪافرن کان جدائي جو بيان هو هن ۾ انهن تي فتح ملڻ ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "إِذَا جَاءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَالْفَتْحُ" (جڏهن الله جي مدد ۽ فتح اچي) سمجهڻ گهرجي ته هن سورة جي پهرين آيت ۾ ٻڌايو ويو آهي ته الله عزوجل جي مدد اچي رهي آهي ۽ مکه مکرمه فتح ٿي رهيو آهي پر اها فتح الله عزوجل جي مدد سان آهي. "وَرَأَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُونَ فِي دِيْنِ اللّٰهِ أَفْوَاجًا" (۽ ماڻهن کي ڏسندين ته الله جي دين ۾ ٽولا ٽولا ٿي داخل ٿين پيا) ان تي عرب جي اڪثر قبيلن جون نظرون هيون ان کان اڳي هڪ هڪ يا ٻه ٻه ماڻهو مسلمان ٿيندا هئا پر مکه مکرمه جي فتح ٿيڻ کان پوءِ ٽولن جا ٽولا مسلمان ٿي رهيا هئا ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جي بعثت جو جيڪو مقصد هو اهو حاصل ٿي ويو هو. "فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ" (پوءِ پنهنجي رب جي

(١) حدائق ص ٤٠٣ ـ جلد ٣٢ (٢) البيضاوي ص ٨١٣ ـ

حمد سان تسبيح پڙهه) يعني جڏهن بعثت جو مقصد ۽ دنيا ۾ رهڻ جو غرض پورو ٿيو، دين جي تڪميل ۽ خلافت ڪبريٰ جي تمهيد ٿي ته هاڻي آخرت جو سفر قريب آهي لهذا ٻين ڪان فارغ ٿي مڪمل طور رب ڪريم ڏانهن متوجه رهي ڪثرت سان تسبيح ۽ حمد پڙهو ۽ ان فتوحات ۽ ڪاميابين تي ان جو شڪر ڪيو. "وَاسْتَغْفِرْهُ ۚ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا" (۽ ان ڪان مغفرت طلب ڪر بيشڪ اهو توبه قبول ڪندڙ آهي) خيال ۾ رهي ته مغفرت طلب ڪرڻ مان مراد امت جي گناهن جي مغفرت طلب ڪرڻ آهي.(١) علامه پاني پتي لکيو آهي ته اهو حڪم تواضع ۽ انڪساري جي لحاظ سان آهي يا امت جي لاءِ مغفرت طلب ڪرڻ جو امر آهي. (٢) اهڙي طرح خازن، قرطبي، علامه ابو حفص دمشقي به لکيو آهي. (٣)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به حاصل ٿين ٿا. ١. ته الله عزوجل حضور عليه الصلواة والسلام جن کي ٻهريان ٻڌايو ته مڪه فتح ٿي رهيو آهي. ٢. ته جڏهن مڪه پاڪ فتح ٿيو ته ٽولن جا ٽولا مسلمان ٿيا. اهو چوڻ غلط آهي ته صرف علي، سلمان ۽ مقداد رضي الله عنهم مسلمان هئا. ٣. الله عزوجل احسان ڪري ته ان جي تسبيح پڙهجي ۽ حمد ڪجي وڏائي نه ڪجي جيئن حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن مڪي ۾ داخل ٿيا ۽ ماٿهو سندن ديدار جو شرف حاصل ڪيو ته پاڻ الله جي اڳيان نوڙت ڪندي مٿو (مبارڪ) سواريءَ جي پلڻ تي رکيو هيائون. (رواه الحاكم بسند جيد) ۴. نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن هر قسم جي هر گناهه ڪان هر طرح معصوم ۽ پاڪ هجڻ جي باوجود تسبيح ۽ استغفار پڙهندا هئا جيئن سندن ارشاد مبارڪ آهي ته "مان هر روز ستر ڀيرا استغفار پڙهندو آهيان" سيده عائشه رضي الله عنها ڪان روايت آهي ته: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن پنهنجي رڪوع ۽ سجدي ۾ "سُبْحَانَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمْدِكَ اللّٰهُمَّ اغفِرَ" گهڻو پڙهندا هئا. ۵. مفسرن ڀلارن لکيو آهي ته هن سورة جي نزول سان حضور عليه الصلواة والسلام سمجهيو ته هاڻي دنيا مان الوداع آهي. (۴) حضرت ابن عمر رضي الله عنهما فرمايو ته هيءَ سورة حجة الوداع ۾ نازل ٿي هن ڪان پوءِ آيت "اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ" نازل ٿي. انهن ٻنهي جي نزول ڪان پوءِ

(١) موضح القرآن ص ١٠١١، حاشيه عثمانيه ص ٨٠٦ (٢) المظهري ص ٣٦٦ جلد ١٠ (٣) خازن ص ۴٢۴ جلد ۴، قرطبي ص ٢٣٣ جلد ٢٠، اللباب ص ۵۴۴ جلد ٢٠ (۴) المظهري ص ٣٦٦ جلد ١٠

حضور عليـه الصلواة والسلام جن دنيا ۾ (ظاهري زندگي) اسي "٨٠" ڏينهن رهيا. ان کان پوءِ آيت "الکلالـة" لٿي ان کان پوءِ آيت "لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْـهِ مَا عَنِتُّمْ" لٿي تہ ان کان پوءِ پنجٽيهہ ٣٥ ڏينهن رهيا ان کان پوءِ "اِتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْـهِ اِلَى اللهِ" لٿي تہ ان کان پوءِ صرف ٢١ ڏينهن ۽ مقاتل جي قول تي ست ڏينهن رهيا ۽ هڪ قول مطابق هيءَ سورة خيبر جي جنگ تان موٽڻ کان پوءِ نازل ٿي هئي. (١)



(١) معارف القرآن صـ٨٣٦ـ جلد ٨

سورة "اللَّهَبِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة جا ٻه نالا آهن "۱" "سُوۡرَةَ اللّهَبِ" هي مشهور نالو اٿس جيڪو هن جي پهرين آيت ۾ مذڪور آهي، "۲" "المسد" جيڪو هن جي آخري آيت ۾ آيل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، پنج آيتون، ويهه ڪلما ۽ ستهتر حرف آهن. (۱)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت ابن عباس، حضرت ابن الزبير ۽ ام المومنين سيده عائشه رضي الله عنها وعنهم کان روايت آندي آهي ته "تَبَّتۡ يَدَآ اَبِيۡ لَهَبٍ" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (۲)

نزول: هيءَ سورة "اَلۡفَتۡحِ" کان پوءِ نازل ٿي هئي. (۳)

مضمون: هن سورة ۾ ابولهب جي هلاڪت بيان ڪيل آهي جيڪو الله عزاسمه ۽ حضور عليه الصلواة والسلام جن جو سخت دشمن هو ٻيا ڪم ڇڏي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي پويان پيو هلندو هو ته ماڻهن کي سندن ذات تي ايمان آڻڻ کان روڪي. هن سورة ۾ سندس ۽ سندس ڪافر زال جي عاقبت ۽ انجام بيان ڪيل آهي ته ان کي ڳچي ۾ رسو وجهي جهنم ۾ گهليو ويندو. (۴)


اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ مطيع ۽ فرمانبردار جي مدد ۽ فتح جو بيان هو ۽ هن ۾ بي فرمان کي ملندڙ سزا جو ذڪر آهي. (۵)

ڀلايون ۽ برڪتون: ثعلبي حضرت ابي کان مرفوع روايت آندي آهي ته: جنهن سورة "تَبَّتۡ يَدَآ اَبِيۡ لَهَبٍ" پڙهي اهو ابولهب سان گڏ نه هوندو. (٦) يعني جهنم ۾ نه ويندو جو ته ابو لهب جو جهنم ۾ وڃڻ قطعي ۽ يقيني آهي.

شان نزول: بخاري، مسلم ۽ ٻين حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته جڏهن آيت "وَاَنۡذِرۡ عَشِيۡرَتَكَ الۡاَقۡرَبِيۡنَ" (پنهنجن ويجهن قبيلي وارن کي الله تعاليٰ کان ڊيڄاريو) نازل ٿي ته حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن صفا جبل تي چڙهي قريش قبيلي جي مختلف نسبتون رکندڙن کي سڏيو ته گهڻي خلق گڏ

(۱) خازن ص۔۴۲۵۔ جلد ۴ (۳) الدرالمنثور ص۔٦٦۵۔ جلد ۸ (۳) حدائق ص۔۴۱۷۔ جلد ۳۲ (۴) صفوة التفاسير ص۔٦۱۷۔ جلد ۳ (۵) المراغي ص۔۲٦۰۔ جزءُ ۳۰ جلد ۱۰ (٦) اللباب في علوم الڪتٰب ص۔۵۵۸۔ جلد ۲۰

تي تانجو جيڪڏهن ڪو پاڻ پهچي نہ تي سگهيو تہ ان پنهنجو ماڻهو تي موڪليو تہ اهو شريڪ تي ڏسي تہ ڇا آهي؟ انهن ڳڏ تيندڙن ۾ ابولهب بہ هو. نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن انهن سان خطاب ڪندي فرمايو تہ خبر ڏيو جيڪڏهن مان اوهان کي چوان تہ هن جبل جي پويان ڪجهہ گهوڙي سوار ويٺا آهن تہ ڇا اوهان مون کي ان ڳالهہ ۾ سچو چوندؤ؟ چوڻ لڳا تہ اسان اوهان کان سچ کان سواءِ ڪڏهن ڪجهہ بہ نہ ٻڌو آهي پاڻ فرمايائون تہ "مان (الله جي رسول جي حيثيت سان) اوهان کي سخت عذاب اچڻ کا اڳي ڊيڄاريندڙ آهيان" ابولهب ٻڌي چيو تہ تنهنجي لاءِ هلاڪت آهي ڇا تو اسان کي هن لاءِ ڳڏ ڪيو آهي؟ پوءِ الله عزوجل هيءَ سورة نازل فرمائي. (١)



وَهِيَ خَمْسُ آيَاتٍ	سُوْرَةُ اللَّهَبِ مَكِّيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ
۽ اها ٥ آيتون آهي	سورة اللهب مڪي آهي	۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

تَبَّتْ يَدَآ اَبِيْ لَهَبٍ وَّتَبَّ (١) مَآ اَغْنٰى عَنْهُ مَالُهٗ وَمَا كَسَبَ (٢)

هلاڪ ٿيا ٻئي هٿ ابولهب جا ۽ پاڻ هلاڪ ٿيو نہ فائدوڏنو ان کي ان جي مال ۽ نہ ان جيڪو ڪمايائين

سَيَصْلٰى نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ (٣) وَّامْرَاَتُهٗ حَمَّالَةَ الْحَطَبِ (٤) فِيْ جِيْدِهَا

جلد داخل ٿيندو ڀڙڪي واري باهہ ۾ ۽ ان جي زال ڪاٺين جي پري کڻندڙ ان جي ڳچيءَ ۾

حَبْلٌ مِّنْ مَّسَدٍ (٥)

رسو هوندو ڪا ٻاڙ جو

١ ع ٥ ٣٦

تفسير

اڳينءَ سورة ۾ الله عزوجل جي دين ۾ داخل ٿيندڙن جو ذڪر هو ۽ هن ۾ داخل نہ ٿيندڙ جو ذڪر ڪيو ويو آهي فرمان خداوندي آهي "تَبَّتْ يَدَآ اَبِيْ لَهَبٍ وَّتَبَّ" (هلاڪ

(١) حدائق صـ٤١٧ـ جلد ٣٢

ٿيا پئي هٿ ابولهب جا ۽ پاڻ بہ هلاڪ ٿيو) هن ڪان اڳيان شان نزول ۾ لکي آيا آهيون تہ ابولهب حضرت نبي ڪريم عليـــه الصلواة والسلام جن کي چيو هو "تبالك" (تنهنجي لاءِ هلاڪت آهي) تہ ان جو اهو قول الله عزوجل کي ناپسند آيو ۽ الله جل شانہ فرمايو تہ محبوب عليـــه الصلواة والسلام جي لاءِ هلاڪت ڇو؟ ابولهب جا پئي هٿ هلاڪ ٿين ۽ پاڻ بہ هلاڪ ٿئي. اول هٿن جي هلاڪ ٿيڻ جو ذڪر عرب جي محاوري تي ڪيل آهي عرب ڪنهن کي بددعا ڪندا آهن تہ ان جي هٿن هلاڪ ٿيڻ کي بہ ذڪر ڪندا آهن يا حضور عليـــه الصلواة والسلام کي هٿن سان پٿر هڻندو هو ان جي ڪري اهي ذڪر ڪيا ويا. (١) الله جل وعلا جيڪو ارشاد فرمايو اهو پورو بہ ٿيو ابولهب بزدل هجڻ جي ڪري بدر جي جنگ ۾ نہ ويو پر ان ۾ ڪافرن کي مليل عبرت ناڪ شڪست ڪان پوءِ هڪ هفتو نہ گذريو تہ ابولهب کي اهڙي بيماريءَ ورتو جو سندس سڄو بدن ڦٽ ٿي ويو ۽ انهن مان بدبودار بوءِ نڪتي، بدن جو گوشت ڳري سڙي هيٺ ڪرڻ لڳو جڏهن سندس پٽن ڏٺو تہ ان کي وچڙندڙ بيماري وڪوڙي وئي آهي تہ ڊپ ڪان پنهنجي گهر مان ٺي ڪڍي ڇڏيائونس ۽ ڦٿڪندي ڦٿڪندي مري ويو پر ان کي اتاهين ڪٽي پورڻ لاءِ ٽن ڏينهن تائين ڪو مٿ مائٽ بہ ويجهو نہ ويس ۽ جڏهن ان جي لاش ايتري ڊپ ڪئي جو پاڙي وارا تنگ ٿي پيا تہ انهن هن جي پٽن کي ملامت ڪئي پوءِ پٽن حبشي غلامن کي ان جي لاش پورڻ جي لاءِ مقرر ڪيو انهن هڪ ڪڏو ڪوٽي، لاش کي ڪاٺين سان ڌڪي ان ڪڏي ۾ اڇلائي مٽي ورائي پوري ڇڏيو. ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ مڪـــہ مڪرمـــہ جي مشهور ڇئن رئيسن مان ابولهب بہ هڪ رئيس هو، ان کي پٽ گهر مان تڙي ڪڍي ڇڏين، لاش بدبودار ٿيو ٻاهر پيو هجي اهو سڀ رب العزة عزاسمـــہ جي غضب ۽ قهر جو نتيجو آهي مڪـــہ مڪرمـــہ جي سيني ماڻهن ڏٺو تہ الله عزوجل جي حبيب عليـــه الصلواة والسلام جن جيڪو ٻڌايو اهو ٺي ٿيو. (٢) "مَآ اَغۡنٰى عَنۡهُ مَالُهٗ وَمَا كَسَبَ" (نہ ان کي ان جي مال نفعو ڏنو ۽ نہ ان جيڪو ڪمايو هيائين) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ جڏهن ابولهب وغيره کي نبي پاڪ عليـــه الصلواة والسلام جن باهہ جي عذاب ڪان ڊيڄاريو تڏهن ابولهب چيو تہ جيڪو منهنجو ڀائٽيو چوي ٿو جيڪڏهن اهو حق آهي تہ مان اولاد ۽ مال سان ان ڪان جان ڇڏائيندس تڏهن الله فرمايو تہ ان کي ان جو مال ۽ ڪمائي ڪو فائدو نہ ڏيندا. انهن جي ذريعي خداوندي عذاب ڪان بچي نہ سگهندو ۽ ڪمائي ۾ اولاد بہ داخل آهي. (٣) "سَيَصۡلٰى نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ" (جلد ٻرڪڻ واري باهہ ۾ داخل

(١) صفوة التفاسير صـ٦١٨ـ جلد ٣ (٢) ضياءُ القرآن صـ٦٠٧ـ جلد ٥ (٣) اللباب صـ٥٥٢ـ جلد ٢

ٿيندو) يعني ابولهب مرڻ کان پوءِ جهنم جي باه ۾ داخل ٿيندو. "وَامْرَاَتُهٗ ؕ حَمَّالَةَ الْحَطَبِ ۚ" (۽ ان جي زال ڪاٺيون ڪڻندڙ) اها ابولهب جي زال ڪنڊن واريون ڪاٺيون گڏ ڪري نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي رستي ۾ اڇلائيندي هئي ته ڪين تڪليف اچي. "فِيْ جِيْدِهَا حَبْلٌ مِّنْ مَّسَدٍ ؏" (ان جي ڳچيءَ ۾ ڪاٻاڙ جو رسو هوندو آهي) مطلب ته اها ان رسي سان ڪنڊن واريون ڪاٺيون ڪٺي رستي ۾ اڇلائيندي هئي هڪ ڀيري رات جو ڪنڊن واريون ڪاٺيون ڪٺي اچي هڪ پٿر تي ويٺي ته الله عزوجل جي ملائڪ ڪيس پٺيان اهڙي نموني ڇڪيو جو ان رسي ۾ گهٽو اچي ويس ۽ اتي مري جهنم ۾ پهتي. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هيءَ معلومات به ملي ٿي. ١. الله جل جلاله جي حبيب عليه الصلواة والسلام جي بي ادب لاءِ وڏي سزا مقرر ٿيل هوندي آهي دنيا ۾ به لوڙيندو ته آخرت ۾ به ڀوڳيندو. ٢. مفسرن لکيو آهي ته ابولهب جو نالو عبدالعزيٰ هو حضرت عبدالمطلب جو پٽ ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جو چاچو هو، سندس زال جو نالو عوراءَ هوام جيمل ان جي ڪنيت هئي مڙس ۽ زال ٻئي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جا پڪا ۽ سخت دشمن هئا. (٢) ٣. ڳاڙهي رنگ هجڻ جي ڪري ابولهب سڏيو ويو جيئن باه جو رنگ هوندو آهي تيئن هن جو به رنگ هوندو هو قرآن ڪريم ان جو اصل نالو بيان نه ڪيو جو اهو نالو مشرڪانه هو ۽ ابولهب ڪنيت ۾ ان جي جهنم سان مناسبت به آهي. (٣)

سوال: نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جا سخت دشمن ته ٻيا به هئا پوءِ ابولهب ڪي خصوصي ڪنيت سان ڇو ذڪر ڪيو ويو آهي؟

جواب: ان جي ڪري جو اهو حضور عليه الصلواة جو سڳو چاچو، حضرت عبدالله سائينءَ جو سڳو ڀاءُ هو، حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جي خاندان بني هاشم جو سردار ۽ رئيس هو. حضور عليه الصلواة والسلام جي گهر سان گڏ سندس گهر هو وچ ۾ صرف ڀت هئي انهن سيني ڳالهين جي ڪري ان تي فرض هو ته حضور پاڪ عليه الصلواة والسلام جي مدد ڪري ها پر ان رهندو ڪين سخت ايذايو وڏو ڪٽر ۽ ڪليل دشمن ٿي بيٺو ان جي ڪري ان جو خاص ڪنيت سان ذڪر ڪيو ويو.

(١) روح البيان صـ٥٣٥ـ جلد ١٠ (٢) اللباب صـ٥٥٢ـ جلد ٢ (٣) معارف القرآن صـ٨٣٨ـ جلد ٨

سورة "الْإِخْلَاصِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ: هن سورة جا گهڻا نالا آهن جيڪي هن جي عظمت ۽ رفعت تي دلالت ڪن ٿا انهن مان ڪجهه هي آهن "١" "سُوْرَةُ التَّوْحِيْدِ" ڇو ته هن ۾ توحيد جي عقيدي جو وڏي جامعيت ۽ دلڪش انداز سان بيان ڪيو ويو آهي. "٢" "سُوْرَةُ نِجَاتِ" جو هن جي ذريعي انسان ڪي ڪفر ۽ شرڪ ڪان نجات ملي ٿي جهنم جي دردناڪ عذاب ڪان به ڇوٽڪارو نصيب ٿئي ٿو. "٣" "سُوْرَةُ مُقَشْقِشَه" قشقشه چوندا آهن بيماريءَ ڪان شفاياب ٿيڻ ڪي، هن سان ڪفر ۽ شرڪ جي مرض ڪان شفا نصيب ٿيندي آهي. "۴" "سُوْرَةُ الْاَسَاسِ" بنياد واري سورة، ڇو ته ايمان ۽ عمل جي پيڙهه توحيد تي قائم ٿيندي آهي ان ڪان سواءِ اعليٰ ڪان اعليٰ عمل به بي معنيٰ ۽ بي سود هوندو آهي. "٥" "سُوْرَةُ الْمَانِعَة" هيءَ پنهنجي پڙهندڙ تان عذاب روڪي ٿي. "٦" "سُوْرَةُ النُّوْرِ" ان جي تجليات سان مومن جا ٻئي جهان روشن ٿين ٿا ان جي ذهن ۽ دل ٻنهي ۾ چمڪ اچي ٿي. "٧" "سُوْرَةُ الْاَمَانِ" هن تي ايمان آڻيندڙ ڪي ٻنهي جهانن ۾ امن، امان ملي ٿو. "٨" "سُوْرَةُ الْاِخْلَاصِ" هي هن سورة جي نالن مان مشهور نالو آهي ڇو ته هن ۾ خالص توحيد جو عقيدو پوري فصاحت سان ذڪر ڪيل آهي هي نالو ان جي مضمونن ۽ مطلبن جو عنوان آهي. (١)

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، چار آيتون، پندرهن ڪلما ۽ ستيتاليهه حرف آهن. (٢)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ حضرت ابن مسعود، حسن بصري، عطاءَ، عڪرمه ۽ جابر رضي الله عنهم فرمايو ته هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٣)


مضمون: هن ۾ الله جل شانه جي اسم ذات سان گڏ ان جون ٻيون صفتون، واحد، احد جيڪي ڪمال جي صفات تي دلالت ڪن ٿيون ذڪر ڪيل آهن ۽ اهو بيان ٿيو آهي ته الله جل وعلا ماسواه ڪان غني، نقص جي صفتن ڪان منزه، ڪنهن جي هم جنس، مثال هجڻ ڪان پاڪ آهي ۽ نصاريٰ جيڪي ٽي اله چوندا آهن ۽ مشرڪ جن الله جي لاءِ اولاد مڃيو انهن سڀني جو رد ڪيل آهي. (۴)

(١) ضياءُ القرآن صـ٧٠٩ـ جلد ٥ (٢) خازن صـ٤٢٥ـ جلد ۴ (٣) حدائق صـ۴٣۴ـ جلد ٣٢ (۴) صفوة التفاسير صـ٦٢١ـ جلد ٣

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جي چاچي، بتن جي پوڄاريءَ جي عداوت جو ذڪر هو ۽ هتي جنهن الله جل جلاله جا حضور عليه الصلواة وسلام نبي آهي ان جي وحدانيت جو ذڪر آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: هن سورة جي شان ۾ ڪيترِيون حديثون آيل آهن جن مان هتي ٽي حديثون لکجن ٿيون ۱. مسلم حضرت ابوالدر داءَ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "بلاشڪ الله قرآن کي ٽي حصا ڪيو آهي "قل هوالله احد" کي قرآن جو هڪ جزءُ بنايو اٿس". ۲. حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "من قرءَ قل هوالله احد فكانما قرءَ ثلث القرآن" يعني جنهن "قُلْ هُوَاللهُ" پڙهيو تنهن ڄڻ قرآن جو ٽيون حصو پڙهيو. ۳. نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن فرمايو ته جنهن "قُلْ هُوَاللهُ اَحَدٌ" ڏهه ڀيرا پڙهيو ته الله ان جي لاءِ جنت ۾ محل تيار ڪرئيندو. (۱)

شان نزول: مفسرن ڀلارن لکيو آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ ڪجهه مشرڪ آيا ۽ پڇيائون ته اسان کي پنهنجي رب جل جلاله جي باري ۾ ٻڌايو ته سونَ جو يا چانديءَ جو يا زبرجد جو يا ياقوت جو آهي؟ پوءِ هيءَ سورة نازل ٿي. (۲)



وَفِيهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ	سُوْرَةُ الْاِخْلَاصِ مَكِّيَّةٌ	وَهِيَ اَرْبَعُ آيَاتٍ
۽ ان ۾ ۱ رڪوع آهي	سورة الاخلاص مڪي	۽ اها ۴ آيتون آهي

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

قُلْ هُوَاللهُ اَحَدٌ (۱) اَللهُ الصَّمَدُ (۲) لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ (۳) وَلَمْ يَكُنْ

فرماءِ ته الله هڪ آهي — الله بي نياز آهي — نه ڄڻيائين ۽ نه ڄائو ويو — ۽ نه آهي

لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ (۴)

ان جي برابر ڪو هڪڙو

(۱) حدائق ص ۴۳۵/۴۳۶ ـ جلد ۳۲ (۲) صفوة التفاسير ص ۶۲۰ ـ جلد ۳

تفسير

اڳين سورة ۾ توحيد جي منڪرن جي مذمت بيان ٿي ۽ هن سورة ۾ توحيد جي حقيقت بيان ٿي آهي فرمان مبارڪ آهي "قُلۡ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ" (فرماءِ ته الله هڪ آهي) يعني جنهن اوهان کان الله عزوجل جي باري ۾ سوال ڪيو آهي ان ڪي فرمايو ته مان جنهن سچي، حقيقي معبود ڏانهن اوهان کي سڏيان ٿو اهو هڪ آهي ترڪيب ۽ تعدد کان پاڪ آهي. "اَللّٰهُ الصَّمَدُ" (الله بي نياز آهي) يعني حقيقي مقصود آهي جو هر شيءِ ان جي محتاج آهي اهو ڪنهن جو محتاج ناهي حضرت ابو هريرة رضي الله عنه فرمايو ته صمد هر ڪنهن کان لاپرواهه آهي هر هڪ ان جو محتاج آهي. (١) "لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ" (نه ڄڻيائين ۽ نه ڄائو ويو) يعني نه ڪو ان جو اولاد آهي ۽ نه پاڻ ڪنهن جو اولاد آهي هن ۾ انهن ماڻهن جو رد ٿيو جن حضرت عيسيٰ يا حضرت عزيز عليٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام کي الله جو پٽ سڏيو يا جن ملائڪن کي الله جل جلاله جون نياڻيون سڏيو هو. "وَلَمۡ يَكُنۡ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ" (۽ ڪو هڪ ان جي برابر ناهي) مطلب ته جڏهن آن جي برابر ئي ڪير ناهي ته پٽ يا اولاد ڪيئن ٿيندو. هن جملي ۾ انهن قومن جو رد ٿي ويو جيڪي مخلوق کي الله جي ڪنهن صفت ۾ برابر ڪن ٿا تانجو بعضي گستاخ ته الله کان به وڌيڪ صفتون پين ۾ مڃين ٿا يهودين پنهنجن ڪتابن ۾ لکيو آهي ته الله عزوجل ۽ حضرت يعقوب عليه الصلواة والسلام ڪُشتي راند ڪئي حضرت يعقوب عليٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام الله جل جلاله کي هار ڏئي ويو. (٢) معاذالله ثم معاذالله

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١. "قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ" (فرماءِ ته الله هڪ آهي) "قل" لفظ ۾ رسول الله صلي الله وسلم جي نبوت ۽ رسالت ڏانهن اشارو آهي ته ان کي مالڪ مٿي جي طرف کان ماڻهن کي هدايت ڪرڻ جو حڪم مليو رهيو آهي توحيد خدا جي آهي ۽ بيان ڪرڻ واري زبان مصطفيٰ عليه الصلواة والسلام جي آهي. ٢. هن سورة ۾ مڪمل توحيد ۽ هر طرح جي شرڪ جي نفي آهي دنيا ۾ توحيد جي منڪرن الله جل جلاله سان پين کي شريڪ سمجهندڙن جا مختلف قسم آهن سورة اخلاص هر طرح مشرڪانه خيالات جي نفي ڪري مڪمل توحيد جو سبق ڏنو آهي جو ته توحيد جي منڪرن ۾ هڪ ٽولو ته خود الله جل جلاله جي وجود جو ئي منڪر آهي ڪي وري وجود جا قائل آهن پر ان جي وجوب (ضرور هجڻ) جا قائل

(١) القرطبي ص ٢٤٥ جلد ٢٠ (٢) حاشيه عثمانيه ص ٨٠٧

ناهن کي ٻنهي ڳالهين جا قائل آهن مگر صفات خداوندي جي ڪمال جا منڪر آهن ڪي وري اهي سڀ ڳالهيون مڃين ٿا مگر الله جل شانــــه جي عبادت ۾ ٻين کي شريڪ ڪن ٿا. انهن سڀني جي باطل خيالن جو رد "اَللّٰهُ اَحَدٌ" ۾ ٿي ويو. ٣. "اَللّٰهُ الصَّمَدُ" هن ۾ انهن ماڻهن جي خيال جي ترديد آهي جيڪي چوندا هئا ته اڪيلو الله ايڏي وڏي جهان کي سنڀالي نه ٿو سگهي ان پنهنجي مدد لاءِ پنهنجا بعض ٻانها چونڊيا آهن جن کي اهي الله يا الله جو شريڪ سمجهندا هئا. اسلام ۾ اولياءَ الله ۽ ملائڪ جهان جي انتظام جي لاءِ مقرر آهن پر رب پاڪ جي ڪمزور هجڻ جي ڪري نه بلڪ محض اعزازي طور الله عزاسمــــه جي شان کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ. ۴. "لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ" (نه ڄڻيائين ۽ نه ڄائو ويو) ڇو ته اولاد پيءُ جي جنس مان هوندو آهي رب العزة عزاسمــــه جنس ۽ مثال کان پاڪ آهي ۽ جيڪو ڪنهن مان پيدا ٿئي اهو حادث هوندو پر الله تعالىٰ هميشـــه هو، هميشـــه آهي، هميشـــه هوندو. اولاد جي ضرورت نسل جي بقاءَ لاءِ هوندي آهي جنهن جو محتاج فاني هوندو، جيڪو هميشـــه باقي آهي ان کي نسل سان ڪهڙو ڪم؟ ۵. "وَلَمْ يَكُنْ لَّـــهٗ كُفُوًا اَحَدٌ" (۽ ان جو ڪو بہ برابر ناهي) نه ذات ۾ نه صفات ۾ اهو واجب، خالق آهي باقي سڀ ممڪن ۽ مخلوق، ان جون صفتون ذاتي قديم، غير محدود ۽ مخلوق جون صفتون عطائي حادث ۽ محدود آهن ان مان معلوم ٿيو ته حضور عليـه الصلواة والسلام کي غيب جي عطائي علم وارو يا حاضر ناظر مڃڻ شرڪ ناهي جو ان ۾ رب جي همسري ناهي جيئن انسان کي حي سميع ۽ بصير مڃڻ. (١)



(١) نورالعرفان صـ٩٦٥ـ

سورة "الْفَلَقِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن ۾ وهارڻيون آهن.

نالومبارڪ: هن جو نالو "اَلْفَلَق" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت جو آخري ڪلمو آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، پنج آيتون، ٽيويهه ڪلما ۽ چوهتر حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ تحقيق وارو قول هي آهي تہ هيءَ سورة مدنيہ آهي.

نزول: هيءَ سورة "اَلْفِيْلِ" کان پوءِ نازل ٿي هئي. (٢)

مضمون: هن سورة ۾ ٻانهن کي الله عزوجل سان پناهہ وٺڻ جي تعليم ڏنل آهي ۽ ان جي جلال ۽ سلطنت سان سندس مخلوق جي شر کان پناهہ وٺڻ سيکاريل آهي ۽ رات جي شر کان جڏهن انڌيرو ڪري ٿي پناهہ وٺڻ جي تلقين موجود آهي ڇو تہ ان ۾ فاجر ۽ فاسق ٽڙي پکڙجي برايون ڪندا آهن ۽ هر حاسد جي حسد ۽ ساحر جي سحر کان بہ پناهہ طلب ڪرڻ جو سبق موجود آهي. (٣)

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: اڳيئن سورة ۾ الله جل جلالــــــه جي الوهيت ۽ وحدانيت جو ذڪر هو ۽ هن ۾ ان جي پناهہ وٺڻ جو ذڪر آهي.

توجهہ طلب امر: هيءَ ڳالهہ توجهہ ۾ رکڻ ضروري آهي تہ هن سورة ۽ سورة "النَّاسِ" جون ٻلايون ۽ برڪتون نبوي احاديث ۾ گڏ ذڪر ڪيل آهن ان جي ڪري اهي ٻنهي جي تفسير کان پوءِ لکيون وينديون.

شان نزول: سورة "اَلْفَلَق" ۽ سورة "النَّاسِ" ٻنهي جو شان نزول هڪ آهي جيڪو مفسرن هن طرح لکيو آهي تہ: هڪ يهودي غلام حضور عليــه الصلواة والسلام جي خدمت ڪندو هو پوءِ يهودين ان کي چيو تہ اسان کي نبي پاڪ عليــــه الصلواة والسلام جي مٿي مبارڪ جا وار ۽ وارن ۾ استعمال ڪرڻ واري ڦڻي هٿ ڪري ڏي، ان ڪنهن طريقي سان اهي ٻئي شيون انهن کي پهچايون جن تي انهن مان لبيد بن اعصم نالي يهودي ۽ ان جي ڌيئرن سحر ڪري هڪ ڦتل کوهہ ۾ پٿر جي هيٺان ڏئي ڇڏيا. سيده عائشــــه رضي الله عنها فرمايو تہ ان جو اثر مٿن پيو ڪين تڪليف محسوس ٿي پوءِ هڪ ڏينهن مون وٽ ويٺي الله تعالىٰ کان دعا گهريائون ان کان پوءِ

(١) خــازن صـ٤٢٨ـــ جلـد ٤ (٢) حدائـق صـ٤٥٢ـــ جلـد ٣٢ (٣) صفـوة التفاسير صـ٦٢٣ـ جلد ٣

وَهِيَ خَمْسُ آيَاتٍ	سُوْرَةُ الْفَلَقِ مَدَنِيَّةٌ	وَفِيهَا رُكُوعٌ وَاحِدٌ
۽ اها ٥ آيتون آهي	سورة الفلق مدني آهي	۽ ان ۾ ١ رکوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي.

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ (١) مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ (٢) وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ

چؤ ته پناهه ٿو وٺان صبح جي رب سان ان جي برائيءَ کان جيڪي پيدا ڪيائين ۽ اونداهيءَ رات جي

اِذَا وَقَبَ (٣) وَمِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِی الْعُقَدِ (٤)

برائيءَ کان جڏهن ڇانئجي وڃي ۽ ڳنڍين ۾ ڦوڪ ڏيندڙين جي برائيءَ کان

وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ (٥) ع ١ ٥ ٣٨

۽ حسد ڪندڙ جي برائيءَ کان جڏهن حسد ڪري ٿو

تفسير


اڳينءَ سورة ۾ ابولهب جي عداوت جو ذڪر هو هتي ٻين دشمنن جي دشمنيءَ ۽ ان کان بچاءَ جو طريقو ٻڌايو ويو آهي فرمان مبارڪ آهي "قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ" (چؤ ته مان صبح جي رب سان پناهه وٺان ٿو) **فلق مان مراد ڇا آهي؟** "١" هڪڙن بزرگن فرمايو ته ان مان مراد صبح آهي جيئن ٻي آيت ۾ "فَالِقُ الْاِصْبَاحِ" (١) آيل آهي "٢" ٻين فرمايو ته ان مان مراد آهي چيري ڪڍڻ الله تعاليٰ داڻي کي چيري ان مان سلا ڪڍي ٿو، "٣" گھڻن مفسرن فرمايو ته فلق جهنم ۾ هڪ جيل جو نالو آهي ابن جرير حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته "اهو جهنم ۾ کوهه آهي." (٢) "مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ" (ان جي شر کان جيڪو پيدا ڪيائين) ان مان مراد شيطان ۽ ان جو اولاد آهي يا جهنم ۽ هڪ قول آهي ته ان مان مراد عام آهي يعني برائيءَ واري هر شيءِ جيڪا الله عزوجل پيدا فرمائي آهي. "وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ" (۽ اونداهيءَ رات جي برائيءَ کان جڏهن ڇانئجي وڃي ٿي) ان ۾ شر هي آهي جو ان ۾ ڦاڙيندڙ جانور پنهنجين رهڻ وارين جاين مان نڪرن ٿا ۽ نانگ بلائون وغيره پنهنجي ٻرن مان ٻاهر اچن ٿا ۽ برائي ڪندڙ برائي ڪن ٿا. "وَمِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِی الْعُقَدِ" (۽ ڳنڍين ۾ ڦوڪ ڏيندڙين جي شر کان) يعني جادو

(١) سورة الانعام آيت ٩٥ (٢) المظهري ص٣٧٦ جلد ١٠

فرمايائون تہ اي عائشـــہ! سمجھيئي تہ مون الله تعاليٰ کان جيڪو پڇيو اهو مون کي ٻڌائي ڇڏيائين؟ مون عرض ڪيو تہ يارسول الله! اهو ڇا آهي؟ فرمايائون تہ: مون وٽ ٻہ مرد آيا هڪ منهنجي مٿي (پاڪ) وٽ ويٺو ۽ ٻيو منهنجن پيرن (پاڪن) کان ويٺو انهن مان هڪ ٻئي کي چيو تہ: مڙس کي ڪهڙي تڪليف آهي؟ ان چيو تہ سحر ڪيل اٿس هن پڇيو تہ سحر ڪنهن ڪيو اٿس؟ جواب ڏنائينس تہ بني زريق مان لبيد بن اعصم يهوديءَ. پڇيائينس تہ ڇا ۾؟ جواب ڏنائين تہ مٿي (پاڪ) جي وارن ۽ مٿي تي هلائڻ واري ڦڻيءَ ۾. پڇيائينس تہ اهو ڪٿي آهي؟ جواب ڏنائينس تہ: زريق وارن جي کوهہ ۾. پوءِ حضور عليـہ الصلواة والسلام جن پاڻ سان ڪجھہ ماڻهو وٺي ويا ۽ اهو کوهہ ڏٺائون تہ ان جي مٿان ڪجيءَ جو وڻ بيٺل هو ۽ هڪ روايت مطابق جبريل ڪين عرض ڪيو تہ اوهان کي فلاڻي يهوديءَ جادو ڪيو آهي ۽ فلاڻي کوهہ ۾ رکيل آهي نبي پاڪ عليـــہ الصلواة والسلام جن حضرت علي رضي الله عنـــہ کي موڪليو اهو اتاهين ڪڍي آيو ڏٺائون تہ ان کي ٻارهن ڳنڍيون هيون الله عزوجل هي ٻئي سورتون نازل فرمايون هنن ۾ ٻہ ٻارهن آيتون آهن پنج "اَلْفَلَقِ" ۾ ڇھہ "اَلنَّاسِ" ۾ حضور عليـــہ الصلواة والسلام هڪ هڪ آيت پڙهندا هڪ هڪ ڳنڍ کوليندا ويا آيتون پوريون ٿيون تہ ڳنڍيون بہ کلي ويون ۽ سندن تڪليف بالڪل دور ٿي وئي ڪيترو وقت اهو اثر رهيو ان ۾ مختلف قول آهن "١" چاليھہ ڏينهن، "٢" ڇھہ مهينا، "٣" پورو سال. (١)

سوال: نبي پاڪ عليـہ الصلواة والسلام جن تي جادوءَ ڪيئن اثر ڪيو حالانڪ پاڻ تہ الله عزوجل جي حفاظت ۾ آهن جيئن فرمان خداوندي آهي "وَاللهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ"(٢) (۽ الله اوهان کي ماڻهن کان بچائيندو).

جواب: اهو الله تعاليٰ ڪين عقل ۾ نقصان يا شريعت کي ضايع ڪرڻ ۽ دشمن جي هٿان شهيد ٿيڻ کان بچائڻ جو ذڪر فرمايو آهي باقي انڪان سواءِ ٻيا بشري عارضا سندن حق ۾ ممڪن ۽ جائز آهن جيئن دشمن جي هٿان ڦٽجڻ يا ڏندن مبارڪن جو شهيد ٿيڻ وغيره. (٢)



(١) حدائق صـ٤٥٦ـ جلد ٣٢ (٢) ساڳيو حوالو صـ٤٥٥ـ

ڪندڙين عورتن جي شر ڪان جڏهن اهي سڳڻ ڪي ڳنڍيون ڏئي انهن ۾ ڦوڪون ڏينديون آهن. لبيد بن اعصم يهودي جي ڌيئرن بہ پيءُ سان سان گڏ حضور عليہ الصلواة والسلام ڪي جادو ڪري سڳا ٻڌي انهن ۾ ڦوڪون ڏنيو هيون. "وَمِنْ شَرِّحَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ" (۽ حسد ڪندڙ جي شر ڪان جڏهن حسد ڪري ٿو) حسد جي معنيٰ آهي ڪنهن ڪان نعمت جي ڪسجڻ جي تمنا ڪرڻ شر نهايت مذمت ڪيل برائي آهي نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو آهي "مومن ريس ڪندو آهي منافق حسد ڪندو آهي" حسد پهريون گناهہ آهي جنهن سان آسمان ۾ الله جلت صفاتہ جي آسمان ۾ بي فرماني ڪئي وئي ۽ اهو پهريون گناهہ آهي جنهن سان زمين ۾ بي فرماني ڪئي وئي. شيطان حضرت آدم عليٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام سان آسمان تي رهندي حسد ڪيو ۽ قابيل هابيل سان زمين تي حسد ڪيو. (١)

فائدا: مذڪوره آيتن مان هي مسئلا بہ معلوم ٿيا. ١. "قُلْ اَعُوْذُ" (چوءُ تہ مان پناهہ وٺان ٿو) مان معلوم ٿيو تہ مشڪل ۽ تڪليف ۾ الله عزوجل ڪان پناهہ گهرجي اهو ئي حقيقي پناهہ ڏيندڙ آهي. ٢. "وَمِنْ شَرِّالنَّفّٰثٰتِ فِى الْعُقَد" (۽ ڳنڍين ۾ ڦوڪ ڏيندڙين جي شر ڪان) هتي جمع موئنث جو صيغو آڻي عورتن جي تخصيص ان جي ڪري ڪئي وئي آهي جو اڪثر ڪري جادو عورتون ڪنديون آهن. ٣. مفسر قرطبي لکيو آهي تہ ڪنهن تي ڪا آيت يا دعا پڙهي ڦوڪ ڏيڻ جائز آهي يا نہ ان ۾ علماءَ اختلاف ڪيو پر صحيح ۽ ترجيح وارو قول جيڪو سنت سان ثابت آهي اهو هيءُ آهي تہ ڦوڪ ڏيڻ جائز آهي. (٢)



(١) القرطبي صـ٢٥٦/٢٥٨ـ جلد ٢٠ (٢) القرطبي صـ٢٥٨ـ جلد ٢٠

سورة "النَّاسِ" جو تعارف

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن ۾ وهارڻ نهايت مفيد آهن.

نالو مبارڪ: هن جو نالو "النَّاسِ" آهي جيڪو هن جي پهرين آيت جو پهريون ڪلمو آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد: هن ۾ هڪ رڪوع، ڇهه آيتون، ويهه ڪلما ۽ اوڻاسي حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟ ابن مردويه حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته "قُلۡ اَعوذ برب الناس" مدينه منوره ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول: هيءَ سورة سن ٧ هجري ۾ سورة "الفلق" کان پوءِ نازل ٿي هئي. (٣)

مضمون: هن ۾ به رب العزة جل جلاله سان پناهه وٺڻ جو ارشاد آهي دشمنن ۾ وڏو دشمن شيطان برا وسوسا وجهندو آهي پوءِ اهو جنن مان هجي يا انسانن مان، ان جي شر کان رب العزة ئي بچائي سهگي ٿو. (٤)

اڳيئن سورة سان ربط ۽ تعلق: جيئن اڳيئن سورة ۾ الله عزوجل سان پناهه وٺڻ جو حڪم هو تيئن هن ۾ به آهي ۽ ٻنهي جو شان نزول هڪڙو آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون: هنن ٻنهي سورتن کي "المعوذتين" سڏيندا آهن نبوي حديث ۾ ٻنهي جو شان آيل آهي هتي ڪجهه حديثون لکجن ٿيون.

نبوي فرمانَ: (علیٰ قائلها الصلواة والسلام) ١. نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "لقد انزلت علي سورتان ما انزل مثلها وانه لن يقرءَ احدا حب ولا ارضى عند الله تعالیٰ منهما" (مون تي به سورتون اهڙيون نازل ڪيون ويون آهن جو مثال نازل نه ڪيو ويو آهي ۽ ڪو به انهن کان وڌيڪ پياري ۽ الله وٽ وڌيڪ راضي ڪرڻ واري (ڪا سورة) نه پڙهندو) انهن سورتن مان مراد هي ٻئي سورتون آهن ۽ "انهن جو مثال نازل نه ڪيو ويو" مان مراد پناهه ۽ تحفظ وٺڻ ۾ آهي. (٥) ٢. طبراني اوسط ۾ سهڻي سند سان حضرت ابن مسعودؓ رضي الله عنه کان ان نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام کان روايت آندي آهي ته پاڻ فرمايائون "مون تي اهڙيون آيتون نازل ڪيون ويون آهن جو انهن جهڙيون (ٻيون) مون تي نازل نه ڪيون ويون آهن. "اَلۡمُعَوِّذَتَيۡنِ" يعني "قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ" ۽ "قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ". ٣. ابن سعد، نسائي، بغوي ۽

(١) خازن ص ٤٣٠ـ جلد ٤ (٢) الدرالمنثور ص ٦٩٣ـ جلد ٨ (٣) حدائق ص ٤٧٠ـ جلد ٣٢ (٤) صفوة التفاسير ص ٦٢٥ـ جلد ٣ (٥) حدائق ص ٤٥٢ـ جلد ٣٢

بيهقي ابو حابس جُهني کان روايت آندي آهي تہ: ان کي رسول الله صلي الله عليہ جن فرمايو "ڇا مان توکي اها پلي شيءِ نہ ٻڌايان جنهن سان پناهہ وٺندڙن پناهہ ورتي؟" ان عرض ڪيو تہ هائو يارسول الله! ٻڌايو فرمايائون تہ "قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ" ۽ "قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ" (المعوذ تان) (١)

وَهِيَ سِتَّ آيَاتٍ	سُوْرَةُ النَّاسِ مَدَنِيَّةٌ	وَفِيْهَا رُكُوْعٌ وَاحِدٌ
۽ اها ٦ آيتون آهي	سورة الناس مدني آهي	۽ ان ۾ ١ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ (١) مَلِكِ النَّاسِ (٢) اِلٰـهِ النَّاسِ (٣)

چوءُ تہ مان پناهہ وٺان ٿو ماڻهن جي رب سان ماڻهن جي بادشاهہ سان ماڻهن جي معبود سان

مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ الْخَنَّاسِ (٤) الَّذِيْ يُوَسْوِسُ فِيْ صُدُوْرِ النَّاسِ (٥)

وسوسي وجھندڙ پٺتي هٽندڙ جي شر کان جيڪو وسوسا وجھي ٿو ماڻهن جي سينن ۾

مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ (٦) ع ١ / ٣٩

جنن ۽ ماڻهن مان

تفسير

مذڪوره سورة ۾ بيان ڪيل شين جي شر کان پناهہ وٺڻ جي حڪم کان پوءِ هن سورة ۾ بہ شيطان جي شر کان پناهہ وٺڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي. خداوندي فرمان آهي "قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ" (چوءُ تہ مان ماڻهن جي رب سان پناهہ وٺان ٿو) يعني اي محبوب! (عليك الصلواة والسلام) اوهان چئو تہ مان ماڻهن جي ان رب سان پناهہ وٺان ٿو جيڪو سندن خالق، مربي، سندن ڪمن جي لاءِ انتظام ڪندڙ، ڪين جيارينڌڙ ۽ مارينڌڙ آهي مفسرن پلارن فرمايو آهي تہ الله آهي تہ سموري مخلوق جو رب پر هتي صرف انسانن جو رب هجڻ انسانن کي شرف شان عطا ڪرڻ جي ڪري بيان ڪيو ويو آهي. الله عزوجل ان لاءِ ڪائنات جون ڪيتريون شيون مسخر ۽ مطيع ڪيون آهن ان جي عقل ۽ علم عطا ڪرڻ سان مدد ڪئي آهي ان کي ملائڪن کان

(١) الدرالمنثور صـ٦٨٤ـ جلد ٨

سجدو ڪرايو آهي "مَلِكِ النَّاسِ" (ماڻهن جي بادشاهه سان) مطلب تہ سيني ماڻهن جو پوءِ دنيا ۾ حاڪم هجن يا محڪوم سيني جو اهو ئي بادشاهه ۽ حقيقي مالڪ آهي. "الـه الناس" (ماڻهن جي معبود سان) يعني انهن جو سچو معبود جنهن کان سواءِ ڪو بہ رب ناهي مفسر قرطبي لکيو آهي تہ "مَلِكِ النَّاسِ اِلٰـهِ النَّاسِ" گڏ بيان ڪيو ويو آهي ڇو تہ ماڻهن مان بہ بادشاهه هوندا آهن ان جي ڪري فرمايائين تہ مان انهن جو بہ بادشاهه آهيان ۽ ماڻهو ٻين باطل معبودن جي بہ عبادت ڪندا آهن ان جي ڪري فرمايائين تہ مان انهن جو حقيقي معبود آهيان ۽ دنيوي بادشاهن ۽ وڏن رئيسن جي بجاءِ مون سان ئي پناهه وٺن. (۱) "مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ" (وسوسي وجهندڙ جي شر کان) ان مان مراد شيطان آهي جيڪو انسان ڪي اندر ۾ بريون ڳالهيون آڻيندو ۽ وسوسا وجهندو آهي "الْخَنَّاسِ" (هٽندڙ) يعني جڏهن ٻانهو الله جو ذڪر ڪندو آهي تہ پوئتي هٽندو آهي جيئن ابن شاهين حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي ان فرمايو تہ مون رسول الله صلي الله عليـــه وسلم کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ "وسوسي وجهندڙ شيطان ڪي پڪي وانگر چهنب آهي جڏهن انسان غافل ٿيندو آهي تہ اهو ان جي قلب جي ڪن ۾ وسوسا وجهندو آهي پوءِ جيڪڏهن الله جو ذڪر ڪندو تہ پڇندو ۽ هٽندو آهي ان جي ڪري "الْوَسْوَاسِ الْخَنَّاسِ" سڏيو ويو آهي". (۲) "الَّذِيْ يُوَسْوِسُ فِيْ صُدُوْرِ النَّاسِ مِنَ الْجِنَّـةِ وَالنَّاسِ" (جيڪو ماڻهن جي سينن ۾ وسوسا وجهي ٿو جنن مان ۽ (خود) ماڻهن مان) مطلب تہ شيطان ٻہ قسم آهن "۱" جنن مان، جيڪي سيني کان اندر داخل ٿي دلين ۾ برا خيال آڻيندا آهن، "۲" انسانن مان،جن جي قول، فعل ۽ صحبت سان گناهن ڏي لاڙو پيدا ٿيندو آهي. (۳)

فائدا: مذڪوره آيتن تي غور ڪرڻ سان هي ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون. ۱. تہ انسان جا دشمن ٻہ آهن ۽ ٻنهي جو علاج مختلف آهي "۱" انسان دشمن، ان جو علاج سهڻي اخلاق، رواداري بدلي نہ وٺڻ ۽ صبر سان ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي پر پوءِ بہ باز نہ اچي تہ جهاد سان ان ڪي سزا ڏجي. "۲" شيطان دشمن، ان جو علاج الله جل جلالـه کان پناهه گهرڻ ۽ الله جو ذڪر ڪرڻ آهي. ۲. مذڪوره وجوهات جي ڪري ڪير ائين نہ سمجهي تہ شيطان جي طاقت وڏي آهي ان ڪي دفع ڪرڻ مشڪل آهي ان خيال ڪي دفع ڪرڻ جي لاءِ الله عزوجل فرمايو "اِنَّ كَيْدَ الشَّيْطٰنِ كَانَ ضَعِيْفًا" (بيشڪ شيطان جو مڪر ڪمزور آهي). (۴)

(۱) القرطبي ص ۲٦۰ـ جلد ۲۰ (۲) روح المعاني ص ۳٦۷ـ جزءُ ۳۰ جلد ۱۰ (۳) صفوة التفاسير ص ٦۲٦ـ جلد ۳ (۴) سورة النساءَ آيت ۷٦

قرآن ڪريم جي شروعات ۽ پڇاڙيءَ ۾ مناسبت

الله عزوجل قرآن ڪريم ڪي سورة فاتحه سان شروع ڪيو جنهن جو خلاصو الله جي حمد ۽ ثناءَ ڪان بعد ان جي مدد حاصل ڪرڻ ۽ ان ڪان صراط مستقيم تي هلڻ جي لاءِ توفيق گهرڻ آهي پر انهن ٻنهي جي حصول ۽ ان ڪان بعد استعمال ڪرڻ ۾ هر قدم تي شيطان لعين مڪر، فريب ۽ وسوسن جا ڄار وڇائيندو آهي ان ڄارن ڪي ذرا ذرا ڪرڻ جي لاءِ مؤثر تدبير الله جل وعلا ڪان پناهه گهرڻ جي بيان تي قرآن ڪريم کي پورو ڪيو ويو آهي.

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاصي، عاجز سورة "اَلْهُمَزَة" جو تفسير جمعي جي ڏينهن صبح جو بوقت ۷ بڄي بمؤرخه ۲۸ ذوالقعده ۱۴۲۶هـ الموافق ۲۰۰۵/۱۲/۳۰ع تي، سورة "الفيل" جو تفسير ڇنڇر جي ڏينهن بوقت ۹ بڄي صبح جو بمورخه ۲۸ ذوالقعده ۱۴۲۶هـ الموافق ۲۰۰۵/۲۱/۳۱ع تي، سورة "اَلْقُرَيْشِ" جو تفسير ڇنڇر جي ڏينهن شام جو ساڍي ٽين بڄي بمؤرخه ۲۸ ذوالقعده ۱۴۲۶هـ الموافق ۲۰۰۵/۲۱/۳۱ع تي، سورة "الماعون" جو تفسير آچر جي ڏينهن صبح جو ڏهه لڳي ٻنجاه منٽن تي بمؤرخه ۲۹ ذوالقعده ۱۴۲۶هـ الموافق ۲۰۰۶/۱/۱ع تي، سورة "اَلْكَوْثَرِ" جو تفسير مذڪور تاريخ تي آچر جي ڏينهن شام جو ساڍي ڇئين بڄي، سورة "الكافرون" جو تفسير سومر جي رات ۹ لڳي ۱۰ منٽن تي بمورخه ۱ ذوالحج ۱۴۲۶هـ الموافق ۲۰۰۶/۱/۱ع تي، سورة "اَلنَّصْرِ" جو تفسير مذڪور تاريخ ۾ سومر جي رات ۱۲ بڄي، سورة "اللهب" جو تفسير مذڪوره تاريخ ۾ سومر جي ڏينهن صبح جو ۱۱ بڄي، سورة "الاخلاص" جو تفسير اڱاري جي رات پوڻين ٻارهين بڄي بمؤرخه ۲ ذوالحج ۱۴۲۶هـ الموافق ۲ جنوري ۲۰۰۶ع تي، سورة "اَلْفَلَقِ" جو تفسير اڱاري جي رات ساڍي ڏهين بڄي بمؤرخه ۲ ذوالحج ۱۴۲۶هـ الموافق ۲۰۰۶/۱/۳ع تي ۽ سورة "النَّاسِ" جو تفسير اربعاءَ جي ڏينهن صبح جو ۱۱ بڄي بمؤرخه ۳ ذاولحج ۱۴۲۶ الموافق ۲۰۰۶/۱/۴ع تي پنهنجي گهر ۾ لکي پورو ڪيو ۽ خير سان احسن البيان تڪميل کي پهتو. رب ڪريم ڪان انتهائي عاجزي سان دلي دعا آهي ته اهو ڪرم ڪري باقي زندگي به قرآن ڪريم، حضور عليه الصلواة والسلام جي حديث، فقه، تصوف ۽ تاريخ جي علم جي خدمت نصيب ڪري وهوالمستعان اللهم صل على سيدنا محمد وعلىٰ آله وصحبه وبارك وسلم الملتجي والمستغيث من الله المغيث.

محمد ادريس الداهري عفي عنه

رهبر ۽ رهنما ...

ڪتاب جو نالو	مصنف جو نالو	ڇپائيندڙ اداري جو نالو
القرآن الڪريم	باري تعاليٰ جو ڪلام	
١. تفسير خازن	علي بن محمد بن ابرهيم بغدادي	دارالمعرفة، بيروت، لبنان
٢. الدرالمنثور	علامه جلال الدين السيوطي	دارالفڪر بيروت
٣. المراغي	احمد مصطفي المراغي	= = = =
٤. فارسي ترجمه	حضرت مخدوم نوح هالائي	سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ
٥. تفسير القاسمي	جمال الدين القاسمي	دارالفڪر بيروت
٦. تيسيرالڪريم الرحمٰن	عبدالرحمٰن سعدي	عالم الڪتب بيروت
٧. تنوير المقياس	سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما	دراالمعرفة بيروت
٨. ايسرالتفاسير	ابوبڪر بن جابرالجزائري	سعودي عربيه
٩. صفوة التفاسير	محمد علي صابوني	درالفڪر بيروت
١٠. البحرالمحيط	ابوحيان اندلسي	= = = =
١١. تفسير ابن ڪثير	علامه اسماعيل بن ڪثير دمشقي	مڪتبه تجارية مصر
١٢. معارف القرآن	مفتي محمد شفيع	دارالقلم ڪراچي
١٣. نورالعرفان	مفتي احمد يار خان نعيمي	سني دارالاشاعت لاهور
١٤. مظهري	علامه ثناء الله پاني پتي	اشاعة العلوم حيدرآباد دکن
١٥. حقاني	علامه عبدالحق صاحب	شيخ غلام علي اينڊ سنز ڪشمير بازار لاهور
١٦. الصاوي	احمد بن محمد الصاوي	شرڪة مڪتب ومطبع مصطفيٰ البابي الحلبي و اولاده بمصر
١٧. القرطبي	محمود بن احمد انصاري	درالباز، المڪة المڪرمة
١٨. الڪشاف	محمود بن عمر زمخشري	= = = =
١٩. المدارڪ	عبدالله بن احمد نسفي	دارالمعرفة بيروت
٢٠. روح البيان	علامه اسماعيل حقي	دارالفڪر بيروت
٢١. حاشيه عثمانيه	شبير احمد عثماني	مطبع، مڪتب الحجاز شمالي ناظم آباد ڪراچي
٢٢. ضياء القرآن	پير ڪرم شاهه ازهري	ضياء القرآن پبليڪيشنز لاهور
٢٣. تفسير جمل	سليمان بن عمر	مڪتبة تجاريه مصر

ڇپائيندڙ اداري جو نالو	مصنف جو نالو	ڪتاب جو نالو
تاج ڪمپني ڪراچي	عبدالماجد دريابادي	٢٤. حاشيه دريابادي
دارالفڪر بيروت	علامه شهاب الدين آلوسي	٢٥. روح االمعاني
= = = =	عبدالله بن عمر شيرازي	٢٦. بيضاوي
دارالعلم دمشق، سوريا	محمد علي صابوني	٢٧. تنوير الاذهان
دارالقلم ڪراچي	اشرف علي ٿانوي	٢٨. بيان القرآن
مصر	ابن عابدين شامي	٢٩. ردالمحتار
دارالڪتب العلميه تهران	فخرالدين رازي	٣٠. التفسير الڪبير
دراحياء التراث العربي، بيروت	محمد بن محمد عمادي	٣١. ابوالسعود
= = = =	محسن بن علي شوڪاني	٣٢. فتح القدير
سعودي عرب	محمد علي صابوني	٣٣. مختصر تفسير ابن ڪثير
شاه فهد قرآن ڪريم پرنٽنگ ڪمپليڪس سعوي عربيه	صلاح الدين يوسف	٣٤. حاشيه صلاح الدين يوسف
دارالعلم للملايين بيروت	عفيف عبدالفتاح	٣٥. روح القرآن
نور محمد اصح المطابع ڪراچي	جلال الدين محلي ۽ جلال الدين سيوطي	٣٦. جلالين
المڪتبة العصرية بيروت	محمد علي صابوني	٣٧. التفسير الواضح الميسر
المڪتبة الاسلامية بيروت	علامه عبدالرحمٰن ابن الجوزي	٣٨. زاد المسير
مدينه پبلشنگ بندر روڊ ڪراچي	شيخ عبدالحق محدث دهلوي	٣٩. مدارج النبوة
ادراه ترجمان القرآن لاهور	سيد ابوالاعلىٰ مودودي	٤٠. تفهيم القرآن
هندستان (انڊيا)	ڪمال الدين حسين الواعظ	٤١. تفسير حسيني فارسي
مڪتبه حقانيه پشاور	ملا احمد جيون	٤٢. تفسير احمدي
دارالمعرفة بيروت	محمد بن عبدالله	٤٣. احڪام القرآن لابن العربي
ادب منزل پاڪستان چوڪ ڪراچي	ولي الدين الخطيب	٤٤. مشڪواة المصابيح
شڪارپور سنڌ	محمد عثمان نورنگ زاده	٤٥. تنويرالايمان
دارالقلم دمشق	علي بن احمد الواحدي	٤٦. الوجيز
دارالڪتب العلمية بيروت	علامه عمر بن علي دمشقي	٤٧. اللباب في علوم الڪتٰب
اصح المطابع ڪراچي	امام مسلم بن حجاج قشيري	٤٨. صحيح مسلم




ڪتاب جو نالو	مصنف جو نالو	ڇپائيندڙ اداري جو نالو
۴۹. عمدة القاري	بدرالدين عيني	داراحياء التراث العربي بيروت
۵٠. فتح الباري	علامه ابن حجر عسقلاني	دارالمعرفة بيروت
۵۱. تفسير غريب القرآن	عبدالله بن مسلم بن قتيبه	دارالكتب العلمية بيروت لبنان
۵۲. تفسير الطبري	محمد ابن جرير طبري	دارالمعرفة
۵۳. تفسير نيشاپوري	نظام الدين حسن بن محمد	= = = =
۵۴. خزائن العرفان سنڌي	مفتي محمد رحيم سڪندري	ضياء القران پبليڪشنز لاهور
۵۵. مفردات راغب	علامه راغب اصفهاني	اصح المطابع ڪراچي
۵٦. ڪمالين شرح اردو جلالين	محمد نعيم ديوبندي	الشركة العلمية بيرون بوهڙ گيٽ ملتان
۵۷. احكام القرآن للجصاص	احمد بن علي جصاص	دارالفكر بيروت
۵۸. تفسير هاشمي	مخدوم محمد هاشم ٺٽوي	بمبئي، انڊيا
۵۹. تفسيرعزيزي	شاه عبدالعزيز دهلوي	مطبع مجتبائي دهلي،
٦٠. حدائق الروح والريحان	علامه امين هرري	دارطرق النجاة بيروت
٦۱. اشعة اللمعات	شيخ عبدالحق محدث دهلوي	مطبع نامي منشي نول ڪشور، انڊيا
٦۲. فارسي ترجمه	شاه ولي الله دهلوي	سعودي عرب
٦۳. التفسير المنير	علامه وهبة الزحيلي	دارالفكر دمشق سوريا
٦۴. نظم الدرر	برهان الدين ابراهيم بن عمر البقاعي	دارالكتب العلمية بيروت، لبنان



ڪمپوزر: سجاد سنڌر خاصخيل




www.maktabah.org


www.maktabah.org

